شيخ اياز جو نثر- جلد (4)

# شيخ اياز ۽ صحافت

[روزاني برسات ڪراچيءَ ۾ ڇپيل مضمون ۽ ايڊيٽوريل]

## شيخ اياز


سهيڙ ۽ سنوار
ذوالفقار هاليپوٽو



ثقافت کاتو حڪومت سنڌ

ڪراچي - 2010ع

# شيخ اياز جو نثر_ جلد 4

چپائيندڙ جا حق ۽ واسطا محفوظ

| | |
|---|---|
| ڪِتابَ جو نالو: | شيخ اياز ۽ صحافت<br>[ روزاني برسات ڪراچيءَ ۾ ڇپيل مضمون ۽ ايڊيٽوريل ] |
| موضوع: | نثر |
| ليکڪ: | شيخ اياز |
| سهيڙ ۽ سنوار: | ذوالفقار هاليپوٽو |
| ڇاپو: | پهريون |
| سال: | 2010ع |
| ڇپيندڙ: | سنڌيڪا اڪيڊمي، ڪراچي، سنڌ.<br>فون: 021_32737290 |
| ڇپائيندڙ: | شمس جعفراڻي، سيڪريٽري ثقافت کاتو<br>حڪومت سنڌ. |
| قيمت: | 500 روپيا |

شيخ اياز جي ڪتابن جي اشاعتي رٿا،
ثقافت کاتو حڪومت سنڌ.

ملڻ جو هنڌ:
ثقافت کاتو ڪتاب گهر
سامهون ايم. پي. اي هاسٽل، سر غلام حسين هدايت الله روڊ،
ڪراچي_74400، سنڌ
فون: 021_99206073

# فهرست


| | |
|---|---|
| پبلشر نوٽ | 11 |
| مهاڳ | 13 |

**برسات ۾ ڇپيل مضمون**

| | |
|---|---|
| مان ۽ صحافت | 27 |
| شهيد پٽ منهنجي نظر ۾ | 35 |
| آرٽ جي دنيا | 47 |
| منهنجي شاعريءَ جا موضوع | 74 |

**منهنجي پسند جا شاعر، اديب ۽ آرٽسٽ**

| | |
|---|---|
| ڪازان زاڪس نڪوس | 97 |
| سولزي نٽس | 100 |
| هيمنگ وي | 103 |
| پبلو نرودا | 109 |
| لورڪا | 115 |
| اسپين جي خانہ جنگي ۽ عالمي ادب | 120 |
| خودڪشيءَ جو خبط | 155 |
| خودڪشيءَ جو خبط_2 | 173 |
| اِمراءُ القيس ڪان سُقراط تائين | 177 |
| مير انيس جي مرثيا گوئي ۽ ان ۾ فطرت جي منظر نگاري | 181 |
| پٺائيءَ تي ايتري بي توجهي ڇو؟ | 186 |
| ڌرتيءَ سان وابستگي ۽ ارو شاعري | 189 |
| آرٽ ۽ آزادي لازم ملزوم | 197 |
| 21 جون بينظير جو جنم ڏينهن | 200 |

برسات ۾ ڇپيل ايڊيٽوريل


هن ديس جا مسئلا ۽ برسات جي نقطۂ نگاهہ 205
سنڌيءَ ۾ ٽيڪنالاجيڪل ڊڪشنريءَ جي ضرورت 207
جهنگلي جيوت جو بچاءُ 211
سنڌ ۾ اردو تي عبور 216
جمهوريت ۽ ان جو تحفظ 220
سياست ممڪنات جو فن آهي 223
پوليس اسٽيٽ 227
صحافت ۽ ظرافت 229
ياسر عرفات جو خواب 234
فيض احمد فيض 240
خوشفهمي 245
بوسينا 249
تعليم، اڳي ۽ هاڻي 253
عالمي سياست ۾ قحط الرجال 258
عالمي امن ۽ ڪشمير 262
دانشوري ۽ ديده وري 267
رمضان المبارڪ 273
صحافت ۽ شاعري 275
سک بعاوت ۽ بينظير 278
عيد الفطر 283
عورتون، اسان وٽ ۽ ٻاهر 286
اسان جي ذهني ڪيفيت 293
اسان جو روحاني ورثو 298
سکر سي ئي ڏينهڙا 303
ڪاريهر جي ڪنهن ڪي ڳل! 307
دهشتگردي 311
23 مارچ 314
جالب ۽ جالبي 317
چين جو نئين سر جائزو 320

سنڌ ۾ ٽيندڙ سازش 324
جينيس ڪنهن کي چئبو آهي؟ 328
پاڪ-ڀارت نيوڪليئر جنگ جا امڪا 332
هڪ نئون سياسي شعور 335
ويٽنام جمهوريت جي راهه تي 339
شاگردن ۾ بيچيني 345
موت جي سزا 348
قومپرستي، تاريخ جي آئيني ۾ 351
ڪرنل معمر قذافي 356
هانگ ڪانگ ۽ 1997 وارو معاهدو 359
ڪشمير تي ڳالهه ٻولهه 361
اوجهڙي ڪئمپ 365
آپ بيتي ۽ جڳ بيتي 368
پاڪ-ايران ناتا 371
سنڌ جا چار شهيد 374
سنڌ ۾ ثقافت جو مسئلو 378
سنڌي ادب، هندستان ۽ پاڪستان ۾ 381
گلوڪار محمد يوسف جو علاج 385
سنڌ جي باري ڪجهه سوال 387
محترمه بينظير جو جرمنيءَ جو ڪامياب دورو 389
ڊاڪٽر سليم الزمان صديقيءَ جي وفات 391
سنڌ ۾ عورتن جي آزاديءَ جون عورتون 393
سنڌ جون ٽي بي مثال اديبائون 399
اثنا مُلڪا احمد 401
سنڌي ثقافت ۽ بقا ۽ اسان جي تشخص جي بقا 403
پرڏيهه ۾ سنڌي 409
سيد سبط حسن 412
تر ۽ تر مان لڏل ڪوئلو 415
جنوني درندا 417
افغانستان جي موجوده صورتحال 419

نيلسن منڊيلا ۽ ذڪر آفريڪا جي آزادي 423
فرانس ۽ ان جي ڪلچر زوال ڏانهن 427
دهشتگردي، ماضي حال ۽ مستقبل جي آئيني ۾ 431
ڇا ڪميونزم وري موٽي رهي آهي؟ 435
سي مري ٿيا نہ مات 438
يمن ۾ خانہ جنگي 440
سارڪ سمٽ ضروري آهي 444
مان ڪنهن کي دانهن ڏيان اي ڌرتي! 448
چين ۽ چيني ڪميونزم جو مستقبل 453
پاڪ-هند تعلقات 458
ادبيات اڪادميءَ جو نئون چيئرمين ۽ پنجابي ٻولي 463
سولزي نتس جي وطن واپسي 468
جيڪولين ڪينيڊي 474
مذهب ۽ چيني ڪميونزم 479
تبت ۽ ان جو مستقبل 483
جديد ترقيءَ جا اهم مسئلا 487
6 جون 1944(ڊي- ڊي D_Day) 490
عراق جي اقتصادي ۽ فوجي صورتحال 495
پرٿوي ميزائيل ۽ مشرق ۾ نيوڪلائي هٿيارن لاءِ ڊوڙ 498
ديوار برلن جو معيار هونيڪر ۽ هن جو موت 504
سياست ۾ مذهبي جنونيت جو دخل 509
جام ساقيءَ جي پيپلز پارٽيءَ ۾ شموليت 512
ڪِم ال سنگ جو موت 515
روس ۾ فاشزم-1 518
روس ۾ فاشزم-2 521
روس ۾ فاشزمن-3 524
چين: وڏيڪ مراعات يافتہ قوم 528

# ٻه اکر

ثقافت کاتي سنڌ پاران جديد سنڌ جي وڏي شاعر، شيخ اياز جي نثري ۽ شعري تخليقن جي 22 جلدن مان نثري تخليقن جو هيءُ چوٿون جلد آهي، جيڪو شيخ اياز جي روزاني 'برسات' ڪراچيءَ ۾ ڇپيل 70 کان وڌيڪ ايڊيٽوريلن ۽ درجن کان مٿي ادبي مضمونن تي مشتمل آهي.

شيخ اياز جي شاعري ته 'جديد ڪلاسڪ' جو درجو رکي ٿي، پر سندس نثر به وڏو اثرائتو ۽ جاندار آهي. هن ڪتاب ۾ شامل اياز جا اخباري ايڊيٽوريل 'جديد صحافتي ادب' ۾ پنهنجو منفرد مقام رکن ٿا، ۽ 'ايڊيٽوريل نويسيءَ' جو عُمدو نمونو آهن. پر سندس ادبي مضمون: 'مان ۽ صحافت'، 'آرٽ جي دنيا'، 'اسپين جي خانه جنگي' ۽ 'عالمي ادب'، 'منهنجي پسند جا شاعر، اديب ۽ آرٽسٽ'، 'ڌرتيءَ سان وابستي ۽ اردو شاعري'، 'امراءُ لقيس کان سقراط تائين'، 'مير انيس جي مرثيا گوئي ۽ ان ۾ فطرت نگاري' ۽ 'ڀٽائيءَ تي ايتري بي توجهي ڇو؟' به عالمي ادب ۾ شاهڪار قسم جي جاءِ والاري سگهن ٿا. ان کان سواءِ هن نوجوان اديب، شاعر ۽ ڪارڪن عرفان مهديءَ جي خودڪشيءَ تي مظفر چانڊيئي کي هڪ طويل خط لکيو هو جيڪو ٽِن قسطن ۾ ڇپيو هو ان ۾ اياز جي دل جو اهو درد پني تي لهي آيو آهي، جيڪو هڪ نوجوان ۽ ساڃهه وند جي موت تي اهل دل محسوس ڪري سگهن ٿا.

اياز جي مضمونن ۾ سندس به مضمون خاص توجهه لهڻن ٿا:

(1) شهيد ڀٽو منهنجي نظر ۾ (يادگيريون)

(2) 21 جون- بينظير ڀٽو جو جنم ڏينهن.

هنن پنهي مضمونن ۾ سنڌ جي هن وڏي شاعر، شهيد ذوالفقار علي ڀٽي ۽ شهيد محترمہ بينظير ڀٽو سان جنهن محبت ۽ عقيدت جو اظهار ڪيو آهي. ان جي ابديت ۽ لازواليت تاريخ جو حصو رهندي.

اياز جو هي قلمي پورهيو نوجوان اديب ذوالفقار هاليپوٽي محنت سان ترتيب ڏئي، ان تي سير حاصل مقدمو لکيو آهي، اُن جا وڏا احسان. ساڳيءَ ريت محترم قاضي منظر جو بہ ٿورائتو آهيان، جنهن نہ رڳو هن ڪتاب جا پروف ڏٺا آهن، پر ذوالفقار هاليپوٽي وٽ جيڪو مواد ڪُٽل هو ۽ فوٽو اسٽيٽ ۾ ڪٽجي ويو هو ان کي وٽس موجود اياز جي هٿ اکري مواد ۽ اخبارن سان ڀيٽي اشاعت لائق بنايو آهي.

هن عوامي حڪومت جي دور ۾، هر دلعزيز وزير ثقافت محترمہ سسئي پليجو جي شيخ اياز لاءِ محبت بہ وسارڻ جوڳي نہ آهي، جنهن جي هدايت ۽ دلچسپيءَ سان اياز شناسيءَ جو هيءُ ڪم تڪميل تي پهچي رهيو آهي.

**شمس جعفراڻي**
سيڪريٽري
ثقافت کاتو حڪومت سنڌ

# انتساب

شيخ اياز جي دوست
يوسف شاهين جي نالي

# مهاڳ

”عوام جي سياسي تربيت صحافت جو بنيادي ڪم آهي، پر تبديليءَ جي گهوڙي جي واڳ جهلڻ جو حق رڳو ۽ رڳو سياسي جماعتن کي آهي.“

*جيفري آرچر*

دنيا ۾ ڪيترائي اهڙا شاعر پيدا ٿيا آهن، جيڪي مختلف دؤرن ۾ مختلف اخبارن ۽ رسالن جا ڪامياب ايڊيٽر رهندا آيا آهن. شاعرن پاران صحافتي دنيا ۾ پير پائڻ جو رواج به پراڻو آهي. نيويارڪ جي علائقي ويسٽ هلز هنٽنگٽن ۾ ڄاول آمريڪا جي 18 هين صديءَ جي آخري ڏهاڪن جي مشهور ۽ ڪلاسيڪل شاعر والٽر وٽمين ( Walter Whitman 1819-1892) نيويارڪ مِرر رسالي ۾ شاعري موڪلڻ شروع ڪئي. جيئن جيئن سندس شاعري ڇپجندي وئي ته سندس لکڻ ۽ پڙهڻ جو اتساهه ويتر وڌندو ويو. آخر غمِ روزگار جي چڪر ۾ هو ڊيموڪريٽ پارٽيءَ جي هڪ مقامي اڳواڻ جي اخبار ۾ ٽائيپسٽ طور ڀرتي ٿيو. ترت نوڪري ڇڏي اسڪول ۾ پڙهائڻ لڳو ۽ اتان پنهنجا مشهور ڪالم Sundown Papers لکڻ شروع ڪيائين. سندس ڪالمن جو مستقل ٽائيٽل هو 'from the desk of a school master' (هڪ اسڪولي استاد جي ميز تان). ان دوران هو مختلف اخبارن ۾ پارٽ ٽائيم ڪمپوزنگ، پروف ريڊنگ ۽ ايڊيٽنگ جو ڪم ڪندو رهيو ۽ نيويارڪ جي ان وقت جي مشهور اخبار Aurora جو ايڊيٽر ٿيو. والٽر پنهنجي جديد فڪر جي ڪري ان وقت جي رجعت پرست آمريڪي سماج ۾ وڏي تنقيد هيٺ رهيو ۽ مٿس شاعريءَ ذريعي اگهاڙپ ڦهلائڻ جا الزام به لڳندا رهيا. رواجي سماج ۾ غير رواجي سوچ جي ماڻهن سان اسٽيٽسڪو جون قوتون هر دؤر ۾ ايئن ئي وڙهنديون رهيون آهن. والٽر کي شاعريءَ جي Transcendentalism(تخيلاتي) دؤر کان Realism (حقيقت پسندي) ڏانهن ٿيندڙ Transition (ڪيفيتي تبديليءَ جي سفر) جو اهم ڪردار تصور ڪيو ٿو وڃي، هن سياسي فڪر رکندڙ شاعرن مٿان ٿيندڙ حملن کي سندن خيال جي پڪيڙ جي خوف جو ردعمل سڏيو آهي.

ڪلاسيڪل انگريزي ادب جو هڪ بيو نالو وليم بليڪ (1757-1827ع) هڪ ئي وقت شاندار شاعر، مصور، ايڊيٽر ۽ پرنٽر هو. شاعريءَ جي رومانوي دؤر جي بانيءَ طور مشهور هيءُ ناليوارو شاعر مختلف رسالن سان لاڳاپيل رهيو ۽ سب ايڊيٽر توڙي ايڊيٽر طور ڪم ڪيائين.

سندس شاعريءَ، ڪالمن توڙي مصوريءَ ۾ ان وقت جي معروضي سياسي ۽ سماجي صورتحال بابت انتهائي تيز ترار تنقيدي جائزو ملي ٿو ۽ سندس عيسائيت بابت لکيل

ڪالمن تي ڪيس Poet of Idiosyncrasy (يگانگيءَ جي شاعر) جو نالو بہ ڏنو ويو. وليم بلئڪ 'يروشلم' سوڌو پنهنجن ڪيترن ئي ڪتابن ۾ پنهنجي سماج جي مختلف مذهبي، سياسي ۽ سماجي سوچ ۽ لاڙن تي ايئن ئي بحث ڪيو آهي، جيئن شيخ اياز پنهنجي آخري ڪتابن ۾ مذهب، سياست ۽ سماج بابت واضح خيال ظاهر ڪيا آهن.

شاعريءَ توڙي نثر جا اهي لافاني ڪردار، جيڪي اڄ ادبي منظرنامي تي ديوتائن وانگر ڇانيل آهن، اهي پنهنجن پنهنجن دؤرن ۾ پنهنجن همعصرن پاران وڏي تنقيد جو نشانو بڻجندا آيا آهن. ان جو هڪ سبب انهن ڏات ڌڻين جي خيال ۽ فڪر جي اوچائي يا شين کي عام رواجي اک سان ڏسڻ بدران غير روايتي تخيل سان پرکڻ جي تخليقي صلاحيت هو. وليم بلئڪ کان وٺي اياز تائين، ادب جي دنيا جا وڏا نالا پنهنجي پنهنجي دؤر ۾ مختلف الزامن، دشنامن ۽ تهمتن جا شڪار رهندا آيا آهن، پر سندن فڪر جي اُڏام ۽ تخليق جي وسعت، اڄ انهن تنقيدي يا بي بنياد تهمتن کي ڪنهن بہ ادب يا علم ۾ ڪاٻہ جاءِ ڏيڻ لاءِ تيار ناهي. وقت ان سموري مخالفت کي اڄ "ري ايڪشنري" ثابت ڪري چڪو آهي ۽ ان جي اُبتڙ علمي ۽ تحقيقي ڪم، سائنسي اپياس ۽ انهن شعبن جي ماهرن پاران ڪيل تعميري تنقيد کي سدائين مان مليو آهي.

صحتمند سماجن ۾ صحتمند ادب، صحتمند تنقيد کان سواءِ اڌورو تصور ڪيو ويندو آهي ۽ صحتمند تنقيدي ادب اُنهن جاين تي سرجيو ويو آهي، جتي فڪر ۽ خيال جي آزادي هجي، جتي سوچڻ ۽ ان سوچ کي تحرير ۾ بدلائڻ ۽ پوءِ ان کي ڪنهن وڏي سياسي يا سماجي انقلاب پيدا ڪرڻ جي آزادي هجي. اهڙن سماجن ۾ لکجندڙ ادب کي وري آزادي، فڪري سگهہ رکندڙ چند چاڻ واري اک نصيب ٿيندي آهي، جيڪا ان ادب کي Objective (معروضي) حالتن ۽ عقلي ۽ سائنسي بنياد تي پرکي، ان جا صحتمند پهلو چِٽا ڪري بيهاريندي آهي.

غلام، جاگيرداراڻہ ۽ زرعي قدر رکندڙ سماجن ۾ جيئن تہ فڪر جي آزادي نہ هوندي آهي، تنهن ڪري نہ صحتمند ادب جُڙي سگهندو آهي ۽ نہ ئي صحتمند تنقيدي نگاري. اهڙي سماجن ۾ تنقيد جا ماخذ ذاتي پسند، ناپسند، ردعمل هوندا آهن ۽ اُتان جو تنقيدي ادب گهڻو ڪري غير عقلي راين ۽ روين تي ٻڌل هوندو آهي.

شيخ اياز جي شاهڪار لکڻين ڏانهن جيڪو رويو سندس تنقيد نگارن جو هو، سو انهيءَ فارميٽ ۾ اچي ٿو، جيڪو پرک جي Subjective (داخلي) ورتاءَ تي ٻڌل آهي.

بدقسمتيءَ سان شيخ اياز جو عظيم الشان نثر ۽ خاص طور تي روزاني برسات ۾ لکيل سندس ڪالمن، سياسي تجزين، مضمونن ۽ ادارين کي بہ اهڙي ئي تنقيد جو نشانو بڻائي، انهن شاهڪار تحريرن کي ميرٽ تي پرکيو ئي نہ ويو. ٻاهرين دنيا کي ڇڏي رڳو پاڪستان ۾ ئي ڏسو تہ اياز جي ڪيليبر جو هڪ ٻيو شاعر فيض احمد فيض پڻ هڪ انگريزي اخبار

جو ايڊيٽر بڻيو. فيض رومانوي ۽ آئيڊلسٽ شاعر هوندي به پنهنجي دؤر جي سڀ کان وڏي اخبار 'پاڪستان ٽائمز' ۾ ڳوڙهي اپياس وارا اداريا لکندو هو.

"ڪنهن صحافيءَ لکيو آهي ته مون کان اڳ جيڪو شاعر صحافي ٿيو آهي، اهو فيض احمد فيض هو. زهي نصيب، جي برِصغير ۾ فيض جهڙو اردوءَ جو بي مثال شاعر منهنجو پيش رو ٿيو آهي! هُن کي شايد اها خبر نه آهي ته هو جيتوڻيڪ مون کان ڏهه سال وڏو هو، (پر) منهنجو گهرو دوست به هو." (شيخ اياز، "فيض احمد فيض" صفحو نمبر: 35)

اوهين سنڌ ۾ ڏسندا هوندؤ ته سنڌي انگريزي ۽ اردو اخبارن ۾ عام طور تي اسين اداريا اهڙن موضوعن تي ڇپجندي ڏسندا آهيون، جيڪي ڪنهن نه ڪنهن طرح، اسان جي سماج تي اثرانداز ٿيندڙ هجن. سياسي معاملا، انساني حقن جي صورتحال، جرم، امن امان جي صورتحال، اقتصادي پاليسيون مثال طور مهانگائي، بجيٽ، سماج ۾ موجود هين برايون يا چڱايون بابت لِکي، دراصل اخبار پنهنجو پاليسي موقف بيان ڪندي آهي.

اسان وٽ هڪڙي پابندي ضرور هوندي آهي ته رياست جي بنيادي اُصولن، ادارن ۽ ڍانچي تي ڪا اهڙي تنقيد نه ٿيندي، جيڪا ملڪ دشمن ڪاتي ۾ اچي. ان تي به بحث ٿيندو رهيو آهي ته هڪ مخصوص اسٽبلشمينٽ پاران رائج ڪيل 'ملڪي سلامتي' واري تشريح صحيح به آهي يا نه. ڪالهه جنهن نيوڪليئر طاقتن، عسڪري حلقن، ڪشمير ۽ نظرياتي سرحدن تي لکڻ بغاوت تصور ٿيندو هو، اڄ اهي اشوز سڀ کان وڌيڪ بحث هيٺ آهن، پر اڄ به انهن بابت محتاط رهڻ جا پريس رليز جاري ٿين ٿا. شيخ اياز پنهنجي ايڊيٽرشپ واري دؤر ۾ ڪيترن ئي اهڙن اشوز جي نبض تي هٿ رکيو، جيڪي قومي سلامتي ۽ نظرياتي سرحدن بابت قائم ڪيل اسٽيٽسڪو کي ٽوڙڻ جي زمري ۾ آيا ٿي. مثال طور ڪشمير، نيوڪليئر بم، مذهبي انتهاپسندي، توهين رسالت قانون، پوليس اسٽيٽ، فوج جي ڪردار تي هو اهڙا جرئت ڀريا ۽ چرڪائيندڙ ايڊيٽوريلز لکيا، جو اهي اڄ به پڙهندي اچرج ٿئي ٿو ته يوسف شاهين اخباري مالڪ جي حيثيت ۾ آخر اهي اداريا ڪيئن هضم ڪيا.

برِصغير جي نامور ڪميونسٽ ليکڪ سبط حسن ۽ سجاد ظهير کان وٺي سنڌ راڻي بينظير ڀٽو شهيد کان جيڪولين ڪينيڊي ۽ سپاجهڙي سنڌي فنڪار محمد يوسف کان وٺي ڪامريڊ ڄام ساقيءَ تائين هن ڪيترين ئي شخصيتن جا من موهيندڙ پروفائيل به لکيا. اهو سڀ ڪجهه غير رواجي هو. صحافت ۾ مروج روايتي اُصولن جي ان ڀڃڪڙيءَ جو جواب هو پاڻ ئي هن ريت ڏئي ٿو:

> "ڪنهن شاعر- صحافيءَ برسات کي فون ڪري چيو، اهي ايڊيٽوريل جي شيخ اياز لکي ٿو سي صحافت جي روايت ۾ شامل نه آهن، اُهي ته مضمون آهن. مون کي اهو ٻڌي کل آئي، مون شاعريءَ ۾ ڪڏهن روايت جو خيال رکيو هو ڇا؟ مون گدا ۽ سانگيءَ، واصف ۽ ابراهيم خليل جي شاعريءَ کي بنهه مسترد ڪري، پنهنجيءَ روايت جو بنياد نه رکيو هو؟ جي مان به ڪنهن خبر ۾ چئن سٽن جو اضافو ڪري، اخبار ۾ ڀ ڀ، ٽي ٽي ايڊيٽوريل لکان، اهو مون لاءِ وقت جو زيان آهي. مون ايڊيٽوريل جو ساڳيو معيار رکيو آهي جو مولانا آزاد

جي البلاغ ۽ الهلال جي ادارئي جو هو، جنهن ۾ سياست، مذهب، فلسفو، تاريخ ۽ شعر و ادب سڀ ڪجهه هئا. ڪوليئرس انسائڪلوپيڊيا، سان گڏ مون کي ڪوليئرس ڊڪشنري به ملي هئي، جنهن ۾ ايڊيٽوريل جي هيئين معنيٰ ڏنل آهي.

(Editorial – Article or statement, as in a news paper or television, expressing the official opinion or view point of the editor or owner on a particular topic.)

(ترجمو: ايڊيٽوريل – مضون يا بيان، جيڪو ڪنهن اخبار يا ٽيلي ويزن تي ڏنو وڃي ۽ جنهن ۾ ايڊيٽر جو يا مالڪ جو منصبي رايو يا نڪتہ نظر ڪنهن خاص موضوع تي پيش ڪيو وڃي.)

مان صحافت ۾ پنهنجي روايت قائم ڪري رهيو آهيان. ها جڏهن بہ ڪنهن سياسي خبر کي مون ايترو اهم سمجهيو جو ان تي پنهنجي انفرادي راءِ ڏيان تہ ضرور ڏيندس ۽ اهو بہ روايتي انداز ۾ نہ.“

اخبار لاءِ ٽيل غلط رپورٽنگ يا پروف جي غلطيءَ جي ڪري ڪڏهن ڪڏهن ايئن بہ ٿيو آهي جو ان غلطيءَ جي نتيجي ۾ وڏا تاريخي واقعا پڌرا ٿيا آهن ۽ سماج کي لوڏي ڇڏيندڙ حادثن جنم ورتو آهي. يورپ ۾ پنهنجي دؤر جي جنگين ۽ جهيڙن جي خاتمي لاءِ Deterence (روڪٿام جي هٿيار طور) ايجاد ڪيل ڊائناميٽ جڏهن يورپ ۾ جنگي جنون ۾ روڪٿام بدران واڌاري ۽ تباهيءَ جو سبب بڻيو تہ اڄ جي دنيا اندر ان جي سڀ کان وڏي عالمي انعام، نوبل پرائيز جي خالق الفرڊ نوبل ان وقت جي پنهنجي ايجاد ڊائنامائيٽ تي شديد شرمندو هو. هڪ ڏينهن سوئيڊن جي ڪنهن علائقي ۾ 1888ع ۾ سندس ڀاءُ لڊوگ هڪ ڊائنامائيٽ جي ڦاٽڻ سبب گذاري ويو ۽ خبر اها ڦهلجي وئي تہ الفرڊ نوبل پاڻ گذاري ويو آهي، جنهن تي هڪ اخبار بنا تصديق جي تعزيتي ايڊيٽوريل لکيو:

Merchant of death is died (موت جو سوداگر مري ويو.)

ان خبر ڇپجڻ جو الفرڊ نوبل تي ايترو تہ اثر پيو جو هو جنگين ۽ هٿيارن جو دشمن بڻجي ويو ۽ اهڙن ڪمن کي اڳي لڳو، جيڪي دنيا ۾ امن قائم ڪري سگهن، ترقيءَ ۽ واڌاري کي ممڪن بنائي سگهن ۽ ڌرتيءَ کي خوشحال ۽ سکيو ستابو ۽ سرسبز رکن. ايئن شيخ اياز کي بہ ڪيترن ئي سياسي ۽ سماجي حادثن متاثر ڪيو، جن تي هن بهترين اداريا ۽ سياسي تجزيا تحرير ڪيا.

شيخ اياز برِصغير جو هڪ ناميارو شاعر، سياسي مفڪر ۽ نثر نويس هو. جيتوڻيڪ هڪ شاعر جو تخيل بنيادي طور Subjective (داخلي) احساس ڏانهن مايل هوندو آهي ۽ Objective (معروضي) حقيقتن ۽ معاملن کان پريرو هوندو آهي، پر شيخ اياز ويهين صديءَ جي انهن عالمي سطح تي تخليقڪارن مان هڪ هو. هو شاعر هوندي بہ بهترين نثر نويس هو ۽ سائنسي ۽ عقلي بنيادن تي سياسي تحريرن تي لکي رهيو هو.

مانواري يوسف شاهين پاران شيخ اياز کي روزاني برسات جي ايڊيٽرشپ سنڀالڻ لاءِ راضي ڪرڻ پل تہ ”پروف جي ڪا غلطي“ نہ هجي، پر اهو ڪم هڪ اهڙو وٽندڙ ۽ اثرائتو

عمل بڻيو، جنهن سنڌ جي صحافتي دنيا ۾ نون قدرن ۽ رجحانن جو بنياد وڌو. شيخ اياز کي روزاني برسات جي ايڊيٽرشپ سنڀالڻ لاءِ راضي ڪرڻ يوسف شاهين جو وڏو ڪارنامو هو. هيڏي قدآور ۽ پنهنجي حياتيءَ جي پل پل جو ليکو چوکو رکندڙ شاعر اهڙي ڪم لاءِ هائوڪار ڪئي، جنهن ۾ تخليقي ڪم جو عنصر گهٽ ۽ روزاني جي بنيادن تي وارد ٿيندڙ سياسي، سماجي، معاشي ۽ ٻين بکيڙن کي ميڙي سيڙي ڪاڳرن جي پيٽ ڀرڻ لاءِ، هڪ غير شاعراڻي ۽ غير تخليقي ڪم جو وزن وڌيڪ هو.

ايڊيٽر طور اخبار جي ليڊ ۽ سپرليڊ طئي ڪرڻ، خبرن جو اچڻ ۽ انهن جي حالتن پٽاندر ڊسپلي، اخباري ايجنٽن، هاڪرن ۽ نمائندن سان گڏجاڻيون، سرڪيوليشن ۽ اشتهارن جو مٽي ۾ سور وجهندڙ پاسو، مخالف اخبارن جي انتظاميائين پاران اخبار خلاف ٿيندڙ روايتي سازشن کي منهن ڏيڻ، حڪومتِ وقت جي اطلاعات کاتي جي پاليسين کي منهن ڏيڻ وغيره وغيره هڪ اخباري ايڊيٽر جي روزمره جي پيشيوراڻي ڪم جي راهه ۾ ايندڙ اهڙا ڏکيا معاملا آهن، جيڪي هڪ شاعر جي مزاج ۽ ورتاءَ سان بنهه متضاد آهن.

جيتوڻيڪ، شيخ اياز هڪ اخبار جي ايڊيٽر جي ڪم سان چنبڙيل انهن House Keeping معاملن مان ڪيترن ئي کان پري هو، ڇاڪاڻ ته اصولي طور اهڙن معاملن جي ڳهٽائيءَ جو واسطو ايڊيٽر بدران انتظاميه سان وڌيڪ هوندو آهي، پر اسان وٽ يا ته مالڪ ايڊيٽر هوندا آهن يا اهڙو ايڊيٽر هٿ ڪيو ويندو آهي، جيڪو ڊمي هجي يا جنهن جو اشتهار ڳولهيندڙ ۽ سرڪاري اشتهارن جي حاصلات لاءِ چاپلوسيءَ جو ڪورس ڪيل هجيس. تنهن ڪري اهو ڪريڊٽ ناماياري اديب يوسف شاهين کي وڃي ٿو، جنهن شيخ اياز کي ايڊيٽر طور چونڊي سنڌي صحافت ۾ هڪ نئين لاڙي جو بنياد وڌو.

> ”صحافت لفظ صحيفي مان نڪتو آهي، جنهن جي معنيٰ ڪتاب آهي، پر اسان جا نئي مقدس ڪتاب قرآن مجيد، انجيل ۽ تورات صحيفهءِ آسماني سڏجن ٿا. ان ڪري صحيفي لفظ ۾، جو تقدس جو عنصر سمايل آهي، اهو از خود صحافت ۾ منتقل ٿيو آهي، پر صحافت هاڻي پيشو آهي ۽ پيشي لفظ ۾ تقدس جو عنصر پنهنجي ليکي سمايل به آهي، پر اهو ڪوشش ڪري پيدا ڪرڻو آهي. سچ ۽ سونهن جي تخليق واقعي فن جي منتها آهي، جي ’ريمبرانٽ‘ جي مصوريءَ سونهن خلقي آهي ته ”گويا“ جي مصوريءَ سچ جو ساٿ ڏنو آهي، پر ڇاڪاڻ جو گويا جي مصوريءَ ۾ آرٽ کي اوليت آهي، ان ڪري حقيقت نگاريءَ کي لازوال ڪري ڇڏيو اٿائين.“ (’مان ۽ صحافت‘)

ڪنهن دؤر ۾ سرڪيوليشن توڙي سنڌي سماج تي اثرانداز ٿيڻ جي حوالي سان برسات اخبار هڪ مخصوص دؤر تي اثرانداز ٿي ۽ سنڌ جي ڪالم نگارن، اديبن ۽ صحافتي دنيا جو هڪ سگهارو ۽ ناميارو گروپ ’روزاني برسات‘ سان ڳنڍجي ويو، پر بدقسمتيءَ سان اها اخبار گهڻو وقت جٽاءُ نه ڪري سگهي، پر ان اخبار ڪيترائي سال سنڌي صحافت ۾ هڪ صحتمند ادب جو اضافو ڪيو. سنڌي سماج کي هڪ نئين نقطي نظر سان پيش ڪيو. ملڪي، علائقائي ۽ بين الاقوامي معاملن کي شيخ اياز، حسن مجتبيٰ، قمر شهباز ۽ ٻين ليکڪن انتهائي جديد اپروچ سان پنهنجن پڙهندڙن سان شيئر ڪيو.

شيخ اياز جي 'روزاني برسات' واري دؤر، سنڌي صحافت ۾ ڪيترن ئي نون بحثن کي جنم ڏنو. هڪ ته هو مڪمل پيشيوراڻو ايڊيٽر هو. يوسف شاهين ڪيس پوري اعزاز سان هڪ فُل ٽائيم ايڊيٽر طور مقرر ڪيو. هن برسات جا ايڊيٽوريلز پاڻ لکيا ۽ انهن وسيلي ڪيترن ئي نون بحثن کي جنم ڏنو. هو ادب، آرٽ ۽ ٻين موضوعن کي به ادارتي صفحي ۽ ايڊيٽوريلز ۾ ڪٺي آيو. هن پنهنجين لکڻين ذريعي پڙهندڙ جو سواد ئي مٽائي ڇڏيو. هن اهو چيو ته قبيلائي جهيڙن تي ايڊيٽوريل لکڻ بدران ڪنهن مهل افساني ۽ ٻوليءَ تي به لکڻ گهرجي. هن اهو Taboo ٽوڙيو ته ايڊيٽوريل رڳو موتمار ۽ پيچيدن معاملن تي ئي لکيا آهن.

اهو رواج ٻه صديون اڳ يورپ ۾ هو. جتان صحافت جو آغاز ٿيو ۽ اڄ اوهين يورپ جون اخبارون، رسالا ۽ ميگزين کڻي ڏسو ته اُتي رڳو ئي رڳو عام سماجي تڪرارن، بحرانن ۽ مسئلن بابت لکيو وڃي ٿو. سياست کي هڪ مخصوص جڳهه تائين محدود ڪيو وڃي ٿو. شاعريءَ ۾ جدت پسنديءَ جي خالق جيئن ئي صحافت جي ميدان ۾ پير رکيو ته پڙهندڙ هڪ شاعر جي فڪري ۽ نظرياتي بالغ پڻي ۽ خيال جا نوان گس ڏسي ورتا. شيخ اياز جي فڪري سفر، گهري ۽ وسيع مطالعي ۽ مشاهدي، دنيا جي سمورن وڏي، شاهڪار ۽ شاهوڪار علم ۽ ادب تي سندس تنقيدي اک، هڪ اخبار کي جهڙوڪ عام لوڪن لاءِ ڪو نظرياتي سگهه فراهم ڪندڙ ادارو بڻائي ڇڏيو هو.

هن جي گهڻ-پڙهي شاعر هجڻ جو ثبوت هن جا موضوع ۽ مضمون آهن. اوهين ڏسندؤ ته شيخ اياز جا شاعريءَ توڙي نثر ۾ جيڪي محبوب موضوع هئا، هن ايڊيٽرشپ دوران به انهن مان ڪيترن ئي موضوعن تي ٻيهر طبع آزمائي ڪئي. انهن ڳالهين کي نئين تناظر ۽ جدت سان پيش ڪيو ۽ ان جو اخباري رنگ ۽ تاثر برقرار رکيو.

ايڊيٽر طور ڪجهه به لکڻ جي آزاديءَ جي نتيجي ۾ اياز موضوعن جي نئين انداز پيدا ڪري ڇڏي. سياست ۽ سائنس، وهم پرستيءَ کان ڪميونزم، نظرين کان خوابن تائين ڪهڙو اهڙو موضوع هو، جنهن کي، هن پنهنجي شاعراڻي حُسن جي مٺ ۾ ملائي، صحافتي نثر جي پيالي ۾ نه لاٿو هجي.

'روزاني برسات' جي ايڊيٽرشپ دوران شيخ اياز جون لکيل تحريرون ٻن حصن ۾ آهن. هڪ سندس لکيل اداريا ۽ ٻيا سندس لکيل مضمون ۽ ڪالم. سندس موضوع به سندس خيالن ۽ تصورن وانگيان وسيع ۽ پکڙيل هئا. بين الاقوامي انقلاب، سرد جنگ، برِصغير جو ادب ۽ سياست، سنڌ جي قومي سياست، جمهوريت، انقلاب، دنيا جا بهترين شاعر، اديب، فلاسفر، خودڪشي، پاڪ- ڀارت معاملا ۽ ٻين ڪيترن ئي معاملن تي هن بهترين فڪري ۽ تخليقي تحريرون لکيون.

شيخ اياز روزاني برسات ۾ لکيل پنهنجي هر ڪالم، اداريي، مضمون ۽ سياسي تجزيي ۾ ڪرنٽ افيئرز سان گڏ تاريخ، سياست، فلسفي ۽ آرٽ جي موضوعن کي

جوڙيندي، پنهنجن آفاقي خيالن ۽ مطالعي کي اخبار پڙهندڙ سان، جهڙيءَ ريت، شيئر ڪيو آهي، اهو صحافتي ادب جو لاجواب باب آهي. آئون ان ڏس ۾ هت ڪجهه مثال پيش ڪرڻ گهران ٿو، جيڪي مختلف دؤرن ۽ قدرن بابت سندس ميچوئر فڪر جو ثبوت آهي.

21 مارچ 1994ع هڪ اداريي '23 مارچ' ۾ اياز لکي ٿو:

"پاڪستان هڪ عظيم شاعر جو خواب هو، جو حقيقت جو روپ وٺي چڪو آهي. بانگ درا واري ابتدائي دور ۾، "همالا"، 'نيا شوالا'، 'ميرا وطن وهي هے'، 'سارے جهاں سے اچها هندوستان همارا' واريون ارتقائي منزلون طئي ڪندو، علامه اقبال انهيءَ نتيجي تي پهتو ته:

گفتند جهان ما آیا بہ تو مے سازد؟

گفتم کہ نہ مے سازد، گفتند کہ برہم زن.

(ترجمو: پڇيائون ته "اسانجو جهان توسان ٺهي هلي ٿو؟" جواب ڏنم ته "نه ٿو ٺهي." چيائون ته "درهم برهم ڪريس.")"

پهرين اپريل 1994ع تي لکيل هڪ اداريي 'پاڪ-ڀارت نيوڪليئر جنگ جا امڪان ۾' لکي ٿو:

"رگ ويد جي منڊل پهرين ۾ چيل آهي ته:

"اي اگني، تنهنجو تت جيتوڻيڪ ڪٿي هڪڙو ئي هوندو ته به تنهنجا روپ ٽي آهن. هن پرٿويءَ تي تون باهه ٿي پڙڪا ڏين ٿي، وچ آڪاس ۾ تون بجلي ٿي چمڪاٽ ڪرين ٿي ۽ مٿاهين آڪاس ۾ تون سونو سج ٿي ڀڪين ٿي. تنهنجو جنم اصل آڪاس ۾ ٿيو هو: پر ويدن جا جيڪي ڄاڻو ها، انهن هُنر هلائي توکي پرٿويءَ تي آندو، جڻ ته آڪاس جي اَٿر بجليءَ ماڻهن جي چلهين ۾ ٽر پاتو............... دونهين جي جهنڊن واري اگني، تون تڙڪاٽ ڪرين ٿي،تنهنجا وار شعاع ڪن ٿا.......... گهر گهر ۾ تون مهمان ٿي اچين ٿي ته هر ڪو تنهنجو آدر ستڪار ڪري ٿو.......... پر اي ديوتا ! جڏهن تون ڪُوپ ٿي، ڀيانڪ شعاع ڪرين ٿي، ۽ سڀ ڪجهه ناس ڪرڻ جي طاقت جا تو ۾ آهيُ سا ظاهر ڪَرين ٿي، تڏهن سڀ ساهوارا توکان ائين ڀڄن ٿا، جيئن غالب پوندڙ غنيم جي پٺيان پوڻ سبب (ڪمزور ڌر جو) لشڪر ڀڄي ٿو. تون جنهن کي لڳين ٿي تنهن کي ڀسم ڪري، مٽيءَ سان ملايو ڇڏين. وڏن وڏن ٻيلن جي ته ائين صفائي ڪيو ڇڏين، جئين حجام ڀاڪيءَ سان ڏاڙهيءَ جي صفائي ڪيو ڇڏي. باهه جي مچ کي هوا ڏنئين ٿي ته سمنڊ جي لهرين وانگر تکو آواز ڪري ٿو، پکي ڊڄي ڀڄي وڃن ٿا، ۽ جڏهن مچ پورو ٿي وڃي ٿو تڏهن سڃي واٽ تي رکُو ڪارنهن نظر اچي ٿي............' ۽ هندستان جي نئين ميزائيل جو نالو اگني ميزائيل آهي، جنهن جي زد ۾ اسان اچي سگهون ٿا ۽ جا هر شيءَ جلائي ڀسم ڪري سگهي ٿي."

27 فيبروري 1994ع تي ڇپيل هڪ اداريي 'سنڌ ۾ اردوءَ تي عبور' ۾ لکي ٿو:

"ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سنڌ ۾ اردو شاعري تي ڪتاب مرتب ڪيو آهي، ان ۾ شامل شاعري حيدرآباد دکن جي قلي قطب شاهه جي شاعريءَ کان بهتر اهي. انهيءَ ڪتاب "دکن ۾ اردو" ۾ شامل ڪيل اڪثر شاعر، سنڌ جي اردو شاعرن کان بهتر نه آهن، جن جو ڪلام ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ گڏ ڪيو آهي. انهيءَ ۾ هن هڪ سؤ سال يا وڌيڪ

عرصي جا شاعر شامل ڪيا آهن ۽ اردو شاعريءَ کي سنڌ ۾ انهيءَ منزل تي پهچڻ لاءِ ٻه ٽي سؤ سال لڳا هوندا. مان اها دعويٰ ته نٿو ڪيان ته اردو پيدا ئي سنڌ ۾ ٿي. اها ٻي ڳالهه آهي ته دکني خود پنهنجي لاءِ چئي رهيا آهن ته اردو سندن سرزمين تي پيدا ٿي.“

5 مارچ 1994ع تي لکيل هڪ اداريي ’بوسنيا‘ ۾ لکي ٿو:

”امپريلزم اُنهيءَ طاقت جو احساس آهي، جيڪا هڪ قوم-هڪ هيٺي قوم تي استعمال ٿئي ٿي، اها هڪ پراڻي ڳالهه آهي. اها هام ته طاقت جو استعمال جائز به ٿي سگهي ٿو، جديد دور ۾هنئي وئي آهي، خاص ڪري اُٺويهينءَ صديءَ ۽ ويهينءَ صديءَ جي پهرين اڌ تائين. هينئر ته امپيريلزم لفظ جو استعمال نفرت جا جذبا اُڀاري ٿو. هاڻي نه دنيا ۾ امپيريلسٽ رهيا آهن، نه ايمپايرون (سلطنتون يا غلبا) رهيون آهن، ڪجهه وقت فرينچ يونين هئي، بيلجم ڪانگو جي مشترڪ حڪومت هئي، پر هاڻي اُهي به نه رهيون آهن. رهي برٽش ڪامن ويلٿ، سا به امپريلزم نه آهي ۽ قومن جي مرضيءَ سان اُن ۾ قومن جو اتحاد آهي. جنهن مغربي امپريلزم جو ذڪر 1917ع ۾ لينن ڪيو هو، اُها ختم ٿي چڪي آهي. جڏهن مان پڙهندو هوس تڏهن برصغير جي عظيم سياسي مفڪر ايم. اين راءِ چاليهين واري دور ۾، ٻي جنگ عظيم جي خاتمي کان ڪجهه سال اڳ لکيو هو ته سياسي امپيريلزم ختم ٿي چڪي آهي ۽ هي اقتصادي امپريلزم جو دور آهي. هر جينيس وانگر ايم. اين راءِ جا به ڪافي سياسي دشمن ها ۽ هن کي امپيريلزم جو ايجنٽ ڪوٺيندا ها. نه رڳو گانڌيءَ ۽ نهروءَ جهڙا وڏا سياسي ليڊر هن جا مخالف ها، پر جيتري قدر مون کي ياد آهي ته مون کي ورهاڱي کان اڳ سوڀي ٻڌايو هو ته ڪراچيءَ جي ڪميونسٽ پارٽيءَ کي مرڪز کان هدايتون آيون آهن ته ايم. اين. راءِ جي هر پيروڪار کي ڪميونسٽ پارٽيءَ کان دور رکيو وڃي.“

11 مارچ 1994ع تي لکيل هڪ اداريي ’صحافت ۽ شاعري‘ ۾ لکي ٿو:

”آرنولڊبيڪيٽ چيو آهي، ”انصاف جي قيمت مسلسل نشرو اشاعت آهي“ سو پاڻ ايڊيٽوريل لکندو آهيان، جنهن ۾ تخليقي ادب جي يلغار هوندي آهي. ايڊيٽوريل ۾ منهنجي مشن اها رهي آهي ته ڏک تي مرهم رکان ۽ سُک کي ڊونڊاڙي، اُن جي نند ڦٽايان. پريس جي آزاديءَ جو گهوارو آهي. ڪنهن چيو آهي ته ”ذميداريءَ کان سواءِ دسترسي هڪ طوائف جو پيشو آهي.“ ۽ مون صحافت جي پيشي ۾ ذميداريءَ جي اُشد ضرورت محسوس ڪئي آهي. چڱي شاعر جو هيڊڪوارٽر قوس قرح تي هوندو آهي، پر في الحال ته مون اُن کي ڌرتيءَ تي ڦيرايو آهي. معلوم نه آهي ته ڪڏهن بادلن جو سڏ اچي ۽ شاعري ڪارونيار ڪري مون کي گهلي وڃي. في الحال ته حقيقت جي ريت ۾ رمي رهيو آهيان.“

22 اپريل 1994ع تي لکيل اداريي ’سنڌ ۾ ثقافت جو مسئلو‘ ۾ لکي ٿو:

”اسان تاريخ جو دوراهي تي بيٺا آهيون، ڪراچيءَ ۽ سنڌ جي ڪجهه حصي ۾ گنگا - جمنا ڪلچر پلتجي پئي آهي ۽ اسان اڳيان سنڌ واديءَ سنڌ جي ڪلچر کي پنهنجي توڙ تي پهچائي رهيا آهيون، ڇا گنگا جمني ڪلچر پنهنجي ڌرتيءَ کان ڇڄي پنهنجو علحده وجود رکي سگهندي يا سنڌي ڪلچر جي زيرِ اثر هڪ نئين ڪلچر جو بنياد رکندي جا پوري برصغير کي دنگ ڪري ڇڏيندي ۽ سنڌي ڪلچر به برصغير جي ڪلچر جو اثر قبولي موهن جي دڙي جي ڪلچر ۾ ساڳي حيرت انگيز ترقي ڪندي؟“

3 مئي 1994ع تي لکيل ’تر ۽ تر مان لڏل ڪوئلو‘ ۾ لکي ٿو:

”ٿر ۾ ڪائي خاص ٽڪرائتي پڪيڙ نہ آهي. ڀارت جي جلور ۽ بارمير ضلعن ۾ ڪجھ ٽڪريون آهن ۽ جوڌپور، سڪار، چُرو، ناگپور ۽ پالي ضلعن ۾ پٿر ملن ٿا. پوڪران ۽ جيسلمير جي وچ ۾ ٽڪر واريءَ ڪان وانجھي آهي.

گهٽي ڀاڱي ٿر ۾ نديون ڪونہ آهن ۽ جي آهن، جيئن لوني ۽ ان جون شاخون يا ننگرپارڪر ۾ ڏوپا ۽ ڀٽيائي آهن تہ اهي موسمي نديون آهن ۽ ڪجھ ڏينهن لاءِ مينهن جي مُند ۾ وهنديون آهن. ٿر جي اُتر اوبر ۾ جي نديون اراوليءَ مان وهن ٿيون، اُهي واريءَ ۾ گُم ٿي وڃن ٿيون. اُن ساري پڪيڙ ۾ ڪيئي سَن (لوڻ جون ڪاٺيون) آهن. اُتي هر سال برسات اوبر طرف 500 ملي ميٽر ۽ اولھ طرف سو ملي ميٽر ڪان گهٽ آهي. اها موسمي آهي (جولاءِ ڪان سيپٽمبر تائين) پر ڪڏهن ايترو گهٽ پوي ٿي يا نہ ٿي پوي جو بنھ خشڪ سالي نظر اچي ٿي.

تاريخ، ادب، طبقات الارض جو علم ان جو گواھ آهي تہ وچولي دور ۾ گهاگهرا- هاڪڙو ندي ٿر مان وهندي هئي. جيستائين ستلج ندي ان ۾ چوڙ ڪندي هئي. ستلج هاڻي بياس نديءَ سان ملي وڃي ٿي.

رٽائرڊ انجنيئر طبقات الارض ۽ زرعي نباتات جي ماهر محمد حسين پنهور، جو ڪاليج واري زماني ڪان منهنجو دوست آهي، ڪيئي سال اڳ انگريزيءَ ۾ هڪ ڪتاب گرائونڊ واٽر تي لکيو هو، جنهن ۾ سنڌ ۾ زير زمين پاڻيءَ جي واٽ ڏيکاري وئي هئي. هاڻي ماهر چون ٿا تہ ٿر ۾ زير زمين پاڻي ايترو آهي جو ڪيئي صديون هلندو.

منهنجي شاعريءَ ۾ جيترو ٿر جو ذڪر آهي اوترو سنڌ جي ڪنهن ٻئي حصي جو نہ آهي. اُن جا وڻ، ٻوٽا، وليون، گاھ، پکي، جيت، پٽون، ڪوھ، مندون، هوائون ۽ برساتيون وغيره جيتريون مون چٽيون آهن اوتريون سموري سنڌي شاعريءَ ۾ نہ چٽيون ويون آهن، ڪيئن چئجي، هڪ شاعر جي وجدان جي رسائي ڪيتري آهي ۽ مستقبل ۾ ڪيستائين ڏسي سگهندو آهي!

## 10 جولاءِ تي 1994ع تي لکيل ‘سياست ۾ مذهبي جنون جو دخل’ ۾ لکي ٿو:

”سوال هيءُ آهي تہ هيءُ سڀ ڪجھ ڇا ۽ ڇو ٿي رهيو آهي؟ ڇا اسان جو مذهب جنهن سهپ ۽ رواداريءَ جي تعليم ڏئي ٿو، ان جي تقاضا اها ئي آهي تہ سپاھ صحابہ وارا جتي بہ ڪنهن شيعہ کي ڏسن، اُتي ماري ڇڏين ۽ جيڪڏهن ڪو سائي پٽڪي وارو شيعن جي ور چڙهي تہ مُئو پيو هجي. عيسائي اقليت وارن جي ڪهڙي ڳالھ ڪجي، جيڪي ويچارا آهن ئي اسان جي رحم و ڪرم تي. جيسين چاهيون ڪانئن ٻهارا ڏياريون ۽ گند صاف ڪرائيندا رهون ۽ جڏهن چاهيون جنونيت جي تسڪين لاءِ سندن رت سان هولي کيڏون. ڇا ناموس رسول (صلعم) ۽ ناموس صحابہ ان جو ئي نالو آهي؟ جيڪڏهن قانون جي ڳالھ آهي تہ توهين رسالت (صلعم) جو قانون اڳ ئي موجود آهي. جيڪڏهن ڪو ان جي ڀڃڪڙي ڪري ٿو تہ قانون کي ڇو ڪم نٿو ڪرڻ ڏنو وڃي تہ ڀل اهو پنهنجي مجرم کي سزا ڏئي؟ مذهبي جنونين کي ڪنهن اهو حق ڏنو آهي تہ هو هٿيارن جي زور تي پاڻ رستن تي فيصلا ڪندا وتن؟ پوءِ قانون لاڳو ڪندڙ ۽ انصاف فراهم ڪندڙ ادارن جي باقي ڪهڙي ضرورت رهي ٿي؟ حڪومت جي رڙ پئي پوي تہ اها توهين رسالت (صلعم) واري قانون ۾ ترميم ڪرڻ جو ڪو ارادو نٿي رکي، پر رت پياڪ مذهبي جنوني ان جي ڪا ڳالھ ٻڌڻ لاءِ تيار نہ آهن. هو ان کي ديني سياست جو نالو ڏين ٿا. ڪانئن ڪير پڇي تہ چنگيزيت کي ڇا سڱ ٿيندا آهن؟“

دنيا جي ڪنهن بہ ٻوليءَ جي يا ڪنهن بہ علائقي جي اخبار ڪٿي ڏسندؤ تہ عام طور تي اخبار جو ايڊيٽوريل گذريل ڏينهن رونما ٿيندڙ ڪنهن اهڙي واقعي، حادثي، اشو يا صورتحال بابت هوندو آهي، جنهن جو ان اخبار جي پڙهندڙ يا ان سماج جي سياسي، معاشي ۽ سماجي صورتحال تي سڌو سنئون اثر پوندڙ هجي.

ثقافت کاتي حڪومت سنڌ، مها ڪوي ۽ نثر نگار شيخ اياز جي شاهڪار تخليقن کي ٻيهر ڇپائڻ جيڪو ڪم پنهنجي ذمي ڪنيو، ان کي اياز شناس ۽ سنڌي ادب جي فروغ ۾ دلچسپي رکندڙ ماڻهن پاران بهترين ڪاوش قرار ڏنو پيو وڃي. جيتوڻيڪ، ان کان اڳ جن دوستن ۽ ادارن پنهنجي وت ۽ هوند آهر جنهن دؤر ۾ اياز جا شاعريءَ توڙي نثري تخليقن جا جيڪي ڪتاب ڇپرايا، ان دؤر ۾ اهو ڪم سنڌن وڏو ڪانٽريبيوشن هو. انهن دوستن جي محنتن ۽ محبتن سان ئي اياز جون لکڻيون عوام تائين پهتيون. سنڌ جي هن باڪمال شاعر، نثر نويس، سياسي تجزيي نگار ۽ ڪالم نويس شيخ اياز جي انهن ڪتابن سنڌ اندر هر دؤر ۾ مختلف سياسي ۽ سماجي هلچل ۽ تحريڪن کي انسپائريشن فراهم ڪئي ۽ اهي سڀ تحريرون مختلف دؤرن ۾ مختلف ڇاپن هيٺ پڙهندڙن تائين پهچنديون رهيون. هاڻ ثقافت کاتي جنهن جديد انداز ۾ اياز جي شاندار ڪم کي اڄوڪي اسٽينڊرڊز هيٺ ترتيب سان ڇاپيو آهي، اهڙي ڪم نہ رڳو شيخ اياز جي تحريرن کي اڄوڪي نوجوان نسل لاءِ عام ڪري ڇڏيو آهي پر اياز جي سموري ڪم جي هڪ جڳهہ تي سهيڙ جي ڪري جهڙوڪ هڪ انئنسائيڪلوپيڊيا جُڙي وئي آهي ۽ اياز جي ڪم تي تحقيق ڪندڙ لاءِ سندس ڪلام هڪ جڳهہ تي آسانيءَ سان دستياب آهي.

مون کي جڏهن شيخ اياز جي پهرين ڇئن ڪتابن جو مواد هڪ ئي جلد ۾ مليو تہ اهو خيال بيحد پسند آيو. محمد ابراهيم جويي ان سهيڙ کي شيخ اياز جي 'ڪوتا ڪليات' سڏيو آهي. سندس 'خواب جي سايہان' ڏسندي هٿ ۾ ڪتاب کڻندي، اياز کي ٻيهر پڙهڻ لاءِ اتساهہ مليو. جيئن جيئن جديد ۽ سهڻن جلدن ۾ ڪتاب هٿ ۾ ايندا ويا تہ اهو خيال آيو تہ شيخ اياز جي سياسي فڪر جي ڪلائمڪس واري دؤر جي بہ سهيڙ ڪجي. اهو دؤر هو هن پاران 'روزاني برسات' جي ايڊيٽر جي حيثيت ۾ لکيل سياسي ۽ صحافتي تحريرون، فڪري ڪالم ۽ اداريا. ايئن اهو خيال دل ۾ ڪٿي وڃي سنڌالاجي لائبريري پهتس ۽ اُتي موجود 'روزاني برسات' جي پراڻن فائيلن مان شيخ اياز جي سمورن ادارين، ڪالمن ۽ مضمونن جي ڳولا ڪري فوٽو اسٽيٽ ڪرائڻ شروع ڪيم. اڃا اهو سلسلو جاري هو ۽ آئون تاريخ جي حساب سان اداريا ۽ مضمون الڳ الڳ ڀاڱن ۾ ورهائڻ جي ڪم ۾ رُڌل هئس تہ شمس جعفراڻي ۽ تاج جويي ٻُڌايو تہ اهو ڪتاب شيخ اياز پبليڪيشن ڪميٽيءَ پاران منظور ڪيل اسڪيم جو حصو آهي، تنهن ڪري اهو ڪم ثقافت کاتي کي ڏنو وڃي. خبر پئي تہ ان ڏس ۾ قاضي منظر حيات وٽ بہ ڪافي مواد موجود آهي. ايئن صلاح ڪري طئي ڪيوسين تہ

سموري ڪم ڪي هڪ جاءِ تي گڏ ڪري تڪڙو اُڪلائجي ته جيئن وقت ۽ وسيلا بچي سگهن.

سچيءَ سنگت جو بنيادي اُصول ۽ مقصد شيخ اياز جي ان شاهڪار تحريرن ڪي ماڻهن تائين پهچائڻ هو. تنهن ڪري انتهائي خوش اسلوبيءَ سان اهو فيز به پورو ٿيو. هن ڪم ۾ قاضي منظر حيات جو ڪم فخر جوڳو آهي، جنهن وڏيءَ ڪمٽمينٽ سان هڪ هڪ مضمون جو مواد، ان اصل مواد سان پيٽيو، جيڪو ڪيس شيخ اياز وٽان مليو هو. ڪيترن ئي مضمونن ۾ پئراگراف ڪُٽل هئا، ڪٿي جملا ٽُٽل هئا، جنهن سان تناظر جي ڳانڍاپي ۾ ڏکيائي ٿي رهي هئي. ڪيترائي مضمون اخبار ۾ ڇپجڻ جي ڪري بقايائن ۾ شامل هئا ۽ اهي هيٺ مٿي هيون. اها سموري فني محنت قاضي منظر حيات جي ساٿ ڪان سواءِ ممڪن نه بڻجي سگهي ها.

ثقافت کاتي پاران 'ڪُلياتِ اياز' جي پهرئين جلد جنهن ۾ 'پؤنر پري آڪاس'، 'ڪُلهي پاتم ڪينرو'، 'ڪِي جو هيجل ہوليو' ۽ 'وڄون وسڻ آئيون' جو مڪمل ڪلام شامل آهي، تنهن جلد ۾ تاج جويي ڪيترا نه سهڻا لفظ لکيا آهن: "جديد شاعريءَ جي آسمان تي اياز سان گڏ سندس همعصرن جي پوري ڪهڪشان موجود آهي، پر جيترو 'شعري ورثو' اياز، سنڌي ٻوليءَ جي جهوليءَ ڪي ڏين (Contribute) ڪيو آهي، اوترو ڪنهن ٻئي شاعر نه ڪيو آهي." اياز لکي ٿو:

> "شايد اوهان جي دؤر جي توهمات، فن ۽ زندگيءَ جو مانوس تخيل ۽ پنهنجي همعصر جي فن کي تسليم ڪرڻ ۽ ان لاءِ تحسين جي اظهار ڪرڻ کان فطري گهبراهٽ، اوهان جي صحيح جائي ۽ نتيجي تي اثرانداز ٿين. نه فقط منهنجي تخيل جو پر هر فنڪار جي تخليق جو منصف فقط وقت آهي. مان ايترو يقين سان لکان ٿو ته منهنجو فن ۽ فڪر ڪنهن به تقليد يا مصلحت آميزيءَ کان ڪوهين دور آهي ۽ مون اهڙي هڪ سٽ به نه لکي آهي، جا منهنجي روح جي گهراين مان چيرجي نه نڪتي هجي."

اياز جو هر لفظ سندس روح جي رڙ جو عڪاس آهي. سندس همعصر ڀلي ته تعصب جي عينڪ اکين تان لاهين يا نه، پر هن (اياز) جو آواز جديد سنڌ جو ترانو آهي. سندس تحريرون ايندڙ نسلن لاءِ، صدين جي ساڃاهه پنهنجي روح ۾ سانڍي هڪ نسل کان ٻئي نسل ڏانهن، منتقل ڪنديون وينديون. ۽ شيخ اياز جي هڪ پڙهندڙ ۽ مداح جي حيثيت ۾ هڪ ڏينهن ويٺي ويٺي خبر ناهي ڪيئن اهو خيال ذهن تي تري آيو ته جيڪڏهن ڪجهه وقت ڏينهن سيڙائي ان ڪم کي ڪاميابيءَ سان پورو ڪري ڇڏيم ته پاڻ لاءِ هڪ ڪاميابي سمجهندس. اڄ اها ڪاوش ڇپيل صورت ۾ اکين آڏو آهي. آئون هت اهو به لکندي سرهائي محسوس ڪري رهيو آهيان ته حيدرآباد ۾ قائم شمس العلماءُ دائودپوٽو لائبريري ۽ انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجيءَ جي لائبريري ۽ رڪارڊ روم سنڌ جي علمي ۽ تحقيقي ميدان جو تمام وڏو اثاثو آهن. ان تي جديد سائنسي بنيادن تي محفوظ ڪرڻ ۽ انهن جي سگهه ۾ واڌاري آڻڻ جي ضرورت آهي، جو اهي ادارا سنڌ جي علمي ۽ فڪري تاريخ تي تحقيق ۾ دلچسپي رکندڙ

محققن لاءِ وڏو سرمايو آهن، پر سنڌ جي روشن آئينديءَ مستقبل جي قيادت يعني نوجوانن لاءِ چٽاڀيٽيءَ جي مختلف امتحانن ۽ ريسرچ جي ڪم جا اهم مرڪز آهن.

جنهن وقت سنڌ جي مها ڪوي، سياسي مفڪر ۽ عظيم ڏاهي شيخ اياز جي 'برسات' ۾ لکيل ڪالمن ۽ تاريخي مضمونن ڪي سهيڙڻ جو خيال دل ۾ آيو ته هڪ ڀيرو ٻيهر سنڌالاجي ئي هڪ اهڙو ادارو هو، جتي 1994ع جي 'برسات' جا سمورا فائل هٿ اچي سگهيا. سنڌالاجيءَ ۾ برسات اخبار جا سمورا فائل موجود هئا، پر اهي جنهن تاريخ کان شروع ٿيل هئا، اها هئي 24 فيبروري 1994ع. مون سنڌالاجيءَ جي لائبريري سيڪشن جي انچارج ۽ منهنجي پياري دوست محمود لغاريءَ جي سڳي ماميءَ مغل صاحب کان پڇيو ته سنڌالاجيءَ ۾ برسات اخبار 24 فيبروريءَ کان پوءِ آهي، پهرين فيبروري يا پهرين مارچ کان ڇو نه؟ جنهن تي انهن جواب ڏنو ته اخبار جي منظوري 24 فيبروريءَ کان ٿي هوندي. تنهن تي مون انهن بزرگ دوستن کان پڇيو ته ڇا ان وقت سنڌالاجيءَ جو ڊائريڪٽر الانا صاحب هو؟ جواب "ها" ۾ هو ۽ پوءِ مون ڇيو ته منهنجي اندازي موجب اخبار 24 فيبروري 1994ع کان ان ڪري شروع ٿيل آهي جو ان تاريخ تي شيخ اياز 'برسات' جي ايڊيٽرشپ سنڀالي هئي ۽ منهنجو ڪامن سينس اهو ٿو چوي ته الانا صاحب ان ڏينهن جي نسبت سان روزاني برسات جي خريداريءَ جي شروعات ڪئي هوندي. ڪتاب تي ڪم ڪندي ڪالمن جا پروف پڙهندي ۽ پنهنجو تفصيلي مهاڳ لکندي هڪ ڏينهن فون تي مون اها ڳالهه الانا صاحب کان ڪنفرم ڪئي هئي.

هن ڪتاب جي اڄ اوهان جي هٿن ۾ هجڻ جا جيڪي ڪارڻ آهن، آئون انهن مان هڪ آهيان، ٻيا ڪيترائي اهڙا ماڻهو به آهن، جن جي مثبت رويي، مثبت موٽ، صلاح مشوري، ڪمٽمينٽ ۽ محنت کان سواءِ اهو ممڪن ئي نه هو ته جديد سنڌ جا خواب ڏسندڙ شيخ اياز جي سرجيل ادب جو هڪ اهم پاسو يعني سندس هڪ ايڊيٽر طور لکيل -Political Journalistic Literature (سياسي صحافتي ادب) اوهان تائين نه پهچي ها. آئون سڀ کان پهرين ٿورائتو آهيان سنڌ جي هاڪاري فرزند ۽ ڏاهي سائين محمد ابراهيم جويي جو، جنهن جي عمر جي هن حصي ۾ به لکڻ پڙهڻ سان چاهت ۽ ڪمٽمينٽ نه رڳو اسان ڪي گرمائي به ٿي پر شرمائي به ٿي ته اسين آخر گهڻو ڪم ڇو نٿا ڪريون؟ جيڪڏهن منيزه جهڙي شريڪِ حيات نه هجي ها ته شايد ايترو ڪم نه ڪري سگهان ها، جو هوءَ پنهنجي محنتن سان گڏ پنهنجي حصي جو وقت هنڌن ڪمن تي قربان ٿيندي ڏسي ڪو به احتجاج نٿي ڪري. آئون سمجهان ٿو ته ٽن سهڻن ۽ شهزادن جهڙن ٻارڙن جي ماءُ جي حيثيت ۾ هوءَ تخليق جي درد ۽ ان سان عشق جي ڪيفيت کان واقف آهي، تنهن ڪري هوءَ منهنجي تخليقي ڪم کي منهنجي ڪُک مان جنم ورتل ڪو ٻارڙو سمجهي مون سان اَرهي ٽيڙ بدران اڃا وڌيڪ ڀاڄهاري ٿي وڃي ٿي.

جيڪڏهن ثقافت کاتي ۾ محترم سسئي پليجو ۽ محترم شمس جعفراڻيءَ جهڙا سنڌ جي علم ۽ ادب سان محبت رکندڙ، سنڌ جي فڪري ۽ تهذيبي ترقيءَ ۾ ڏينهن رات هڪ ڪندڙ ساڃاهه رکندڙ اڳواڻ نه هجن ها ته شايد آئون هن اداري کي ترجيح به نه ڏيان ها ۽ اهڙي ڪم لاءِ اتساهه ئي نه وٺان ها.

سنڌالاجيءَ جي دوستن جو ساٿ نه هجي ها ته هڪڙي ڏينهن ۾ هنگامي بنيادن تي ڪيترن ئي سالن جا بائينڊنگ ٿيل (پڪي جلد وارا) فائيل ايئن فوٽو ڪاپي ٿي نه ملن ها. تاج جويي ۽ علي آڪاش جو، ڪتاب جي سلسلي ۾، فني مواد جي پرک ۽ پروف ريڊنگ جي حوالي سان، هر وقت تنقيدي جائزو ئي دراصل هن ڪتاب کي ڪنهن پڙهندڙ لاءِ ڪوالٽيءَ واري مواد بڻائڻ ۾ مددگار ثابت ٿيو آهي.

اڪِ مِلهه اَڙجي وجي، ايئن ڪوهه ٿئي،
جَڙجي لوهه ٿئي، ماڻهو ماڻهوءَ ٻَک ۾.
*(شيخ اياز: اڀرچند پَسَ پرين)*

**ذوالفقار هاليپوٽو**
منيزه جو گهر
15/A لطيف آباد نمبر 3
حيدرآباد.

# ماں ءِ صحافت

# مان ۽ صحافت

بين الاقوامي انقلاب جي خبر ۽ تشدد، فريب ۽ ناڪامي ۽ قومي سياست جي بار بار جمهوريت ڪشي ۽ اهو ڏسي تہ سنڌ جي سياست فقط ذاتي مفاد، انا جي اظهار ۽ خود پرستي جو ذريعو ٿي پئي آهي ۽ معصوم عوام کي هر ڪوئي پنهنجي سياسي مقصد لاءِ استعمال ڪري رهيو آهي، ايستائين جو نہ هو فقط قيد ۽ بند، موت جو شڪار بہ ٿي وڃن ٿا. جيتوڻيڪ ڪين حاصل ڪجهہ بہ نٿو ٿئي. اهو سڀ ڪجهہ ڏسي منهنجي سياسي زندگيءَ کان دل ايتري بيزار ٿي وئي جو حيدرآباد مان موٽي، مون فقط وڪالت ۽ شاعريءَ تي پنهنجو سارو ڌيان ڏنو. اتي بہ مون فرصت ۾ ڏينهن رات لکيو هو ۽ ننڍ تمام ٿوري ڪئي هئي. ڇو تہ ننڊ لاءِ تہ ابد تائين وقت پيو آهي. زندگي تہ جاڳ جو نالو آهي ۽ جي اها جاڳ فني تخليق لاءِ وقف آهي تہ ان جي عبادت جيتري نہ سهي، پوءِ بہ ان جي ڪافي اهميت آهي. لوح محفوظ ۾ انسان لاءِ ڇا آهي، اهو تہ ڪنهن نہ ڄاتو آهي ۽ ان ۾ آنڌل هڪ فقرو پورو ٿئي ٿو تہ ٻئي فقري جي شروعات جو دهو مس پئجي سگهي ٿو.

مان سکر ۾ پنج سال اڳ اوچتو بيمار ٿي پيس ۽ علاج لاءِ ڪراچي آيس تہ اتان جو ٿي ويس، انهيءَ عرصي ۾ مان فقط هڪ ڀيرو سکر وڃي سگهيو آهيان. هتي اهي پنج سال مان مطالعي ۽ شعر و ادب جي تخليق ۾ مصروف رهيو آهيان. اهو تہ مان ڄاڻان ٿو تہ ذات محنت سان نہ ملندي آهي، پر اها بہ حقيقت آهي تہ اها محنت بنا بہ نہ ملندي آهي. شاعر کي جيتري علم تي گرفت وڌيڪ آهي، ايتري هن جي شاعري ۾ وسعت ۽ گهرائي ايندي. اها گرفت ڪڏهن شعوري طرح اظهار پائي ٿي ۽ ڪڏهن تحت الشعور ۽ لاشعور جو حصو بڻجي اوچتو اُڀري اچي ٿي. انهيءَ وقت ۾ مون راتيون جاڳي ايڪويهہ ڪتاب تخليق ڪيا آهن، جن مان ڏهاڪو ڪتاب ڇپجي چڪا آهن. تازو ڇپيل ڪتاب 'ڇوليون ٻوليون سمنڊ جون' مون رات جو ڏهين وڳي کان صبح جو پنجين بجي تائين ساندهہ ست ڪلاڪ روز لکي پندرنهن ڏينهن ۾ پورو ڪيو. ٽن ڏينهن ۾ مون بہ سو کان وڌيڪ ترائيل 'چنڊ ڳليون' جي نالي سان لکيا. ان پوءِ 'ڪٿي تہ پڄبو ٽڪ مسافر' جو پهريون پاڱو پورو ڪيو، جنهن ۾ فقط منهنجو تر جو سفر ڏنل آهي. ساريءَ سنڌ ۾

باقي پاڪستان، هندستان، بنگلاديش ۽ باقي دنيا جو سفر اجا لکڻو آهي.

جڏهن تر جي سفر جي باري ۾ مون لکيو تہ "وقت جي درياھ ۾ ٽبي ڏنم تہ ويرا واھ مان نڪتم" تڏهن مون اتي گوڙڙيءَ جا ڏيرا (ڏيورا) ڏنا. اتي جين ڌرم جا تپسوي گيان ڌيان ۽ سماڌيءَ ۾ وقت گذاريندا هئا. ڏيري ۾ پلٿي ماري ويهڻ جيتري جاءِ مس آهي ۽ جڏهن جت تپ ڪندي ڪين جهپڪي لڳي ويندي هئي، تڏهن سندن مٿو وڃي سنگ مرمر جي پٽ سان ٽڪائڻ ڪندو هو ۽ هُو چرڪ ڀري جاڳي پوندا هئا. مون بہ گذريل پنج سال ائين گذاريا هئا ۽ نثر ۽ نظم جي تخليق ڪئي هئي. انهيءَ وچ ۾ دوستيون ۽ سماجي رشتا ناتا سڀ ڪٽجي ويا هئا. ڪڏهن ڪڏهن ڪوئي دوست گهر ايندو هو يا هن سان فون تي گفتگو ٿيندي هئي. منهنجو ڪمرو، منهنجو خانقاھ بہ هو ۽ زاويو بہ هو ۽ ادب جي تخليق منهنجي عبادت هئي.

ڪجھ ڏينهن اڳ منهنجي ثابت قدم دوست سينيٽر يوسف شاهين مونکي فون تي چيو تہ جي مان پنج منٽ واندو هجان تہ هو مونسان ملي وڃي. مون هائو ڪئي تہ هو پندرهن منٽن ۾ پنهنجي ڪار تي پهچي ويو. حال احوال ڏئي، هن چيو تہ: "مونکي تنهنجي مدد گهرجي." يوسف شاهين 1976ع ۾ منهنجا بہ ڪتاب 'پتڻ ٿو پور ڪري' ۽ 'پن ڇڻ پڇاڻان' نهايت خوبصورت بيهڪ سان ڇپايا هئا ۽ جڏهن 1980ع ۾ مان گلشن اقبال ۾ رهندو هئس تڏهن منهنجو گهر هن جي ويجهو هوندو هو ۽ اسان شام جو وقت گهڻو ڪري گڏ گذاريندا هئاسين. هو ان وقت 'ورلڊ ڪانفيڊريشن آف دي پيپلز' لکڻ ۾ مصروف هو. (هن پنهنجو مشهور ڪتاب 'دي ورلڊ آف ڪانڪررس' (فاتحن جي دنيا) گهڻو وقت پوءِ لکيو) هوندئن اسان جي دوستي ويهارو سال جهوني آهي ۽ ان عرصي ۾ ان کي رهڻ بہ نہ آئي آهي. مون يوسف شاهين کي چيو تہ: "جيڪڏهن اهڙي ڳالھ منهنجي وس ۾ هوندي تہ مان ضرور ڪندس." "هاڻي اوهان گوشي نشينيءَ مان ٻاهر نڪرو!" هن چيو تہ: "مان سنڌي ۾ اهڙي روزاني اخبار ڪڍڻ چاهيان ٿو. جا ڪنهن بہ اردو يا سنڌي روزنامي جي ڀيٽ ۾ رکي سگهجي. مان چاهيان ٿو تہ ان جا چيف ايڊيٽر اوهان ٿيو." مون ٿوري دير سوچي ڪيس هائو ڪئي. هن چيو تہ سارو ڪم تيار آهي ۽ ڪجھ ڏينهن ۾ اوهان کي اسٽاف سان ملائيندس. ستين فيبروري تي هو ڪار ۾ آيو ۽ مونکي "برسات" جي دفتر ۾ وٺي آيو. ان ڏينهن کان شام جي ڇئين وڳي کان ستين وڳي تائين برسات پريس ۾ ويندو رهيو آهيان.

پنهنجي دوربينيءَ واري ڪيفيت مان اُڀري، مون ٻيهر دنيا ڏٺي. مونکي اها رات ياد آئي، جڏهن مونکي ملير ۾ مهاجر اديبن جي اداري 'بزم علم و دانش' ۾ مهمان خصوصي ڪري گهرايو ويو هو ۽ بيدل بدوي کي چيو هئائون تہ پنهنجا ساٿي وٺي اچي ۽ فقط منهنجو ڪلام ڳائي. اهي ترقي پسند مهاجر هئا ۽ انهن جي

صحافت لفظ صحيفي مان نڪتو آهي جنهن جي معنيٰ ڪتاب آهي. پر اسان جا ٽئي مقدس ڪتاب قرآن مجيد، انجيل ۽ تورات صحيفہِ آسماني سڏجن ٿا. ان ڪري صحيفي لفظ ۾ جو تقدس جو عنصر سمايل آهي، اهو از خود صحافت ۾ منتقل ٿيو آهي. پر صحافت هاڻي پيشو آهي ۽ پيشي لفظ ۾ تقدس جو عنصر پنهنجي ليکي سمايل بہ آهي، پر اهو ڪوشش ڪري پيدا ڪرڻو آهي. سچ ۽ سونهن جي تخليق واقعي فن جي مُنتها آهي. جي 'ريمبرانٽ' جي مصوريءَ سونهن خلقي آهي تہ "گويا" جي مصوريءَ سچ جو ساٿ ڏنو آهي. پر ڇاڪاڻ جو گويا جي مصوريءَ ۾ آرٽ کي اوليت آهي، ان ڪري حقيقت نگاريءَ کي لازاول ڪري ڇڏيو اٿائين.

مان ڪي ٽي سال 'هيمليٽ' وانگر خود ڪلامي ڪري ۽ پنهنجي تنهائيءَ ۾ بلند آواز سان گفتگو ڪري لڪو هئس. خود شناسي ۽ پنهنجي زندگيءَ جي احتساب جي بہ آخر ڪائي حد آهي! مونکي دنيا جي مڪر ۽ فريب واقعي هج ڪري وڌو هو پر مان'هيمليٽ' وانگر بيءَ دنيا جي خوف ۽ بي يقينيءَ ۾ مبتلا نہ رهيو هئس. انسان جي انت تي مون ايترو سوچ ويچار ڪيو هو جو منهنجو حياتيءَ جو فلسفو پنهنجي تڪميل تي پهچي چڪو هو. يوسف شاهين مون کي وري عملي زندگي تي آڇي، جتي مون سان مفڪر جي حيثيت ۾ رخني اندازي نہ هئي ۽ منهنجي فڪر جي هر پهلوءَ کي وڌيڪ وسعت ٿي ملي. منهنجي تخليقي آرٽ لاءِ بہ ڪائي وابستگي نہ هئي. ۽ ان جي اظهار تي روڪ ٽوڪ بہ نہ هئي. 'هيمليٽ' جو الميو اهو هو تہ هُو پنهنجي غور ۽ فڪر ۾ ايترو غرق ٿي چڪو هو جو عملي دنيا هُن لاءِ اجنبي ٿي چڪي هئي. يوسف شاهين جي آڇ منهنجي ان اجنبيت مان جان ٿي ڇڏائي ۽ خلوت مان ڪڍي وري جلوت ۾ ٿي آندو.

مون بار بار لکيو آهي ۽ چيو تہ اشتراڪيت ختم ٿي چُڪي آهي ۽ جمهوريت ۾ ئي معاشري جي نجات آهي. جمهوريت ڪيتري بہ بُري چو نہ هجي، هڪ آمرانہ حڪومت کان بهتر آهي ۽ ان جون خاميون بہ جمهوي طور طريقي سان مٿائي سگهجن ٿيون. جمهوريت جي ذريعي ئي صحيح سياسي ۽ اقتصادي آزادي حاصل ٿي سگهي ٿي ۽ انهيءَ آزاديءَ لاءِ اظهار جي آزادي ۽ پريس جي آزادي شرط اول آهي. آزادي ذريعو بہ آهي ۽ مقصد بالاذات بہ آهي. اهو بهتر آهي تہ گهڻ ڪُنديءَ زندگيءَ جي هر فڪري ۽ عملي پاسي انسان آزاد هجي، حڪومت جي دست اندازي ان وقت جائز آهي، جنهن وقت حڪومت اهو ثابت ڪري ڏيکاري تہ آزادي فائدي کان وڌيڪ نقصان رسائي رهي آهي.

جان اسٽوئرٽ مل اوڻيهين صديءَ ۾ چيو هو تہ: "اسان ڪڏهن بہ يقين سان چئي نٿا سگهون تہ جيڪي رايا اسان پوساٽي رهيا آهيون، اهي غلط آهن. توڙي اسان کي اهڙو يقين بہ اچي وڃي، تڏهن بہ اظهار تي پابندي پنهنجي ليکي بُري

ڳالهه آهي. ” اهوئي حڪومت جي اختيار تي روڪ ٽوڪ لاءِ ڪلاسيڪي آزادي پسند دليل آهي. آزاديءَ سان محبت هڪ قديم جذبو آهي. جو انسان ذات ۾ گهر ڪري چڪو آهي ۽ جو عقل جي خلاف بہ نہ آهي. اظهار ۽ پريس جي آزاديءَ لاءِ هڪ ٻيو بہ دليل آهي. جيڪڏهن اهو چيو وڃي تہ سچي جمهوريت حزبِ اختلاف کانسواءِ نٿي ٿي سگهي. تہ سرڪار لاءِ مخالف ڌر واسطي ڏاڍ ۽ ڌهڪاءُ. قوم جي سياسي زندگيءَ کي نهوڙي نٿي ٿو. جمهوريت ۾ اعتبار تڏهن پيدا ٿئي ٿو. جڏهن کليل بحث مباحثو ٿئي ٿو. دليل بازي جي ڏي وٺ کان پوءِ ئي ڪارائتا نتيجا حاصل ٿين ٿا.

جي سماج جو آخري مقصد اهو آهي تہ فرد کي پنهنجي سموري توفيق، پنهنجي قوت ۽ دسترسيءَ جو احساس ٿئي ۽ هو ان ڏس ۾ ڀرپور ترقي ڪري سگهي. تہ هن کي ان لاءِ آزاديءَ جي ضرورت آهي. آزادي سان اظهار. خيالن جي ڏي وٺ سياسي، سماجي، اقتصادي ۽ روحاني معاملن ۾ پنهنجي پسند تي اختيار هڪ جمهوري معاشري لاءِ نهايت ضروري آهي. اهو اصل نہ وسارڻ گهرجي تہ هڪ نسل جو سچ ٻئي نسل جو ڪوڙ آهي ۽ ڪنهن بہ حڪومت کي حق نہ هجڻ گهرجي تہ اها پنهنجا رايا سچ جي نالي ۾ ٻين تي مڙهي. مان اهڙو جبر ڪافي ڏسي چڪو آهيان. اهي بيورو ڪريٽس جن کي هٿ ۾ قلم جهلڻ بہ نہ ايندو هو ۽ جيڪي پنهنجي نڪ کان اڳتي ڏسي نہ سگهندا هئا. سي منهنجا تي شهپارا بندش هيٺ آڻي چڪا هئا ۽ نہ رڳو مونکي ٽي ڀيرا قيد ڪري چڪا هئا پر مون لاءِ اهڙو ماحول پيدا ڪيو هئائون جو سارو ديس مون لاءِ سکر يا ساهيوال جيل جون ديوارون ٿي پيو هو. ڪوئي آمر تنقيد برداشت ڪري نہ سگهندو آهي. ’منهنجو اڳهه پڇين ٿو آمر!‘ وارو منهنجو نظم هر آمر جي منهن تي چماٽ وانگر هڻو ۽ رهندو.

پريس جي آزاديءَ تي يا تہ سينسر شپ سان روڪ رکي سگهجي آهي يا اشاعت کان پوءِ بہ بندش جي ذريعي ان کي دٻائي سگهبو آهي. ٻئي طريقا اسان جي ملڪ ۾ بي درديءَ سان استعمال ڪيا ويا آهن ۽ قومي ڪردار کي تهس نهس ڪيو ويو آهي. اهڙي پابنديءَ خلاف ڊال ٿي بيهڻ ۽ حق ۽ انصاف جو ساٿ ڏيڻ، حُريت پسنديءَ جو ۽ آزاديءَ سان بي حد محبت جو ثبوت آهي. روس ۽ ڪميونسٽ ملڪن نظرياتي آڙ وٺي فرد جي آزاديءَ جي ستيا ناس ڪئي ۽ ان طرح انسان جو سياسي ۽ اقتصادي برابريءَ جو خواب ٽڪرا ٽڪرا ٿي ويو. پر خواب تہ انساني فطرت جو حصو آهن. هڪڙا مرجهائجي ويندا تہ ٻيا بسنت جي نئين مُکڙين وانگر ٽڙي پوندا. بهر صورت تاريخ جي تجربي، افراتفري، خون خرابي ۽ ٽوڙ جوڙ مون کي ان نتيجي تي پهچايو آهي تہ انسان جا سياسي ۽

سماجي خواب جمهوريت جي دائري اندر رهي ئي پورا تي سگهن ٿا ۽ ان پورائي لاءِ ٻيا سڀ طريقا بيڪار آهن.

انگلينڊ ۾ سرڪار کي قانوني اختيار تہ آهن بغاوت، فحاشي وغيره کي ڪُچلي سگهي پر اهي اختيار ورلي استعمال ڪيا ويا آهن ۽ هاڻي تہ بنھ ڪونہ ٿا ڪيا وڃن. جنهن وقت هٽلر يورپ ۾ اپري رهيو هو، تنهن وقت بہ نازي فلسفي جي پرچار تي انگلينڊ ۾ پابندي نہ هئي. ڊي ايچ لارينس جي ناول 'ليڊي چيٽرلي جي عاشق' تي پنهنجي ملڪ ۾ پابندي وڌي وئي پر آمريڪا جي سپريم ڪورٽ هڪ عاليشان فتوا ڏئي اها پابندي هٽائي ڇڏي. چرچ خلاف 'ڪفر' جهڙي ڏوهہ تي يورپ جون اڪثر سرڪارون ۽ آمريڪا جي سرڪار هاڻي ڪوئي قدم نہ کڻندي آهي ۽ رڳو چرچ کي اهو اختيار آهي تہ انهن ڪتابن جي لسٽ ڏاهي، جي ان جي نظر ۾ "ڪفر" ڦهلائي رهيا آهن ۽ پنهنجي پيروڪارن کي هدايت ڪري تہ اهڙا ڪتاب نہ پڙهن. اڪثر حڪومت جا سربراهہ علم ۽ ادب کان بي بهرا هوندا آهن. ورلي ڪنهن 'ڊيگال' کي 'آندري مالرو' ملندو آهي، ورلي ڪوئي 'چرچل' وانگر گهڻ ڪندي شخصيت هوندو آهي. نہ تہ حڪمران ۽ بيوروڪريٽ طبقو گهڻو ڪري جاهل مطلق هوندو آهي. اسان وٽ حڪومتن ۾ بہ بودلا بختاور اچن ٿا، جن کان جيڪڏهن زميداري يا ڪارخانيداري کسي وٺجي تہ ڪين ڪوئي چوڪيداريءَ لاءِ بہ نہ رکي.

ارسطوءَ چيو هو تہ: "انسان سياسي جانور آهي، هُو سماج ۾ پيدا ٿئي ٿو ۽ ان ذريعي تي هُن جو بنھ دارو مدار آهي، ان ڪري رياست کي فرد ۾ بهترين قوتون اڀارڻ گهرجن ۽ انهن کي نهوڙڻ نہ گهرجي." هتي تہ جو ڪنڌ ڪجيو آهي، اهو ڪپيو ويو آهي. سرفرازي، سرڪوبيءَ جو باعث آهي. ان ۾ شڪ نہ آهي تہ فرد رياست سان ڪنهن حد تائين ذميدار آهي ۽ هُو اها ذميداري تڏهن ڀرپور طريقي سان نڀائي سگهي ٿو جڏهن هُن کي جمهوري آزاديون ڏنيون وڃن تيون ۽ ان ڳالهہ ۾ ئي رياست جي بهتري آهي.

فرينچ مفڪر 'پروڌان' ۽ روس جو تشدد پسند انقلابي 'بڪونن' تہ رياست جي وجود کان ئي انڪاري هئا ۽ هُو اڳوات ئي ڏسي چڪا هئا تہ مارڪسسٽ انقلاب آمريت ۽ روسي حڪومت ۾ ڪوئي فرق نہ نڪتو. ٻئي ساڳيءَ طرح مطلق العنان هيون. گذريل سال مون گوئٽي انسٽيٽيوٽ مان 'روزالڪسمبرگ' جي زندگي تي هڪ لمبو ڪتاب وٺي پڙهيو هو. هوءَ جرمنيءَ جي بهترين انقلابي شخصيت هئي ۽ هن ڪميونسٽ نظام ۾ جمهوريت کي صحيح اوليت ڏني هئي. پر هوءَ 1919ع ۾ قتل ڪئي وئي. رياست، جي جمهوري نہ آهي تہ سماج انارڪيءَ کي جنم ڏئي ٿو. آزادي هڪ آئيني حڪومت جي ذريعي ئي محفوظ رهي سگهي

تي، آئيني حڪومت جيڪا مضبوط ادارن ڏانهن جوابده هجي. آزادي کي تيستائين استحڪام نہ آهي جيستائين قانون جي حڪمراني نہ آهي. قانون جي حڪمراني کان سواءِ ملڪ لشڪري رياست (Garrison State) جي گهيري ۾ اچي وڃي ٿو.

جمهوري حڪومت جي تحفظ ۾ پريس وڏو ڪردار ادا ڪري سگهي ٿي. انساني حقن جي تحفظ کان سواءِ، جمهوريت بي معنيٰ ٿي وڃي ٿي، هر ماڻهوءَ کي ڪي ڳالهيون ڪرڻ جو حق آهي ۽ هن کان اهو حق کسڻ بي انصافي آهي.! هُن جو اهو بہ حق آهي تہ هُن کي ڪابہ اهڙي اذيت نہ پهچائي وڃي جا هُن کي پهچائڻ سان انصاف جي نفي ٿئي. هن کي ڪن شين حاصل ڪرڻ جو بہ حق آهن جن کان هُن کي وانجهي رکڻ بہ بي انصافي آهي. اهو نظريو ارڙهينءَ صديءَ جي آخر ڏاري سياست ۾ آيو ۽ اڄ تائين ان جي مقبوليت ۾ ڪمي نہ آئي آهي. 92-1791ع ۾ اهو نظريو فرينچ مفڪر 'ٿامس پين' پنهنجي تصنيف 'انساني حق' (Human Rights) ۾ پيش ڪيو. آمريڪي انقلاب کان پوءِ فرينچ انقلاب آيو ۽ آمريڪا جي آزادي جي پڌرنامي کان پوءِ فرانس جي قومي اسيمبلي 1789ع ۾ هر انسان ۽ شهريءَ جي حقن جي باري ۾ نهراءُ منظور ڪيو. انسان جي بنيادي حقن ۾ اضافو ڪيو ويو. ملڪيت ۽ جان جو تحفظ ۽ ظلم خلاف مزاحمت، آزاديءَ ۽ مسرت حاصل ڪرڻ وانگر اهم بنيادي حق سمجهيا ويا. اهو نظريو هر سياسي اٿل پٿل جي باوجود، زندهہ رهيو آهي ۽ 1948ع ۾ اقوام متحده جي 'انساني حقن جي پڌرنامي' ۾ جنرل اسيمبليءَ شامل ڪيو آهي.

جن ماڻهن بہ انساني حقن جي حمايت ڪئي آهي، انهن ظلم ۽ تشدد جي مخالفت ڪئي آهي ۽ انساني برابريءَ جي حمايت ڪئي آهي ۽ انسان جي آفاقي برابري جو نعرو هنيو آهي. جمهوريت جي مُنتها هڪ فلاحي مملڪت آهي جيئن "اسڪينڊينيويا" جي ملڪن ۾ آهي، جا ڳالهہ هاڻي اڳيان ڪميونسٽ ملڪ بہ تسليم ڪن ٿا. فلاحي مملڪت زندگيءَ جون اهي معياري سهولتيون مهيا ڪري ٿي، جن کان ڪنهن بہ شهريءَ کي محروم نٿو ڪري سگهجي. اهي سڀ ڳالهيون منهنجي من ۾ هلچل مچائينديون رهيون هيون توڙي آئون بيماريءَ سبب پنهنجي ڪمري تائين محدود ٿي ويو هئس، پر پوءِ بہ منهنجي خانقاهہ جي رسائي ڪنهن بہ رسدگاهہ کان وڌيڪ هئي.

ڪي شخصيتون گهڻ ڪنديون ٿيديون آهن. مون هميشہ پاڻ کي نئين رسم رواج جو باني سمجهيو آهي، نئين نئين رستي جي تلاش ۾ رهيو آهيان ۽ ڪنهن بہ وقت غلط رستي تي ويندڙ راهيءَ کي الوداع ڪري سگهيو آهيان. مون مبهم انداز ۾ ڪافي حقيقتون سياستدانن کان اڳ ۾ ڄاتيون آهن ۽ پنهنجي نثر ۽ نظم کي پڪيءَ جي آڪيري وانگر اڏيو آهي. ممڪن آهي تہ ٻاهران مون ۾

ڪجھ تضاد نظر اچن. پر منهنجي سوچ ۾ ارتقا تہ تي سگهي ٿي تضاد ڪوئي نہ آهي. ڪنهن وقت مان 'وڄُ، واڄَ، واءُ' وانگر ويو آهيان. جيئن 'ڪيرڪي گارڊ' چيو هو ۽ ڪنهن وقت اداس ۽ اڏنگو رهيو آهيان. مشهور موسيقار موزارٽ ڪاڏي جي ميز تي جنهن وقت ڪائي شيءِ ڪپيندو هو تہ پنهنجي آڱر بہ ڪپي وجهندو هو.

مان بنيادي طرح شاعر ۽ اديب آهيان پر مونکي وڪالت ۽ تعليم سان بہ ڪافي سال واسطو رهيو آهي. مان پنهنجي ان تجربي ۽ شعر، ادب، آرٽ، فلسفي، تاريخ، قومي ۽ بين الاقوامي سياست، عمرانيات ۽ نفسيات جي مطالعي کي صحافين لاءِ ڪيتري حد تائين استعمال ڪري ٿو سگهان ۽ پنهنجي راھہ تي اڳتي وڌي ٿو سگهان. اهو تہ مستقبل ئي ٻڌائي سگهندو. ڏسجي تہ ڇهہ مهينا اڳ مونکي پريس ڪلب جي ڏنل لائيف ميمبر شپ اڳ ـ ڪٿي ثابت ٿئي ٿي يا نہ جي مان صحافت کي شاعري وانگر توڙ تي پهچائي نہ سگهيس تہ بہ جام ٻانيپٽو جي مصنف يوسف شاهين سان ياري تہ نہ ويندي، رڳو صحافت کي الوداع ڪرڻي پوندي، في الحال تہ غالب جو هيٺيون فارسي شعر ٿو ياد اچي:

بيا کہ قاعدهٔ آسمان بگردانيم
قضا بگردشِ رطلِ گر ان بگردانيم.

(اچ تہ آسمان جو قاعدو ڦيرايون.
۽ قضا کي ائين گهوماڻي ڏيون جيئن شراب جي ڳؤري پيالي کي ڏبي آهي)

*(24 فيبروري 1994ع)*

# شهيد ڀٽو منهنجيءَ نظر ۾

شهيد مرندا نہ آهن، زنده جاويد هوندا آهن، اهي ڪنهن پرندي وانگر قفس ڇڏي، لاتيون لوَندا عرش ڏانهن ويندا آهن. شاخ طوبيٰ انهن جي انتظار ۾ هوندي آهي ۽ موج ڪوثر انهن جي پياس لاءِ واجهائيندي آهي. سقراط کان اڄ تائين هر شهيد پنهنجي شهادت جرائت منديءَ ۽ بي پروائيءَ سان قبولي آهي، لوح محفوظ کي تبسم سان ڏٺو اٿائون ۽ راضي رهيا آهن. شهادت، وقت جي سيني ۾ اُهو گهاءُ آهي جو ڇٽي نہ ڇُٽو آهي. اهو ڪارو گلاب ازل تائين شگفتہ رهڻو آهي. ڪوئي طوفان ان مشعل کي وسائي نہ ٿو سگهي جا شهيد جي خون سان روشن ٿي آهي.

1977ع ۾ ڀُٽي جي گرفتاريءَ کان پوءِ ٿوري يونيورسٽيءَ جو وائيس چانسلر ڊاڪٽر گونج مون وٽ سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ آيو ۽ مانيءَ تي ٻڌايائين، "مان اسلام آباد جنرل ضياءَ وٽ ترڪي سرڪار جو پيغام کڻي آيو هوس ۽ کيس چيو هوم تہ ترڪي سرڪار انهيءَ راءِ جي آهي تہ ڀُٽي جي حياتي نہ ورتي وڃي."

ترڪيءَ جو وزيراعظم عدنان مينڊريس 1957ع ۾ اقتدار ۾ آيو. هن جي قيادت هيٺ ترڪيءَ جي جمهوري پارٽيءَ 48 سيڪڙو ووٽ کنيا. هن جي برخلاف ريپبليڪن پارٽيءَ 41 سيڪڙو ووٽ کنيا. 27 مئي 1960ع تي هن جي خلاف جنرل ڪمال گُرسيل ڪوڊتا (Coup d'etat) ڪيو. هو ترڪيءَ جي فوج جو ڪمانڊر انچيف هيو. جنهن ترڪيءَ جي 1924ع واري آئين کي منسوخ ڪري، نيشنل يونين جي هڪ ڪاميٽي جي مدد ڪئي. عدنان مينڊريس کي موت جي سزا ڏني وئي ۽ 1961ع ۾ هن کي ڦاهي چاڙهيو ويو. عدنان مينڊريس جي گرفتاري کان پوءِ جمهوري پارٽي ختم ڪئي وئي." مون جنرل ضياءَ کي وڌيڪ چيو تہ اسانجي سرڪار ان راءِ جي آهي تہ ڀٽو پنهنجي موت ۾ تولاءِ پنهنجي زندگيءَ کان وڌيڪ خطرناڪ آهي. هونءَ تہ شهيد جو رت جو ڦڙو ڦڙو وڙهندو آهي پر ڪنهن وقت هن جو خون سيلاب نوح وانگر اُڀرندو آهي ۽ هر شيءِ لوڙهي ويندو آهي. اسان ئي عدنان مينڊريس کي ڦاهو ڏئي عذاب ۾ اچي ويا آهيون. جڏهن چنڊ استنبول جي پُل (Suspension Bridge) جي مٿان اچي ٿو تہ، "هو چنڊ تان عدنان ميندريس نهاري رهيو آهي، تون هن کي ڏسين ٿو." مان تہ

هن جو پاڇو باسفورس ۾ ڏسان ٿو.“ عدنان ميندريس اسان وٽ ڏند ڪٿا ٿي ويو آهي ۽ پنهنجي موت ۾ پنهنجي زندگيءَ کان وڌيڪ خطرناڪ آهي.“

مون هن کي چيو ”تون ڀُٽي کي عدنان ميندريس سان نہ ڀيٽ! هن جا پير لڙکڙايا پئي جڏهن هن کي ڦاسيءَ جي تختي ڏانهن ٿي نيائون. عدنان ميندريس ايڏي وڏي ڪاز (Cause) لاءِ موت نہ قبوليو هو. ڀُٽي تہ جمهوريت لاءِ لافاني جدوجهد ڪئي آهي، مان نہ ٿو ڀانيان تہ هو ايتري جرائت ڪندا جو هن کي موت جي سزا ڏئي سگهندا. پر جيڪڏهن ڏنائون تہ تختہ دار ڏانهن ويندي هن جا قدم نہ ٿڙندا.“

ڀُٽي کي ڦاسي آئي. هن شهادت ماٽي ۽ مون پنهنجي وائي ۾ لکيو:

واويلا وٽڪار،

تو پاتا تقدير جا

هَس، ڳچيءَ ۾ هار.

اڄ مان هن جي شهادت جي ڏينهن، هن جي عظيم صحبت ۾ گهاريل گهڙيون چٽيان ٿو ۽ انهيءَ هر پل کي امر ڪيان ٿو جو مون ان تحرير کي وقف ڪيو آهي.

ساهيوال جيل ۾ ٻاهر قيامت خيز شور هو. هر هوٽل جي هر ميز تي ڪوپ ڪنبي رهيا ها. ’جيئي ڀٽو‘ جي نعرن سان ديوارون گونجي رهيون هيون. اسان کي فقط سُس پُس ۾ چپراسي ٻڌائي رهيا ها تہ آسمان نيزي تي پهچي چڪو آهي ۽ روز محشر دُور نہ آهي، ڀُٽي صاحب ريڊئي لاءِ جيل سپرنٽينڊنٽ کان گهر ڪئي، جنهن هوم سيڪريٽريءَ کي اهڙو اطلاع ڏنو جنهن پهرين تہ گوتناتي ڪئي پر نيٺ چئن ڏينهن کان پوءِ ريڊيو ڀُٽي صاحب جي ڪمري ۾ موڪلايائين. ڀُٽي صاحب ريڊئي کي بوٽ جي ٺوڪر هنئي تہ ريڊيو ٽڪر ٽڪر ٿي ويو. پوءِ هن چيو تہ ”اهو ريڊيو ايوب خان ڏي کٽي وڃو. اهو سندس حڪومت جي علامت آهي.“

ٻئي ڏينهن تي ساهيوال جي جيل جي اختياري وارا پٽ تي ريڊيو رکي ويا. جا منهنجي ۽ ڀُٽي صاحب جي وارڊ جي وچ ۾ هئي ۽ اسان ٻئي خبرون ٻڌندا هياسين ٻنهي کي اڪيلو وارڊ هو. مان سارو ڏينهن مطالعو ڪندو هوس ۽ ڀٽو صاحب ڪافي وقت پنهنجي ڪيس جي تياري ڪندو هو ۽ شام جو چپراسيءَ سان ٽينس کيڏندو هو ۽ رات جو ڪجهہ آرام جي ننڊ ڪندو هو. سنتري جڏهن بدلي ٿيندا ها تہ چوندا ها تہ ساهيوال جيل ۾ هن ڀُٽي صاحب جهڙو لاأبالي انسان نہ ڏٺو هو. هڪ ڏينهن خبر آئي تہ جڏهن شنوائي وقت جسٽس مشتاق محترمہ نصرت ڀٽو سان عزت سان پيش نہ آيو، تڏهن ڀٽو صاحب غصي مان ڪورٽ مان نڪري ويو ۽ ڪيس جو بائيڪاٽ ڪري، جسٽس مشتاق کي چيائين، ”تون پيو ڪيس هلاءِ، مان هلان ٿو.“ جيل جا عملدار مون کي اڪثر ٻڌائيندا ها تہ ڀٽو صاحب، نهايت بيپرواهہ، خوش اخلاق ۽ خوش لباس انسان هو ۽ هر غريب ماڻهوءَ سان

نرميءَ سان ڳالهائيندو هو.

پُٽي صاحب مون ڏانهن ساهيوال جيل ۾ نمڪين پستا، بسڪوٽ، دٻي ۾ بند مڇي ۽ ٻيا تحفا موڪليا ها. مون وٽ نه رڳو ڪتاب هئا. مون سنتريءَ کي ڏنو پر ٿوريءَ دير کان پوءِ هو موٽائي ڏئي ويو ۽ (Hiene the artist in Revolt) چيائين جيل ۾ ڪتابن جي ڏي وٺ تي بندش آهي.

جڏهن پٽو صاحب شملا معاهدي لاءِ ٽي ويو تڏهن هن مون کي، قاضي فيض احمد ۽ رسول بخش کي سنڌين پاران ۽ مرحوم پيش امام، جسٽس رٽائرڊ قدير الدين ۽ هڪ ٻئي مهاجر کي (جنهنجو نالو وسري ويو آهي) مهاجرن جي پاران گهرايو ۽ يڪدم مونکي چيائين نه جي تون جيل مان نڪري مون وٽ لاڙڪاڻي اچين ها نه معراج محمد خان جي جاءِ تي تون هجين ها (معراج محمد خان اُن وقت مرڪزي وزير محنت هو) مون جواب ڏنو "سائين، مان ٿي بس تي پهچي نه سگهيس (Sir, I missed the bus) پوءِ هن اُن وقت جي صورتحال تي روشني وڌي ۽ چيو نه شملا معاهدو پاڪستان جي فائدي ۾ ويندو. اوهان ان جي حمايت ۾ پروپيگنڊا ڪيو ۽ اخبارن ۾ منهنجي تائيد ۾ لکو.

سکر ۾ جڏهن سکر بار کي سرڪٽ هائوس ۾ گهراياڻين تڏهن مرحوم آغا بدرالدين هُن کي چيو نه "سکر بار کي لئبرريءَ لاءِ پيسا ڏنا وڃن." پُٽي صاحب مون ڏانهن مُرڪي ڏٺو ۽ پڇيو "اياز! هي پڙهندا به نه پي ايل ڊي آهن؟" مون ڪنڌ ڌوڻي هائو ڪئي، پُٽي صاحب آرڊر ڪيو نه هنن کي پيسا ڏنا وڃن.

ٻي پيري سکر سرڪٽ هائوس ۾ مون کي پُٽي صاحب گهرايو ۽ چيائين "اياز! تون ۽ مان ساڳي جيل ۾ رهيا آهيون. مان تنهنجي لاءِ ڇا ڪيان."

مون جواب ڏنو. "سائين اهو ئي ڪافي آهي نه اوهان مون کي جيل ۾ نه ٿا وڃو ۽ منهنجي تحرير تي ڪائي بندش نه وڌي اٿوَ."

هن چيو. "مان ڄاڻان ٿو نه تون ڪجهه نه گهرندين. پلا تون شاعر ۽ اديب آهين سفر جو وسيع تجربو توکي پسند هوندو. توکي دنيا گهُمايان."

مون جواب ڏنو "سائين! ڀلي گهمايو." جڏهن هن مون کي روس، اديبن جو سربراهه ڪري موڪليو نه اسلام آباد مان فون ڪري چيائين، "اياز مون توسان وعدو پاڙيو."

مان پنهنجي سکر واري گهر ۾ ويٺو هوس نه فون ڪال آئي، منهنجي پٽ سليم کنئي ۽ چيائين، "بابا، وزيراعظم صاحب جو ملٽري سيڪريٽري ٿو ڳالهائي. مون فون کنيو نه ملٽري سيڪريٽري چيو نه پرائيم منسٽر صاحب اوهان سان ڳالهائيندو. پٽو صاحب انگريزي ۾ تحرير ۽ تقرير جو وڏو ماهر هو پر جڏهن مون سان ڳالهائيندو هو نه سنڌيءَ ۾ ڳالهائيندو هو. فون تي ڪراچي مان آواز آيو.

”شيخ! مان پتو ٿو ڳالهايان، خوش آهين.
”سائين، شڪر آهي، اوهان خوش آهيو.“
”هائو شيخ منهنجو تو ۾ هڪ ڪم آهي، ڪندين.“ هن چيو.
مون جواب ڏنو ”سائين جي منهنجي وس ۾ هوندو ته ضرور ڪندس.“
”هائو هائو تنهنجي وس ۾ آهي. مان چاهيان ٿو ته تون وڃي سنڌ يونيورسٽيءَ جو وائيس چانسلر ٿيءُ.“
مون عرض ڪيو ”سائين مان ڪڏهن ائڊمنسٽريٽر ۽ منتظم ته نه ٿيو آهيان.“
ان تي هن چيو. ”مان اڳ ڪڏهن پاڪستان جو پريزيڊنٽ يا پرائيم منسٽر ٿيو هوس ڇا؟ مان سارو ملڪ هلائي ٿو وڃان تون اها ننڍڙي يونيورسٽي هلائي نه سگهندين؟“
وري مون عرض ڪيو ”سياسي حالات ته اوهان ڄاڻو ٿا.“
جواب ڏنائون. ”اهو منهنجي مٿي جو سور آهي. منهنجي حڪومت پاڻ ئي اهي ٺيڪ ڪري ڇڏيندي.“ مون کي هاڻي ڪوئي جواب نه هو ۽ هن کي چيم. ”اوهان جي حڪم تي تعميل ڪبي.“
منهنجو ننڍو پٽ سليم اُن وقت لاڙڪاڻي ميڊيڪل ڪاليج ۾ پڙهندو هو. مون چاهيو ٿي ته مان جيڪڏهن ڄامشوري وڃان ته سليم کي لياقت ميڊيڪل ڪاليج ٽرانسفر ڪرايان جيئن ڄامشوري ۾ هو مون سان گڏ رهي سگهي. اُنهن ڏينهن ۾ سنڌ جو هيلٿ منسٽر عبدالوحيد ڪٽپر سڪر سرڪٽ هائوس ۾ لٿل هو. هو منهنجو روم ميٽ رهيو هو جڏهن ايل ايل بي پڙهندا هُياسين. مان سرڪٽ هائوس ۾ هن جي پي اي سان ڳالهايو جو اڳ ئي مون کي سڃاڻندو هو. انهيءَ چيو ڪٽپر صاحب مٿي اڪيلو ويٺو آهي. اوهان هليا وڃو.“
مان مٿي ويس ته ڪٽپر صاحب شاور هيٺان وهنجي رهيو هو ان ڪري آنءُ صوفا تي ٻاهر ويهي رهيس. جڏهن هو ٻاهر نڪتو ته هڪ نظر مون ڏانهن ڏسي، آئيني اڳيان ٿڦي ڦوڪار ڪيائين ۽ ڪمري ۾ يو ڊي ڪلون جي خوشبو ٽهلجي وئي. پوءِ وارن کي مزي سان ٿڦي ٻه ڏنائين ۽ سيٽي به وڄايائين. پوءِ مون ڏانهن منهن ڪري چيائين.
”ڪڏهن ٿو چارج وٺين.“
”پتو نه آهي“، مون جواب ڏنو ”مان اوهان وٽ پنهنجي پٽ جي چانڊڪا ميڊيڪل ڪاليج مان لياقت ميڊيڪل ڪاليج ۾ ٽرانسفر لاءِ آيو آهيان.“
ان تي ڪٽپر صاحب فرمايو ”درخواست ڇڏي وڃ. مان ان تي غور ڪندس.“
مون کيس درخواست ڏئي چيو ته شايد ڪم نه ٿيندو.
ٻئي ڏينهن تي مان هاءِ ڪورٽ ۾ ڪيس هلائڻ لاءِ ڪراچيءَ هليو ويس.

ڪيس هلائي مان شام جو ايلفيءَ ۾ گهمي رهيو هوس تہ پير حسام الدين شاهہ مليو جو ايلفيءَ ۾ روز جهل ڪندو هو ۽ پوءِ ڪنهن ايراني ڪتب فروش جي دڪان ”خانہ فرهنگ“ تي ويندو هو. هن مون کي بہ اُتان فارسيءَ جا چاليهارو ڪتاب خريد ڪرايا ها. مون هن کي سليم جي ترانسفر جي ڳالهہ ڪئي، چيائين تہ ”70 ڪلفٽن تي هلي پٽي صاحب سان روبرو ٿا ڳالهايون.“ پوءِ اسان هن جي ڪار ۾ 70 ڪلفٽن تي وياسين. ٻاهر ماڻهن جو هجوم هو ۽ پٽي صاحب تائين رسائي ناممڪن ٿي لڳي. پير صاحب مون کي چيو تہ ”تون پٽي صاحب کي ذاتي درخواست موڪلي ڇڏ ۽ لفافي جي ٻاهران موڪليندڙ جي حيثيت ۾ پنهنجو نالو لکي ڇڏ. پٽو صاحب توسان گڏ جيل ۾ رهيو آهي. مان ڀانيان ٿو تہ هو توکي انڪار نہ ڪندو. هتي ويهڻ اجايو آهي.“

مون موٽي سکر مان پٽي صاحب کي سليم جي درخواست موڪلي تہ هو پنهنجيءَ اسپيشل ڪوٽا ۾ هن کي لياقت ميڊيڪل ۾ هڪ سيٽ ڏي. ٻن ڏينهن کان پوءِ عبدالوحيد ڪٽپر جو فون آيو جنهن ميار ڏيندي چيو ”تون مان نہ رڳو ساڳي ڪاليج ۾ پڙهيا آهيون پر روم ميٽ ۽ دوست بہ ٿي رهيا آهيون. توکي مون مان اميد ڪانہ هئي جو تو پٽي صاحب ڏي درخواست موڪلي آهي. پٽي صاحب فون تي حڪم ڏنو آهي تہ چوويهن ڪلاڪن ۾ تنهنجي پٽ جا آرڊر بہ ڪيان ۽ توکي اطلاع ڏئي، توکي ٻڌايان تہ تنهنجو ڪم ٿيو آهي. افسوس جي ڳالهہ آهي تون مون لاءِ نہ ترسين!“

مون کي سرڪٽ هائوس جي آئيني ۾ ڪٽپر جو چهرو ۽ هن جي هٽ ۾ هن جي ٿٽي ياد اچي وئي ۽ پو ڊي ڪلون جي خوشبو ڪلوروفارم وانگر لڳي.

مان ۽ ابراهيم جويو ڪراچيءَ آياسين، ڪنهن سلسلي ۾ منهنجي جتوئي صاحب سان ملاقات ٿي. هو اُن وقت سنڌ جو چيف منسٽر هو. هن يڪدم چيو تہ ”سامان تہ ٻڌي رکيو اٿئي؟ پٽي صاحب توکي ڪجهہ چيو هيو نہ؟“

مون جواب ڏنو تہ. ”مون کي لکت ۾ تہ ڪوئي آرڊر نہ مليو آهي.“

”آرڊر توکي ملي ويندو.“ جتوئي صاحب چيو. مان ۽ ابراهيم آرٽسٽ ناگوريءَ جي گهر رات گذاري ان جي گهر واري هڪ نهايت مشفق ميزبان هئي. ان رات مون پروفيسر ناگوريءَ کي ٻڌايو تہ مان سندس وائيس چانسلر ٿي ٿو اچان. هو پهريون شخص هو جنهن کي مون اهو اطلاع ڏنو. مون کي اڄا تائين هُن لاءِ بيحد عزت آهي. نہ ڄاڻان هو مون سان ڇو ناراض آهي.

سکر ۾ مون کي تقرريءَ جا تحريري آرڊر پهتا. ساڳي ڏينهن سنڌ يونيورسٽيءَ جي وائيس چانسلر جناب ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ فون ڪيو تہ مان جيڪر هفتي کان پوءِ چارج وٺان تہ ان وچ ۾ هو سارو معاملو سهيڙي وٺي.“

مون هن کي هائو ڪري چيو تہ "پلي هو پنهنجو وقت وٺي!".

ان وچ ۾ مون کي خبر پئي تہ پٽو صاحب لاڙڪاڻي آيو آهي. مون ڪمشنر سکر جناب الله بخش سومري کي چيو تہ هو پُٽي صاحب جي ملٽري سيڪريٽري کي ٻڌائي تہ مان سنبارا اِن ۾ لٿل آهيان ۽ هن کان ٽائيم وٺي مون کي اهڙو اطلاع ڪري." مسٽر سومري يڪدم هائو ڪئي. مان ٽي ڏينهن سنبارا اِن ۾ رهيو پيو هوس تہ سوڀو آيو. جڏهن مون هن سان ڳالهہ ڪئي تہ هُن چيو تہ سومرو صاحب تہ ملٽري سيڪريٽريءَ سان ڳالهائي نہ سگهندو. تون پاڻ چو نہ ٿو اي ڊي سيءَ کي فون ڪرين. تون وائيس چانسلر آهين. ان ڳالهہ لاءِ ڪنهن ويهين گريڊ جي آفيسر جو مرهون منت چو ٿو رهين!"

مون اي ڊي سيءَ کي فون ڪيو جنهن چيو تہ اوهان جو سکر مان ٽي ڏينهن اڳي فون پهتو هو ۽ پُٽي صاحب اوهان جي لاءِ بہ ٽي ڀيرا پڇيو بہ آهي.

"مان اوهان سان ٿوريءَ دير ۾ ڳالهايان ٿو." پنجن منٽن ۾ اي ڊي سيءَ جو فون آيو تہ هينئر تہ ائين بجي تائين ملاقاتون رکيل آهن. تنهن ڪري اڄ ملاقات ممڪن نہ آهي. سڀاڻي پٽو صاحب نئين ديري ڏهين بجي پهچي ويندو. اوهان ساڍي نوين پهچي وڃجو. مان پوري ساڍي نوين نئين ديري پهتس ۽ پٽو صاحب پوري ڏهين وڳي پهتو. سندس بنگلي جي ٻاهران پنج سئو ماڻهو ويٺا ها جن مان هڪ آنءُ بہ هوس. جيئن پٽو صاحب بنگلي ۾ اندر ويو اي ڊي سيءَ منهنجي لاءِ پڇيو ۽ مون کي اندر وٺي هليو.

پُٽي صاحب نهايت خوشگوار ڪيفيت ۾ هو خدا هن کي صورت ۽ سيرت سان نوازيو هو ۽ مون کي ڪائي انگريزيءَ ۾ سٽ ياد آئي:

The great men hallow a whole people, lift up all who live their time,

(ترجمو: عظيم انسان نہ رڳو پوري قوم کي مقدس بڻائي ڇڏن ٿا. پر انهن سڀني کي سرفراز ڪن ٿا جي سندن دؤر ۾ رهن ٿا.)

پُٽي صاحب جي سياست ۽ قومي ۽ بين الاقوامي معاملات تي وڏي دسترس هئي. هن مون سان ڪيئي ڳالهيون ڪيون. ساري دنيا ۾ نظرياتي تصادم ۽ ان جا دور رس اثرات ٻڌايا. سنڌ ۽ پاڪستان جي مستقبل جو گهرو تجزيو ڪيو ۽ سنڌي نوجوان جي ذهني بي راهہ رويءَ تي پنهنجو رايو ڏنو ۽ آخر ۾ مون کي هدايت ڪئي. "اياز توکي ڪنهن بہ نصيحت جي ضرورت نہ آهي. توکي رڳو هڪ فهمائش ڪريان ٿو."

پوءِ هن ڪرسيءَ جي ٻانهن تي هٿ هڻي چيو "هيءَ ڪُرسي ڏاڍي بُري شيءِ آهي. توکي خوشامدڙيا ورائي ويندا ۽ چوندا تہ سچ لڳي بہ توتي ٿو اُپري بہ توتي

ٿو. انهن کان احتراز ڪجانءِ ۽ پنهنجو توازن نہ وڃائجانءِ.“ مون مُرڪي ڪيس جواب ڏنو ”مان خود ڇا عرض ڪيان؟ وقت اوهان کي ڏيکاريندو تہ مان پنهنجو ڪيترو توازن برقرار رکي ٿو سگهان. هيءَ تہ ڪرسي آهي، عرش و ڪُرسي هجي تہ بہ مون لاءِ فرق نہ ٿي ڪري.“

هو ڪافي مسرور ٿي لڳو ۽ ڪرسيءَ تان اُٿندي مون کي چيائين.

A politician thinks of the next election a statesman of next generation

(ترجمو: هڪ سياست دان بيءَ اليڪشن جو سوچي ٿو،
هڪ مدبر بئي نسل جو سوچي ٿو)

مون کي انهيءَ هڪ ڪلاڪ جي صحبت ۾اها ڪيفيت محسوس ٿي جا آلندي جي صحبت ۾ پبلو نرودا کي محسوس ٿي هوندي.

مان وائيس چانسيلر جي چارج سنڀالڻ کان اڳ، روزانيءَ ڊان ۾ پنهنجي ذميداريءَ ۽ موقف جي باري ۾ پنهنجو بيان ڇپايو ۽ سٺ سترَ اردو، سنڌي ۽ پنجابي دانش ورن بہ منهنجي حق ۾ بيان ڏنو جو بہ ڊانءِ ٻين اخبارن ۾ شايع ٿيو پر رجعت پرست حلقا مچرجي پيا ۽ منهنجي حمايت ۽ مخالفت ۾ ايترا بيان ڏنا ويا جو سترنهن فائيل ڀرجي ويا. ايتريءَ حد تائين جو ڪئناڊا جي دؤري ۾، ڪئناڊا ۾ مقيم ڪن پاڪستانين منهنجيءَ تقريءَ جي باري ۾ اعتراض اٿاريا پر ڀُٽي صاحب پنهنجي جواب سان کين مطمئن ڪري ڇڏيو. افسوس جو اهي سترنهن فائيل سکر جي دهشتگردن منهنجي ٻي ذاتي رڪارڊ ۽ بي شمار رسالن ۽ ڪتابن سان گڏ جلائي ڇڏيا نہ تہ پرهندڙ اندازو لڳائي سگهن ها تہ ڀُٽي صاحب منهنجي تقريءَ سان بيٺل پاٽيءَ ۾ ڪيڏي وڏي ڇپ اُڇلائي هئي ۽ ڪيڏيون لهرون اُٿيون هيون.

- جڏهن هڪ ڀيري مون انهيءَ بيان جي باري ۾ ڀٽي صاحب جو احسان مڃيو تہ تڏهن هن چيو. ”ايازا اها بحثا بحثي تہ ڪجهہ نہ هُئي مان تہ وڏي تڪرار جي باري ۾ ٿي سوچيو. مباحثو منهنجيءَ توقع موجب نہ ٿيو.“

مون کي هڪ اولالعزم انسان جي الغرضائي ڏسي ڇپن تي مُرڪ اچي وئي.

- منهنجي تقرريءَ کان پوءِ ڀٽو صاحب حيدرآباد آيو ۽ سڄن ماڻهن سان گڏ مون کي بہ گهرايائين. ڀُٽي جي اچڻ کان اڳ پنڊال ۾ڀُٽي جي اوسي پاسي پيل ڪُرسين تي وزير، ايم اين ايءِ، ايم پي ايءِ، ڪرسيون تڙ تڪڙ ۾ والاري ويٺا. مان ڀُٽي صاحب جي ڪُرسي کان پنجاهہ قدم پري حيدرآباد جي ڪجهہ وڪيلن سان گڏ ويٺس جي ڪجهہ وقت اڳ منهنجي پيشي سان وابستہ هيا ۽ دوست ۽ واقف ڪار هيا. اتفاق سان منهنجي ڪرسي ڀُٽي صاحب جي ڪرسي جي سامهون هئي. ڀٽو صاحب اڌ ڪلاڪ کان پوءِ آيو. تيستائين سڀ اکيون هن جي

انتظار ۾ هيون. هن ڪن خاص مصاحبن سان ڪجهه ڳالهيون ۽ ٻين ڪي هٿ سان کيڪر ڪئي ۽ پوءِ ڪاڏي لاءِ سڏ ٿيو. ڪاڏي ڪان پوءِ هو ساڳي جاءِ تي ويٺو هو ۽ سگار پي رهيو هو. مان هن جي سامهون ويٺو هوس. هن جي نگاهه مون تي پئي ته مون کي چيائين "شيخ صاحب! اوهان ايڏو پري ويٺا آهيو! منهنجي ڀرسان اچي ويهو نه؟" اوچتو وڏيرن ۽ وزيرن ۾ ڦڙڦوٽ پئجي وئي. هاڻي ڪير اُٿي جو مون کي پنهنجي ڪُرسي ڏي! هر ڪنهن تي پاسا ورايا ۽ هڪ ٻئي ڏانهن ڏٺو. نيٺ قمرالزمان شاهه پنهنجي ڪُرسيءَ تان اُٿي مون کي چيو "اچو شيخ صاحب، هتي اچي ويهو!" هن جي ڪُرسي ڀٽي ڪان ٻه ڪُرسيون پري پئي هئي. وڏيڪ چيو ته، "اُنهيءَ بئرسٽر حيدرآباد ۾ ٻه فوج کي ساڳي تقرير ڪئي آهي. جي مان ڀُٽي صاحب کان انٽرويو گهرندس ته هو مون کي وقت نه ڏيندو پر جي ڏيندو به ته اختياريءَ وارن جي توجهه ايڏانهن ويندس ۽ چاڪاڻ جو مان اجا نوڪريءَ ۾ آهيان، مون کان پڇا ڳاڇا ٿيندي، ان ڪري اوهان اها ڳالهه ڀُٽي صاحب تائين پهچايو ان ۾ ڀُٽي صاحب جو پنهنجو ۽ ساري قوم جو ڀلو آهي."

مون جتوئي صاحب کي ان وقت فون ڪيو ته مان هن سان ساڳئي ڏينهن تي ملڻ ٿو چاهيان. هن جواب ڏنو ته هليو آءُ!جڏهن ڪراچيءَ ۾ مون هن کي ساري ڳالهه ڪئي ته هن چيو "ڪن ماڻهن کي ڪرنهن ڪنئي بيٺي آهي ته مُلڪ تي زوري قبضو ڪيون. ٺيڪ، مان اها ڳالهه ڀٽي صاحب کي ٻڌائيندس."

مهيني کان پوءِ مان سنڌ هائوس اسلام آباد ۾ هوس ته منهنجي پي. اي عطا محمد ميمڻ جو فون آيو ته جتوئي صاحب اُنهيءَ بئرسٽر جو نالو ٿو پڇي جنهن فوج کي ڀڙڪائڻ جي ڪوشش ڪئي هئي. جتوئي صاحب اسلام آباد ۾ آهي ۽ اوهان هُن سان ڳالهايو." مون هن کي جتوئي هائوس ۾ فون ڪيو ته هن چيو ته "رات ڀُٽي سان تو واري ڪيل ڳالهه ڪيم. ڀٽو صاحب نهايت ڏيان سان ٻڌي ۽ پڇيائين "اياز توکي اُنهيءَ بئرسٽر جو ڪهڙو نالو ٻڌايو؟مون کيس چيو ته مهيني جي ڳالهه آهي، مون کان وسري ويو آهي. جنهن تي هن فرمايو ته مون هن کي بئرسٽر جو نالو ٻڌايو ۽ ان ڳالهه تي حيرت آئي ته هن اجا تائين ڀٽي صاحب کي اها ڳالهه نه ڪئي هئي!

ٽئين ڏينهن تي ڀٽو صاحب حيدرآباد آيو ۽ مون کي قمرالزمان شاهه وٽ منجهند جي مانيءَ تي گهرايائين. مان ٻارنهين ٻجي پهتس ۽ ڀُٽي صاحب جي ڪمري ۾ ويٺو هوس جتي هو ماڻهن سان ڳالهائي رهيو هو. جڏهن مانيءَ جو وقت ٿيو تڏهن ڀٽي صاحب چيو "اياز آءُ ته ماني کائون". مانيءَ جي ميز تي مخدوم صاحب طالب المولىٰ، وزيراعلىٰ غلام مصطفىٰ جتوئي صاحب، ڪٽپر صاحب،الانا صاحب ۽ ڀٽو صاحب ميزبان ڪان سواءِ ويٺا.

• هڪ ڀيري پُني صاحب جي ڀائيٽي يا ڀاڻيجي جي حيدرآباد ۾ شادي هئي. مان به مدعو هوس. مانيءَ کان پوءِ سنڌ جو گورنر مير رسول بخش، چيف منسٽر غلام مصطفيٰ جتوئي ۽ ڪجهه ٻيا ماڻهو پُني صاحب کي وڪوڙي ويا. مون سمجهيو ته منهنجو هتي ويهڻ مناسب نه آهي، سو مان پنهنجيءَ ڌيءَ ياسمين جي گهر هليو ويس، جا حيدرآباد ۾ پرڻيل هئي. جڏهن ڏهين بجي موٽيس، تڏهن خبر پئي ته پتو صاحب ڪئمپس مان چڪر ڏئي ويو هو ۽ پنجاهه موٽرون هن جي ڪڍ هيون. مون جتوئي صاحب کي ترين ۾ هن جي سئلون ۾ فون ڪري پڇيو ته اوهان مون کي چو نه چيو ته پتو صاحب ڪئمپس گهمڻ ٿو اچي. مان اڳ ۾ اچي هن جو استقبال ڪريان ها."

جتوئي صاحب جواب ڏنو "اياز! مون کي به خبر نه هئي. مانيءَ کان پوءِ پتي صاحب چيو ته هلو ته سنڌوءَ تان چڪر ڏئي اچون. جڏهن اسان غلام محمد بئراج ٽپياسين، تڏهن چيائين ته "هلو ته اياز جو ڪئمپس ڏسي اچون! پوءِ هو ڪئمپس مان چڪر ڏئي سرڪٽ هائوس موٽي آيو.

• ٽئين ڏينهن تي مون کي يونيورسٽي گرانٽس ڪميشن جي ڪنهن ميمبر فون تي پتي صاحب جو خط پڙهي ٻڌايو "مان ٽيون ڏينهن شام جو سنڌ يونيورسٽيءَ جو ڪئمپس ڏٺو. رستا ڊنا پيا ها، وڻڪار ڪانه هئي، اونده انڌوڪار هو ۽ بجلي بتي ڪا ورلي پئي ٻري. آخر اوهان يونيورسٽين لاءِ ڪيو ڇا ٿا؟ پوءِ هن مون کي چيو ته اسان جي ٽيم اچي ٿي، توکي جيٽريون اسڪيمون ناهڻيون هجن، ناهي رک."

جڏهن يونيورسٽي گرانٽس ڪميشن جا ميمبر آيا ته اچڻ سان پڇيائون، "گهڻن ڪروڙن جون اسڪيمون ناهيون اٿئي." مون جواب ڏنو "في الحال ته ڇئن ڪروڙن جون ناهيون اٿم."

"پروجيڪٽ ڊائريڪٽر کي گهرائي، ڇهن ڪروڙن جون ناهي وٺ!" هنن چيو.

• ڪجهه وقت کان پوءِ جتوئي صاحب سان ملاقات ٿي. هن چيو ته "پُتي صاحب لکيو آهي ته ڪئمپس کي سائو ڪيو وڃي ته ڪيئي وڻ پوکيا وڃن. توکي ڳڻتا لک گهرجن؟" فقط نرسريءَ ۾ ڪجهه پودا رکندا. اوهان اهو ڪم چيف ڪنزرويٽر آف فاريسٽس کي سپرد ڪيو ۽ پئسا به اُن کي ڏيو."

جتوئي صاحب جواب ڏنو.

"ڇگوان ڪم لاءِ چيف ڪنزرويٽر آف فاريسٽس کي 27 لک ڏيان ٿو."انهن پيسن مان ڪافي وڻ پوکيا ويا.

• ڪوٽڙي جي لڳ درياهه ۾ چارلس نيپئر وارو جهاز بيٺل هو. مان ۽ منهنجن پروفيسرن سنڌوءَ جي ڪناري اُن جهاز ۾ رنگ رليون مڻايون. پتي

صاحب کي دانهن ڏني وئي تہ جهاز تي اياز مردن ۽ عورتن جي هجوم جي دعوت ڪئي هئي. پٽي صاحب جواب ڏنو. "اها تہ ڏاڍي پياري ڳالهہ آهي. آزاديءَ جي ياد ۾ ٻئي ڪهڙي بهتر ماحول ۾ ملهائي ٿي سگهجي؟"

- هڪ ڀيري قمرالزمان شاهہ پٽي صاحب جي دعوت ڪئي هئي. آنءُ بہ دعوت تي موجود هوس. پٽي صاحب لاءِ ماني ٻي ڪمري ۾ رکي وئي. مخدوم طالب المولىٰ صاحب (مرحوم) جتوئي صاحب، الانا صاحب، ڪٽپر صاحب، پٽو صاحب، قمرزمان صاحب ۽ آنءُ کاڌي جي ميز تي ويٺا هياسين. مانيءَ جو گرهہ کڻي پٽي صاحب مون کي چيو "اياز! سنڌالا جيءَ تي جو پنجاهہ لک خرچ ٿيا آهن اتي ڇا ڪيو اٿو! رڳو بہ گهڙا، بہ اجرڪ، بہ ڪاون واريون ٽوپيون، بہ رليون، ڪٺيون ڪيون اٿو. سنڌالا جيءَ مان ڪهڙو ڪم وٺنديں." مون عرض ڪيو. "اوهان مدد ڪيو تہ گهڻو ڪم وٺي ٿو سگهان." تون جيڪا بہ مدد گهرندين. تو کي ملندي. هن چيو "ٻڌاءِ تہ ڪندين ڇا؟"

"مان سنڌالاجيءَ ۾ ٽرانسليشن بيورو شامل ڪرڻ ٿو چاهيان. مان ان ۾ افلاطون کان وٺي دنيا جا وڏي ۾ وڏا ٿي سئو ڪلاسڪس سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪرڻ ٿو چاهيان، جن انسان ذات جي ذهني نشو و نما ڪئي آهي. انهن مان برِصغير جي هر ٻوليءَ ۾ ٽي چار ڪلاسڪس پڙهي سگهندا. پٽا صاحب! جڏهن سار تر وڪٽر هيوگو پڙهندو هو. تڏهن مان ڪشن چند بيوس پڙهندو هوس. اهو ٿي اسان جي ذهني اوسر جو الميو آهي." پٽو صاحب ڏاڍو خوش ٿيو ۽ وعدو ڪيائين تہ اليڪشن کان پوءِ جيترا ڪروڙ چوندين، اوترا ڏيندو ساڻءِ. في الحال تون پنهنجي شاعريءَ جي منتخب ڪلام اُردوءَ ۽ پنجابيءَ ۾ منظوم ترجمو ڪراءِ.

ٽين ڏينهن تي سنڌالاجيءَ کي ٻي لکين جو چيڪ پهتو جنهن مان فهميده رياض جو ترجمو '*حلقہ میری زنجیر کا*' ۽ احمد سليم جو ترجمو '*جو بیجل نے آکھیا*' ۽ پوري شاهہ جي رسالي جو منهنجو منظوم ترجمو بيهر ڇپايو ويو.

- ڳالهيون تہ شهيد ڀُٽي جون اجا گهڻيون آهن. الا! مون پنهنجي وڏيڪ زندگي هن جي صحبت ۾ ڇو نہ گذاري؟ ڪهڙو نہ پارسيءَ ۾ چڱو شعر آهي:

**حيف در چشم زدن صحبتِ يار آخر شد،**
**روئي گل سير نہ ديدم و بهار آخر شد.**

(ترجمو: حيف جو اک ٻوٽ ۾ يار جي صحبت پوري ٿي
گل جي صورت مان اجا دل نہ ڀري هئي تہ بهار پورو ٿي ويو)

مان آخري واقعو لکي في الحال هي مضمون پورو ٿو ڪيان. مون کي پنهنجي پرو وائيس چانسلر جناب غلام ربانيءَ چيو تہ شيخ حفيظ جو پيٽيوو ڪرنل قدوس

مون سان ڳالهائڻ ٿو چاهي. شيخ حفيظ مرحوم سنڌ جو ڇاتل سڃاتل ڪهاڻي نويس هو ۽ منهنجو دوست بہ هو. مون رباني ۽ کي چيو تہ ڪرنل قدوس مون وٽ گهر آيو تڏهن مون کي چيائين تہ ”فلاڻي بئرسٽر ڪراچي ۾ فوج کي ڀُٽي صاحب جي خلاف ائين ڀڙڪايو جيئن مجيب الرحمان جي گرفتاري کان اڳ ڀڙڪايو ويندو هو.“ هن مون کي پوري تقرير ٻڌائي جنهن جو لب لباب اهو هو تہ جي هاڻي قدم نہ کنيو تہ اوهان جي اها حالت ٿيندي جيڪا اندلس ۾ اسلامي فوج جي ٿي هئي. جڏهن ان کي يونچ سمنڊ ۾ ڏڪيو ويو هو ڪرنل قدوس ها. ڀُٽي صاحب جو منهن رابيل جي گل وانگر تازو توانو ٿي لڳو ۽ هن کي ان ڳالهہ جو فڪر نہ هو تہ هن جي خلاف سازش ٿي رهي آهي. هن ماني کان پوءِ مون کان پڇيو.

”اياز! اهو ڪرنل اڃا حيدرآباد ۾ آهي؟“

مون جواب ڏنو ”هائو سائين هن جي تقرري هتي آهي“

”چڱو مان پنهنجي ملٽري سيڪريٽري هن ڏانهن موڪليان ٿو. مون سان ڪلاڪ کان پوءِ ملجان“ ڀُٽي صاحب چيو ڪلاڪ کان پوءِ هن سان سرڪٽ هائوس تي مليس تہ هن چيو ”تون بلڪل صحيح هئين. ملٽري سيڪريٽري بہ ساڳي ڳالهہ ڪئي آهي. تنهنجا خدشا بلڪل درست هئا پر فڪر نہ ڪر مان ڳالهہ کي ٺيڪ ڪري سگهندس. اهو بئرسٽر مون سان گڏ انگلينڊ ۾ پڙهندو هو ۽ هن کي جي. ايچ. ڪيو سان واقف ٿي مون ڪرايو هو“ هن ڪجهہ منهنجي باري ۾ چيو جو هٿي وقت لکندس.

- قاضي عابد صاحب فون ڪيو تہ اڄ تہ ڪچهري ڪريون. رات جا ست وڳا هئا. مان ۽ رباني صاحب هن وٽ ڪار ۾ گڏجي وياسون. هو اسلام آباد مان موٽيو هو. هن ٻڌايو تہ ڀُٽي صاحب ڪمزوري ۽ جي باوجود سپريم ڪورٽ ۾ يارنهن ڪلاڪ تقرير ڪري آخر ۾ چيو ”جناب والا! ڪنهن شخص لاءِ هڪ بادشاهہ حڪم ڪيو تہ هن جو سر لاٿو وڃي. حڪم کان پوءِ هن کان پڇيائين تو کي ڪائي وصيعت ڪرڻي آهي.

”ها. رڳو اهو عرض ڪرڻو آهي تہ منهنجو سر گردن وٽان نہ. ڇيلهہ وٽان ڪپيو وڃي. جيئن سيني ڪپيل سِرن ۾ منهنجي گردن سرفراز نظر اچي.

ماءِ لارڊ! منهنجي اوهان کي ساڳي گذارش آهي.“ اها ڳالهہ ٻڌي ڪورٽ ۾ موجود سوين مرد ۽ عوتون روئي پيا هئا. منهنجو رومال بہ پسي ويو.

- **ٽين اپريل 1979ع جي شام**

حيدرآباد جو ايڊيشنل سيشن جج غلام مصطفيٰ شاهہ منهنجو ڏهہ سال جونيئر رهيو هو (ڪجهہ سال اڳ جڏهن هو سنڌ جو هوم سيڪريٽري هو تڏهن ڪئنسر جي موذي مرض ۾ گذاري ويو.) هو سلطان ڪوٽ جو هو. آغا غلام نبي،

وائيس چيئرمين سينيٽ هو ۽ غلام مصطفيٰ شاهه هن جي سيني مائٽن جو دوست ۽ همر سايو هو. انهيءَ حيدرآباد مان فون ڪري چيو تہ "استاد! رات جي ماني مون سان کائين تہ چڱو". مان هن وٽ اڪيلو پهتس تہ هن چيو تہ "آغا غلام نبيءَ کي جناب پير بخش ڀٽي فون ڪيو آهي تہ ڳڙهي خدابخش ۾ پُر اسرار چُرپُر ٿي رهي آهي ۽ ڪجهہ ماڻهو هنن جي خانداني قبرستان ۾ بہ ويا آهن."

مان جڏهن غلام مصطفيٰ وٽان موٽيس تہ پنهنجي ڊرائيور يعقوب کي چيم: "اڄ ڀٽي صاحب جي زندگي خطري ۾ آهي. هن لاءِ دعا گهرجانءِ!"

- **ٽين اپريل 1979ع جي رات**

مان ۽ رباني وي. سي هائوس جي لان تي 3 بجي رات تائين گهمندا رهياسين. نہ اسان کي ننڊ ٿي آئي، نہ ستارن کي ننڊ ٿي آئي. رات جي راڻيءَ جي سڳنڌ. ڀٽي صاحب جي سڳنڌ وانگر ڦهليل هئي پر اڄ ڪيڏو نہ پريشان ڪندڙ هئي!

- **4 اپريل 1979ع 10 بجہ صبح**

الله بخش سومرو حيدرآباد جو ڪمشنر هو. اُن وي سي آفيس ۾ فون ڪيو. "اياز صاحب! نوين بجي واريون خبرون ٻڌو!"

منهنجي دل ڪري پئي، مون هن کي چيو "ڏهين بجي هندوستان ٿو ٻڌان" مان سمجهي ويس تہ ڇا ٿيو آهي.

ڏهين بجي هندوستان جي ريڊيو تان آيو:

"پاڪستان ۾ ڀٽي کي ڦاسي ڏني وئي..........."

مون ريڊيو بند ڪري ڇڏيو. "ڇا ڀٽي جو آواز بہ ريڊيو وانگر بند ٿي ويو؟" مون سوچيو. ڀٽو سراپا آواز هو. جو عوام ۽ خواص ٻئي عزت سان ٻڌندا ها. اهڙي شخص جو آواز مرندو نہ آهي. جڏهن مان بينظير کي ٻڌندو آهيان تہ ڀٽو اکين اڳيان ايري ايندو آهي.

**بنا کردند خوش رسمي بہ خاک و خون غلط يدن،**
**خدا رحمت کند آن عاشقانِ پاک طنيت را.**

(خاڪ ۽ خون ۾ ليٽڙڻ جي چڱيءَ رسم جي بنياد رکي ويا.
خدا انهن پاڪ طنيت عاشقن تي رحمت ڪري)

*(اسپيشل ايڊيشن 4 اپريل 1994ع)*

# آرٽ جي دنيا[1]

حڪومت پاڪستان جمعي ۽ ڇنڇر تي ڇُٽي ڪئي آهي. ڇا هڪ صحافيءَ کي اخلاقي ڇُٽيءَ (Moral holiday) جو حق نہ آهي؟ مان روز سياست مان وهہ جي وٽي پيٺان ٿو ۽ ايڊيٽوريل لکان ٿو. اڄ تہ ان ۾ موڪيءَ جو مدّ سمايان ۽ پنهنجي آرٽ جي مطالعي جي باري ۾ لکان! پاڪستاني عوام چغتائيءَ، فيضي رحمين، صادقين وغيره جي نالن سان تہ آشنا آهي ۽ ڪراچيءَ، لاهور ۽ اسلام آباد ۾ جديد آرٽ جون نمائشون ٿين ٿيون پر سنڌي عوام تہ ٺهيو پر سنڌي دانشوَر بہ آرٽ سان آشنا نہ آهن. هتان جا شاعر اهو بہ نہ ٿا ڄاڻن تہ مغرب ۾ مصوري شاعريءَ تي اثر ڪندي هئي ۽ شاعري مصوريءَ تي اثر ڪندي هئي ۽ شاعر ۽ مصور گڏجي تخليقِ فن جا نظريا ٺاهيندا ها. هينئر منهنجي اڳيان ٽيهن مصورن تي ڪتاب رکيا آهن، جن مان اڪثر جو پئرس سان واسطو رهيو آهي. نشٽي چيو هو تہ:

As an artist a man has no home in Europe save in Paris.

(ترجمو: هڪ آرٽسٽ کي يورپ ۾ پئرس کان سواءِ ٻئي هَنڌ گهر نہ آهي)

اهي ٽيهہ مصور هيٺيان آهن.

پهريون آهي مانيٽ (Monet): جو 1840ع ۾ ڄائو ۽ 1926ع ۾ گذاري ويو. هو تصوريت پسند (Impressionist) هو هن جي مشهور تصوير ’فراگ پانڊ‘ (The Frog Pond) منهنجي اکين اڳيان آهي. اهو پئرس جي سين درياءَ ۾ هڪ ڪليل فضا ۾ ڪئفي (Open Air Cafe) هيو جتي ماڻهو سين ۾ وهجندا بہ ها ۽ ٻيڙيون بہ هلائيندا ها. اُن جي سامهون ماني جو قول آهي تہ ”تون جڏهن بہ مصوري ڪرين تہ اهو وساري ڇڏي تہ تنهنجي سامهون ڇا آهي، هڪ وڻ آهي يا پوري ٻني آهي رڳو اهو سوچ تہ اُتي چؤڪور نيراڻ آهي، يا مستطيل پيازي رنگ آهي، اجهو

[1] آرٽ جي دنيا‘ سري سان شيخ اياز شروعاتي 3 قسطون ايڊيٽوريل ۾ ڇپيون، باقي 3 قسطون مضمونن واري جاءِ تي ڇپيون. ترتيب وقت پاڻ هنن سڀني کي مضمونن ۾ شامل ڪرڻ تي متفق هئا — قاضي منظر حيات.

هي پيلي رنگ جي ليڪ آهي، ان جي مصوري ائين آهي جيئن اُها تُنهنجي مشاهدي ۾ اچي ٿي.“

مشهور ناول نگار ايملي زولا چيو هو ”تصوريت پسند مصورن ۾ ڪلادي ماني (Claude Monet) جنهن دؤر جو مصور آهي، اُن دؤر جو هن کير ڏاتو آهي، جيئن ٻار ماءُ جو کير ڏائيندو آهي. هو پنهنج ماحول ۾ وڏيو آهي ۽ وڌندو رهندو.“ ماني جون ٻيون بہ ڪيئي تصوريت پسند تصويرون منهنجي اکين اڳيان آهن. ’پاڻيءَ ۾ نيلوفر جا گُل‘، ’ايپتيءَ (Epte) تي ٻُهڻ جا وڻ‘، ’آرجينتي يوئل (Argeteuil) لڳ گلِ لالان‘، ’چوڪري ڪڙڪيءَ ۾‘، ’گاهہ تي بہ پهري‘، ’بيڙيءَ ۾ اسٽوڊيو‘ ۽ ’لزاري(Lazare) اسٽيشن‘. مان ڄاڻان ٿو تہ ايڊيٽوريل لاءِ هي موضوع سنڌ ۾ اجنبي آهي پر اڄ مان ڇُتي ملهائي رهيو آهيان ۽ اوهان کي پاڻ سان آرٽ جي سير سفر تي وٺي وڃي رهيو آهيان.

ٻيو مصور، جو منهنجي اڳيان آهي، اُهو آهي **ليونارڊو ڊاونچي**، جو نہ رڳو موناليزا جو عظيم مصور هو پر هڪ شاعر، انجنيئر، بحري حياتيات جو ڄاڻو (Marine Biologist)، ٽيڪنيشن ۽ اهو انسان جنهن پهروين پيرو هوائي جهاز جو تصور ڏنو ۽ جنهن پهريون ڀيرو سوچيو هو تہ انسان اُڏامي سگهي ٿو. هو پهريون علم بدن (ائناٽامي) جو ماهر بہ هو ۽ سپاهي بہ هو. ليونارڊو جهڙي گهڻ ڪُنڊي شخصيت دنيا اڃا پيدا نہ ڪئي آهي. ها، هندستان ۾ **امير خسرو** ڪنهن حد تائين هُن وانگر هو. ستار جو موجد، موسيقيءَ ۾ خيال جو باني، فارسيءَ جو عظيم شاعر، هندستاني شاعريءَ جو پايو رکندڙ جنهن غزل جون هيٺيون سٽون چيون آهن:

”سکھی پیا کو جو میں نہ دیکھوں توکیسے کاٹوں اندھیری رتیاں.“

جنهن هنديءَ ۾ دوها ۽ ڪهہ مڪرنيون (ڳجهارتون) لکيون هيون، جي اڄ تائين عوام جي چپن تي آهن ۽ جنهن هڪ سپاهي جي حيثيت ۾ جنگين ۾ ٻهرو ورتو هو ۽ سلطان محمد جي شهادت تي هڪ لرزه خيز مرثيو لکيو هيو. ليونارڊو جي باري ۾ ڪنهن آرٽ جي نقاد لکيو آهي:

”ڪيئي مرد ۽ عورتون عجيب و غريب خاصيتن ۽ وصفن سان پيدا ٿين ٿا. ڪڏهن ڪڏهن ڪنهن انسان کي خدا حسن، لطف و فضل ۽ ذات ايڏي گهڻي ٿو ڏئي جو هو ٻين کي گهڻو پُٺتي ڇڏي ٿو وڃي، هن جي سيني عملن پٺيان ڪوئي جذبو ڪارفرما آهي ۽ سچ تہ جيڪي ڪجهہ هو ڪري ٿو، خدا وٽان اچي ٿو ۽ نہ انساني آرٽ مان.“

ٽيون مصور جو ڇڻ منهنجو همراهہ آهي، اهو آهي **وان گوگ**، جو ٽتيءَ اُس ۾ سورج مُکي جا کيت پنهنجي ڪئنواس تي اُٽيندو هو ۽ جنهن جي تصويرن ۾

برش جا جهٽڪا (Brush strokes) ائين ڏٺل آهن، ڄڻ توانائي (Energy) ڪئنواس تي ڊوڙي رهي آهي. مون هن جو نثر ۾ ڪيئي ڀيرا ذڪر ڪيو آهي ۽ هن تي تي نظم بہ لکيا آهن. ڪنهن فرينچ نقاد هن لاءِ چيو هو:

".....علم مان نڪتل هر نتيجي کان دُور اڪادميءَ کي جي بہ اُصول پيارا آهن، اُنهن ۽ پنهنجي فهم و شعور کان بي پرواهہ هو پنهنجو پاڻ کي بلڪل فراموش ڪري ڇڏي ٿو ۽ پنهنجي چوڌاري هڪ متحرڪ منظر ڏسي ٿو جنهن کي پنهنجيءَ اٽوٽ ڪُليت (Indivisible totality) ۾ سمائي ڇڏي ٿو."

هن جي نهايت مشهور تصوير 'پٽاٽا خور' (Potato Eaters) منهنجي اڳيان آهي جنهن جي باري ۾ هن پنهنجي ڀاءُ ٿيو (Theo) کي لکيو هو: "مان ان ڳالهہ تي زور ڏنو آهي تہ اهي ماڻهو جي بتيءَ جي روشنيءَ ۾ پٽاٽا کائي رهيا آهن، اُنهن ڌرتي پنهنجن هٿن سان کوٽي آهي، جن سان اُنهن اهي اوباڙيل پٽاٽا ٿالهيءَ ۾ رکيا آهن. اُها تصوير انسان جي جسماني پورهئي جي باري ۾ ڳالهائي ٿي ۽ اهو ڏيکاري ٿي تہ هنن ڪيئن ديانتداريءَ سان پنهنجي روزي حاصل ڪئي آهي."

چوٿون مصور آهي رينوا (Renoir). هو بہ تصوريت پسند هُو ۽ ماني جو ساٿي هو. هن شاهڪار ""Ball at the Moulin De la Galette مولن دي لا گالي پئرس جي هڪ محلي مان مارتري (Mont Martre) ۾ ناچ گهر هو جو هِن پن- چڪين جي پرسان ناهيو ويو هو. ان شاهڪار ۾ ايترو خوبصورت ناچ ڏيکاريل آهي جو اُن کان متاثر ٿي مون پنهنجو نظم 'ناچ ڪر' لکيو هو.

رينوا ريفل (Raphael) جي تصويرن جي باري ۾ لکيو هو، "مان اُهي روم ۾ ڏٺيون هيون. اُنهن ۾ ڪافي چابڪدستي ۽ دانش مندي هئي. هُو مون وانگر ناممڪنات جي پٺيان نہ هيو پر هن جون اُهي تصويرون خوبصورت هيون." رينوا جون تصويرون 'جهُولو'، 'وهنجڻ وقت ڳاڙهن وارن واري عورت'، 'بهراڙيءَ ۾ ناچ'، 'شهر ۾ ناچ'، 'وهنجندڙ وَنيون' ڏسي ائين ٿو لڳي تہ ڏسندڙ انبن ۽ زيتونن جي باغ کي ڏسي رهيا آهن.

پنجون مصور آهي فلارنس ۾ 1475ع ۾ ڄايل **مائيڪل اينجيلو** جنهن آرٽ کي انساني جسم جي مصوريءَ لاءِ ڪم آندو ۽ اُن جو ڪوئي اشارو ڪائي جنبش نہ ڇڏيائين، جا تصويرن ۾ نہ آندائين. هن جون تصويرون سينٽ جان سان گڏ مقدس خاندان ۽ خاص ڪري سسٽين چئپل (Sistine Chapel) جي گنبذ ۽ ديوارن تي تصويرون (Frescoes) انسان کي حيرت ۾ وجهي ڇڏن ٿيون ۽ اهو واضح ڪن ٿيون تہ هڪ جينيس پنهنجي شخصيت ۽ فن جي اظهار لاءِ ڪئن آرام کان سواءِ مسلسل محنت ڪري ٿو.

ڪائنات جي باري ۾ هن جي مصوري عقل چرخ ڪري ڇڏي ٿي. 'پوئين'

فتوي (Last Judgement) 'سينٽ برٿال ميو'، 'گنگهار'، 'ملان جو روز شر'، 'سينٽ پال جي انابت ۽ سينٽ پيٽر جي تصليب' اهڙا نقش آهن جي دل تي پاينده تاثر ڇڏي ٿا وڃن.

ڇهون مصور اهي بروگيل (Bruegel). هو جنوني يورپ ۾ 1525ع ۾ پيدا ٿيو ۽ 1567ع ۾ گذاري ويو. هن جي زندگيءَ جي ڄاڻ گهڻي نه آهي. هن جو دؤر ڇڙ آگ جي چڪر ۾ پيدا ٿيو هو. ائين ٿو لڳي ته هن ساري دنيا جي ننڍين تصويرن (miniatures) جي مصوري ڪئي آهي. جن کي ڏسي غالب جو هيٺيون شعر ياد اچي ٿو:

بازیچۂ اطفال ہے دنیا مرے آگے
ہوتا ہے شب روز تماشا مرے آگے

هن جي تصوير 'موت جي فتح' جيتري هيبت خيز آهي اوتري عبرتناڪ آهي. 'برف ۾ شڪاري'، 'ڏڻ جي موٽ' 'هارين جو ناچ' 'هارين جو وهاڻ' وغيره نهايت پياريون تصويرون آهن.

هاڻي اچان ٿو انگريز مصور ٽرنر (Turner) تي. جو لنڊن ۾ 1775ع ۾ڄائو هو. هن جي مصوريءَ ۾ فطرت نگاري ائين آهي جيئن منهنجي شاعري ۾ آهي. ڪي انسان وقت کي بيهاري ڇڏن ٿا. شفق کي آسمان تان لاهي اچن ٿا. ڊنڊين ڊورن مان پاڻيءَ پيئندڙ روجهڙن کي ڪارونڀار ڪڪرن ڏانهن ڪاهي وڃن ٿا ۽ هن ڪائنات جي دوئي ملياميٽ ٿي وڃي ٿي ۽ ان مان وحدت جو نور نيسارا ڪري وهي ٿو. جان رسڪن (John Ruskin) ٽرنر لاءِ چيو هو ته: "اڄ منهنجو هن سان تعارف ڪرايو ويو جو پنهنجي دؤر جو عظيم ترين انسان هو. ساڳي وقت مصور ۽ شاعر به هو. مون ڏٺو ته هو سودائي، تيز طبيعت وارو سڌو سنئون انگريز هو. هو نيڪ نيت هو اهو ظاهر آهي، هو چيڙاڪ هو اهو به ظاهر آهي ته هن کي هر واهيات ڳالهه تي چڙ ايندي هئي.

ٽرنر جون تصويرون 'جهاز جي غرقابي'، 'بٽر ميئر ليڪ (Buttermere lake)' 'والٽن پُل جي پرسان ٽيمس ندي' 'برفباري جو طوفان' ۽ ٻيون تصويرون جن ۾ خاموش سمندر جو منظر ڏيکاريو ويو آهي يا پارڪ ۾ هرڻ ۽ ڦاڙها ڍوري مان پاڻي پيئندي ڏيکاريا ويا آهن. نهايت خوبصورت آهن. عجب ته مون کي هن جي اُها تصوير ڏسي آيو جنهن جو عنوان هو 'هائوس آف لارڊس ۽ ڪامنس کي باهه' 16 آڪٽوبر 1834ع جي شام جو انگلينڊ جي پارليامينٽ کي باهه لڳي هئي. جا ذري گهٽ ساري جلي وئي هئي، ماڻهن جو هجوم ڪنو ٿي ويو هو. جڏهن پارليامينٽ جي ڇت ڪري هئي ته ماڻهن تاڙيون وڄايون هيون. ٽرنر جي تصوير ۾ عوام پس منظر ۾ آهي ۽ اهو سارو اُفق کي ٻن اڌن ۾ ورهايو ويو آهي، هڪ پاسي پُل جي ونگ ۽ ٻي پاسي ويسٽ منسٽر ائبي جو قبرستان آهي. ٽري جي هڪ

ڪُنڊ ۾ ڪجهه بيڙيون وجي رهيون آهن.

انون آرٽسٽ آهي **تلوس لوترڪ**. جنهن تي لکيل ناول 'مولان روش' مون کي جوانيءَ ۾ ائين سوداءُ ڏنو هو. مون ڪيترن ئي ڪتابن ۾ هن جو ذڪر ڪيو آهي. ڳاڙهي بتيءَ جي ايراضي جا رهاڪو هن جو خاص موضوع ها. 'رودي مولن وٽ سئلون' (The salon at rue Des Molin) 'زان ائورل' 'مولاش روش ۾' وغيره هن جا شهپارا آهن. پوئين شهپاري ۾ ڪئفي ۾ طوائفون ۽ اُنهن جا گراهڪ شراب نوشي ۽ گفتگو ڪري رهيا آهن.

نائون مصور آهي **ڪارا واگاگيو** (Cara vagagio)، جو مِلان ۾ سال 1571ع ۾ جائو هو. هن مصوريءَ ۾ وڏو انقلاب آندو هو. هو شدت پسنديءَ جي حد تائين حقيقت جو مصور هو ۽ هن جي حقيقت پسندانہ ۽ ڊرامائي طور روشن تصويرن رينيسانس جي مصوريءَ کي بدلائي وڌو. 'ميوي جي ٽوڪري سان ڇوڪرو' 'مصر ڏانهن فرار جي دوران آرام' هن تصوير ۾ خالق حقيقيءَ جي هن نايدار دنيا ۾ موجودگي ڏيکاري وئي آهي. بي بي مريم ۽ جوزف پار کي نهايت نفاست ۽ محبت سان ڏسي رهيا آهن. هنن جي پنيان هنن جي سواري آهي ۽ اُن جي پنيان فرشتو آهي. سينٽ ميٿيوءَ جي شهادت ۽ سينٽ پيٽر جي تصليب ۾ بہ اُهي انسان ڏيکاريا ويا آهن. جي حقيقي لڳن ٿا. 'ايماس ۾ رات جي ماني' (The Supper at Emmas) ۾ يسوع مهمان سراءِ ۾ ڏيکاريو ويو آهي. ميز تي ميوي جي ٿالي رکي آهي ۽ ڪيفيت اها محسوس ٿي رهي آهي تہ خدا انسان کان دور نہ آهي ۽ پنهجي ابدي شان شوڪت سان آسمان ۾ نہ آهي پر ڌرتي تي آهي ۽ اُنهن سان گڏ اُنهن جا عذاب وندي رهيو آهي.

ڏهون مصور آهي **ڊيگاس** جو حقيقي دنيا کي جادونگريءَ ۾ بدلائي ڇڏي ٿو. هن جو گهرو مطالعو ۽ تجزيو ضروري آهي. هن صورتن ڏانهن نهايت گوڙهو ڌيان ڏنو آهي. اُنهن جا مختلف اشارا ۽ ڪيفيتون مصور ڪيون اتائين. نچڻيون، ڳائڻيون، ڌوبياڻيون ۽ بين خوبصورت عورتون هن ڪافي دلچسپيءَ سان ڪڍيون آهن. هن جون مشهور تصويرون 'بيليلي خاندان' (Bellelli Family)، 'اوپيرا آرڪيسٽرا'، 'نيو آرلينس جي ڪپهه بازار'، 'ناچ جو ڪلاس'، 'ڦٽوتو ڏيندي زالون'، 'ائبسنٿ (فرينچ برانڊي)'، 'ائمبنسيڊر هوٽل ۾ ناچ' وغيره هُن جون مشهور تصويرون آهن.

اجا ويهہ بيا مصور رهيل آهن. ايل گريڪو روسو ڪنسٽبل، گوگن، گويا، فرا ائنگليڪو بونارڊ، ريمبران، ڪِلمِ، هوگارٿ، ريفل، براڪيو مٿسي، گيوتو لاطورڊيوڊ، سيزان، ويلاس ڪيو ٿاگال، گيرورگون مون کي انهن سيني تي لکڻو آهي. جي هيءَ قسط ڦبي وئي ۽ پڙهندڙ ٿڪجي نہ پيا تہ بہ بيون قسطون بہ لکندس.

فرانس جي مشهور آرٽ گئلري لور (Louvre) فرينچ اسيمبليءَ کان ايئن زياده اهم آهي جيئن پٽ شاهه سنڌ اسيمبليءَ کان وڌيڪ اهم آهي. سياست دان گهڙي جا گهاڙو ٿيندا آهن. مصور ۽ شاعر صدين جا جڙوتا ٿيندا آهن. آرٽسٽ ڪا ڳالهه ثابت نه ڪندا آهن. هن کي ثابتيءَ جي ضرورت به نه هوندي آهي. هو ڳالهيون ڄاڻندا آهن ۽ سندن تخليقون ان ڳالهه جو زنده ثبوت هونديون آهن. انهن جي تخليق مان صدين جا پروڙ پوندا آهن. ويجهو ۽ پراهون مستقبل جهلڪندو آهي. سياست عارضي آهي، آرٽ دائمي آهي. سڀ کان وڏي ڳالهه اها آهي ته آرٽ جو وطن نه آهي، قوم نه آهي، نسل نه آهي، اُن ۾ اها آفاقيت آهي جا سڀ کي آغوش ۾ ڇڪي ٿي ۽ انسانيت جو سبق ڏئي ٿي.

❊❊❊

هن صديءَ ۾ انسان جي اسان هٿان ايتر تذليل ٿي آهي، هن ايتري قتل و غارت ڪئي آهي ۽ بغض و نفرت ڦهلائي آهي جو سياست ۽ رياست لفظ کان ئي ڪرپ ٿي اچي ۽ چاهيان ٿو ته صحافت کي وري آرٽ ڏانهن موڙيان. پهريون ته برصغير جي ادب تي ويهارو ايڊيٽوريل لکڻ جو خيال هو پر پوءِ مون سوچيو ته آرٽ جي دنيا تي ٻي قسط لکان. پهرين قسط اڳي ئي ڇپجي چڪي آهي. آرٽ محبوبه جي آغوش وانگر ٿئي ٿو. جتي انسان زندگيءَ جو سارو رنج ۽ الم وساري ٿو ڇڏي، آرٽ ۾ ماڻهو ڪڪر ڪارونيار تي سوار آهي ۽ چنڊ هن جو ماڳ آهي. ڌرتيءَ جا ڏک ڌرتيءَ تي رهجي وڃن ٿا ۽ اُتي پهچي نه ٿا سگهن. جتي آرٽ منزل انداز آهي ۽ روح ان سان محو گفتگو آهي. آرٽ ۾ سمائجي ماڻهوءَ جو ماس ماس نه ٿو رهي. جسم روح ۾ بدلجي وڃي ٿو. اُها اُڃ، جا نه پاڻيءَ جو پيالو لاهي سگهي، نه شراب جو اُڃهي وڃي ٿي، چو ته آرٽ آب حيات آهي پر اهو هر ڪنهن جي مقدر ۾ نه آهي.

اڳي ڏهن آرٽسٽ تي مون لکيو هو. يارنهون آرٽسٽ، جنهن جو ڪتاب مون اڳيان پيو آهي سو آهي ايل گريڪو. هو يوناني شاعر ڪازان زاڪس جي وڏن مان هو ۽ جنهن پنهنجيءَ آتم ڪهاڻيءَ جو نالو 'گريڪو کي رپورٽ' (Report to Greco) رکيو آهي چو ته هن ڪتاب جي شروعات ۾ چيو هو ته جي مان پنهنجي زندگيءَ جو حساب ڪتاب ڪنهن کي ڏيڻ لاءِ بڌل آهيان ته اهو فقط گريڪو کي ڏيڻ لاءِ بڌل آهيان، جيئن آنءُ چوندو آهيان ته آنءُ اعمال نامو فقط پيتائيءَ اڳيان پيش ڪندس. هو ئي ان کي سمجهي سگهندو ۽ منهنجي ڪمي پيشيءَ کي نظرانداز ڪري ڇڏيندو.

آرٽ جي فرينچ نقاد زان ڪاڪشو ايل گريڪو (El Greco) جي باري ۾ چيو آهي: "غيب جي اسرار مان گريڪو ايترا پيلا ۽ ڳاڙها رنگ هٿ ڪيا جي نه

رڱو پرپور آهن پر دنيوي نہ آهن، مارواڻي آهن، جن کي فقط هُو ڄاڻي ٿو. هو اُنهن کي استعمال ڪري ٿو جيئن فرشتا ڪنهن نقاري کي استعمال ڪندا هجن. هن جا ڳاڙها ۽ پيلا رنگ ڪنهن ڏُن وانگر مُڳرمان تي وڄن ٿا جن کي ٻُڌي مُئا پنهنجيءَ ابدي ننڊ مان جاڳي پون ٿا، پنهنجا هٿ اسان ڏانهن اُڀا ڪن ٿا ۽ پنهنجي پنهنجي مرقد ما ڪفن ڦاڙي نڪري اچن ٿا."

ايل گريڪو 1541ع ۾ ڪريٽ جي ڳاديءَ ۾ ڄائو هو. جتي هو روس ڪئٿولڪ مان هو.

هو چاليهہ سال اسپين رهيو. جنهن سان هن جي محبت ٿي وئي، اها رهائش هن جي آرٽ تي اثرانداز ٿي. هن لاطيني ۽ يوناني ادب ۾ تعليم پرائي ۽ يونانءِ روم جي ڪلاسيڪي آرٽ تي موهجي پيو. چڻ صدين کان مغربي يورپ ۾ جي تغير آيا ها، هو اُنهن کان ڪٽيو رهيو هو. هُو مغربي ۽ مشرقي يورپ جي چوراهي تي هيو ۽ بازنطيني آرٽ کي بلڪل مسترد نہ ڪيو هيائين. 1567ع ۾ هو وينس آيو ۽ وينيشن (Venetian) آرٽ جو عظيم مصور تسليم ڪيو ويو. 1570ع ۾ روم آيو جتي مائڪل اينجلو ۽ ريفل جا عظيم شاهڪار غور سان مطالع ڪيائين، اُتي هن کي آرٽسٽن ۽ علم ادب جي ڄاڻن جو حلقو هو جي ڪئٿولڪ تحريڪ جي سريت پسند (Mystical) پهلوءَ جا ڄاڻو هئا ۽ جن مستقبل ۾ هن جي تحقيق تي وڏو اثر وڌو. هو شهر ۽ شخصيتون بدلائيندو رهيو ۽ مصوريءَ ۾ پنهنجا معيار ڳاهيندو رهيو. هن جا ڪردار چڻ ڪئنواس مان ٻاهر نهارن ٿا ۽ ناظرين جي دلين جون گهرايون ڳولين ٿا. هو ٽوليڊو (Toledo) ۾ 7 اپريل 1914ع تي گذاري ويو. هن جون تصويرون 'ڪنواري مريم کي ملائڪ جو پيغام Annunciation'، 'مريم جو بهشت ڏانهن ڪڄڻ'، 'يسوع جا ڪپڙا ڦاڙيا ٿا وڃن'، 'يسوع جي نالي پرستش'، 'ڪائونٽ اورگاز جي تدفين'، 'يسُوع ڪوهسار زيتون تي'، 'يسوع جو قبر مان نڪرڻ' وغيره هن جا زندهہ جاويد شاهڪار آهن.

ٻارنهون مصور هيو روسو. (هيءُ روسو اُهو اديب نہ آهي، جنهن جي باس (Confessions) اوهان پڙهي آهي.) هينري روسو 1844ع ۾ فرانس جي اُتر اولهہ ۾ ڄائو هو. هن جو پيءُ علم نجوم جو ماهر هو. جنهن پوءِ ڏيوالو ڪڍيو هو چار سال فوج ۾ هو پر (Private) جي معمولي عهدي تي فوج کان الڳ ٿيو. شايد هُو ميڪسيڪو ۾ فرينچ فوج ۾ هو. جنهن کي اُتان جي حاڪم جي تحفظ لاءِ موڪليو ويو هو. شايد انهيءَ ڪري ئي پوءِ هن جي تصويرن ۾ جهنگ ۽ منظرن ۾ جادوءَ جو اثر آهي. (اڄان سنڌي صحافت ۾ فقط ماڊل گرلس ۽ فلم انڪٽريس جون تصويرون ڇپجن ٿيون. ممڪن آهي تہ ڪنهن وقت اُن ۾ مصوريءَ کي بہ جاءِ ڏني وڃي.) فوج جي نوڪري ڇڏڻ کان پوءِ روسو شادي ڪئي ۽ گهر ٻار وارو

ٿيو. هو پوءِ ڪسٽم انسپيڪٽر ٿيو تہ هن کي ايتري فرصت ملي، جو هو پنهنجي زندگيءَ جو نصب العين حاصل ڪري يعني مصور ٿئي. پنهنجي فن ۾ ڪافي جدوجهد کانپوءِ هو يڪتائي روزگار (Avant Garde) مصورن سان آشنا ٿيو ۽ ڪجهہ ڊراما نويس بہ هن جا دوست ٿيا. هُو ٿوريءَ پينشن تي رٽاير ٿيو هو ۽ 1893ع ۾ مفلسيءَ ۾ گذاري ويو.

هن جا مداح ٿورا هئا، نقاد گهڻا هئا پر پوءِ بہ هن کي خاطري هئي تہ هن شاهڪار تخليق ڪيا آهن ۽ هو عظيم آهي. هن جي موت کانپوءِ هن کي اُها شهرت ملي، جنهن جو هو جيئري حقدار هو. هن جون تصويرون 'جهنگ ۾ چهل قدمي'، 'شاعر لاءِ گُلن جو تحفو'، 'جنگ' (جنهن ۾ هن مايوسيءَ، غم ۽ تباهيءَ جي مصوري ڪئي آهي)، 'خواب ۾ خانہ بدوش' جا هڪ نهايت انوکي تصوير آهي، جنهن جا ڪافي سرئيلسٽ مصور شيدائي ٿي پيا هئا ۽ جنهن ۾ هڪ خانہ بدوش عورت، گٽار پاسي کان رکي ننڊ ۾ آهي ۽ هن کي شينهن سُنگهي رهيو آهي. انهن سيني کي حيرت انگيز دلڪشي آهي. چانڊوڪيءَ رات کي گهري شاعرانہ ڪيفيت آهي، پس منظر هڪ ريگار آهي ۽ خانہ بدوش عورت کي مشرقي لباس پيو آهي، ساري ڳالهہ خانہ بدوش زندگيءَ جي وارفتگي ڏيکاري ٿي. عورت جي گهري خواب آلودگي، ڪارو شينهن، عجب و غريب لباس ۽ اُن جي باري ۾ مغرب ۾ ڏند ڪٿا تہ اُن کي شينهن ڇُهي نہ سگهندو آهي، هر شيءِ جادوءَ جو اثر پيدا ڪري رهي آهي. ايئن ٿو لڳي تہ اسان اُنهيءَ غير معمولي واقعي لاءِ ترسيل آهيون جو زمان ۽ مڪان جي سرحدن کان ٻاهر ٿيڻ وارو آهي. 'نانگ کي مُنڊيندڙ جوڳڻ' جي تخليق هن جي هندستان جي سفر اُتساهي هئي. ان ۾ روسو جو تصور، رنگ، جهنگ، وڻندڙ وٽڪار ڪاٻي پاسي پاڻيءَ جي نهر جنهن تي چنڊ جي چاندي چمڪي رهي آهي. چانڊنيءَ جو پاڻيءَ ۾ پاڇو ڏيان ۾ رکي، وڻ ٽڻ جو رنگ طئہ ڪيو ويو آهي ۽ انهيءَ پس منظر ۾ جوڳڻ بين وڄائي رهي آهي. وٽڪار هن جي منهن کي ڍڪي ڇڏي ٿي پر هن جون اکيون چانڊوڪيءَ ۾ پُراسرار طريقي چمڪي رهيون آهن. فطرت جي باري ۾ منهنجيءَ شاعريءَ ۾ بہ ڪيتريون ئي اهڙيون ڳالهيون آهن. روسو فرانس جي مشهور شاعر گُلومي اپالونيئر (Guillaume Appollaire) جو پورٽريٽ ڪڍيو هو، جنهن ڏانهس لکيو هو.

"پيارا روسو، اسان توکي سلام ڪيون ٿا.....

اسان کي بهشت جي شاهي دروازي مان ڊيوٽي فري (Duty free) وڃڻ گهرجي. اسان تنهنجي لاءِ بُرش، ڪنواس ۽ رنگ کڻي اچون ٿا جيئن تون پنهنجي مقدس فرصت کي استعمال ڪري، ان ريت ابدي حقيقت جي مصوري ڪري سگهين، جنهن ريت ستارن ڏانهن نهاريندي تو منهنجو پورٽريٽ ڪڍيو هو."

ان کان پوءِ ڪنسٽبل جو ذڪر اچي ٿو جنهن ٽرنر وانگر منظر نگاريءَ جي عظيم مصوري ڪئي آهي. هن هڪ ڀيري چيو، "جانده لڳ ٻنډا، جن مان پاڻيءَ جو پڙلاءُ ايندو آهي، بيدمشڪ جا وڻ، پراڻا ڦرها، ترڪڻا تڙ ۽ پڪ سري او ساري اهڙيون ڳالهيون مون کي پياريون لڳنديون آهن. انهن ئي مون کي مصور بڻايو. مان انهن جو احسان مند آهيان."

جان ڪنسٽبل سفوڪ (Suffolk) ۾ 11 جولاءِ 1776ع تي ڄائو هو. ٽرنر سير و سفر ڪافي ڪيو هو پر ڪنسٽيبل انگلينڊ مان ٻاهر نہ نڪتو هو. هُن فطرت جي مصوري ايئن ڪرڻ ٿي چاهي جيئن هن ڏٺي هئي. هن پاڻ سان سچو رهڻ ٿي چاهيو. هن جي مصوري خوش گوار، عمدي ۽ ديانتدار آهي. هن ۾ اجائي جذباتيت، ميلو ڊراما (Melo Drama) ڪونہ هو. "هڪ ڏک ۽ ٻني اندلٺ"، "فلئٽ فورڊ مل" (Flat Ford Mill) جنهن ۾ سفوڪ جو سارو حُسن آهي. ٻنيون، واهڙ، جهر جهنگ ۽ نديون، سڀ فطري نظارا ملن ٿا. "هئمپ اسٽيڊ ۾ وڻ"، جي اهڙا خوبصورت لڳن ٿا، جهڙا واديءَ ڪاغان جا ڏگها چيل جا درخت هوندا آهن. هُن ڪڪر اهڙا خوبصورت ڪڍيا آهن، ڄڻ اهي آسمان تحفي طور هن کي موڪليا آهن. "سئلزبري ڪئٿيڊرل"، "برائيسٽن بيچ" (جتي آنءَ ويو هوس)، "مڪئيءَ جي ٻني"، "گليب فارم" (Glebe Farms) وغيره هن جا اهڙا شاهڪار آهن، جو دل چاهي ٿي تہ انهن ۾ انسان پنهنجو گهرڙو اڏي ويهي ۽ غالب وانگر "پيڪرِ تصوير" جي پيرهن کي "ڪاغذي" نہ سمجهي.

(نوٽ: ديوانِ غالب جو پهريون شعر آهي:

نقش فریادی ہے کس کے شوخیء تحریر کا
کاغذی ہے پیرہن ہر پیکر تصویر کا۔

ترجمو: نقش ڪنهن جي تحرير جي شوخيءَ جي فرياد ٿو ڪري؟
هر تصوير جو پاند ڪاغذي يعني ناپائدار آهي).

ڪنسٽيبل جو ميريا نالي ڇوڪريءَ سان عشق هو جنهن سان نيٺ هن 1816ع ۾ شادي ڪئي، جا 1828ع ۾ ٻار ڄڻيندي مري وئي. اُن وقت هو مايوس رهڻ لڳو ۽ هن جي شهپارن ۾ انهيءَ ۾ مايوسيءَ جا پاڇاوان آهن. انهيءَ دؤر ۾ هن طوفانن جي مصوري ڪئي آهي. شاعر ورڊس ورٿ هُن جو دوست هو ڪجهہ سال پوءِ هن ٻي شادي ڪئي، جا هن لاءِ سهارو ٿي آئي. هن کي فرانس ۾ پنهنجي وطن کان وڌيڪ مڃتا ملي. هو 1837ع ۾ مري ويو.

چوڏهون مصور آهي پال گوگين (Paul Gaguin). هو پئرس ۾ 7 جون 1848ع تي ڄائو هو ۽ 8 مئي 1903ع تي گذاري ويو. مان هن جي عظيم ڪئنواس ڏانهن نهاري رهيو آهي، جنهن جو عنوان آهي "اسان ڪٿان ٿا اچون،

اسان ڪير آهيون ۽ ڪيڏانهن ٿا وڃون؟" هڪ ابدي سوال جو مون کي ساري عمر ستائيندو رهيو آهي، اهو گوگين جو عظيم شاهڪار آهي ۽ هن جو "آخرين عهدنامو" چيو ويندو آهي. اُهو اُن وقت کان اڳ جي تخليق آهي، جڏهن بيماريءَ هن کي توڙي وڌو هو. هُن تان هستيءَ جا خمار لهي چُڪا هئا ۽ هن ڪافي سنکيو کائي خودڪشيءَ لاءِ هڪ ناڪام ڪوشش ڪئي هئي. هن اُنهيءَ شاهڪار کي مڪمل ڪرڻ لاءِ ڏينهن رات پورهيو ڪيو هو ڇو تہ هن پنهنجي زندگيءَ جاويد لاءِ ڪائي عظيم الشان تخليق ڇڏڻ ٿي چاهي. عنوان مان ئي هن جي ذهني ڪيفيت واضح آهي. آرٽ جي ساري سمنڊ تي ڪنهن ذهني سامراج وانگر قبضو ڪيو هو. انهيءَ ۾ جيڪي بہ جسم آيا هئا، اُهي جرڪي رهيا هئا. اُها ڪئنواس ڏسي مون کي هن جي زندگيءَ تي نهايت پيارو ناول "هُنن جي جسمن جو سون" ( The Gold of their bodies) ياد آيو، جو مون جوانيءَ ۾ ساري رات جاڳي پڙهيو هو. اهو شاهڪار ڏسي اُن جي عظمت جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو پولي ان کان عاجز آهي.

آرٽ جي مشهور نقاد آگسٽ اسٽرنڊ برگ هن جي باري ۾ چيو هو "هي ڪهڙي قسم جو انسان آهي! هي گوگين آهي، وحشي انسان جيڪو سماج جي هر رُڪاوٽ کي ڌڪاريندو آهي؟ هو ماڻهو آهي، جِنُ آهي! هو اُهو تخليق ڪار آهي، جو پنهنجي تخليق سان ڪائي پيٽ برداشت نہ ڪري سگهندو آهي. هو واندي وقت ۾ پنهنجي مخلوق پيدا ڪندو آهي، هڪ ٻار وانگر جو پنهنجا هڪڙا ڪيڏوڻا ڀاهي ڀيا ناهيندو آهي."

آرٽ جي دنيا ۾ گوگين ۾ عظيم قوت هئي، هن ۾ انسان ۽ آرٽسٽ جي حيثيت ۾ بي مثال وحشت هئي. هن جون تصويرون رنگ ۽ موضوع جي لحاظ کان فطرت وانگر قديم بہ لڳن ٿيون تہ خوفزده بہ ڪري ڇڏن ٿيون. جڏهن هن جي عمر فقط بہ ورهيہ هئي، تڏهن هن جو پيءُ ساري خاندان سوڌو پيروءَ (لاطيني آمريڪا) لڏي ويو هو. هن جو پيءُ تہ سفر ۾ مري ويو هو پر هن جو خاندان پنج سال پيروءَ ۾ رهيو جنهن هن جي زندگيءَ تي پابنده تاثر ڇڏيو هو. خطِ سرطان ۽ خطِ جديءَ جو جادو هُن جي آرٽ تي ساري عمر رهيو. سورهين ورهين ۾ هو خلاصي ٿيو ۽ ارڙهين ۾ فوج ۾ شامل ٿيو. هن کي ڏنڌي لاءِ ڏات هئي. هڪ ڊين چوڪريءَ سان شادي ڪيائين، جنهن مان کيس پنج ٻار ٿيا. هن جو مستقبل سنواريل ٿي نظر آيو. هن ڪافي دولت ڪمائي هئي، جنهن مان ڪجهہ هن جديد مصورن جي تخليق خريد ڪرڻ تي خرچ ڪئي. هن جي مشهور مصور پِسارو (Pissaro) سان گهري دوستي ٿي وئي. هن آرٽ جون نمائشون ڪيون ۽ تصوريت پسندن ۾ گهري دلچسپي ڏيکاري. هڪ ڏينهن اوچتو هو الوپ ٿي ويو.

ايڊيٽوريل ڪافي لنبو ٿي ويو آهي. اُن جي انوکائي ۽ سنڌي ادب ۾ ندرت

ظاهر آهي. مون اها ئي قسط ان ڪري لکي آهي جو سنڌ آرٽ کان بنهه ناآشنا آهي. آرٽ جي دنيا سياست جي دنيا کان وڌيڪ وسيع ۽ پائدار آهي. آرٽ حُسن ۽ محبت جي تخليق آهي، سياست گهڻو ڪري بغض ۽ عناد کي جنم ڏئي ٿي. آمر آرٽ کان ڊڄندا آهن، ڇو ته آرٽ آمريت جو وڏي ۾ وڏو دشمن آهي. آرٽ آزاديءَ جو ساٿي آهي ۽ آزاد فضا ۾ ساهه کڻندو آهي. آرٽ تي ڪابه پابندي جائز نه آهي. آرٽ فقط پاڻ تي پابندي عائد ڪري سگهندو آهي . هن قسط ۾ گوگين کي اڌ ۾ ڇڏيان ٿو. هن سان پوري انصاف لاءِ ٽين قسط ضروري آهي.

***

پال گوگين جي ياد اچي ٿي ته صائب جو شعر ٿو ياد اچي.

رفتن از عالم پيرشور به از آمدن است،

غنچه دل تنگ به باغ آمد و خندان برخاست.

(ترجمو: هن پُرشور دنيا مان وڃڻ، اُن ۾ اچڻ کان چڱو آهي. مکڙي جڏهن باغ ۾ آئي ته اُن جي دل تنگ هئي ۽ جڏهن وئي ته مرڪندي وئي.)

پنهنجي اميرانه ۽ اوباش پسمنظر سان، هن کي تعمير جو ڪم ڪافي بيزار ڪندو هوندو. گوگين نيٺ فيصلو ڪيو ته يا ته هو دولت ڪٺي ڪري يا مصوري ڪري. جيئن انگريز شاعر ڊئلان ٿامس چيو هو ته شاعريءَ ۾ پيسو ڪونهي ۽ پيسي ۾ شاعري ڪانهي. گوگين به اهڙو فيصلو 1883ع ۾ ڪيو جڏهن هن جي عمر 36 سال هئي. هو برلن ڏانهن اوچتو هليو ويو جيئن ڪُل وقتي مصور ٿئي. هُن زال کي به نه ٻڌايو. هن جي حالت اُها هئي جا هندي شاعر ڀرتري هريءَ جي اُن وقت هئي، جنهن وقت هُن راڄ ڀاڳ تياڳيو هو. اها ڳالهه آهي ته ڀرتريءَ هري جي جيءَ کي جهوبو آيو هو ڇو ته هن جي راڻيءَ هن سان نياءُ نه ڪيو هو. گوگين کي مصوريءَ جو جنون هو. اُها ئي ته هن جو خاندان هئي، هن جي مال دولت هئي، هن جي جند جان هئي. هن ٻهريون ته ڪنيون ڪيل جديد آرٽ جون ٻين مصورن جون تصويرون وڪيون ۽ پنهنجي خاندان کي خرچ پهچايو. هن پنهنجين تخليقن لاءِ به بيانو ورتو پر هو انهيءَ ۾ گهڻو وقت ڪامياب نه ٿيو. هڪ بئنڪر جي آسودي زندگي ڇڏي، هن بُک جون ٻڙهيون قبول ڪيون. هن جي زال پنهنجا ٻار وٺي ڪوبن هيگن هلي وئي ۽ ٻنهي ۾ ڇڪتاڻ گهٽي وڌي ويئي. آرٽ هن ۾ واسو ڪري ڇڪو هو. دنيا جو ڪوئي واس ڏوپ نه آهي جو اُن مان آجڪائي ڏئي سگهجي.

1886ع ۾ هو برٽني وڃڻ لڳو ڇو ته اُن جي فطري پس منظر هن کي ڪافي ڪشش پئي ڪئي. اُتي ڀهراڙين جون امٽ روايتون هيون جن تي شهري تهذيب جا پاڇاوان نه پيا ها. اُتي گهاٽا جهنگ، موهيندڙ نظارا ها. هو ڪنهن مڇي مياڻيءَ لڳ مصور ايملي برنارڊ سان ٻهريون ڀيرو مليو جنهن جي ذات هن وانگر هئي.

تهذيب کان وڏيڪ فرار لاءِ، هو ٻئي مصور لاول (Laval) سان گڏجي اپريل 1887ع ۾ پاناما ويو جتي ڪجهه وقت پاناما ڪئنال تي مزدورن سان گڏ پورهيو ڪيائين، اُن کان پوءِ هو مارٽنيڪ (Martinique) ويو جتان هو نومبر ۾ گهر ڏانهن موٽيو خط اُستوا هن جي آرٽ کي ڪافي متاثر ڪيو. مارٽينڪ ۾ هن هڪ شاهڪار "سينٽ پيٽر وارو اُپسمنڊ" (Saint Peters Bay) تخليق ڪيو جنهن ۾ جهنگ جي نيرڻ نار اوپر آهي ۽ خط استوا جا ڀڙڪيلا 'رنگ' آهن جن هن جي ننڍپڻ جي ساروڻين سانديا هيا. ان کان اڳ هن اپريل 87ع ۾ پنهنجي زال کي لکيو هو "منهنجو آرٽسٽ جي حيثيت ۾ ناموس تہ وڌي رهيو آهي، پر حال اهو آهي جو تي تي ڏينهن مون کي ٻُک ڪڍڻي تي پوي، جا ڳالهہ نہ رڳو منهنجي صحت تي اثر وجهي رهي آهي پر منهنجي سگهہ بہ گهٽائي رهي آهي. مون کي وري سگهارو ٿيڻ گهرجي، مان پاناما ڏانهن ڪنهن وحشي جيوت لاءِ وڃي رهيو آهيان. مون کي پئسفڪ سمنڊ ۾ هڪ ٻيٽ سُجهي. مان پنهنجا برش ۽ رنگ پاڻ سان کڻي ويندس ۽ اُن زندگيءَ ۾ سمائجي ويندس، جا هتان کان نهايت دور هوندي.

هڪ خط ۾ هن آرٽسٽ ايملي برنارڊ کي لکيو. "مان ارليس (Arles) ۾ آهيان، ڀهراڙيءَ ۾ ان جي رهواسين ۾ ايتري شهريت اچي ويئي آهي، جو مان اُباٽڪو تي پيو آهيان. ونسينٽ (وان گوگ) ۽ مون ۾ ڪيترين ئي ڳالهين تي، خاص ڪري مصوريءَ تي، شديد نااتفاقي آهي. هو دائو مير (Daumir) ۽ روسو جي ساراهہ ڪري ٿو جي مون کي مور نہ آئڙيندا آهن. هو انهن مصورن کي ڌڪاري ٿو، جي مون کي وڻندا آهن. انگريس (Engres) ريفل، ديگاس- مان بہ هن کي ماٺ ڪرائڻ لاءِ چوان ٿو "استاد تون ئي نيڪ آهين." وان گوگ پنهنجي ڀاءُ "ٿيو" (Theo) کي لکيو "گوگين ۽ مان ديلاڪرو (Delacrix)، ريمبران (Renmbrant) وغيره تي ڏاڍو اتڪندا آهيون. اسان جا بحث چارج ٿيل بئٽرين وانگر هوندا آهن، ڪنهن وقت اسان جا ذهن ڪپايل بئٽرين (Spent up Batteries) وانگر ٿي ويندا آهن. گوگين کي پنهنجي مشاهدي کي ترڪيبي ۽ علامتي فارم جو جنون هو ان لاءِ هن کي فارم ۽ رنگ کي اظهار لاءِ آسان ۽ شديد ڪرڻو پوندو هو. "فطرت جو ايترو بہ اُتارو نہ ڪيو!" هو چوندو هو "آرٽ تٽ (Abstraction) آهي."

تخليقي حُسن جي باري ۾ نتيجي لاءِ نہ سوچيو ڀهراڙيءَ، اُن جي روشنيءَ ۽ رنگ وان گوگ کي موهي چڏيو پر گوگين کي اُهي نہ آئڙيا. ائين آهي تہ هن کي آرليس جا رهاڪو دل ۾ پيهي ويا، نفيس ۽ ڏاڍا جذباتي، جن ۾ هن قديم رومن قومن جو عڪس ڏٺو. پنهنجي تصوير Les Alyscamp (هڪ قديم قبرستان جو ڪرستان ڏؤر جو هو) ۾ متاهان سائي رنگ جا الڳ الڳ چانورا آهن. جيڪي

وڻن جي نارنگي پس منظر سان ڍڪو ڏيکارن ٿا. 1888ع واريون هن جون تخليقون اجا نيم روايتي هيون. پر اُنهن تي ڪافي غور و فڪر ڪيل آهي. انهن ۾ سادي، متوازن آميزش آهي، جنهن وقت اُهي بنايل سنواريل آهن، ڪنهن وقت اُنهن ۾ تصوف جي ڪيفيت آهي. مان جڏهن اهي تصويرون ڏسان ٿو ته ونجي ٿو ويجان ۽ ڪنهن جادو نگريءَ ۾ ويجي ٿو نڪران. 'خطبي کان پوءِ وِزن' (The vision after the sermon) 'هيڊو يسوع' (The yellow Christ)، انهن ۾ گوگين چاٽي واٽي غير فطري رنگ چونڊيا آهن. جن ۾ خارجي دنيا جو عڪس نه آهي. اها ڳالهه ناظرين کي شايد موزون نه لڳي پر مصور جي جذبات مان اُڀري پئي. 1892ع ۾ هن 'مارڪيٽ' جي عنوان سان روغني تصوير (Oil Painting) ڪڍي، جڏهن پئرس جي تهذيب چڙهي، ڏاڪڻي سمنڊ جي ٿي، سرل ۽ نرچل ماڻهن ۾ اچي رهيو جي نه رڳو وڏوهي پر دينيائتا به هيا. پر هو پاڻ سان به رڳو ڪلاسيڪي مغربي آرٽ جو اثر ڪڻي ويو هو پر جيڪا ويجهڙائيءَ ۾ هن غير مغربي ۽ پراچين آرٽ تي تحقيق ڪئي هئي، اها به هن جي ذهن جو حصو ٿي چڪي هئي. هن کي مصري آرٽ وڻندو هو، جو بارنظيني (Byzentine) آرٽ وانگر علامت پسندن (Symbolists) جي ڪمزوري هو. چاڪاڻ جو اُن فطرت پسندي (Naturalism) کي ڌڪاريو هو ته اُن کي سريت پسند نتيجا (Mystical Connotations) آهن. 'منجهند جي گهر' (Siesta) هن جي هڪ نهايت خوبصورت تصوير آهي. خط سرطان ۽ خط جديءَ جي قريب نهايت گرمي آهي ۽ منجهند جو ماڻهوءَ کي اک لڳي ويجي ٿي. هن پونوچ سمنڊ ۾ وان گوگ سان گڏ ٿهتي بيت تي ڪافي زندگي گُذاري. گهڻو ڪري اُتان جي پالينزين (Polenesian) عورتن جي مصوري ڪئي آهي. هو انهن جي سونهن ڏسي آپي ۾ نه ٿو سمائجي. هن کي اها ڳالهه به وڻي ته اُنهن سان آسانيءَ سان ٺئي ٿي. مٿينءَ تصوير 'منجهند جي ڳهر' جي ترڪيب ۾ گوني ڪُنڊ جي آڏو رنگين صورتون اچن ٿيون. ڪبي پاسي هڪ عورت آهي، جنهن جو ويس پيازي آهي، هڪ عورت ليٽي پئي آهي، جنهن کي گربي رنگ ڳاڙها ڪپڙا ۽ رنگ روپ آهي. پوري ڪڪي عورت جا ڪپڙا استري ڪري رهي آهي ۽ سائي پس منظر کي پيلو گلابي خاڪو آهي. گوگين جي تصوير 'بگو گهوڙو' به مون کي ڏاڍي پسند آئي. مون پنهنجي سُر ڪيڏاري ۾ 'مشڪي گهوڙا' چتيا آهن. منهنجي انهيءَ شاعري وانگر، هن تصوير ۾ به اسرار جون پرڇايون آهن. پيش منظر ۾ بگو گهوڙو آهي. جنهن جون ٽنگون نياڻ جي نيراڻ ۾ اڌ بڏل آهن. جنهن تي نارنگي پاچا پئجي رهيا آهن. وچ ۾ سرخو گهوڙو ولهار ۽ پاٽيءَ جي گهاٽي نيري ۽ جهرمر ڪندڙ رنگ جي آڏو بيٺو آهي. تصوير ۾ گوگين جي بلوغت پنهنجي انتها تي آهي.

تصوير ۾ ور وڪڙ ڄڻ بئلي (Ballet) رقص وانگر نظر ٿا اچن. اها ڳالهه بگي گهوڙي جي ڪنڌ ـ مروڙ مان ۽ اُن جي سيني مان ظاهر آهي. جو نيرين تارين جي ورائٽين ٻاهرين ليڪ لڳ آهي. تصوير ۾ رنگ حقيقت سان ڪو تعلق نه ٿا رکن. جا ڳالهه هڪ پورالي، ٻاڻ ۾ پوري منظر جي نقاشي ڪري ٿي.

انهيءَ تصوير ئي پئرس ۾ فاوزم (Fauvism) جي تحريڪ کي آرٽ ۾ جنم ڏنو ۽ انهيءَ لفظ جي معنيٰ ئي 'وحشي جانور' آهي. 'گلن واري ٿهتيءَ جي عورت'. نهايت پياري تصوير آهي. پر ان جو تفصيل اسان جي دقيانوسي معاشري ۾ ناممڪن آهي. ڪنهن کي انساني شفتالو ڏسڻا هجن ته اها تصوير ڏسي. گوگين هڪ ڪلاسيڪي قديم انسان هو. هن تصويرن ۾ انسان جي جسم کي گل انار وانگر ٻڻايو آهي. 1893ع ۾ هو پئرس موٽي آيو پر پئرس کيس مايوس ڪيو ۽ هو 1895ع ۾ ٿهتي موٽي ويو ۽ ارادو ڪيائين ته موٽي نه ويندس. هو موٽي نه ويو. فرانساز بيڪن چيو آهي ته "آرٽ نطرت ۾ انسان جو اضافو آهي" ۽ پبلو پڪاسو چيو آهي:

"There are painters who transform the sun into a yellow spot, but there are painters who, thanks to their art and intelligence, transform a yellow spot into the sun."

(ترجمو: اهڙا مصور آهن. جي سج کي پيلو ٽِڪو بڻائي ٿا ڇڏن پر ڪي مصور اهڙا آهن جي هڪ پيلي ٽِڪي کي سج بڻائي ٿا ڇڏن).

مٿيون ٻئي چوٽيون گوگين سان ٺهڪي اچن ٿيون. مان اهو به نه ٿو چوان ته آرٽ جو مقصد فقط اهو آهي ته هو انسان کي کنيي، آڪاس تي پهچائي ۽ قوس قزح جي رنگ ۾ وهنجاري. جيئن هن تان ڏرتيءَ جو سارو مير ڌوپي وڃي. آرٽ هر ويڙهو حقيقت کي مسترد نه ٿو ڪري ۽ حقيقت پسندي به آرٽ جو هڪ مرغوب نظريو آهي ۽ حقيقت پسندن نهايت اُگري حقيقت کي به اهڙي خوبصورتيءَ سان پيش ڪيو آهي، جو اُن ڏانهن دل بي اختيار ڇڪجي وڃي ٿي. ٻئي پيري هيپسانوي حقيقت پسند آرٽ گويا (Goya) تي لکندس.

⁂⁂⁂

## هسپانوي مصور گويا (Goya)

گويا ڇا نه چيو آهي:

"ساري دنيا مڪر ۽ فريب آهي. ان جا مُنهن، اُن جا روپ، اُن جا ڏيکاءَ اُن جا آواز ـ سڀ ڏوڪا آهن. هر ماڻهو ٻاڻ کي ائين ڏيکارڻ ٿو چاهي جيئن هُو نه آهي، سڀ هڪ ٻئي کي ٺڳن ٿا ۽ ڪوئي به ٻاڻ کي نه ٿو سڃاڻي". هڪ حقيقت پسند مصور جا پنهنجي دؤر جي باري ۾ ان کان ڪهڙا بهتر لفظ ٿي سگهن ٿا!

1789ع ۾ اسپين ۾ چارلس چوٿين، فرانسڪ گويا کي درٻاري مصور مقرر ڪيو. اُن کان پوءِ هن اُهي مئڪدا ڇڏي ڏنا. جتي هو اڪثر ناونوش ڪندو هو ۽ جتي ڪيئي مڏ ٻياڪ هن سان ملندا ها. هن هڪ دوست کي چيو ته. "هاڻي اُتي رين بسري ۾ آبرو نه آهي، ان ڪري مان اُتي نه ويندو آهيان." گويا جي زندگيءَ جي باري ۾ پڙهي غالب جو شعر ياد ايندو آهي:

بنا ہے شاہ کا مصاحب، پھرے ہے اتراتا،
وگرنہ شہر میں غالب کی آبرو کیا ہے۔

ترجمو: جڏهن کان بادشاهه جو صلاحڪار ٿيو آهي،
تڏهن کان آڪڙجي ٿو هلي، نه ته شهر ۾ غالب جي آبرو ڪهڙي آهي؟)

اهو گويا جي زندگي جو وڏو تضاد هو ته سياسي شدت پسند ۽ عوامي چوائڻ جي ۽ اهلِ بصيرت ۽ روشن راءِ هجڻ جي باوجود، هُن روزگار جو ذريعو مصوري ڪيو هو. هو نه رڳو اسپين جي امير طبقي جا پورٽريٽ ڪيندو هو پر ڪافي پرتشدد شاهڪار به ڪيندو هو. جن کي سياسي پيغام به هوندو هو ۽ جن ۾ پادرين خلاف نفرت جو ٿهلاءُ به هوندو هو.

گويا 3 مارچ 1746 تي اسپين جي آراگُون صوبي ۾ ڄائو هو. هن جو پيءُ هڪ ماهر طِلاڪار هو ۽ هن جي ماءُ هيٺين درجي جي اميرزادي هئي. گويا هڪ تيز مزاج ۽ جلدباز هسپانوي ٿي وڏو ٿيو، ماڻهن سان جهيڙي، ڏاندن سان ويڙهه ۽ عورتن سان عشق جو شوقين هو. انهيءَ معاملي ۾ هو ڪنهن به سنڌي وڏيرڪي ٻار کان گهٽ نه هو. مئڊرڊ اُن وقت آرٽ جو مرڪز هئي ۽ اسپين جي دولت منديءَ سبب ڪيئي آرٽسٽ اُتي ڪٺا ٿيا ها. گويا پنهنجي همعصر زندگيءَ جي مصوري ڪئي ۽ اُهي منظر چٽيا. جي هو پنهنجي اردگرد ڏسندو هو.

1770ع ۾ هو اٽليءَ ويو پر ٻئي سال اسپين موٽي آيو. هن سال کان پوءِ 'جوزا' سان شادي ڪئي، جنهن مان هن کي اٺويهه ٻار ڄايا. جن مان ارڙهن ننڍي هوندي ئي مري ويا ۽ فقط هڪ جيئرو رهيو. انڪري گويا جا پنهنجي خاندان سان تعلقات ٽڏا هيا. هو عياش ۽ عاشق مزاج هو ۽ هن جون تصويرون انساني جسم جي عبادت ڪنديون نظر اچن ٿيون. 1780ع ۾ هن کي ترقي ڏئي شاهي مصوّر مقرر ڪيو ويو ۽ هن اُهي پورٽريٽ ڪڍيا جي هن جي شهرت جو باعث ٿيا. هن چارلس ۽ هن جي زال جو پورٽريٽ ائين ڪڍيو ڄڻ ڪوئي نانوائي ۽ ان جي زال ها. جن جي تازو ڪائي لاٽري (Lottery) نڪتي هئي.

1794ع ۾ گويا جي البا جي ڊچيس (Duchess) سان محبت ٿي وئي. هن ڊچيس جا به پورٽريٽ ڪڍيا آهن، جن جو عنوان آهي Naked maja جا ڏسي مون ائين محسوس ڪيو ته جي ڪنهن آڙهتيءَ وٽان لاڙڪاڻي جي زيتونن جا

ڪيئي ٽوڪرا خريد ڪري، اُن مان ڪائي عورت ٺاهي سگهجي ته اُها ماجا وانگر لڳندي. اها تصوير ڏسي، 'زهي معيري' جو هڪ فارسي شعر ياد ٿو اچي:

رفت و نرفت نکهت گيسوئے اوهنوز
غرق گل است بسترم او بوئے او هنوز

(هو هلي ويو پر هن جي وارن جي خوشبو اڃا نه وئي آهي.
منهنجو بسترو اڃا گلن ۾ غرق آهي)

1808ع ۾ فرينچ قوم پورچوگال تي حملو ڪيو اسپين قبضي هيٺ آندي ۽ نئپولين جي ڀاءُ جُوزف کي تخت تي ويهاريو. مئڊرڊ ۾ ڪجهه محبِ الوطنن نشانيءَ طور مزاحمت ڏيکاري، فرينچ فوج پنج هزار هيسپانوي بي ڳڻتو پڪڙيا ۽ ٽين مئي تي انهن کي گوليون هڻي ماري ڇڏيو. انهي تشدد ڪري اُپپيٽ تي جنگ ڇڙي وئي. گويا جهڙيءَ ريت جنگ جا هولناڪ منظر مصوريءَ ۾ آندا آهن. اهڙي ريت اڳي ڪنهن به مصور ايتري چٽائيءَ سان نه آندا ها. انسان نه ها عئن بئن بگهڙ ۽ واگهه هيا. هنن ۾ ٻي کي چيرڻ ڦاڙڻ جا جذبا قابيل ڪان ورثي ۾ مليا ها. گويا. پاڻ هٿياربند ٿي، اُهي رتو رت لاش ڏنا ها، جئن مان 1947ع ۾ مينارام هاسٽل پٺيان گاڏي ڪاتي ۾ ۽ ڪچهري روڊ تي مارڌاڙ جا واقعا ڏنا ها.

گويا جون تصويرون جنگ ۽ انسان جي بربريت تي ناقابلِ فراموش فتويٰ آهن. حب الوطنيءَ جي نعري بازي به ساري بڪواس آهي ۽ ماڻهوءَ جي رت پياڪ سياءُ لاءِ هڪ بهانو آهي. اهڙائي خونخوار چهرا هن پنهنجي تيزاب سان نقاشيءَ Etching ۾ خاڪن 'مئي 1808ع جو ٽيون ڏينهن' (The Third day of May 1808) ۽ 'جنگ جون تباهه ڪاريون' (The Disasters of war) ۾ آندا ها. وليم شڪيپيئر هئلمت ۾ ڪهڙو نه چڱو چيو آهي.

We go to gain a little piece of ground,
That hath in it no profil but name.

(ترجمو: اسان کي حاصل زمين جو ٽڪرو ٿئي ٿو.
جنهن مان ڪوئي فائدو نه ٿو ٿئي. اها ٻي ڳالهه آهي ته اسان جو نالو نڪري ٿو.)

1814ع ۾ جڏهن بورُبون (Bourbons) واپس آيا تڏهن گويا ڪجهه وقت لاءِ سرڪاري مصور رهيو پر هو اڳي وانگر نئين رجعت پرست ماحول جو لاڏلو نه هيو. هتي ان عرصي ۾ هن ڪجهه روڳي تصويرون ڪييون. پوءِ پاڻ به بيمار ٿي پيو ۽ هن پنهنجي مشهور تصوير 'گويا ۽ هن جو ڊاڪٽر' ڪڍي 1824ع ۾ گويا صحت سڌارڻ لاءِ بورڊو (Bordeanx) جو سفر ڪيو ۽ پوءِ هو هميشه لاءِ موٽي نه آيو. اُتي هُن 1824ع کان وٺي پنهنجي موت تائين نهايت ڳنڀير پٿر جا ڇاپا (Lithographs) ٺاهيا.

1901ع ۾ هن جو جنازو اسپين موڪليو ويو جتي هو عزت سان دفنايو ويو. هن جو سر غائب هو جڏهن هن جو ڪفن کوليو ويو هو. ڇا نہ عظيم الشان موت آهي هڪ مصور لاءِ جنهن هسپانيا جي پونير مصورن کي اُتساهيو هو ۽ پڪاسو پيدا ڪيو هو!

اُن دؤر ۾ ديوارن لاءِ منقش پردن (Tapestries) جي ڏاڍي گهُر هئي.

گويا جي تصوير 'زناني ڇتي' (Parasol) هڪ منقش پردي تي بڻائي وئي جو دروازي کي خوبصورت ناهڻ لاءِ بڻايو ويو هو. ان ۾ ٻہ گڏين جهڙيون باتڪلف ڪڙيون تڙيون ڇوڪريون آهن. گويا جي پنهنجي زنده دلي ۽ حقيقت پسند نگاهہ اِن تصوير مان ظاهر آهي. ڇوڪريءَ جي منهن تي شرارت آهي ۽ ڇوڪرو جو هن جو عاشق آهي ۽ ڇتي جهلي بيٺو آهي. اُنهي جي اکين ۾ آرام ۽ راحت جي ڪيفيت آهي. هن جو رنگ چمڪ دمڪ وارو ۽ روشن آهي. پس منظر ۾ ساوا وڻ ۽ نيرو آسمان آهي. جنهن مان نہ رڳو تازگي ٽپڪي رهي آهي پر صاف شفاف لڳي رهيو آهي. ڇانو جو سائو رنگ، عاشق جو گيڙو پيوڙي رنگ جئڪيٽ (Jacket) ۽ ڳاڙهي صدري، عورت جي مٿي تي ڳاڙهي اوڙهڻي هن جي ڪنجريءَ جي نيراڻ ۽ چوليءَ جو پيلو رنگ ملي هڪ سحر انگيز فضا پيدا ڪري رهيا آهن. هن جي پيرن وٽ هڪ ڪارو ڪتڙو آهي. جنهن جي پس منظر ۾ هن جو اڇو پهراڻ آهي ۽ اُن کي بج سان ڳني لڳل آهي.

هن جي تصوير The miracle of saint Anthony of Padua جي تفصيل ۾ نہ ٿو وڃان ڇو تہ اُن تي تبصري کي سمجهڻ لاءِ عيسائيت جي وسيع ڄاڻ ضروري آهي جا سنڌ تہ ڇا پوري برصغير ۾ ناياب آهي. مان هن جي خوبصورت تصوير 'بالڪنيءَ ۾ ٽي ماجائون' (اسپين ۾ ماجا هيٺين طبقي جي حَسين ۽ پُرڪشش ڇوڪريءَ کي چوندا ها). اهي ٽئي ماجائون بالڪنيءَ جي پنيان بيٺيون آهن ۽ هيٺ ڪائي شئي ڏسي رهيون آهن جنهن تنهي جو ڌيان ڇڪايو آهي. تصوير جي پٺي منظر ۾ جا هلڪڙائپ ۽ ڊرامو آهي اهو گويا خوب ڇٽيو آهي. ٻنهي ڇوڪرين جي جادوءَ پري ۽ اوجل مُکڙن جي پنيان هڪ مرد (Majo) آهي جنهن کي نحس ۽ بدنيتيءَ وارو مهاندو آهي، جا ڳالهہ فضا ۾ اُلڪي ۽ سازش جو عنصر پيدا ڪري ٿي. ڇوڪرين جي ويس ۾ نفيس ڪلابات آهي ۽ اُنهن جون اُتساهيل اکين جي پنيان واري مرد سان ٽڪرائجن ٿيون، جو ڪاري چوغي ۾ ويڙهيل آهي ۽ هڪ پيانڪ پاڇي وانگر لڳي رهيو آهي.

'ٽين مئي' (The third of May) گويا جو عظيم ترين شاهڪار آهي، لڳي ائين ٿو تہ ڄڻ اهو ڪوئي فوٽو گراف آهي جو فلئش لائيٽ (Flash Light) ۾ ڪڍيو ويو آهي. 3 مئي 1808ع جي رات جو گويا خود مئڊرڊ جي گهٽين ۾ ڦري رهيو هو جڏهن هن ڪجهہ لاش ڏٺا ها. تصوير ڇهہ سال پوءِ هُن انهيءَ واقعي جي

يادگيريءَ مان ڪڍي هئي، اها تصوير اسپين تي نئپولين جي ظلم ۽ ستم جي عڪاسي ڪري رهي آهي ۽ 1814ع ۾ ڪڍي وئي هئي جڏهن اسپين تي نئپولين جو راڄ نہ رهيو هو. ڪئنواس تي لالٽين جي ترمرائيندڙ روشني آهي ۽ منظر ۾ هيبت ناڪ تنصيل آهي. تصوير ۾ فقط فوجين جا لوهي ٽوپ (Helmet) ۽ فولادي رائيفلون ڏيکاريون ويون آهن ۽ اُنهن جا مُنهن چِٽا نہ آهن. ان ڪري هڪ پيانڪ ڏيک نظر اچي ٿو جنهن ۾ ڪوئي ذاتي عنصر نہ آهي. ساري ڪارروائي غير انساني ٿي لڳي. سامهون بي هٿيار، هڪ ٻئي ۾ لڪل عوام آهي جي موت کي منهن ڏئي رهيا آهن. اُنهن مان هڪڙو پنهنجي مُڪ غصي ۾ مٿي ڪري ٿو ۽ ٻيو شڪست کائي، ڏرتيءَ ڏانهن جهُڪي ويل آهي. انهن ۾ جو سيني کان دلير آهي. اُهو پنهنجون ٻانهون کولي بيٺو آهي ۽ ڏسندڙن جو ڌيان پاڻ ڏانهن ڇڪائي رهيو آهي. اها جنگ جي خلاف تصويرن ۾ عظيم ترين تصوير آهي.

'The witche's Sabbath' (ڏائڻين جو سبت يا آچر يا آرام جو ڏينهن) ۾ سڀ بدصورت چهرا آهن پر اُن جي باوجود تصوير نهايت عمدي آهي ۽ ان ڳالهہ جي ثابتي آهي تہ ڪيئن هڪ تخليق ڪار بدصورتيءَ کي خوبصورتي ۾ بدلائي سگهندو آهي.

81 ورهين جي عمر ۾ گويا مئڊرڊ جو آخري سفر ڪيو ۽ پوءِ بورڊوءَ موٽي آيو. جيتوڻيڪ هن کي عمر ۽ بيماريءَ ڪمزور ڪري وڌو هو. هو بيحد توانائي سان تخليق ڪاري ڪندو رهيو. بوڊوءَ جي ماهيڙيائي، (The milkmaid of Bordeaux) هن جي اهڙي تصوير آهي جا هن جو پنهنجيءَ جوانيءَ کي آخري سلام آهي.

شاعرن ۽ مصورن جي دل سدا جوان سدا گلاب وانگر هوندي آهي جو موت تائين پيري اُنهن جي مقدر ۾ نہ هوندي آهي. هنن جو روح سدا گلاب وانگر هوندو آهي جو موت کان اڳ نہ مرجهائبو آهي. هن ڏي موت تہ اچي سگهندو آهي. پيري نہ ايندي آهي. مٿي ڄاڻايل تصوير گويا جي شاهڪارن مان آهي. جوانيءَ جي شعور جي گويا ڪيتري نہ پرستش ڪئي آهي، ان تصوير ۾ هن جي اکين ٻوٽجڻ کان اڳ ۾ اُنهن ۾ حسن جي جهلڪ ڪيڏي نہ چِٽي آهي؟ تصوير ۾ مصوري ۽ شاعري ملي ويون آهن. اُن ۾ ماهيڙيائي جو الهڙپڻو سونهن ۽ سوڀيا ڏيکارن ٿا تہ مصور جي دل ۾ اڃا زندگي ڌڙڪي رهي آهي.

مشهور انگريز شاعر ٽي ايس ايليٽ لکيو آهي:

Here I am, an old man, in a dry month.
Being read to by a boy.

(ترجمو: هتي مان آهيان، هڪ پوڙهو ماڻهو پنهنجي خُشڪ ساليءَ ۾، جنهن

کي هڪ چوڪرو پڙهي رهيو آهي!)

ٽي ايس ايليٽ جي منهنجي سامهون هجي ها ته هن کي چوان ها: ”شاعر جي جواني روان دوان ۽ جاودان آهي. سمنڊ جي ويجهو پهچي نديءَ جي رفتار ۾ تيزي اچي ويندي آهي.“

❊❊❊

زندگيءَ ۾ تصور ۽ حقيقت جي وچ ۾ اچ وڃ رهي آهي. مسلسل تحرير ۾ ڪوئي وقفو ضروري آهي. دل چوي ٿي گلاب جي شاخ کي ايترو نه مروڙ جو اها ٽُٽي پئي. پر ڇا ڪجي آرٽ جي خوشبو ايترو ڇڪي رهي آهي، جو تاريخ ۽ سياست فضول سمجهي، وري وري آنءُ آرٽ جي آغوش ۾ هليو ٿو وڃان. اڄ عظيم ڊچ مصور ريمبران (Rembrandt) تي لکان ٿو جو مفلسيءَ جون ديوارون ٽپي، حيات جاودان کي پهتو هو. هن ئي ته يهودي ڪُنوار (Jewish wife) ڪڍي هئي جا بار بار مون کي پنهنجي ڪائي ياد ڏياريندي آهي. جڇڻ هن اها تصوير منهنجي زندگيءَ جي ڪتاب مان چني ورتي هئي. ڪيئي پيرا اُن تصوير ۾ آندل ٻه صورتون سڃاڻڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي. ڇا اُهي انجيل مان اساڪ (Issac) ۽ ربيڪا (Rebecca) آهن يا جيڪب (Jacob) ۽ رشيل (Rachel) آهن؟ يا اهي ڪي ٻيا آهن؟ ڪيئن چئجي!

ريمبران لاءِ عظيم شاعر گوئٽي چيو هو ته. ”ريمبران ڪنواري مريم (Madonna) ۽ ٻار، آدرشي اطالوي نموني نه ٿو ڪڍي پر انهن ۾ ڊچ ڪسان ٿو ڪڍي، جي ننهن کان چوٽيءَ تائين پلال ۾ پريل ۽ اگڙين ۾ ڍڪيل آهن. ريڍار جڏهن پنهنجي واڙ ۾ گهڙن ٿا ۽ ڪڙهه، ڪانا، پلال يا ڪانگڙي ڏسي تعجب ڪائن ٿا ته ڇا هي ئي يهودين جو نئون ڄايل بادشاهه آهي؟“

اهو عظيم مصور ريمبران 15 جولاءِ 1609ع تي هالينڊ جي شهر ليڊن ۾ پيدا ٿيو هو. هن جو پيءُ هڪ مل مالڪ هو ۽ ڪافي خوشحال هو. 1609ع ۾ هالينڊ اسپين تي جنگ آزاديءَ ۾ فتح پاتي هئي ۽ ليڊن (Leiden) امير ترين شهرن مان هڪ هو اُتر نيدرلئنڊس جا ست پراٽيسٽنٽ صوبا، ڏکڻ جي ڏهن ڪئٿولڪ صوبن کان جدا ٿي چُڪا ها. ڪئٿولڪ صوبا اسپين جي تسلط هيٺ رهيا ها. اتر ۾ استحڪام ۽ مذهبي آزادي، اقتصادي ترقيءَ لاءِ فضا سازگار ڪري چڪا ها. ڊچ تاجر دنيا ۾ واپار تي ڇائنجي ويا ها ۽ ڊچ بئنڪاري ساري يورپ ۾ سرسي هئي.

انهيءَ دولت آرٽ ۽ خوبصورت شين لاءِ چاهه کي اهڙي سماج ۾ همٿايو جنهن ۾ روايتي سرپرستن، چرچ، رياست ۽ رئيس طبقي، سيني جي اهميت گهٽجي وئي هئي. ڊچ بورجوازيءَ کي ايتري دولت، حيثيت ۽ خوداعتمادي هئي

جيتري فرانس ۽ اٽليءَ ۾ بہ نہ ٿي ملي انهن اهڙي آرٽ لاءِ طلب ڪئي جو درباري نہ هو جنهن ۾ فقط دلپذير منظر ۽ پورٽريٽ نہ هيا پر جنهن ۾ هنن جي دولت جي عڪاسي پئي ٿي جن هنن جي دٻدٻي کي وڌايو ٿي. سرڪاري ڪئلون واري (Calvinist) چرچ تہ مصوريءَ تي بندش عائد ڪئي هئي پر خانگي سرپرست اهڙي مصوريءَ کي همٿائي رهيا ها. 1620ع ۾ ريمبران کي ليڊن يونيورسٽيءَ ۾ تعليم لاءِ موڪليو ويو پر جلد ئي اها ڇڏي هو آرٽ جي ائين ڪڍ لڳو جيئن دنيا ۽ مافيها کان بي خبر، ڪوئي نهايت خوبصورت محبوبہ جي ڪڍ لڳندو آهي.

هن ائمسٽرڊام ۾ ڪجهہ وقت مصور سوانن برگ (Swanen Berg) سان گذاريو جنهن هن جي مصوريءَ تي پائينده تاثر ڇڏيو پوءِ تہ هو استاد کان بہ گوءِ کڻي ويو. ان کان پوءِ هن بي مصور لاسٽ مئن (Last man) سان ڇهہ مهينا گذاريا جنهن جي تصويرن ۾ تکن ۽ چٽن، ساون ۽ پيلن رنگن، ڊرامائي اشارن ۽ ڪُليل روشنيءَ نئين زندگي پيدا ڪئي هئي. اهي ڳالهيون لاسٽ مئن اٽليءَ ۾ سکيون هُيون. جن مان خاص ڪري Chiaro_Scuro (روشنيءَ ۽ ڇانو ۾ ڊرامائي تفرق) کي اهميت هئي. هن ڪجهہ پورٽريٽ ڪڍيا تہ کيس ڪافي شهرت ملي ۽ ليڊن هن کي پنهنجن صلاحتن جي اظهار لاءِ تنگ نظر آيو ۽ هو ائسٽرڊام منتقل ٿيو جتي هن نئون اسٽوڊيو کوليو. اُتي هن ڪجهہ طالب علمن جا پورٽريٽ ڪڍيا. جن هن جي ساک کي ديسان ديس ڦهلائي ڇڏيو.

ان کان پوءِ ريمبران ڪافي مهانگو مصور ٿي ويو. اُتي هن جو ساسڪيا (Saskia) سان عشق ٿي ويو جنهن سان 1634ع ۾ شادي ڪيائين. هن جو طرز زندگي ڪافي خرچائو هو. هن ڪيئي آرٽ جون تخليقون خريد ڪيون ۽ هڪ خوبصورت گهر ۾ رهڻ لڳو. ساسڪيا ۽ هو ڏاڍي خوش گهريلو زندگي گذاري رهيا ها جيڪو اُنهن تصويرن مان ظاهر آهي جن ۾ هن سندس حقيقت پسندانہ مصوري ڪئي آهي. هن کي چار ٻار ٿيا، جن مان 3 مري ويا. انهيءَ دور ۾ ريمبران جي آرٽ ۾ ڦيرو آيو ۽ بئروڪ (Baroque) ۾ دلچسپي نہ رهي جنهن جوان وقت رواج هيو. (بئروڪ اُنهي آرٽ ۽ فن تعمير جي طرز کي چوندا ها جا 1350ع کان ارڙهين صديءَ جي آخر تائين پسند ڪئي ويندي هئي ۽ جنهن ۾ حد کان زياده زيبائش، آرائش ۽ خوشنمائي هوندي هئي ۽ سڌين ليڪن جي بدران ورن ۽ ونگن (Curves) جو استعمال ٿيندو هو. انهيءَ لفظ جو سنڌي، فارسي، اردو يا هنديءَ ۾ ترجمو نہ آهي).

انهيءَ نئين طرز فن هن جي شهرت کي ڌڪ ڏنو. شاديءَ کان اٺ سال پوءِ ساسڪيا 1642ع ۾ مري وئي، پر هن جي موت جو ريمبران تي خاص اثر نہ ٿيو ۽ پنهنجي تخليقي ڪم ۾ جنبي ويو.

ساسڪيا جي بيماريءَ دوران هن پنهنجو شاهڪار 'رات جو پهرو' (The Night Watch) تخليق ڪيو. ان ۾ هٿياربند سپاهي ڏيکاريل آهن. جي اسپين سان جنگ ۾ دليريءَ سان مقابلو ڪيو هو. ريمبران جي ٻين تصويرن وانگر انهيءَ تصوير ۾ به پنهنجي ڀرپور انفراديت آهي.

'رات جي پهري' ۾ ڪوئي تصنع وارو گروهه نه ڏيکاريو ويو آهي. اُن ۾ هٿياربنديءَ لاءِ سڏ آهي. زندگيءَ جي حقيقت نگاري آهي ۽ سپاهين سان گڏ ڪُتا به شامل آهن. تعميراتي پس منظر تصوير ۾ چٽيل ڪردار واضح ڪري ٿو ۽ هڪ عام، هُل هنگامي واري منظر کي عظيم يادگار جي ڪيفيت ڏئي ٿو. اهو ڏينهن جو منظر آهي ۽ اُن ۾ لالٽين، ميڻ بتيون يا ٻي ڪائي مصنوئي روشني نه آهي، جيتوڻيڪ تصوير ڪجهه انڌاري آهي ۽ اُن تي روشني پئي ڪجهه ڪردار اجاگر ڪري رهي آهي، جن کي ڊرامائي تاثر لاءِ چونڊيو ويو آهي. وچ تي عورت آهي جنهن تي به ايتري چٽي روشني پئجي رهي آهي. جيتري ڪئپٽن تي پئجي رهي آهي.

انهيءَ وقت ۾ نوجوان هينڊرڪ سٽوفيل (Hendrickje Stoffels) هن جي زندگيءَ ۾ خلا پري جا ساسڪيا جي موت پيدا ڪئي هئي. هن مان ڪيس هڪ ڌيءَ پيدا ٿي. اُن کان پوءِ هن پنهنجو شاهڪار ڪورين جي ڪاسبي جَٿي جو منيب (The Syndic of the Cloth maker's guild) تخليق ڪيو. ان ڪاسبي جٿي ۾ جي پنج ماڻهو آهن. اهي ڪپڙي جي نموني (Samples) جا ڇڪاسينڊڙ آهن. ٻن مرڪزي ڪردارن پنهنجي سامهون هڪ ڪتاب کوليو آهي، جنهن ۾ نمونن ڇڪاسڻ جا طريقا ڏنل آهن. اهي پنج ئي ڇڪاسينڊڙ ناظرين ڏانهن تيز فهم ۽ ذهين نگاهن سان گهوري رهيا آهن. هن اُنهن جي گفتگو دوران هڪ اباڻڪي پل کي زندگي بخشي ڇڏي آهي. تصوير ٻاهران سادي آهي پر ريمبران اُن تي بيحد محنت ڪئي آهي. اُنهيءَ تصوير جي حصن جي ايڪس ري (X ray) ڪئي وئي اهي جنهن مان ريمبران جا مصوريءَ ۾ ڪيل تجربا ۽ ڦير گهير ظاهر ٿي ٿئي ۽ نظر ائين ٿو اچي ته اهو نقش پنجن ڪردارن کي اهڙيءَ طرح گڏي پيش ڪري ٿو جو اُنهن جي انفراديت گم نه ٿي ٿئي. اُنهن جي اکين ۾ اظهار جي ڪيفيت ٻنهه علحدي آهي. ريمبران جو ساسڪيا سان پنهنجو پورٽريٽ مصوريءَ جو عاليشان نمونو آهي. ريمبران پنهنجا ڪيئي پورٽريٽ ڪڍيا ها. سوال آهي ته هن ائين ڇو ڪيو؟

پورٽريٽ ڪڍڻ وقت آرٽسٽ پنهنجي موضوع جي ڪردار کي هن جي رنگ روپ اشارن يا ٻيهڪ مان اُپارڻ جي ڪوشش ٿو ڪري، درجي بدرجي انساني سائڪيءَ (من ـ Psyche) ۾ گهري نظر وڌي آهي. جيئن هو عمر ۾ وڏو ٿيو تيئن هن جو پراڻو مهانڊو آرسيءَ مان ن ڏانهن گهوري ڏسي رهيو هو ۽ جي سال عمر جي

پيچ ڏاهه ۾ اچي ويا ها. هن کي چٽا نظر اچي رهيا ها ۽ اُنهن هن کي بار بار پنهنجو پورٽريٽ ڪيرڻ تي اُتساهيو هو. ڪُجهه آپي پٺو ۽ اجنبيت جو احساس بہ ان جي پنيان ٿي سگهي ٿو. هن پنهنجون تصويرون طرح طرح جي لباسن ۾ ڪيون آهن. مٿين تصوير ۾ هو پنهنجي نئين شاديءَ تي نهايت مسرور نظر اچي رهيو آهي. انهيءَ دؤر ۾ هن کي ڪافي ڪاميابي ملي هئي جا هن جي مُنهن تي ٽڙي پئي اهي. ريمبران پاڻ کي ۽ ساسڪيا کي تصوير ۾ نهايت خوشحال ڏيکاريو آهي. هن پاڻ بج واري ٽوپي پاتي آهي جنهن تي وڏا اچا کنڀ لڳل آهن ۽ هن جي هٿ ۾ شراب جو جام آهي جو هُن ائين مٿي ڪيو آهي ڄڻ ناظرين جو جام صحت نوش ڪري رهيو آهي. ساسڪيا کي رنگين لباس پيو آهي ۽ هن جي گوڏي تي ويٺي آهي. هن جو بي فلڪ انداز هن جي مڙس جي جوش ۽ جذبي جي برعڪس آهي.

مانيءَ جي ميز تي مور جو مجسمو رکيو آهي. ممڪن آهي اها تصوير پنهنجي پڇتاءَ کان اڳ هن جي هلڪڙائي ڏيکاري رهي آهي پر ان کي هيئن بہ ڏسي سگهجي ٿو. انهيءَ تصوير ۾ هن جي شاديءَ تي ٿيل رنگ رلين کي چٽيو ويو آهي.

بهرصورت اهو هڪ عظيم شاهڪار آهي جنهن ائمسٽرڊم جي اپرنڊڙ بورجوا طبقي کي نہ رڳو ڏوڏي وڌو پر ان ۾ پنهنجي پورٽريٽ ڪيائڻ جي چاهنا بہ پيدا ڪيائين.

1660ع ۾ ريمبران جي بَري منظر (Land cape) ۾ نئين دلچسپي پيد اٿي ريمبران ۾ انفراديت بي انتها هئي ۽ روشني ۽ هوا هن جي تصويرن ۾ متحرڪ نظر اچن ٿيون. هن جون روغني تصويرون بهر صورت غير متحرڪ آهن. انهن ۾ خندق جي (Trenchy) روشني آهي. هن جي بين تصويرن وانگر هن جي روغني تصويرن جو مصورن جي ايندڙ نسل تي ڪوئي اثر نہ آهي. ڏسڻ ۾ ائين ٿو اچي تہ بري منظر ڪئنواس جي پيمائش (Perimeter) کان ٻاهر نڪري آيو آهي. هُن ۾ نظر جي فريب پيدا ڪرڻ جي ايتري ٿوت هئي جو هن جي تصوير 'هڪ محفل جو منظر' (The landscape with castle) ان ڏس ۾ هڪ بي مثال ڪوشش آهي. اُن تصوير ۾ اهڙو ٻاري پٺو آهي جيئن درياهہ ۾ پاڻيءَ هيٺان خواب جهڙي فضا هوندي آهي. اُن ۾ چٽيل وٽڪار ۾ تہ ڪائي حقيقت پسندي نہ آهي پر تصوير ۾ محل ننڍاڪڙو ٿو لڳي ۽ اُن تي گهر جي فضا ڇانيل آهي. ائين ٿو لڳي تہ هو ڪجهہ سوچي رهيو آهي. 1640ع ۾ هُن ايماس ۾ رات جي ماني (Supper at Emass) ۽ انجيل مان بين موضوعن تي تصويرون ڪيون. 'سئمپس جو انڌو ٿيڻ' واري تصوير ۾ انسان جي پنهنجي روح ۾ جهاتي آهي. ان ۾ هن جي دنيا جي باري ۾ خيالات ۾ تبديلي واضح اچي رهي آهي. اها ڳالهہ ان مان ظاهر آهي تہ

انهيءَ تصوير کي نئين عهدنامي جي غير متشدد ۽ غير ڊرامائي انداز ۾ ڏنو ويو آهي. اها ڪهاڻي ايتري مشهور نہ اهي. ان ۾ يسوع جي ورڇ اُٿڻ (Resurrection) کان پوءِ آخري پيرو نظر اچي رهيو آهي.

يسوع جڏهن رابرن سان گڏجي مانيءَ گرهہ ڪٽي رهيو آهي تڏهن آخري رات جي مانيءَ (Last Supper) واري زهر آميز ڪيفيت پيدا نظر اچي ٿي. 'عورت وهنجي رهي آهي' (A woman bathing) هن جي بي زال هينڊرڪ جي باري ۾ آهي ۽ آرٽسٽ جي حسن پرستي جو ثبوت آهي.

آرٽسٽ حسن پرستيءَ ۾ سوين صوفي ٿيندو آهي ۽ هن جي حقيقت تي مجاز جي هڪ پُل نہ هوندي آهي، سوين پُليون هونديون آهن. هڪ حساس آرٽسٽ جي نظر ۾ جسم روح وانگر بڪندو آهي ۽ پرتو مجازي پرتو حقيقيءَ کان وڌيڪ دلڪش لڳندو آهي. تصوير ۾ ماسيري، من موهڻي، پوري هينڊرڪ لٿا لاهي، پاڻيءَ ۾ ڏسي رهي آهي ۽ ڪنهن سوچ ۾ غرق آهي.

هن جو ٻيو شاهڪار آهي. 'ذبح ٿيل ڏاند' (The Slaughtered Ox) ساڪت زندگيءَ جي باري ۾ تصويرون اُن دؤر ۾ مقبول هونديون هيون پر اُهي 'ميوي جي ٽوڪري' يا گلدان وغيره جي خوشگوار ڏيک جي باري ۾ هونديون هيو ريمبران جي ٻاهر کي غور سان ڏسندڙ اک ائمسٽرڊام جي گهٽين ۾ گهوريندي وتندي هئي. انهن ۾ هن ذبح ٿيل ڏاند جو ٽنگل ٽڪرو پنهنجي موضوع لاءِ چونڊيو.

هن جو ٻيو شاهڪار هڪ خاندان جو پورٽريٽ (Portrait of a family) آهي جو هن اُن وقت ڪڍيو هو. جڏهن هينڊرڪ مري چڪي هئي، هو قلاش ٿي چڪو هو ۽ هن جي زندگيءَ ۾ ڪافي مايوسي ۽ تلخي هئي. پر پوءِ بہ مٿينءَ تصوير ۾ هن هڪ خاندان جي خوشي مصور ڪئي وئي آهي. هن لاءِ اها ماضيءَ جي هڪ ياد هئي، ماضيءَ جو خواب وانگر گذري ٿو وڃي، انسان جا خوبصورت جسم جهوري ٿو وڃني. چنڊ جهڙا چهرا گهنججي ٿا وڃن ۽ تصور بہ ڪري نہ ٿو سگهجي تہ اهي ڪنهن وقت گلاب وانگر شگفتہ ها. وقت وڏو قاتل آهي اهو عمر جي، ائين ڪڍ هوندو آهي جيئن پيپل ڪاتر سان ڪنهن ساهواري جي ڪڍ هوندو آهي.

مصور فنا جي گود ۾ سمهي پون ٿا. مصوري رهجي وڃي ٿي ۽ اُنهن ماڻهن جون يادگيريون رهجي وڃن ٿيون جي ڪنهن وقت زندهہ ها ۽ جن کي مصور زنده جاويد بڻائي ڇڏيو آهي. آرٽ موت جو موت آهي، فنا ۾ بقا جو اُهو روپ آهي جنهن جو نعم البدل انسان کي اڃا تہ نہ مليو آهي.

❊❊❊

مون کي جڏهن سکر جم خانو ياد ايندو آهي تڏهن تيستائين تہ ناو نوش جا

منظر ۽ جام و مينا تي غالب جا شعر ياد ايندا آهن. جيستائين شراب نوشيءَ تي بندش نہ پئي هئي. اُن کان پوءِ شرابي گهر ۾ پيئندا ها. ۽ سکر جم خاني ۾ جُواري اچي ڪنا ٿيا هئا. جي ساري ساري رات رَمي کيڏندا هئا. ماني بہ اُتي کائيندا هئا ۽ گهرن ۾ اُنهن جون اڪيليون جويون ٿڌا ساهہ ڀري سوچينديون هيون تہ کهڙي تاس جي غلام سان انگ اڙجي ويو آهي! هو نہ ڏسندا هئا مينهن نہ جهُڙ. سانجهيءَ جو ڪلب ۾ ايئن ميڙاڪو ڪندا هئا. چڻ ٻيٺاريءَ تي ٻگهہ ڪٺا ٿيا آهن. جوئاري دولت جي هَوَس جو بدترين مثال آهي. ڇو تہ جيستائين هو جوئا کيڏندو آهي. تيستائين هن جي نگاهہ دوست جي کيسي تي هوندي آهي. مان ڪڏهن ڪڏهن اُنهن جي صحبت ۾ ويجي نڪرندو هوس. جن ۾ اڪثر وڪيل. صحافي. بلئڪ مارڪيٽ جا ماهر ۽ رشوت خور ڪامورا هوندا هئا. جي ڪتاب تي رپيو بہ خرچ ڪرڻ نہ چاهيندا هئا. پر جوئا ۾ هزارين رپيا وڃائيندا هئا. هو حيران هوندا هئا تہ مان جوئا ڇو نہ ٿو کيڏان! مان ان کي وقت جو زيان سمجهندو هوس. جي مون کي ڪوئي تخت طائوس ۽ ڪوهنور جيت ۾ ڏئي ها. تڏهن بہ مان ٽِڪي چَوَنڪي سان ملائي ساري ساري رات نہ وڃايان ها. مون کي اُن وقت تاثريت پسنديءَ کان پوءِ (Post Impression) مصور سيزان جون تصويرون 'پتن جا کيڏاري' (Card Players) ياد ايندڀون هيون. سيزان جوئارين جي منظرڪشي پنجن تصويرن ۾ ڪئي آهي. جي نہ رڳو ماپ ۾ مختلف آهن. پر جن ۾ ڪردار ۽ ماحول بہ مختلف آهي. وڏي ۾ وڏي ڪئنواس ۾ پنج ڪردار آهن. جن مان ٽي جوئا کيڏي رهيا آهن ۽ بہ اُنهن کي ڏيان سان ڏسي رهيا آهن. ٻيءَ تصوير ۾ چار ڪردار آهن. آخر ۾ بہ ٻہ ڪردار رهجي ويا آهن. جيئن سکر جم خاني ۾ رات جي پوئين پهر ۾ رهجي ويندا هئا. اها مصوري اُن حقيقت نگاريءَ جو تسلسل آهي. جا فرينچ مصور لاطور (La Tour) سترهين صديءَ ۾ شروع ڪئي هئي. (مان سيزان کان پوءِ لاطور تي لکندس) سيزان انهن ۾ پنهنجا باغبان ۽ پنهنجا ڪسان ماڊل (Model) طور ڪم آندا هئا. پنهنجي ديهاتي سادگي ۽ پنهنجي غير متحرڪ پر چٽي وهٽي ۽ ڍنگ سان اهي ڪسان پنهنجي پٽي راند ۾ مگن ۽ لئہ لين نظر اچن ٿا شايد انهي ويهٽي جي ڪري سيزان کي انهن جي مصوري لاءِ ڪي ٿي ڪلاڪ ملي ويا هئا. اهي تصويرون دراصل سيزان جي تاثريت پسندي کي آخري الوداع هيون. انهن ۾ روشني جيڪو حس ظاهري پيدا ڪيو هو اُن ويڇي ۽ وٿيءَ کي جفرائي ترتيب ڏني آهي. بہ ماڻهو ميز جي ٻن پاسن کان ڪڙا تڙا وينا آهن ۽ راند ۾ انهن جي محويت کي نهريءَ حقيقت پسنديءَ سان ڪئنواس تي آندو ويو آهي. جا اکين ۽ من کي علم رياضيءَ جي اظهار وانگر نيڪ نيڪ لڳي ٿي. اڳي تہ تصوريت پسند مصوري ٻاهرين ليڪ کي ڳاري ڳڳهاري. ڇن پِن

ڪري ڇڏيندي هئي. پر مٿين تصويرن وقت سيزان جي مصوري صنم سازي لڳي ٿي ۽ طول، شڪم ۽ عمق واري (Three dimen sional) لڳي ٿي. ميز جي سطح ناظرين ڏانهن ٻاهر نڪتل آهي. ميز کي جدا جدا زاويئي کان ڏٺو ويو آهي جو هوڻ بعيد از امڪان آهي ۽ جنهن ۾ روايتي منظر نگاريءَ کي خيرباد ڪئي ويئي آهي ۽ ڪيوبزم (Cubism) جو بنياد رکيو ويو آهي.

اهي به جواري ڏسي، مون کي سکر جم خاني جو جواري ياد ٿو اچي جو پنهنجي لاءِ چوندو هو مُٺو ته ڪُتو جاڳيو ته جن. پال سيزان (Paul Cezanne) تاثر پسندي کان بعد (Post impressionist) وارن مصورن ۾ عظيم ترين مصور هو ۽ ويهن صديءَ جي مصور تي هن جو نهدايت زوردار اثر هو. هو ڏکڻ فرانس ۾ 19 جنوريءَ 1839ع تي ڄائو هو. هن جو پيءُ هڪ ڪامياب تاجر هو. هن جو اباڻو گهر عاليشان هو جنهن ۾ هڪ وڏو باغيچو هو. بوربون (Bourbon) جي ڪاليج ۾ هن جي دوستي ايملي زولا (Emile Zola) سان ٿي ويئي جو پوءِ فرانس جو زبردست ناول نگار ۽ صحافي ٿيو.

سيزان هر ڳالهه ۾ پنهنجي مجرائيندو هو. هن جڏهن پيءُ کي چيو ته هو مصور ٿيندو ته هن جي پيءُ جواب ڏنو.

Child, think of the future!
With artistic genius you die;
With money you eat.

(ترجمو: پٽ، پنهنجي مستقبل جو خيال ڪر! آرٽسٽ جي ذات تنهنجو موت ٿيندي، پيسا تو کي کاڌو مهيا ڪندا!)

قانون جو مطالعو اڌ ۾ ڇڏي، هُو آرٽ جي ڪري پئرس هليو ويو. ڀهرين ته هو ڪامياب نه ٿيو. زولا سان به هن جا ادبي ۽ فني اختلاف ٿي پيا. لُوَر (Louvre) جي آرٽ گئلري ۾ ڦرندڙ وتيو ۽ ڇهن مهينن کان ائڪس (Aix) هليو ويو. پوءِ اهو هن جو طريق زندگي ٿي ويو. هن کي پئرس جا بوهيمين (Bohemian) به نه آڏڙيا. ڀهراڙيءَ هن کي ڪافي اُتساهيو. هن ڪجهه وقت پيءُ جي بئنڪ ۾ ڪم ڪيو پر هن جي پيءُ، جيڪو هن مان مطمئن نه هو، ڪجهه پئسا ڏئي هن کي پئرس موڪليو. اُتي هن جي تصوريت پسند عظيم مصورن مونيٽ (Monet) سسلي (Sisley)، رينوا (Renoir) ۽ ڪئملو پسارو (Camillo Pissarro) سان دوستي ٿي ۽ انهن کان رهنمائي حاصل ڪيائين پر هن کي تصوريت پسنديءَ کي وڏيڪ نهرو ڪرڻ پئي چاهيو جيئن نه رڳو اُها اکين کي وڻي پر من کي به موهي. تصوريت پسنديءَ هن کي اهو نظم و ضبط، علحدگي ۽ تحمل ڏنو جو هڪ غور ۽ خوض واري، پڪي راس ٿيل مصوريءَ لاءِ ضروري هو پوءِ هُن ميڊن جو شاطو

(Chateau of Medan) ڪيڀو جو هن جو عظيم شاهڪار آهي. (شاطو فرينچ ۾ محل يا قلعي کي چوندا آهن, جنهن جي مخصوص طرز تعمير هوندي آهي.) اها تصوير ڏسي سيزان جو هڪ قول ياد اچي ٿو.

”مصوري ڪنهن چيز جي غلامانہ نقالي نہ آهي. اها ڪيئي رد عمل مد نظر رکي, گرفت ۾ آڻي ٿي آهي. هڪ زبردست ۽ قوي ذهن ئي فن جي تخليق ۾ حيات (Senses) جو بهترين معاون آهي.“

چا نہ ذڪر ڪيل شاطوءَ جي تصوير آهي!

ناصر خسروءَ جو شعر ياد اچي ويو:

**درخت تو گر بار دانش بہ گيرد،**

**بزير آوري چرخ بارِ نيلو فري را.**

(جي تنهنجي درخت ۾ دانش جو ميوو پچي تہ تون نيري آسمان کي ان جي هيٺيان جُهڪائي ٿو سگهين.) اها تصوير ڏيکاري ٿي تہ سيزان تصوريت پسنديءَ ۾ ڪيترو غرق ٿي چڪو هوا هڪ پيري تہ سيزان پاڻ کي پسارو جو شاگرد ڪوٺيو هو. هن پنهنجي رومانوي جوانيءَ وارا ميلوڊراماٽي (Melodramatic) ڪارا ۽ اڇا رنگ ڇڏي ڏنا ها. هاڻي هو چٽا ۽ ڪوسا ساوا ڳاڙها ۽ ناسي رنگ ڪم آڻي رهيو هو ۽ انهن ۾ هن جي شعور جي پرپور بلوغت هئي. جون 1879ع ۾ ايملي زولا سيزان کي پنهنجي ميڊن (Medan) جي ٻهراڙيءَ واري گهر ۾ هن کي ڪيئي ادبي شخصيتون مليون. زولا هڪ محجوب طبيعت وارا و مصور هو ۽ اهڙي صحبت ۾ گهبرائيندو هو. هو روز ٻهراڙيءَ ۾ مصوري لاءِ تنها نڪري ويندو هو.

تصوريت پسندن هڪ ڳالهہ سيزان کي سيکاري ۽ اها هئي تہ فطرت سان سچو ڪيئن رهجي, جيڪا ڳالهہ مٿي ذڪر ڪيل تصوير ۾ روشنيءَ جي هر پهلوءَ جي عڪاسيءَ, وڻ ٽڻ جي ساوڪ, گهرن جي ديوار ۽ ڇتين مان ظاهر آهي. انهن جي هيٺيان اُها مضبوط تعمير آهي جا سيزان جي طرزِ مصوري جي مخصوص نشان دهي ڪري ٿي. هن جا پُور وچوٽا بُرش جا جهٽڪا, هن جي قوت جو احساس پيدا ڪن ٿا.

ٿر, لاڙ ۽ اُتر جي باري ۾ منهنجي بيتن ۾ بہ اهڙي تصوريت پسند مصوري آهي, جنهن کي اڃا ڪنهن غور سان نہ پڙهيو اهي. جنهن سفلہ طبيعت نقاد کي جيڪي سمجهہ ۾ آيو آهي, اُن تي پنا ڪارا ڪيا اٿائين. ڪنهن پنهنجي ادب جي خرزين پري آهي, ڪن پنهنجي سياست چمڪائي آهي. پنهنجي طبيعت تہ حافظ واري رهي آهي.

**وفا کُنيم و ملامت کشيم و خوش باشيم.**

**کہ در طريقت ماکا فري است رنجيدن.**

(ترجمو: وفا ڪيون ٿا، ملامت ڪٽون ٿا ۽ خوش رهون ٿا ڇو تہ اسان جي طريقي ۾ رنج ڪرڻ ڪافريءَ جي برابر آهي).

سيزان جو ٻيو شاهڪار آهي "مارسيلس جو اُپسمنڊ" (The Bay of Marseilles) اها تصوير سيزان 1880ع ۾ مارسيلز ۾ ڪيڍي هئي، جتي هو پنهنجي داشتہ هارٽينيءَ (Hortense) سان رهيو پيو هو. هن تصوريت پسند جي جذباتيت کان ڪناره ڪشي ڪري سمنڊ جا منظر هڪ پختي ۽ دانش ورانہ طريقي سان ڪڍيا آهن. اهو آرٽ اکين کان وڌيڪ ذهن جي ويجهو آهي. ڪي بہ نرم رَو هوائون نہ آهن، لهرين ۾ ڇڇورا پاڇاوان نہ آهن. انهن جي برعڪس هڪ نيري چادر جڻ فولادي سطح تي پٿاري پئي آهي. هڪ ڪيڪپائينڊڙ تيز روشني، هڪ ليڪ کي واضح ڪري ڇڏي ٿي.

هڪ ڪنڊ آهي جا پاڻيءَ جي پکيڙ سان وڌيڪ پکڙجي رهي آهي. ڪجهہ پهاڙ سمنڊ جي پس منظر ۾ آهن ۽ ان کي ڪٽي ڇڏن ٿا. پيش منظر ۾ گهر، ڇتيون، چمنيون ۽ وڻ آهن هي نهايت عمدي تصوير آهي جنهن مان اطمينان ۽ مرڪوز توجہ ظاهر آهي.

هن جون ٻيون عجيب تصويرون آهين. 'ڪافي جي ڪتليءَ سان عورت' (A woman with a coffee pot)، 'جهنگ ۾ پهاڙيون' (Rocks in Wood) 'ڳاڙهي صدريءَ ۾ ڇوڪرو' (Boy in Red coat)، 'عظيم تارون' (The great bathers) ۽ 'مانٽ سينٽ وڪٽوري' (Mont seinte_victorie) جن تي ڪيئي چيني ۽ ٻيا اڪثر اثر آهن. جن جي باري ۾ هتي تفصيل جي گنجائش نہ آهي. سيزان 22 آڪٽوبر 1926ع تي گذاري ويو. مصوري سان هن جو ايئن عشق هو جيئن منهنجو شاعري سان آهي ۽ بقول حافظ:

**هرگز نہ ميرد آنکہ دلش، زنده شُل بہ عشق،**
**ثبت بر جريدُه عالم دوام ما.**

(جنهن جي دل کي عشق زنده رکيو آهي، اهو ڪڏهن بہ نہ تو مري '
هن عالم جي جريدي تي اسان جي دوام جي مهر لڳل آهي).

*(29 مئي، 18 مئي، 30 مئي،*
*پهرين جون، 4 جون ۽ 15 جون 1994ع)*

# منهنجي شاعريءَ جا موضوع

مون پنهنجيءَ شاعري جي هڪ ڪتاب تي مهاڳ لاءِ انهيءَ هر موضوع تي نوٽ ورتا ها جن منهنجيءَ شاعريءَ کي اُتساهيو هو. اُهي موضوع هيا. عشق، حسن، موت، ڪائنات، انساني تعلقات جن ۾ سياست به اچي ٿي وئي، فطري مناظر، دهريت ۽ وحدت الوجود جا فلسفا ۽ ٻيون ڪيئي ڳالهيون جي منهنجي مطالعي ۽ مشاهدي ۾ آيون هيون. مهاڳ ته نهايت مختصر هيو پر اُهي تفصيلي نوٽ مون اجا تائين شايع نه ڪيا آهن، جن مان ڪجهه هيٺ ڏيان ٿو.

مان جڏهن سي ائنڊ ايس ڪاليج شڪارپور ۾ فرسٽ ييئر آرٽس ۾ پڙهندو هوس، تڏهن مون کي پنهنجي سنڌيءَ جي پروفيسر پوجراج ناگراڻيءَ (پوءِ جنهنجي ڀائٽي موهني جا منهنجي پياري شاعر دوست ارجن شاد سان پرڻي هئي ۽ ڀارت جي گذريل دوري ۾ ٻئي مون سان ڪيترو وقت بمبئيءَ ۾ ڪٺا هُيا) مون تي اهو بار رکيو ته مان هن کي بيدل ۽ بيڪس جا ديوان نقل ڪري ڏيان ڇو ته منهنجا سنڌي اکر ڏاڍا سٺا هيا ۽ مون کي سنڌيءَ شاعريءَ تي دسترس هئي. مونکي معلوم نه آهي ته هن اصلي نسخا ڪٿا آندا هئا. مان ۽ ناگراڻي ٻئي سحر خيز هوندا هياسين. هو ساڍي ٽين بجي صبح جو اٽي ڪوٺي تي پرٽيام ۽ يوگ آسڻ ڪندو هو ۽ مان به لڳ ڀڳ ساڳئي وقت رات جو پاٺيءَ ۾ پچايل ته ڦلن سان اکيون ڌوئي، پنهنجي گهر جي ٻاهران بيٺل نم مان ڏندڻ پٽي، ڏندڻ ڪندو شاهي باغ ڏانهن هليو ويندو هوس. جڏهن شڪارپور جي هري ولڀ سئنيما وٽان، رستي جي موڙ تي هڪ شوالي وٽ پهچندو هوس، جنهن جي ڪلس تي چنڊ جُهڪي ايندو هو تڏهن نه رڳو خيام جون رباعيون جهونگاريندو ويندو هوس، پر ڪيئي پارسي ۽ اردو جا شاعر ياد ايندا ها، جن جو مون نهايت غور سان مطالعو ڪيو هو. ايترا پارسي شاعر مان پاڻيان ٿو برصغير جي ڪنهن به شاعر ورلي پڙهيا هوندا. ان وقت مان بيدل دهلويءَ جا پہ شعر به ڏاڍي شوق سان گنگنائيندو هوس. هڪ ته هيو:

صبح ازچہ خرابات جنون کرد بهارش،\
کافاق گرفتہ است ز خميا زه خُمارش.

(ترجمو: صبح وقت تنهنجو بهار ڪهڙيءَ خرابات مان ڏُت تي نڪتو آهي

جو تنهنجي اوپاسيءَ ۾ چارئي ڏس اڇي ويا آهن.)

نوٽ: هن شعر ۾ به مشاهدا ڪيا ويا آهن. جڏهن ننڍا ڪڙا نيڻ صبح جو اُٿندا آهن, تڏهن راتوڪي شراب جو نشو لهي ويندو آهي ۽ خمار جي ڪري باده خوار ائين ڪر موڙيندا اهن ڄڻ آفاق انهن جي پانهن ۾ سمائجي ويندو آهي.

رياض خير آباديءَ جو شعر به بار بار ياد ايندو هو:

کس غضب کی ہوا میں مستی ہے،
کہیں برسی ہے آسمان سے آج۔

(ترجمو: هوا ۾ ڪهڙي نه غضب جي مستي آهي ڄڻ آسمان مان شراب وسيو آهي)

اها جواني هئي. هاڻ وهي مُڙي آهي ته جڏهن پنيرڪي جو اُٿي دريءَ مان آسمان کي ڏسندو آهيان ته آيت ياد ايندي آهي, "الله نورالسموات و الارض." هو نور چاڪاڻ جو لطيف آهي, ان ڪري اسان اُن کي ڏسي نه ٿا سگهون پر سماوات ۽ ارض (آسمان ۽ ڌرتي) کي ڏسي سگهون ٿا. سماوات ۽ ارض خود تاريڪ آهن پر اسان کي انهيءَ نور جي ذريعي نظر اچن ٿا, اکيون انهيءَ نور کي ڏسڻ کان عاجز آهن. نور نه فقط اسان جي چاڻ کي سُجاڳائي ڏئي ٿو پر ان نور سان ئي اسان ڪائنات جي شين ۽ ان نور جي موجودگيءَ جو شعور رکون ٿا. سوره نُور ۾ بيان ڪيو ويو آهي. هڪ اونداهي جاءِ آهي ۽ شمع جو نور نه رڳو انهيءَ جاءِ کي پر اُن جاءِ تي رکيل هر شيءِ کي روشن ڪري سگهي ٿو, پر اسان شيون ته ڏسون ٿا پر اهو نور جو شين تي پوي ٿو ان کي نه ٿا ڏسون ۽ غلط فهميءَ ۾ اهو ٿا سمجهون ته شيون پنهنجي ليکي روشن آهن. جي شمع پنهنجي جاءِ تي به هجي ها ته اسان جي اکين ۾ نور نه هجي ها.

سو هاڻي ته هن عمر ۾ مون کي بيدل دهلوي زيادهه ياد ايندو آهي.

**در عالمي ڪه باخود رنگي نبود مارا،**
**بوديم آنچه بوديم او ونمود مارا.**

(ترجمو: جنهن عالم ۾ اسان تي رنگ نه هو اسان جيڪي هياسي اُهي هياسي. هُن اسان کي ظاهر ڪيو.)

نوٽ: حضرت جَن جو ارشاد آهي ته (عُرفت رَبي بنور ربي) يعني "مان پنهنجي نور کي پنهنجي رب جي نور سان سڃاڻان." "همين نور است رهبر تابه خورشيد" (اهوئي نور سج ايرڻ تائين دڳ لائو آهي.) بيدل جي معرفت جو نظريو اهو هو ته مثل کي مثل ئي سڃاڻي سگهي ٿو ان ڪري الله جي معرفت الله کي آهي ۽ الله جو نور الله جون اکيون آهي ۽ انهيءَ نور سان هن کي پنهنجي ذاتي معرفت حاصل آهي ۽ اهو نور انسان کي خودشناس به بڻائي ٿو. ان ڪري "من عرَف نفسه

نفقد عُرف رَبہ" يعني جو خودشناس آهي, اهوئي حقيقت شناس آهي. انڪري ئي شاهہ عبداللطيف جي منظوم اردو ترجمي ۾ مون لکيو هو:

خود شناسی خدا شناسی ہے،
ورنہ ہستی صنم تراشی ہے۔

علامہ شبستري بہ گُلشن راز ۾ اها حقيقت واضح ٿو ڪري تہ "سج ڪي جي پنهنجين ڪليل اکين سان ڏسندين تہ انهن ۾ انڌارو پيدا ٿي سگهي ٿو پر جيڪڏهن ان جو عڪس پاڻيءَ ۾ ڏسندين تہ تون سج ڪي تہ ڏسي نہ سگهندين پر ان جي هڪ ڪيفيت تو ۾ ضرور پيدا ٿيندي."

پر اهي تہ هن عمر جون ڳالهيون آهن. ان وقت تہ جوانيءَ ڪي جدت پسنديءَ جي عينڪ وچان ڪائنات ئي اوڙ تي لڳي. پنجابيءَ جو هڪ شعر آهي:

جدوں چن بدلی وچ آیا،
گئی یار دی گلی۔

(ترجمو جڏهن چنڊ بادل وچ تي آيو
تہ يار جي گهٽي وسري وئي.)

ان وقت تہ مجاز حقيقت جي اهڙي تهڙي پُل بہ نہ هو سسپينشن برج (Suspension Bridge) هيو. شاهي باغ ۾ رابيل جا گل ماڪ ۾ تڙيل ڏسي ڪنهن جا ڳل ياد ايندا ها. باغ ۾ هڪ ڪيسو ڦل جو وڻ هو جو ڪنهن اهلِ ذوق پوکرايو هو. جڏهن اُهو موسم ۾ ڪڙي پوندو هو تہ ان ۾ هزارين رنگا رنگ ريشمي گل ڦٽي پوندا ها ۽ مون کي ڪنهن جو نالو ياد ايندو هو جو هر پٽ پٿهير ڪي مات ڏيندو هو. انهيءَ عمر ۾ بہ مون جنهن عورت سان محبت ڪئي, هُن جي پرستش ڪئي.

مان صبح جو روز پنجين بجين پروفيسر ناگراٽيءَ جي گهر ايندو هوس تہ هو پلٿي ماري ڇت تي ويٺو هوندو هو ۽ پنهنجون اکيون وُهائو تاري ۾ کپائي ڇوندو هو "ڏس! جڏهن مون کي ڪجهہ نظر نہ ايندو تہ هو مون کي چوندو هو "هلي ديوان بيڪس نقل ڪرا" مون کي ان وقت بہ شاعريءَ تي ايتري مهارت هئي جو بيدل ۾ تہ چار ستون پڙهڻ جهڙيون نظر آيون هيون:

**اکـــران دي وچ جـــو ڪـــوئي اڙيـــا،**
**عشـــق دي چـــالي مـــور نـــہ چڙهيـــا،**
**ســـــڪ رمـــــز وجـــــود وجـــــاوڻ دي،**
**ڪـــانهي حاجـــت پـــڙهڻ پڙهـــاوڻ دي.**

۽ بيڪس ۾ بہ ساڳي طرح بہ شعر هيا.

**ڪاڪ ڪماڻي، ويل وهاڻي، پينگ ٿيا سپ پاٽا**
**وري موٽي آ راٽا!**
**۽ ساجن سائين سير ڪرڻ لئہ آيو ٿي انسان**

باقي شاعري تہ مٽ جو زبان هُئي. دراصل سنڌ جا ڪيئي نامي گرامي شاعر بہ ٽي چگيون سٽون بہ مشڪل لکي سگهيا آهن. ۽ ان ڪري ئي سنڌي نوجوان جو ادبي ذوق تحسين جي قابل نہ آهي. بر خلاف ان جي پارسيءَ ۾ ڪيئي شاعر ٿيا آهن ۽ انهن جا شاهہ جي رسالي کان بہ وڏا ديوان آهن. پر اها بيڪس جي سٽ منهنجي دل ۾ تير وانگر کُپي وئي هئي. ساجن سائين انسان هاڻي توڙي مان عمر جو جُبو ۽ دستار لاهي ٿو رکان، تڏهن بہ منهنجا جوانيءَ جا معاشقا پرستش کان گهٽ نظر نہ ٿا اچن. رحيم خانان جو هندي دوهو آهي.

**آ ساجن نينن ۾ پلڪ ڍانپ توئي ملون،**
**نا مئن ديکون اور ڪو نا توئي ديکن دون.**

اهو دوهو شايد ڀٽائي جي تحت الشعور ۾ ويهجي ويو هو جو.

**ونين ۾ ٿي ويهہ تہ آئون واري ڍڪيان،**
**توکي ڏسي نہ ڏيهہ آنءُ نہ ڏسان ڪي پيو.**

مون بہ ڪي وَنيون وَنين ۾ واريون هيون. هڪ جي جڏهن ياد اچي ٿي تہ رَهي مغيريءَ جو شعر ياد اچي رهيو آهي:

**شب اين سرگيسوئي ندارد ڪہ تو داري،**
**آغوش گل اين بوئي ندارد ڪہ تو داري.**

(ترجمو: رات کي انهن وارن جو ڳجهہ نہ آهي جو تو وٽ آهي، ۽ گل جي آغوش ۾ اها خوشبو نہ آهي جا تو ۾ آهي)

هي نوٽ فقط ادبي نہ آهن. ڪي قدر منهنجي خود نوشت جو حصو بہ آهن.

جرمن فلسفي ۽ 'هيئن يو زردشت' (Thus spake ZardaShtia) جي مصنف فريڊرڪ نتشي هڪ پيري چيو هو

"Of all that is written, I love what a person has written with his blood"

(ترجمو: هن وقت تائين جيڪي بہ لکيو ويو آهي، اُن مان مون کي اهو پيارو آهي، جو انسان پنهنجي خون سان لکيو آهي.)

مون پنهنجي ساري عشقيہ شاعري پنهنجي خون سان لکي آهي. منهنجون يادگيريون بہ ائين تروتازه آهن جيئن سدا گلاب ترو تازه هوندا آهن ۽ جن تي سرخ رنگ هوندو آهي.

***

سن 76ع ۾ هوءَ مون وٽ پهرينءَ ڏيٽ ويٽ لاءِ آئي آهي. چهري جو گندمي رنگ، چيرويون اکيون، چپ اهڙا ڳاڙها جو چڙهه اُنهن کي اکروٽ جو رنگ لائي آئي هئي. مون هن جي رفتار ۾ رقص جو انداز ڏٺو جڏهن هوءَ ٽِيا ٽِيا ڪري رهي هئي. مون کي ايئن محسوس ٿيو ته هرڻي ڪوڙڪيءَ ڏانهن ڪُڏندي ٿي آئي. مون هُن لاءِ ۽ پنهنجي لاءِ چاءِ گهرائي ۽ پوءِ پاڻ وارو اڌ پيتل ڪوپ هن جي اڌ پيتل ڪوپ سان بدلايو ۽ ان مان چسڪي پري. هن مون وارو پيتل اڌ ڪوپ پنهنجن چپن تي آندو ۽ پي وئي. هرڻي ڪوڙڪيءَ ۾ ڦاسي چڪي هئي ۽ اُن مان آجو ٿيڻ نه ٿي چاهيائين، پوءِ هن سان منهنجي دوستي ايترا سال هلي جو ڪنهن سان نه هلي هئي. هڪ ڀيري مان پنهنجيءَ ڪيفيت ۾ ويٺو هوس ته هوءَ پنهجيءَ سکيءَ سان اچي نڪتي. ٻه چار گهڙيون منهجي پرسان ويٺي هئي ته مون هن جي منهن تي خوف جو احساس ڏٺوءِ هوءَ موڪلائي سکيءَ سان گڏ هلي وئي. مون کي ايئن لڳو ته هوءَ ڪوڙڪي پاڻ سان گهليندي وئي.

ٻئي ڏينهن هُن چيو "تون ڇا ٿو سمجهين؟ مون اهڙي ڪيفيت اڳ نه ڏٺي آهي؟ هڪ ڀيري مان سئوٽ ڏانهن پاٽيءَ جي جهاز ۾ سائوٿ آفريقا وڃي رهي هيس ۽ هڪ انگريز سان ٻين وڳي رات تائين ساڳيءَ ڪئبن ۾ ناوو نوش ڪئي هيم. هاڻي ته مان نه انهيءَ ڪيفيت لاءِ تانگهيندي آهيان ۽ نه مون کي ٻاهرين سفر جي تمنا ٿيندي آهي. انسان جي دل پوري ڪائنات آهي. اُن مان ٻاهر ڇهل قدميءَ جي ضرورت نه آهي."

مون هن کان پڇيو "تون انگريز سان ڪئبن ۾ اڪيلي هئينءَ؟" پر پوءِ سوال پُڇي پڇتايو ۽ سوچيو ته "مون کي ڪهڙو حق آهي جو هن کان اهو سوال پُڇان؟" اُن وقت هن جي ڦُوهه جواني هوندي ۽ جهاز جي ڊيڪ تي چانڊوڪيءَ ۾ انگريز سان گفتگو هن کي ڪئبن ۾ ڇڪي وئي هوندي ۽ باقي ڪسر هن جي ناو نوش پوري ڪئي هوندي. مون ڏٺو ته هن جو ڌيان ٻئي طرف هو ۽ هُن نه منهنجو سوال ٻُڌو هو نه منهنجي منهن تي بيجا حسد جي لمحاتي ڪيفيت محسوس ڪئي هئي. ڳالهه ڦيرائي مون هن کي سائوٿ آفريقا جي آرٽ جي باري ۾ پڇيو هن جواب ڏنو ته "قديم راڪ ـ آرٽ (Rock Art) آهي. اُن جون تصويرون نه رڳو ڊرنڪنس برگ (Drakensberg) اوير ڪيپ (East Cape)، ليوٿو (Leotho) کان سوازي لئنڊ (Swatzi Land) تائين ڦهليل آهن، پر ٽرانسوال (Transvall)، اندرين اُپيٽ (Inland Plateau) ۽ آرينج ندي (Orange River) جي پر تي به ڦهليل آهن. اُنهن ۾ جانورن ۽ انسانن جي نهايت حساس تصوير ڪشي آهي ۽ اُهي غارن ۾ اُڪريل آهن ۽ اهي حقيقي دنيا ۽ روحاني دنيا ۾ رشتو سمجهيون وينديون آهن.

مٽيءَ جون مورتيون (Head Work) ڪاٺ- اُڪر يا نقش چوبي ( Wood Carving)، ٽوڪريون چليون ۽ پنديون ناهڻ ۽ ٺڪر جا بُت، اُتي جي صديون پراڻيون صنعت آهي.“ مون ڪيس ٻڌايو ته منهنجيءَ دوست جي لنڊن واري گهر ۾ به اهڙي ڪاٺ-اُڪر هئي، جا هن آفريقا مان آندي هئي. بهرصورت مون هن کي چيو ”مون ڪٿي پڙهيو آهي ته سياهه فام آرٽسٽ پئرس ۾ رهن ٿا ۽ اُنهن ماڻهن ۽ جاين جون حقيقت پسندانه تصويرون آهن. هن جواب ڏنو ته نه رڳو ڊچ منظرنگاري (Dutch Landscape) پر انگريز ۽ فرينچ مصور به سائوٿ آفريقا جي آرٽ تي اثرانداز ٿيا آهن. سياهه فام آرٽسٽن يو. ايس ۽ يورپ جي تجريدي آرٽ جو اثر به قبوليو آهي. مون هن کي اُتان جي ادب جي باري ۾ ٻڌايو ته مون کي King Soloman's Mines يا جي ايم ڪوئٽزيءَ (J.M. Koetzee) جو ناول Life and Times of Michel ۽ ناربين گورڊيمير (Nordine Gordimer) جا ناول به وڻيا آهن. (ڪجهه وقت اڳ هن کي نوبل پرائيز مليو آهي.) ڪيئي سياه فام آرٽسٽ ۽ اديب جلاوطن ڪيا ويا آهن، جن يورپ ۽ آمريڪا ۾ پنهنجون آتم ڪهاڻيون لکيون آهن.“

اها گفتگو ڄڻ هڪ ريشمي رسيءَ جي ڳنڍ وانگر انسان جي دوستيءَ کي جڪڙي رکيو آهي ۽ اڃا تائين اُن ۾ عمر ڪائي ڍِل نه آندي آهي.

منهنجي زندگيءَ ۾ اهڙيون ڪيئي دوستيون آيون آهن، جن جا پاڇاوان منهنجيءَ شاعريءَ ۾ آهن. ڪنهن وقت مون کي هنديءَ جي ڪوي سورداس تي رشڪ ايندو آهي. هن جو ڪنهن چنتامڻيءَ نالي رمڻيڪ استريءَ سان پيار هوندو هو ۽ هو روز هن وٽ ويندو هو. چنتامڻي ڏاڪڻ جي دروازي کي اندران ڪڙو نه ڏيندي هئي ۽ هو مَڏ پي، تيز ڪائيندو روز هن جي ڪوٺي چڙهي ويندو هو. هڪ رات ڏاڍي بارش پئجي رهي. وچ ٽڙڪاٽ تي ڪيا نه ته گهٽاٽوپ انڌيرو هو روز وانگر وياپتي تيز ڪائيندو چنتامڻيءَ جي در تي آيو. ڏاڪڻ جي در کي ڌڪو ڏنائين ته اُهو نه کُليو. هن چنتامڻيءَ کي ڏاڍا سڏ ڪيا، جي وڏ ڦُڙي جي ڪڙڪي ۾ ملي ويا. اوچتو ڪنوڻ ڪنوي ته هن ڏٺو ته ڪوٺي تان ڪائي رسي لڙڪي رهي هئي. هن کي سمجهه ۾ نه آيو ته چنتامڻيءَ اندران در جو ڪڙو ڏئي، رسي ڇا لاءِ لڙڪائي هئي! هو رسيءَ تي چڙهي چنتامڻيءَ جي ڪوٺي تي پهتو. پاٽي اُن جي لَٽن تان لارون ڪري وهي رهيو هو. چنتامڻيءَ جي ڪوٺي ۾ ڏياتي ٽم ٽم ڪري رهي هئي. هوءَ ننڊ ۾ الوٽ هئي ۽ هن جا ڳل مينهن ۾ ڌوتل مولسريءَ ۽ بيلا وانگر ٿي لڳا. سورداس کيس جاڳايو ۽ هن کان پڇيو ”ڪڙو اندران ڇو بند ڪيو هُئيءِ؟“

”مون ڀانيو ته مينهن اوڙڪون ڪري وسي رهيو آهي. تون نه ايندين.“ چنتامڻيءَ جواب ڏنو.

ان تي سورداس چيو "جي توکي منهنجي اچڻ جو آسرو نه هو ته پوءِ کوٺي تان رسي ڇو لڙڪائي هُئيءِ؟"

"ڪهڙي رسي؟" چنتامڻيءَ جواب ڏنو.

پوءِ ٻئي ڏياتي ڪٺي آيا ۽ ڏٺائون ته هڪ وڏو ارڙ نانگ چنتامڻيءَ جي کوٺي تان زمين تائين لڙڪي رهيو هو جنهن کي رسي سمجهي ۽ جنهن تان چڙهي سورداس ڪوٺي تي پهتو هو. سورداس يڪدم چنتامڻيءَ جي ڪمري مان به سُئا ڪٺي آيو ۽ اکين ۾ هٽي چيائين ته "چنتامڻي جيترو مون توسان انڌو پيار ڪيو آهي، جي ايترو پنهنجي اُپائڻهار سان ڪيان ها ته الاجي ڇا هجان ها! اگتي مان هن ڪان سواءِ ڪنهن کي ڏسڻ نه ٿو چاهيان." پوءِ سورداس (جنهن جي لفظي معنيٰ انڌو آهي) پيار جا امر گيت ڳائيندو رهيو جي هندي شاعريءَ جو اتوٽ حصو آهن.

پيار جا پار، علامتون ۽ نشانيون ساڳيون آهن. ڏيان ۽ ورتاوَ ۾ ڪائي چانڊاڻ ڪنهن نديءَ ۾ لُڙهندي رهندي آهي، هڪ ڇتو گهمنڊ هوندو آهي ته سارو سنسار منهنجي پيار ۾ سمائجي ويو آهي، اها پڪ هوندي آهي ته هن ڌرتيءَ تي ٻئي ڪنهن به انسان ۾ اهڙا طوفان خيز جذبا پيدا نه ٿيا آهن اها ڪيفيت ته رانجهوءَ وانگر ساري جهنگ سيال ۾ ڪونه آهي، ۽ ٻئي پار جو ڪجهه به آهي، اُهو ميهار آهي، اها عشق جي نشاني آهي. ان ڪيفيت ۾ لهر ۽ ترنگ به آهي ته پيڙا به آهي. آزادي به آهي ته غلامي به آهي، صحرائي نجد به آهي، مجنون به سريگريبان آهي ۽ ليلا جي محمل جو انتظار به آهي، ڪو هڪن جو تيشو چانڊني رات ۾ نه رڳو ڪوه بي ستون ۾ ڏار وجهي ٿو ڇڏي، پر چنڊ جي آئيني کي تڙڪائي ٿو وجهي، پنهونءَ کي ڪائي ازلي ڇڪ ڇڪي رهي آهي ۽ سسئي پنهونءَ کي پڪاري چوي ٿي ته ڌرتيءَ ۾ ڌرڙ مون کي ارڙ نانگ وانگر ڳڙڪائي رهيو آهي، مومل ڏاگهه تي، چڙهي 'راڻا' 'راڻا' ڪري رهي آهي، جن سان پورو ڪاڪ محل گونجي رهيو آهي ۽ شيڪسپيئر روميو جوليٽ لکي جڻ تقدير جي ڪوڙڪيءَ ۾ ڪنهن هرڻ ۽ هرڻيءَ کي ڦاسائي رهيو آهي. عشق کان سواءِ شاعر ۽ گيت ڪار اُپاڻڪا رهجي ويندا آهن. نه دشينت ۽ شڪنتلا جي رچنا ٿي سگهندي آهي ۽ نه ڪاليداس ڳوليو لڀندو آهي. نه رڳو اهو پر عشق ئي ڪائنات کي هلائي رهيو آهي.

هن وقت تائين سائنس پيار کي نه ڇُهيو آهي.

غصي ۽ خوف جا جذبا سائنس جي تفتيش ۾ آيا آهن. اُنهن جي تور تڪ ڪئي وئي آهي، اُنهن جي لاءِ وسيلا ۽ اُپاءَ آهن. نبضن جي دڪ دڪ ۽ ساهه جو اُتار چڙهاءُ، مُشڪن جي سوس، سوڙهه ۽ گهٽاءُ، ازخود ردعمل جيڪو ڪوريئڙي جي ڄارَ وانگر ڦهليل آهي. عشق آلات تي پنهنجو اثر ايترو نه ٿو ڇڏي جو اُهو تجربي هيٺ آڻي سگهجي.

عشق ڪنهن وقت سائنس کي اجايو پاسيو آهي.

***

انسان پيار کان سواءِ بہ پرڙجي سگهن ٿا ۽ انساني نسل جي افزائش ڪري سگهن ٿا. اهي ٿڌا ساهہ، اهي غشيءَ جا دورا، اهي غزل گوبون، ان تفتيش لاءِ معنيٰ نہ ٿيون رکن جا فقط دخل در معقولات ڏٺي ٿي. ان ڪري علم بدن ۽ علم انسان جي ماهرن عشق جي مُنڍ مهاڳ ۽ مول بنياد تي ڌيان نہ ڏنو ۽ ان کي فضول سمجهي نظرانداز ڪيو ۽ ايئن نہ ڏٺو جيئن اُهو ان جي جينيات (Genes) ۾ علامتي طرح شامل (Encoded) آهي ۽ اسانجن دماغن ۾ ان جو نقش آهي. هاڻي عشق جي معاملي ۾ بہ سائنس دانن جي دلچسپي وڌي وئي آهي. ڪُجهہ تہ ايڊس (Aids) جي بيماريءَ ڪري دلچسپي وٺي رهيا آهن، ڇو تہ اتفاقي جنسي تعلقات جا اُٿت نتيجا نڪتا آهن. ان ڪري هو اهو سبب ڄاڻڻ چاهن ٿا، جو مرد ۽ عورت جي وچ ۾ ڪشش پيدا ڪري ٿو. ٻيو تہ ڪيترييون ئي سائنسدان عورتون (Woman Scientist) عشق کي مرد سائنسدانن کان وڌيڪ اهميت ڏين ٿيون ۽ اُن کي سنجيدگيءَ سان ڏسڻ چاهين ٿيون.

انسان ذات ان نتيجي تي پهتي آهي تہ رومان هڪ حقيقت آهي، اُهو فقط خواب جيان خودپسندي نہ آهي، اهو اسان جي حياتيات ۾ شامل آهي. ان ڳالهہ لاءِ منطقي دليل ڪجهہ مشڪل آهن. عشق هڪ ثقافتي مسئلو آهي ۽ ان کي ملياميٽ ڪرڻ ڏکيو آهي. اووڊ (Ovid) جي لاطيني شاعريءَ کي نظرانداز نہ ٿو ڪري سگهجي، جنهن جو مرڪزي موضوع عشق آهي. اهڙيءَ طرح ٻارهين صديءَ جي جنوبي يورپ ۾ لوڪ- موسيقار هوندا هئا، جن کي تروبيدور (Troubadours) چوندا هئا، اُهي عشقيہ شاعر هئا، جي محبت جا گيت ڳائيندا هئا. جيئن امير خسروءَ جي زماني کان وٺي هندوستان ۾ لوڪ موسيقار عشقيہ غزل ڳائيندا هئا. دراصل مان جڏهن ننڍو هوندو هئس، تڏهن اهڙا موسيقار دليءَ، لکنؤ يا الله آباد مان شڪارپور ايندا هئا ۽ هارمونيم تي هڪ مشهور مخمس ڳائيندا هئا، جنهن جي هر بند جون آخري سٽون هونديون هيون:

**آهستہ برگ گل بفشان بر مزارما،**
**کہ نازڪ است شيشۂ دل درکنارِ ما.**

(ترجموِ اسان جي قبر تي گل آهستي رک!
ڇو تہ اسان جي پاسي ۾ دل جو شيشو نازڪ آهي.)

دراصل رومان اُهو خواب هو ۽ آهي تہ بہ ماڻهو ملي هڪ ڪائنات ناهن ٿا ۽ جڏهن هو پيار ۾ ٽُپ آهن، تڏهن وقت بيهجي وڃي ٿو. عشق پهرين نظر ۾ ٿي وڃي ٿو. عشق اُهو جيءُ جو جادو آهي، جو دير نہ ٿو وٺي. اُهو نہ ٻهہ ۽ جهٽ پٽ ٿي وڃي

ٿو. اُهو وڇ وانگر ٿُرت آهي. اهو طلب آهي، حاصلات نہ آهي، اُهو رشتو ناتو گهٽ آهي، روح جو ريلو وڌيڪ آهي. اُهو مڪمل تڏهن آهي جڏهن عاشق جلاوطن آهي ۽ پنهنجي قوم کان ڪٽجي وڃي ٿو. هو روسي ناول نويس گوگول جي ناول ’تارس بلبا‘ (Tarus Bulba) جي هيرو وانگر پنهنجي محبوبہ کي چوي ٿو: ”تون ئي منهنجي قوم آهين، تون ئي منهنجو وطن آهين.“ مون خود اهڙي ڪيفيت چار پنج ڀيرا محسوس ڪئي آهي. اهو جذبو ڀنڀور جي وٽڪار چڙهي، ڪيچ مڪران ڏانهن ڪاهي ٿو. هڪ غير قوم جي محبوبا لاءِ عشق هڪ عنصري آرزو محسوس ڪري ٿو جا لفظن ۾ نہ پر فقط چمين ۾ اظهارجي سگهي ٿي. اُن جو پس منظر ڪڏهن نجد جو صحرا آهي، ڪڏهن ڪوهہ بي ستون جون چٽانون آهن، ڪڏهن ڪوئي تنها مينار آهي تہ ڪڏهن ڪوئي پاٽيءَ جو جهاز آهي. جڏهن بائرن ڊان جون 1819ع ۾ لکيو هو، تڏهن پاٽيءَ جي جهاز جي شڪست کان پوءِ پنهنجي محبوبا هائڊيءَ (Haidee) جي پيار جي باري ۾ لکي ٿو

”اُنهن کي اڪيلي ڪناري تي نہ اکين جو ڀؤ هو ۽ نہ ڪنن جو، اُنهن کي رات جي انڌاري جو خوف بہ ڪونہ هو.

هُو هڪ ٻئي لاءِ سڀ ڪجهہ هئا. جيتوڻيڪ اُنهن جي ڳالهہ ٻولهہ ٽُٽل ڦُٽل لفظن ۾ هئي، پر اُنهن اهڙيءَ ٻوليءَ ۾ ٿي سوچيو جا هنن جي هئي.

۽ ساريون جيئون جي ٻولين ۾ پرنديون آهن،
هو انهن جي ساڃاهہ هئا،
جا هڪ ٽڏي ساهہ ۾ لڪل هئي- اهو پهريون پيار هو.
جو حوا پنهنجي پهرين حادثي کان پوءِ
پنهنجي هر ڌيءَ جي مقدر ۾ لکايو آهي.“

آمريڪي ڊراما نويس ”يوجين اونيل“ پنهنجي هڪ ڊراما ۾ لکيو آهي:

”مون هن کي اُنهن سارن جزيرن جي باري ۾ ٻڌايو جتي رڳو هوءَ هئي ۽ آئون هئس، ۽ جتي مون هُن سان وڃڻ ٿي چاهيو پر اُهي جزيرا هر ڪنهن لاءِ ضروري نہ هئا.“ بودليئر کي پئرس ۾ انسان ۾ مُشڪ جي خوشبو ۽ عاج جون رليون مليون. ’جيءَ جي جلاوطني‘ ۾ شاعر کي معاشري سان تصادم، شراب نوشي، منشيات جو واهپو سياست، الحاد، تشدد، عشق ۽ محبت ضروري آهي. ’پؤنر پري آڪاس‘ جي تخليق کان وٺي ڪيئن سالن لاءِ مون اهي سڀ ڪيفيتون محسوس ڪيون. رڳو منشيات کان پري رهيس. يوناني ڏند ڪٿا آهي تہ ائفروڊائٽيءَ پئرس کي ايتري ديوانگيءَ جي سرحد تي پهچايو جو هن هيلن کي حاصل ڪرڻ لاءِ ٽراءِ کي مسمار ڪيو. منهنجي رومانوي زندگيءَ ۾ ڪائي هيلن آئي تہ هئي!

رومانوي عشق هميشہ غم ۽ اونداهہ ۾ رهيو آهي، اُن کي مسرت ملندي بہ آهي

تڏهن بہ هو اُداس هوندو آهي، ڇو تہ رومانوي عاشق وقت ۽ تغير کي ياد ڪندو آهي. موت هن جو يار و مددگار ٿي ويندو آهي، ڇو تہ موت ۾ ئي هن جي محبوبا شاعر ڪيٽس (Keats) جي مراقبي وانگر ٿي ويندي آهي، جنهن لاءِ هُن چيو آهي:

”هُو هن سان هميشہ محبت ڪندو رهندو،
۽ هوءَ هميشہ لاءِ خوبصورت رهندي.“

مشرق ۽ مغرب جي ادب ۾ رومانوي عشق جا هزارين مثال آهن. اُهي رومانوي عشق اسان بہ محسوس ڪريون ٿا. بقول غالب:

اها آگ جا لڳائي نہ لڳي ۽ ٻُجهائي نہ ٻُجهي، جا هر پابنديءَ جي خلاف ٻن دل وارن جي سازش آهي، قانون شڪني آهي، معاشري سان بغاوت آهي، پنهنجيءَ جبلت (Instinct) جو برملا اظهار آهي، اها آگ انسان کي پنهنجي آزاديءَ جو شعور ڏئي ٿي ۽ هو اُن لاءِ جان جي بازي لڳائي ويجي ٿو. اها چانڊوڪيءَ جي دنيا آهي. بن تي چانڊوڪيءَ جنهن ۾ ڪويليون ڪُوڪي رهيون آهن. 1963ع ۾ منهنجي باري ۾ سنڌي ادبي تيرٿ و سنت اڳڪتي ڪئي هئي تہ منهنجي ڪيفيت مون کان اهي جوکا ڪٽائيندي، جي سنڌي سماج کي ڏوڏي وجهندا.

اجا تائين اها ڳالهہ موسيقيءَ، شاعريءَ، ناولن، مصوريءَ ۽ ٻي ويءَ وغيره تي اڪثر ملي ٿي ۽ ڊش اينٽينا تي ڏسي سگهجي ٿي. هڪ مضبوط قلعي وانگر رومان انسان کي محفوظ رکي ٿو.

هاڻي انهيءَ يقين تي شڪ جو اولڙو سائنس وجهي ٿي. سائنس هاڻي سوچي ٿي تہ اهو سڀ انساني جسم ۾ ڪيميائي اجزا جو ڪمال آهي، جن جا نالا آهن ائمفي ٽيمائن (Amphetamines) جن ۾ ناري پائن فرائن ( Norepine Phrine) ڊارمائين (Dormine) ۽ فيني ليٿي ليمائن ( Pheny Lethy Lamine) جا اجزا شامل آهن. اهي ڪيميائي اجزا عشق جي ڪيفيت اُڀارن ٿا. عاشق ايئن سمجهن ٿا تہ هڪٻئي کي ڏسي هنن جا پير نڪري ويا آهن، ان نتيجي ۾ هو غلط آهن. مٿيان ڪيميائي جزا هنن کي هڪ سيلاب وانگر لوڙهي وڃن ٿا. جڏهن اکيون اکين سان ملن ٿيون، يا ڪنهن جي وارن تي هٿ ڦيرجن ٿا يا هنن مان ڪائي انوکي خوشبو اچي ٿي، تڏهن انهيءَ ڪيفيت کي اسان عشق چئون ٿا. اها ڪيفيت انسان جي دماغ ۾ پيدا ٿئي ٿي ۽ رڳن ۾ بجليءَ وانگر ڊوڙي ٿي، منهن ڳاڙها ٿي وڃن ٿا، هٿن جون ترِيون پگهرجي وڃن ٿيون ۽ ساهہ گهُٽجڻ ٿو لڳي. هاڻي حياتيات جا ماهر چون ٿا تہ انساني جسم ۾ مٿين ويرالڙ ڪيمياوي جزا پيدا ڪن ٿا. آمريڪا ۾ ان تي نهايت دلچسپ بحث هلي رهيو آهي. اُتي نفسياتي ادارا چون ٿا تہ جڏهن مٿيان ڪيمياوي جزا گهٽجي وڃن ٿا تڏهن عشق پوٺو پئجي ويجي ٿو. ماهرِ نفسيات اڪثر اهڙا ماڻهو ڏنا آهن، جن جي محبت جي

سرشاريءَ جا ايتريءَ حد تائين عادي آهن. جو جڏهن هنن جي هڪ محبت پوري ٿي وڃي ٿي تڏهن هو ٻي محبت لاءِ ڪنهن مجنونءَ وانگر وڃن ٿا. حياتيات جا ماهر چون ٿا تہ ڪيمياوي جزا اها ڪيفيت پيدا ڪن ٿا. هُو اڃا اهو سمجهائي نہ سگهيا آهن تہ لکين ماڻهو ڇڏي، ڪوئي ماڻهو هڪ ماڻهوءَ ڪي محبت لاءِ ڇو ٿو چونڊي ۽ جڏهن اهو گذاري وڃي ٿو تہ ساري عمر انهيءَ ڪي ياد ڇو ٿو ڪري؟ نہ هُو اهو سمجهائي سگهيا اهن تہ محبوب ياد ۾ سدائين تر و تازہ ڇو آهي؟ سائنس ڪهڙي بہ جک ماري پر اُها مُرڪ ۽ اهو چهرو وقت جي البم ۾ محفوظ آهي.

عشق شاعريءَ جي غذا آهي. ان ڪان سواءِ شاعري پوٽي پئجي وينجي آهي. جڏهن فرانس جي صدر فرانسوا متران ڪان عشق جي باري ۾ پڇيو ويو، تڏهن هن چيو تہ "عشق ڪان سواءِ جياپو اجايو آهي." ڪيميائي جزا بہ عشق سان تحرڪ ۾ اچي سگهن ٿا. پر ڇا معصوم ٻار سان محبت، پيءُ ماءُ سان محبت، اُستاد سان محبت، سرورِ ڪائنات سان عشق ۽ اُن ازلي حقيقت سان عشق جا هن وجود جو باعث آهي. جا ڪِولين ڪي ڪڙ ۽ تارن ڪي تجلي ڏئي ٿي، اُن ساري عشق جو ڪارڻ ڪيميائي اجزا ۽ اُنهن جو متحرڪ جذبو آهي؟ سائنس عشق جي معاملي ۾ بنهہ غلط آهي. شاعري صحيح آهي، بلڪل صحيح آهي، حافظ ڪهڙو نہ چڱو چيو آهي:

عشق اگر خيمہ زند ملک جهان اين همہ است،
يار اگر جلوه کُند دامنِ جان اين همہ است.

(ترجمو: عشق جي تنبو کوڙي تہ سارو ملڪ اُتي ئي آهي،
يار جي پاڻ پسائي تہ جيءَ خودبخود اُتي ڇڪجي اچي ٿو.)

***

هڪ انسان جو پاڻ ڪان وڌيڪ ڏکي انسان ذات سان عشق بہ نہ ٿي سگهي ٿو جيئن مشهور جرمن ڊاڪٽر ۽ فلاسفر آلبرٽ شوائيٽزر ڪيو ۽ آفريڪا جي جهنگلن ۾ پنهنجيءَ جان جي پرواهہ نہ ڪري، ڪوڙهين جو علاج ڪيائين ۽ پنهنجي پيغمبر حضرت عيسيٰ عليہ السلام جي پيروي ڪيائين. اهو انسان ذات سان عشق تہ پنهنجو مثال پاڻ آهي. ڇا اهو سائنس سمجهائي سگهي ٿي؟

اهڙا بہ آهن جي پاڻ ڪي سائنسي سوچ جو اهل سمجهن ٿا. جيتوڻيڪ ڪا بہ سائنس نہ پڙهي اٿائون ۽ بہ ٿي سياسي استعارا ياد ڪيا اٿائون. انهن جي ذهن مان جيترو ٿي سگهي اوترو جلدي نڪرڻ گهرجي.

منهنجي ڪافي شاعريءَ جو متحرڪ جذبو عشق رهيو آهي، جو انسان جو اعليٰ ترين جذبو آهي. اهو تصوراتي بہ آهي ۽ ان جا بنياد حقيقت ۾ بہ آهن ۽ جيڪڏهن مون ڪي اُن جون يادگيريون نہ هجن ها تہ موت ڪان ٻانهن ڇڏائي نہ سگهان ها. منهنجا گذريل چار سال تہ حافظ جي هيئين شعر جو ثبوت آهن.

هرگز نہ ميرد آنکہ دلش
زندہ شد بہ عشق
ثبت است بر جريدہ عالم
دوام ما

(ترجمو: اهو هرگز نہ ٿو مري جنهن جي دل عشق زندهہ ڪئي آهي. دنيا جي دستاويز تي اسان جي دوام جي مهر لڳل آهي.)

چاڪاڻ جو منهنجيءَ پوئين شاعريءَ ۾ موت جو ذڪر ايترو آهي جو دنيا جي ڪنهن بہ شاعر قديم يا جديد. جي شاعريءَ ۾ نہ آيو آهي تہ ڪجهہ نادان ايئن سمجهن ٿا تہ مان موت کان ڊڄان ٿو. دراصل منهنجي شاعري ان ڳالهہ جي گواهہ آهي تہ مون موت جي خوف جو نہ رڳو اظهار نہ ڪيو آهي پر اُن کان بنهہ بيپرواهي ڏيکاري آهي. ها موت مون کي سدائين ياد رهيو آهي ھي زندگي گلاب جي پن تي ماڪ ڦُڙي وانگر آهي ۽ ڪڏهن بہ اڏامي سگهي ٿي. اُنهي جي اختصار جو احساس تہ هر پيغمبر کي بہ رهيو آهي ۽ نہ رڳو اخلاقيات جو بنياد آهي پر فني تخليق کي بہ اُتساهي ٿو. مون پنهنجي ڪتاب 'سر لوهڙيا ڳيپا' جي آخري صفحن ۾ ڪٿي لکيو آهي.

"وڳنڊا ڪوئي چرچو ٻُڌاءِ" پٽائي چيو.

"سائين! موت کان وڌيڪ چرچو ڪهڙو ٿي سگهي ٿو ۽ اُهو تون اڳيئي ڄاڻين!" وڳنڊ جواب ڏنو.

علام اقبال چيو آهي:

جاودان، هر دم روان، پيهم دوان هي زندگي

مون کي ايتريون هارٽ اٽئڪون ٿيون ئي زندگيءَ سان بيحد محبت ڪري مون اُتر ۽ ڏکڻ ڳوا ۾ ارڙهن سؤ ميل ٻن ڏينهن ۾ ڪار ۾ سفر ڪيو ۽ سفر جو ٿڪ محسوس نہ ڪيو. منهنجو ڪاڏو پيتو ايئن هو جيئن يوناني ديوتا ڊايونيسز جو هوندو هو. مون راتين جو راتيون جاڳي مانڊوي نديءَ تي پورچوگيز گانا ٻڌا ۽ "فيني" ناونوش ڪندو رهيس ۽ جڏهن ڪراچيءَ موتي آيس تڏهن بہ ساري ساري رات لکندو رهيس جيستائين اچانڪ هڪ رات مون کي هارٽ اٽئڪ ٿي.

مان ڪارڊيو وئسڪيولر انسٽي ٽيوٽ ۾ بار بار ان ڪري ويس جو ڊاڪٽرن جي مشوري تي عمل نہ ٿي ڪيم ۽ ان عرصي دوران مون ايترو لکيو جيترو مون ساري زندگيءَ ۾ نہ لکيو آهي. مون پنهنجي آزاد نظمن جو ڪتاب 'چوليون ٻوليون سمنڊ جون' (جن ۾ پابند نظمن کان وڌيڪ پابندي آهي ۽ جو اٽڪل 3 سئو صفحا ٿيندو). مون اٽڪل پندرنهن ڏينهن ۾ رات جي ڏهين وڳي کان صبح جي پنجين بجي تائين لکي پورو ڪيو ۽ اُن کي درست بہ

ڪيو. مون اڊائي سؤ ترائيل ’چنڊ ڳليون‘ جي نالي پنجن راتين ۾ پورا ڪيا. مان اُن جو ٿورائتو ٿيندس جيڪو مون کي دنيا جي ڪنهن قديم يا جديد شاعر جو نالو ٻڌائيندو جنهن ايتري شاعري، ايتري ٿوري عرصي ۾ ڪئي آهي. دراصل مان هڪ پُرگو شاعر ۽ اديب آهيان. فيض پنهنجي پوري صحافتي زندگيءَ دوران ايترو نثر نہ لکيو هو جيترو مون برسات ۾ ٽن مهينن ۾ لکيو آهي.

زندگي جي هن پوئين دؤر ۾، اڳئينءَ بيماريءَ جي عرصي ۾، مون موت تي ڪافي سوچيو آهي ۽ ان سوچ کي اظهاريو آهي. جن کي خدا فڪر جي قوت نہ ڏني آهي، اُهي موت تي سوچ کان لنوائيندا آهن. مان موت جي باري ۾ پنهنجا خيال پنهنجي مشاهدي ۽ مطالعي مان ڪجهہ هيٺ ڏيان ٿو.

ٿامس ڪارلائل (Thomas Carlyle) زندگيءَ کان انحراف (Defection) جي باري ۾ چيو آهي تہ ”هو اڪثريت سان وڃي شامل ٿيو آهي، بظاهر جيئري ماڻهو اقليت ۾ آهي پر ڇا زندگي فقط انسان کي آهي يا هن ڪائنات جي ذري ذري کي آهي ۽ اُن جو مشاهدو فقط وان گوگ جهڙا انسان پنهنجيءَ مصوريءَ وقت ڪري سگهندا آهن؟ موت ڇا آهي، ان جو پورو ادراڪ ناممڪن اهي. رڳو اُن کي پيغمبر سمجهي ٿا سگهن پر انهن جو بہ ڪنهن زبان ۾ اظهار مبهم آهي ڇو تہ زبان موت جي تخيل جو احاطو ڪري نہ ٿي سگهي.

ڊاني (Donne) اُن کي ”بهتر ٻوليءَ ۾ ترجمي وانگر ڪوٺيو آهي.“ سينٽ فرانسز آف اسيسي جو اهل ڪتاب هو ۽ جنهن جو مطالعو مون لاءِ ’ڪشف المحجوب‘ جيتري اهميت رکندو آهي، اُن خدا جو ان لاءِ احسان مڃيو تہ ”تہ هن اسان جي جسم کي موت جهڙي ڀيڻ ڏني آهي.“

مان سمجهان ٿو تہ موت اسان جو دائمي همسفر آهي ۽ اُن ڪٿي بہ ڪنهن وقت بہ اسان جو ساٿ نہ ڇڏيو آهي. هن جي موجودگي پاڇي وانگر سؤکي ۽ پيرِ هَلڪي آهي. اُن کان رڳو احمق ڊڄندا آهن. هو سامي چواڻيءَ ڏندري ڏائڻ نہ آهي. هن جو ساٿ ازلي ۽ ابدي آهي، غير محسوس آهي، ڄڻ تہ هُو آهي ئي ڪونہ فقط زندگي ئي زندگي آهي. فقط مانٽين (Montaigne) جهڙا ماديت پسند ئي چوندا آهن تہ ”ڀين لاءِ جاءِ واندي ڪيو، جيئن ڀين اوهان لاءِ جاءِ واندي ڪئي آهي.“

موت جي هر پهلوءَ تي مون ڊپ جي. اين رائيٽ جو سارو ڪتاب پڙهيو تہ مون تي فاني بدايونيءَ واري ڪيفيت طاري ٿي وئي.

اک معمہ هي سمجهني کا نہ سمجهاني کا،
زندگي کا هي کوهي خواب هي ديواني کا.
هر نفس عمر گذشتہ کي ميت فاني،
زندگي نام هي مر مر کي جئي جاني کا.

(ترجمو: هڪ ڳجهارت آهي جا سمجهڻ جي آهي ۽ نہ سمجهائڻ جي آهي.
زندگي ڇا جي لاءِ آهي؟ ڇڻ تہ هڪ ديواني جو خواب آهي؟
فاني! هر ساهہ گذريل حياتيءَ جو لاش آهي،
زندگي مري مري جيئڻ جو نالو آهي.

جيتوڻيڪ انهيءَ ڪتاب ۾ موت جي باري ۾ واليٽيئرجو پهريون قول ڏنو ويو آهي.

”انسان ذات ئي اُهو ساهوارو آهي، جنهن کي پنهنجي موت جو شعور آهي، ۽ اُن کيِ اِن جي باري ۾ تجربي مان پتو پيو آهي. جيڪڏهن ڪنهن ٻار جي ڪنهن اڪيلي ٻيٽ تي پرورش ٿئي تہ هن کي ٻليءَ يا ٻوٽي وانگر اِن ڳالهہ جو پتو نہ پوي“ دراصل ايئن نہ آهي. منهنجيءَ زال هڪ ڇتون پاليو هو جو اسان سان ايترو هِري مِري ويو هو جو اسان هن جي پڃري جو در کوليو ڇڏيندا هياسين. هو اَڻ۔ وڻندڙ ڳالهہ تي چڙندو هو ۽ رهڻون ڏيندو هو ۽ وڻندڙ ڳالهہ تي ٻچڪاريندو هو. جڏهن مُئو تي تہ هن جي اکين مان ظاهر تہ هو دُکي هو ۽ اسان کي هميشہ لاءِ الوداع ڪري رهيو هو. اها ساڳي ڪيفيت مون پنهنجي پالتو ڪُتي ۾ بہ موت جي گهڙيءَ وقت ڏٺي هئي. مون گهوڙا چرڪندي ڏٺا آهن. جڏهن هو لاش جي پرسان لنگهندا آهن. تازو 20 مارچ 1993ع جي ٽائيم رسالي ۾ ڇهہ ست صفحا ڪور ستوري (Cover Story) هئي. (Can Animals think) جنهن ۾ ٻلهڻن (Dolphins)، باندرن وغيره تي مضمون لکيل آهي ۽ حياتيات جا ماهر انهيءَ نتيجي تي پهتا آهن تہ جانور نہ رڳو سوچي سگهن ٿا پر انسان انگر اُنهن جي دل تي موت جو ڌهو پوي ٿو.

***

انسان جڏهن ٻين جو موت ڏسن ٿا تڏهن هنن جو رِدعمل سمجهي سگهجي ٿو. هو بہ تڏا ساهہ پرن ٿا، بہ ڳوڙها ڳاڙن ٿا، ۽ جي هو ويجهو آهي يا پيارو آهي تہ اوچنگارون ڏين ٿا. ڪڏهن تہ آپي کان نڪري وڃن ٿا ۽ ليٽڙيون پائن ٿا ۽ پوءِ هن جي جنازي نماز پڙهي، هن کي مٽيءَ جي سپرد ڪن ٿا ۽ ان تي نہ ٿا سوچن تہ لاش تي ڪيترا ڪ ٿا ماڪوڙا مِڙي ويا هوندا. هُو پنهنجي تحت الشعور ۾ محسوس ڪن ٿا تہ بقا فقط فنا کي آهي، تہ زندگي ناپائدار آهي، عارضي آهي، محدود آهي ۽ اُن جو هر پل اهم آهي ڇو تہ هيءَ زندگي ٻيهر نہ ملڻي آهي ۽ اهو وساري ڇڏن ٿا تہ ڪين بہ ڪنهن وقت راهہ عدم جو راهي ٿيڻو آهي. گهڙي نہ ٿي گذري تہ موت جي تڏي تي زندگيءَ جي ڳالهہ شروع ٿي وڃي ٿي، زماني سازي پنهنجي اهميت ڏيکاري ٿي، ۽ اُن گهڙيءَ کي وساري ڇڏي ٿي جا هنن سوڏيہ هر ڪنهن تي اچڻي آهي. زندگي وري معمول مطابق هلي ٿي ۽ بقول ذوق:

لائي حيات، آئي قضا، لي چلي چلي،
اپني خوشي نہ آئي نہ اپني خوش چلي.

(شهيد ڀُٽي لاهور جي هڪ ميڙ ۾ ذوق جو مٿيون شعر پڙهيو هو.
ڇا هن جي لاشعور تي تقدير جا پاڇاوان پئجي رهيا هئا؟)

اڳيان ترقي پسند اديب هڪ لفظ Obscurantist (تحقيق جو دشمن. ظلمت پسند). ٻوليءَ ۾ بار بار استعمال ڪندا آهن. اهو اشتراڪي ڳجھ ڳجھ جو لفظ آهي (مان ان ڳجھ ڳجھ تي قسط وار مضمون لکي رهيو آهيان (Jargon) جيڪو سنڌ جي اُردو ۽ سنڌي اشتراڪي نٿن جي سطحيت، تعصب، مڪر و فريب، ڪم ظرفي، ايذاء پسنديءَ ۽ آسان طلبيءَ کي وائکو ڪندو.)

اشتراڪي هئلميٽ ۾ ڪم آندل شيڪسپيئر جا هينيان لفظ وساري ٿا ڇڏن.

"There are many things in heaven and earth, Horatio, than thy philosophy can dream of."

"ترجمو: هورئشوا هن ڌرتي ۽ آڪاس جي وچ ۾ ڪيئي ڳالهيون آهن، جي تنهنجي فلسفي جي خواب و خيال ۾ بہ نہ ٿيون اچي سگهن."

اهي اشتراڪي ترقي پسند جدلياتي ماديت ۽ طبقاتي جدوجهد کي 'سائنسي سوچ' چون ٿا. هنن نہ هيگل پڙهيو آهي ۽ نہ هنن کي خبر آهي تہ مارڪس ڪيئن هيگل جي فلسفي جي ستياناس ڪئي هئي ۽ اڳين طبقاتي جدوجهد جو دؤر ڪميونزم جي خاتمي کان پوءِ ختم ٿي ويو. ممڪن آهي اشتراڪي ترقي پسند ( جي هن وقت رجعت پسند ٿي چُڪا آهن چو تہ هو ڏيڍ سو سال پراڻي فلسفي ۾ اعتبار ڪن ٿا) مون کي بہ ساڳي لقب سان نوازن ٿا جي مان موت جي مفهوم (Definition) تي ڪجھ لکان ٿو! (Progressive لفظ جو صحيح ترجمو ترقي پذير آهي ۽ نہ ترقي پسند. مون کي ترقي پسند لفظ تي اعتراض نہ آهي پر ترقي پذير تي اعتراض آهي، چو تہ اُن ۾ ترقيءَ کي لازمي تصور ڪيو ويو آهي جا ڳالھ حقيقت جي خلاف آهي. ان ڪري مون "اشتراڪي ترقي پسند" لفظ استعمال ڪيو آهي چو تہ اهو لفظ اسان کي برغلائڻ لاءِ Progressive جي ترجمي طور لاءِ گهڙيو ويو آهي.)

ڪنهن چيو آهي تہ "جيڪو جيئرو رهي ٿو اُهو هڪ ڏينهن ضرور مري وڃي ٿو." شاعر بہ ڪنهن حد تائين سائنس دانن سان ان ڳالھ ۾ شريڪ آهن تہ "جڏهن موت کان پوءِ اسان جو وجود ئي نہ ٿو رهي، تہ موت اسان لاءِ ڪهڙي معنيٰ رکي ٿو؟

سينيڪا (4 ق ـ ا ـ م کان 65 ب ـ ا ـ م تائين) هڪ ڀيري چيو هو تہ "موت نهايت پوائتو آهي جي هو توءٽ ترسي پئي، پر يا تہ هو اچي ئي ڪونہ ٿو ۽ حياتي

ائين ختم ٿي وڃي ٿي يا هو رمندو ٿو رهي.“ روس جي عظيم شاعره ائنا اخمتوا هڪ نظم ۾ لکيو آهي:

”جڏهن انسان مري وڃي ٿو
تڏهن فقط هن جي شبيهه بدلجي وڃي ٿي،
هُن جون اکيون ٻي طرف ڏسن ٿيون. هن جا چپ هڪ مختلف مُرڪ مُرڪن ٿا.
مون اِهو محسوس ڪيو
جڏهن هڪ شاعر جي تجهيز ۽ تڪفين وٽان موٽان پئي،
اُن وقت کان وٺي مون اُن کي غور سان جاچي ڏٺو آهي،
۽ منهنجي نظرئي جي تصديق ٿي آهي.“

اهو ڪنهن چيو هو تہ مرده اُهي زندهہ آهن جن کي تعطيل لاءِ ڪجهہ وقت مليو آهي؟

جوانيءَ ۾ ڪنهن وقت آنءُ سئميوال جانسن (Dr. Samuel Johnson) وانگر سوچيندو هوس تہ اِن ڳالهہ جي اهميت ڪهڙي آهي تہ ماڻهو مري ڪيئن ٿو؟ اهميت تہ ان ڳالهہ جي آهي تہ هُو جيئي ڪيئن ٿو. مرڻ ايترو اهم نہ آهي. اِهو تہ جهٽ پَلُ هلي ٿو. پر هاڻي جڏهن مان زندگيءَ جي سرحد ٽپي چُڪو آهيان ۽ زندگيءَ جي هر ڏينهن کي غنيمت ۽ خدا پاران تحفو ٿو سمجهان. مان مٿي چيل ائنا اخمتووا واري ڳالهہ تي اعتبار ڪيان ٿو. هوءَ رهندي تہ دهريت جي دؤر ۾ هئي، پر اُن جي دز بہ هُن کي ڇُهي نہ سگهي هئي. ائنا اخمتووا، هن جو دوست روسي شاعر مينڊالستام ۽ هن جي زالناديزدا جا هُن جي سوانح نگار بہ هئي. پنهنجيءَ پيڙا سان پنهنجي دؤر کي يسوح وانگر موکي ويا.

ڪنهن وقت منهنجي چپن تي جرمن شاعر هائنرش هائني جي دعا جا لفظ ايندا آهن تہ:

”يا خدا. مون حماقت ۾ جيڪي تو لاءِ چيو آهي. اُهو مون کي بخش. جئن مان پنهنجن مخالفن کي اُنهن جي بيوقوفيءَ جي ڳالهين لاءِ بخشي ڇڏيندس. جي هُنن منهنجي باري ۾ لکيون آهن. توڙي روحاني طرح هوُ مون کان ايترو ئي ڪمتر آهن. جيترو مان تنهنجي ذات اقدس کان آهيان.“

اسپتال ۾ مون کي جارج برنارڊشا جا اهي لفظ بار بار ياد ايندا هئا جي هڪ آرٽسٽ پنهنجي زال کي چيا هئا. ”مان چاهيان ٿو تہ تون خوبصورت لڳين. مان چاهيان ٿو تہ ماڻهو تنهنجين اکين ۾ ڏسي چوَن تہ تون منهنجي زال آهين. اٽليءَ ۾ جڏهن ماڻهو ڊانٽي کي ڏسندا هئا تہ چوندا هئا تہ هُو وڃي رهيو آهي جنهن جهنم (Inferno) ۾ گُذاريو آهي. مان چاهيان ٿو تہ هو تو ڏانهن اشارو ڪري چون. هوءَ عورت ڏسين ٿو جا وڃي رهي آهي. اها بهشت ۾ رهي آهي.“

نوٽ: ڊانتي اٽليءَ جو عظيم شاعر جنهن جڳ مشهور ڪتاب Inferno تصنيف ڪيو هو. مٿيان لفظ برنارڊشا پنهنجي ڊراما (The Doctor's Dilemma) ۾ لکيا آهن.

مان جڏهن غناسطي (Agnostic) لڳندو هوس ۽ مرحوم سردار علي شاهه جهڙا بنياد پرست مون کي تڪا ہوتيون ڪرڻ چاهيندا هئا. تڏهن بہ موت جو خيال مون کي سارو وقت رهندو هو جيتوڻيڪ مان اهڙا نظم بہ لکندو هوس.

"رهندو ياد اهو الحاد چوان ٿو مٽي زنده آباد"

منهنجن ادبي مخالفن جو وس هلي ها تہ اُن وقت منهنجا ڪتاب ائين جلائين ها جيئن 1150ع ۾ خليفي المستنجد جي حڪم سان ابنِ سينا ۽ اخوان الصفا جون تصنيفون بغداد ۾ جلايون ويون هيون. اها ہي ڳالهہ آهي تہ ساڳي تجويز جي ايم سيد کي پيش ڪئي وئي هئي، جڏهن مان سنڌ يونيورسٽي جو وائيس چانسلر هوس.

منهنجا اڪثر دوست دهريا هوندا هئا ۽ نہ هو سمجهي سگهندا هئا ۽ نہ منهنجا دشمن سمجهي سگهندا هئا تہ مان پنهنجيءَ تلاش ۾ آهيان ۽ جيستائين مون کي پنهنجو تجربو نہ ٿيندو تيستائين هو پنهنجي ڳالهہ مون تي مڙهي نہ سگهندا.

ڪجهہ وقت اڳ مان خالد اسحاق وٽ پنهنجي ڪم سان ويو هوس. هوُ هِن وقت پاڪستان جو چوٽيءَ جو وڪيل اهي ۽ اڳئين عبوري وزيراعظم معين قريشيءَ جا رپورٽ شايع ڪرائي هئي، اُن ۾ ڏيکاريل هو تہ هن پنجويهہ لک ساليانی انڪم ٽئڪس ڀري هئي. هو منهنجو ڪلاس فيلو دوست ۽ وڪالت ۾ پائيوار هو. هو شروع کان مذهبي لاڙي وارو ماڻهو رهيو آهي ۽ جڏهن مان سنڌ يونيورسٽيءَ جو وائيس چانسلر هوس ۽ حڪومت جي فرمائش موجب، اسان اسلامي پندرنهين صديءَ جي شروعات ملهائي رهيا هئاسين، تڏهن ان موقعي تي مون هن کي صدارت لاءِ گهرايو هو. ڳالهيون ڪندي مون هن کي زندگي، موت، روح جي بقا وغيره جي باري ۾ پنهنجا خيال ٻڌايا. هو مون کي خاموشيءَ سان ٻڌندو رهيو ۽ نيٺ چيائين، "ايازا نيٺ تون انهيءَ ساڳي ڳالهہ تي پهتين جا مان توکي تڏهن چوندو هيس جڏهن اسان پائيوار هوندا هئاسين." هن اُن وقت مون کي وليم جيمس جو ڪتاب 'مذهبي تجربي جا نمونا' (The Varieties of religious experience) پڙهڻ لاءِ ڏنو هو. اُهو ڪتاب اجا تائين مون وٽ آهي. ان مون تان ايم اين راءِ جي دهريت جي اثر کي ڏوئي ڇڏيو هو. نہ تہ مان ايم اين اي راءِ جي سد ماهي، مارڪس جو رستو (The Marxian way) ۾ هن جاماديت تي مضمون پڙهي، ڪافي متاثر ٿيو هوس.

مون خالد کي جواب ڏنو "اهو صحيح آهي تہ توکي محڪم يقين هو ۽

تنهنجي مطالعي ۽ مشاهدي اُن کي محڪم تر ڪيو آهي ۽ ممڪن آهي تہ آخر تائين تنهنجو يقين ڪنهن وقت لُڏي سگهي ٿو پر منهنجو يقين لُڏي نہ ٿو سگهي ڇو تہ مان ڍگهي رستي تان هلي اُن تي پهتو آهيان.“

اوچتو مون کي والتيئر جي زندگي مان هڪ واقعو ياد آيو جو مان ’ڪَنين ڪر موڙيا جڏهن‘ جي ٻئي حصي ۾ لکي چُڪو آهيان پر اُهو مون هن کي نہ ٻڌايو. منهنجي ساري زندگي انهيءَ تجسس ۾ گذري آهي تہ موت جي حقيقت ڇا آهي، ڇا اسان هن زندگيءَ کان پوءِ بہ زنده آهيون، خدا ڇا آهي، ڪٿي آهي ۽ هُن جي تلاش لاءِ ڇا ڇا لازمي آهي ۽ ڇا اِهو انسان لاءِ ممڪن آهي تہ هو خدا کي تلاش ڪري سگهي؟

***

موت جي باري ۾ جدا جدا رايا آهن. اسان موت کان پاڻ کي محفوظ ڪيئن ٿا ڀانئي سگهون؟ هڪ ٻڌ پُسمتڪ ۾ آهي تہ جڏهن اسان ماءُ جي پيٽ مان نڪرون ٿا، موت هڪ قاتل وانگر تلوار کڻي اسان جي پُٺ تان اچي ٿو.

”ليوڪريشس (Lurcretius) چيو هو تہ روح جسم سان گڏ مري وڃي ٿو ۽ ان ڪري موت مان ڪوبہ خوف خطرو نہ آهي ڇو تہ اُن کي محسوس ڪرڻ جو ذريعو ئي اُن سان گڏ ختم ٿي وڃي ٿو.“ پر روسو چڙ اسان جي ترقي پسند اديبن لاءِ چيو هو تہ ”جيڪو اهو ڊِوُنگ ڪري ٿو يا گيگ ملائي ٿو تہ مون کي موت جو خوف نہ آهي، اُهو بنهہ ڪوڙ ڳالهائي رهيو آهي. ڇو تہ اِهو خوف ساهوارن لاءِ بلڪل ضروري آهي ۽ اهو نہ هجي ها تہ ساري انسان ذات ناس ٿي وڃي ها.“

موت واقعي اسان کي اڪثريت سان ملائي ٿو پر ان ڳالهہ تي مالرو (Malraux) جو رد عمل اهو هو تہ ”مان موت جي باري ۾ نہ ڳالهائي رهيو آهيان. مان پنهنجي باري ۾ ڪجهہ چئي رهيو آهيان.“

مان موت جي باري ۾ شيڪسپيئر ۽ سقراط جا رايا اڳيئي پنهنجي ڪتاب ’ڪَنين ڪَر موڙيا جڏهن‘ ۾ ڏئي چُڪو آهيان ۽ هتي ورجائڻ نہ ٿو چاهيان. الا جي ڪنهن چيو آهي، ”زندگي ايتري نہ آهي ۽ نہ اُن ۾ ڪائي وِٿي آهي تہ اُن تي ڳِٽي بہ ڪجي.“

”انهيءَ ڳالهہ جي تہ مون کي ڳِٽي آهي“، ڪنهن جواب ۾ چيو. پر ڳِٽي ٿئي ضرور ٿي ڇو تہ موت جي گهڙي اٽل آهي، اُن کان ڪا راهہِ فرار نہ آهي. اي. ايم. فارسٽر پنهنجي ناوَل "A passage to India" ۾ مسز مُور (Mrs. Moore) جي ڪردار نگاري ڪندي ڏيکاريو آهي تہ ڪيئن هوءَ زندگيءَ مان درجي بدرجي پاڻ ڪڍي ٿي وڃي ۽ ان طرح اُن کان ٿارو ڪري ٿي، جيئن عام ماڻهو ڪندا آهن. هن جي موت شاعر ييٽس (Yeats) وانگر ساراهہ جوڳي، اوچي ۽ اعليٰ نہ آهي، اُن ۾ پراڻي معاملات سان هُن بي صبري پئي ڏيکاري، ايئن ٿي لڳو تہ هوءَ ٻِر ٿي پئي هُئي، هر آرزوءَ مان بيزار هئي، هيڪلائي پئي چاهيائين، چڙ چيائين پئي تہ

هي فرض پورا ڪري وڃان تہ رمندي رهان. هوءَ انهيءَ منزل تي پهتي هئي جو ڪائنات هن کي هولناڪ بہ ٿي لڳي ۽ خسيس بہ.

"قدرت اُنهن کي خاتمي لاءِ تيار ڪري ٿي". مغربي نفسيات جي ماهر جُنگ (jung) چيو آهي، "جيتوڻيڪ اُهي انسان ذهني طور صحت مند آهن ۽ عمر جي هر اعصابي مرض کان آجا آهن، پوءِ بہ هو موت جي منزل تي سوچن ٿا." جُنگ (jung) خود بہ پنهنجي خود نوشت (Memoirs) ۾ موت جي باري ۾ لکيو آهي. منهنجي نظر ۾ هو فرائڊ ۽ ائڊلر کان بہ نفسيات جو وڏو ماهر هو. بہ ٽي راتيون تہ منهنجي ننڊ ڦٽي پئي هئي، جڏهن مون اِها خود نوشت پڙهي پوري ڪئي هئي. مون اڳيئي پنهنجي شعري مجموعي 'ڪتين ڪر موڙيا جڏهن۔ ياڳو ٻيو' ۾ هن جو ذڪر ڪيو آهي.

1963ع ۾ منهنجي سرڳواسي دوست سگن آهوجا بمبئيءَ ۾ پنهنجي غزل جو مطلع ٻڌايو هو.

**زندگي تُنهنجي ادائن مان ٿيو ٻر آهيان،**
**غم جو پهلو تہ بدل نيٺ بہ شاعر آهيان**

اُن وقت سُندري اُتم چنداڻي، نارائڻ شيام، گيتا راج، پروفيسر منگهارا ملڪاڻي، موهن ڪلپنا، رشيد ڀٽي ۽ ٻيا ڪيترائي سنڌي اديب ويٺا هئا. منهنجي پاڪستان موٽڻ کان ڪجهہ مهينا پوءِ، موهن ڪلپنا جا روز پوسٽ ڪارڊ ايندا هئا تہ سگن آهوجا کي اڌ رنگ ٿي پيو هو ۽ هن جي حالت ڪيتري ابتر هئي. اوچتو مون کي خبر پئي تہ سُگن جو ديهانت ٿي ويو. ڪي ماڻهو واقعي موت کان اڳ زندگيءَ مان ٻر ٿي پون ٿا.

جيتوڻيڪ انهن مان ڪيترائي پنهنجي اَتي دُک جي باوجود، زندگيءَ جي خوبصورت پهلوءَ کي ڏسن ٿا ۽ توڙ تائين ڀرپور زندگي گُذارن ٿا. لارينس آف عريبيا ۽ والٽ وٽمئن تہ زندگيءَ جي آخري الوداع کي مونجهاري ۽ دلسوزيءَ وارو سمجهن ٿا پر هڪ زين (Zen) گُرو اُن کي آسانيءَ سان مسترد ڪري ٿو ۽ چوي ٿو تہ "سارو سلسلو مايا جو آهي، نہ ڪي ڪوئي آچي ٿو، نہ ڪي وڃي ٿو."

فرانس جي مشهور مضمون نگار مانتين چيو، "مون لاءِ ڪائي آرزو، انهيءَ آرزوءَ کان وڌيڪ نہ آهي تہ ماڻهن جي موت وقت آخري لفظ ڪهڙا چيا ها. هُن جو مُنهن ڪيئن ٿي لڳو جو هو موت کي ڏيکاريندو! جي مان ڪُتب نويس هجان تہ مان ان ڳالهہ جو وَهي کاتو رکان جن ۾ الڳ الڳ ماڻهن جي موت جو حساب ڪتاب رکان جو ماڻهوءَ کي مرڻ سان گڏ جيئڻ بہ سيکاري سگهي"

ٽائيم رسالي ۾ لڏپلاڻ (Transition) جي باري ۾ ڪالم مون لاءِ ڪافي دلچسپيءَ جو باعث هوندو آهي.

ماڻهو جيئڻ جا ڪيترا بہ گُرَ سِکي پر مان يقين سان چوان ٿو تہ مون 'اناالله وانا

اليہ راجعون‘ جهڙي فصيح ۽ گهري سِٽ نہ پڙهي آهي. اها ڳالهہ سورنهن آنا سچي آهي، پر پوءِ بہ شاعر ۽ فلسفي پنهنجي ليکي موت جي باري ۾ سوچين ٿا! پهرين هارٽ اٽئڪ وقت محسوس ڪيو هو تہ اُها ڇاتيءَ ۾ هڪ هلڪي بي چئنيءَ سان شروع ٿئي ٿي. فيض مون کي ٻڌايو هو تہ هن کي يڪدم شديد درد پيو هو. هن هارٽ ’اٽئڪ‘ جي عنوان سان هڪ خوبصورت نظم بہ لکيو آهي. درد شدت سان ٿئي ٿو تہ اُهو ڪبي ڪلهي ۽ ٻانهن ڏانهن ڦهلي ٿو. آفت رسيدي انسان جو ساهہ منجهي ٿو، ٿڌا پگهر اچن ٿا. پاڻ ۾ نستائي لڳائي ٿو ۽ ڪنهن وقت هن کي اُلٽي بہ اچي ٿي انهن علامتن سان گڏ دل جي دڪ دڪ بہ ٿي سگهي ٿي. منهن پيانڪ ۽ سر خو ديناري ٿي سگهي ٿو ۽ آخرت سر تي چانيل نظر اچي ٿي. ان کي ڊاڪٽر Mayo Cordial Infration چون ٿا. پر ان وقت مان سوچي رهيو هوس تہ ڇا هي انت آهي يا ان کان اڳتي بہ ڪجهہ آهي؟ آلاجي مون ڇو سمجهيو تہ ايتري تڪليف هوندي بہ مان آرام سان مري سگهان ٿو ۽ موت رڳو نظر جو فريب آهي. هن زندگيءَ جي چانئٽ ٽپي، ٻي زندگيءَ ۾ ويڃڻو آهي ۽ اهو سلسلو ابد الاباد تائين آهي. مون اُن وقت چاهيو تہ مان آخري احساس تحرير ۾ آڻي سگهان، موت کي ٻوليءَ جي ڄار ۾ ڦاسائي سگهان. ڪير ڪير نہ مون کي ياد آيا. رلڪي، ٿامس مئن، اٽليءَ جي ناول نويس گيوسيپي دي لئمپي دوسا (Guesepe de Lampe dusa) جي ناول ’واگهہ‘ (Leopard) ۾ ڏنل هُن جا موت جي باري ۾ مشاهدا. ميريا هراري (Maria Harai) جي يادداشت ۾ پنهنجي پُٽ ڏانهن لکيل خط ”موت هڪ فرض منصبي آهي................. سڀ کان اهم ڳالهہ اها آهي ۽ اُن کي چڱي طرح پورو ڪيو وڃي.“

ليوتالسٽاءِ. جارج اليٽ. انگريز شاعره ايملي ڊڪنسن جي نظم جي هڪ سٽ:

I heard a fly buzz_ when I died.

(ترجمو: مون هڪ مک کي ڀِڻڪندي ٻُڌو، جڏهن مان مري ويس.)

جارج اليٽ ۽ ٻيا ڪيئي ياد آيا جن موت جي گهڙيءَ تي لکيو هو. منهنجي گهر جا ڀاتي، جي روئي رهيا ها. منهنجو ٿهڪ ٻُڌي حيران ٿي ويا. مون کي ونسٽن چرچل جو هڪ گفتو ياد اچي ويو جو اُن وقت چيو هو جڏهن هن پنجهتريون جنم ڏينهن ٽي ملهايو ”مان پنهنجي خالق سان ملاقات لاءِ تيار آهيان. پر مون کي معلوم نہ آهي تہ منهنجو خالق مون سان ملاقات جي اذيت برداشت ڪندو يا نہ!“

مون پنهنجيءَ پُٽ کي چيو تہ ”مون کي اسپتال وٺي هلو“ . ۽ زال کي چيو ”زرينا! مون انهيءَ ٿهڪ سان موت جي فرشتي جا ڪنب ڪپي ڇڏيا. مان هن ڀيري نہ مرندس. ٻئي ڀيري ڏٺو ويندو.“

***

اسپتال ڏنهن ويندي مون کي ڪجهه سٽون بہ ياد آيون. "آخر ۾ مون کي خيال آيو تہ موزارٽ (Mozart) کان وٺي سيگفريڊ سئسون (Siegfried Sasoon) تائين، سڀ انسان جن لاءِ توکي عزت هئي، ڪنهن نہ ڪنهن نموني مري ويا." مون کي شاعر جو نالو ياد نہ آيو. بهرصورت اها خاطري ٿي وئي تہ اجا موت جي گهڙي نہ آئي. مون هن کان رگ گردن لڪائي ڇڏي.

مون اسپتال ۾ ڪجهه ڏينهن ان ڳالهہ تي غور ڪيو تہ اڳتي ڇا آهي؟ هونءَ تہ مان ان ڳالهہ تي هميشہ کان غور ڪندو رهيو آهيان. مون کي اُتي، هڪ جپاني هائڪو تي ياد آيو.

"جي تصويرون ڏٺيون وڃن
تہ جهنم کان وڌيڪ دلچسپ
ٻي ڪائي جاءِ نہ آهي."

جڏهن اسپتال کان گهر موٽيس تہ مون اڳ ذڪر ڪيل وليم جيمس (جو مشهور آمريڪن فلسفي هو) جو پنهنجي پيءُ هينري جيمس ڏانهن خط پڙهيو. جو هن 1882ع ۾ پيءُ جي آخرين بيماريءَ ۾ هن ڏانهن لکيو هو. اُن جو ترجمو دلچسپيءَ کان خالي نہ آهي.

"اسان اِنهيءَ ڳالهہ تي هاڻي هري ويا آهيون. خاص ڪري گذريل ڏهن مهينن ۾، تہ تون نيٺ گذاري ويندين ۽ اِهو ڄاڻون ٿا تہ تنهنجي هيءَ بيماري تنهنجي آخري بيماري ٿيندي. ۽ اسان کي ڪوئي اوچتو صدمو نہ پهچائيندي. تون ڪافي عمر رسيدو آهين. تو پنهنجو پيغام هر طرح دنيا کي پهچايو آهي ۽ تون فراموش ڪيو نہ ويندين. تون هتي اڪيلو رهجي ويو آهين ۽ اسان کي اُميد آهي تہ ٻي پاسي (مافيها ۾) اسان جي پياري ماءُ تنهنجو انتظار ڪري رهي آهي. جي تون گذاري ويندين تہ اها ڪائي ٻي سُري ۽ اڻ سونهائيندي ڳالهہ نہ ٿيندي. ٻي پاسي منهنجي ماءُ ۽ اسان توسان ملنداسين. اُن جي باري ۾ مان ڪجهہ چئي نہ ٿو سگهان. پر هن وقت، هر وقت کان وڌيڪ، مان اِهو سوچان ٿو تہ جي اها ڳالهہ سچي آهي تہ پوءِ هر ڳالهہ حل ٿي ويجي ٿي ۽ ان لاءِ، جواز آهي. تو کي الوداع ڪندي مون کي عجب ٿو اچي تہ زندگي رڳو هڪ ڏينهن آهي ۽ فقط هڪ ڳالهہ سمجهائي ٿي. اِها ڳالهہ روزاني شب بخير وانگر آهي. شب بخير منهنجا والد بزرگوار! جي مان توکي ٻيهر نہ ڏسي سگهان تہ الوداع، تولاءِ رحمت واري الوداع - تنهنجو!!

ڪنهن ڪتاب ۾ اهو خط پڙهي منهنجي من کي دير اچي ويو. اجا تہ منهنجي زال جيئري هئي ۽ هن جي صورت ڏسي منهنجي اڌ بيماري لهي ٿي وئي. پارسيءَ ۾ الاجي ڪنهن چيو آهي:

مرگ اگر مرد است گو پيشِ من اي،
تادر آغوشش بگيرم تنگ تنگ

(ترجمو: موت! جي مڙس آهين، تون منهنجي اڳيان آءُ.
تہ توکي ہک ۾ سوڙهو گهٽيان.)

"هن پيري موت پڄي ويو." مون سوچيو "ہي پيري ڏنو ويندو." پر آغاز ۽ انجام تي منهنجي سوچ اڳي کان تيز ٿي وئي.

ڪليم جو هڪ شعر آهي:

**ماز آغاز و ز انجام جهان بي خبريم،**
**اول آخرِ اين ڪهنہ ڪتاب افتاد است.**

(ترجمو: اسان کي جهان جي آغاز ۽ انجام جي ڪائي خبر نہ آهي،
هن جهوني ڪتاب جو پهريون ۽ پويون پنو گُم ٿي ويو آهي.)

پوءِ پنهنجي گذريل زندگيءَ جي نشيب ۽ فراز کي، اُن جي عشق ۽ محبت کي، اُن جي رنگ و بو کي ياد ڪريو، فروغي سبطامي جو هڪ شعر ياد آيو:

**مي دمد از چشم و لبت جوشِ ميءِ**
**دوش مگر ميڪده ها خورده اي.**

(ترجمو: تنهنجين اکين ۽ چپن مان شراب جو جوش نظر اچي رهيو آهي
ڪلهہ رات شايد پورا مئخانا پي وئي آهين.)

هائو مون بہ مئخانا پيتا آهن، پر ساقيءَ جي اکين ۾ اجا ڪيترو شراب آهي، سو ڪنهن کي معلوم نہ آهي. هن عمر جو ڪهڙو پروسو؟ ڪنهن ڄاتو آهي تہ اڳتي ڇا آهي؟

مون ڪيترائي اُردو ۽ فارسيءَ جا شعر عشق ۽ موت تي نوٽ بُڪ ۾ لکيا آهن. هتي سڀئي تہ نہ ٿو ڏئي سگهان. ان کان اڳ جو مان ڪائنات، حسن وغيره تي لکان، مان ڪجهہ شعر هيٺ ٿو ڏيان:

یاد اُس کی اتنی خوب نہیں، میر باز آ،
نادان پھر وہ جی سے بُھلایا نہ جائے گا.

(ترجمو: مير هن جي ايتري يادگيري چڱي نہ آهي، ان کان باز اچ!
نادان! هن کي دل تان وساري نہ سگهندين).

عشق پر زور نہیں ہے یہ وہ آتش غالب،
کہ لگائی نہ لگے اور بجھائی نہ بجھے.

(ترجمو: اي غالب! عشق تي زور نہ آهي، اها اُها باهہ آهي
جا لڳائي نہ ٿي لڳي ۽ ٻجهائي نہ ٿي ٻجهي.)

دور بہت بھاگے ہو ہم سے سیکھے طور غزالوں کا،
وحشت کرنا شیوہ ہے کچھ اچھی آنکھوں والوں کا.

(مير)

(ترجمو: مون کان ڏاڍو دور ٿي رهين ۽ هرڻين جا طريقا سکي وئي آهين.
هونءَ تہ وحشت ڪرڻ سهڻين اکين وارين جي عادت ٿيندي آهي.)

میر ان نیم باز آنکھوں میں،
ساری مستی شراب کی سی ہے۔

(ترجمو: مير, هنن اڌ کليل اکين ۾
سڄي مستي شراب جهڙي آهي.)

**رفت از برمِن آنکہ مرا مونسِ جان بور،**
**ديگر بہ چہ اُميد در اين شهر توان بود.**
**(حافظ)**

(ترجمو: منهنجي ڇاتيءَ کان منهنجي محبوبہ ڇڄي وئي.
باقي ڪهڙيءَ اميد تي هن شهر ۾ رهجي.)

**روندگانِ رهِ عشق را طريقہ مجوي.**
**کہ استين بفشانند کفر و ايمان را.**
**(نامعلوم)**

(ترجمو: عشق جي راهہ تي ويندڙ جو طريقو نہ ڳول.
هو چولي جي ٻانهن سان ڪفر ۽ ايمان کي ڇنڊي ڇڏن.)

**رفتن از عالمِ پرشور بهہ از آمدن است،**
**غنچہ دلتنگ بہ باغ آمدو خندان برخاست.**
**(صائب)**

(ترجمو: هن پر شور عالم ۾ اچڻ کان وڌيڪ بهتر وڃڻ آهي،
مکڙي جڏهن آئي تہ هن جي دل سوڙهي هئي (ٽڙيل نہ هئي) ۽ جڏهن وئي تہ
کلندي وئي.)

**روزيکہ چرغ رسمِ وجود و عدم نهاد.**
**تابوت و کا هواره بہ پهلوئي هم نهاد.**
**(نامعلوم)**

(ترجمو: جڏهن آسمان وجود ۽ عدم جي رسم جو بنياد رکيو تابوت ۽
پينگهي کي هڪ ٻي جي ويجهو رکيو.)

انهن موضوعن تي اڃا ٻيا بہ ڪجهہ منتشر نوٽ آهن، جي ممڪن آهي تہ
نظرثاني ڪري لکان. (هلندڙ)

*(16 جولاءِ کان 22 جولاءِ 1994ع)*

## منهنجيءَ پسند جا شاعر، اديب ۽ آرٽسٽ

# ڪازان زاڪس نڪوس

Kazantzakis Nikos

ڪازان زاڪس ويهين صديءَ ۾ يونان جو عظيم ترين شاعر ۽ ناول نويس هو. هو ڪريٽ ۾ پيدا ٿيو هو جنهن جون سياسي حالتون لڳ ڀڳ سنڌ جهڙيون هيون. ڪريٽ جو پونوچ سمنڊ ۾ هڪ پيٽ آهي. هن جي تحريرن ۾ بار بار اُپري ٿو اچي. سال 1962ع تائين مان هن جا سڀ ڪتاب ٿامس ۽ ٿامس جي ڪتاب گهر تان خريد ڪري چڪو هوس. جڏهن 1971 ۾ جنگ جي دوران مون کي سکر جيل ۾ نظربند رکيو هيائون، تڏهن مون اهي سمورا ڪتاب هڪبئي پٺيان جيل ۾ پڙهيا هئا. مطالعي جي محويت مون کي پنهنجي اذيت ناڪ ماحول کان فرار ميسر ڪيو هو.

ڪازان زاڪس جي تخليقن ۾ پيچيده دانشوري ملي ٿي، جنهن جي خيالن ۾ وقت به وقت ڪجهه ڦير گهير آهي. هن جي تحريرن تي برگسان، نتشي، بڌ ۽ لينن جو اثر آهي.

هن پنهنجي مابعد الطبيعياتي فڪر کي پنهنجي هڪ ننڍي ڪتاب تپشي (The Ascetic) ۾ سمايو آهي. هن پنهنجي شاهڪار نظم آڊيسي (Odessey) ۾ هومر جي آڊيسيءَ جي روپ ۾ جديد دنيا جي ذهني ڪشاڪش جو ۽ پنهنجو آزاديءَ ۽ سورهيائيءَ جو ناستڪ نظريو پيش ڪيو آهي. اهو لنبو نظم پڙهي مون کي خيال آيو هو ته مان به چو نه شاهه لطيف جا سيئي سُر پنهنجي نظرياتي نگاهه سان لکان. پوءِ مان راتيون جاڳي پنهنجي نظربنديءَ دوران 'ڪپر ٿو ڪُن ڪري' لکيو هو. شاهه لطيف جي هر سُر ۾ وحدت الوجود جو نظريو آهي. مون هر سُر ۾ پنهنجي جدا جدا فلسفيانه نڪته نگاهه سمائي هئي. مثال طور سُر ليلا چنيسر ۾ ذريعي ۽ مقصد تي فلسفيانه روشني وڌي هئي، سُر مارئيءَ ۾ سنڌ سان وحدت الوجود جي ڪيفيت پيدا ڪئي هئي، 'سُر سورٺ' ۾ آرٽ ۽ آرٽسٽ جي وچ ۾ ناتي کي ڊرامائي انداز ۾ پيش ڪيو هو ۽ 'سُر ڪيڏاري' ۾ دؤر جديد جي ذهني ڪشمڪش کي پيش ڪيو هو. بيا سُر به ايئن الڳ الڳ نظرياتي پس منظر سان

لکيا هئا. ڪازان زاڪس هئي هر شاعر ۽ اديب کان وڌيڪ مون تي اثرانداز ٿيو آهي. هن جي درجي بدرجي جدوجهد بہ ساڳي هئي، جا منهنجي رهي آهي.

پر هن جي شهرت خاص ڪري هن جي ناولن ڪري آهي. هن جو مشهور ناول 'زوربا دي گريڪ Zorba the Greek' مون بہ پيرا پڙهيو آهي ۽ چار پيرا ان تي ٺهيل فلم جو وڊيو ڪيسٽ ڏٺا اٿم. زندگيءَ ۾ مون فقط ٻہ ناول بہ پيرا پڙهيا آهن. هڪ 'زوربا دي گريڪ' ۽ ٻيو قرات العين حيدر جو 'آگ ڪا دريا'. 'زوربا دي گريڪ' 1946ع ۾ ڇپيو هو. 1948ع ۾ ڪازان زاڪس 'يسوع جي آخري خواهش' ناول ڇپايو. ان ۾ يسوع جي زندگيءَ ۽ ذهني ڪشمڪش نهايت خوبصورت انداز ۾ ڏيکاريل آهي. آخر ۾ جڏهن يسوع صليب تي لڙڪي رهيو آهي ۽ ڪوڪن ۾ کُتل هن جي ٻانهن ۽ پيرن مان خون وهي رهيو آهي ۽ هن جي پيرن وٽ ميري ماجدلين ويٺي آهي، تڏهن هن کي خيال اچي ٿو تہ "مان هيءَ صليب ڇا لاءِ قبولي آهي؟ ڪهڙو نہ چڱو ٿئي ها جي مان ميري ماجدلين سان شادي ڪيان، اولاد پيدا ڪيان ها ۽ خوشحال زندگي گذاريان ها." اهو ڪتاب يوناني پادرين ڇوڙاهي تي جلايو هو ۽ ڪازان زاڪس ملڪ ڇڏي هليو ويو هو.

اهو ڪتاب پڙهي مون سوچيو تہ مان بہ پيغمبر جي زندگيءَ تي 'آنءَ تمر فقير' جي نالي سان ناول لکان، جنهن ۾ تمر جي نظرن سان پيغمبر جي زندگيءَ کي ڏسان، پر پوءِ اوچتو خيال آيو تہ ڪازان زاڪس مغرب جو رهواسي هو ۽ هن کي تحرير جي آزادي هئي، پر جيڪڏهن مان پيغمبر جو گلان سان فرضي معاشقو لکان تہ سنڌي مون کي جيئري جلائيندا. پيغمبر جي نالي تي تقدس جو ايترو غلاف آهي، جو هن تي ناول لکڻ ناممڪن ٿي پيو آهي.

'يسوع جي آخري خواهش' کان اول هن 'يسوع ٻيهر صليب تي' ناول ڇپايو هو جو بہ هڪ جاندار ناول آهي. هن جو چوٿون ناول 'آزادي يا موت' پڙهي تہ منهنجا وار اُڀا ٿي ويا هئا. ان ناول مان ڪجهہ سٽون منهنجين نثري تحريرن ۾ اچي ويون آهن ۽ مون ايئن ڀانيو آهي تہ مون اُهي هڪ ياءِ کان قرض طور ورتيون آهن. هن جا سفرناما بہ منهنجي مطالعي هيٺ رهيا آهن. هن جي آتم ڪهاڻي 'Report to Greco' (گريڪو کي رپورٽ) هڪ عظيم الشان ڪتاب آهي. ايل گريڪو يونان جو عظيم مصور هو ۽ ڪازان زاڪس هن کي هڪ پيش رو آرٽسٽ سمجهي، پنهنجي زندگيءَ جو حساب ڪتاب ڏنو آهي. هڪ ڀيري منهنجي خيال ۾ آيو هو تہ مان بہ پنهنجي آتم ڪهاڻي ان نموني لکان ۽ پيغمبر کي پنهنجو حساب ڪتاب ڏيان. ڪازان زاڪس جي آتم ڪهاڻيءَ ۾ هن جي اخلاقي ۽ مابعد الطبيعياتي (Metaphysical) خيالن جو اظهار نهايت عمدي نموني ٿيل آهي.

*برسات ۾ ڇپيل مضمون*

ڪازان زاڪس 1883ع ۾ ڄائو هو ۽ 1957ع ۾ گذاري ويو. هن جا نثر جا سيئي ڪتاب اهڙيءَ ٻوليءَ ۾ لکيل آهن، جا شاعريءَ جي سرحد کي ڇُهي ٿي. مون کي ايئن محسوس ٿيو آهي تہ هو نثر ۾ تاندن تي رقص ڪري رهيو آهي. هن جو هر فقرو ٻونوچ سمنڊ جي گرم لهر وانگر ۽ ان تي پونڊڙ روشنيءَ وانگر آهي. ان ۾ ساڳيو رنگ ۽ ساڳي غم انگيز فضا آهي، جا ڪازان زاڪس هڪ توسيع پرست سامراج جي باقيات ۾ محسوس ڪئي هئي. ان ۾ ڪو شڪ نہ آهي تہ هن جو ڪردار "زوربا" عالمي ادب جي نهايت سگهارن ڪردارن مان آهي. ان ناول ۾ يونان جي فرحت بخش زندگيءَ جو اظهار بدرجہ اُتم ٿيل آهي. ان ۾ احساسات جي پاڪيزگي آهي ۽ پادرين جي بي جان مطالعي ۽ ترڪ دنيا تي ڪڙي تنقيد آهي.

ساڳيءَ طرح 'يسوع ٻيهر صليب تي' هڪ انوکي ڪاتار جي اُڻيل اوڍڻ وانگر آهي ۽ ان جي فني عظمت کي ورلي ناول ڇُهي سگهيا آهن. ان ۾ عيسائيت ڏانهن اشارا بہ نهايت دلپذير آهن ۽ ناول مان ناول نگار جو وسيع مطالعو بصارت ۽ باريڪ بيني بکي رهي آهي. هن جو ناول 'آزادي يا موت' ڪريٽ جي جهوني رقص وانگر آهي، جنهن ۾ واچوڙي واري تيز رفتاري آهي. ڪازان زاڪس جي هر جملي مان زندگي پنهنجي آب تاب سان نظر اچي رهي آهي.

*(4 جولاءِ 1995ع)*

## منهنجيءَ پسند جا شاعر، اديب ۽ آرٽسٽ

# سولزي نٽسن

تالستاءِ کان پوءِ روس جو عظيم ترين ناول نويس ۽ منفرد مورخ سولزي نٽسن 1918ع ۾ ڄائو هو. هو اڃا تائين جيئرو آهي ۽ ڪئناڊا ۾ پنهنجي جلاوطني ختم ڪري روس ۾ موٽي آيو آهي، جتي هو روس جي تاريخ ازسر نو لکي رهيو آهي، ڇو ته يو. ايس. ايس. آر ۾ روس جي تاريخ سان راڱا ڪيا ويا هئا ۽ فاتح قوتن تاريخ جي هر دؤر وانگر ان کي ايترو مسخ ڪيو هو جو اُن جو مثال نه ٿو ملي.

هن جي شهرت پهريون پيرو هڪ ناول سان ٿي، جنهن جو نالو هو 'سائبيريا ۾ اوان ڊينزوچ جي زندگيءَ ۾ هڪ ڏينهن'. اهو ناول 1962ع ۾ ڇپيو هو. مون 1970ع ۾ اُن جو انگريزيءَ ۾ ترجمو آمريڪا مان گهرائي پڙهيو جو اڃا تائين منهنجيءَ لئبرريءَ ۾ موجود آهي. اهو ناول پهريان روسي رسالي نُووي مير (Novy Mir) ۾ ڇپيو جنهن سان مغربي دنيا ۾ سولزي نٽسن جي شهرت ڦهلجي وئي. رڳو انگلينڊ جي ڇئن اخبارن ۽ بي. بي. سيءَ ۾ اُن تي ساڳئي وقت تبصرو آيو جنهن ۾ چيو ويو ته "روسي ادب ۾ انهيءَ جهڙي ٻي ڪا تحرير نه ڇپي آهي ۽ ان جي اشاعت هڪ نهايت اهم ادبي ۽ سياسي ڳالهه آهي." ادبي رسالي 'نُووي مير' جا شمارا يارنهن پيرا ڇاپيا ويا ۽ اُهي هٿون هٿ کپي ويا ۽ سولزي نٽسن کي رياضيات جي ماستر جي گمنام زندگيءَ مان ڪڍي بين الاقوامي شهرت ڏنائون. نه رڳو مٿين رسالي جي پهرين ڇاپي جون 94000 ڪاپيون هڪ ڏينهن ۾ کپي ويون، پر ڪاپيون هٿ سان لکي به دوستن کي تحفي ۾ ڏنيون ويون. ناول ۾ روسي ناول نويس دوستو وسڪيءَ واري عظمت هئي. اُن جي تحرير ۾ هڪ عظيم الشان قوت ۽ پختگي هئي. ناول ۾ روسيءَ قيديءَ جو جلاوطنيءَ ۾ هڪ ڏينهن ڏيکاريل هو ۽ اُن ۾ هن جيڪي اذيتون سٺيون هيون، اُهي سڀ قلمبند ڪيون ويون هيون. ايڏي بين الاقوامي شهرت جي باوجود هن جا ٻه اهم ناول 'پهريون دائرو' (First Circle) ۽ 'ڪئنسر وارڊ' (Cancer Ward) پوءِ بندش هيٺ آندا ويا، ڇو ته اُنهن ۾ سوويت سماج تي ڪڙي تنقيد هئي.

سولزي نٽسن طبيعات ۽ رياضيات ۾ ڊگري ورتي هئي. 1942ع ۾ هن کي

روسي فوج ۾ شامل ڪيو ويو هو ۽ ڪجهه وقت پوءِ هن کي شجاعت ۽ دليريءَ لاءِ تمغا ڏنا ويا هئا. 1945ع ۾ هن کي اٺ سال ٽيپ ڏئي سائبيريا جي هڪ بيگار ڪئمپ ۾ موڪليو ويو، ڇو ته هن پنهنجي دوست کي خط لکيو هو جنهن ۾ اسٽالن تي ڪڙي تنقيد ٿيل هئي. هن کي وڌيڪ ٽي سال سائبيريا ۾ جلاوطن رکيو ويو ۽ 1957ع ۾ سرڪاري طرح آزاد ۽ ٻيهر آباد ڪيو ويو ڇو ته ان وچ ۾ اسٽالن مري چڪو ۽ ڪُرسچوف اسٽالن جي نالي کي تهس نهس ڪرڻ (De Stalinization) جي مهم شروع ڪري ڇڏي هئي. ان ڪري جڏهن 1962ع ۾ هُن جو پهريون ناول 'اوان ڊينيزو وچ جو هڪ ڏينهن' ڇپيو، تڏهن ترٿلو مچائي ڇڏيو، ڇو ته اُن ۾ بيگار ڪئمپ جي لرزه خيز زندگي چِٽي وئي هئي.

1960ع جي وچ ڌاري روسي حڪومت سخت گيري شروع ڪئي ۽ 1966ع ۾ سولزي نٽسن جي ڪتابن ڇپڻ کان سرڪاري طرح نابري واري وئي ۽ ان ڪري مٿي ذڪر ڪيل به ڪتاب 'پهريون دائرو' ۽ 'ڪئنسر وارڊ' انگلينڊ ۾ ڇپيا ۽ سولزي نٽسن کي نوبل پرائيز مليو.

مٿي ذڪر ڪيل ناول 'پهرين دائري' ۾ هڪ قيدي سائنسدان جي اسٽالن جي هڪ تحقيقي مرڪز ۾ پوائتي زندگي ڏيکاريل آهي ۽ ٻئي ناول 'ڪينسر وارڊ' ۾ هڪ روسي اسپتال ۾ لرزه خيز واقعن کي نهايت پيچيده موڙ ڏنو ويو آهي ۽ ڪردار نگاري اهڙيءَ طرح ڪئي وئي آهي جو پڙهندڙ جي دل سوويت سماج تي سوچي ڏکي وڃي ٿي. اهي ناول پڙهي منهنجي دل ۾ سوويت سماج جي باري ۾ شڪ پيدا ٿيا ۽ اُنهن جي تصديق گورباچوف جي ڪتاب 'پيرسترونڪا' جي مطالعي ۽ ان کان پوءِ اخبارن ۽ رسالن ۾ آيل خبرن ڪئي. آخر ڳالهه اُتي پهتي جو ڪريملن ۾ شيشي جي قبر ۾ رکيل لينن جي مميءَ کي اُتان ڪڍي هن جي پونيئرن کي موٽائي ڏنو ويو.

سولزي نٽسن کي خطرو هو ته جيڪڏهن هو نوبل انعام وٺڻ لاءِ اسٽاڪ هوم ويندو ته هن کي جلاوطن ڪيو ويندو. ان ڪري هن سُويڊش اڪيڊميءَ کي خط لکيو ته هن ايوارڊ قبول ڪيو آهي ۽ ان لاءِ سندن احسانمند آهي.

1974ع ۾ سولزي نٽسن کي جلاوطن ڪيو ويو. ڪجهه وقت کان پوءِ هو ايوارڊ وٺڻ لاءِ سويڊن ويو. هن جا ٻيا ڪتاب جي روس کان ٻاهر ڇپيا، سي هيا: (1) 'ڪهاڻيون ۽ نثري نظم'، (2) 'گولگ آرڪيپيلاگو'، 1918ع کان 1956ع تائين، جو ٽن جلدن ۾ آهي، (3) 'گابو ۽ شاهه بلوط' جو هڪ ڊائري آهي، جا هُن ڪروشچوف جي دؤر ۾ لکي هئي، (4) 'زورچ ۾ لينن'، جنهن ۾ انقلاب کان اول انقلاب جي بانيءَ لينن جي مؤثر تصوير ڪشي ڪئي وئي آهي، (5) 'آگسٽ 1914ع'، جنهن ۾ پهرين عالمي جنگ ۾ پرشيا ۾ روسي جارحانه حملي جي

عبرتناڪ ناڪامي ڏيکاري وئي آهي. مٿين ڪتابن مان ’گابو ۽ شاهه بلوط‘ کان سواءِ، مون ٻيا سڀ ڪتاب پڙهيا آهن. ’گُولگ آرڪي پيلاگو‘ مون کي ڏاڍو وڻيو. اُهو روسي ادب يا ٻئي ڪنهن به قومي ادب ۾ هڪ نهايت اهم ڪتاب آهي ۽ سولزي نٽسن اُهو ڪتاب بيگار ڪئمپن ۾ پنهنجن ذاتي تجربن مان تخليق ڪيو آهي. اُهو هڪ چرڪائيندڙ قومي رزميه (Epic) آهي، جنهن ۾ هڪ خطرناڪ دؤر جي تاريخ چِٽي وئي آهي، جنهن ۾ ڪيئي ملين ماڻهن جون زندگيون تباهه ڪيون ويون هيون. تاريخ ۾ هر ملڪ ۾ اهڙا دؤر آيا آهن، جڏهن ماڻهو خسيس سببن جي ڪري ماريا ويا آهن ۽ انساني خون سان هولي کيڏي وئي آهي. گهڙو پرجي چُلڪندو نه آهي، ٽُٽندو آهي. سوويت سماج اُن جو زنده مثال ۽ سولزي نٽسن اُن جو امر ڪردار آهي.

*(6 جولاءِ 1995ع)*

## منهنجيءَ پسند جا شاعر، اديب ۽ آرٽسٽ

# هيمنگ وي

هيمنگ وي جي نالي سان منهنجي واقفيت 1945ع ۾ ٿي، جڏهن ڪراچيءَ جي پيراڊائيز سئنيما ۾ مون ڪي هن جي ناول 'گهنڊ ڪنهن جي لاءِ وڄي ٿو' ( For whom the bell tolls) تي ٺهيل فلم ڏٺي هئي. ان ۾ گئري ڪوپر هيرو جو نهايت عمدو ڪردار ادا ڪيو هو. اول اسپين جي خانہ جنگيءَ جي باري ۾ هو. هيرو ۽ هن جي محبوبہ (نالو وسري ٿو وڃي. هن ڪيترو وقت پوءِ مانٽي ڪارلو جي شهزادي سان شادي ڪئي هئي. شايد هن جو نالو انگرڊ برگمئن هو) ۽ هنن جا ٻيا ساٿي اسپين جي جپسين سان گڏجي تڏهن اسپين جي فاشسٽن سان جنگ لڙن ٿا، جڏهن هنن مئڊرڊ کي گهيرائو ۾ آندو هو. ناول ۾ دليريءَ سان مقابلي سان گڏ رومانويت بہ نهايت دلپذير آهي. انهيءَ ناول ۾ جو مون ڪجهہ سال پوءِ پڙهيو هڪ آمريڪيءَ جي زندگيءَ جا ٽي ڏينهن ڏيکاريا ويا هئا. جن ۾ هن آزادي پسندن جو ساٿ ڏئي سر ڏنو هو. ناول ۾ اهو نظريو پيش ڪيو ويو آهي تہ ڪٿي بہ آزاديءَ جو نقصان هر جاءِ تي آزاديءَ جو نقصان آهي. مون بہ ساڳي ڳالهہ پنهنجي شعري مجموعي 'ڪِير ٿو ڪُن ڪري' ۾ لکي هئي تہ:

> جنهن وقت بہ ڪنهن جو طوق ٿُٽو
> مون ائين سمجهو
> ڇڻ منهنجي گردن هلڪي ٿي.

اسپين جي جنگ آزاديءَ مون کي ڏاڍو متاثر ڪيو هو ۽ مان ان تي 'برسات' روزانيءَ ۾ نَو ڏهہ قسطون 'اسپين جي جنگِ آزادي ۽ عالمي ادب' جي سري سان لکي چڪو آهيان. اها جنگ شاعرن ۽ اديبن اتساهي هئي ۽ انٽرنيشنل برگيڊ ناهي هئائون. جنهن ۾ انگريز مارڪسوادي ڪرسٽافر ڪاڊويل، انگريز ناولسٽ جارج آرويل، فرينچ ناول نگار ۽ آرٽ جو نقاد آندري مالرو جو پوءِ ڊي گال جو ڪلچر منسٽر ٿيو هيمنگ وي، انگريز شاعر اسٽيفن اسپينڊر ۽ غالباً آرٽ جو نقاد رال فاڪس ۽ ٻيا ڪيترائي انگلنڊ ۽ فرانس جا اديب ۽ شاعر شامل هئا. دنيا جي ڪنهن بہ ملڪ ۾ فاشزم جي خلاف اهڙي ادبي مزاحمت ۽ آزاديءَ سان

وابستگي ضروري آهي، ڇو تہ فاشزم جي دور ۾ انسان ساهہ بہ مشڪل کڻي سگهن ٿا. منهنجي هڪ نظم جي پهرين سٽ هئي:

اڄ بہ وري هو فاشي ڪتا،
مون کي قابو ڪن ٿا.

اهو نظم بيدل مسرور نهايت رقت آميز آواز ۾ ڳائيندو آهي. عمر جي باوجود مون ۾ فاشزم لاءِ ساڳي نفرت آهي ۽ جمهوريت لاءِ ساڳي محبت آهي، ڇو تہ فاشزم جي دور ۾ علم و ادب کي نهوڙيو ويندو آهي ۽ جمهوريت ۾ اهو ڦلندو ڦولندو آهي.

هيمنگ وي 1899ع ۾ ڄائو هو ۽ 1961ع ۾ هن خودڪشي ڪئي. خودڪشيءَ وقت هن ساڳيءَ رائيفل جي نالي پنهنجي وات ۾ رکي، ان جي گهوڙي کي دٻائي پنهنجو انت آندو، جنهن سان هو گينڊا، شينهن ۽ ٻيا وحشي جانور آفريقا جي جهنگلن ۾ شڪار ڪندو هو. ان وقت هن کي پنهنجو هوائي جهاز موٽر لانچون، ڪيوبا ۽ آمريڪا ۾ عظيم الشان رهائش گاهہ هئا ۽ هو عملي زندگيءَ کان ڪناره ڪش ٿي چڪو هو. ڪنهن سبب ڪري هن جي زندگي معنيٰ وڃائي ويٺي هئي. مون هن جي آخري ڏينهن ۾ هن جو پاٽيءَ جي تلاءَ ۾ ڪنهن نئين محبوبا سان گڏ وهنجندي "ٽائيم رسالي" ۾ فوٽو ڏٺو هو. هن جو جسم جهري چڪو هو ۽ ذيابيطس هن کي کائي وئي هئي. پيريءَ ۾ انهيءَ عشق کي ڏسي مون کي هن جي حالت تي قياس ٿي آيو. ان وقت منهنجي ڦوهہ جواني هئي ۽ مون اهو نہ ٿي ڄاتو تہ اها حالت اڳي يا پوءِ هر انسان جي ٿيڻي آهي ۽ چئن ڏينهن جي چاندنيءَ کان پوءِ هن لاءِ انڌيري رات اچڻي آهي. ڪجهہ وقت کان پوءِ مون ساڳي رسالي ۾ هيمنگ وي جي خودڪشيءَ جي باري ۾ پڙهيو. منهنجي خيال ۾ هڪ دهرئي جي زندگيءَ جو منطقي نتيجو طبعي موت نہ پر خودڪشي آهي ۽ خودڪشي ٿيڻ بہ گهرجي. عظيم ناول نويس، اديب ۽ محقق آرٿر ڪوئسلر (جنهن تي مان هئي وقت لکندس) بہ خودڪشيءَ ۾ پنهنجي نجات سمجهي. جي موت اٽل آهي ۽ اڳتي ڪجهہ بہ نہ آهي تہ پوءِ ان ڪري فرق نہ ٿو پوي تہ اهو جلد اچي ٿو يا دير سان اچي. ان ڪري ئي هر دهشتگرد، جو مرڻ مارڻ لاءِ تيار ٿيو وڃي، اندر ۾ دهريو آهي ۽ هو سمجهي ٿو تہ جي فنا انسان جو مقدر آهي تہ اها گهڙيءَ ۾ گوليءَ سان اچي يا بستري ۾ دير سان اچي، ڪو فرق نہ ٿو پوي. منهنجي نظر ۾ انسان ۽ هن جي معاشري جي نجات امن پسند زندگيءَ ۾ آهي ۽ امن ۾ ئي علم، ادب ۽ ٻئي هر فن جي پرورش ٿي سگهي ٿي. جنگ جوئي ۽ امن ۾ خلل درندگيءَ کي جنم ڏئي ٿو. ڪنهن بہ جنگ کي آزاديءَ جي جنگ چئي، ان ڳالهہ کي لنوائي نہ ٿو سگهجي تہ جنگ ۾ انسان رت پياڪ بگهڙ ۽ هاتار ٿي پون ٿا ۽ اشرف المخلوقات چوائڻ جي قابل نہ ٿا رهن.

هيمنگ وي آمريڪا جو پنهنجي دور ۾ بهترين ناول نويس ۽ افسانہ نويس هو. مون لائيف مئگزين ۾ آمريڪا جي ڏهن عظيم ماڻهن جا فوٽو گراف ڏٺا هئا. جن ۾ پريزيڊنٽ روزُ ويلٽ کان پوءِ ناول نويس هيمنگ وي، شاعر رابرٽ فراسٽ، ڊاڪٽر ساڪ (جنهن ائنٽي پوليو وئڪسين ناهي هئي) ۽ انهن کان پوءِ آرمڊ فورسز جو ڪمانڊر انچيف آئزن هوور سيڪريٽري آف اسٽيٽ فاسٹر ڊيسن ۽ ٻيا ماڻهو هئا. اهو آهي هڪ جمهوري ملڪ ۾ شعر و ادب جو قدر.

هيمنگ وي هڪ ڊاڪٽر جو پٽ هو ۽ اوڪ پارڪ III ۾ 21 جولاءِ 1899ع تي ڄائو هو. ڄڻ اڻويهين صديءَ جو ويهين صديءَ کي بهترين تحفو هو. هو اوڪ پارڪ ۾ وڏو ٿيو جيتوڻيڪ هن جو گهڻو واسطو اُتر مشي گن سان ڏيکاريو وڃي ٿو اتي ئي هن پنهنجا گهڻا اونهارا گذاريا ۽ پنهنجا اڪثر افسانا لکيا. هيمنگ وي جا افسانا مون کي ماپاسان، البرٽو موريوا ۽ سمرسيٽ ماهم جي افسانن کان بهترين لڳا. جيتوڻيڪ پوين ٽن کي بہ هڪ انوکي انفراديت آهي. جنهن وقت هن هاءِ اسڪول ۾ راندين ۾ شهرت حاصل ڪئي هئي، تنهن وقت ئي هن لکڻ شروع ڪيو هو. هن کي ڪيترائي ڀيرا فوج مسترد ڪيو پرنيٽ پهرين جنگ عظيم ۾ هن ريڊ ڪراس لاءِ هڪ ائمبولينس ڊرائيور جي تقرري حاصل ڪئي. اٽليءَ ۾ هو سخت زخمي ٿي پيو. اسپتال مان ٻاهر آيو تہ اطالوين هن کي ڪافي تمغا ڏنا ۽ پوءِ هو وڌيڪ صحتيابيءَ لاءِ مشي گن موٽي آيو. ڪجهہ وقت کان پوءِ هو يورپ ڏانهن تارنٽو اسٽار جي خاطوءَ جي حيثيت ۾ موٽي ويو. ٿوري وقت لاءِ هو پئرس ۾ رهيو ۽ جرٽروڊ اسٽين (Gertrude Stein)، ازرا پائونڊ ۽ ٻين سان مليو. مون جرٽروڊ اسٽين جي آتم ڪهاڻي پڙهي آهي. هوءَ هڪ نهايت ذهين ۽ ڪردار ساز عورت هئي. پئرس واري حلقي هن کي اتساهيو تہ هو هڪ تخليقي قلمڪار ٿئي. هن جي موت کان پوءِ جو تحريرن جو مجموعو متحرڪ دعوت (Amoveable feast) 1964ع ۾ ڇپيو ۽ ان ۾ هن جي سرگذشت جيان پئرس جا خاڪا آهن. جن ۾ هن پنهنجي همر عصرن جون ساروڻيون لکيون آهن. هن جي ڪافي افسانن جو مجموعو 'اسان جي دور' ۾ 1925ع ۾ ڇپيو. جنهن ۾ هن جي ننڍپڻ جون يادگيريون آهن. دراصل هر عظيم آرٽسٽ جو شعور ۽ تحت الشعور هڪ اڪت خزانو ٿئي ٿو جو کٽي نہ ٿو کٽي. انهن ڪهاڻين تبصره نگارن کي ڪافي ڪشش ڪئي، انهن هيمنگ وي جي نسنگ پٽي ۽ خارجيت پسنديءَ ڏانهن ڌيان ڇڪايو . ان ناول ۾ پهرين جنگ عظيم جي خاتمي کان پوءِ يورپ ۾ اڱين جلاوطنن جي بي معنيٰ زندگي ۽ انهن جي سرگذشت آهي ۽ اڱئينءَ پيڙهي جي مايوسي چٽيل آهي، جنهن پنهنجي زندگي ڪڏ ۾ ڦٽي ڪئي هئي. ڪڏهن ڪڏهن فرد، گروهہ يا قومون آپ گهات ڪنديون آهن ۽ انهن کي ڪڏ جو سڏ ايندو آهي، جيڪو هو

لنوائي نہ سگھنديون آهن حاتم طائيءَ جي قصي ۾ جبل مان آواز "يا اخي!" هڪ ابدي تاريخي حقيقت جا بار بار وجود ۾ اچي ٿي ۽ فرد، گروهہ يا قومون پنهنجيءَ تباهيءَ لاءِ سندرو ٻڌي بيهن ٿيون. موت انهن کي اشارا ڏئي ٿو ۽ هو قبر جي اونهيءَ کڏ تان ڇلانگ ڏيندا وڃي هيٺ ڪرن ٿا.

پهرين جنگ عظيم توڙي ٻي جنگ عظيم ۾ لکين انسان بي موت مئا ها ۽ جيڪڏهن هنن ڪا پائنده شيءَ ڇڏي هئي تہ اها ان دور ۾ تخليق ٿيل آرٽ ادب هو.

پهرين جنگ عظيم ۾ ميساريل سپاهين جا هڏا بہ ڳوليا نہ ٿا لڀن پر جرمن ناول نويس 'ايرڪ ميريا ريمارڪ' جا ناول اڄا تائين دلچسپيءَ جو باعث آهن. ڪي ڪي انسان وقت جي واريءَ تي مستقل نقش پا ڇڏي ٿا وڃن. هيمنگ وي جو ٻيو ناول بہ ايترو ئي ڪامياب ۽ قنوطي هيو. 'اسلحي کي الوداع' A fare well to arms هڪ نهايت دلچسپ ناول هو جو مون جوانيءَ ۾ پڙهيو هو ۽ ڪافي وقت پوءِ ان تي ٺهيل فلم بہ ڏٺي هئي. ناول ۾ هڪ آمريڪي ليفٽيننٽ جي ڪهاڻي آهي جو اطالوي فوج ۾ شامل ٿيڻ کان پوءِ مغرور ٿي وڃي ٿو ۽ هڪ برٽش نرس سان عشق ڪري ٿو جا ٻار ڄڻيندي اسپتال ۾ مري وڃي ٿي. ان ناول ۾ حقيقت نگاري بدرجءِ اتم آهي ۽ تخليقي قوت بيپناهہ آهي. مان ڀانيان ٿو تہ ان ناول کان اڳ ۾ هن 'سج بہ اڀري ٿو' The sun also rises ناول لکيو هو. جنهن ۾ هن هڪ مايوس نسل جي ڪامياب تصوير ڪشي ڪئي آهي، جو پنائجي ويو آهي. ان کان پوءِ هن جا بہ ڪتاب شايع ٿيا جي فڪشن جا ڪتاب نہ هيا. هڪ هيو 'ٽپهريءَ جو موت' ۽ ٻيو 'آفريقا جون سرسبز پهاڙيون' پوئين ڪتاب ۾ هيمنگ وي جي آتم ڪهاڻيءَ جو حصو آهي. جو وحشي جانورن جي شڪارن جي باري ۾ آهي جي هن وقت بہ وقت آفريقا ۾ ڪيا ها. پهريون ڪتاب اسپين ۾ ڏاندن سان ويڙهہ جي باري ۾ آهي ۽ هن ان ويڙهہ کي راند وانگر نہ پر هڪ المناڪ الميي وانگ ڏيکاريو آهي 'خطرناڪ اونهارو' The dangerous Summer هن جي موت کان گهڻو وقت پوءِ 1985ع ۾ شايع ٿيو.

'هجڻ ۽ نہ هجڻ' 1937 To have and to have not ۾ گهڻو وقت اڳي ڇپيو هو. ان ۾ هيمنگ وي پهريون ڀير اجتماعيت جي ذريعي مسئلا حل ڪرڻ ضروري سمجهو هو. اها وابستگيءَ هن کي ٻيهر اسپين ۾ خانہ جنگيءَ ڏانهن وٺي وئي جيئن پهرين فقري ۾ چيو ويو آهي. اتي ڪافي وقت ترسيو ۽ پورو ناٽڪ 'ففٿ ڪالم' Fifth Column لکيائين، ان کان پوءِ پنهنجو وڏي ۾ وڏو ناول 'گهنڊ ڪنهنجي لاءِ ٿو وڄي'، لکيائين جنهنجو ذڪر شروعات ۾ ڪيو ويو آهي. ان ناول ۾ هن ترڪ دنيا ختم ڪيو جن جو اظهار هن پهرين ناولن ۾ ڪيو آهي. انهيءَ ڪاميابيءَ کان پوءِ هيمنگ وي ڏهاڪو سالن کان مٿي عرصو خاموش ٿي

ويو. خاص ڪري ٻي جنگ عظيم ڪري، جنهن ۾ هن جي خاص شرڪت ڪانه هئي ۽ هو ان وقت فرانس ۾ هو. پڪاسو جي زال 'پڪاسو سان زندگيءَ' Life with Piccaso ۾ لکيو آهي ته هوءِ ڪنهن وقت جڏهن پڪاسو سان گڏ گهر کان ٻاهر وئي هئي ته پنيان هيمنگ وي هنن جي گهر آيو هو ۽ دربان (Concierge) کي هڪ ڪوڪو ڏئي ويو هو ۽ هن کي چيو هيائين ته هي شراب جون بوتلون پڪاسو لاءِ تحفو آهن. پڪاسو جڏهن اهو ڪوڪو کوليو هو ته ان ۾ بوتلون ته نه، بم پريل هئا.

ان کان پوءِ هن جو ناول 'نديءَ جي پاروڻن' ۾ ڇپيو جنهن ۾ وينس جي هڪ پوڙهي ڪرنل جي زندگي آهي، پر ان ناول جي آجيان نه ڪئي وئي.

ان کانپوءِ هن جي ننڍي ناول 'پوڙهو ۽ سمنڊ' ادبي دنيا ۾ ترٿلو وجهي ڇڏيو. اهو ناول هڪ شاهڪار تسليم ڪيو ويو ۽ ان جي ڪري ئي هن کي 1964ع ۾ نوبل پرائيز مليو. ان ناول مان هڪ سٽ منهنجي حافظي ۾ اجا تائين گونجندي رهي آهي، جڏهن ڪيوبا جي پوڙهي ماهيگير کي هڪ نوجوان چوي ٿو ته "مان توکي ننڊ مان اٿاريان، اسان کي اَسُر جو مڇي مارڻ هلڻو آهي." تڏهن پوڙهو ماهيگير هن کي جواب ڏئي ٿو، "نه، مون کي اٿارڻ جي ضرورت نه آهي. عمر منهنجو الارم ڪلاڪ Alarm clock آهي." پوڙهو ۽ سمنڊ هڪ ننڍي ڪتاب ۾ عظيم رزميہ آهي، جنهن ۾ پوڙهو ماهيگير هڪ وڏي مڇي مشڪل سان ماري چڪي ٿو ته ان کي سمنڊ ۾ ئي شارڪ مڇيون کائي وڃن ٿيون. شارڪ کي اسان سنڌيءَ ۾ مانگر چوندا آهيون. پوڙهي ماهيگير جي جدوجهد کي عجيب عظمت آهي ۽ هن جي شڪست ۾ ئي هن جي فتح آهي. هڪ نهايت اهم ناول نويس هوندي، هن افسانن جا نهايت عمدا ڪتاب لکيا آهن. 'اسان جي دؤر ۾'، 'مرد عورت کان سواءِ' ۽ 'ڪٽندڙ ڪجهہ به نه ٿو ڪٽي.'

مون کان ٽي افسانا ته وسري نه ٿا وسرن. اهي آهن: (1) قاتل (2) فرانسز مئڪو بر جي ننڍي خوشيءَ واري زندگي، (3) ڪلمنجارو جي برف. پوين ٻن افسانن تي مون فلمون بہ ڏٺيون آهن، جي من لڀائيندڙ آهن.

هيمنگ وي هڪ زندهہ دل انسان هو ۽ هن جي زندگيءَ ۾ ڪافي گهما گهمي رهي هئي. هن ڪيئي معاشقا ڪيا هئا، چار پيرا شاديون ڪيون هئائين ۽ هن کي ٽي پٽ هئا. پنهنجي دؤر جي واقعن ۾ هن حصو ورتو هو ۽ ڀرپور زندگي گذاري هئي. جا ڪافي رنگين هئي. هو وحشي جانورن جو شڪار ڪندو هو، وڏا مڇ ماريندو هو. جنگين ۾ ڀرو ورتو هئائين ۽ زندگيءَ جي جام کي تري تائين پيتو هئائين. پوين ڏينهن ۾ هو ڪيوبا ۾ رهيو. جتي هن کي وڏي جائداد هئي، جنهن جا تفصيل مون ٽائيم رسالي ۾ پڙهيا هئا. هن 2 جولاءِ 1961ع تي خودڪشي

ڪئي. اهي خوش نصيب ملڪن جا خوش نصيب اديب آهن. اسان وانگر نه آهن. جن کي پنهنجي رزق لاءِ پيريءَ تائين ڏينهن رات پورهيو ڪرڻو پوي ٿو. هنن کي تخليق بي تحاشا رزق رسائي ٿي. اسان پنهنجي شوق کي پوري ڪرڻ لاءِ ۽ پنهنجي شخصيت جي تڪميل لاءِ لکون ٿا. عوام اسان جي ٿلهي ساراهه ڪن ٿا ۽ حڪومت اسان کي تمغا ڏئي هانوَ تي چنبڙو وجهي ٿي. تارازيءَ جي پڙ ۾ ڪير ڀاري آهي، ڏک سهي عظيم ادبي تخليق ڪرڻ وارو يا سک ماڻي عظيم ادب تخليق ڪرڻ وارو؟ ڪيئن چئجي!

*(10 جولاءِ 1995ع)*

## منهنجيءَ پسند جا شاعر، اديب ۽ آرٽسٽ

# پبلو نرودا

جڏهن 1964ع ۾ فرانس جي عظيم ناول نگار سارتر ادب لاءِ نوبل انعام وٺڻ کان انڪار ڪيو تڏهن ايئن ڪرڻ لاءِ هُن هڪ سبب اهو ڏنو ته انعام يافته شاعر تي منهنجي تخليقي صلاحيت مفقود ٿي ويندي ۽ ٻيو سبب اهو ڏنائين ته نوبل انعام هن کي نه پر پبلو نرودا کي ڏنو وڃي ها. جو نه رڳو چليءَ پر پوري لاطيني آمريڪا جو عظيم شاعر هو ۽ پوريءَ دنيا ۾ هن جي قد قامت جا شاعر ٿورا پيدا ٿيا هئا.

ان کان ڪافي وقت اڳ فيض احمد فيض مون کي ڳالهين ۾ ٻڌايو هو ته يو. ايس. ايس. آر ۾ ٻاهرينءَ دنيا جي فقط ٽن چئن شاعرن کي تسليم ڪيو ويندو آهي. پوءِ هُن هڪ نالو پبلو نرودا جو ورتو هو. ٻيو ناظم حڪمت جو ۽ ٽيون پاڻ ڏانهن اشارو ڪيو هئائين. پر چوٿون نالو هن نه ورتو هو. هُن کي الائي هنگريءَ جي شاعر ايٽلا جوزف ۽ چيڪو سلواڪيا جي شاعر سيفرٽ جي خبر هئي يا نه. فيض به هڪ خوش نصيب انسان هو. هن کي جڏهن لينن امن انعام مليو ته هن کي پوري ڪميونسٽ دنيا جي سفر جا موقعا ملي ويا. فيض مون کي ٻُڌايو هو ته هو اُهو سوٽ ڪيس کوليندو ئي نه آهي. جنهن ۾ هن جي سفر جو سامان بند هوندو آهي. پبلو نرودا به اهڙو ئي خوش بخت انسان هو. نرودا کي به سِلون (هاڻي سري لنڪا) برما، سينگاپور، رنگون، بيوناس ائريس Buenos Aires (آرجينٽينا جي گادي) ۾ چليءَ جا سفارتي عهدا مليا هئا ۽ 1934ع کان وٺي 1936ع تائين هو اسپين ۾ چليءَ جو ڪانسل جنرل هو. جڏهن اسپين جي ريپبلڪ جو خاتمو آندو ويو تڏهن هن کي چليءَ واپس گهرايو ويو. ان کان پوءِ هن کي فرانس ۾ هسپانوي مهاجرن جي آبادڪاريءَ لاءِ موڪليو ويو. 1940ع کان 1943ع تائين هو ميڪسيڪو ۾ چليءَ جو ڪانسل جنرل هو.

باقي ٻئي شاعر، جنهن جو فيض ذڪر ڪيو هو اُن جي قسمت ۾ ڪافي لوڏا لما هئا. ناظم حڪمت ترڪيءَ ۾ اٺ سالن لاءِ قيد ۾ هو جتي هُن نهايت چڱا ترقي پسند نظم لکيا هئا ۽ رهائيءَ کان پوءِ يو. ايس. ايس. آر ۾ مستقل رهائش اختيار ڪئي هئائين (ناظم حڪمت تي هڪ الڳ مضمون لکندس.) جتي غالباً

هُو دلشڪستو ٿي مري ويو هو. معلوم نه آهي ته هر انسان جي الڳ الڳ تقدير ڇو آهي؟ ڇا اهو حُسنِ اتفاق آهي يا لوح محفوظ ۾ اڳيئي لکيل آهي؟ ڇا انسان پنهنجي زندگي پاڻ ٺوڻاهي ۽ ان کي هن جو ماحول موڙ ڏئي ٿو يا هن جي ڄم کان وٺي هن جي موت تائين اڳيئي سڀ ڪجهه طي ٿيل آهي؟ مون کي پنهنجي باري ۾ ته يقين ٿي ويو آهي ته منهنجي زندگي منهنجي وس ۾ نه آهي ۽ اُن کي ٻيو ڪو هلائي رهيو آهي.

پيبلو نرودا 1904ع ۾ ڄائو هو ۽ 1973ع ۾ گذاري ويو. هسپانوي (Hispanic) شاعريءَ ۾ هن جو بي مثال مقام آهي ۽ هن جي مترنم ۽ رزميه شاعري تمام جهجهي آهي ۽ اُن جو لاطيني آمريڪا جي شعور بيدار ڪرڻ ۾ وڏو هٿ اهي. هن جي عشقيه شاعري هن جي عمر سان گڏ بدلندي رهي هئي ۽ ان ۾ پُختگي ايندي رهي هئي. اُها قدرت جي ابتدائي عناصر سان هن جي گهري وابستگي ڏيکاري ٿي.

پيبلو نرودا جي تاريخ پيدائش 12 جولاءِ 1904ع هئي. هن سنتياگو ۾ فرينچ ٻولي سکي، پر ڪائي ڊگري حاصل نه ڪيائين. مورڳو هُن چليءَ جي نوجوان شاعرن ۽ انارڪسٽن سان گهري دوستي پيدا ڪئي ۽ يڪدم نظم لکڻ شروع ڪيائين. 1924ع ۾ هن پنهنجي شاعريءَ جو ڪتاب 'ويهه عشقيه نظم' لکيو. جنهن هُن کي لاطيني آمريڪا ۾ شهرت ڏني. 1927ع ۾ هن کي برما ۾ آنرري ڪانسل ڪري مقرر ڪيو ويو. جتي هن تجربي طور سورئيلي (Surrealistic) نظم لکيا (سورئيلي نظم ڇا آهي؟ ان تي مان پوءِ لکندس، جڏهن ادب ۽ آرٽ ۾ تحريڪن تي لکيم). 'ڌرتيءَ تي رهائش' (Residence on Earth) هن جو ايشيا ۾ لکيل مشهور ڪتاب منهنجي اڳيان رکيو آهي. اُن جو هسپانوي مان انگريزيءَ ۾ ترجمو ايترو ڏکيو اهي، جو اُهو انگريزيءَ مان سنڌيءَ ۾ ناممڪن ٿيو پوي. پيبلو نرودا جا تصور سارا شگفته جي شاعريءَ کان وڌيڪ پيچيده آهن ۽ جڻ ته ديوانگيءَ جي سرحد کي ڇُهن ٿا، مثلاً شاعريءَ جو رنگ سفيد ٿئي ٿو.

اُها مينهن ڦُڙين ۾ اچي ٿي. اُن ۾ گهنج پئجي وڃن ٿا ۽ اُها ڪٺي ٿي وڃي ٿي. هن ڌرتيءَ جي چمڙيءَ کي ڇڪي ٽاٽو وڃي! يعني ته نديون ڌرتيءَ جي چمڙيءَ تي گهنجن وانگر آهن، جي مينهن ڦُڙين مان نهن ٿيون.

شاعري به ايئن آهي ۽ اُن جو رنگ سفيد ٿئي ٿو. اُنهن گهُنجن کي ڇڪي ٽاٽيو وڃي (يعني سيلاب وانگر ڦهلايو وڃي). هي آهي چليءَ جو ڪميونسٽ شاعر پيبلو نرودا، جنهن جي سورئيلي شاعري ترجمي جي گرفت ۾ بنهه نه ٿي اچي، جيئن شاهه لطيف جو "سُر سهڻيءَ" جو ترجمو پنجابيءَ ۽ سرائيڪيءَ کان سوا ٻيءَ ٻوليءَ ۾ ناممڪن آهي. پنجابيءَ ۽ سرائيڪيءَ ۾ به ان ڪري ممڪن آهي،

جو ’سُر سهڻيءَ جي لوڪ ڪهاڻي‘ ۽ اُن جي صوفيانہ علامت اُنهن ٻولين ۽ سنڌيءَ ۾ مشترڪ آهي. پبلو نرودا، جنهن جو سنڌي شاعرن فقط نالو ٻڌو آهي، ڪميونسٽ حقيقت پسنديءَ جو شاعر نہ آهي. پنهنجي ڪتاب ’آئلا نيگرا‘ (Isla Negra) جي هڪ نظم ’لهرين جي پاڻ سان گُتفگوءَ‘ ۾ لکي ٿو ”هائو هتي رڳو مان تنها آهيان. هڪ ڇولي پنهنجي اڏاوت ڪري ٿي، شايد اها پنهنجو نالو ٻڌائي ٿي، جو مان سمجهي نہ ٿو سگهان. رڻ جهڳ ڪري ٿي ۽ پنهنجيءَ ڇُرپُر ۾ گجيءَ جو بوجهہ لاهي ڦٽي ڪري ٿي ۽ موٽي وڃي ٿي.

ڪنهن کان آنءَ پُڇان تہ هُن مون کي ڇا چيو؟
ڇولين مان
آنءُ ڪنهن جو نالو ڳِنهي سگهان ٿو؟
۽ مان ترسان ٿو.
هڪ پيرو پيهر ڇتائي ويجهو آئي
نرم لاتعداد ڇوليون
گجيءَ ۾ اُيريون
۽ مون نہ ڄاتو تہ مان اُنهن کي ڇا چوان،
ان ڪري اُهي رُڻ جهُڳ ڪري ويندڀون رهيون
۽ واريءَ جي وات ۾ اوتجي ويون.
وقت سپ چپ ميساري ڇڏيا؛
هڪ پاڇي جي چُپ سان
۽ اونهاري جي ناراضگيءَ جهڙي چُمي سان
مان تنها بيٺو رهيس
۽ دنيا جيڪي مون کي پڪ سان آڇي رهي هئي
مان اُن جي موٽ ڏئي نہ سگهيو هوس،
۽ اُن سرمائي کي ڏسندو رهيس
جنهن پاڻ کي ڦهلائي ڇڏيو هو
لوڏيائي پاڻيءَ جا بڙبڙا جي پُراسرار انگور جي داڻن وانگر هئا،
پيار، جو اجنبي هو،
۽ پوري ٿيل ڏينهن ۾
فقط هڪ افواهہ وانگر ڦهلجي رهيو هو،
۽ جو هر وقت دُور ٿيندو پئي ويو،
جيستائين هر شيءِ جا تبديل ٿي سگهندي هئي
خاموشيءَ ۾ بدلجي، ٿي وئي.“

هن نظم ۾ ڪافي اسرار پسندي(Mysticism) آهي ۽ تصور سورئيلي آهي.
اُهو نظم سنڌي پڙهندڙ جي سمجھ کان مٿي آهي. پر اهو نہ وساريو وڃي تہ پبلو نرودا کي نہ رڳو لينن پيس پرائيز ملي هئي، پر نوبل پرائيز بہ ملي هئي. ڪنهن وقت شاعري مصوريءَ کان بہ زياده پيچيده ۽ بعيد از فهم ٿئي ٿي.

1934ع ۾ پبلو نرودا کي بارسيلونا ۽ 1935ع ۾ مئڊرڊ ۾ ٽرانسفر ڪيو ويو. اُتي هن کي لاطيني آمريڪا جو سڀني کان وڏيڪ اهم هسپانوي شاعر سمجهيو ويندو هو. هن جي نہ رڳو اسپين ۾ پر پوري دنيا ۾ ڪافي اهم شخصيتن سان دوستي هئي. اسپين جو عظيم فاشزم دشمن شاعر لورڪا، ڪيوبسٽ(Cubist)، مصور پڪاسو، فرينچ ناول نويس ۽ آرٽ جو عظيم نقاد آندري مالرو، گانڌي، نهرو، مائوزي تنگ ۽ چي گئويرا هن جي دوستن مان ڪجھ شخصيتون آهن. انهن مان هر هڪ تي مان الڳ مضمون لکندس. ٻيا بہ ڪيئي نوجوان ۽ مستند شاعر، مصور ۽ صنم تراش هن جا دوست هئا. اسپين جي خانہ جنگيءَ هن کي مشهور نظم 'اسپين منهنجي دل ۾' لکڻ تي اُتساهيو.

1937ع ۾ جڏهن هو چليءَ ۾ موٽي آيو تہ ترقي پسند تحريڪ ۾ وچڙي ويو. ان کان پوءِ جيئن مٿي چيو ويو آهي، هن کي 1940ع ۾ ميڪسيڪو ۾ ڪانسل مقرر ڪيو ويو. 1943ع ۾ جڏهن چليءَ ڏانهن موٽي رهيو هو، تڏهن هو مچو پچو شهر ۾ ترسيو جو انڪا (Inca) قوم جو قديم شهر هو. اُتي هن لاطيني آمريڪا جي ماضيءَ جي عظمت ۽ وسعت محسوس ڪئي هئي. ان هن کان پنهنجو شاهڪار ڪانٽو جنرل (Ganto General) لکرايو. ڪانٽو افلاطوي ۽ هسپانويءَ ۾ شاعريءَ ۾ نظم جو هڪ فارم آهي. انگريزيءَ جي نهايت اهم شاعر اِزراپائونڊ بہ چين جي تهذيب جي پس منظر سان پنهنجا جڳ مشهور ڪانٽو انگريزيءَ ۾ لکيا آهن، جن تي مان تڏهن لکندس، جڏهن ازراپائونڊ تي هڪ الڳ مضمون لکندس. پبلو نرودا جيڪي ڪانٽو لکيا آهن، اُنهن ۾ پوري کنڊ ۽ اُن جي تاريخ جي باري ۾، ان جي سورهين ۽ هچارن جي باري ۾، ۽ اُن جي لنبي اقتصادي غلاميءَ جي باري ۾ گيت لکيا اٿائين. ان دوران هن کي ڪميونسٽ پارٽيءَ تي سينيٽر ڪري چونڊيو ويو. ڪجھ وقت کان پوءِ هن چليءَ جي صدر کي خط لکي هن تي الزام هنيو تہ هن ڪاهي ڏر سان غداري ڪئي هئي. ان خط جي لکڻ جي ڪري هن تي ظلم ڪيو ويو، هو روپوش ٿي ويو ۽ ملڪ ڇڏڻ تي مجبور ٿيو. 1949ع کان پوءِ هن ڪميونسٽ دنيا جا ڪافي سفر ڪيا ۽ 1950ع ۾ هن کي ماسڪو عالمي امن انعام ڏنو. 1952ع ۾ جڏهن هو چليءَ موٽي آيو تہ هن پنهنجي زندگي شاعريءَ ۽ پارٽيءَ جي خدمت ۾ ورهائي ڇڏي. 1971ع ۾ چليءَ جي ڪميونسٽ صدر آلندي هن کي فرانس ۾ سفير ڪري موڪليو.صحت جي

خرابيءَ سبب هن ٻن سالن کان پوءِ سفارت جي عهدي تان استعيفا ڏني. 23 سيپٽمبر 1973ع تي نرودا سئنتياگو چليءَ ۾ گذاري ويو. ان کان اڳ هن پنهنجي سرگذشت لکي هئي جا نثر جو هڪ شاهڪار هو.

نرودا جي شاعريءَ ۾ شروعاتي عشقيہ شاعريءَ کان آخري شاعريءَ تائين هُن جون ڪيئي اهڙيون ستون آهن، جنهن ۾ هن جي جذبات جو ڀرپور اظهار آهي. هن جو نثر بہ شاعريءَ جي سرحد کي ڇُهي ٿو. ’طوفان ۾ ڊاڪ‘ ۽ ’فيڊل ڪاسترو جي باري ۾ هڪ رزميہ گيت‘ جو هن ڪيوبا ۾ اشتراڪي انقلاب کان پوءِ لکيو، هن جا بہ شاهڪار نظم آهن. فيض احمد فيض وانگر يو. ايس. ايس. آر جي پيچ ڊاهہ هن جي شاعريءَ کي ڊاهي نہ سگهي آهي، ڇو تہ اُن ۾ درياهہ جي رواني آهي، پر هن جو جذباتي ردعمل ذاتي آهي. نرودا، جنهن ٻي جنگِ عظيم کان پوءِ وارسا جي نئين تعمير تي عاليشان نظم لکيو، اُن ساڳئي نظم ۾ پنهنجيءَ ٿينءَ زال جي حُسن جي ساراهہ بہ لکي. هن ۾ سياسي وابستگي ضرور آهي، پر هن جي شاعريءَ ۾ اهڙي ڪيفيت بہ آهي، جا شاعريءَ کان ماورا آهي. پنهنجيءَ بهترين تخليق ۾ هو انگريز شاعر وليم بليڪ، آمريڪي شاعر والٽ وِٽ مئن، فرينچ شاعرن لوتري مان ۽ رامبو ۽ فرينچ ناول نويس هيوگو کان گهڻ اسراريت پسند (mystical) نہ آهي.

’مَچو پچوءَ جون بلنديون‘ واري نظم ۾ هو پنهنجي ذاتي زندگيءَ مان نڪري لنبو سفر ڪري عوامي زندگيءَ ۾ اچي ٿو. ان نظم ۾ هن ۾ دور رس نگاهہ ۽ پيمبريءَ جو شان آهي. ان نظم جي شروعات ڪجهہ سوريليءَ جي سٽن سان ٿئي ٿي:

**”هوا کان هوا تائين، هڪ خالي اوجهاڻ وانگر،**
**ور وڪڙ گهٽين مان گهلبو، آنءُ چوڌار**
**گهيراءُ واري ماحول تي وارد ٿيس.“**

اهڙيءَ طرح هو پنهنجي تنها سفر جي انتها تي پهچي ٿو. شاعر جي ”خالي اوجهاڻ“ واري استعاري کي سمجهڻ لاءِ تصور تي ڪافي زور ڏيڻو پوندو.

دراصل هر ٻوليءَ ۽ ملڪ کي پنهنجون مخصوص روايتون، لوڪ ڪهاڻيون، محاورا، استعارا وغيره آهن ۽ شاعر کي پوريءَ طرح سمجهڻ لاءِ اُنهن تي گرفت ضروري آهي. ان ڪري جڏهن غالب کي انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪيو ويجي ٿو تڏهن ڪٿي هو بلڪل بي معنيٰ ٿيو ويجي. هڪ آسٽريليا جي شاعره ايسٽيلا ڊراءِ وڊ منهنجو انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪرڻ لاءِ لڳاتار بہ مهينا مون وٽ ايندي رهي. هوءَ منهنجي شاعريءَ ۾ ڏکڻ ۽ ڪارن وارن جو ذڪر پڙهي کلي ۽ چيائين، ”اسان تہ وار ڪٽائينديون آهيون.“ پوءِ هٿ جو اشارو ڪري چيائين تہ، ”هيئن قئنچيءَ سان ڪَٽ ڪَٽ ٿيندي آهي.“ هر ملڪ کي حُسن جو پنهنجو معيار آهي. اسان چوندا آهيون تہ وڏيون اکيون خوبصورت ٿينديون آهن، پر گابي جيڏيون وڏيون

اڪيون تہ بدصورت لڳنديون آهن. اسان کي درمياني سائيز جون اڪيون وڻنديون آهن. چينائن ۽ جپانين کي ننڍيون اڪيون وڻنديون آهن. مون کي ياد آيو تہ ڪيئي سال اڳ اُردو شاعريءَ ۾ مسيءَ هاڻا ڪارا ڏند سهڻا ليکيا ويندا هئا. پاڪستان کان اڳ ۽ پاڪستان کان ڪجهہ پوءِ بہ ڪجهہ وقت لاءِ پان ۾ ڳاڙها ڏند سهڻا سمجهيا ويندا هئا. هاڻي اهڙا ڏند ۽ ڳاڙهيون واچون ڏسي ڪرڀ اچي ٿي. نہ رڳو ملڪ ملڪ جو پنهنجو حُسن جو معيار آهي، پر دؤر دؤر جو بہ پنهنجو حُسن جو معيار آهي. پبلو نرودا هيئيائينءَ ڪڏ مان مچو پچوءَ جي چوٽيءَ تي پهچي ٿو ۽ پٿرن جي شهر ۾ ڪافي وقت اڳي مُئل ماڻهن کي متين ذڪر ڪيل نظم ۾ اظهاري چوي ٿو:

"منهنجا ياءُ، مون  
سان گڏ اُيري اچ  
مون کي پنهنجو هٿ ڏي  
انهن گهراين مان جتي تو پنهنجا غم پوکيا ها."

ساڳي ڳالهہ مون دولهہ دريا خان کي چئي هئي تہ، "پنهنجي مڪليءَ واري قبر ۾ ڪافي وقت سُتو آهين. هاڻي اُٿي بہ چوتہ سج تامڙي هٽي ويو آهي.

مٿي ذڪر ڪيل سٽون لکي پبلونرودا اُن شهر ۾ پوريل مُئلن سان واعدو ڪري ٿو تہ هو کين اهو آواز ڏيندو جو کين پهريون ڪونہ هو.

"مان اوهان جي مئل زبانن پاران ڳالهائڻ لاءِ آيو آهيان.  
مون کي پنهنجي جدوجهد ڏيو، فولادي عزم ڏيو؛ پنهنجو جوالا مُکي ڏيو،  
ڪاش اوهان جا جسم چقمق وانگر چنبڙي پون!  
تيزيءَ سان منهنجين رڳن ۾ ڊوڙو ۽ چلانگ ڏئي منهنجيءَ زبان تي پهچو!  
منهنجن ٻولن مان ٻوليو، منهنجي رت مان ٻوليو!"

جڏهن نرودا جي شاعري شاعر ۽ هن جي مخاطب کي هڪ ڪري ڇڏي ٿي، تڏهن اُها پنهنجيءَ عظيم ترين بلنديءَ تي پهچي ٿي. اها بہ شاعريءَ جي هڪ ڪيفيت آهي، جنهن کي تاريخ جي شڪست ۽ ريخت هڪ تڏي ساهہ ۾ بدلائي ڇڏيو آهي. ممڪن آهي تہ اها ساڳي ڪيفيت ٻي ڪنهن رنگ روپ سان اُيري اچي ۽ انسان ذات جي اُتساهہ جو ڪارڻ بڻجي.

*(14 جولاءِ 1995ع)*

## منهنجيءَ پسند جا شاعر، اديب ۽ آرٽسٽ

# لورڪا

فاشزم دنيا جي بدترين نظامِ حڪومت کي جنم ڏني ٿي. جرمنيءَ ۾ هٽلر، اٽليءَ ۾ مسولنيءَ ۽ اسپين ۾ جنرل فرانڪو اُتان جي نوجوانن کي پُرفريب نعرا ڏئي، تعصب ۽ نسل پرستيءَ ڏانهن آماده ڪيو ۽ جنگ جي آڙاهه ۾ وچڙائي ڇڏيو. ٻي جنگِ عظيم ۾ نه رڳو ڪيئي شهر تباهه ڪيا ويا، پر لکين ماڻهو ماريا ويا. نتيجو نازي ۽ فاشي قوتن جي شڪست ۾ نڪتو ۽ اٽليءَ ۾ شڪست کان پوءِ مسولنيءَ جو لاش چوڪ تي اونڌو لڙڪايو ويو ۽ هٽلر جنگ جي خاتمي کان ٿورو وقت اڳ پنهنجي زال ايوابران سان سائنائيڊ کائي خودڪشي ڪئي ۽ گوئبلز ٻنهي جي لاشن تي پيٽرول ڇڙڪائي تيلي ڏني ۽ لاش پوري ڇڏيا ۽ تاريخ نويس اڃا تائين ڳوليندا رهيا آهن ته هُو ڪٿي پوريا ويا هئا. ايئن ضرور آهي ته جنرل فرانڪو لنبي عمر گذاري پنهنجي طبي موت مُئو. خدا هن کي سزا ڇو نه ڏني، اهو ڪيئن ڇئجي! فاشزم انساني دليون پٿر ڪري ڇڏيون هيون. مسولنيءَ پنهنجي نياڻي ڪائونٽ ڪيانو کي سازش جي الزام ۾ فائرنگ اسڪئاڊ جي سامهون ڏئي مارايو ۽ هٽلر پنهنجي پياري ساٿيءَ جنرل هملر تي غداريءَ جو شڪ رکي هُن کي خودڪشيءَ تي مجبور ڪيو. نيورمبرگ مقدمي ۾ جي راز فاش ڪيا ويا اُنهن انسان ذات کي اهو سوچي حيران ڪري ڇڏيو ته انسان اهڙو وحشي درندو به ٿي سگهندو آهي. هٽلر ۽ مسولني ٻئي ڏاڍا چڱا مقرر هئا ۽ تقرير کان پوءِ عوام کي ايئن ڪنيي ونندا هئا، جيئن عقاب جهرڪيءَ کي ڪنيي وٺندو آهي. ڳيانڙي هٽڻ به وڏو فن آهي. عوام ته رڳو ڪيانڙي ڪنهندا آهن.

اسپين جو عظيم شاعر لورڪا، جنهن فاشزم ۽ پنهنجي دؤر جي نعري بازيءَ کي پنهنجي ادبي تخليق ذريعي رد ڏنو، نيٺ فاسسٽن هٿان ماريو ويو.

لورڪا جي زندگيءَ تي هڪ خوبصورت ناول لکيو ويو آهي 'لورڪا جو قتل' (The Assassination of Garcia Lorka.)

لورڪا جو پورو نالو گارشيا لورڪا هو. ان ناول جي پهرين باب جي مٿان هن جو هڪ شعر لکيل آهي:

Give him alms, woman, for nothing in life can equal the agony of being blind in Granada.

(ترجمو: هن کي خيرات ڏي، ڇو ته غرناطا ۾ انڌي هجڻ کان زياده اذيت ڪا به ٿي نه ٿي سگهي)

غرناطا لورڪا جو شهر هو جتي هو ماريو ويو هو. اُتي فرانڪو جا فاشي سپاهي انڌا ٿي قتل و غارت ڪري رهيا هئا. اُنهن کي پيار جي خيرات جي ضرورت هئي. ان ڪتاب تي اسپين ۾ بندش وڌي وئي هئي ۽ ويجهڙائيءَ ۾ اُن جو ترجمو انگريزيءَ ۾ ڪيو ويو آهي. مشهور اديب آرٿر ڪوئسلر، جو ان وقت لزبن ۾ فرانڪو جو قيدي هو، اُن پنهنجي ڊائري 'لزبن ڊائري' جي نالي سان لکي آهي، جنهن ۾ ڏيکاريو اٿائين ته فرانڪو جا ماتحت جيلن ۾ قيدين سان ڪهڙيون عقوبتون ڪندا هئا. اهڙي اذيت ناڪ ماحول ۾ لورڪا پنهنجي قتل جي اڳڪٿي ڪئي هئي، جا ڏيکاري ٿي ته ڪيئن شاعر جي دل تي مستقبل جا پاڇاوان پوندا آهن. شاعر جي ڪرشمه ساز شخصيت سياست دان کان گهڻو وقت اڳ ۾ مستقبل کي ڏسي سگهندي آهي. گهڻو ڪري اُن وقت هن جي اظهار ۾ ابهام هوندو آهي، پر لورڪا جڏهن پنهنجي موت جي باري ۾ لکيو ته اُن ۾ ڪو به ابهام نه هو. هن لکيو ته، "مون محسوس ڪيو ته مون کي قتل ڪيو ويو آهي. هُو مون لاءِ ڪئفي، قبرستان ۽ ديوليون ڳوليندا رهيا. اُنهن شراب جا ڊرم ۽ الماريون ڏٺيون. اُنهن ٽن هڏاون پڃرن کان سونا ڏند ڦُريا. پر مون کي ڳولي نه سگهيا. هو مون کي ڪڏهن به ڳولي نه سگهيا، ڪڏهن به نه."

لورڪا کي غرناطا جي پهاڙين تي ڪُنو ويو هو پر هن جو لاش ڪو به تلاش ڪري نه سگهيو.

هسپانوي شاعر ۽ ڊراما نويس لورڪا جو مون تي ڪافي اثر آهي. هن جي شاعريءَ جي انگريزي ترجمي جي آخر ۾ هن جي فن تي هڪ خوبصورت تبصرو به شامل آهي. جيئن تر جي پيلن، ڪولهين ۽ مينگهواڙن جي رقص جا منهنجي شاعريءَ ۾ پڙاڏا آهن، ايئن اسپين جي جپسين جي زندگي لورڪا جي شاعريءَ تي اثرانداز آهي. چون ٿا ته جپسي اصل سنڌ جي شهر جاتيءَ جا هئا. مون هندستان جي اخبار ۾ هڪ سنڌي هندو محقق جو مضمون پڙهيو هو جنهن لکيو هو ته جپسين جي ٻوليءَ ۾ اٽڪل ٽي سئو سنڌي لفظ ساڳيءَ معنيٰ سان ملن، جنهن سان اُهي سنڌيءَ ۾ استعمال ٿين ٿا. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ هڪ سنڌي موسيقيءَ تي تصنيف ۾ موسيقار عبدالعزيز جو ذڪر ڪيو آهي، جنهن هسپانوي موسيقيءَ ۾ "سُر راڻو" ۽ "سُر معذوري" ڳاتو آهي. هُن جا رڪارڊ يورپ ۾ ڪافي مشهور ٿيا آهن. راڪ هائوس واري سيٺ دولت جي وڏي پاءُ (جنهن کي

دادا چوندا هئا، پر پورو نالو وسري ٿو وڃي) مون کي ٻڌايو تہ عبدالعزيز کي هنن ئي هن جي ننڍي هوندي اسپين موڪليو هو جتي راڪ هائوس وارن جي ڪوٺي آهي. اها ڳالهہ اسان کي دولت جي وڏي پاءُ سيٺ هوتوءَ بہ ٻڌائي هئي، جڏهن مان ۽ محمد ابراهيم جويو ٺاٺي بولا خان ۾ هُن جي بنگلي تي مهمان ٿي ٽڪيل هئاسون.

گارشيا لورڪا اندلس ۾ نيٺ هسپانوي گهراڻي ۾ 5 جون 1898ع تي ڄائو هو. هن غرناطا يونيورسٽيءَ ۾ قانون ۽ مئرڊ يونيورسٽيءَ ۾ ادب ۾ مهارت حاصل ڪئي. ننڍي هوندي ئي هن جي موسيقيءَ ۾ دلچسپي پيدا ٿي. لورڪا کي مصوريءَ لاءِ بہ ڏات هئي ۽ اسپين جي شهر بار سيلونا ۾ هُن جي تصويرن جي نمائش ٿي.

جڏهن هو ٻن سالن لاءِ نيويارڪ ويو تہ هن هڪ نظمن جو مجموعو ڇپايو جنهن جو نالو 'نيويارڪ ۾ شاعر' ۽ ٻيا نظم رکيائين. اهو ڪتاب هن جي قتل کان پوءِ 1940ع ۾ ڇاپيو ويو. جڏهن هو اسپين موٽي آيو تہ هُن جي گهڻ ڪُنڊي شخصيت ايترو مشهور ٿي چڪي هئي، جو هن کي 'بئرڪ' نالي عوامي ٿيئٽر جو معاون ڊائريڪٽر مقرر ڪيو ويو. ان ۾ ڪيترن ئي شاگردن ڀرو ورتو ۽ اسپين جي ڪلاسيڪي ٿيئٽر جي نمائندگي ڪئي. 1933ع ۾ لورڪا لاطيني آمريڪا ۾ بيوناس ايئرس ويو جتي پنهنجا ڊراما اسٽيج تي آندائين. 1936ع ۾ جنرل فرانڪو جي حمايتن هن کي غرناطا ۾ ناحق قتل ڪري، هن جو لاش لڪائي ڇڏيو. لورڪا جي ڪنهن بہ سياسي جماعت سان وابستگي نہ هئي.

اسپين ۾ خانہ جنگيءَ وقت ۽ اُن کان پوءِ لورڪا اسپين جو هڪ زبردست عوامي شاعر هو. هو هوندَن تہ عوام ۾ مقبول هو پر هن جي شاعريءَ ۾ آرٽ جي بلندي ۽ يگانگت بي مثال آهي. هن جي شاعريءَ تي ڪجهہ همعصر شاعرن روبن ۽ جيمنز جو اثر آهي، پر ان ۾ هن جي انفراديت بہ لاجواب آهي. (روبن ۽ جيمنز جو ذڪر مان پنهنجي مضمون اسپين جي شاعريءَ ۾ ڪندس). هن ۾ ترنم ۽ عوام مان ورتل اُتساهہ پنهنجو مٽ پاڻ آهي. جيتوڻيڪ عوامي گيتن مان لورڪا جي شاعريءَ کي اُتساهہ مليو پر لورڪا پنهنجيءَ شاعريءَ جي مواد ۽ فارم ۾ انوکا ۽ منفرد تجربا ڪيا، جن سان اسپين گونجي اُٿي. هن جي شاعريءَ جو اسلوب (Style) ايترو هن جي ذات جي تخليق آهي، جو ٻڌڻ سان پڙهندڙ چئي سگهي ٿو تہ اها شاعري لورڪا جي آهي. هر عظيم شاعر جي پنهنجي تخليق تي پنهنجي مهر ثبت هوندي آهي ۽ اها هڪ نظر سان سڃاڻي سگهبي آهي تہ اها فلاڻي شاعر جي آهي. ٻوليءَ مان شاعر جي شناخت هر ڪنهن جي ڏات کي نہ هوندي آهي. هن جي ٻئي ڪتاب 'گيت' ۾ موضوع ٻنهہ بدلايا ويا آهن ۽ اُن مان بہ لورڪا جي

شناخت آسان آهي. هن جي نظم ’گهوڙي سوار جي گيت‘ ۾ بہ هن جي انوکائپ آهي ۽ ان نظم سان لورڪا جي شاعريءَ ۾ هڪ نئون دؤر شروع ٿئي ٿو جنهن ۾ هو ماضيءَ جو سارو تجربو سميٽي آيو آهي. اهو گيت اندلس جي ڊرامائي شاعريءَ کي هڪ نئون ترنم ڏئي ٿو. هن جي مترنم فارم هيٺان پنهنجي ڊرامائي تقدير جو تصور آهي، جنهن سان تخليقڪار جي لوڻ لوڻ لرزي اُٿي هوندي.

هو پنهنجي شاعريءَ مان ايئن ٿو نظر اچي، ڄڻ هو موت جي اکين ۾ گهوري رهيو آهي ۽ هن جي جذبات مان موت ٽپڪي رهيو آهي. هو اندلس جي زندگيءَ ۾ جيڪي روز مره جون شيون ۽ منظر آهن، اُنهن ڏانهن اشارو ڪري ٿو. اسپين جا شهر چٽا پيش ڪري ٿو ۽ ساڳئي وقت اُنهن کي هڪ ماورائي ۽ غير حقيقي دنيا ۾ بدلائي ڇڏي ٿو. جن ۾ عنصري قوتون اُن انساني الميي جون واڳون وس ۾ رکن ٿيون. جو اُنهن جي نگاهہ ۾ آهي ۽ اُن ڊرامي ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪن ٿيون. آخر ۾ لورڪا پنهنجي تخليق سازيءَ جو رُخ شاعر کان ڊراما نويس ڏانهن موڙيو. 1930ع ۾ هو ٿيئٽر ڏانهن سنجيدگيءَ سان رجوع ٿيو.

هونئن تہ هن جا پنج ڊراما آهن، پر مون فقط ٽي پڙهيا آهن. جي Penguin Series ۾ ڪتابي صورت ۾ ڇپيا آهن ۽ اُنهن مان ’موچيءَ جي هٺ ڦاڙ زال‘ ۽ ’رت هاڻي شادي‘ مون کي ڏاڍا وڻيا. ’رت هاڻي شاديءَ‘ ۾ تہ ڄڻ سنڌي عورت جي تقدير چٽي وئي آهي ۽ اُن جو ڊرامائي انداز ايترو خوبصورت آهي، جو هڪ پيري مون کي اُن جي ترجمي جو خيال آيو هو. 1933ع ۾ اسپين ۾ ٿيئٽر جو نئون دؤر شروع ٿيو جو اڳ وانگر حقيقت پسندانہ ڪونہ هو پر شاعرانہ هو. لورڪا جا ڊراما نہ رڳو اسپين ۾ ڪامياب ٿيا، پر جلد ئي انگريزيءَ، فرينچ ۽ ٻين ٻولين ۾ ترجمو ٿيا. لورڪا بہ الميا بہ لکيا. 1935ع ۾ شاعريءَ ڏانهن واپس موٽيو ۽ 1938ع ۾ هڪ ڏاندن سان ويڙهاڪ (Bull Fighter) تي هُن هڪ خوبصورت نظم لکيو. اُهو شخص جو ڏاند سان ويڙهہ ۾ ماريو ويو هو. لورڪا جو دوست هو. مون جڏهن اُهو نظم پڙهيو تڏهن ان مان مون کي هن جي دوست جو رت ڦوهارا ڪري نڪرندو نظر آيو. هن مهل تائين مون اهڙو ڪوبہ نظم نہ ڏٺو آهي، جنهن ۾ موت پنهنجي ٻُٽ هٿائي ايتري چٽائيءَ سان اکيون اکين ۾ وجهيِ ڏسندو هجي. ها، مون اڳ امير خسروءَ جو سلطان محمد جي موت تي فارسيءَ جو هڪ نهايت رقت انگيز مرثيو پڙهيو هو جو غزل جي فارم ۾ آهي. اُن مان بہ موت جي دهشت سج گرهڻ وانگر ڇانئجي ٿي وڃي. روز اياٽا اديب منهنجيءَ شاعريءَ ۾ موت جي تصور تي تنقيد ڪندا آهن. جيتوڻيڪ ان ابدي حقيقت تي غور ۽ فڪر بہ ايتري ادبي اهميت جو حامل آهي، جيترو زندگيءَ سان محبت ۽ وابستگي. منهنجي آپيرا ’دودي جو موت‘ ۾ اها بہ طرفي ڪيفيت واضح طور چٽيل آهي.

لورڪا جي زندگيءَ تي ايان گبسن (Ian Gibson) جو مٿيون ذڪر ڪيل ڪتاب لکيل آهي، جنهن ۾ لورڪا جي موت جي باري ۾ ڪافي تحقيق ٿيل آهي. مشهور ناول نويس گرهام گرين ان کي هڪ جاسوسي ناول ڪوٺيو هو. اُن مان ظاهر آهي، زندگيءَ ۾ لورڪا جي ذاتي رشتن ۽ ذات ڪافي دشمن پيدا ڪيا هئا. دنيا ۾ ورلي ڪو جينيس ٿيو آهي، جنهن جا رت پياڪ ويري ڪونہ ٿيا آهن. هر جينيس جي ذات، ذات کان وانجهي تخليقڪار کي ڏنڀيندي آهي. حسد روح جو ڪامڻ آهي، حاسد شاعر ۽ اديب بہ ٻئي هر حاسد وانگر بي ديدو ٿيندو آهي.

لورڪا سياسي ماڻهو نہ هو. هن ساريءَ اسپين کي پنهنجي آغوش ۾ آندو هو. اسپين جون سڀ ترقي پسند تحريڪون ۽ رجعت پسند روايتون هن جي شاعريءَ ۾ ملن ٿيون. هن جي محبت سياست کان ماورا آهي ۽ هن کي ڪِرائيءَ، تقليد ۽ تعصب کان سخت نفرت هئي، جا هن جي شاعريءَ مان ڇلڪي رهي آهي. ڪيئي سالن لاءِ هسپانوي حڪومت لورڪا جي قتل کي لڪايو. جيستائين ايان گبس اُن تي تحقيق نہ ڪئي. اهو ڪتاب ان غيض و غضب جو عبرتناڪ داستان آهي، جو هڪ عظيم شاعر جي شخصيت هن جي دشمنن ۾ پيدا ڪري ٿي ۽ هو هن جي معصوم رت جا پياسا ٿي پون ٿا.

*(19 جولاءِ 1995ع)*

# اسپين جي خانہ جنگي ۽ عالمي ادب

ڪامريڊ مبارڪ ساغر ڪراچيءَ جي سوشلسٽ پارٽيءَ جو ليڊر هو. انهيءَ پنهنجي گهر تي هڪ پيري نهايت دلچسپ ڳالهہ ٻڌائي تہ، "هڪ پيري ڪوئي ڪَڪُ ڪانگريسي مون سان گڏ جيل ۾ هو. هُن جي ذري گهٽ ساري عمر قيد ۾ ڪٽي هئي. نيٽ هن جا لوٽا، مُڇون، چاتيءَ جا وار سڀ اڇا تي ويا هئا. هن جون اکيون چنجهيون ۽ ڪن گهيرا تي ويا هئا. تڏهن بہ اڏوري شيشي ۽ چانديءَ جي ڇٻي ڏنگي فريم واري عينڪ پائي، هو لاهور جيل ۾ صبح جو اخبار پڙهندو هو ۽ شهہ سرخيون پڙهي گوڏن تي هٿ هڻي چوندو هو"جيتي رهيو آهي، فرانڪو جيتي رهيو آهي." هڪ ڏينهن مون هن کي چيو "ڪامريڊ جي فرانڪو جيتي رهيو آهي تہ اسان کي ڪهڙو فائدو ٿيندو؟ فرانڪو تہ فاشسٽ آهي." "فاشسٽ هجي يا ڇا بہ هجي." ڪانگريسي عجب مان عينڪ لاهي جواب ڏنو "پنهنجو باغي پائي تہ آهي."

مون کي اُن وقت بہ خبر هئي تہ اسپين جي جمهوريت لاءِ جنگ( Spanish War of Republicans) ۾ انٽرنيشنل برگيڊ وڙهي هئي، جنهن ۾ آندري مالرو، هيمنگ، ڪرسٽافر ڪاڊويل، ڪرسٽافر اشرُوڊ، آڊن، جارج آرويل ۽ ٻيا شاعر، اديب، مصور ۽ دانشور ان ۾ وڙهندا ها. جنگ جي خاتمي ۽ فرانڪو جي جيت کان پوءِ مينارام هاسٽل ۾ مان، حشو ڪيولراماڻيءَ ۽ ٻيا دوست نہ رڳو هٽلر، مسوليني ۽ فرانڪو تي بحث ڪندا هئاسين، پر اُنهن شاعرن، اديبن ۽ دانشورن جي زندگين ۽ ادبي تخليقن تي راتين جون راتيون ڳالهائيندا هئاسين. دراصل اِهي سال هئا جيڪي منهنجي ادبي ۽ سياسي شعور کي بلوغت تي رسائي رهيا هئا. اُن کان پوءِ تہ مون جنگ آزاديءَ ۽ اُن ۾ شاعر ۽ اديب جي ڪردار جو گهرو مطالعو ڪيو ۽ اُن وقت ئي منهنجي دل ۾ ڪميونزم جي باري ۾ شڪ پيدا ٿيا، جي وقت سان وڌندا ويا. مان ڀانيان ٿو تہ برِصغير ۾ دانشور ۽ شاعر جي زندگيءَ ۾ اُها جنگ هڪ نهايت اهم واقعو هئي، پر اُن کان تمام ٿورا اديب، شاعر ۽ دانش ور صحيح معنيٰ ۾ متاثر ٿيا. اردو اديبن مان تہ فقط گوپال متل هو. سنڌ ۾ رڳو حشو ڪيولراماڻي ۽ آنءُ هئاسين. ٻيا سڀ ڪميونزم جي نشي ۾ الوٽ هئا. جن کي

اجا انهيءَ فلسفي مٿي جو سور نہ ڏنو هو.

هاسٽل ۾ ڪامريڊ اسٽالن، ٽراٽسڪيءَ، بُخارن، ڪامينوف، زينوفيف ۽ ٻين تي بحث ٿيندا هئا. جيڪو بہ ماسڪو ڪارروايُن (Moscow Trails) جو ذڪر ڪندو هو يا M.N. Roy جي هفتيوار Independent India پڙهندو هو، اُن کي سامراج جو ايجنٽ ڪوٺيو ويندو هو. سياسي ليبل سستا هئا ۽ ڪميونسٽ انهن کي اسٽڪر ڪري هاسٽل جي هر ڪمري تي چنبڙائي ڇڏيندا هئا. هي ٽراٽسڪائيٽ آهي، هي ٽئگورائيٽ آهي، هي رايسٽ آهي، هي سڀاش بوش جي آزاد فوج جو چاڙتو آهي. هي سوشلسٽ آهي، جئہ پرڪاش نارائڻ، ارونا آصف علي جو پيروڪار آهي، منو مسانيءَ جو پوئلڳ آهي، گانڌي وادي آهي، ليگي آهي، خاڪسار آهي، ڪانگريسي آهي، مطلب تہ انگريز سامراج جو دلال آهي. فقط ڪميونسٽ ئي چوويهہ ڪئرٽ سون ها. جي انسان ذات جي نجات لاءِ وڙهيا هئا ۽ علامہ اقبال وانگر چئي رهيا ها:

گفتند جهانِ مان آيا بہ تومي سازد.
گفتم ڪہ نہ مي سازد، گفتند ڪہ برهم زن.

(ترجمو: پڇيائون تہ اسان جو جهان توسان ٺهي ٺو هلي، چيم تہ "نہ ٿو ٺهي." ان تي چيائون تہ "اونڌو ڪرينس.")

ڪانگريسي ڇوڪرا، کاڌيءَ جو ڪُڙتو، پتلون ۽ چمپل پائي ٺڏندا هئا ۽ صحافي ڪراڪا جي اخبار ۽ ادب جا شائق هوندا ها ۽ هنن جا دماغ ٽڪرين جي دہن وانگر ڪڙڪندا هئا.

اردوءَ جي اديبن انجمن ترقي پسند مصنفين ٺاهي، ساري هندستان کي ڳنڍيو هو. اوهان سجاد ظهير جي ڪتاب 'روشنائي' ۾ جي اردوءَ جي ترقي پسند مصنفين جي تاريخ پڙهندا هئا تہ اُن ۾ ڏسندا تہ ڪڏهن هو ٽئگور کان صدارت ڪرائيندا هئا، ڪڏهن منشي پريم چند کان، ڪڏهن هڪڙي غير ڪميونسٽ اديب، ڪڏهن ٻئي غير ڪميونسٽ اديب کان صدارت ڪرائيندا ها پر ڳالهہ رڳو اردو ۽ ڪميونزم جي ڪندا ها. جيئن پاڪستان ۾ اردو اديب صدارت پنجابي، سنڌي، بلوچي يا پٺاڻ اديب کان ڪرائي ڳالهہ فقط اُردوءَ ۽ اسلام جي ڪن ٿا.

سنڌي ادب ۾ نئين نسل کي ڪائي خبر نہ آهي تہ پنجاهہ واري ڏهاڪي ۾ يا اُن کان اڳ دنيا ۾ ڇا وهيو واپريو آهي، اُنهيءَ دور ۾ ڪميونسٽ پارٽيءَ جي آفيس ۾ ميٽنگون ٿينديون هيون. جنهن ۾ ڪامريڊ بخاري، سوڀو گيانچنداڻي، گوبند مالهي، پوهو ڪيرت ۽ گلاب ڪميونزم جي ڳجهڙ شبڙ (Jargon) ڪم آڻي تنقيد ڪندا ها ۽ اسان کي ترقي پسنديءَ جي راهہ ڏيکاريندا ها ۽ بورجوا ادب کان نفرت جو اظهار ڪندا ها. ڪنهن بہ ائلڊوس هڪسلي (Aldous Huxley) جو

ڪتاب، ’ذريعا ۽ مقصد‘ (Means and Ends) نہ پڙهيو هو. توڙي جو اُهو ڪميونسٽ پارٽيءَ جي لئبرريءَ ۾ موجود هوندو هو ۽ ڪميونزم تي گهور ويندڙ همراهہ اسٽالن جا ڏاڙا جائز سمجهندا ها، پر ساڳئي وقت پرچي وديارٿيءَ جا ڪراچيءَ ۾ ڏاڙا ناجائز سمجهندا ها، ڇو تہ هو آزاد هند فوج سان واڳيل هو.

ان دؤر ۾ مان ۽ حشو ڪلاڪن جا ڪلاڪ فرانڪو اسپين جي ادب، نازي ازم، فاشزم، ڪميونزم ۽ رائزم جي لڳاتار چنڊ ڇاڻ ڪندا هئاسين. اُن مان ڪجهہ پڙهندڙن جي اڳيان پيش ڪجي ٿو.

دنيا ۾ ڪميونزم اقتصادي ترقيءَ ۽ سياسي آزاديءَ جا نعرا تہ گهٽا هنيا پر 1930ع ۾ اُنهن جي پٽ واڪي ٿي پئي هئي. انگريز شاعر آڊن (Auden) انگريز ناول نويس ڪرسٽافر اشروڊ (Christopher Isherwood) لاءِ پنهنجي هڪ نظم ۾ پنهنجي دؤر جي حقيقت هنن لفظن ۾ ڇٽي هئي:

It was this hour of crisis and dismay.

”اهو وقت بحران ۽ مايوسيءَ جو هيو!“

انگلنڊ ۾ اقتصادي مشڪلات ۽ سياسي غير يقيني هئي. ٻاهر جپان، اٽليءَ ۽ جرمنيءَ جي فاشزم جي جارحانہ يلغار هئي. اهو دؤر شروع بہ بحران ۾ ٿيو تہ ختم بہ بحران ۾ ٿيو. حيرت تہ ان ڳالهہ جي آهي تہ انگلنڊ جهڙيءَ جمهوريت ۾ 8 آڪٽوبر 1931ع تي آسوالڊ موسلي (Oswald Mosley) هٽلر جي نقش قدم تي هلي، پنهنجي پارٽيءَ جي رسالي ائڪشن (Action) جو پهريون شمارو ڪڍيو. ان خطرناڪ ڏهاڪي ۾ 1936ع وارو سال ٻئي ساري عرصي کان وڌيڪ ڇرڪائيندڙ هو. جي اُن دؤر جي برٽش ڪميونسٽ پارٽيءَ جي اخبار ڊيلي ورڪر (Daily Worker) پڙهي ڏسبي تہ چوڌاري افراتفري ۽ انساني ذهن انگڙ ونگڙ نظر ايندا. جنوري 1931ع ۾ انگريز بادشاهہ جارج پنجون مري ويو ۽ ملڪ کي اقتصادي اونداهيءَ ۾ ڇڏيو ويو هو. اٽڪل ويهہ لک بيروزگار ها. تخت نشيني کير ٿو ڪري، اُن جو بہ ڪئٽ ڪونہ هو. مارچ ۾ هٽلر پنهنجي فوج رهائين لئنڊ (Rhine Land) جي غير فوجي علائقي ۾ لاٿي هئي. پهرين مئي 1936ع تي بادشاهہ هيلي سلاسي (Haile Selassie) مسولنيءَ جي حملي کان ڊڄي، ابي سينا ڇڏي ڀڄي ويو ۽ ڊيوش (مسولنيءَ) روم جي نئين سلطنت جو بنياد وڌو. (مسولنيءَ جي باري ۾ ڪجهہ سال اڳ مون بہ وڊيو ڪيسٽ ڏٺا ها، جي اُن دؤر جي عڪاسي ڪن ٿا) مان اُن وقت اڃا مئٽرڪ پاس نہ ڪئي هئي ۽ شڪارپور ۾ جماٽي هال جي لئبرريءَ ۾ اسان جا ميڙاڪا ٿيندا ها ۽ نيو ايرا اسڪول جا ڪجهہ شاگرد عالمي صورت حال تي خيالن جي ڏي وٺ ڪندا هئاسين. (شڪارپور ۾ منهنجا ڪلاس فيلو ۽ مون کان هڪ سال مٿي پڙهندڙ شاگرد

نهايت ذهين ها. اسان مان هڪڙو تہ رام ڇيٺملاڻي هو، جو پوءِ آل انڊيا بار ڪائونسل جو پريزيڊنٽ ۽ پارليامينٽ جو ميمبر ٿيو هو ۽ اڳتين پيري جڏهن مان هندستان ويو هوس تہ جنتا دَل جو وائس پريزيڊنٽ ۽ پرائم منسٽر وي پي سنگهہ جو سڄو هٿ هو.)

ان کان پوءِ فاشسٽ يورپ ۾ ايترو وڌي ويا جو 4 آڪٽوبر 1936ع تي آچر جي ڏينهن اتڪل ٽي هزار موسلي جا 'ڪارا چولا' (Black Shirts) جي انگريز فاشسٽ هئا، تن ڪاهي ڏر وارن جي خلاف جلوس ڪڍيا ۽ ايسٽ اينڊ ( East End) جي يهودين جي پاڙن ۾ دندنائيندا وتيا. هزارين ڪميونسٽ (جن کي ائنٽي فاشسٽ (Anti_Fascisst) چوندا ها، اُهي بہ پوليس سان گڏ ڳنيا ٽيا ۽ اُنهن جو مقابلو ڪيو هئائون. جهيڙي ۾ موسلي کي مُنهن جي ڪاٽي پئي هئي. پر ٻئي هفتي ۾ موسلي جا ٽگ وري ڳنا ٽيا هئا ۽ ايسٽ اينڊ ۾ يهودين جا ڪيئي دڪان ساري ڇڏيا هئائون ۽ اتي يهودڪُش ڪارروايون وڌائي ڇڏيون هئائون.

جڏهن شهنشاهہ ايڊورڊ ستين جو مسز سئمپسن نالي هڪ بيوهہ سان عشق ٿيو هو ۽ هن سان شادي ڪئي هئائين ۽ هن لاءِ 11 ڊسمبر تي تخت تاج ڇڏيو هئائين، تڏهن ان جي خلاف جيڪي مظاهرا ٿيا هئا، اُنهن ۾ ڪميونسٽن کي شريڪ نہ ڪيو ويو هو. يورپ ۾ اها افراتفري پنهنجي چوٽيءَ تي رسي جڏهن اسپين جي جمهوري حڪومت (Republican Govenrment) خلاف جولاءِ ۾ يلغار (Putsch) ڪئي. اُن وقت انگلنڊ جي ادبي حلقن عوامي محاذ ( Popular Front) ناهيو جو ايترو فعال نہ هو. اُن جان لي مئن (John Leh Mann) جي ادارت هيٺ مشهور رسالو (New Writing) ڪڍيو جو ڪافي پوءِ ڪراچيءَ ۾ منهنجيءَ نظر مان گذريو ۽ جو جنگ جي خاتمي تائين ۽ اُن کانپوءِ بہ مان هر سال وٺندو هوس. اهو ظاهري طرح ڪنهن ڏر سان واڳيل نہ هو پر رجعت پسندن يا فاشسٽن کي شايع نہ ڪندو هو. برٽش سريئلزم جو انقلابي رسالو (Contemporary poetry and prose) مئي 1936ع ۾ شايع ٿيو. جنهن جا ڪجهہ شمارا حشوءَ انگلنڊ مان آندا ها. جي پوءِ مون هن وٽ پڙهيا ها. اسپين ۾ سياسي طوفان کان اڳ Left Book Club ناهي وئي، جا هڪ متحده محاذ هئي ۽ جا ڊيلي وَرڪر جا اشتهار شايع ڪندي هئي. ڪجهہ وقت کان پوءِ اُن عالمي امن لاءِ تحريڪ هلائي ۽ فاشزم جي خلاف ڪارروايون شروع ڪري ڏنائين. اسپين ۾ عوامي محاذ جي گورنمينٽ جمهوري طريقي سان چونڊي وئي هئي ۽ اُها هر امداد جي مستحق هئي. جنرلن جي بغاوت ۾ فاشزم جو هٿ هو. يورپ جي اڳيان هڪ واضح اشو (Issue) هو. جمهوريت يا فاشزم (جيئن پُٽي جي گرفتاريءَ کان وٺي بينظير جي حڪومت تائين اسان اڳيان هو.) جيڪڏهن اسپين ۾

ريپبلڪ بچي وئي، تہ جمهوريت ڪيئي سال پُنتي نہ هٽندي، جي نہ بچي، تہ جا آزادي انگريز اديبن کي حاصل هئي، اُها بہ ايئن ختم ڪئي ويندي جيئن جرمن، اطالوي ۽ جپاني اديبن جي ختم ڪئي وئي هئي. اُن ڪري آزاد يورپ جا اديب اسپين ڏانهن ايئن ڇڪجي آيا ها، جيئن فولاد جا ذرا چقمق ڏانهن ڇڪجي ايندا آهن. اها ڇڪ زبردست هئي ۽ دانشورن لاءِ هڪ بين الاقوامي جدوجهد لاءِ ڪشش هئي. هاڻي تہ اسپين جي خانہ جنگي پوري جڳ لاءِ لوڪ ڪٿا ٿي چُڪي آهي. انهيءَ جنگ کي شاعرن جي جنگ ڪوٺيو آهي. (مختلف حالتن ۾ جيئي سنڌ تحريڪ آمرن خلاف شاعرن جي جنگ رهي آهي، پر اها جمهوري دؤر ۾ پنهنجي معنيٰ وڃائي چُڪي آهي.) انگريزيءَ جا جڳ مشهور شاعر اسٽيفن اسپينڊر 'The God that failed' نالي ڪتاب ۾ پنهنجي مضمون ۾ اسپين جي جنگ آزاديءَ جي باري ۾ ساڳي ڳالهہ جو اظهار ڪيو آهي. (انهن ڪتابن ۾ رومين رولان، آندري ييد ﺑﻴﻦ ڪيترن روس نواز اديبن جا مضمون آهن، جي 1950ع ۾ ڇپيا ها ۽ جن ڪميونزم جا وڪا پڌرا ڪيا ها، پر اسان جي ڪميونسٽ اديبن جي اکين تي کوپا چڙهيل ها. جيئن پاڇاريءَ ۾ ڏاند جي اکين تي چڙهيل هوندا آهن ۽ اُنهن ايڏن عظيم اديبن جي تجربي مان ڪجهہ نہ سکيو.)

مشهور ناول نويس اُپٽن سنڪليئر (Upton Sinclair) چيو آهي تہ پرديسي اديب رضاڪار ها. انهن جي برگيڊ ناهي. اُها جنگ جي تاريخ ۾ وڏي ۾ وڏي برگيڊ هئي. اديب، حال ۽ مستقبل لاءِ پنهنجا ڪتاب تخليق ڪري رهيا ها. صحافي چاهہ سان خبرون ڏئي رهيا هئا، نہ رڳو اهي پر ڪيئي ڳيرو ۽ ڪروڙ اديب، نہ رڳو انگلينڊ ۽ آئرلينڊ مان، پر دنيا جي ﺑﻴﻦ ملڪن مان بہ، انهيءَ جمهوريت لاءِ جهاد ۾ شريڪ ٿيا. اسٽيفن اسپينڊر جڏهن ريڊيو تي پنهنجي شموليت لاءِ اسپين ويو، تڏهن بارسيلونا ۾ هڪ سرئيلسٽ شاعر ڊيوڊ گنس ڪُئائن (David Gascoyne) جو ريڊيو تان آواز ٻڌي حيران ٿي ويو. هو انگريزيءَ ۾ براڊڪاسٽ ڪري رهيو هو. ٻيا بہ ڪيترائي شاعر انگلينڊ ۽ آئرلينڊ مان اسپين ڏانهن ويا ها، پر انهن جا نالا سنڌي عوام تہ ٺهيو پر ڪنهن بہ پاڪستاني اديب نہ ٻُڌا آهن.

اديبن کي اهم نوڪريون مليون، انگريز ناول نويس رالف بيٽس (Ralph Bates) کي اهم سياسي عهدو مليو. ٻيا تہ اديب هاءِ ڪمانڊ تائين رسيا، اُنهن ۾ جرمنيءَ ۽ هنگريءَ جي اديبن سان گڏ، آندري مالرو بہ هو. هو نہ فقط آرٽ جو عظيم نقاد، ناول نگار ۽ مضمون نويس هو پر ٻي جنگ جي خاتمي کان پوءِ ڊي گال جو ڪلچر منسٽر بہ هو. (فخر زمان بہ محترمہ بينظير جي گورنمينٽ ۾ لڳ ڀڳ ساڳي جاءِ والاري آهي) مشهور شاعر سيسل ڊي ليوس ( Cecil Day

(Lewis) پنهنجي وطن ۾ ايتري پرپيگنڊا ڪري رهيو هو جو ڪميونسٽ پارٽيءَ جنگ ۾ هن جي مارجي وڃڻ جو خطرو نہ کنيو ۽ هن کي اسپين وڃڻ جي اجازت نہ ڏني. ساڳي حالت ريڪس وارنر (Rex Warner) جي ٿي. شاعر لوئيس مئڪ نيس (Louis Macneice) بارسيلونا ۾ ڏهن پهتو جڏهن ڊراما جي پوئين سين هئي. اسپيڊر The God that failed ۾ دعوي ڪئي آهي تہ رالف فاڪس (Ralph Fox) مشهور ڪميونسٽ ناول نويس، آرٽ جي نقاد ۽ صحافي ڪرسٽافر ڪاڊيل، علم هوابازيءَ (Aeronautics) تي وڏو ليڪڪ ۽ انگلينڊ ۾ مارڪسٽ نظريي جو برک ڄاڻو ڪتاب 'نظر جو فريب ۽ شاعري' (Illusion and Poetry)، 'بورجوا اقدار جو مطالعو' ۽ 'بورجوا اقدار جو وڌيڪ مطالعو' لکيا ۽ ٻيا بہ ڪي انگلينڊ ۽ آئرلئنڊ جا هونهار شاعر اسپين جي جنگ ۾ شامل ٿيا ۽ ماريا ويا. ورجينيا وولف جو ڀائٽيو ائمبولينس هلائيندي، اُتي مئو. هنگريءَ جو شاعر مٿازلڪا (Matazalka) ۽ اسپين جو مشهور شاعر انٽونيو مڪاڊو (Antonio Machado) بہ ماريا ويا. مڪاڊو جي موت کان پوءِ اسپين جو مشهور سُگهڙ شاعر مائڪل هرننڊيز (Miguel Hernandez) فرانڪو جي جيل ۾ مري ويو.

اها بين الاقوامي برگيڊ جي ڏند ڪٿا ڪميونسٽ پارٽي ناهي هئي. بين الاقوامي برگيڊ جمهوريت لاءِ هڪ بي بها حمايت هئي. اسپينڊر ۽ جان لي مئن 1939ع ۾ گڏجي هڪ ڪتاب 'اسپين جا نظم' لکيو. جنهن جي مهاڳ ۾ هن لکيو تہ "شاعر هجڻ يا اسپين جي جنگ ۾ شامل هجڻ بين الاقوامي برگيڊ لاءِ ساڳي ڳالهہ آهن." اهو ايئن هو جيئن سنڌ ۾ وائي لکڻ ۽ جيئي سنڌ ۾ هجڻ ساڳي ڳالهہ آهي. اسپين ۾ جمهوري جدوجهد تي ڪافي ڪتاب ڇپيا ها. بين الاقوامي برگيڊون ڪميونسٽن منظم ڪيون هيون. جن کي پهرين بين الاقوامي ليجن (International Legions) يا بين الاقوامي ٽنيا (International Columns) چوندا ها. پر رڳو اهي برگيڊ هئا. جن هيٺ بين الاقوامي رضاڪار اسپين ۾ موجود ها. جڳ مشهور ناول نويس جارج آرويل بہ اُنهن ۾ هو. هن پوءِ اسپين جي باري ۾ ناول ڪئٽلونيا. بارسيلونا ۽ (Animal Farm) جانورستان 1984ع لکيا. 1984ع ناول ۾ تہ هن پيشنگوئي ڪئي هئي تہ ڪميونسٽ معاشرو 1984ع ۾ ختم ٿيندو. اهو 1985ع ۾ گوربچوف جي گلاس نوسٽ ۾ پيرسترونڪا سچ پچ ختم ڪيو. ساري دنيا ۾ سال 1984ع کي جارج آرويل جو سال ڇئي ملهايو ويو. اهو ايئن هو جيئن مايا ڪوفسڪيءَ هڪ نظم ۾ لکيو هو تہ ڪميونسٽ انقلاب 1916ع ۾ اچي رهيو آهي ۽ اُهو سچ پچ 1917ع ۾ آيو هو. (ڪنهن ڪنهن شاعر جي رڳ رڳ سياسي تاڃي پيٽي ۾ اُٽيل هوندي آهي ۽ هو اڳواٽ حالتون ڏسي سگهندو آهي.) برٽش ڪميونسٽ پارٽيءَ جي سيڪريٽري

جنرل هئري پالٽ (Harry Pollit) جارج آرويل جي لاءِ اڳ ۾ چيو هو ته هيءُ اعتبار جهڙو نه آهي. جيئن سوڀي گيانچنداڻيءَ انور پيرزادي کي پهرين ملاقات ۾ چيو هو: "متان شيخ اياز کي پنهنجو آدرش سمجهين!"

مان سمجهان ٿو ته سوڀو پنهنجي جاءِ تي صحيح هو مان پنهنجي جاءِ تي صحيح آهيان. هن جي طبيعت ۾ هئري پالٽ آهي. منهنجيءَ طبيعت ۾ جارج آرويل آهي. ڪجهه وقت کان پوءِ هئري پالٽ جارج آرويل لاءِ لکيو ته مصنف هڪ وچولي درجي جو ڇوڪرو آهي، جو مايوس ٿي چڪو آهي ۽ جنهن کي ٻيهر ڪوشش ڪرڻي پوندي.

(The auther is a disillusioned middle class by who will have to try again)

هئري پالٽ جارج آرويل کي اسپين ۾ وڃڻ ۾ مدد نه ڪئي، پر هو پاڻ چوريءَ ڇپي اُتي ويو ۽ اسٽالن دشمن انقلابي مارڪسسٽ پارٽيءَ ۾ شريڪ ٿيو. ۽ هن جو پرچم ڪميونزم جو نه هيو.

نه وري بين الاقوامي ڪميونزم کي ڪنهن بين الاقوامي برگيڊ جي تنظيم لاءِ ڪائي آتروپلا هئي. ان ۾ شڪ نه آهي ته اوائلي اونهاري ۾ جڏهن ريپبلڪ کي مدد جي اشد ضرورت هئي، خاص ڪري هوائي جهازن جي ۽ جڏهن برٽن ۽ فرانس به پنهنجي امداد روڪي ڇڏي هئي، چاڪاڻ ته جو اُنهن مداخلت ڪرڻ نه ٿي چاهي. تڏهن بين الاقوامي اسٽالنزم ان حڪومت ۽ ملڪ کي مدد ڪرڻ نه ٿي چاهي، جتي اسٽالن دشمني، انارڪزم ۽ ٽراسڪائيٽزم ڦهلجي چڪيون هيون. سو پهريون ٻاهران رضاڪار اسپين ۾ پنهنجو پاڻ آيا ۽ پنهنجي جوش خروش سبب ريپبلڪ جي مدد ڪيائون. خاص ڪري آندري مالرو جنهن هٿيار خريد ڪيا. بندوقون ورهايون ۽ هڪ ننڍيءَ فضائيه (Air Force) کي تنظيم ڏني، پر پهريون رضاڪار جو اسپين جي خانه جنگيءَ ۾ ماريو ويو اُها ڪميونسٽ فيلسيا برائون هئي. هوءَ هڪ ڪميونسٽ مصوره هئي جا بارسيلونا ۾ ورڪرس اولمپئڊ (Worker's Olympaid) ۾ حصو وٺڻ وئي هئي، جيڪا ميونخ اولمپڪ جي مقابلي ۾ ڪوناٿي وئي هئي.

ڪميونسٽ پارٽيءَ ۾ ضمير جي ڇهنڊڙيءَ نالي ته ڪا شيءِ نه هئي. هر ڪوئي انقلاب جي مچ لاءِ ٻارڻ هو. هر ڪنهن کي پتنگ وانگر پاڻ جلائي اها لاٽ قائم رکڻي هئي. شاعر، اديب، مصور، صحافي وغيره سڀ پارٽيءَ لاءِ پروپئگنڊا جو ذريعو ها. هنن جي پنهنجي وجود جي ڪائي اهميت ڪانه هئي، هو فقط اخبار جي شهه سُرخي ها. پارٽيءَ جي پيشانيءَ تي سند.ور جو تلڪ هئا. فرد جي فقط اها اهميت هئي ته هو پارٽيءَ لاءِ ڪهڙي ريت استعمال پئي ٿيو.

ڪميونسٽ لاءِ پارٽي خدا هئي. ان جو هر فيصلو مقدر جي فيصلي وانگر صحيح هو ۽ ڪنهن کي اهو حق ڪونہ هو تہ ان ۾ مين ميک ڪڍي سگهي. پارٽي ڪڏهن بہ غلط نہ ٿي ٿِي سگهي. اهو ڪميونزم جي فلسفي جو مرڪزي سياسي اُصول هو.

اُن دؤر ۾ هڪ ڪتاب 'اسپين مان نظم' (Poems from Spain) ڇپيو جنهن جو پيش لفظ اسپينڊر ۽ جان لي مئن 1939ع ۾ لکيو. ان ۾ ڇپيو ويو "اها حقيقت آهي تہ هيءَ نظم اسپين ۾ لکيا ويا ها ۽ پنهنجي جاءِ تي ايتري اهميت رکن ٿا، جيتري بين الاقوامي برگيڊ رکن پيا. ٻئي ڳالهيون پور-وچوٽيون هيون."

ڪارن فورڊ (Cornford) نالي هڪ شاعر جنگ ۾ ماريو ويو. اسپين ۾ ان وقت بہ انقلابي پارٽيون هيون: هڪ هئي يونائيٽڊ سوشلسٽ پارٽي (P.S.U.C) ۽ ٻي هئي (P.O.U.M). پوئين پارٽيءَ پاڻ کي مارڪسٽ اتحاد لاءِ پورهيت پارٽي (Worker's party of Marxist Unity) ٿي چيو. ان جا ميمبر پاڻ کي سُپر ڪميونسٽ (Super Communist) ڪوٺڻ لڳا هئا، اُنهن ۾ ڪيترائي انارڪسٽ ۽ ٽرائسڪائيٽ شامل ٿي چڪا ها.

22 سيپٽمبر تي جڏهن فرينچ ڪميونسٽ پارٽيءَ جو سيڪريٽري جنرل مارس ٿوريز (Maurice Thorez) ماسڪو ويو، تڏهن کان (P.O.U.M) جي حيثيت ڪميونسٽن جي نظرن ۾ ڦري وئي ۽ هو اُن کي اُڀري انقلابي پارٽي سمجهڻ لڳا ۽ جيئن سنڌيءَ ۾ چوندا آهيون تہ 'تڪڙي ڪُتي انڌا گُلر ڄڻي' ساڳيءَ طرح اُن کي انارڪيءَ ۾ اعتبار ڪندڙ ۽ دور رس نگاهہ کان عاري پارٽي سمجهڻ لڳا. مٿي ذڪر ڪيل شاعر ڪارن فيلڊ پنهنجي لاءِ اها پارٽي چونڊي هئي. هن تي پارٽيءَ جي تنقيد اها هئي، "هن جي نظر حقيقت پسندانہ نہ هئي. هو انهن مان نہ هو جي انقلاب لاءِ ترسي ٿي سگهيا. هن جي اک هڪ سپاهيءَ جي اک نہ هئي. هڪ پورهيت جي اک نہ هئي، جيڪي شخص انقلاب کي هڪ شاعر جي نظر سان ڏسن ٿا يا هڪ بي چئن پيٽي بورجوازي انقلابيءَ جي نظر سان ڏسن ٿا، سي يورپ ۾ مايوسيءَ جي تلاش ڪن ٿا ۽ خودڪشيءَ لاءِ اڳتي وڌن ٿا. ان وقت تائين ڪارن فيلڊ جا بهترين نظم نہ ڇپيا ها ۽ ان ڪري پارٽيءَ هن جي موت کي گهٽ اُڇاليو پر پوءِ بہ پارٽيءَ هن جي نالي کي استعمال ڪيو. ڊسمبر 1936ع ۾ ڪارن فيلڊ ۽ رالف فاڪس ٻئي ماريا ويا هئا تہ 'ڊيلي ورڪر' ۾ واويلا ٿي وئي. اسپين جي خانہ جنگيءَ ۾ ڪيئي محنت ڪش، شاگرد ۽ ٻيا ماڻهو وڙهيا. پر نالو شاعرن، اديبن، مصورن ۽ دانشورن جو ٿي اُڇاليو ويو پهريون تہ ڪارن فيلڊ کي فاشسٽن جو ساٿي ڪوٺيو ويو. تيستائين رالف فاڪس 'ڊيلي ورڪر' ۾ خبرون موڪلي رهيو هو تہ ٽراٽسڪي ڪوئي وڏو جنرل نہ هو. جيڪي ڪجهہ ڪري رهيو هو اهو اسٽالن

ڪري رهيو هو. ٽراٽسڪيءَ ۾ دوغلي پڻو هو وغيره........"

ڪارن فيلڊ جي موت کان پوءِ 3 فيبروري 1937ع تي هن ڊيلي ورڪر ۾ هن لاءِ لکيو ويو ته هو بهترين دانشور جو نمونو (Typical of the finest of the intellectuals) هو. ڪيئي اديب اسپين جي جدوجهد ۾ ان آسري تي شريڪ ٿيا ته هنن جي تخليقي ادب جي اهميت وڌي ويندي.

1963ع ۾ جڏهن مون کي سنڌي اديب موهن ڪلپنا ٻڌايو ته هو گوا جي آزاديءَ لاءِ ويندڙ هڪ هندستاني جٿي ۾ شامل هو تڏهن مون هن کان پڇيو هو ته "تون گوا جي آزاديءَ لاءِ وڙهڻ ويو هئين يا فقط ڪتاب لکڻ لاءِ ويو هئين؟" ان تي هن چيو هو ته، "اياز! جيڪڏهن سچ پڇين ته آئون ڪتاب لکڻ لاءِ ويو هوس." ان تي مون هن کي چيو هو ته "اهو ئي سبب آهي جو تو گوا جي آزاديءَ تي هڪ بيڪار ڪتاب لکيو آهي!" منهنجي دوست شيام جئسنگهاڻي مون کي پنهنجو نثري نظمن جو ڪتاب 'گوائي منظر' تحفي طور ڏنو هو. جڏهن گوا ويو هوس اهو هڪ خوبصورت ڪتاب هو. شيام جي گوا ۾ دلچسپي هئي. ان جي ندين انهن جي ڪنارن ۽ ديولين ۾ دلچسپي هئي. ڪونڪني ماڻهن ۾ دلچسپي هئي. انهيءَ ڪتاب ۾ هن نهايت دلچسپ نثري نظم لکيا ها. هن جي گوا ۾ دلچسپي ان ڪري نه هئي ته هُن کي گوا تي ڪتاب لکڻو هو مان جيڪڏهن آمريت جو دل سان دشمن نه هجان ها ته سکر جيل ۾ 'ڪپر تو ڪُن ڪري' لکي نه سگهان ها. حقيقت پسنديءَ واري آرٽ جي تخليق لاءِ دل جي سچائي اشد ضروري آهي، نه ته آرٽ ۾ حقيقت جو چهرو مسخ ٿي ويندو.

ڪارن فيلڊ کي جڏهن پُرڪشش فاشسٽ دشمن ساٿي نظر آيا، تڏهن هو اُنهن سان P.O.U.M ۾ شامل ٿي ويو ۽ جڏهن هُن کان ان باري ۾ پڇيو ويندو هو ته هو جواب ڏيندو هو ته، "مان هن جدوجهد ۾ پنهنجي پارٽي ڪارڊ جي زور تي (On the strength of my party card) شامل ٿيو آهيان."

اسپين ۾ جدوجهد لاءِ ذهنن ۾ ڪافي گپ چڪ هئي، جيئن سنڌ ۾ آهي ۽ اڪثر نوجوان "ڪاڏي منهن مريم جو ڪاڏي الله يار" جو مثال آهن. هڪ اديب مائيلس تومالن (Miles Tomalin) پاڻ باسيو ته، "هو رضاڪار ان ڪري ٿيو هو جو هن جي زندگيءَ ۾ تغير هئو ۽ هون اُن مان جند ڇڏائڻ پئي چاهي." هو پنيان پنهنجو پنجن سالن جو ٻار ڇڏي آيو هو. جولين بيل (Julian Bell) ته صاف چئي ڏنو ته "مان اسپين ان ڪري ٿو وڃان جو مون کي ادب ۾ ڪاهي ڏر جي سيات مان فائدو ٿيندو. ڪنهن کي ڪائي چوڪري هٿ ڪرڻي هئي، ان ڪري هو جدوجهد ۾ شامل ٿيو هو. ڪوئي پيٽ سان زال انگلينڊ ۾ ڇڏي، اسپين ۾ وارد ٿيو هو."

جنگ آزاديءَ لاءِ وچولي طبقي جو هر همسفر هڪ مجرم ضمير وارو انسان هو. ڪيترو وقت پوءِ اسپينڊر 'The God that failed' ۾ لکيو: "مان معاشرتي ۽ ذاتي گناهہ جي احساس ۾ مبتلا هوس، جنهن مون کي ان ڳالهہ تي مجبور ڪيو تہ مان هڪ ڏر جو پاسو وٺان، پيو تہ مان پاڻ ۾ شخصيت پرستيءَ کان ڪناره ڪشي ڪرڻ ٿو چاهيان ۽ ان لاءِ محنت ڪش طبقي ۾ ملي وڃڻ ٿو چاهيان."

اسپين هن جي گناهہ جي احساس کي زياده تيز ڪيو. ساڳيءَ طرح جان لي مئن جو ميدان جنگ کان ڪافي پري ويانا ۾ نئون ادب (New Writing) ڪڍي رهيو هو اُن کي انهيءَ ڳالهہ جو احساس هو تہ هُو اسپين ۾ نہ هو ۽ انهن جي مقدر ۾ شريڪ نہ هو جي آزاديءَ جي جنگ لڙي رهيا ها ۽ خاص ڪري جڏهن ريپبلڪ جي هار تي هار ٿي رهي هئي. جئڪ لنڊسي (Jack Lindsay) جو ضمير بہ ڏنگجي پيو هو ۽ بين الاقوامي برگيڊ ۾ شامل نہ هجڻ هن کي بار بار ميارون ڏئي رهيو هو. سيسل ڊي، ليوس چيو تہ: "مون رضاڪار ٿي وڃڻ ٿي چاهيو پر مون ۾ ايتري همت نہ هئي." وورسلس (Worsley) پنهنجي ڪاتب "Fellow Travellers" ۾ لکيو: "مان سمجهان ٿو تہ جي بہ غير شادي شده ۽ آزاد هيا، اُنهن جي دل ۾ بار بار اهو سوال ٿي آيو تہ اسان فقط مظاهرن ۾ ڇو آهيون، بين الاقوامي برگيڊ ۾ شامل ڇو نہ آهيون ۽ وڙهون ڇو نہ ٿا؟"

1939ع ۾ اسپينڊرچيو تہ "شاعرن جي بين الاقوامي برگيڊ ۾ شموليت محروميءَ ۽ مايوسيءَ جي نشاني هئي. بنيادي طور هو ذهني علحدگيءَ جي حالت ۾ ها، پنهنجي زندگيءَ مان مطمئن نہ ها ۽ پنهنجي آرٽ ۽ سماج ۾ جي رشتا ناتا ها، اُهي ڪين قبول نہ هئا."

***

اسپينڊر 'The God That Failed' ۾ چيو آهي تہ مون کي ذاتي ۽ معاشرتي گناهہ جو احساس هيو جنهن مون کي ان تي مجبور ڪيو تہ مان هڪ ڏر جو پاسو وٺان ۽ محنت ڪش طبقي جي تحريڪ ۾ شريڪ ٿي پنهنجي Abnormal شخصيت مان جان ڇڏايان.

اسپينڊر، ڊي ليوس (Day Lewis) کي لکيو تہ جي ڪارن فورڊ جون 'يادگيريون' پڙهندين تہ توکي عجب ايندو تہ ڪيئن ڪو ماڻهو هر شيءِ کي ترڪ ڪري هڪ اجنبي ۽ پُرتشدد ماحول ۾ سمائجي ٿو وڃي؟

دراصل هڪ ڪميونسٽ لاءِ پارٽي مسجد بہ هئي، پيش امام بہ هئي، خُدا بہ هئي، ان کان سواءِ هُو اپالو ۽ اُباڻڪو هو. جن کي پارٽيءَ مان ڪڍيو هئائون، اُهي شيشي وانگر ٽڙڪي پيا هئا، ڪن تہ خودڪشي ڪئي هئي. ڪميونسٽ لاءِ زندگيءَ جي تنهائيءَ ۾ پارٽي واحد سهارو هئي، اُن کان سواءِ هن جي زندگيءَ ۾

خال فقط خدا ۾ اعتبار پري سگهي ها، جو هن ۾ ڪونه هو. پارٽيءَ هن کي موت جي منهن ۾ ڏينڊي هئي تہ هو جيولس فيوچڪ وانگر چُون چرا نہ ڪندو هو. ڪميونزم هڪ مذهب تي پُڄڪي هئي، اُن سان اقرار ڪي بهشت جي ڪيفيت هئي ۽ انڪار ڪي دوزخ جي ڪيفيت هئي. هر ڪميونسٽ جي ذهنيت حسن بن صباح جي پيروڪار واري هئي.

جيتوڻيڪ ڪميونسٽ اديب ۽ شاعر انڌيري ۽ ڏنڏلاهٽ ۾ ويڙهيل ها ۽ هنن کي گناهہ جو احساس ڪائي رهيو هو پر ڪميونسٽ پارٽيءَ کي اُنهن جي مدد جي ڏاڍي ضرورت هئي. 25 آگسٽ 1936ع تي سيسل ڊي ليوس محنت ڪشن ۽ خصوصاً اديبن کي اپيل ڪئي تہ هو اسپين جي جمهوري حڪومت خلاف، پريس جي هڪ حصي جي هلايل نفرت انگيز مهم جي مخالفت ڪن ۽ اُن جي دُروغ گوئي، طعني بازيءَ، شرارت پروريءَ جو جواب ڏين جا اخبارن ۾ جمهوري حڪومت جي خلاف پئي ڪئي وئي. غير وابستگي ۽ لاتعلقي ڪافي نہ آهي!!

جي اديب شهيد ٿي ويا ها، اُنهن جي خاص تحسين ڪئي وئي. هئري پالٽ جي باري ۾ چيو ويو آهي تہ هن اسپينڊر کي صلاح ڏني تہ هو محاذ تي ماريو وڃي، جيئن پارٽي هُن جي ساراهہ ۾ وڻ وڃائي چڙي ۽ هو تحريڪ جو لارڊ بائرن ٿي وڃي. ان ڳالهہ جي خاطري نہ آهي، پر چيو وڃي ٿو تہ رالف فاڪس کي چاٽي واٽي موت جي مُنهن ۾ ڌنو ويو هو. (هن کي اسپين وڃڻ لاءِ پارٽيءَ حڪم ڏنو هو ۽ پارٽيءَ کي پنهنجي ڪاز (Cause) لاءِ شهيد گهربا ها.) جڏهن رالف فاڪس ماريو ويو تڏهن هئري پالٽ هن جي ساراهہ ۾ زمين آسمان جا قلابا ملائي ڇڏيا ۽ هن کي تحريڪ ۾ لارڊ بائرن واري حيثيت ڏني، جو تہ هو هڪ اجنبي ديس ۾ آزاديءَ لاءِ وڙهندي ماريو ويو هو. جان اسٽراچي (John Strachey) رالف فاڪس لاءِ چيو تہ "هُن انگريز اديبن جي روايت کي برقرار رکيو جي پنهنجن نظرين لاءِ جيا ۽ مُئا هئا."

ڪٽي وٽنگٽن نالي هڪ عورت هئري پالٽ وٽ وئي ۽ هن کي چيائين تہ سندس مڙس زخمي ٿي پيو هو ۽ مدي جو بخار بہ هيس ۽ ان ڪري هن کي ڪنهن طريقي واپس گهرايو وڃي. ان تي هئري پالٽ هن کي چيو هو تہ "مڙس کي چؤ تہ محاذ تي وڃي، گوليءَ سان مري ۽ اسان کي اخبار لاءِ شهہ سُرخي ڏئي." مُئا يا جيئرا، پر خاص ڪري مئا اديب ڊيلي ورڪر ۾ اُڇاليا ٿي ويا. ههڙي قسم جون خبرون ڊيلي ورڪر جي پهرين صفحي تي ڏنيون ٿي ويون.

اسپينڊر اسپين ڏانهن (19 فيبروري 1937ع) اسٽيفن اسپينڊر، انگريز شاعر ۽ Freedom from Liberalism جو مصنف، انگلنڊ ڇڏي اسپين ڏانهن وڃي رهيو آهي، جيئن هو وئلينشيا (Valencia) مان ريڊيو تان باقائدي نشر و اشاعت ڪري، جا باغي وائرليس اسٽيشن تان ٿيندڙ پروپئگنڊا جو جواب

تي سگهي ۽ اسپين ۾ صحيح حالتن جو جائزو ڏئي. ڊيلي ورڪر ۾ اسٽيفن اسپينڊر جو بيان آهي تہ "مان ڪميونسٽ پارٽيءَ ۾ شامل ٿيان ٿو." ۽ ان سان لڳ ايڊيٽوريل باڪس آهي، جنهن ۾ ان ڳالهہ جو اقرار ڪيو ويو آهي تہ ڪامريڊ اسپينڊر کي پارٽيءَ جي درجہ بنديءَ ۾ اوچي جاءِ ڏني وڃي ٿي ۽ هن کي اُنهن دانشورن، اديبن، آرٽسٽن ۽ باشعور ماڻهن جي وڏنڊڙ فوج جو مُهندار تسليم ڪيو وڃي ٿو جا محنت ڪش طبقي سان تعاون ڪري رهي آهي. ۽ پارٽيءَ کي توقع آهي تہ پنهنجي زندگيءَ ۽ پنهنجي پورهئي ۾ ڪامريڊ اسپينڊر ڪميونزم جي نڪتئہ نگاهہ سان مڪمل اتفاق ڪندو." اهو پڙهي ڪامريڊ اسپينڊر ايئن ٽيگرجي ويو جيئن اسان وٽ تڏي جا توبچي شاعر پاڻ ۾ نہ سمائبا آهن. جڏهن ڪوئي انقلابي سياستدان ڪين عوامي شاعر ڪوٺي اسٽيج تي سڏيندو آهي يا اجرڪ پارائيندو آهي.

اسپين جا فاشسٽ وحشي درندا ها. اهو تہ ان مان ثابت ٿيو آهي تہ هنن لورڪا جهڙي عظيم شاعر کي مارائي، هن جو لاش بہ غرناطہ ۾ گم ڪري ڇڏيو. لورڪا منهنجو محبوب ترين شاعر رهيو آهي. هن اسپين جي جپسين جي باري ۾ ايئن شاعري ڪئي جيئن مون ٿر جي ماروئڙن تي ڪئي آهي. مون هن جو نظم ۽ نثر ۾ ڪيترائي ڀيرا ذڪر ڪيو آهي. هُو مون کي پبلونرودا، ناظم حڪمت ۽ فيض کان بہ وڌيڪ وڻندو آهي. لورڪا، ڪميونسٽ نہ هو پر هن جي شاعري هر ڪميونسٽ شاعر کان وڌيڪ ترقي پسند آهي ۽ اُن ۾ زندهہ جاويد آرٽ آهي، جنهن ۾ اسپين جي ڌرتيءَ ۽ جپسي عوام جي خوشبوءِ آهي.

جيڪڏهن ڪوئي اڳيون جنم آهي تہ مان لورڪا کي پنهنجو اڳيون جنم سمجهندو آهيان. اسپين جي فاشزم بہ نازي جرمنيءَ جي فاشزم جيتري بُري هئي، اُن بہ ڪتاب ساڙيا هئا ۽ اديبن ۽ شاعرن کي جلاوطن ڪيو هو. (ڪيترو وقت پوءِ خبر پئي تہ ان ڏس ۾ ڪميونزم جا پرڪار بہ ساڳيا هئا. اُن بہ ڪيئي شاعر ۽ اديب مارايا هئا، جلاوطن ڪيا هئا، قيد و بند ۾ وڌا هئا يا اُنهن کي ٻيءَ طرح چُپ ڪرائي ڇڏيو هو. اُن ڳالهہ تي اڳينءَ يو. ايس. ايس. آر کان وٺي لاطيني آمريڪا تائين جيترو مواد مون وٽ آهي، اوترو شايد ئي برصغير جي ڪنهن شاعر يا اديب وٽ هوندو.)

ان وقت ڪميونسٽ نظرياتي نشي ۾ سرشار هوندا هئا. ڪلاڊي ڪاڪ برن (Calude Cock Burn) ڪهڙي نہ عجيب منظرڪشي ڪئي آهي: "اسان پهرين محاذ تي بيٺا هئاسين ۽ جرمن بم وسي رهيا هئا. اُتي اسان هڪ ڪميونسٽ شاعر ڏٺو جنهن جي هڪ ڪڇ ۾ ڪتاب ۽ ٻيءَ ڪڇ ۾ گولين جي بئگ هئي. هو علم لاءِ بڪايل ماڻهن ۾ ڪتاب ۽ اشتهار ورهائي رهيو هو جيڪي

اُهي ڏاڍيان پڙهي رهيا هئا ۽ مٿان بم ڦاٽي رهيا هئا ۽ هوائي حملو ٿي رهيو هو.“ جنهن طرح اسپين ۾ ريپبلڪ آرٽ جو تحفظ ڪيو هو پنهنجا مصور ’گويا‘، ’ايل گريڪو‘ ۽ ”ويلاسڪيو“ (Velasquezez) بچايا هئا. ان ڳالهه جي مشتهري ٿي رهي هئي. بچايل شهپارن جا فوٽو گراف شايع ڪيا ٿي ويا ۽ اهو ثابت ڪيو ٿي ويو تہ جمهوريت پسند اسپين ۾ ڪيڏي جوش ۽ خروش سان جنگ وڙهي رهيا هئا. سو انهيءَ هر اديب ۽ آرٽسٽ جي مشهوري ڪئي ٿي وئي، جنهن جمهوريت جي حمايت ٿي ڪئي. هر ڪوئي ان ڳالهہ جو اظهار ڪري رهيو هو تہ ريپبلڪ کي ثقافت جو اونو هو ۽ قوم پرست بربريت جو مظاهرو ڪري رهيا هئا.

”فاشزم آرٽ جو موت آهي“، هر ڪنهن ٿي چيو ”پنهنجون تخليقون ڏئي، اسپين جي مدد ڪيو.“، ”مشهور شاعر ڊبليو. ايچ. آڊن اسپين ۾ ائمبولنس هلائي رهيو آهي.“ ”فلم اسٽارچارلي چئپلن، ڪلارڪ گيبل، مارلين ڊيٽرچ، بيٽي ڊيوس ۽ جون ڪرافورڊ سڀ اسپين جي ريپبلڪ جي حمايت ڪري رهيا آهن.“ ”چارلس لاٽن اسپين لاءِ امداد واري جلسي جو افتتاح ڪندو.“ ”اسپين ۾ رين (Renn) ڇا لاءِ وڙهي رهيو آهي؟“ ”آرٽسٽ پڪاسو هينرڪ مان، پبلوڪاسل، پال رابسن اسپين جي حمايت ۾ ڳالهائي رهيا آهن.“ ”پال رابسن سان گڏ اسپين جي محاذ تي“، ”ستن سون کان مٿي انگريز اديب، آرٽسٽ ۽ موسيقار برٽش پرائيم منسٽر کي التجا ٿا ڪن تہ اسپين جي دفاع لاءِ اسلحو موڪليو وڃي.“ اهڙا عنوان ڏئي ڊيلي ورڪر جون شهہ سُرخيون ڇاپيندا هئا. سيئي اديب ۽ آرٽسٽ جي اسپين ۾ جمهوريت سان همدردي رکندا هئا. سي اسپين کي امداد لاءِ جلسن جلوسن کي خطاب ڪندا هئا. اسپين جي طبي امداد لاءِ پئسا ڪٺا ڪندا هئا. ۽ ليفٽ بُڪ ڪلب (Left Book Club) جي پليٽ فارم تان تقريرون ڪندا هئا ۽ برٽن ۽ فرانس جي مداخلت کان ڪناره ڪشيءَ تي تنقيدون ڪندا هئا. نہ رڳو شاعر براه راست ڪارآمد هوندا هئا. پر شاعريءَ جي بہ جمهوريت جي جنگ سان وابستگي هئي ۽ اها شايع ٿيندي هئي تہ چاهہ سان پڙهي ويندي هئي.

عوام ۾ جوشيلين تقريرن جو مناظرو (Mass Declamation Contest) برٽن جي يونٽي ٿيٽر (Unity Theater) ۾ 1936ع ۾ ڪرايو ويو. پروگرام ۾ ارنسٽ ٽالر جو نظم ’نوحو‘ (Requiem) هيو جو مشهور جرمن انقلابين ڪارل ليبنيڪ ۽ روزا لڪسمبرگ جوش ۽ جذبي سان پڙهيو هو. اهڙي قسم جي با جماعت بر زبان شاعري آرٽ سان سوشلسٽ وابستگيءَ جي اظهار لاءِ ڪم آندي ويندي هئي ۽ ان کي هڪ غير بورجوا (Non Bourgeois) اظهار جو طريقو سمجهيو ويندو هو ۽ ان ۾ هڪ پوري گروهہ طرفان بورجوازيءَ جي مخالفت جو اظهار هوندو هو ۽ اهو هڪ مارڪسسٽ عوامي آرٽ جي نظرئي طرف اڳتي قدم

هو. اهڙا مناظرا ٻيا به ڪرايا ويا.

اهي سڀ رومانيت پسند شاعر ۽ آرٽسٽ هئا جي نه فقط پنهنجي آرٽ ۽ شاعريءَ سان ڪيڏي رهيا هئا پر پنهنجي زندگيءَ سان به ڪيڏي رهيا هئا. سياسي شطرنج تي بظاهر هُو ڪامياب مُهرا هئا. دراصل هو ڪٺ پُتليون هُيا ۽ ڏور سياسي مدارين جي هٿ ۾ هُئي.

جولاءِ 1937ع ۾ اديبن جي بين الاقوامي تنظيم جي ٻي ڪانگريس وئلينشيا ۽ مئڊرڊ ۾ ٿي ۽ اُنهن کي اُتي ۽ بارسيلونا ۾ خوب ڪارايو پيئاريو ويو. اُتي پبلوڪاسل پنهنجو ڪنسرٽ (Concert) پيش ڪيو. ڪانگريس پئرس ۾ چليءَ جي عظيم شاعر پبلو نرودا گهرائي هئي، جو مئڊرڊ ۾ چليءَ جو قونصل (Consul) هيو- انهيءَ ڪانگريس ۾ چوبهن مُلڪن مان سٺ عيوضي آيا هئا. جن ۾ پبلو نرودا، آندري مالرو، آندري شامسن (Andre Shamson)، جولين بينڊا (Julien Benda)، هيمنگ وي، رين (Renn)، ايرڪ وينر (Eric Weinert)، ريفل آلبرٽي (Refel Alberity)، جوز بينجامن، اليا اهرن برگ، مڪاڊو هرنن ڊيز، اسپينڊر، اليڪسي ٽالسٽاءِ، مخائيل ڪوزلوف، آلٽو ليگيو (Alto Leguirre)، آڪٽيوو پاز(Octavio Paz)، سلويا وارنر، ڪاڪ برن، ايڊگل رڪ وَر، وئلينٽائين آڪلئنڊ ۽ ريني بُلي (Rene Blech) به شامل هئا.

اهي سڀ وڏا نالا هئا ۽ انهن مان پبلونرودا، آندري مالرو، هيمنگ وي ۽ آڪٽيوو پاز کي نوبل پرائيز ملي چڪي آهي ۽ ڪن کي لينن پيس پرائيز ملي آهي. آلبرٽي ۽ مڪاڊو اسپين جا هئا ۽ اسپيڊر، انگلنڊ جو ڏاڍو پيارو اديب هو جنهن جو پنهنجن ڪتابن ۾ مان اڳي ئي ذڪر ڪري چڪو آهيان. هيمنگ وي جو ته هر هڪ ناول ۽ ڪهاڻي مون پڙهي آهي. نه رڳو اليڪسي ٽالسٽاءِ جو ٽي جلدو ناول How the Steel was tempered به مون پڙهيو آهي پر ٻيا به اڪثر اديب منهنجي نظر مان گذريا آهن. انهن ان ڳالهه تي مظاهرو ڪيو ته انسان جو مستقبل ۾ تخليقي عمل اسپين جي عوام جي ڪاميابي ۽ اُن جي سياسي آزاديءَ تي مدار رکي ٿو. هنن جا نعرا 'ريپبلڪ زنده رهي' (Viva la Republica) ۽ 'دانشور زنده آباد' (Viva los Intellectuals) چئي ته فاشسٽن جي ان دعويٰ کي ته "هو ئي تهذيب جا محافظ آهن" غلط ثابت ڪري رهيا هئا. دانشورن کي چيو ويو ته "اسان اوهان کان فقط هڪ سوال پڇي رهيا آهيون. اوهان هتان جي عوام ۽ جمهوري اسپين جا ساٿي آهيو يا مخالف آهيو؟ اوهان فرانڪو ۽ فاشزم جو ساٿ ڏيو ٿا يا اُن جي خلاف آواز بلند ڪيو ٿا؟"

"اديبو! شاعرو! اسان اوهان جا جواب شايع ڪرڻ چاهيون ٿا. اسان دنيا کي ٻُڌائڻ چاهيون ٿا ته اوهان شاعر ۽ اديب، جي قوم جا حساس ترين فرد آهيو ان

باري ۾ چا ٿا چئو.“ انهيءَ نهايت جذباتي تقرير جو تمام سُٺو ردعمل ٿيو جنهن کي ازرا پائونڊ ’قوم جي ائنٽينا‘ (Antennae of the Race) ڪوٺيو.

اسپينڊر سان خط و ڪتابت ڪندي جارج آرويل پنهنجيءَ بيحد ناپسنديدگيءَ جو اظهار ڪيو ۽ ان ساريءَ ڳالهه کي جڪ ۽ بڪواس ڪوٺيو ۽ آڊن ۽ اسپينڊر کي ’بيٺڪ جا بالشوڪ‘ (Parlour Bolsheviks) ڪوٺيو. جيمس جئانس (عظيم ناول نويس، ناول ’يولي سز‘ جو مصنف ۽ نوبل پرائيز وِنر) فقط نفرت وچان رڳو تار ڪئي. ”مون کي اوهان جو سوالنامو پهتو آهي.“ اها تار شايع نہ ڪئي وئي. ٽي. ايس. اليٽ فطرتاً همدرد هو پر هن پوءِ بہ چيو تہ ”ڪجهہ اديبن کي گهٽ ۾ گهٽ الڳ رهڻ گهرجي ۽ انهن کي اجتماعي ڪوششن ۾ حصو نہ وٺڻ گهرجي.“

ازرا پائونڊ چيو تہ ”سوال نامو بيوقوف نوجوانن لاءِ فرار جو ذريعو آهي، جيڪي ايترا ڪاهل آهن جو اُهي دولت، اُن جي اُستعمال ۽ اُن تي قبضي تي غور فڪر ڪري نہ ٿا سگهن. هو نہ ٿا ڄاڻن تہ بئنڪ آف انگلينڊ ۽ بئنڪ آف فرانس ڇا آهي؟“ ازرا پائونڊ جي همدردي فاشسٽن سان هئي. هن وڌيڪ چيو تہ ”اوهان اسپين ۾ گهل گينداڙ ڪندڙ ٽڪسالي ٽولو آهيو ۽ جذباتي عياشي ڪري رهيا آهيو.“

ويٽا سئڪ ول ويسٽ (Vita Sack Ville West) چيو: ”مون کي انهيءَ زير زمين پروپئگنڊا جي طريقن کان نفرت آهي.“ رڳو پنج جواب ڇاپيا ويا. ايڊمنڊ بلنڊن چيو: ”مون چاهيو ٿي تہ فرانڪو جهڙو شخص اقتدار ۾ اچي، جيتوڻيڪ ان مان انگلنڊ کي فائدو نہ ٿيندو پر اسپين کي فائدو ضرور ٿيندو.“ ناول نويس ايولن واگهہ (Evelyn Vaugh) لکيو: ”جي مان هسپانويءَ هجان ها تہ جنرل فرانڪو لاءِ وڙهان ها. هڪ انگريز جي حيثيت ۾ مون لاءِ ضروري نہ آهي تہ ٻن برائين جي وچ ۾ چونڊيان. مان فاشسٽ نہ آهيان ۽ نہ ٿيندس، جيستائين تہ مارڪسزم لاءِ فقط اهو ئي متبادل نظريو نہ هجي. اها ڳالهہ شرارت آميز آهي تہ وجودي انتخاب جلد ٿيڻو آهي.“

ليڪن هڪ سو ستاويهہ اديب ’واگهہ‘ سان متفق نہ ٿيا ۽ هنن جمهوري حڪومت سان ساٿ ڏيڻ جو اعلان ڪيو. اهي آسمان ۾ ستارن جيان ٽمڪي رهيا هئا ۽ ان ڳالهہ جو ثبوت هئا تہ جيڪي ماضيءَ ۾ ڪيو ويو اُهو چڱو هو پر اُن تي 1975ع ۾ روس ليپو ڏني ڇڏيو. وئليٽائين آڪلنڊ، مُلڪ راج آنند (جنهن سان ملاقات جو ذڪر مون اڳ ڪيو آهي) آڊن، جارج بارڪر، بيڪيٽ، آرٿر ڪئلڊر مارشل، سائرل ڪنولي، اي اي ڪوپارڊ، اليسٽر ڪرائولي، نئنسي ڪونارڊ، ڊي ليوس، هئولاڪ ايلس، فورڊ مئڊاڪس فورڊ، ڊيوڊ گارنيٽ، ڊيوڊ گئس ڳُنائن، وڪٽر گولانز، لارينس هائوس مئن، ائلڊوس هڪسلي، سي. اي. ايم. جوڊ، آرٿر ڪوئلسر، ايچ. جي. لاسڪي، جان لي مئن، ايلف. ايل. ليوڪاس، روز

مئڪالي، مئڪنيس، پرتشي (Pritchett)، هربرٽ ريڊ، ٽي. ايس. مورُ جان مڊلٽن مَري، ريڪس وارنر، ربيڪا ويسٽ، سين. او. ڪئسي ۽ ٻيا هئا.

ڪميونيزم جا جيستائين گوربچوف وڪا پڌرا ڪيا. تيستائين اُن کي حق ۽ انصاف لاءِ جدوجهد سمجهيو ويندو هو ۽ سوشلزم ۽ سوشل جسٽس (Social Justice) ساڳي ڳالهه سمجهيا ويندا ها. ان ڪري چاليهن، پنجاهه ۽ سٺ واري ڏؤر ۾ ڪيئي ڪاڪروچ ۽ وچون ڳنا ٿيا ها. جن کي رجعت پرست چيو ويندو هو ۽ جي ڪميونزم دشمن ها.

اسپين جي خانہ جنگيءَ وقت، جنهن مهل سوال نامو ورهايو ويو اُن ۾ ساڄي ڌر کي نمائندگي نہ ملي هئي. پر بفرض محال جي راءِ ڪئمپ بيل (Roy Campbell)، ييسٽ (Yeast)،ڪائونٽ پوٽڪي وغيره جهڙن رجعت پسندن کي سوال نامو موڪيلو وڃي ها تہ اُنهن جا جواب ڪوئي خاص فرق نہ ڪن ها. ٽئگور جي گيتا نجليءَ جو مترجم، مشهور شاعر ييسٽ (Yeast) آئرلينڊ جي فاشسٽن لاءِ 'ڪُوچ جا گيت' (Marching Songs) لکيا ها ۽ هُو خوش ٿئي ها جي اسپين ۾ بہ فاشي حڪومت قائم ٿئي ها ۽ جي اُها برٽش سامراج لاءِ هاڃيڪار ثابت نہ ٿئي ها. ساڄي ڌر وارا اديب نہ رڳو ٿورا هيا پر اهڙا نيم پاڳل ها جهڙا ون-يونٽ واري دور ۾ اسان جا مخالف اديب هُيا. راءِ ڪئمپ بيل جي انگريزي شاعريءَ ۾ فقط دونس ۽ ڌانڌلي هُئي. اُن ۾ لفاظي هئي ۽ سُرخ پرچم جي خلاف ڪتي واري ڪُوڪَر ۽ نانگ واري ڏُڪَر هئي. هو هڪ ڪيٿولڪ نئون مذهب هو ۽ هن کي اهائي آنڌمانڌ هئي تہ هو پاڻ کي اسپين جو ڪيٿولڪ سپاهي ڪري ڪيئن پيش ڪري. هن خانہ جنگيءَ ۾ ساڄي ڌر لاءِ رُڳو صحافي ٽي ڪم ڪيو هو. هن جي آتم ڪهاڻيءَ ڪاري گهوڙي تي روشني (Light on a Dark Horse) ۾ هن واهي تباهي يخي هنئي آهي ۽ لباڙهٽي چيو اٿائين تہ "هن نونشي سان هڪ جرمن ڪميونسٽ جي اکين جا شيشا ۽ ڏند ڀڃي ها." راءِ ڪئمپ بيل موسلي جي فاشسٽ شماري 'برٽش يونين ڪوارٽروڏاليءَ' ۾ ليک لکندو هو.

دراصل ڪميونسٽ بہ اڌ مغزي هيا ۽ جڏهن فرانڪو جا قوم پرست غرناطہ ۾ پيهي آيا تہ ڪميونسٽن جون سرمستيون ۽ خرمستيون ڏسي حيران ٿي ويا ۽ ڪين گهمتاري ڏئي، گولين سان پُڇي چڏيائون. پر راءِ ڪئمپ بيل اها ڳالهه واهہ جا ڪئي هئي تہ "ڪميونزم يهودي فاشزم آهي." (Communism is Jewish fascism) فاشسٽن ڪئمپ بيل کي پوپ (Pope) ۽ بائرن جيڏو شاعر ڪوٺيو هو. ڪن تہ هُن کي انگلينڊ جو وڏي ۾ وڏو شاعر ڪوٺيو هو. پر فاشسٽ تنقيد ڪميونزم لاءِ پاڻ جو ڪم ڏيندي رهي ۽ مچ کي مچائي رکيائين.

ان ۾ شڪ نہ آهي تہ اسپين ۾ فاشزم جي مخالفت لاءِ وزني سبب هيا ۽ سوال نامي جا جواب پنهنجي دور جي لحاظ سان ڪافي معقول هيا. اسپين ۾ بربريت خلاف مزاحمت ضروري هئي نہ تہ اُها وڏيڪ ڦهلجي وڃي ها. اُن اڳيئي جرمنيءَ ۽ اٽليءَ کي گرفت ۾ آندو هو ۽ هاڻي اسپين ۾ دندنائي رهي هئي. جهموري قوتن جي اڳيان اهو سوال هُيو تہ جي اُها اپيل ۾ ڪامياب ٿي تہ اڳتي ڪيڏانهن مُنهن ڪندي؟ ان ڪري اسپين ۾ ريپبلڪ جو دفاع، ساري يورپ ۾ مهذب زندگيءَ جو دفاع ٿي سمجهيو ويو. اها ئي ڳالهہ خيال ۾ رکي جارج آرويل چيو هو تہ، "اسپين ۾ بين الاقوامي برگيڊ اسان سيني لاءِ وڙهي رهي آهي. اُها پيڙيل، ڏُکارن انسانن جي هڪ قطار آهي، جنهن کي پورا هٿيار بہ ڪونہ آهن ۽ جا بربريت ۽ مهذب زندگي جي وچ ۾ اچي وئي آهي." فاشسٽن لورڪا کي ماري وڏي غلطي ڪئي ۽ پنهنجي ادب دشمنيءَ جو چِٽو ثبوت ڏنو. آرٿر ڪالڊر مارشل ( Arther Calder Marshall) اُن وقت چيو هو تہ، "هڪ اديب جي حيثيت ۾ مون کي فاشزم جي مخالفت ڪرڻي آهي، ڇو تہ اُها آرٽ جي دشمن آهي." ڪجهہ وقت پوءِ نازي جرمنيءَ ۾ گوئرنگ چيو هو، "جڏهن مان آرٽ جو نالو ٻڌان ٿو تہ منهنجو هٿ پستول ڏانهن وڃي ٿو." ( When I hear the name of art, my hand goes to the pistol). آڊن پنهنجي جواب ۾ عام ردعمل جو ٺيڪ اظهار ڪيو هو تہ، "مان اسپين ۾ وئلينشيا گورنمينٽ جي حمايت ان ڪري ڪريان ٿو ڇاڪاڻ جو بين الاقوامي فاشزم جي قوتن هٿان اُن جي هار، يورپ لاءِ وڏي تباهي ٿيندي. اها هار ساري يورپ ۾ جنگ جا امڪان وڌائي ڇڏيندي ۽ فاشسٽ نظريو سيني مُلڪن ۾ پکڙجي ويندو جن ۾ اجا آزادي آهي ۽ جن ۾ تخليقي فنڪار ۽ اُهي سيئي جن کي انصاف، آزاديءَ ۽ ثقافت عزيز آهي، رهي سگهن ٿا ۽ پنهنجو پورهيو ڪري سگهن ٿا."

مائيلس تومالن کي هڪ پيري ڪميونسٽ اخبار ديلي ورڪر "برٽش بٽالين جو شاعر" (The poet of the British Battalion) ڪوٺيو هو اُن چيو هو "اسان جو ويساهہ آهي تہ اسان فوج ۾ شامل ٿي نہ رڳو جمهوريت جو دفاع ڪري رهيا هياسين. پر پوري عالمي امن ۽ انساني مرم، حياءَ ۽ فضيلت تان خطرو ٽاري هيا هياسين..... بيشڪ اسان انهن ڳالهين لا وڙهي رهيا هياسين."

اسپينڊر 'اسپين مان نظم' (Poems from spain) تي مهاڳ ۾ لکيو تہ اهو ظاهر آهي تہ اهو عظيم مهاڳ شاعريءَ لاءِ ڪيتري معنيٰ رکي ٿو. اسپين شاعريءَ کي ان ڪري اُتساهيو هو ڇاڪاڻ جو اُها جمهوريءَ جنگ لاءِ ضروري هئي."

اهي نظم واقعي لکيا ويا، اها ڳالهہ نہ رڳو ادبي اهميت ٿي رکي پر بين الاقوامي برگيڊ لاءِ بہ اهميت واري هئي. انهن مان اڪثر نظم جي شايع ٿيا هئا ۽

اُهي جي لکيا ويا ها پر اڃا شايع نہ ٿيا ها. اُنهن شخصيتن جا لکيل هيا. جن لاءِ اسپين جي خانہ جنگيءَ کان اڳ ۾ شاعري ڪائي اهميت نہ رکندي هئي. اهي نوان شاعر پنهنجي ذات کي اڳتي وڌائڻ کان اڳ ۾ ماريا ويا ها. شاعرن ۽ شاعريءَ اسپين جي خانہ جنگيءَ ۾ خاص ڪردار ادا ڪيو جيئن سنڌ ۾ ون يونٽ واري دور ۾ 'سنڌي شاعري' آمريت جي خلاف ادا ڪيو. ڪيترن ئي شاعرن جي نظر ۾ ريپبليڪن جدوجهد جي ڪاميابيءَ کان سواءِ اُن فضا جو برقرار رهڻ مشڪل هو جنهن ۾ شاعري ٿي سگهي. اُنهن کي خدشو هو تہ فاشزم اهڙيون حالتون پيدا ڪندي، جن ۾ شاعريءَ جو لکڻ ۽ پڙهڻ ناممڪن ٿي پوندو. ان وقت شاعري ڏاڍي تيزيءَ سان تخليق ٿي رهي هئي، ۽ ان جي جهجهائي ۽ وصف سياسي طور ڪافي اهم هئي. هن جي اهميت هڪ سگهڙ واري هئي، جڏهن هن جنگ ۾ شموليت حاصل ڪئي هئي. هُو اسپين جو استاد دامن هيو. اُن وقت شاعري هن ۾ ايئن اُڀري هئي، جيئن پهاڙن مان چشمو اُبرڪا ڏئي نڪري ايندو آهي. اهڙا بيا بہ ڪيئي شاعر ها، جن مان ڪي اسپينڊر جا دوست ها، جن جي شاعري روح مان ريلا ڪري نڪتي هئي. ان ۾ هيٺيون نظم اکيون' جي عنوان سان بہ هيو جو بين الاقوامي برگيڊ جي ڪنهن نوٽ بُڪ مان ڦاڙيل پني تي لکيو ويو هو:

**"انهن ماڻهن جو اکيون جي ڊوڙن تا،**
**ڪرن تا رڙيون ڪن تا،**
**انهن ماڻهن جون اکيون جي رانيات ڪن تا،**
**پگهر ۾ پُسي وجن تا ۽ رتُ ڳاڙن تا،**
**اُهي اکيون جن ۾ ڊپ آهي ۽ اُداس آهن،**
**خستگيءَ جون اکيون، ديوانگيءَ جون اکيون،**
**انسانن جون اکيون**
**پُر اُميد ۽ انتظار ۾،**
**اکيون جن پيار ڪيو هو،**
**پٽيو هو، نفرت ڪئي هئي،**
**زخمين جون اکيون جي ڳاڙهيون ٿي ويون هيون،**
**اُنهن جون اکيون،**
**جي مري رهيا هئا، يا مري ويا هئا.**

مٿيون نظم پڙهي پاڪستان ۾ آمريت جو هولناڪ ۽ نفرت انگيز دور اکين اڳيان اُڀري اچي ٿو.

اسپينڊر لاءِ اهڙي شاعري اُن گناهہ جو ازالو بہ هئي، جنهن جو مظاهرو وچولي

طبقي جي شاعريءَ ڪيو هو جنهن ۾ اُن وقت غير وابستگي ۽ فرار هو جنهن وقت محنت ڪش مخالف حالات سان ٽڪر کائي رهيا هُيا ۽ انقلاب اشارا ڪري رهيو هو. ان ۾ شڪ نه هو ته جمهوريت ۾ شاعري عوام تائين پهچي چڪي هئي، جنهن اُن جي اهميت محسوس ڪئي هئي. ڪيئي ننڍا رسالا نڪتا ها ۽ ماڻهن جا هجوم آلبرٽيءَ جهڙن شاعرن کي ٻڌڻ لاءِ ڪنا تي ويندا ها. انهن لاءِ اڪثر ورڪر ۽ سولجر ميڙاڪا ڪندا ها. حيرت جي ڳالهه ته اها هئي ته عوام نه رڳو شاعريءَ ۾ بي انتها دلچسپيءَ جو اظهار ڪيو هو پر 'گريڪو' جي عظيم مصوري به عوام جي ثقافتي توجهه جو مرڪز ٿي وئي هئي. شاعري ته برگيڊ ۾ وال پيپر (Wall Paper) تي لکي ويندي هئي. ڪنهن هسپانويءَ صحيح چيو هو. "هُتي مطالعو خوشيءَ جو باعث آهي. شاعري خاص طور عوام ۾ مقبول آهي."

اسپينڊر ان ڪري چيو هو ته "جڏهن دنيا ۾ شاعري ذري گهٽ ترڪ ڪئي وئي آهي ۽ رڳو فنِ عروض جي ماهرن لاءِ وڃي رهي آهي، تڏهن اُن مان خوشحال مستقبل جو شعور ۽ آزاديءَ لاءِ بي انتها جدوجهد. خاصي ڏيان طلب آهي."

اسپينڊر اهو به ڏٺو ته اسپين جو نصب العين سياست ۽ شاعريءَ جي وچ ۾ زنده رهڻ جو هڪ اتحاد آهي. پروپئگنڊا ۽ شاعري ايئن گڏوگڏ هلي رهيون آهن جيئن ورڊ سورٿ اسپين تي نئپولين جي حملي جي باري ۾ هڪ نظم 'هڪ خود دار هسپانويءَ جو غصو' (Indignation of high minded Spaniard) لکيو هو:

"اهي خيال جن ورڊ سوَرٿ جي سانيٽ کي اُتساهيو هيو اُهي بنيادي آهن ۽ انهن ۾ آزاديءَ ۽ انصاف جي باري ۾ سياسي ۽ اخلاقي حمايت آهي. انهن خيالن کي فقط شاعر ئي ايمان فروشيءَ کان دور رکن ٿا. اڪثر اوقات انهن ڏانهن توجه گهٽجي وڃي ٿي، پر ڪنهن انقلاب ۾، ڪنهن قومي يلغار ۾، ڪنهن اڳرائي ڪندڙ جي خلاف جنگ ۾ اُهي بنيادي خيال اُڀري اچن ٿا ۽ شاعري ۽ عوام جي ذهنيت ۾ هڪ جهڙائي اُڀري اچي ٿي. انهيءَ ئي معنيٰ ۾ شاعري سياسي آهي. اها هميشه بنيادي خيالن جي باري ۾ اونو رکي ٿي.........."

جنگ جي پهرين هفتن ۾ ڪاٻي ڌر جي دانشورن ۽ اديبن ۾ اوچتي اتحاد، اُميد پيدا ڪئي ته اسپين جي انقلاب ۽ ثقافت جي دفاع لاءِ محبت جا شاعري اُتساهي هئي، اُها صبح کي ويجهو آڻيندي ۽ ان لاءِ عوام ۾ جوش ۽ جذبو پيدا ڪندي. ان ڪري تعجب نه ٿو اچي ته اون وقت بار بار بائرن ۽ ورڊ سوَرٿ جو ذڪر ڪيو ويو.

بين الاقوامي حالات اسپين جي شاعريءَ کي ايتري اهميت ڏني هئي. مون ان پوري دور جي انگريزيءَ شاعري ۽ ٻي يورپيءَ شاعري جو مطالعو ڪيو آهي ۽ ادب ۽ انقلاب جي باري ۾ به نتيجا ڪڍيا آهن. شاعريءَ جو انگريزي ۾ ترجمو پڙهي ڏٺو آهي. اُها شاعري سنڌي شاعري جي پيٽ ۾ ٽُچ آهي. جي سنڌي شاعري

انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪئي وڃي تہ اسپين يا دنيا جي ٻي ڪنهن ملڪ جي مزاحمتي شاعري کان سئو ڀيرا بهتر آهي ڇو تہ اُن ۾ آرٽ کي اوليت آهي، اُن جو آرٽ زنده ۽ پاينده آهي ۽ وقت جي هر يلغار سان مقابلي جو اهل آهي.

مون کي ان تي فخر آهي تہ برصغير ۾ مان واحد اديب آهيان جنهن کي اسپين جي خانہ جنگيءَ فاشزم لاءِ نفرت ۽ لورڪا جي موت اُتساهيو آهي ۽ مون بار بار ان واقعي مان ورتل اُتساهہ جو ذڪر پنهنجي نثر ۽ نظم ۾ ڪيو آهي. نہ تہ ٽئگور جو پاڙ کي "آفاقي انسان" (Universal man) چوندو هو اقبال، جنهن مسجد قرطبہ تي نظم لکيو هو (سلسلۂ روز و شب، نقش گر حيات و ممات) فيض ۽ سجاد ظهير جي ڪميونسٽ هئا، اسپين جي خانہ جنگيءَ جي باري ۾ خاموش رهيا ها. گويا اهو واقعو ٿيو ئي نہ هو جنهن جديد تاريخ کي ايترو ڌوڏي وڌو هو جيترو ڪربلا جي واقعي عالمِ اسلام کي ڌوڏي وڌو هو.

اسپين ۾ ڪيٽلونيا انقلاب جي ڌرتي تي چُڪي هُئي، اُها هڪ رومانوي نئين دنيا هئي، جا دلير هئي ۽ نئين سويري جي استقبال لاءِ تيار هئي. 5 آگسٽ 1932ع تي فرانز بارڪينو (Franz Barkenau) بارسيلونا جي سفر جي باري ۾ لکيو "مان هڪ نئين کنڊ ۾ وڃي رهيو هوس، اسان جي اکين اڳيان، وچ وانگر انقلاب نظر آيو." پرولتاري ماڻهو جن کي فوجي لباس بہ ڪونہ هو هٿيار بند وڃي رهيا ها ۽ اُنهن جي وک وک مان مل مزدور جي قوت ظاهر هئي. بورجوا ڪپڙا، خاص ڪري چوغي نما ٽوپيون، گم ٿي ويون هيون. هوٽل ۽ دڪان ضبط ڪيا ويا ها. دليون باهہ ۾ جلي ڀسم ٿي ويون هيون، اسلحي سان ڇوڪريون آزاديءَ سان گهمي رهيون هيون ۽ هنن پتلونون پاتيون هيون. انهن مان ڪيئي يورپ جي مطلق العنان حڪومتن جلاوطن ڪيون هيون ۽ انهن فاشزم سان پنجہ آزمائي ڪرڻ ٿي چاهي. ڪنهن ليکو هو: "سڀ ٻوليون ڳالهايون وڃن ٿيون. ۽ سياسي جوش جذبي جو ٻي پناهہ اظهار آهي، جنگ جي مهم ڏسي دليون باغ بهار ٿي پيون آهن. هر ڪنهن کي اهو احساس آهي تہ جلاوطنيءَ جا منحوس سال خواب و خيال ٿي چُڪا آهي، ۽ ان ڳالهہ ۾ يقين وڌي ويو آهي تہ ڪاميابي قريب آهي."

1936ع جي ناتال ۾ فلپ ٽوئن بي جي ڊائريءَ ۾ لکيو ويو

"بارسيلونا جون گهٽيون، پيارن، ڪِر وڪڙن ۽ ٻي سِجلن يونيفارمن سان ڀريل نظر اچن ٿيون ۽ بسن، ٽرامن ۽ ٽرينن تي سياسي پارٽين جا نالا لکيل آهن. ساري شهر ۾ هڪ ڪارنيوال جي فضا آهي. اهو شهر جنگ هلندي مزدورن جو شهر آهي، جي ان لاءِ وڙهي رهيا آهن جيئن اُن جون ٽرامون، سئنيمائون ۽ ڪارخانا مزدورن جي هٿ ۾ رهن. مون کي ذاتي سرِخوشي بہ ٿي ۽ اهو سوچي پاڻ کي ذڪائتو بہ ڀانيم تہ مان شاگردن جو عيوضي آهيان.جڏهن فرانس جي هڪ

انارڪست فوجيءَ مون کان پڇيو تہ اسان ڪهڙيءَ سرحد ڏانهن وڃي رهيا آهيون تڏهن هُن کي اهو ٻڌائڻ مشڪل ٿي لڳو تہ اسان مئڊرڊ ڏانهن وڃي رهيا آهيون. بارسلونا اسان کي نشي ۾ آڻي ڇڏيو هو جيڪو هاڻي اسانجو پنهنجو هو ۽ جنهنجا يونيفارم ڏسي اسان کي خوشي ٿي رهي هئي.“

رالف فاڪس جي شايع ٿيل خطن ۾ بہ ساڳي ڦڙ ڦڙ ۽ تاءُ نظر اچي رهيو آهي. هن لکيو آهي تہ: ”ساري فضا انقلابي آهي، گهڻيون ماڻهن سان سٽيون پيون آهن. بورجوازي ڳوليا نہ ٿا لڀن. انهيءَ ساري چؤڦول واري، هٿ پير هلائي ڳالهائيندڙ طرح طرح جي ماڻهن جي انبوهہ مان، مزدورن جي همٿ نيٺ رنگ لائيندي ۽ انت سگهاري ٿيندي. هتي پارٽي روز ڦهلجي رهي آهي..........“) ۽ پهريون پيرو وئلينشيا لاءِ شاعر آڊن تڏو نہ رهيو ۽ لکيائين: ”۽ جتي ڪٿي ماڻهن جا ميڙاڪا آهن. هو ڪارڊ راءِ جي بريچز (Corduroy Breeches) ۾ آهن ۽ هنن جي ڏُڏن تي پستول لڙڪي رهيا آهن. انهن يونيفارم بہ پاتا آهن ۽ اُنهن کي سِولين سوٽ (Civilian Suits) بہ پيا آهن. هو هوٽلن ۾ سمهيا پيا آهن. ڪنهن ريسٽورانٽ ۾ کائي رهيا آهن. پنهنجي لاءِ ڪئفي چونڊي، اُنهيءَ ۾ پي رهيا آهن ۽ پنهنجا بوٽ پالش ڪري رهيا آهن. اُهي ڪم ڪار لاءِ گاڏيون تيز هلائي رهيا آهن. ٽرينون ۽ ٽرام هلائي رهيا آهن. گهڻيون ٻهاري رهيا آهن. اُهي سڀ ڳالهيون ڪري رهيا آهن جي سڪر ماڻهو سوچي بہ نہ ٿا سگهن. هيءَ بورجوا ڪارٽون جي رت پياڪ، ڪرڙ برڙ ڏاڙهيءَ وارا انارڪيٽ پسند آهن ۽ انهيءَ تهذيب جو خاتمو آهي، جنهن کان نجات ڏيارڻ لاءِ هٽلر سؤڳنڊ کنيو هو.

ائين ٿو لڳي تہ هڪ انقلاب سچ پچ اچي رهيو آهي ۽ فقط ڪئبينيٽ ۾ تبديلي يا هڪ بہ زياده تقرير نہ ٿي رهي آهي. گذريل ڇهن مهينن ۾ هي ماڻهو سکي ويا آهن تہ اُنهن جو ورثو ڇا آهي.“ جارج آرويل جي بارسيلونا جي باري ۾ تحرير ۾ تہ زبردست جوش خروش آهي.

پهريون پيرو مان اُنهيءَ شهر ويو هوس، جتي حڪومت جون واڳون محنت ڪش طبقي جي هٿ ۾ هيون. هر ماڙ تي مزدورن قبضو ڪيو هو ۽ انهن تي ڳاڙها جهنڊا يا انارڪسٽن جا ڪارا ۽ ڳاڙها جهنڊا چاڙهيا هيائون. هر ديوار تي ڏاتو ۽ مُترڪو ڪڍيو ويو هو ۽ پارٽين جا نالا لکيا ويا ها. هر چرچ کي باهہ ڏني وئي هئي ۽ اُن ۾ مورتيون ساڙي ڀسم ڪيون ويون هُيون. جتي ڪٿي محنت ڪشن جا ٽولا عبادت گاهہ ڊاهي رهيا ها. هر دڪان ۽ ڪئفي تي لکيل هو تہ اُها اجتماعي ملڪيت آهي، موچي بہ اجتماعي ملڪيت جو حصو ها ۽ انهن جي پيتين کي ڳاڙها ۽ ڪارا رنگ ڏنا ويا ها. ويٽر ۽ دڪاندار اسان کي گهوري ڏسي رهيا ۽ سڀ کي هڪ جهڙو پيائي رهيا ها. غلامانہ ۽ رسمي گفتگو جو نانءُ نشان نہ ٿي نظر آيو.

ڪنهن کي بہ سينر (Senor) ڊان (Don) يا اُستيد (Usted) چئي خطاب نہ ٿي ڪيو ويو. هر ڪو هڪ ٻئي کي ڪامريڊ ۽ ”تون“ ڪوٺي رهيو هو. ڪنهن بہ ويٽر کي خرچي (Tip) ڏيڻ غير قانوني هئي. ڪي بہ خانگي موٽر گاڏيون نہ هيون. اُنهن سڀني تي قبضو ڪيو ويو هو ۽ سڀني ترامن ۽ ٽئڪسين کي ڪارو ۽ ڳاڙهو رنگ ڏنو ويو هو. جتي انقلابي پوسٽر لڳل ها. نيرن ۽ ڳاڙهين ديوارن مان چٽ چٽيون نڪري رهيون هيون. اُنهن جي وچ ۾ ٻيا اشتهار مٽيءَ جا چُتا لڳي رهيا ها. رئملاس (Ramblas) نالي شهر ڏانهن رستو شهہ رڳ وانگر وڃي رهيو هو جتي ماڻهن جا انبوهہ بار بار مڙي ٿي ويا ۽ ڏاڍي اچ وڃ لڳيءَ پئي هئي. لائوڊ اسپيڪر ڏينهن رات انقلابي گيت ڳائي رهيا ها. انبوهہ جو اهو پهلو واقعي حيرت ۾ وجهي رهيو هو. ٻاهران تہ ائين ڏيکاري ڏئي رهيو هو تہ ان شهر ۾ طبقا ختم ٿي ويا ها. امير غريب نہ رهيا ها. ڪجهہ عورتن ۽ پرڏيهي ماڻهن کان سوا چڱا ڪپڙا ڪنهن کي نہ پيا ها. هر ڪنهن کي محنت ڪش طبقي جو کهرو لباس يا نيرا ڪپڙا ۽ ڪنهن نہ ڪنهن قسم جو فوجي يونيفارم پيو هو. هي سڀ عجيب غريب ٿي لڳو ۽ من موهجي ٿي ويو. ان ۾ گهڻو ڪجهہ اهڙو بہ هيو جو مون کي سمجهہ ۾ نہ ٿي آيو. ڪي قدر اُهو مون کي وڻي بہ نہ پيو. مون يڪدم محسوس ڪيو تہ هھڙين حالتن لاءِ وڙهڻ سجايو آهي.“

سائرل ڪنولي (Cyril Connolly) وچئين طبقي جي اديبن جو شيدائي هو جن ۾ سياسي پارٽين جي دلچسپي ڪانہ هئي. هن لکيو تہ: ”جڏهن بہ ڪنهن اديب کي پڪ ٿي وڃي ٿي تہ مستقبل محنت ڪش طبقي سان وابستہ آهي، تڏهن هن جي طرز زندگي بدلجي وڃي ٿي. هو هئٽ (Hat) يا ڪلف ٿيل ڪالر (Stiff collar) ترڪ ڪري ڇڏي ٿو ٽئڪسي ڊرائيوارن يا ويٽرن سان سخت ڪلامي نہ ٿو ڪري. ڇٽين وارن نوجوانن سان هرويرو خوش اخلاق نہ ٿو ٿئي يا وَٽيل مُڇ وارن مڙسالن کي برداشت نہ ٿو ڪري. چو تہ اُنهن ئي ڏاڍ ۽ ڏهڪاءُ ڦهلايو هيو. اسپين جو ماحول جڏهن آرويل ۽ هن جهڙن اديبن ڏنو ۽ اسٽف ڪالرن ۽ ٽپ (Tip) وغيره جي غير موجودگي ڏٺائون. تڏهن اُنهن تي ڪيپ چڙهي ويو ۽ هو محنت ڪش طبقي ڏانهن هليا ويا. اهو ظاهر آهي تہ اسپين اديبن لاءِ گهڻو ڪجهہ ڪيو آهي ۽ جڏهن هو اُتان واپس موٽيا آهن. تڏهن اُنهن جو خوف محبت ۾ ۽ عليحدگي وابستگيءَ ۾ بدلجي وئي آهي ۽ هنن لاتعلقيءَ کي ريتي، عمل جي راهہ ورتي آهي. ان ۾ شڪ نہ آهي تہ آرويل ۽ بارڪينا (Bar Kenau) جهڙا اديب اسپين ۾ ڪافي وقت ترسيا ها ۽ اُنهن ڏٺو هو تہ ڪيئن بورجوازي پنهنجن برن مان ٻاهر نڪتا ها ۽ پنهنجي پير شاهي (Hierarchy) ۽ سڪرپٽو (Elitism) وري ڄمائي ويا ها. 1937ع جي شروعات ۾ بارڪينو کي اهو ڏسي

حيرت وٺي وئي تہ پرولتاريت جا سڀ نشان بارسيلونا مان گم ٿي ويا ها.
پي. او. يو. ايم P.O.U.M ۽ انارڪسٽن تي ڪميونسٽن ۽ سوشلسٽن جي چڙهت ڪري، انقلابي جوش ٺپ ٿي ويو هو. گهٽين ۾ ماڻهو هئٽ (Hat) ۽ خوبصورت ڪپڙن سان ٺڏي رهيا ها ۽ فوجي آفيسرن بين ماڻهن کان علحده يونيفارم پائي گهمي رهيا ها. پيٽي بورجوازيءَ ڪي وري واڳون ملي ويون هيون، جنهن عمدا ريسٽوران کوليا هيا ۽ ناچ گهر وجود ۾ آندا ها. پر ان ۾ ذري پر بہ شڪ نہ آهي تہ جيسٽائين پڙهيل لکيل برٽش اديب کي ان ڳالهہ جو موقعو ملي ويو هو جو هن کي انگلينڊ ۾ نہ ٿي ملي سگهيو يعني هو محنت ڪش طبقي سان ڪلهہ ڪلهي ۽ برابريءَ جي بنياد تي ملي ٿي سگهيو.“
ڪنهن دوست چيو تہ: ”اسپين جي خانہ جنگيءَ تي تہ اڳيئي انگريزيءَ ۾ ڪيئي ڪتاب لکيل آهن.“ مون جواب ڏنو تہ: ”مان ڪڏهن ٿو چوان تہ مان اسپين ۾ هيمنگ وي سان گڏ ائمبولنس هلائيندو هوس، جڏهن هن ڪنهن نرس سان پيو عشق ڪيو هو جنهن تي پنهنجو ناول فيسٽا (Fiesta) لکيو اٿائين.“ مون بہ اسپين تي ڪافي ادب پڙهيو آهي، ڇو تہ اسپين بہ سنڌ وانگر آهي. اها بہ ڳالهہ آهي تہ اُتي انسان (Matadors) ڏاند سان بهادريءَ جو مقابلو ڪندا آهن ۽ هتي نہ رڳو عام ماڻهو رڇ ۽ ڪُتن جي ويڙهہ ڪرائيندا هن. پر سياسي ليڊر بہ ان ۾ دلچسپي وٺندا آهن ۽ سوئر ۽ ڪُتن جي ويڙهہ کي بہ وڏيءَ دلچسپيءَ جو باعث سمجهندا آهن. جن جپسين تي لورڪا شاعري ڪئي آهي، اُهي سنڌ مان ويا هئا ۽ اُنهن جي ٻوليءَ ۾ گهٽ ۾ گهٽ ٽي سئو سنڌي لفظ ساڳي تلفظ سان اُچاريا ويندا آهن، جيئن سنڌ ۾ اُچاريا ويندا آهن. اُنهن جپسين تي ڪنهن سنڌي هندوءَ تحقيق ڪئي ۽ پنهنجا نتيجا هندوستان جي هڪ روزاني اخبار ۾ ڇپايا هئائين، جي مون خود پڙهيا هئا. اهي غالباً جاتيءَ جا جٽ هئا. جي سياسي حالات سبب دنيا ۾ پکڙجي ويا هئا. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ هڪ سنڌي موسيقار (Virtuouso) (اهلِ هنر) جي باري ۾ ڪنهن انگريزي تصنيف ۾ لکيو آهي تہ: ”هو ڪافي عرصي کان اسپين ۾ آهي ۽ اسپين جي گيتن ۾ سُر راڳي ۽ سُر ڪوهياريءَ واريون ڌنون ٺاهيون اٿائين جي اسپين جي ڌنن سان ملن ٿيون.“ هڪ ڀيري مون کي ڪراچيءَ جي راڪ هائوس واري سرڳواسي سيٺ هوتوءَ ٽاٽي بولا خان ۾ ٻڌايو هو تہ عبدالعزيز کي پاليوٽي هنن هو ۽ اسپين بہ هوئي ڪيس ڇڏي آيا هئا، جتي غالباً سندن ڪوٺي آهي.
مون هن مضمون لاءِ اسپين جي خانہ جنگيءَ تي بہ ڪتاب ’هگ ٿامس‘ (Hugh Thomas) ۽ ’وئلينٽائين ڪننگهام‘ (Valentine Cunningham) جا پڙهيا آهن. لورڪا جي شاعري پيش لفظ سوڌي پڙهي آهي، لورڪا جي

زندگيءَ تي انگريزيءَ ۾ ناول پڙهيو آهي، جو خانہ جنگيءَ جي پس منظر ۾ لکيو ويو آهي. ناول تہ ان موضوع تي ٻيا بہ پڙهيا آهن. آندري مالرو جو 'آس جا ڏينهن' (Days of Hope)، هيمنگ جو (For whom the bell tolls) جنهن تي پريل انگريزي فلم مون ڏهہ ٻيرا ڏٺي هئي، جڏهن مان ڪاليج ۾ پڙهندو هوس. جارج آرويل جا ڪتاب 'ڪيٽلونيا'، 'بارسيلونا' ۽ ناول '1984'، ۽ ٻيا بہ ڪجهہ ناول پڙهيا آهن. جن جا نالا ڏيان تان لهي ڙا وڃن. اسپينڊر جو ڪتاب 'اسپين مان نظم' (Poems from Spain) ۽ ڪرسٽافر اشرُوڊ جو 'World Within Worlds' پڙهيا آهن. ان ڪان سواءِ اسپين ۽ روس جي شاعريءَ سان منهنجو عشق رهيو آهي ۽ ان ڪي مون انگريزي ترجمي ۾ ايراني شاعريءَ وانگر پڙهيو آهي. سيراز وليجو چليءَ جو هسپانوي شاعر هو ۽ 1993ع ۾ گذاري ويو. (جنهن جو ذڪر مون ڪنهن انٽرويو ۾ ڪيو آهي).

رڪاڊو موليزي (جنهن جي نظم ڏانهن اشارو مون پنهنجي ڪنهن ڪتاب جي مهاڳ ۾ ڪيو آهي). شاعر لورڪا جو 1936ع ۾ فاشسٽن هٿان ماريو ويو. اڪٽيوپاز (ميڪسيڪو جو هسپانوي شاعر) جنهن کي ڪجهہ سال اڳ نوبل پرائيز مليو ۽ جنهن جو انٽرويو سنڌي اديب ممتاز مهر مون کي تحفي طور حال ۾ ڏني ويو هو اهي سڀ مون پڙهيا آهن. اهڙي طرح مشهور نوبل پرائيز ونر پيبلو نرودا، چليءَ جو هسپانوي شاعر جنهن جا پنج ڪتاب مون پڙهيا آهن. مائڪل ڊي فرئنڊين ريفل آلبرٽي، جمين (Jimine3) جو 1958ع ۾ گذاري ويو. ائنٽونيفو مڪاڊو جو 1939ع ۾ گذاري ويو ۽ ٻين ڪيترن ئي هسپانوي شاعرن جا انگريزيءَ ۾ ترجما بہ پڙهيا آهن. مون مٿي ذڪر ڪيل هسپانوي شاعرن جي موت جا سال ان ڪري ڏنا آهن. جو اُنهن اسپين جي خانہ جنگيءَ ۾ تورو گهٽو بهرو ورتو هو. شاعرن ۽ اديبن کي تہ انهيءَ جنگ مست ڪري وڌو هو. مون پڪاسو جي زندگيءَ (Life with Picasso) (جا هن جي زال فرانسو جلو Francoise Gilot لکي آهي) ۾ پڙهيو تہ هڪ ڀيري هيمنگ وي، پڪاسو جي گهر جيپ تي آيو پر پڪاسو گهر ۾ ڪونہ هو. هيمنگ وي هن جي ڪنسيئرج (Concierge) فرينچ ٻوليءَ ۾ اهو لفظ دربان لاءِ ڪم ايندو آهي جي اڪثر عورتون هونديون آهن) کي پڪاسو لاءِ هڪ ڳورو ڪوڪو تحفي طور ڏئي ويو جڏهن پڪاسو موٽي آيو تڏهن هن کي دربان چيو تہ تو لاءِ موسيو هيمنگ وي شراب جون ٻوتلون ڏئي ويو آهي. جڏهن پڪاسو ڪوڪو کوليو تہ اُن ۾ رڳو هٿنڊ گرنيڊ هيا. ڪجهہ سال اڳ جڏهن مان بمبئي مان ڳوا هوائي جهاز ۾ وڃي رهيو هوس تہ اُتم ۽ سندريءَ بہ ڪنو هلڻ لاءِ چيو پر اُتم جو شرط اهو اهو تہ مان هن سان ڳوا تائين اٽڪل ويهہ ميل بس ۾ سفر ڪيان ۽ نظارا ڏسندو هلان. مون کي اها ڳالهہ پسند نہ آئي ۽ ان

ڪري جنيوير سان هوائي جهاز ۾ هليو ويس. ان وچ ۾ سنڌريءَ ڪي مهاراشٽرا حڪومت ڀين اديبن وانگر هڪ لک رپيا انعام ڏنو ۽ سنڌري مائٽن وٽ هوائي جهاز ۾ اسپين هلي وئي. مون ڪي جڏهن اهو معلو ٿيو تہ اسپين ڏسڻ جي ڏاڍي خواهش ٿي.

هاڻي مان سلسلو اُتان شروع ٿو ڪيان جتي ڇڏيو هيم.

پنهنجي لنبي مضمون 'ادب ۽ انقلاب' ۾ سيسل ڊي ليوس ان ڳالهہ تي اصرار ڪيو تہ فٽ بال ڏسڻ لاءِ پلويڙي ۾ ويهڻ يا بيروزگارن جي جلسي جلوس ۾ شرڪت ڪرڻ ڪافي نہ آهي، هڪ جيئري جاڳندي گڏجاڻيءَ لاءِ گڏ ڪم ڪندڙ ماڻهن ۾ ڳانڍاپو انهن سان گڏ پورهيو ڪرڻ ۽ اُنهن جي اقتصادي زندگيءَ ۾ پاڳي پائيوار ٿيڻ ضروري آهي. انهن جو فقط ادبي مقصد لاءِ استحصال نہ ڪيو وڃي. هڪ بورجووا اديب ڪي هنن سان هنن جي تقدير ورهائڻ گهرجي. هُن ڪي هنن سان گڏ پورهيو ڪرڻ گهرجي، هنن سان گڏ ماني کائڻ ۽ ننڊ ڪرڻ گهرجي. انهيءَ ريت هو انهن جي زندگي اظهاري سگهندو. انگلينڊ ۾ اها ڳالهہ چوڻ تہ سؤلي هئي پر ان تي عمل ڏکيو هيو.

ان جو آرويل ڪي شديد احساس ٿيو. پنهنجي طبقي جون نشانيون، پنهنجا نالا، پنهنجو لهجو بوجوازيءَ ڪي پريان پڌرو ڪرڻ لاءِ ڪافي هو. ان ڪري اڪثر بورجوا اديب فرضي نالن سان لکندا ها. آڊن پنهنجي ٽوپي بدلائي هئي ۽ هڪ پورهيت جي ٽوپي پاتي هئي، جنهن جي چمڪدار ڪاري چوٽي هئي. هن اها ٽوپي برلن مان ورتي هئي. هڪ شام جو آهن اُن ڪي تيلي ڏئي ڇڏي چو تہ اُن هن ڪي بيمار ڪري وڌو هو. آرويل پنهنجي سُوٽ ڪي ڇاٽي واٽي ميرو ڪچيرو ڪري، غريبن جي وچ ۾ ويو پر اهو حربو هن ڪي ڪم نہ آيو. هڪ هيڙائتي اشرووڊ تي ٺهڪ ڏنا، جڏهن هن سنڌس ٻوليءَ ۾ ڪوڙي ترڙائپ آڻي، پاڻ ڪي پورهيت ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. آرويل مجبور ٿي چيو تہ هو اُنهن کاڻ ڪوٽيندڙن کان مختلف هيو جن سان هن ياري رکي هئي. "جنهن طرف بہ تون منهن ڦيرينڌين"، هن هڪ ڀيري چيو "اهو طبقاتي فرق توکي منهن ۾ پٿر جي ديوار وانگر نظر ايندو. شايد اهو پٿر جي ديوار وانگر نہ آهي پر هڪ مڇي — گهر (Aquarium) جي شيشي جي ديوار وانگر آهي. ٻاهران ايئن ٿو لڳي تہ اُها ڪانہ آهي پر سچ پچ اُها اُتي آهي ۽ اُن مان پار وڃڻ ناممڪن آهي." پر اها طبقي جي نشاني انگلينڊ ۾ ماڻهوءَ لاءِ نهايت اهم هئي پر اُن جي اهميت اسپين ۾ ڪانہ هئي. جتي ڪنهن جي لب لهجي ڪري ڪوئي فرق نہ ٿي پيو. اهو ان مان ظاهر آهي تہ آرويل جي ڪتاب 'ڪيٽلونيا جي تعظيم' (Homage to Catalonia ڪي شروع انهيءَ نظم سان ڪيو ويو "اطالوي سپاهي مون سان هٿ ملايو" (An

Italian soldier shook my hand). اها ڳالهه آرويل لاءِ وڏي اهيمت واري هئي. ۽ ان جي علامت هُئي تہ هو قبول ڪيو ويو هو. هن کي پورلتاري سمجهيو ويو هو. هن جي طبقاتي فرق هن جي آڏو نہ آيو هو. هن ۽ سپاهيءَ جو ڪاز (Cause) ساڳيو هو. اها ڳالهہ هن انگليند ۾ ڪٿي نہ ڏٺي هئي. هن لحظي لاءِ محسوس ڪيو تہ هو زبان ۾ روايت جي خليج ٽپي چُڪو هو ۽ هن جي ۽ سپاهي جي وچ ۾ لهہ وچڙ ۽ گهائلي مائلي تي وئي هئي.

انهيءَ انقلابي جوش خروش ۽ ان ڳالهہ ۾ يقين تہ هنن جو نصب العين صحيح آهي، انهن اديبن جا زنجير چني چڏيا هيا. پنهنجي آرٽ کي پراڻي بورجوا روايت مان هو آزاد ڪري چڪا ها. گهٽ ۾ گهٽ اها ڳالهہ ڪارن فورڊ (Corn ford) جي باري ۾ تہ صحيح آهي فيض احمد فيض وانگر نہ رڳو هو عوام سان آواز ملائي سگهيو هو پر پنهنجو ذاتي تجربو بہ شاعريءَ ۾ ڏئي سگهيو هو. هن جو هڪ نظم هو 'مرده دل دنيا جي دل ۾' (In the heart of the heartless world) يا ان ڪتاب جي ٽئين حصي ۾ 'تيرز ۾ پورو چنڊ' (Full moon in Tierz) وارو نظم نهايت خوبصورت هو جيتوڻيڪ هن تي الزام هينو ويو هو تہ جڏهن هن نظم ۾ سٽين ڪانگريس يا ڊميتراف (Dimitrov) يا مارس ٿوريز (Maurice Thorez) جو ذڪر ڪيو ويو هو تڏهن ڪميونسٽ تاريخ کي ڏيان ۾ نہ رکيو هو ۽ هن اُهي نعرا ڏنا ها جي مسترد ٿي چڪا ها. مثلاً: "اسان جي جنگ تيستائين ڪامياب نہ ٿيندي جيستائين دنيا جا محنت ڪش ميدان جنگ تي موجود نہ هوندا" هن جي مٿين نظم پوري چنڊ ۾ خاص ڳالهہ اها هئي تہ "هن جي سوانح حيات جا حصا ۽ خوف جو اعتراف پاڻ ۾ ماضيءَ، حال ۽ مستقبل جو جدلياتي شعور سمائي، سياسي حالات ۽ توقعات تي روشني وجهي رهيا ها."

اسپين ۾ اهڙيون حالتون هيون جتي ٿيهن واري ڏهاڪي جي اديبن جا خواب حقيقت ٿي پئي سگهيا. فاشزم خلاف شاعري هڪ سنگين طبقاتي روپ وٺي چُڪي هئي. ڪرسٽافر ڪاڊويل پنهنجي ڪتاب 'فريب نظر ۽ حقيقت' (Illusion and Reality) ۾ رومانيت پسند انقلابين ۽ همسفر شاعرن جي باري ۾ چيو هو تہ: "انهن کي تشدد ياڻ پئي آيو ۽ ان ڳالهہ کي فاشٽ روپ هيو ۽ انقلابي آرٽ تي اُن جو رنگ چڙهي چُڪو هو." اهو ڪتاب هن جي موت کان پوءِ 1937 ۾ ڇپيو هو. هن کي آڊن ۽ اسپينڊر اُهي شاعر لڳا ها جن کي موجوده سماج کان نفرت هئي ۽ جن ان کي تشدد ۽ خونريزيءَ سان بدلائڻ ٿي چاهيو. ايڊمنا رومِلي (Edmon Romilly) ۽ فلپ توئن بي (Phillip Toenbee) اُن دؤر ۾ اهڙا بہ ترڙا اديب هئا جي 'Knuckle Dusters' جن کي اسان سنڌيءَ ۾ ڪلپ چوندا آهيون جا لوهہ مان ٺهيل هوندي آهي ۽ نؤنشي کان اول مُنڊي ۾ پاتي

ويندي آهي. اُنهن مان ٽوئن بي کي تہ موسلي جي جلوسن ۽ فاشسٽ نگهن خوب موچڙا هنيا پر روملي چيو تہ: ”جهيڙي ۾ مون هڪ چوڪر کي ڏٺو جو مون کي ويلنگٽن ۾ مليو هو. هن کي ڪاري قميص پئي هئي ۽ هو مون ڏانهن وڌي رهيو هو. مون هن کي منهن تي زور سان ٺونشو هنيو. اڌ ڪلاڪ کان پوءِ مون ان ڳالهہ تي سوچيو تہ مون کي ايئن لڳو تہ هو مون سان هٿ ملائڻ لاءِ اچي رهيو هو.“ جان ڪارن فورڊ (John Ford) اهڙو بيو ڏاڍو مڙس هو جنهن جي خاص دلچسپي ان ڳالهہ ۾ هئي تہ فاشسٽن جي ميٽنگ ڪيئن ٽٽائي وڃي.

اسپينڊر جي پيٽ ۾ آڊن اسپين جي تجربن جي باري ۾ ٿورو لکيو آهي. هن جي لهجي ۾ ڪائي شدت نہ آهي ۽ ايئن ٿو لڳي تہ هو عوام الناس جي هجوم کي، ٻوٿا ٿورا هٽائي، اُنهن جي پٺيان لڪي ڏسي رهيو آهي. هن جنگ جي خونريز منظر کي اُچاترائپ ۽ هڪلڙائي سان ڏٺو. ها فقط پوسٽر ـ آرٽسٽ (Poster – Artist) لاءِ اهو عظيم دؤر هو. هڪ پوسٽر ۾ ڏيکاريو ويو تہ هڪ ٻار جنهن تي بم ڪريو هو هوائيءَ جهازن جي وچ ۾ پيو آهي. اهڙا پوسٽر بيا بہ ڪڍيا ويا ها.

باقي آڊن جي شاعريءَ جي باري ۾ تہ لي مئن هڪ ٻيري چيو هو تہ: ”اُها فقط لفاظي آهي“ مون خود آڊن کي پڙهيو آهي. هن جي شاعريءَ ۾ گهٽي جان. جذبو يا جوش نہ آهي. جوش مليح آبادي بہ وڏو ٻٽاڪي شاعر هو. گهڻ گرج (گجگوڙ) وارو مڙس هو. ايئن بہ نہ هو تہ هن سامراج دشمنيءَ کان منهن موڙيو هو پر هن جي شاعريءَ ۾ اُها ڳالهہ نہ هئي جا روح کي لهسائيندي آهي. علامہ اقبال جي شاعري پڙهي خون جي گردش تيز ٿي ويندي ۽ جي ڪوئي هن جي نظرئي سان متفق هوندو تہ انهيءَ مستقبل جا خواب لهندو جو هن لاءِ خوش آئندا آهن ۽ هو حال سان پنجہ ڪشيءَ لاءِ تيار ٿي ويندو.

آڊن جا دوست بہ آڊن جي نظم 'اسپين' کي قبول ڪري نہ سگهيا. اسپينڊر يڪدم پنهنجو رِدعمل ڏيکاريو ۽ ڪوشش ڪئي تہ نظم ۾ آڊن جي شخصيت جي عدم موجودگيءَ لاءِ جواز پيدا ڪري سگهي. هن چيو تہ اهو واقعاتي نظم آهي، جيئن نئپولين جي خلاف اسپين جي عوام جي جدوجهد جي باري ۾ ورڊ سورٿ، بائرن ۽ لئنڊر (Landor) جا نظم هئا. آڊن جو نظم انهيءَ عظيم روايت جو شاندار تسلسل آهي. شاعر جدوجهد جا بنيادي جذبا چٽبا آهن ۽ اسپين جو اختصار سان ذڪر ڪيو آهي. ان نظم ۾ ذاتي تجربي ۽ جذباتي ردعمل کي دور رکيو ويو آهي ۽ اسپين جي جدجهد جي عڪاسي ڪئي وئي آهي.“

دراصل جا ڳالهہ اسپينڊر، آڊن جي متئين نظم جي باري ۾ لنوائي رهيو هو هُن جي نظم جي اسپين کان دوري هئي. نظم ۾ ماضيءَ جون پياريون يادگيريون آهن، اُهو مستقبل جي آجيان ڪري ٿو پر اهو حال کانسواءِ ٻي هر شيءَ جو ذڪر

ڪري ٿو. اُن ۾ تاريخ جي باري ۾ هن جي هڪ مارڪسٽ نڪتہ نگاهہ آهي جا ايتري ئي جُڙتو آهي جيتري ڪارن فورڊ جي نظم "Full moon in Tierz" ۾ آهي. پر اُن ۾ سچ پچ ڪي واڪاڻ جوڳيون گهڙيون آهن. جتي شاعر پنهنجي ڪاز (Cause) سان پنهنجي وابستگي ڏيکاري ٿو جيتوڻيڪ اُتي هو هڪ سودائي لڳي ٿو. اُن ۾ هن جي جنوني (Hypochondriac) ۽ هٺ پال، هيرايل گهيٽي جهڙي (Cossetted) بورجوا ۽ اعصابي ڪيفيت (Neurosis) ظاهر آهي. اهو هن طرح بہ چئي سگهي ٿو. آڊن جو 'اسپين' اهڙو نظم آهي، جنهن ۾ آڊن مقصد (Cause) کي چڱيءَ طرح پيش نہ ٿو ڪري سگهي ۽ چاچر ۾ چيرون ٿو هڻي. هو رڳو مايوسيءَ جي ڪيفيت تخليق ڪري سگهي ٿو. اِلهو پلهو ڪري، هو پنهنجي حيثيت فقط انقلاب لاءِ مالي امداد ڪٺي ڪرڻ واري جي رکي ٿو. هو گهڻي ڪوشش ڪري ٿو تہ اسپين ۾ گنڀير حالتن سان منهن ڏيءِ پر هن جي شاعري ڪنهن اسڪولي انقلابي ڇِڪڪي جي نعري بازي تي وڃي ٿي ۽ هو پنهنجي نظم "وثلينشيا" وانگر، اُن کي انساني حقيقتن سان دوچار نہ ٿو ڪري سگهي.

آڊن سچي جنگ کي ائين ٿو سمجهي، ڄڻ اُها هن جي ننڍي هوندي واري جنگ جي راند (War_ game) آهي. جارج آرويل اُن کي ائين ٿو سمجهي، جيئن چڱو پارٽيءَ جو ميمبر آڱوٺي جي ننهن سان پنهنجي ڏينهن جو خاڪو (Thumb_ nail sketch) ٺاهيندو هجي. آڊن پنهنجي نظم 'اسپين' ۾ چوي ٿو تہ "صبح جو هيترا خون ڪرڻا آهن. اُنهن کان پوءِ ڏهہ منٽ وقفو ڪرڻو آهي، جيئن بورجوا ضمير جي ڇهنڊڙي کي دٻائي سگهجي. تنهن کانپوءِ جلدي جلدي منجهند جي ماني، ۽ ٽپهريءَ جو ديوارن تي چاڪ سان نشان (Chalking on walls) ڪرڻا آهن ۽ اشتهار ورهائڻا آهن." اها تہ وڏيءَ خوشي جهڙي ڳالهہ ٿي، پر انهن لفظن، "ضروري خون" تي غور ڪيو وڃي. اهي لفظ فقط اهو شاعر لکي سگهندو آهي، جنهن لاءِ خون رڳو لفظ آهي. شخصي طرح مان خون جي باري ۾ ان طرح ڳالهائڻ نہ چاهيندس. مون ڪيترن ئي مقتول ماڻهن جا جسم ڏٺا آهن. اهي ڪنهن جنگ ۾ ماريا نہ ويا هئا. اُهي قتل ڪيا ويا هئا. مان ڀانيان ٿو تہ خون ڪرڻ کان ڪناره ڪشي ڪرڻ گهرجي. هر عام ماڻهو ائين چاهي ٿو. هٽلر ۽ اسٽالن قتل ضروري ٿا سمجهن. پر اهي بہ پنهنجي سنگدليءَ جي مشتهري نہ ٿا ڪن. اُهي قتل جي باري ۾ حساب چڪتو ڪرڻ (Liquidate) يا ڪڍي ڇڏڻ (Eliminate) يا ٻيو ڪوئي لفظ ڪم آڻن ٿا.

مسٽر آڊن جي غير اخلاقيت (Amorelism) اُن ماڻهوءَ جي باري ۾ ممڪن آهي، جنهن جو من ڪنهن ٻي هنڌ آهي. جڏهن هو پستول جي لُبلبي کي دٻائي ٿو. اهڙي قسم جا انقلابي خيال باهہ سان اُنهيءَ ماڻهوءَ جي راند وانگر آهن جنهن باهہ

ڏني بہ نہ آهي. هر ڪو ڄاڻي ٿو تہ پوءِ آڊن انهيءَ نظم مان ”ضروري خون“ لفظ ڪڍي ڇڏيا اُنهن جي جاءِ تي ”خون جو واقعو“ لفظ ڪم آندائين ۽ آخر ساري نظم کي ئي مسترد ڪري ڇڏيائين.

استيفن اسپينڊر پنهنجي ڪتاب ’دنيا اندر دنيا‘ (World within world) ۾ لکيو آهي تہ ”آڊن ڪنهن ملاقات کان پوءِ گهر موٽيو جنهن جي باري ۾ هن نہ ڳالهايو. هُن پوءِ هگ فورڊ (Hugh Ford) ڏانهن خط ۾ لکيو ”مان اسپين مان موٽيس تہ اُن جي باري ۾ ڳالهائڻ نہ چاهيم. اُتي ڪيئي ڳالهيون جي مون ڏٺيون يا ٻڌيون، اُنهن مون کي پريشان ڪري ڇڏيو. ڪي ڳالهيون تہ جارج آرويل اهڙيءَ طرح چٽيون آهن، جهڙيءَ طرح مان چٽي نہ ٿو سگهان. مون اُتي ڏٺو تہ پادرين سان ڪيئن هلن ٿا.“ پر پوءِ آڊن پادرين ۽ چرچ (Church) جي باري ۾ ڳالهايو. هن ڪيتري وقت کان پوءِ ڪنهن عورت کي ٻڌايو تہ مان ”عيسائيت ڏانهن ان ڪري موٽي آيس ڇاڪاڻ جو مون اسپين جي خانہ جنگيءَ دوران ڏٺو تہ سڀ چرچ بند پيا هئا. مون کي اها ڳالهہ نہ وڻي. مون چاهيو ٿي تہ چرچ کوليا وڃن. اُن وقت مون عبادت نہ ٿي ڪرڻ چاهي پر مون ضرور چاهيو ٿي تہ ٻين ماڻهن کي عبادت جي اجازت ڏني وڃي.“

مون آڊن جي باري ۾ ايترو گهڻو انهيءَ ڪري لکيو آهي ڇاڪاڻ جو هو پنهنجي دؤر جو انگلينڊ ۾ وڏي ۾ وڏو ڪميونسٽ شاعر هو. هن کان پوءِ استيفن اسپينڊر کي ٻيو درجو ڏيندا هئا. ڪرسٽافر اشرووڊ آرٿر ڪوئسلر وانگر ڪميونسٽ ناول نويس هو. جارج آرويل ڪميونسٽ نہ هو. ٻيا بہ ڪي اهم ڪميونسٽ اديب هئا ۽ ڪي ڪميونسٽ ادب جا للو پنجو هئا.

اشرووڊ هڪ ڊراما ۾ لکيو ”ويچارڙؤ جيتامڙؤ. پنهنجي ڪامريڊ پٺي ۽ مستقبل جي آس ۾ گم انسانو! اوهان ڄاڻو ٿا تہ اوهان پنهنجي لاءِ ڪيڏو عذاب پيدا ڪيو آهي؟ مون کي اوهان تي افسوس اچي رهيو آهي. اوهين مشين گنون نہ ڪنيون آهن پر اوهان کي ڪافي مشين گنون آهن بہ نہ. اوهان ڄاڻو ٿا تہ اوهان کي هڪ عوامي پارٽيءَ ۾ رهي ڪنهن جو حڪم نہ مڃڻو آهي ۽ تعجب ٿا ڪيو تہ اوهان تعداد ۾ بہ گهٽا آهيو پر پوءِ بہ شڪست اوهان جو مقدر ٿي چڪي آهي. اوهان جيڪي ٻاهرين پاسپورٽ تي آيا آهيو اوهان کي اهو ڏسي مايوسي ٿيندي تہ بين الاقوامي محنت ڪش طبقو اوهان جا اهي ”مجرن جيترا، رسالا ڪونہ ٿو پڙهي......“

ان ٽڪري ۾ اسپين جي ريپبلڪ خلاف دشمنيءَ جو اظهار نہ آهي، جيتوڻيڪ ان جو انداز واقعي همدرديءَ وارو نہ آهي پر اهو ظاهر آهي تہ لکندڙ جي ڪنهن وقت مقصد (Cause) سان وابستگي هئي. پوءِ بہ اهو مايوسي ڪندڙ ٽڪرو آهي، ڇڻ اهو مصنف جي پنهنجي خواب کي الوداع آهي، جو اسپين ۾ تيز

ڪائي، ڦهه تي ڪريو. ڇڻ اهو انڪار آهي انهن اُڏمن ۽ اُتساهن ڪان. جن هن ۾ "ڳاڙهن ڇيهن" سان وابستگي پيدا ڪئي هئي ۽ جن ۾ سيني ڪان زوردار آواز هن جو هئو اهو گيت جنهن جي گونج پري پري تائين ٻُڌي وئي هئي.

اسپين هڪ وڏي آزمائش هئي. اها سچ ۽ شاعريءَ ۾ سچ جي وڏي پرک هئي. اها پروپئگنڊا تہ اُها سچ ۽ انصاف لاءِ جنگ هئي ۽ جمهوريت ۽ آزاديءَ لاءِ وڙهي تي وئي، پهريائين صحيح هئي ۽ پروپئگنڊا وارن نظمن کي هڪ ڪردار ادا ڪرڻو هو. ڇو تہ اهي سچ جي باري ۾ هئا. پر پروپئگنڊا ۾ بہ وڌاءُ تي رهيو هو ۽ نہ رڳو اها ڪلڻ هاب لڳي رهي هئي، پر ڇڻ مقدس ڪتاب يا تذڪرت الاوليا (Hagiography) وانگر لڳي رهي هئي. جيئن اسپين جي مشهور انقلابي عورت "لاپئشنارا" (La Passionara) جي لاءِ لکيل شارلوٽ هئلڊين (Charlote Haldene) جو خطاب هو يا جان سمر فيلڊ (John Summer Field) جو روسي لارين تي لکيل مبالغي آميز نظم هو.

جيئن سمنڊ جون ڇوليون منهوڙي تي ٽڪريءَ سان ٽڪرائي مٿي اُڏامنديون آهن. ايئن تاريخ ۾ سياست بہ ڪڏهن وير وانگر اوچي اُڀرندي آهي ۽ جڏهن لهندي آهي تہ اجائي آلڙ ڇڏي ويندي آهي. جنهن ۾ چنڊ جو پاڇو ڏسي، ماڻهو وير جي اُڀار کي ساريندا آهن.

هن صديءَ ۾ زندگيءَ جي جواريا تا ۾ انسان بہ ٻيرا ڏاڍو لُڙهيو آهي ۽ اهو آهي روس جي 1917ع واري انقلاب وقت ۽ ٻيو اسپين جي خانہ جنگيءَ وقت. جڏهن انساني روح مستقبل جي باري ۾ ايئن پُراميد هو. جيئن وير چڙهندي آهي.

انسان ٻار آهي ۽ هميشہ چنڊ کي پڪڙڻ لاءِ هٺ اُيا ڪندو آهي ۽ هن جا رهنما هن کي آئيني ۾ چنڊ ڏيکاري خوش ڪندا رهيا آهن.

دراصل اهڙا دؤر برصغير جي تاريخ ۾ ايندا رهيا آهن. برصغير ۾ بہ ڪانگريس ۽ مسلم ليگ جو ساڳيو حال ٿيو. آزاديءَ جا پرستار وچي قومي ملڪيت جا خائن ٿيا. جي ملڪ جي ٻاهران برآمدات ۾ بلين روپيا ڪائي ويا ۽ قومي خزاني کي پيءُ جي جاگير سمجهيائون. انهن ڪان پنهنجا يا پيءُ ڏاڏي جا نصب العين وسري ويا ۽ هو 'دنيا ڍوندڙ جا. طالب ڪتا' وچي رهيا. چڱائي انساني زندگيءَ ۾ هڪ وقفو آهي. برائي هن جي وجود ۾ مسلسل آهي، ڇو تہ انسان ظالم ۽ جاهل آهي. اهو ٻار هن تي آهي تہ هو پاڻ کي اشرف المخلوقات ثابت ڪري، جو تاريخ جا ڪي اُتساهيندڙ دؤر ڪيڏي ڇڏجن تہ هن ۾ رڳو خونخوار بگهڙ ۽ هبچي هِليون وچي رهن ٿا.

جيئن اسان اڳتي ڏسنداسين تہ اسپين جي خانہ جنگي بہ ايئن جوش خروش سان شروع ٿي ۽ مايوسي ۽ قنوطيت تي ختم ٿي. ڪنهن چيو تہ "جنگ جي حادثي ۾ پهريون موت سچ جو ٿيندو آهي." (The first casuality when war comes is truth)

۽ لارڊ بائرن هڪ نظم ۾ چيو هو:

”۽ آزادي پنهنجي پاڪيزه رفتار سان، مُئلن جا شهر خموشان لتاڙي ٿي.“

(And freedom hallows with her tread,
The silent cities of the dead.)

اسپين سان بہ ساڳي حالت ٿي. سچ حادثاتي طور ماريو ويو يا چاٿي واٽي ڪُنو ويو ۽ آزادي شهر خموشان ۾ ڀٽڪندي وئي.

جارج آرويل جو اُنهن اديبن مان هو جنهن کي دنيا جي مستقبل تي سيني ڪان وڌيڪ دور رس نگاهہ هئي، اُن پنهنجي ڪتاب ”ڪيٽلونيا لاءِ تعظيم“ (Homage to Cataloina) ۾ هڪ هنڌ چيو آهي: ”اسپين جي خانہ جنگيءَ ۾ مون کي شدت سان محسوس ٿيو تہ جنگ جي تاريخ ڪڏهن بہ سچي نہ لکي ويندي، صحيح انگ اکر ۽ جيڪي ٿي رهيو هو اُن جي حقيقي باز پُرس ناممڪنات ۾ شامل هئي. مون 1937ع ۾ جيڪي ريپبلڪن گورنمينٽ جا ڪوڙبدوڙ ٻڌا ۽ اُن ۾ ٿيل بہ ڏڙا جيڪا هڪبئي جي باري ۾ دروغ گوئي ۽ فتنہ پروري ڪري رهيا هئا. اُن جي هن وقت ڪهڙي حالت هوندي، توڙي فرانڪو جو تختو اونڌو ڪيو وڃي. مستقبل جي تاريخ نويس کي ڪهڙا رڪارڊ دستياب ٿي سگهندا؟ پر جيڪڏهن فرانڪو يا ڪو هن جهڙو اقتدار ۾ رهجي ويندو تہ جنگ جي تاريخ اهي حقيقتون وجي رهندي جن کي عوام جي اڪثريت بنهہ ڪوڙسمجهن ٿا.“

انهيءَ سبب ڪري جارج آرويل کي سوداءُ ٿي پيو تہ هو اسپين ۾ ڪميونزم جي باري ۾ سارو سچ لکي، نہ رڳو هن ’ڪيٽلونيا کي تعظيم‘ (Homage to Cataloina) لکيو پر هن 1938ع ۾ ’اسپين جي جنگ ڏانهن پٺ تي نگاهہ‘ (Looking Back at Spanish War) بہ لکيو.

ڪابي ڏر واري پريس ۽ ريپبلڪن گورنمينٽ ۾ اندروني جهيڙن جهڳڙن کي چنڊيو چاٽيو نہ ويو. ڪميونسٽ ۽ انارڪسٽ هڪ ٻئي جي رت جا پياسا ٿي ويا هئا ۽ ڪابي ڏر جو ڪاز (Cause) نبل ۽ رت پوٺو ٿي ويو هو. سچو سچ آرويل پنهنجي ڪتابن ’جانورستان‘ (Animal Farm) ۽ ’1984ع‘ (Nineteen Eighty Four) ۾ چيو آهي. اهي ان ڳالهہ جا ڪلاسيڪي نمونا آهن. جن ۾ ٻوليءَ کي سياست دانن جا وَرَ وڪڙ نہ آهن ۽ جن مطلق العنانيت جي انهيءَ ڪوشش کي تہ اها ماضيءَ کي اُلٽ پلٽ ڪري پيش ڪري، چوپٽ ڪري رکيو آهي.

جي انسان اهو خيال ڇڏي ڏي تہ تاريخ صحيح لکي سگهي آهي، تہ هو اهڙي خوابِ پريشان (Nightmare) ۾ گم ٿي وڃي ٿو جنهن ۾ ليڊر ۽ هن جو ٽولو نہ رڳو مستقبل کي پنهنجي گرفت ۾ رکن ٿا، پر ماضيءَ کي بہ گرفت ۾ رکن ٿا. جي ليڊر چئي تہ ”هي واقعو نہ ٿيو“ تہ بس اُهو نہ ٿيو. جي هو چئي تہ ”ٻہ ۽ ٻہ پنج آهن“

تہ اُهي ضرور پنج هوندا. اها ڳالهہ مون کي بمن کان بہ وڌيڪ ڏکائي ٿي.

(مون چاهيو هو تہ روس جي سفر جي باري ۾ پنهنجا تاثرات لکان، مون ڪجھہ صفحا لکيا بہ هئا، پر 1985ع کان پوءِ اهو ڪتاب اڌ ۾ ڇڏي ڏنو، ڇو تہ اُن ۾ ڏنل انگ اکر ۽ واقعا خود روسي حڪومت مڃيو هو تہ ڪُوڙا هئا. روسي ليڊرشپ، بيورو ڪريسي ۽ ٽيڪنوڪريسي ننهن کان چوٽيءَ تائين ڪوڙ هئا ۽ عوام کي پنهنجي چرب زباني سان ٺڳيندا رهندا هئا. جڏهن مون کان پاڪستان گورنمينٽ روس جي سفر جي باري ۾ رپورٽ گھُري هئي تہ مون ان کي لکيو هو تہ وڌيڪ پاڪستاني روس موڪليا وڃن، جيئن هنن جي اکين تان تاريخ جا ڪوپا لهي وڃن ۽ هو بهتر پاڪستاني ٿي پنهنجي مُلڪ موٽي اچن. روس جو سفر اُنهن تي سارو نظرياتي ڊِوُنگ واڪو ڪري ڇڏيندو.)

ٽي. سي. وورسلي (T.C. Worsley) پنهنجي ڪتاب همسفر (The Fellow Travelers) ۾ لکيو آهي:

"سياسي ڪميسار (Commissar) سوشلسٽ اديبن کي دليل ڏئي سمجهائي رهيا هئا تہ 'ڪارائتو سچ' (Useful Truth) لکو. مون هنن کي سختيءَ سان چيو تہ منهنجي 'ڪارائتي سچ' ۾ ڪائي دلچسپي نہ آهي، منهنجي دلچسپي فقط 'سچ' ۾ آهي، پوءِ اُن جا نتيجا چڱا يا برا آهن. جيڪڏهن اسان جي پاسي وحشانيت، بيوقوفي ۽ بالفضول ڳالهيون سچ جو حصو آهن تہ اُهي ٻئي پاسي بہ سچ جو حصو آهن. ماڻهن کي اهو ڄاڻڻ جو حق آهي تہ اسان ڪيئن هلي رهيا آهيون، فقط ان جا تصور نہ ڪرڻا آهن. مان فقط اها ڳالهہ رپورٽ ڪندس، جا مون پاڻ ڏٺي آهي ۽ جيڪي بہ چيو ويو تہ اُهو لفظ بہ لفظ ايئن ڏيندس."

سچ اديب ۽ شاعر لاءِ هڪ امانت آهي، اُن ۾ رتيءَ پر خيانت ادب ۽ آرٽ جو خاتمو آهي. شاعر جو روح هڪ تازي پلر جي نياڻ وانگر آهي، جنهن ۾ سچ ۽ چنڊ ايئن ڏيکاريا آهن، جيئن اهي آسمان ۾ هوندا آهن. جي شعر و ادب سچ جي آرسي نہ آهي، تہ ان کي فقط سينگار لاءِ ڪتب آڻڻ اجايو آهي. اهڙي ادب کي پابندگي نہ ملي سگهندي.

ٿوري وقت ۾ اُن کي ڪُوڙ مُنهن ۾ گهوريندو نظر ايندو. ڪُوڙ جا وڪا پڌرا ٿيندي ويرم نہ لڳندي آهي. ادب جو سچ اُهو آهي، جنهن کي اديب ايمانداريءَ سان سچ سمجهي، ۽ نظرئي يا نظرئي باز جي چڪر ۾ اچي، ڪوڙ کي شعوري يا غير شعوري طرح سچ ڪري پيش نہ ڪري.

جڏهن اسپينڊر گهر موٽي آيو تہ هُن چيو تہ "هو اسٽينڊال (Stendhal) جي لفظن ۾ هڪ 'جوشيلو ڀالو ڀولو يا اناڙي' (Enhusiastic Simpleton) يا هڪ لُنڊيءَ خوشامد وارو چاپلوس، ڪپٽي، پاکنڊي ۽ مڪريل نہ رهيو آهي. مان ڄاڻڻ

پئي چاهيو تہ ڇا ٿي رهيو آهي، ڪيئن ٿي رهيو آهي ۽ ڇو ٿي رهيو آهي ۽ ان لاءِ ذميدار ڪير آهي؟"

پر اسپينڊر کي بہ سچ مشڪل سان مليو. هن جون جڙتو بهادريءَ ۽ سورهيائيءَ جون ڀتاڪون نہ آهن. ان لاءِ هو واقعي ساراهہ جو مستحق آهي.

سر ونسٽن چرچل پنهنجين يادگيرين (Memoirs) ۾ لکيو هو:

"Men occasionally stumble over the truth, but most of them pick themselves up and hurry off as if nothing had happened."

(ماڻهو ڪنهن ڪنهن وقت سچ تي ٿاٻڙجن ٿا. پر انهن مان ڪيترا ڪڙا ٿين ٿا ۽ تيز وڃن ٿا. ڄڻ تہ ڪجهہ بہ نہ ٿيو آهي.)

جارج آرويل سچ تي ٿاٻڙيو نہ هو. هن سچ کي اکين ۾ گهوري ڏٺو هو ۽ جيڪي هن کي نظر آيو هو اُن جي عڪاسي ڪئي هئائين. آمريڪن نطرت پرست ٿارو (Thoreau) هڪ هنڌ چيو هو:

"It takes two to speak the truth, one to speak, and another to hear."

(سچ لاءِ بہ ماڻهو ضروري آهن. هڪڙو سچ چوڻ وارو ٻيو سچ ٻڌڻ وارو.)

جن جي پارٽيءَ نظرياتي تربيت ڪئي هئي، اُنهن ۾ نہ ڪوئي سچ چوڻ وارو هو نہ ڪي ٻڌڻ وارو هو. فقط ڪارائتو سچ چوڻ ۽ ٻڌڻ وارا هئا.

آخر ۾ مون کي هڪ عجيب چوٽي ياد اچي رهي آهي:

"In this world truth can wait:
She is used to it."

(ترجمو: هن دنيا ۾ سچ ترسي سگهي ٿو اهو ان ڳالهہ تي هريل آهي.) روس جي باري ۾ تہ اهو پنجهتر سال ترسيو جيستائين گوربچوف اُن جي قلعي کولي وڌي.

اسپين ۾ جنگ جو سارو الميو سي ڊي ليوس (C.D Lewis) جي هينئين لفظن ۾ دهرائي سگهجان ٿو:

In the logic of our times,
No Subject for immortal verse,
That we who lived by honest dreams,
Defend the bad against worse.

(ترجمو: اسان جي دؤر جي منطق ۾ ابدي شاعري لاءِ ڪوئي موضوع نہ آهي.
اسان جي پنهنجن ديانتدار خوابن سان گڏ زنده رهياسين.
(فقط) بد جو بدتر خلاف دفاع ڪري رهيا آهيون.

سي ڊي ليوس پنهنجي ڪتاب جنگ جا شاعر ڪٿي آهن (Where are

the war poets) ۾ فلپ ٽوئن بي اسپين جي جنگ کي اُنهيءَ آزاديءَ لاءِ موقعو سمجهيو جنهن ۾ پهرين جنگ کان پوءِ جو نسل ان گناهه جي تلافي ڪري سگهي، جيڪو هن پهرين جنگ عظيم ۾ شريڪ نه ٿي، ڪيو هو.

هڪ علامتي انداز ۾ شاعر ڪارن فورڊ (cornford) جي پيءُ هن کي اهو روالور تحفي طور ڏنو جو هن پهرين جنگ عظيم 1914ع واريءَ) ۾ استعمال ڪيو هو. آرويل هڪ دوست کي چيو اسان جو نسل ان ڳالهه تي هميشه شرمندو رهندو ته اُن پهرين جنگ عظيم ۾ حصو نه ورتو هو.

جنگ جي خلاف مهم جاري رکندڙ نوجوان سارو وقت دل ۾ اها حسرت سانپيندا رهيا ها ته هنن جا پيئر پهرين جنگ سان لاڳاپيل رهيا ها. اُنهن جو جنگ جو تصور ايئن رومانوي هيو جيئن انگلنڊ ۾ اُنهيءَ نسل جو هيو. جو ايڊورڊ جي دؤر ۾ وڏو ٿيو هو ۽ هر ننڍيءَ سامراجي مهم کان متاثر ٿيو هو ۽ اُن کي اُتساهه سان ٿي ڏٺائين. رڳو ٻنهي نسلن جي ذهني ڪيفيت ڪجهه مختلف هُئي پر پوءِ به پنهنجي تقرير بازيءَ ۾ ڪاٻي ڌر ساڳيءَ طرح مالي امداد جي باربار تقاضا ڪئي، ساڳيا طور طريقا ۽ 1914ع وارو ماحول زنده ڪيائون. رڳو Poems from Spain (اسپين مان نظم) جي مهاڳ ۾ اسپينڊر لکيو ته "ڪاٻي ڌر جي جنگ انصاف لاءِ هئي ۽ ان ڪري خوش گوار جنگ هئي.

"شاعر ۽ جنگي جوڌا هيءَ جنگ ان ڪري نه وڙهي رهيا آهن جو انهن کي جنگ سان عشق آهي پر پنهنجي زندگيءَ ۽ ثقافت جو دفاع ڪري رهيا آهن."

جيڪا ڳالهه شاعرن به سمجهي سا هيءَ هئي ته جمهوري سوشلسٽ ڪاز (cause) جي باري ۾ شاعر کي آخر ۾ جنگي مهم خلاف احتجاجي نظم لکڻا ها جهڙا اُهو سامراجي جنگ جي خلاف لکندو هو. اها ڳالهه محسوس ڪرڻ جهڙي هئي ته هر جديد ميڪانڪي جنگ هڪ بُرائي آهي چاهي اُها انصاف لاءِ هجي يا ڪنهن سوشلسٽ يا ٻي ڪاز (cause) لاءِ هجي. جي شاعر سچو آهي ته آخر ۾ هو اُن جي بربريت خلاف ايئن لکندو جيئن سرمائيدارانه جنگين جي خلاف لکندو رهيو آهي. ڪنهن ٺيڪ چيو آهي ته "شاعر جي شاعري ڏاڍي پيار سان پڙهندو هوس. ۽ ڪنهن به رسالي ۾ هن جو نالو ڏسي دل اُتساهه سان ڀرجي ويندي هئي، پر هاڻ انهيءَ شاعر کي ڪير ٿو پڙهي؟"

اسان شيڪسپيئر کي اڄ به ان لاءِ نه ٿا پڙهون ته هن ايليزبيٿ جي دؤر جي عڪاسي ڪئي آهي پر ان لاءِ پڙهون ٿا ته هُن اُهي سچ ڏنا جي ابدي آهن.

اسپين جي جنگ دوران ڪيئي ننڍا رسالا نڪتا ۽ گم ٿي ويا جيئن سنڌ ۾ ٿيو آهي.

اسپين جي باري ۾ اُن دؤر ۾ جو ڪجهه ٿيو، اُن جي باري ۾ شاعري آرٽ جي

حيثيت ۾ ته زنده رهجي ويندي پر تاريخي طور اُن جي خاص اهميت نه رهندي. ان مان ڪجهه ته بيهودي آهي. هڪ شاعر ته سوانح حيات لاءِ ڪوشش ڪئي پر پوءِ لکيائين. ”هڪ اُٺويهين ورهين جي ڇوڪري جا جذبا ڇنڻ ڪهڙو نه ڏکيو ڪم آهي! هاڻي ته اُها دؤر جي صدا ٿي لڳي!“ ان ۾ شڪ نه آهي ته اسٽالن جا سڀ ڪُوڙ سياسي دلبا ۽ دولاب. اُنهن پاڻ مرادو آيل جانبازن جي قدر و قيمت گهٽائي نه سگهندا جي نه رڳو پنهنجي موت لاءِ تيار ها. پر جنگ کان پوءِ زندگيءَ ۾ جسمانيءَ يا جذباتي طور چُور ٿي. پناهگيرن جي حيثيت ۾ جلاوطنيءَ ۾ رهيا ها. اُهو ساراهه جي قابل آهي. جئڪ لنڊسي (Jack Lindsay) لکيو ته ”جڏهن فرانڪو کٽيو ته ايئن لڳو ته دنيا ختم ٿي وئي.“

پر اهو دنيا جو دستور آهي. جتي مڪان مٽيءَ جا ڍير ٿي پيا ها. اُتي گهٽين ۾ ٻي ڏينهن ڇوڪريون کلي رهيون هيون ۽ زندگي ساڳي طرح هلي رهي هئي ڄڻ ڪجهه ٿيو ئي نه هو.

آلبرٽ ڪاموءَ هڪ ڀيري لکيو هو ته ”اسپين اڃا اسان جي نسل جي ماڻهن جي دل ۾ آهي. هو اُن کي هڪ گُرندڙ ڦٽ وانگر کنيو ٿا گهمن“. اسپين ۾ ڀهريون ڀيرو جديد انسان محسوس ڪيو ته سچ ۽ انصاف جي شڪست ٿي سگهي ٿي. زور اڳيان زاري آهي ۽ ڪي اهڙا وقت به آهن. جڏهن همت. جوان مرديءَ ۽ جانبازيءَ جو صِلو نه ٿو ملي. اهو ئي سبب آهي جو اڃا تائين ڪيترا اسپين جي ڊراما کي ذاتي ٽرئجڊي (الميو) سمجهي رهيا آهن.

جنرل فرانڪو 1937ع ۾ اتر اولهه اسپين فتح ڪئي. 26 جنوري 1939ع تي بارسيلونا ۽ 24 مئي 1939ع تي مئڊرڊ فتح ڪئي. هٽلر ۽ مسولنيءَ جنگ هارائي. مسوليني کي رستي تي ڦاهو ڏئي اونڌو لڙڪايو ويو ۽ هٽلر جي لاش تي گوئبلز ۽ هن جي زال گولڊا پيٽرول ڇٽڪائي. باهه ڏني ۽ پوءِ هن کي پوري ڇڏيو ته جيئن اتحادي هن جي لاش جي بيعزتي نه ڪن. فرانڪو مخالف ڌر کي دٻائي 4 آگسٽ 1939ع تي اسپين جو سپريم چيف (Supreme Chief) ٿيو ۽ پاڻ کي خدا ۽ تاريخ اڳيان ذميدار ڪوٺيائين.

آڪٽوبر 1969ع ۾ هن حڪومت جون واڳون رومن ڪئٿولڪ پارٽي جي هڪ ڌڙي کي ڏنيون. فرانڪو 1947ع ۾ ريفرنڊم ڪرائي، تاحيات حڪومت ڪرڻ جو حق حاصل ڪيو هو. 1969ع ۾ هن پرنس جئاس ڪارلوس (juas Carlos) کي پنهنجو جاءِ نشين چونڊيو. 1973ع ۾ فرانڪو وزير اعظم جي عهدي تان استعيفا ڏني. هو نومبر 1975ع تي مري ويو. هن کي قدرت ايتري وٿي جو ڏني، اِهو ڪير ٿو چئي سگهي!

*(24 جون کان 2 جولاءِ 1994ع)*

# خودڪشيءَ جو خبط

## (عرفان مهديءَ جي خودڪشيءَ تي مظفر چانڊيئي ڏانهن اٽڪل 2 سال اڳي لکيل شيخ اياز جو خط)

16 جنوري 1993ع

پيارا ياءُ مظفر،

عرفان مهدي ڪوئي آرٿر ڪوئسلر نہ ڪونہ هيو جو هن جي خودڪُشيءَ کان پوءِ خودڪُشيءَ جو نفسياتي ۽ معاشرتي جائزو وٺان ها. بهرصورت هر انسان جي زندگي قيمتي آهي ۽ اُها پيهر نہ ٿي اچي.

عرفان مهدي "جيئي سنڌ تحريڪ" جو هڪ ذهين نوجوان هو توکي هن لاءِ پيار هو ۽ جي ايم سيد بہ هن جي تعزيت ڪئي هئي، ان ڪري تنهنجي فرمائش مطابق مان خودڪُشيءَ جي محرڪ جذبي تي ڪجهہ لکان ٿو.

تازو مون روسي رقاص نيوروفيف (Nureyev) تي، جنهن اٽڪل 23 سال اڳ جلاوطني پاڻ تي مسلط ڪئي هئي ۽ فرانس، ۽ مغربي يورپ جي باقي حصي ۽ آمريڪا ۾ پنهنجي رقص جو ڏاڪو ڄمايو هو. ڪجهہ حقيقتن جو مطالعو ڪيو. هو 54 سالن جي عمر ۾ پئرس ۾ مري ويو. هن جي موت رقص جي دنيا ۾ تہ فرق نہ آندو هو پر هن جي زندگيءَ ۾ ضرور فرق آندو. هن کان اڳ بيا رقاص نجنسڪي وغيره ٿيا ها جن بئلي (Ballet) ناچ ۾ زندگيءَ جاويد حاصل ڪئي هئي. بئلي رقص مصر ۾ ٿيندو آهي. پر بي اسلامي دنيا جي باري ۾ مون کي علم نہ آهي تہ ٿيندو آهي يا نہ. نيوروفيف ايڊس (Aids) ۾ مري ويو.

نيوروفيف منگوليا ۾ بئڪال ڍنڍ (Lake Bankal) تي ويندڙ ريل گاڏيءَ ۾ ڄايو هو. جا ڳالهہ هن جي زندگيءَ جي رولڙي جي ٿُز علامت هئي.

نيوروفيف جي وفات جو پڙهي ٽي. ايس. اليٽ جي هڪ سٽ ٿي ياد اچي.

I had not thought death had undone so many.

(ترجمو: مار، مون کي پتو ڪونہ هيو تہ موت ايترن کي پورو ڪري ڇڏيو آهي)

ايڊز (Aids) جي ڪري ثقافتي تاجي پيٺو ڇيرجي، تندون تندون ٿي ويو

آهي. مغرب جا ڪيئي اهم ڪلاڪار ان مهلڪ بيماريءَ جي نذر ٿي ويا آهن، جن جا نالا مان ان ڪري نہ ٿو ڏيان جو سنڌي خواص بہ اُنهن سان آشنا نہ آهن.

ايڊز (Aids) وانگر خودڪُشيءَ جي بہ لهر ايندي آهي. Aids جسماني مسئلو آهي، خودڪُشي نفسياتي ۽ معاشرتي مسئلو آهي. تو جڏهن عرفان مهديءَ جي ڳالهہ ڪئي تہ مون توکي ٻڌايو تہ مون هڪ ڪتاب ـ (The savage God A study of Suicide) اڄ پڙهي، ڇڏي ڏنو آهي. اهو ڪتاب مون اُن وقت شروع ڪيو هو جڏهن مون کي چوٿين هارٽ اٽئڪ ٿي هئي ۽ زندگيءَ مان بيزار ٿي پيو هوس، پر شاعري جا منهنجو بهترين علاج آهي، اُن مون کي بچائي ورتو. روميءَ چيو آهي:

شاد باش اے عشق خوش سودائی ما،
اے طبیبِ جملہ علت ہائی ما.

(اي عشق! اي اسان جا سُٺا سوداءَ، خوش رهہ!
اي اسانجي هر مرض جا طبيب، خوش رهہ!)

مون ڪچهري ڪندي توکي ٻڌايو تہ نازي جرمني عوام ۾ خودڪُشي عام ٿي پئي هئي جيئن هاڻي ايڊز (Aids) ۾ موت عام ٿي پيا آهن. ان تي پيٽر اُستي نوف، (آمريڪا جو آهلير ۽ نقال (Mimic)، ڪهاڻي نويس، ڊراما نگار ۽ ائڪٽر جنهن بين هُر (Ben Hur) فلم ۾ برده فروش جو ڪردار ادا ڪيو هُيو) هڪ ڪهاڻي After taste لکي هئي يعني تہ ’سواد کان پوءِ‘ گهڻو ڪري چڪا چوڪيءَ کانپوءِ جيڀ تي چشڪي جي جيڪا ڪيفيت رهجي ويندي آهي، اُن کي انگريزي ۾ After taste چوندا آهن. شڪست کان پوءِ، جرمنيءَ جا فوجي آفيسر اهو سوچي رهيا هئا ، تہ سندن خودڪشي کان پوءِ ، جرمن عوام چوندو تہ هنن ذلت جي زندگي کان عزت جو موت سمجهي پنهنجو انت آندو ۽ هو سورهيہ محب وطن ها.هو اهو بہ سوچيندا ها تہ هنن جي موت کان پوءِ هنن جا دوست احباب ۽ رشتيدار ڇا چوندا. ۽ هنن جون محبوبائون زار زار روئينديون ۽ پنهنجي بي وفائي تي پڇتائينديون مون توکي وڌيڪ ٻڌايو تہ منهنجي زندگي ۾ بہ اهڙا ماڻهو آيا ها جن يڪدم يا درجي بہ درجي آپگهات ڪيو هو.

مان جڏهن شاگرد هوس، تڏهن مينارام هاسٽل ۾ پروفيسر ملڪاڻي سپرٽينڊنٽ هو ۽ ڪٽنب سوڌو هاسٽل ۾ رهندو هو. هن جي پرسان هڪ هندو ڇوڪرو رهندو هو ۽ اُن جي پرسان مان رهندو هوس. اُنهيءَ هندو ڇوڪري جو جيڪو اڳيئي پرٽيل هو ملڪاڻيءَ جي ڌيءَ سان پيار ٿي ويو (پورو ياد نہ آهي، پر ملڪاڻيءَ جي ڌيءَ جو نالو شيلا هو) هو ٻئي هڪ ٻئي جي ويجهو بالڪنين ۾ بيهي، ڳُٽ ڳُٽ ڪندا هئا ۽ پڌر ۾ وينل ڪبوتر هنن کي بي پرواهيءَ سان ڏسندا

هئا. هڪ ڏينهن اوچتو اطلاع پهتو ته ملڪاڻيءَ هيٺ هاسٽل جي هال ۾ سيني چوڪرن کي گهرايو آهي ڇو ته مٿي ذڪر ڪيل چوڪري ريل جي پٽي تي ڪَنڌُ رکي، آپ گهات ڪيو آهي ۽ اسان کي هن جي ياد ۾ هڪ منٽ سانت سان ويهڻو آهي. پوءِ مون کي پتو پيو ته هن جا مائٽ هن جي پيءُ شاديءَ جي خلاف هئا ۽ هو اهو فيصلو نه ڪري سگهيو هو، ته ان جي باوجود هو شيلا سان شادي ڪري يا نه ۽ ان ڪري هن کي فرار جي راهه خودڪُشيءَ ۾ نظر آئي هئي. ان کان اڳ ۾ مان جڏهن شڪارپور جي سي ائنڊ ايس ڪاليج ۾ پڙهندو هوس ته هڪ هندو شاگرديائيءَ پارٽيءَ کي پروفيسر ماڪيجاڻيءَ مان پيٽ ٿي ويو هو ۽ هن بدناميءَ جي ڀوَ کان آپگهات ڪرڻ ٿي چاهيو ۽ ليبارٽريءَ ۾ ان نيت سان هن توتيو کاڌو هو پر بروقت امداد ملڻ سبب بچي وئي هئي.

ايوب ڪرماني، جو ڪنهن وقت فيض سان گڏ لاهور ۾ 'امروز' جو ايڊيٽر هو، ان هڪ ڀيرو گرانڊ هوٽل جي ته ماڙ تان ٽپ ڏئي خودڪُشي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي هئي ۽ هن جون ٽنگون ٻانهون ٽُٽي پيو هيون. ان جو هڪ سبب ته هن جي اُردو جي مشهور ناول نويس قرات العين حيدر سان عشق ۾ ناڪاميءَ هُئي (قرات العين حيدر منهنجي دوست لڇمڻ ڀاٽيا جي پرسان دهليءَ ۾ رهندي آهي ۽ هن جي چڱي واقف آهي. جڏهن لڇمڻ ڀاٽيه منهنجي ڪتاب 'جڳ مڙيو ئي سپنو' جو نارائڻ ڀارتيءَ ڀارت ۾ ڀيهر ڇپايو آهي مان هن کي منهنجي ايوب ڪرمانيءَ جي خودڪشي جي باري ۾ تحرير پڙهي ٻُڌائي تڏهن هُن حيرت جي اظهار ڪندي چيو ته مون کي خبر نه هئي ته ايوب ڪرمانيءَ جو مون سان عشق هوا) ۽ ٻيو سبب اهو هيو ته هُو ڪميونسٽ هو پر پوءِ پارٽي ڇڏي سنڌ ۾ ڊائريڪٽر آف انفرميشن ٿيو هو ۽ ان ڳالهه هن کي لوڏي وڌو هو، ڇو ته ڪميونسٽ لاءِ ڪميونزم مذهب هوندي هئي ۽ پارٽي هُن جو خدا هوندي هئي، جنهن کي ڇڏي هن جي زندگي زهر ٿي پوندي هئي. جڏهن هو اسپتال ۾ هو ته اُن وقت ويسٽ پاڪستان جو گورنر گُماني هن کان پڇڻ آيو هو، جا ڳالهه هن کي خودڪُشيءَ جي ڪوشش کان به اُگري لڳي هئي. جڏهن هو چاق ٿيو هو تڏهن قرات العين سان گڏجي سکر آيو هو ۽ ان کان اڳ ۾ جو هو موهن جي دڙي ڏانهن ويجن. هو ڪجهه وقت ڪنهن ايڪس. اي. اين جي جاءِ تي ترسيا هئا جتي منهنجي هنن سان ملاقات ٿي هُئي. اُن کان ڪجهه ڏينهن پوءِ هو منهنجيءَ آفيس تي آيو جنهن جو ذڪر مون 'جڳ مڙيو ئي سپنو' ۾ ڪيو آهي، مهيني کان پوءِ هن ڪراچيءَ ۾ ڪنهن دوست جي فليٽ تان ٽپو ڏئي خودڪشي ڪئي هئي. منهنجي دوست مونس درجي بدرجي خودڪشي ڪئي هئي. هو حشو ڪيولراماڻيءَ جو دوست هو ۽ حشوءَ کي جڏهن جلاوطن ڪيو ويو هو، تڏهن هو

مون سان حشوءَ واري فليٽ ۾ گڏ رهندو هو. هو شراب تي لٿو هو. جڏهن مان سکر ويجي وڪالت ڪئي هئي تہ هو منهنجي دوست شيخ عبدالستار (ع. ق شيخ جي پيٽيوي) وٽ ميرپور خاص ۾ رهندو هو ۽ هن جو ڏينهن رات ناو ونوش ۾ گذرندو هو. هو مفت نوشيءَ جو عادي ٿي چڪو هو. (جوش مليح آبادي کي 'پنهنجي مفت نوشيءَ' جو ٻڌي ڏاڍي خار ايندي هئي ۽ اُردو رسالي 'ساقي' جي ايڊيٽر شاهد احمد دهلويءَ سان ان ڳالهہ تي اٽڪيو هو ۽ ان ڏاڏي کي گهٽ وڌ ڳالهايو هيائين. ردعمل طور شاهد احمد دهلوي صهبا لکنويءَ جي رسالي افڪار واري 'جوش نمبر' جي جواب ۾ 'ساقي' جو 'جوش نمبر' ڪڍيو هو جو دراصل ائنٽي- جوش نمبر هو). جڏهن ٻن سالن کان پوءِ عبدالستار مؤنس مان ڪَٽ ٿي پيو هو تہ هو مون ڏانهن سکر هليو آيو هو. هن پنهنجي نالي جو بورڊ منهنجي آفيس جي ٻاهران نہ هٽايو هو پر پنهنجي ٽيبل تي رکي ڇڏيو هئائين ۽ چوندو هو تہ زندگيءَ تي ڪهڙو اعتبار آهي، ڪيرِاهي موٽا موٽا قانون جا ڪتاب ۽ لا رپورٽر خريد ڪري ڏينهن رات اُنهن جو مطالعو ڪري ۽ اُن قانوني جاڙ ڪنهن خونيءَ. چور اُچڪي، رهزن، ڌاڙيلن ڏيوالي، قرض خور جي ڪم آڻي! زندگي مختصر آهي پوءِ هو پنهنجي پياري پنجابي لهجي ۾ شاهہ حسين جي ڪافي ڳائيندو هو:

پيارے لال! کیسا بھروسا دم دا
اُڑ یا بھور تھیا پردیسی جوں موتی شبنم دا۔

ترجمو: (پياري لال! (شاهہ حسين جو قبول اسلام کان اڳ نالو ماڌو لال هو ۽ هو پاڻ کا شاعري ۾ لال لکندو هو) ڪهڙو ڀروسو دم جو؟ اُهو صبح جو اُڏامي پرديسي ائين ٿيو. جيئن موتي ماڪ جو) هو چوويهہ چوويهہ ڪلاڪ نرو پيئندو هو ۽ فيض جو تازو شعر جهونگاريندو هو.

پیو کہ مفت لگادی ہے خونِ دل کی کشید
گراں ہے اب کہ مئے لالہ فام کہتے ہیں۔

(ترجمو: پيو چو تہ هن پيري اسان دل جي خون کي مُفت چڪايو آهي، چون ٿا تہ هن پيري ڳاڙهو شراب مهانگو آهي.)

مونس نهايت ذهين هو. هو وڪيل هو پر وڪالت نہ ڪندو هو ۽ ڪڏهن منهنجي خط و ڪتابت ٽائيپ ڪندو هو تڏهن منهنجا ٽالسٽاءِ. ڊوسٽو وسڪيءَ. ترگيف. چيخوف. گوگول ۽ شوُلو خوف وغيره جا سارا ڪتاب پڙهي ڇڏيا هئائين ۽ دوسٽو وسڪي جي ناول 'Possessed' ۾ ڪرلوف (Kirilof) هن جو مرغوب ڪردار هوندو هو جنهن جو دماغ انقلاب جي خبط تڙڪائي وڌو هو ۽ جنهن خودڪشي ڪئي هئي. اسان انهن ناولن تي ۽ انقلاب کان اڳ ۽ انقلاب کان پوءِ جي روسي ادب تي راتين جون راتيون بحث ڪندا هياسين. مونس جي صحبت ۾

منهنجو روسي ادب جو مطالعو ڏاڍو وسيع ٿي ويو هو.

مونس جو پنهنجي سئوٽ سان عشق هوندو هو جا ايئر هوسٽيس هئي ۽ جنهن هن جي حد کان وڌيڪ شراب نوشي ڏسي هن سان شاديءَ کان انڪار ڪيو هو. مونس جو خرچ جڏهن مان پورو ڪري نه سگهيس تڏهن هو ڊپٽي سپرنٽينڊنٽ سکر جيل آغلو خان دُرانيءَ جي گهر وڃي رهيو جو آفيس ۾ به سارو ڏينهن ٺَرو پيئندو هو ۽ جنهن جو ذڪر مون 'ڪتين ڪر موڙيا جڏهن' جي ڀاڱي پهرئين ۾ ڪيو آهي. مونس پئسي جي لوڙ سبب پان ۾ تماڪ جا چپتا وجهي کائڻ لڳو ۽ جڏهن پنهنجي محبوبه جي ڀيڻ سان شادي ڪيائين تڏهن به هُن جا ساڳا پرڪار رهيا. لاهور ۾ هو زال جي گهر ڏاڪڻ تان لهي رهيو هو ته هن کي دل جو دورو پيو ۽ هُو ڏاڪڻ تان ٿهڪو کائي هيٺ ڪريو. ان وقت هن جي عمر ٽيهارو سال هئي. پڇاڙيءَ تائين هو يوناني ديوتا اَپالو جهڙو سهڻو هو ۽ عادت اطوار هن کي يوناني ديوتا ڊايونيس جا هُيا ۽ هُن جو ساريون ساريون راتيون رنگ رَلين ۾ گُذري وينديون هيون. آغلو خان جي شراب نوشي به خودڪشي ثابت ٿي. اردوءَ جي شاعر اسرار الحق مجاز، جو ڪميونسٽ پارٽيءَ جي سيڪريٽري جنرل سجاد ظهير جو ڀاءُ هو ۽ هندستان جو لاڏلو شاعر هو. ساڳي طرح شراب نوشيءَ سان درجي بدرجي خودڪُشي ڪئي هئي. هو اڌ رات تائين ٺرو پي، ٺري جي دڪان سان مٿو ٽڪرائيندو هو ۽ رومانوي انداز ۾ ڪنهن کي ياد ڪندو هو. هڪ ڀيري جوش مليح آباديءَ سان گڏ هُو ڏڙا ڏڙ پي رهيو هو جنهن هن کي چيو، "مجاز ميان! گهڙي رکھ کر پيا کرو" جنهن تي هن جواب ڏنو هو "جوش صاحب! جي مين تو آتا هي که گهڙا رکھ کي پيا کرون". آنءَ بوتل جي غلاميءَ کي ٻي هر غلاميءَ وانگر نفرت سان ڏسندو هوس. مون سگريٽ جڏهن ڇڏيو تڏهن اتڪل اَسي سگريٽ پيئندو هوس. هڪ ڀيري جڏهن مان وائيس چانسلر هوس تڏهن مير رسول بخش جو نياپو آيو ته هو سول اسپتال ۾ وي. آءِ. پي وارڊ ۾ داخل آهي. هو ۽ مان ڪراچي جيل ۾ ساڳي وارڊ ۾ بند هوندا هياسين ۽ جيل جي اصطلاح ۾ هنڊي وال هوندا هئاسين. رات جو هڪ جيل جو ڊاڪٽر، جو مير جو دوست هو روز هُن لاءِ اسڪاچ وسڪيءَ جي بوتل آڻيندو هو جا مان ۽ مير گڏجي پوري ڪندا هياسين ۽ جڏهن مير صاحب پنهنجي ڪيفيت ۾ هوندو هو ته ڪنهن کي ڏاڍو ياد ڪندو هو ۽ هن پوري سماج تي ڪاوڙ ڇنڊيندو هو. سو مان جڏهن مير وٽ اسپتال ۾ وي آءِ. پي وارڊ ۾ ويس ته هو کنگهي به رهيو هو ۽ پن جي ٻيڙي به پي رهيو هو.

"اياز! ڇا ڪيان، هي ٻيريءَ جي عادت نه ٿي وڃي"، مير صاحب ڙ لفظ اُچاري نه سگهندو هو ۽ ٻيڙي کي ٻيري چوندو هو. مون هن کي چيو ته "مير صاحب، تو اسان کان ايوب خان ڏاڍو نه ٿي سگهيو، ڇا ٻيري ڏاڍي ٿي وئي آهي." ٻاهر نڪري مون

555 جو ڏيڍ پئڪيٽ ڪيسي مان ڪڍي پيچي پوري ٿتي ڪيو ۽ وعدو ڪيو تہ وري سگريٽ نہ پيئندس. چوڏنهن سال ٿي ويا آهن تہ مون هڪ سگريٽ نہ پيتو آهي.

مون ڳالهہ تي ڪئي يڪدم يا درجي بدرجي خودڪُشيءَ جي. وڪيل جي حيثيت ۾ بہ مون ڪيئي اقدامِ خودڪشيءَ جا قلم 307 پ. پ. ڪ هيٺ ڪيس هلايا هئا. مون کي خودڪُشيءَ جي محرڪ جذبي جا تجربا تہ هُيا. خود منهنجي ذاتي زندگيءَ ۾ بہ هڪ واقعو آيو هو. هوءَ فاحشہ. جنهن سان منهنجي ايئن محبت ٿي وئي، جيئن سمرسيٽ مام جي ناول 'Human Bondage' (انساني بندڻ) ۾ هيرو جي هڪ ويٽريس سان محبت ٿي وئي هئي جا وفا جو نانءُ بہ نہ ڄاڻندي هئي، جڏهن منهنجي زندگيءَ مان نڪري وئي هئي، تڏهن مون سکر بئراج جي ليفٽ بئنڪ تي بن فيڊر واهن جي وچ تي ڪار روڪي ۽ ڪافي ڪچي وسڪي پيتي هئي. چند روهڙي واهہ جي لهرين ۾ لُڙهي رهيو هو پر پاڻيءَ جي تيزيءَ سان رواني جي باوجود ساڳيءَ جاءِ تي نظر اچي رهيو هو. اوچتو مون کي اهو احساس ٿيو تہ مان هن عورت کي جيڪر پنهنجي شاعريءَ جي هڪ سٽ سان بہ نہ مٽايان. ڇا مان هن جي لاءِ پاڻيءَ ۾ ٽپو ڏيان؟ ڇا هيءَ ايڏي عزت افزائي جي لائق آهي؟ پوءِ مون اُتي ئي پنهنجي نوٽ بُڪ ۾ پنهنجو گيت "پيئوڙي يار، جيئوڙي يار" لکيو هو ۽ دل تان هن جي نانو کي وسڪيءَ سان ڌوئي ڇڏيو هو. (مون ڪيئي سالن کان الڪوهال ڇڏي ڏني آهي.) جڏهن ابراهيم جويو ڪجهہ وقت اڳ پارٽ ويو هو تڏهن ناڪر چاولہ سپونءَ جي شيخ اياز نمبر جو مهورت هُن کان ڪرايو هو. ابراهيم ان مهورت جو وڊيو ڪيسيٽ ڪٽي آيو هو. جڏهن سندريءَ جي ڏيءَ آشا منهنجو گيت "اڙي چند، اڙي چند، پرين تو تہ ڏٺو ناهہ؟" ڳائي پورو ڪيو تہ اجمير جو راڳي- شاعر گووردن پارتي اسٽيج تي آيو ۽ "پيئوڙي يار، جيئوڙي يار" بہ ڳاتائين ۽ ان سان گڏ پنهنجي لاغر جسم سان رقص بہ ڪيائين. منهنجو ڪوئي جهونو ٿٽ اُڪلي پيو اُن رات جي يادگيري آئي جڏهن مان ليفٽ بئنڪ تي پاڻيءَ ۾ چند ڏسي رهيو هوس ۽ سوچي رهيو هوس تہ هر ماڻهو نہ محبت جو اهل آهي، نہ هر محبت ايتريءَ عقيدت جي اهل آهي جو اُن لاءِ جان ڏجي. جي مان اُن رات خودڪشي ڪيان ها تہ ڪيتري نہ سجائي زندگي اجائي وڃي ها!

مون کي مومن جو هڪ شعر ياد اچي رهيو آهي:

ہم بھی کچھ خوش نہیں وفا کرکے،
تونے اچھا کیا نباہ نہ کرکے۔

اُن عورت جي ماچ ڏسي، مان هاڻي سودا جو شعر ورجائيندو آهيان:-

سودا جو ترا حال ہے ایسا تو ہیں وہ
کیا جانئے تونے اُسے کس حال میں دیکھا۔

نہ ڄاڻان عرفان مهديءَ کهڙي ڇيڳريءَ ڇوڪريءَ سان پيار ڪيو هو؟ مان هن جو فوٽو ڏسان تہ هن جي صورت مان هن جو نفسياتي جائزو ڪري سگهان. اِرشاد ڪاظميءَ عرفان تي هڪ مضمون ۾ لکيو آهي، "عرفان جڏهن اُن ڇوڪريءَ (جنهن کي هو چاهڻ لڳو هو) شادي جي پيشڪش ڪئي تہ هو چيو، "مان ڇو ڪنديس تو ڪنگلي سان شادي؟".......... "عرفان جڏهن اُن ڇوڪريءَ کي ۽ پاڻ کي ختم ڪرڻ جي ڌمڪي ڏني، تہ هُن موٽ ۾ چيو "مون کي ڇو ماريندين؟ پاڻ کي پلي مار." جڙ تہ گوئٽي جي 'Sorrows of young werth her' واري ڪيفيت آهي. آرٿر ڪوئسلر واري ڪيفيت بہ هئي. هڪ ڀرپور زندگي، ڏک سُک، هيناهيون مٿاهيون ڏسي، اهو سوچي تہ اڳتي ڪاري ڪارونڀار کان سواءِ ڪجهہ بہ نہ آهي ۽ اُن ۾ اڄ نہ سيان سمائجي ويٺو آهي. اهڙي شخصيت جنهن جو نہ خدا ۾ اعتبار آهي، نہ روح جي بقا ۾ اعتبار آهي، جڏهن اهڙي منزل تي پهچي جڏهن جيئڻ جنجال تي پوي، تڏهن پنهنجي آخرين آزادي استعمال ڪريءَ پنهنجي جان وٺي تي ۽ آزاديءَ سان پنهنجو موت قبولي ٿي. اهو موت بہ قسم جو آهي. دنيا ڪائي شيرين يا ليليٰ نہ آهي. فرهاد جي اصل زندگي تہ ڪوهِ بي ستون مان کير جي نهر وَهائڻي هئي، شيرين تہ عام عورت وانگر هئي جا خسرو پرويز جي ڪَڇ ۾ پئي هئي. مجنون لاءِ نجد جي دشت جي وسعت ۽ پنهنجي سرنگونيءَ ۾ گردن مٿي ڪري آسمان جا ستارا ڏسڻ وڏيڪ معنيٰ رکندا هئا. ليليٰ ۽ اُن جو محمل تہ رُڳا استعارا هئا. ليليٰ محمل جي ڪنهن ڪُهار سان لڳي ويجي ها تہ وڏي ڳالهہ نہ هُئي. ها اِها محويت وڏي ڳالهہ هئي جا مجنون کي ليليٰ جي عشق ڏني هئي جنهن هن کان دنيا ۽ مافيها وساري ڇڏي هئي. هڪ پيري برهمڻ آباد جي کنڊر ۾ رُلندي مون هڪ کوپريءَ کي غور سان ڏٺو هو. ڪيئن چئجي تہ اُها راڻيءَ جي هئي يا مهتراڻيءَ جي هئي؟ منهنجي سڪر واري گهر جي ٻاهرين بيٺڪ ۾ هڪ رومانيا جي مصور جي تصوير ٽنگيل هئي جنهن ۾ هڪ فلسفي ميز تي نوٽ رکي ويٺو هو، جنهن جي هڪ پاسي تي دنيا جو گولو رکيل هو ۽ ٻي پاسي تي انساني کوپري رکيل هئي جنهن تي هن جون آڱريون رکيل هُيون. حڪيم عمر خيام جو شعر آهي.

**اين کوزه چون من عاشقِ زاري بوده است**
**دربندِ سرِ زلفِ نگاري بوده است**
**اين دستہ ڪہ بر گردنِ او مي بيني**
**دستي ست ڪہ برگردنِ ياري بوده است**

(ترجمو: هي ڪوزو مون وانگر عاشق زار رهيو آهي. ۽ خوبصورت عورت جي زلف ۾ قابو رهيو آهي. هي هٿيو جو اُن جي گردن تي ڏسين ٿو هٿ اهي جو يار جي

گردن ۾ رهيو آهي.)

ڪنهن ڪهڙو نہ چڱو چيو آهي، "ڪيترا ماڻهو پاڻ کي مارڻ چاهيندا آهن، پر نيٺ پنهنجو فوٽو گراف ڦاڙي ماٺ ٿي ويندا آهن."

ڪاموءَ هڪ هنڌ لکيو هو "مون جنگ عظيم کان پوءِ جي هڪ اديب جي باري ۾ پڙهيو جنهن پنهنجو پهريون ڪتاب پورو ڪري، ان لاءِ خودڪشي ڪئي تہ ماڻهن جو هن جي ڪتاب ڏانهن ڌيان وڃي، پر ڪتاب جڏهن پڙهيو ويو تہ اُن کي چڱو نہ سمجهيو ويو."

ممڪن آهي تہ عرفان مهديءَ پنهنجي ذات ڏانهن ڌيان ڇڪائڻ جي ڪوشش ڪئي هجي، ممڪن آهي تہ هن اهو سمجهيو هجي تہ هُن جي محبوبہ هن جي خودڪُشيءَ تي پڇتاءُ جو اظهار ڪندي ۽ روئيندي. ڪيئن چئجي! اُن ڇيڪريءَ تي ڪا ميار نہ آهي جي هوءَ ٻي ڪنهن دولت مند عاشق جي تلاش ۾ هجي يا اُن سان شادي ڪئي هجائين. عرفان جي تہ غالب وانگر ڪيفيت هئي.

کہتے ہیں جس کو عشق خلل ہے دماغ کا

جي هن کي واقعي ڪائي بامعنيٰ لڳن هجي ها تہ اهي لفظ هڪ سياسي دوست کي نہ چئي ها تہ "مون سان سونهن تي ڳالهاءِ، پيار تي ڳالهاءِ، سياست تي نہ ڳالهاءِ!" والٽيئر هڪ هنڌ چيو آهي تہ "پاڻ کي ناس ڪرڻ کان بچائڻ جو هڪ عملي طريقو آهي ۽ اُهو آهي جو ڪريچ (Creech) نالي هڪ نقاد، ليوڪريشس (Lucretius) جي تنقيد جي مٿان لکيو هو "اهم ڳالهہ- جڏهن هي ڪتاب پورو ٿيو تڏهن خودڪُشي ضرور ڪندس."

هُن پنهنجو وعدو پورو ڪيو ۽ پنهنجو خاتمو هڪ مصنف جي حيثيت ۾ آندائين.

پر جي هو اووڊ (Ovid) تي تنقيد لکي ها تہ زياده جيئي ها.

ساڳي والٽيئر، جو هڪ سنڪي اديب هو چيو آهي، "خودڪُشيءَ جا حمايتي چون ٿا تہ جي اسان پنهنجي گهر مان ڪڪ تي پئون تہ اُها اسان جي مرضي آهي تہ اُن کي ڇڏي وڃون. مان اهو مڃان ٿو- پر ڪيترا ماڻهو اهڙا آهن جي هڪ پڳل، ڦِٽل، ڏٽل گهر ۾ رهڻ ڪليل ٻنيءَ ۾ سمهڻ کان بهتر سمجهن ٿا."

عرفان مهديءَ جي عمر اُها نہ هئي جو موت ۽ حياتيءَ کي فلسفيءَ جي نڪتہ نگاهہ کان ڏسي ها. آرٿر ڪوئسلر جو موت هڪ دهرئي جي زندگيءَ جو منطقي نتيجو هيو جنهن جيئن جي جهرمر ڪافي ڏٺي آهي. اُهو اها ڳالهہ سمجهي وڃي ٿو تہ جي انت اوندهہ ۾ ويٺو آهي تہ اُن ۾ ٽپي پوڻ جو وقت اچي ويو آهي. هڪ شڪي ماڻهوءَ جي ڪيفيت مختلف آهي. جيئن ذوق چيو آهي.

اب تو گھبرا کے یہ کہتے ہیں کہ مر جائیں گے،
مرکے بھی چین نہ پایا تو کدھر جائیں گے۔

ساڳي ڪيفيت شيڪسپيئر جي ڊراما هئلميٽ ۾ آهي.
”هُئڻ“ يا ”نہ هئڻ“. اِهو ئي تہ سوال آهي ”بري نصيب جا ڏک ۽ چُڀَ سهي، من وڏيڪ ڀلو ٿئي ٿو يا ائين چڱو آهي تہ اهنج ۽ وياڪلتا جي سمنڊ کي منهن ڏنو وڃي، اُن جي خلاف هٿيار اُپا ڪيا وڃن ۽ ائين اُن جو انت آندو وڃي.
”مَرجي، ننڊ ڪجي۔
”وڌيڪ نہ رهجي ۽ ننڊ ڪري چئجي تہ اسان دل جو درد ختم ڪيو آهي ۽ ڪيئي فطري صدما پورا ٿي ويا آهن. جي انسان جي گوشت پوست جي حصي ۾ اچن ٿا،
”اها پڇاڙي آهي جنهن جي ڪوئي سچيءَ دل سان تمنا ڪري ٿو.
”مرڻ، ننڊ ڪرڻ! ننڊ ڪري اتفاق سان سپنو ڏسڻ۔
او اتي ئي تہ مَهتو ٿو اچي۔
”جو تہ موت جي ننڊ ۾ ڪهڙا سپنا ٿا اچن. جڏهن هي ناسونت سرير ڇڏي وڃون ٿا. هڪ ڳالهہ اسان تي روڪ وجهي ٿي (تہ اسان سوچون)۔ ”اها ئي ڳالهہ آهي جا ايڏيءَ وڏيءَ زندگيءَ کي آپدا بڻائي ڇڏي ٿي.
”جو تہ وقت جا چهبڪ ۽ چَٺون ڪير سهندو ورودي ڏر جي اونڌي ڪوپريہ ايماني مڙس جو نرادر، پيار جي بي قدريءَ جا سُور، قانون جي گيسر. عهدي جي ڍينائي، اجوڳي جيت لاءِ ڏيرائتو گرُ جڏهن هو رڳي آر سان ڇوٽڪارو پائي سگهي.
”بوجو ڪير ڪٽندو جو ڳهيل هِجيل جيئڻ لاءِ پگهر وهائي ۽ ڪِنجهي ڪُرڪي،
”پر ڪنهن ڳالهہ جو موت کان پوءِ پِئُ هڪ اڻ ڳوليل ڏيهہ. جنهن هنڌان ڪوئي پانڌيئڙو نہ موٽيو آهي، قوت اراديءَ کي مونجهاري ۾ وجهي ڇڏي ٿو ۽ اسان کي مصيبتون برداشت ڪرائي ٿو ۽ اڻ ڏٺل مصيبتن ڏانهن ڊوڙڻ کان باز رکي ٿو.“

***

واقعي شيڪسپيئر هڪ مفڪر شاعر هو. عرفان مهدي تہ هڪ الهڙ ڳڀرو هو. هن ۾ شوپنهار جهڙي ڳڻ ڳوت جو سوچي بہ نہ ٿو سگهجي. شوپنهار هڪ هنڌ خودڪُشيءَ لاءِ چيو آهي.
”جڏهن اسان ڀيانڪ خواب ۾ اَت ڏهڪاءَ جي ڀوائتي پل تي پهچون ٿا، تہ اُهو اسان کي ڇرڪ ڀرائي، جاڳائي وجهي ٿو ۽ سيئي مڪروهہ صورتون جي رات جي پيدائش آهن. هٽائي ڇڏي ٿو. زندگي هڪ خواب آهي ۽ جڏهن گهٽي ۾ گهٽي هيبت جو پُل اسان کي مجبور ڪري ٿو تہ ان کي اڌ ۾ ڪٽي ڇڏيون. تڏهن ساڳي ڳالهہ ٿئي ٿي، خودڪُشيءَ کي بہ هڪ تجربي وانگر سمجهڻ گهرجي. هڪ سوال وانگر جو انسان فطرت کان پُڇي ٿو ۽ اُن کي مجبور ڪري ٿو تہ ان سوال جو جواب

ڏئي. سوال هي آهي: موت انسان جي وجود ۾ ۽ فطرت جي سوجهيءَ ۾ ڪهڙو ڦيرو آڻيندو؟ اُهو هڪ آنارڻيءَ جو اڻڱو تجربو آهي، جو تہ هو انهيءَ شعور کي ناس ڪري نہ ٿو سگهي جو اُهو سوال پڇي ٿو ۽ ان جي جواب لاءِ انتظار ۾ آهي.“

فلسفين تہ افلاطون کان وٺي هيل تائين، ان مسئلي تي غور ڪيو آهي، جن مان ڪن جا ويچار مان پوءِ پيش ڪندس. مون هي سڀ ڪجهہ ان ڪري لکيو آهي، جو تو چاهيو ٿي تہ ان موضوع تي هڪ پورو ڪتاب لکان. احمد سليم امرتا پريتم جي تصنيف ’ايک اُداس کتاب‘ جو اُردو ۾ ترجمو ڪيو آهي ۽ هو اهو تي ڏينهن اڳ مون کي ڏئي ويو. اهو ڪتاب گوهر سلطانہ اعظميٰ ڇپايو هو جنهن مون کي بہ ’نيل کنٹھ اور نيم کے پتے‘ جي اشاعت لاءِ سکر خط لکيو هو ۽ جنهن کي ڪجهہ وقت اڳ لاهور ۾ بيدرديءَ سان قتل ڪيو ويو هو. ان ڪتاب جو جيستائين مان ذڪر ڪيان، جيڪي تي چار خودڪشيون منهنجي دؤر ۾ ٿيون آهن، اهي توکي ٻڌايان ٿو.

ڪي ڪي آپ گهات رڳو ڪلڻ هاب واقعا ٿين ٿا. جيستائين انهن جي پنيان زندگيءَ جي فلسفي تي فڪر نہ آهي، اُنهن جي اهميت نہ آهي. بوٽا سنگهہ نالي هڪ سک عاشق هو ۽ جنهن ورهاڱي کان پوءِ هڪ مسلمان ڇوڪري اغوا ڪري، ان سان شادي ڪئي هئي ۽ اُن مان هُن کي ٻار بہ ٿيا هئا. جڏهن مغويہ هٿ ڪئي وئي ۽ پاڪستان ۾ پنجاب آندي وئي تہ بوٽا سنگهہ هن جي تلاش ۾ هتي آيو. ان ڳالهہ کي ڪيئي سال ٿيا. هو صحافين لاءِ هڪ تماشو ٿي پيو. جي هن جا مسلسل بيان اخبارن ۾ ڇاپيندا رهيا ۽ ڇپن هيٺيان مُرڪ ڏباڻيندا رهيا. ساري المئي تي ڪنهن بہ همدرديءَ سان نہ لکيو ۽ بوٽا سنگهہ ريل جي پٽي تي ڪنڌ رکي جان ڏني! پلا هڪ سک ڪيئن هڪ مسلمان زال کي واپس وٺي وڃي ها! برِصغير جي لرزائيندڙ تاريخ لونءَ لونءَ ڪانداري ڇڏي ۽ ساحر لڌيانوي سوڏا اُنهيءَ هر شاعر جا نظم ياد اچي ويا جي ورهاڱي کان پوءِ لکيا ويا هئا. ڇا بوٽا سنگهہ، جو هڪ اڻ پڙهيل جاٽ هو اُنهيءَ مان اهڙي آپ گهات جو پؤ تي سگهي پيو؟ سيني هن جا آپ گهات جا دڙڪا ڪِلي تاري ڇڏيا. جيستائين اُهو آپ گهات ساپيا تي ويو. ڇا هُن کي ڪائي سڪٽي نہ ٿي ملي سگهي؟ هُن لاءِ اُها مسلمان عورت، جنهن هُن ڏانهن وڃڻ بہ نہ ٿي چاهيو ايتري اهميت واري ڇو ٿي جو هن ريل جي ڦيٽي هيٺيان ڪنڌ رکي ڇڏيو؟ ڪٿي هن جي بيان بازيءَ جي اشاعت هُن کي ڦونڊ ۾ آڻي تہ نہ ڇڏيو هو جو هن وڏيڪ شهرت لاءِ سر جي بازي لڳائي ۽ هن کي پوئين وقت تائين اها اُميد هئي تہ ڊرائيور هن جي ڪنڌ ريل جي پٽي تي ڏسي، ريل روڪي ڇڏيندو؟ ٽين ڏينهن بُوٽا سنگهہ جي انهيءَ جوءِ ڪنهن مسلمان سان شادي ڪئي هئي ۽ هن کي من تان ميساري ڇڏيو هئائين. نانڪ جو آواز هونءَ بہ

مسلمانن تي اثر انداز نہ ٿيو هو نہ تہ هو پنجاب جو ورهاڱو نہ ڪن ها.
احمد سليم اُردو شاعره سارا شگفتہ جي خودڪُشيءَ تي بہ ڪتاب لکيو آهي. جا عطيہ دائود جي گهري ساهيڙي هئي ۽ جنهن لاءِ عطيہ چوندي آهي تہ هوءَ پنهنجي انت تي اڳيئي پهچي وئي هئي ۽ موت هُن جي لاءِ نجات تي آيو. ان جي برعڪس مصطفيٰ زيديءَ جو موت مضحڪ خيز هيو. هو جو پهرين تيغ الله آبادي هيو ۽ پوءِ مصطفيٰ زيدي ٿيو هڪ سي. ايس. پي ڊپٽي ڪمشنر هو. ايوب خان جي دؤر ۾ اِي سي ايس پي ڊپٽي ڪمشنر آسمان سان ڳالهيون ڪندا هئا ۽ هر ڪوئي پاڻ کي ڪنهن فرينچ ائرسٽو ڪرئٽ وانگر پائيندو هو. هو اڪثر شراب نوشيءَ ۾ وقت ضايع ڪندا هئا. اهو شراب ڪين سنڌ ۾ مختيارڪار پهچائيندا هئا، جي اهو بار تپيدارن تي رکندا هئا تہ هو صاحبِ بهادر لاءِ هيتريون بوتلون مُهيا ڪن. هڪ ڀيري سکر جي هڪ ڊپٽي ڪمشنر جي گهر فيض، فراز ۽ مان ۽ ڊپٽي ڪمشنر صاحب وسڪي پي رهيا هئاسون ۽ ڊپٽي ڪمشنر صاحب فيض کي فيض جا ئي شعر ٻڌائي رهيو هو پر فيض وسڪيءَ جو قرض ادا ڪرڻ بدران مون سان ڳالهائي رهيو هو. (فيض سکر ۾ مون کان سواءِ وسڪي نہ پيئندو هو). هن وقت مون ڊپٽي ڪمشنر شاعر مصطفيٰ زيديءَ جي ڳالهہ تي ڪئي جو جوش مليح آباديءَ جو لاڏلو هو ۽ هن جي شاعريءَ تي جوش جو رنگ چڙهيل هو. هن جا اُردو شاعريءَ جا چار ڪتاب بہ ڇپيل آهن. اوچتو هن کي پنهنجي ڪمري ۾ مئل ڏٺو ويو. هن خودڪشي ڪئي هئي ۽ هن جي پرسان هُن جي محبوبہ شهناز بي هوش هُئي. جڏهن هوءَ هوش ۾ آئي تہ هُن وٺي رڙيون ڪيون. جاچ ۾ مصطفيٰ جي ڪمري مان بجليءَ تي هلندڙ مردانا عضوا مليا جي سيڪس لاءِ ڪم ايندا آهن ۽ پڪاڊليءَ لنڊن جي سيڪس شاپس ۾ ملندا آهن. پوءِ بہ ويچاريءَ شهناز تي زيديءَ جي قتل جو مقدمو هلايو ويو. صحافين کي رؤنشو ملي ويو ۽ عدالت ۾ هن جي پيشين جون خبرون شہ سُرخين سان ڏنيون ويون. هن جو مُڙس جو هُن سان هر پيشيءَ تي نهايت صبر سان گڏ هوندو هو. اُن سان همدردي ڪنهن نہ ڪئي. منهنجي وڪالت ۾ منهنجي ڪنهن وقت پائيوار سنڌ جي چيف جسٽس شيخ عبدالقادر خبرون پڙهي شهناز کي هاءِ ڪورٽ ۾ حاضر ٿيڻ لاءِ پاڻ ئي نوٽس ڏنو پر پوءِ شايد اها ڪارروائي سپريم ڪورٽ ختم ڪري ڇڏي. شهناز مقدمي ۾ ڇُٽي وئي آهي يا مري وئي آهي. مون ڪٿي پڙهيو هو تہ روم جي شهنشاهہ نيرو پنهنجين رنگ رلين ۾ وينو هو تہ ڪنهن ڪنيز ڪيس ڪن ۾ اَچي چيو. ”تُنهنجيءَ فلاڻي سُريت خودڪُشي ڪئي آهي.“ نيرو فرش تي شراب جو جام رکي رڙ ڪئي، ”ڇا، مُنهنجي مرضيءَ کان سواءِ؟“ پاڪستان جي سي. ايس. پي نيرو پنهنجي مرضيءَ سان نہ رڳو پنهنجي پر پنهنجي ڪنيز جي وسڪيءَ ۾

باربي چوريٽ (Barbiturate) وجهي خودڪشي تي ڪرائي پر هوءَ بچي وئي، ادبي نيرو عبرت جو موت مري ويو.

جوش مليح آبادي پنهنجي پراڻي تيغ الله آباديءَ تي رقت انگيز نظم لکي، هڪ بزرگ شاعر جو فرض ادا ڪيو هو. جڏهن مون تي 'روزانيءَ مهراڻ' ۾ ڪفر جون فتوائون اچي رهيون هيون تڏهن مون کي منهنجو دوست غلام رباني (جو هاڻي پاڪستان ائڪيڊمي آف ليٽرس جو چيئرمين آهي ۽ سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ منهنجو پرو وائيس چانسلر هيو) علامه آءِ آءِ قاضيءَ سان ملڻ لاءِ وٺي هليو هو. تڏهن علامه صاحب جي اهليا ايلسا قاضي جيئري هئي ۽ هوءَ به اسان جي پرسان وٺي هئي. علامه صاحب مون کي پڏائي رهيو هو ته هُن جي سوٽ ۾ نو چٽيون لڳل هيون جيئن حضرت عمر کي چوغي ۾ لڳل هونديون هيون. هن اسان سان امام غزاليءَ کان وٺي علامه اقبال جي فلسفي تي ڳالهايو جو اسان نهايت خاموشيءَ سان پڌو ۽ هن سان قطع ڪلامي نه ڪئي. هن شاهه جي رسالي جي نئين سر ترتيب ڏني هئي ۽ ان ۾ آخر ۾ سُر سهڻي ڏنو هيائين ڇو ته زندگيءَ جي معراج اها هئي ته ميهار جي بنسري پڌي، سُهڻي گهيڙ ۾ گهڙي، جڏهن هوءِ وچ سير تي پهتي ته پيلو پڃي پئي ۽ هوءَ ميهار کي پڪاريندي، غرقاب ٿي وڃي. علامه شاهه لطيف جي هيٺئين سِٽ تي به پنهنجي نڪته نگاهه سان ڪافي روشني وڌي هئي.

"ڪهڙي منجهه حساب، منهنجو هڻڻ هوت ريءَ"

۽ پوءِ انهيءَ سِٽ ۾ آيل لفظن 'حساب' ۽ 'هوت' تي ڪافي وقت پنهنجي مخصوص انداز ۾ ڳالهايو هيائين. ڪجهه وقت کان پوءِ ايلسا قاضي گذاري وئي ۽ پوءِ علامه آءِ آءِ قاضيءَ سنڌوءَ ۾ ٽپو ڏئي خودڪشي ڪئي. سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ وائيس چانسيلر جي بنگلي کان سو قدمن تي علامه آءِ آءِ قاضيءَ جي مزار هوندي هئي ۽ مان اُن تي هليو ويندو هوس ۽ مون کي ان ڳالهه جو سبب سجهي ايندو هو ته علامه آءِ آءِ قاضي رسالي ۾ 'سُر سهڻي' آخر ۾ ڇو ڏنو هو ۽ هن کي اها سٽ ايڏو ڇو پسند هئي.

'ڪهڙي منجهه حساب، مُنهنجو هڻڻ هوت ريءَ'

عرفان مهدي جو نه هوت اهڙو هو نه هن جو حساب ساڳو هو. هن ته بار وانگر ننهن سان نَوڙڻ ڪيڏي هئي.

هاڻي مان اچان ٿو امرتا پريتم جي *'ایک اُداس کتاب'* تي. اُن ۾ گهڻو ڪري اُنهن اديبن جو ذڪر آهي، جي بقول فيض *'ہم جو تاریک راہوں میں مارے گئے'* جو مثال هئا. اُنهن مان روسي شاعر آسپ مينڊالستام کان سوا، باقي گهڻو ڪري ڪميونسٽ ها. انهن مان جن خودڪُشي ڪئي هئي، سي هُيا جيڪ لنڊن، ولاديمير مايا

ڪوفسڪي، ارنيسٽ هيمنگوي، ڪاوا باتا، آٽيلا جورف، لوڪيوشما، جن مان مايا ڪوفسڪي ۽ هيمنگوي تي مان اڳيئي لکي چڪو آهيان. انهيءَ ڪتاب جي ٻي حصي ۾ اُهي هئا جي ماريا ويا هئا. ڪميونسٽ جي خودڪُشيءَ کي مان هيروئنيءَ جي خودڪشيءَ کان وڌيڪ اهميت نہ ٿو ڏيان. خودڪُشيءَ واري حصي ۾ جپاني شاعر يوڪيوشما جو آخر ۾ ذڪر آهي جنهن "هارا ڪيري" (Hara Kari) ڪئي هئي، جا مان ترڙاپ جي خون آلود انتها پسندي سمجهندو آهيان.

جيڪ لنڊن، جو ناول نويس هو ۽ جنهن جي ناولن کي ڪميونسٽ روس ۾ ڪافي اهميت ڏني ويندي هئي، اُن بيحد محنت ڪري، اسي هزار ڊالرن ۾ هڪ خوبصورت گهر ٺهرايو هيو پر جنهن رات هو اُن گهر ۾ پهريون پيرو ويٺو هو، اُن گهر کي باهہ لڳي وئي هئي ۽ اهو جلي ڀسم ٿي ويو.

امرتا پريتم لکيو آهي تہ 'جيڪ' جي باري ۾ چيو ويندو آهي تہ هُن جي چپن تي اهڙي مُرڪ هوندي هئي جو اهڙي مُرڪ جي ڪنهن پادريءَ جي چپن تي هجي ها تہ ساري دنيا مذهبي ٿي وڃي ها."

"جيڪ بہ پيرا شادي ڪئي هئي ۽ ٻئي پيرا مايوس ٿيو هو. هن جو هڪ خواب آخر تائين قائم رهيو تہ هو پاڻ جهڙي ڪائي سنجيده عورت هٿ ڪري ۽ هن سان پيار ڪري"

"هُن زهر کاڌو. پتو نہ آهي تہ هن جي اکين ۾ ڪنهن جو لاش هيو!"

ارنيسٽ بہ هڪ سوشلسٽ هو. هو جرمن ٻوليءَ ۾ شاعري ڪندو هو ۽ ڊراما لکندو هو. هو پهرين مهاڀاري لڙائيءَ ۾ ڦٽجي پيو هو ۽ 1939ع ۾ آپ گهات ڪيو هيائين . ڪاوا باتا جپاني ناول نويس هو جنهن کي 1968ع ۾ نوبل پرائيز مليو. 1972ع ۾ هن ڪمري ۾ گئس کولي ڇڏي ۽ خودڪُشي ڪئي. هو دوستو وسڪيءَ کان متاثر هو. جنهن جي ڪن ڪردارن خودڪشي ڪئي هئي ۽ ڪي جنس زدگيءَ جو شڪار ها. امرتا پريتم هڪ سهڻو مرڪب لفظ آڻي ڪاوا باتا جي ڪردار نگاري ڪئي هن کي هڪ ڪانچ_ڪنواري جي حسرت هئي جا هن جي تخليق ۾ بادلن وانگر چمڪندي آهي. 'ڪانچ' وانگر 'ڪنواري' ڪهڙو نہ پيارو لفظ آهي. نہ ڄاڻان هن جي زندگي ڪانچ وانگر چو ٽُٽي پئي. هو مشرق جي گم ٿيل صدين کي ڏسڻ چاهيندو هو ۽ چوندو هو تہ مان شايد گم ٿيل صدين جو شهري آهيان هو آخر صدين ۾ گم ٿي ويو ۽ انهن جو اتوٽ انگ ٿي ويو.

اٽيلا جوزف جا نظم مون لنڊن ۾ خريد ڪيا ها.مان 1977ع ۾ ڪرام ويل هاسپٽل جي لڳ فليٽ ۾ رهندو هوس. اُن کان سو ڪن قدم پري هڪ خوبصورت پول عورت جو دڪان هيو جا ڪميونسٽ دشمن ٿي لڳي. هن جي دڪان ۾ گهڻو ڪري ڪميونزم جي خلاف ڪتاب هيا. اُتان مان پولينڊ جي ليڪ وليچا جي

زندگيءَ تي هڪ ڪتاب پولينڊ هنگري ۽ چيڪو سلوواڪيا جي شاعريءَ تي ڪجهه ڪتاب ۽ اٽيلا جوزف جي شاعري جو ڪتاب ورتو هو. جنهن هنگريءَ جي هڪ صوبائي شهر ۾ ريل جي ڦيٿن هيٺيان سر ڏئي خودڪشي ڪئي هئي پر اها خودڪشي منهنجي هم ڪلاسيءَ وانگر نہ ڪئي هئي جنهن منگهارام ملڪاڻيءَ جي ڌيءَ جي پيار ۾ مايوس ٿي ڪئي هئي.

اٽيلا جوزف، جنهن جي شاعريءَ جو ترجمو ائنٽن اين اين نير گيس (Anton N.Nyerges) انگريزيءَ ۾ ڪيو آهي. تنهن لکيو آهي تہ سياسي طور جوزف جي سياسي ۽ سماجي زندگي جي باري ۾ مخصوصيت ۽ پوري پوري سچائي هُئي. هو هڪ کرو نيٺ پرولتاري شاعر هو جيئن آواگون، ايولار، ناظم حڪمت، پبلو نرودا ۽ هنگريءَ جو شاعر انيڊري ائڊي (Andre Adie) هوندا هئا. 1969ع ۾ ساڳي مصنف (Poems of Andre Adie) انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪري ڇپايون هيون. فيض پرولتاري گهٽ رومانيت پسند وڌيڪ هو ۽ هُن کي چاهڻ وارا گهڻو ڪري پاڪستان جي ملٽري بيورو ڪريسيءَ وارا ها.

اٽيلا جوزف شاعر هو ۽ 'روح جو انجنير' نہ هو جئن اسٽالن شاعرن لاءِ چيو هو. ۽ نہ هن شعر کان پڪڙ ۽ پاڻي جو ڪم ورتو هو. هو ترنم جي دنيا جو اسپنوزا يا رسيل (Russell) هو. ائين آهي تہ تصور هن جي شاعريءَ جو رَت سَت آهي. پر اُهو حقيقت تي ٻڌل آهي. نظرئي ۽ فلسفي ۾ بہ. هن اهائي خصوصيت برقرار رکي. هن اهڙا اثراتا ۽ حيرت جهڙا تصور چٽيا جي تهذيب جي علي الصبح کان چٽيا ويا آهن ۽ اسان کي اهو پڙهي ڪڏهن عجب اچي ٿو تہ اهي اسان کي وٽن چو ٿا! امرتا پريتم اٽيلا جوزف جا نظم نہ پڙهيا آهن ۽ شايد هن تي ڪوئي مضمون پڙهي، هُن تي لکيو آهي.

اسپتال ۾ جوزف جي مرض جي تشخيص ماليخوليا (Schizophrenia) ڪئي هئائون. هو هڪ نئين نفسياتي، معاشرتي ۽ جمالياتي اهميت وارو شاعر هو. جوزف نہ رڳو معاشي انصاف جو حامي هو پر هن هڪ نئون نظام پئي چاهيو جو مشين پرسان مزدور پيدا ڪري رهيا ها، جيئن ڪسان ڌرتيءَ جي ويجهو ڪسابن کان ڪندا آيا ها.

زندگي نهايت ظالم آهي ۽ نيٺ هو تڙڪي پيو ۽ خودڪُشي ڪيائين. اهي شاعر، هرزار، هر قيصر، هر ڪسريٰ، هر خاقان چين ۽ شاهہ ايران کان. وڏا ماڻهو ها جو تہ اهي سچا ماڻهو ها. حاڪم يا سياست جا صاحب تيج ها، ڪوڙا ها، رج جا رولاڪ ها جن جي اُڃ ٻجهي نہ ٿي ٻجهي، جيستائين موت اُنهن جو تارون هميشہ لاءِ خُشڪ ڪري ٿي ڇڏيو. انهن شاعرن جي خودڪشي لکين زندگين تي ڀاري آهي ۽ تاريخ ۾ صبح وانگر چمڪي رهي آهي. قبر اُنهن کي انڌاري ۾ ڍڪي نہ

سگهي آهي. مون برک ڪهاڻيڪار، نثري نظم جي شاعره ۽ ٽي وي اسڪرپٽ رائيٽر نور الهديٰ شاهه جي ڪنهن ڪتاب ۾ اٽيلا جوزف جو نالو پڙهيو هو. نه معلوم هن اُهو ڪٿي پڙهيو هو؟ ڪميونزم جي بربريت کان نفرت جي باوجود دل چوي ٿي ته مٿي ذڪر ڪيل ڪميونسٽ معاشري ۾ انسان اهڙا ٽيڻ گهربا ها، جهڙا اُهي شاعر ها. هو درندا چو ٿي پيا اها ڳالهه به تجزئي طلب آهي. چوته اسان کي تاريخ کي دهرائڻو نه آهي، اُن مان سبق سکڻو آهي. جي اسان اُنهن آدرش وادين جي ڪڏ لڳا سين جن جي دماغن تي چارا چمي ويا آهن ته سنڌ جو ڪوئي نيتارو نه ٿيندو. ڪتاب جي ٽين حصي ۾ شڪيب جلاليءَ جو ذڪر آهي. جو شايد احمد سليم ڪيو آهي. شڪيب منهنجو دوست ته نه هو. پر واقف هو. هن 12 نومبر 1966 ع تي هلندڙ ريل گاڏيءَ جي اڳيان ليٽي خودڪشي ڪئي. هن جي صورت ڏسي. خواب خيال به نه ايند هو ته هن جي زندگيءَ جو سفر ائين ختم ٿيندو ۽ ريل گاڏي هن جي لاش کي چچري اڳتي نڪري ويندي. هو موت کان پوءِ ادبي دنيا ۾ وڌيڪ چاتو سڃاتو ويو آهي. احمد سليم هن جو شعر ڏنو آهي:

آ کر گرا تھا پرندہ لہو میں تر،
تصویر اپنی چھوڑ گیا ہے چٹان پر.

يا ته هن کي موت جو ڏهو پوندو هو يا ته هن اڳيئي، ست سٽي هئي جڏهن هُن مٿيون سٽون لکيون هيون. ساري شعر ۾ پاڻ تي رحم جو جذبو ڪار فرما آهي. ويچارو ٿلير (مهاجر اديبن کي پنجابي اديب ٿلير (وهيو) ڪوٺيندا آهن) ڪٿي نه اچي رتو چاڻ تي ڪريو آهي! چا نه موجوده سياست ۽ اُردو ادب جي پيش بيني آهي!

مشهور انگريز ناول نويس. ورجينيا وولف جي آپگهات جي باري ۾ مون ڪيترو وقت اڳي پڙهيو هو.

1941ع ۾ 59 ورهين جي عمر ۾ هوءَ اوُز (Ouse) نديءَ ۾ ٻڏي مئي هئي. هن کي نه رڳو بين الاقوامي شهرت حاصل هئي پر پرپور زندگي به هئي. هونءَ هوءَ نفسياتي مريضه ته هئي پر مان پانيان ٿو حسن جي الوداع ڪنهن وقت عورت لاءِ برداشت کان ٻاهر ٿي وڃي ٿي ۽ اها ئي هُن جي آپ گهات جو ڪارڻ هئي. جي ٻيو ڪو ڪارڻ هو ته اُهو هي ته هوءَ وڌيڪ لکي نه ٿي سگهي. هن جا شيڪسپيئر کان به وڌيڪ سوانح نويس ٿيا آهن. ڊڪشنري آف آرٽ ۾ هن جو پورٽريٽ ڏسي مون کي محسوس ٿيو ته هوءَ لُڙهي وئي هئي.

هن آپ گهات کان اڳ ۾ 18 مارچ 1941ع تي پنهنجي مڙس ليونارڊو لاءِ هيٺيون خط ڇڏيو هيو.

"پراڻ کان پيارا"

مون کي پڪ آهي ته مون کي وري چريائيءَ جو ٻيهر لڙهو اچي رهيو آهي. مان

اُنهيءَ دؤر مان وري گذرڻ نہ ٿي چاهيان. مان هن پيري چاق نہ ٿيندس. مان آواز ٻڌي رهي آهيان ۽ ڊنپ جو ڳالهاءُ جڻ ڪنو ٿي اچي رهيو آهي. سو مان اهو ڪري رهي آهيان جو ان حالت ۾ مون کي بهتر ٿو لڳي. تو مون کي هر ممڪن خوشي ڏني آهي. هر صورت تون ايترو چڱو رهيو آهين جيترو ڪوئي بہ ٿي سگهي ٿو. مان نہ ٿي ڀانيان تہ ٻيا بہ ڄڻا گڏجي ايترو خوش رهي سگهن ها (جيترو اسان رهيا آهيون).

جيستائين مون کي هيءَ خوفائتي بيماري ٿي، مان ان سان وڏيڪ وڙهي نٿي سگهان. مان ڄاڻان ٿي تہ مان تنهنجي زندگي خراب ڪري رهي آهيان. مون کان سوا تون ڪم نہ ڪري سگهندين ۽ توکي مان ياد ڪندي رهندس. تون ڏسين ٿو تہ مان پوريءَ ريت لکي بہ نہ ٿي سگهان. مان پڙهي نہ ٿي سگهان. مان جيڪي چوڻ چاهيان ٿي اُهو اهو آهي تہ مان ساري حياتي جي خوشيءَ لاءِ تُنهنجي ٿورائتي آهيان. تون مون سان نهايت صبرائتو هليو آهين ۽ ايترو چڱو هليو آهين جو نہ وسهڻ جوڳو آهي. مان اهو چوڻ چاهيان ٿي توڙي ان ڳالهہ جي هر ڪنهن کي خبر آهي. جيڪڏهن ڪوئي بہ مون کي بچائي سگهي ها تہ اُهو تون هئين. مون هر شيءَ وڃائي ڇڏي آهي، سوا تنهنجي چڱائيءَ جي، پر مان تنهنجي زندگي وڌيڪ خراب ڪرڻ نہ ٿي چاهيان. مان نہ ٿي ڀانيان تہ ڪي بہ انسان اسان ٻنهي کان وڌيڪ خوش رهي سگهن ها.

تنهنجي ورجينيا

مان ڀانيان ٿو تہ حشو ڪيولراماڻيءَ بہ پاڻ کي اُلهاس نديءَ ۾ ٻوڙي ماريو هو. حشوءَ جي ڀاڻتي ماڌوءَ پنهنجي گهر منهنجي دعوت ڪئي هئي جتي مان، منهنجي زال زرينہ ۽ ڪلاپرڪاش، ماڌو ۽ هن جي زال جا مهمان هياسين. اُتي ماڌوءَ ٻڌايو هو حشو "مون کان سؤ روپيا وٺي، ڪجهہ نظم ٽائيپ رائيٽر تي ٽائيپ ڪري، اُلهاس نگر هليو ويو هو ۽ پوءِ گم ٿي ويو هو ۽ هن جو لاش بہ نہ لڌو هو. تن ڏينهن ۾ ڏاڍي برسات پئي هئي ۽ اُلهاس نديءَ ۾ ٻوڏ آئي ۽ شايد حشو اُن ۾ ٻڏي ويو هو.

پنهنجي ڪتابن ۾ امرتا پريتم ٻيون شاعرائون ڏنيون آهن. جن خودڪشي ڪئي هئي مثلاً سوئٽزرلينڊ جي شاعره ايفنسياستورني، سئيڊن جي شاعره ڪارن بوءِ، اطالوي شاعره انتونيا پزي، آمريڪي شاعره جوليا ڊي برگو آفريڪي شاعر انگرڊ جونڪر جن جي شاعري ۾ ايتري بہ جان نہ آهي جيتري اسان جي شبنم گُل ۾ آهي. آخر ۾ هن آمريڪي شاعر سلويا پاٿهہ جو ذڪر ڪيو آهي، جنهن جي خودڪُشيءَ جو مٿي ڄاڻايل The Saving God, a study of suicide جي پهرين باب ۾ ڀرپور ذڪر آهي. اسان جون لوڪ ڪٿائون تہ آپ گهات سان ڀريون پيون آهن.

سهڻي ٻڏي هُئي، سسئي رُلي هئي، مومل ۽ سورٺ ڏاگهہ تي چڙهيون، ليلا

اخلاقي خودڪشي ڪئي ۽ ڪيڏارو اجتماعي خودڪشي آهي.

شيڪسپيئر جون ڪيئي ڪاميڊيون آهن. شاهه ۾ سُر گهاتوءَ کان سوا، جي اُن جي ڪاميڊي چئجي، ڪائي ڪاميڊي نه آهي. سنڌ رڳو ٽڏو ساهه آهي، سيسرات آهي.

عرفان مهديءَ جي زندگيءَ جي حالتن جي مون کي پوري ڄاڻ نه آهي ۽ ان ڪري هن جي خودڪشي جو گهرائيءَ ۾ وڃي، نفسياتي ۽ معاشرتي تجزيو نه ٿو ڪري سگهان.

هن جي زال هن جي محبوبه هئي. هن ٻيءَ ڪنهن سان محبت ڪئي هئي. ائين ته هيمنگوي هڪ ٻي پوڀان چار شاديون ڪيو هيون ۽ چار ئي هن جون محبوبائون هيون. ماڻهو هن جي لنبي ڪهاڻي ڪلمنجارو جي برف (Snows of Kilmanjaro) پڙهي ڏُک ۾ ويڙهجي ٿو وڃي. پر هيمنگوي سان عشق به طرفو معاملو هيو جيئن تيڻ گهرجي. هڪ ماڻهو بيزار هجي، ته ان کي زوريءَ پاڻ سان پلئه ۾ آٽڻ بيڪار آهي. هيمنگوي کي موٽر بوٽ هئا، هوائي جهاز هئا، موٽرون هُيون، بنگلا هئا، ڏات هئي. چار چا چاليهه عشق ڪري سگهي ها، آخر عشق جا ڪي لوازمات به آهن. سڄي ماڻهوءَ جي سوڙ هڪڙيءَ جي پاڪر کي سيءَ ۾ ڍڪي سگهي ته وڏي ڳالهه آهي! مايا ڪوفسڪيءَ جي ٽين محبوبه ذري گهٽ هڪ طرفو معاملو هئي. پر مان ڀانيان ٿو ته اها ڳالهه به هڪ بهانو هئي. دماغ جون رڳون ته هُن جون اُن معاشري تپائي ڇڏيون هيون جو استالن پيدا ڪيو هو. پوءِ به غالب واري ڳالهه:

ہم ہیں مشتاق اور وہ بیزار
یا الاہی یہ ماجرا کیا ہے؟

عشق ۾ نه ٿي هلي سگهي.

عشق ته دونون طرف هي آگ برابر لگي هوئي وارو معاملو آهي ۽ مون ته ان کان سوا ڪڏهن به عشق نه ڪيو آهي. پارٽيءَ جو کهڙو ڪم ته ڪنهن کي عشق لاءِ فضا آسان ڪري ڏئي؟ مون کي ارشاد ڪاظمي سان ان تي اتفاق نه آهي. پارٽي ڪا مٽيءَ واري نه آهي، وچ ڪُٽني نه آهي، دلين جي دلال نه آهي.

مان ڀانيان ٿو ته جنهن ڇوڪريءَ هن کي ڪنگلو چئي، رد ڪري ڇڏيو سا حق بجانب هُئي. پيار ڪازور جي ميندي ته نه آهي. هر شخص ڀتائي ته نه آهي ته ڪنهن جي ٻانهن ۾ هٿ وجهي چئي، "جنهنجي ٻانهن سيد جي هٿ ۾ تنهن کي لهر نه لوڏو."

ها، ائين برابر آهي ته ظفر اُجڻ فهميده رياض کي آفس ۾ ٻانهن ۾ هٿ وجهي چيو هو "مون سان شاديءَ ڪنديئن؟" فهميده هن کي گهريءَ نظر سان ڏسي چيو هو

"هائو". نہ چاڻ نہ سجاڻ. ٻنهي جي اوچتو شادي ٿي وئي هئي.

نوٽ: اها ڳالهہ مون کي فهميده پاڻ ٻڌائي هئي.

نہ نہ ايملي برانتي (Emily Bronte) Wuthering Height واري ڳالهہ فقط ناول ۾ آهي، زندگي ۾ نہ آهي. پيار لاءِ فضا اهڙي هجڻ گهرجي، جو بہ انسان هڪ ٻئي کي ڏسي چون تہ اسان تہ هڪ ٻئي کي جُڳ جڳانتر کان سڃاڻون ۽ پوءِ جيڪڏهن وِڇڙي بہ وڃن تہ هنن کي اها آس هجي تہ اسان وري ڪڏهن نہ ڪڏهن ملنداسون. اهڙي هڪ پياري مون کي پهرين ملاقات کان ٽيهہ سال پوءِ ملي. عمر هن ۾ ڪوبہ ڦيرو نہ آندو هو ۽ هوءَ اڃا جيئن پرڪشش هئي. اسان هڪ نگاهہ ۾ ٽيهن سالن جو حال اوريو ۽ الوداع ڪئي تہ وري ٻئي جنم ۾ ملنداسين.

هينئر چانڊوڪي الومينم جي دريءَ جي شيشي مان ڪمري ۾ پئجي رهي آهي. بارش جي رات آهي. پوهہ جو سيءُ ٻاهر سياٽا ٿو وجهي ۽ مون کي ياد اچي ٿي اها رات جڏهن مان هُن سان ڪلفٽن بيچ تي وينو هوس ۽ چنڊ آڪاس جي ڪارين گهٽائن مان واري واري سان نڪري آيو هو. مون اُن وقت بہ سوچيو هو تہ هُن سان قريبي ملاقات لاءِ هي جنم ڪافي نہ آهي.

عرفان پنهنجي زندگي هڪ ڪچڙي ٻوٽي وانگر پٽي ڪري ڪيترا نہ گل ضايع ڪري ڇڏيا جي اُن ۾ ڪنهن وقت چمن ها جي اهو پٽجي نہ وڃي ها!

هاٺي اکين جا ڇپر مزدور جي چيلهہ تي ٻن ڳورين ڳوٺين وانگر ٿي ويا آهن. رات جا ٽي لڳا آهن. ننڊ ٿي اچي.

(9_10جون 1994ع)

(عرفان مهديءَ جي خودڪشيءَ تي مظفر چانڊئي ڏانهن لکيل
شيخ اياز جو ٻيو خط)

# خودڪشيءَ جو خط

17 جنوري 1993ع

پيارا ڀاءُ مظفر.

مان نہ فنا في الدنيا رهيو آهيان. نہ فنا في الله رهيو آهيان. پر فنا في الفن رهيو آهيان. انهيءَ ڪري في الحال فن ۾ خودڪشيءَ ۽ اُن جي فلسفي تي لکي رهيو آهيان. مان پهريون شاعر آهيان جنهن کي جڏهن ڊاڪٽر منع ڪئي هئي تہ اسپتال ۾ تون ايترو نہ لک تہ مون هن کان پڇيو هو. "تو ڪڏهن ڪنهن شاعر جي دل جو علاج ڪيو آهي؟" جڏهن هن جواب ڏنو هو تہ "نہ" تڏهن مون هن کي چيو هو تہ "شاعري منهنجو بهترين علاج آهي." جڏهن هو ان ڳالهہ تي کليو هو تہ مون هُن کي چيو هو "توکي پنهنجي ڪتابن تي ڏاڍو ٻانور آهي نہ؟ مان چوان ٿو تہ مان ساري ساري رات لکندس ۽ نہ مرندس." مون کي چار ڀيرا هارٽ اٽئڪ ٿي ۽ مان بچي ويس ۽ پوءِ موت ٺڪجي پيو. مون هُن کي چيو "ترس تنهنجو وارو ايندو. پر في الحال قدرت مون کي ڪجهہ ڪم سُپرد ڪيو آهي. جيستائين مان اُهو پورو نہ ٿو ڪيان، تيستائين تون منهنجي ڪمري ۾ گهڙي نہ ٿو سگهين." جي غالب جيٿرو هجي ها تہ منهنجي باده خُوار هجڻ جي باوجود مون کي ولي سمجهي ها.

بهر صورت مون موت تي ايترو سوچيو ۽ لکيو آهي جيترو دنيا جي ڪنهن بہ شاعر سوچيو ۽ لکيو نہ آهي.

مون هميشہ ائين محسوس ڪيو آهي.

موت اک زندگی کا وقفہ ہے،
یعنی آگے چلیں گے دم لے کر۔

منهنجي ڪيفيت فاني بدايونيءَ واري نہ آهي.

اک معما ہے سمجھنے کا نہ سمجھانے کا،
زندگی کاہے کو ہے خواب دیوانے کا۔

مون لاءِ زندگي فن لاءِ، فڪر لاءِ فلسفي لاءِ آهي. انسان ۽ هن جي ڪائنات

ڪي سمجهڻ لاءِ آهي. روح ۽ اُن جي پايندگيءَ ڪي ويچارڻ لاءِ ۽ خدا، جنهن رنگارنگ ڪائنات هڪ ڪن ۾ خلقي هئي ۽ ڌرتيءَ تي پهاڙ ميخون ڪري کوڙيا هئا، اُن جي ڄاڻ لاءِ آهي ۽ ڄاڪاڻ جو خودڪُشي اُن زندگيءَ جو انت آهي، اُها بہ غور طلب آهي.

ان موضوع تي مون ڪتابن ۾ ڪافي پڙهيو آهي. جن مان ڪي ڳالهيون منهنجي ذهن ۾ اٽڪي بيٺيون آهن. منهنجو خيال آهي تہ پهريون اُهي لکان. منهنجو پيءُ هڪ سٽ پهاڪي وانگر دهرائيندو هو "ڪاڏي ويو پڙهين ماڻهين، اجا نہ ٿو ڄاڻين!"

ڪاليج واري دؤر ۾ مون حشوءَ جي لئبرريءَ مان سيزار پاويس جي ڪتاب "زندگيءَ جو ڪاروبار" (Business of living) مان هڪ ٽڪرو اُتاري ڇڏيو هو "موت لازمي ايندو ۽ عام سببن جي ڪري اُهو اڻ ٽر آهي ۽ انسان ساري زندگي ان لاءِ تيار آهي ۽ اهو واقعو ائين فطري آهي جيئن مينهن جو وسڪارو ٿيندو آهي. مان خود انهيءَ خيال تي راضي نہ آهيان. آخر موت ڪي پنهنجي ارادي جي آزاديءَ سان ڇو نہ ڳولي لهجي ۽ پنهنجو چناءُ جو حق جتائجي ۽ اُن ڪي ڪجھ اهميت ڏجي؟ ان ڪي ماٽ ميٽ ۾ اچڻ ڇو ڏجي؟ ڇو؟

سبب هي آهي. هر ڪوئي فيصلو ملتوي ڪري ٿو ڇڏي ۽ ائين محسوس ٿو ڪري يا ائين آس ٿو رکي تہ زندگيءَ جو هڪ ٻيو ڏينهن، هڪ ٻيو ڪلاڪ، متان اسان کي آزاديءَ جي چُناءُ جو موقعو ڏئي، جو موقعو اسان کي موت نہ ڏيندو. مطلب تہ ڄاڪاڻ جو ماڻهو سوچي ٿو ۽ مان پنهنجي باري ۾ چوان ٿو تہ پوءِ ڪافي وقت ملي پوي ٿو. ان ريت هڪ ڏينهن فطري موت اچي ٿو ۽ اسان زندگيءَ ۾ ڪنهن خاص مقصد لاءِ، زندگيءَ جي سڀ کان وڏيڪ اهم ڪم ڪرڻ جو موقعو گنوائي ڇڏيون ٿا."

پر ڇا اهو موقعو سيئي گنوائن ٿا؟ اهو موقعو گومگو جي عالم ۾ منصور وڃايو هو؟ منصور جو موت قتل نہ هو خودڪُشي هئي. واڳوءَ جي وات ۾ ڄاڻي واڻي وڃڻ قتل تہ نہ ٿيندو آهي!

ڇا رام تيرٿ اهو موقعو هٿان وڃايو هو؟ هُن تہ گنگا جي جل کي ڏسي چيو هو "تون بہ لهر آهين، مان بہ لهر آهيان" پوءِ يڪدم ٽپو ڏنو هُئائين ۽ هن جو لاش بہ نہ لڌو هو. ڇا سرمد اهو موقعو وڃايو جڏهن هن قاضي القضات مُلا قويءَ کي چيو هو تہ "شيطان قوي آهي" ۽ هن ڄاتو تي مُلا قوي هن تي واجب القتل جي فتويٰ ڏئي پئي سگهيو ۽ ڇا سچ پچ هن ڏني هئي؟ يسوع جي تصليب جي باري ۾ ڇا سمجهجي؟ هُن کي ڪهڙي پئي هئي جو باراباس جو ڏوھ پاڻ تي کڻي ۽ رومي عدالت ۾ اُن ڏوھ جو اعتراف ڪري! سڀ ماڻهو اهو موقعو هٿان نہ ٿا وڃائن؟

جڏهن مان بي اي پڙهندو هوس تہ ڊيوڊ هيوم جي مضمون (خودڪُشيءَ جي باري ۾) منجهہ پڙهيم! - ڇا اهو ڏوهہ نہ ٿيندو تہ مان نيل درياهہ کي ياڊئينوب کي پنهنجي ڊگ تان موڙي ڇڏيان. جي مان ائين ڪري سگهان تہ پوءِ اُن ۾ ڪهڙو ڏوهہ آهي جي مان رت جا تولا (Ounce) پنهنجي ڪاريءَ مان موڙي ڇڏيان؟ ڇا تون اهو تصور بہ ڪري سگهين ٿو تہ جڏهن مان زندگي ڇڏيان ٿو تڏهن مان پنهنجي ڄمر کي پاراتا ڏيان ٿو؟ ۽ پنهنجي هستي جو مدو مقرر ڪيان ٿو جو وڌندو تہ مون کي خراب خستو ۽ شامت زدو ڪندو؟ او اهڙا جذبا شال مون کان دور رهن! مون کي فقط هڪ ڳالهہ جي پڪ آهي. جا تون بہ ممڪن سمجهين ٿو تہ انساني زندگي ڏکي ٿي سگهندي آهي، ۽ جي منهنجي وجود کي وڌيڪ اينگهہ ڏني ويندي، تہ اُهو اَجوڳ لڳندو پر مان پروردگار جا ٿورا ميجان ٿو نہ رڳو ان چڱي وقت لاءِ جو مان گذاري چُڪو آهيان. پر ان سگهہ لاءِ جا هن مون کي ڏني آهي تہ اُن بُرائيءَ مان فرار حاصل ڪري سگهان جا مون کي ڌمڪائي رهي آهي."

هيوم جيءِ ان چوڻيءَ مون تي اثر ڪيو آهي پر مون کي نثر ۽ نظم جي تخليق لاءِ بي انتها محبت ان تي عمل ڪان باز رکيو آهي.

اوچتو ياد آيو تہ مان ۽ منهنجي دوست منير شاهہ ٿامس ۽ ٿامس وٽان گرانٽا (Granta) رسالي جو 27 نمبر، جنهن جو عنوان 'موت' هو ۽ جنهن جي پٺيان چيپل هي سٽون ڏسي خريد ڪيو هو: "هڪ ڪهاڻي ڪهاڻي تڏهن ٿئي ٿي جڏهن اُن کي پڇاڙي ٿئي ٿي ۽ ڪابہ پڇاڙي مون کان وڌيڪ سگهاري ۽ پُڄڻيات نہ ٿي ٿئي. روميو ۽ جوليت جي ڪهاڻي تڏهن شروع ٿئي ٿي جڏهن روميو ۽ جوليت مرن ٿا. آٿيلو ائناڪانينا يا مئڊم بو وَري جي ڪهاڻي ڏسبي تہ جيستائين اهي ڪردار مرن نہ ٿا، تيستائين اُنهن جي ڪا ڪهاڻي نہ آهي پر خود موت جي ڪهاڻي ڪهڙي آهي؟ گرانٽا 27 پيش ڪري ٿي چوڏهن ليکڪن ۽ فوٽو گرافن کي، جن موت کي ڏسڻ جو پهہ ڪيو آهي ۽ جيڪي ڏٺو اٿائون اُن جي اظهار لاءِ وس ڪيو اٿائون. رات اهو ڪتاب پڙهي ڏٺم پر مون کي هن مضمون لاءِ ڪوئي خاص مواد نہ مليو. ها، ميري مئڪارٿي جي زندگيءَ جي هڪ جهلڪ چڱي هئي. هن جيڪي پنهنجي ڪميونسٽ عاشق جي باري ۾ لکيو آهي جو ميڪسيڪو ۾ گم ٿي ويو هو ڪافي دلچسپ آهي. ميري مئڪارٿي ان اديبن ۽ آرٽسٽن جي حلقي مان هُئي جو ٽراسٽڪيءَ ميڪسيڪو ۾ جلاوطنيءَ ۾ ٿاهيو هو جنهن ۾ ڊيگو رويرا جهڙو مصور بہ شامل هو. مان پنجاهہ واري ڏهاڪي ۾ ميري ڪئڪارٿي پڙهندو هُيس. هاڻي تہ ڪافي ڪُراڙي ٿي وئي هوندي تڏهن تہ موت هُن لاءِ ايتري معنيٰ ٿو رکي. باقي گرانٽا 27 ۾ "مئل چهرن" جا فوٽو گراف دلڪش هئا. انهن جي شروعات ۾ لکيل آهي، "موت جو اهڙو ڪوئي سڌو تجربو

نہ آهي جو چئي سگهجي تہ ڪيئن نظر ٿو اچي. ماڻهن تہ پنهنجا انومان ڪڍيا آهن تہ اهو پيانڪ هوندو ڇاڪاڻ جو جيڪي حالتون اُن ڏانهن نَين ٿيون، پيانڪ آهن.

پوءِ جي فوٽو گراف پيش ڪيا ويا آهن. انهنجي باري ۾ مصنف چيو آهي، ”مون لاءِ تہ انهن تصويرن ۾ بي پناهہ خوبصورتي آهي، اُهي واقعي خوبصورت آهن.“

پيار پاءِ، منهنجون بہ تہ اهڙيون تصويرون وچي رهنديون، جهڙيون تو منهنجي انٽرويو سان گڏ پروڙ ۾ ڏنيون آهن.

هاڻي ننڊ ٽي اچي. غالب جي غزل جو ڪيسيٽ هلائي سمهي ٿو پوان:

بي ڪئسيٽ ۾ غالب جي هڪ غزل جو شعر آهي.

سنبھلنے دے مجھے اے نااُمیدی کیا قیامت ہے
کہ دامانِ خیالِ یار چھوٹا جائے ہے مجھ سے۔

(ترجمو: اي نااُميدي! مون کي پاڻ سنڀالڻ ڏي، هيءَ ڪهڙ: قيامت آ.
جو پياري جي ڏيان جو پاند مون کان ڇڏائبو ٿو وڃي.)

شايد ڪڏهن انسان اهو پاند پاڻ ڏانهن ڇڪي نہ ٿو سگهي ۽ پاڻ سنڀارڻ هُن لاءِ مشڪل ٿيو پوي ۽ هو گهبراهٽ ۾ پاڻ کي ختم ڪري ٿو ڇڏي!

بازیچۂ اطفال ہے دنیا مرے آگے
ہوتا ہے شب و روز تماشا مرے آگے۔

جُز وهم نهين هستيءَ آشيا مري نزديڪ

يا اهي سٽون ڪئسيٽ ۾ نہ آهن، هُن جي ديوان ۾ آهن؟ ۽ فقط منهنجي هانوَ ۾ هُري رهيون آهن. ننڊ ڏاڍي ٽي اچي، باقي سڀاڻي.

*(11 جون 1994ع)*

# اِمراءُ القيس کان سُقراط تائين

اڄ دل چوي ٿي پنهنجي پاڻ تي لکان. ڀٽائي جڏهن لکيو هو ته ”جان جو پيهي پاڻ ڪيم روح رهاڻ“ ته اِن ۾ خارجي دنيا کان انڪار نه هو رڳو داخلي دنيا کي اوليت ڏني وئي هئي. قديم يونان ۾ اگاٿون (Agathon) نالي هڪ شاعر هو. هن کي يونان ٿيئٽر ۾ ڊرامن ۾ پهريون انعام مليو هو ۽ هن ان ڪري جشن ڪيو هو جنهن ۾ ڪيئي دوست گهُرايا هئائين. هن جا دوست پنهنجي مرغوب موضوع’عشق‘ تي ڳالهائي رهيا هئا. فيڊرو (Phaderus) چيو ته: ”عشق قديم ترين ديوتا آهي ۽ سڀني کان طاقتور آهي. اِهو اُهو اُصول آهي جنهن جي پيروي عام ماڻهوءَ کي هيرو بڻائي ڇڏي ٿي، ڇو ته عاشق معشوق جي موجودگيءَ ۾ بُزدليءَ جو ڏيک نه ڏيندو آهي. مون کي عاشقن جي فوج ڏيو ته مان اوهان لاءِ دنيا فتح ڪري سگهان ٿو.“

ان تي پاسيناس چيو: ”پر توکي زميني پيار ۽ آسماني پيار ۾ فرق ڪرڻو پوندو. هڪ طرف ٻن ماڻهن ۾ جسماني ڪشش آهي ۽ ٻي طرف روحاني ڪشش آهي. جسم جو عاميانه پيار ته جوانيءَ جي موٽ کان پوءِ، پکيءَ وارا پر پائي اُڏامي وڃي ٿو. پر روحاني پيار ابدي آهي.“ پوءِ ائرسٽوفينس (Aristophanes) آيو جنهن جي گفتگو ۾ مزاح به هو ته فلسفو به هو. هن چيو ته: ”اڳي زال ۽ مرد کي هڪ جسم هوندو هو. اهو جسم هڪ ڪينهونءَ وانگر گول هو جنهن کي چار هٿ، چار پير، ۽ ٻه منهن هئا. اهو تمام تيزيءَ سان گهمندو هو ۽ اُن جا ائٺي عضوا ڄڻ هڪ ڦيٿي جا آرا (Spoke) هوندا هئا ۽ سارو وقت بازي ڪيڏندا هئا. انهيءَ زال مرد واريءَ قوت کي ڏاڍي سگهه هوندي هئي ۽ ان جي هَوَس جي انتها نه هئي. هنن آسماني ديوتائن تي حملو ڪرڻ ٿي چاهيو پر زيوس (Zeus) کي اوچتو ڪافي سوچ آئي ۽ هن چيو: ”هن ڪينهونءَ کي ٻن اڌن ۾ ورهايون ٿا ۽ پوءِ اُنهن کي اڌ سگهه رهجي ويندي ۽ جڏهن اسان ٻل ڇاڙهيندا سين ته هڪ جي بدران ٻه ٻڪ ملندا.“

”۽ پوءِ هن ان ڪينهونءَ کي ٻن اڌن ۾ ورهايو ۽ زال مرد پيدا ڪيائين ۽ ان وقت کان هو وصال لاءِ بي چين رهندا آهن ۽ انهيءَ وصال لاءِ بچئني کي عشق چيو ويندو آهي.“ عشق جي انهيءَ مزاحيه بيان کان پوءِ ٻيا دوست پنهنجي عشق جا رايا

ڏيندا رهيا. اُن کان پوءِ سقراط اُٿيو ۽ پڇيائين ته: "ايتري فصاحت کان پوءِ منهنجي زبان ته تارونءَ سان لڳي وئي آهي. منهنجي اڻ ڇاڻائي اهڙيءَ ڇاڻ جو مقابلو ڪيئن ڪري سگهندي؟"

۽ انهيءَ طنزيه شروعات کان پوءِ جا سقراط سان مخصوص هئي، هن هر ڪنهن جي دليل کي رد ڏنو. هن چيو ته: "عشق ازلي حسن لاءِ ٻُڪ آهي. عاشق نه رڳو حسن جي تلاش ۾ رهي ٿو پر حسن جي تخليق به ڪري ٿو اُن کي ابدي بڻائي ٿو ۽ مختصر زندگيءَ کي زنده جاويد ڪري ٿو. ان ڪري زال ۽ مرد هڪ ٻئي سان محبت ڪن ٿا، تخليق ڪن ٿا ۽ وقت کي ابدي بڻائي ڇڏن ٿا. اهو ئي سبب آهي جو والدين اولاد سان پيار ڪن ٿا. والدين جڏهن هڪ ٻئي سان محبت ڪن ٿا تڏهن هو نه رڳو اولاد پيدا ڪن ٿا، اُها ابدي حسن جي مسلسل تلاش ۾ رهي ٿو ۽ ان جي حصول لاءِ گڏجي جدوجهد ڪري ٿي.

اهو حسن ڇا آهي جنهن جي اجا تائين اسان کي تلاش آهي ۽ جنهن کي عشق جي ذريعي اسان ابدي بڻائڻ چاهيون ٿا؟ اها دانشمندي آهي، نيڪي آهي، آبرو ۽ جرئت آهي ۽ انصاف ۽ ايمان آهي. جي هڪ لفظ ۾ چئجي ته حسن صداقت آهي ۽ صداقت ئي هڪ رستو آهي جو اسان کي خدا ڏانهن وٺي وڃي ٿو."

مهمان پيرين اُگهاڙي فلسفيءَ کي داد ڏين ٿا ۽ ان کان پوءِ شام جي ڪُجهيءَ ڪار ڪرت ڏانهن موٽن ٿا. هو ساري رات شراب نوشيءَ ۾ جٹ شرط پچائن ٿا. هڪ هڪ ٿي مدهوش باده خوار ڍرڪي ڍَهي پوي ٿو جيستائين پنيرڪي جو ڪُڪڙ دس هڻن ٿا ۽ رڳو ٽي پياڪ وڃي رهن ٿا. آگاٿون، ائرسٽوفينس ۽ سقراط هو هڪ وڏي فنجان مان پي رهيا آهن ۽ سقراط اجا ٻنهيءَ شاعرن کي پنهنجو فلسفو سمجهائي رهيو آهي، جي ننڊاکڙا لڳن ٿا. پهرين ائرسٽوفينس کي ننڊ کڻي وڃي ٿي ۽ جيئن باک ڦٽي ٿي، تيئن آگاٿون به اُن جي گود ۾ ليٽي پوي ٿو. سقراط هنن کي ٿڦڪي ڏئي، پوءِ جام شراب جي ديوتا ڊايونيسس (Dionysus) جي نالي پيئي ٿو ۽ ايٿنس ۾ پنهنجي پيغام ڦهلائڻ لاءِ هليو وڃي ٿو.

گهڻا پيرا مون رباني، رشيد ڀٽي، جوئي ۽ ٻين سان ائين رنگ رلين ۾ راتيون گُذاريون آهن. شاعري ۽ فلسفي تي بحث ڪيا آهن ۽ راتيون رائگان وڃائي، صبح جو هاءِ ڪورٽ ۾ ڪيس وڃي هلايو آهي.

گهڻا پيرا دوِر جاهليه جي عرب شاعر اِمراءُ القيس بن حجر الڪنديءَ وانگر عورت جي محبت مون کي ديواندگيءَ جي حد تائين نيو آهي؟

گهڻا پيرا مون امراءُ القيس جو هي شعر ياد ڪيو آهي: "اي منهنجا دوستو! هن جاءِ تي ڪجهه وقت ترسو! هي منهنجي محبوبا جو مڪان آهي، جو اُجڙي ويو آهي، ويران آهي، اچو ته اسان انهيءَ محبوب جي منزل تي ترسي ڳوڙها وِرهايون.

اهو مڪان واريءَ جي هڪ لهواريءَ پٽ تي آهي......... ان مڪان جا نشان اُتر ۽ ڏکڻ جون هوائون اجا متائي نہ سگهيون آهن. ڇو تہ هڪ طرف کان هوا لڳي، اُن مڪان کي واريءَ ۾ ڇپائي ڇڏي ٿي تہ ٻي طرف کان هوا لڳي ان واريءَ کي هٽائي ڇڏي ٿي. ان طرح محبوبا جي منزل جا نشان متجي نہ ٿا وڃن.

"جڏهن ڪُوچ ڪرڻ لاءِ منهنجي محبوبا جي قبيلي وارا روانا ٿي رهيا هئا تڏهن اُن مڪان جي ويجهو مان ڪبڙن جي آڙ مان اهو منظر ڏسي، ڳوڙها ڳاڙهي رهيو هوس.

ڪيئي سال ٿيا آهن تہ مون باده نوشي ڇڏي آهي ۽ غالب وانگر "پيّتا ہوں روزِ اَبر و شبِ ماہتاب میں" جو بہ عادي نہ رهيو آهيان. شاعري منهنجي زندگي ۾ بلانوشيءَ وانگر آهي، چاندوڪيءَ ۾ موڪيءَ جا مٽ ڪليا پيا آهن جي ڪُتي نہ ٿا ڪتن. پنهنجي حالت اُنهيءَ قلندري واري ٿي وئي آهي، جيڪو جنهن جاءِ تي لت هٽي، اُن جاءِ تي شراب جو چشمو نڪري اچي.

پر منهنجي امراءُ القيس واري حالت نہ رهي آهي. اُهو انتظار منهنجو ختم ٿي چڪو آهي. ڀرپور جوانيءَ کان پوءِ، جا دريا وانگر ڏني ڪنيءَ وهندي آهي، وچين وهي، پيري ۽ موت ڏسي، منهنجي انسان جي حسن سان ايتري وابستگي نہ رهي آهي ۽ نہ ڪنهن صوفي وانگر مجاز حقيقت جي پُل رهيو آهي. اکين اڳيان اُهو سمندر آهي جو ازل کان ابد تائين مؤجزن آهي، جنهن تي ڪائي پُل ٻڌي نٿي سگهجي. دل جي عجيب ڪيفيت ٿي وئي آهي. اڳي جي ڪارا ڏگها وار گهتائن وانگر لڳندا هئا، اهي ڪنهن ڪاري ڪارونيار ۾ لوڙهي وڃن ٿا ۽ پرين جا چپ ايئن لڳن ٿا جيئن ڪنهن پرندي جي چهنب ۾ ليار جا ڳاڙها ڦل هجن. شام جي هر شفق ياد دهاني ڪرائي ٿي تہ ڪنهن وقت اُها ابدي تيرگي ۾ گم ٿي ويندي.

منهنجا غالب وانگر هم پيشہ، هم مشرب ۽ هم خوار يا قيد حيات مان رهائي پائي ويا آهن پر جيڪي بہ قيد حيات ۾ آهن تہ اُنهن جا زنجير مون تائين اُنهن جي رسائي ناممڪن بنائي چڪا آهن. مان اڄ شراب نوشيءَ بنان سقراط آهيان ۽ اجا حُسن کان حقيقت تائين منهنجو سفر جاري آهي پر شايد حُسن ۽ حقيقت ساڳيءَ بتيءَ جا ٻہ پاسا آهن. جا پلئٽ فارم تي ٻري رهي آهي ۽ ترين جنهن جي ويجهو اچي پهتي آهي. هرٽيءَ جهڙيون اکيون اجا تائين مون کي وٽن ٿيون پر الاجي ڇو اُنهن جي پُٺ تان موت جون دو ناليون نظر اچي رهيون آهن. مون لاءِ هن وقت وڏي ۾ وڏو سوال اهو آهي تہ "فنا ۾ بقا ڇا آهي؟" اهي رنگ رليون تہ فنا جون تيز هوائون ايئن اُڏائي ٿيون وڃن، جيئن ردي ڪاغذ اُڏائي وينديون آهن. مان پنهنجي فلسفي ۽ فني تخليق کي بہ حيرت سان ڏسي سوچان ٿو تہ اُن جي پائداري ڪيتري آهي! بهر صورت پنهنجي تحرير جي باوجود، علم و ادب

سان ساڳي محبت آهي، جا مون کي زندهہ رکندي ٿي اچي. ڪالهہ يوسف شاهين مشهور تاريخ نويس آرنولڊ ٽوئن بي جو تازو ڪتاب A Study of History (The first abridged one volume edition) گهرايو آهي، جو منهنجي ميز تي پيو آهي. اُن جي خوبصورت، ملايم ۽ رنگين ڊسٽ ڪَور کي مان ايئن ڇُهان ٿو جيئن محبوبہ جا ڳل ڇُهبا آهن ۽ سوچان ٿو تہ مون ۾ امراءُ القيس کان سقراط تائين، جيڪا ذاتي دنيا آهي، اُها صفحہ قرطاس تي ايندي ۽ ڇا اُن کي ڪوئي ٽوئن بي اپنائي پنهنجيءَ تاريخ جو حصو ڪري سگهندو؟

*(16 جون 1994ع)*

# ميرانيس جي مرثيا گوئي ۽ اُن ۾ فطرت جي منظر نگاري

مولاناشبلي نعمانيءَ لکيو آهي تہ ”عرب ۾، جو فارسي ۽ اردو شاعريءَ جو سرچشمو آهي، شاعريءَ جي ابتدا مرثيہ سان ٿي ۽ ٺيٺ بہ ايئن گهُربو هو. عرب ۾ شاعريءَ جي ابتدا فطرت جي اصول تي ٿي. جي جذبا دلين ۾ پيدا ٿيندا ها، اهي ئي شاعريءَ ۾ اظهاربا هئا. درد ۽ غم جو جذبو ٻيءَ جذبات کان وڌيڪ سگهارو آهي ۽ جنهن جوش سان اهو ظاهر ٿيندو آهي، ٻي ڪائي جذبات ظاهر نہ ٿيندي آهي.

مرثيا ان حالت ۾ چيا ويندا ها جڏهن دل درد ۽ غم سان لبريز هوندي هئي. پر عربيءَ ۾ ڪي خاص مرثيا نہ لکيا ويا آهن.

حضرت عمر پنهنجي ڀاءُ زيد جي موت تي عربي شاعر متمم بن نويره کان مرثيو لکايو پر اُن جي اَبدي اهميت گهٽي نہ آهي. انهيءَ زماني ۾ مرثيہ فقط اهي شاعر چوندا ها جن تي ڪائي غير معمولي حالت طاري ٿيندي هئي. انهيءَ ئي زماني ۾ ڪربلا جو قيامت انگيز واقعو پيش آيو. اهو اهڙو واقعو هو جو جيڪڏهن عرب جا اصلي جذبا موجود هجن ها، تہ اُهي زبردست مرثيا لکيا وڃن ها جو چوڌاري باهہ پڙڪي اُٿي ها.

پر بَنو اُميہ جي ڏمرائتي دبدبي ۾ ڏاڍ هر شاعر جي منهن تي تالا هڻي ڇڏيا. سيئي شاعر ايئن ماٺ ٿي ويا جڻ اُنهن کي ڪوئي نانگ سنگهي ويو هو. فرزوق بنو اُميہ جي گاديءَ جو شاعر هو پر جڏهن هن امام زين العابدين تي ڪجهہ شعر لکيا تہ عبدالملڪ بن مروان هن کي جيل ۾ وجهي ڇڏيو عربي ۾ ڪربلا جي واقعي تي ذڪر جي قابل ڪوبہ مرثيو نہ لکيو ويو.

فارسي ۾ بہ شاعرن عظيم مرثيا لکيا. هڪ تہ فردوسيءَ سهراب جو مرثيو لکيو جنهن جو ڪربلا سان واسطو نہ هيو. امير خسرو بہ مرثيہ لکيا آهن جي هن جي دل مان چيرجي نڪتا آهن پر اُنهن جو بہ انهيءَ واقعي سان واسطو نہ آهي. اهڙي طرح فرخي سلطان محمود جي وفات تي فارسيءَ ۾ مرثيو لکيو. مان ڀانيان ٿو تہ شيخ سعدي جي مرثيي جي باري ۾ بہ ساڳي ڳالهہ چئي سگهجي ٿي جيتوڻيڪ مون اهو نہ پڙهيو آهي.

صفويہ ۽ تيموريہ جي دؤر ۾ سنائي، نظيري ۽ عرفي تين ڪوشش ڪئي. پهرين طهما سپ جي مدح ۾ محتشم ڪاشيءَ قصيدو لکيو. طهما سپ جي خاندان رسالت سان اُڪير هئي ۽ هُن اها ڳالهہ پسند نہ ڪئي ۽ شاعرن کي آئمہ اهلبيت جي شان ۾ طبع آزمائي لاءِ چيو. انهيءَ قصيده بہ شعري فضا تي ڪو اثر نہ ڪيو ڇو تہ ان تي قصيدي ۽ مدح جو رنگ ڇانيل هو.

طالب آملي، غزالي، ميلي، سليم، ڪليم وغيره جي ڪلام ۾ هيون سيئي صنفون آهن پر مرثيو نہ آهي. ظهوريءَ مرثيا دل جي جوش کان نہ پر ابراهيم عادل شاهہ جي خوشامد ۾ لکيا. محتشم کان پوءِ مقبل نالي شاعر، ساديءَ ٻوليءَ ۾ مرثيا لکيا. جن ۾ هن ڪربلا جا سارا واقعا، سفر جي ابتدا کان وٺي اهلِ حرم جي قيد ٿيڻ تائين ۽ پوءِ رها ٿي مديني اچڻ تائين بيان ڪيا.

مقبل کان پوءِ ايران ۾ مرثيہ گوين جو هڪ گروهہ پيدا ٿي ويو جنهن مرثئي ۾ نوحي ۽ پيش خوانيءَ جي ايجاد ڪئي.

هندستان ۾ پهرين مشهور شاعر ولي دکني مثنويءَ ۾ مرثيو لکيو پر صحيح معنيٰ ۾ رواج سودا ۽ مير وڌو مير انيس جا وڏا بہ مرثيو لکندا ها. انهيءَ زماني ۾ مرثئي ۾ اها تبديلي ٿي تہ اهو ڇئو مصرع يا رباعي بدران مسدس ۾ لکيو ويو. مير ظهير، مرزا دبير وغيره ان فن ۾ آڳرا ها پر سيني کان وڌيڪ زور بندش، چستي، صفائي، نيون تشبيهون، لطيف استعارا، واقعہ نگاري، فطرت جي منظر نگاري وغيره جهڙي مير انيس ۾ آهي اهڙي ڪنهن بہ شاعر ۾ نہ آهي ۽ اهو سارو ڪلام ڪربلا جي واقعي جي پس منظر ۾ آهي.

عابد علي عابد پنهنجي مشهور ڪتاب انعقاد ۾ مير دبير کي ساراهيو آهي پر هن جو مير انيس سان ڪوئي مقابلو نہ آهي. مير انيس 1218هہ ۾ دهليءَ ۾ پيدا ٿيو هو ۽ فيض آباد ۾ گهر وسايو هئائين.

منهنجي زياده دلچسپي اُنهن قدرتي نظارن ۾ آهي جي مير انيس پنهجيءَ مسدس ۾ چٽيا آهن. عربي ۽ فارسيءَ ۾ قدرت جي نظارن تي نهايت گهٽ لکيو ويو آهي. مير ضمير پهرين انهن تي طبع آزمائي ڪئي پر هن فقط مضمون بندي ۽ تشبيهن کي ڪلام جو تَتُ سمجهيو. مير انيس فطرت جي باري ۾ فقط بہ ٽي مرثيا لکيا پر جو ڪجهہ لکيائين، اُن ۾ ڪمال ڪري ڏيکاريائين. مان مثال طور هتي هن جو فقط گرمي جو نظارو ڏيان ٿو.

ان کان اڳ مرزا صائب جو هڪ فارسي شعر ڏيان ٿو.

نيست اين فواره هر سو جلوه گر در جوض ها،
کرده است درتشنگي بيرون زبانِ خويش آب.

(ترجمو: هي حوض ۾ ڦوهارو جلوه گر ناهي، پر اُج ۾ پاڻي جي زبان نڪري

آئي آهي).

اها فارسي ۽ اردوءَ شاعري جي مبالغہ آرائي آهي جا صنعت سمجهي ويندي آهي پر اُن ۾ رس چس ڪوئي نہ آهي. چڱو جو سنڌي شاعري اُن کان آجي آهي؛ جڏهن هاڻي ساري ڪراچي گرميءَ جي لپيٽ ۾ آهي ۽ ڪانوَ جي اک ٽي نڪري، اچو تہ ان ماحول جي عڪاسي مير انيس جي مسدس ۾ ڏسون:

وہ لو، وہ آفتاب کی حدت، وہ تاب و تب
کالا تھا رنگ دھوپ سے دن کا مثالِ شب
خود نہر علقمہ کے بھی سوکھے ہوئے تھے لب
خیمے تھے جو حبابوں کے تپتے تھے سب کے سب
اُڑتی تھی خاک خشک تھا چشمہ حیات کا
کھولا ہوا تھا دھوپ سے پانی فرات کا
آبِ رواں سے منہ نہ اُٹھاتے تھے جانور
جھنگل میں چھپتے پھرتے تھے طائر ادھر اُدھر
مردم تھے سات پردوں کے اندر عرق میں تر
خس خانۂ مژہ سے نکلتی نہ تھی نظر
گر آنکھ سے نکل کے ٹھہر جائے راہ میں
پڑ جائیں لاکھ آبلے پائے نگاہ میں
کوسوں کسی شجر میں نہ گل تھے نہ برگ و بار
ایک ایک نخل جل رہا تھا صورتِ چنار
ہنستا تھا کوئی گل نہ لرزتا تھا سبزہ زار
کانٹا ہوئی تھی پھول کی ہر شاخ باردار
گرمی یہ تھی کہ زیست کے دل سب کے سرد تھے
پتے بھی مثلِ چہرۂ مدقوق زرد تھے
شیر اُٹھتے تھے نہ دھوپ کے مارے کچھار سے
آہو نہ مُنہ نکالتے تھے سبزہ زار سے
آئینہ مہر کا تھا مقدر غبار سے
گردوں کو تپ چڑھی تھی زمیں کے بخار سے
گرمی سے مضطرب تھا زمانہ زمین پر

*برسات ۾ چيپيل مضمون*

هرڻ ولهار مان نہ ٽي ٻاهر آيا، سج جي آرسي لٽ ۾ پير جي چڪي هئي.
ڌرتيءَ جي بخار کان اُپ کي تپ چڙهي ويو هو.
تپت کان زمانو زمين تي لڇي رهيو هو.
جيڪڏهن ڪوئي ان جو داڻو ڌرتي تي ڪريو ٿي تہ اهو ڀُڄي ٿي ويو.
ڪُن تي جوالا جي ڄر جو گمان ٿي ٿيو.
ٻڙٻڙا اڱرن وانگر ٿي لڳا، تہ پاڻيءَ مان چڻنگون نڪري رهيون هيون.
هر لهر جي ڄڀ منهن مان نڪري آئي هئي.
سڀ واڳون تري ۾ هيا پر اُنهن جي جان نڪري رهي هئي.
حساب جي ڏينهن تي ڄڻ پاڻي باهہ ٿي ويو هو.
مڇي جا لهر جي سيخ تائين پهتي هئي، اُها ڪباب ٿي وئي هئي.
فلڪ جي آرسيءَ کي تپت سهڻ جي طاقت نہ هئي.
ڪڪر جي پاند ۾ وڃ ڇپي وئي هئي.
سيني کان وڌيڪ جي گرم مزاج هيا اُنهن جي لوڇ هئي.
سج صبح جو ڪافور ڳولي رهيو هو.
(ڪافور اڳي علاج لاءِ ڪم ايندو هو.)
آسمان مان باهہ وسي رهي هئي.
بادل سڀ زمهرير جي دوزخ ۾ ڇپي ويا ها.
اهو هو مير انيس جنهن لاءِ ڪيترائي اردو ادب جا شائق چوندا آهن تہ غالب کان وڌو شاعر هو.

*(17 جون 1994ع)*

# ڀٽائيءَ تي ايتري بي توجهي ڇو؟

مون جڏهن نهروءَ جو ڪتاب هندستان جي ڳولها (Discovery of India) پڙهيو تہ اهو ڏسي حيران ٿي ويس تہ اُن ڪي واديءَ سنڌ جي تهذيب ۽ تمدن سان شروع ڪيو ويو هو پر اُن ۾ ڪٿي بہ شاهہ عبداللطيف ڀٽائي جو ذڪر نہ هو. جيتوڻيڪ اهو ڪتاب برصغير جي تاريخ آهي. غالباً اُن ۾ بلا شاهہ، سلطان باهوءَ، فريد ملتانيءَ جو ذڪر بہ ڪونہ هو. جيتوڻيڪ غالب ۽ جانيءَ جو تفصيلي ذڪر هيو. جي اُتر پرديش جا مسلمان شاعر هئا.

غالب اردوءَ ۾ شاعري ڪئي آهي ۽ نهايت چڱي شاعري ڪئي آهي ۽ ملڪ محمد جاني هنديءَ ۾ پدماوت ڪتاب لکيو آهي. ڪتاب ۾ ڪبير جو ذڪر بہ هيو، جنهن جي باري ۾ محقق متفق نہ آهي تہ هو هندو هيو يا مسلمان هيو. انهن کان سوا هندو شاعرن ڪاليداس، جئديو پرتري هري ۽ ٽئگور وغيره جي باري ۾ لکيو ويو هو.

ڪتاب منهنجي سامهون نہ آهي ۽ ممڪن آهي تہ اُن ۾ هندو شاعرن جا سڀ نالا نہ هجن پر ڪاليداس ۽ ٽئگور جي باري ۾ مون کي خاطري آهي. مان ڄاڻان ٿو تہ نهرو جو پيءُ (اتر پرديش) جو هو ۽ ڪانسٽ هو. جي اُردوءَ جا ماهر هوندا ها. ان ڪري هن غالب جو نالو ڏنو هو. اهو بہ ڄاڻان ٿو تہ هو سياسي طور هندو مسلم اتحاد جو قائل هو ۽ غالب کان اُنڪري متاثر هو ڇو تہ هو رند مشرب ۽ صوفي هو ۽ ڪفر ۽ اسلام جي جهيڙي ۾ نہ پوندو هو. ملڪ محمد جانيءَ جي ڪتاب پدماوت بہ هن جي قوم پرستيءَ جي تصديق ٿي ڪئي ڇو تہ اُهو راجا پرٿوي راج جي باري ۾ هو.

پر نهرو تہ سڄي هندستان جي تهذيب ۽ تمدن جي ڳولا ۾ نڪتو هو. جنهن ۾ صنم تراشيءَ، مصوريءَ ۽ شاعري، جو ڪافي ذڪر هو. پر پوءِ بہ هن جي نگاهہ سنڌ ۽ پنجاب جي ثقافت تي نہ پئي هئي ۽ نہ اُن ۾ بلوچستان ۽ افغانستان جي شاعريءَ جو ڪوئي ذڪر هو.

شاهہ عبداللطيف ڀٽائي ۽ بلهي شاهہ جي شاعريءَ کي تہ هو پنهنجي سياسي نڪتہ نگاهہ لاءِ بہ استعمال ڪري سگهي ها ڇو تہ اُن تي تعصب جو پاڇو بہ

ڪونہ هو. ايئن بہ نہ هو تہ نهرو انگريزي نہ ڄاڻندو هو ۽ هن جو هندستان جي تاريخ جو مطالعو گهرو ۽ وسيع نہ هو. اُن وقت سورلي جو ڪتاب Shah Latif of Bhit شايع ٿي چڪو هو ۽ بلهي شاھہ جو انگريزي ترجمو بہ مان پانيان ٿو موجود هو. اها ڳالهہ مان حافظي مان ٿو لکان پر جي اُن جا اهڙا ترجما شايع نہ بہ ٿيا هئا، تڏهن بہ نهرو پنجاب ۽ سنڌ ۾ ڪانگريس جي حمايت ۾ دورا ڪيا ها. اُتان جي مقامي رهنمائن سان هن جي گفتگو ٿي هئي ۽ اها ڳالهہ هن جي ڄاڻ ۾ هجڻ گهرجي ها تہ پنائي ۽ بلهي شاھہ جيڪڏهن هندستان جي ڪنهن بہ شاعر کان زياده اهم نہ هيا تہ گهٽ اهم بہ ڪونہ هيا. پر ڇا ڪجي اُتر پرديش يا اوسي پاسي ۽ پڌ، مهاروير، رام، ڪرشن کان وٺي نهروءَ تائين پيدا ٿيا يا سرگرم رهيا هئا ۽ اتان جا باشندا، پنهنجي زبان، ثقافت ۽ تمدن کي نہ رڳو وڏيڪ اهميت ڏيندا هئا، پر ٻئي هر صوبي کي سياسي نڪتہ نگاھہ کان سوا ٻي اهميت جو حامل نہ سمجهندا هئا.

اها ڳالهہ پارت ۾ اڃا تائين آهي. اڳين ڀيري مان جڏهن پارت ويو هئس تہ منهنجي دوست گني سامتاڻيءَ جو اُتان جو هڪ چوٽيءَ جو سنڌي دانش ور آهي، مون کي صلاح ڏني هئي تہ مان وي. ايس نيپال جو ڪتاب 'هندوستان، هاڻي هڪ ملين بغاوتون' (India, A million Mautinies Now) خريد ڪيان. مون اهو ڪتاب خريد ڪيو هو 1990ع ۾ لنڊن ۾ ڇپيو هو ۽ 519 صفحن تي مشتمل آهي. اهو ڪتاب جڏهن مون پڙهيو تہ مون کي ايئن لڳو تہ اهي بغاوتون جي فاضل مصنف تصور ڪيون هيون، تن جو هڪ ڪارڻ اهو احساس برتري بہ هيو.

مون هندستان تي اندرين ۽ ٻاهرين عالمن جا ڪيئي ڪتاب پڙهيا آهن، جن جي قديم دور کان جديد دور تائين هر پهلوءَ تي تحقيق ٿيل آهي پر منهنجيءَ نظر مان ايم مجيب جي ڪتاب 'هندستاني مسلمان' (The Indian Muslims) کان سوا ٻيو ڪتاب نہ گذريو آهي جنهن ۾ شاھہ لطيف جو ذڪر ڪيو ويو آهي (اهو ڪتاب جي صفحي 323 تي آهي).

ساڳي طرح ماڌولال حسين، سلطان باهو، بلهي شاھہ، علي حيدر، وارث شاھہ جو بہ ذڪر ڪيو ويو آهي. ايم مجيب غالبا جامع ملي دهليءَ جو سربراھہ هو. جنهن وقت هن مٿيون ڪتاب لکيو هو. ڪتاب 1966ع ۾ پهريون ڀيرو لنڊن ۾ ڇپيو آهي، نہ تہ مون وٽ جيترا هندوستان جي تاريخ تي ڪتاب آهن، اُنهن ۾ شاھہ عبداللطيف جو ذڪر نہ آهي هي خوشونت سنگهہ جو ڪتاب 'انڊيا' جو بہ 1990ع ۾ ڇپيو آهي. منهنجي اڳيان پيو آهي. اُن ۾ ميٿلي ٻوليءَ جو شاعر پرتري هري ۽ سنسڪرت جو شاعر ڀوڀوتي تہ آهي، پر شاھہ عبداللطيف نہ آهي. توڙي مون فيض کي ان کان اڳ علامہ اقبال جي سو سالہ ورسيءَ تي خوشونت سنگهہ لاءِ

پنهنجو شاهہ لطيف جو اردو ترجمو ڏنو هو هي پيو ڪتاب جرمن مستشرق اماري ڊي رينڪورٽ (Amaury de Riencourt) جو لکيل هندستان جو روح 'The Soul of India' آهي. ان ۾ چار سو ڪان مٿي صفحا آهن، جن ۾ غالب ۽ ڪبير تہ آهي پر شاهہ لطيف نہ آهي. پاڪستان ۾ بہ مون شاهہ لطيف جو اردوءَ ۾ منظوم ترجمو ڪيو هو جو هوڻ تہ سنڌ الاجي ڪان ٻاهر ورلي نڪتو. فقط سنڌيڪا وارن جڏهن ڪان اهو ڇپايو تڏهن اهو پوري پاڪستان ۾ ڦهلجي ويو.

پاڪستان حڪومت کي عظيم شاعر ڀٽائيءَ تي ايتري بي توجهيءَ تي غور سان سوچڻ گهرجي ۽ هن جي ڪلام جي ڦهلاءَ لاءِ جوڳا اُپاءَ وٺڻ گهرن. فقط پڙ پائڻ ڪافي نہ آهن. شاهہ ولي بہ هيو ۽ عظيم شاعر بہ هيو.

*(ڀٽائي ايڊيشن 24 جولاءِ 1994ع)*

# ڌرتيءَ سان وابستگي ۽ اردو شاعري

ايئن نہ آهي تہ مون کي اُردوءَ سان تعصب آهي. مان خود اُردو زبان جو شاعر بہ آهيان. 1947ع ۾ ڪراچيءَ جي انجمنِ ترقي پسند مصنفين جو صدر بہ هوس. مون شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جي ساري ڪلام جو اُردو ۾ منظوم ترجمو ڪيو آهي ۽ اُن تي هڪ سئو صفحا اُردو نثر ۾ مهاڳ بہ لکيو آهي. منهنجي پنهنجيءَ اُردو شاعريءَ جو مجموعو 'نيل کنٹھ اور نيم کے پتے' جي نالي سان مڪتبہِ دانيال وارن ڇپايو هو. ڪجهہ وقت اڳ شامِ همدرد تي، جنهن ۾ منهنجي اُردو شاعريءَ تي مقالا پڙهيا ويا هئا. مهينو کن اڳ مون کي بيگم نصرت ڀٽو جي هٿان 'فيض ايوارڊ' ڏنو ويو هو جو منهنجي پاران يوسف شاهين ورتو هو، ڇاڪاڻ جو مان بيمار هوس. ان کان اڳ بہ مان بين الصوبائي اُردو ڪانفرنس جي صدارت ڪري چڪو آهيان، جن جو ذڪر 'ريگستاني پهول' نالي ڪتاب ۾ ڪيو ويو آهي.

انهيءَ تمهيد جو مقصد رڳو اهو ڏيکارڻ آهي تہ مون کي اُردوءَ سان ڪوئي بغض يا حسد نہ آهي. مان اُن کي ايئن ئي ذريعہِ اظهار ٿو سمجهان جيئن ٻيءَ ڪنهن زبان کي ۽ اُها ايتري ئي احترام جي لائق آهي، جيتري ٻي ڪائي زبان. اها ٻي ڳالهہ آهي تہ پنجابيءَ جي شاعر ۽ نثر نويس نجم الحسن سيد جو سبطِ حسن سان ان ڳالهہ تي تڪرار ٿي پيو هو جو سيد سبطِ حسن پنهنجي اُردو رسالي 'پاڪستاني ادب' ۾ هڪ پنجابي ڪهاڻيءَ جو اُردوءَ ۾ ترجمو ڪيو هو جنهن ۾ ڪم آندل لفظ 'ڍڍ' جو ترجمو 'پيٽ' ڪيو هو. نجم الحسن ان تي هن کي خار ۾ خط لکيو هو تہ لفظ پيٽ جي مفهوم ۾ ايتري وسعت نہ آهي، جيتري لفظ 'ڍڍ' ۾. دراصل اُردوءَ جو ذخيره الفاظ ايترو محدود آهي، جو اُن ۾ پنجابيءَ مان ڪا شيءِ ترجمو ڪرڻ ناممڪن آهي. انهيءَ تي سيد سبطِ حسن هڪ ايڊيٽوريل نجم الحسن جي خلاف لکيو هو. اها ڳالهہ مون سان نجم الحسن سيد هڪ پنجابي حلقي ۾ ورجائي هئي، جڏهن اُردوءَ ۽ پنجابيءَ جو مشهور اديب ۽ منهنجي منتخب سنڌي ڪلام جو پنجابيءَ زبان ۾ منظوم ترجمو ڪندڙ احمد سليم بہ موجود هو. دراصل مون خود اها ڳالهہ محسوس ڪئي هئي، جا نجم الحسن سيد ڪئي هئي، ان ڪري منهنجن پنجاهہ ڇپيل ۽ اڻ ڇپيل تصنيفن ۾ فقط بہ ڪتاب اُردوءَ ۾ آهن. اُردو پاڪستان لاءِ رابطي جي زبان آهي. اها ٻي ڳالهہ آهي تہ هندوستان جي

آئين ۾ ڏنل قومي زبانن جي شيڊيول ۾ ڏنل پندرنهن زبانن ۾ اها گجراتيءَ يا مراٺيءَ وانگر هڪ قومي زبان آهي. دراصل اُردو قلعهءِ معليٰ ۾ پيدا ٿي ان ڪري تي هئي تہ لشڪر لاءِ رابطي جي زبان ڪري استعمال ڪئي ويچي. هتي مان اها ڳالهہ واضح ڪرڻ چاهيان ٿو تہ اُردوءَ ۾ ٻوليءَ جي معنيٰ زبان نہ Dialect آهي. اُردوءَ جون ٻوليون ڪڙي ٻولي، پوربي، راجستاني، دکني، ميواتي، ڀوڄپوري وغيره. جن مان هزارين لفظ اُردوءَ ۾ شامل ٿي سگهن ٿا. اُهي هندوستان ۾ رهجي ويون ۽ اُنهن سان اُردوءَ جو رشتو منقطع ٿي چڪو آهي. ايئن آهي تہ اُردو گيت ۾ پوربي لفظ اڃا تائين پاڪستان ۾ بہ مستعمل آهن.

ڪيئي سال اڳ مون ڪراچيءَ ۾ سنڌي شام تي صدارتي تقرير ڪندي مهاجرن کي صلاح ڏني هئي تہ هو پاڻ کي الهہ آبادي، لکنوي، دهلوي وغيره نہ چوائن ۽ هاڻي پاڪستان جي جنهن بہ خطي ۾ رهن ٿا، اُن سان وابستگي ڏيکارين. اها ساري تقرير اُردوءَ ۾ ترجمو ڪري سنڌ جي مشهور اديب سراج پاڪستاني ادب ۾ ڇپائي هئي، جنهن تي اُردوءَ جي اديبن کي ايتري مرچيون لڳي هئي، جو منهنجي مرحوم دوست طفيل احمد جماليءَ، جو ٿورو وقت پوءِ هوائي حادثي ۾ مري ويو هو، پاڪستاني ادب ۾ نهايت تلخيءَ سان جوابي مضمون لکيو هو تہ اسان پاڻ کي لکنوي ۽ دهلوي نہ سڏايون تہ ڇا الهڏنو سانڊوي يا پڊعيدني سڏايون.

انهيءَ مضمون سنڌ جي قومپرست حلقي کي مڇرايو هو. حفيظ قريشيءَ هڪ تقرير ۾ چيو هو تہ اوهان ڳڙگانوي سڏائڻ پسند ڪريو ٿا، باقي الهڏنو سانڊوي چوائڻ کان نابري واريو ٿا. دراصل اوهان بنياد پرست وطنيت جا قائل نہ آهيو ۽ پنهنجي پان اسلامزم جي شوق ۾ پنهنجي ڌرتيءَ کي ڌڪاريو ٿا. پاڪستان نہ فقط هڪ نظريو آهي، پر هڪ وطن بہ آهي. منهنجو چوڻ بہ اهو هو تہ پاڪستان جي وجود ۾ اچڻ کان پوءِ، بہ قومي نظريو پنهنجي اهميت ۽ افاديت وڃائي ويٺو آهي، پر مهاجر ذهنيت غالب جي هيٺين شعر وانگي آهي:

دونوں جہاں دیکے وہ سمجھے یہ خوش رہا،
یہاں آ پڑی ہے شرم کہ تکرار کیا کریں۔

(ترجمو: ٻئي جهان ڏيئي هن سمجهيو تہ هيءُ خوش آهي،
هتي تہ شرم ٿو اچي تہ ٻئي گهر لاءِ تڪرار ڇا ڪجي؟)

جڏهن جناب ممتاز ڀٽي، سنڌ جي چيف منسٽر جي حيثيت ۾ سنڌي ٻوليءَ جي ترقيءَ ۽ ترويج لاءِ قانون سازي ڪئي تہ رئيس امروهيءَ جو شعر جنگ جي پهرئين صفحي تي ڇپيو ۽ ان جو عنوان هو تہ:

'اُردو کا جنازہ ہے، ذرا دھوم سے نکلے'

جيتوڻيڪ نہ فقط اُردوءَ جو جنازو نہ نڪتو هو پر اُردو آئين ۾ قومي زبان تسليم ڪئي وئي هئي. اهو تہ مان مڃيان ٿو تہ اُردو نہ فقط پاڪستان پر هندوستان جي رابطي جي زبان ٿيڻ لاءِ قلعءِ معليٰ ۾ پيدا ٿي هئي. جيتوڻيڪ پوءِ اُها تقسيم جو ڪارڻ بڻجي وئي.

سنڌي، بلوچي ۽ پنجابي جيڪڏهن سرحد يا ان کان مٿي قبائلي علائقي ۾ ويندا تہ ڪنهن تانگي واري يا ڪاشتڪار سان ڳالهائڻ لاءِ هنن کي اُردوءَ جو سهارو وٺڻو پوندو. انهيءَ ڪري مان اُردوءَ کي رابطي جي زبان تسليم ڪريان ٿو. مان ڀانيان ٿو تہ جي محترمہ بينظير کي پاڪستان جي چئني صوبن جون زبانون اچن ها تہ هوءَ ماڻهن سان براهِ راست اُنهن جي مادري زبان ۾ مخاطب ٿئي ها.

مان، ڊاڪٽر حُسان ۽ اُردوءَ جي مشهور ترقي پسند شاعر حسن حميدي، ابراهيم جويي، بزنجي جي خاص دوست گل خان نصير ۽ ولي خان جي دستِ راست اجمل خٽڪ سان جڏهن عوامي ادبي انجمن جو مئني فيسٽو سکر ۾ ناهيو هو. تڏهن اسان اُن ۾ اُردوءَ لاءِ رابطي جي زبان جو لفظ ڪم آندو هو. (اُن وقت اجمل خٽڪ موجود ڪونہ هو پر هن جي رضا شامل هئي) اهو مئني فيسٽو جڏهن ڊاڪٽر حُسان، فيض صاحب کي ڏيکاريو تہ فيض جي تجويز تي اُردوءَ لاءِ ڪم آندل لفظ 'رابطي جي زبان' کي 'مُشترڪ زبان' ۾ بدلايو ويو. بهرصورت رابطي جي زبان يا مشترڪ زبان هرو ڀرو قومي زبان نہ هوندي آهي.

فيض اشتراڪي هو ۽ اسٽالن جو پيروڪار هو ۽ هن اسٽالن جو ڪتاب 'قومون ۽ اُنهن جا مسئلا' چڱيءَ طرح پڙهيو هو ۽ اسٽالن نڪتہءِ نگاهہ کان قومي زبان ڇا هئي، اُهو انهيءَ ڪتاب ۾ واضح هو. اها ٻي ڳالهہ آهي تہ اسٽالن جارجيا جو هو ۽ ٻهرين هو جارجين کي ئي جارجيا جي قومي ٻولي سمجهندو هو ۽ اُن جي حمايت ۾ لکيو هئائين. پر پوءِ جنهن وقت هو روس جو ڊڪٽيٽر ٿيو تنهن وقت پوري روس تي روسي مسلط ڪيائين. جڏهن مان تاشقند، بخارا، سمرقند ۽ دوشنبي ويو هوس تہ اُتان جا اديب اسان جي روسي گائيڊ ارينا اڳيان احساسِ ڪمتريءَ ۾ مبتلا هئا ۽ ڪوشش ڪري هن سان روسيءَ ۾ پئي ڳالهايائون ۽ ايئن کِلڻ هاب تي لڳا. جيئن اسان جا ڪجهہ سنڌي ڪامورا پنهنجن ٻارن سان اڌو گابريءَ اردوءَ ۾ ڳالهائي کلڻ هاب لڳندا هئا. خاص ڪري اُتر پرديش، مڌيہ پرديش، بِهار ۽ دهليءَ جا اسان جا مهاجر هم وطن جن جو رشتو ڌرتيءَ سان لاڳاپيل نہ آهي، اُنهن قلعءِ معليٰ ۾ اُردو زبان پيدا ڪئي، جنهن ۾ ڪنهن وقت اَسي فيصد لفظ عربي ۽ فارسيءَ جا هوندا هئا. مثال طور اُردوءَ جي عظيم شاعر غالب جا هيٺيان شعر ڏسو:

کاوِ کاوِ سخت جانیہائے،
تنہائی نہ پوچھ
صبح کرنا شام سے لانا ہے
جوئے شیر کا۔

(ترجمو: زندگيءَ جي ڪاوش جي جاکوڙ نہ پُڇ!
صبح کي شام ڪرڻ ۾ ايترا ڏولاوا آهن جيترا کير جي ندي آڻڻ ۾.)

شيرين فرهاد جي قصي ۾ آهي تہ شيرين جي مُڙس خسرو پرويز جو فرهاد سان شرط هو تہ جيڪڏهن هو ڪوهِ بي ستون کوٽي اُن مان کير جي ندي وهائي ايندو تہ هن کي شيرين ملندي. ان ڪري فرهاد پنهنجي تيشي سان انهيءَ پهاڙ جي صبح کان شام تائين کوٽائي ڪندو هو جيستائين کير جي ندي وهي آئي. شعر ۾ شاعرانہ تصور ۽ تشبيهہ نهايت خوبصورت آهي، پر پولي عوام لاءِ بعيد از فهم.

۲۔ فنا آموزِ درسِ بیخودی ہوں اُس زمانے سے
کہ مجنوں لام الف لکھتا
تھا دیوارِ دبستاں پر۔

(ترجمو: مون بيخوديءَ ۾ فنا جو سبق اُن زماني کان ورتو آهي،
جڏهن مجنون لام الف (لا) مڪتب جي ديوار تي لکندو.)
لفظ 'لا' عربيءَ جو لفظ آهي ۽ فنا جي نشاندهي ڪري ٿو.

شيرين فرهاد ۽ ليليٰ مجنون ايراني قصا هئا، جي غالباً نظامي گنجوي فارسيءَ ۾ لکيا هئا. جي دلي دربار، جنهن جي درباري زبان فارسي هئي، اُن ۾ ڪافي مقبول هئا. اُنهن ۾ آيل ڪردارن کي ڪاليداس جي شڪنتلا ۽ اُروشي وغيره ڪردارن تي ترجيح ڏني وئي هئي. ساڳيءَ طرح انهن قصن کي پاڪستان ۾ سوهني مهيوال، هير رانجها، سسئي پنهونءَ، مومل راڻي، ليلا چنيسر وغيره تي ترجيح ڏني وڃي ٿي ۽ اهي قصا اجا تائين علامتي انداز ۾ آندا وڃن ٿا. فقط هڪ ڦيرو تقسيم کان اڳ هيٺيون هڪ شعر لکي پنجاب کي خوش ڪيو ويو هو:

سُنا یارات کو قصہ جو ہیر رانجھے کا،
تو اہلِ درد کو پنجابیوں نے لوٹ لیا۔

۽ يو پي وارن هندن کي فقط هيٺين سِٽ خوش ڪرڻ لاءِ لکي وئي هئي.

سمتِ کاشی سے چلا جانبِ متھرا بادل۔

يا بيا قصا جن ڏانهن شاعريءَ ۾ اشارو ڪيو ويو وامق عذرا ۽ رستم سهراب هئا. عذرا تہ اختر شيرانيءَ جي شاعريءَ جي محبوبہ هئي.

اسان جا اُردو ڳالهائيندڙ هم وطن فقط ڪراچيءَ کي پاڪستان سمجهن ٿا ۽

محبِ وطن عوام پاڻ کي سمجهن ٿا. جيتوڻيڪ هنن جي وطنيت جو تصور فقط هوا ۾ معلق آهي ۽ هو وطن جي ڌرتيءَ سان اجا تائين ڪوئي رابطو ڪرڻ نہ ٿا چاهن. توڙي پاڪستان دارالسلام آهي ۽ هندوستان وانگر دارالحرب نہ آهي. اهو ڌرتيءَ کان فرار هنن جي نفسيات جو حصو ٿي چڪو آهي ۽ هو اُن سان وابستگيءَ ۾ پنهنجو عدم تحفظ محسوس ڪن ٿا. جڏهن بہ آمريت اچي ٿي، اُنهن جي اڪثريت اُن جي خوش آمديد ڪري ٿي ۽ صوبائي خودمختياريءَ ۽ هر صوبي جي الڳ تشخص جي نفي ڪري ٿي. مون لاءِ ادب ڪنهن قوم يا طبقي يا گروهہ جي نفسيات جو بئرو ميٽر (Barometer) رهيو آهي. اچو تہ اُردوءَ شاعريءَ ۾ ڏسون تہ اُن ۾ ڌرتيءَ کان فرار ڪيترو رهيو آهي.

1 ـ اُن ۾ تاج محل جو ذڪر ورلي آيو آهي، تصر قيصر ۽ گنبذِ افراسياب جو ذڪر گهڻو آهي. لاهور، جو پاڪستان جي دل آهي، اُن ۾ عظمت جا منقش يادگار آهن، پر اُنهن جو ڪوبہ ذڪر نہ آهي.

2 – ارزنگ ماني، نقشِ بهزاد ۽ چاهِ نخشب جو شاعريءَ ۾ ذڪر آهي، جيڪي لفظ هندوستان ۽ پاڪستان جي عوام لاءِ ڌڀي ۾ ٺڪريون آهن. ڪٿي بہ گنڌارا آرٽ يا راجستان جي آرٽ جو ذڪر نہ آهي ۽ نہ چغتائيءَ جهڙي عظيم مصور، جنهن ڪلامِ اقبال ۽ ڪلامِ غالب کي مصور ڪري، اُن کي آسمان تائين رسايو هو، اُن جو ذڪر آهي.

3 – ڪويل، پپيهي، چڪور ۽ ٻين هزارن پرندن جي ديس جي باري ۾ ڪنهن ورلي ڳايو آهي، 'بلبل و دراج و سار' جو شاعريءَ ۾ ذڪر آهي. دراج فارسيءَ ۾ تتر کي چوندا آهن، جنهن کي اُردوءَ ۾ تيتر چيو ويندو آهي. سار فارسيءَ ۾ وهٽي کي چوندا آهن، جنهن کي اُردوءَ ۾ 'تلير' چيو ويندو آهي. پنجاب اهو لفظ ڪاري رنگ جي هندوستانيءَ لاءِ ڪم آڻيندو آهي.

4 – گهوڙي لاءِ عوامي اُردوءَ ۾ لفظ گهوڙا، مستعمل آهي، جو مير انيس ۽ مير دبير پنهنجي شاعريءَ ۾ بار بار ڪم آندو آهي ۽ علامہ اقبال بہ 'شڪوه' ۾ لکيو آهي:

بحر ظلمات میں دوڑا دیے گھوڑے ہم نے۔

نہ تہ گهوڙي لاءِ اڪثر شاعرن 'سمند، راهوار، رخش ۽ ابلق' وغيره جهڙا لفظ ڪم آندا آهن، جن مان ابلق تہ برِصغير ۽ سنڌ ۾ گهوڙي جو قسم آهي، پر باقي لفظ نامانوس آهن.

5 – ڪشتيءَ لاءِ زورق، سفينو لفظ ڪم آندا آهن. جڏهن بنگلاديش اسان وٽ هو تڏهن اُتي ناوَ ۽ سمپان مکيہ ڪشتيون هيون ۽ سنڌ ۾ ڪشتيءَ لاءِ ڪيئي نالا ٻيڙي، هُڙيو، دنگي، مَڪڙي وغيره آهن.

اُردو شاعرن مان غير منقسم هندوستان ۾ فقط يگانہ لکنوي هڪ شعر ۾ ناوَ لفظ استعمال ڪيو آهي:

وہ کنارا چلا کہ ناو چلی،
کون سی بات دھیان میں آئی۔

اُردوءَ ۾ ڪشتيءَ لاءِ ڪنهن بہ مقامي ٻوليءَ جو لفظ نہ آندو ويو آهي.

6 – اُتر اولهہ پاڪستان (موجوده پاڪستان) بنگلاديش ۽ هندوستان دريائن جو ديس آهي، جنهن مان سنڌو برهم پترا، گنگا جهڙا درياهہ وهندا آهن. انهن جو ذڪر اُردوءَ شاعريءَ ۾ نہ آهي. درياهہ جي لاءِ جيجون، دجلہ، فرات، قلزم وغيره لفظ ڪم آندا ويا آهن.

7 – ڀنائي ستارن لاءِ ڪجهہ لفظ ٽيڙو، لڏو، وهائو نکٽ وغيره ڪم آندا آهن.

مون ڪي مڌيہ پرديش جي هڪ ڊاڪ بنگلو جي ملازم اڌ رات جو ٻڌايو هو تہ ٽيڙوءَ کي هن جي ٻوليءَ ۾ 'تير ڪانتا' چوندا آهن، پر اهڙو پيارو لفظ ڪنهن بہ اُردو شاعريءَ ۾ ڪم نہ آندو آهي. غالب جهڙي شاعر تارن جي ڪٽ لاءِ بنات النعش ڪم آندو آهي.

بنات النعش لاش کي ڪنڌو ڏيندڙ ڇوڪرين کي چوندا آهن.

تھیں بنات النعش دن کو شب کے پردے میں نہاں،
شب کو اُن کے جی میں کیا آئی کہ عریاں ہو گئیں۔

(ترجمو: بنات النعش ڏينهن جي وقت تہ رات جي پردي ۾ ڇپيل هونديون هيون،
رات جو هنن جي جيءَ ۾ الائي ڇا آيو جو اُگهاڙيون ٿي ويون.)

'بنات العش' لفظ هندستان ۽ پاڪستان جي عوام لاءِ بنهہ اجنبي آهي.

8 – علامہ اقبال جهڙي عظيم شاعر ڀهريون ڀيرو همالا تي نظم لکيو. هن کان اڳ همالا لفظ شاعريءَ ۾ ڪنهن استعمال نہ ڪيو هو. گهٽ ۾ گهٽ منهنجي اُردوءَ شاعريءَ جي مطالعي ۾ تہ نہ آيو آهي، پر اُن کان پوءِ ٻئي ڀهاڙ جنهن جو ذڪر ڪيو اٿائين اُهو 'ڪوهِ دماوَند' آهي، جو ڪير تر جيترو ڀهاڙ غالباً ايران يا مشرق وسطيٰ ۾ آهي. هتي سنڌ جي ڀهاڙن جا نالا فقط مون اُردو شاعريءَ ۾ استعمال ڪيا آهن. سنڌ تہ ٺهيو پر بلوچستان، مڪران، سرحد، پنجاب جي ڀهاڙن جو ذڪر بہ اُردو شاعريءَ ۾ نہ آهي.

9 – سنڌ ۽ راجستان ۾ هرڻن جي موجودگيءَ جي باوجود اهو ئي ختن، غزال ۽ مشڪ تتار جو ذڪر ڪيو ويو آهي. جيتوڻيڪ هِرن لفظ اُردوءَ ۾ استعمال ٿيندو آهي.

10 – اردوءَ ۾ ريشم لاءِ حريرو ديبا ۽ اطلس و پرنيان لفظ شاعريءَ ۾ ڪم آندا ويا آهن. مون اهڙا پٽ جا قسم تاشقند جي ميوزيم ۾ ڏٺا هئا.

11 – فقط بنگلاديش ۾ ئي مون چمپا جا پارنهن قسم ڏٺا هئا. هندوستان ۽ پاڪستان ۾ تہ گوناگون گل ٿيندا آهن. مروا، مولسري، ڪرنو رات ڪي راني، دن ڪا راجا، بيلا وغيره.

سنڌ ۾ فقط ٿر ۾ ئي هزارين گل ٿيندا، وڻ ۽ وليون آهن. پر اُردو شاعريءَ ۾ نرگس شهلا، لالہ صحرا عشق پيچان وغيره جو ذڪر آهي. اهي گل غالباً مغليہ باغات ۾ ٿيندا هئا، جتي ايران مان ٻج آڻي پوکيا ويا هئا. اهڙيءَ طرح سرو و صنوبر، سنبل و ريحان وغيره جا وڻ جي هتي عام جام نہ آهن. شاعريءَ ۾ آندا ويا آهن. نم جو لفظ فقط منهنجي اُردو شعري مجموعي جي عنوان 'نیل کنٹھ اور نیم کے پتے' ۾ ڪم آندو ويو آهي. ممڪن آهي تہ ٻئي ڪنهن شاعر ڪم آندو هجي، پر اهڙي ڳالهہ منهنجي ڌيان تي نہ آئي آهي.

12 – سبزه خط ۽ ڪاڪُل مشڪين جو اُردو شاعريءَ ۾ ذڪر آهي، ڇو تہ اُردوءَ شاعريءَ ۾ اڪثر اوقات محبوب مذڪر هوندو آهي، جا ڳالهہ ايراني روايت تان ورتي وئي آهي.

13 – بحرو وزن اڪثر فارسيءَ تان ورتو ويو آهي. عربي بحر و وزن سان گهٽ هٽ ڇراند ڪئي وئي آهي. ماترائن جو استعمال ورلي آهي. شايد فقط مير تقي مير جي شاعريءَ ۾.

14 – ايراني شاعريءَ تان زير اضافت، همزهء اضافت ۽ واو عطفي ورتو ويو آهي. اُردو سِٽ ۾ چار پيرا زيرِ اضافت ڪم آندي وئي، جا ايران ۾ بہ ڪم نہ آڻيندا آهن. رڳو اردو شاعره فاطمہ حسن جي نئين ڪتاب ۾ زيرِ اضافت نہ آهي.

15 – راجستان ۽ ٿر بيابان کي نظرانداز ڪري نجد جي بيابان جو ذڪر ڪيو ويو جو عوام لاءِ نامانوس لفظ آهي.

16 – اسلامي روايات جي خلاف الله ۽ شيطان لاءِ يزدان ۽ اهرمن جو زردشتي تصور ڪم آندو ويو ڇو تہ اهي لفظ فارسي شاعريءَ ۾ مستعمل هئا. اهڙيءَ طرح باغ عدن کي ڪشمير تي افضليت ڏني وئي.

17 – ديومالائي لفظ ڇڏي ستنقور (واري جي مڇي)، سمندر (آگ جو ڪيڙو)، هما، عنقا جهڙا لفظ آندا ويا، جي عوام جي سمجهہ کان بعيد هئا. اهي ڪجهہ مثال ڏئي طوالت جي خوف کان مان ٻيا مثال نہ ٿو ڏيان.

18 – اُردو شاعريءَ ۾ غلاف ڪعبہ، حجرِ اسود، آبِ زم زم، شجر طوبيٰ، حور و غلمان، ڪوثر ۽ تسنيم، جنت ۽ جهنم، فردوس، زمهرير ۽ قصص القرآن جي اشاريت لاءِ استعمال جو جواز آهي، ڇو تہ اسلام اسان جو مذهب آهي، باقي ٻيون ڳالهيون لغو آهن ۽ رڳو ڌرتيءَ لاءِ ڏڪار ئي انهن جو ڪارڻ ٿي سگهي ٿي.

هڪ ڀيري سبطِ حسن مون کي چيو هو ته، ”مون کي هندستان جي ڪميونسٽ پارٽيءَ مجبور ڪيو ته سنڌ ۾ وڃان. اُتان جي ماڻهن سان گھُلان ملان. انهن جي زبان سِکان ۽ اُتي انقلاب لاءِ فضا هموار ڪريان پر مان ڪراچيءَ جي بئي هر مهاجر وانگر اندرونِ سنڌ وڃي نوان دوست پيدا ڪري نه سگھيو هوس. منهنجو احباب جو حلقو الهه آباد، لکنؤ، دهلي ۽ دکن وارو ئي آهي. دراصل اسان مان ڪوبه سنڌي زبان سکي نه سگهيو آهي. ان ڪري چاڪاڻ جو تون واحد شخص آهين، جنهن کي ٻنهي زبانن تي عبور آهي ۽ ڀٽائيءَ جي پوري ڪلام جو اُردوءَ ۾ منظوم ترجمو ڪيو اٿئي، سو تون پنهنجي منتخب ڪلام جو به اُردوءَ ۾ منظوم ترجمو ڪر.“

مون کي اُردوءَ سان تعصب ڪونه هو ۽ اُن جي ذريعي پنهنجي ڪلام جي زياده رسائيءَ جي توقع هئي. ان ڪري مون پنهنجي ڪتاب 'نیل کنٹھ اور نیم کے پتے' کي ترتيب ڏني.

اُردوءَ وارن جي متين روش جو خاص سبب اهو هو ته هندستان ۾ مسلمان پنهنجو الڳ تشخص برقرار رکڻ چاهن پيا ۽ ان ڪري ايران ۽ وچ اوڀر جي ثقافتي روايات کي چهٽيا پيا هئا ۽ هنن کي اهو ڀؤ هو ته هنن هندستان جي ڌرتي اپنائي ته هُو هندو اڪثريت ۾ ضم ٿي ويندا. انهيءَ ذهنيت کان اُردو شاعر امانت لکنوي، آرزو لکنوي، دکن جو شاعر عظمت الله ۽ پنجاب جو اُردو شاعر ميرا جي ۽ مُطلبي فريد آبادي، جنهن ميواتي اُردوءَ ۾ 'پنهاري' ڪتاب لکيو هو ۽ هڪ ٻه ٻيو شاعر مستثنيٰ هئا. باقي هزارين شاعرن جي شاعريءَ ۾ ڌرتيءَ کان انڪار ۽ اُن کان فرار آهي. ڌرتي لفظ ئي گهٽن جي ڪنن کي رهڙيندو هو ۽ هو اُن لاءِ عربي لفظ 'ارض' ڪم آڻيندا هئا. جيتوڻيڪ اُن جو عربي تلفظ نه ڪندا هئا.

پر هاڻي ته هو پاڪستان ۾ رهن ٿا. اُها ئي ڌرتي هنن جي ڌرتي آهي. پاڪستاني ثقافت سان هنن جي محبت ۾ ئي هنن جي بقا جو راز مضمر آهي. اُن کان فرار اجايو آهي. ڇڪي بدّل رسيءَ تي هٿين خالي گهُمڻ ۾ ڌرتيءَ تي ڦهڪي جو خطرو آهي. بهتر آهي ته ڪوئي لڪڙو هٿ ۾ هجي. دنيا ۾ ڪٿي به فقط نظريو وطنيت لاءِ ڪافي نه آهي. وطنيت لاءِ ڌرتي ۽ اُن سان محبت ضروري آهي. نه رڳو پاڪستان لاءِ محبت ضروري آهي، پر اُن جي هر صوبي جي رهاڪوءَ لاءِ پنهنجي صوبي سان محبت ضروري آهي ۽ اها ئي محبت صحيح شاعريءَ جو بنياد آهي.

*14 نومبر 1994ع*

# آرٽ ۽ آزادي لازم ۽ ملزوم

مذاڪري ۾ شريڪ ساٿيو دوستو، مان اوهان جو هن عزت افزائي لاءِ مشڪور آهيان "ادب ۾ آزادي، منهنجو پسنديدا موضوع آهي ۽ ويجهڙائي ۾ مون پنهنجي اخبار ۾روسي اديب سولزي نتسن جي ويهہ سالہ جلاوطنيءَ کان پوءِ روس واپسي تي ايڊيٽوريل لکي چڪو آهيان، ڇو تہ روس ۾ سولزي نتسن اديب جي آزاديءَ جو دلواده هو ۽ اُن لاءِ هن ايتري قيمت ادا ڪئي هئي جيتري جديد دنيا ۾ ڪنهن اديب نہ ڪئي آهي. دراصل منهنجي نظر ۾ آرٽ ۽ آزادي لازم ۾ ملزوم آهن. مون هڪ جاءِ تي يونان جي عظيم ناول نگار ڪازان زاڪس جي ڪتاب 'آزادي يا موت' مان هڪ حوالو ڏنو آهي جو سوال ۽ جواب جي صورت ۾ هيئن آهي.

"بابا! هن کي گولي ڪنهن هنئي آهي؟"

"آزاديءَ"

"بابا! هن کي ڦاسيءَ تي ڪنهن چاڙهيو آهي؟"

"آزاديءَ"

"بابا! هن جي گردن ڪنهن ڪٽي آهي؟"

"آزاديءَ"

"بابا! ڇا آزاديءَ ڪنهن جلاد جو نالو آهي؟"

"هائو بابا، پر اُهو جلاد وڏو جادوگر آهي. هڪ ڀيرو هُن جو هٿ چمندين تہ توکان پنهنجي سر جي سار وسري ويندي" گئليلوَ جو پنهنجي جان بچائڻ لاءِ، هڪ سائنسي حقيقت تان ڦري ويو هو اُن جو هڪ هم وطن شاعر برونو حق گوئي سبب جيئرو جلايو ويو هو.

تاريخ ۾ ڪيئي ڀيرا ملن ٿا جن تي تخليق ڪار جي رت سان ميندي لڳل آهي. ادب تي اهو ظلم اُن کان بہ اڳ ۾ جاري آهي جنهنجون اکيون ڪڍائيون ويون هيون. اديب ۽ آرٽسٽ کي پنهنجي اظهار جي آزاديءَ جي قيمت ادا ڪرڻي پوندي آهي. هن جي تيز نگاهہ مستقبل جي ڪوهيڙي کي چيري، اڃڻ واريون ڳالهيون ڏسندي آهي جنهن سان اُن جا همعصر مانوس نہ هوندا آهن ۽ جنهن وقت هُو انهن جي ذهن کي پهريون ڀيرو ڏونڏاڙي ٿو تڏهن هو رڙيون ڪن ٿا ۽ هُن جون وقت کان اڳ ڳالهيون اُنهن کي ناگوار لڳن ٿيون. هو هڪ زلزلي ماپ جي

اوزار (Siesmograph) وانگر زلزلن جي خبر ڏئي ٿو ۽ ڏسندڙن ۽ ٻڌندڙن کي پريشان ڪري ڇڏي ٿو.

هي هڪ ابدي حقيقت آهي تہ سچ هڪ انسان جي اقليت ۾ پيدا ٿيندو آهي ۽ جڏهن اهو انسان اديب هوندو آهي، تہ اُن کي انهيءَ سچ جي اظهار جي صلاحيت هوندي آهي، جنهن کي هو آزاديءَ سان استعمال ڪري هر ڪنهن کي مشتعل ڪري ڇڏيندو آهي.

ان ڪري مان لفظ آزاديءَ کي ڏنگين ليڪن (Inverted Cammas) ۾ ائين وجهان ٿو. جيئن هڪ وحشي سان کي سڱن کان پڪڙيو آهي. ڪي حقيقت نگار اديب پاڻ کي اظهار جي آزاديءَ جو ٺيڪيدار سمجهندا هئا ۽ ڪنهن دور ۾ پاڻ کي ترقي پسند چوائيندا هئا. حقيقت ڇا آهي، ان ڳالهہ جو هنن کي ڪوئي خاص تصور نہ هُيو. هو فقط طبقاتي جدوجهد ۽ اُن جي نتيجي ۾ حاصل ٿيل پرولتاري انقلاب کي حقيقت سمجهندا هئا. تاريخ ان مفروضي کي قطعاً ڪوڙو ثابت ڪيو آهي.

جدلياتي ماديت جهڙي بي معنيٰ فلسفي کي مڃڻ وارا اهو نہ ٿا ڄاڻن تہ مادي دنيا کان اڳتي بہ ڪا حقيقت آهي. هو نہ ٿا ڄاڻن تہ هي زندگي تہ هڪ سراءِ ۾ رين بسيرو آهي. انسان جو اصلي گهر تہ ٻيو ڪوئي آهي.

نتيجو اهو ٿيو تہ ماده پرست حڪومتن ادبي شخصيتن تي ڪافي جبر ۽ تشدد ڪيو. روسي انقلاب کان پوءِ اوس پينسڪي جهڙو عظيم روسي فلسفي يونان ۾ اُن وقت پنهنجا ڪيئي سال روسي جلاوطنن ۾ ضايع ڪيا جيستائين هن کي انگلينڊ ۾ مستقل رهائش جو موقعو مليو. هن جو زمان ۽ مڪان جو تصور فارابي ۽ ابنِ سينا کان گهڻو اڳتي آهي. گرجيف جهڙو عظيم سريت پسند هن کان متاثر هيو.

دنيا جي ادب ۽ آرٽ جي تاريخ منهنجي اڳيان آئيني وانگر آهي. جو ڪوئي صحيح معنيٰ ۾ اديب ۽ آرٽسٽ آهي، اُهو سچ لکڻ کان لنوائي نہ ٿو ۽ اهڙي تحرير جي لاءِ هن کي جان جي بازي لڳائڻي پئي ٿي تہ اهڙو جوکو بہ کڻي ٿو وڃي.

بقولِ حافظ

آسمان بار امانت نہ توانست کشيد،
قرعۂ فال بنامِ منِ ديوانہ زدَند.

(ترجمو: آسمان امانت جو بار نہ کڻي سگهيو
فال ڪڍيائون تہ منهنجو نالو نڪتو).

غالب بہ ساڳي ڳالهہ چئي آهي جا اوهان بار بار ٻُڌي هوندي.

*برسات ۾ چيپيل مضمون*

لکھتے رہے جنون میں حکایات خون چکاں،
ہر چند اس میں ہاتھ ہمارے قلم ہوئے.

(جنون ۾ رت چڪائيندڙ ڳالهيون لکندا رهياسين
توڙي ايئن ڪرڻ وقت اسان جاهٿ وڍيا ويا آهن)

اديب ۽ آرٽسٽ جا هٿ ڪپجڻ وڏي ڳالهہ نہ آهي. رت چڪندڙ ڳالهين کان پاسو ڪرڻ ڏکيو آهي. منهنجي نظر ۾ ادب ۽ آزاديءَ ساڳيءَ شيءَ جا ٻہ نالا آهن.

---

**(8 جون تي آرٽس ڪائونسل ۾ ادب ۽ آزادي جي تصور تي ٿيل مذاڪري ۾ شيخ اياز جي صدارتي تقرير جو سنڌي ترجمو)**

*(13جون1994ع)*

# 21 جون بينظير جو جنم ڏينهن

مون جڏهن محترمہ بينظير جو ڪتاب 'پورب ڄائي' (Daughter of East) پڙهيو تہ مون کي پنهنجي پسنديده ناول نگار ڪازان زاڪس جي ناولن مان هيٺيان بہ ٽڪرا ياد آيا.

"منهنجي پيءُ پنهنجن هٿن سان منهنجو مُنهن ڦيري مون کي چيو "ڏس!" ڪي ماڻهو وڻ تان ڦاسين ۾ لڙڪي رهيا ها. اُهي اُگهاڙي پيرين هئا ۽ اُنهن جون زبانون اُنهن جي واتن مان نڪري آيون هيون. مان اهو ڏيک ڏسي نہ سگهيس ۽ منهن ڦيري پنهنجي پيءُ کي گوڏن کان چنبڙي پيس. پر هن منهنجي مُنهن کي پنهنجن هٿن ۾ قابو جهليو ۽ وري ان وڻ ڏانهن ڦيرائي چيائين، "ڏس!" ڦاسي چڙهيل ماڻهو منهنجين اکين ۾ ڦِرڻ لڳا.

"جيستائين تون جيئرو رهين، هي ڦاهي چڙهيل ماڻهو تنهنجين اکين کان پري نہ ٿين. هنن کي ڪنهن ڦاهيءَ چاڙهيو آهي؟"

"آزاديءَ."

"انهن جي پيرن کي چُهہ!"

"نہ نہ." مون ٻُوٽ ۾ وراڻيو.

"تون انهن کي ڇُهي سگهين ٿو اڄ!" اسين انهن جي ويجهو وياسين تہ منهنجي پيءُ مون کي چيو "انهن جي پيرن کي ڇُهہ!"

هن منهنجو هٿ وٺي انهن جي پيرن تي رکيو. مون انهن جي ٿڌي کهري چمڙي پنهنجن هٿن هيٺان محسوس ڪئي.

"انهن کي چُم، انهن جو سلام ڪر!" منهنجي پيءُ مون کي حُڪم ڏنو.

مون کي چرڪندو ڏسي، هن مون کي ٻانهن کان پڪڙيو ۽ مون کي هنج ۾ کڻي، منهنجو مٿو زوريءَ جهُڪائي، منهنجا چَپ انهن جي اڪڙيل پيرن تي چنبڙائي ڇڏيائين. پوءِ مون کي هنج مان هيٺ لاٿائين، منهنجا گوڏا ڪنبي رهيا هئا. هو مون تي جهُڪي آيو ۽ مون کي چيائين، "هاڻي تون ان اتي هري ويندين!"

غالباً اهو ٽڪرو هن جي ناول 'آزادي يا موت' مان آهي. ان مان هڪ ٻيو بہ ٽڪرو آهي، جو مون پنهنجي نوٽ بُڪ ۾ اُتاري ڇڏيو هو:

"ايئن شينهن پنهنجن ٻچن کي سکيا ڏيندو آهي. اهو انهن کي شڪار

ڪرڻ سيکاريندو آهي ۽ ڪوڙڪن کان بهادريءَ يا چالاڪيءَ سان بچڻ سيکاريندو آهي.“

جيتوڻيڪ بينظيرَ ’پورب جائي‘ ۾ چيو آهي تہ پُٽني کي ڦاسي نہ آئي هئي ۽ هن کي قتل ڪيو ويو هو تہ هو فرشتي وانگر خوبصورت ٽي لڳو پر ڪازان زاڪس جنهن ڳالهہ تي زور ڏنو آهي, اها آزاديءَ جي شهيد کي چُمڻ کانپوءِ خوف جي عدم موجودگيءَ جو احساس آهي.

بينظير بہ جڏهن پيءُ جي پيرانديءَ سان ڳل لاٽا هوندا, تڏهن هن مان موت جو خوف معدوم ٿي ويو هوندو ۽ هن جدوجهد لاءِ عزم ڪيو هوندو. جنهن جي تربيت هن کي اڳيئي ملي چُڪي هئي ۽ هن جي ڪيفيت اها هوندي جا ڪازان زاڪس جي متي ذڪر ڪيل بئي تڪري ۾ آهي.

دنيا ۾ تمام ٿوريون آزادي پسند عورتون ٿيون آهن, جي بينظير جي پيٽ ۾ رکجي سگهجن ٿيون. انهن مان هڪ جهانسيءَ جي راڻي هئي. هن آخري دم تائين انگريزن خلاف تلوار ڪشي ڪئي ۽ حوصلو نہ هاريائين ۽ تيستائين هن نہ ڄاتو تہ موت ڪهڙي چڙيا جو نالو آهي. عقاب وانگر آزاديءَ ۾ ساهہ کنيائين, آزاديءَ ۾ ساهہ ڏنائين. حڪومت لاءِ جدوجهد هن جي مقدر جو حصو هئي. هوءَ راڻي هئي, راڻيءَ وانگر رهي, راڻيءَ وانگر مُئي. موت هن لاءِ راند هئي, هار جيت جي هن کي گهٽي ڳڻتي نہ هئي.

مغرب مان جون آف آرڪ جو مثال ڏئي سگهجي ٿو. هن جي ساري زندگي هن جي نصب العين جي تڪميل هئي.

ڇا اوهان ڪڏهن بينظير کي ڪنهن بين الاقوامي ڪانفرنس کي خطاب ڪندي ڏٺو آهي؟ ڇا اوهان دنيا جي ڪنهن مرد يا عورت سياستدان کي هن جي مقابلي ۾ رکي سگهو ٿا؟

ڇا هن جدوجهد جي ذريعي جمهوريت نہ آندي آهي؟ ڇا اها جدوجهد ان امن لاءِ جدوجهد نہ آهي, جنهن جي خاطري فقط جمهوريت ڏئي سگهي ٿي؟ اها بہ ڳالهہ آهي تہ هوءَ ڪشمير جي مسئلي تي لُڏي نہ آهي ۽ پنهنجي زندگيءَ وانگر پنهنجي قوم جي زندگيءَ کي عزت نفس ۽ خودداريءَ کان وانجهي ڪونہ رکيو اٿائين. نہ تہ هن وقت تائين ‘The Daughter of East’ (پورب جائي) جي مصنفہ کي امن لاءِ نوبل پرائيز ملي وڃي ها, جنهن جي هوءَ بئي ڪنهن بہ سياستدان کان وڌيڪ مستحق آهي. ٺيڪ آهي: نيلسن منڊيلا ستاويهہ سال جيل ۾ رهيو پر جي ڪوئي بہ سياستدان گهٽ عرصو جيل ۾ رهي, پنهنجي ساريءَ قوم کي جمهوريت لاءِ اُتساهي سگهي ۽ اڪثريت سان بہ پيرا چونڊجي, ان تي ظلم و ستم جو خاتمو ڪري, هڪ آئيني نظام ڏئي, جنهن ۾ انساني حق بحال ڪيا

وجن، تہ هن جي ڪاميابي نيلسن منڊيلا کان ڇا ۾ گهٽ آهي؟ انساني عظمت جي ڪٿ لاءِ قيد و بند جي طوالت ضروري تہ نہ آهي! اهو نہ وساريو وڃي تہ هو شهيد ڀُٽي جو تسلسل آهي، جو 'سرداد نداد دست در دست يزيد' جو مثال آهي. پيءُ وانگر هن کي عزم تي آهني گرفت رهي آهي، هيءَ عورت 21 جون 1953ع تي گلاب جي مُکڙيءَ وانگر پيدا ٿي هئي، جو هن کي 'پنڪي' چوندا ها ۽ لاڙڪاڻي ۾ نظربنديءَ دوران، گلاب جي ٻارن کي پاڻي ڏيندي هئي. انهيءَ جو روح رُڪ وانگر اڏول آهي.

هن جي لڳاتار پٽ کوهہ قوم کي آزاديءَ جي منزل تي رسايو آهي ۽ ان جي واڳ هن جي وس ۾ ڏني اٿائين، مون کي اُميد آهي تہ اڄ نہ سڀاڻي هن کي امن لاءِ نوبل پرائيز ملندو جنهن جي هوءَ مستحق آهي. هن وقت دنيا ۾ ڪائي عورت هن کان وڌيڪ باهمت، باشعور ۽ باضمير نہ آهي.

مان ۽ برسات جو سارو ادارو هن جي ڄمر جي ڏينهن تي هن جي خوشيءَ ۾ شريڪ آهيون. هونئن تہ پاڪستان جو سارو عوام ان خوشيءَ ۾ شريڪ آهي. خوشنصيب آهي سنڌ جي ڌرتي، جنهن هن کي جنم ڏنو آهي. هوءَ مارئيءَ ۽ ٻاگهيءَ جو نئون روپ آهي. شال خدا هن کي عمر دراز عطا ڪري، جيئن هوءَ هن قوم جي خدمت ڪري سگهي، جنهن جا ڏک کُٽي نہ ٿا کُٽن پر جنهن جو نيتارو ويجهو اچي ويو آهي.

(21 جون 1994ع)

# روزاني 'برسات' ڪراچيءَ ۾ ڇپيل شيخ اياز جا ايڊيٽوريل

# هن ديس جا مسئلا ۽
# برسات جي نقطۂ نگاهہ

سنڌ جي دانشور طبقي کي شدت پسند نعري بازيءَ ۾ ايتري حد تائين وچڙايو ويو آهي، جو نہ رڳو سنڌ جا سڀ جائز حق حاصل نہ ٿي سگهيا آهن، پر انهن لاءِ تقاضا بہ مشڪوڪ سمجهي وئي آهي. اسان جي روايت ۾ محبت، رواداري، صبر ۽ تحمل شامل آهي. پر اسان ان روايت خلاف، هن دؤر جي نزاڪت کري، ابهرائيءَ ۽ ڪوتاهہ انديشيءَ کان ڪم وٺي رهيا آهيون. هي هڪ پر آشوب دؤر آهي. اسان کي نہ فقط بين الاقوامي حالتن جو پورو شعور نہ آهي پر ان ڳالهہ تي بہ چڱيءَ طرح سوچ ويچار نہ ڪيو آهي تہ اسان جا معاشي، تعليمي ۽ سياسي مسئلا اسان کان ڇا ٿا چاهين. خاص ڪري جنهن وقت اسان جمهوريت ۾ ساهہ کڻي رهيا آهيون ۽ آمريت جي پوائتي اکٽ ۽ سورائتي دؤر مان ٽپي چڪا آهيون ۽ نٿا چاهين تہ اهو دؤر موٽي اچي. ڇا اسان نٿا ڄاڻون تہ بيروزگاري وڌي رهي آهي، قومي وسيلا کٽي ويا آهن، حڪومت جي ڪوشش جي باوجود تعليم جي حالت ۽ علاج جي موجودگي تسلي بخش نہ آهي ۽ ثقافتي نفرت ۽ قبائلي جهيڙا جهڳڙا وڌي وڃ تي چڪا آهن. ڇا انگريز کي ڪڏهن اسان اهو طئي نہ ڪيو هو تہ هڪ جمهوري فيڊرل نظام جو حصو ٿي رهنداسين؟

هاڻي جڏهن اهو جمهوري فيڊرل نظام اسان کي مليو آهي، تڏهن هڪٻئي سان ڪدورتون هٽائي، افهام ۽ تفهيم سان مسئلا حل ڪريون، جيئن ڪنهن جي نڙي يا پيٽ تي لت نہ اچي. حيرت آهي تہ فلسطيني عرب ۽ يهودي ڪٺا رهي سگهن ٿا، انگلينڊ ۽ آءِ. آر. اي. جي هڪ ٻئي جا پراڻا دشمن هئا سي صلح صفائيءَ لاءِ ڳالهيون ڪري سگهن ٿا. پر اسان، جن هيءَ ديس گڏجي ٺاهيو هو، هڪٻئي کي برداشت نٿا ڪري سگهون ۽ نيت پت سان ڪنهن فيصلي تي پهچي نٿا سگهون! آخر هيءَ بلي شاهہ ۽ باهوُ ۽ پيٽائي ۽ سرمست جي سرزمين انسانيت کان ايترو تہ وانجهي نہ ٿي چڪي آهي، جو ان جا باشندا هڪٻئي جو ڏک درد سمجهي نہ سگهن.

مونکي يقين آهي تہ هيءَ حڪومت نہ رڳو اسان جا باهمي تضاد حل ڪري،

اسان کي امن ۽ هڪبئي سان ڀائيچاري ۽ محبت سان رهڻ جا موقعا پيدا ڪندي پر ذڪڙ اوپر ايشيا جا مسئلا بہ ساڳيءَ طرح حل ڪري سگهندي ۽ ڪشمير کي پنهنجي سياسي جهنم مان ڪڍي، وري جنت الڪشمير بڻائي سگهندي. آخر انسانذات ۾ اوليت انسان کي آهي، ذات ثانوي آهي.

روزاني برسات ان ڏس ۾ هر انهي قوت جا هٿ مضبوط ڪندي، جا سنڌ ۾ خصوصاً ۽ پوري پاڪستان عموماً، ڀائيچاري، برابري، اقتصادي ۽ سياسي انصاف ۽ محبت لاءِ ڪوشش ڪندي.

(24 فيبروري 1994)

# سنڌيءَ ۾ ٽيڪنالاجيڪل ڊڪشنريءَ جي ضرورت

سال 1976ع ۾ مان سنڌ يونيورسٽيءَ جي وائيس چانسلر جي حيثيت ۾ ترڪيءَ ۾ وائيس چانسلرن جي ڪانفرنس ۾ شريڪ ٿيو هئس. ڪانفرنس ۾ انگلينڊ ۽ اسڪاٽلينڊ جي يونيورسٽين جا ريڪٽر (انگلينڊ ۾ يونيورسٽي جي وائيس چانسلر کي ريڪٽر چئبو آهي)، ايران، ترڪي ۽ پاڪستان جا وائيس چانسلر شامل هئا. استنبول کان پوءِ اسان کي، انقره يونيورسٽي ڏانهن وٺي ويا. رستي تي ڪمال اتاترڪ جو سنگ اسود (ڪارو پٿر يا گرينائيٽ) جو عظيم الشان مجسمو هو جنهن جي هيٺيان ترڪيءَ ٻوليءَ ۾ لکيل هو تہ "اوهان لاءِ هن کان وڌيڪ فخر جي ٻي ڳالهہ نہ آهي تہ اوهان ترڪ آهيو." اتان اسان کي انقره يونيورسٽي ۾ وٺي هليا. جتي اڪيچار ڪتابن کان سواءِ، ترڪي ۽ مغرب جي ٻين ٻولين ۾ مختلف موضوعن تي چار هزار ماهوار رسالا رکيل هئا. انهن مان اڪثر مضمون، جي ترڪي ٻوليءَ ۾ ڪارآمد ٿي سگهن ها، انهن جو ترجمو ڪيو پئي ويو. انقره يونيورسٽي جو ريڪٽر ڊاڪٽر گوَنچ، جو منهنجو دوست ٿي ويو ۽ جنهن جي باري ۾ مون اڳ ئي پنهنجي ڪتاب "جڳ مڙيوئي سپنو" ۾ لکيو آهي، تنهن سان ترڪي ٻوليءَ جي باري ۾ تفصيلي گفتگو ٿي. ترڪي شاعريءَ جي باري ۾ بہ مٿي ذڪر ڪيل ڪتاب ۾ مان لکي چُڪو آهيان، ڊاڪٽر گوَنچ ٻڌايو تہ "ترڪي زبان گذريل سٺ، پنجهٺ سالن ۾ ترقي ڪئي آهي. جيئن جيئن جديد تهذيب جي روشني ترڪيءَ تي پوندي رهي آهي تہ جيئن اسان هر روز نئين صنعتي پيداوار ڏسون ٿا، تيئن اسان جي ذهن ۾ نوان تصور اچن ٿا."

هن انگريزي ۾ لفظ (Concept) ڪم آندو. جنهن کي اسان تصور بہ چئي سگهون ٿا ۽ ويچار بہ چئي سگهون ٿا. هن اهو بہ ٻڌايو تہ "اسان ويهين صديءَ ۾ لکين ڪتابن ۽ رسالن جو مغربي ٻولين مان ترڪيءَ ۾ ترجمو ڪري رهيا آهيون. اهڙيءَ طرح ڪيئي تصور جي اسان جي علم جي ذخيري ۾ ڪونہ هئا. انهن جي اظهار لاءِ اسان کي ترڪيءَ ۾ نوان لفظ گهڙڻا پيا آهن." مثال جي طور هن ڪجهہ نوان لفظ ٻڌايا، جن مان ڪي لفظ اڳيئي سنڌي ۾ هئا. ۽ اها ڳالهہ ٻڌي هو وائڙو ٿي

ويو ۽ هن چيو ته. ”اوهان جي ٻولي ته ڪافي شاهوڪار ٿي نظر اچي“ اهي لفظ هئا: هرديبن (Microscope) دوربين (Telescope) شاهڪار (Master piece) مفڪري (Ideal) تڪميل (Evolution) ميسروتيب (Constitutionalism) ۽ بديعات (Esthetics). ڪجهه ٻيا لفظ به ٻڌايائين جي ياد نه آهن. مون هن کي چيو ته اسان هرديبن کي خوردبين چوندا آهيون ۽ دوربين ۽ شاهڪار اسان جي ٻوليءَ ۾ به ڪافي وقت کان مستقل آهن. باقي بديعات کي اسان جماليات چوندا آهيون. تڪميل لفظ اسان پرفيڪشن لاءِ آڻيندا آهيون ۽ اوهان جو لفظ تڪميل به ذري گهٽ ساڳي معنيٰ رکي ٿو. ڊاڪٽر گوَنچ وڊيڪ ٻڌايو ته ”اهو ڏينهن ويجهو آهي، جڏهن اهي سڀ لفظ ترڪي ۾ ترجمو ٿي ويندا. انگريزي، فرينچ ۽ جرمن ٻولين ۾ آهن. ڇاڪاڻ جو ٻوليءَ ۾ داخلي جو اظهار ٿئي ٿو. ان ڪري هڪ نئين ٻولي وجود ۾ اچي ٿي. جڏهن ان ۾ نئين صدي جا نوان تصور شامل ٿين ٿا ته هر قومي زبان کي پنهنجي دور جا تصور اپنائڻ گهرجن.“ هن وڊيڪ چيو ته ”ترڪي ٻوليءَ ۾ اپنايل نوان لفظ ٽن قسمن جا ٿين ٿا.

(1) وديشي يا غير ملڪي لفظ.

(2) فارسي ۽ عربيءَ مان ورتل لفظ.

(3) اهي لفظ جيڪي ترڪي ٻوليءَ مان گهڙيا ويا آهن.

پهرئين قسم جا لفظ ٻڏي ڪرسي اچي ٿي ۽ بهتر ائين آهي ته اهي لفظ فارسي ۽ عربيءَ تان اُڌارا ورتا وڃن يا ترڪيءَ مان گهڙيا وڃن ٿا. فارسيءَ ۽ عربيءَ مان ورتل لفظن اپنائڻ جو رواج، نه رڳو ترڪي ٻوليءَ ۾ آهي پر گهڻو ڪري هر مسلم ملڪ جي ٻوليءَ ۾ آهي.“ ڊاڪٽر گوَنچ سوشلٽ هو ۽ ناظم حڪمت جو مداح هو. هن کي هر ترڪ وانگر عربن سان نفرت هئي. جن ترڪيءَ جي خلافت کي چيهون چيهون ڪيو هو. ان ڪري هن فقط ٽيڪنالاجي لاءِ فارسي ۽ عربيءَ مان لفظ اڌارا وٺڻ ٿي چاهيا. اها ڏڪار مون ازبڪين، ترڪمانن ۽ تاجڪن ۾ ڪانه ڏٺي هئي، ڊاڪٽر گوَنچ وڊيڪ چيو ته اسان سڀني ترڪن کي Terminology ساڳي رکڻي آهي. ائين نه ٿئي ته جي ڪوئي ترڪ روس ۾ رهيل هجي ته ٽيڪنالاجي لاءِ روسي لفظ ڪم آڻي ۽ جي يونان ۾ رهيل هجي ته يوناني لفظ ڪم آڻي. ان ڪري به بهتر آهي ته اهي لفظ فارسي يا عربي مان ورتا وڃن. اجايا سجايا فارسي ۽ عربي لفظ ترڪي ٻوليءَ ۾ استعمال ڪرڻ جي هُو خلاف هو. هو ان جي به خلاف هو ته عربي لفظ فارسي جو گرامر، ترڪي گرامر تي اثر انداز ٿئي، جيئن درحقيقت ٿي ويو آهي. هُن جو خيال هو ته جي ٽيڪنالاجي لفظن جون جڙون به ترڪي ٻوليءَ ۾ هُجن ته بهتر ٿيندو ۽ ترڪ اسڪالر ان ڏس ۾ ڪوشش ڪري رهيا آهن. انقره تائين ٻوليءَ جي باري ۾ پڙهيل لکيل طبقي ۾ به

جي اردو ۽ هندي ۾ بہ مستعمل آهن تہ سنڌي ۾ بہ آهن. جڏهن پنجاب جي مشهور اديب احمد سليم منهنجي منتخب ڪلام جو پنجابيءَ ۾ منظوم ترجمو 'جو تجل نے آکھیا' جي نالي سان ڪيو هو تڏهن منهنجا اڌو اڌ سنڌي لفظ پنجابيءَ ۾ اچي ويا هئا ۽ جڏهن فهميده رياض منهنجي منتخب ڪلام جو اردو ۾ منظور ڪيو تہ ڪافي سنڌي لفظ منظوم ترجمي ۾ ڪپي ويا.

محترمہ بينظير ڀٽو بلڪل ٺيڪ چيو آهي تہ پاڪستان شاهي دروازو آهي، مرڪزي ايشيا، ايران ۽ ڏکڻ اوڀر ايشيا لاءِ.اسان جي ٻوليءَ ۾ تنهي خطن جا ڪافي لفظ آهن، دراصل ثمرقند، تا شقند ۽ بخارا جا ميوزم جڏهن مان گهميا تہ انهن ۾ بہ ڪيئي اهڙيون شيون ڏٺيون، جن جا نالا ساڳيا هئا، جي سنڌي ۾ آهن. سنڌي ۾ ڪي ئي راجستاني، گجراتي ۽ ٻين ٻولين جا لفظ بہ شامل آهن. سنڌي ۾ لفظن جي ڊڪشنري ملي وڃي تہ سنڌي ٻولي جديد دنيا جي ٻولين سان ڪلهو ڪلهي سان ملائي هلي سگهندي. ان ڪري اسان جي سنڌ پروانشل اٿارٽي کي گذارش آهي تہ اهڙي ضخيم ٽيڪنالاجيڪل ڊڪشنري جلدي سنڌي ۾ شايع ڪن تہ اها ڪمي پوري ٿي وڃي. اسان جي سنڌ گورنمينٽ کي بہ گذارش آهي تہ هڪ ٽرانسليشن بيورو ٺاهيو وڃي، جيڪو دنيا جا ڪلاسڪس سنڌي ۾ ترجمو ڪري. افسوس جي ڳالهہ آهي تہ سارتر جنهن عمر ۾ ايمليزولا ۽ وڪٽو هيوگو پڙهندو هو تنهن عمر ۾ مان لطف الله بدوي ۽ ڪشنچند بيوس پڙهندو هئس، سنڌ جي نئين نسل لاءِ اهڙا ترجما ۽ اهڙي ڊڪشنري اشد ضروري آهي.

*(24 فيبروري 1994)*

# جهنگلي جيوت جو بچاءُ

رٽائرڊ مسٽر جسٽس علي نواز ٻڏاڻي منهنجو دوست آهي. هو منهنجو ڪلاس فيلو ۽ وڪالت ۾ منهنجي گهري دوست مرحوم جمل صديقيءَ جو جونيئر هو هن جي شاعري ۽ فلسفي ۾ گهري دلچسپي هئي. هونئن ته هن سان سب ججي ڪان وٺي ڪيئي ملاقاتون ٿيون آهن. پر هڪ ملاقات وسري نٿي وسري. هو جڏهن سکر ۾ هاءِ ڪورٽ جي بينچ تي جج ٿي آيو تڏهن ٻه ٽي ڏينهن رکي چانهه جي وقفي ۾ مونکي چيمبر ۾ گهرايائين ۽ چانهه آڇي پڇيائين. "اڄ ڪالهه ڪهڙو ڪتاب لکيو اٿئي؟" مون هن کي چيو "پن ڇڻ پڇاڻان". هن فرمائش ڪئي ته مان ڪيس ڪو شعر ٻڌايان. سو مون ان ڪتاب مان ڪيس هيٺيون ته ستو ٻڌايو:

مار نه ٻاتيهر،
جنهن جي اکڙين ۾ ڇُلي،
ٿو سارو ڪينجهر.

هو شعر ٻڌي ٿبيءَ ۾ اچي ويو ۽ ڪجهه دير ڪان پوءِ چيائين. "اياز مونکي شڪار جو ڏاڍو شوق رهيو آهي. هڪ ڀيري ڪنهن ڍوري تي ٻه ٽي ٻاتيهر پاڻي پي رهيا هئا. ته مون وڻ جي آڙ وٺي بندوق تاڻي. بندوق جي ناليءَ مان جڏهن مون انهن کي پاڻي پيئندي ڏٺو تڏهن مونکي اوچتو محسوس ٿيو ته هو هن ڪائنات جي ازلي حقيقت جو اٽوٽ انگ هئا ۽ مان انهن تي فائر ڪري ساري مانداڻ ۾ مانداڻ وجهي رهيو هئس. سو مون بندوق ڌرتيءَ تي رکي ڇڏي ۽ هو پاڻي پي اڏامي ويا."
اهي هڪ حساس انسان جا احساس هئا. جو وحدت الوجود جي فلسفي ۾ اعتبار ڪندو آهي.

هونئن ته هرڻ، مور ۽ تتر تي مون ڪيئي شعر لکيا آهن. جن جي اسان جا سنڌي وڏيرا، پاڪستان جا شڪاري بيورو ڪريٽ ۽ رينجر نسل ڪشي ڪري رهيا آهن. پر تلور پکي ته مونکي ڏاڍو وڻندو آهي. مان جڏهن 20 ورهين جو هئس تڏهن مون هڪ گيت 'ڪيسين رهندين دور'، لکيو هو جو زرينا بلوچ نهايت وقت

رسولِ خدا انهيءَ شخص کي چيو تہ، ”هنن پکيئڙن کي ان جاءِ تي پهچائي اچ، جتان تو انهن کي ڪنيو آهي.“

مهاتما گانڌيءَ کي حضرت محمد ﷺ جي باري ۾ اها روايت ايتري وڻي هئي، جو ان کي خاص طور هن پنهنجي ڪتاب اقوال محمديءَ ۾ درج ڪيو آهي. مان جوانيءَ ۾ هڪ جڳ مشهور سئس (Swiss) اديب ”ايگزل مُنٿي“ (Axel_ Maunthe) جو شاهڪار استوري آف سين مائيڪل (Story of San Michle) پڙهيو هو. جنهن ۾ هن پرندن ۽ جانورن سان پنهنجي بي حد محبت جو اظهار ڪيو هو. هو تہ ايتريءَ حد تائين ويو هو جو هُن، پنهنجي حڪومت کان پورو پهاڙ خريد ڪيو هو جنهن تي مُند ۾ لکين وهيا ايندا هئا ۽ ماڻهو انهن کي شڪار ڪندا هئا. پهاڙ خريد ڪري شڪار تي بندش وڌائين.

جڏهن ڪنهن شخص هن جي ڪتي کي گولي هڻي ماريو هو تہ هُن کيس باهمي مقابلي (Duel) لاءِ للڪاريو هو ۽ مقابلي ۾ هن کي پستول سان ڦٽي وڌو هئائين.

جيئن مون چيو آهي تہ هيءَ ريڪيٽ پوريءَ دنيا ۾ هلي رهي آهي، جڏهن مان بہ ايڏائي سال اڳ بمبئي ۾ بين الاقوامي ادبي ڪانفرنس جي افتتاح ڪرڻ لاءِ ويو هئس، تڏهن آئون بمبئي جي ڪرافورڊ مارڪيٽ ويو هئس، جتي هر قسم جا ساهوارا قومي ۽ بين الاقوامي قانون جي بندش جي باوجود ملي رهيا هئا. ڪاريهر نانگن کان وٺي چيتن جي ٻچن تائين دستياب ٿي رهيا هئا ۽ انهن جا سوداگر، اهي جانور ۽ پکي خريدارن جي درن تي پهچائي ٿي ويا.

جڏهن مان انگلينڊ مان موٽندي دبئي ويو هئس تڏهن انڊين هاءِ اسڪول جو پرنسپال موتي پرڪاش مونکي پنهنجي ڪار ۾ شارجا وٺي ويو هو ۽ اتي مون ڏٺو هو تہ آفريڪا جا هزارين چَرند ۽ پَرند وڪامي رهيا هئا. لاڪي جاچين (Flamingos) جو جوڙو ساڍي پنجين سئين ڊالرن ۾ ملي رهيو هو ۽ تنزانيا مان چورايل پکين جو هڪ جوڙو جنهن جهڙو پکي مون سڄي سنڌ ۾ نہ ڏٺو آهي، اهو بہ ساڳيءَ قيمت ۾ ملي رهيو هو. آفريڪا جي هڪ نيري باندر جي قيمت 4 سو ڊالر هئي. غزال جي 13 سو ڊالر ۽ پلنگ (چيتي جو قسم) جي قيمت چار هزار ڇهہ سو ڊالر هئي. تيپاءِ (Tepie) کان وٺي ريو (Rio) تائين ۽ بگوتا (Bogota) کان پراگ (Prague) تائين، اهو پکين ۽ جانورن جو غير قانوني واپار هلي رهيو آهي. سعودي عرب ۾ تہ پرندن جي شوقينن کي اهڙي خريداريءَ مان ڊؤ ئي نٿو ٿئي. جرمني ۽ جپان ۾ بہ پالتو جانور ۽ پکي ملن ٿا. مون نہ رڳو لندن جي عجائب گهرن ۽ سرڪس ۾ گوناگون پکي، جانور ۽ سُرٽا ڏٺا پر اتي معلوم ٿيو تہ يورپ ۾ ڪيترن ئي غير ملڪي پَرندن جو وڪرو قانوني طور جائز آهي. جيتوڻيڪ ساهوارا جن جو نسل تباهيءَ جي ڪناري تي اچي پهتو آهي، مثال طور سامونڊي

ڪميون، ڏاڍا پانڊا، چيتا ايشيائي هاٿي ۽ ڪي ٻيا جانور جي خريد و فروخت تي اقوام متحده جي بين الاقوامي تجارت تي ڪوئايل ڪميشن بندش وڌي آهي. مون ڪٿي پڙهيو آهي تہ ميڪسيڪو ۾ آمريڪا مان آيل خريدارن کان هوڪا ڏئي پڇيو ويندو آهي تہ ڪائنس قرمزي طوطا يا پيلي مٿي وارا ڇتون گهرجن ۽ ڪين اهو بہ ٻڌايو ويندو آهي تہ اهڙي وڪري تي سرڪاري بندش آهي ۽ انهن لاءِ ٻري قيمت ادا ڪرڻي پوندي، مان فقط قانون جي خلاف ورزيءَ جي ڳالهہ نٿو ڪريان، دراصل اهو مسئلو ماحولياتي ستياناسي سان بہ لاڳو اهي ۽ ان هڪ دردناڪ بيرحمي بہ ڏيکاري ڏئي رهي آهي. چيو وڃي ٿو تہ لاطيني آمريڪا ۾ تہ اهو واپار ڏاڍو زور وٺي ويو آهي ۽ ارجينا ۽ برازيل جي جهنگلن مان ڪيئي پکي ۽ جانور ڦاسايا وڃن ٿا ۽ اتي آيل سيلانين کي وڪرو ڪيا وڃن ٿا. نہ رڳو اهو پر شڪار جا چور (Poachers) انهن کي ڪريٽن ۾ سمگل ڪن ٿا ۽ ڪريٽن تان ڏيان هٽائڻ لاءِ انهن تي لکي ڇڏين ٿا تہ چوزا بند آهن. انسان لاءِ اسان جي مقدس صحيفي، ۾ جاهل ۽ ظالم لفظ بہ ڪم آندو ويو آهي ۽ اشرف المخلوقات بہ ڪم آندو ويو آهي. دراصل انسان بنيادي طرح ظالم ۽ جاهل آهي، اشرف المخلوقات ٿيڻ لاءِ هن کي نفس عماره جي خلاف جدوجهد ۽ روحاني ارتقا جي ضرورت آهي.

ڪيون اميد تہ اسانجي سرڪار، تلور ۽ ٻيا پکي ۽ جانور بيدردي سان ماريا وڃن ٿا، ايتريءَ حد تائين جو ڪجهہ سال اڳي وڏيرا جيپ ۾ چڙهي ٿر ۾ هرڻ رائيفل سان ماريندا ويندا هئا ۽ انهن جو گوشت بہ ڪتب نہ آڻيندا هئا ۽ ٻرندي سج ۾ اهي ڳجهن جو ڳاهہ ٿيندا هئا، انهن جي ڦاسائڻ تي يا شڪار ڪرڻ تي نہ رڳو بندش وجهندي، پر ان بندش تي نهايت سختيءَ سان عمل بہ ڪندي؟

(25 فيبروري 1994ع)

# سنڌ ۾ اردو تي عبور

ٽي سو سال اڳي اردو زبان قلعي معليٰ ۾ پيدا ٿي، جيئن اها پوري برصغير ۾ رابطي جي زبان ٿي ڪم ڏئي. انگريز انهيءَ ڳالهه کي همٿائڻ لاءِ فورٽ وليم ڪاليج کوليو، جتي انهيءَ ڪافي ترقي ڪئي. ڊاڪٽر جميل جالبيءَ جو چوڻ آهي ته ”اها ڇهه سو سال اڳي پيدا ٿي.“ مان هن جي انهيءَ نتيجي کي رد ڏيڻ نٿو چاهيان. بهرصورت اها تسليم ٿيل ڳالهه آهي ته 5 هزار سال اڳي سنڌي ٻولي ملي ٿي. جيتوڻيڪ ان جو رسم الخط عربي نه هو. جنهن تمدن سان اها ٻولي ساٿ رکي رهي هئي، انهيءَ تمدن ايتري ترقيءَ لاءِ ڏهه هزار سال ٻيا به ورتا هوندا. ان جو مطلب اهو ٿيو ته سنڌي ٻولي اٽڪل 15 هزار سال پراڻي آهي ۽ عراق جي ٻوليءَ کان به جهوني آهي، جا دنيا جي قديم ترين ٻولي تسليم ڪئي وئي آهي.

مٿئين ڳالهه مان، مان سنڌي جي اردو تي برتري نه، پر ان جي قدامت ثابت ڪرڻ چاهيان ٿو. ٻئي ٻوليون بين الاقوامي آهن ۽ ٻنهي کي زنده رهڻ جو حق آهي. اردوءَ کي سنڌيءَ تي فضيلت اها آهي ته اها پاڪستان جي آئين ۾ قومي زبان جي حيثيت ۾ تسليم ڪئي وئي آهي. درحقيقت سرڪاري ۽ دفتري زبان ته اڃا انگريزي آهي ۽ اردو فقط رابطي جي زبان آهي. ظاهر آهي ته جي مان پشاور وڃان ته مونکي ڪنهن ٽانگي واري سان يا قصه خواني بازار ۾ ڪنهن دڪاندار سان گفتگو ڪرڻي پوي ته اها اردوءَ ۾ ئي ڪرڻي پوندي، سوال آهي ته اها اردو ڪراچيءَ جي مهاجر يا نئين سنڌيءَ جي مخصوص زبان آهي يا اها پاڪستاني زبان آهي، جنهن تي اسان به ايترو عبور حاصل ڪري سگهون ٿا. جو نون سنڌين ۽ پنجابين کي به ان ڏس ۾ پٺتي ڇڏي وڃون. اردو زبان هندوستان جي ورهاڱي ۽ بنگلاديش جي علحدگيءَ جو هڪ ڪارڻ هئي ۽ هاڻ سنڌ جي ورهاڱي لاءِ استعمال ڪئي پئي وڃي. ڏسڻو اهو آهي ته پاڪستاني اردو يا جنهن کي فقط پاڪستاني چئجي ڪنهن جي ابي ڏاڏي جي ميراث آهي ڇا؟ پنجاب جي اردو شاعر اختر شيرانيءَ جي پيءُ محمود شيرانيءَ پنهنجي ڪتاب ”پنجاب ۾ اردو“ ۾ ثابت ڪيو آهي ته اردو پنجاب ۾ پيدا ٿي ۽ نه دهلي يا لکنو ۾. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سنڌ ۾ اردو شاعري تي ڪتاب مرتب ڪيو آهي، ان ۾ شامل شاعري

حيدرآباد دکن جي قلي قطب شاهہ جي شاعري کان بهتر آهي. انهيءَ ڪتاب ’دکن ۾ اردو‘ ۾ شامل ڪيل اڪثر شاعر، سنڌ جي اردو شاعرن کان بهتر نہ آهن، جن جو ڪلام ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ڪيو آهي. انهيءَ ۾ هن هڪ سو سال يا وڌيڪ عرصي جا شاعر شامل ڪيا آهن ۽ اردو شاعريءَ کي سنڌ ۾ انهي منزل تي پهچڻ لاءِ بہ ٽي سو سال لڳا هوندا. مان اها دعوا تہ نٿو ڪيان تہ اردو پيدا ئي سنڌ ۾ ٿي. اها ٻي ڳالهہ آهي تہ دکني خود پنهنجي لاءِ چئي رهيا آهن تہ اردو سندن سرزمين تي پيدا ٿي.

پاڪستان کان اڳ هندستان اردو پنهنجن ’ٻولين‘ کڙي ٻوليءَ، راجستانيءَ، برج باشا، پوربيءَ، ميواتيءَ، پوجپريءَ وغيره مان ڪيئي لفظ پاڻ ۾ سمائي پنهنجو ذخيرو وسيع ڪري رهي هئي. رڳو مولانا آزاد، شبلي نعماني يا اعظم ڳڙهہ جي اداري مصنفين وغيره جهڙا عالم ۽ علمي ادارا عربي ۽ فارسيءَ جا ڳرا لفظ اردوءَ ۾ استعمال ڪندا هئا. پاڪستان کان پوءِ اردوءَ جي دائري جي اها وسعت تنگ ٿي وئي ۽ اها فقط فارسي ۽ عربيءَ جي سهاري پنجاب جي اردو وانگر هلي رهي آهي. پنجاب، تقسيم کان ڪافي وقت اڳ اردوءَ کي ذريعہ تعليم اپنايو هو ۽ پنجاب ۾ اهل زبان لفظ معيوب آهي. نہ رڳو ياس يگانہ چنگيزي پر جگر مراد آباديءَ جهڙن هندستان جي مڃيل شاعرن جي لاهور ۾ توهين ڪئي وئي.

هاڻي جا اردو پاڪستان جي وجود ۾ اچڻ کان 47 سال پوءِ ڳالهائي وڃي ٿي، اها هندستاني اردو کان ڪافي مختلف آهي ۽ ان کي پاڪستان جي زبان يا پاڪستاني ٻولي چئي سگهجي ٿو. ان ۾ اها لکنؤ واري نفاست ۽ دهلي واري شائستگي پارت ۾ رهجي وئي، جتي اها آئين ۾ تسليم شده زبان تہ آهي پر اُن کي سرڪاري تحفظ نهايت گهٽ ٿو ڏنو وڃي. هندستان جي ساهتيہ اڪيڊميءَ، جيڪي اردوءَ ۾ ڪتاب ترجمو ڪيا آهن انهن مان ڪافي ڪتاب منهنجي نظر مان گذريا آهن ۽ انهن ۾ هندي، بنگالي، آسامي، تامل ۽ تيليگو وغيره ٻولين جا بيشمار لفظ شامل ٿي چڪا آهن، جي نہ رڳو اسان جي عوام لاءِ پر اردو جي دانشور طبقي لاءِ بہ نامانوس آهن.

اسان جي اردو تہ اها آهي جا اسان جي وزيراعظم محترمہ بينظير ڀٽو ڳالهائي رهي آهي (۽ پاڪستاني اردو ڪافي چڱيءَ طرح ڳالهائي رهي آهي) ۽ سنڌ جي اردو اها آهي، جا ٽي وي ڊرامن ۾ نورالهديٰ شاهہ، عبدالقادر جوڻيجو ۽ شوڪت ڪيهر وغيره استعمال ڪري رهيا آهن. انهيءَ اردو جي صورت ڪنهن وقت ايترو بدلجي ويندي جو هندستان ۾ ان کي سمجهڻ لاءِ ڪنهن پاڪستاني لغت جو سهارو وٺڻو پوندو. حقيقت اها آهي تہ اسان جي رابطي جي زبان پاڪستاني آهي، پوءِ ان کي ڪوئي اردوءَ جو نالو ڏئي تہ ان جي مرضي آهي. انهيءَ اردوءَ جي خلاف

تعصب سنڌ ۾ ون يونٽ واري دؤر ۾ پيدا ٿيو ۽ سنڌيءَ کي ترجيح ڏني، اردو کي بلڪل مسترد ڪيو ويو. سنڌيءَ ۾ فقط آئون هڪڙو شاعر آهيان، جنهن جي شعر جا ٻه ڪتاب 'بُوئے دل نالہءِ دل' ۽ 'نيل ڪنٺ اور نيم ڪي پتي' ڇپجي چڪا آهن، انهن کان سواءِ مون ڀٽائي گهوٽ جي ساري رسالي جو به اردو ۾ منظوم ترجمو ڪيو آهي، جو ٽي ڀيرا ڇپجي چڪو آهي. فقط مرحوم رشيد احمد لاشاريءَ هڪ اڌ ٻين شاعرن ايڪڙ ٻيڪڙ غزل اردوءَ ۾ لکيا. هاڻي آغا سليم شاهه جي رسالي جو اردوءَ ۾ ڪيو آهي.

ان ۾ ته ڪوئي شڪ نه آهي ته سنڌي اسان جي مادري زبان آهي ۽ دنيا جي ٻيءَ هر زبان کان اسان کي وڌيڪ عزيز آهي. اها ڪنهن حد تائين ذريعه تعليم به آهي ۽ ان ۾ روز بروز ترقي ٿي رهي آهي، ايتري حد تائين جو ان ۾ روز هڪ نئون ڪتاب ڇپجي رهيو آهي. جنهن جو مثال پاڪستان جي ڪنهن ٻي ٻوليءَ ۾ نه آهي. مونکي سنڌي ادبي سنگت جي سيڪريٽري جنرل جناب ادل سومري ٻڌايو هو ته هن وقت سنڌ ۾ ٽيهارو هزار ته رڳو شاعر آهن.

هاڻي سوال اٿي ٿو ته اسان پنهنجي مادري زبان کي نظرانداز ڪرڻ کان سواءِ انهيءَ پاڪستاني اردو تي عبور نٿا حاصل ڪري سگهون ڇا؟ سنڌي ٻوليءَ ۾ ته پنجابيءَ کان به وڌيڪ فارسي ۽ عربي لفظ آهن ۽ مونکي يقين آهي ته پراڻا سنڌي اردو تي ايترو ئي عبور حاصل ڪري سگهن ٿا جيترو نون سنڌين کي آهي. نئون سنڌي پنهنجي ابي ڏاڏي جا ورثي ۾ ڏنل محاورا، ضرب المثل، گفتا وغيره ته وساري چڪو آهي ۽ اردو ۾ ٿورا سنڌي، پنجابي، بلوچي ۽ پشتو لفظ استعمال ڪري سگهيو آهي. اها اردو، جي ان کي اردو چئجي ته هاڻي پاڪستاني اردو آهي، جنهن ۾ اضافو فقط پارسي ۽ عربي جا لفظ ڪري رهيا آهن، جي اسان لاءِ اجنبي نه آهن. اردو جي مشهور اديب، سياسي مفڪر ۽ تاريخ نويس مرحوم سبط حسن فيروزالغات جي پيش لفظ ۾ لکيو آهي ته، "اردو اها مليل جليل زبان آهي جا ٿوري ٿوري فرق سان پنجاب، دهليءَ، يوپيءَ، مالوا، بهار مطلب ته پوري اتر هندستان ۾ هر جاءِ تي ڳالهائي ۽ سمجهي ويندي آهي."

فيروزاللغات جي مرتب ٿيڻ تائين ته اها حالت هئي، پر تاريخ ۽ ثقافت چلانگون ڏني، اڳتي وڌي وئي آهي ۽ انهيءَ فيروزاللغات جا اڌو اڌ لفظ پنجاب ۾ متروڪ ٿي چڪا آهن ۽ انهن جو لب و لهجو ايترو بدلجي چڪو آهي، جو دهليءَ، يوپيءَ، مالوا ۽ بهار وارا انکي اپنائڻ مهل ڪيٻائيندا. انهيءَ پاڪستاني اردو ۽ هندستاني اردو ۾ آخر ايترو فرق وڌي ويندو جيترو يونائيٽيڊ ڪنگڊم جي انگريزي ۽ آسٽريلوي، آمريڪي ۽ ڪينيڊا ۾ مستعمل انگريزيءَ ۾ آهي. اسان جا بلوچ ۽ فرنٽيئر جا پٺاڻ جيتوڻيڪ اردو ڳالهائين ٿا، پر انهن جو پڙهيل لکيل

طبقو بہ فيروز اللغات ۾ ڏنل لفظن جي تن حصن کان بي بهره آهي.

پاڪستاني اردوءَ تي اسان جو بہ ايترو ئي حق آهي، جيترو ٻئي ڪنهن پاڪستانيءَ جو. اها اسان جي ايتري ئي پنهنجي آهي، جيتري ٻئي ڪنهن پاڪستانيءَ جي. ڇا اسان پراڻا سنڌي انهيءَ اردوءَ تي عبور حاصل ڪري، مهاجر يا اردو پرديش جي نعري کي بي معنيٰ بڻائي نٿا سگهون. انسان جيترين بہ وڌيڪ ٻوليون سکي، ان جي علم ۾ اضافو ٿيندو. ٻولي ڪنهن جي ميراث نہ ٿيندي آهي ۽ ان سان تعصب اجايو آهي. ڇا اسان اندر ۾ جهاتي پائي ڏسنداسين تہ اسان جو نفعو ڇا ۾ آهي ۽ نقصان ڇا ۾ آهي؟ ڇا اسان ۾ ايتري ذهانت ۽ تعليم لاءِ خواهش نہ آهي جو اسان اردوءَ تي ٻئي ڪنهن بہ پاڪستاني جيترو عبور حاصل ڪري سگهون؟ آخر پاڪستاني اردو تہ اقبالؒ ۽ فيض جي اردو آهي. جا اسان لاءِ اجنبي نہ آهي. اها ڪا داغ دهلوي يا جيلاني بانو جي زبان تہ نہ آهي. اسان پاڻ کي اردوءَ کان ڇو ٿا پري رکون؟ ڇا هن دؤر ۾ ان ڳالهہ لاءِ ڪو جواز آهي؟ *

*(27 فيبروري 1994ع)*

* هيءَ ايڊيٽوريل 26 فيبروري 1994ع واري شماري ۾ ڇپيو هو، فني غلطيءَ ڪري ڪجهہ مواد رهجي وڃڻ سبب وري ڇاپيو ويو. اهڙو نوٽ هن ايڊيٽوريل جي ابتدا ۾ پڻ ڇپيل آهي. (قاضي منظر حيات)

# جمهوريت ۽ ان جو تحفظ

ڪارل مارڪس جي وڏي غلطي اها هئي جو هن سياسي مسئلا اقتصادي قانونن کان گهٽ اهم سمجهيا هئا. هن هڪ نهايت گهرو اقتصادي تجزيو ته ڪيو هو پر هن اقتدار جي ابدي ۽ مرڪزي مسئلي جو صحيح اندازو نه لڳايو هو ۽ ان ڪري ئي هن چيو هو ته هڪ آزاد ڪميونسٽ معاشرو پرولتاري آمريت جي خاتمي کانپوءِ اڀري ايندو. هُن ان ڳالهه کي نه ويچاريو ته اقتدار لاءِ هَوس ڪيتريءَ نه بگاڙ خرابي ۽ ڪوتي پٽي جو باعث ٿي سگهي ٿو ۽ آمريت لاءِ خواهش اقتدار جي فطرت ۾ مضمر آهي ان ڪري ئي ڪارل مارڪس جي نظريي جو انت مطلق العنانيت ۾ ٿيو. 1917 ع ۾ پيٽرو گراڊ ۾ ڪيرنسڪي جي جمهوري گورنمينٽ ڪي ڊاهي. پرولتاري آمريت جي نالي ۾ ڊيوما (روس جي مرڪزي اسيمبلي) تي قبضو ڪيو ويو. اهو تاريخ جو وڏي ۾ وڏو دانسته فريب هو يا خودفيبي هئي. پرولتاريت جي آمريت دراصل ڪميونسٽ پارٽي جي آمريت هئي ۽ ڪميونسٽ پارٽيءَ تي ان جو پالٽ بيورو حاوي هئو جنهن تي وري هڪ آمر حاوي هو.

پهرين اهو لينن هو جنهن ڪامريڊ ززينڪسيءَ جي سياسي پوليس (Political Police) چيڪا، جي ذريعي حڪومت پي ڪئي. لينن کان پوءِ اسٽالن ڪي جي بي، چيڪا جي جاءِ تي وجود ۾ آندي، جنهن بي انتها ظلم ۽ تشدد ڪيو.سولزي نتسن جا ناول 'ڪينسر وارڊ'، 'فرسٽ سرڪل'،'ون ڊي آف آئونَس لائيف'،'گولگ آر ڪيپيلاگو' ۽ ٻيا ڪيترائي ڪتاب لکيا جن ۾ انهيءَ ظلم ۽ تشدد کي اهڙيءَ طرح چٽيو آهي، جو پڙهڻ سان وار ڪانڊارجي ٿا وڃن. اهڙا ٻيا به ڪيئي ناول وڪٽر سرگي ۽ ناديزدا مينڊ التسام ۽ پاسٽر ناڪ جو شهره آفاق ناول 'ڊاڪٽر زواگو' ڇپيو جنهن ۾ ڊيڪاريو ويو آهي ته پرولتاري آمريت هڪ برو نظام آهي ۽ جمهوريت اُن کان هزار بار بهتر آهي. مون اهي ناول ڏهن کان ويهه سال اڳي پڙهيا هئا ۽ ان کان سواءِ ٻيا به ڪيترائي ڪتاب پڙهيا هئا جي يورپ ۽ آمريڪا ۾ لکيا ويا ها ۽ ان ڪري مون پنهنجي اردوءَ جي مجموعه ڪلام ۾ 1947ع ۾ هڪ نظم ۾ لکيو هو.

جنهن جون پويون به سٽون هيون.

رفيقو نئي مشعليں ڈھونڈ لاؤ،
شب تيره وتار سوءِ اُفق پھر پرافشاں ہوئی ہے۔

هجي. انساني زندگيءَ جي اخلاقي قدر ۽ منزلت ۽ ان جي تقدس کي تسليم ڪيو وڃي ۽ ائين فقط قانون ۽ جمهوريءَ حڪومت جي ذريعي ڪري سگهجي ٿو. انگلينڊ ۽ آمريڪا ۾ اقتدار جو بنياد عالمگير عام راءِ عام (Universal Suffrage) تي آهي ۽ اقتدار تي روڪ ٽوڪ ۽ ان جي تورتڪ (Checks and balances) جو هڪ نظام آهي جنهن کي ڪافي غور، تحمل ۽ جانفشانيءَ سان ٺاهيو ويو آهي ۽ نظام ۾ اسان جي اٺين اميندمينٽ (ترميم) جهڙي ڪا به ڳالهه نه آهي. جنهن ۾ فرد واحد آئين کي تهه وبالا ڪري سگهي يا نمائنده حڪومت کي ختم ڪري سگهي. گريٽ برٽن جي آئيني حڪومت ۾ ڪيبينيٽ ۽ هائوس آف ڪامنس جو اقتدار تي غلبو آهي پر هائوس آف ڪامنس کي بيوروڪريسي جو اٿالو هلائي رهيو آهي. ڪنهن وقت اتي ان ڳالهه جو خطرو محسوس ڪيو ويو آهي ته آئين غير متوازن نه ٿي پوي ڇو ته ان تي بادشاهت (Monarchy) جي ڪا روڪ ٽوڪ نه آهي. اهو خطرو اٺين اميندمينٽ جي بنسبت معمولي آهي ۽ دراصل سوچي به نٿو سگهجي ته انگلينڊ ۾ ڪائي آمريت يا فوجي آپي شاهي اچي سگهندي.

اقتدار جو ناجائز استعمال انسانيت جي بري گت ڪري ٿو ۽ آخر ۾ نقصان ئي نقصان آهي ۽ جنهن سائوٿ ايسٽ ايشيا کي نيوڪليائي جنگ جي ڪنڌيءَ تي پهچايو آهي ۽ افغانستان جنهن لاءِ اسان گهر ٻاري ڏياري ڪئي هئي، اهو اسان جي ڳچيءَ ۾ پئجي ويو آهي، اهو ناجائز استعمال هن حڪومت ته ڪونه ڪيو هو پر ان جا پيشرو بنا ڪنهن دورانديشيءَ جي ڪري چڪا هئا.

اسان کي توقع آهي ته محترمه بينظير ڀٽو جا هڪ ذهين سياستدان آهي ۽ منهنجو شخصي رايو آهي ته هوءَ اقوام متحده جي سيڪريٽري جنرل ٿيڻ جي لائق آهي (جيتوڻيڪ هوءَ قومي ذميداريءَ تي بين الاقوامي ذميداريءَ کي نه ترجيح ڏيندي) ان کي موقعو ۽ مهل ڏسي اٺين اميندمينٽ کي، منسوخ ڪرڻ گهرجي يا گهٽ ۾ گهٽ ان مان اهي شقون منسوخ ڪرائي، جن جي آڙ ۾ جمهوريت سان هٿ چراند ٿي رهي آهي. اها اٺين اميندمينٽ اسان کي بوٽ ۾ ڪوڪي وانگر چُڀي رهي آهي. آئين اتي محفوظ رهي سگهي ٿو، جتي عوام جون روايتون ۽ ذهنيت جمهوري آهي ۽ هتي اڃا اهڙي ذهنيت پيدا ڪرڻي آهي.

اسان جي نوجوان نسل کي ويچارڻ گهرجي ته فقط جمهوريت ۾ ئي اسان جي نجات آهي، رڳو سنڌ دشمن قوتون ئي، ان جي بيخ ڪني ڪرڻ چاهن ٿيون ۽ ان لاءِ مختلف سبب گهڙين ٿيون. مون کي توقع آهي ته سنڌ جمهوريت جي بچاءَ ۾ رُڪ جي ديوار ٿي بيهندي ۽ پاڪستان ۾ بوناپارٽزم هميشه لاءِ دفن ٿي ويندي.

(27 فيبروري 1994ع)

# سياست ممڪنات جو فن آهي

عوام جي سياسي تربيت صحافت جو حصو آهي. سياست فقط آدرشوادي نعري بازي نہ آهي. سياست لاءِ نہ رڳو منزل جو رُخ طئي ڪرڻ ضروري آهي پر اها ڳالهہ بہ واضح طور سوچڻي آهي تہ ان منزل طرف ڪوئي رستو آهي يا نہ! شاعريءَ وانگر سياست ۾ انقلابي يوٽوپيا نہ آهي. شاعريءَ ۾ تہ شيلي چيو هو: "پتنگي جي ستاري لاءِ ۽ رات جي پٺي ڏينهن جي لاءِ اها خواهش، اسان جي ڪنهن پرانهين شيءَ لاءِ عقيدت، پنهنجي غم و الم جي دنيا مان". شاعري جي حد تائين تہ اها ڳالهہ نيڪ آهي. شاعري کي رڳو آدرش اُتساهيندا آهن پر سياست ممڪنات جو فن آهي (Politics is the Art of the possible) اها ڳالهہ نہ وسارڻ گهرجي تہ انساني ادارن ۾ ڪماليت ناممڪن آهي. "پلون تہ پل کي ڪوئي چيهہ نہ آهي." جڏهن بہ ڪمال لاءِ تمنا ڪئي وئي آهي، جيئن هر جبر ۽ تشدد جي دؤر ۾ ڪئي وئي آهي، ان تمنا ڪن انسانن جي هٿ ۾ حد ۽ حساب کان سواءِ اقتدار ڏنو آهي. جڏهن انصاف جي تارازي ان شخص جي هٿ ۾ ڏني وئي آهي جنهن کي پرهيزگار ۽ متقي ڀانيو ويو آهي، تڏهن ان ڳالهہ کي فراموش ڪيو ويو آهي تہ پرهيزگار ۽ متقي ماڻهو بہ خطا جا گهر ٿي سگهن ٿا. جبر ۽ تشدد ڪمال جي تمنا جي قيمت آهي، جا ڪنهن بہ آدرش جي پيروڪار اُن جي حصول لاءِ چڪائن ٿا. جبر نهايت نيڪ تمنائن سان شروع ٿيو ۽ غليظائي ۽ خسيس پڻي تي ختم ٿئي ٿو. اها ڳالهہ اسان نہ رڳو فرينچ انقلاب ۾ ڏٺي پر يو. ايس. ايس. آر جي خاتمي ۾ ۽ ان کان پوءِ روس جي ابتر حالتن ۾ ڏسي چڪا آهيون.

هي ڳالهہ جا غور طلب آهي، اها آهي تہ دنيا جيئن آهي ان کي جبر يا اتفاق جو نتيجو سمجهي ڇڏي ڏيڻ نہ گهرجي. بلهي شاهہ پلي چوي تہ "دنيا ڀوندڙ تي طالب ڪُتي" پر اها بہ هڪ حقيقت آهي تہ انسان دنيا کي بدلائي سگهي ٿو ۽ هُن ۾ دنيا کي بدلائڻ جي تمنا سدائين موجود آهي. پيغمبرن کي ڇڏي باقي انسان ڪنهن بہ دؤر ۾ پوري ڪمال جي دعوي ڪري نٿا سگهن پر انهن ۾ ڪنهن حد تائين چڱائي، ضرور موجود آهي ۽ اُنهن جون ناڪاميابيون انهيءَ ۾ آهن تہ هُو چڱائيءَ کي حاصل ڪرڻ ۾ غلطيون ڪن ٿا ۽ ڪنهن وقت اوندهہ ۾ ٽاڦوڙا هڻن

ٿا. ادارن جي تاريخ تي غور ڪري ئي اسان سمجهي سگهنداسين تہ انهن ۾ ڪهڙي چڱائي آهي يا هتي اها چڱائي، ڪيئن حاصل ڪري سگهجي ٿي يا ڪئي وئي هئي. اسان 'ممڪن' تي پنهنجي توجهہ مرڪوز ڪرڻ سان، پنهنجي نصب العين کي چڱيءَ طرح سمجهي سگهون ٿا. ڇاڪاڻ جو انسان جو نصب العين ڪا آسان ڳالهہ نہ آهي، پر ڪافي منجهيل آهي ۽ ان کي حاصل ڪرڻ لاءِ ڪيئي نااتفاقيون اتفاق جي ۽ ناممڪنات ممڪنات جي دائري ۾ آڻڻي پوي ٿي.

سياست ڏانهن بہ ردعمل آهن. يوٽوپيا (Utopoia) جي روايت اها آهي تہ اها اُصولن جو پهرين اظهار ڪري ٿي، پوءِ انهن تي عمل پيرا ٿئي ٿي. سياست جي ٻي روايت حقيقت جو جائزو وٺي، اهو ڏسي ٿي تہ ان ۾ ڪهڙا اُصول مضمر آهن ۽ اهي اُصول حالات کي مدنظر رکي گهٽائي وڌائي ٿي، ۽ انسان جي فطرت جي جٽائو اوٽاين کي ڌيان ۾ رکي، ان نتيجي تي پهچي ٿي تہ پنهنجي ماحول ۾ ڇا حاصل ڪري سگهجي ٿو. ان ڪري ئي انگريز سياستدان ايڊمنڊبرڪ (Edmund Burke) 18هين صديءَ ۾ چيو هو تہ سياست ممڪنات جو آرٽ آهي (Politics is the Art of the possible) ۽ اجا تائين اها چوٽي انگلينڊ جي سياست تي ڇانيل آهي.

18هين صديءَ جي آخر ۾ اهي بہ نظريا رياست جي فلسفي ڏانهن بہ ذهني رجحان هئا. ٻنهي ۾ ڪشاڪش جو اظهار ايڊمنڊبرڪ جي فرينچ انقلاب تي ڪڙي تنقيد سان شروع ٿئي ٿو ۽ ان تنقيد تي يوٽوپيائي ۽ عقليت پسند مفڪرن جي تنقيد سان ختم ٿئي ٿو. اهي ٻئي رجحان هڪٻئي جي حوالي ڪان سواءِ پوريءَ طرح سمجهہ ۾ نہ ايندا. 18هين صديءَ جا عقليت پسند مفڪر سياست جي اهڙي فلسفي جا حامي هئا، جو هو سادن سودن ۽ عام اُصولن مان اخذ ڪري سگهيا ٿي. پهرين تہ هنن انهيءَ عقيدي سان شروع ڪيو تہ "سڀ انسان آزاد پيدا ٿيا آهن." (All men are born free) پوءِ ان عقيدي مان عقليت تي ٻڌل عالمگير انصاف واري نظام جي نتيجي تي پهتا، جنهن ۾ ڪنهن بہ سمجهوتي جي گنجائش يا گهٽ وڌائيءَ جي وٿي ڪا نہ هئي، ۽ جو هر وقت ۽ هر جاءِ تي لاڳو ٿي سگهيو ٿي. پهريون مسئلو جو سندن آڏو آيو اهو هيءَ هو تہ هر انسان جي آزاديءَ جو تحفظ هن جي آزاديءَ کي گهٽائڻ کان سواءِ ڪيئن ڪيو وڃي. ايئن تہ هو رجائيت پسند (آشاوادي) هئا. انهن اهو سمجهيو ٿي تہ اڪثر معاملن ۾ جي انسانن کي ڇڙواڳ ڇڏيو ويندو تہ معاشري ۾ امن، انصاف ۽ ضابطو پاڻهي اچي ويندو. جيڪڏهن پيداوار ڪندڙ (Producers) هڪٻئي سان مقابلي لاءِ ڇوٽ ڇڏيا ويندا تہ اهي پنهنجي قوم جي بهتر خدمت ڪري سگهندا. نہ رڳو اهو پر اگر سيني ماڻهن معمولي حيثيت سان پنهنجي زندگيءَ جي

شروعات ڪئي ۽ موروثي حق ختم ڪيا ويا ۽ ڪنهن کي بہ ڇمندي چام تسليم نہ ڪيو ويو تہ هو معاشري ۾ پنهنجي قد ڪاٺ کان وڌيڪ ڳڙ کٽي نہ سگهندا.

انصاف ۽ آزادي بہ متضاد ڳالهيون رهنديون پر هٿ هٿ ۾ ملائي وڌنديون. اها فقط رياست ۽ سرڪار هئي، جنهن پنهنجي پوليس ۽ فرد کي قيد و بند ۾ وجهي، هن کي ايترين بندشون ۽ پابنديون وڌيون هيون. جو هن کي شڪنجي ۾ ڦاسائي ڇڏيو هئائين. ۽ انهن بندشن ۽ پابندين ئي انساني معاشري ۾ بي انصافي آندي هئي. جيترو معاشري ۾ ڦهلاءُ آيو هو اوترو ان ۾ انياءُ وڌيو هو. ان ڪري ان دؤر ۾ محسوس ڪيو ويو تہ اهو ضروري آهي تہ جهوني زماني جي اہوجهائي ۽ پاڪائي ڏانهن موٽجي. اهو بہ ضروري هو پر انساني ذهن ۾ مونجهارا پيدا نہ ڪجن ۽ انساني سوچ کي روايت، رسم رواج ۽ راهہ ربت ۾ جڪڙي مفلوج نہ ڪجي، ڇو تہ سيئي رسمون، ريتون، اتفاق ۽ خود غرضيءَ جي پيدائش هيون.

توڙي جو اسان گهڙيال جي سُئيءَ کي پٺتي نہ بہ موٽايون، تڏهن بہ اسان کي پنهنجي اصليت ڏانهن موٽڻ گهرجي ۽ جديد زندگيءَ ۾ سادگي ۽ آفاقي اُصول آڻجن. انهيءَ راءِ جو جڏهن حقيقت سان ٽڪراءُ ٿيو تہ انسان ۾ رجائيت پاش پاش ٿي وئي ۽ هُن ۾ سک درسي ڪيفيت ختم ٿي وئي. اهو اظهر من الشمس ٿي پيو تہ جڏهن انسان هڪٻئي سان ٽڪر کائين ٿا ۽ هڪٻئي تي چڙهت ڪن ٿا، تڏهن مونجهارو انڌ-انڌوڪار ۽ ظلم تشدد جنم وٺي ٿو. امن ۽ ضابطو ڊانوانڊول ٿي وڃي ٿو. آزاد پسنديءَ جا اڳواڻ اقتدار ۽ سرڪار جي هلنديءَ جي ضرورت محسوس ڪرڻ لڳا ۽ انهيءَ نتيجي تي پهتا تہ انساني ذات پاڻ ۾ اجا ايترو اعتبار پيدا نہ ڪري سگهي آهي ۽ اها آزاديءَ جي ساک پت برقرار نہ رکي سگهي آهي. اهو صحيح هو تہ بنيادي طرح انسانن جا فائدا هڪٻئي سان ٽڪري نہ رهيا هئا، پر هنن کي ان ڳالهہ جي ساڃاهہ پوريءَ طرح ڪانہ هئي. جي تاريخ جي ڪارروائيءَ سان ان ڳالهہ مان غئر ڪڍي صاف ڪيو وڃي ۽ اقتدارجي هراول طبقي ڏانهن ڏنو وڃي تہ ان ۾ شامل شخص مانا ڪائي متي آيل هئا ۽ پنهنجي سماج جي اڳواٽي ڪري ان جي اصلاح ڪري ٿي سگهيا. ان ڪري ئي فرينچ انقلاب آيو. جو شروع تہ آزاديءَ، برابريءَ ۽ برادريءَ جي نعري سان ٿيو پر جنهن جي پُڄاڻي ظلم ۽ تشدد تي ٿي. ان پُڄاڻيءَ عبوري آمريت جي سياسي نظرئي کي جنم ڏنو جو پوءِ بالشويڪ انقلاب ۾ توڙ تي پهتو ۽ 75 سالن جي مختصر عرصي ۾ ان انقلاب تي جوڙيل معاشري جي پاڙ پٽجي وئي ۽ جمهوريت انسان ذات جي نجات ڄاتي وئي.

انهيءَ ساري توڙ جوڙ جو تاريخ ۾ هڪ سيبتو سلجهاءُ آهي ۽ اهو آهي تہ سياست ممڪنات جو آرٽ آهي. اسان جي نئين نسل کي اها ڳالهہ هينئين سان

هنڊائڻ گهرجي ۽ پنهنجي اُڏام ۽ اُپام تي ڪجهہ روڪ رکڻ گهرجي. انساني ادارا ڪڏهن بہ پنهنجي پوري ڪماليت تي پهچي نٿا سگهن ۽ انسان ۾ جو ”ظالم ۽ جاهل“ جو عنصر آهي، هُن جي اشرف المخلوقات ٿيڻ جي آڏو اچي ٿو. جڏهن تشدد جي ذريعي ڪمال کي حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪجي ٿي، تڏهن سمورو اقتدار انهن چند ماڻهن جي هٿن ۾ اچي وڃي ٿو جي اڳيرا آهن ۽ جن جي چاڻ ۽ ساڃاهہ پنهنجي دؤر کان وڌيڪ آهي.

مهاتما گانڌيءَ جهڙي اهنسا جي اوتار جي سيني مان ”گاڊسي“ جي گولي پار نڪري وڃي ٿي ۽ پٽيل جهڙا متعصب شخص اقتدار ۾ اچن ٿا. اسان کي اهو اصل نہ وسارڻ گهرجي تہ سارا اڳواڻ بہ انسانن جهڙا انسان آهن، انهن ۾ اهي ئي اوڻايون ۽ ڪمزوريون آهن، جي ٻين انسانن ۾ آهن. مون سنڌ ۾ ڏٺو آهي تہ اسان جا نوجوان جي دانشورن کي ڏاهو سمجهي انهن تي حد کان وڌيڪ اعتبار رکن ٿا، انهن جا اندر ڪينئرا آهن ۽ اهي بہ لوڀ، لالچ ۽ اقتدار جي هوس ۾ پنهنجي آپي پٽي ۽ آپ سوارٿ جا ايترائي غلام آهن، جيترو ڪو بہ ٿي سگهي ٿو ۽ اهي جيڪڏهن بغرض محال ڪڏهن بہ اقتدار ۾ آيا تہ ايتري ئي ظلم تشدد جا اهل ٿيندا جيترو تاريخ ۾ اڳي ٿيو آهي ۽ جنهن جي خلاف هو نعرا هڻي رهيا آهن ۽ عوام کي اُڀاري رهيا آهن. ان ڪري سوچي سوچي پير کڄجي، رهبري ۽ رهزنيءَ کي پليءَ پٽ پرکي ان سان ان جي اصليت موجب ورتاءُ ڪجي. اهو سمجهڻ گهرجي تہ جيڪي ڪجهہ اسان چاهيون ٿا اهو ڪيتريءَ حد تائين ممڪن آهي ۽ ڪيترو نعري بازيءَ جي غبار ۾ ويڙهيل آهي. يونان جي عظيم شاعر، ناول نويس ۽ نوبل پرائيز يافتہ اديب ڪازان زاڪس چيو آهي ”مان لفظ ’آزادي‘ کي ايئن ڏنگين ليڪن ۾ وجهان ٿو جيئن هڪ وحشي سانَ کي سگَن کان جهلبو آهي.“

مان وري ورجايان ٿو تہ سياست ممڪنات جو آرٽ آهي ۽ ”يڪي راءِ گر، ديگر را دعويٰ ڪن“ (هڪ ڳالهہ کي هٿ ڪري پوءِ ٻي ڳالهہ جي دعويٰ ڪر) واري سبق پرائڻ کان سواءِ سياسي ڪاميابي ممڪن نہ آهي.

*(28 فيبروري 1994)*

# پوليس اسٽيٽ (Police State)

جڏهن ہي مهاڀاري لڙائي هلي رهي هئي ۽ مان بي اي ۾ پڙهندو هئس تڏهن مونکي سنڌ جي عظيم مفڪر هشو ڪيولراماڻي هڪ ڪتاب آمريت ۽ سياسي پوليس (Dictatorship and Political Police) ڏنو هو جنهن ۾ پهرئين صفحي تي نازي جرمنيءَ جا هيئيان ٻه قول هئا.

"Let us beat the refractory skulls with resounding blow"

(ترجمو: اسان سرڪش کوپڙين کي ائين ڪٽيون جو انهن مان پڙاڏا ٻڌڻ ۾ اچن) ان قول جي هيٺيان جرمني جي ڪلچر منسٽر گوئرنگ جو هيٺيون قول هو:

"When I here the name of Arts, my hand goes to the pistol"

(ترجمو: مان جڏهن آرٽ جو نالو ٻڌان ٿو ته منهنجو هٿ پستول ڏانهن وڃي ٿو.)

چاڪاڻ ته مان آمريت جي دؤر مان انهيءَ ڪيفيت سان گذري چڪو آهيان، مان چاهيان ٿو ته نئين نسل کي ٻڌايان ته سياسي پوليس ڇا آهي. جنهن ٻه ملڪ ۾ رياست جي تحفظ کي حد کان وڌيڪ اهميت ڏني ويندي آهي، ان ۾ فرد جي حقن جي پرواهه نه ڪئي ويندي آهي ۽ سياسي پوليس کي بي حد و حساب اختيار ڏنا ويندا آهن ۽ هر شهريءَ جي آزادي سلب ڪئي ويندي آهي ۽ انهن لاءِ قانوني چاره جوئي، جي وٽي ٻه ڪونه هوندي آهي. مون زندگيءَ جو اڪثر حصو وڪالت ۾ گذاريو آهي ۽ آمريت جي دؤر ۾ اهڙا ڪيس ٻه هلايا اٿم جن کان اڪثر وڪيل وَنءُ ويندا آهن. اديب جي حيثيت ۾ مون آمريت جي دؤر ۾ ڪافي سَٺو آهي. منهنجي گهر ۽ منهنجي آفيس جي سامهون اڏ اکري سي. آءِ. ڊي وارن جو گهيراءُ هوندو هو ۽ ان ڪري مان جمهوريت جي هوا ۾ ساهه کڻڻ جي قدر و قيمت بخوبي ڄاڻان ٿو. مان اندر جي پوري گهرائيءَ سان جمهوريت جو حامي آهيان ۽ جنهن ٻه اها جمهوريت آندي آهي ان جو ظاهر ظهور حمايتي آهيان.

مشهور انگريز ناول نگار جارج آرويل پنهنجي ناول (1984ع) ۾ هڪ ٻئي جي مخالف ۽ سياسي طور ريسٽائيٽن رياستن جي پيٽ ڪئي هئي، جن ۾

مختلف قسم جون پوليس رياستون (Police States) هيون. انهن ۾ بنيادي فرق ڪوئي بہ نہ هو ۽ دنيا جي مخالف پوليس رياستن تي ساڳيا ضبط حاوي هئا. فاشزم ۽ نازي ازم جا وڪا تہ گهڻو وقت اڳي پڌرا ٿيا پر ڪميونزم جي چهري تان نقاب 1985ع ۾ هٽايو ويو. جا جارج آرويل جي ناول (1984ع) کان هڪ سال پوءِ ختم ٿي. ڪهڙو نہ پيغمبري شان هو جارج آرويل جي انهيءَ ناول جو! ڪن اديبن جون دليون زلزلي ماپ جي اوزار (Seismograph) وانگر ٿينديون آهن جي اڳواٽ ڌرتيءَ جا ڌوڏا ڏيکاريندا آهن.

آزادي عجيب نعمت آهي. خطرو انهن لاءِ آهي جي اُن جي ظاهري بچاءَ لاءِ ان جي ستياناسي ڪن ٿا. اسان کي ڏاڍن ڏکن ۽ جاکوڙ سان جمهوري آزادي ملي آهي. منهنجي سنڌ جي نوجوانن کي صلاح آهي تہ نعري باز سياست جي ور چڙهي جوش ۽ جذبي ۾ نہ اچن ۽ پنهنجي جند جان سان انهيءَ جمهوري آزادي جي حفاظت ڪن. هو اهڙي ڳالهہ نہ ڪن جا وري کين انهيءَ اوڙاهہ ۾ ڌڪي جنهن مان هو مسين مسين نڪتا آهن. جيترو وڏيڪ وچولو طبقو جمهوريت جا هٿ مضبوط ڪندو اوترو حڪومت جو وڏيري شاهي تي دارومدار گهٽبو. جي هيءَ ويل وئي تہ وري نہ ايندي. سطحي نعري باز پنهنجي ليڊري برقرار رکڻ لاءِ اسان جي نوجوانن کي اُبتا سُبتا سبق ڏئي رهيا آهن. ڪالم لکي رهيا آهن ۽ ڳياڙي هٽي رهيا آهن. هنن جون تقريرون ۽ تحريرون هن دؤر جي نزاڪت نہ سمجهي سگهيون آهن ۽ انهن جي ڪوتاهہ بيني اُهو درخشان مستقبل نہ ڏسي سگهي آهي جو اسان جي انتظار ۾ آهي.

*(28 فيبروري 1994)*

# صحافت ۽ ظرافت

ڪنهن شاعر- صحافيءَ برسات کي فون ڪري چيو اهي ايڊيٽوريل جي شيخ اياز لکي ٿو سي صحافت جي روايت ۾ شامل نه آهن. اُهي ته مضمون آهن. مون کي اهو ٻڌي ڪل آئي. مون شاعري ۾ ڪڏهن روايت جو خيال رکيو هو ڇا مون گدا ۽ سانگيءَ، واصف ۽ ابراهيم خليل جي شاعريءَ کي ٻنهي مسترد ڪري، پنهنجيءَ روايت جو بنياد نه رکيو هو. جي مان به ڪنهن خبر ۾ ڇئن سٽن جو اضافو ڪري، اخبار ۾ ٻه ٻه، ٽي ٽي ايڊيٽوريل لکان، اهو مون لاءِ وقت جو زيان آهي. مون ايڊيٽوريل جو ساڳيو معيار رکيو آهي جو مولانا آزاد جي البلاغ ۽ الهلال جي ادارئي جو هو. جنهن ۾ سياست، مذهب، فلسفو، تاريخ ۽ شعر و ادب سڀ ڪجهه هئا. ڪوليئرس اينسائڪلوپيڊيا، سان گڏ مون کي ڪوليئرس ڊڪشنري به ملي هئي، جنهن ۾ ايڊيٽوريل جي هيٺين معنيٰ ڏنل آهي.

(Editorial – Article or statement, as in a news paper or on television, expressing the official opinion or view point of the editor or owner on a particular topic.)

(ترجمو: ايڊيٽوريل – مضون يا بيان، جيڪو ڪنهن اخبار يا ٽيلي ويزن تي ڏنو وڃي ۽ جنهن ۾ ايڊيٽر جو يا مالڪ جو منصبي رايو يا نڪته نظر ڪنهن خاص موضوع تي پيش ڪيو وڃي.)

مان صحافت ۾ پنهنجي روايت قائم ڪري رهيو آهيان. ها جڏهن به ڪنهن سياسي خبر کي مون ايترو اهم سمجهيو جو ان تي پنهنجي انفرادي راءِ ڏيان ته ضرور ڏيندس ۽ اهو به روايتي انداز ۾ نه.

هن وقت تائين منهنجي ايڊيٽوريل ۾ نهايت سنجيده مضمون ڏنا ويا آهن. اڄ مان ذائقي کي بدلائڻ لاءِ صحافت ۾ ظرافت تي لکي رهيو آهيان.

خوشونت سنگهه هڪ گهڻ ڪُنڊي شخصيت آهي. هن سان منهنجي پهرين ملاقات پنڊيءَ جي انٽر ڪانٽينينٽل هوٽل ۾ ٿي هئي ۽ مون کي هن سان ۽ آمريڪي صحافي ۽ اديب لوئي فشر ۽ روسي محقق گئنگو وسڪيءَ سان فيض احمد فيض تعارف ڪرايو هو. مون ان وقت تائين هن جو مشهور ناول پاڪستان

ڊانهن ويندڙ ريل (Train to Pakistan) ڪيئي سال اڳي پڙهيو هو ۽ هن جا السٽريٽيڊ ويڪلي آف انڊيا ۾ مضمون ۽ ايڊيٽوريل بہ پڙهيا ها. هن پهرينءَ ملاقات جو مون تي چڱو اثر نہ ڇڏيو جنهن جو ذڪر مون پنهنجي اڻ ڇپيل آتم ڪهاڻيءَ ۾ ڪيو آهي. ڪجھہ مهينا اڳ هڪ آسٽريليا جي شاعره ايسٽيل ڊراءِ وڊ جا منهنجي شاعريءَ جو انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪري رهي هئي، منهنجي گهر ڪيئي ڀيرا آئي. هڪ ڀيري هوءِ اردوءَ جي شاعره فاطمہ حسن کي بہ منهنجي گهر وٺي آئي ڳالهيون ڪندي، فاطمہ شايد منهنجي ادبي مطالعي جو ڪاٿو تي ڪٿيو سو مون کان پڇيائين، اوهان خوشونت سنگهہ جو ناول ”دهلي“ پڙهيو آهي؟ مون لئبرري ۾ هڪ خانو کوليو جنهن ۾ ڪيئي ڪتاب هيا جي مون هندستان مان آندا هئا. جن ۾ خوشونت سنگهہ جي سڪ ڏرم تي ڪتاب جا بہ حصا، ناول ”دهلي“، ۽ هندستان جي مختصر تاريخ ها ۽ تي جلد هن جي چرچن جا بہ هيا، جي هن پاڻ ڪيا ها يا هتان هِتان هُتان ڪٺا ڪيا ها. مون فاطمہ کي چيو ”تہ تون چوين تہ مان خوشنوت سنگهہ جا هي سيئي ڪتاب پڙهي تو ڏسان“ اهو تہ مون کي اڳيئي معلوم هو تہ سڪ چڱو ليڪڪ آهي. هن کي ڪئنادا ۽ لنڊن ۾ سفارتي تقريون ڏنيون ويون هيون ۽ اُن کان پوءِ يونسيڪو سان پئرس ۾ وابستہ هيو. مون کي اهو بہ معلوم هو تہ السٽريٽيڊ ويڪلي آف انڊيا سان گڏ نيشنل هيرالڊ جو ايڊيٽر ۽ هندستان جي پارليامينٽ جو ميمبر بہ رهيو آهي ۽ ڪجھہ وقت کان ڪراچيءَ جي مشهور روزنامي ”ڊان“ ۾ هن جا ڪالم بہ ڇپجي رهيا آهن. مون هن جا مٿي ذڪر ڪيل سيئي ڪتاب پڙهيا ۽ مون کي ڏاڍو وڻيا.

سنڌي صحافت ۾ تہ هر چَر، چَرچائي تي پيو آهي، جو بہ لم ڏئي سگهي ٿو ڪالم لکي ٿو دراصل مزاح ۾ ادبي چاشني ہي ڳالهہ آهي. مان هيٺ خوشونت سنگهہ جا ڪجھہ لطيفا ڏيان ٿو ۽ اج پڙهندڙن کي سنجيده تحرير جي مطالعي کان ڇُٽي ڪرايان ٿو:

- هڪ ڏاڙهيءَ واري بنگاليءَ ۽ هڪ سردار جيءَ انهي تي بحث ٿي ڪيو تہ ڀارت ڪٿي گهڻا آزادي جا پروانا پيدا ڪيا ها، بنگال ۾ يا پنجاب ۾. ہنهي فيصلو ڪيو تہ ہنهي مان جيڪو بہ پنهنجيءَ ڌرتيءَ جي ڪنهن قوم پرست جو نالو وٺندو اهو ہي جي ڏاڙهيءَ مان هڪ وار ڇنندو بنگاليءَ پهريون وار ڪيو ۽ چيائين ”خودي رام بوس“ ۽ سردار جيءَ جي ڏاڙهيءَ مان هڪ وار پٽي ورتائين. سردار جيءَ جواب ۾ چيو ”ڀگت سنگهہ“ ۽ بنگاليءَ جي ڏاڙهيءَ مان هڪ وار پٽي ورتائين. اها ڳالهہ ڪافي دير تائين هلي ۽ بنگاليءَ جي قوم پرستن جي لسٽ کُٽي نہ کُٽي ۽ سردارجيءَ جي ڏاڙهيءَ مان وار پٽبا تي رهيا. سردار جيءَ جي پنهنجي قوم پرستن جي لسٽ کُٽي چُڪي هئي. اوچتو کيس ڪوئي خيال آيو ۽

هن رڙ ڪئي ”جليانوالا باغ“ ۾ ست ڏئي بنگاليءَ جي ساري ڏاڙهي پٽي ورتائين.

• ڪجهه امريڪي چيئرمين مائوزي تنگ کان انٽرويو وٺي رهيا ها. جڏهن مائوءِ سوويت يونين ۽ ٻين سامراجي قوتن تي لعنت ملامت وڌي، تڏهن هڪ آمريڪي صحافيءَ مائوءِ کان پڇيو ”سَر، تنهنجي راءِ ۾ جيڪڏهن خروشچوف جي بدران ڪينيڊيءَ جو قتل ٿئي ها؟“

چيئرمين مائو ٿوري دير سوچي چيو ”جي ائين ٿئي ها ته مان ڀانيان ٿو ته پوءِ به آرسٽاٽل اوناسس (Aristole Onasis) مسز ڪريچوف سان شادي نه ڪري ها.“

• هڪ ميلهءَ موبشيان ۾ ڪيئي ڳئون ۽ مينهون وڪري لاءِ آنديون ويون. ڪنهن شخص جنهن ڪا چڱي مينهن خريد ڪرڻ ٿي چاهي، هڪ واپاري سان ڳالهايو جنهن کي پلين مينهن جو جوڙو هيو. گراهڪ ارادو نه ڪري سگهيو ته ٻنهي مينهن مان ڪهڙي خرد ڪيان، سو هن هڪڙي مينهن جي ٿوهي تي ٺپڪي ڏئي، هن کان مينهن جي بها پڇي. ”هن جي قيمت پنج هزار آهي“ پاڳئي جواب ڏنو ”اُها عمر ۾ ننڍي آهي، هر سال وچ يا ڪونهون ڏيندي آهي ۽ ڏهه سال سانده گهاٽو ماهيو کير ڏيندي رهندي.“

قيمت ڪجهه وڌيڪ هئي سو گراهڪ ٻيءَ مينهن کي ٺٺڪي ڏئي پڇيو ”۽ هن جي گهٽي بها آهي؟“ ”هن جي بها ڏهه هزار رپيا آهي. اها وَچولي وهيءَ جي آهي، هن وقت تائين وچ يا ڪونهون نه ڏنو اٿائين، ۽ ان جي ٿڻن کي ڪنهن به انسان جي هٿ نه ڇهيو آهي.“

گراهڪ وائڙو ٿي وبو ۾ چيائين، ”تون ڪهڙو پاڳيو آهين؟“ هڪ مينهن جا پيچڙ (Barren) آهي اُن لاءِ اُنهيءَ مينهن کان ٻيڻا پئسا ٿو گهرين جنهن وچون ۽ ڪونهان ڏنا آهن.“

پاڳئي وراڻيو جناب ڪئريڪٽر ڀي ڪوئي چيز هوتي هئہ“ (جناب ڪردار به ڪا شيءِ ٿيندو آهي.)

• ٻه ماڻهو بهشت ۾ مليا. ”تون ڪيئن مُئين؟“ هڪڙي ٻئي کان پڇيو.

”مون کي ٿڌ لڳي ته مري ويس.“

”مان ڪم تان گهر موٽي آيس ته ڏٺم ته منهنجي زال ڪنهن مرد سان ڳالهائي رهي هئي پر مان اُتي ڪنهن غير مرد کي نه ڏٺو. مون کي پنهنجي ڳالهه تي ايترو شرم آيو جو منهنجي دل بيهجي وئي.“

ان تي ٻئي ماڻهوءَ ٻهرئين کي چيو ”جي تون پنهنجو ريفريجريٽر کولين ها ته اسان ٻئي نه مرون ها“

• سرڪاري نوڪرن جو هڪ ميڙ وزيراعظم سان مليو ۽ هن کي پنهنجا ڏک ٻڌايائون“. اسان نوڪريءَ ۾ هڪ جاءِ تي سڙي رهيا آهيون ۽ اسان کي

پرموشن (ترقي) نہ تي ملي.“ وزيراعظم هنن کي تحمل سان ٻڌو، ”مون کي تہ ان تي اعتراض نہ ٿيندو جي مان ساري عمر وزيراعظم رهان. مان تہ هڪ پروموشن جا تقاضا نہ ڪندس. مونکي سمجھہ ۾ نہ ٿو اچي تہ اوهان مختيارڪار، اسسٽنٽ ڪمشنر ۽ ڊپٽي ڪمشنر هجڻ تي راضي ڇو نہ آهيو.“

- هاشم علي، وائيس چانسلر علي ڳڙهہ يونيورسٽيءَ ٻڌنڌڙن کي هڪ چرچو ٻڌايو. جيڪو ٻڌي هو کلي کيرا ٿي پيا. اهو چرچو هي هو:

هڪ وائيس چانسلر مري ويو ۽ بهشت جي دروازي تي فرشتي هن کان پُڇا ڪئي،

”تون جيئري ڇا ڪندو هئين؟“

”مان يونيورسٽيءَ جو وائيس چانسلر هوس.“

”ٺيڪ آهي تون ڌرتيءَ تي جهنم ۾ رهيو آهين. توکي بهشت ۾ آرام ڪرڻ گهرجي.“

هن کان پوءِ ٻيو شخص بهشت جي دروازي تي آيو ۽ هن کان بہ ساڳيو سوال پڇيو ويو. هن جواب ڏنو تہ، ”مان پوراٽي ٽرم يونيورسٽيءَ جو وائيس چانسلر هوس.

ان تي فرشتي چيو:

”هن کي جهنم ۾ وجهو هي اُن جو عادي ٿي چُڪو آهي.“

- هڪ هندو گهراڻو جو هند۔ پاڪ سرحد جي ويجهو رهيو رهيو هو، ان ۾ اڪثر اوقات سکستان جا دهشتگرد ايندا ها نيٺ هن فيصلو ڪيو تہ اُتان لڏي وڃجي. سک پاڙيسري ڳوڙها ڳاڙيندا هن کي الوداع ڪرڻ آيا. انهن مان هڪ ڏنو تہ اُن هندو سنت جرنيل سنگهہ ڀنڊرا نوالا جي تصوير پنهنجي پيٽيءَ ۾ وڌي. اُن تي سک پاڙيسريءَ هن کان پڇيو، ”تون ڀنڊرا نوالا جي تصوير ڇو کڻي وڃي رهيو آهين.؟ هندوءَ اکين ۾ لڙڪ آڻي جواب ڏنو، ”جڏهن بہ مون کي پنهنجي وطن جي سار ايندي، تڏهن مان ان ڏانهن ڏسندس ۽ مون کي محسوس ٿيندو تہ مان ڪيترو نہ خوش نصيب هيس جو لڏي ويس.“

- سوال: يونائٽيڊ اسٽيٽس ۽ سوويت يونين ۾ ڪهڙي ڳالهہ ساڳي آهي.

جواب: ٻنهي ۾ روبل ڪنهن ڪم جو نہ آهي.

- سوال: عظيم سورئيلي مصور سئريڊار ڊالي کان پڇيو ويو ”جديد آرٽ ڇا آهي؟“

هن جواب ڏنو تہ، ”تون ارادو ڪرين ٿو تہ ڪائي تصوير وٺان ڇو تہ ڪنهن جاءِ تان ديوار تان رنگ جي ڇل لهي وئي آهي. پوءِ تون پنجاهہ تصويرون ڏسين ٿو ۽ پاڻ کي ٿين ٿو اهو واقعي بهتر ٿيندو تہ ديوار کي ساڳي حالت ۾ ڇڏيو وڃي ۽ جنهن حصي تان رنگ جي ڇل لهي وئي آهي ائين ئي رهڻ ڏجي.

*برسات ۾ ڇپيل ايڊيٽوريل*

- هڪ پنجابي روميو ڪنهن ڇوڪريءَ جي ڪڍ ويندو هو پر اها ڪيس موٽ نـ ڏيندي هئي. هڪ ڏينهن هن جي مٿي تي ڳوڙهو نظر آيو. جڏهن هن جي دوستن هُن ڪان پڇيو تـ "ڇا ٿيو آهي"؟ هن جواب ڏنو "منهنجي محبوبا مون ڏانهن گل ڦٽي ڪيو، ڪونديءَ سوڌو."
- ٻـ پنڊت هڪ اسڪوٽر تي گڏ وڃي رهيا ها تـ پنجاب جي هڪ پوليس ڪنسٽبل اُنهن کي جهليو ۽ چيائين، "اوهان کي خبر نـ آهي تـ اسڪوٽر تي ٽيلهـ سواريءَ تي بندش آهي. مان اوهان کي چالان ڪري رهيو آهيان."

پنڊتن چيو "اسان کي اهڙي قانون جي خبر نـ آهي "پر ڪنسٽبل هنن کي وڃڻ نـ ڏنو. ان ڳالهـ تي ڪاوڙجي، جو پنڊت اسڪوٽر هلائي رهيو هو تنهن جواب ڏنو "پرواهـ ناهي. ايشور اسان جي ساٿ آهي. جيڪي وٺڻي سو ڪر."

ان تي ڪنسٽبل چيو تـ "ان حالت ۾ مان توتي ٻـ ڪيس چالان ڪندس ڇو تـ تون ٽن ڄڻن کي گڏ وٺي وڃي رهيو آهين."

- روڊ سائين — ٻيءَ دنيا ۾ پندرنهن منٽ اڳي پهچڻ ڪان هن دنيا ۾ پندرنهن منٽ دير سان پهچڻ چڱو آهي. رفتار جي حد – ڪلاڪ ۾ پندرنهن ميل.

روڊ سائين- پنهنجي پاڙيسريءَ سان پيار ڪر. پر ڪار هلائيندين نـ. اها آهي ظرافت، ٻي تـ ڏندشيڪ آهي.

*(ڀهرين مارچ 1994ع)*

# ياسر عرفات جو خواب

گذريل جمع تي هيبران ۾ خونريزي ڪئي وئي ۽ سيني فلسطينين کي اُن وقت گوليون هڻي ماريو ويو جڏهن هو مسجد ۾ نماز ادا ڪري رهيا هئا. ان کان پوءِ لازمي طور فساد ٿيا، جن ۾ پندرنهن ٻيون ٻه زندگيون اجايون ويون. اسرائيلي فوج احتجاج ڪندڙن کي مٿي ۾ گوليون هنيون. ڇا يهودي اهو وساري ڇڏيا آهن ته هنن سان نازي جرمنيءَ ۾ ڇا ٿيو هو؟ ڇا هو اهي پروگرام (يهودي ڪش مظاهرا ـ Pograms) وساري ڇڏيا آهن جي هنن سان ساريءَ دنيا ۾ ٿيا ها؟

جڏهن گذريل سال پورو ٿيو ته سال 1993ع جي بهترين خبر اها هئي جو يتزاڪ رابن ۽ ياسر عرفات ۾ ناهه ٿيو هو ۽ ياسر عرفات ان پوريءَ آزاديءَ تان به هٿ کنيو هو جنهن جو هو فلسطيني عوام سان واعدو ڪري چُڪو هو ۽ انڪري فلسطين جا شدت پسند هن کي قتل و غارت ڪرڻ جا دڙڪا ڏئي رهيا هئا. اهي فلسطيني دهشتگرد انهيءَ شخص جي خون جا پياسا ها جو 1985ع ۾ تيونس تي اسرائيل جي هوائي حملي وقت اتفاقي طور بچي ويو هو ۽ جنهن جي تيونس ۾ پناهه گاهه تي ڏينهن رات فلسطيني محب الوطنن جي جا سخت پهرا ها. ٿورو وقت اڳي اسرائيل جي وزيراعظم رابن چيو هو ته اسان دشمنن سان امن ۽ آشتي سان رهي سگهون ٿا ۽ ڪنهن وقت ته پنهنجن بدترين دشمنن سان به هٿ ملائي سگهون ٿا ۽ عرفات چيو هو ته گذريل سال اسرائيل ۾ اليڪشن جي نتيجي ۾، جنهن ۾ يتزاڪ شمير جي پاليسيءَ کي مسترد ڪيو ويو هو، اهو مون لاءِ امن جو اشارو هو. هن اهو به چيو هو ته فلسطين جي مسئلي جو فوجي حل ڪوئي نه هو رڳو سياسي حل هيو ۽ انتفضا اسرائيلين کي اڪسائي رهي هئي، جنهن کي ياسر عرفات 'Supper army' (فوج جا هر فوج کان مٿي هئي) ڪوٺيو هو جا ٻارن ۽ زالن سان به وڌي رهي هئي. رابن به ساڳي ڳالهه ڪئي هئي ۽ چيو: "انتفضا فلسطين جو ڪيس دنيا جي شهه سرخين ۾ آندو آهي ۽ اسان لاءِ مسئلا پيدا ڪيا اٿائين، هاڻي اُها ذهنيت زياده شدت پسند، متعصب ۽ اسلامي بنياد پرست تحريڪن ڏانهن وڌي رهي آهي. مان چاهيان ٿو ته هوا لاءِ ڪا دري کلي ۽ مان گهٽ ۾ گهٽ فلسطين ۽ شامين جي اندروني حلقي سان امن ڪري سگهان"

ياسر عرفات جواب ڏنو: ”اهو صحيح آهي تہ ڪجهہ فلسطيني ٺاهہ جي مخالفت ڪري رهيا آهن. دمشق ۾ ٽي ڏهہ ادارا آهن جن کي عرب جو حزب اختلاف مدد ڪري رهيو آهي. ڪجهہ جي مالي امداد عرب امارات وارا ڪري رهيا آهن ۽ ڪجهہ جي ايراني ڪري رهيا آهن. پر حزب اختلاف عوام تي غالب پئجي نہ ٿو سگهي. مونکي افسوس تہ اسرائيلي فوج ۽ اسرائيلي نو آبادڪار (Settelrs) تي آهي جي اسان تي گهرا زخم چڏي وڃي رهيا آهن ۽ هرڪوئي پُڇي رهيو آهي ”آخر اهڙي امن جي ڪهڙي معني آهي؟“

مون رابن کي بار بار چيو ”تون اسان جي مخالفت کي جڙ هٿي ڏئي رهيو آهين. سڀ ڪجهہ مون تي ڇڏي ڏي. ٺاهہ ٽيڙ گهرجي، ٺاهہ رڳو هڪ ٻئي سان رعايتون ڪري ٿي نہ ٿو سگهي. ٺاهہ باهمي اتفاق سان ٿي سگهي ٿو. مون ۾ ايتري سگهہ نہ آهي جو مان اهو سڀ ڪجهہ وٺي سگهان جو چاهيان ٿو ۽ نہ وري ٻي ڌر اهو سڀڪجهہ کڻي سگهي ٿي جو اها چاهي ٿي“ رابن جنهن تي چيو تہ ”اسان هتي انهن ڌرين ۾ پُر امن گڏيل جياپو (Peaceful co_existence) چاهيون ٿا. جن ۾ هڪ ٻئي لاءِ ڪوئي پيار نہ رهيو آهي. جاگرافيءَ جي لحاظ کان اهي خلط ملط آهن ۽ انهن جون گاڏيون هڪ ٻئي جي اڳيان لنگهي وڃن ٿيون. ٻنهي جي وچ ۾ ڪائي حدِ فاصل نہ آهي. اسان کي هڪ ٻئي تي ويساهہ پيدا ڪرڻو آهي جيئن هي ٻي مثل عبوري تصفيو ڪامياب ٿئي. اصل مسئلو اهو آهي تہ پي. ايل. او وارا اُن ڳالهہ سان ڪيترو نباهي سگهندا جا اسان کين آڇي رهيا آهيون ۽ پنهنجون ذميواريون سرانجام ڏئي سگهندا. هن وقت تائين پي. ايل. او ڪنهن وڏي معاشري جي انتظام لاءِ ذميداري نہ سنڀالي آهي“ ان تي عرفات ڏاڍو چڱو چيو هو: ”جارج واشنگٽن ايئن ڪيو هو ڊي گال بہ ائين ڪيو هو. مان اوهان کي ڪجهہ ڏيکاريان ٿو (هو لورين جي صليب (Cross of Lorraine) ڳچيءَ مان ڇڪي ڪڍي ٿو جا هڪ زنجيريءَ ۾ پوئل آهي.) ڊي گال هيءَ مون ڏانهن 1970ع ۾ موڪلي هئي. موگابي، بن بيلا ۽ نهروءَ بہ ساڳي ڳالهہ ڪئي هُئي. اسان لاءِ اهو امن آسان آهي چو تہ پي. ايل. ايو هڪ اداري کان وڌيڪ آهي. اسان پنهنجن سيني ماڻهن لاءِ ذميدار آهيون. اسان جي هڪ پارليامينٽ آهي جا فلسطين جي ماڻهن جي هر جاءِ تي نمائندگي ڪري ٿي. ڪنهن بہ انقلاب کي پارليامينٽ نہ رهي آهي. اسان کي جمهوريت آهي. اسان يونيورسٽيون، اسڪول ۽ اسپتالون ٺاهيون آهن. اسان کي هڪ سياسي شعبو آهي، جو عرب دنيا ۾ هڪ مضبوط ترين شعبو آهي.“

رابن چيو ”پل فلسطيني پنهنجا معاملا هلائن، اهڙيون حالتون پيدا ڪن جن ۾ ڪنهن بہ اسرائيلي سپاهيءَ کي قانون برقرار رکڻ لاءِ دست اندازي نہ ڪرڻي پئي.

پوءِ اها گازا هجي يا مغربي ساحل (West Bank) هجي. اسان اهو فلسطينين کي ڏيون ٿا ڇو تہ ان ۾ ئي اسان جو تحفظ آهي. اسان ھين تي زياده تسلط رکڻ نہ ٿا چاهيون."

مٿيون انٽرويو ڪجهہ آمريڪي رپورٽرن رابن ۽ عرفات کان وچ ڊسمبر 1993ع ڌاري ورتو هو. وڌيڪ انٽرويو ۾ عرفات چيو هو تہ: "مون لاءِ اهو اهم آهي تہ پنهنجي عوام کي وچ اوڀر جي ڦشي تي برقرار رکان ۽ انهن وانگر نہ ٿيان جي پهرين ۽ ٻي جنگِ عظيم کان پوءِ بين الاقوامي معاهدن ۾ مسترد ٿي ويا آهن. مان پنهنجن ماٽهن جي مسلسل المئي کي وساري نہ ٿو سگهان. اسان آزاديءَ لاءِ ڏاڍي ڳري قيمت ادا ڪئي آهي."

رابن وڌيڪ چيو هو "مان انهن جي جُتيءَ ۾ پير نہ پاتو آهي، مان اهو ڊوڙنگ ڪرڻ نہ ٿو چاهيان تہ ان ڳالهہ جو تصور بہ ڪري سگهان ٿو تہ هڪ فلسطيني ڇا آهي. مان انهن جي پنهنجي تشخص لاءِ تمنا سمجهي سگهان ٿو سا ڳئي وقت اهو سمجهي نہ ٿو سگهان تہ هنن ماضيءَ ۾ ڪيئي موقعا هٿ مان ڇو وڃايا. جن سان خون خرابيءَ کي ٻجو ڏئي سگهجي ها. اهڙن موقعن تي اسان فيصلي لاءِ تيار هئاسين. مون کي پڪ آهي تہ عرفات اهو سبق سکيو آهي تہ ڪيس وڌيڪ اڳتي اچڻو آهي." عرفات پنهنجي انٽرويو ۾ وڌيڪ چيو "مون کي سپنا آهن. هڪ مشرقِ وسطيٰ، جنگ ۽ جبر ۽ تشدد کان سواءِ، جو خوشحال هجي جو دنيا جي نئين نظام ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪري سگهي. جي مان چونڊن ۾ چونڊجي آيس، جي اسان 1994ع جي وچ ڌاري رٿيون آهن، تہ مان پنهنجون ذميواريون پوريون ڪري ڏيکاريندس. جي مان نہ چونڊيس تہ انجنيئر جي حيثيت ۾ پنهنجي ڪم ڏانهن موٽي ويندس. جڏهن مان لبنان ۾ هوس تڏهن پنهنجي گهر جي ٻاهران بمباريءَ لاءِ اَجهو (Bomb Shelter) ناهيو هيم. ان جي پرسان هڪ وڏي ڪمپنيءَ ٻيو اهڙو اَجهو ناهيو هو. اسرائيلين انهن اَجهن تي بم ڦٽا ڪيا. ٻيو اَجهو جيڪو وڌيڪ گهرو هو تباهہ ٿي ويو. جيڪو مون ناهيو اُهو بچي ويو.

مان پنهنجي گهر جو نقشو پاڻ ڪڍندس. جيريڪو ۾ نہ، يروشلم ۾. مون کي ياد آهي تہ ڪنهن وقت اتي مان پنهنجي چاچي سان ديوارِ گريہ جي پرسان رهندو هوس. اسان جو گهر بمباريءَ ۾ تباهہ ٿيو. مان ان يروشلم جو خواب ڏسان ٿو جيڪو مستقبل جي بطن ۾ آهي ۽ جو ٻن رياستن جي گادي آهي. ڪنهن بہ ديوار برلن کان سوا."

۽ رابن چيو. "يروشلم ٻين مسئلن کان مختلف آهي. ڇو تہ اهو علامت آهي، عبراني روايت ۾ يروشلم آسمان تي بہ آهي. ڌرتيءَ تي بہ آهي. يروشلم نہ رڳو هڪ زنده شهر آهي پر يهودي قوم ۽ رياست جي دل آهي، روح آهي. اسان چاٽون

ٿا تہ يروشلم عيسائين ۽ مسلمانن لاءِ بہ مقدس آهي. اسان انهن مذهبن جي پيروڪارن کي يروشلم ۾ داخلا تي ڪائي بندش نہ وجهنداسين. اسان فقط مقدس گاهن جي تنظيم پنهنجي هٿ ۾ رکڻ چاهيون ٿا ۽ نہ مقدس شهر کي."

۽ عرفات چيو "صدين تائين اسان ساٿ رهياسين. جڏهن يورپ سان اونداهي دؤر ۾ اسان گڏ رهياسين. اسان هنن کي پنهنجو سؤٽ ڪوٺيو. اهو اسانجي روايت جو حصو آهي"

رابن چيو "تہ هي تاريخي دريافت ڪا نئين نہ آهي. اها تڏهن ٿي جڏهن عرب دنيا جو رهبر صدر سادات يروشلم آيو ۽ سڀ شڪ شبها، نفرت ۽ گمان مصر جي باري ۾ نفرت جون ديوارون ڊاهي ڍير ڪيائين. عرفات ائين نہ ٿو ڪري سگهي، ڇو هن جي سيني ملڪن تي اختيار نہ آهي، جتي فلسطيني رهن ٿا. هن جو اثر فقط پنهنجي تحريڪ تي آهي. ان ڪري ئي اسان لاءِ تحفظ جي گهٽ ۾ گهٽ يقين دهاني ضروري آهي. ان جي باوجود مان سمجهان ٿو تہ اسان پنتي موٽ واري دشوار گهٽي ٽپي چڪا آهيون."

مٿيون انٽرويو ڪافي مختصر ڪري، مان عرفات جا هيٺيان لفظ ڏيان ٿو:

"هر ڳالهہ پنهنجي موقعي ۽ مهل جي تاڙ ۾ رهي ٿي، جڏهن مان پنهنجي انقلاب سان شروع ڪيو تڏهن هر شيءِ تباهہ ٿي چُڪي هئي. ان وقت اسان چيو تہ اسان يهودين سان امن سان رهڻ چاهيون ٿا. ڪن عربن چيو تہ اسان غدار هياسين. ان ڳالهہ کي تسليم ڪرڻ لاءِ عربن کي ڪيئي سال لڳا. سڀ ٺيڪ ٺاڪ ٿي ويندو. جي هن پيري نہ تہ ٻي پيري ٻيو ڪوئي چارو نہ آهي. هر ڪنهن لاءِ هاڻي جنگ ناممڪن آهن."

ان کان پوءِ سيپٽمبر جي مهيني ۾ آمريڪا جي وائيٽ هائوس ۾ ياسر عرفات چيوهو: "هاڻي ڪافي خونُ ۽ ڳوڙها وهايا ويا آهن. اسان هاڻي امن کي موقعو ڏيون ٿا ۽ چئون ٿا "ڪافي ٿي چُڪو آهي."

ڪالهوڪي خبر آهي تہ اسرائيل پنهنجي تحفظ لاءِ ڪارروايون تيز ڪري ڇڏيون ڇو تہ گازا جي پٽيءَ ۾ خون خرابي هيبران مسجد ۾ ڪوس کان پوءِ وڌي وئي آهي. اسرائيلي فوجين هڪ عرب کي گولي هڻي ماريو ۽ ٻارنهن عربن کي سومر تي ڦٽي وڌو جن فوجي ڪرفيوءَ جي ڀڃڪڙي ڪئي.

خودمختيار حڪومت تي اسرائيل سان ڳالهيون معطل ڪيون ويون آهن. ممڪن آهي تہ ٿتلام هڪ جنوني يهوديءَ جو ڪم آهي. في الحال تہ فلسطيني ڪافي مشتعل آهن. جيتوڻيڪ هو سفارتي ذريعي يو. ايس انتظاميا سان رابطو رکيو اچن ٿا. في الحال عرفات الجزاير ويو آهي تہ ان مسئلي تي صدر سان مشورو ڪري سگهي. بهرحال، فلسطينين تي ٿيندڙ ظلم بند ٿيڻ گهرجي.

1956ع ۾ اسرائيل جي بازيءَ ڊيوڊ بين گورن (David Ben Gurion) چيو هو: "اسرائيل حقيقت پسند ٿئي، ان لاءِ ڪرامات ۾ اعتبار ڪرڻو پوندو." پوئين ڪجهه سالن ۾ اهڙيون حالتون پيدا ٿيون آهن جي تصور ۾ بہ اچي نہ سگهن ها ۽ جن جي ظهور پذير ٿيڻ جي ڪائي توقع نہ هئي جڻ تہ ازلي ڪارساز نئين دنيا اڏي رهيو آهي. سوويت سامراج نيست ونابود ٿي ويو. نيلسن منڊيلا آزاد ٿيو ۽ سائوٿ آفريڪا جي سفيد فامر قوم سان هن جي صلح صفائي ٿي وئي ۽ وڏي ۾ وڏي ڪرامت فلسطين-اسرائيل جي ٺاهہ ۾ وجود ۾ آئي. ست لک ستر هزار فلسطيني گازا پٽيءَ ۾ هيا ۽ ڏهہ لک مغربي ساحل تي هيا. انهن جو ڏک اٿاهہ هو. اُنهن جا زخم گهرا هئا. اُنهن جا ڳوڙها تازا ها ۽ اُنهن جي خون جي ايتري هار وير ٿي هئي جو خون جا درياهہ وهي ويا ها. مسين مسين ٺاهہ ٿيو هو. ڇا اهو انساني نفسيات ۾ ڦيرو رائگان ويندو؟ ڇا بين لاقوامي ڪوششون برصواب نہ پونديون. مان نہ ٿو سمجهان تہ هڪ واقعي ڪي، پوءِ اُهو ڪيترو بہ افسوس ناڪ ڇو نہ هجي، ان تاريخي ڪرامت جي آڏو اچڻ گهرجي.

مان وري پنهنجي گوگائي غلطي ورجائي رهيو آهيان ۽ پنهنجي مطالعي جو ذڪر ڪري رهيو آهيان. مان بہ ادائي سال اڳ جڏهن گوا ۾ هوس تہ اتي معلوم ٿيو هو تہ گوا جي گادي پٽجيءَ ۾ ڪتابن جو ايگزيبيشن لڳو آهي ۽ ڪٽڪ. ڪٽڪلي ۽ مني پوري ناچ بہ ٿي رهيا آهن. مان ايگزيبيشن ۾ ويس تہ اُتي هزارين ڪتاب رکيا ها. مون جيڪي ڪتاب اُتان ورتا انهن ۾ لئري ڪالنس ۽ لاپيئري ڊامنيڪ جو ڪتاب 'او يروشلم' بہ هو. مون يڪدم اهو ڪتاب خريد ڪيو ڇو تہ مون انهن جا بہ ڪتاب (Paris is burning) 'پئرس سڙي رهي آهي' ۽ 'اڌ رات جو آزادي' (Freedom at midnight) اڳئي پڙهي چڪو هوس. جرنلزم جا بهترين مثال ها. مان "او يروشلم" (Oh! Jerusalm) نہ رڳو پٽجيءَ جي هوٽل ۾ جتي مان لٿل هوس، پڙهندو رهيس پر رهيل حصو هوائي جهاز ۾ پڙهندو آيس. ان ۾ گوا جي نمڪين ڪاجوءَ جو مواد آهي ۽ گواني شراب فينيءَ جو مزو هو ۽ جيستائين مون اهو ڪتاب پورو نہ ڪيو تيستائين پيو ڪتاب اک ورائي بہ نہ ڏٺم. اهو اسرائيل جي تشخص لاءِ هڪ حيرت انگيز جنگ جو اظهار هو. پنيان نيويارڪ ٽائيمس جو ان تي تبصرو هيٺينءَ ريت ڏنل هو:

"ان جو قدم ايترو تيز آهي. ڊراما ايترو چوٽ تي چڙهي ويو اهي ۽ اُن ۾ ايتريون المئي ۽ طربيہ جون جهلڪون الڳ جاين تي اچن ٿيون. جو ماٺهوءَ کي ساهہ پٽڻ لاءِ ترسڻو پوي ٿو."

مان بہ ساهہ پٽڻ لاءِ ترسيس جڏهن عربن ۾ يهودين جي تضاد جو اهو دردناڪ داستان پڙهيم ۽ مون ۾ ٻنهي ڌرين لاءِ همدردي جاڳي. ٻنهي تي تاريخ ظلم ڪيو

هو ۽ بئي تقدير جا نشانا ها. تاريخ هڪ انڌي هاٿيءَ وانگر ڌوڪيندي وڃي رهي آهي ۽ جو بہ ان سامهون اچي ٿو اُن کي لتاڙيندي وڃي ٿي.

ڪيئي سالن جي جدوجهد کان پوءِ ياسر عرفات جو خواب ڪنهن حد تائين پورو ٿي رهيو هو انسانيت جي فتح ٿي رهي هئي ۽ جمهوريت ۽ باهمي مفاهمت جو ٻول بالا ٿي رهيو هو. ڇا اهو خواب ٽٽي ويو؟ مان تہ نہ ٿو ڀانيان. مون کي انسان جي بنيادي چڱائي ۾ اڃا اميد آهي، مان ايڪويهين صديءَ جي ڪليل فضا ۾ امن جي فاختہ کي اڏامندو ٿو ڏسان، پنهنجا پَرَ کولي، هوا کي ڪئنچي وانگر ڪتريندو اُن اُفق ڏانهن جنهن جو ڪنهن آدرش وانگر آغوش کليل آهي.

(2 مارچ 1994ع)

# فيض احمد فيض

ڪنهن صحافيءَ لکيو آهي تہ مون کان اڳ جيڪو شاعر صحافي ٿيو آهي، اهو فيض احمد فيض هو. زهي نصيب. جي برِصغير ۾ فيض جهڙو اردوءَ جو بي مثال شاعر منهنجو پيش رو ٿيو آهي! هُن کي شايد اها خبر نہ آهي تہ هو جيتوڻيڪ مون کان ڏهہ سال وڏو هو، منهنجو گهرو دوست بہ هو. مون کان سواءِ، هن جو ٻيو سنڌي دوست مرحوم مير علي احمد ٽالپر هو جو شاعر تہ نہ هو پر فيض هن جي صحبت پسند ڪندو هو ۽ جيترو وقت ڪراچيءَ ۾ هوندو هو، هن سان اڪثر اوقات شامون شنگريلا ۾ گذاريندو هو جو گوشہءِ عافيت شايد اڳئين پئليس هوٽل ۾ هو.

شهيد ڀُٽي سنڌالاجيءَ کي بہ لک رپيا ڏنا هئا تہ منهنجي منتخب ڪلام جو منظوم ترجمو پنجابيءَ ۽ اُردوءَ ۾ ڪيو وڃي ۽ منهنجي شاهہ جي پوري رسالي جو ڪيل منظوم ترجمو ٻيهر ڇپايو وڃي.

پنجاب جي مشهور اديب ۽ پنجابيءَ جي شاعر احمد سليم منهنجي جڏهن منتخب ڪلام جو پنجابيءَ ۾ منظوم ترجمو "*جو ٻيجل نے آکھیا*" جي نالي سان ڪيو تڏهن ان جو مسودو لاهور ۾ فيض صاحب وٽ سندس فرمائش تي کڻي ويو هو. احمد سليم جي فيض سان اڳ ۾ رسم و راهہ هئي ۽ فيض هن سان نهايت شفقت سان پيش ايندو هو. احمد سليم مون کي ٻُڌايو تہ جڏهن هو وٽس ٻئي ڏينهن تي کانئس مسودو موٽائي وٺڻ لاءِ ويو تڏهن هن احمد سليم کي پيش لفظ سان گڏ مسودو موٽائي ڏنو ۽ چيائينس، "احمد سليم مون بہ بہ، ٽي ٽي سال بہ ڪتابن تي پيش لفظ لکڻ لاءِ ورتا آهن، پر ڇاڪاڻ تہ اياز منهنجو دوست هو ۽ ترجمو مون کي ڏاڍو وڻيو هو ان ڪري مون ان تي پنهنجو پيش لفظ بہ هڪ ڏينهن ۾ لکيو." ان کان وڌيڪ اعزاز مون کي برِصغير جي ڪنهن اديب وٽان نہ مليو آهي.

فيض سان منهنجي ڄاڻ سُڃاڻ غالباً سکر ۾ ٿي، جڏهن هو اُتي ڪنهن مشاعري ۾ آيو هو. اُن کان پوءِ جڏهن بہ هو سکر ۾ ڪنهن مشاعري ۾ ايندو هو تہ ڪنهن ڊپٽي ڪمشنر وٽ مون کان سواءِ ماني نہ کائيندو هو. هڪ ڀيري سکر جي ڊپٽي ڪمشنر يوسفاڻيءَ مون ڏانهن ماڻهو موڪليو تہ فيض کي ڪنهن نادان

رُسائي وڏو آهي ۽ هو سامان ٻڌي نشاط هوٽل تي هلي آيو آهي، جتان هُو مشاعري ۾ شرڪت کان سواءِ، لاهور وڃڻ وارو آهي ۽ ٿي سگهي ٿو ته مان کيس موٽائي وٺي اچان. ان تي هن کي موٽائي آيس ۽ هن سان اُنهيءَ انجنيئر جي مضحڪ خيز رويي جي باري ۾ مون تفصيل سان ”ساهيوال جيل جي ڊائريءَ“ ۾ لکيو آهي. هو جڏهن ڪڏي ڪاليج ۾ پرنسيپال هو تڏهن پنهنجي وائيس پرنسيپال ڊاڪٽر حسان کي سکر موڪليو هئائين ته اُتي مون سان، بلوچيءَ جي شاعر گل خان نصير، پشتو جي شاعر اجمل خٽڪ، اُردوءَ جي شاعر حسن حميديءَ ۽ محمد ابراهيم جويي سان گڏجي، عوامي ادبي انجمن لاءِ مئني فيسٽو ٺاهي. اجمل خٽڪ ته تار موڪلي ته هو ڪنهن سبب ڪري اچي نه ٿو سگهي ۽ اسان جيڪو به مئني فيسٽو ٺاهينداسين، هن کي قبول هوندو. ڊاڪٽر حسان، گل خان نصير، حسن حميديءَ، محمد ابراهيم جويي ۽ مان به ڏينهن مٿي ماري ڪري مئني فيسٽو ٺاهيو جو پوءِ فيض صاحب ڏٺو ۽ اجازت ڏني ته اُهو ڇپايو وڃي ۽ عوامي ادبي انجمن وجود ۾ آئي، جنهن جي ڪراچيءَ ۾ منعقد جلسي ۾ مون پنهنجي آپيرا، پڳت سنگهه کي ڦاسي، حافظي مان پڙهي. موجوده انفرميشن سيڪريٽري سنڌ جناب نبي بخش کوسي اهو ادبي جلسو ڪرايو هو جتي منهنجي اُردوءَ جي مشهور اديب، سياسي مفڪر ۽ مورخ سيد سبط حسن ۽ هن سان گڏ ’پاڪستاني ادب‘ رسالي جي ايڊيٽر سعيده گزدر سان ملاقات ٿي، جا دوستي پوءِ ڪافي بار آور ثابت ٿي. جڏهن مان ساهيوال جيل مان ڇُٽي آيس ۽ ايوب خان ڊهي پيو، تڏهن ڊاڪٽر حسان کي فيض مون ڏانهن جبيس هوٽل ۾ چوائي موڪليو ته مان آدمجي ايوارڊ وٺڻ کان انڪار ڪريان ۽ پريس ۾ اهڙو بيان ڏيان. مون ايئن ئي ڪيو جيئن فيض چيو ۽ مان هن جي سوچ سان بلڪل متفق هوس. جڏهن شهيد ڀُٽي مون کي سنڌ يونيورسٽيءَ جو وائيس چانسلر ڪيو، تڏهن فيض، ڀُٽي صاحب جو ڪلچرل ائڊوائيزر هو ۽ سرڪاري گڏجاڻين ۾ ۽ ٻين هنڌن تي هن سان ڪيئي مُلاقاتون ٿيون. منهنجي اصرار تي هن پوين ڏينهن ۾ پنجابيءَ ۾ به شاعري ڪئي ۽ مون کي چيائين، ”اياز جي مون کي پنجابيءَ تي ايترو عبور هجي ها، جيترو توکي سنڌيءَ تي آهي ته مان فقط پنجابيءَ ۾ شاعري ڪريان ها، پر هاڻي دير ٿي وئي آهي.“

اُن کان پوءِ جڏهن مان اچا وائيس چانسلر هوس ته فيض جي ڌيءَ سليمه هاشمي، لاهور جي هڪ ٽي وي ائڪٽريس سان گڏ مون وٽ ڄامشوري آئي ۽ مون کي فيض جي تازن نظمن جون فوٽو ڪاپيون ڏنائين ۽ چيائين ته فيض بيروت مان هدايت ڪئي آهي ته اُهي اوهان کي پهچايان ۽ پوءِ مون کي منچر گهمائڻ لاءِ چيائين. سليمه مصوره آهي ۽ منهنجي هڪ پروفيسر هن جي ڪلاس فيلو رهي هئي، سو مون کين پنهنجي ڪار ڏني ته اُن تي هو دادوءَ وڃن ۽ دادوءَ جي اسسٽنٽ

ڪمشنر کي چيو تہ هنن لاءِ منڇر جي سير جو جوڳو انتظام ڪري. سليمہ ۽ هن جون ساهيڙيون بہ ڏينهن دادوءَ ۾ رهيون ۽ منڇر جو سير ڪري، منهنجو شڪريو ادا ڪرڻ لاءِ آيون.

فيض جا نہ رڳو الڳ الڳ سمورا ڪتاب مون وٽ آهن پر هن جي خوبصورتيءَ سان ڇپايل ڪنو مجموعہءِ ڪلام ۽ هن جي شاعريءَ جي انگريزيءَ ۾ ترجمو بہ مون وٽ آهي. سليمہ کي جي شعر مون لاءِ فيض بيرورت مان موڪليا هئا، سي سندس پوئين مجموعي *'اے دل مرے مسافر'* ۾ شامل آهن، جن مان مايوسي بکي رهي آهي. ڪجهہ وقت کان پوءِ هو پاڪستان موٽي آيو هو ڪنهن ڪم سان سيال ڪوٽ ويو جو سندس اباڻو شهر هو ۽ جڏهن موٽيو تہ ڪيس هارٽ اٽئڪ ٿي ۽ هو گذاري ويو.

فيض هڪ گهڻ ڪُنبي شخصيت هو. هو نہ فقط اُردوءَ جو عظيم شاعر ۽ نثر نويس هو پر هڪ تعليم دان، سياسي مفڪر، انقلابي ۽ صحافي بہ هو. هڪ ڀيري جڏهن هو مون سان ايم.پي. اي هاسٽل ۾ اڪيلو ڪچهري ڪري رهيو هو تڏهن مون کي چيو هئائين، "ايازا چڱو جو اسان ڀُٽي صاحب جو ساٿ ڏنو آهي. اهو ايترو ئي اهميت وارو آهي، جيترو پبلو نرودا جو آلندي سان ساٿ." مون کي ارينا ۽ لُدميلا ٻنهي ماسڪو ۾ ٻڌايو هو تہ "روس کان ٻاهر اسان فقط ٽن شاعرن کي مڃيندا آهيون ۽ اُهي آهن فيض احمد فيض، لاطيني آمريڪا جو شاعر پبلو نرودا ۽ ترڪيءَ جو شاعر ناظم حڪمت. ٿئي مايا ڪوفسڪيءَ کان پوءِ ڪميونسٽ دنيا جا عظيم ترين شاعر آهن."

منهنجو مرحوم پنجابي دوست مونس فيض جو هيٺيون شعر نهايت رقت سان پڙهندو هو:

> بہ کہ مفت لگادی ہے خونِ دل کی کشید،
> گراں ہے اب کہ مئے لالہ فام کہتے ہیں.

نہ رڳو پوري پاڪستان، هندستان ۽ پوريءَ دنيا ۾ اُردوءَ جا چاهڻو فيض جا مداح هئا، پر هن جي شاعريءَ جا حافظ بہ هئا.

مان جڏهن روس وڃي رهيو هوس تڏهن فيض ڪراچيءَ ۾ هو ۽ هڪ ڏينهن اڳ روس مان موٽيو هو. روسي قانصل هن جي ۽ منهنجي سنڌ ڪلب ۾ دعوت ڪئي، جنهن ۾ مون کي فيض چيو هو تہ مان ماسڪو ۾ پروفيسر گئنگڪو وسڪيءَ سان ملان ۽ هو اڳ ۾ ئي کيس مُنهنجي باري ۾ ٻڌائي آيو آهي. بيگم مجيد ملڪ جا اسي ورهئين جي آهي، مون کي "بيٽا" چئي مخاطب ٿيندي آهي، ۽ پنهنجي دؤر جو يادگار آهي، مون کي نہ رڳو ڊاڪٽر ايوب مرزا جو فيض جي

زندگيءَ تي ڪتاب 'ہم کہ ٹھرے اجنبی' موڪليو جو اڳ ۾ مون وٽ هو پر مون وٽان ڪوئي دوست کڻي ويو هو پر هن مون ڏانهن ايلس فيض جا ٻہ انگريزيءَ ۾ ڪتاب "Dear Heart to Faiz in Prison" ۽ ايلس جو هيو ڪتاب جنهن ۾ بيروت ۾ فيض جي زندگيءَ جو احوال آهي، جڏهن هو اشتراڪي ادبي رسالو ڪنول (Lotus) ڪيندو هو. مان خود فيض تي ڪتاب لکڻ ٿو چاهيان ۽ اُن ۾ ساڳيو مواد نہ ٿو ڏيڻ چاهيان. جو ڊاڪٽر ايوب مرزا يا منهنجا دوستن مظهر جميل ۽ مسلم شميم پنهنجي رسالي "طلوع افڪار" جي فيض نمبر ۾ ڏنو آهي. ان ڪري ڪجھ تہ مون کي پنهنجون يادگيريون هيون ۽ ڪجھ بيگم مجيد ملڪ کان پڇڻ چاهيم. جو تہ هوءَ فيض جي بيوه ايلس جي ورهين کان دوست هئي. غالباً فيض شادي ئي تڏهن ڪئي هئي جڏهن بيگم مجيد ملڪ خاوند ڪرنل مجيد ملڪ فيض کي انگريزي فوج ۾ ڀرتي ڪرايو هو.

ڳالهين ڪندي جڻ مان ادبي تاريخ جي چوڏول ۾ ڦري رهيو هوس. فيض ڊاڪٽر تاثير جو سنڍو هو جو خود بہ اُردوءَ جو چڱو شاعر هو. ڊاڪٽر تاثير ۽ پاڪستان ڪميونسٽ پارٽيءَ جو سيڪريٽري جنرل سجاد ظهير، (ڪتابن 'لندن میں ایک رات'، 'روشنائي' ۽ نثري نظمن 'نيلم' جو مصنف) انگلينڊ ۾ گڏ پڙهندا هئا. ڪيئن فيض جي سجاد ظهير سان سنگت ٿي، ۽ پئي پنڊي سازش ڪيس ۾ جنرل اڪبر ۽ ٻين سان گڏ جوابدار ٿيا. ڪيئن ڪيس هليو ڪير جيل ۾ فيض وٽ ويئي هئي، جنهن لاءِ "حبيب عنبر دست" محاورو فيض شاعريءَ ۾ ڪم آندو هو ڪيئن منٽگمري جيل ۾ فيض جي شعري مجموعن "دستِ صبا" ۽ "زندان نامہ" جي تخليق ٿي ۽ پوئين ڪتاب جو ميجر اسحاق مهاڳ لکيو جو بہ ڪيس ۾ جوابدار جي حيثيت ۾ ملوث هو هن سان ڪافي وقت گفتگو ٿيندي رهي. پطرس بخاري ۽ هن جو مزاج، وڏو بخاريءَ جو ڪراچيءَ ۾ ريڊيو جو ڊائريڪٽر جنرل هو ۽ ان جو مزاح، مجيد ملڪ، امتياز علي تاج، صوفي تبسم، عبدالمجيد سالڪ، مصور عبدالرحمان چغتائي، صحافي چراغ حسن حسرت، مطلب تہ سڄو تاريخ جو دؤر اکين اڳيان اُڀري آيو. توڙي اهي سڀ مون کان وڏا هئا، اُنهن مان ڪن سان منهنجي ذاتي واقفيت هئي ۽ ڪي مون سان رائيٽرس گلڊ ۾ گڏ رهيا هئا. هن مون کي "ڪاروان" رسالو ڏيکاريو، جنهن ۾ فيض صاحب جو پهريون نظم "سرود شبانہ" شايع ٿيو هو. فيض هر ڪتاب جو مسودو بيگم مجيد ملڪ کي ڏنو هو جي هن مرحوم شوڪت هارون کي ڏنا هئا، جا ڪراچيءَ ۾ انتقال ڪري وئي هئي. ڊاڪٽر رشيده جهان جو ذڪر بہ نڪتو ۽ مرحوم سان فيض جي اُڪير جي باري ۾ ٻڌايائين. ڊاڪٽر تاثير جي فيض لاءِ Love_ Hate Complex محبت، نفرت ڪامپليڪس جي باري ۾ بہ ٻڌايائين، جنهن ايلس جي ڀيڻ ڪرسٽابيل سان شادي ڪئي هئي، ٻين بہ ڪيترن ئي اردو

*شيخ اياز ۽ صحافت*

اديبن جو ذڪر نڪتو.

ن. م. راشد، اُپيندر ناٿ اشڪ، غلام عباس (افسانن جي مجموعي، آنندي، جو مصنف، جو منهنجو دوست هو) ڪرشن چندر، سيد سبط حسن، حفيظ جالنڌري وغيره جو ذڪر بہ نڪتو. انهيءَ ادبي تاريخ جي چوڏول ۾ پاڪستان ڪان پوءِ مان بہ پانواتي ڪاڌي هئي، جڏهن منهنجي عمر 23 سال هئي ۽ آل پاڪستان انجمنِ ترقي پسند مصنفين جو نائب صدر هوس ۽ جنهن جو سيڪريٽري ملتان جو اُردو شاعر، منهنجو پاڙيسري ۽ دوست ظهور نقرا هو (اسان بئي لا ڪاليج جي نزديڪ جدا جدا فليٽن ۾ رهندا هئاسين)، جنهن جي باري ۾ مون 'جڳ مڙيوئي سپنو' ۾ اڳيئي لکيو آهي.

مون بيگم مجيد ملڪ جون ڪيتريون يادگيريون نوٽ ڪيون. هوءَ پنهنجي عمر جي باوجود نهايت تيزيءَ سان ڳالهائيندي آهي. باقي مون هڪ واقفڪار تي بار رکيو هو جا مون کي بيگم مجيد ملڪ وٽ پنهنجي ڪار ۾ بہ پيرا وٺي وئي هئي، تہ بيگم صاحبہ کي ٽيپ ڪري ۽ هن جي گفتگو لکي ڏي. هن ٽيپ جو هڪ پاسو تہ لکي ڏنو آهي، پر ٻيو پاسو بيحد مصروفيتن سبب اڃا نہ لکيو اٿائين. بيگم مجيد ملڪ مون کي ميان افتخارالدين سان فيض جي تعلقات جي باري ۾ بہ ٻڌايو، جڏهن فيض هن جي اخبار 'امروز' ۽ 'پاڪستان ٽائيمس' جو ايڊيٽر هو جي هو نهايت ڪاميابيءَ سان لاهور مان ڪڍندو هو. مان جڏهن گهر موٽي رهيو هوس تہ فيض جي مطلع جي پهرين سٽ گنگنائيندو اچي رهيو هوس، جو اقبال بانو ڳاتو آهي.

*ہم کہ ٹھہرے اجنبی اتنی مداراتوں کے بعد*

ٻي سٽ ڪوشش جي باوجود ياد نہ ٿي آئي!

*(3 مارچ 1994ع)*

# خوش فهمي

خوش فهمي اُن نفسياتي ڪيفيت جو نالو آهي، جنهن ۾ ماڻهو جيڪي ڪرڻ چاهي ٿو اُن کي صحيح سمجهي ٿو توڙي اُن کي حقيقت ۾ بنياد نہ هجي. اهو هڪ نفسياتي- تجزياتي لفظ آهي، جنهن ۾ انسان جي اُنهن خواهش جو اظهار آهي جي هن جي سوچ پٺاندر آهن. "خواهش خيال جي ماءُ پيءُ آهي". اها چوڻي شيڪسپيئر جي ڊراما "هينري انين" جي ٻئي حصي تائين وڃي ٿي ۽ مان پانيان ٿو تہ اُن کان پُٺ تي وڃي ٿي. غالب پنهنجي شاعرانا انداز ۾ چيو آهي:

ہزاروں خواہشیں ایسی کہ ہر خواہش پہ دم نکلے،
بہت نکلے میرے ارمان لیکن پھر بھی کم نکلے۔

نفسيات جا ماهر انسان جي هڪ مخصوص ڪيفيت ڏيکارڻ لاءِ اهو لفظ ڪافي وقت کان استعمال ڪن ٿا. فرائڊ ان جو بنياد خوابن جي اعصابي ڪيفيتن(Neuroses) ۾ ڏٺو. اڻويهين صديءَ جي هڪ مفڪر خوش بهميءَ (Wish full thinking) جي باري ۾ چيو تہ انهيءَ ڪيفيت ۾ ماڻهوءَ جو فڪر هن جي خواهش تي مدار ٿو رکي ۽ نہ حقيقت تي. هن وڌيڪ چيو تہ ڪٿن نہ هڪ پڪي خواهش ماڻهوءَ جي سوچ جو پيڇو ڪري ٿي. اهڙي خواهش ۾ ماڻهو اهي نيتون ڇپائي ٿو جي قابل اعتبار نہ آهن. هڪڙا ماڻهو اهڙي قسم جا ٿين ٿا جي اُنهن نَظرين کان بنهہ نابري وارن ٿا، جي ڪانئن ذهني آسودگي کسن ٿا ۽ هنن جي سر خوشيءَ ۾ رُخنو وجهن ٿا. مون وٽ هڪ جهونو دوست ايندو آهي، جنهن کي مان وَهابي ڪميونسٽ ڪوٺيندو آهيان. هو اڃا انهيءَ خوش فهميءَ ۾ آهي تہ روس ۾ اشتراڪيت موٽي ايندي ۽ ان جا بنياد ايترا ڪوڪلا نہ هيا جيترا گورباچوف جي نظر ۾ ها. هو انهيءَ تي اکيون ہوتي ڇڏيندو آهي تہ دنيا هڪ بلاڪي (Unilateral) ٿي وئي آهي ۽ اڃا تائين اردو جي مفڪر سبط حسن جو ڪتاب "موسيٰ کان مارڪس تائين". هن جي اُتساهہ جو سرچشمو آهي: اڃا تائين هو اقبال بانوءَ جو ڳاتل شعر "هم ديکهين گي" ٻڌي خوشيءَ ۾ نہ سمائبو آهي. ۽ "جب تاج اچھالے جائیں گے اور تخت گرائے جائیں گے" تي ائين تاڙيون وڄائيندو آهي، ڄڻ هو بہ انهيءَ تقريب ۾ شامل هو جنهن ۾ اهو شعر اقبال بانوءَ ڳاتو هو.

اهي ماڻهو شڪست جو اعتراف نہ ڪندا آهن توڙي شڪست کين اکين ۾ گهوريندي آهي ۽ اهڙي فتح جا سُنهرا خواب ڏسندا آهن، جن جي حقيقت ۾ گنجائش نہ هوندي آهي! ڪيترو وقت اڳي مون کي جناب جي ايم سيد جي سالگره تي هڪ شخص مليو هو جنهن کي ڪاڏيءَ جا اڇا ڪپڙا ۽ گانڌي ٽوپي پئي هئي. غالباً هن پنهنجو نالو پير بخش پياسي ٻڌايو هو. هن پنهنجو تعارف ڪرائيندي ٻڌايو هو "مان آهيان فلاڻو قومي، بين الاقوامي ساميوادي، آفاقي، شهري وغيره منهنجي ڌيءَ جو نالو اندرا ۽ پُٽ جو نالو نهرو آهي."

مون هن کي کِلي چيو هو "نهرو ڪنهن شخص جو تہ نہ، ڪنهن ڪشميري خاندان جو نالو آهي. اهو لفظ نهر مان نڪتو آهي، شايد اهو خاندان ڪنهن نهر جي ويجهو رهندو هو يا هنن ڪائي نهر کوٽي هئي."

"ساري، دراصل منهنجي پٽ جو نالو جواهر لال آهي ۽ مون غلطيءَ ۾ هن کي نهرو چيو."

ڪجهہ مهينن کان پوءِ اونهاري ۾ تاڪ منجهند جو سکر ۾ منهنجي گهر آيو. ٻاهر تکي اُس هئي ۽ ڪانو جي اک تي نڪتي، هن نرڙ تان پگهر اُگهندي چيو تہ "پکو تيز هلاءِ ۽ ڪجهہ ڪاراءِ، مون کي ڏاڍي بُک لڳي آهي." مون جڏهن هُن جي اڳيان ماني رکي، تڏهن هن کان پڇيو "ڇا اوهان سڌو ميرپورخاص مان اچي رهيا آهيو؟" جواب ڏنائين تہ نہ ۽ پوءِ ٽپيءَ ۾ پئجي ويو. ان تي مون هن کان پڇيو "تڏهن ڪٿان ٿا اچو؟" چيائين."ويو هوس مظلومن سان همدرديءَ جو اظهار ڪرڻ!" پوءِ وڏيڪ پاڻ مرادو چيائين. "اوهان کي تہ خبر آهي تہ سرڪار قانون ٺاهيو آهي تہ قادياني غير مسلم آهن." بس انهن سان همدردي ڪرڻ پنجاب ويو هوس." مون مشڪل سان مُرڪ روڪي تہ هن مانيءَ جو هڪ گرهہ ٻوڙ سان ڪاڏو ۽ اُٿيو. "تڪڙو وڃڻو آهي؟" هن چيو. مون چيو "ماني تہ کائي وڃو اهڙو تڪڙو اوهان کي ڪيڏانهن وڃڻو آهي؟ ٻاهر سج نصف النهار تي آهي ۽ ٻاهہ وسي رهي آهي. ڏوپهري ڪري، ڏينهن ٺاري پوءِ وڃو." هُن چيو تہ "فرض ۾ ڪوتاهي نہ ڪبي، سستيءَ جهڙو گناهہ نہ آهي. مون کي هتان کان چوويهہ ميل پري بس تي وڃڻو آهي."

"ڪيڏانهن؟" مون ڪانئس وري پڇيو. هن جواب ڏنو تہ "ڇا تو سمجهي نہ ٿو سگهين تہ مان سکر مان ڪيڏانهن ويندس؟ مان سنڌ جي وڏي ۾ وڏي مظلوم جي مزار تي فاتحہ خوانيءَ لاءِ وڃي رهيو آهيان. شهيد اعظم الله بخش سومري جي مزار تي."

مون اُٿي دروازو کوليو ۽ کيس الوداع ڪندي چيو "مان اوهان جي پروگرام ۾ دير وجهڻ نہ ٿو چاهيان." هن ميز تان پنهنجي گانڌي ٽوپي کنئي ۽ دريءَ ۾ لڳل آئيني ۾ پنهنجو چهرو ڏٺو ۽ گرم جهولي جي جهوٽي وانگر در مان ٻاهر نڪري ويو. هو وري مون سان نہ مليو آهي. معلوم نہ آهي زنده آهي بہ يا نہ!.

جي اخبارن کي فرضي نالن سان خط لکندو هو. هو فرانڪو خلاف هر خبر پڙهي، خوشيءَ ۾ نہ ماپندو هو ۽ سوچيندو هو تہ فرانڪو اجهو ويو. آخر هن کي يقين ٿي ويو تہ فرانڪو ٽن چئن ڏينهن ۾ اقتدار مان هٽايو ويندو. سو هو فرانس مان ڪوڙي پاسپورٽ تي اسپين آيو ۽ ڪنهن هوٽل ۾ ترسيو. دنيا بدلجي وئي هئي. هن ڏاند سان ويڙهہ ڏسڻ لاءِ ٽڪيٽ خريد ڪئي ۽ چوريءَ ڇپيءَ ويڙهہ ڏسي آيو جنهن ۾ ڏاند متاثر (ڏاند سان ويڙهاڪ ـMatador)کي سڱن تي کڻي گهو ماٽي ڏني ۽ هن کي رت ۾ لهو لهان ڌرتيءَ تي اُڇلايو ۽ پوءِ بہ هن کي سڱن سان لوڙهيندو رهيو. ناول جو هيرو رات جي وقت نهايت مايوسيءَ جي ڪيفيت ۾ هوٽل ۾ موٽي آيو ۽ صبح سان جڏهن بيرو هن وٽ چانهن کڻي آيو تڏهن ڪيس هُن جو لاش مليو. هن کي سيني ۾ گولي لڳل هئي، جا غالباً فرانڪو جي خفيہ پوليس هنئي هئي. جا هن جو پيڇو ڪري رهي هئي. اهو آهي تہ ناول پر هڪ حقيقت جي عڪاسي ڪري ٿو تہ ڪيئن خوشي فهمي انسان کي مارائي ٿي.

سوشلسٽ ليڊر مبارڪ ساغر جڏهن ڪراچيءَ ۾ بيمار هو(غالباً اهو ١٩٥٠ع وارو ڏهاڪو هو) مان هن کان پڇڻ ويو هوس. هن هڪ واقعو ٻڌايو هو جو لطيفي کان گهٽ دلچسپ نہ هو. هن چيو تہ جڏهن فرانڪو خلاف جنگ هلي رهي هئي تڏهن مان ۽ هڪ اڌ اکري ڪانگريسي جيل ۾ (غالباً لاهور جيل ۾) گڏ هياسين. جيئن روزاني اخبار ۾ خبرون ٿي آيون تہ فرانڪو کٽي رهيو آهي، تيئن اُهي خبرون پڙهي، ڪانگريسي گانڌي ٽوپي هوا ۾ مٿي اُڇلي چيو ٿي "هُرا (Hurrah)! جنرل فرانڪو کٽي رهيو آهي." ان تي مبارڪ ساغر کيس چيو "يائي، فرانڪو تہ فاشسٽ آهي. اُهو کٽي رهيو آهي تہ اسان کي ڪهڙو فائدو ٿيندو؟"

ڪانگريسيءَ وراڻيو "فاشسٽ هجي يا ڪير بہ هجي، باغي يائي تہ آهي."
دراصل غلط فهمي ۽ خوش فهمي جاڙيون ڀينر آهي، اُنهن سبب انسان پنهنجي نفعي نقصان جو صحيح جائزو لڳائي نہ ٿو سگهي.

اُهو ممڪن آهي تہ اسان خوش فهميءَ مان ۽ خاص طور سياسي خوش فهميءَ مان جان ڇڏائي سگهون. اهو بلڪل ضروري بہ آهي. پر انساني فطرت ۾ ايتري زوردار اصلاح اوچتو اچي ويندي، اُن ۾ دير نہ پوندي ۽ اُن لاءِ ڏک نہ سهڻا پوندا. اها بہ هڪ خوش فهمي آهي. مٿينءَ ڳالهہ ۾ جا فلسفيانہ گهرائي آهي، جيڪڏهن اُها سنڌ جو نئون نسل غور سان ويچائي تہ اُن کي سنڌ جي حقيقت ذهن نشين ٿي ويندي، هو پنهنجا نعرا سوچي سمجهي هڻندا ۽ اهو محسوس ڪندا تہ سنڌ ۽ پاڪستان جي نجات فقط جمهوريت ۾ آهي.

*(4 مارچ 1994ع)*

# بوسنيا

امپريلزم اُنهيءَ طاقت جو احساس آهي، جيڪا هڪ قوم هڪ هيٺي قوم تي استعمال ڪري ٿي، اها هڪ پراڻي ڳالهه آهي. اها هام ته طاقت جو استعمال جائز به ٿي سگهي ٿو جديد دؤر ۾ هنئي وئي آهي، خاص ڪري اُڻويهينءَ صديءَ ۽ ويهينءَ صديءَ جي پهرين اڌ تائين. هينئر ته امپيريلزم لفظ جو استعمال نفرت جا جذبا اُڀاري ٿو. هاڻي نه دنيا ۾ امپيريلسٽ رهيا آهن. نه ايمپايرون (سلطنتون يا غلبا) رهيون آهن. ڪجهه وقت فرينچ يونين هئي، بيلجم ڪانگو جي مشترڪ حڪومت هئي. پر هاڻي اُهي به نه رهيون آهن. رهي برٽش ڪامن ويلٿ، سا به امپريلزم نه آهي ۽ قومن جي مرضيءَ سان اُن ۾ قومن جو اتحاد آهي. جنهن مغربي امپريلزم جو ذڪر 1917ع ۾ لينن ڪيو هو اُها ختم ٿي چڪي آهي.

جڏهن مان پڙهندو هوس تڏهن برصغير جي عظيم سياسي مفڪر ايم. اين راءِ چاليهين واري دؤر ۾، ٻي جنگ عظيم جي خاتمي کان ڪجهه سال اڳ لکيو هو ته سياسي امپيريلزم ختم ٿي چڪي آهي ۽ هي اقتصادي امپريلزم جو دؤر آهي. هر جينيس وانگر ايم. اين. راءِ جا به ڪافي سياسي دشمن ها ۽ هن کي امپيريلزم جو ايجنٽ ڪوٺيندا ها. نه رڳو گانڌيءَ ۽ نهرو جهڙا وڏا سياسي ليڊر هن جا مخالف ها پر جيتري قدر مون کي ياد آهي ته مون کي ورهاڱي کان اڳ سوبي ٻڌايو هو ته ڪراچيءَ جي ڪميونسٽ پارٽي کي مرڪز کان هدايتون آيون آهن ته ايم. اين. راءِ جي هر پيروڪار کي ڪميونسٽ پارٽي کان دور رکيو وڃي، پر اُن دور انديش شخص يعني ايم. اين. راءِ جي پيش گوئي پوري ٿي ۽ دنيا ۾ سياسي امپريلزم ختم ٿي وئي. هائڊروجن بم وارين قوتن جو دنيا تي دٻاءُ اڃا تائين آهي، پر ان ۾ اُها ڳالهه نه آهي، جا امپريلزم ۾ هئي. بوسنيا جو مسئلو به امپيريلزم جو پيد اڪيل نه آهي جيتوڻيڪ ان ۾ به ڏاڍي جي هيٺي تي سياسي چڙهت آهي مارچ 2 جي خبر آهي ته بوسنيا جي مسلمانن ڪروٽ عيوضين سان معاهدي تي دستخط ڪيو جنهن موجب ٻن جمهوري رياستن جي فيڊريشن (Two republic federation) وجود ۾ آئي، جنهن کي اُتر ۾ ڪروٽ آزاد رياست سان سان هڪ مخصوص دفاعي ۽ اقتصادي اتحاد هوندو.

هن وقت جيئن ميدان جنگ جي صورتحال آهي، معاهدي مطابق بوسنيا جي مسلمانن ۽ ڪروئٽن کي سُوِس (Swiss) نموني وارا ٻہ ضلعا بوسنيا جي ٽيهہ سيڪڙو ايراضيءَ تي هوندا، جن تي سرب قبضو نہ ڪري سگهيا آهن.

آمريڪا جا سفارتي حلقا پُراميد آهن تہ ماسڪو جي تعاون سان، هُو سَربن کي ان تي آماده ڪري سگهندا تہ سرب گهٽ ۾ گهٽ بوسنيا هرزيگوونا جي اڌو اڌ قبضي ڪيل علائقي تان هٿ ڪڻن.

بوسنيا جي تقسيم هاڻي هڪ حقيقت بڻجي چُڪي آهي ۽ مسلمانن جي هڪ خودمختيار رياست کان نابري واري وئي آهي.

19 صفحا لمبو دستاويز ٻنهي ڌرين سان سراجيوو ۽ زغرب ۾ صلاح مشورو ڪري ٺاهيو ويو آهي. ان ۾ ڪروئٽ (Croat) فوج ۽ مسلم فوج کي هڪ هنڌ سمايو ويو آهي. جيتوڻيڪ ان ڪري فوجي صورتحال ۾ يڪدم خاص فرق نہ ٿو پوي، ڇو تہ بوسنيا جي سرب فوجي ڪٽڪ جي سَرسي آهي، اهڙي انضمام ۾ ٻنهي ڌرين کي وڏيڪ تدبير ۽ موقع شناسيءَ ۾ فوقيت ڏني وئي هوندي. ان جو امڪان بہ آهي تہ مسلم ـ ڪروئٽ متحده وجود لاءِ اسلحي تان ممانعت هٽائي وڃي.

ان معاهدي مان عظيم تر سربيا جو امڪان آهي، ڇو تہ باغي سرب، جلد يا دير سان، سربيا جي پنهنجي قبضي ۾ آندل ايراضي، بہ اُن ۾ شامل ڪندا. معاهدي جي ڪنهن تصديق جي ضرورت نہ آهي. جڏهن معاهدي تي عمل ٿيندو ۽ نيٺ ڪروئٽ ۽ مسلمانن کي هڪ گڏيل سرڪار ۽ گڏيل پرچم هوندو تڏهن 1938ع واري ميونخ معاهدي کان پوءِ اهو پهريون پيرو هوندو جڏهن مغرب ۾ اتحادي هڪ سرزمين تي سرفرازيءَ کي جائز سمجهندا. ڀي هنڌ رڳو فلسطين ۾ هنن جي سفارتي گفت و شنيد ۽ فوجي طاقت اڳرائيءَ کي جهلو ڏئي سگهي آهي. معاهدي مان واضح آهي تہ امن ناممڪن نہ آهي ۽ زور جي دليل سان ڪنهن وقت پيدا ڪيل مسئلا دليل جي زور سان حل ٿي سگهن ٿا. اها ئي توقع آهي تہ سَرب ڌر بہ امن حاصل ڪرڻ لاءِ ايتري ئي لگن کان ڪم وٺندي، جيتريءَ لگن کان هنن ٻنهي ورتو آهي.

آئيني تفصيل اڃا ڪين طئي ڪرڻو آهي ۽ ويانا ۾ جمعي تي ڳالهيون ٿيون آهن پر ڄاڻو حلقا اها ڳالهہ ڄاڻن ٿا تہ ٻنهي ضلعن کي هڪ ٻاءِ ڪئميرل (Bicameral) مقننہ هوندي ۽ جيئن چئن سالن جي مدي لاءِ پريزيڊنسي ۽ وائيس پريزيڊنسي مسلمانن ۽ ڪروئٽن کي واري وٽيءَ سان ملندي ۽ بوسنيا کي سمنڊ ڏانهن ڪروئيشيا مان لنگهہ ملندو. ان جي هاڻي خاطري آهي تہ ڪروئٽن جي رياست تي دٻاءُ آندو ويو هو ۽ هنن کي ان تي آماده ڪيو ويو هو تہ آمريڪا ۽ مغربي طاقتون جنگ کان پوءِ اقتصادي بحاليءَ ۾ معاون ثابت ٿينديون. پريزڊنٽ

ڪلنٽن ان معاهدي تي واهہ واهہ ڪئي آهي ۽ بوسنيا جي پريزيڊنٽ عاليجاه ان کي امن طرف هڪ اڳتي قدم سمجهيو آهي. في الحال تہ اها صورتحال آهي ۽ چڱائيءَ جي ڪافي اُميد آهي. سوال اهو آهي تہ آمريڪي ۽ مغربي طاقتن ڏهن مهينن کان وڌيڪ عرصو ڇو وڃايو ۽ امن اڳ ۾ قائم ڇو نہ ڪيو ۽ بوسنيا هرزي گوئنا مٿان اُڏام تي بندش (No_fly ban) تي عمل اڳ ۾ ڇو نہ ڪرايو؟ گذريل سومر تي بنجا ليوڪا (Banja Luka) وٽ رڳو سربن جا چار هوائي جهاز نيٽو جيٽس (Nato jets) ماري ڪيرايا تہ سَربن جو دماغ ٺڪاڻي اچي ويو.

قومون بہ فردن وانگر موچڙي سان سڌيون آهن. زمين تي ۽ هوا ۾ پنهنجي برتريءَ جو فائدو وٺي، سرب بوسنيا جي مسلمانن تي بيدرديءَ سان بمباري ڪندا رهيا ۽ نيٽو ۾ شامل قوتون بہ هنن جي ڪارروائي تي مطمئن هيون. ان ۾ ڪوئي شڪ نہ اهي تہ مغربي حڪومتن جي ڪن لاتار سربن جو من وڌايو ۽ هو پنهنجيءَ اڳرائيءَ تي اڙيا رهيا. ڪيئي جانيون بي گناهہ ضايع ٿيون، جا ڳالهہ نيٽو جي مداخلت سان اُن جي طيءَ ٿيل ڪارروائيءَ جي تحرڪ ۾ اچڻ سان. تاري سگهجي ها. پهريون دڙڪي سان سراجيوو جو پوري هڪ سال کان ڪيل گهيراءُ بند ٿي ويو ۽ اڏام خلاف بندش جنگ ۾ ماٺار آڻي ڇڏي.

محترمہ بينظير ترڪيءَ جي وزيراعظم تانسو چلر سان گڏجي ڪروئيشيا جي صدر سان، جان جو خطرو کڻي ملاقات ڪئي ۽ بوسنيا جي مظلوم مسلمانن جي حمايت ڪئي ۽ بين الاقوامي سطح تي پنهنجي جرئت، ذهانت ۽ انسان دوستي مڃائي. محترمہ بينظير کي ٿي ويءَ تي بوسنيا جي باري ۾ ٻُڌي فخر پئي ٿيو.

اقوام متحده جي ڪنهن وقت سيڪريٽري جنرل ڊئگ هئمرشولڊ جو جهاز ڪانگوءَ ۾ گوليءَ جو نشانو بڻايو ويو هو ڇا محترمہ بينظير سان بہ ائين نہ ٿي سگهي ها؟ اهو ڄاڻندي بہ دکي انسانيت جي ڇڪ هُن کي ڇڪي وئي. سلام آهي توتي اي سنڌ جي ڌرتيءَ جي ڌيءَ! تون جون آف آرڪ ۽ جهانسيءَ جي راڻيءَ کان گهٽ نہ آهين!

ڇا جدلياتي سوچ سمجهائي سگهندي تہ بہ سو چاليهہ ڪلوميٽر زمين جي پٽيءَ تي ايتري خون خرابي ڇو ٿي آهي، جا وچ بوسنيا جي اُتر کان دوبوج (Doboj) جي سَرب قلعي کي سربيا سان ملائي ٿي؟ مسلم ۽ ڪروئيٽ سرحدون جڻ اوير ۽ سربيا سان ملائي ٿي؟ مسلم ۽ ڪروئيٽ سرحدون جڻ اوير ۽ اولهہ واري ڪاريڊار (لنگهہ) جي پاسي ۾ آهي. سارو سارو ڏينهن بمباري ٿيندي هئي ۽ شهر پڙپانگ ٿي ويا ها. تہ پهري ڌاري رڳو سُڄ واڪا ڪندي هئي ۽ پلاسٽڪ جون چادرون جي بمباريءَ ۾ پڳل شيشن کي ڍڪڻ لاءِ لڳايون ويندون هيون. هوا ۾ ڦڙ ڦڙ ڪنديون هيون.

اها ٻي ڳالهہ آهي جڏهن سانجهي ٿيندي هئي تڏهن آزاديءَ جا سپاهي ۽ هنن جون محبوبائون، جان جي پرواهہ نہ ڪري، ڪنهن پارڪ جي ڪُنڊ ۾ پيار ڪندا ها ۽ ديال جي وڻن هيٺان سرگوشيون ڪندا ها ۽ مٿان آسمان ۾ چنڊ انهن تي پنهنجون مُرڪون نڇاور ڪندو هو. ڇا اُنهن انسانن جو جن ڪي مان ٿي، ويءَ تي ڏٺو هو جُرم اهو هو تہ هو ساري سيڪيولر يورپ جي وچ ۾ هڪ مذهبي اقليت آهن. اُهي انسان جي اڏول آهن ۽ آزاديءَ لاءِ ٻارن ٻچن تائين ڪٺائڻ لاءِ تيار آهن. الا! ٽي.وي ڏسي اسان ان جو اندازو ڪٿي تا لڳائي سگهون تہ بمباريءَ ۾ رهڻ ڇا آهي، تہ جڏهن بم ڏڙام ڏڙام ڪري ڪرندا هجن، تڏهن هڪ ٻار ڪي ڇيچ ڪان وٺي رستو پار ڪرائڻ ڇا آهي. اُن جو لهولهان بدن ڪچ ۾ ڪٽي زير زمين اسپتال ۾ وڃڻ ڇا آهي، ڪنهن پوڙهيءَ ماءُ جي چنگهہ يا ٻانهن اڏامي وئي آهي ۽ هڪ نرم دل انسان دوست نرس جي رڙين ۽ رانياڻن ٻُڌڻ ۽ پٽيون ٻڌڻ وقت ڪهڙي ڪيفيت آهي؟ اخبارن ۾ ڇپيل لفظ تہ مٿل ماڪوڙا ٿيندا آهن. اهي ڇا زنده انسانن جو دک درد چِٽي سگهندا. اکين مان ڳوڙها اگهي سگهندا. زخمن تي پٽيون ٻڌي سگهندا؟ انسانيت پرست عظيم شاعر فيض مون کي چيو هو. "اياز سڀ عوامي شاعر ٻہ بيڪار نہ ٿيندا آهن. آءُ تہ مان توکي پنجاب جي عوامي شاعر استاد دامن جون ٻہ سٽون ٻُڌايان. آهي ڪوئي مائي جو لال جو اهڙيون سٽون لکي سگهي؟" اُهي سٽون هي هيون:

**مون کي نہ سون گهرجي، نہ چاندي گهرجي،**
**مون کي انساني ضمير قلعي ڪرائي ڏي!**

*(5 مارچ 1994)*

# تعليم، آڳي ۽ هاڻي

اميد اصفهاني جو شعر آهي:

**آگهہ نَيم کہ عمرِ گرامي چَسان گُذشت،**
**خوابم ربوده بود کہ اين کاروان گذشت۔**

(ترجمو: معلوم نہ آهي تہ هيءَ پياري عمر ڪيئن گذري وئي،مون کي ننڊ وٺي وئي ۽ هي قافلو ويندو رهيو.)

زندگي ڪيتري نہ تيز رفتار آهي! اوهان جي ڪنهن رات ڪوٺي تي سُتا آهيو. تہ اوهان کي اڌ رات کان پوءِ ڪڏهن ائين ضرور محسوس ٿيو هوندو تہ مٿان ڪوئي تيز رفتار پرندو هليو ويو. جنهن جي پرواز جو آواز هوا ۾ گونجيو ۽ جيستائين اوهان اکيون مٿي ڪيون تيستائين اهو پرندو الوپ ٿي ويو. ان پرندي کي 'پوشيده پرندو' (Invisible Bird) چوندا آهن.

هن وقت تائين ڪوئي بہ ان جو سراغ لڳائي نہ سگهيو آهي. شايد اهو فارسي ۽ اردو ادب وارو ديومالائي پکي "عنقا" آهي، غالب جو هڪ اردو شعر آهي:

آگہی دامِ شنیدن جس قدر چاہے بچھائے
مُدعا عنقا ہے اپنے عالمِ تقدیر کا۔

(ترجمو: آڳهي ڪيترو بہ ڳن ڏئي، پنهنجو ڄارُ وڇائي، پر اسان جي تقدير جي مُدعا عنقا وانگر آهي)

هيءَ عمرِ عزيز بہ عنقا وانگر گذري وڃي ٿي ۽ ڪجهہ يادگيريون رهجي وڃن ٿيون، خاص ڪري ننڍي هوندي واري تعليم جي زماني جون يادگيريون. مان جڏهن چوٿون درجو سنڌي پڙهندو هوس تڏهن اسان جي نصاب ۾ انگي حساب وغيره سان گڏ تاريخ ۽ جاگرافي بہ هوندي هئي ۽ جڏهن منهنجي عمر اٺ سال هئي تڏهن مون کي معلوم ٿيو تہ سڪندراعظم پورس کي ڪيئن معافي ڏئي پنجاب کي حڪومت واپس ڪئي هئي. پنجاب جي ڌرتيءَ جي تاريخ جي ابتدا پورس جي تاج و تخت جي واپسي سان ٿي هئي ۽ انتها پٽي جي شهات تي ٿي. (مان انتها لفظ موتائي ٿو وٺان جيئن اُن کي بد دعا نہ سمجهيو وڃي. دراصل شهيد زنده ٿيندا آهن ۽ مرحوم ذوالفقار علي ڀٽو نہ رڳو پنهنجي شهادت ۾ زنده آهي پر

پنهنجي ڌيءَ بينظير جي قيادت ۾ بہ زنده آهي.)

ان وقت مون کي سنڌ جي جاگرافيءَ جي بہ ڄاڻ هئي ۽ خبر هئي تہ اُن جون سرحدون ڪهڙيون آهن. ۽ جڏهن مان ٻيو درجو انگريزي پڙهندو هوس تہ مون کي پوري ڌرتيءَ جي جاگرافي جي ڄاڻ هئي ۽ برصغير ۽ دنيا جو نقشو حافظي مان ڪڍي ويندو هوس. اسان جا استاد، نهايت پرخلوص، محنتي ۽ ديانتدار انسان ها. پهرئين درجي انگريزيءَ ۾ منهنجو استاد کيئل داس فاني هو جنهن کي مون پنهنجو پهريون شعر ڏيکاريو هو جو مون هڪ اردو شعر کان متاثر ٿي لکيو هو جو مون سوامي رام تيرٿ جي اُردو ڊائريءَ ۾ پڙهيو هو جا مون شڪارپور جي جماڻي هال لئبرريءَ مان ورتي هئي، فاني اڃا حيات آهي. هن جي عمر اسيءَ کان ٽپي وئي آهي ۽ هو ڀوپال ۾ رهندو آهي. جڏهن ڪجهہ سال اڳ مون بمبئيءَ ۾ شاهہ، سچل ۽ سامي، واري بين الاقوامي سنڌي ڪانفرنس جو مهورت ڪيو تہ هو بہ آيو. اسان کي استادن لاءِ ايتري عزت هئي جو مان کيس پيرين پئي مليس. نہ رڳو هانگ ڪانگ دبئي ۽ لنڊن مان آيل سنڌي اهو سمجهي نہ سگهيا پر هندستان جي پرديش مان آيل سنڌي بہ اهو سمجهي نہ سگهيا، ڇو تہ اها روايت هاڻي ختم ٿي وئي آهي. گروءَ کي اڃا نمستي ۽ ڏنڊوت ڪيو ٿو وڃي پر استاد لاءِ اُتي بہ ڪا عزت نہ رهي آهي جيئن هتي نہ رهي آهي. جڏهن مون کي مشاعري تي صدارت لاءِ چيائون تہ مون پنهنجي بدران فانيءَ جو نالو تجويز ڪيو ۽ پاڻ هن جي پرسان ويٺس. مان ڪلياڻ ڪئمپ ۾ ٻي استاد ماستر هاسانند جي پڇا ڪئي پر هو گذاري ويو هو ۽ هُن جو پٽ بہ ڪجهہ ڏينهن لاءِ ٻاهر هليو ويو هو. ماستر هاسانند مون کي ٽين درجي ۾ پڙهائيندو هو ۽ مون لاءِ ڪلڪتي مان 'انگريزيءَ ۾ شيڪسپيئر جا چونڊ ٽڪرا' انگريزيءَ جا اصطلاح، ۽ انگريزيءَ ۾ دُنيا جا پهاڪا، ڪتاب گهرايا هيائين جي مون کي پهرين نمبر اچڻ تي تحفي طور ڏنا هيائين ۽ اوهان کي شايد ويساهہ اچي تہ اهي ڪتاب مون کي چوٿين درجي ۾ ياد ها ۽ ڪنگ ليئر، هئمليٽ، روميُوجوليٽ وغيره نالن سان آشنائي هئي. هو نہ رڳو اهي ڪتاب مون کي فرصت جي وقت سمجهائيندو هو پر ماهوار 'انڊين رويو' جا پرچا بہ هو اُن وقت ڪلڪتي مان گهرائيندو هو اُن مان ڪيئي ڳالهيون مون کي پڙهي ٻڌائيندو هو جي حب الوطني جي جذبي کي اُڀاريندڙيون هيون. هُن جو گهر دنيا جي پهرينءَ Fly Over Bridge شڪارپور جي شڪ پُل جي پرسان هو، انهيءَ گهر ۾ هاسٽل هئي جتي کيئل داس فاني ۽ ٻيا ماستر رهندا ها ۽ اسان رات جو ائين نوين بجي هنن کان ڪيئي ڳالهيون پڇندا ۽ علم پرائيندا هياسي ۽ هو ان لاءِ اسان کان ڪائي ٽيوشن في نہ وٺندا ها ۽ هر شاگرد کي پنهنجي سڳي پُٽ کان وڌيڪ پيارو ۽ گهر جو ڀاتي سمجهندا ها. هنن اسڪول ۾ هر ڪلاس مان

ڏهه ذهين ڇوڪرا چُونڊيا هئا، جن کي اسڪول پوري ٿيڻ کان پوءِ بہ ڪلاڪ وڏيڪ تعليم ڏني ويندي هئي، جن ۾ ڪين برصغير جي پور ي تاريخ، ڪمپنيءَ جي حڪومت، برٽش سرڪار جو برصغير تي قبضو سارا قومي هيرو اُنهن جون سوانح عمريون ۽ آزاديءَ لاءِ هلايل تحريڪن جي باري ۾ ٻڌايو ويندو هو ۽ اسان اسڪول مان گهر نہ. سڌو پلي گرائونڊ (Play ground) تي هليا ويندا هُياسين ۽ موٽي اچي رات جو اگهو پوءِ ماني کائيندا هياسين، بک لڳندي هئي تہ اسڪول ۾ پڙهڻ تان هڪ پيسي سير ٽماٽا يا اوباريل پٽاٽا وٺي، لوڻ وجهي، کائيندا هئاسين. اُنهيءَ اسڪول جو نالو نيوايرا اسڪول هو ۽ اُن جو هيڊ ماستر مينگهراج هوندو هو جو تقسيم کان پوءِ ڪلياڻ ڪئمپ لڏي ويو هو. جڏهن هن پيري مان الهاس نگر ويس تہ معلوم ٿيو تہ اُتي نيو ايرا اسڪول جو بنياد رکيو ويو آهي، اُهو چڱي طرح هلي رهيو آهي ۽ مينگهراج جي ڌيءَ شانتي جيٺري آهي جا منهنجي پاڙي ۾ رهندي هئي ۽ جنهن جي گهر مان روز ويندو هوس.

اسانجا ماستر رانديون بہ اسان سان ڪندا ها ۽ ڪڏهن ڪڏهن پنهنجي خرچ تي سڄي ڪلاس کي رستم ڳوٺ وٺي ويندا ها جو اُنهن جو آبائي ڳوٺ هوندو هو. اهي استاد ايتري شفقت سان هلندا ها ۽ اسان تي ايتري محنت ڪندا ها، جو اسان هنن کي پنهنجن پيئرن کان وڏيڪ ڀائيندا هياسين. اسان جي اسڪول رام ڄيٺملاڻي پيدا ڪيو جو مون کان هڪ سال سينئر هو ۽ جڏهن هو چوٿين ۽ مان ٽين درجي ۾ هوس تڏهن اسان ماڪ پارليامينٽ (Mock Parliament) ڪندا هياسين ۽ هو وزيراعظم ٿيندو هو ۽ اسان سوال تيار ڪري ويندا هياسين جي هن ۽ هنجي ڪئبينيٽ کان پڇندا هياسين. هندستان ۾ هو آل انڊيا بار ڪائونسل جو صدر ٿيو ۽ اندرا گانڌيءَ جي دؤر ۾ هن سان ايترو تڪرار ڪيائين جو هو ڪجهہ وقت لاءِ آمريڪا هليو ويو. هو هندستان جي پارليامينٽ جو ميمبر بہ رهيو هو ۽ جڏهن هن پيري مان هندستان ويو هوس، تڏهن هو هندستان جي وزيراعظم وي. پي. سگنهہ جي جنتا دل جو وائيس پريزيڊنٽ هو ۽ اڃا تائين سياست ۾ فعال آهي ۽ خوشونت سنگهہ پنهنجن چرچن جي ٽن جلدن ۾ هُن جي باري ۾ ڪجهہ چرچا بہ ڏنا آهن.

وقت ڪڏهن نہ پوشيده پرندي وانگر اُڏامي ٿو وڃي! وليم شيڪسپيئر چيو آهي:

O, call back yester day, bid time return:

(ترجمو: او ڪالهہ کي موٽاءِ ۽ وقت کي چئُہ تہ واپس اچي!)

پر وقت ڪٿي ٿو واپس اچي! فٽز جيرالڊ جنهن عمر خيام جو انگريزيءَ ۾ منظوم ترجمو ڪيو هو اُن پنهنجي هڪ چوسٽي ۾ لکيو آهي:

The moving Finger writes and Having write,

Moves on; nor all your piety or wit
Shall lure it back to cancel half line.
Nor all your tears wash out a world of it.

(ترجمو: لکندڙ آڱر لکي ٿي ۽ اڳتي وڌي وڃي ٿي. تنهنجي ساري تقويٰ ۽ ذهانت،
اِن کي ان لاءِ پٺ تي موٽائي نہ سگهندي تہ هڪ سٽ بہ ڪٽي وَڃي.
۽ تنهنجا سارا لُڙڪ اُن جو هڪ آڱر بہ ڌاهي نہ سگهندا)

ڪنهن ٿي ڄاتو تہ مونکي وڪالت ڇڏڻي پوندي ۽ پٿو صاحب مون کي وائيس چانسلر ڪندو؟ ڪنهن ٿي ڄاتو تہ مون کي اُتي تلخ تجربا ٿيندا، جو منهنجا آدرش ڍانوان ڊول ٿي ويندا؟ مون اهو تہ ڄاتو هو تہ 1964ع ۾ فرانس ۾ شاگرد انقلاب آيو هو هنن مورچہ بنديون ڪيون هيون ۽ پوليس سان چڪريون ڪاڏيون هيون ۽ نہ رڳو پئرس جي نظام کي درهم برهم ڪيو هو پر اهو شاگرد انقلاب ساري يورپ ۾ ڦهلجي ويو هو. ان انقلاب طارق علي جهڙا دانشور پيدا ڪيا هئا. اسان وٽ 'دودو ڏوڙ چنيسر چائي' واري ڳالهہ هئي. جيڪي مون ڏٺو اُهو منهنجي خواب خيال ۾ بہ نہ هو. هڪ ڀيري هڪ لياقت ميڊيڪل ڪاليج جو شاگرد مون وٽ آيو ۽ چيائين تہ فلاڻي پروفيسر منهنجي ساهيڙيءَ کي ڄاڻي واڻي فيل ڪيو آهي ۽ اوهان هن کي گريس مارڪون (Grace Marks) ڏئي پاس ڪيو. مون هن کي چيو تہ، "مون کي اهي اختيار نہ آهن." هن ريوالور وَر مان ڪڍي، اُن کي خالي ڪيو ۽ ستَ گوليون منهنجي ميز تي رکيائين. مون هن کان پڇيو "پُٽ! مون کي اهو رانديڪو ڇو ٿو ڏيکارين؟"

جواب ڏنائين، "اوهان کي رڳو ٻڌايان ٿو تہ جي انهيءَ پروفيسر پنهنجو رزلٽ نہ ڦيرايو تہ هي ست ئي گوليون هن جي سيني مان پار هونديون. منهنجي اُنهيءَ ڇوڪريءَ سان شادي ٿيڻ واري آهي ۽ اُن لاءِ مان ڇا بہ ڪري ٿو سگهان."

ٻئي ڏينهن، هو منهنجي اجازت بنا، منهنجي آفيس ۾ هليو آيو ۽ ڪِلي چيائين، "سائين! اهو رانديڪو وڏي ڪم جو آهي، جڏهن پروفيسر صاحب جي لونڊڙيءَ تي رکيم، تڏهن رزلٽ شيٽ گهرائي، اُن ۾ مارڪون بدلايائين ۽ هن کي پاس ڪري ڇڏيائين. توهان قومي شاعر آهيو ان ڪري اوهان کان ڪالهوڪيءَ گُستاخيءَ جي معافي ٿو وٺان."

اهو تہ هڪ مثال آهي، مون کي استادن جي بي عزتي ۽ شاگردن جي بي حيائيءَ جا ايترا مثال ٿا ياد اچن، جو وري بہ مون کي، شيڪسپيئر جي ڊراما "ڪنگ ليئر" مان هڪ سٽ ٿي ياد اچي:

How Sharper than a serpent's tooth, it's to have a thank less child.

"ڪنهن نانگ کان ڪيترا تکا ڏند آهن. هڪ احسان فراموش ٻار کي"

امتحان هلندي پستول ميز تي رکي ڪاپي ڪرڻ اُستاد يا ممتحن کي دڦ دڙڪو ڏيڻ. هاسٽل جي ڪئنٽين تي داداگيري ڪري کاڌي جو بل ادا ڪرڻ کان نابري وارڻ. تعصب جي آگ ڀڙڪائڻ. هر غلط ڪم لاءِ قوم پرستيءَ کي ڍال ڪري ڪم آڻڻ. سوچ سمجهه کان سواءِ نعرا هڻڻ ۽ اهو نه سمجهڻ ته اُنهن تي پڪڙ پڇاڙ تي سگهي ٿي. ننڍي وڏي کي رهت ۽ اُنهي جي ڪن مروڙ نه رڳو يونيورسٽيءَ جي لئبرري مان فائدو به ونڻ ۾ درسي ڪتابن پڙهڻ کان به انڪار ڪرڻ. اهي هيون اڪثرشاگردن جون ڪجهه خصوصيتون. ڇاڪاڻ جو اهي ته شاگرد جڏهن ايم. اي يا ايم. ايس. سي جو امتحان پاس ڪندا ها. تڏهن اڪثر انهن مان ئي استاد ڪنيا ويندا ها. ان ڪري انهن ۾ڪيئي ڪم چور، ڏونس ۽ ڏانڊلي باز. آب سُوار تي، هوڏي ۽ گهيگهر هوندا ها ۽ سنڌيت کي آڙ بڻائي اوڇا وار ڪندا ها ۽ پنهنجيءَ اوٽونڊائي ۽ آڙ بنگائيءَ جو ڪتيوڪائيندا ها. جيڪي استاد سيبتا. هڏ ڏوکي ۽ جفاڪش هونداها. اُهي ڪين ڏني به نه وٽندا ها اهي ڪارو ڪبڙا اُستاد فئڪلتين ۾ به ڪچهريون ڪندا ها ۽ هاسٽلن ۾ به واهي تباهي ڳالهيون ڪندا ها ۽ پنهنجي ديس جي يا يونيورسٽيءَ جي ڪنهن ڳنڀير مسئلي تي ڌيان نه ڏيندا ها. ڪڏهن ايتري هائيدوس مچائيندا ها. جو اُنهن مان جان ڇڏائڻ لاءِ اُنهن کي ٻاهرين ملڪ اسڪالرشپ ڏئي موڪلڻو پوندو هو. نه تعليم ۽ نه تعظيم. فقط هوڙهيائي ۽ هوڏ ۽ نعرا. آسوچ. اُپهرا. اوت پتانگ. گلي ڦاڙ نعرا. فقط جلوس. بنا ڪنهن معنيٰ مقصد. سمت ۽ ساڃاهه جي. اڪثر انهن نه ڪنهن بامقصد شاگرد لاءِ گنجائش ڇڏي هئي ۽ نه بامقصد اُستاد لاءِ عزت ۽ احترام. جيڪو تقسيم کان اڳ اسان جي رت ۾ هو. ايچ جي ويلس سچ چيو هو

"Human history becomes a race between education and disaster."

(ترجمو: انساني تاريخ شرط بڌي ڊوڙي رهي آهي. سکيا ۽ ستياناسيءَ جي وچ ۾) ٻي هنڌ نه ته. پاڪستان ۾ ته اها ڳالهه صحيح آهي.

ڇا دنيا بدلجي وئي آهي؟ ڇا انساني اخلاقيات ۽ قدر بدلجي ويا آهن؟ ڇا انسان جي فطرت بدلجي وئي ۽ هو ڊارون جو نظريو ثابت ڪري رهيو آهي يا محض حڪومت جو قصور آهي جا ناقص نظام تعليم مان جان ڇڏائي نه ٿي سگهي؟ ديس جو مستقبل نئين نسل سان وابسته آهي. جو تباهيءَ طرف ڌڪي رهيو آهي. ڇا ان جي واڳ موڙي نه ٿي سگهجي؟

*(6 مارچ 1994ع)*

# عالمي سياست ۾ قحط الرجال

دنيا ۾ اولوالعزميءَ جي هميشہ پرستش (Hero Worship) رهي آهي. اها پرستش اُنهن علم يا عمل وارن شخصن لاءِ پُر جوش تحسين آهي، پوءِ اهي جيئرا هجن يا مري ويا هجن، جن کي غير معمولي قوتون، يا دليري ۽ شجاع هئي يا آهي. اها معاشري ۾ مذهبي جذبي وانگر عام آهي ۽ اُها پرستش اهڙي مذهبي جذبي جو هڪ نعم البدل آهي. اها هڪ اسڪولي ڇوڪري جي ڪرڪيٽ جي کيڏاريءَ لاءِ اُڪير کان وٺي، هڪ مقرر لاءِ قومي ۽ ولولي خيز ستائيش آهي. ائين منهنجي سکر واري وڪيل دوست ۽ ڪلاس فيلو رُڪن الدين قاسميءَ (جو ڄام ساقي جو سُهرو آهي) کي احرار ليڊر مولانا عطاءُ الله شاهہ بخاريءَ سان ۽ منهنجي دوست جمال ابڙي کي المشرقيءَ سان عقيدت آهي ۽ شهيد ڀُٽي سان پاڪستان جي ڪروڙين عوام کي ۽ هندستان جي اربين عوام کي مهاتما گانڌيءَ سان آهي. قديم زماني ۾ انسان پنهنجي وڏن کي پوڄيندا هئا جن کي مافوق الفطرت صلاحيتون هونديون هيون. اُهي عوام لاءِ علامت بہ هوندا ها. اهڙو رجحان قديم يونان ۾ هوندو هو جنهن کان انسان ذات پنهنجا گهڻا تخيل ۽ تصور اُڌارا ورتا آهن. هومر کان اڳ ۽ هومر کانپوءِ هرڪيولس جهڙا دلير انسان گهڻو ياد ٿي ڪيا ويا. سي هيرو (Hero) جي حيثيت ۾ ياد ٿي ڪيا ويا. چيو ويو آهي تہ يونان جي شهر تيوس (Teos) ۾ هڪ زنده بنسري نواز جي چوڌاري عود ۽ لوبان ٻاري خوشبو ڪندا ها ۽ ٻي شهر ٿيساليءَ (The ssaly) ۾ اُنهن غلامن کي هيرو ڪري تسليم ڪيو ويندو هو جي غير معمولي ڪارناما سرانجام ڏيندا ها.

يونان جا هيرو مغربي تاريخ ۽ ادب ۾ مشهور آهن ۽ ماهر نفسيات انهن کي انسان جي طبعي ۽ حسبِ معمول حالتن ۾ استعمال ڪن ٿا. جيئن فرائڊ اوڊيپس ڪامپليڪس (Oedipus Complex) کي نفسيات ۾ ماءُ سان محبت ۽ پيءُ لاءِ نفرت جي اظهار لاءِ استعمال ڪيو. جرمني تہ هيرو پرستش جو مثال آهي. رابن هُڊ انگلينڊ ۾ شڪارپور جي پير سراج وانگر مشهور ديومالائي هيرو هو انگلينڊ جي اها هيرو پرستش نيم تاريخي ڪردارن بہ ڪئي: آرٿر، آلفريڊ دي گريٽ وغيره يورپ جي وچولي دؤر ۾ رولان (Roland) چارل مگني (Charlemagne) ۽ سِڊ (C.I.D) اُهي هيرو ها، جن جو نالو بار بار جي زبان تي هو. ظاهر آهي تہ

هيرو پرستش انساني سڀاءَ ۾ اَٽُڪ ۽ ابناسي آهي. ٿامس ڪارلائل پنهنجن مضمونن ۾ ان ذهنيت جو گهرو تجزيو ڪيو آهي. ڪارلائل تاريخ کي اهي عظيم ڪارناما سمجهيا جي غير معمولي انسانن سرانجام ڏنا ها. اقتصادي نظرئي ان نڪتہ نگاهہ ۾ ڦيرو آندو ۽ لينن، استالن، ميسولني هيرو هئو ۽ هٽلر هيرو تسليم ڪيا ويا ۽ ان ڳالهہ آمريت کي جنم ڏنو ۽ انسان کي نيم خدا (Demi God) سمجهيو ويو. انگريزيءَ ۾ پهاڪو آهي تہ ڪوبہ انسان پنهنجي ٽهلئي اڳيان هيرو نہ آهي (No man is a hero before his Valet) يعني ڪنهن بہ شخص سان رازو نياز ۽ بي تڪلفي، نفرت کي جنم ڏيندي آهي. ان لحاظ کان اها ڳالهہ سمجهہ جهڙي آهي تہ آمرَ پنهنجيءَ قوم مان نہ ها. نئپولين فرينچ نہ هو هٽلر جرمن نہ هو پِلسُڊسڪي (Pilsudski) پول نہ هو ۽ اتاترڪ تُرڪ نہ هو. اهي ذاتي زندگي عوام جي نگاهہ کان دور گذاريندا ها ۽ انڪري چيو ويو آهي تہ "نيپولين جو ڪوئي پاڙيسري ڪونہ هو."

برصغير جي باري ۾ هندستان جي عظيم ماڻهن جي باري ۾ هونءَ تہ ڪيئي ڪتاب آهن ۽ منهنجي سامهون بہ ڪتاب پيا آهن: هڪ آهي راج موهن گانڌيءَ جو (مهاتما گانڌيءَ جي پوٽي ۽ ڪشمير جي اڳئين گورنر) جو ڪتاب مُسلم ذهن جو شعور (Under Standing of the Muslim Mind)، جنهن ۾ هند۔ پاڪ جي دورِ جديد جا مسلم هيرو ڏنا ويا آهن. سيد احمد خان، محمد اقبال، محمد علي، قائداعظم محمد علي جناح، فضل الحق، مولانا ابوالڪلام آزاد، لياقت علي خان ۽ ذاڪر حسين. ماضيءَ جا بيا هيرو تلاش ڪبا تہ اڪرام الله جي تہ جلدي موج ڪوثر، رَودِ ڪوثر ۽ آبِ ڪوثر ۾ وڏي لسٽ ملندي. اهڙي نموني راجا رام موهن راءِ، ديبيندر ناٿ ٽئگور، ڪيشب چندر سين، رام ڪرشن پرم هنس، سوامي ويڪ آنند، دادا ڀائي نوروز جي، سُريندر ناٿ بئنرجي، مهاديو گووندراناڊي، گوپال ڪرشن گوکلي ۽ رميش چندر دَت، بال گنگاڌر تلڪ، اربندوبوس، لالا لجپت راءِ، مهاتما گانڌي رابيندرا ناٿ ٽئگور، وِنايڪ دامودر ساوَرڪر، ايم. اين. راءِ، سُڀاش چندر بوس، جَواهر لال نهرو ۽ ڀيم راءِ امبيڊڪر هندو هيرو هيا جن جو ذڪر بہ ڪيترن ڪتابن ۾ آيو آهي. انهن مان ڪجهہ هيرو منهنجي زندگيءَ ۾ جيئرا ها ۽ انهن مسلم ۽ هندن رهنمائن جا خيال مون چڱيءَ طرح پڙهيا ها. ٻيو ضخيم ڪتاب مُنهنجي سامهون ايم مُجيب جو (The Indian Muslims) (هندستاني مسلمان) پيو آهي جنهن ۾ فقيهہ، شريعت جا صاحب، منتظم ۽ مُدبر، مذهبي فرقن جا سربراهہ، صوفي شاعر، اديب، معمار ۽ آرٽسٽ شامل آهن. پنهنجي دؤر ۾ انسان انهن شخصن جي پرستش ڪندا ها.

هاڻي قحط الرجال ڇو آهي؟ گذريل سال لاتين جهڙين مهاڙين واري ڪئناڊا جي وزيراعظم برِيان مُلورني (Brian Muloreney) جڏهن واشنگٽن ۾ پنهنجي عهدي تان استعفا ڏني تڏهن ماڻهن سُک جو ساهه پريو. ان وقت هن آمريڪا جي صدر بل ڪلنٽن سان چرچا ڪيا جنهن جي عوام ۾ مقبوليت 38 سيڪڙو وڃي رهي هئي ۽ ملورنيءَ جي ته سمنڊ جي سطح کان به گهٽو هيٺ ڪري پئي هئي يعني 13 سيڪڙو هئي ۽ هن کانپوءِ اينڊڙ ڪم ڪئمبيل (Kim camp bell) ائين محسوس ڪيو هوندو ته ڪنهن ڇاپي ماريل هيروئن جي ڍير تي ويٺي آهي، جنهن کي ڪسٽم جو عملو ٽُرت باهه ڏيڻ وارو آهي. برٽن جي وزيراعظم جان ميجر کان وٺي جپان جي ڪلچي ميازوا (Kilchi Miyazawa) تائين سيني ليڊرن کي عوام جي رايي جڻ اٽي جي مشين ۾ پيهي ڇڏيو آهي.۽ اُنهن جي شخصيت ۾ اٽو ۽ ڇاڻ جا ڏڏر وڃي رهيا آهن. ڪنهن صحافيءَ چيو ته ”ٽوڪيو سَمٽ (Summit) ۾ اسان کي دنيا جا مضبوط ترين ملڪ نظر آيا ۽ ڪمزور ترين ليڊر شپ نظر آئي.“ برٽس راءِ جي چاڻ ورتي وئي ته جان ميجو جي ساک گهٽ ۾ گهٽ هئي. اهڙيءَ طرح فرانسوامتران جي سوشلسٽن کي فرانس جي پرلياميٽري اليڪشن ۾ شڪست ملي ۽ هن کي هيلمٽ ڪول (Helmut Kohl) وانگر اقتدار ۾ حصيدار ٿيڻو پيو. 1990ع ۾ متحده جرمني وجود ۾ آئي. چانسلر ڪول جي ساک سياست ۾ ڏاڍي گهٽجي وئي آهي.

اٽليءَ جي عبوري وزيراعظم ڪارلو آزيگيو ڪيامپيءَ (Carlo Azeglio Ciampy) لاءِ چڱي ڳالهه رڳي هيءَ هئي ته سياست هن جو ڌنڌو نه آهي. اها به وڏي ڳالهه آهي ڇو ته ڪنهن وقت به حالات زنجير ڇڪڻ ۽ هن جي چوڌار بدعنوانين سان ڀريل نظام وڏي ريلي (Flush) ۾ وهي وڃي. نه فقط حڪومت جا سربراهه ناڪامياب آهن، پر ڪٿي ته پوريون جمهوري پارٽيون ۽ جمهوري نظام جڻ تباهيءَ جي ڪناري اچي پهتا آهن. ماڻهو حيرت ۾ سوچن ٿا ته چرچل، روزويلٽ، ڊي گال، آئڊينوئر (Adenauer)، بن گيورين، نهروءَ ۽ قائداعظم جهڙا ڪلهوڪا سياستدان ڪيڏانهن ويا؟ يو- ايس کان رشيا تائين ليڊر شپ مفقود آهي. سرد جنگ جي خاتمي معاشرا ڊانوان ڊول ڪري وڌا آهن ۽ ان معاشرن جي خاندان ۾ اضافو ڪيو آهن جن کي تجارت، مواصلات ۽ ٽيڪنالاجيءَ ۾ قومي رياستن جا روايتي رابطا ياڻءِ نه ٿا پون ۽ انهن جا مسئلا حل ڪرڻ مشڪل ٿي پيو آهي. باهران ته ڪميونزم جي رحلت جو استقبال ڪيو ويو آهي پر ان جنهن بحران کي جنم ڏنو آهي، اُن کي مُنهن ڏيڻ ڏکيو ٿو لڳي. هاڻي مُلڪن جو عظيم تر اتحاد ته رهيو آهي پر اُن ۾ نه نظريا آهن، نه دشمن آهن، نه ڪنهن مستقبل جو

تصور آهي، نه اها چاڻ آهي ته هتان ڪيڏانهن وڃڻو آهي ۽ خودمختياريءَ ۽ آزاديءَ سان ڇا ٿيڻو آهي!

ڪنهن مغربي دانشور چيو آهي ته ”دنيا جي تاريخ ۾ ڪڏهن به اهڙو دؤر نه آهي جڏهن ايترا تمام ٿورا سُٺا ليڊر پيدا ٿيا آهن جيترا اڄ آهن.“ ڇا اهي ڪتي ڇُچيل آهن پر اسان اُنهن کي ڏسي نه ٿا سگهون؟ ساڳي صورتحال اسان کي آمريڪا، يورپ ۽ جپان ۾ ملي ٿي. ڪنهن صحافيءَ ڪهڙو چڱو چيو آهي ته: ”مون بلائون پوکيون، مَکيون لُٽيون.“

مان جڏهن اڳين پيري هندستان ۾ هوس ته باشعور سنڌي هندو پنهنجن اڳواڻن کان ڏاڍو مايوس ٿي لڳا ۽ جڏهن راجيوَ جي ماس جا ڳيا اُڏامي ويا، تڏهن کين وي.پي سنگهه ۽ شيکر سياسي نوسرباز ٿي لڳا، جن پنهنجي اقتدار کي بچائڻ لاءِ چٽنگ به پاڻ ڦٽي ڪئي هئي ۽ بابري مسجد ۽ رام جنم ڀوميءَ جي آگ به پاڻ وسائي رهيا ها. آڏواڻيءَ جي رٿ ياترا جي ڳالهه ٻي هئي. هو ڏرمي چَريائي وڏائي، ڪلمر ڪلا چئي رهيو هو ته 'ڦوڪ ته لڳي انبرين' پر هن کي به پنهنجي حڪمت عملي نه ڦبي ۽ گذريل اليڪشن ۾ ڪيس ڪافي شڪست نصيب ۾ آئي. ڇا اهڙي دؤر ۾ جتي هر هنڌ سياسي مُفڪريءَ ۽ مدبريءَ ۾ دل گُردي سان رهنمائيءَ جو قحط الرجال آهي، اُهو غنيمت نه آهي ته اسان وٽ جمهوري حڪومت کي مستحڪم ڪرڻ لاءِ محترمه بينظير جهڙي باهمت، باشعور، باضمير وزيراعظم آهي، جنهن کي ڏينهن رات پنهنجي ديس جو اونو آهي. ڇا اهو پاڪستان جي پڙهيل ڳڙهيل، ذهين ۽ جمهوريت پسند وچولي طبقي جو فرض نه آهي ته هن جا هٿ مضبوط ڪري؟ سنڌ جون دانشور طبقو منهنجا هي لفظ ياد رکي ته محترمه بينظير کان پوءِ طوفان نوح آهي ۽ اسان لاءِ نه نوح جي ڪشتي ايندي ۽ نه ڪوهِ ارارط آهي، جتي لنگر انداز ٿي سگهجي.

(7 مارچ 1994ع)

# عالمي امن ۽ ڪشمير

انجيل مقدس ڪيتري نه چڱو چيو آهي: ”هو پنهنجون تلوارون ٽپي، اُنهن مان هر ٿاهي ڇڏيندا ۽ پنهنجن نيزن کي لڙندڙ ڏاتن ۾ بدلائيندا. ڪائي قوم ڪنهن ٻيءَ قوم خلاف تلوار اُپي نه ڪندي، نه ڪائي قوم اڄ کان پوءِ جنگ جو فن سکندي“ امن وڏي ۾ وڏي فتح آهي. جنگ وڏي ۾ وڏي هار آهي. ائين برابر آهي، جيئن اُڻويهين ءَ صديءَ ۾ انگلينڊ جي وزيراعظم ڊزرائيليءَ چيو هو: ”مان اوهان لاءِ آمن واپس آندو آهي، پر اهڙو امن جو عزت سان ڪيو ويو آهي.“

امن ٻن طريقن سان ايندو آهي. يا اُهو حق ۽ باطل جي جنگ ۾ باطل خلاف رُڪ جي ديوار ٿي ايندو آهي، يا باطل سان ڪوئي فيصلو ڪري اُن کي خريد ڪري سگهبو آهي. امن جي انسان ذات لاءِ آشد ضرورت آهي، پر ان کي حاصل ڪرڻ جو پويون طريقو انساني آنا جو فالج آهي. پوئين طريقي سان ياسر عرفات جو پتزاڪ رابن سان امن جو معاهدو ٿيو پهرين اُپاءَ وانگر ڪشمير ۾ باطل جي خلاف جنگ جاري آهي، جا توڙ تي نه پهتي آهي. ان ۾ شڪ نه آهي ته ايندڙ صدي امن جي آهي ۽ جنگ جوئيءَ جا پويان پساهه آهن. علامه اقبال چيو آهي:

آ بتاؤں تجھ کو رازِ آیتِ ان الملوک

سلطنت اقوامِ غالب کی اک جادو گری

(ترجمو: اچ ته مان توکي اِن الملوڪ واريءَ آيت جو راز ٻڌايان، سلطنت غالب قومن جي هڪ جادوگري ٿيندي آهي.)

۽ هاڻي هر غالب قوم جو جادو ٽٽي رهيو آهي. ڪنهن وقت ٻي جنگ عظيم کان اڳ لارڊگري چيو هو: ”يورپ ۾ روشنيون وسامي رهيون آهن. اسان پنهنجي زندگيءَ ۾ ته انهن کي وري ٻرندو نه ڏسنداسين.“

مان ڪاليج ۾ پڙهندو هوس ته ٻي جنگ عظيم هلي رهي هئي. جيڪي سباش چندر بوس جا پوئلڳ ها اُنهن جي رت مان جپان جي، فوجي ڦهلاءَ جون خبرون، دلفريب قوس قزح جا شعاع وجهنديون هيون. رڳو اسان مان ڪي باشعور شاگرد سمجهندا ها ته فسطائيت حاوي ٿي ته دنيا ۾ تهذيب ختم ٿي ويندي پر نيٺ فسطائيت ختم ٿي وئي ۽ امن جا گيت با آور ثابت ٿيا. مون کي نڪولائي ڪروشخوف جو 1962ع ۾ ڪيوبا جي جنگ تي بيان پڙهي ڪل آئي هئي ته: ”هو

ان تي ڳالهائڻ ٿا تہ ڪنهن ڪٿيو ۽ ڪنهن هارايو.دراصل انساني عقل جي فتح تي، انسانيت جي فتح تي.“

مون وٽ هڪ برلن وال تي ڪتاب آهي، جنهن ۾ ديوار برلن ۽ اُن تي آئي وئي جرمن ۽ ٻئي سياح جي عجيب غريب تحريرن جا فوٽو آهن، جن جو مان سنڌيءَ ۾ ڪجھ ترجمو ڪيو آهي ۽ اُهو پورو ڪري، ڇپائڻ ٿو چاهيان. ديوار برلن تي اهي خيال پنهنجو پاڻ لکيا ويا آهن ۽ انسان جي امن پسنديءَ، تشدد کان، نفرت، محبت، مفاهمت ۽ اتحاد لاءِ جذبات جو اظهار آهن. اهي خيال ساريءَ دنيا لاءِ بامعني آهن.

هتي مان اها ڳالھ ڪجھ تفصيل سان ڏيان ٿو تہ گذريل سال امن جي ڏس ۾ ڪيترو وڌيو آهي. مون 1 جون 93ع تي پنهنجي ڪتاب ”سورج مُکيءَ سانجھ“ جي مهاڳ ۾ صفحي 17 تي فلسطين ۽ آءِ۔ آر اي جو مثال ڏئي، لکيو هو ”ماڻهو تہ ائين ٿا چون تہ گھٽو ٿيو. ڪوبہ ڪارڻ ڪنهن ابهم ٻار جي حياتيءَ کان مٿي نہ آهي.“ مان انهن ڏرين ۽ امن جي باري ۾ ايترو اڳوات چئي سگهيس ڇو تہ ٻي ادب وانگر فلسطين ۽ آءِ. آر. اي جو ادب بہ مون لاءِ زلزلي ماپ جي اوزار (Seismograph) وانگر آهي، جو ڌرتيءَ جا ڌوڏا ڏيکاريندو آهي، جيڪي مان ڪنهن بہ سياستدان کان وڌيڪ پنهنجي مبهم انداز ۾ اڳ ڏسي سگهندو آهيان ۽ اُنهن جو اظهار پنهنجي اُنهيءَ شاعريءَ ۾ ڪندو آهيان، جنهن جو حقيقت نگاريءَ سان ناتو هوندو آهي. منهنجي مٿين مهاڳ کان 3 مهينا پوءِ سيپٽمبر 93 ۾ يتزاڪ رابن ۽ ياسر عرفات ناهہ ڪيو جيئن مان اڳئين ايڊيٽوريل، ”ياسر عرفات جي خواب“ ۾ چئي آيو آهيان. ان کان پوءِ جا ڇڪتاڻ آهي، اها بہ ويجهي مستقبل ۾ ختم ٿي ويندي.

ڊسمبر 93ع ۾ آءِ. آر. اي ۽ برٽن ۾ سمجھوتو ٿيو.

انساني دماغ جي ٽھ خاني ۾ واڳون ٽُڙڳن ٿا. منگهي پير وارا نہ پر ناري واهہ وارا. ليڪن انساني دماغ ۾ مٿي هڪ خانو آهي، اُهي انسان آهن جيڪي هيٺين ٽھ خاني مان بلنديءَ تي پهچن ٿا. 1993ع ۾ انسان جي مٿي خاني کان ٽھ خاني تائين ۽ ٽھ خاني کان مٿي خاني تائين آمد رفت نهايت تيز هئي. اُتر آئرلينڊ، بوسينا، سوماليا، ڪشمير، افغانستان، انگولا، بُرونڊي، جارجيا، نگورنو ڪاراباخ. جتي ڪٿي جنگ ۽ جدل، رت جا ريلا، ٻارن جون ريهون، ڳيا ڳيا ڳيرو، مائن جون رڙيون ۽ رانيات، چوڏاري ”دوزخ جو دونهون.“ جنهن ۾ سارا خواب ڏنڊلائجي ويا ها. ايترن ملڪن ۾ ڪشمڪش ڦهلجي وئي هئي جو دنيا جا عوام جاگرافيءَ جا ماهر ٿي پيا ها. جڏهن ديوار برلن مسمار ٿي هئي تڏهن ڪميونزم جُزَ جُزَ ٿي وئي هئي، سرد جنگ ختم ٿي وئي هئي ۽ ڪجھ دوررانديش شخص چئي رهيا ها تہ

آزاد مارڪيٽ ۽ جمهوريت جي فتح يابيءَ سان اونداهي دؤر جو خاتمو ٿيو آهي، پر پوءِ وري ڪڪر ڪارونيار ڏوڪي آيا ۽ روشنيءَ جون ريکون گم ٿي ويون. ولادمر زرنووسڪيءَ جا اڻ- وسهه ۽ پورالا پوئلڳ پارلياماني چونڊ ۾ ٽيويهه فيصد ووٽ کڻي آيا. زرنو وِسڪيءَ جو چڙهاءُ 1930ع ۾ هٽلر جي چڙهاوَ وانگر ٿي لڳو. ساڳي يهودي ڪُش ذهنيت، متعصب قوم پرستي، غصو اقتصادي محروميءَ جو احساس، جن سڀني ڳالهين هٽلر کي 1930ع ۾ هٿي ڏني هئي.

آمريڪا جي سينيٽ ۾ ڪنهن چيو هو "اسان اژدها جو انت ته آندو آهي، پر هاڻي اسان اهڙي جهنگ ۾ ڦاسي ويا آهيون، جنهن ۾ طرح طرح جا نانگ ڦري رهيا آهن."

وچ- اوڀر ۽ ڏکڻ آفريڪا ۾ ٻه آزدهائون ڦڪاري رهيون هيون. اُتي بي انتها نفرت چوليون هٽي رهي هئي ۽ اُها ايراضي زياده تشدد جي لپيٽ ۾ اچڻ واري هئي. وچ اوڀر ۾ ته نيوڪليئر جنگ جو خطرو هو. پر نه رڳو يتزاڪ رابن ۽ ياسر عرفات، پر نيلسن منڊيلا ۽ ڊي ڪلارڪ نيٺ امن جو رستو ڳولي لڌو. امن هڪ نهايت مُتوازن ۽ پُراسرار ڦريني ۽ صلاحيت جو اتصال آهي، جنهن جي پيش گوئي ڪري نه ٿي سگهجي. ان لاءِ موقع شناسيءَ خوش نصيبيءَ، رهنمائيءَ، خوش مزاجيءَ، ٻاهرين امداد ۽ دولت جي خرچ جي ضرورت آهي.

جڏهن انگلينڊ جي وزيراعظم چئمبرلين پنهنجي دؤر لاءِ امن جو ميونخ کان پوءِ اعلان ڪيو هو تڏهن امن پسند خوش فهميءَ ۾ مبتلا ٿي ويا ها، پر چيمبرلين هٽلر کي تڏي ڪرڻ ۾ ناڪامياب ٿيو ۽ چرچل جي پيش گوئي صحيح ثابت ٿي. جڏهن جنگ ختم ٿي ته هيروشيما جي تباهيءَ تي جُڙتو فلسفي چوندا ها ته جپان کي اها سيکت ضروري هئي. وري ڪوئي اگرائي ڪري نه سگهندو هو اها ڳالهه سمجهي نه سگهيا ها ته نيوڪلائي ڊوڙ نه رڳو اتفاقي يا دانسته جنگ سان انسان ذات کي تباهه ڪري سگهندي آهي، پر جي حادثاتي طور ڪوئي نيوڪليئر بم ڦاٽي پيو يا ٻي طرح ڳوري پاڻي (Heavy water) جي بند ۾ روڻ پئجي وئي ته اُها اُن ملڪ کي تباهه ڪرڻ لاءِ ڪافي آهي، جنهن ۾ اُن جي ذخيره اندوزي ڪئي آهي.

امن ۾ اُها گهماگهمي نه آهي، اُها ولوله انگيزي ۽ جوش و جنون نه آهي. جهنم جي آگ پريان خدا جي ٻاريل ڊانڊ وانگر وٽندي آهي. انهيءَ ۾ ٺؤ ۽ لهس کان پوءِ ڪوثر ۽ تسنيم جي ڪنڌيءَ ۽ طوبيٰ جي سايي جو قدر ٿيندو آهي.

عظيم مغربي فلسفيءَ ڪانٽ چيو هو ته: "شياطين جي ڪا قوم هوندي ۽ جي اُها ذهين هوندي، ته مجبور ٿي پنهنجن جهيڙن جهڳڙن لاءِ حل ڳوليندي. فطرت امن جي تعين ۽ استحڪام جي گارنٽي ڏني آهي. امن ڏانهن جُڪاءَ ۽ لاڙو انساني فطرت ۾ شامل آهي." شياطين جي اها قوم 1993ع تائين پنهنجي ڪار

ڪرت ۾ رُڌل هئي. دنيا آفاقي ڳوٺ نہ رهي آهي، هڪ گوڙ ۽ وڳوڙ وارو آفاقي شهر ٿي وئي آهي، جنهن ۾ سُڃا، نڌر، رُڪي سُڪي تي گذارو ڪندڙ ڀاڙا بہ آهن ۽ گڏوگڏ ساٺ ٿورا ساوا، سٺيا ستابا شهري بہ آهن جن نڪ تائين پيٽ ڀريو آهي، هوڏانهن اونداهيون وسٽيون آهن. جُهڳيون ۽ ڪپڙن ۾ جهيرون آهن جن لاءِ رڳو ڪشنچند بيوس جهڙو سڀاوجهو شاعر چئي سگهندو هو "الا جُهري مَ شال غريبن جي جهوپڙي" ۽ هيڏانهن روشنيون ئي روشنيون آهن. جوالا. پرسان ناچ گهر ٻري رهيا آهن ۽ هيٺيان جوڙا نچي رهيا آهن. جوڙا جي بنهہ نادان آهن ۽ اهو نہ ٿا ڄاڻن تہ جوالا ڪڏهن ٿو ڦاٽ ڪائي ۽ مٿائن ڪري! "جهرمر منجهہ جهان، ڪينءَ پسائي ڪوڪلي" مون چاليهہ سال اڳي 'ڪلهي پاتم ڪينرو' ۾ چيو هو.

چڱو جو بوسنيا جو مسئلو ڪي قدر حل ٿي ويو آهي. آخر هي صليبي جنگين جو دؤر تہ نہ آهي تہ رچرڊ ٿيون ۽ غازي صلاح دين مد مقابل هُجن. جو بو سنيا ۾ ڪجهہ ناپرنہ اچي ها تہ بين الاقوامي قانون ڊهي ڍير ٿي پوي ها ۽ اقوام متحده جا هلڪا نيرا هيلميٽ (Helmet) سرب فوج جو يرغمال ٿي وڃن ها.

جنگ جا شياطين نيٺ امن جي ما بعدالطبيعات (Metaphysics) ڏانهن لڙيا آهن. اُنهن خون، رنگ، قوم جون سرحدون لتاڙي، سهپ جي منطق جي راهہ ورتي آهي ۽ هڪ شهري سماج جي اڏاوت ۾ ڀاڱي ڀائيوار آهن. هاڻي جڏهن منڊيلا. ڊي ڪلارڪ ۽ عرفات- رابن جي وچ ۾ امن ٿيو آهي تڏهن ڇا پاڪ ڀارت ۾ ڪشمير جي مسئلي کي حل ڪيو نہ ويندو؟

ماضي تہ بدلو ٿو ڇاهي، هيلميٽ جي پيءَ جي روح وانگر. ڀارت ماضيءَ کي وساري نٿو سگهي؟ مون تازو بي بي سي تي راج موهن گانڌيءَ جو انٽرويو ٻُڌو هو جو هن ڪان ڪنهن پاڪستاني صحافيءَ ورتو هو. هو نہ رڳو ٻاهر جو ڪونئرو پر اندر جو ڪونئرو انسان بہ آهي. هن صاف صاف لفظن ۾ مڃيو تہ ڪشمير جو مسئلو آهي، اهو انساني مسئلو آهي ۽ اسان کي ڪيئن بہ حل ڪرڻو آهي. هزارين جانيون ضايع ٿي رهيون آهن. ڳاڙها ڳيرو گولين جو کاڄ ٿي رهيا آهن. يتيمن ۽ بيواهن جا لڙڪ درياهن وانگر دڙلائي رهيا آهن. ڀاڙا ڀسم ٿي رهيا آهن گهر آگ ۾ ٻري رهيا آهن. دڪانن جا شٽر ائين بند آهن جو ڄڻ اُهي بہ ٻڙڪ ٻاڦي نٿا سگهن ۽ ٻاهر حُريت هندن جا فلڪ شگاف نعرا آهن. جنازن کي ڪلها آهن. واويلا آهي، آهہ و زاري آهي ۽ ڪيئي گونگا ڳوڙها آهن. ڳوڙها جي پي ڪري بہ اُجايل انسان پنهنجي اُڃ اُجهائي نٿا سگهن. آهي ڪوئي هن ڏرتيءَ جو ڏڻي سائين؟ ڪشميري ليڊر امان الله خان ڇا بہ چوي، ڀارتي فوج جيترو وڏيڪ محاصرو ڪندي، جيترو وڏيڪ ڪشميري آواز کي دٻائيندي، جيترو تشدد جاري رکندي، اوترو ڪشمير استصوابِ راءِ ۾ پاڪستان کي چونڊيندو. مان ڀارت جي

جنتا کان پڇان ٿو تہ ڪاليءَ جي مندر ۾ انساني رت کان ڪيستائين ڏيئا ٻاريندا؟

رڳو انساني خون پي پي، هاڻي تہ ڪالي ديوي بہ ٿڪجي پئي هونديءِ ڇا ڀارت واسي اهو نٿا سوچن تہ ڪشميري بہ انسان آهن ۽ انسان جو خون ايترو ارزان نہ آهي. خدا جي رحمت هجي امن پسند انسانن تي. پوءِ ڀلي اهي ٿورائيءَ ۾ چونہ هجن؟ خدا جي رحمت هجي اُنهيءَ مسلمان، يهودي، عيسائيءَ ۽ هندوءَ تي، جو انسان کي انسان سمجهي ٿو. اَجايو رت نٿو وهائي، خون خرابو نٿو ڪري، اندر ۾ اُلا نہ نٿو سانڍي ۽ ٻاهر گهر ساڙهي ڏانڊ نٿو مچائي. انسان اشرف المخلوقات آهي، ذاتِ باري جو پرتوو آهي، اُن جو عزت ۽ احترام لازم آهي. ۽ اُن جي زندگيءَ کان وڌيڪ پاڪيزه شيءِ ڪابہ ڪائنات ۾ نہ آهي.

*(8 مارچ 1994ع)*

# دانش وري ۽ ديده وري

هر ديده ور دانش ور آهي، هر دانش ور ديده ور نہ آهي. هر ڪنهن جي نظر مستقبل ۾ دور دور تائين نٿي پهچي ۽ هو غيب جي اسرار ۾ پيهي نٿو سگهي. علامہ اقبال جو مشهور شعر آهي.

*ہزارو سال نرگس اپنی بی نوری پہ روتی ہے*
*بڑی مشکل سے ہوتا ہے چمن میں دید ور پیدا۔*

(ترجمو: هزارين سال نرگس پنهنجيءَ بي نوريءَ تي روئيندي آهي،
تڏهن مشڪل سان چمن ۾ ديده وَر پيدا ٿيندو آهي)

مولانا ڪوثر نيازيءَ انهي شعر مان لفظ ديده ور اُڌارو ورتي، پٽي صاحب تي پنهنجي لکيل ڪتاب تي ديده وَر نالو رکيو هو.

غالب ديده ور جي باري ۾ چيو آهي:

**ديده وَر آن تانهد دل بشمارِ دلبري**
**درد دل سنگ بنگرد رقص بتانِ آذري.**

(ديده وَر اُهو آهي جو دلبريءَ جو شمار ڪرڻ چاهي،
تہ پٿر جي دل ۾ آذري بُتن چٽڻگن جو رقص ڏسي سگهي.)

هن دؤر جا دانشور محسوس ڪن ٿا تہ ڇا هي دؤر جو پٿر ڪان بہ سخت آهي، ان جي سيني مان "بتان - آذري" جو رقص اُڀري سگهندو؟ "سنبارا" شهر جي نياٽي "تڪشلا" تائين تهذيب ۾ نئون روح ڦوڪي سگهندي آهي، جي هن کي موقعو ڏنو وڃي تہ هوءَ جمهوريت کي توڙ تائين بہ پهچائي سگهندي آهي. آزادي عجيب نعمت آهي، نڙيءَ تي لت پيٽ تي لت کان بُري آهي ڇو تہ نڙيءَ تي لت تہ گهڙي ۾ ساهہ ڪڍي وجهندي، پر پيٽ تي لت ايندي تہ انسان ڪجهہ وقت تائين جيئرو رهي سگهندو. جڏهن ڪروشچوف جي دؤر ۾ ڪجهہ آزادي ڏني وئي تہ نہ رڳو مشهور ڪميونسٽ ناول نويس اليا اهرن برگ پنهنجو ڪتاب "دي ٿا" (The Thaw) لکيو جنهن ۾ بيورو ڪريسيءَ ۽ ٽيڪنوڪرسيءَ جي تسلط کي اُگهاڙو ڪيائين پر ڊونڊتسوف نالي ناول نَويس پنهنجو ڪتاب 'رڳو روٽيءَ سان نہ' (Not by bread alone) بہ لکيو جو روس مان سمگل ڪيو ويو ۽ مغرب ۾ ڇپيو ۽ اُن

۾ بہ ساڳي طبقي جي توڙجوڙ لوٽ کسوٽ، عوام سان ويساهہ گهاتيءَ جي ڪهاڻي هئي. انهن سان گڏ پاسترناڪ جو ناول ”ڊاڪٽر زواگو“ ۽ ڪجهہ ٻيا ڪتاب انهن ديده وَر اديبن جا ڪتاب ها جن جي نگاهہ مستقبل ۾ پيهي وئي هئي ۽ پنهنجي مبهم انداز ۾ روس جي تباهي ڏسي رهي هئي. انت اُتي هر شيءِ تالان والان ٿي وئي ۽ نظريا پيٽراعظم جي اُن گهوڙي جي سُنبن هيٺان لتاڙجي ويا، جنهن جي پٽر جو مجسمو پيٽرسبرگ ۾ اڃا تائين بيٺو آهي.

ضياءَ جي دؤر ۾ مون اسلام آباد ۾ هيٺيون لطيفو ٻڌو:

هڪ شخص کي هوڙ ۾ سور پيو تہ هُو اسلام آباد مان هوائي جهاز ۾ ڪراچيءَ هوڙ ڪڍائڻ لاءِ آيو. جڏهن ڪراچيءَ ۾ ڪنهن دوست پڇيس تہ ”ڇا اسلام آباد ۾ ڏندان ساز ڪونہ ها؟“ هن جواب ڏنو تہ ”هيا تہ سهين، پر اُتي وات کولڻ جي اجازت ڪانہ هئي.“

علامہ اقبال چيو آهي:

یہ دستور زباں بندی ہے کیسا تیری محفل میں
یہاں تو بات کرنے کو ترستی ہے زباں میری

(ترجمو: هي تنهنجيءَ محفل ۾زبان بنديءَ جو ڪهڙو دستور آهي هتي تہ ڳالهہ ڪرڻ لاءِ منهنجي زبان سڪي رهي آهي)

ڇا پاڪستان جي ديده ور اڳي ئي ٿي ڏٺو تہ پاڪستان ۾ ڪنهن وقت آمريت ايندي ۽ زبان بندي ٿيندي؟ آمريڪا ۾ يا ٻين ملڪن ۾ جتي جمهوريت جي روايت کي مسترد نہ ڪيو ويو آهي، اُتي دانشور طبقي جي زبان بندي نہ آهي ۽ هُن تي فرض ۽ ذميداريون زنجير نہ آهن دانشور کي فقط حالت جي مصوري ڪرڻي آهي ۽ نون واقعن لاءِ اسٽيج خالي رکڻي آهي. جيڪي بہ سماج ۾ ٿئي ٿو اُن جي ذميداري دانشور تي نہ آهي. دانشور آواز اُٿارن ٿا، وضاحت ڪن ٿا، جيڪي آهي اُهو اکر بہ اکر چئي ڏين ٿا ۽ جيڪي وزنائتو لڳي ٿو اُن کي سُڌ سماءَ ۽ سکيا لاءِ ڪم آڻن ٿا. آرٽست ۽ خاص ڪري قلمڪار انساني سُڌاري لاءِ لڳاتار ڪم ڪن ٿا خاموشيءَ ۽ رسم رواج جي پوسل ۾ پوريل حالات کي اظهارن ٿا، پر اُنهيءَ ۽ کي اُنهن حالات جو جيڪا هُو ڏيان تي آڻن ٿا، يا اُنهن حقيقتن لاءِ جن جو هو تجزيو ڪن ٿا يا انهن نظرين لاءِ جن کي هُو اظهارن ٿا، ذميدار چئي نہ ٿو سگهجي. اُنهن جهموريت جي قانون ۽ ضرورت سان پنهنجي عمل کي ٺهڪايو آهي ۽ ترتيب ڏني آهي، پر اُهي ڪنهن بہ موضوع لاءِ ذميدار نہ آهن، جنهن کي هُو چٽن ٿا جيئن هڪ سائنسدان اُنهيءَ مادي لاءِ ذميدار نہ آهي جو هو تجربي لاءِ عالم يا ڪائنات مان هٿ ڪري ٿو. اُنهيءَ کي معروضيت (Objectivity) يا

دانشور جي آزادي چئجي ٿو. پر جمهوريت جي سياسي نظام ۾ هوُ آخري ذميداري ڪانہ ٿا کڻن. هنن کي حقيقت کي فقط ڏيان تي آڻڻو آهي ۽ اُن ۾ يڪسانيت يا مشابهت پيدا ڪرڻي آهي پر آخرين جوابداري اُنهن تي نہ آهي. هو هر ڌارا جي ڪڍ وڃن ٿا. هر بهاءَ ۾ جهڪاءَ ڏانهن لاڙو رکي سگهن ٿا. اُنهيءَ هنر سر زمين تي پير رکي سگهن ٿا جيڏانهن انسان جون ڪوششون ترتيب سان وڌن ٿيون. اُهي چؤڪس ۽ چُست ماهر تہ آهن پر مُعاون ۽ مددگار نہ آهن ۽ ڪنهن بہ جمهوري عمل کي تحرڪ ۾ نہ ٿا آڻن. آمريت جي دؤر ۾ تہ هو اهڙي عمل کي تحريڪ ۾ آڻن ٿا. پنهنجي شعر و ادب، آرٽ ۽ دانشوريءَ جي ذريعي آمريت جي تضحيڪ ڪن ٿا. ماڻهن کي اُڀارن ٿا. آمريت جي بساط اونڌي ڪري. جمهوريت جو دؤر آڻڻ چاهن ٿا. پر جڏهن جمهوريت بحال ٿئي ٿي تڏهن آرٽسٽ يا دانشور جو ڪهڙو ڪردار آهي، اُن تي دانشور نہ متفق آهن ۽ نہ واضح آهن.

مون ڪجهہ ڏينهن اڳ جڏهن ٽي وي تي ڪجهہ پنجاب جا دانشور ڏٺا، جن کان محترم فخر زمان انٽرويو وٺي رهيو هو. تڏهن مون کي ائين محسوس ٿيو تہ هو وڦلي رهيا ها. لفظن ۾ وچڙي رهيا ها ۽ هنن جا جواب وهلور وجي رهيا ها ۽ ڪوئي طرف طئہ ڪري نہ سگهيا. آمريت جي دؤر ۾ تہ جناب احمد فراز اُن جي خلاف شاعري ڪري سگهندو هو ۽ اُن سان جمهوريت کي هٿي ڏئي سگهندو هو پر ڇا هاڻي منگلا ڊئم تي، تربيلا ڊئم تي، پشاور ۾ قانون جي بالادستيءَ تي يا ڪراچي ۾ 'آدها تمهارا، آدها همارا' تي شاعري ڪري؟ جمهوريت دانشور، آرٽسٽ ۽ اديب تي ڪائي پابندي نہ ٿي وجهي. هو ڪائنات جي ڪابہ شيءَ پنهنجو موضوع بڻائي سگهي ٿو محبت، فطرت، خود هيءَ پُراسرار ڪائنات ۽ ان جا رنگارنگ مظهر ۽ پنهنجي عوام جي زندگيءَ جي حقيقت نگاريءَ سان عڪاسي ڪري سگهي ٿو ڇو تہ اُن جا مهاوير ۽ ٻڌ جي زماني کان وٺي اڄ تائين برصغير ۾ ذڪ اٿاهہ آهن پر حِزب اقتدار يا حزب اختلاف جي معاونت هن جي شاعريءَ يا دانشوريءَ جو موضوع نہ ٿو ٿي سگهي. هو دائميءَ کي عارضيءَ تي قربان نہ ٿو ڪري سگهي. اها ٻي ڳالهہ آهي تہ هوُ جمهوريت جي تصور جي حمايت ڪري ۽ اُن کي تهہ و بالا ڪرڻ جي مخالفت ڪري. باقي اهو هن جو ڪم نہ آهي تہ ملڪراني لاءِ مشورا ڏئي، اهو ڪم سياست دانن جو آهي.

قصيده گوئي جاگيرداري دؤر ۾ ختم ٿي وئي. مان پڇان ٿو اسڪنڊنيويا ۾ جتي ڪيتري وقت کان فلاحي مملڪت وجود ۾ آهي، اُتي اديب ڪهڙي جدوجهد وار شعر و ادب جي تخليق ڪندو؟ اُتي ابسين (Ibsen) جا ڊرامائي پيدا ٿي سگهندا. انگلينڊ ۾ پوري فلاحي مملڪت نہ آهي پر اُتي بہ جمهوريت آهي ۽

انسان کي ڪافي سياسي ۽ اقتصادي تحفظ آهي. اتي ٽي. ايس. ايلٽ جي تخليقات کان وڌيڪ کهڙي ادبي ڪوشش ٿي سگهندي؟ فاشزم وارو دؤر ہي ڳالهه هئي. فاشزم جي مزاحمت انگلينڊ ۾ آڊن، ڪرسٽافر اشرووڊ ۽ اسٽيفن اسپينڊر پيدا ڪئي جنهن ۾ هيمنگ وي، جارج آرويل، آندرو مالرو جهڙا ناول نويس ۽ مٿي ذڪر ڪيل انگريز شاعر ۽ ڪرسٽافر ڪاڊويل جهڙا عظيم دانشور پيدا ڪيا جو نہ فقط ماهر طبيعات هو پر نيوڪليئر انرجيءَ جي باري ۾ بہ ڀهريون پيرو لکيو اٿائين. هو هڪ چوٽيءَ جو اديب بہ هو ۽ Illusion and poetry (شاعري ۽ وهم) 'Studies in dying culture' (مرندڙ تهذيب جو مطالعو) ۽ 'Further Studies in dying culture' (مرندڙ تهذيب جو وڌيڪ مطالعو) جهڙا مشهور ڪتاب لکيا اٿائين. هو فرانڪو جي خلاف وڙهندي جنگ جو ٻڪ ٿي ويو. هيمنگ وي Fare well to arms (اسلحي کي الوداع) Fiesta وغيره ناول فرانڪو خلاف جنگ کان متاثر ٿي لکيا. جارج آرويل 'ڪيٽلونيا' 'بارسيلونا' '1984' جهڙا شهپارا لکيا. پوئين ڪتاب '1984ع' ۾ ڪميونزم جي خاتمي جي پيش گوئي ڪئي وئي هئي، جنهنکي Animal Farm (واڙي) سان تشبيهہ ڏني وئي هئي. آڊن ۽ اسٽيفن اِسپينڊر ڪيئي آزادي پسند نظم لکيا. ڪرسٽافر اشرووڊ پنهنجو ناول Good bye to Berlin (برلن کي الوداع) لکيو جنهن ۾ 1930ع کان پوءِ جو دؤر چٽيائين جڏهن ناري جرمني اُڀري رهي هئي ۽ اُن ۾ انسان جي درگتي ڏيکاريائين آندري مالرو بہ اسپين ۾ جدوجهد جي باري ۾ ناول Days of Hope (آس جا ڏهاڙا) لکيو. مون اهي سڀ ناول پڙهيا پر جڏهن انٽرنئشنل برگيڊ جي ساري جاکوڙ اُڪارٿ وئي، اسٽالن فرانس جي دٻاءَ هيٺ فرانڪو جي مخالفت ڇڏي ڏني، اسٽالنسٽ انارڪسٽن جي نہ رڳو حمايت ڇڏي ويا پر اُنهن لاءِ ڪڏون کوٽڻ لڳا. تڏهن اُهي اديب بد دل ٿي پيا ۽ پنهنجي مُلڪ موٽي ويا. پلا جڏهن ڪيوبا ۾ هيمنگ وي کي پنهنجا هوائي جهاز ۽ سمندري ڪشتيون هيو تڏهن هو(Old man and the sea) (پوڙهو ۽ سمندر) نہ لکي ها تہ ڇا لکي ها؟ سمر سيٽ مام تہ انگريز جي سامراجي دؤر ۾ لکيو. اُن لاءِ تہ چئي سگهجي ٿو تہ هُن جي ملڪ لاءِ مسئلا ڪونہ ها ۽ هن جيڪي لکيو انسان جي هڏن جي ڀير تي لکيو هو جي اند مان ۽ نڪو بار ۾ سڙي رهيا ها. سارتر پنهنجي وجوديت جو اشتراڪيت سان ساٿ ڏنو چو تہ ڊي گال هن تي جبر ڪرڻ جو اهل نہ هو ۽ ناري والار وقت هن ۽ 'سمون دي بيو آر' جيڪي ناول لکيا. اُنهن کي آزاديءَ جي جذبي اُتساهہ ڏنو. 'مارڪسزم ڊان وهندو رهيو' ۽ 'انسان جي تقدير' جهڙن ناولن جي مصنف شولو خوف کي اُتساهيو. برصغير ۾ ترقي پسند فيض احمد فيض، اسرار الحق مجاز، سبط حسن، سجاد ظهير، ڪرشن چندر، عصمت

چغتائي، راجندر سنگهہ بيدا، سعادت حسن منٽو بلراج ساهني، ستيہ جيت ري وغيره جهڙا شاعر افسانا نگار ۽ دانشور پنهنجو اتساهہ مارڪسزم ۽ برصغير ۾ امپيريلزم خلاف نفرت مان وٺندا رهيا. اها ٻي ڳالهہ هئي تہ ن. م راشد ۽ ميراجيءَ جهڙا شاعر ۽ مفڪر ۽ پاڪستان جو حلقءَ احباب ذوق اُن وقت ئي مارڪسزم کي بڪواس سمجهندا ها ۽ پنهنجي آرٽ کي انقلاب لاءِ استعمال نہ ڪندا ها.

مارڪسزم پنهنجو موت پاڻ مري وئي ڇو تہ مارڪس انساني نفسيات جو اندازو نہ لڳايو ۽ هن جي نظام سياست جا بنياد نهايت ڪمزور ها ۽ مارڪسزم جي انتها دنيا جي بدترين آمريت تي ٿي. نتيجو اهو ٿيو تہ امرتا پريتم جهڙي ڪميونزم سان پڪي وابستگيءَ واري شاعره تڙڪي پئي آهي. پنهنجي آتم ڪهاڻيءَ جي ٻئي حصي ۾ هر صفحي تي ڪنهن جوتشيءَ جو ذڪر ڪيو آئائين. سٺليوڊار ڏاليءَ ڪان ويهہ پيرا وڌيڪ ديواني شاعره سارا شگفتہ تي ڪتاب لکيو آئائين ۽ زيءَ تي ويءَ تي گُروُ رجنيش جو پيغام پهچائي رهي آهي؟ ڇاڪاڻ جو اجا تائين ڪيرالا ۽ اوير بنگال ۾ ڪميونسٽ حڪومت آهي، اُتي ڪجهہ دانشور مارڪسزم جي اثر هيٺ آهن ۽ انقلاب لاءِ ادب کي ذريو ڪري ڪم آڻن ٿا يا اوم پوريءَ، نصيرالدين شاهہ، سميتا پاٽل، شبانا اعظمي جهڙا ائڪٽر ۽ ائڪٽريسون ڪميونزم جي پروپئگنڊا ڪري رهيون آهن. نہ تہ هڪ جمهوري معاشري ۾ ادب کي نہ سمت آهي ۽ نہ وابستگي آهي. جي ڪائي وابستگي آهي تہ اُها فقط جمهوريت جي بقا سان آهي. اُن تي ڇا لکي ڇا لکبو؟ آرٽسٽ ۽ دانشور پنهنجي ساري صلاحيت ان بقا تي وقف تہ نہ ڪري ڇڏيندو؟ هي ڪائنات نهايت وسيع ۽ عريض آهي ۽ اُن ۾ ڪيئي شيون آهن جي علم ۽ دانش کي پاڻ ڏانهن ڪوئي شڪ نہ آهي، پر جمهوري معاشري ۾ بہ غربت، غَلاظت، انسان جو انسان جي هٿان استحصال ٿئي ٿو ان ڳالهہ ۾ بہ شڪ نہ آهي، ان استحصال جي حقيقت پسند اظهار تي هر ڪنهن اديب کي حق آهي پر معاشري جي حقيقت کي سمت فقط سياست دان ڏئي سگهن ٿا ڇوتہ طبقاتي انقلاب جو تصور مري چڪو آهي ۽ فلاحي مملڪت جو تصور اُن جي جاءِ وٺي چڪو آهي، جو اُميد تہ در جي بدر جي سياست جي تدبر سان وجود ايندو.

آرٽ ۾ حقيقت پسندي زنده رهنديءَ پر حقيقت پسندي آرٽ ۾ فقط هڪ نظريو نہ آهي جديد دؤر ۾ تصوريت (Impressionism) بعد از تصوريت (Post impressionism) ڪيوبزم، سرئيلزم، فيوچرزم، وغيره يورپ ۾ آرٽ جا نظريا ٿيا آهن، جن مان اجا تائين ڪجهہ وجود ۾ آهن. انهن شعر ۽ ادب تي بہ اثر ڇڏيو آهي ۽ انهن فن جا وڏا شاهڪار پيدا ڪيا آهن. ٽين دنيا ۾ جتي هر هنڌ جمهوريت بہ نہ آئي آهي ۽ جتي بُک، بيماري، انسان جي بنهہ بيوسي اجا بہ آهي ۽

اسان جي ملڪ ۾ جهموريت جي ملڻ باوجود. حالت تين دنيا واري آهي ۽ ان ڪري حقيقت نگاريءَ جي ضرورت آهي جيئن جيڪي اقتدار ۾ آهن اُنهن لاءِ معاشري ۾ مسئلن جي نشان دهي ڪئي وڃي. ادب ۾ اها حقيقت نگاري گذريل پنجاهہ سالن واري ترقي پسندي نہ آهي ڇو تہ ترقي پسنديءَ جو مقصد فقط طبقاتي انقلاب ۽ ڪميونسٽ معاشرو هو جو دنيا ۾ پنهنجي منطقي خاتمي تي پهچي چُڪو آهي.

انڪري جهموري معاشري ۾ اسان 'ترقي پسنديءَ' لفظ کي ٻوليءَ مان خارج ڪري سگهون ٿا ۽ ان جي جاءِ تي *'صحت مند ادب'* محاورو ڪم آڻي سگهون ٿا. بهر صورت جي ڪوئي ترقي پسندي لفظ ڪم آڻيندو بہ تہ ساڳيءَ معنيٰ ۾ ڪم آڻي نہ سگهندو ڇو تہ ترقي پسند قوتون پرولتاري انقلاب جي ذريعي هاڻي اقتدار تي قبضو ڪري نہ ٿيون سگهن. شاعر ۽ اديب پنهنجي معاشري سان لڳاءُ رکي، اُن جي اوڻاين جي نشان دهي ڪري سگهن ٿا. شعر و ادب لاءِ فقط سياسي ۽ معاشرتي ڳالهيون تہ سڀ ڪجهہ نہ آهن. ٻيو گهڻو ڪجهہ آهي.جو اڪيچار آهي، اڪٿ آهي، نت نت نئون آهي جنهن ۾ پراڻي کان پراڻي تائين سمايل آهي. انسان جي جبلت ساڳي آهي، جذبا ساڳيا آهن، زندگي ۽ موت، خوبصورتي ۽ بدصورتي، نيڪي ۽ بديءَ ازل ۽ ابد وغيره تي غور ۽ فڪر ساڳيو آهي جو قديم ترين پيغمبرن کان جديد ترين مفڪرن تائين ڪندا اچن ٿا. علامہ اقبال ڪهڙو نہ چڱو چيو آهي:

زمان ايک، خدا ايک، کائنات بهی ايک
دليل کم نظری قصہء جديد و قديم

(ترجمو: زمانو هڪ، خدا هڪ، ڪائنات بہ هڪ، جديد ۽ قديم جو قصو ڪم نظريءَ جو دليل آهي)

اها آهي پاڪستان جي ديده ور جي انسان ۽ ڪائنات جي باري ۾ نڪتہ نگاهہ. اهائي آهي ديده وريءَ جا دانشوريءَ کان افضل آهي.

*(9 مارچ 1994ع)*

# رمضان المبارڪ

اسلامي تقويم جو نائون مهينو آهي، اهو ئي بابرڪت مهينو آهي جنهنجو ذڪر قرآن مجيد ۾ آيو آهي. ارشاد رباني آهي تہ رمضان جي مهيني ۾ قرآن مجيد نازل ڪيو ويو (البقره:185) انهي مهيني ۾ هڪ (ليلة القدر) اهڙي ايندي آهي جيڪا هزارن راتين کان افضل ۽ بهتر آهي. (القدر:3) حضرت سليمان جي روايت آهي تہ نبي ڪريم صلعم شعبان جي آخري تاريخ تي فرمايو تہ هڪ مهينو اهڙو اچي رهيو آهي جو وڏو ۽ مبارڪ مهينو آهي ان ۾ هڪ رات آهي جا هزارن مهينن کان مٿي آهي، الله تعاليٰ ان جي هر روزي کي فرض فرمايو ۽ اُن جي هر رات جي قيام کي ثواب جي چيز بڻايو. جو شخص هن مهيني ۾ ڪنهن نيڪيءَ سان الله جو قرب حاصل ڪري، اهو ائين آهي جيئن غير رمضان فرض ادا ڪيائين ۽ جو شخص ڪنهن فرض کي ادا ڪري، اهو ائين آهي جڻ غير رمضان ۾ ستر فرض ادا ڪيائين. هي مهينو انسان ذات سان غمخواري ڪرڻ جو آهي، ان ۾ مومن جو رزق وڌايو ويندو آهي. تمام آسماني ڪتاب انهيءَ ۾ نازل ٿيا. حضرت ابراهيم جو صحيفو پهرين يا ٽين رمضان، حضرت دائود جو زبور 12 يا 18 رمضان، حضرت موسيٰ جو تورات 6 رمضان، حضرت عيسيٰ جو انجيل 12 يا 13 رمضان المبارڪ تي عطا ٿيا.

ڪجهہ روزي جي باري ۾ بہ لکان. اسلام جي ارڪان خمسہ جو هڪ رُڪن آهي. ارشاد رباني آهي، "اي لوڪو جن ايمان آندو آهي، اوهان تي روزا فرض ڪيا ويا آهن جيئن اوهان کان اڳ ۾ انبيا جي پيروڪارن تي فرض ڪيا ويا ها. ان مان توقع آهي تہ اوهان ۾ تقويٰ جي صفت پيدا ٿيندي ڪجهہ مقرر ڏينهن لاءِ روزا آهن. جيڪڏهن اوهان مان ڪو بيمار هجي يا سفر تي هجي تہ ٻين ڏينهن ۾ اوترا روزا پورا ڪري ۽ جن کي روزي رکڻ جي سگهہ آهي ۽ (پو بہ نہ رکن) تہ اُهي فديہ ڏين. هڪ روزي جو فديہ هڪ مسڪين کي کاڏو کارائڻ آهي ۽ جو پنهنجي خوشيءَ سان ڪجهہ وڌيڪ ڀلائي ڪري تہ اها ڳالهہ اُنهيءَ لاءِ بهتر آهي- پر جي اوهان سمجهو تہ اوهان جي حق ۾ چڱو اهو آهي تہ روزو رکو- رمضان اهو مهينو آهي جي راه راست ڏيکارن ٿيون حق ۽ باطل جو فرق کولي رکن ٿيون. انڪري جو بہ هن مهيني کي سمجهي، اُن لاءِ لازم آهي تہ پوري مهيني جا روزا رکي ۽ جو

ڪوئي مريض هجي يا سفر ۾ هجي تہ ٻين ڏينهن تي روزن جو تعداد پورو ڪري- الله تعاليٰ اوهان سان نرمي ڪرڻ چاهي ٿو سختي ڪرڻ نہ ٿو چاهي، ان لاءِ اوهان لکي اهو طريقو ٻڌايو اٿائين تہ اوهان روزن جو تعداد پورو ڪيو ۽ جنهن هدايت سان الله تعاليٰ اوهان کي سرفراز ڪيو آهي، اُن تي الله جي ڪبريائيءَ جو اظهار ۽ اعتراف ڪيو آهي ۽ شڪر گذار ٿيو (البقره: 173 کان 175 تائين) اسلام جي اڪثر احڪام وانگر، روزي جي فرضيت بہ درجي بدرجي عايد ڪئي وئي. آنحضرت صلعم ابتدا ۾ مسلمانن کي هر مهيني صرف ٽي ڏينهن روزا رکڻ جي هدايت فرمائي هئي مگر اهي روزا فرض نہ ها. 2 هہ ۾ رمضان جي روزن جو حڪم قرآن ۾ نازل ٿيو پر ان ۾ بہ ايتري رعايت ڪئي وئي تہ جي ماڻهو روزا برداشت نہ ڪري سگهن، اهي روزو نہ رکن ۽ اُهي هر روزي جي بدلي هڪ مسڪين کي کاڌو کارائن. پوءِ وري ٻيو حڪم نازل ٿيو ۽ اها رعايت منسوخ ڪئي وئي پر مريض، مسافر، حامله عورت يا ٿڃ ڏيندڙ عورت يا پوڙهن ماڻهن وانگر جن ۾ روزن جي طاقت نہ هجي، تن جي باري ۾ اها رعايت ساڳيءَ ريت رکي وئي ۽ اُنهن کي حڪم ڏنو ويو تہ عذر باقي نہ رهي تڏهن هو ايترا روزا رکن جيترا هنن کان رمضان ۾ رهجي ويا ها.

حضور جن جو ارشاد آهي تہ دعا ٽن آدمين جي رد نہ ٿيندي آهي- هڪ روزي دار جي افطار جي وقت، ٻي عادل بادشاهہ جي دعا، ٽين مظلوم جي دعا، جنهن کي حق تعاليٰ بادلن کان مٿي کڻي ٿو وٺي ۽ ان لاءِ آسمان جا دروازا کولي ٿو ڇڏي ۽ ارشاد ٿئي ٿو تہ "مان تنهنجي مدد ضرور ڪندس جيتوڻيڪ (ڪنهن مصلحت جي ڪري) ڪجهہ دير ٿي سگهي ٿي (ترمذي- ابن حبان)

اها "برسات" لاءِ برڪت جي ڳالهہ آهي تہ اُها رمضان جي مبارڪ مهيني ۾ شروع ڪئي وئي آهي.

مان ڪوئي عالم دين نہ آهيان، مٿيون مواد بہ هِتان هُتان ڪٺو ڪيو اٿم. پنهنجي ڪيفيت تہ علامہ اقبال واري آهي:

**نہ شيخ شهر نہ شاعر، نہ خرقہ پوش اقبال،**
**فقيرِ راه نشين اَست و دل غني دارد.**

(ترجمو: اقبال نہ شيخ شهر اهي، نہ شاعر آهي ۽ نہ خرقہ پوش آهي، راهہ نشين فقير آهي جنهن جي دل غني آهي)

*(10 مارچ 1994ع)*

# صحافت ۽ شاعري

جڏهن مان شڪارپور ۽ ڪراچيءَ ڪاليج ۾ پڙهندو هوس تڏهن ايراني شاعر 'افسونيءَ' واري ڪيفيت هوندي هئي.

**ڪُشت ازبک نگِہ چشم سياه عجبي**
**اين چہ چشم عجبي بودو نگاه عجبي**

(ترجمو: مون کي هڪ ڪاري اک پنهنجيءَ نگاهہ سان ماري وئي.
هيءَ ڪيڏي نہ عجيب اک هُئي، هيءَ ڪيڏي نہ عجيب نگاهہ هئي!)

اها نگاهہ انساني بہ ٿي سگهي ٿي ۽ علم جي بہ ٿي سگهي ٿي، جنهن تي مون پنهنجي ننڍ واري چڏي هئي ۽ ساريون ساريون راتيون مطالع ۾ محو هوندو هوس، جڏهن شاگرد ڪچهريون ڪندا ها ۽ پنهنجو وقت تاس ۽ ليوڊي جي نظر ڪندا ها. ائين آهي تہ مون کي شڪارپور ۾ ٿورا ۽ ڪراچيءَ ۾ گهڻا هم خيال، همراز ۽ هم مشرب هوندا ها جي آمريڪي شاعر والٽ-وٽمئن وانگر چوندا ها:"Comerado, this no book who touches this, touches a man"
(ترجمو: رفيق! هي ڪتاب نہ آهي، هن کي جڏهن ڪوئي ڇهي ٿو تڏهن انسان کي ڇهي ٿو.)

1940ع ۾ مان شڪارپور ۾ پروفيسر ڇينملاڻيءَ کان ڪتاب اُڌارا وٺندو هوس. هو رام ڇينملاڻيءَ جو چاچو هو. جنهن جو ذڪر مان اڳي ڪنهن ايڊيٽوريل ۾ ڪري آيو آهيان. انهيءَ 1940ع ۾ New Writing (نيون تحريرون) گهرائي جا سال ۾ هڪ ڀيرو انگلنڊ مان نڪرندي هئي. انهن ڏينهن ۾ مون ۾ جان مارلي (John Marley 1885 to 1923) واري ڪيفيت پيدا ٿي چُڪي هئي تہ "هر انسان پاڻ ۾ سيئي صديون سمائي ٿو هلي." اسان جو سنڌي جو پروفيسر ناگراڻي جو هڪ يوگي هو گهٽو ئي بيدل جو شعر پڙائيندو هو تہ

**سڪ رمز وجود وجا وڃڻ دي،**
**ڪانهي حاجت پڙهڻ پڙهاوڻ دي.**

۽ پنيرڪي جو هو پراڻيام ڪندو هو ۽ پير هوا ۾ اُڀا ڪري مٿي تي اڌ ڪلاڪ بيهندو هو جنهن کي هو 'شيس آسڻ' چوندو هو پر مان هن تي ڪوئي ڌيان نہ ڏيندو هوس ۽ روز پروفيسر ڇينملاڻيءَ کان ڪوئي ڪتاب وٺي ايندو

هوس. مون هن ڪان 1940ع ڪان 1942ع تائين New writing (نيون تحريرون) جا ٽئي شمارا ورتا ۽ جڏهن ڪراچيءَ آيس تڏهن هر سال پاڻ خريد ڪيم. انهيءَ ڪتاب جي قيمت في شماري سوا رُپيو هوندي هئي. اهي ڪتاب مان ڏاڍي چاهہ سان پڙهندو هوس ۽ اُنهن جي مطالعي ۽ حشو ڪيولراماڻيءَ جي دوستيءَ مون کي عالمي ادب ۽ سياست جو شعور ڏنو ۽ مان نہ رڳو حالات جو تجزيو پاڻ ڪري سگهندو هوس پر جي مون کان عمر ۾ وڏا هوندا هئا انهن سان مت ڀيد ڪري سگهندو هوس. اها ڳالهہ مون ۾ اڄ تائين آهي سنڌي دانشور محمد ابراهيم جويو جو مون کان ڏهہ سال عمر ۾ وڏو آهي. اُن جي بين الاقوامي حالات جي تجزئي کي مان قبول نہ ڪندو آهيان.

ڪجهہ سا اڳ مون ٿامس ۽ ٿامس جي ڪتاب گهر تان The new writing – 1940_1950 خريد ڪيو. ڪتاب ڏاڍا مهانگا ٿي ويا آهن ۽ وچولي طبقي جي قوت خريد کان مٿي آهن پر دل نہ رهندي آهي ۽ اهو ڪتاب مون ٻي ادائي سوين خريد ڪيو جيتوڻيڪ New Writing جا ڪجهہ شمارا اڄا تائين منهنجيءَ لائبريءَ ۾ آهن. انهيءَ ادبي ڪشڪول (Anthology) ۾ يوناني شاعر دمي تريو ڪيتانيڪس (Demetrious Capetanakis) جو سمرنا ۾ 1912ع ۾ ڄائو هو ۽ انگلنڊ ۾ ويسٽ منسٽر اسپتال ۾ 1944ع ۾ گذاري ويو. ”هابيل“ نظم لکيو هو جنهن ۾ پنهنجي زخم لاءِ نهايت خوبصورت استعارو ڪم آڻي چيو اٿائين ”مان پنهنجي ڀاءُ قابيل لاءِ سيني ۾ گيٽ (شاهي دروازو) کولي رهيو آهيان“. ان ڪتاب ۾ ’جنگ وارا سال‘ جي عنوان سان نثر نويسن ۽ شاعرن جون منتخب لکڻيون ڏنيون ويون آهن. انهن ۾ گرهام گرين بہ آهي، آڊن، لورڪا، لولي مئڪ نيس، بورس پاسترناڪ، جارج آرويل، سارتر، اسٽيفن اسپينڊر ۽ ٻيا ڪيئي آهن، جن انهيءَ دؤر ۾ لکيو آهي ۽ جن مان ڪي امر ٿي چڪا آهن ۽ ٻيا انهي ڪشڪول ۾ قبر تي ڪُتبي وانگر لڳن ٿا.

اهڙا ادبي ڪشڪول اُردوءَ ۾ ’نيا ادب‘ جي نالي سان بہ نڪتا جن ۾ فيض احمد فيض، ميراجي، ن. م. راشد، جذبي، ڪئفي، ساحر لڌيانوي، راجيندر سنگهہ بيدي بلونت گارگي، فڪر تونسوي، علي سردار جعفري، جوش مليح آبادي، اختر الا ايمان، ڪرشن چندر، عصمت چغتائي ۽ ٻيا اُنهيءَ دؤر جي هندستان جا اديب ۽ شاعر آهن. نہ فقط مون اُهي انگريزي ۽ اُردو مجموعا پڙهيا پر ٻيا سوين ڪتاب اُٿلايا. منهنجا دوست گوبند مالهي ’پرهہ ڦٽي‘، بهاري چاٻڙيا ’زندگي‘ ۽ موهن پنجابي ’ساٿي‘ رسالا ڪڍندا هئا. مون بہ رُڪن الدين قاسمي، علي مڪرانيءَ ۽ لڇمڻ راجپال سان گڏجي ’سوشلسٽ‘ ويڪلي ميٺارام هاسٽل مان ڪڍي جڏهن مان بي اي ۾ پڙهندو هوس. جڏهن مان ايل. ايل. بيءَ جي ٻي سال جو

*برسات ۾ ڇپيل ايڊيٽوريل*

امتحان ڏئي شڪارپور ويس ته پاڻ سان ’غم دوران‘ ۽ ’غم جانان‘ ساڻ کڻي ويس. منهنجو سوشلسٽ وارو ڪو ايڊيٽر لڇمڻ راجپال به پنهنجي گهر ميان جي ڳوٺ ويو جتي هن جو مائٽ بولچند راجپال سنڌ جو چوٽيءَ جو رسالو ’سنڌو‘ ڪڍندو هو ۽ اسان شڪارپور مان تي ماهوار رسالا ’اڳتي قدم‘ جي نالي سان ڪڍيا. ’سوشلسٽ‘ ويڪلي ۽ ’اڳتي قدم‘ ماهوار, هڪ مسلمان سنڌيءَ جي اُن دؤر جي سياست ۽ ترقي پسند ادب ۾ پهرين ڪوشش هئي.

ڪجهه ڏينهن اڳ مون کي سنڌ جو انفرميشن سيڪريٽري جناب نبي بخش کوسو مليو ۽ چيائين, ”اُستاد! شروع به صحافت سان ڪيئہ ۽ ختم به صحافت سان ٿو ڪرين.“ دراصل اهو هن جو تاثر هيو نہ ته مون شاعري نَون ورهين جي عمر ۾ ڪئي هئي. ها, اها ٻي ڳالهه هئي ته اِهو نظم مون اُنهيءَ دؤر ۾ ’سُدرشن‘ رسالي ۾ شايع ڪيو هو جو مون, هوندراج داس ۽ بهاري چاڙيا شڪارپور اسڪول مان ڪڍيو هو جڏهن اسان ٻي يا ٽين درجي انگريزيءَ ۾ پڙهندا هياسي. جي ان ڳالهه کي وزن ڏجي ته واقعي مون صحافت سان شروع ڪيو ۽ ختم به صحافت سان ڪري رهيو آهيان.

آرنولڊبيڪيٽ چيو آهي, ”انصاف جي قيمت مسلسل نشرو اشاعت آهي“ سو خبرون مون دستگير پٽي صاحب, يوسف شاهين صاحب ۽ سردار قريشي صاحب جي حوالي ڪري ڇڏيون آهي ۽ پاڻ فقط ايڊيٽوريل لکندو آهيان, جنهن ۾ تخليقي ادب جي يلغار هوندي آهي. ايڊيٽوريل ۾ منهنجي مشن اها رهي آهي ته ڏک تي مرهم رکان ۽ سُک کي ڏونڌاڙيءَ اُن جي ننڊ ڦٽايان. پريس جي آزاديءَ جو گهوارو آهي. ڪنهن چيو آهي ته ”ذميداريءَ کان سوا دسترسي هڪ طوائف جو پيشو آهي.“ ۽ مون صحافت جي پيشي ۾ ذميداريءَ جي اَشد ضرورت محسوس ڪئي آهي. چڱي شاعر جو هيڊ ڪواٽر قوس قزح تي هوندو آهي پر في الحال ته مون اُن کي ڌرتي تي ڦيرايو آهي. معلوم نہ آهي ته ڪڏهن بادلن جو سڏ اَچي ۽ شاعري ڪارونيار ڪري مونکي گهلي وڃي. في الحال ته حقيقت جي ريت ۾ رمي رهيو آهيان.

*(11 مارچ 1994ع)*

# سک بغاوت ۽ بينظير

هفتو ٻہ اڳ اسٽيون اِسپائيل برگ (Stevan Spielberg)عالمگير تباهي (Holocaust)تي جرمن ٻوليءَ ۾ فلم ٺاهي آهي جنهن ۾ هٽلر واريءَ جرمنيءَ ۾ يهودين جو قتلِ عام ڏيکاريو آٿائين. اسرائيل، جتي جرمنيءَ جا مظلوم يهودي ڪٿا آهن ۽ جرمني جتي اُنهن جي قتل وغارت ڪئي وئي هُئي، ٻنهي وٽ جنهن اُها فلم هلي تڏهن ماڻهو رُنا، ۽ جڏهن هنن جا ٺاهہ ٺاهہ ڳوڙها ٻيئا، تڏهن نہ هو مانيءَ گرهہ کائي سگهيا، نہ اک لائي سگهيا ۽ ٻڙڪ ٻاقي سگهيا. ڪن چيو تہ اها فلم هر ڪنهن کي دنيا ۾ ڏيکاري وڃي. انهن ۾ مرحوم سيف الدين سيف جي جهوني پاڪستاني فلم 'ڪرتار سنگهہ' جي ڪردار وانگر هڪ ڪردار آهي جنهن جو نالو شنڊلر(Shindler) آهي جو آوَش وِتس(Aushwits) جي بدنامِ زمانہ ڪوس گهر ۾ ڪيئي يهودي جانيون بچائي ٿو. فلم فرئنڪ فُرٽ ۾ پهرين ڏيکاري وئي. جتي شنڊلر پنهنجيءَ زندگيءَ جا آخري سال جرمن پريزيڊنٽ رچرڊ وان ويز سئڪر ۽ ٻين نامور ماڻهن سان گذاريا ها. تنهن کان پوءِ اُن کي ساريءَ جرمنيءَ ۾ ڏيکاريو ويو جتي هر جرمن کي دل جو ڌڪ لڳو.

سامعين پهرين تہ ماٺ ۾ اچي ويا، پر پوءِ ٺاهہ ٺاهہ ڳوڙها ڳاڙڻ لڳا. ڪلون (Cologne)جي شهر ۾ پهرين رات اها فلم سئنيما ۾ ست سو ماڻهن ڏٺي ۽ خاردار لوڙها ۽ يهودين جي رهڻ جي جاين (Ghetto) جا منظر ڏسي هو بي اختيار روئي ويٺا. فلم جي خاتمي کان پوءِ اڌ ڊزن عورتون عاشقن يا پيئُن ڀائن جي آغوش ۾ بيهوش ٿي ويون. ڪنهن شاگرد اها فلم ڏسي چيو: "مان اهڙا تماشبين تہ زندگيءَ ۾ ڪڏهن نہ ڏٺا آهن. ائين ٿي لڳو تہ اسان ڪنهن ديول ۾ هياسين. ائين ٿي لڳو چڻ ڪائي مقدس ڳالهہ هلي رهي هئي."ساڳي ڪيفيت اسرائيل ۾ تل عفيف ۾ محسوس ڪئي وئي. ڪيئي ماڻهو تہ اها مووي(Movie) ڏسڻ کان اڳ خوف زده هئا ۽ انهن کي خوف هو تہ ماضيءَ جون يادگيريون وري کانئن چئن ۽ ننڊ کسي ونديون، پوءِ هو اُتي ويا ۽ اهل يهود جو پواٽتو قتل عام ڏٺائون. اُتي وزيراعظم يتزاڪ رابن ۽ پريزيڊنٽ ايزر ويزمئن بہ هيا. ڪاش هنن جي ضمير کي ڏوڏو اچي ها، ڇوتہ هو ساڳي ڳالهہ فلسطينين سان ڪري چڪا هئا ۽ ڪنهن حد تائين اجا اُنهن تي ظلم جاري آهي. گذريل هفتي واريءَ نيوز ويڪ ۾ ياسر عرفات جو انٽرويو ڏيکاري ٿو تہ هُو تڪجي پيو آهي.

*برسات ۾ ڇپيل ايڊيٽوريل*

اُتي ماڻهو چئي رهيا هئا تہ اسان ”عالمگير تباهيءَ جي باري ۾ تہ پڙهيو آهي پر ههڙو پوائنٽو ۽ ڏکارو ڏيک نہ ڏٺو آهي.“

ڪنهن جرمن چيو تہ ”اجا تائين ڪيئي مُجرم پنهنجن گهرن ۾ ڪوسا ويٺا آهن ۽ اها فلم ڏسڻ نٿا چاهين. اها تاريخي حقيقت. اها ظالم حقيقت جڏهن انسان ڪيڙن ماڪوڙن وانگر ماريا ويا ها.“

پاڪستان ۾ جڏهن محترمہ بينظير بيان ڏنو تہ مون هندستان کي سکن جي مسئلي کي حل ڪرائڻ ۾ مدد ڪئي هئي تڏهن حزبِ اختلاف کي ڇڻ موقعو ملي ويو ۽ اُن ۾ هاءِ گهوڙا مچي وئي. مون جڏهن ڪجهہ سال اڳ نين تارا سهگل جو انگريزي ناول ’چاندي ڳڙهہ‘ ۽ ’ڀيشم ساهنيءَ‘ جو انگريزي ناول ’تَمس‘ ، جو مون کي هندستان ۾ منهنجي دوست موهن پنجابيءَ تحفي طور ڏنو هو، پڙهيا تڏهن منهنجا لڱ ڪانڊارجي ويا . ورهاڱي وقت ۽ ورهاڱي کان پوءِ سک قوم ڪيڏا نہ ڪلور ڪيا ها! لئري ڪالنس ۽ لا ڀيئري ڊامنيڪ جي ربور تاج ’اڌ رات جو آزادي‘ (Freedom at mid night) ۽ چمن لال جو انگريزي ۾ ناول ’آزادي‘ پڙهي مون محسوس ڪيو تہ سک هڪ وحشي قوم ها. مان اهو مڃڻ لاءِ تيار نہ آهيان تہ امرتا پريتم سکڻي آهي. جئين اهو نٿو مڃان تہ انسان دوست ڊاڪٽر ۽ مفڪر آلبرٽ شوائٽزر جرمن آهي. ڇا حزب اختلاف کان وسري ويو آهي تہ سکن ورهاڱي وقت ڪهڙا راڱا ڪيا ها ۽ گذريل جنگين ۾ سيال ڪوٽ، قصور وغيره ۾ ڇا ڪيو هو؟ ڪاش مٿي ذڪر ڪيل جرمن فلم جهڙي فلم پاڪستان يا هندستان ۾ ٺهي جا هر هنڌ ڏيکاري وڃي ۽ جنهن ۾ اهو ڇٽو نظر اچي تہ هي گرو نانڪ جا پوئلڳ ڪهڙا نہ درندا ٿي چڪا آهن. سک هندستان جواندريون معاملو هوءِ ان ڪري محترمہ بينظير ان معاملي جي حل ۾ هندستان جي مدد ڪرڻ ۾ حق بجانب هئي.حزبِ اختلاف تاريخ کان بنهہ بي بهرا آهن ۽ انهن ۾ ڪو دانش ور، تاريخ دان يا صحيح سياسي مبصر ڪونہ آهي. اڄ ڪالهہ تہ سک ناننڪانا صاحب کي بهانو بڻائي، لاهور تي قبضو ڪرڻ چاهن ٿا. سک مسئلي جو ڪشمير جي مسئلي سان ڪوئي واسطو نہ آهي. ڪشميري مظلوم آهن. انهن جو مسئلو اقوام متحده جي زير غور آهي ۽ هندستان جا ڪيئي دانشور مڃي چڪا آهن تہ اهو حل طلب آهي.

محترمہ بينظير پنو جو سکن جي باري ۾ بيان ڏنو آهي، اهو قابلِ گرفت نہ آهي. اُن تي واويلا فقط اهي سياست دان ڪري رهيا آهن. جن کي تاريخ جو شعور نہ آهي. بين الاقوامي سياسي ذميواريون نہ ڄاڻن ۽ جي بهاني تي جهڙپ ڏئي. محترمہ بينظير کان وزارت عظميٰ کسڻ چاهن ٿا ۽ ان ڪري هنجي مخالفت ڪن ٿا. افسوس جو اُنهن ۾ پنجابي مسلمان بہ آهن جن کان وڌيڪ سکن جي هٿان ڪنهن نہ سٺو آهي.

*(12مارچ 1994ع)*

# خلائي پرواز ۽ تباهيءَ جو خطرو
## خَلا ۾ انسان (Man in space)

سينگاپور مان ڪتابن جا جهاز پرجي پاڪستان اچن ٿا. اُهي ڪي ڪتب فروش نهايت سستا وڪڻن ٿا. هو اُنهن کي ٽُڪر ٽِيرا (Scrap) ڪوٺن ٿا. پنجين ڇهين سَوين جو نئون ڪتاب پنجويهن ٽيهين رپئي ملي ويجي ٿو. پر اهي ڪتاب جڏهن نامي گرامي ڪتب فروش جي هٿ چڙهن ٿا ته اُنهن کي ساڳي مهانگي اگهه تي وڪڻي ٿو جو اُنهن تي ڇپيل آهي. مون اهڙا ڪيئي ڪتاب سستا خريد ڪيا آهن ۽ اُنهن ۾ هڪ آهي Man in Space اهو فُل اسڪيپ سائز تي 239 صفحن جو ڪتاب آهي. 7 ڊسمبر 1972ع تي يونائيٽڊ اسٽيٽس اپالو 17 خلا ۾ موڪليو ۽ ڊسمبر 1992ع تي ان جي خاتمي جو ويهون سال ملهايائون ۽ اُن موقعي تي اهو ڪتاب شايع ڪيائون. نه رڳو يونائيٽڊ اسٽيٽس پر پوري دنيا, ان کي انساني تاريخ ۾ هڪ ڊرامائي دؤر تسليم ڪري ٿي. اپالو 17 جا پويان نقشِ قدم جي مستقبل ۾ اسان کان هڪ نسل پوءِ پويان پيرڪندا, اڳ ئي ماضيءَ جو ورثو ٿي چُڪا آهن. اُنهن واقعن تي سوچيندي, جي هاڻي تاريخ ٿي چڪا آهن, هڪ پيري چيو ويو "اسان جي زندگيءَ جي سفر ۾, ورسيون اُتاهيون چاڙهيون آهن جو ته اُهي اسان کي موقعو ڏين ٿيون ته اسان ترسون ۽پنهنجي ماضيءَ جي باري ۾ ٻيهر سوچيون, حال جو جائزو وٺون ۽ مستقبل لاءِ اُميدون سانڍيون."

شايد دنيا پاڻ کي اُن جاءِ تي پائي ٿي جتي اسان خلا جي پوني تان ٻيهي, مستقبل ڏانهن غير يقينيءَ سان ڏسون ٿا ۽ اُنهن گهڙين تي سوچيون ٿا جن ۾ اسان اڪيون پائي ويٺا آهيون, جڏهن اسان ٻي ڪنهن گرهه تي ٻيٺا هونداسين ۽ 1/4 ملين ميل ڌرتيءَ کان پري, ڌرتيءَ کي پوريءَ سونهن سوپيا سان ڏسنداسين. هڪ ماڻهو اُن کي پهريون پيرو ائين ڏسندو جيئن اڳي شاعريءَ ۾ يا شايد فلسفين جي ذهن ۾ ڏسندو هو. اُن وقت ئي اسان محسوس ڪري سگهنداسين ته اسان خلائي سفر ۾ آهيون جڏهن پنتي اسان گهر ڏانهن حقيقت کي ڏسنداسين, حقيقت جا خواب وانگر نظر ايندي. اهو ڪتاب Man in Space اسان کي اُهي تاريخي لمحا ڏيکاري وري جيئڻ جو موقعو ڏئي ٿو جن کي اسان انسان ذات

جي زندگيءَ ۾ وڏي ۾ وڏي ڪوشش ڇئي سگهون ٿا. اُنهن لمحن ۾ اسان اُنهن ماڻهن جي ويجهو وڃون ٿا جي سپنا ڏسن ٿا, جي ماضيءَ جا بانيڪار آهن ۽ جي اهو ڄاڻن ٿا تہ ناممڪن جهڙو ڪوئي لفظ نہ آهي. اهڙن ماڻهن اُنهن جي نڪتہ نگاهہ کي للڪاريو جن چيو تہ: "اها ڳالهہ نہ ٿي سگهندي" اُهي مرد ۽ عورتون جن جي وابستگي ۽ دور رس نگاهہ اجا ان کان بہ اڳتي وڃڻ چاهي ٿي, جتي انسان اڃ پهتو آهي.

آرٿر ڪوئسلر جي ڪتاب "خواب خرام" (Sleep walkers) ۾ انهن انسانن جي ساري تاريخ آهي جن قديم يونان کان دوَر جديد تائين هن ڪائنات تي ائين غور ڪيو آهي جڻ ننڊ ۾ گهمندا رهيا آهن, هي ڪائنات نهايت قديم, وسيع ۽ عريض آهي. ان جو بہ علم نہ آهي تہ هڪ ئي ڪائنات آهي يا اڪٺ ڪائناتون آهن.ان جو علم نہ آهي ان جو بہ علم نہ آهي تہ اُهي هڪ ٻيرو خلقيون ويون آهن يا اُهي ڪيئي اَرب سال اڳ ختم ٿي ويون هيون ۽ وري خلقيون وڃن ٿيون. مون جڏهن جان. ڊي. بئرو ۽ جوزف سلڪ جو ڪتاب 'ڪائنات جو کبو هٿ ـ هن ٿهلجندڙ ڪائنات جي پيدائش ۽ ارتقا' (The left hand of creation_the origin and evolution of the expanding universe) پڙهيو تہ منهنجي ساڳي ڪيفيت ٿي وئي جا مون ڪيترو وقت اڳي پنهنجي ڪتاب "ڪِير ٿو ڪُن ڪري" ۾ هيئن اظهاري هئي:

حيرت ۾ حيران, جيءُ سدائين جَڳ ۾

شاعر ۽ فلسفي ان تي سَوچي عجز ۽ انڪسار مان سر جهڪائي ڇڏن ٿا, پر ڪَي اَرڏا ۽ اڙٻنگ انسان آهن جي هن ڪائنات کي تسخير ڪرڻ چاهن ٿا, جو ناممڪن آهي چوتہ ڪوئي روشنيءَ جي رفتار سان ڪنهن خلائي جهاز (Space ship) تي هڪ لک ڇهاسي هزار ميل في سيڪنڊ جي رفتار سان وڃي, تڏهن بہ هن کي ويجهي ۾ ويجهي ستاري تي پهچڻ لاءِ ڏهہ هزار سال لڳندا. بهر صورت ڪن شخصن پنهنجو وارو وڄايو آهي ۽ ڌرتيءَ جي مدار ۽ ڪشش ثقل مان نڪري ويا آهن. مٿي ذڪر ڪيل ڪتاب ۾ هيٺيان مختلف باب آهن, جن کي پڙهي اکيون چرخ ٿي وڃن ٿيون ۽ اُنهن انسانن کي داد ڏيڻ کان سواءِ رهي نٿو سگهجي جن بقول علامہ اقبال "ستارن تي ڪمند اُڇليا" آهن. ان ڪتاب ۾ سپنا ڏسندڙ, پيڙهہ رکندڙن ۽ راڪيٽ سوسائٽين تي بہ لکيو ويو آهي ڳڳيرن ۽ چنڊ, ـ فتح ۽ شڪست, (Gagarin and the moon, Triumph and failure) تي بہ لکيو ويو آهي. عطارد ۽ جوزا ۽ اپالو ڏانهن رستي تي بہ لکيو ويو آهي ۽ اُن ڪم جو تفصيل بہ آهي جو آمريڪا ۾ ناسا (Nasa) نالي اداري ۾ ٿي رهيو آهي.

پوءِ اپالو جو ذڪر آهي، جڏهن انسان چنڊ تي لٿو آهي. دراصل ان ڪتاب جو هر باب هڪ يا ٻن دانشوَرن لکيو آهي. ان ۾ انسان ڪان سواءِ چنڊ جي ڳولا ڦولها، ڌرتيءَ جي مدار ۾ خلائي اسٽيشنون، اپالو ڪان پوءِ 'اسڪاءِ لئب' (Sky Lab) ۽ 'اي. ايس. ٽي. پي' شٽل، تياريءَ جا سال'، 'شٽل' (Shuttle)، خلا ۾ 'سئليوٽ 7'، (Salyut 7)، 'شٽل جو الميو ۽ اُن جي بازيابي' '1970ع ۾ سيارن جي درميان تحقيق'، 'مير (Mir)، مريخ ۽ گلاس نوسٽ جو زمانو'، لفظ 'مير' روسي زبان ۾ جمهور ۽ ڪائنات لاءِ ڪم ايندو آهي، مٿين ڪتاب جا آخري باب آهن 'خلا سڀ لاءِ'، 'سُپر پاور جي هڪ هٽي ختم'، 'سائنس ۽ اُن جون خلا ۾ مشغوليون'، 'خلا ۾ ملٽري'، ۽ 'مستقبل ۾ ڇاٿيڻو آهي'.

انسان جي ايتري ترقي ڏسي، جڏهن مون 'ٽائيم' رسالي ۾ مضمون پڙهيو 'قيامت جو خطرو ٻي اسٽيج' (Doomsday Threat_ Stage II) ته اهو سوچي حيران رهجي ويس ته انسان انهيءَ جوهري توانائي کي ڪيئن پنهنجي تباهيءَ لاءِ ڪم آڻي رهيو آهي! مضمون ۾ نه رڳو سُپر پاور ڇا ڪري رهيا آهن، ان جو ذڪر آهي، پر اُتر ڪوريا، عراق، ايران، يوڪرين، هندستان ۽ پاڪستان (جيتوڻيڪ اسان جي حڪومت انڪار ڪيو آهي) تي الزام هنيا ويا ته هو نيوڪليئر هٿيار ٺاهي چُڪا آهن وڌيڪ چيو ويو آهي ته 25 ملڪ عام تباهيءَ وارا هٿيار ٺاهي چُڪا آهن يا ٺهي رهيا آهن. ٻه ڊزن ملڪ ڪيميائي هٿيار ٺاهي رهيا آهن، يا اُنهن جي ذخيره اندوزي ڪري رهيا آهن، هڪ ڊزن مُلڪن کي بئلسٽڪ ميزائيل (Ballistic Missiles) آهن جي پنهنجي سرحدن کان پري پري مار ڪري سگهن ٿيون. مضمون ۾ انگ اکر شامل آهن. جيڪڏهن هندستان پاڪستان ۾ جنگ ڇڙي ته ٻئي مُلڪ تباهه ٿي ويندا ۽ هاڻي ته ڪو ويدوياس به نه رهندو جو ٻي مهاڀارت لکي سگهي. مون ڪيئي سال اڳي لکيو هو:

**ڪڏهن اواهو نه هو اڄ جهڙو انسان**
**نه ڄاڻان نادان، ڪڏهن سمهندو سُک سان!**

*(13 مارچ 1994ع)*

# عيدالفطر

اڄ عيدالفطر آهي. جا ماهِ رمضان جي ختم ٿيڻ تي، پهرين شوال تي ملهائي ويندي آهي. ان ڏينهن نماز کان اڳ، هر مسلمان مرد ۽ عورت تي پنهنجي پارن ۽ پنهنجي ٻارن جي پاران فطرو يا زڪوات الفطر واجب آهي، ڇو ته هيءَ هڪ مهيني جي روزن کان پوءِ ٿئي ٿي، ان ڪري اِن جي خوشي زياده ٿيندي آهي.

رمضان جي مهيني ۾ تزڪيهٔ نفس ان لاءِ ڪيو ويجي ٿو ته انسان پنهنجي غصي تي ضبط ۽ ڪينه پروريءَ کان پرهيز ڪري، ڪنهن جي برائيءَ جو نه سوچي ۽ انسان کي الاهي پرتوو سمجهي، هن جي عزت نفس جو احترام ڪري. اسان جي سنڌ ۾ مهمان نوازيءَ جي روايت رهي آهي. گهر ۾ آئي جو آدرڀاءُ ڪندا آهيون ۽ جيڪي هڪيو تڪيو هوندو آهي، اُهو هن جي اڳيان سڪ سان پيش ڪندا آهيون. اهو اسان تقسيم وقت نه ڪيو جنهن وقت قافلا ڦُرجي لُٽجي، سڀ ڪجهه وڃائي، ڪراچيءَ جي ريلوي اسٽيشن تي لٿا ها. پاڪستان ۾ فقط اسان سنڌي هياسين. جنهن اُنهيءَ دکي انسانيت جو خيال رکيو توڙي اسان جو مذهب کان سوا ٻيو ڪوئي ثقافتي ناتو نه هو. جي اسان سنڌ اسيمبليءَ ۾ پاڪستان لاءِ پهريون ٺهراءُ بحال نه ڪيون ها ته ممڪن آهي ته پاڪستان ئي نه ٿئي ها. اهو اخوت ۽ محبت جو جذبو ڪيڏانهن ويو؟ اهو سوچي مان مولانا ابوالڪلام آزاد جي 'اُم الڪتاب' سوره فاتحه جي تفصير، جو اقتباس هيٺ ڏيان ٿو:

"هو چوي ٿو ته جي توکي انهيءَ ڳالهه کان انڪار نه آهي ته هستيءَ جي تمام ڪارخاني جو خالق هڪ ئي آهي ۽ هن جي پروردگاري هڪ طرح هر مخلوق جي پرورش ڪري ٿي، پوءِ توکي ان ڳالهه کان ڇو انڪار ٿئي ته هُن جي روحاني سچائيءَ جو قانون به هڪ آهي ۽ هڪ ئي طرح نوع انساني کي ڏنو ويو آهي؟ هو چئي ٿو اوهان سڀني جو پروردگار هڪ آهي، اوهان سڀ هڪ ئي خدا جي نانوَ وٺڻ وارا آهيو. اوهان سڀني جي رهنمائن اوهان کي هڪ راه ڏيکاري آهي. پوءِ هيءَ ڪهڙي گمراهيءَ جي انتها آهي ۽ عقل جو موت آهي جو رشتو هڪ آهي، مقصد هڪ آهه تي، راهه هڪ آهي، پر هر گروهه ٻئي گروهه جو دشمن آهي ۽ هر انسان ٻي انسان سان نفرت ڪري ٿو ۽ هيءَ ساري جنگ ۽ جهيڙو ڪنهن جي نانوَ تي ڪيو ويجي ٿو؟ اُنهيءَ خدا جي نانوَ تي ۽ اُنهيءَ خدا

جي دين جي نانءَ تي جن سيني کي هڪ چائنٽ تي جهڪايو آهي ۽ سيني کي اخوت جي هڪ رشتي ۾ جڪڙيو آهي.“

مولانا جي سياست سان ته اسانجو اتفاق ڪونه هو پر ان ڪان نه اڳ ڪنهن کي انڪار هيو ۽ نه هاڻي آهي ته هو هڪ وڏو عالمِ دين هو.

هو هڪ هنڌ چوي ٿو ته: ”قرآن ۾ جاءِ جاءِ تي ان حقيقت کي واضع ڪيو ويو آهي ته خدا ۽ هن جي بندن جو رشتو محبت جو رشتو آهي ۽ سچي عبوديت اُنهيءَ جي عبوديت آهي جنهن جو معبود صرف معبود نه آهي، محبوب به آهي.“

وڏيڪ چوي ٿو ”ليڪن بندي لاءِ خدا جي محبت جي عملي راهه ڪهڙي آهي؟ هو چوي ٿو ته خدا جي محبت راهه هن جي بندن جي محبت مان گذري ٿي. جو انسان چاهي ٿو ته هو خدا سان محبت ڪري ته هو خدا جي بندن سان محبت ڪرڻ سڪي.“

اسان ’اسلام‘ ’اسلام‘ ته گهڻو چئون ٿا، ڇا اسان اهو هيئين سان هنڊايو آهي ته خدا سان محبت، خدا جي بندن سان محبت آهي ۽ اُها محبت، ڀائيچاري، نيت، انصاف ۽ ٻي جي حق کي تسليم ڪرڻ ۾ آهي ۽ غاصب خدا جي محبت جو تصور به ڪري نه ٿو سگهي؟ بهتر آهي ته اڄ عيدالفطر تي اسان پنهنجي اندر ۾ جهاتي پائي ڏسون ۽ اهو ويچاريون ته اخوت جو جذبو انصاف جي احترام کان سواءِ ممڪن نه آهي ۽ انصاف جو احترام ڪنهنجي ڪيل نيڪيءَ کي وساري نه ٿو ڪري سگهجي.

علامه اقبال ’پيامِ مشرق‘ ۾ هلالِ عيد تي لکيو آهي:

توان زچشم شوق رمید اے ہلالِ عید
از صد نگہ برائے تو دامی نہادہ اند
بر خود نظر کشا، ز تہی دامنی مرنج
در سینۂ تو ماہ تمامی نہادہ اند.

(ترجمو: اي عيد جا چنڊ! شوق جي اکين کان ڀڄي نه ٿو سگهجي، سَون نگاهَن تو لاءِ ڄار وڇايا آهن.....................

پاڻ تي نظر وجهه، ۽ پنهنجو دامن خالي ڏسي ڏک نه ڪر!
تنهنجي سيني ۾ چوڏس جو چنڊ رکيو اٿائون.)

اُردوءَ ۾ علامه اقبال ”نئين نسل“ کي پيغام ۾ چيو آهي:

خدا اگر دلِ فطرت شناس دے تجھ کو
سکوتِ لالہ و گُل سے کلام پیدا کر

(ترجمو: خدا جيڪڏهن توکي هڪ فطرت شناس دل ڏي، ته لاله ۽ گل جي

خاموشيءَ سان ٻالهائي ڏس!)

اهو لالا و گل جي خاموشيءَ سان هڪ فطرت شناس دل جي ڪلام ڪان وڌيڪ امن جو پيغام ٿي نہ ٿو سگهي. هي ساري هنگامہ آرائي، لُڙ بڪيڙو وٺ پڪڙ بي معنيٰ آهي. ڇا هڪ فطرت شناس دل لالہ و گل سان ڪلام ڪري سگهي ٿي پر پاڙيسريءَ سان گفت و شنيد ڪري نہ ٿي سگهي ۽ دنيا ۾ ڪهڙو مسئلو آهي جو افهام ۽ تفهيم سان حل نہ ٿو ٿي سگهي، پر شايد اڄ ڪلھہ دليون فطرت شناس نہ شامت شناس وڃي رهيون آهن!

*(14 مارچ 1994ع)*

# عورتون ۽ اسان وٽ ۽ ٻاهر

محترمہ بينظير پنهنجي بيان ۾ چيو آهي تہ: "عورتن سان غير انساني سلوڪ کي برداشت نہ ڪبو." هن انسانيت جي احترام جو عهد ڪيو ۽ وڌيڪ چيو: "عورتن خلاف جبر ۽ تشدد تي قانون جي گرفت سخت ڪئي ويندي" آمريڪا ۽ يورپ ۾ تہ عورت پنهنجي آزادي حاصل ڪري چُڪي آهي ۽ مرد سان ڪُلهو ڪلهي ۾ ملائي وڌي رهي آهي. مون لينن گراڊ ۾ پنهنجي گائيڊ لينا کان پڇيو هو تہ "هتي ڪيترا فيصد عورتون ملازمت ۾ آهيو؟"

هن جواب ڏنو هو "چاليهہ فيصد". پوءِ کلي چيو هئائين. "ترس اُهو ڏينهن جلد ايندو جڏهن اسان سرڪاري ملازمت ۾ اڪثريت سان هونديون سين ۽ مرد کي ڪمتر سمجهي، فرق ڪنديون سين." ان لاءِ هُن Discriminate لفظ ڪم آندو هو.

پر روس هاڻي ڊانوان ڊول ٿي ويو آهي ۽ اُتان جي معاشري جو مون کي پورو اندازو نہ آهي. ان ڪري مان انگلنڊ جي عورت جي حالت جو ذڪر ٿو ڪيان. جو تہ ويهين صديءَ جي شروعات ۾ انگلنڊ جون عورتون سڀ ميم صاحبون نہ هيون ۽ اڪثر جي حالت ابتر هئي. حدود آرڊيننس جي نفاذ کان سواءِ، اسان عورت جي تحفظ لاءِ اُهو قانون ڏنو آهي جو پينل ڪوڊ ۾ آهي جو اسان لاءِ لارڊ مئڪالي ٺاهيو هو ۽ اجا تائين هند پاڪ ۾ ان قانون ۾ ٿوري ردوبدل ڪئي وئي آهي. اُن ۾ اغوا ۽ زنا بالجبر لاءِ سخت سزائون آهن، پر حدود آرڊيننس اُتلو عورت لاءِ وڌو پنجوڙ ٿي پيو آهي. عورت لاءِ احترام اسان جي معاشري ۾ عدم پيدا آهي، اجا تائين ڪاري ڪاريءَ جو رواج آهي، اجا تائين هُن تي مرد جو ظلم ستم روا آهي. هن کي ٻار نپائڻا آهن ۽ بورچيخاني جي سنڀار لهڻي آهي.

ٽي ويءَ جي مشهور اسڪرپٽ رائيٽر محترمہ نورالهديٰ شاهہ جو نہ رڳو ڊرامو 'مارئي' اسان جي معاشري ۾ عورت جي حقيقت پسند عڪاسي آهي، پر ٻيا ڊراما بہ عورتن جي مظلوميت جو دردناڪ داستان آهن. عبدالقادر جوڻيجي جو ڊرامو 'راڻيءَ جي ڪهاڻي' بہ ان ڏس ۾ جس لهڻي. پر مان هتي اُن معاشري جو ذڪر ڪري رهيو آهيان جو روايتي بہ آهي ۽ جنهن ۾ عورتن نہ رڳو آزاد آهي پر مرد جي

برابر سمجھي ٿي وچي يعني مان انگلنڊ جو ذڪر ڪريان ٿو جنهن فلارينس نائيٽنگليل (Florence Nightingale) پيدا ڪئي هئي جنهن کي اُتان جو ٻار ٻار 'بتيءَ واري بيبيءَ' 'Lady of the Lamp' جي نالي سان سڃاڻي ٿو. هن کي سائنيٽيڪو سياءَ ۽ ڪومل اکيون هونديون هيون ۽ ڪلاسيڪي ۽ جديد زبانن تي دسترس جي نالي باوجود هن وڪٽوريا واري دؤر ۾ نرس جو مقدس پيشو اختيار ڪيو هو جنهن ۾ اڄا تائين اسان کي نيچ پڻو نظر ايندو آهي.

اُنهن ڏينهن ۾ اسان جي اسپتالن وانگر ماٺهو لنڊن جي اسپتالن ۾ به مرڻ واسطي داخلا وٺندا هُيا. ان ڳالھ تي ڏکي ٿي، هن لنڊن اسپتالن ۾ ملازمت ڪئي ۽ 56۔1854ع تائين ڪريميا واريءَ جنگ ۾، هوءَ نرسن جي سورهيہ ٽولي سان گڏجي روسي ڪريميا وئي ۽ پنهنجيءَ نگهداشت ۽ شفقت سان ڪيترن ئي سپاهين جو علاج ڪيائين. اُن وقت فلارنس اُنهن ٿورين عورتن مان هئي جن پنهنجيءَ مرضيءَ سان نصب العين جي ڪڍ لڳي پنهنجي زندگيءَ گذاري، هن عورتن جي تحريڪ به شروع ڪئي ۽ معاشري ۾ نرس جي پيشي لاءِ احترام واري جاءِ پيدا ڪئي. هونءَ ته قديم زماني کان انگلينڊ ۾ ڪجھ عظيم عورتون ٿيون آهن، پر اُنهن ڪجھ عورتن مان معاشري ۾ عورت جي مقام جو جائزو وٺي نہ ٿو سگهجي.

ايلزبيٿ پهرين جا 1533ع ۾ جائي هئي، پنهنجو مثال پاڻ هئي. پر اها راڻيءَ جي ڳالھ آهي. جي اسان سترنهين صديءَ جي برٽش عورت جو معاشري ۾ ڪردار ڄاڻڻ چاهيون ته اسان کي شيڪسپيئر جي ڊرامن مان پورو پتو نہ پوندو ڪريسيڊا، ليڊي مئڪبيٿ، جوليٽ۔ شيڪسپيئر عورت جي فطرت ۾ بيوفائي ڏٺي، ليڊي مئڪبيٿ کي حرص هو ۽ آخر ۾ خودڪشي ڪيائين، باقي جوليٽ عورت جي وفاداري جي نمائندگي ڪري ٿي ۽ جنهن شخص سان هوءَ خفيہ شادي ڪري ٿي، اُن سان توڙ نڀائي ٿي. ٻيون عورتون جي شيڪسپيئر جا ڪردار آهن، اُنهن ۾ 'مرچنٽ آف وينس' واري سورمي پورٽيا (Portia) آهي، جنهن ۾ مزاح جو حس، انصاف ۽ فراخدلي آهي، جيتوڻيڪ هوءَ ارادي ۽ عزم وارو ڪردار آهي. 'جيئن توکي وڻي' (As you like it) ۾ روزالن، ڊيوڪ جي ڌيءَ هڪ قوي ۽ مستحڪم ڪردار واري عورت آهي ۽ مرد جي ٻهروپ ۾ هوءَ مرد کان وڌيڪ حاضر دماغي ۽ خوش تدبيري ڏيکاري ٿي. بد مزاج عورت کي مطيع ڪرڻ (Taming of the Shrew) ۾ ڪيٽ (Kate) جو هڪ عورتازاد واريءَ (Feminist)، رُکي، هوڏيءَ ۽ هلان ڪنڌڙ عورت جو ڪردار آهي. هُن کي اهو سيکاريو وڃي ٿو تہ هن جي جياپي جو راز پنهنجي مڙس جي مرضيءَ اڳيان جهڪڻ ۾ آهي. اهي ايڪڙ ٻيڪڙ عورتون معاشري ۾ عورت جي ڪردار جي وضاحت نہ ٿيون ڪن. شاھ لطيف جو سورميون سنڌ جي معاشري جوا ظهار

وڏيڪ ٿيون ڪن ۽ ڪافي صاف نظر اچي ٿو تہ هن جي دور ۾ عورت ڪيتري نہ هيٺي ۽ وهيٺي هئي.

انگلنڊ ۾ ادبي مثال عورت جي تقدير جو آئينو نہ آهي. افرابين (Aphra Bhen) جا 1640ع ۾ ڇاپي هئي، ناول ۽ ڊراما لکندي هئي. انگريزيءَ جي مشهور ناول نگار ورجنينا وولف، جنهن خودڪشيءَ ڪري پنهنجو انت آندو پنهنجي تخليق A room of your own (بلڪل پنهنجو ڪمرو) ۾ اعتراف ڪيو آهي تہ افرابين پهرين انگريز عورت هئي، جنهن جي گذاري جو دارو مدار هن جي تحريڪ تي هو.

ارڙهينءَ صديءَ بہ اُتي عورتون پنهنجي علائقي ۾ زندگي گذارينديون هيون ۽ محفظ يا چئوڪسي ڪرڻ واري ڪان سواءِ ٿوري مفاصلي تي بہ وڃي نہ سگهنديون هيون. پورهيت عورتن لاءِ روزگار جا ذريعا ٿورا ها. ڪيئي تہ دَست ۽ نِڌر عورتون نوڪريون ڪري پيٽ پالينديون هيون.

انهيءَ دؤر صنعتي انقلاب اچي رهيو هو پر اڪثر ماڻهو ڳوٺن ۾ رهندا هئا. انهيءَ ئي دؤر ۾ انقلابي زرعي طريقا ديهاتي زندگيءَ تي پنهنجو دائمي اثر ڇڏي رهيا ها. بادشاهت (Monarchy) جي دؤر ۾ راڻي وڪٽوريا (1819ع کان 1901ع تائين) جڏهن ارڙهين ورهين جي عمر ۾ تخت تي ويٺي تڏهن هن ۽ هُن جي مڙس برٽن کي نيتائتو لاڙو ۽ اخلاقي طرز ڏني. اهو ڪنزرويٽزم (نظم ۽ نسق ۾ تبديليءَ جي مخالفت۔ Conservatism) جو دؤر هو.

اُڻويهينءَ صديءَ ۾ صنعتي انقلاب اچي رهيو هو ۽ جا زندگي عورتن کي ارڙهينءَ صدي ۾ گذارڻي پئي هئي، هڪ يادگيريءَ کان وڌيڪ نہ رهي هئي. پورهيت عورتون ڪارخانن ۽ ڪاٽين ۾ پورهيو ڪرڻ لڳيون هيون. اُهي پيٽ سان هونديون هيون يا اُنهن کي ٻار ڪڇ تي هوندا ها تڏهن بہ اهي پورهيو ڪنديون هيون. پورهئي جي ڪلاڪن ۽ حالتن جي باري ۾ قانون ڪونہ هوندا ها ۽ پورهئي ڪندي کين جي ڏڪ لڳندا ها يا ٻيو جسماني نقصان ٿيندو هو. تہ اُن لاءِ معاوضو ڪونہ هو. جيئن وڌيڪ ماڻهو وچولي طبقي ۾ آيا. ڪيئي عورتون نوڪري ڪرڻ لڳيون. انهن کي ڪاڌو پورو نہ ملندو هو. اُنهن جا گهر پوسلا ۽ روڳائتا هوندا ها جن ۾ نہ پاڻي جا نلڪا هوندا ها ۽ نہ موريون يا ڦٽي ڦوڪاري لاءِ جايون هونديون هيون. اُنهن کي ڄمر روڪ جا ذريعا ڪونہ ها ۽ گهڻو ڪري پيٽ سان هونديون هيون. اُڻويهين صديءَ جي وچ ڌاري برٽن ۾ وچولو طبقو ايترو وڏيو جو اُهو آدم شماريءَ جو پنجون حصو ٿي ويو. وچولي طبقي جي عورتن جو ن زندگيون پورهيت عورتن کان گهٽ ڏکيون هونديون هيون، جي مانيءَ ٽُڪر ۽ گهر ۾ رهڻ بسيري جي بدلي سندن گهريلو ڪم ڪار ڪنديون هُيون.

عورتون اجا مظلوم طبقو هيون. اُنهن جي ساري پونجي شاديءَ کان پوءِ مڙس جي ٿي ويندي هئي. وچولي طبقي جي عورتن جا ٻار نوڪر پاليندا هئا ۽ هو اُنهن سان فقط مانيءَ يا ننڍ مهل ملي سگهنديون هيون. ٻار پيءَ کي ’سَر‘ (Sir) چئي مخاطب ٿيندا ها. ۽ پوءِ سُفرا گيٽ (Suffra gettes)تحريڪ شروع ٿي.اينڊڙ ستر سالن ۾ عورتن جو تبديليءَ لاءِ دٻاءُ سخت ٿي ويو. 1843ع جي فئڪٽري ائڪٽ ۾ زالن جي ووٽ جي حق (Suffrage) لاءِ ڪميٽي ناهي. پوءِ ڪيئي اهڙيون ڪميٽيون ٿيون ۽ اُنهن جي قومي يونين بہ ٺهي. 1903ع ۾ يونين جي ڪم ۾ سست رفتاري ڏسي زالن جي معاشي ۽ سياسي يونين قائم ڪئي وئي. هائيڊ پارڪ جهڙين جاين جي ڪُنڊ ڪڙڇ ۾ تقريرون ڪيون ويون. اُتي مردن کين ڪچيون گاريون ڏنيون. سُفراگيٽ عورتن پوسٽ جي دٻن کي باهيون ڏنيون. گهرن کي تهس نهس ڪيو ۽ پٿر هٽي توڙ ڦوڙ ڪئي. گرفتاريون ڪيون ويون. زالن جيلن ۾ اُن ڳالهہ تي زور ڏنو تہ اُنهن کي سياسي قيدي سمجهيو وڃي ۽ ان لاءِ بُک هڙتالون ڪيائون. اختياري وارن هنن کي زبردستيءَ کاڌو کارائڻ شروع ڪيو. ان ڳالهہ ڪجهہ سُفرا گيٽ عورتن کي ڏري گهٽ گُهٽي ماريو ۽ ڪن کي فالج ڪري وڌو. تحريڪ جي ڪاميابيءَ مان ڪجهہ بہ نہ ملڻو هو پر هنن ان تحريڪ کي عورتن جي عام مسئلن جي حل طرف هڪ قدم سمجهيو. 1906ع کان 1914ع جي وچ ۾ هزارين عورتون گرفتار ٿيون ۽ هڪ هزار زالن کي جيل ۾ رکيو ويو. سڀ کان اهم واقعو ڊربي ڊي (Derby Day) تي ٿيو جڏهن ايملي ڊڪنسن پاڻ کي بادشاهہ جي گهوڙي جي سُنبن هيٺيان ڦٽي ڪيو.

پهرين جنگِ عظيم ۾ عورتون مردن سان گڏ فوج ۾ شامل ٿيون. جڏهن سُفراگيٽ عورتون ڪافي بااثر ٿيون تڏهن انهن کي پريس ۾ بدنام ڪيو ويو. 1868ع کان 1941ع تائين پارليامينٽ ۾ اناويهہ بِل آندا ويا تہ عورتن کي حق ڏنا وڃن. آخر 1918ع ۾ عوام جي نمائندگي جو ائڪٽ (Representation of the people's act) ۾ ٽيهن ورهين جي عُمر کان مٿي اُنهن عورتن کي ووٽ جو حق ڏنو ويو جن کي مقرر ٿيل حد تائين ملڪيت هئي. ڇاڪاڻ جو عورتن جي ملڪيت شاديءَ کان پوءِ انهن جي مردن جي ملڪيت ٿي پئي وئي، ان ڪري تيرهن ملين عورتن مان رڳو ڇهن ملين عورتن کي ووٽ جو حق مليو. پهرين جنگِ عظيم ۾ ڪيترائي مرد فرانس ڏانهن ويا ها. فئڪٽرين ۽ آفيسن ۾ اُنهن جي جاءِ عورتن پري. پورهيت عورتن کي انجڻين ڀارڻ، ٻڻن تي سرَن پچائڻ، واڍي، لوهار وغيره جا ڪم سپرد ڪيا ويا. جي هَونءَ اُنهن جي جاءِ تي مرد ڪندا ها. انهن لاءِ خاص يونيفارم ٺهرايا جيئن روايتي اسڪرٽ تي هنن جو پير نہ اچي وڃي. وچولي طبقي جون عورتون نرسيون، ڊرائيور ۽ ڪلارڪ ٿيون. اُنهن مان

ڪيترين جنگ ۾ مارجي ويون. ڪيترين جنگ جي باري ۾ رايو بدلايو ۽ زندگيءَ جي عدم تشدد واري نظرئي کي اپنايو. جنگ جي دوران ڪيترين ئي آزاديءَ جي لذت چکي هئي. سرڪار کي بہ مِٺو پيو تہ جنهن وقت مرد ملڪ کان ٻاهر هُيا، عورتن کي مُلڪ هلائڻو تي پيو. ان ڪري 1918ع ۾ هڪ قانون بحال ٿيو جنهن موجب عورتن کي ووٽ جو حق مليو جيتوڻيڪ ان حق جون ڪافي حد بنديون هيون. ٻي سال زالن کي حق ڏنو ويو تہ هو پارليامينٽ ۾ ويهي سگهن ۽ وڪيل، جيورر (Juror) ۽ مئجسٽريٽ ٿي سگهن. 1928ع ۾ زالن کي مردن جهڙا ووٽ حق مليا.

جنگ هلندي نوجوان ڪنوارين عورتن کي پگهار جي ڪمائي ٿي ۽ انهن تي پيءُ جي نظرداري بہ نہ رهي. پرڻيل عورتن کي مڙسن جي پگهار بدلي پينشنون مليون يا هنن پاڻ پورهيو ڪيو.

جنگ کان پوءِ آزاديءَ ۽ خودمختياريءَ جو احساس وري عدم پيدا ٿي ويو. ڪيتريون عورتون بيواهون ٿي ويون هيون. ڇوڪرين کي وري گهريلو نوڪرين ڏانهن موٽي وڃڻو پيو. پورهيت عورت جي زندگيءَ ۾ ڪوئي فرق نہ آيو.

پوري نسل جا آدرش اُنهن جي نوجوانن سان گڏ مري ويا. پهرين جنگ عظيم ۽ ٻي جنگ عظيم جي وچ ۾ مرد پنهنجين نوڪرين تي موٽي آيا ۽ عورتن کي ڇُٽي ڪرائي وئي. پر سياسي طرح، عورتون پنهنجيءَ جنس جي نمائندگي ڪرڻ لڳيون. 1920ع تائين اٺ عورتون پارليامينٽ جون ميمبر هُيون. انهيءَ وقت تائين سورنهن قانون بحال ڪيا ويا جنهن ۾ عورتن جي فلاح ۽ بهبود لاءِ فقرا هيا.

ڪجهہ ڄمر- روڪ لاءِ اسپتالون بہ کوليون ويون ۽ ڄمر- روڪ لاءِ ذريعا (Contraceptive) بہ ڪم آندا ويا. ڪئٿولڪ چرچ ۽ ڪيترن ڊاڪٽرن جي مخالفت جي باوجود 1938ع ۾ سورنهين ورهين جي ڇوڪريءَ کي، جنهن سان زنا باالجبر ڪئي وئي هئي، اسقاطِ حمل جي اجازت ڏني وئي.

1940ع ۾ ٻي جنگ عَظيم عورتن جي زندگين ۾ انقلاب آڻي ڇڏيو. ڪيئيَ ڪُنواريون ڇوڪريون ۽ پرڻيل ڇوڪريون نوڪرين ۾ جُنبي ويون. اڪيليون نوجوان عورتون فوج ۾ شامل ٿيون. انهن ائمبولنسون هلايون، ائنٽي ايئرڪرافٽ توپن تي ڪم ڪيو، جهازن جي ويلڊنگ ڪئي ۽ توپن ۾ گولا ڀريا. ٻہ ملين عورتون فوج ۾ هيون.

گهرن ۾ عورتون پاڻ ٻلَ ڀرنديون هيون، کاڌي جي قلت کي منهن ڏينديون هيون ۽ ٻارڙن کي بم-بچاءَ اڏن ۾ ننڊ ڪرائينديون هيون ڇو تہ جيئن بمباري وڌي، ڪيئي گهر ناس ٿي ويا.

1945ع ۾ وري ٻہ ملين عورتون گهر موٽيون پر دنيا ساڳي نہ رهي هئي.

ڪيئي عورتون پارليامينٽ لاءِ اُميدوار بيٺيون. اهي زياده تر وچولي وهيءَ ۽ وچولي طبقي جون پيشه ور عورتون هيون جي ٽريڊ يونين يا لوڪل گورنمينٽ جي ذريعي ڪٿي آيون هيون. ايڊٿ سمر سڪل وزيرِ خوراڪ چُونڊي وئي. 1950ع ۾ 18 في صد عورتن کي نوڪري هئي.

1950ع ۾ اقتصادي ڏنا ڏن (Boom) شروع ٿي ۽ فلاحي مملڪت وجود ۾ آئي. عورتن پئسي ڪمائڻ لاءِ نوڪريون ڪيون ۽ نوان گهر، نئون سامان عمدو فرنيچر ۽ موٽرون ورتائون صارفيت (Consumerism) وجود ۾ اچي چُڪي هئي. عورتن ۾ تعليم عام ٿي، شاديءَ جي رسم و رواج ۾ فرق آيو. لباس بدلجي ويو. 1960 ع ۾ مني اسڪرٽ (miniskirt) شروع ٿي وئي، وار لسا رکيا ويا، رنگارنگ تنگ پتلون (Tights) پاتيون ويون ۽ گهاٽو ميڪ_اپ ڪيو ويو. لنڊن دنيا جي فئشن ۾ اڳرو نظر آيو.

1958ع ۾عورت کي Peerage ڏني وئي. 1964ع ۾ طلاق جو قانون Divorce Act ۾ اها ڳالهه شامل ڪئي وئي ته طلاق ورتل عورت پنهنجي اڌ ڪمائي رکي سگهي ٿي، 1970 ع ۾ هڪ جيتري پگهار وارو قانون (Equal Wage Act) پاس ڪيو ويو جنهن موجب عورت ۽ مرد کي هڪ جيتري پگهار ملٽي آهي.

1970ع ۾ پرٽيل زالن تي تشدد جي خلاف قانون بحال ڪيو ويو ۽ پوليس کي گهريلو تشدد روڪڻ جا اختيار ڏنا ويا. انگلينڊ ۾ هاٽي عورتون نوڪريون، گهريلو ڪم ڪار ۽ رڌ پچاءُ به ڪرڻ لڳيون ۽ خوبصورت به رهڻ لڳيون. اُنهن مان ڪيئي بئنڪر، وڪيل، استاد، ريسرچ سائنس دان ۽ چارٽر اڪائونٽنٽ ٿيون. هنن سائنس، علاج معالجي، آرٽ ۽ فن تعمير، مصوريءَ، موسيقيءَ، آپيرائن، رانديں ۽ ٻين ڪيترن ئي زندگيءَ جي شعبن ۾ نالو پيدا ڪيو. اپريل 1992ع ۾ بيٽي بوٿرائڊ هائوس آف ڪامنس جي پهرين اسپيڪر چونڊي وئي.

مان به پيرا انگلينڊ مان ٿي آيو آهيان ۽ چڱيءَ طرح جمهوريت جي نعمتن کي ڄاڻان ٿو. 1947ع ۾ انگريز جيڪو قانون اسان وٽ ڇڏي ويا تنهن سان بار بار اسان جا نالائق آمر هٿ چُراند ڪندا رهيا ۽ دقيانوسي ملان ڪان جان ڇڏائڻ لاءِ ۽ پنهنجي ذاتي مقصد ۽ اقتدار کي بحال رکڻ لاءِ استعمال ڪندا رهيا.

اڄ سنڌ سوڌو پاڪستان ۾ وچولي طبقي جون عورتون ڪافي سجاڳ آهن ۽ اُنهن مان ڪيتريون نوڪرين يا ڌنڌن ۾ آهن. عمومي طرح، عورت شهري يا ٻهراڙيءَ جي، گهڻو ڪري مظلوم آهي ۽ اُن لاءِ نه رڳو قانون ۾ ترميم ضروري آهي پر موجوده قانون ۾ عورت کي تحفظ ڏيڻ لاءِ وڌيڪ سخت گيري ضروري آهي، جنهنجو محترمه بينظير واعدو ڪيو آهي. هن جاگيرداري سماج جي مڪمل

خاتمي لاءِ عورت جي آزاديءَ ۽ برابري ضروري آهي. اهڙي آزادي ۽ برابري ڏيڻ لاءِ اسان جي مرڪزي اسيمبليءَ کي ڪنهن به مُلان يا مفتيءَ جي پرواهه نه ڪرڻ گهرجي. جن کي عوام اليڪشن ۾ بنهه مُسترد ڪري چُڪا آهن. حڪومت پنهنجا پير کُپائي، اڪويهينءَ صديءَ جي آجيان ڪري ۽ سارا رجعت پرست قانون، خصوصاً حدود آرڊيننس منسوخ ڪري، اسان کي مهذب دنيا جو حصو بڻائي. آخر اهو آرڊيننس انهيءَ منحوس دؤر جو يادگار آهي، جنهن کي اسان وسارڻ چاهيون ٿا. دنيا اڳتي کان اڳتي پئي وڃي. اسان آهيون جو پٺتي کان پٺتي وڃي رهيا آهيون. اسان جون عورتون به ايتري آزادي حاصل ڪري سگهن ٿيون، جيتري ٻاهر جي عورتن ڪئي آهي. علامه اقبال ڪهڙو نه چڱو چيو آهي:

سلطانیٔ جمہور کا آیا ہے زمانہ
جو نقش کہن تم کو نظر آئے، مٹا دو

(ترجمو: جمهور جي سلطانيءَ جو زمانو آيو آهي.
اوهان کي جيڪو به پُراڻو نقش نظر اچي، اُن کي مٽائي ڇڏيو.)

*(17 مارچ 1994ع)*

# اسان جي ذهني ڪيفيت

سنڌي، پنجابي اُردو، هندي، فارسي، عربي ۽ انگريزي ٻولي انهيءَ ڪيفيت جي اظهار ڪان قاصر آهي. مان انهن ٻولين جا لفظ اڪثر استعمال ڪندو آهيان پر ڪنهن ڪنهن وقت مونکي ٻيءَ ٻوليءَ مان ٽُڙ لفظ ونڍو پوندو آهي. اڄوڪي 'ذهني ڪيفيت' کي مان جرمن ٻوليءَ جي لفظ Angst سان اظهاري سگهان ٿو. ان لفظ جي معنيٰ نه ذهني اذيت، نه پيڙا ۽ نه انگريزي لفظ anguish واري آهي. اُن لفظ ۾ اها ساري معنيٰ به سمايل آهي پر ان ڪان ڪجهه وڌيڪ به آهي ۽ ان جو پورو مفهوم جرمن قوم ئي سمجهي سگهندي آهي ۽ ان ڪري آنءَ Angst لفظ کي جرمن پيڙا چوندو آهيان. جو ته مان جرمنيءَ ۾ ته نه آهيان، پر نازي جرمني، هٽلر، هملر، گوئرنگ، گوئبلز، بورمئن وغيره جي باري ۾ ايترا ڪتاب پڙهيا اٿم جو گوئٽي انسٽيٽيوٽ جي ڊائريڪٽر، جا منهنجي دوست ٿي وئي آهي، منهنجو جرمنيءَ جو مطالعو ڏسي حيران ٿي وئي، جڏهن مون هن کي چيو ته جرمني جي ناول نگارن، شاعرن ۽ انقلابين جي باري ۾ ويهارو ڪتابن جون فوٽو اسٽيٽ ڪاپيون ڪيدائي ڏي، جي هن مون کي، منهنجي خرچ تي ڪيدائي ڏنيون.

ڪجهه سال اڳ مون هٽلر جي وزير اسلحه البرٽ اسپيئر جو ڪتاب 'Inside the third Reich' (ٽين رائيش جي اندر) پڙهيو هو جو هن نيورمبرگ جي قيد ۾ لکيو هو جتي هن کي بين الاقوامي عدالت سزا ڏني هئي. مون هيس (Hess) (هٽلر جي وزير خارجه) جي حياتي به پڙهي هئي جو نيورمبرگ جيل ۾ چاليهه سال قيد ڪاٽي رها ٿيو ڪجهه وقت پوءِ گذاري ويو.

انهن ڪان سواءِ مون ڪيترائي جرمن اديب، ناول نگار، فلسفي ۽ انقلابي پڙهيا جن نه رڳو جرمنيءَ جي پر ساري مغرب ۽ مشرق جي ذهن تي پائينده اثر ڇڏيو آهي ۽ اُنهن ۾ گوئٽي، فشتي، هيگل ۽ لڊونگ، فيورباخ، نتشي، ڪارل مارڪس، روزا لڪسمبرگ، هيڊگر ۽ ٻيا ڪيئي دانشور آهن. مرحوم اي- ڪي بروهيءَ سان جرمن فلسفيءَ مارٽن هيڊگر جي فلسفي تي منهنجو ڪافي بحث ٿيندو هو جو 'وجوديت' جي فلسفي ۾ سارتر جو پيشرو هيو ۽ هن ڪان اڳ ۾ وجوديت جو ذڪر رڳو دوستو وسڪيءَ وغيره جي ناولن ۾ ٿيندو هو. هيڊگر ئي 1927ع ۾ فلسفي جون پهريون ڪتاب "Existence and Being" لکيو

جنهن جو انگريزي ٻوليءَ ۾ ترجمو 1949ع ڌاري ٿيو ۽ جو مون ڏهاڪو سال پوءِ پڙهيو. انهيءَ ۾ Angst تي هڪ فلسفيءَ جي نڪته نگاهه هئي. دراصل Angst کي مئڪس بيربوم (Max Beer Bohm) جي هڪ ڪارٽون ۾ چڱي طرح اظهاريو ويو آهي، جنهن ۾ ڏيکاريل آهي ته اڻويهينءَ صديءَ جو ماڻهو اطمينان سان مستقبل ڏانهن ڏسي رهيو آهي، جنهن ۾ هن جي قدوقامت وڌندي تي وڃي ۽ ويهين صديءَ جو انسان پوٺ پرين وانگر ايترو پتڪڙو ٿي وڃي ٿو جو نيٺ هو سوال جو نشان بڻجي وڃي ٿو. ويهين صديءَ جو انسان نه فقط انهيءَ ڪارٽون ۾ پر حقيقت ۾ به انهيءَ Angst ۾ مبتلا رهيو.

اُن تشويش ۾ جنهن کي آفاقي ڪيفيت هئي ۽ جنهن جي پس منظر ۾ جرم، گناهه ۽ شرمندگيءَ جو احساس هو. اهي روحاني اگهائيءَ جون علامتون آهن جي رڳو اعصابي مريضن يا دکي ماڻهن جون نه آهن. ڪنهن نه ڪنهن ريت اُهي سيني ۾ آهن. اهو اجتماعي مرض آهي، جو جديد انسان کي انتظار جي ڪيفيت ڏنو آهي، جنهن ۾ چنتا، اُلڪو اوني، ڳڻتي ۽ انديشو آهي. ڊارون اهو سيڪاريو ته انسان باندر جي اولاد آهي ۽ اُن مان ازخود ارتقا ڪري پنهنجيءَ هاڻوڪي حالت تي پهتو آهي. فرائڊ سيڪاريو ته مذهب احساس گناهه مان پيدا ٿيو آهي، جنهن کي اوڊيپس ڪامپليڪس (Oedipus Complex) جنم ڏنو آهي ۽ انسان جي عمل جي تهه ۾ هُن جي جنسي خواهش آهي.

مشهور ماهر نفسيات ڄُنگ پنهنجي ڪتاب 'جديد انسان روح جي تلاش ۾' (Modern man in search of soul) ۾ چيو آهي ته اهڙين نظرين انهيءَ پليٽ فارم کي ئي ڊاهي ڍير ڪري وڌو جو انسان جي ويساهه جو پِرجَهلو هو. سائنس دانن انسان ۾ انهيءَ اعتبار کي لوڏي وڌو ته هو اشرف المخلوقات آهي. بقول ڄُنگ، انسان کي خدا جي شديد تلاش آهي. هو اهڙي ڪائنات کي بي يقينيءَ سان ڏسي رهيو آهي، جنهن جي بي پناهه وسعت هن کي وائڙو ڪري وڌو آهي.

انهيءَ Angst جو اظهار اسانجي آرٽ ۽ ادب ۾ ٿيو آهي. ان ۾ ڪافي وضاحت سان ڏيکاريل آهي ته صدين جي سوچ ڊانوان ڊول ٿي وئي آهي. جرمنيءَ ۾ خاردار لوڙها انهي جرم جو اظهار ها، جن جو ارتڪاب جديد انسان ڪيو هو. بيلسن (Belson) ۽ ڊاچو (Dachau)، بُڪن والڊ (Buchen wald) ۽ آوَش وتز (Auschwitz) جا جرمنيءَ ۾ ڪوس گهر انهيءَ ذهني افراتفريءَ جي نشاندهي ڪري رهيا ها جنهن انسان ۾ Angst جي ڪيفيت پيدا ڪئي آهي، انساني کل مان بجليءَ جي بتين جا ڍَڪَ (Lamp shahdes) ۽ انساني چربيءَ مان صابڻ ناهيو ويو. اجتماعي قبرون ۽ خاردار لوڙها ماڻهوءَ جي بربريت جي بدترين نشاني ها. اُن کان پوءِ ناگاساڪيءَ ۽ هيروشيما تي ائٽم بم هنيو ويو ۽ آخر ۾ اڪيچار

هئڊروجن بم ٺاهيا ويا. هاڻي وري يورپ ۾ ساڳي ڪيفيت اُڀري رهي آهي.

ويجهو مون هڪ ڪتاب "يورپ ۾ نئين فاشزم" (New Fascism in Europe) پڙهيو جو 1991ع ۾ ڇپيو آهي، اُن ۾ نہ رڳو جرمنيءَ جي فيڊرل ريپلبڪ ۾ نئين نازي ازم (New Nazi_ism) جو اُڀار آهي، پر ساڄي ڌر جون شدت پسند ڪارروايون وڌي ويون آهن. نوان نازي ڪلمر ڪُلا اڳينءَ قومي سوشلسٽ جرمن ورڪرس پارٽيءَ جي نظرئي ۽ پروگرام جي حمايت ڪن ٿا ۽ ويڙهاڪ (Militant) ناري ازم اُڀري آئي آهي، جنهن ۾ شامل ماڻهن جو تعداد ايترو گهڻو تہ نہ آهي پر ان جي ڦهلاءَ جو ڪافي خطرو آهي ۽ وري يهودي ڪُش جذبا اُڀري رهيا آهن ۽ آمريت لاءِ پرچار ٿي رهيو آهي. هئمبرگ جي نيو نازي پارٽيءَ هڪ ست صفحا اشتهار ڪڍيو هو جنهن ۾ هيٺيان لفظ بہ ها:

"جڏهن سيئي جرمن پنهنجي عزت نفس وڃائي ويٺا آهن ۽ اُنهن جي وفاداري هڪ اجنبي لفظ ٿي چڪي آهي، اسان کي خاص طور بہ خوبيون برقرار رکڻ گهرجن. اسان جي عزتِ نفس جي اها تقاضا آهي تہ جرمن ۽ قوم پرست جنگ جوتيون ۽ اهڙين خوبين جي حمايت ڪريون. اسان جي وفاداريءَ جي تقاضا اها آهي تہ اسان پنهنجي پارٽيءَ ۽ پنهنجن ڪامريڊن لاءِ اُهو سڀ ڪجهہ ڪيون جو اسان جي وس ۾ آهي."

جرمنيءَ ۾ 'عام تباهي' (Holocaust) کان بہ انڪار ڪيو ويجي ٿو ان کي يهودي پروپئگنڊا سان منسوب ڪيو ويجي ٿو ۽ جرمنيءَ خلاف ساري دستاويزي ثابتيءَ کي جعلي سمجهيو ويجي ٿو.

اسپين ۽ پورچوگال ۾ بہ شدت پسند ساڄي ڌر جا اُهجاڻ ملن ٿا. پورچگال ۾ تہ اها ڌر ڪافي زور آهي جديد يونان ۾ بہ اُن جو ڪافي اثر رسوخ آهي. خانہ جنگيءَ کان پوءِ اُتي 1948ع کان 1974ع تائين فوجي آمريت رهي، جنهن دوران مشهور صحافي اريانا فلاچيءَ جو محبوب شاعر ماريو ويو جنهن تي هن پنهنجو جڳ مشهور ناول 'The man' لکيو آهي. محبت ۽ سياست جي اهڙي خوبصورت آميزش مون شايد ڪنهن ناول ۾ ڏٺي آهي.

فرانس ۾ بہ شدت پسند ساڄي ڌر جا اؤتار اُڀري رهيا آهن. ساڄي ڌر اليڪشن ۾ تہ ٿوريون نشستون کنيون آهن پر قومي ۽ بين الاقوامي سببن ڪري اٽليءَ ۾ نيو فاشزم اُڀري رهي آهي. ايم. ايس. آءِ (Movement Social Italiano) وري اُڀري رهي آهي. مون اُن جا پوسٽر ڏٺا آهن جن کي انسان دشمن ۽ فاشسٽ پسند لاڙو آهي. انهن ۾ تشدد پسندي بہ ظاهر ظهور آهي ۽ هو مسولنيءَ کي وري جياري رهيا آهن. ڪنهن اطالوي ڇپيو آهي:

"آزادي قانون جي تحت ملي سگهي ٿي، قانون جو اعليٰ ترين ارادو ناهي ٿو.

اهو منهنجو ڪم هو. مون اُن کي پورو ڪيو. قانون جي تحت، مان فقط پاڻ کي مجان ٿو.“ اها آهي فاشست ذهينت جا مون ڪراچيءَ ۾ ڏٺي آهي ۽ جنهن تي مان پوءِ اچان ٿو.

لنڊن جهڙي جمهوريت پسند شهر ۾ نسل پرستي (Racism) پنهنجي چوٽ تي آهي. جڏهن اڳئين ڀيري مان لنڊن ويو هوس ته منهنجا ڪجهه دوست مونکي ويسٽ اينڊ (West End) ۾ ڪارنيوال ڏيکارڻ ويا. اجا اسان اُتي پهتاسون ته گورا اسان کي ورائي ويا. چڱو جو منهنجي دوست، ڪار جا شيشا چاڙهي، ڪار اندران لاڪ ڪري ڇڏي. هو اسان کي نونشا ڏيکاري هليا ويا. هنن جا اڳينءَ نارمن قوم وانگر مٿا ننڙها ها. جن جي وچ تي وارن جو پٽو هو. لنڊن ۾ اُنهن کي Skinheads تي چيائون.

هاڻي مان اچان ٿو ڪراچيءَ جي فاشزم ۽ اُن جي پيدا ڪيل Angst واريءَ ڪيفيت تي. ائين برابر آهي ته اهڙي ڪيفيت بال ٺاڪري ۽ آڏواڻيءَ به هندستان ۾ پيدا ڪئي. رام جنم ڀومي- بابري مسجد، رشي ڪيش جو مندر ۽ ٻيا مندر انهيءَ ٽنٽي جي نشاني آهي، جنهن اُتان جي مسلمان عوام ۾ اُها ڪيفيت پيدا ڪئي آهي. هند سرڪار اُها ڪيفيت ڪشمير ۾ پيدا ڪئي آهي، جنهن جي مذمت اسان جي حڪومت بار بار ڪري چڪي اهي، پر ڇا اسان انهيءَ ڪيفيت سان دوچار نه آهيون؟

ڇا ’آدها تمهارا، آدها همارا‘ جو نعرو اها ڪيفيت پيدا ڪري نه رهيو آهي؟ سنڌ جي تقسيم جو نقشو ڏسي هڪ پراڻي سنڌيءَ جي دل تي ڇا گُذرندو هوندو؟ ڇا مهاجر فرزندِ زمين ڪڏهن به نه ٿيندو ۽ هو مهاجر پرديش جا خواب ڏسندو رهندو جنهن ۾ هو هندستان ۾ هڪ هزار سال ڪيل حڪومت موٽائي سگهندو؟ هن جي ٽوٽي مير، سيد احمد بريلوي ۽ شاهه اسماعيل شهيد جي ڏٺل خوابِ پريشان مان جان ڪڏهن ڇٽندي؟ ڇا هند جي تقسيم کان پوءِ اسان هُن کي پناهه ان لاءِ ڏني هئي ته هو سنڌ کي به تقسيم ڪري؟ ڇا هو ڏينهون پوءِ اسان جي Angst ۾ واڌارو ڪندو رهندو؟ پنجاب جي مهاجر ته پنجاب جي تقسيم جي گهر نه ڪئي آهي!

هڪ ڀيري مان رائيٽرس گلڊ جي اجلاس ۾ ڍاڪا ويو هوس. منهنجو مرحوم دوست طفيل احمد جمالي به ٻين سان گڏ هو. اسان ڪنهن جاءِ وٽان لنگهياسين، جنهن جي ڀرسان وڻ تي هڪ ڪانءُ ’ڪان ڪان‘ ڪري رهيو هو. جمالي، اردوءَ ۾ برجسته فقرو ڪسيو ”ڪانءُ بنگاليءَ ۾ ڳالهائي رهيو آهي.“ اردوءَ ۾ فقرو تير وانگر ڪسيندا آهن ۽ پوءِ مون ڏٺو ته جڏهن پاڪستان رائيٽرس گلڊ جو سيڪريٽري جنرل ۽ جنرل ايوب خان جو سيڪريٽري مرحوم قدرت الله شهاب

*برسات ۾ ڇپيل ايڊيٽوريل*

اُردوءَ ۾ تقرير ڪرڻ لاءِ اُٿيو تہ ڪانفرنس هال ۾ هڪ بنگالي اُٿي بيٺو ۽ شهاب کي چيائين "انگريزيءَ ۾ ڳالهاءِ تہ اسان بہ سمجهون! جي تون اردوءَ ۾ ڳالهائيندين تہ اسان بنگاليءَ ۾ ڳالهائينداسين. جنهن جو توکي هڪ اکر بہ سمجهہ ۾ نہ ايندو." هن کي هال مان ڌڪي ٻاهر ڪڍيو ويو ۽ ڪجهہ سال پوءِ هر پاڪستانيءَ کي بنگلاديش مان ڌڪي ٻاهر ڪڍيو ويو.

اُن جو سارو ڪارڻ Angst جي ڪيفيت هئي جا اُن وقت اوڀر پاڪستان تي ڇانيل هئي؟ ڇا سنڌ ۾ فساد، بي معنيٰ نفرت، خونريزي، اسلام جي نالي ۾ سنڌ جي تاريخ ۽ ثقافت کان حقارت، سنڌ جي جاگرافيءَ ۾ بيجا مداخلت، اسان ۾ ساڳي Angst واري ڪيفيت پيدا نہ ڪري رهي آهي؟ ڇا اسلامي اخوت نالي ڪا شيءِ ناهي؟ اسان جو نہ رڳو مذهب ۽ خدا هڪ آهي پر رسم الخط بہ هڪ آهي. هي علحدگي پسنديءَ جا علي الاعلان نعرا ڪنهن قانون جي گرفت ۾ اچن يا نہ، پر اهي ٻنهي پاسي هڪ خطرناڪ Angst جي ڪيفيت پيدا ڪري رهيا آهن، جنهن ۾ هر شخص اُن جي عذاب ۾ مبتلا آهي. ڇا امير خسرو جي بہ اها ڪيفيت هئي، جڏهن چيو هئائين.

'خسروؔ' زتشگی بہ بیابانِ ہجر سوخت
ای آب زندگی تو بجوے کہ مے روی؟

(ترجمو: خسرو کي تہ هجر جي بيابان ۾ اُڃ ٿڪائي وڌو آهي.
اي زندگي وارا جَر جا پاڻي تون ڪهڙي نهر ۾ وهي رهيو آهين؟)

ڇا اردوءَ ۽ سنڌي جا دانشور ان مسئلي کي گڏجي حل نہ ڪري سگهندا؟ سياستدان تہ اجا ڪامياب نہ ٿيا آهن.

*(18 مارچ 1994ع)*

# اسانجو روحاني ورثو

حضرت خواجہ معين الدين چشتي اجميري، شيخ العالم بابا فريد گنج شڪر، سلطان المشايخ خواجہ نظام الدين اوليا، سهروردي سلسلو شيخ بهاءالدين ذڪريا ملتاني، شيخ رڪن الدين ذڪريا ملتاني، مخدوم جهانيان جهان گشت سهروردي، شيخ جلال الدين تبريزي سهروردي، حضرت نور قطب عالم چشتي، شاهہ جلال الدين تبريزي سُهروردي، طبلِ عالم حضرت نطهر ولي (ترچنا پولي)، حضرت سيد گيسو دراز ان ڪان سواءِ ڪشمير، مغربي پنجاب، دکن، گجرات، اسماعيلي جماعتون ۽ انهن جا مبلغ ۽ سنڌ جا عظيم شاعر ۽ اولياءَ ڪرام آهن. انهن سڀني جو پيغام اخوت ۽ محبت جو هو. ورهاڱي کانپوءِ انهن مان اسان ڪيئي هند ۾ ڇڏي آيا آهيون پر انهن کي بہ پنهنجو روحاني ورثو سمجهون ٿا ۽ ان انتظار ۾ آهيون تہ ڪڏهن ٿو ڪشمير جو مسئلو خير خوبيءَ سان حل ٿئي ۽ اسان خواجہ معين الدين چشتي اجميري ۽ سلطان المشايخ خواجہ نظام الدين اوليا جي درگاهہ تي زيارت لاءِ وڃي سگهون! اسان وٽ پنجاب ۽ سنڌ ۾ بہ اهڙا عظيم شاعر ٿيا آهن، جي ولي بہ ها ۽ جن کي غالب وانگر چوٽو نہ پيو هو تہ:

يہ مسايلِ تصوف يہ ترا بيان غالب
تجھے ہم ولی سمجھتے جو نہ بادہ خوار ہوتا

انهن جي تصوف جا مسئلا بيان ڪيا آهن. انهن ۾ انسان کي ذات باري جو پرتوو سمجهيو ويو آهي. ان ڳالهہ جو شعور ئي جمهوريت جو صحيح بنياد آهي. انگريزيءَ ۾ ان کي Man is born in the image the Divine (انسان الاهي پرتوو آهي) چيو ويو آهي. جنوبي مغرب جي ڪرسچن ڊيموڪرٽ پارٽين کي انهيءَ روحاني بنياد تي ڊلو ويو هو ۽ اسان بہ پنهنجي جمهوري پارٽين کي اهو فلسفيانہ بنياد ڏئي سگهون ٿا. جي انسان الاهي پرتوو آهي تہ سڀ انسان پيدائشي برابر آهن ۽ ڪوئي بہ ٻي کان وڌيڪ نہ آهي. اسان وٽ هونءَ تہ ڀتائي صوفي شاعرن جو سرموڙ آهي پر لاڙڪاڻي وارو لطف الله قادري، ميون عنايت ۽ شاهہ عبدالڪريم بلڙيءَ وارو هن جا پيش رو ٿيا آهن ۽ سچل سست، بيدل، بيڪس

ٻيا شاعر ٿيا آهن، جن ڀٽائيءَ واري وحدت الوجود جي وائي ڪئي آهي تہ:

**ڪوڙين ڪايائون تنهنجون لکن لک هزار،**
**جيءُ پنهنجي جيءَ سين درسن ڏارئون ڏار،**
**پريم تنهنجا پار، ڪهڙا چئي ڪيئن لکان!**

اسان انهيءَ روحاني فضا ۾ پنهنجي پيدائش کان وٺي ساهہ کنيو آهي، ان جي باري ۾ ڀٽائيءَ ۽ ٻين سنڌي شاعرن جا اکيچار شعر ڏيڻ نہ ٿو چاهيان، جن ۾ روحاني برابريءَ جو پيغام ڏنو ويو آهي. منهنجي لئبرريءَ ۾ هڪ حصو پنجابي ادب جو آهي جنهن ۾ ”*دوهے بابا فريد*“، ’بُلهي شاهہ‘، ’هير ۽ وارث شاهہ‘، خواجہ فريد وغيره جو ڪلام ۽ پنجابي شاعريءَ ۾ نثر تي ميجر اسحاق کان فخر زمان تائين ڪتاب آهن.

”دوهي بابا فريد“ تہ مون کي پنجاب جي مشهور شاعر نجم الحسن سيد لاهور ۾ تحفي طور ڏنو هو. اهو ڪتاب مجلس شاهہ حسين لاهور ڇپايو آهي، جنهن ڪتاب جي مهاڳ ۾ لکيو آهي:

”بابا فريد جي زبان ڪوئي اٺ سوَ سال پراڻي آهي. ان ڪلام کي گرنٿ صاحب ۾ سنڀاليو ويو. اُتان فارسي رسم الخط ۾ لکيو ويو. اُنهيءَ اُٿل پُٿل ۾ متان ڪجهہ لفظ بدلجي ويا هجن.“

انهن دوهن ڀٽائيءَ جي شاعريءَ تي ڪافي تاثر ڇڏيو آهي.

بابا فريد جو هڪڙو شعر آهي.

**سَر وَر پنکي هيڪڙو ڦاهي وال پچاس،**
**ايهہ تن لهرين گڏ ٿيا، سچي تيري آس.**

ڀٽ ڌڻيءَ جو شعر آهي:

**سَر ۾ پکي هيڪڙو پاڙهيري پنجاهہ،**
**اتم آس الله، لُڏي لهرين وچ ۾.**

هڪ ٻيو بابا فريد جو دوهو آهي:

**ڪجهہ نہ بجهي، ڪجهہ نہ سُجهي، دُنيا گُجهي باهہ،**
**سائين ميري چنگا ڪيتا، نهين تان مين ڀي جلي وجان آهہِ**

(ترجمو: نہ ڪجهہ ٻجهي ٿو نہ ڪجهہ سجهي ٿو دنيا ڳجهي باهہ آهي.
منهنجي سائين چڱو ڪيو نہ تہ مان بہ جلي وڃان ها!)

غالباً ڀٽائيءَ جي تحت الشعور ۾ اهو شعر جڏهن چيو هيائين:

**اُجهاميو ٻرن، توکي ساريو سُپرين**

مون ڀرين شعر لکي اهو ڏيکارڻ جي ڪوشش نہ ڪئي آهي تہ ڀٽائي اهو

شعر بابا فريد تان ترجمو ڪيو آهي. دراصل جنهن وقت پٺائي اهو شعر ٻڌو هوندو تنهن وقت هن جي تحت الشعور ۾ لهي ويو هوندو ۽ شعر جي آمد وقت اُڀري آيو هوندو. جيئن مڇي درياهہ جي تري مان ڇر تي اُڀري ايندي آهي. مون جڏهن بيدل دهلوي، غالب ۽ اقبال جو تقابلي مطالعو ڪيو هو تہ اُنهن تي بيدل جو ڪافي اثر هو. غالب ڪان تہ اهو بہ وسري ويو تہ هيٺين شعر ۾ پهرين سٽ عين بيدل جي آهي ۽ سارو شعر بيدل جو لفظي ترجمو آهي:

بوئے گل نالہِ دل، دودِ چراغ محفل،
جو تری بزم سے نکلا وہ پریشان نکلا.

(ترجمو: گل جي خوشبو دل مان رڙ ۽ ميڙ ۾ ڏيئي جو دونهون،
جيڪو بہ تنهنجي بزم مان نڪتو اُهو پريشان نڪتو.)

بيدل دهلوي جو غالب کان سو سال اڳي پيدا ٿيو هو اُن جو شعر آهي:

**بوئي گل، نالۂ دل دودِ چراغ محفل،**
**هر ڪ از بزمِ تو برخاست پريشان برخاست.**

غالب جو شعر بيدل جي شعر جو لفظي ترجمو آهي.

اهي ايترا وڏا شاعر ها. جو انهن تي ترجمي جي الزام تراشي ادبي باوه گوئي ۽ بدديانتي ٿيندي.

ساري پنجابي شعر ۾ پٺائي کان اڳ يا پٺائي ڪانپوءِ پيغام ساڳيو آهي، ڇو تہ هيءَ سپت سنڌوءَ جي ڌرتي تڪشلا کان موهن جي دڙي تائين نہ رڳو ساڳيءَ تمدن ۽ تهذيب سان گل و گلزار ٿي وئي هئي پر ان جو فلسفو بہ ساڳيو هو. بلهي شاهہ جي هڪ ڪافيءَ جي ٽيپ جو مصرعو آهي:

الله شهر رگ ٿين نزيڪ

بلهي شاهہ جي مجموعي ۾ پهرين ڪافي آهي:

**الف الله نال رتا دل ميرا**
**مينون ’ب‘ دي خبر نہ ڪائي،**
**’ب‘ پڙهنديان مينون سمجهہ نہ آوي**
**لذت ’الف‘ دي آئي**
**’ع‘ تي ’غ‘ تون سمجهہ نہ جاڻان**
**گلِ ’الف‘ سمجهائي**
**’بلهيا‘ قول ’الف‘ دي پوري،**
**جهيڙي دل دي ڪَرن صفائي.**

ڇا انهيءَ ڪافيءَ ۾ پٺائيءَ جي سٽن ”اکر پڙهہ الف جو ٻيا وَرق سڀ وسار“ ۽

"ساڳي صورت عين جي، ساڳي صورت غين" ۾ ساڳي ڪيفيت نہ آهي؟ يا بلهي شاهہ جي هيٺين شعر ۾ سچل سرمست جي استفهامي ڪيفيت نہ آهي؟

بُلها ڪي جَاڻان مين ڪونَ
نہ مئن مومن وچ مسيتاں
نہ مَئن وچ ڪفر ديان ريتاں
نہ مَئن پاڪان وچ پليتاں
نہ مَئن موسيٰ نا فرعون،
بلهيا ڪي جاڻان مَئن ڪون؟

نہ مَئن پيت مذهب دا پايا
نہ مَئن آدم حوا دا جايا
نہ مَئن اپنا نام ڌرايا
نہ وچ بيٺن، نہ وچ ڀون،
بلهيا ڪي جاڻان مئن ڪون.

شاهہ حسين جي ڪافيءَ مان هيءَ سٽ ڪهڙي نہ پياري آهي:

جهنگل بيلي ڦران ڍونڍيندي
ڪوڪ نہ سڪان ماري لاڄ دي وو

انهيءَ جو ڪنڊياري واري حمل فقير ۾ پڙاڏو آهي:

جهنگل ويلي ڦري اڪيلي هير ڍوينڊي ماهي.

مان تہ ننڍ کان اول شاهہ حسين جو ڪئسيٽ هلائي ڇڏيندو آهيان تہ ٿوريءَ دير ۾ ڪنهن اگهور ۽ اٿاهہ نديءَ ۾ لڙهندو ويندو آهيان. ڇا نہ شعر آهي:

اڙيا يور، ٿيا پرديسي، اَگي راهہ اگم دا
ڪُوڙي دنيا، ڪُوڙ پسارا، جيون موتي شبنم دا.

شاهہ حسين مست ماڻهو هوندو هو. ڪنهن محفل ۾ ڪوئي شخص ڪنهن ڪتاب جا ورق ورائي رهيو هو. شاهہ حسين پڇيس تہ "هيءَ ڪهڙو ڪتاب آهي؟"

جواب ڏنائينس تہ "ديوان حافظ آهي."

اُن تي شاهہ حسين پڇيس تہ "ڪهڙو شعر ٿو پڙهين؟"

ٻڌايائين:

چشمءَ چشم مرا اي بت خندان درياب
بر اُميدِ تو بخوش آبَ رواني دارد.

(ترجمو: اي کلئي ڪامڻي! منهنجين اکين جو جهرڻو هٽ ڪر! ڏس تہ تنهنجي آس ۾ اُن جو وهڪرو ڪيترو وڏي ويو آهي!)

انهيءَ تي شاهہ حسين هن کان ديوان حافظ کسي ڦٽي ڪيو ۽ چيو تہ ”هن روٽي جي تہ پوڙهيءَ رن وانگر عمر روئڻ ۾ گذري آهي!“

يا هن جي بي مثال ڪافي:

ڪوئي ماڻ لي رنگ رَليان.....

پنجابي ۽ سنڌي شاعريءَ ۾ هندي شاعري وانگر محبوب لاءِ مونث جو صيغو ڪم ايندو آهي. مٿي ذڪر ڪيل شاعرن کان سوا سيد هاشم شاهہ، حامد شاهہ عباسي، خواجہ غلام فريد، ميان محمد وارث شاهہ، سلطان باهو، علي حيدر، فرد فقير، ڪرم علي وغيره جو ساڳيو پيغام آهي، جو سنڌ جي صوفي شاعرن جو آهي يعني انسان جي شخصيت جو احترام، ڇو تہ هو ’الاهي پرتوو‘ آهي. ڀنائيءَ جون سڀ سورميون ذات باري جي تلاش ۾ آهن، اُها تلاش جا اڪٿ آهي، جنهن ۾ غلطيون ٿيون تہ اُنهن جي ازالي لاءِ ڪشالا ڪيڏا پون ٿا. اهو ساڳيو ئي پيغام آهي جو پنجاب جي شاعرن ڏنو آهي، جو صحيح جمهوريت جو اساس آهي. ڇو تہ اُهو هر انسان ۾ ادب ذات الاهي کي منعڪس سمجهي ٿو ۽ ان ڪري هن تي ڪنهن بہ قسم جو جبر ۽ تشدد روا نہ آهي.

اهو اسانجو مشترڪ روحاني ورثو آهي، جنهن مان اسانجو سياسي نظريو اُتساهہ وٺي سگهي ٿو.

*(19 مارچ 1994ع)*

# سکر سيئي ڏينهڙا...

تازو محترمہ بينظير واعدو ڪيو آهي تہ سکر کي خشڪ گودي (Dry Port) بڻايو ويندو ۽ پاڪستان سرڪار ان ڏس ۾ هر قسم جي مدد ڏيندي. 1949ع کان وٺي 1988ع تائين سکر مُنهنجو شهر هو. مون اُتي وڪالت ڪئي، شاعري ڪئي، ڀرپور جواني گُذاري، جيئن سانوڻ ۾ سنڌو وهندي آهي. اُتان جون ياريون دوستيون مُنهنجيءَ زندگيءَ جو بي بها سرمايو آهن. مُنهنجي زندگي جا اجا ڊراءِ پورٽ نہ ٿي آهي ۽ اجا ان ۾ سمند جي جوار ڀاٽا آهي.

ڪنهن چيو آهي تہ "خدا اسان کي يادگيريون ان لاءِ ڏنيون آهن تہ اسان کي ڊسمبر جي مهيني ۾ گلاب ملي سگهن."

فرينچ ناول نگار اليزينڊر ڊيوماس هڪ هنڌ چيو آهي:

Oh! Good time when we were so unhappy.

ترجمو: "او! اڳيان وقت جڏهن اسان ايترو اُداس هياسين!"

دراصل ائين نہ آهي. ماضي آس نراس، پنهي جو آئينو آهي، جو ٽٽي نہ ٿو ٽُٽي.

1942ع ۾ مان پنهنجو آبائي وطن شڪارپور ڇڏي ڪراچيءَ آيس. اُتي بي. اي پاس ڪري لا ڪيم. ان وچ ۾ مون ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ کي گائيڊ ڪري، هن جي مسلط ڪيل موضوع تہ پي. ايچ. ڊيءَ لاءِ داخلا ورتي. پر هو ٽن چئن مهينن کان پوءِ گذاري ويو ۽ مون پي. اي. ڊيءَ جو خيال لاهي، پهريائين مرحوم جمال صديقي ۽ پوءِ عبدالحئي قريشيءَ سان گڏ وڪالت ڪئي، جنهن سنڌ هاءِ ڪورٽ جو چيف جج ٿي رٽائر ڪيو. اٽڪل ڇهہ مهينا، منهنجي ڪلاس فيلو ۽ پاڪستان جي چوٽيءَ جي وڪيل خالد اسحاق مرحوم، اي. ڪي بروهيءَ کان ڪورٽ چيمبر ۾ آفيس خريد ڪئي (اڳين پرائيم منسٽر جناب معين قريشيءَ جا رپورٽ شايع ڪئي هئي، اُن ۾ ڏيکاريل هو تہ خالد اسحاق پنجويهہ لک رپيا ساليانی انڪم ٽئڪس ڏني هئي) خالد صاحب جو والد بزرگوار مرحوم محمد اسحاق، جنهن پوءِ ڪراچيءَ جو ڪليڪٽر ٿي رٽائر ڪيو ڪنهن وقت هن جا منهنجي سهري خان صاحب حسين بخش سان پراڻا تعلقات ها. جڏهن هو ڊپٽي

ڪليڪٽر هو. اسان جو ٽيون پائيوار مسٽر جسٽس (رٽائرڊ) عبدالقادر شيخ هو جو بہ اسان جو ڪلاس فيلو هو تي پيرا سنڌ جو گورنر ٿيو ۽ سپريم ڪورٽ جو جج ٿي رٽائر ڪيائين. اُنهن مون کي پئسي جي تنگي تہ ڪانہ هئي پر چا ڪجي پئسي ۾ شاعري ڪانهي ۽ شاعريءَ ۾ پئسو ڪونهي. مون کي ايراني شاعر لاهوتيءَ وانگر اها ڳالهہ نہ وسري هئي:

ترسم آزاد نسازدز قفس صيا دم
آن قدر تاک ره باغ رود از يادم

(ڊپ ٿئي ٿو تہ صياد مون کي قفس مان ايترو بہ آزاد نہ ڪندو جو باغ جو رستو ئي ياد نہ رهي.)

وقت جي صياد جڏهن بہ مون لاءِ قفس ٺاهيو آهي، مون اُن کي ڊاهي ڍير ڪري ڇڏيو آهي. شاعريءَ جي خوشبوءِ جي مون لاءِ اُها ازلي ڪشش آهي، مون کي اُن تائين رسائي لاءِ، ڪوئي قيد بند روڪي نہ سگهندو آهي. اڄ تائين تہ شاعريءَ سان ساٿ نڀائي رهيو آهيان. سنہ 1949ع جي شروعات ۾ مون کي جڏهن محسوس ٿيو تہ ڪراچيءَ ۾ رهي سنڌيءَ ۾ شاعري نہ ڪري سگهندس، مون خالد صاحب کي اوچتو الوداع ڪري چيو تہ، ”مان سکر ٿو وڃان.“ هُن نهايت شفقت سان چيو ”تو لاءِ آفيس ۾ ڪرسي ٽي مهينا خالي رکندس. تون ضرور موٽي ايندين.“ مون لاءِ دانہ ودام ڪجهہ نہ هو. پرواز ئي سڀ ڪجهہ هو. رزقِ طائرِ لاهوتي نہ روڪي سگهندو آهي. مان سکر هليو ويس ۽ ٽي مهينا نہ لڳا تہ نہ رڳو وڪالت ۾ ڪُپي ويس پر شاعري بہ بارش وانگ لٿي. ڪراچيءَ ۾ مان حلقہءَ احبابِ ذوق ۽ انجمنِ ترقي پسند مصنفين ۾ اردوءَ ۾ پنهنجا نظم ۽ غزل پڙهندو هوس، جو تہ مُنهنجا همعصر سنڌي شاعر سڀ لڏي ويا ها. ڪاشيءَ جا ٽانوَ تہ بي پار وڃي پهتا ها هتي فاتط نڪر نوپر رهجي ويا ها. چاليهہ پنجاه قافيا بار بار ٿي استعمال ڪيا ويا. اردو منهنجي مادري زبان نہ هئي جو اُن ۾ انقلاب آڻي سگهان ها.

سکر ۾ مون ڪافي بين الصوبائي ڪانفرنسون ڪرايون، جن ۾ ڪن جي صدارت ئي مون ڪئي. لاهور، پنڊي، گجرات، ڪوئٽا، ڪراچيءَ وغيره مان شاعر انهن ۾ شرڪت ڪندا ها. سکر ۾ مون شاهہ جي رسالي جو اردوءَ ۾ منظوم ترجمو ۽ سچل، سامي ۽ سانگيءَ جي نالي ۾ غزل ۽ گيت لکيا. مان پانيان ٿو 1955ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ ”مهراڻ“ سہ ماهي ڪڍيو. جنهن ۾ محمد ابراهيم جوئي منهنجا بيت پهرين صفحي تي ڏنا. جڏهن پاڪستان کان اڳ لعل چند امر ڏنو مل ”مهراڻ“ ڪڍندو هو تڏهن بہ شاگرديءَ واري زماني ۾ منهنجا گيت ڇپيا ها. سنڌي شاعري مون ڏانهن موٽي آئي.

سکر ۾ سنڌوءَ تي چانڊوڪيون، بئراج جي ڪاهي پر تي فيڊر واهه جي پاڻيءَ جي تيز رفتاريءَ ۾ چنڊ جو عڪس، سکر کان روهڙيءَ تائين ڦيرا بيڪس ۽ بيدل جي مزار کان ستين جي آستان هيٺان سنڌوءَ جي پر تي صحبتون، سکر کا خيرپور کجورين جي سائي ۾ اڪثر سفر، ٽانگا ڏينهن جهولا، ڏنگ ڏوڪا، وهيا، ڌرتيءَ تي لوسڻ ۽ برسيم جي لهڪار ۽ پنين ۾ من- موهينڌڙ هارياڻيون، سکر کان شڪارپور، جيڪب آباد، ڪشمور، ڪنڌڪوٽ، ٺل تائين بنجر رستا، اُس ۾ ڳرنڌڙ ڏامر، سج جا ڏگها ننهن، اُتت، اوهر، جيڪي سڀ ڳالهيون وان گوگ کي مصوريءَ لاءِ راس ايندڙيون هيون.

پنو عاقل، گهوٽڪي، ميرپور ماٿيلي، اُباوڙي، ماڇڪي، صادق آباد رحيم يار خان تائين ڪيسن جي سلسلي ۾ ڪار ۾ سفر، سرنهن، نم، پپل، ڪنڊيءَ ۽ يوڪلپٽس جا وڻ، اُنهن تي طرح طرح جا پرندا، پاسن کان کيت، ڦٽيون، ڪٽڪ ساريون جوئر، ٻاجهري، پيرين اگهاڙا هاري، مٽي تي بوڇڻ، مهر قبيلي جون عورتون، اُنهن جا رنگا رنگ پڙا ۽ چُنيون، مٽن تي لسيءَ جون گهاگهريون، اهي ساريون ڳالهيون دلچسپيءَ سان ڏسندو ويندو هوس. ائين ناهي ته مون کي سکر ۾ ڪيس نه ملندا ها پر سنڌ گهمڻ چاهيندو هوس. ڪڏهن لاڙڪاڻي جا ڪيس ڪٽندو هوس، سوڀي، تاج محمد ابڙي ۽ ٻين دوستن سان ملڻ لاءِ. رستي ۾ يوڪلپٽن جا ڏگها وڻ جي پتي صاحب پوکايا ها، زيتونن ۽ ليمن جا، ڪا چانهه ڪو ڊانڊيئڙو ڪو گُهگهه پکي، ڪو تيتو ڪو تيتيهر، ڪا ٽپڻي، اهي سڀ مون کي شاعري لاءِ خام مواد مهيا ڪندا ها. مان نواب شاهه، سانگهڙ، حيدرآباد ۽ ڪراچيءَ تائين ڪيس ڪٽندو هوس ۽ ڪار ۾ اٽڪل ڇهه لک ميل سفر ڪيو هوم اهو سفر مون کي اُنهن گُهٽن، آنڊ مانڊ ۽ اُڻ تڻ کان به جان ڇڏائيندو هو جا مونکي سکر ۾ ٿيندي هئي.

ايوب خان واري زماني کان منهنجي گهر ۽ آفيس تي سي. آءِ. ڊي جي ڪڙي چوڪسي هوندي هئي منهنجي گهر جي ٻاهران مهاجر ڪير وارن يا ڪرياني جي دڪانن يا پان ٻيڙيءَ ۽ اخبارن جي پڙهن تي چوڌاري سي. آءِ ڊي وارا ويٺا هوندا ها ۽ منهنجي باري ۾ معلومات ڪٺي ڪندا ها. سي. ايس. پي، ڊپٽي ڪمشنر ۽ سيشن جج، سنڌي ۽ غير سنڌي، يا منهنجا دشمن هوندا ها يا مون کي ائين حيرت سان سڏيندا ها ڄڻ مان مريخ يا مشتريءَ جي مخلوق آهيان. منهنجي ساري جسم ۾ گليور واريون سيون چپنديون هيون ۽ چوڌاري چامڙن کي بيوسيءَ سان ڏسندو هوس. پوءِ 'يونر پري آڪاس'، تي بندش پئي. ڪجهه وقت پوءِ 'ڪاڪ ڪڪوريا ڪاپڙيءَ' ۽ 'ڪُلهي پاتم ڪينرو' تي بندش پئي. حيرت آهي ته وزير قانون سنڌي هو مون چيو ته مان آرٽ کي سياست جو دم ڇلو ته بڻائڻ نه ٿو

چاهيان پر هي مون کي سياست ۾ ڏکن ٿا. مون کي هاڻي صليب مان تلوار جو ڪم وٺڻو پوندو.

مون سنڌ جا دورا ڪيا. مورو، سڪرنڊ، هالا، ڀٽ شاهه، حيدرآباد، ڪوٽڙي، جنگ شاهي، ٻنو جهوڪ، ٻلڙي، ملير وغيره رات جو مشاعري جي صدارت ڪري، صبح جو موٽي اچي ڪيس هلائيندو هوس. مون کي ڪوئي ٻني ٻارو واپار- وڙو نه ڪونه هوندو هو. هڪ دل هئي جنهن تي ساهيوال جيل ۾ جڏهن ڊاڪٽر اسٽيٿسڪوپ رکي ٿي ڏنو تڏهن مون اسٽيٿسڪوپ هٽائي کيس چيو: ”اهو ايوب خان جي دل تي رکي ڏس! منهنجي هارٽ فيل نه ٿيندي، مون کي فقط مليريا لاءِ دوا ڏي“ ايوب خان ڊهي پيو يحيٰ خان ڊهي پيو پُٺتي صاحب مون کي سکر جيل مان رِها ڪيو ۽ ٻهريون ڀيرو مون سکر ۾ سُک جو ساهه کنيو.

اهو هو منهنجو سکر، جتي منهنجي ساري جواني ڪنڊن جي سيج تي گذري، منهنجي سوانح لکڻ وارا! اهو نه وسارجانءِ ته منهنجي شاعريءَ واڳونءَ جي وات ۾ رهي اُن کي دندان شڪن جواب ڏنو هو. وقت گذري ويو. دنيا ۾ ڪيئي انقلاب آيا، ڇا ڇا نه ڊانوان ڊول ٿيو!

**پرده داري ميکند برقصرِ قيصر، عنکبوت**
**چغد نوبت مي زند برگنبذ افراسياب.**

(ترجمو: قيصر جي ماڙي تي ڪوريئڙو پنهنجي چڪ ڏئي رهيو آهي.
۽ افراسياب جي گنبذ تي چبرو نغارو وڄائي رهيو آهي)

مان اڄا ته پنهنجي گهر مان نڪري، شارع فيصل کان سوسائٽيءَ اچي برسات جي دفتر ۾ ايڊيٽوريل لکي رهيو آهيان ۽ پنهنجي هڪ غزل جي سٽ ياد اچي رهي آهي:

**ترڪِ وطن جي ڳالهه ڪئي سين، سکر راتيون ياد پيون.....**

*(20 مارچ 1994ع)*

# ڪاريهر جي ڪنهن ڪي ڳالهه!

اٺويهين مارچ تي پاڪستان ٽي وي؟ تي رات جو خبر آئي ته اڳوڻو سينيٽر ۽ پاڪستان نظرياتي ڪائونسل جو چيئرمين مولانا ڪوثر نيازي رحلت ڪري ويو. هن کي هڪ ڏينهن اڳ اوچتو فالج ٿيو ۽ اهو اسلام آباد جي انتهائي نگهداشت واري يونٽ ۾، علاج ۾ بي انتها چوڪسيءَ جي باوجود، رحلت ڪري ويو. خبر ٻڌي پوري پاڪستان تي ڏک جي لهر ڇانئجي وئي ۽ محترمه بينظير ۽ پاڪستان جي ٻين شخصيتن نهايت رفت انگيزيءَ سان رنج ۽ غم جو اظهار ڪيو. مولانا نه فقط هڪ مشهور عالم دين، سياستدان، صحافي ۽ دانشور هو پر هڪ سٺو شاعر به هو ۽ هن جو هن دار فانيءَ مان ڪُمهلو ڪوچ اسانجي قومي زندگيءَ جو الميو آهي.

واقعي جي اوچتائپ ايتري هئي جو مان ته خاص طور لُڏي ويس. مولانا جي انتقال کان ٻه ڏينهن اڳ روزاني 'صحافت' جي پريس ۾ جناب احمد حسين صديقي پنهنجي اُردو ڪتاب 'سياحت ماضيءَ' جي تقريب اجرا (مهورت) جو دعوت نامو ڪٽي آيو جا 21 مارچ 1994ع تي شام جو ساڍي ٽين وڳي جو هوٽل پرل ڪانٽينينٽل ۾ منعقد ٿيڻي هئي. تقريب تي صدارت مولانا ڪوثر نيازيءَ جي هئي ۽ مهمان خصوصي آنءُ هوس، مقرر: جناب شان الحق حقي، ڊاڪٽر منظور احمد، علي نواز وفائي پروفيسر سحر انصاري ۽ ممتاز سعيد هيا ۽ ميزبان تاجدار عادل هو ۽ داعي پاڪستان رائيٽرس گلڊ هئي. ٻئي ڏينهن تي جناب احمد حسين صديقيءَ منهنجي گهر فون ڪيو ته مولانا صاحب کي اوچتو فالج ٿيو هو ۽ هُو اسلام آباد ۾ انتهائي نگهداشت يونٽ ۾ زير علاج هو انڪري 21 تاريخ تقريب منسوخ ڪئي وئي هئي. جڏهن صحافت جي آفيس مان موٽي، گهر ۾ پاڪستان ٽي ويءَ تي مولانا صاحب جي رحلت جي خبر ٻڌي ته بي اختيار غالب جو شعر زبان تي آيو.

ہو گئیں غالب بلائیں سب تمام
ایک مرگ ناگہانی اور ہے

مولانا صاحب سان منهنجي ٿوري رسم راهه هئي. هڪ ڀيري جڏهن شهيد

پنو ايوب خان خلاف جدوجهد ۾ ڪامياب ٿيو ۽ هن سان گڏ آنءُ بہ نظربنديءَ مان رها ٿيس. تڏهن مولانا صاحب سان اسلام آباد ۾ ملاقات ٿي ۽ ڪجهہ وقت هن سان ماضيءَ قريب تي گفتگو ٿي. هو حالات تي گهري نظر رکندڙ ۽ نهايت دُور انديش شخص هو. جنهن وقت هن اُنهيءَ دور جو تجزيو ٿي ڪيو تنهن وقت هن جي ذهانت هڪ ماهر سرجن جي جراحي واريءَ ڇُريءَ (Scalpel) وانگر ڪم ڪري رهي هئي. گفتگوءَ جي دوران هن مون کي حافظ جو هيٺيون شعر ٻڌايو. جنهن مان هن جي علم و ادب تي دسترس ظاهر هُئي:

قصہء امواج دريا راز دريا ديده پُرس
هر دلي آگهہ ز طوفانِ دلِ من نيست نيست

(ترجمو: درياهہ جي لهرن جو قصو درياهہ جي لهرن کان پُڇ!
هر دل کي مون وانگر طوفان جي ساڃاهہ نہ آهي)

قدرت جي منشا ڪنهن کي معلوم نہ آهي. هن ڪائنات جي تاڃي پيٽي ۾ هر ڳالهہ سُٽ جي ڏاڳي وانگر ڳتيل آهي. مون ڪيئي سال اڳي چيو هو:

ڪنهن جي وات وٺي وينو آ،
ڪاريهر جي ڪنهن کي ڪَل!

مولانا ۾ ضمير جو آواز هر ڳالهہ تي حاوي هو. جڏهن هن جماعت اسلامي جي سياسي نڪتہءَ نظر ۽ حڪمت عملي غلط سمجهي، هن علي الاعلان شهيد ڀُٽي جي حمايت ڪئي ۽ پيپلز پارٽيءَ ۾ پنهنجو مقام پيدا ڪيو. هو پيپلز پارٽيءَ جو مرڪزي سيڪريٽري اطلاعات ۽ جنرل سيڪريٽري هيو. سياست کان اٽڪل سورنهن سال دور رهي. هو وري 1993ع ۾ پيپلز پارٽيءَ ۾ آيو. هن ڪيئي ديني ۽ سياسي ڪتاب لکيا. هو نہ رڳو مشهور ڪتاب 'ديده ور' جو مصنف هو پر هن بہ اردو شاعري جا مجموعا 'زرِ گل' ۽ 'لمحي' بہ شايع ڪيا ها.

جيمس باسويل 'جانسن جي زندگي' (Life of Jhonson) ۾ چيو هو: "جڏهن مون هن کان پڇيو تہ ڇا اسان موت جي مورچابندي نہ ڪيون؟" تڏهن هن جوش سان جواب ڏنو هو "نہ سائين! ان ڳالہ کي ڇڏي ڏيو. انڪري فرق نہ ٿو پوي تہ ڪو ڪيئن ٿو مري. اهم ڳالهہ تہ اها آهي تہ ڪو ڪيئن ٿو جيئي. موت جي ايتري اهميت نہ آهي. اُن جو عرصو تہ تمام ٿورو آهي."

مرحوم مولانا بہ ڀرپور زندگي گذاري ۽ اڪبوت ۾ ماڪَ ڦڙي وانگر اُڏامي ويو. ڪنهن وقت هيٺين انگريزي چوٽيءَ وانگر دل ۾ ايندو آهي:

O if That were possible we might,
But hold some two day's conference with the dead.

(ترجمو: اي ڪاش اهو ممڪن هجي ها
تہ اسان مرحوم سان بہ ڏينهن ڪچهري ڪري سگهون ها)

پر اهو ممڪن نہ آهي. موت هوا جي جهوٽي وانگر اچي ٿو ۽ گذري وڃي ٿو. الوداع لاءِ بہ وقت نہ ٿو ملي. هٽ لوڏ کان سواءِ ئي انسان نهايت تيزيءَ سان نڪري وڃي ٿو. جي خوشنصيب آهي تہ هڪ يا بہ ڏينهن اخبار جي شهہ سُرخي بڻجي ٿو ۽ نيٺ اُن وبسر ۾ وارجي وڃي ٿو جا ازل کان ابد تائين چوليون هڻي رهي آهي. ڪڏهن انسان چُڙي چيڪي مري ٿو ۽ اسان هن جي موت جا روز بروز عادي ٿي وڃون ٿا ۽ هُن جو موت ايتريءَ پيڙا جو ڪارڻ نہ ٿو بڻجي. پر ڪڏهن موت ڪي اڇنيو ۽ اچانڪ پٽو آهي. باز جي جهرڪيءَ تي جهڙپ ۾ آهي، ڇار ۾ ڪوريئڙي جي ڪاهہ آهي.

ڪيئي سال ٿيا مان ۽ منهنجي زال واديءَ ڪاغان ڏانهن وڃي رهيا هاسون. منهنجي دوست محمد حسن پُٽي پبلڪ اسڪول ايبٽ آباد جي پرنسپال ڪرنل رحمان کي فون ڪيو تہ اسان هن  وٽ رات گذاري ايبٽ آباد مان ٽوئرسٽ بيورو وٽان جيپ وٺي اڳتي وينداسين. ڪرنل رحمان ڏاڍيءَ سڪ سان اسان جي ماني جهلي ۽ پهاڙيءَ تي پنهنجي بنگلي اڳيان مون سان اُن دؤر جي سياست تي ڪچهري ڪندو رهيو. هُن چيو: ”اصغر خان منهنجو دوست آهي، مون جنهن وقت هُن سان اوهان جي باري ۾ ڳالهايو هو ڪار ۾ پنڊيءَ وڃي رهيو هو ۽ ڏينهن کان پوءِ موٽي ايندو ۽ هفتو هتي هوندو. اوهان گهڻا ڏينهن واديءَ ڪاغان ۾ گذاريندا؟“

مون هن کي جواب ڏنو تہ: ”شوگران کان وٺي ليڪ سيف الملوڪ تائين هڪ هڪ ڏينهن رهنداسين.“ جنهن تي ڪرنل رحمان چيو ”بس تہ پوءِ اصغر خان هتي هوندو. اوهان جڏهن موٽندا تڏهن گڏجي هن وٽ هلنداسين.“

اسان ٻئي ڏينهن تي ڪرائي جي جيپ ۾ شوگران پهتاسين پر سفر دوران منهنجي زال جيپ جي پاسي سان ويٺي هئي ۽ هيٺ ڏهہ هزار فوٽ نشيب ڏسي هن کي پانواتي ٿي آئي، جيتوڻيڪ شوگران جو منظر نهايت دلفريب هو ۽ پهاڙ تي سانجهي ڪنهن پيچاريءَ وانگر سج کي پچي رهي هئي، منهنجيءَ زال چيو تہ ”اڳتي نہ هلنداسين، هتي ريسٽ هائوس ۾ رات گُذاري صبح سان موٽي هلنداسين.“ جڏهن اسان ايبٽ آباد پبلڪ اسڪول جي ريسٽ هائوس ۾ موٽي آياسين تڏهن ڏٺوسين تہ نوڪر روئي رهيو هو. اسان هن کي چيو تہ ڪرنل رحمان کي اطلاع ڏي تہ اسان موٽي آيا آهيون. ان تي هن اکيون اُگهندي چيو تہ ”ڪرنل کي تہ اڌ ڪلاڪ اڳي قبرستان ۾ دفنائڻ لاءِ کڻي ويا. هو معمول وانگر پهاڙيءَ تان پبلڪ اسڪول ڏانهن سائيڪل تي اچي رهيو هو تہ ڪنهن تيز رفتار ٽرڪ سان ٽڪر ٿيس ۽ هو ٽڏي تي گذاري ويو!“

ثبات فقط بي ثباتيءَ کي آهي. بقا فنا کان هڪ قدم به دور نه آهي پر ٻاهران ائين نظر اچي ٿو ته فقط فنا کي ئي بقا آهي. جارج سنتيانا چيو آهي ته: ”ڄم ۽ موت لاءِ ڪوئي علاج نه آهي، فقط درمياني عرصي مان لطف اندوز ٿيڻو آهي.“

هڪ اطالوي پهاڪو آهي ته اسان جي آخري چوغي کي کيسا ڪونه آهن، پر ماڻهو آهن جو ڏيتي کيسا ڀري رهيا آهن. دولت ۽ اقتدار مان رهجي نه ٿا رهجن ۽ اهو نه ٿا سمجهن ته اسان سڀ خواب خرام آهيون. ننڊ ۾ پنڌ ڪيون ٿا.

مير درد جو بي مثال شعر آهي:

’درد‘ کچھ معلوم ہے یہ لوگ سب:
کس طرف سے آئے تھے کیدھر چلے۔

(ترجمو: اي ”درد“ توکي معلوم آهي ته هي سڀ ماڻهو ڪهڙي طرف کان آيا ۽ ڪيڏانهن وڃي رهيا آهن)

*(21 مارچ 1994ع)*

# دهشت گردي

ڪراچيءَ ۾ 16 مارچ تي دهشتگردن ۾ قانون لاڳو ڪندڙن ۾ خوني ويڙهه ٿي ۽ ست ڄڻا فوت، چار زخمي ۽ ٻه گم ٿي ويا. مارجي ويلن ۾ سچل رينجرس جو هڪ ڪئپٽن، بلديه ٽائون جو ايس ايچ او ۽ ٻه سپاهي ۽ ٻه شهري شامل ها ۽ ٻه رينجرز ۽ ٻه پوليس وارا زخمي ٿي پيا. دهشتگرديءَ جا واقعا پوري پاڪستان ۾ خاص ڪري ڪراچي شهر ۾ ڏينهون ڏينهن وڌي رهيا آهن. شهري بربريت ۾ اضافو آهي ۽ خطرناڪ اسلحو استعمال ڪيو ٿو وڃي. اهو نه ٿو سوچيو وڃي ته دهشتگرديءَ جي زد ۾ اڪثر يا ته ٻار ۽ زالون اچن ٿيون يا اُهي ماڻهو اچن ٿا جن جي سياست سان ٻنهه وابستگي نه آهي ۽ جي آهي ته نالي ماتر آهي.

ٽي ويءَ تي مٿي ذڪر ڪيل واقعو ڏسي مون کي نوبل پرائيز يافته فرينچ اديب البرٽ ڪاموءَ جو هڪ طويل ڊرامو ياد آيو جو مون ڪافي سال اڳ پڙهيو هو. ڪجهه روسي دهشت گردن سازش ڪئي ته زارنڪولس کي اُڏائڻو آهي. اهو فيصلو گرما گرم بحث کان پوءِ ڪيو ويو. ان کان پوءِ اهو طئه ٿيو ته فلاڻيءَ تاريخ تي فلاڻي هنڌ زار ڪنهن جشن جي سلسلي ۾ گهوڙي گاڏيءَ تي نڪرندو ۽ جڏهن گاڏي فلاڻي رستي تي پهچندي تڏهن هُن کي هئنڊگرنيڊ سان اُڏايو ويندو. طئه اهو ٿيو ته سازش ۾ شريڪ جي چار پنج همراهه هيا. اُنهن مان هڪ زار تي گرنيڊ ڦٽي ڪندو ۽ باقي ڄڻا، جي ٻه هٿياربند هُوندا، هن کي فرار ٿيڻ ۾ مدد ڪندا ۽ جي منصوبي جي تڪميل ۾ ڪا رُڪاوٽ پيدا ٿي ته اُن کي ٻه هٽائيندا. جڏهن مقرر وقت تي مقرر هنڌ تان زار گهوڙي گاڏيءَ ۾ لنگهيو تڏهن دهشتگرد ڪيسي مان گرنيڊ ڪڍيو ته جيئن اُن مان ڀن ڪڍي زار تي اُڇلي، ايتري ۾ هن جي نظر زار جي ڪمسن ولي عهد تي پئي جو هن جي سامهون گاڏيءَ ۾ ويٺو هو. اوچتو هن کي خيال آيو "روسي عوام جو ڏوهي ته زار نڪولس پاڻ آهي، هن جو ڪمسن ولي عهد ته نه آهي. هن کي گرينيڊ سان اُڏائڻ لاءِ مون کي ڪهڙو اخلاقي جواز آهي؟" هو گهري فڪر ۾ ٻڏي ويو ۽ ايتري ۾ گاڏي اڳتي وڌي. هن گرينيڊ کيسي ۾ موٽائي وڌو ۽ پنهنجي موٽيو. هن جا همراهه اهو سوچي حيران پريشان ها ته هن حملو ڇو نه ڪيو. جڏهن هن کين اِهو سبب ٻڌايو ته هو به سوچ ۾ ٻڏي ويا.

دهشتگرد هوائي جهاز اغوا ڪن ٿا ۽ اهو نہ ٿا سوچن تہ يرغمالي ڏوهي بہ آهن يا نہ. هڪ پيري فلسطيني ليليٰ خالد هڪ جهاز کي جڏهن اغوا ڪيو تڏهن اُن کي ساڀيو خيال آيو هن يرغمالي رها ڪري ڇڏيا. ڇا اهو صحيح آهي تہ ڪري هڪ ۽ لوڙي پيو؟ جي اهو فرض ڪجي تہ رام جنم ڀوميءَ کي مسمار ڪري، شهنشاهہ بابر مسجد اڏائي هُئي، (جيتوڻيڪ ان جو ڪوئي قطعي ثبوت نہ آهي) ڇا اهو جائز ٿيندو تہ هن ڪان چار سو سال پوءِ بي گناهہ انسان ان ڪري ڪيتو ڏين ڇاڪاڻ جو هو شهنشاهہ بابر جا هم مذهب آهن؟ ڇا انهن تي ظلم ۽ تشدد لاءِ آڏواڻيءَ يا بال ٺاڪري کي هاڻي جواز آهي. خون ناحق جو هر قطرو مقدس آهي. ڪي انسان تہ ايستائين ويا آهن جو پراڻو ڏوهہ گناهہ بہ پاڻ تي کنيو اٿايون ۽ يسوع صليب تي چڙهي ويو پر هن اهو نہ چيو تہ بغاوت ۾ قتل و غارت بار عباس نالي باغيءَ ڪئي هئي.

مون والٽر ليڪئر جي ڪتاب ۾ 'دهشتگردي' Terrorism ۾ تي باب 'بم جو فلسفو'، 'دهشتگرديءَ جي معاشيات' (Sociology of Terrorism) ۽ 'دهشتگرديءَ جي تشريح' (Interpretation of terrorisms) نهايت غور سان پڙهيا پر مون کي دهشتگرديءَ لاءِ جواز نظر نہ آيو ڇو تہ اُن سان مسئلا حل نہ ٿي ٿيا، وڌي ٿي ويا. عرفات ـ رابن ٺاهہ آءِ. آر. اي ـ برٽن ٺاهہ انهيءَ ڳالهہ جو ثبوت آهي تہ گفت و شنيد ۽انهام ۽ تفهيم ئي هر مسئلي جا بهترين حل آهن. مون آءِ. آر. اي تي فلم ڏٺي هئي جنهن جو بنياد آئرلينڊ جي حيقيقت هئي. آئرلينڊ جي ڪئٿولڪ فرقي جي ڪجهہ دهشت پسندن ڪجهہ پراٽيسٽنٽ انگريزن کي گولين جو ڪاج ڪري، واردات متائڻ لاءِ لاش هڪ کوهہ ۾ ڦٽي ڪري ڇڏيا ها. اهي پراٽيسٽنٽ واٽهڙو ها ۽ انهن جو آئرلينڊ ۾ هلندڙ مذهبي تنتي سان ڪوئي واسطو نہ هو. اهي بي گناهہ ڇو ماريا ويا؟ انسان کي خدا پيدا ڪري ٿو ۽ خدا ئي هن جي زندگيءَ کي کٽائي سگهي ٿو. هُن جي مصلحت اٿاهہ آهي ۽ اُن جي توهہ ڪوئي نہ لڳائي سگهي ٿو ۽ نہ لڳائي سگهندو. پر انسان ڪير ٿيندو آهي هن جو تخليق کي تهس نهس ڪرڻ وارو؟

عهدنامہ قديم ۾ (Ten Commandments) ڪان وني قتل جي ممانعت آهي. جو جنوني جذبو ان جرم جو ارتڪاب ڪري ٿو اُن جي خاتمي لاءِ معاشري ۾ تبديلي ضروري آهي. انصاف امن جو پيش خيمو آهي. نہ رڳو انسان ذات لاءِ محبت ۽ آخرت جو جذبو اُڀارڻ ضروري آهي پر اهي ڪارڻ بہ ختم ڪرڻا آهن، جي انسان ۾ انسان لاءِ شديد نفرت پيدا ڪن ٿا. آخر اُهي جي ماريا وڃن ٿا اُنهن کي ٻار ٻچا، مٽ مائٽ، لڳ لاڳاپا آهن. ڇا اسان ڪڏهن ان تي سوچيو آهي تہ ڪنهن جو قتل، اسان جي معاشري ۾ ڪيتري مايوسي افراتفري ۽ بدامنيءَ جي

ڪيفيت پيدا ڪري ٿو؟

هي ملڪ جو اسان جي باهمي اتفاق سان وجود ۾ آيو هو. ڇا اُن جا مسئلا باهمي گفت و شنيد سان حل ٿي نہ ٿا سگهن؟ مان تہ پانيان ٿو تہ دهشتگردي فقط وحشت ڦهلائيندي ۽ معاشري جو ڪوئي مسئلو بہ حل نہ ڪري سگهندي. رڳو دهشتگرد پاڻ ڪان وڏي دهشتگرديءَ جو ڪاج ٿي ويندا.

”زمانہ باتونسازد. تو بازمانہ بسار“

(زمانو توسان نٿي نہ هلي تہ تون زماني سان نٿي هل) ۾ ئي عقل مندي آهي. دهشتگرديءَ جا دور رس نتيجا آهن. نسل در نسل ان جا شعلا نہ ٿا وسامن ڪنهن وقت ۾ ساري معاشري کي اُها آڳ جلائي رک ڪري ڇڏي ٿي.

*(22 مارچ 1994ع)*

# 23 مارچ

پاڪستان هڪ عظيم شاعر جو خواب هو جو حقيقت جو روپ وٺي چڪو آهي. بانگ درا واري ابتدائي دؤر ۾, 'همالا', 'نيا شوالا', 'ميرا وطن وہی ہے', 'سارے جہاں سے اچھا ہندوستاں ہمارا' واريون ارتقائي منزلون طئي ڪندو علامہ اقبال انهيءَ نتيجي تي پهتو تہ:

گفتند جہاں ما آیا بہ تو مے سازد،
گفتم کہ نہ مے سازد، گفتند کہ برہم زن.

(ترجمو: پڇيائون تہ "اسانجو جهان توسان نهي هلي ٿو؟"
جواب ڏنم تہ "نہ ٿو نهي." چيائون تہ "درهم برهم ڪريس.")

1930ع ۾ علامہ اقب مسلم ليگ کي پنهنجي پهرين صدارتي خطبي ۾ چيو. "مان چاهيان ٿو تہ پنجاب، اُتر-اولهہ فرنٽيئر، سنڌ ۽ بلوچستان ڪٺا ڪري هڪ رياست ٺاهي وڃي، اُن کي انگريزي سلطنت اندر يا انگريزي سلطنت کان سوا خودمختياري ڏني وڃي ۽ منهنجي نظر ۾اُتر-اولهہ جي مسلم رياست هندستان جي اُتر-اولهہ جي مسلمانن جي آخرين تقدير آهي."

مٿيون حوالو مون ايڇ. وي. هڊسن جي ڪتاب 'The Great Divide' (وڏو ورهاڱو) مان ڏنو آهي.

چوڌري رحمت عليءَ جي دعويٰ هئي تہ هو پاڪستان تحريڪ جو باني هو. 1933ع ۾ هن ۽ ٽن ٻين هندستاني مسلمانن گڏجي هڪ اشتهار ورهايو جنهن ۾ هنن چيو تہ ٽيهہ ملين مسلمان پائر پاڪستان ۾ رهن ٿا (جنهن مان هن جو مطلب هو پنجاب، اُتر-اولهہ فرنٽيئر، ڪشمير، سنڌ ۽ بلوچستان)

مرحوم جي- الانا صاحب پنهنجي ڪتاب 'Our Freedom fighters 1562-1947' (اسانجيءَ آزاديءَ جا سپاهي 1562-1947ع) ۾ چيو آهي. "چوڌري رحمت علي ترڪيءَ جي اديبا مئدم هلدي اديب سان انٽرويو ۾ چيو تہ مان پاڪستان نالو مٿين پنجن صوبن مان ٺاهيو آهي. اسان انگريز سرڪار کي مطمئن ڪرڻ جي سر توڙ ڪوشش ڪئي آهي تہ پاڪستان اسان لاءِ زندگيءَ ۽ موت جو مسئلو آهي، پر هو اسان جي ڳُهر قبول نہ ٿا ڪن. اسان، پنهنجي پاران،

پنهنجو قومي ورثو ڇڏڻ لاءِ تيار نہ آهيون......ليگ آف نيشنس (League of Nations) جا ايڪونجاهہ ميمبر ملڪ پاڪستان کان ننڍا آهن. آدمشماريءَ جي لحاظ کان، توڙي ايراضيءَ جي لحاظ کان. 1933ع ۾ جو ٻج پوکيو ويو اُهو ڦُٽو آهي ۽ اسانجو ڪم خير خوبيءَ سان هلي رهيو آهي...... اسانجو حال اسان کي ڀلي ڪوڙين اکين سان ڏسي، پر مان مستقبل ڏانهن ڏسي رهيو آهيان جو پڪ سان اسانجي آدرش تي مُرڪي رهيو آهي."

هلدي اديب ڪانئس پڇيو "ڇا پاڪستان اقتصادي طور ڪامياب ٿيندو؟" "ڇو نہ؟" هن جواب ڏنو "پاڪستان کي اٿاهہ دولت آهي، روحاني بہ ۽ مادي بہ. انگريز سامراج ۽ هندو سرمائيدار جي نيڪاليءَ سان، اسان پنهنجو رستو ڪڍي سگهون ٿا. اسان کي ڪراچي بندر بہ آهي." جي- الانا صاحب وڏيڪ چوي ٿو تہ "چوڌري رحمت علي ڪيترو نہ صحيح هو. پاڪستان جي باري ۾ پنهنجي راءِ ڏيندي هن چيو "اُهو بنيادي طرح پاڪستان جو مسئلو ٻن قومن جو جهڳڙو هو. مسلمانن پنهنجو جياپو ٿي چاهيو ۽ هندن پنهنجو غلبو ٿي چاهيو........ جمنا هندستان ۽ پاڪستان جي وچ ۾ سرحد آهي. ان جي مٽان، اسان پنهنجي دوستيءَ جو هٿ هندستانين ڏانهن وڌايون ٿا. ڇا اُهي هڪ چڱي پاڙيسريءَ وانگر هٿ ملائيندا ۽ پاڪستا جي حيثيت ائين مڃيندا، جيئن اسان هندستان جي مڃي چُڪا آهيون."

مون هڪ ڪتاب ايشيا ۽ آفريڪا ۾ قوم پرستي Nationalism in Asia and Africa) پڙهيو آهي، جنهن ۾ چوڌري محمد عليءَ جي نظريي جي تفصيل ڏنل آهي. چيو وڃي ٿو تہ چوڌري رحمت علي ڪٿي هندستان ۾ هو جڏهن مسلم ليگ جي 22، 23 ۽ 24 مارچ تي لاهور ۾ سيشن ٿي هئي پر ان جو ثبوت نہ آهي تہ هن کي دعوت هئي يا نہ.

23 مارچ 1940ع تي، مسلم ليگ هيٺيون ٺهراءُ بحال ڪيو "هيءَ سيشن انهيءَ ويچار تي آهي تہ ملڪ ۾ ڪابہ آئيني تجويز قابل عمل نہ ٿيندي جي اُها مسلمانن لاءِ قابل قبول نہ ٿيندي. جيستائين ان بنيادي اصول تي، اها تجويز ٺهيل نہ هوندي، يعني جاگرافيائي طور ويجهيون اڪائيون پنهنجن خطن ۾ ڏار ڪيون وينديون ۽ اُنهن کي اهڙي سرزميني نبيري سان ٺاهيو ويندو جيڪو ضروري سمجهيو ويندو ۽ اُهي ايراضيون جتي مسلمان برصغير جي اُتر-اولهہ ۽ اوڀر ۾ اڪثريت ۾ آهن، اُنهن کي ڪٺو ڪري آزاد رياستون ٺاهيون وينديون، جن ۾ شامل اڪائيون خودمختيار هونديون تيستائين مسئلو حل نہ ٿيندو."

جنهن وقت مٿيون ٺهراءُ بحال ٿيو اُن وقت قائداعظم چيو "اڄ اقبال اسان ۾ نہ آهي، جي هو زنده هجي ها تہ هن کي اهو ڏسي خوشي ٿئي ها تہ اسان هن جي

خواهش پوري ڪئي آهي.“

1947ع ۾ برصغير جي تقسيم ٿي، پيامِ مشرق ۾ علامہ اقبال جي هڪ غزل جو مقطع آهي:

**تيشہ اگر بسنگ زد اين چہ مقام گفتگو ست**
**عشق بدوش مي ڪشد اين همہ ڪوهسار را**

(ترجمو: ڇيٽي جڏهن پٿر تي لڳي تہ ڳالهہ ٻولهہ جي ڪهڙي وٿي رهي، عشق ساري پهاڙ کي ڪلهي تي کنيو ٿو وڃي.)

ڪنهن شاعر جا خواب حقيقت تي حاوي ٿي وڃن ٿا، جنهن جو زنده ثبوت پاڪستان آهي.

*(23 مارچ 1994ع)*

# جالب ۽ جالبي

پاڪستان ۾ مون سان گڏ ٻن ٻين معزز شخصيتن کي صدر پاڪستان هلالِ امتياز 23 مارچ تي ايوارڊ ڏنو مان هيٺ جناب حبيب جالب مرحوم ۽ ڊاڪٽر جميل جالبيءَ جي باري ۾ سرڪاري ۽ پنهنجا تاثرات پيش ڪيان ٿو:

”جناب حبيب جالب مرحوم پندرهن ورهين جي عمر ۾ شاعري شروع ڪئي. آزادي کان پوءِ هجرت ڪري ڪراچي آيو ۽ مرحوم حيدر بخش جتوئي جي هاري تحريڪ ۾ شامل ٿيو. اتي ئي ڪيس نئون شعور ۽ جاڳرتا حاصل ٿي ۽ هن هڪ خاص نظرئي سان ادب جي ڄاڻ سڃاڻ حاصل ڪئي.

سندس ڪيريئر جو آغاز هڪ غنائي طرز جي غزل گو جي حيثيت ۾ ٿيو پر وقت سان گڏوگڏ سندس آواز راءِ جي اختلاف واري شخص جو ٿي پيو مظلوم ماڻهن جي حقن واسطي وڙهندو رهيو ۽ اسانجي ادبي تاريخ ۾ ان حوالي سان ٻيو ڪوئي شاعر جالب جو ثاني نٿو ٿي سگهي.

جناب حبيب جالب مرحوم هڪ عوامي شاعر جي حيثيت ۾ سڄي عمر انياءَ ڏمر ۽ ڏاڍ سان وڙهندو رهيو هن پنهنجي اصولن تي ڪڏهن به سودي بازي نه ڪئي ۽ پنهنجي نظرين سبب غربت ۽ قيد بند جون تڪليفون برداشت ڪيون. هن جي سچائي جو قدر ڪيو ويندو هو. جالب جو احتجاج ڪن خاص شخصيتن جي خلاف نه هوندو هو. هن جي ساري جدوجهد نظام جي خلاف هوندي هئي. هو هر قسم جي ڏمر ۽ ڏاڍ خلاف ٿن ڏهاڪن کان وڌيڪ عرصي تائين جاکوڙيندو رهيو. آمريت جي اونداهن ڏينهن ۾ هن جون تحريرون سينسر ٿينديون هيون ۽ ڪڏهن ڪڏهن انهن تي پابندي به وڌي ويندي هئي.

جالب جي تصنيفن ۾ ’برگ آوارا‘، ’سر مقتل‘، ’عهد مستم‘، ’حرف مراد‘، ’قفس جي گوشي ۾‘، ’ڳالهه وهندڙ رت جي‘، هن جي شعر جي ’ڪليات جالب‘، ’حرف سرِدار‘ ۽ ’جالب بيتي‘ شامل آهن.

ادب (شاعري) جي شعبي ۾ سندس نمايان خدمتن جي اعتراف ۾ اسلامي جمهوريه پاڪستان جي صدر جناب حبيب جالب مرحوم کي هلال امتياز جو اعزاز (وفات کانپوءِ) ڏنو آهي.“

اردو شاعري ٽينس جي راند وانگر آهي. اُن ۾ فقط مرحوم فيض احمد فيض ۽

مرحوم حبيب جالب ٿي سسي نيزي پاند اڇلي هئي. مرحوم حبيب جالب ۽ بلوچيءَ جو شاعر گل خان نصير منهنجا دوست هيا ۽ ون يونٽ خلاف تحريڪ جي دوران هنن مون تي نظم لکي، سرعام پڙهيا هيا. حبيب جالب جي شاعري پڙهي مون کي وليم بليڪ جو هيٺيون شعر ياد ايندو آهي.

A robin red breast in a cage
Puts all heaven in rage

(پڃري ۾ هڪ ڳاڙهي ڇاتيءَ وارو پکيءَ ڪائنات کي ڪاوڙائي ڇڏي ٿو.)

مرحوم جي بيواهه، جنهن کي جالب جي وفات کان پوءِ هلال امتياز جو ايوارڊ مليو. جڏهن چانهه جي وقفي ۾ مون سان ملي تڏهن هُن جون اکيون اشڪبار هيون، نه فقط هن جو اکيون، پر چپ، منهن ۽ لباس روئي رهيا هئا. هڪ مرحوم شاعر جي بيواهه جا ڳوڙها هن جي هر شعر کان وڌيڪ دردناڪ تين تا ۽ ڪوئي نه ٿو ڄاڻي ته هوءَ شايد ان تي افسوس ڪري رهي هئي ته جالب جي زندگيءَ جو غزل اڌ ۾ رهجي ويو ۽ مقطع کان اڳ ڪٽجي ويو. اُن وقت مون ک فارسي شاعر شهريار جو هڪ شعر ياد آيو:

تانيستم رفيق نه داني ڪه ڪيستم
روزي سُراغ وقت من آئي ڪه نستم

(ترجمو: اي ساقي! جيستائين مان ڪونه ٿو رهان، تيستائين تون ڄاڻي نه ٿو سگهين ته مان ڪير آهيان)

هڪ ڏينهن توکي پتو پوي ٿو ته مان نه رهيو آهيان (۽ پوءِ مون کي سڃاڻين ٿو!)

ڊاڪٽر جميل جالبيءَ جي باري ۾ هيٺينءَ ريت لکيل آهي:

"ڊاڪٽر جميل جالبي هڪ ممتاز اسڪالر آهي. هن پنهنجي تصنيف ۽ تاليف جو آغاز 1947ع ۾ ڪيو هو. ادب ثقافت ۽ زبان جي دنيا ۾ هڪ ممتاز ۽ محترم جاءِ والاري ٿو. همعصر ادبي حلقن ۾ هن پنهنجي سادي روشن ۽ واضح بيان جي اسلوب ۽ عمدن تحقيقي ڪمن سبب وڏي اهميت ۽ پذيرائي حاصل ڪئي آهي. هن 33 ڪتاب ۽ 200 مقالا لکيا آهن. جن کي اردو ادب ۾ اهم حيثيت حاصل آهي.

هو تعليم، ادب، ثقافت، فڪر ۽ دانش سان تعلق رکندڙ اعليٰ سطح جي قومي ادارن سان واڳيل رهيو آهي ۽ انساني ۽ قومي بهبود سان لڳاءَ سبب ڪيس نهايت احترام ۽ قدر جي نگاهه سان ڏٺو ويندو آهي.

سندس فڪري صلاحيتن ۽ ڪارگذاري سبب سريلنڪا جي ميڊلپينا آلٽرنيٽو انٽرنيشنل 1988ع ڊي. ايس. سي جي اعزازي ڊگري ڏني.

گذريل ڇئن سالن ۾ هن پنهنجو پورو ڌيان انگريزي، اردو لغت جي ترتيب ۽

تدوين تي ڪپايو آهي، جنهن ۾ سيئي جديد سائنسي علم، فن، ادب ۽ جديد زندگي ۽ معاشرتي ڪي گهيري ۾ وٺندڙ لڳ ڀڳ ٻه لک لفظ شامل آهن. ان ۾ شڪ ناهي ته اهو هڪ وڏو ڪارنامو آهي جو علم وارن اڳيان هڪ مستند لغت جي حيثيت رکي ٿو.

انهيءَ کان اڳ ۾ 1991ع ۾ هن جامع عثمانيه جي درسي ڪتابن ۾ استعمال ٿيل ٽيڪنيڪي اصطلاحن جو مجموعو ”فرهنگي اصطلاحات جامع عثمانيه“ جي نالي سان شايع ڪيو. هي ڪم پندرهن سالن ۾ مڪمل ٿيو آهي ۽ ان کي ادبي حلقن ۾ تعريف ۽ روايت جي ڳولا ڦولا جو نالو ڏنو ويو آهي. فاضل ۽ مستند ادبي نقاد هئڻ سان گڏوگڏ هن اسلامي ۽ پاڪستاني ثقافت جي موضوع تي قيمتي ڪتاب تصنيف ڪيا آهن يا انهن ۾ شريڪ مصنف رهيو آهي. ثقافتي اظهار جي گوناگوني ۾ فڪر جي وحدت سندس سيني فڪري ۽ ذهني ڪوشش جو مرڪز رهي آهي. کيس 1965ع، 1973ع، 1974ع ۽ 1975ع ۾ ادب لاءِ دائود ادبي انعام، 1988ع ۾ محمد طفيل ادبي ايوارڊ ۽ 1990ع ۾ ستاره امتياز جا اعزاز ڏنا ويا آهن.

ادب جي شعبي ۾ سندس غير معمولي خدمتن جي اعتراف ۾ اسلامي جمهوريه پاڪستان جي صدر کيس هلال امتياز عطا ڪيو آهي.“

ڊاڪٽر جميل جالبي ٻه منهنجو پراڻو دوست آهي. هو مون سان گڏ پاڪستان رائيٽرس گلڊ جي مرڪز ڪميٽيءَ تي اُن وقت پورا ڇهه سال رهيو هو. جڏهن رائيٽرس گلڊ پنهنجي اوج تي هئي. مون کي ياد آهي ته اُن وقت مون کي هن ڍاڪا ۾ ٻڌايو هو ته مشهور فرينچ ناول نگار فرانسوا ساگان هن جي دوست هئي. اُن وقت ’دشت سوس‘، ’چهره بچهره روبرو‘ ۽ ٻين ناولن جي مصنفا مرحومه جميله هاشمي ٻه اسان سان گڏ هئي. جا خود رائٽرس گلڊ جي مرڪزي ڪميٽيءَ جي ميمبر هئي. ڪيترو وقت پوءِ ’دشت سوس‘ جي اشاعت کان پوءِ ڊاڪٽر جالبي انهيءَ ڪتاب تي نهايت دلچسپ تبصرو ڪيو. ڊاڪٽر جالبيءَ سان منهنجي ملاقات ٿيندي رهي آهي. هو شاهد احمد دهلويءَ جو دوست هو ۽ جڏهن جوش مليح آباديءَ شاهد احمد ”ساقيءَ“ جو جوش خلاف نمبر ڪڍيو هو، تڏهن ڊاڪٽر جالبي مون کي چيو هو ته هُن جي همدردي شاهد احمد دهلويءَ سان هئي

اها ڳالهه ڪافي خوش آيند آهي ته اڳي شاعر حڪومتن جا قصيدا پڙهندا ها پر هاڻي ڳالهه ان جي ابتڙ آهي. جيتوڻيڪ جيڪي ٻه پاڪستان سول ايوارڊس ۾ لکيو ويو آهي. اُهو سخن شناس جي تحسين آهي. مان ڊاڪٽر جميل جالبيءَ کي تهه دل سان مبارڪباد پيش ڪيان ٿو ۽ مرحوم حبيب جالب لاءِ چوان ٿو.

”حق مغفرت کرے عجب آزاد مرد تھا“

(27 مارچ 1994)

# چين جو نئين سِر جائزو

چين جي مشهور ڏاهي لِن يو تانگ، آمريڪا ۾ سڪونت اختيار ڪئي هئي ۽ انگريزي ۾ ڪيئي ڪتاب لکيا ها، جن ۾ هڪ ڪتاب 'ادراڪ جي اهميت' (The importance of understanding) بہ هيو. هو پهريون ڪنفيوشس جو پوئلڳ هو پر پوءِ اسي ورهين کان مٿي عمر ۾ اهو چئي پريسبٽيرين چرچ ۾ شامل ٿيو هو تہ: "خدا ۾ ويساهہ کان سوا مان پاڻ کي ڪائنات ۾ يتيم سمجهي رهيو آهيان." اُنهيءَ مٿي ذڪر ڪيل ڪتاب ۾ 'بزرگن جي ذهانت' واري باب ۾ هُن هيٺيان بہ قول ڏنا آهن:

ڪنفيوشس چيو: "جيڪڏهن ڪنهن انسان کي غلطيءَ جو احساس ٿئي ۽ اُن غلطيءَ کي درست نہ ڪري تہ هو ٻي غلطي ٿو ڪري." ٻيو قول جو هڪ ڳالهہ وانگر هيو هيٺينءَ ريت آهي:

"چُئانگ تِسي، هڪ پيري چهل قدمي ڪري، گهر موٽي آيو ۽ هن جي پيروڪارن هن جي منهن تي ڏک جا آثار ڏٺا. اُن تي هبب ڪانئس پڇيو تہ "ڇا ٿيو آهي؟" جنهن تي هُن ڪين هيٺين ڳالهہ ٻڌائي: "مان ٻهراڙيءَ ۾ گهمي رهيو هوس تہ هڪ عورت ڏٺم جا زمين تي ويٺي هئي. هن کي هڪ وِڃڻو هٿ ۾ هُيو جو هوءَ هڪ تازيءَ قبر تي گهمائي رهي هئي. مون حيرت مان ڪانئس پڇيو تہ هوءَ ڇا ڪري رهي آهي، جنهن تي اُن عورت جواب ڏنو: "مون پنهنجي مڙس سان وعدو ڪيو هو تہ جيستائين هن جي قبر نہ سُڪندي، مان ٻي شادي نہ ڪنديس، پر پوءِ مينهن پيو ۽ هاڻي هيءَ واهيات آب و هوا ڏس!"

مون کي اهي ٻئي قول ياد آيا جڏهن اسانجي پياري دوست مُلڪ چين انساني حقن واري ڪميشن (Human Rights Commission) ۾ ايران وانگر اسان جي توقع موجب مدد نہ ڪئي. دراصل دوستي انفرادي قدر آهي ۽ مملڪت سان اُن جو واسطو نہ آهي. مون کي تہ چين سان اڳ بہ خوش فهميون نہ هيون ۽ جڏهن چيني حڪومت تاءِ نان مين اسڪاير ۾ فائرنگ ڪرائي هئي تہ مون اُن جي خلاف هڪ بيت لکيو هو جو رسول بخش پليجي جي رسالي تحريڪ ۾ پهرين صفحي تي شايع ٿيو هو. مون اڳ بہ ڪنهن ڪتاب ۾ لکيو هو تہ روس جي سولزي

نٽسن وانگر، چين ۾ چيني دانشور فئنگ لزيءَ تي ظلم ڪيو ويو هو پر هن پنهنجي بغاوت جو علم بلند رکيو هو.

هيءَ صدي دانشور ۽ اديب جي مطلق العنانيت خلاف بغاوت جي صدي آهي، اڇو ته ڏسون ته اڄ ڪلهه مائوزي تنگ ۽ چو اين لاءِ جي ملڪ ۾ ڇا ٿي رهيو آهي ۽ اُهو چانگ ڪائي شيڪ جي دؤر کان ڪيئن بهتر آهي؟

ڪجهه ڏينهن اڳ پوليس پندرنهن نظرياتي مخالف (dissidents) گرفتار ڪيا. تازو جڏهن امريڪن سفير وارن ڪرسٽافر بيجنگ ۾ لٿو تڏهن چيني اڳواڻن جو انساني حق تي تڪر هلي رهيو هو چين ۾ نظرياتي مخالف وري توجهه جو مرڪز آهن. هٽڪڙيون هنيل، شڪاري ڪُتن جي رومڙ ۾ آيل، 1889ع ۾ جمهوريت پسنديءَ سبب تاءِ نان مين واري ڪوس ڪانپوءِ ڀهراڙيءَ ۾ ڇڙوڇڙ ٿي ڇپيل ۽ اُن ظلم ۽ تشدد کان بچي ويل دانشور سگهارا ۽ پنهنجي پِرن تي پڪا آهن. ايئن آهي ته ڪيترائي شاگرد تاءِ نان مين واريءَ قتل غارت کان پوءِ دلشڪستا ٿي پيا آهن ۽ سياست ڇڏي، دولت جي تلاش ۾ آهن. پر حڪومت جي نظرئي جا مخالف جهونا آزمودگار اڳواڻ آهن. جي چاليهن ورهين جي عمر کان ٽپي چُڪا آهن ۽ انهن مان اڪثر جو مغرب سان ڪوبہ تعلق نہ آهي پر چيني مزدورن جا رهنما آهن ۽ اُنهن جون خودمختيار ٽريڊ يونينون ناهڻ چاهن ٿا.

ڪجهه چيني آفيسر، جي ڪرسٽافر سان گڏ چين جي دوري تي ها، هُن کي اهو ذهن نشين ڪرائي رهيا ها ته مزدورن تي هنن ڪڙڪات ان ڪري ٿي ڪيا جو هو آمريڪا جا مخالف ها (هيءَ ڳالهہ اسان جا چين نواز سنڌي خاص طور ڌيان ۾ رکن.) اها لُنڊي خوشامد هُو انڪري ڪري رهيا ها جو ٻن مهينن ۾ آمريڪا کي فيصلو ڪرڻو هو تہ چين سپ کان وڌيڪ مراعات يافتہ قوم (most favoured nation) تسليم ڪئي وڃي يا نہ. اها ڳالهہ ٻيهر تسليم ڪرڻ لاءِ پريزيڊنٽ ڪلنٽن جي انتظاميا چين لاءِ توهين آميز شرط رکيو اهي تہ "بيجنگ اهو ڏيکاري تہ اُن پنهنجو قبلو درست ڪيو آهي ۽ انساني حق تسليم ڪيا آهن" پر چيني رهنمائن کي پنهنجيءَ ڪُرسيءَ بچائڻ جي اوني نهوڙي نيو آهي ۽ اُهي اهڙي مخالف (dissident) تحريڪ کي برداشت ڪري نہ ٿا سگهن، جا پولنڊ جي اتحادي تحريڪ (Solidarity movement) وانگر آهي.

ڪرسٽافر جنهن ڏينهن شنگهائيءَ پهتو پوليس بہ اهم مخالف گرفتار ڪيا، ٿي انساني حقن جي تحريڪ جا رهنما روپوش ٿي ويا ۽ ٻہ آمريڪي صحافي قيد ڪيا ويا. ان ڪانپوءِ ڪوسٽافر ۽ چين جي وزيراعظم لي پنگ سوڏو چين جي چوٽيءَ جي اڳواڻن جي وچ ۾ جيڪي ڳالهيون ٿيون، اُنهن تي برف ڳگاتيل هئي. مخالفن جي وٺ پڪڙ مذاڪرات تي نهايت برو تاثر ڇڏيو. چين ۾ بہ روس وانگر

اڳواڻ اقتدار تي قبضي لاءِ هڪ ٻئي جو چڪين ماس کائي رهيا آهن ۽ ممڪن آهي ته اُها ڇُرپُر ۽ ڇڪتاڻ هڪڙي ٽولي جي اُتساهيل هجي.

هن وقت چين جي اقتصادي حالت بحران جي صورت وٺي رهي آهي ۽ اُن کي پيرن تي بيهارڻ جي رٿن کي اُلٽ پلٽ ڪرڻ جون ڪوششون ٿي رهيون آهن. ڪيئي صوبا ۽ پراڻي اشتراڪي افسرشاهي، پروگرام جي هر حصي سان بغاوت ڪري رهي آهي. اڪثر مخالف جن کي نظربنديءَ هيٺ رکيو ويو آهي اهي مزدور تحريڪ ۾ فعال (Labour activists) آهن. حڪومت اهي وڏيون مهمون ڪٽي رهي آهي جي چين جي سرمايداريءَ لاءِ جوکم واريون آهن. چين کي پوءِ آهي ته جي آمريڪا سندس مدد نه ڪئي ته کيس 25 بلين ڊالرن جو نقصان پوندو. چيني ٽيڪنوڪرئٽ ڪيئي ملين محنت ڪشن کي بيروزگار بڻائڻ جي ڪوشش ۾ رڌل آهن. ۽ اهو به اُن وقت جڏهن روزگار جي تلاش ۾ ڪروڙين هاري بندرگاهن وارن شهرن جي گهٽين ۾ ڪتا ٿي رهيا آهن. انهن حالتن ۾ غير ڪميونسٽ ليبر اڳواڻ حڪومت جي خلاف عوام کي اُڀاري رهيا آهن. جا ڳالهه تاءِ نان مين ۾ ماريل باغي شاگردن جي وس کان ٻاهر هئي. مائوءَ جو بهشت شداد جي بهشت کان برو نڪتو آهي، ان جا در درواز ڏري، پورا پورا ٿي ڪري رهيا آهن. ۽ اندران دوزخ جو دونهون اُيري رهيو آهي.

چين جي نون رهنمائن جي حڪمت عملي 1991ع ۾ صورت وٺڻ لڳي، جڏهن سورنهن فعال ڪارڪنن هڪ خفيه انجمن ٺاهي ۽ اُن جو 'جمهوري آزاديءَ جي پارٽي' نالو رکيائون. اُنهن کي هڪ سال اندر وٺ پڪڙ ڪئي وئي ۽ اُنهن تي انقلاب دشمن ڪارروايئن جو الزام ڌريو ويو ۽ اجا تائين اُنهن تي مقدمو توڙ تائين نه پهتو آهي، جيتوڻيڪ اها پڪ آهي ته اُنهن کي سزا ڏني ويندي. مخالف ڌر درخواستن تي صحيحون وٺي رهي آهي. جن ۾ اسٽرائيڪ جو حق طلبيو ويو آهي ۽ خودمختيار ٽريڊ يونينن ٺاهڻ جي اجازت گُهري وئي آهي. چيو وڃي ٿو ته 38 خفيه سياسي مرڪز اهڙيون صحيحون وٺي رهيا آهن. مزدور رهنمائن ۽ دانشورن تي طرح طرح جو ظلم ٿيو آهي جو عالمي پريس وائکو ڪيو آهي، پر هاڻي مخالف ڪافي سخت جان ٿي ويا آهن ۽ آمريڪي سفير ڪرسٽافر، جو پريزيڊنٽ ڪلنٽن جي چين جي باري ۾ پاليسي ٺاهيندڙ آهي، اُن تائين پنهنجو آواز پهچائي رهيا ها، پيغام ۽ ايلچي موڪلي رهيا ها. جڏهن ڪرسٽافر آمريڪا جي وائيٽ هائوس ۾ موٽيو تڏهن چيو ويو ته اجا تائين چيني خاص امداد ويچار هيٺ آهي ۽ تيستائين نه ڏني ويندي جيستائين چين واضح نه ڪري ته اهو انساني حقن جو احترام ڪري ٿو.

بيجنگ آمريڪا ڏانهن صليب احمر جي ٽولي کي پنهنجي وڪالت لاءِ

موڪليو آهي تہ پلي هو چين ۾ اچي قيدين جون حالتون ڏسن ۽ اهو بہ ڏسن تہ جيڪي جيلن ۾ شيون قيدين ناهيون آهن. نہ رڳو اُنهن جي ٻاهر روانگي تي ڪتر وڌي وئي آهي پر ڪجھہ سياسي قيدي بہ آزاد ڪيا ويا آهن. هاڻي چيني منتر آمريڪا کي ٺڳي نہ ٿا سگهن ۽ هو بار بار چين ۾ مندوب موڪلي، اهو سمجهي ويا آهن تہ چين ۾ انساني حق ناياب آهن ۽ چين ۾ جمهوريت پسند دانشور اهو ڪُلم ڪلا چئي رهيا آهن تہ هاڻي حڪومت اسان کي رڍ ٻڪريءَ وانگر واڙي نہ سگهندي. ممڪن آهي تہ مٿينءَ چوٽيءَ وانگر مينهن پوي ۽ آمريڪا چين جي اقتصادي امداد بحال ڪري.

اسانجا سنڌي نوجوان اجا مائوزي تنگ ۽ هوچي منہ تي اُڌوهي کاڌل ڪتاب پڙهي رهيا آهن ۽ هنن کي، ڊول اندر پول، جو احساس نہ آهي. هونءَ تہ نڙيءَ تي لت پيٽ تي لت کان بہ خراب آهي چو تہ اُها گهڙيءَ ۾ پوساتي ماري ٿي، پر هاڻي تہ اهو ظاهر آهي تہ اشتراڪي ملڪ پيٽ تي بہ لت ڏئي رهيا آهن ۽ اقتصادي ناڪامي اُنهن جو مقدر آهي. اسان کي اهو سمجهڻ گهرجي تہ جمهوريت ۾ سياسي ۽ معاشي انصاف ضروري آهي پر اهو جمهوري طور طريقي سان. وڻو آهي. ٻيو طريقو دنيا آزمائي چُڪي آهي ۽ اُهو بريءَ طرح ناڪام ٿيو آهي.

(28 مارچ 1994ع)

# سنڌ ۾ ٿيندڙ سازش

پاڪستان جي نظرياتي اساس جي باري ۾ جڏهن اردوءَ ۾ ذڪر ڪيو ويجي ٿو ته اُن کي نہ رڳو اورنگزيب عالمگير سان ملايو ويجي ٿو پر اڃا بہ پنتي ڪري محمد بن قاسم جي فتح سنڌ سان ملايو ويجي ٿو. مان ان جي ترديد نہ ٿو ڪيان پر رڳو ايترو پڇان ٿو تہ اورنگزيب عالگير ۽ فاتح سنڌ محمد بن قاسم رڳو برصغير جي تقسيم جو تصور ڏنو هو يا اهو بہ چيو هو تہ سنڌ صوبي کي بہ ٻہ اڌ ڪيو ويجي، جتي هن پهريون پيرو اسلام جي شمع منور ڪئي هئي؟

مهاجر رابطي ڪميٽي وارا، جن کي 'آدھا تمهارا اور آدھا همارا' جا نعرا هٽي گهگهي پئجي وئي آهي، ڇا اسانجي مهمان نوازيءَ جو اسان کي اهو صلو ڏين ٿا؟ ڇا 23 مارچ 1940ع واري ٺهراءَ ۾ سنڌ جي ورهاڱي جي ڪا ڳالهہ هئي؟ ڇا علامہ اقبال، قائداعظم، چوڌري رحمت عليءَ ڪائي اهڙي تقسيم سوچي بہ هئي؟ جي مهاجر رابطي ڪميٽيءَ وارا اُنهن نظرياتي مفڪرن کي فقط موجوده پاڪستان جو ٿا سمجهن، تہ اُنهن کان آءٌ پڇان سيد احمد بَريلويءَ کان سر سيد تائين ڪنهن اهڙي ڳالهہ ڪئي هئي تہ هڪ اسلامي مملڪت ٺاهي، ثقافتي تضاد کي ايترو وڌايو ويجي جو اوپر پاڪستان ۽ اولهہ پاڪستان کان ڌار ٿي وڃي ۽ اولهہ پاڪستان ۾ سنڌ جو صوبو هنڊُ وانگر تقسيم ڪيو ويجي ۽ اسانجو سمندر ۽ بندرگاهہ ۽ حيدرآباد، ميرپورخاص ۽ بدين تائين زمين اُنهن کي ڏني وڃي جي هندستان مان هجرت ڪري وڃن ڇو تہ هو اُترپرديش، مڌيہ پرديش، دهليءَ دکن ۽ بهار مان ڌڪجي ويندا.

شهيد ڀُٽي اقتدار ۾ اچي ڪراچيءَ ۾ 'سنڌ صدين کان' سيمينار ڪرايو هو. جنهن ۾ ان خطي جي جامع مطالعي جي ڪوشش ڪئي وئي هئي، جو ايترو شاهوڪار هيو جيترو نيل نديءَ ۽ بابل جي تهذيب هئي. اڄ اُن کي تباهہ ڪري، التمش ۽ سُبڪتگين جي تاريخ لاءِ جاءِ پيدا ڪئي ٿي وڃي، جا هند جو حصو آهي ۽ توڙي جو نعم البدل نہ آهي. ڀيو نہ تہ مهاجر رابطي ڪميٽيءَ وارا فقط بہ ڪتاب، 'سنڌ صدينءَ کان پوءِ' انگريزيءَ ۾، 'سنڌ تاريخ جي آئيني ۾' اردو ۾ پڙهي ڏسن تہ کين پتو پئي تہ آمريڪا کان روس تائين سنڌ جي باري ۾ ڇا ٿو چيو

وچي ۽ اهي سنڌن لاءِ قابل فخر ڳالهه آهي ته هو سنڌ ۾ آهن.

مرحوم اي- ڪي- بروهي 'سنڌ صدين کان پوءِ' ۾ لکيو آهي ته:

"سنڌ جي هن خطي اسلام جي روشنيءَ جا شروعاتي ڪرڻا ڏٺا، جيڪي ننڍي کنڊ جي ڪنهن به ٻئي حصي ڪونه ڏٺا، ۽ جيڪي ڀارت جي غير مهذب ماڻهن تي ظاهر ٿيا. ان جي موٽ ۾ هنن اسلامي دنيا کي سنڌن تخليقي جذبن جي ڦهلاءَ لاءِ ثقافتي مرڪز قائم ڪرڻ ۾ نمايان ماڳ فراهم ڪيو جيڪو انسان جي روحاني اوسر لاءِ سچيءَ اوسر جو هنڌ هو"

ڇا مهاجر رابطي ڪميٽي وارا اُن روحاني ورثي کي، جو اُن ڌرتيءَ تي سميٽجي آيو آهي، جتان اُن جي روشني ڦٽي هئي، دولت ۽ اقتدار جي حرص ۾ تالان والان ڪرڻ چاهن ٿا ۽ اسان کي اهو احساس ڏيارڻ چاهن ٿا ته اسان کين جيءَ ۾ جايون ڏئي غلطي ڪئي آهي. ائين ڇو آهي ته جڏهن ڪوئي سنڌي پاڪستان جو وزيراعظم ٿئي ٿو ته رڳو هو سنڌ جي تقسيم لاءِ سوچن ٿا پر عملي قدم به کڻن ٿا. مان ڪانئن هيٺيان سوال پڇڻ ۾ حق بجانب آهيان:

1. ڇا ڪراچيءَ ۾ ٽيهه لک ماڻهو ۽ اندرونِ سنڌ ويهه لک ماڻهو غير قانوني طور آيل نه آهن، ۽ اهي دهشتگرديءَ کي هٿي نه ٿا ڏين ۽ سنڌ کي ورهائڻ ٿا چاهين؟ سنڌ جي تقسيم جو خيال نه فقط سنڌن اقتصادي حرص و هوس جو مظهر آهي پر سنڌن نفسيات جو حصو به آهي.

2. ڇا هو اسان کي اقليت ۾ تبديل ڪرڻ چاهن ٿا ۽ اسان تي ائين حڪومت ڪرڻ چاهن ٿا ۽ ڏونس ۽ ڏانڊلي ڄمائڻ چاهن ٿا جيئن هڪ هزار سال لاءِ هندستان ۾ هندن تي ڄمائي هيائون؟

3. ڇا هو قانوني نظم و ضبط کي پنهنجي مذموم ارادي کي حاصل ڪرڻ لاءِ بالڪل تباهه ڪرڻ چاهن ٿا؟

4. ڇا هُو ڀارت جي خفيه ايجنسيءَ "را" (Raw) جا ايجنٽ آهن ۽ هٿي انفراتفري ڦهلائي، اسان تي ايترو اندروني دٻاءُ وجهن ٿا جو اسان ڪشمير جي مسئلي تي جهُڪي پئون؟

5. ڇا جيئن خمينيءَ، شاهه ايران جي خلاف فرانس ۾ سازش سٽي هئي، ائين ڪوئي لنڊن پلان تيار ٿيو آهي ۽ مهاجر رابطي ڪاميٽيءَ وارا اُن پلان تي عمل ڪري، نه رڳو سنڌ پر پاڪستان کي تهس نهس ڪرڻ چاهن ٿا؟

6. ڇا هنن اهو سمجهيو آهي ته هو پاڪستان جا نظرياتي باني ها ۽ پاڪستان جي ڌرتي تي هنن کي ئي حڪومت ڪرڻ جو حق آهي؟ ڇا هو اهو وساري سگهن ٿا ته پاڪستان جو واضح تصور چوڌري رحمت علي، علامه اقبال ۽ قائداعظم ڏنو هو. جَي سڀ موجوده پاڪستان جي خطي جا ها؟

انهيءَ مهاجر رابطا ڪميٽيءَ اسان سنڌين ۽ سنڌ گورنمينٽ کي ڪيترو نہ نقصان ڏنو آهي! سنڌ گورنمينٽ يارنهن لک رپيا روزانو فقط قانون جي بحاليءَ تي خرچ ڪري رهي آهي. هو ڪيستائين قومي خزاني کي ايئن برباد ڪرائيندا؟

حڪومت ڪائي منصوبابندي ڪري ٿي تہ هيترن ماڻهن کي بجلي پهچائڻي آهي ۽ هيترن کي پاڻي، تہ لکن ۾ غير قانوني طور ماڻهو اچي، ان ساري منصوبہ بندي کي تهہ و بالا ڪري ڇڏن ٿا.

دنيا ۾ آدمشماريءَ جي واڌ جو تناسب (Ratio) 3.1 في صد آهي پر سنڌ واحد صوبو آهي جتي اهو ست فيصد آهي ۽ اهو تناسب دنيا ۾ هر ملڪ کان گهڻو آهي. سنڌ جڻ يتيم خانو ٿي پئي آهي ۽ ساري جهان جو درد اسانجي جگر ۾ ڪٺو ڪيو وڃي ٿو ۽ هاڻي اُن ۾ ايتري رت پُونءَ ڪٺي ڪئي آهي جو ان جي جراحي اشد ضروري ٿي پئي آهي نہ تہ اهو زهر ساري جسم ۾ سرايت ڪري ويندو.

ڇا اها بہ سنڌي شاونزم آهي جيُ اسان چئون تہ اسانجا ٻار غير محفوظ آهن ۽ ان ڪري اسڪول وڃڻ ڇڏي ڏنو اٿائون ۽ اُنهن جون عمريون تباهہ ٿي رهيون آهن؟ اها ڪميٽي ڪير ٿيندي آهي پاڪستان جي نظرئي کي يرغمال رکڻ واري؟

اسان جي سائين عبدالله شاهہ کي اها درخواست آهي تہ پلي ترقياتي ڪم ڪجهہ وقت لاءِ روڪجي وڃن پر هو ساري توجهہ ان ڳالهہ تي مرڪوز ڪري تہ اهي پنجاهہ لک غير قانوني شهري ڪراچيءَ ۽ سنڌ مان ڏڪي ٻاهر ڪيا وڃن، جي اسان جي خلاف هڪ گهناوني سازش ۾ استعمال ٿي رهيا آهن. جيتري قدر مون کي معلوم آهي تہ اهڙي خاطري وزير داخلا جناب نصيرالله بابر بہ ٿي پيرا ڏئي چُڪو آهي پر ان تي ڪوبہ عملي قدم نہ کنيو ويو آهي. سنڌ انوريءَ جي هيئين شعر جو مثال ٿي چڪي آهي:

هربلائي ز آسمان آيد
خانہء انوري تلاش کُند

(ترجمو: جا بلا آسمان اچي مان ٿي،
"انوريءَ" جو گهر تلاش ڪري ٿي.)

هاڻي اسان چڱي طرح ڏٺا آهن تہ يائيپيءَ جي احرام ۾ ڪيترا ڇُرا ڇپيل آهن ۽ اها ڳالهہ دل جو ڪعبو ڊاهي رهي آهي. يورپ جي ڪنهن ملڪ ۾ هڪ ماڻهوءَ جي بہ غير قانوني داخلا ناممڪن آهي. اُتي ڪوبہ هتان وانگر ڪوڙا شناختي ڪارڊ ٺهرائي نہ ٿو سگهي. ٻيو تہ ٺهيو پر اسان جي پاڙيسري ملڪ هندستان ۾ بہ اها ڳالهہ نهايت مشڪل آهي. هتي هر جاءِ تي ڪوئي نہ ڪوئي سنڌ دشمن يا پاڪستان دشمن ڪوئو قومي شهتير ڪتري رهيو آهي ۽ ان لاءِ

*برسات ۾ چپيل ايڊيٽوريل*

ڪٽان ڪٽان جا ڪوئا ڪنا ڪري رهيو آهي. استحڪام ۽ سلامتيءَ لاءِ سخت اپاءَ وٺڻ گهرجن ۽ غير قانوني طور آيل پرديسي ديس بدر ڪرڻ گهرجن. ان ڳالهه ۾ ساري سنڌ اُن جا هٿ مضبوط ڪندي هن جي احسان مند رهندي. شاهه صاحب کي مان پنهنجي دوست گل خان نصير جي ايوب خان تي لکيل نظم مان هڪ سٽ پڏايان ٿو جا اُميد ته هو هيئين سان هنڊائيندو.

"ايوب خان! گدڙ پٽر چپاڙي نه سگهندا آهن."

چرچل ٻي جنگ عظيم دوران خطري جي گهنٽي وڄائيندي چيو هو:

"اسان مان هر ڪنهن کي پنهنجو قرض پورو ڪرڻ گهرجي ۽ اهڙي طرح هلڻ گهرجي جو جيڪڏهن برٽش سلطنت هڪ هزار سال به هلي، تڏهن به ماڻهو چئي سگهن ته هيءَ اسان جو بهترين لمحو هو."

*(29 مارچ 1994)*

# جينيس ڪنهن کي چئبو آهي ؟

لفظ جينيس (Genius) لاءِ ڪنهن بہ سنڌي يا اُردو ڊڪشنريءَ ۾ اهڙي معنيٰ ڏنل نہ آهي جا اُن جو صحيح مفهوم ادا ڪري سگهي. ايئن نہ آهي تہ اسان وٽ جينيس نہ ٿيا آهن. دؤر جديد ۾ شهيد ذوالفقار علي ڀٽو اسان وٽ سياسي جينيس هو جنهن جي ذڪاوت، قومي ۽ بين الاقوامي معاملات جو شعور، سياست ۽ تاريخ تي عبور بي مثال هو. هو دل جو سخي هو ۽ سخاوت جي ڪيفيت ۾ ئي مون کي چيو هيائين، "اياز! مون کي پنهنجو آندري مالرو گهرجي." مان 4 اپريل تي شهيد ڀٽي جي صحبت ۾ گذاريل گهڙيون لکي رهيو آهيان، جن مان هن جي شخصيت جي عڪاسي ٿئي ٿي. ان کان اڳ مان سنڌ جي نوجوان نسل کي جينيس لفظ جو جامع مفهوم ڏيڻ ٿو چاهيان. پر ان کان اڳ ۾ جو ان لفظ جي وضاحت ڪيان، مون کي ايراني شاعر جواهري وجديءَ جو هڪ شعر ياد اچي رهيو آهي:

خواهيں کہ چوں پروانہ بپائی تو بسوزند
چوں شمع دل افروختہ و گرم زباں باش

(ترجمو: جي تون چاهين تہ تنهنجي پيرن وٽ (ماڻهو) پروانن وانگر جلن،
تہ (ان کان اڳ ۾) تون شمع وانگر دل ٻٻنڪ ۽ گرم زبان وارو ٿيءُ!)

اهو شعر پڙهي شهيد ڀٽي جي تصوير اُڀري اچي ٿي، جيڪو منهنجي نگاهہ ۾ سنڌ جو واحد سياسي جينيس هو ۽ بر صغير ۾ نهروءَ وانگر عظيم مفڪر، مدبر، سياست دان، عوامي رهنما، بين الاقوامي امور جو ماهر ۽ مصنف هو.

جينيس جي جديد انگريزي ٻوليءَ ۾ معنيٰ آهي:

"The highest conceivable form of original ability, some this altogether extra ordinary and beyond even supreme educational prowese."

(ترجمو: اصلانتيءَ قابليت جي عظيم ترين قابل فهم صورت، ڪائي ڳالهہ جا بنهہ غير معمولي ۽ اعليٰ ۾ اعليٰ تعليمي همت کان بہ بعيد هجي)

ارڙهين صديءَ تائين انهيءَ لفظ کي اهو مفهوم نہ هو. رومن دور ۾ يوناني زبان ۾ ان جون ٻيون ٻيون معنائون هيون، جي هتي ڏيڻ ضروري نہ آهن. انهن ٻولين ۾

درجي بہ درجي ان لفظ جي مفهوم ۾ وسعت پيدا ٿيندي وئي، جيئن انگريزيءَ ۾ پيدا ٿيندي وئي، جنهن ۾ اهو لفظ سورهين. صديءَ ۾ بہ ورلي ڪم آندو ويو هو. رڳو اتفاق بين جانسن جي هيٺين شعر ۾ اچي ويو هو:

Ramp up my genius be not retrograde,
But boldly nominate a spade a spad.

(ترجمو: منهنجي جينيس کي اُچال ۾ پٺ تي نہ موٽاءِ،
دلير ٿي ۽ بيلچي کي بيلچو چئہ!)
(انگريزيءَ ۾ بيلچي کي 'بيلچو چوڻ' ڪُلم ڪُلا سچ چوڻ لاءِ محاورو آهي.)

شيڪسپيئر اهو لفظ پنهنجي ڊراما مئڪبيٿ (Macbeth) ۾ ڇهہ ست ڀيرا ڪم آندو آهي. هڪ هنڌ مئڪبيٿ بئنڪو (Banque) کي چوي ٿي:

"دنيا ۾ هن کان سوا ڪوبہ اهڙو انسان نہ آهي، جنهن جي وجود کان مان ڊڄان ٿي: هو جڻ منهنجي جينيس کي ڇڙٻ ڏئي رهيو آهي، جيئن چيو ويو آهي تہ 'سيزر' 'مارڪ انٽونيءَ' کي ڏيندو هو."

شڪسپيئر جي جوليس سيزر ڊراما ۾ بروٽس خود ڪلامي ڪري رهيو آهي:

"ڪنهن بہ ڀوائتي ڳالهہ ڪرڻ کان پوءِ پهرين وک کڻڻ جي وچ ۾، عبوري دؤر هڪ رويا يا خوابِ پريشان وانگر لڳي ٿو جينيس ۽ ناپايدار ذريعا تڏهن صلاح مشوري لاءِ پاڻ ۾ جنبي وڃن ٿا."

سترنهين صديءَ جي وچ ڌاري انگريزيءَ ۾ لفظ جينيس ڏات (Talent) سان هم معنيٰ سمجهي استعمال ڪيو ويو. جان ايلون ڪنهن لاءِ چيو: "رياضيات ۾ هن جي آفاقي جينيس سبب هن جي جوڳي همت افزائي ڪئي وئي."

1775ع ۾ ڊاڪٽر جانس پنهنجي ڊڪشنريءَ ۾ 'جينيس' لفظ جو جديد شعور تہ نہ ڏنو پر پنهنجي پيش لفظ ۾ چيائين: "تہ ڪي لفظ اهڙا آهن جي اسانجي ٻوليءَ جي جينيس اپنايا آهن."

اُن کان پوءِ فيلڊنگ، گولڊ سمٿ ۽ هوريس والپول جينيس، لفظ پنهنجي جديد معنيٰ ۾ ڪم آندو آهي.

فرانس ۽ جرمنيءَ ۾ جينيس ۽ ڏات (Talent) ۾ فرق تي ڪافي لکيو ويو ۽ ان تي سيزاري لومراسو (Cesare lombraso) ارڙهين صدي جي آخر ۾ يا اُڻويهين صديءَ جي پهرين ڏهاڪي ۾ هڪ ڪتاب 'جينيس وارو ماڻهو' (Man of Genius) لکيو جنهن ۾ جينيس ۽ ڏات (Talent) ۾ فرق ڪيو ويو. اُن ۾ لکيو ويو تہ "ڏات اڳي بيان ڪيل حقيقتون نئين سر پيدا ڪري ٿي پر جينيسن جو اُتساهہ اُنهن جو رنگ روپ بدلائي ڇڏي ٿو ۽ اُنهن کي بنهہ نواڻ ڏئي ٿو. ڏات ڳالهہ ورجائي ٿي، جينيس اُن کي ايجاد يا تخليق ڪري ٿو. ڏات ڪنهن نقطي تائين

رسائي چاهي ٿي تہ جينيس اختراع پسند ۽ جدت پسند آهي. هن جي طبيعت ۾ تجدد آهي، هو پنهنجو رستو ڳولي لهي ٿو. هو رُخصت ۽ روانگيءَ جو قائل آهي، روايت جو باغي آهي، هو ڪيئي ڳالهيون اڳوات مبهم انداز ۾ ڏسي سگهي ٿو جي اڳتي پيش اچڻيون آهن. جڏهن ڏنڊ هٿي وڃي ٿو تڏهن اُهو منظر چٽو نظر اچي ٿو جنهنجي هو اڳ ڪٿي ڪري ٿو. هو اهي حقيقتون تصور ۾ آڻي ٿو جن جو ڪيس پورو شعوربہ نہ آهي.“

والٽيئر ڪنهن موسيقار لاءِ لکيو هو تہ هو موسيقي ايئن ٺاٺي (ڪمپوز ڪري) ٿو جيئن پکي آکيرو ٺاٺيندو آهي.

موزارٽ پنهنجو ‘harpsi chord’ (بين وانگر باجو) ٽن يا چئن سالن جي عمر ۾ هلائيندو هو ڊانٽي پهرين سانيٽ نون ورهين جي عمر ۾ لکي هئي. گوئٽي ڏهن ورهين جي عمر ۾ ستن ٻولين ۾ ڪهاڻي لکي.

جينيس پنهنجن خيالن سان ساريءَ دنيا کي ڪاوڙائيندو آهي ۽ پوءِ غالب وانگر منڪسر مزاجيءَ جو نقاب پائيندو آهي:

ہم کہاں کے دانا تھے کہاں کے یکتا تھے
بے سبب ہُوا 'غالب' دشمن آسمان اپنا

(ترجمو: اسان ڪهڙا داناءَ هئاسين، اسان ڪهڙا اڻ مٽ هئاسين؟
اي غالب! آسمان اسانجو بي سبب دشمن ڇو ٿيو آهي؟.)
پر اڪثر جينيس حافظ وانگر علي الاعلان چوندا آهن:

**بيا تاگُل بيفشا نيم وميءَ در ساغر اندازيم**
**فلڪ را سقف بشگا فيم و طرح نو در اندازيم.**

(ترجمو: اچو تہ گل اڇلايون ۽ ساغر ۾ شراب پريون. ۽ آسمان جي ڇت ڦاڙي نئين دنيا ناهيون.)

ڪيرڪي گارڊ چيو هو تہ ”جينيس هوا جي رُخ خلاف وچ وانگر ڪڙڪي ٿو.“ هئولاڪ ايلس چيو تہ ”جينيس پنهنجي منفي انڪار ڪان وٺي پنهنجي اذيت ۽ موت تائين، هر ڳالهہ سان مُنهن ڏئي وڃي ٿي.“ (اها ڳالهہ شهيد ڀٽي جي باري ۾ بہ ايتري صحيح آهي جيتري منصور جي باري ۾ صحيح هئي. فرق اهو هو تہ شهيد ڀٽي سياسي اناالحق جو نعرو هنيو هو.)

هر جينيس پنهنجيءَ مخصوص طبيعت سبب ڪيترن ئي آدمين کي ڪاوڙائيندو آهي ۽ هن جو وجود ائين لڳندو آهي جڻ هو روزاني زندگيءَ ۾ ڪوئي ناموزون شخص آهي. پر جڏهن هو پنهنجي جيئري ڪامياب ٿيندو آهي تہ هن جي همعصرن کي نانگ سُنگهي ويندو آهي. اُنهن جي زبان لڳي ويندي آهي ۽ هو هُن جي موجودگيءَ ۾ يا پرپٺ هن جي ساراهہ ۾ ٻڙڪ نہ ٻاڦيندا آهن. ۽ هن جي موت

ڪان پوءِ هن تي عاليشان مقبرا اڏيندا آهن ۽ هن جي پرستش ڪندا آهن.

گالتي (Galton) چيو هو تہ جينيس هرويرو اتفاق بہ نہ آهي. ڪنهن وقت اُهو ڀرپور ذات واري خاندان مان اُڀرندو آهي. اسان ٽئگور ۽ شهيد ڀُٽي جا مثال ان ڏس ۾ ڏئي سگهون ٿا.

جينيس جي خاندان جي مطالعي ۾ اڪثر ڏيکاريو ويو آهي تہ جينيس يا وڏي ۾ وڏو يا ننڍي ۾ ننڍو پُٽ ٿيندو آهي، ۽ گهٽو ڪري جهجهي ڪٽنب ۾ پيدا ٿيندو آهي، ۽ گهٽو ڪري جهجهي ڪٽنب ۾ پيدا ٿيندو آهي معمر شخص جي اولاد هوندو آهي ۽ مرد جينيس گهٽو ڪري اُن خاندان ۾ پيدا ٿيندا آهن جتي نرينو اولاد گهٽو هوندو آهي ۽ جڏهن جينيس عورت هوندي آهي تڏهن خاندان ۾ ڌيئن جو اولاد پٽن کان گهٽو ٿيندو آهي يا لڳ ڀڳ اُنهن جيترو ٿيندو آهي ۽ اُهي ماءُ ۽ پيءُ، ٻنهي کان صلاحيتون پرائيندڙيون آهن. شهيد ڀُٽي کي ياد ڪري مان هي ايڊيٽوريل فارسي شاعر 'غبار' جي هيٺين شعر سان پورو ٿو ڪريان:

عُمري گذشت وصفِ جمالِ نومي ڪنم
تا حشر اگر حديث ڪنم نا مڪرر است

(ترجمو: عمر گذري وئي تہ تنهنجي سونهن جي ساراهہ ٿو ڪيان.
جي حشر تائين تنهنجي ڳالهہ ڪيان تہ اُها ورجاءُ نہ چئبي.)

مان ڀانيان ٿو تہ شهيد ڀُٽي سان مٿيون شعر بنهہ ٺهڪي ٿو اچي جيڪو سياسي دنيا ۾ ڊيگال ۽ مارشل ٽيٽو جي پائي جو سياسي جينيس هو.

*(30 مارچ 1994ع)*

# پاڪ - ڀارت نيوڪليئر جنگ جا امڪان

رگ ويد جي منڊل ڀهرين ۾ چيل آهي ته:

"اي اگني، تنهنجو تت جيتوڻيڪ ڪٽي هڪڙو ئي هوندو ته به تنهنجا روپ ٽي آهن. هن پرٿويءَ تي تون باهه تي پڙڪا ڏين ٿي، وچ آڪاس ۾ تون بجلي تي چمڪاٽ ڪرين ٿي ۽ مٿاهين آڪاس ۾ تون سونو سج ٿي ڀڪين ٿي. تنهنجو جنم اصل آڪاس ۾ ٿيو هو: پر ويدن جا جيڪي ڄاڻو ها، انهن هُنر هلائي توکي پرٿويءَ تي آندو ڇڻ ته آڪاس جي اُتر بجليءَ ماڻهن جي چلهين ۾ تر پاتو......... دونهين جي جهنڊن واري اگني، تون تڙڪاٽ ڪرين ٿي،تنهنجا وار شعاع ڪن ٿا...... گهر گهر ۾ تو مهمان ٿي اچين ٿي ته هر ڪو تنهنجو آدرستڪار ڪري ٿو...... پر اي ديوتا ! جڏهن تون ڪُوپ ٿي، ڀيانڪ شعاع ڪرين ٿي ۽ سڀ ڪجهه ناس ڪرڻ جي طاقت جا تو ۾ آهي سا ظاهر ڪرين ٿي، تڏهن سڀ ساهوارا توکان ائين ڀڄن ٿا، جئين غالب پوندڙ غنيم جي پنيان پوڻ سبب (ڪمزور ڏر جو) لشڪر ڀڄي ٿو. تون جنهن کي لڳين ٿي تنهن کي ڀسم ڪري مٽيءَ سان ملايو ڇڏين. وڏن وڏن ٻيلن جي ته ائين صفائي ڪيو ڇڏين، جئين حجام ڀاڪيءَ سان ڏاڙهيءَ جي صفائي ڪيو ڇڏي. باهه جي مچ کي هوا ڏنئين ٿي ته سمنڊ جي لهرين وانگر تڪو آواز ڪري ٿو پکي ڊچي ڀڄي وڃن ٿا ۽ جڏهن مچ پورو ٿي وڃي ٿو تڏهن سڃي واٽ تي رڳو ڪارنهن نظر اچي ٿي........"

۽ هندستان جي نئين ميزائيل جو نالو 'اگني ميزائيل' آهي، جنهن جي زد ۾ اسان اچي سگهون ٿا ۽ جا هر شيءَ جلائي ڀسم ڪري سگهي ٿي. پاڪستان به پنهنجي تحفظ لاءِ ٻوائتا ۽ موتمار هٿيار ٺاهيا آهن جي ڀارت جي ڪيترن ئي شهرن ۾ تباهي مچائي سگهن ٿا. ٻئي ڌريون بارود جي ڍير تي سگار دکائي رهيون آهن ۽ جي جنگ لڳي پئي ته پنهنجيءَ انا سوڌيون اُڏامي وينديون ۽ جوهري توانائيءَ سان آلوده شبنم جا قطرا هر وَڻ کي ناس ڪري ڇڏيندا. اسان ٻئي ڌريون ائين ڇو نه ٿا سمجهون ته گلابن جي گلن جهڙا ٻارڙا، موتئي جي ڳلن واريون ڇالون،شيشم جي رڳن وارا جوان ۽ صنوبر جهڙن وارن وارا پوڙها سڀ جهنم جي آڳ جي حوالي ٿي، ڪوئلا ۽ ڪِر ٿي ويندا. ڀارت کي اهو سمجهي ڇڏڻ گهرجي

تہ جمون ۽ ڪشمير ۾ جدوجهد، هر جبر و تشدد جي باوجود جيڪڏهن تابہ ابد نہ تہ، گهٽ ۾ گهٽ بہ سال وڌيڪ هلندي. ڪشميري جان تان آهو پلي بي جگريءَ سان وڙهي رهيا آهن ۽ انساني حقن واريءَ ڪميشن ۾ مسئلي جي التوا، هنن ۾ مايوسيءَ جي هلڪي لهر تہ آندي هئي پر هو اڳي کان بہ وڌيڪ جوش و خروش سان آزاديءَ لاءِ وڙهي رهيا آهن ۽ خوشيءَ سان شهادت جا جام نوش ڪري رهيا آهن. ڪشميري عوام هي شهيد ڪشميريءَ جي ٿڌن پيرن تي هٿ ڪوسا ڪري، پاڻ ايتري گرمي پيدا ڪري ٿي جا رڳو هن جي پنهنجي شهادت ئي ٿڌي ڪري سگهي ٿي. حال تہ مشعل مان مشعل جلندي ٿي رهي ۽ ڪنهن بہ ڏمرائتي ڏيک سان ان امر جوتيءَ کي وسائي نہ ٿو سگهجي جا آجڪائيءَ جي آس جلائي رهي آهي.

ڀارت جوڪموڊور جگجيت سنگهہ چين جي وجود کي ڀارت لاءِ فنِ حرب ۽ حڪمت عمليءَ ۾ چئلينج سمجهي رهيو آهي، ڇو تہ چينَ هندستان جي اَهم تنصيبات کي نقصان رسائي سگهي ٿو. ڇاٽو حلقن جو چوڻ آهي تہ ايندڙ سالن ۾ هندستان، چين ۽ پاڪستان جي وچ ۾ نيوڪلايائي مساوات (Nuclear equation) رهندي، چين کي بهتر نيوڪليئر اسلح خانو هوندو. پاڪستان پنهنجن نيوڪليئر هٿيارن جي صلاحيت کي گهٽ نہ ڪندو ۽ پنتي موٽ نہ ڪائيندو. اها ڳالهہ محترمہ بينظير بہ باربار دهرائي چڪي آهي. هندستان لاءِ بہ اهڙي موٽ کائڻ لاءِ سبب نظر نٿو اچي. جنگ لڳڻ جو جيتوڻيڪ امڪان في الحال نظر نٿو اچي پر جي لڳي پئي تہ ايتري تباهي ايندي جو ڪوئي ويدوياس نہ رهندو جو مها ڀارت لکي سگهي.

ڇاٽو حلقن جو چوڻ آهي تہ 1995 کان پوءِ هند – پاڪ تا غير نيوڪليائي ( de – necclearise ) ٿيڻ لاءِ دباءُ وڌندو. ٻنهي ملڪن جا مالي ذريعا کُٽي رهيا آهن ۽ انهن کي قومي تحفظ جي جنگي نظرئي کي ٻيهر جاچڻ ضروري آهي.

برصغير ۾ ائين لڳي ٿو تہ جغرافيائي – سياسي غير يقينيون (Geo – Political Uncertainties) 1990 واري ڏهاڪي ۾ ساڳي طرح رهنديون ۽ انهن جي نتيجي جي پيش گوئي نہ ٿي ڪري سگهجي.

2ـ رسمي ۽ مُروج هٿيارن بدران غير مروج نيوڪلائي هٿيار استعمال ٿي سگهن ٿا. نظر ائين ڇو ٿو اچي تہ خاص ڪري ڀارت ۾ اهڙا هٿيار انداذدند ذخيرا ٿي رهيا آهن ۽ نيوڪليائي هٿيارن جو ڦهلاءُ وڌي رهيو آهي.

3ـ قومي ۽ بين الاقوامي عام راءِ اهڙن هٿيارن تي خرچ جي خلاف آهي پر اسانجي حڪومت بيروني حالت کان مجبور ٿي، اهڙو خرچ برقرار رکي رهي آهي. مان ڀانيان ٿو تہ هندستان کي ان ڳالهہ جو احساس آهي تہ ايشيا ۾ چين سڀ

ڪان وڏي ملٽري قوت آهي ۽ ڪيس ڪافي نقصان رسائي سگهي ٿو.

چيو وڃي ٿو تہ سال 2003ع تائين پاڪستان کي ان جي پرواهہ نہ رهندي تہ آمريڪا هٿيار ڏئي ٿو يا نہ ۽ هو يورپي ملڪن کان جنگي ساز و سامان ۽ ٽيڪنالاجي وٺي سگهندو. پاڪستان مغربي ملڪن جي انهيءَ خوف جو فائدو وٺي سگهندو جو مغرب ۾ پاڪستان شدت پسنديءَ جو امڪان پيدا ڪري رهيو آهي. اسلامي مملڪتون مذهبي لڳاءَ سبب پاڪستان جي امداد ڪن ۽ خطي ۾ توازن برقرار رکن تہ اها ڳالهہ غير متوقع نہ آهي. خطي ۾ جنگ تي وڏي روڪ چين جي ذخيره اندوزي ۽ ان ڏس ۾ پاڪستان متعلق اعلان ٿيل پاليسي آهي. باقي چين جي هندستان سان جنگ ايندڙ ڏهن سالن ۾ ڪوئي امڪان نظر نہ ٿو اچي اها ٻئي ڳالهہ آهي تہ تبت تي اوچتو جنگ ٿي پوي، جنهن جي پيش گوئي ڪري نہ ٿي سگهجي.

يو. ايس پاڪستان کي ايف 16 جهاز ان شرط تي آڇيا تہ پاڪستان پنهنجي نيوڪليائي پروگرام کي ٻنجو ڏئي ڇڏي پر پاڪستان اها ڳالهہ ڪشمير تي ڪنهن سيبتي ناهہ کان سواءِ ڪرڻ لاءِ تيار نہ آهي. هندستان ۽ پاڪستان جي وچ ۾ امن جي آڏو ڪشمير جو مسئلو ٿو اچي. ان ۾ ڪوئي شڪ ناهي ۽ اسان جي وزيراعظم بار بار چئي چڪي آهي تہ اسان جي وچ ۾ ڪشمير کان سواءِ ٻيو ڪوئي مسئلو نہ آهي جو تلخي پيدا ڪري. هندستان جي جنگي تياري ڏسي پاڪستان کي پنهنجي تحفظ لاءِ ڪابہ تياري ڪرڻي پوندي؟

هندستان هٿيارن جي ڦهلاءَ تي پاڪستان جو شرط قبول نہ ڪري پاڪستان کي پنهنجي تحفظ لاءِ تياري تي مجبور ڪري رهيو آهي. اسان پنهنجي نيوڪليائي پروگرام کي ٻنجو ڏيون جي هندستان ڪشمير ۾ جبر ۽ تشدد بند ڪري ۽ ڪشمير جي مسئلي تي بامعنيٰ گفت و شنيد ڪري. ڏسڻ ائين ٿو اچي تہ يو. ايس پنهنجا هٿ ڍرا ڪيا آهن ۽ پارٽ کي ڪشمير ۾ اليڪشن جي اجازت ڏئي ڇڏي اٿائون.

اسانجي هندستان کي گذارش آهي تہ ڪشمير جو مناسب فيصلو ڪري نہ تہ جي جنگ ڇڙي پئي تہ ٻئي ڏريون تباهہ ٿي وينديون. الائجي پارٽ وارا ڇو نہ ٿا سوچن تہ ڪشمير انساني مسئلو آهي، زخمي ٻار رَڙي رهيا آهن، بيواهيون روئي رهيون آهن ۽ ڳيرو ڳيا ٿي رهيا آهن پر بقول صائب:

**اظهار عجز پيش ستم پيشگانِ خطاست**
**اشڪِ ڪباب باعثِ طغيانِ آتشست.**

(ترجمو: عجز جو اظهار انهن اڳيان اجايو آهي جن جو پيشو ئي ستم آهي، ڪباب مان جڏهن ڳوڙها ٽمندا آهن تڏهن باهہ وڌيڪ ڀڙڪندي آهي.)

*(ڀهرين اپريل 1994ع)*

# هڪ نئون سياسي شعور

لفظ 'بورجوازي' بہ ڪميونسٽ گبڙ شبڙ (Jargon) جو لفظ آهي. ڪئريو هنٽ (Carew Hunt) ڪجهہ سال اڳ "A guide to Communist Jargon" ڪتاب لکيو هو. جنهن ۾ ڪيترن لفظن جي گبڙ شبڙ سان گڏ لفظ 'بورجوازي'، بورجوا اضطراب، بورجوا جمهوريت ۽ بورجوا قوم پرستيءَ تي بہ لکيو هئائين. مان ڀانيان ٿو تہ اهو سارو ڪتاب سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪرڻ گهرجي. جئين اسان جي سنڌي نوجوانن جا ذهن صاف ٿين جن تي مارڪسزم جو چارو چمي ويو آهي. نہ مارڪس ۽ نہ اينگلز بورجوازيءَ لفظ جي معنيٰ ڏني آهي. جيتوڻيڪ ڪميونسٽ پڌرنامي ۾ بورجوازيءَ جي مختصر معنيٰ ڏني وئي آهي. ان معنيٰ کان قطع نظر، مان لفظ بورجوازي پنهنجي نڪتہ نگاهہ سان ڏسان ٿو.

اڄان تائين سنڌ جي پڙهيل ڳڙهيل وچولي طبقي ۾ لفظ 'بورجوازي' سرمائيداريءَ وانگر هر خرابيءَ جي علامت ٿي پيو آهي ۽ تقسيم کان اڳ ۽ تقسيم کان پوءِ هند پاڪ جا اُهي مارڪسٽ، جن مارڪس جو مطالعو ڪڏهن نہ ڪيو هو پر هتان هُتان هُن جا قول ڪنا ڪيا ها، تن لفظ بورجوازي ايڏو سٽيو ۽ ڪُٽيو آهي، جو اهو لفظ گار وانگر لڳي رهيو آهي ۽ نئين نسل لاءِ ان جي ڪائي اهميت نہ رهي آهي.

دراصل لفظ بورجوازيءَ جي عام معنيٰ آهي، 'وچولو طبقو' ۽ اتي ئي دليل بازي ۽ ذهني مونجهارو شروع ٿئي ٿو ۽ شايد اهڙي دليل بازيءَ لاءِ چڻ دعوت ڏني وڃي ٿي، ڇو تہ اهو لفظ انهن سان واسطو رکي ٿو جو وچولي طبقي کان ڪجهہ مٿي بہ آهن ۽ اهو لفظ انهن جي باري ۾ ڪجهہ نٿو چوي جي وچ تي آهن.

ان حساب سان پاڪستان جا نہ رڳو سارا سُپر مارڪيٽن وارا، رشوت خور ڪامورا ۽ شهري وڏيرا جي ڪروڙ چورائي مچي مواڙ تي پيا آهن ۽ آئي وئي کي ٿونا ٽا هڻن، بورجوازيءَ جي معنيٰ ۾ اچي وڃن ٿا، پر اهي دڪاندار بہ اچي وڃن ٿا جي طارق روڊ، صدر ۽ بوري بازار وغيره ۾ دڪان هلائي رهيا آهن.

جيئن ڏهينءَ صديءَ ۾ يورپ ۾ شهري زندگي وڌي، تيئن اهو لفظ وجود ۾ آيو جو شهري ۽ ديهاتي زندگي ۾ امتياز ڪرڻ لاءِ ڪم آندو ويو. ننڍا حلقا چڻ ديهاتي سمندر جي وچ ۾ جزيرا ها. بورجوازي جاگيردار طبقي جي مخروطي منارا

ٻاهران ڪُتل خيما ها. سندن اڪثريت ان جاگيردار طبقي مان هئي، جي مخصوص جاگيردارانه عدالتن (Manorial or feudal courts) جي دائري اختيار ۾ هئا. (اهي ڪورٽون هتان جي اسپيشل ڪورٽن وانگر نه هيون جي ماڻهوءَ کي جهاتڪو ڪري وجن ٿيون) زميندار طبقي جون اڪيچار زمينداريون هيون ۽ هن جي وفاداري بادشاهه سان هئي يا اُنهن مقتدر جاگيرداري شخصيتن سان هئي، جن جون زمينون لڳ ڀڳ بادشاهه جيتريون هيون.

بورجوا اُنهي جاگيرداري انتظام هيٺ نه ٿي آيا. اُنهن جا شهر پنهنجي آزادي، پنهنجا مارڪيٽ ۽ بادشاهه يا مقدر شخصيتن جي عهدنامي ۾ پنهجون عدالتون طلب ڪري رهيا ها. اهي شهري ماڻهو جن کي ٽيڪنيڪي طرح بورجوازي چيو ٿي ويو سي پوءِ واپاري ٿيا. صنعت تي مختيار، قابض ۽ متصرف ٿيا جن نه رڳو پنهنجي لاءِ سيڪڙات پر ڪارندا نه رکيا. جي اُنهن جي واپار ڪندا ها ۽ انگلنڊ جي ايسٽ انڊيا ڪمپني اسان کي اُنهن جي يادگيري ڏياري رهي آهي. انهيءَ طرح بورجوازيءَ جي فرانس ۾، اهو لفظ ننڍي ناظم، حڪم يا مالڪ لاءِ استعمال ڪيو ويندو هو. جنهن وٽ ڪجهه هنرمند ڪارخانه داري هوندي هئي، جتي ڪنهن جنس، چيز يا شيءِ جي پيداوار ٿيندي هئي.

اڃا تائين شهرن ۾ ايترو اُپار ۽ ڦهلاءُ نه آيو هو۽ بورجوازي مقامي واپاري ۽ ڪارخانيدار هيا. شهرن دولت ۾ اضافي، ڪارڪردگيءَ ۾ خصوصي مهارت معاشري ۾ پيچيدگي پيدا ڪئي. وچولو طبقو هاڻي اڀري رهيو هو. فرانس ۾ انهيءَ تبديلي پر هلڪا گرانڊي (Grande) بورجوازيءَ ۽ پيٽي (Petit) بورجوازيءَ ۾ فرق پيدا ڪيو (لفظ پيٽي بورجوازي اُن جي سياسي ۽ تاريخي شعور کان سواءِ ڪم آڻيندا آهن ۽ هاري ليڊر مرحوم عبدالقادر ته اُن کي پيٽوڙيءَ جي معنيٰ ۾ ڪم آڻيندو هو). پهرين حلقي ۾ شاهوڪاري وڪيل، ٻئنڪار ۽ واپاري ٿي آيا. انهن مان ڀهراڙيءَ ۾ عاليشان رهائشي گهر ۽ شهرن ۾ ريس جهڙيون عمارتون هيون، (جيئن اڄ ڪلهه سنڌ جي ڪجهه وڏيرن کي آهن) پيٽي بورجوازي اڃا ننڍا مالڪ ها ۽ واپار ڪندا ها.

پهرين طبقي ۾ هڪ ٻيو ماڻهو به شامل ٿيو جو صنعت ڪار هو ۽ انهي صنعتي انقلاب جي پيداواري دولت ۾ ٻيا ماڻهو به آمدنيءَ ۽ واپار ۾ وڌايا. ويمي جو ڪم تي ڪيو يا ٻي طرح ملڪيت تي ميڙي.

پيٽي بورجوازيءَ جي صف بنديءَ ۾ ڪيترن ئي دڪاندارن ۽ ڪامورن ڪڙن اضافو ڪيو جيئن ڪراچيءَ ۾ ڪيو اٿائون پيٽي بورجوازيءَ جون چڱيون ڳالهيون صرف دیانداري ۽ محنت هيون. گرانڊي بورجوازيءَ آغاز ۽ تمهيد ڪئي، تنظيم جي قبليت ڏيکاري ۽ اقتصادي ميدان ۾ جارحانا پيش قدمي ڪئي.

اُن وقت يورپ ۾ وچولي طبقي ۾ نوان ماڻهو شامل ٿي رهيا ها. جيئن ڪراچيءَ ۾ شامل ٿي رهيا آهن. اقتصادي تحريڪون مل مزدورن جا لشڪر آڻي رهيون هيون، جن جي ملڪيت فقط اُنهن جي محنت هئي ۽ اجير آجر کان ائين مختلف ٿي لڳا جيئن وچولي دؤر جي بورجوازيءَ کان انگلينڊ، فرانس، پورچوگال، بيلجم ۽ هالينڊ جون ڪمپنيون لڳندويون هيون. صنعتي سماج جي انهيءَ اڏوريءَ صورت کي مارڪس سارو سچ سمجهيو ۽ اُن تي پنهنجي سياسي فڪر جي تعمير ڪئي. سرمائيدار نظام ٻه طبقا پيدا ڪري رهيو هو. هڪڙو بُورجوازيءَ جو، جنهن جي قبضي ۾ سارا پيدواري ذريعا ها، ڪارخانا ۽ مشينون هيون جن ٻين کي پورهيو مهيا ٿي ڪيو ۽ جو هو جن کي پنهنجي محنت کان سواءِ ڪجهه ٻه وڪڻڻو نه هو جن کي جڏهن اهو ٻڌايو ويو ته اُنهن کي انقلاب ۾ پنهنجن زنجيرن کان سواءِ ڪجهه ٻه نه وڃائڻو پوندو ته هو اُيا ٿي ويا. انهيءَ نظرئي لفظ بورجوازيءَ کي نئين معنيٰ ڏني. اُن کان پوءِ لفظ سرمائيداري ۽ بورجوازيءَ رڳو حملن کان بچاءَ ڪندا رهيا ۽ انهن جي چوڌاري شڪ ۽ شبهي جو گهيراءُ هوندو هو. بوجوازيءَ کي احقمن، ماديت پرست، لالچي سمجهيو ويندو هو ۽ هن خلاف ايڏي حقارت ڦهلائي وئي هئي. جو هڪ سفيد پوش ڪلاس (White Collar Class)وجود ۾ آيو. جنهن پنهنجي ذڪاوت ۽ پنهنجو دماغ فروخت لاءِ پيش ڪيو ۽ مارڪسي نموني ۾ محنت کي اهميت نه ڏني. هونءَ ته اُهي پاڻ کي محنت ڪش سمجهندا رهندا آهن پر زندگيءَ ۾ وچولي طبقي واري طورطريقي جا قائل آهن.اُنويهين صديءَ ۾ جائنٽ اسٽاڪ ڪمپنيون وجود ۾ آيون.انهن جي مئنيجرن جون تنخواهون ته وڏيون هيون پر انهيءَ سرمائي سان واسطو نه هيو جو ڪمپنين ۾ سيڙايو ويو هو. اهي حصن رکندڙ(Share Holders) جا ملازم آهن ۽ مارڪسي نڪته نظر کان بورجوازي نه آهن. جيستائين سرمايو ۽ اُن تي قبضي جو سوال آهي. ساڳي طرح نين صنعتن ۾ مزدورن اُهو طبقاتي شعور نه ڏيکاريو آهي جو مارڪس ڪرڻلي.لوهه،ڪپڙي ۽ جهازن ٺاهڻ جي بنيادي صنعتن ۾ ڏٺو هو. بوجوازيءَ جو مارڪسي نظريو پرولتاريت جي آمرت وانگر پاش ٿي چڪو آهي. آمريڪا جهڙي شهر ۾ منڊ کان وٺي پرولتاريت ۽ بورجوازيءَ جهڙا لفظ رائج نه رهيا آهن. پر هند- پاڪ ۾ ايتري حد تائين پهچي آيا. جو علامه اقبال جهڙي مرد مومن ۽ عاشق رسول مارڪس کان متاثر ٿي مارڪس لاءِ چيو:

"نيست پيغمبر و ليکن در بغل دارد ڪتاب"

( ترجمو: پيغمبر نه آهي پر هن کي ڪڇ ۾ ڪتاب آهي):

۽ لينن جو قومي ترانو لکيائين)

اُٹھو میری دنیا کے غریبوں کو جگادو
کاخ امرا کے در و دیوار ہلادو.

(ترجمو: اٿو! منهنجن دنيا جي غريبن کي جاڳايو. ۽ اميرن جي ماڙين جون دريون ۽ ديوارون لوڏي ڇڏيو.)

اڄ ڪلهه پرولتاري جمهوريت ۽ اُن تي ٻڌل اشتراڪي نظام جو خاتمو ٿي چڪو آهي. ٽين دنيا اُتي ئي آهي. جيڪي ٿري ۾ آهن ۽ جيڪي چوٽيءَ تي آهن، اُنهن جي وچ تي وڇوٽي آهي. اسان کي جمهوري نظام جي ذريعي هر ڪنهن کي معاشي انصاف مهيا ڪرڻو آهي. لفظ ٻُرجوازيءَ جي جديد دنيا ۾ ساڳي معنيٰ نہ رهي آهي. اها ٻي ڳالهہ آهي تہ نعرہ باز ان لفظ جو استحصال اجا ڪري سگهن ٿا. پر جديد بورجوازي جيڪڏهن حڪومت جا هٿ وڏائي تہ نہ رڳو اُن کي مضبوط ڪري سگهي ٿو پر معاشي انصاف ڏانهن بہ اُن جا قدم اڳتي وڌائي سگهي ٿو.

(12 اپريل 1994ع)

# ويتنام جمهوريت جي راهه تي

سورين ڪيرڪي گارڊ (Soren Kierkegaard) جو 1813ع ۾ جائو هو ۽ 1855ع ۾ گذاري ويو. يورپ جو پاسڪل (Pascal) ڪان پوءِ وڏو ڪرستان مفڪر هو ۽ ان جا ڪتاب جڏهن 1920ع ۾ چڱيءَ طرح دريافت ڪيا ويا. تڏهن اُنهن فلسفي، دينيات ۽ ادب تي گهرو اثر ڇڏيو. هن جي پنج هزار صفحن جي ڊائريءَ جي شايع ٿيل انتخاب ۾ صفحي 62 تي لکيل آهي:

"اُنهيءَ ڳالهه جي غريب ۾ اچڻ ڪهڙي نه باراٽي ڳالهه آهي! آلا، سقراط جا هي لفظ ڪهڙا نه سچا ها. "مون کي هاٽي ائين لڳي رهيو آهي ته مان اڇي ستر ورهين جو ٿيو آهيان ۽ هاٽي مون کي پنهنجي طرز تحرير تي ڪنهن پار وانگر رنگ روغن جي ضرورت نه آهي. ۽ جيتوڻيڪ مون کي ائين ڪرڻ جي ورلي ضرورت پئي تي، تڏهن به ڪنهن ڪنهن وقت مونکي پراٽي تمنا ٿئي ٿي ۽ ان تي ڏک به ٿئي ٿو جي مان هڪ نثر نويس جي حيثيت ۾ ڪنهن به شاعر کان وڌيڪ حسن ۽ حق تائين رسائي، ڪري سگهان ٿو..................

هر شيءِ مايوس ڪري ٿي. اُميد اها آهي ته جنهن شيءِ جي اُميد ڪيون ٿا، اها حاصل نه ٿيندي، يا جڏهن حاصل ٿيندي ته مايوس ڪندي............ان طرح مان ڪيترو پوليءَ جي آواز سان محبت ڪندو رهيو آهيان. جڏهن اُن ۾ ڪنهن نظرئي جو شعور اظهاريو ويو آهي، مان ان نظرئي تي ڪيئي گهنٽا غور ڪري ٿو سگهان. جيئن هڪ بنسري نواز بنسري وڄائي، ڪافي وقت لاءِ اُن جي سُر تي مسرور ٿيندو رهندو آهي."

پنهنجي ٻي ڪتاب "جديد دؤر" (The present age) ۾ صفحي يارنهين تي چيو آٿائين:

"تاريخ جو هي دؤر انقلاب جو دؤر آهي. اهو انقلاب نه فقط هڪ سياسي واقعو ٿيندو پر زندگيءَ جي پهلوءَ ۽ فڪر و نظر ۾ تبديلي آڻيندو انساني شعور کي تهه و بالا ڪندو ۽ اڪثريت ۾ ڦهلجي ويندو. جيتوڻيڪ اهو سياسي دائري ۾ وڌيڪ نمايان هوندو. پر ان جو مروج اخلاقيات ۽ فلسفي تي به گهرو اثر پوندو. سچ رڳو اهو خارجي انقلاب نه هوندو جو زندگيءَ کي نظم و ضبط ڏيندو پر سياست، مذهب

۽ ثقافت ۾ هڪ باطني انقلاب بہ هوندو ۽ اُنهن جا اثرات هڪٻئي تي پوندا."

ان مفڪر کي ڪيتري نہ دوررس نگاهہ هئي! اها ٻي ڳالهہ هئي تہ حق جي اظهار سان گڏ هن کي ٻوليءَ جي حسن جي بہ پيريءَ تائين ضرورت پئي ٿي.

منهنجي جنم کان ڪجهہ سال اڳ 1917ع وارو روسي انقلاب اچي چڪو هو. جڏهن چاليهارو سال ٿيپي چڪو هوس مون دنيا اُلٽ پُلٽ ٿيندي ڏٺي هئي. جدلياتيماديت مذهب جي جاءِ وٺي چڪي هئي,اقتصادي معيشت تقدير جو نعم البدل ٿي وئي هئي. پالٽ بيورو جڻ خلفاءِ راشدين جي جاءِ وٺي چڪو هو. نوان اشتراڪي محتسب جنهن ڪنهن تي مومن ۽ ڪافر جون فتوائون ڏئي رهيا ها. اُنهن جي پنهنجي اَمر و نَهي هئي، جزا سزا هئي دين و مذهب هو. انهيءَ دؤر ۾ مائوزي تنگ چين ۾ انقلاب آندو.

هڪ پيري مان ڪامريڊ اشرف ۽ ڪامريڊ نصير حيدر ڪراچي ڪافي هائوس ۾ ويٺا هئاسين. نصير حيدر ۽ اشرف هندستان واري زماني کان دوست هئا. ڪامريڊ هڪ رومانوي ڪميونسٽ هو جو جڏهن ڪا ميٽنگ ڪندو هو تہ پنهنجو نهراءُ 555 براند سگريٽن جي گول دٻي ۾ سگريٽن هيٺيان پيل ڪاغذ جي بہ هيٺيان لڪائي رکندو هو تہ جي سي آءِ ڊي وارا ڇاپو هڻن تہ اُهو نهراءُ لهي نہ سگهن. هو اسرارالحق مجاز, جوش مليح آباديءَ فراق گورکپوريءَ ۽ فيض احمد جو دوست هو ۽ مرحوم جو مون تي ايترو حق آهي جو هن جو خاڪو لکان. جڏهن اسان ڪافي پي رهيا هئاسين تہ اشرف ۽ نصير حيدر اچي بحثابحثيءَ ۾ پيا. اشرف چيو تہ "مائوءَ وڏو ڪمال ڪيو آهي. هاڻي چين جي انقلاب کان پوءِ دنيا بدلجي ويندي." ان تي نصير حيدر غصي ۾ چيو "جڪ ماري آهي مائوءَ! ڪنهن بہ شخص کي اهو حق نہ آهي تہ اهو ويهن سالن لاءِ پنهنجي ديس کي خانہ جنگيءَ ۾ وچڙائي رکي!" (مان پايان ٿو تہ ڪامريڊ نصير احمد اڃا بہ قيد حيات آهي. ڪم از ڪم انهيءَ ناليِ سان ڊان روزاني ۾ مون ڪڏهن ڪڏهن ڪالم پڙهيو آهي.) مائو جي انقلاب کان پوءِ ويتنام ۾ هوچي منهہ جو انقلاب اسانجي ڏيان تي آيو. خود مان ايترو متاثر ٿيس جو 'دانانگ تي حملو' ۽ 'سائگان تي حملو' بہ نظم لکيم جي منهنجي ڪتاب 'وڄون وسڻ آئيون' ۾ شامل آهن ۽ 'ويٽ نام آزاديءَ جي راهہ تي تي' لکيم, جو منهنجي ڪتاب 'ڪپر ٿو ڪُن ڪري' ۾ شامل آهي. جنرل گياپ جي ملٽري اسٽرانيجيءَ جو مطالعو بہ ڪيم. ڪيوبا جي انقلاب تہ آمريڪا کي پانواٽي ڏئي ڇڏي, مون ڪاسترو تي ڪتاب پڙهيا ۽ هن جي وزير معاشيات چي گويرا جي ڊائري پڙهي. ڪنهن وقت مون کي بہ فيض وانگر گيڙ آيو تہ پنهنجي سياسي پارٽي ٺاهيان پر اسان ٻئي انهيءَ خبط کان پاسي رهياسين. اها ٻي ڳالهہ آهي تہ منهنجي شاعري سنڌ ۾ پنجويهہ هزار شاعر پيدا ڪيا آهن. (اهو

تعداد مون کي سنڌي ادبي سنگت جي سيڪريٽري جنرل ادل سومري ٻڌايو آهي) ۽ ڪافي نثر نويس بہ پيدا ڪيا آهن. بهر صورت مان انقلاب جو هيروئني نہ هوس ۽ جڏهن يو.ايس.ايس. آر واريءَ جي گهرڙي وانگر ڀڄي پيو تہ مونکي ڏک نہ پر خوشي ٿي، ڇو تہ پرولتاري آمريت هڪ فريب هئي ۽ ان ۾ ايذاءَ پرستي هئي. پرولتاريت تي ان جي پالٽ بيورو جي حڪومت هئي ۽ پالٽ بيورو تي هڪ ڊڪٽيٽر جي حڪومت هئي. جا گورباچيف ڍاهي ڍير ڪئي ۽ تاريخ ان جا پرخچا اڏائي ڇڏيا. ان وقت مون کي حافظ جو هيٺيون شعر ياد ايندو هو:

اين چہ شوريست کہ در دورِ قمر مي بينم

همہ آفاق پر از فتنہ و شرمي بينم

(ترجمو: هي ڪهڙو شور آهي جو چنڊ جي ڦير گهير هيٺان ٿو ڏسان.

سارو آفاق فتني ۽ شر سان ڀريو پيو آهي!)

دنيا ۾ اجا مارڪسزم جا بہ وڏا پوئلڳ آهن ـ ڪيوبا ۽ ويٽنام. ڪيوبا اقتصادي تباهيءَ جي ڪنڌيءَ تي آهي ڇو تہ روس جو ڏيوالو نڪري ويو آهي، ڪيوبا کان ڪمند نہ ٿو خريد ڪري سگهي، جو ڪيوبا جي آمدنيءَ جو مکيہ ذريعو آهي ۽ ڪاسترو پنهنجي هوڏ جي باوجود، وجهہ تاڙي رهيو آهي تہ ڪيئن آمريڪا کان اقتصادي امداد حاصل ڪيان؟ باقي رهيو ويٽنام، انقلابي دؤر ۾ هوچي منهہ اُنهيءَ ڪهاڻيءَ جو هيرو لڳندو هو جنهن جا ورق پئرس جي رستن کان وٺي هنوئيءَ جي ايوان صدر تائين پکڙيا پيا هئا. هو انقلاب لاءِ هڪ اُتت ۽ اکُٽ جنگ وڙهندو رهيو جا اڌ صديءَ کان وڌيڪ هلي. هن جي انقلابي جدوجهد منهنجي انقلابي شاعريءَ جي ذري گهٽ هم عمر هئي. آمريڪا اُن وقت وڏي ۾ وڏي استعماري قوت سمجهي ويندي هئي. جڏهن ويٽنام آمريڪا سان پنجو اٽڪايو انهيءَ انقلابيءَ جنگ نہ فقط ويٽنام کي پر سڄيءَ دنيا جي انقلابي پسندن کي اُتساهيو. ويٽنام پيار، سچائي ۽ آزاديءَ جي علامت بڻجي ويو. پر مارڪسزم جي فلسفي انسان دوستيءَ کي نہ پر درندگيءَ کي جنم ڏنو. ان جا بنياد ۽ مفروضا سڀ غلط نڪتا. نہ رڳو اُن جو فلسفو غلط هو پر اقتصاديات ۽ معاشيات بہ غلط هئي. اشتراڪي سماج ماڻهوءَ کي روٽي، ڪپڙو ۽ مڪان بہ مهيا ڪري نہ سگهيو. بلڪ هن جو اگر تگر چٽ ڪري، هن جو سارو مال مڏي کسي، هن کي ان ڳالهہ تي اُتساهيو تہ هو پيٽ کي پٽيون ٻڌي ۽ ملڪ جي مستقبل لاءِ ڪم ڪري. انسان کي رڳو بهشت جا دلاسا ڏئي زندگيءَ جي دوزخ ۾ ڌڪيو ويو. مون اڳ بہ ڪتاب ۾ لکيو آهي، تہ ويٽنام ۾ ڪجهہ وقت اڳ چار سئو دانشور قيد بند ۾ هئا. ٻين ڪميونسٽ ملڪن وانگر ويٽنام ۾ بہ نہ رڳو تحرير ۽ تقرير جي آزادي کسي وئي

آهي پر ٻُک ماڻهوءَ جا آنڊا چيري رهي آهي.

مون جڏهن هوچي منهه تي فرينچ اديب 'ژان لاڪو تيور' جو ڪتاب پڙهيو هو تہ جذبات جيءَ ۾ درياهہ وانگر اُڀري آئي هئي. "ممڪن آهي تہ ايم اين راءِ غلط هو." مون سوچيو هو "هوچي منهه صحيح آهي. انسان کي آزاديءَ جو لافاني جذبو ڏئي رهيو آهي" پر هاڻي بي هر ڪميونسٽ ملڪ وانگر ويٽنام جا بہ وڪا پڌرا ٿي پيا آهن. مون لاءِ تہ اڳ ئي پڌرا هئا. جڏهن ويٽناميِن چيني ٻيڙائتا ڏکي سمنڊ ۾ ڌِڪي ڪيا هئا ۽ هنن کي ديس نيڪالي ڏئي چيو هيائون تہ چين وڃو. چين ويٽنام جي آمريڪا سان جنگ ۾ وڏي مدد ڪئي هئي پر مُلڪ انسان کان وڌيڪ احسان فراموش ٿيندا آهن. سڀ ملڪ خودغرضيءَ جي سياست جا ٻندا آهن.

هن مهيني ريڊرس ڊائجسٽ ۾ "ويٽنام تي سرمائيداريءَ جي سوپ". جي سري سان مضمون فرگوس. ايم. بوردي وچ (Fergus M. Bordewich) جو شايع ٿيل آهي. اُن ۾ اکين ڏٺو احوال آهي جنهن ۾ ڏيکاريو ويو آهي تہ هن ڪيئن هڪ جهڙا ڪارخانن جا بدصورت بلاڪ. رهائش جا غم آميز ڪمرا. زنگ ڪاڙل دروازا. ڀُرندڙ ماڙا ۽ اُنهن تي جُهرندڙ پلستر ڏٺو جڏهن هنوئي يونيورسٽي ڏسڻ ويو جنهن جو لڪيل نالو بہ جهَڪو ٿي ويو آهي ۽ اُن جو رنگ ڦِٽي ويو آهي. هُن يونيورسٽيءَ ۾ هڪ شاگرد کان پڇيو "تون ڪهڙو ڪم ڪرڻ چاهيندين؟" "ڏنڌو واپار". هن جواب ڏنو. سياسي طرح ويٽنام اڃا هڪ سخت گير. مطلق العنان. سوشلسٽ رياست آهي پر اقتصادي طور ويٽنام ڪميونسٽ ڊيپ فريزر (Deep Freezer) مان نڪري رهيو آهي. هُن هوچي منهه شهر ۾ هڪ ورڪر جي گهر ۾ فئڪٽري ڏٺي. هڪ سيڙپ ڪندڙ جي پوڙهي صلاحڪار کيس چيو "اسان هوٽل کوليا آهن. ۽ ريزڪي وڪري لاءِ بہ واهہ ڪڍي آهي. هن کيس هڪ چمڪدار پانو ڏيکاريو جنهن ۾ جپان سان 85 ملين ڊالرن جو معاهدو هو جنهن موجب دڪانداريءَ لاءِ سڙڪ (Shopping Mall) ۽ ان لاءِ اسڪاءِ اسڪريپر (Sky Scrapers) ٺاهيا ويندا. انهيءَ ملاقاتي مٿي ذڪر ڪيل مصنف کي چيو. سرمائيداري ئي هڪ شيءَ آهي جا مان ڄاڻان ٿو. اهو بہ ڄاڻان ٿو تہ اُها ڪارآمد آهي.

ويٽنام ۾ اجتماعي زمينون (Collective Farms) ختم ڪيون ويون آهن. ۽ خانگي هارين کي زمين ٺيڪي تي ڏني وئي آهي ۽ زرعي پيداوار ڏاڍي وڌي وئي آهي.

1992ع جي آخر تائين ويٽنام لاءِ گهرو استعمال لاءِ شيون خانگي شعبي ۾ پيدا ٿيڻ لڳنديون. اقتصادي اوسراڻ 8.3 سيڪڙو تي آهي ۽ برآمدي شيون بہ سيڪڙو وڌيون آهن. "انهيءَ اقتصاديات ۾ وڏيون صلاحيتون آهن. جيڪڏهن

اسان خانگي شعبي کي همٿايون ۽ ماڻهن سان دخل اندازي نہ ڪيون." هن کي چيو ويو. فام چي لئن (Pham chi lan) جا ويتنام چيمبر آف ڪامرس جي سربراهہ آهي، هن اها ڳالهہ ڪرڻ ۾ لڪي ڇپي نہ ڪئي تہ "ماڻهو پنهنجين زندگين ۾ بهتري آڻڻ لاءِ ايترا آتا آهن جو هو نظرياتي جهڳڙي تي وقت وڃائڻ نہ ٿا چاهن."

هوچي منهہ شهر ۾ اوپن يونيورسٽي آهي. جا پهرين نيم خانگي يونيورسٽي آهي. جڏهن اها بنهہ سرڪاري هئي تڏهن اُن ۾ ٻارنهن سو شاگرد ۽ چار هزار استاد هئا. نہ شاگردن ڪجهہ سکڻ تي چاهيو ۽ نہ استادن سيکارڻ تي چاهيو ڇو تہ هنن کي تنخواهون تمام گهٽ تي ڏنيون ويون. هاڻي اتي مڪمل نصاب آهي جو نظرياتي بنيادن کان آزاد آهي ۽ اُتي پوري تنخواهہ وارا اُستاد آهن. جن جي ٽريڊ يونين بہ آهي، ۽ جي پبلڪ ائڊمنسٽريشن ۾ پي ايچ ڊي(Ph.D) آهن. هاڻي اُن يونيورسٽيءَ ۾ ٽيرنهن هزار شاگرد آهن ۽ وڌيڪ ڏهہ هزار شاگرد ريڊيو ۽ ٽيلي ويزن ڪلاس وٺي رهيا آهن ۽ وائس آف آمريڪا مقبول ٿي چڪي آهي. اها خاطري نہ آهي تہ مغرب سان واپار ويتنام ۾ جلدي جمهوريت آڻيندو پر ويتنامي دانشور چون ٿا تہ اقتدار ڊالر جو سلامي آهي. پيو تہ جتي پئسو آهي، اُتي ئي اهم فيصلا ٿين ٿا. اڳيئي ويتنام ۾ هڪ وچولو طبقو اُڀري رهيو آهي. جلد يا بہ دير اُهو ئي سياسي فيصلا ڪندو. اها ڳالهہ اٽر آهي. هوچي منهہ شاعريءَ سان ڪشش بہ ڪندو هو.

1942ع ۾ هُن قيد ۾ هڪ نظم لکيو هو جنهن جو عنوان آهي: "وِلڪي لاءِ سرڪاري انتظام ٿي رهيو آهي." (ويندل وِلڪي 1940ع ۾ صدارتي انتخاب ۾ روز ويلٽ جو مخالف ريپبلڪن اميدوار هو ۽ 1942ع ۾ هڪ مشن تي موڪليو ويو هو:

"تو جيان چين جو دوست هان،
راهہ چنڪنگ تي گامزن،
تون تہ ڪمري ۾ آرام سان آن سُتل،
آنءُ ۽ قيد خان جو رنج و محن."

۽ ساڳي هوچي منهہ آمريڪا سان پنهنجي آخري معرڪي جي باري ۾ لکيو هو "اج تِڏو هاٿيءَ سان وڙهي رهيو آهي. پر هاٿيءَ جا آندا پيٽ کان ٻاهر پيا آهن." خروشيف کي هوچي منهہ جون چوٽيون وٽنديون هيون. پر هُو اُنهن کي زياده چابڪ دستيءَ ۽ زياده سوچ سان استعمال ڪندو هو. هن چيو "هوچي منهہ اها ڳالهہ فرانس سان جنگ هلندي ڪئي هئي. اُن ڪانپوءِ هن کي وري انهيءَ چوٽيءَ کي دهرائڻ جو موقعو مليو. هاٿي اڳي کان بہ وڏو ٿي ويو آهي ۽ تِڏو بہ ڏاڍو

وڌو ٿي ويو آهي.“

هاٿيءَ ۽ ٽِڏي جي ويڙهه ۾ هاٿيءَ هارايو پر ڇا واقعي هاٿيءَ هارايو؟ ڇا ٽِڏو اهو حاصل ڪري سگهيو جو هُن ڪي حاصل ڪرڻو هو؟ ڇا آزاديءَ جي ويڙهه سڄائي ٿي؟ ڇا تاريخ ڪروڙين عوام جي موت جي خون باهه ڏني؟ نه. بنيادي فلسفو ڪوتو هو ۽ ان ڪري گهُربل نتيجا نه نڪري سگهيا. ويتنامي ڏڪا ڏوٽا ڪائي پراڻي رستي تي موٽي آيا آهن. دنيا بدلي ته آهي، پر ايترو به نه بدلي آهي. علامه اقبال ڪهڙو نه چڱو چيو آهي:

زمانه ايک، خدا ايک، کائنات بهي ايک،
دليلِ کم نظري قصهٔ جديد و قديم.

(ترجمو: زمانو هڪ، خدا هڪ، ڪائنات به هڪ آهي،
جديد ۽ قديم جو قصو ڪم نظريءَ جو دليل آهي.)

(16اپريل 1994ع)

# شاگردن ۾ بيچيني

حافظ چيو آهي:

عشقت بدست طوفان خواهد سپرد 'حافظ'
چون برق ازينَ ڪشاڪش پنداشتي ڪہ رستي

(ترجمو: اي حافظ! عشق توکي طوفان جي هٿ ۾ ڏئي ڇڏيو.
جڏهن تو سمجهيو تہ وچ پنهنجي ڪشمڪش مان نڪري چڪي آهي.)

1967ع ۾ پئرس جا بوليوار (ننڍيون سڙڪون) نعرن سان گونجي رهيون هيون. شاگردن بئرڪيڊ (مورچا بندي) کڙا ڪيا ويا هئا. پوليس سان هٿياربند چڪريون ٿي رهيون هيون. لڪين شاگرد پوليس جو گهيراءُ ڪري ڌگ تي نڪري آيا هئا ۽ ڪافي ڏينهن مزاحمت ڪئي هيائون. طارق علي جهڙا تراتسڪائيٽ دانش ور اُنهن جا مهندار ها. شاگرد بغاوت فرانس مان جرمنيءَ کان اسڪئنڊي نيويا تائين ڦهلجي وئي هئي ۽ يورپ جو نوجوان خون افراتفريءَ، شڪست ۽ ريخت ۽ آنارڪيءَ جي چڪر ۾ اچي ويو هو. هتي اسان وٽ ان جو پڙاڏو پهتو هو شاگرد طبقي سارو نظم و ضبط درهم برهم ڪري ڇڏيو هو ۽ يونيورسٽيون سنگينون خاموش ڪرائي نہ ٿي سگهيون. ڪٿي جبر ۽ تشدد جي استعمال سان ۽ ڪٿي صبر ۽ تحمل سان يورپ ۾ شاگردن جي بي چئنيءَ کي ضابطي ۾ آندو ويو هو.

اسان وٽ تہ اها صورت حال اُن وقت بہ هئي جڏهن مان وائيس چانسلر هوس. يونيورسٽي هاسٽلن ۾ هٿيار رکيا ويندا هئا. مان کين اطلاع ڏيندو هوس تہ ڇاپو لڳڻ وارو آهي تڏهن بہ شاگرد هٿيار پاڻ کان پري نہ ڪندا هئا. بسون اغوا ڪيون وينديون هيون. علي الاعلان وطن دشمن تقريبون ٿينديون هيون ۽ يونيورسٽيءَ جو عملو ڦرڪٽيءَ ۾ هوندو هو. ڪتابن تي ڌَز ڄمي ويندي هُئي ۽ اُنهن کي پڙهڻ ڪوئي گوارا نہ ڪندو هو. مون کي جڏهن بڌايو ويو تہ يونيورسٽي لئبرري ۾ ڪتاب فقط ٻاهرين امداد ۾ ٿا اچن ۽ ڊائريڪٽر آف فنانس لئبريرين کي پيسا نہ ٿو ڏئي. تڏهن مون لئبرري کي لکين رپين جا ڪتاب وٺي ڏنا. پر جيڪي ڪتاب ورتا ويا تن کي ورلي ڪنهن هٿ لاتو. رڳو اڌ اکري قوم پرست پنهنجا رسالا ۽ ڪتابچا ڪڍندا هئا جي شاگرد چاهہ سان پڙهندا هئا. ڪنهن کي معلوم نہ هو تہ

هو ڇا ٿو چاهي ۽ جيڪي چاهي ٿو سو ڇو ٿو چاهي ۽ اُن تائين رسائي ڪيئن ممڪن آهي! نعري باز، سياسي نؤسر باز ۽ اڳواٽيءَ لئہ آتا. ناتجربيڪار ۽ ڪم نگاهہ ليڊر شاگر طبقي جو ناجائز فائدو وٺي پنهنجي هڪ هٽي ڄمائيندا هئا. هاڻي تہ معلوم ٿيو آهي تہ هر يونيورسٽيءَ مان ماهوار اڳاڙي ٿيندي هئي ۽ ڪلاشنڪوف ڪلچر، چاقو ڪلچر جي جاءِ ورتي آهي ۽ اڃا تائين ڪائي نمايان تبديلي نظر نہ ٿي اچي. اڪثر شاگرد ڪاپي ڪري پاس ٿا ٿين ۽ سنڌ جو نئون نسل تباهہ ٿي چڪو آهي. انگريزي ۽ اُردو تہ پنهنجي جاءِ تي، اڪثر شاگردن کي پوري سنڌي بہ نہ ٿي اچي. تعليم کي هر شعبي ۾ بنهہ نڌڪٽو ڪيو ويو آهي.

هاڻي وري بي بي سيءَ تي خبر آئي آهي تہ ڇئن هفتن کان پئرس کان تلوس فرانس جا ٻوليوار احتجاج ڪندڙ شاگردن سان ڀرجي ويا آهن. نوجوان پٿرن ۽ ٻوتلن جو استعمال ڪن ٿا ۽ حڪومت خلاف جهنڊا جهولائي رهيا آهن ۽ فولادي ٽوپيون ۽ ڏنڊڪيون رکندڙ پوليس سان ڇڪريون کائي رهيا آهن. هنن جي ڪاوڙ جو سبب وزيراعظم ايڊيو آر بالا دور (Eduard Balladur) جي رٿ هئي تہ نوجوانن جي گهٽ ۾ گهٽ تنخواهہ ۾ بہ تخفيف آندر وڃي.

ان ڳالهہ تشدد جي فضا پيدا ڪئي ۽ هڪ لک شاگرد رستن تي نڪري آيا ۽ نعرا هڻي وڌندا رهيا. ڪجهہ مارڌاڙ تي، ڪجهہ توڙ ڦوڙ تي. 81 (ايڪياسي) احتجاج ڪندڙ گرفتار ڪيا ويا. بي انداز دريون دروازا ڀڳا ڊاٺا ويا. مون مٿي ڇيو آهي تہ اهڙي شاگرد۔ بغاوت مئي 1968ع ۾ ٿي هئي، جنهن ذري گهٽ فرانس جي پنجينءَ ريپبلڪ جا پير ڪڍي وڌا هئا ۽ انت ڊي گال کي مجبور ڪيو هو تہ پريزيڊنٽ جي عهدي تان استعفيٰ ڏي. جيتوڻيڪ اهڙيون بغاوتون فرانس جي هر بهار جي موسم ۾ ڦلنديون ڦولنديون آهن ليڪن هاڻي حالت ساڳي نہ آهي. هاڻي شاگرد ڪنهن سماجي انقلاب لاءِ نعرا نہ ٿا هڻن. انقلاب جي صدي ختم ٿي رهي آهي. هنن جي گهُر ٿوري آهي. هو اهڙيون نوڪريون گهرن ٿا جن ۾ مناسب تنخواهون ڏنيون وڃن. "اسان ۽ 1986ع وارن شاگردن ۾ ڪا مشترڪ شڪايت نہ آهي. اسان رڳو ناخوش آهيون ۽ پنهنجي مفاد جو تحفظ ڪري رهيا آهيون"، هڪ شاگرد ڪنهن آمريڪيءَ صحافيءَ کي چيو هو پئرس جي يونيورسٽي انسٽيٽيوٽ آف ٽيڪنالانيءَ جو طالب علم هو.

بهر صورت اهڙيون بغاوتون سرڪار جي پروگرام ۾ ڪافي رڪاوٽون پيدا ڪن ٿيون. فرانس جي وزيراعظم کي انهيءَ کي تشويش ضرور آهي ڇو تہ ڪيئي حلقا شاگردن کي مدد ڏئي رهيا آهن. پر اها تحريڪ 86ع وانگر ساري يورپ ۾ پکڙجي ويندي، ان جو امڪ'ن نہ آهي، دراصل ساري دنيا مهانگائي جي لپيٽ ۾ آهي. شين جون قيمتون ٻڪي ٻوڙي رهيون آهي. ڇڱو جو اسانجيءَ وزيراعظم

*برسات ۾ ڇپيل ايڊيٽوريل*

اها صورت حال مدنظر رکي پهرين جون کان 35 فيصد تنخواهون وڌايون آهن. اها واڌ به ڪافي نه آهي، پر ملڪ اڃا مالي مشڪلات سان دوچار آهي. ڏسڻ ۾ ائين ٿو اچي ته اسان مالي بحران مان نڪري رهيا آهيون ۽ ملڪ جي زرِ مبادله جي صورت اڳي کان ڪافي بهتر آهي. اسان محترمه بينظير جي دور انديشيءَ کي مستحسن نگاهن سان ڏسون ٿا.

*(18اپريل1994ع)*

# موت جي سزا

ان کان قطع-نظر تہ شهيد ڀُٽي کي ڦاسي ڏني وئي يا دانستاً قتل ڪيو ويو منهنجو خيال آهي تہ موت جي سزا لاءِ ڪوئي اخلاقي جواز نہ آهي. مون تي جڏهن سنڌ يونيورسٽيءَ جي استادن اسسٽنٽ مارشل لا ائڊمنسٽريٽر کي منهنجي خلاف دانهن ڏني هئي تہ اهو بہ چيو هئائون تہ هي چئي ٿو: "تاريخ جا ٽي دؤر آهن: قبل از مسيح، بعد از مسيح ۽ تارا مسيح". هن جڏهن مون کان پڇيو هو تہ "ڇا اِهو سچ آهي؟" تہ مون ڪنڌ ڏوٽي هائو ڪئي هئي. مون کي هن ۾ هن جي هر بالادست ۽ زيردست ۾ تارا مسيح نظر آيو هو جو اُن شخص کان پوءِ تاريخ جو غليظ ترين انسان هو جنهن يسوع کي مصلوب ڪيو هو. دراصل ڦاسيءَ جي يا موت جي ٻي ڪائي سزا صريحاً غلط آهي. مون کي ياد آهي تہ منهنجو دوست مسٽر جسٽس ٻيداٽي موت جي سزا ڪڏهن نہ ڏيندو هو ۽ اُن جي جاءِ تي جنم ٽيپ ڏيندو هو. انسان کي حياتي خدا ڏئي ٿو ۽ اهو ئي هن جي حياتي وٺي سگهي ٿو.

انسان کي انسان جي حياتي وٺڻ جو ڪوبہ حق نہ آهي. آمريڪا جي ڪجهہ اسٽيٽس ۾ اها سزا قانون مان منسوخ ڪئي وئي آهي ۽ يورپ ۾ بہ اڪثر اهڙي سزا لاءِ ڪوئي قانون نہ آهي. مان پنهنجي آپيرا 'ڀڳت سنگهہ کي ڦاسي' جو ٻهريون باب لکي، ٻي باب تائين ترسيو هوس جيستائين مون اکين سان ڦاسي نہ ڏٺي هئي.

مان ۽ مرحوم رَشيد ڀٽي، جڏهن سال ستر ۾ جيل ۾ هئاسين، تڏهن اسان انهن ٽن شخصن جي ڦاسيءَ ڏسڻ لاءِ، جيلر سان انتظام ڪيو هو. ٽئي اُپاوڙي جا ها ۽ جوٽا ذات جا هئا. رات جا چار وڳا ها، وارڊ ۾ وٽن تي پڪي پڪڙ ننڊ ۾ ها. ٺڏيري هوا گهُلي رهي هئي ۽ اسان ٻئي اجرڪ ويڙهي، سپاهيءَ سان گڏ ڦاسي گهاٽ تي آياسين. اسان جي پهچڻ کان هڪ اڌ منٽ اڳ اُنهن کي ڦاسي اچي چڪي هئي. گردن رسيءَ ۾ لڙڪي رهيا ها ۽ لاش هوا ۾ جهٽڪا کائي چُپ ٿي ويا هئا زندگيءَ ۽ موت جي وچ ۾ ڪجهہ سيڪنڊ فاصلو هو. ڪيڏي نہ بيرحمي هئي ان فعل ۾، جنهن سان انسان کي ابدي ننڊ ڪرائي وڃي، جڏهن اڪثر ساهوارا ننڊ مان اُٿڻ وارا ها!

مون وڪالت جي تجربي ۾ ڏٺو آهي تہ ذهين ۾ ذهين جج بہ غلطي ڪري سگهي ٿو. پوءِ جي هن جي ڏنل سزا موجب ڪنهن کي ڦاسي ڏني وڃي ۽ پوءِ هو بي ڏوهي ثابت ٿئي تہ ڇا اسان هن کي زندگي واپس ڏئي سگهون ٿا! ڇا قانون جي

نالي ۾ قتل جائز آهي؟ ڇا هاڻي جي بيهر شهيد ٿيڻ تي ڪيس هلايو وڃي ۽ هو بي قصور ثابت ٿئي تہ ڇا اسان هُن کي زندگي موٽائي ڏئي سگهون ٿا؟ ڇا اسان دنيا کي اُهو عظيم جينيس واپس ڏئي سگهون ٿا جنهن جو موت منصور جي موت کان وڌيڪ اهم هو. ڇو تہ منصور لاءِ تہ ڪجھ ماڻهو ٿي رنا. هُن لاءِ تہ پوري قوم ٿي روئي. ڇا ڪنهن بہ يزيد کي ڪربلا جي واقعي لاءِ جواز آهي. "خلافت معاويہ و يزيد" جو مصنف ڇا بہ چوي، ڪويہ ڏاهو هن جي تائيد نہ ڪندو. اڄ تائين انسان ذات جو هڪ حصو شهيدانِ ڪربلا لاءِ روئيندو رهيو آهي. انهن کي ابدي زندگي تہ ملي پر هي زندگي ۾ اُن جا گوناگون تجربا تہ منقطع ٿي ويا.

ڪافي سال اڳ هڪ موت جي سزا هيٺ آيل قيدي غالباً چيس مئن (Chess man) آمريڪا ۾ اليڪٽرڪ چيمبر ۾ 13 سال رهيو هو ۽ آخر جڏهن هن جي پوئين اپيل سپريم ڪورٽ ۾ رد ٿي هئي تہ هن کي بجلي جي ڪرسي (Electric chair) ۾ ويهاريو ويو هو ۽ هن کي جهٽڪو ڏنو (Electrocute ڪيو) ويو هو. هن ان عرصي ۾ ڪيئي ڪتاب لکيا ها. خاص ڪري سيل نمبر 115 (Cell NO: 115) جي ڪجھ مون بہ پڙهيا آهن. هن قانون جو ايترو مطالعو ڪيو هو جو سپريم ڪورٽ ڏانهن هن اپيلون خود ناهي جيل مان موڪليون هيون. هن جي ڦاسيءَ ساري يورپ کي ڌوڏي وڌو هو. ڇا اها ڦاسي اُنهيءَ ساڳي انسان کي ڦاسي هئي جنهن تيرنهن سال اڳي ڏوھ ڪيو هو؟ انهن تيرنهن سالن ۾ هُن ڪيترو نہ مطالعو ڪيو هو. ڪيترو نہ انسان جي چڱائي ۽ برائيءَ تي سوچيو هو ۽ هڪ فلسفيءَ جي حيثيت ۾ نتيجا ڪڍيا ها. ڇا اهڙي انسان جي جسم ۾ 3600 وولٽ بجلي داخل ڪري، هن کي ڦٿڪائي مارڻ ضروري آهي. ڪنهن جلاد چيو هو تہ: "اهڙي موت جو ڪاريهر جي ڦوڪ وانگر آواز ٿئي ٿو ۽ انساني گوشت جي سڙاند پکڙجي وڃي ٿي." تورن ملڪن کان سواءِ ايشيا جا بيا ملڪ موت جي سزا جرم جي ارتڪاب کي روڪي ٿي؟ منهنجو وڪالت جو تجربو تہ اهو آهي تہ اُها نہ ٿي روڪي. اها بي ڳالھ آهي تہ ڪيترا سياستدان چون ٿا تہ اها سزا قانون جي بالادستي ۽ امن امان لاءِ ضروري آهي.

گذريل جولاءِ 93ع ۾ ائمينسٽي انٽرنيشنل انهيءَ مسئلي تي ايشيا جي پهرين ڪانفرنس سڏائي ۽ زير غور اها ڳالھ هئي تہ موت جي سزا منسوخ ڪئي وڃي يا نہ؟ جَپان جي سپريم ڪورٽ جي اڳين جج پنهنجي تقرير ۾ چيو تہ ايشيا جون مذهبي ۽ ثقافتي روايتون موت جي سزا جي خلاف آهن. هن مثال ڏنا: ٻُڌمت، مهاتما گانڌيءَ جو اهنسا جو متو ۽ اسلام جي روايت جنهن موجب مقتول جا وارث قاتل کي بخشي ٿي سگهيا. ڪانفرنس جي نتيجي ۾ "موت جي سزا تنسيخ جي باري ۾ ايشيا جي عدالت" ناهي وئي.

ان جي باوجود جڏهن جپان ۾ ان مسئلي تي عوامي ووٽ ورتا ويا تہ نظر آيو تہ ٽن مان بہ حصا ماڻهو موت جي سزا جي حق ۾ هيا.

# قوم پرستي، تاريخ جي آئيني ۾

علامہ اقبال جنهن وقت چيو هو:

ایک ہو مسلم حرم کی پاسبانی کے لئے
نیل کے ساحل سے لے کر تا بہ خاک کاشغر

(ترجمو: حرم جي پاسبانيءَ لاءِ نيل دريا جي ساحل کان ڪاشغر تائين مسلم هڪ ٿين)

ان ڏس هن جو اشارو اسلامي ملت ڏانهن هو ۽ نہ ڪنهن خاص مسلم قوم ڏانهن هو. هن ساڳي ڳالهہ ديوبندي واري حسين احمد مدنيءَ جي باري ۾ ڪئي هئي تہ:

سرود برسرِ منبر کہ ملت از وطن است
چہ بي خبر زمعام محمد عربي است.

(ترجمو: منبر تي ويهي چيائين تہ ملت وطن مان ٺهندي آهي. محمدي مقام کان ڪيترو نہ بي خبر تو ڏسجي!)

مون جڏهن 23 مارچ تي ايڊيٽوريل لکڻ لاءِ چوڌري رحمت عليءَ جو مضمون 'نظريہ پاڪستان' (The Idea of Pakistan) جو منهنجيءَ لائبريريءَ ۾ هڪ ڪتاب 'ايشيا ۽ آفريڪا ۾ قومپرستي' (The nationalism in Asia and Africa) ۾ شامل هو نظر مان ڪڍيو تہ اُن مضمون کان اڳ سُريندرا ناٿ بئنرجيءَ جو 'هندستان جي تاريخ' جو مقالو هو جنهن ۾ والمڪيءَ، وياس، پاڻنيءَ پتنجليءَ، گوتم ۽ شنڪر آچاريہ جو ذڪر نهايت پيار سان ٿي ڪيو ۽ اُن تاريخ جو بنياد ٿي سمجهيو. جيتوڻيڪ ابنِ خلدون کان اڳ هند جي تاريخ ساري ڏند ڪٿا تي ٻڌل آهي. پوءِ بہ اُها قوم پرستيءَ جي جذبي کي اتساهي ٿي. اهڙيءَ طرح ايٿوپيا، نيوبيا ۽ مصر جي ثقافت تي ۽ نيگرو جي اُڀار ۽ عربيت تي مضمون ڏئي، ڪتاب قومپرستيءَ جي اُصولن کي ختم ڪيو ويو آهي. اُن ۾ اها مارڪس جي چوٽي نہ آهي تہ:

Nationalism is the hobgoblin of little minds.

(قومپرستي نئين ذهن جو پوت آهي)

1968ع واري دؤر ۾ اها چوٽي مونکي سنڌ ڪميونسٽ پارٽيءَ جو سيڪريٽري مرحوم علي شاهہ ٻڌائيندو هو. مان ڪلي لنوائي ڇڏيندو هوس ڇو تہ اها چوٽي هن ڊاڪٽر اعزاز نذير يا ٻي ڪنهن ڪامريڊ کان ٻڌي هوندي، هن جو مارڪسزم جو مطالعو ٻنهہ ڪونہ هو.

مٿي ذڪر ڪيل ڪتاب 1980ع ۾ ڇپيو هو ۽ اُن کان پوءِ پُل هيٺان ڪافي پاڻي گذريو آهي ۽ اسان کي سنڌي قوم پرست سياست تي از سرنو نظر وجهڻي پوندي ۽ ميجر اسحاق واري سپت سنڌو جي نظرئي تي غور ڪرڻو پوندو. جي اسان برصغير جو اُتر اولهہ آهيون، جنهن کي ڪوئي درياهہ يا پهاڙ نہ ٿو وراهي، جنهن جي وچ ۾ هزار ميل فاصلو نہ آهي. جئين اوپر ۽ اولهہ پاڪستان جي وچ ۾ هو ۽ جنهن جي اقتصاديات زرعي آهي. جيتوڻيڪ پيٽرول، گئس، گرئنائٽ، ڪوئلو وغيره هاڻي ايترو دستياب ٿيو آهي جو صنعتي اقتصاديات بہ معاشي ترقي ۾ وڏو ڪردار ادا ڪري سگهي ٿي.

ثقافتي طرح اسان جڏهن پٺائي ڳايون ٿا تہ وچ وچ ۾ بلهي شاهہ ۽ باهو بہ ڳائي ويون ٿا ۽ سرائڪي ٻولي پنجابي ۽ سنڌي ٻولين جي وچ ۾ رابطي جي زبان آهي ۽ اردو سئو سالن لاءِ نہ رڳو ذڪرڻ اوپر پر اُتر اولهہ ۾ بہ رابطي جي زبان آهي. اسان ۾ تاريخي تضاد نہ آهي. پورس کان وٺي رنجيت سنگهہ تائين پنجاب پنهنجي آزاديءَ لاءِ پاڻ پتوڙيندو رهيو ۽ اسان تي ان عرصي ۾ ڪڏهن بہ حڪومت نہ ڪئي اٿائين. اسان جي اقتصاديات مشترڪ آهي. پاڪستان جي زرعي معيشت ابد تائين هلڻي آهي. سعودي عرب ۾ وڌيڪ ويهن سالن تائين تيل هلندو ۽ ٿيهہ سال تامي جون ڪاٽيون ۽ پوءِ اهو ئي صحرا جو صحرا.

اسانجي ثقافت ۽ مذهب بہ مشترڪ آهي. اها ٻي ڳالهہ آهي تہ سنڌ ثقافتي طور اڳتي آهي ۽ پاڪستان کي پنهنجي ڪلچرل ڪالوني بنائي سگهندي آهي. اردو ادب جو اسان جي ڌرتيءَ تي پيدا ٿيو آهي، اُهو تہ اسان لاءِ معنيٰ رکي ٿو باقي جيڪو ٻاهرين پس منظر سان آهي، ان سان فقط زبان جي واسطي سان جذباتي وابستگي پيدا نہ ٿي ٿي سگهي. ان ڪري مولانا عبيدالله سنڌيءَ جنهن اِڪائي جو تصور ڪيو هو يا ميجر اسحاق جنهن جو نظرياتي بنياد ٻڌو هو اهو خطو نہ رڳو سياسي حقيقت جي بنياد تي پر نظرياتي لحاظ کان بہ اسان لاءِ با معنيٰ آهي. دنيا ۾ مرڪز گريز قوتون سياست جي وڏي ڪڙهائي ۾ ڪڙهي رهيون آهن ۽ جڏهن اهو نظر آيو تہ آفاقي گفت و شنيد ۽ تجارت اسان کي يڪسانيت ۽ مطابقت عطا ڪري سگهي ٿي، تڏهن انساني مزاج کي وري گيڙ آيا. انسانن ۾ نسلي، ثقافتي ۽ مذهبي اختلاف بار بار اُڀريا ۽ اڄ ڪلهہ اهي نہ رڳو بوسنيا، ڪروئيشيا ۽ سربيا ۾

نظر اچي رهيا آهن. پر ٽين دنيا جي اڪثر حصي کي لپيٽ ۾ ورتو آتائون. يو. ايس ۾ به ثقافتي شعور ۾ تفرقو ڪيڏو نه وڏي ويو آهي! ڪئناڊا ۾ ڪيوبڪ جي علحدگي، اُتر آئرلينڊ جا اڪٽ تنازعا، بيلجيم ۾ خانه جنگيءَ جي عارضي التوا، ماس ترائيڪٽ معاهدي (يورپ جي اتحاد جي معاهدي (Maastricht Treaty) جي باري ۾ خوش فهمي ختم ڪري ڇڏي آهي ۽ انسان ذات ۾ غصي ۽ نا اتفاقيءَ جا جذبا پيدا ٿي چڪا آهي. پنهنجي قوم جي تاريخ ۽ اُن جي هيرو جهڙن ڪردارن جا تالا وني ماڻهو ڦوليا نه ٿا سمائجن. قوم پرستي، محبت ۽ نفرت وانگر هڪ شديد جذبو ٿي پيو آهي. دراصل اهو قوم پرستيءَ جو جذبو تڏهن جڙ پڪڙي ٿو. جڏهن هڪ ڪلچر اُنهن سيني تي مسلط ڪئي وڃي ٿي جن جا جدا جدا ديس آهن ۽ جن کي منفرد ثقافتون آهن. جن جي جداگانه بقا لاءِ هر ڪو جواز آهي ۽ جن کي ملياميٽ ڪري، هڪ ثقافت کي مڙهڻ وڏي تاريخي غلطي آهي:

”پلي ته سئو گل ٽڙن.“

(Let a hundred flowers bloom)

ڪنهن وقت مائوزي تنگ چيو هو ۽ صحيح چيو هو هر ماڻهو جي دل ۾ سوال اُٿي ٿو ته، ”جي هر ڪوئي ساڳيو آهي، ته مان ڪير آهيان؟

”گلهائي رنگ رنگ سے ہے زینت چمن“

اُردوءَ جي شاعر ذوق چيو هو: ”هر انسان ۾ اها تمنا آهي ته هن کي خاص الخاص سمجهيو وڃي. اسان سنڌ ۾ ڪونه ٿا چئون ته جيئن اسانجا اجرڪ، ڪاون واريون ٽوپيون، گربيون، سوسيون، جنڊيءَ ڪاشي وغيره بي مثال آهن؟ ائين اسان جا لوڪ ناچ، لوڪ گيت، ڏڻون ۽ ٻيون ڪيئي شيون پنهنجو مٽ پاڻ آهن. اسان ان تي فخر وٺون ٿا ته اسپين ۽ ٻئي يورپ ۾ جپسي هتان ويا ها ۽ انهن جي ٻوليءَ ۾ ڪيئي سئو لفظ سنڌيءَ جا آهن. اسان پنهنجي موهن جي دڙي تي فخر ڪيون ٿا ۽ انهيءَ امڪان کي رد نه ٿا ڪيون ته اسان جي ثقافت عراق کان به پراڻي آهي.

جڏهن جڏهن جمهوريت اچي ٿي، اسان کي پنهنجي انفراديت کي عقيدت سان ڏسڻ تي ۽ ڪثرت ۾ وحدت ڏيڻ تي، اُن کي ڪوئي اعتراض نه آهي. پر جڏهن واڳون آمريت جي وس اچن ٿيون تڏهن ملڪي استحڪام ۽ سالميت جي نالي ۾ هر صوبي جي انفراديت کي نهوڙي نيو وڃي ٿو ۽ ملڪ تي ثقافتي بلڊوزر گهمايو وڃي ٿو. نه ڄاڻان ته آمر اسان کي پنهنجو پاڻ ڇو نه ٿا ڏيڻ ڏين ۽ سيني جي الڳ شناخت کي ليڪ ڏئي، ڪٿي ڇو ٿا ڦٽي ڪن؟ ڇا الڳ ثقافت رکنديءَ اسان هڪ ديس جا رهواسي نه ٿا ٿي سگهون؟ ان ڳالهه کان انڪار صوبائي قوم پرستي ۽ اُن جي ساري تلخي پيدا ڪري ٿو. دراصل اهو فقط اُهي

چاهن ٿا، جن کي ڪائي انفراديت نه آهي، جن کي ڌرتيءَ ۾ جڙون نه آهن ۽ ان جي رنگ ۾ رڱيل ۽ خوشبوءَ ۾ واسيل نه آهن.

هاڻي سرد جنگ ته ختم ٿي چڪي آهي، پر ڇوٽيون گرم جنگيون ڪيترن ئي هنڌن تي ڇڙيون ويون آهن ۽ بين الاقوامي سياست جي ماهرن اُن عالمي آنڌ مانڌ تي سوچي، ان جو ڪارڻ قومپرستيءَ ۾ ڏٺو آهي. انڪري ئي دؤر جديد ۾ قوم پرستي برائيءَ ۽ ساڃي ڏر جي شدت پسنديءَ جي علامت ٿي پئي آهي، پر تاريخ ڏيکاري ٿي ته ايئن نه آهي.

مغربي يورپ ۾ قومپرستيءَ جهموريت جي راهه ۾ نه رڳو روڙا نه اٽڪايا پر اُن جي تعمير ۾ هٿ به ونڊايو آهي. ائين آهي ته دنيا ۾ جهموريت کان سوا ڪافي قوم پرستي رهي آهي. اسان جي ماضيءَ ۾ پاڪستان جا نعرا ته گهڻا هنيا ويا آهن پر اسان کي آزاديءَ سان ووٽ جو حق استعمال ڪرڻ نه ڏنو ويو آهي ۽ عوام تي آمريت مسلط ڪئي وئي آهي، جنهن آئين ۽ قانون جو ڪوئي احترام نه ڪيو آهي ۽ مارشل لا آرڊر ۽ آرڊيننس جاري ڪري حڪومت ڪئي آهي. جهموريت کان سواءِ دنيا ۾ ڪافي قوم پرستي رهي آهي پر قوم پرستي کان سواءِ به ٿوري ڪجهه جهموريت رهي آهي جا قابلِ غور آهي. ڪالونين ۾ سامراج خلاف جدوجهد قوم پرستيءَ جي جذبي کي اُڀاريو هو جا ڳالهه قابلِ تحسين هئي. پي. ايل. او آءِ. آر. اي وغيره جو محرڪ جذبو به ساڳيو هو. حقيقت ۾ قومپرستي نه ڪي کاٻيءَ ڌُر جو نظريو آهي نه ڪي ساڄيءَ جو. اها مذهب وانگر آهي ۽ ان ۾ ساڳيون خرابيون ۽ خوبيون آهن. اُها مدر ٽيريسيا ۽ اُن جي نجاتي فوج (Salvation army) به پيدا ڪري سگهي ٿي ته صليبي جنگيون (Crusades) ۽ مذهبي عدالتن (Inquisitions) کي به جنم ڏئي سگهي ٿي.

قوم پرستيءَ کي زبردستيءَ خاموش ڪرڻ نهايت نقصان ڪار آهي. روس ۽ يوگوسلاويه جيڪي آمليت وانگر هڪ قوم ٺاهڻ لاءِ ڪيترن ئي قوميتن جا انڊن وانگر مٿا ڀڃندا ها، انهن پنهنجي ڪِئي جو ڪيتو ڏٺو آهي ۽ حال ۾ اسان ڏٺو آهي ته اُتي قوم پرستيءَ ڪهڙي نه شدت پسند صورت اختيار ڪئي آهي. اسان وٽ به ون يونٽ واري دؤر ۾ ايئن ٿيو هو. دراصل علائقائي ثقافت جي تحفظ لاءِ ڪنهن به قوميت کي قوم پرستيءَ لاءِ جواز آهي. قوم پرستي کي حق ۽ انصاف تي لتاڙ خلاف آواز اٿارڻ جو ۽ جدوجهد جو حق به آهي. قوم پرستيءَ جي جذبي کي نهوڙڻ جي ڪوشش فضول آهي. مشهور فلسفيءَ امئنيوئل ڪانٽ چيو هو ته ”انساني فطرت ڪاٺ جي تختي وانگر آهي ۽ اُن مان ڪائي سڌي شيءِ ٺاهڻ مشڪل آهي.“ انساني فطرت کي اُن جي ڪمزورين سوڌو قبول ڪيو وڃي. اُن کي دڳ لاٿو وڃي، ۽ جي دڳ ڪجهه ڪڙ ٻڙ هجي ته ان کي سڌي ڪرڻ لاءِ بلڊوزر

ڪان ڪم نہ ورتو وڃي. اسان ان کي قوم چئون يا لساني قوميت، ڳالهہ هڪڙي آهي. هڪ ديس ۾ گونا گون ثقافتن واريون قوميتون گڏجي رهي سگهن ٿيون. اُنهن جا اقتصادي، سياسي ۽ دفاعي مفاد ساڳيا ٿي سگهن ٿا، جيئن اسان جا آهن. اسان هڪ گلدستي وانگر آهيون جنهن ۾ هر گل کي عليحده رنگ و بُو آهي.

جارحانہ قوم پرستي بہ ڳالهہ آهي تازو اٽلي ۾ 'آزاديءَ اتحاد' (Freedom alliance) واريءَ ساڄي ڌُر جي جيت ٿي آهي. اُها نئين فاشزم جو مثال آهي جا يورپ ۾ اُڀري رهي آهي. برٽن، روس، فرانس ۽ بيلجيم وغيره ۾ بہ اهڙيون جارحانہ قوم پرستيءَ جون تحريڪون هلي رهيون آهي. جي جمهوريت کي نهوڙي نيڻ ٿيون چاهين. اهو ساڄي پاسي موڙ خطري جي گهنٽي آهي. ڪهڙا بہ سبب هجن جن يورپ ۾ فاشزم کي جنم ڏنو آهي، اُها انسانذات لاءِ هاڃيڪار آهي، ايئن برابر آهي، تہ اُها جمهوريت جي دائري ۾ ڪم ڪري رهي آهي پر اُن جي ڪهڙي خاطري آهي تہ اُهي فاشي پارٽيون جڏهن بہ اقتدار ۾ آيون تڏهن ڦيٽا ڦيرائيندي دير نہ ڪنديون ۽ اُنهي جبرو تشدد کان ڪم نہ ونديون جنهن کان يورپ ۾ ٻي جنگِ عظيم کان اڳي ڪم ورتو ويو هو؟

باقي اسان جي ثقافت يا نئي شاعريءَ ۽ ادب تي گرفت اجائي آهي. اُها قوم پرستي ايتري جارحانہ بہ نہ آهي، جيتري ڏيکاري ڏئي ٿي جي ائين نہ هجي ها تہ سنڌ جي ايتري اڪثريت پيپلز پارٽيءَ پُٺيان نہ وڃي ها جا فيڊرل پارٽي آهي ۽ جنهن جو نوجوان بہ سنڌي ثقافت جو ايترو ئي مداح آهي جيترو سنڌ جو ٺيٺ قوم پرست آهي.

*(10 اپريل 1994ع)*

# ڪرنل معمر قذافي

ڪرنل معمر قذافي شهيد ڀُٽي سان قذافي اسٽيڊيم ۾ پنهنجي هم خياليءَ ۽ رفاقت جي اظهار لاءِ هٿ ملائي هوا ۾ لهرايا تہ سامعين جي روم روم ڪڙڪي ٿي وئي، ان کي ڪيئي سال ٿيا. آمريڪي صدر جمي ڪارٽر شهيد ڀُٽي ۽ معمر قذافيءَ کي پنهنجي انتقام لاءِ چونڊيو ڇو تہ هن جي نظر ۾ ٻئي آمريڪا جي خارجہ پاليسيءَ جا مخالف هئا. شهيد ڀُٽي آمريڪي سيڪريٽري آف اسٽيٽ وانس جو خط آمريڪي سفارت خاني جي سامهون وچي ڊيڪاريو هو ۽ چيو هئائين تہ هُن جي خلاف سازش ٿي رهي آهي. شهيد ڀُٽو تہ بين الاقوامي سازش جو شڪار ٿي ويو ۽ هُن تي جو عتاب نازل ٿيو اُهو ساريءَ دنيا کان ڳُجهو نہ آهي. ڪرنل قذافي گردن سڌي رکي ۽ آمريڪي ڊائنوسار سان مقابلو ڪندو رهيو. 1988ع ۾ پئن آمريڪن فلائيٽ 103 (Pan American Flight 103) تي لبيا بم اُڇلايا ۽ ان ڪارروائيءَ ۾ ملوث ٻہ ماڻهو آمريڪا جي حوالي ڪرڻ کان انڪار ڪيو. ان جو نتيجو اهو ٿيو تہ آمريڪا لبيا تي اقتصادي پابنديون وڌيون. ان وقت کان لبيا، مهانگائي، افراطِ زر، قلت، بيچينيءَ مان گذري رهي آهي، جيتوڻيڪ لبيا جو ليڊر معمر قذافي اڃا تائين اڏول بيٺو آهي ۽ ابتر حالات کان بيپرواهہ آهي.

جديد لبيا جنهن جي آدمشماري 3350000 کان ٻہ مٿي آهي ۽ ايراضي 679362 چورس ميل آهي، هڪ آزاد ۽ خودمختيار عرب رياست آهي. جنهن کي لبيا جي عرب جمهوريہ جي سوشلسٽ ريپبلڪ جي نالي سان سڏيو ويچي ٿو. اُن ۾ ڪيئي ڪارخانا لڳايا ويا آهن. جيتوڻيڪ ڪجهہ ڏهاڪا اڳ اُن جي معيشت زرعي هئي. نَوَن ڪارخانن ۾ ٻين شين کان علاوه سيمينٽ، لوهہ وغيره ڌاتن جون شيون 1970ع ۾ ٺهڻ لڳيون. اُن کان پوءِ مغربي يورپ، يوگوسلاويا ۽ جپان جي فَرمن کي ڪيئي نيوڪليئر اسٽيشنون ۽ ٻاري صنعتون قائم ڪرڻ جو ڪم ڏنو ويو جن ۾ پيٽرول کي ٻارڻ ڪري ڪم آندو ويو. لبيا ۾ اڳيون صنعتون مڇر مارڻ، ساموندي ڪنارن تي لوڻ ٺاهڻ، چمڙي جو سامان، غاليچا ۽ اوڙهڻيون، ٽامي ۽ ٽين جون شيون، ڪنڀارڪو ڪم ۽ ٻيا گهرو هنر آهن. لبيا جا صنعتي مزدور پهرين ٿورا هئا، پر پوءِ تيل جي پيداائش ۾ واڌاري سان 1971ع ۾ تيل جي ڪمپنين تي زور پريو ويو تہ لبيا مان وڌيڪ مزدور ڪڍن. لبيا ۾ تيل جا

ڪافي ذخيرا آهن ۽ اُن جي برآمدات درآمدات کان گهٽي آهي. تيل کان سواءِ لبيا قدرتي گئس بہ اُن جي برآمدات ۾ شامل آهي. اولهہ جرمنيءَ، اسپين ۽ جپان سان اُن جي واپاري ڏي وٺ آهي. سيپٽمبر 1979ع تي لبيا جي بادشاهہ جو معمر قذافيءَ ۽ ٻين نوجوان آفيسرن تختو اونڌو ڪيو. انهن لبيا کي هڪ ريپبلڪ بڻايو ۽ هڪ انقلابي ڪمانڊ ڪائونسل قائم ڪئي. قذافيءَ ۽ٽي وانگر اسلامي سوشلزم جي ذريعي حڪومت ڪئي ۽ ڪيئي ٻاهرين ملڪن جون تاهيل ڪمپنيون قوميائي ڇڏيائين.

1977ع ۾ قذافي رسمي طور مملڪت جو سربراهہ ٿيو. هن 1979ع ۾ پنهنجي عهدي تان استعيفا ڏني ۽ انقلاب کي اڳتي وڌائڻ لاءِ ڪم ۾ جنبي ويو ۽ لبيا ۾ هر سربراهہ کان اڳرو رهيو. لبيا يورپ جي اڪثر ملڪن کي تيل برآمد ڪري رهي هئي ۽ ان ڪري اُن جي آمدني ڪافي وڌي وئي. وچ اوڀر ۽ اُتر آفريڪا ۾ لبيا عرب قوم پرستي ڦهلائي رهي هئي ۽ اُن ڪري اسرائيل ۽ يو. ايس جي دشمنيءَ جي علامت ٿي پئي هئي. 1980ع جي وچ ڌاري مغرب ۾ تيل جي قيمتن ۾ ڪٽوتي لبيا جي اقتصاديات تي بُرو اثر وڌو. ساڳئي وقت يو. ايس لبيا کي بين الاقوامي دهشتگرديءَ جو اڏو سمجهيو ۽ اُن کي هڪ ڌاڙيل قوم جي صورت ۾ ڏٺو. 1986ع ۾ يو. ايس لبيا ۽ اُن جي آسپاس بمن سان حملا ڪيا. جنهن کان پوءِ مٿي ذڪر ڪيل واقعو ظهور پذير ٿيو.

تازو معمر قذافي پنهنجي انٽرويو ۾ چيو آهي تہ "بل ڪلنٽن اهي لفظ هن سان منسوب ڪيا آهن تہ هويو. ايس لاءِ وڏو خطرو آهي. ڪلنٽن نوجوان آهي، ۽ ويٽنام جنگ ۾ گوڙ بکيڙا ڪرائيندو هو. سي آءِ اي هن کي ڪينيڊي وانگر مارائيندي اسان هن کي هٿياربند ڪار تحفي طور موڪلي رهيا آهيون." قذافيءَ اها طنز ڪئي، تڏهن هڪ آمريڪي صحافيءَ هن کان پڇيو "تو سڀ کان وڏي غلطي ڪهڙي ڪئي آهي؟" ان تي جواب ڏنائين تہ "رڳو اها تہ مون جنگ سدائين لاءِ جاري نہ رکي، جتي بہ اڳرائي ڪئي ويندي هجي، اُتي ويڙهہ ختم نہ ڪرڻ گهرجي." هن پنهنجين غلطين جو اعتراف ڪندي چيو تہ "ڪي ماڻهو جي اسان وٽ انقلاب پسند ٿي آيا، بعد ۾ دهشتگرد (Terrorist) ٿي پيا. مثال طور هن کي ان کان نابري واري تہ هن کي آءِ. آر. اي جي سوچيل ڪارروائيءَ جي چاڙ هئي ۽ هاڻي تہ آءِ. آر. اي وارا شهرين کي ماري رهيا هئا ۽ ملٽري ۽ شهرين ۾ ڪوبہ فرق نہ ٿي ڪيائون. پر هن انگولا کي مدد ڪئي ۽ زمبابوي جي موگابي کي بہ مدد ڪئي ۽ اُهي دهشت گرد نہ آهن. گذريل ڊسمبر ۾ فلسطيني شدت پسند احمد جبريل ۽ ابوندال جي ٽرپوليءَ ۾ آيا هئا، اُهي بہ قذافيءَ جي نظر ۾ دهشتگرد نہ هئا ۽ نہ وري ندال لبيا ۾ ديرو ڄمايو هو ۽ نہ هو جيترو رهيو هو ۽ نہ وري هن

آمريڪا ۽ اسرائيل جي خلاف ڪا ڪارروائي ڪئي هئي.

قذافيءَ وڌيڪ چيو تہ جي جبريل ڪجھہ ڪري ها تہ هُو ان جو اعتراف ڪري ها. هن ايران جي دهشتگرديءَ سان بہ پنهنجي لاتعلقي ڏيکاريندي چيو تہ "ايران کي آمريڪا سان دشمنيءَ لاءِ پنهنجو سبب آهي. آمريڪا ايران جو سِولين (Civilian) جهاز ڪيرايو هو." فلسطينين جي هيبران تي حملي جي باري ۾ هن چيو تہ "فلسطينين کي روز هيسايو ٿو وڃي ۽ هنن تي حملا ڪيا ٿا وڃن. هن کي پنهنجي بچاءَ جو حق آهي." هُن اهي لبيا جا شهري انهن جي اجازت کان سواءِ آمريڪا جي حوالي ڪرڻ کان انڪار ڪيو جن تي آمريڪا خلاف دهشتگرديءَ جا الزام آهن. هن چيو تہ "اسان کي ان مان نقصان جو پهتو سو پهتو باقي يورپ کي ٽيڪا ۽ نوڪريون لبيا ۾ نہ ڏنيون ويندين ۽ تيل بہ نہ موڪليو ويندو." اهو جواب هن تڏهن ڏنو جڏهن هن کي چيو ويو تہ پابنديون لبيا جي تيل جي برآمدات گهٽائي ڇڏينديون ۽ لبيا جي عوام کي مشڪلات سان منهن ڏيڻو پوندو. آخر ۾ هن چيو تہ "منهنجي چهري کي مسخ ڪيو ويو آهي. هو اهو نہ ٿا ڄاڻن تہ مان شاعر بہ آهيان. هو اهو نہ ٿا ڄاڻن تہ مان افسانا نويس بہ آهيان ۽ يونيورسٽيءَ ۾ فلسفي، معاشيات ۽ تاريخ جو پروفيسر بہ رهيو آهيان. جي مان اڳواڻ نہ هجان ها تہ مان ليکڪ، ادبي ماڻهو ۽ اُستاد هجان ها." مٿين سوال جي جواب مان ايئن ٿو لڳي تہ قذافي آمريڪا سان ضد وڏائڻ نہ ٿو چاهي ۽ ڪجھہ ڊنو آهي ۽ اها ڳالهہ ٺي لبيا ۽ اُن جي عوام جي حق ۾ آهي. هن هڪ تجربي ڪار انقلابيءَ جي لنبي زندگي گذاري آهي ۽ سياست جا نشيب و فراز ڏٺا اٿائين ۽ اُن جي بنيءَ ۾ پچي پڪو ٿيو آهي، پر شهيد ڀُٽي وانگر قذافي بہ پارسي شاعر وانگر دعويٰ ڪري سگهي ٿو تہ:

**پروانہ زمن، شمع زمن، گل زمان آموخت،**
**افروختن و سوختن و جامہ دريدن**

(ترجمو: پرواني بہ مون کان سکيو، شمع بہ مون کان سکيو ۽ گل بہ مون کان سکيو پڙڪو ڏيڻ، جلڻ ۽ پنهنجو پاند ليڙون ليڙون ڪرڻ.)

*(11 اپريل 1994ع)*

# هانگ ڪانگ ۽ 1997ع وارو معاهدو

ونسٽن چرچل هڪ ڀيري چيو هو:

I decline utterly to be impartial between fire brigade and the fire.

(ترجمو: مان انڪار ٿو ڪريان ته فاير برگيڊ ۽ باهه جي وچ ۾ بي طرفدار رهان.)

پر چين ۽ هانگ ڪانگ جي رشتي ۾ آنءُ بي ريا آهيان. مان نئپولين بونا پارٽ سان ان تي متفق آهيان ته "سڀ سلطنتون بدهضميءَ کان مري وڃن ٿيون." ان ڪري مون کي انگريز سامراج تي غصو نه آهي. هانگ ڪانگ جي انگريز حڪومت مان علحدگي ناگريز هئي. باقي رهيو چين ۾ انضمام، سو اچو ته هانگ ڪانگ جي تاريخ تي نظر وجهون.

1841ع ۾ آفيم واري جنگ کان پوءِ برٽن زوراوري ڪري چين کان ڪئنٽن (Canton) ۽ هانگ ڪانگ تاوان طور زوريءَ ورتو هو. اُن وقت هانگ ڪانگ هڪ ويران جزيرو هو، جنهن جا طلبگار رڳو مهاٽا ۽ آفيم جا سمگلر هوندا هئا. ايندڙ صديءَ ۾ اهو انگريزن جي واپار ۽ جهاز رانيءَ، لاءِ اڏو رهيو. جتان چين سان واپار ڪيو ويندو هو.

ٻي جنگِ عظيم جي دوران 1941ع ۾ جپان هانگ ڪانگ زوريءَ پنهنجي هٿ ڪيو ۽ 1945ع تائين ان تي قابض رهيو جيستائين انگريزن وري ان تي قبضو ڪيو. 1949ع کان پوءِ اُن ۾ واپاري مُهمون، اسڪول، بئنڪون ۽ ريزڪي دڪانداريءَ وارين بازارين جون ڪيئي قطارون ٺهيون آهن. 1980ع ۾ اُن جي اقتصادي ترقي انتها تي پهچي وئي ۽ چين سان اُن جي تعلقات ۾ غير يقينيءَ جو عنصر پيدا ٿيو. سيپٽمبر 1974ع ۾ برطانيا ۽ چين ۾ هانگ ڪانگ جي مستقبل متعلق هڪ معاهدو ڪيو ويو. ان معاهدي مطابق 1997ع ۾ انگريزن جي هانگ ڪانگ تان بالادستي ختم ٿيندي ۽ اها ڪالوني چين کي واپس ڏني ويندي. جيتوڻيڪ گهٽ ۾ گهٽ 2004ع تائين هانگ ڪانگ خودمختيار رهندو ۽ پنهنجي الڳ چالوسِڪي ۽ اُن جي مٽا سٽا جو بين الاقوامي اگهه پاڻ مقرر ڪندو ۽ اُن جي سرمايه دارانه نظام ۽ قانوني ادارن ۾ ڦير گهير نه آندي ويندي.

چينائن هانگ ڪانگ سان پنهنجي مستقبل ۾ رشتي کي هڪ جملي ۾ چيو "هڪ مُلڪ، ٻه نظام."

هانگ ڪانگ جي ايراضي پورچوگيز ڪالوني مڪائو جي اوڀر طرف چاليهه ميل آهي ۽ چيني شهر ڪئنٽن جي ڏکڻ اوڀر ۾ نَوي ميل آهي. ۽ اُن جي ڪُل ايراضي 412 چورس ميل آهي. ان ۾ ڪيئي سنڌي واپاري رهن ٿا، جي اُتان جا ٿي ويا آهن. جڏهن بمبئيءَ ۾ پوپٽيءَ هيرانند اٺي منهنجي دعوت ڪري ٻه سئو کن ماڻهو گهرايا هئا ته اُتي هانگ ڪانگ مان هڪ سيٺ پارد واڃ نالي مون کي Sindh Through Ages Vol – II تحفي طور ڏنو هو، جو هانگ ڪانگ ۾ آرٽ پيپر تي پڪي جلد سان ڇپايو ويو هو ۽ جنهن جي قيمت 5 سئو روپيا هئي. هن مون کي ٻڌايو ته هن کي ان ڪتاب جا اٺ حصا ڇپائڻا هئا، جن لاءِ هن پندرهن لک روپيا الڳ ڪري رکيا هئا. چيو ويچي ٿو ته ان خِطي جي مستقبل جو فيصلو چار سال پوءِ ٿيڻو آهي. هانگ ڪانگ جا رهواسي ان جي باري ۾ پريشان نه آهن. هڪ نهايت وڏي معمار (Construction Magnate) چيو ته، "1997ع ۾ هڪ غير اهم واقعو (Non – Event) ٿيندو." ٻئي چيو ته، "اقتصادي طرح هانگ ڪانگ اڳيئي، چين جو حصو آهي. 2500 سال اڳ چين جي هڪ دريائي چور 'سون زيءَ' چيني جنگ جو اُصول هيٺينءَ طرح ڏنو هو:

"دشمن جنهن شهر جي حفاظت ڪندو هجي، اُن شهر کان ڪناره ڪشي ڪريو ۽ اُتي حملو ڪريو، جتي هن کي اُن جي توقع نه هجي...... ماهر سپهه سالار دشمن کي اهو آسرو ڏئي اغوا ڪندا آهن ته فلاڻي جاءِ تي تنهنجي فتح لازمي آهي. اهڙي حاصلات جي لالچ ڏئي، هن سان پوريءَ طاقت سان مقابلو ڪندا آهن." هن سال چين ساڳي لومڙ واري چال چلي رهيو آهي. هانگ ڪانگ جو ڪنهن وقت چين جي قبضي ۾ هو ۽ مستقبل ۾ اُن کي واپس ملڻو آهي ۽ اُن جي ڏاڪڻي ڪناري تي بينڪي راڄ جي نشاني آهي، ۽ جنهن کي تاريخي غلطي سمجهي موٽايو ويچي ٿو اُهو واپار، سيڙپ ۽ لهه وچڙ جي سڀ رشتن ناتن جي ذريعي نه رڳو چين ۾ جذب ڪيو ويو آهي، پر ان کي چين ڏانهن ذهني طور راغب به ڪيو ويو آهي.

"ساري شهر کي فتح ڪرڻو آهي، چترائيءَ جي ڪنهن به چوٽ کان سوا." مٿي ذڪر ڪيل دريائي چور سون زيءَ چيو هو "بيجنگ ڪابه جنگ نه ٿي ڪرڻ چاهي." هڪ اناڙي سنڪي (Cynic) ئي چين جي هانگ ڪانگ سان تيزيءَ سان وڌندڙ اقتصادي ڀائيواريءَ کي نظرانداز ڪري سگهي ٿو. باهمي مفاد کي هڪ پنهنجي تيز رفتار قوت ٿئي ٿي ۽ چين جي براعظم کي جديديت جي اشد ضرورت آهي. ممڪن آهي ته انگريز سامراج اڃان اليڪشني ادارن جي

ذريعي، هانگ ڪانگ جي اڳين در وٽ رڪاوٽ ڪڙي ڪري، پر اژدها (چين جي علامت Dragon) پنئين دروازي ڪان اچي چڪي آهي. ٻه هفتا اڳ هانگ ڪانگ جي گورنر ڪرس پيٽن جي رفاهي مظاهري کي ڏسي، هن سان برطانيا جي ملٽري ملڪيتن جي باري ۾ هڪ شاطر گفتگو شروع ڪئي آهي. چين ۾ اظهار ۽ اختلاف جي آزاديءَ تي جبر و تشدد جاري آهي، پر پوءِ به چين هانگ ڪانگ جي واپاري ۽ پيشه ور طبقي کي موهي رکيو آهي ۽ اُهي ڇهه 1997ع واري معاهدي کان پوءِ جي حالات جي باري ۾ صلاحڪار لڳي رهيا آهن. چيو وڃي ٿو ته، ”چيني حڪومت هاڻي عوام کي حرڪت پذير ڪونه ٿي ڪري اُها ڏوڪڙ ڳڻي ۽ ٿانڊٽي ڪري رهي آهي. هانگ ڪانگ مان چين کي ايترو منافعو ٿيندو جو اُن کي ڊائي چڏيندو.“

*(12 اپريل 1994ع)*

# ڪشمير تي ڳالهه ٻولهه

مون کي ان تي فخر آهي تہ مون جهڙا آفاقي شاعر ورلي ٿيا آهن. ”اکيون ساهميون“ اسان جون اکيون ساهميون. ان نظم ۾ منهنجي سياسي آفاقيت شامل آهي، پر اهي اکيون جڏهن ڏسن ٿيون تہ ڪشمير ۾ رت جا ريلا وهن ٿا، آزاديءَ جي راهہ ۾ جنازا وڃن ٿا، ٻار زالون، ٻڍا، ڳڀرو قربانيون ڏين ٿا ۽ پنهنجيءَ ڪمزوريءَ جي باوجود سينہ سُپر آهن. تڏهن آزاديءَ جي جذبي ۽ خونِ ناحق سان همدردي لازم ٿي وڃي ٿي ۽ سياسي وابستگيءَ کان ڪناره ڪشي ناممڪن آهي.

آمريڪا جنهن جا ذڪر ايشيا ۾ اقتصادي مفاد خطري ۾ پئجي ويا آهن. اُهو سارو خوفناڪ منظر خاموشيءَ سان نہ ٿي ڏسي، جو برِصغير ۾ اُڀري رهيو آهي. اها هاڻي هن خطي جي بارودي صلاحيت کان چؤڪس ٿي رهي. ايئن نہ ٿئي تہ نيٺ عربي سمنڊ تي نيوڪليئر رک ڪري ۽ ماڻهو تہ ٺهيو پر پاڻيءَ ۾ مڇيون بہ مري وڃن!

جڏهن ڪجهہ هفتا اڳ رابن رفائيل، يو.ايس جو اسسٽنٽ سيڪريٽري آف اسٽيٽ گفت و شيد لاءِ دهلي پهتو. جيئن آمريڪي ڊپٽي سيڪريٽري سٽروب ٽالبوٽ (Strobe Talbott) جي گفت و شنيد لاءِ رستو صاف ڪري، تئين ساڄي ڌر جي ڀارت واسين ۽ شرنارٿي ڪشميري هندن هن جو هوائي اڏي تي کارن جهنڊن سان استقبال ڪيو. ڀارت سرڪاري ۽ مخالف ڌرين، ٻنهي يو. ايس. سفارتخاني جي ٻاهران مظاهرا ڪيا. هُن ان کان اڳ ڀارت جي دؤري تي ڪشمير کي ”متنازع علائقو“ ڪوٺيو هو جنهن تي ڀارت واسي ساڻس ڪاوڙيل هئا. هُن ڪيئي سال پراڻي ڳالهہ ٿي دهرائي تہ ڀارت ۽ پاڪستان نہ رڳو ٻاهمي گفت و شنيد ڪن، پر ڪشمير کي بہ اُن ۾ ڌر ڪن. دراصل ڀارتي ايئن ڀيا پائين تہ رفائيل ڪشمير جي ڀارت سان الحاق کان نابري ٿي واري. آمريڪي صدر بل ڪلنٽن پاڪستاني سفير کي چيو تہ يو. ايس پاڪستان جي ڪشمير تي تشويش ۾ شريڪ هئي. ڀارت کي اها ڳالهہ جڙ لڀاڻ وانگر لڳي، ڇو تہ اُن انساني حقن واري ڪميشن ۽ بين الاقوامي صليبِ احمر کي ڪشمير جي جائزي وٺڻ لاءِ اجازت ڏني هئي. ڪلنٽن ڪشمير جي حُريت پسندن کي لکيو ”مان توقع ٿو ڪريان تہ مان ڪشمير ۾ امن آڻڻ ۾ اوهان سان هٿ ونڊائيندس.“ اها ئي ڳالهہ آهي تہ في الحال صدر ڪلنٽن جو توجهہ اُتر ڪوريا جي نيوڪليئر خطري تي

مرڪوز آهي.

يو. ايس سيڪريٽري آف اسٽيٽ وارَن ڪرسٽافر ڊپٽي سيڪريٽري ٽالبوٽ کي پاڪستان موڪليو جو هٿيارن تي پابنديءَ جو ماهر آهي. هو چاهي ٿو ته يو. ايس ۽ سوويت يونين جڏهن نيوڪليائي محاذ تي مدِ مقابل آيا ته يو. ايس پاڻ کي ٽڪائي هچ ڪري وڌو ۽ يو. ايس. ايس. آر پنهنجي مڪمل تباهي آندي.

10 اپريل 1994ع تي اسٽروب ٽالبوٽ اسلام آباد ۾ چيو ته نيوڪليئر ٿُرت وڌاءَ خلاف معاهدي (Nuclear Non_Proliferation Treaty) جي باري هن جي نڪته نگاهه رجاعيت پسند هئي ۽ هن جو پاڪستان جو دورو بلڪل ڪامياب هو ۽ مسئلي کي ان طرح حل ڪيو ويندو جو پاڪستان جي حفاظتي ۽ سياسي مفاد کي ڇيهو نه پهچندو. هن وڌيڪ چيو ته هتان جي سياسي اڳواڻن سان ڳالهه ٻولهه کان پوءِ هن يو. ايس جي سيڪريٽري آف اسٽيٽ وارن ڪرسٽافر کي فون تي اهڙو اطلاع ڏنو. چڪ لالا هوائي اڏي تي صحافين سان ڳالهائيندي هُن مثبت نتيجن جي قومي اُميد ڏيکاري، اُتان هُو بُروسيلز هليو ويو. وڃڻ کان اڳ هن وڌيڪ چيو ته اِهو معاهدو آسان ڪم نه آهي. جڏهن هن کان پڇيو ويو ته ان سلسلي ۾ يو. ايس جي اڳين سوچ ۾ ڪجهه تبديلي هئي، تڏهن هن چيو ته يو. ايس جي راهه گهڻ طرفي هئي، باقي بنيادي طرح اسان جو ان باري ۾ پاڪستان جي موقف سان اتفاق آهي. ان موضوع تي ٻنهي ڌرين جو گڏيل بيان شايع ٿي چڪو آهي. وري ڳالهين ڪرڻ تي به اتفاق ڪيو ويو آهي.

ان مسئلي جو حل، سفارتي، سياسي ۽ بين الاقوامي سطح تي، ڪافي مشڪل آهي. واشنگٽن برِصغير سان غير واسطيدار نه ٿي رهي سگهي. اُن کي انديشو آهي ته ڀارت ۽ پاڪستان نيوڪليئر ميزائيل ٺاهي، ٻن سالن ۾ هڪ ٻئي کي تباهه ڪري ڇڏيندا. ڪشمير تي هنن جو تڪرار توڙ تي پهتو آهي ۽ ڪنهن وقت به جنگ ڇڙي سگهي ٿي، جا آمريڪا جي مفاد ۾ نه آهي. نه وري اهڙي جنگ هند- پاڪ جي مفاد ۾ آهي.

فردوسيءَ شاهنامي ۾ ٺيڪ چيو هو:

سَرِ خصم اگر بشکند مُشتِ تو
شَو دنيز آزرده انگشتِ تو.

(ترجمو: جيڪڏهن تنهنجي مُڪ دُشمن جو مٿو ڀڃي سگهندي آهي، ته ايئن ڪندي تنهنجي آڱر به ڀڄي سگهندي آهي.)

اسان ٻئي ملڪ برِصغير جو اُتر اولهه ۾ ذڪر اولهه آهيون. جيتري بقاءَ باهمي اسان جي مُلڪن ۾ ضروري آهي، اوتري شايد دنيا جي ٻين ٻن پاڙيسري ملڪن ۾ ضروري هجي!

محترما بينظير جڏهن ڪشمير جي مسئلي جي حل جي باري ۾ اصرار ڪري ٿي تہ حق بجانب آهي. آخر اهو انساني مسئلو آهي ۽ ايئن حل ٿيڻ گهرجي، جيئن ڪشميري چاهن ٿا.

آمريڪا جي ڪنهن وقت صدر ٿامس جيفرسن چيو هو:

I have sworn upon the alter of God eternal hostility against every form of tyranny over the mind of man.

(ترجمو: مون خدا اڳيان ماٿهوءَ تي هر ظلم خلاف ابدي عداوت جو قسم کنيو آهي.)

اُميد تہ آمريڪا اها ڳالهہ نہ وساريندي.

(13 اپريل 1994ع)

# اوجهڙي ڪئمپ

ڪي آفتون سماوي ٿينديون آهن، جي سمجهائي نہ سگهبيون آهن. تاريخ ۾ تہ اهڙيون ڪيئي آفتون آيون آهن، پر مان پاڻ کي برِصغير تائين محدود ٿو رکان. اهي آفتون انساني ارادي مان بہ اُپريون آهن ۽ محض مادي بہ آهن. 1397ع ۾ امير تيمور جي هندستان تي يلغار اهڙي آفت هئي. هڪ لک کان وڌيڪ ماڻهن جا سر لاٿا ويا ۽ اُنهن جا مينار ڪڙا ڪيا ويا. اها آفت نادر شاهہ جي 1739ع جي حملي ۾ بہ هئي؟ ڇا اِن جو ڪارڻ محمد شاهہ رنگيلو هو؟ نہ، اها بہ آفت سماوي هئي، هڪ وقت پندرهن سو مرد ۽ عورتون تهہ تيغ ڪيا ويا. ساڳي آفت هن جي سپهہ سالار احمد شاهہ ابدالي بہ آندي هئي، جنهن تي اڃا تاريخ نويس متفق نہ ٿيا آهن.

برِصغير ۾ مادي آفتون بہ ڪيئي آيون آهن، جن مان فقط هڪ ذڪر ڪريان ٿو. 2 ڊسمبر 1984ع تي اڌ رات کان اڌ ڪلاڪ پوءِ ڀوپال ۾ يونين ڪاربائيڊ جي ڪارخاني ۾ صنعتي حادثو پيش آيو. 2500 ماڻهو تہ يڪدم مري ويا ۽ جيڪي رهيا اهي زهريلي گئس سبب ڪيترن ئي مرضن ۾ مبتلا ٿي ويا ۽ اڃا آهن. پر اُن جو ڪارڻ بہ ڀُولي لڌو ويو آهي ۽ اُن لاءِ ڪافي معاوضو ڏنو ويو آهي ۽ اڃا ڏنو ويندو. اهڙو واقعو اسان وٽ 1988ع ۾ اپريل جي مهيني ۾ ڏهين تاريخ تي پيش آيو هو. ڇهہ سال اڳ راولپنڊي ۽ اسلام آباد جي وچ ۾ بارود جي اوجهڙي ڪئمپ ۾ اهڙو حادثو پيش آيو هو. ٿورن منٽن ۾ بم، ميزائيل، توپ جا گولا اُڏاڻا هئا ۽ سون ماڻهن کي ماري ۽ هزارن کي ڦٽي وڌو هئائون. سوين گهر ڊهي ڍير ٿي ويا هئا ۽ هزارين گهرن جا حصا بارود سان اُڏامي ويا هئا ۽ اُڏامندڙ گولين جا نشانا ٿيا هئا. پنڊيءَ ۽ اسلام آباد جا شهري هراسجي ويا ۽ هيڏانهن هوڏانهن جاءِ پناهہ لاءِ ڊوڙي ڊُڪي رهيا هئا. اُنهن ۾ سرڪاري آفيسر بہ شامل هئا. پريزيڊنٽ ڪُويت ۾ هو ۽ وزيراعظم سنڌ ۾ هو ۽ گاديءَ جو ڌڻي سائين ڪوئي نہ هو.

شيڪسپيئر پنهنجي ڊراما ڪنگ ليئر، ۾ چيو هو:

**”انسان کي پنهنجي روانگي ايئن برداشت ڪرڻ گهرجي،**
**جيئن هُو پنهنجي آمد کي ڪري ٿو:**
**بلوغ ۽ پختہ ڪاري ئي سڀ ڪجهہ آهي.“**

ڪيڏو نہ افسوس ٿئي ٿو جو انسان بلوغ ۽ پختہ ڪاريءَ کان سواءِ ڪنهن مادي يا سماوي آفت جي ڪري، نہ رڳو قبل از وقت مري وڃي ٿو پر اهڙين حالتن ۾ مري ٿو جي انتهائي قابلِ رحم آهن.

ليفٽيننٽ جنرل عمران الله متين واقعي جي تحقيقات ڪئي، پر اوجهڙي ڪئمپ جي تباهيءَ جو سبب ڄاڻائي نہ سگهيو. بارود جي ڦاٽڻ جو سلسلو ڪيئي ڪلاڪ هليو هو ۽ اسلام آباد ۽ پنڊيءَ ۾ موت ۽ تباهڪاري آندي هئائين. اسان جا خبر رسان ۽ تحفظاتي ذريعا انهيءَ واقعي جي باري ۾ بنهہ بي خبر هئا. اسان جي شهري دفاع ۽ مصيبت زده علائقي جي بچاءَ جا ذريعا بہ وائڙا ۽ بيوس ٿي لڳا. اوجهڙي الميي ظاهر ڪري ڏيکاريو تہ اسان جي انتظاميہ ڪيتري نہ کوکلي آهي ۽ اهڙي حادثي کي مُنهن ڏيڻ لاءِ بنهہ تيار نہ آهي. ايئن برابر آهي تہ اوجهڙي انڪوائري آئنده جي لاءِ تحفظاتي تدبيرون پيش ڪنديءَ پر عوام جي اطلاع لاءِ تمام ٿورو چيو ويو آهي ۽ آئنده اهڙي تباهي ڪيئن روڪي وينديءَ ان تي بہ ڪائي خاص روشني نہ وڌي وئي آهي. اسان ان واقعي مان هيٺيان سبق تہ حاصل ڪيا آهن.

- شهرن جي ڀرسان بارود جو ذخيرو نہ ڪيو وڃي ۽ نہ گهٽيءَ آدمشماريءَ وارين فوجي ڇانوڻين جي ڀرسان اُن کي رکيو وڃي.
- بحران تي روڪ لاءِ تنظيم (Crisis Control Organization) جي اَشد ضرورت آهي.

اُن وقت اهڙي تنظيم ڪابہ نہ هئي.

ماڻهو ايترو خوف هيٺ اچي، اَچيت ٿي چُڪا هئا. پهرين ستر منٽ تي ريڊيو تي مهدي حسن جا غزل هلندا رهيا. اُنهن کي ايتري ڦيراٽي اچي وئي هئي، جو سارو ٽيليفون جو سرشتو اُلجهائي وڌو هئائون.

ڪنهن بہ وزير، سينيٽر، ايم اين اي، سِول يا ملٽري آفيسر کي ايتري همت نہ ٿي تہ ريڊيو کي اُن وقت موسيقيءَ کان روڪي ۽ عوام کي اطلاع ڏئي تہ ڇا ٿيو آهي. افواهہ جهنگ جي باهہ وانگر ڦهلجي رهيا هئا تہ کهوٽا تي ڀارت حملو ڪيو آهي ۽ ڀارت جا ۽ افغان ڪمانڊو اسلام آباد جي هوائي اڏي تي لٿا هئا. جي ريڊيو ۽ ٽي ويءَ تي بروقت اعلان ڪيو وڃي ها تہ اُفواهہ روڪجي وڃن ها.

انتظاميہ کي جهٽ تہ فالج ٿي پيو هو پريزيڊنٽ ۽ وزيراعظم جي عدم موجودگيءَ ۾، اسلام آباد جون واڳون ڪنهن جي هٿ ۾ نہ هيون. ٽيڪ ايئن گهرجي تہ يا تہ ٻنهي مان هڪ اسلام آباد ۾ هر وقت هجي يا ٻاهر هجي تہ اسلام آباد سان رابطي ۾ هجي. 10 اپريل 1988ع تي انتظاميہ بلڪل مفلوج هئي. اسان جي ٽيليفون جي سرشتي جو تہ ستياناس آهي. اوجهڙي ڪئمپ جي حادثي متعلق

# آپ بيتي ۽ جڳ بيتي

چا ايڊيٽوريل ذاتي ٿي نہ ٿو سگهي؟ ڇا ايڊيٽر جو فقط خارجي دنيا سان واسطو آهي، هن جي ڪائي داخلي حقيقت نہ آهي؟ ڇا ايڊيٽر جي آپ بيتي جڳ بيتيءَ جو حصو نہ آهي؟ ڇا ايڊيٽر ڪنهن وقت پنهنجو ”پاڻ“ نہ ٿو ڏئي سگهي؟ ڇا شاعريءَ ۾ ذاتي ڪيفيات جي اظهار جي گنجائش نہ آهي؟ ڇا ڪهاڻي ۽ ناول ۾ مصنف جي اندرين زندگيءَ جي عڪاسي نہ آهي ۽ هر وقت اُها باهرين زندگيءَ جي آئينہ دار آهي؟ مون تہ صحافت کي بہ ادب جو حصو بڻايو آهي.

اڄ ڪالهہ قومي ۽ بين الاقوامي حالات جي باري ۾ لکي ھَڄُ ٿي پيو آهيان ۽ چاهيان ٿو تہ انهيءَ زندگيءَ جي باري ۾ لکان، جا ڇڏي مان ’برسات‘ جي دفتر ۾ آيو آهيان ۽ روز اها ڪوشش ڪري رهيو آهيان تہ جو ڪجهہ بہ روزانيءَ اخبار ۾ شايع ٿئي، اُن جو منهنجي ادبي زندگيءَ سان ناتو نہ ٽُٽي، ۽ اُن تي منهنجي مهر هجي. آخر ايڊيٽر بہ تہ هن معاشري جو اَٽوٽ حصو آهي ۽ اُن جي زندگيءَ جي اهميت معاشري جي ٻيءَ ڪنهن واردات جيتري آهي، جيئن هڪ ڇولي ساري سمنڊ لاءِ پيڪڙا آهي، ايئن ايڊيٽر جي بہ پنهنجي معاشري تي گرفت ٿئي ٿي.

صائب چيو آهي:

> شب ڪہ حرفي بحديث سرِ زلف تو گذشت
> هرڪہ برخاست ز جا سلسلہ برپا برخاست

(ترجمو : رات جڏهن ڪو حرف تنهنجي زلف جي حديث وٽان گذريو جيڪو بہ اُٿيو اُن کي پيرن ۾ زنجير ها).

ڇا آنءَ صحافت جا اهي زنجير ڇني نہ ٿو سگهان ۽ پنهنجيءَ حديث جو بنياد نہ ٿو رکي سگهان؟ سيئي چون ٿا تہ صحافتي دنيا جي هيءَ روايت آهي، هوءَ روايت آهي، پر مان تہ هر روايت جو ازلي باغي آهيان. مان ان روايت جي پيروي ڇو ڪريان؟ منهنجا حرف بہ پنهنجا آهن، حديث بہ پنهنجي آهي ۽ ڪو زلف منهنجن پيرن جا زنجير ٿي نہ ٿو سگهي.

گذريل ٽن سالن کان مون پاڻ تي علالت ۾ نظربندي عايد ڪئي، پر ان کان اڳ جڏهن اسيمبلي ٽوڙي وئي ۽ محترمہ بينظير جي اڳئينءَ حڪومت جو خاتمو

آندو ويو. تڏهن مون اُن دؤر جي سرگذشت اُن وقت پوري ڪئي، جڏهن صدر اسحاق تي ويءَ تي اهڙو اعلان ڪيو. مان اها سرگذشت ڏيڍ مهيني کان لکي رهيو هوس. ڇو ته مون کي صدر جي اهڙي ڪارروائيءَ جا پروڙ ٿي پيا. اٽڪل ٻارنهن سئو صفحا لکي چڪو هوس. جڏهن شام جو ٽي ويءَ تي مٿيون اعلان ٿيو ۽ مون اها ڏيڍ مهيني جي سرگذشت فقط اهو لکي پوري ڪئي ته صدر اسحاق پنهنجا اختيار استعمال ڪري، جمهوري حڪومت ٽوڙي ڇڏي. انهيءَ سرگذشت جا چارئي حصا مون اُڇاتريءَ نظر سان ٻيهر ڏٺا آهن، جي پنهنجي ليکي هڪ سياسي ۽ ادبي دستاويز آهن ۽ اشاعت جي قابل آهن. اُن کان پوءِ مون ڪيئي نظم ۽ نثر جا ڪتاب لکيا، جن مان ڏهاڪو کن شايع ٿي چڪا آهن ۽ اُنهن جو تفصيل مون 'ڇوليون ٻوليون سمنڊ جون' جي مهاڳ ۾ ڏنو آهي. اٽڪل ٻارنهن ڪتاب اشاعت لاءِ پيا آهن. انهن کان سواءِ مون ڏاڍهن لکيل ڪيئي ادبي خط ۽ مون تي لکيل ادبي ڪيئي مضمون آهن، جن کي ٻه مون ترتيب ڏني آهي. اهو نه فقط پنج ڇهه حصا لکي رهيو هوس، جن مان ٿر جي سفر تي ئي پنج سؤ صفحا لکيا اٿم ۽ اهو منهنجي سفرنامي جو ٻهريون جلد آهي، جيڪو منهنجو هڪ مداح، منهنجي اڊائي سؤ ترائيل جي ڪتاب سان گڏ نقل ڪري رهيو آهي ۽ اُن جو نالو مون "چنڊ ڳليون" رکيو آهي، جن مان ڪجهه ترائيل رسالن ۾ ڇپجي چُڪا آهن. اُن کانپوءِ "برسات" اوڙڪون ڪري وئي ۽ ڪجهه وقت کان پوءِ مون کي هلالِ امتياز مليو.

اهو سارو وقت مون برسات لاءِ ساندهه لکيو آهي ۽ اُن ۾ جو ڪجهه لکيو آهي، اوهان جي اڳيان آهي. اوهان فيصلو ڪريو ته ڇا صحافيءَ جي زندگي مون ۾ شاعر کي ختم ڪري ڇڏيندي؟ علامه اقبال بانگِ درا ۾ هيٺين فارسي شعر سان پنهنجو هڪ اُردو نظم ختم ڪيو آهي:

**رفتم ڪہ خا از پاڪشم منزل نهان شد از نظر،**
**يڪ لحظہ غافل گشتم و صد سال راهم دور شد.**

(ترجمو: ان لاءِ ويس ته ڪنڊو پير مان ڪڍان، ايتري ۾ منزل ئي اکين کان ڇپي وئي، هڪ لحضو غافل ٿيس، سو سال راه دور ٿي وئي.)

ڇا ايئن آهي؟ ايئن ٿيڻ ته نه گهرجي! فيض سان به ته ايئن نه ٿيو هو شاعريءَ جي باري ۾ مان ايترو چئي ٿو سگهان ته:

"لوئي ۾ لائون، آنءُ اُنهيءَ سان لڏيون"

جي بغاوت اُن جي آڏو نه آئي، وڪالت اُن جي آڏو نه آئي، درس و تدريس اُن جي آڏو نه آئي ته صحافت اُن جي آڏو ڇو ايندي؟ مان ڀانيان ٿو ته منهنجي شاعريءَ جي اُفق کي وڌائيندي، تجربه به گوناگون ڪندي، قومي ۽ بين الاقوامي

حالات جو زياده گهرو شعور ڏيندي ۽ شاعري وري ڪنهن وقت لاڙي مينهن وانگر ايندي ۽ جي حياتي آهي ته ڪيئي نوان ڪتاب تخليق ٿيندا. ان ڳالهه تي علامه اقبال وري ياد اچي رهيو آهي:

**گمان مبرڪه پايان رسيد ڪار مغان،**
**هزار بادهءِ ناخورده در رگِ تاڪ است.**

(ڊپ نه ڪر ته ڪلال جي ڪار پوري ٿي وئي آهي. اڃان ته ڊاک جي رڳن ۾ ڪيئي اڻ پيتل شراب آهن!)

جذباتي طرح ته هيئين ڳالهه شاعريءَ سيکاري هئي، شعوري طرح ان کي صحافت مستحڪم ڪيو آهي. نه ڄاڻان اها ڪنهن چئي هئي؟

”جيستائين ڪو هيٺيون طبقو آهي، مان اُن ۾ آهيان. جيستائين ڪو ڏوهي آهي، مان اُن مان آهيان. جيستائين ڪو قيدي آهي، مان آزاد نه آهيان.“

۽ صحافت به ان ڳالهه جي ضمانت آهي.

منهنجي شاعريءَ جي ڌرتيءَ ۽ آسمان، ٻنهي، سان وابستگي آهي، فقط ڌرتيءَ سان صحافت جي وابستگي آهي.

فرق فقط اهو آهي ته جڏهن ساريون راتيون جاڳي لکندو هئس، تڏهن افلاطون وانگر محسوس ڪندو هوس ته:

Poet utter great and wise things,
Which they do not them selves understand.

(ترجمو: شاعر ڪيئي عظيم ۽ دانشمندانه ڳالهيون ڪندا آهن،
جي سندن عقل کان به بعيد هونديون آهن.)

پر صحافت ۾ وڪالت وانگر هر ڳالهه سوچي، ڇپي، ڇٽي، هيئن سان هنداڻي لکڻي ٿي پوي. الهام ۽ انهام ساٿ ساٿ ڪيستائين هلندا. ڪيئن چئجي!

في الحال ته مان نثر ۾ عمارتون کڙيون ڪري رهيو آهيان، جنهن جا بنياد انساني دل ۾ آهن. ڇا مان نثر ۾ به تاج محل تعمير ڪري ٿو سگهان؟ سنگِ بنياد ته ساڳيا آهن، اڳتي ڏسجي!

اها ٻي ڳالهه ته شاعري غيب جو معاملو آهي، صحافت تاريخ جي جيب مان ڪيڏي ٿي پوي!

*(15 اپريل 1994ع)*

# پاڪ ـ ايران ناتا

مون 1977ع ۾ جڏهن پال اي اُرڊمئن جو ناول (Crash of 79) پڙهيو هو تہ مون کي ايران جي سياسي حالات جي باري ۾ پروڙ پيا هئا. اُن کان پوءِ اُردوءَ جي مشهور اديب سيد سبطِ حسن 1980ع ۾ 'انقلابِ ايران' ڪتاب شايع ڪيو. مرحوم سبطِ حسن منهنجو دوست هو ۽ هن کي انڊيا جي ڪميونسٽ پارٽيءَ پاڪستان ۾ ڪميونسٽ دانشورن جي تربيت لاءِ موڪليو هو پر هُو ڪراچيءَ کان ٻاهر وڃي نہ سگهيو ۽ رڳو غالب لئبريريءَ واري حيدرآباد دکن جي مرزا ظفرالحسن جهڙا اڳيان دوست پنهنجي قريب رکيائين ۽ پنهنجي اُردو نواز حلقي کان ٻاهر قدم نہ رکڻ ڪري سنڌ ۾ ڪو ڪم نہ ڪري سگهيو. پاڪستان ڪميونسٽ پارٽيءَ جو پهريون سيڪريٽري جنرل سجاد ظهير بہ فقط ساڳئي حلقي تائين محدود رهيو ۽ پنڊي سازش ڪيس ۾ جيل ۾ رهي، ٻاهر نڪرڻ کان پوءِ هندستان هليو ويو جتي منهنجي هن سان ۽ مُلڪ راج آنند سان ملاقات ٿي هئي.

سبطِ حسن مٿين ڪتاب 'انقلابِ ايران' ۾ ويهين صديءَ ۾ ايران ۾ بيچيني جي تاريخ ڏني آهي ۽ ڪميونسٽ پارٽيءَ جي انقلاب ۾ امداد جي ساراهہ ڪئي اٿائين. مون تہ اُن وقت ئي سمجهيو هو تہ خميني پاڻ تہ آمريڪا جي خلاف هجي ۽ ايراني، عوام پڻ تہ "مرگ، مرگ آمريڪا"، (موت، موت آمريڪا) جا نعرا هڻي، پر خميني ڪميونسٽ پارٽيءَ جي ستياناس ڪري ڇڏيندو. ٿيو بہ ايئن. ايران جي ڪميونسٽ پارٽيءَ جا، جنهن کي توده پارٽي چوندا هئا، ايترا ميمبر گرفتار ڪيا ويا ۽ ماريا ويا جو اُها اوڀر جرمنيءَ پنهنجو هيڊ ڪوارٽر (صدر مقام) ڪڍي وئي، جتي ٽي. ڪي. پي (ترڪش ڪميونسٽ پارٽي) اڳيئي پنهنجي جاءِ پناهہ ناهي هئي.

مان جڏهن وزيراعظم ڀُٽي سان 70 ڪلفٽن ۾ اڪيلو مليو هوس تہ هن جي صاف سٿري ڪمري ۾ فقط بہ تصويرون رکيون هيون. هن جي پنيان مائوزي تنگ جي تصوير هئي، جنهن تي مائوءَ جو آٽوگراف هو ۽ هن جي اڳيان شاهہ ايران جي تصوير هئي، جنهن تي شاهہ ايران جو آٽوگراف هو. مان پانيان ٿو تہ اهي تصويرون مائو ۽ شاهہ ايران ڀُٽي صاحب کي تحفي طور ڏنيون هيون ۽ ڀُٽي صاحب جي سياسي فلسفي ٻاءِ لئٽرزم (Bi – Lateralism) جي علامت هيون.

برصغير ۾ ڪيئي شاعر، اديب، دانشور، فلسفي، امورِ مملڪت جا ماهر ۽ فوجي سپهه سالار ايران سوڌو اسلامي دنيا مان آيا هئا. فارسي دربار جي زبان هئي ۽ پاڪستان ڪان پوءِ بہ نہ رڳو اسان جا ايران سان تهذيبي ناتا هئا، پر قريبي سياسي رابطو بہ رهيو هو. اسان جي سياسي نفسيات ۾ اها خبر زلزلي وانگر آئي تہ جنيوا ۾ ڪوتايل انساني حقن جي ڪميشن ۾ اسان جا دوست ملڪ ايران ۽ چين هندستان سان اقتصادي تعلقات ڪري، اسان جي اُها مدد نہ ڪري سگهيا، جنهن جي اسان کي اُنهن مان توقع هئي.

مٿين ذڪر ڪيل ڪتابن "انقلابِ ايران" ۾ صفحي 37 تي لکيل آهي تہ "اڻويهين صديءَ ۾ ايران هڪ پس مانده فيوڊل رياست هئي..... اُتي غريبن جي زندگي انتهائي افلاس ۽ تنگ دستيءَ ۾ بسر ٿيندي هئي. ڏوهين جي کل لاٿي ويندي هئي، درختن سان بيهاري ميخن سان جڙيو ويندو هو گهوڙن وانگر پيرن ۾ نعل هنيا ويندا هئا، جسمن ۾ سوراخ ڪري اُنهن تي بتيون ٻاريون وينديون هيون ۽ هنن کي ٻرندڙ شمعدان ڪري گهٽين ۾ ڦيرايو ويندو هو ۽ ايئن موت جون سزائون ڏنيون وينديون هيون. حڪومت جي ظلم جي مخالفت ڪرڻ وارن کي انهن وحشي سزائن جو خاص طور نشانو بڻايو ويندو هو جيئن ڪو سرڪش ڪنڌ مٿي نہ ڪري هلي. پوءِ بہ احتجاج طور آواز اُٿاريا ويندا هئا. سليمان نالي هڪ شاعر جي جسم ۾ سوراخ ڪري موم بتيون وڌيون ويون ۽ جلاد جڏهن هن جو سِر ڪپڻ لاءِ اڳتي وڌيو تہ سليمان خان مولانا روم جو هيٺيون شعر پڙهيو:

**يک دست جامِ باده ويک دست زلفِ يار،**
**رقصي چنين ميانۂ ميدانم آرز و ست.**

(ترجمو: هڪ هٿ جام ۾ ۽ ٻيو هٿ يار جي زلف ۾،
ميدان جي وچ ۾ مون کي اهڙي رقص جي آرزو آهي)

پر ايران پنهنجو ماضي ياد نہ ڪيو ۽ نہ اهو ياد ڪيو تہ شاهِ ايران جي استبدادي تنظيم ساواڪ ايرانين سان ڪيترا ظلم ڪيا ويا ۽ ڪشميرين تي ايتري ساري ڀارتي ظلم ستم تي جنيوا ۾ انساني حقن جي ڪميشن ۾ اسان سان گڏ احتجاج نہ ڪيائون. اُن ڪان پوءِ تاريخ 11 اپريل تي ايراني پارليامينٽري ڊيلي گيشن جي اسپيڪر علامہ علي اڪبر ناطق نوري پاڪستان قومي اسيمبليءَ جي اسپيشل سيشن ۾ علي الاعلان ايران جي حمايت جو يقين ڏياريو ۽ ڪشمير ۾ ڪيل ڀارت جي ظلم ستم جي ملامت ڪئي. هن چيو تہ ڪشمير هر طريقي هيسايو ۽ دٻايو ٿي ويو. هن دنيا ۾ موجوده صورتحال جو گهرو تجزيو ڪيو ۽ اُن ۾ مسلم اُمہ جي ذميداريءَ تي بہ ڳالهايو ۽ ذڪر اولهہ ايشيا ۾ ڏانڌليءَ ۽ ڏونس بازيءَ جي مخالفت ڪئي. هن پاڪستان جي نيوڪليئر ٽيڪنالاجيءَ جي بہ

حمايت ڪئي. علامه نوريءَ وڌيڪ چيو ته اقوام متحده جي ٺهرائن مطابق پاڪستان ايران جي حمايت تي مدار رکي سگهي ٿو. هن چيو ته ايران نه رڳو ماضيءَ ۾ ڪشمير جي مدد ڪئي هئي، پر اڳتي به ڪندو رهندو. هن تهران جي جنيوا ۾ ڪشمير تي بيجنگ سان گڏ پنهنجي روش جي باري ۾ وضاحت ڪئي. اسان پاڪستانين کي ايران جي انهيءَ ڪردار تي ڏاڍو افسوس ٿيو هو. بهرصورت اسپيڪر نوريءَ جي تقرير مان اهو اندازو لڳو ته اقتصادي سببن ڪري ايران جنيوا ۾ چين کي ناراض ڪرڻ نه ٿي چاهيو.

ڊپلوميسي ڏاري جي راند وانگر آهي ۽ اُن ۾ اوچتي ڦير گهير جو پڙ سدائين رکي سگهجي ٿو. قومون سڀ اُصول پاسي رکي، قومي مفاد کي ترجيح ڏين ٿيون. ان ۾ شڪ نه آهي ته اسپيڪر نوري پنهنجي ملڪ جي پاليسيءَ جي وضاحت ڪري رهيو هو. جڏهن هو ڪشمير تي ڳالهائي رهيو هو. پاڪستان ۽ ايران جي آر-سي-ڊيءَ (خطي جي ترقيءَ لاءِ ڪارپوريشن) ۽ اِي- سي-او (اقتصادي اتحاد جي تنظيم) ۾ هڪٻئي جا اقتصادي مفاد ڪڙو ڪڙي ۾ جڙيل آهن. پر اسان کي ايران ۽ چين جي باري ۾ گهڻيون جذباتي خوش فهميون به نه رکڻ گهرجن. اها ڳالهه قابلِ غور هئي ته علامه نوريءَ جي تقرير وقت وزيراعظم محترمه بينظير ڀٽو ۽ قائدِ حزبِ اختلاف جناب نواز شريف ٻئي اسيمبليءَ ۾ غير موجود هئا.

*(16 اپريل 1994ع)*

# سنڌ جا چار شهيد

يونان جي نوبل انعام يافته شاعر ڪازان زاڪس ڪنهن ناول ۾ پيءُ ۽ پٽ جي وچ ۾ هيٺين گفتگو ڏني هئي:

"بابا، هن کي گولي ڪنهن هنئي آهي؟"

"آزاديءَ"

"بابا، هن کي ڦاهيءَ ڪنهن چاڙهيو آهي؟"

"آزاديءَ"

"بابا، ڇا آزادي ڪنهن جلاد جو نالو آهي؟"

"هائو پٽ! پر اُهو جلاد وڏو جادوگر آهي، هڪ پيرو اُن جا هٿ چُمينديِن تہ سِر جي سار وسري ويندءِ."

آزاديءَ لاءِ موت جي پروا نہ ڪرڻ ڪنهن خاص مذهب جي روايت نہ آهي. بهر صورت لفظ شهيد ۽ شهادت کي اسلامي مضمرات آهن. پروفيسر جلباڻيءَ جي عربي سنڌي ڊڪشنريءَ ۾ لفظ شهيد جي معنيٰ آهي! جنگ ۾ ماريل (مسلمان). في الحال مان اُهي غير مسلم سنڌي پاسي ٿو رکان جن آزاديءَ لاءِ جان ڏني هئي، ۽ امر ٿي ويا ها. موضوع کي مدِنظر رکي، اُنهن مسلمانن جو ذڪر ڪيان ٿو جن شهادت جو جام نوش ڪيو هو. سنڌ جي تاريخ ۾ اهڙا نهايت اهم شخص مون کي چار نظر آيا آهن. شهيد بلاول، شهيد عنايت، شهيد هوشو ۽ شهيد پٿو. شهيد بلاول کي محمد احمد جونپوريءَ سازش ڪري گهاڻي ۾ پيڙايو ڇو تہ هن تي باطل الزام هنيو ويو هو تہ هُن قرآن شريف جي بي حرمتي ڪئي آهي. شهيد عنايت پنهنجي هاري حلقي لاءِ اجتماعي زراعت جو انتظام ڪيو هو (اُردوءَ جو مشهور اديب سبط حسن هن کان ايترو متاثر هو جو هن پنهنجي ڪتاب "نويد فڪر" ۾ هن تي هڪ باب "سنڌ جو پهريون سوشلسٽ صوفي" جي عنوان سان لکيو آهي.) دهليءَ جي سلطنت نواب اعظم خان کي ٺٽي جو صوبيدار مقرر ڪيو هو. اُهو جڏهن شاهہ عنايت وٽ ويو تہ هو ورد وظيفي ۾ مشغول هو ۽ ان ڪري جهوڪ جي فقيرن هن کي ڪجهہ وقت لاءَ ملاقات کان روڪيو. جڏهن اعظم خان جي شاهہ عنايت سان ملاقات ٿي تڏهن هُن هڪ فارسيءَ جو مصرعو پڙهيو تہ:

در درويش را دربان نہ شايد

(ترجمو: درويش جي در تي دربار چڱا نہ ٿيندا آهن).

ان تي شاهہ عنايت جواب ڏنو:

”بہ شايد تاسگ دنيا نہ آيد“

(ترجمو: نيڪ آ، ان ڪري دنيا جو ڪُتو اندر نہ ايندو).

ان تي اعظم خان کي ڪاوڙ آئي ۽ هُن ميان يار محمد ڪلهوڙي ۽ ٺٽي جي ٻين زميندران سان سازباز ڪري هن تي شب خون هٽايو. گهيراءَ چار مهينا هليو پر اهو مڪمل ڪامياب نہ ٿيو. پوءِ 1 جنوري 1718ع تي ٺڳيءَ سان جهوڪ جو ڦاٽڪ کولايو ويو ۽ بنا ڪنهن مزاحمت ۽ خونريزيءَ جي جهوڪ تي قبضو ڪيو ويو ۽ شاهہ عنايت کي اعظم خان جي خيمي ۾ آندو ويو. اُتي هن کي هٿ ڪڙيون ۽ پير-ڪڙيون هنيون ويون، فقيرن جو قتل عام ڪيو ويو ۽ اُنهن جا گهر جلايا ويا ۽ جهوڪ کي نيست ۽ نابود ڪيو ويو. اعظم خان پوءِ شاهہ عنايت کي ٺٽي ۾ آندو. مير علي شير قانع شاهہ عنايت ۽ صوبيدار جي وچ ۾ سوال جواب جو وڏو داستان لکيو آهي. تحفظ الڪرام ۾ لکيل آهي تہ 7 جنوري 1718ع تي اعظم خان جي حڪم سان شاهہ عنايت کي شهيد ڪيو ويو.

هوشو شيدي سر چارلس نپيئر جي خلاف مياڻي جي جنگ ۾ شهيد ٿيو هو. هن بي جگريءَ سان چارلس نپيئر جو مقابلو ڪيو هو ۽ مان مياڻي فاريسٽ ۾ اُها جاءِ ڏسي آيو آهيان، جتي هوشو سميت ڪيئي سنڌي محب وطن شهيد ٿيا ها. اها ٻي ڳالهہ آهي تہ ان جاءِ تي ڪُتبو ايتري قيمتي پٿر تي لکيل نہ آهي جيتري اُتي جاءِ آهي، جتي انگريز ماريا ويا ها. قادر بخش نظاماڻيءَ مياڻيءَ جي جنگ تي هڪ ڪتاب لکيو آهي جو اسان ننڍي هوندي دلچسپيءَ سان پڙهندا هياسين. مان نہ ٺٽو پانيان تہ اُن ڪتاب جي ٻيو ڀيرو اشاعت ٿي آهي. مان جڏهن وائيس چانسلر هوس، تڏهن ڪوٽڙي ۾ چارلس نپيئر جي چڙهي ويل جهاز تي ”هوشو سان شام“ ملهائي هيم جا اڌ رات تائين هلي هئي.

چوٽون آزاديءَ جو عظيم شهيد هيو شهيد پٽو شهيد شهيد ٿيندا آهن ۽ اُنهن جي ننڍ وڏائي جو سوال نہ ٿو اُٿي سيني کي هڪ ئي جان هوندي آهي جا هو آزاديءَ جي راهہ ۾ قربان ڪندا آهن. اها ٻي ڳالهہ آهي تہ انهن جي سماجي اهميت الڳ هوندي آهي ۽ ڪن جي اذيت ٿوري هوندي، ڪن جي گهٽي. نيٺ اُها وقت جي ڪارونيار ۾ سمائجي ويندي آهي. شهيد پٽو پنهنجي موت ۾ پنهنجيءَ زندگي کان بہ عظيم هو. هن قيدوبند ۾ جا آمريت جي خلاف بي پرواهي ۽ سر بُلندي ڏيکاري، اُها پنهنجو مثال آهي، مون کي شهيد پٽو اسپارٽيڪس جي ياد ڏياريندو آهي جنهن روم ۾ غلامن جي بغاوت آندي هئي. هن جي زندگيءَ بہ ديس

ڪي اُهي ڳالهيون ڏنيون جي اُن کي اڳ ۾ حاصل نہ هيون ۽ هن جي موت کان پندرنهن سال پوءِ اُنهن جي اهميت اڳي کان وڌيڪ آهي. هن جا لکين مداح آهن ۽ اهو وڌاءُ نہ ٿيندو جي چئجي تہ پاڪستان ۾ ڪنهن ولي يا قطب جي مزار تي بہ ايڏو وڏو ميڙاڪو نہ ٿيندو آهي جيترو شهيد ڀُٽي جي مزار تي ٿيندو آهي. سنڌ جي تاريخ ۾ پهريون ڀيرو سياست ۽ عظيم شهادت خلط ملط ٿي ويون آهن.

ڀُٽي پاڪستان جي عوام کي سياسي شعور ڏنو اُن جي ترتيب ڪئي ۽ اُن کي سيکاريو تہ اُهي ڪئين جدوجهد ڪري پنهنجا حق حاصل ڪري سگهندا. هن آمريت خلاف بغاوت جو عَلم بلند ڪيو ۽ اها منهنجي خوش نصيبي آهي تہ مان هن سان گڏ نہ رڳو ساڳي آرڊر هيٺ گرفتار ٿيو هوس پر ساڳي ساهيوال جيل ۾ نظربند هوس ۽ اسان ٻنهي جي وچ ۾ فقط ديوار هئي. ڀٽي اها جدوجهد ايتريءَ هوشياريءَ ۽ ڪاميابيءَ سان هلائي جو ايوب خان جي آمريت اَچي پَٽ پئي. انهيءَ جدوجهد سان هُن ساري پاڪستان ۾ هڪ باشعور وچولو طبقو وجود ۾ آندو جو حالات جي تبديليءَ کان متاثر ٿيندو رهيو آهي ۽ اڄ تائين سياسي ڦير گهير جو باني آهي. هن عوام کي پنهنجيءَ هستي جو احساس ڏنو ۽ اُنهن مان اها احساسِ ڪمتري ڪڍي ڇڏي تہ هو ڪجهہ بہ نہ آهن. عوام پاڻ کي محڪوم نہ پر حاڪم سمجهڻ لڳا. يو. ايس. ايس. آر ۾ سوشلزم جي ناڪاميءَ جي باوجود، ٽين دنيا اڄا معاشي انصاف لاءِ جدوجهد ڪري رهي آهي. ”روٽي، ڪپڙا اور مڪان“ وارو نعرو اڄا بامعنيٰ آهي ڇو تہ هن عوام کي اهو شعور بہ ڏنو تہ هڪ آزاد قوم جا فرد پنهنجي سياسي تقدير جمهوريت جي ذريعي ئي حاصل ڪري سگهن ٿا.

شهيد ڀُٽي اسان کي 1973ع وارو آئين ڏنو جو چونڊيل اسيمبليءَ جو متفقہ طور ڏنل آئين هو. آئين سازي پاڪستان لاءِ اڄا تائين مٿي جو سور رهي آهي. جيتوڻيڪ هندستان اهو مسئلو بروقت حل ڪري ڇڏيو هو جنهن جا مسئلا اسان کان گهڻو پيچيده آهن.

اسانجي مُلڪ کي پهريون آئين اُن جي وجود ۾ اچڻ سان نَوَن سالن کان پوءِ مليو ۽ ان جي بحاليءَ کان اڍائي سال پوءِ ايوب خان ان جا پرخچا اُڏائي ڇڏيا. پوءِ 1962ع ۾ هن پنهنجو بيهودو آئين ڏنو جو سراسر نڳيءَ جو ناهہ هو. مون کي وڪالت جي خلاف انهيءَ آئين ڪيو ڇو تہ وڪيل جي حيثيت ۾ مان جبراً ان جي تاويل جو پابند هوس ۽ عدالت ۾ علي الاعلان چئي نہ ٿي سگهيس تہ اُهو بڪواس آهي ۽ ان فلسفۂ قانون (Jurisprudence) کي تار تار ڪري ڇڏيو آهي. مون کي چتيون هٽي اهي قانوني ليڙيون عدالت ۾ پيش ڪرڻيون پونديون هيون.

1973ع وارو آئين جو اڄا تائين پاڪستان جو آئين آهي، پنهنجيءَ اصلوڪيءَ صورت ۾ هڪ چڱو آئين آهي ۽ ڪيتريءَ حد تائين فيڊريشن ۽

صوبن جي حقن ۾ توازن برقرار رکي ٿو. نہ رڳو اهو پر اهو آئين اتفاق راءِ سان وجود ۾ آيو هو ۽ مُلڪ تي مسلط نہ ڪيو ويو هو. شهيد ڀٽي اها غلطي ڪئي تہ حالات کان مجبور ٿي، اُن آئين ۾ ٿوري ترميم ڪئي. ڪنهن چيو آهي تہ "تجربو وڏو اُستاد آهي پر اُن جي ڏاڍي ڳري في ڏيڻي ٿي پوي." منهنجي مودبانہ گذارش آهي تہ ان دور ۾ ڀٽي صاحب کي ڪجهہ تحمل کان ڪم وٺڻ گهربو هو ۽ اُها قانون جي حڪمراني برقرار رکڻ گهربي هئي، جا هُن ڏني هئي. ڀٽي صاحب اِها بہ غلطي ڪئي تہ هن جمهوري ادارا زياده مستحڪم نہ ڪيا ۽ فوج تي حد کان وڌيڪ مدار رکيو. هن "ڪوُ ڊي ٽا" جي امڪان کي ختم ڪرڻ لاءِ جنرل ضيا کي ڇهن سينيئر جنرلن تي ترقي ڏئي فوج جو چيف مقرر ڪيو. ضيا کيس نڳي ويو ۽ سندس جمهوري حڪومت جو تختو اونڌو ڪري، آمريت مسلط ڪئي، اهو دؤر منهنجي لاءِ هاءِ ڪورٽ ۾ عذاب جو دؤر هو. مون کي ضياءَ جا اُهي آرڊر ۽ آرڊيننس حوالي طور ڏيڻا پوندا ها جي مون کي هانوَ تي تور ڪندا ها ۽ انت مون کي هارٽ اٽيڪ ڏنائون. ضيا کان اهو مقولو وسري ويو هو تہ "اوباڙيل ڀٽانا پوکي نہ سگهبا آهن." سکر هاءِ ڪورٽ جي ٻاهران اسٽيڊيم ۾ ماڻهن کي ڦٽڪا لڳندا ها پر عوام ۾ آمريت لاءِ نفرت شديد کان شديد تر ٿيندي وئي. نيٺ دنيا ڦري وئي. جمهوري چونڊن ۾ محترمہ بي نظير ڀٽي ٻيو پيرو چونڊجي آئي آهي جيتوڻيڪ اٺين اميندمينٽ اڃا تائين اسان جي مٿان تلوار وانگر لٽڪي رهي آهي.

اسان جي قوم بہ عجيب قوم آهي. شهيد ڀُٽي جي ڏيءَ هڪ مرسڊيز بينز پنهنجن پئسن سان خريد ڪئي آهي تہ مخالف ڌر وٺي گوڙ بکيڙو ڪيو آهي، جيتوڻيڪ اڳينءَ گورنمينٽ اهڙيون 53 وڏيون موٽرون سرڪاري خرچ تي خريد ڪيون هيون. مير رسول بخش، جو منهنجو دوست هو مون وٽ ڄامشوري ۾ پنهنجيءَ مرسڊيز بينز تي ايندو هو جا هن سنڌ جي گورنر جي حيثيت ۾ خريد ڪئي هئي. ضيا جي دؤر ۾ اهڙيون وڏيون موٽرون نہ رڳو فوج جي سيني سربراهن پر ڪور ڪمانڊرن بہ گهرايون هيون. صائب ڪهڙو نہ چڱو چيو آهي:

مخور صائب فريبِ فضل از عمامۂ زاهد،
ڪہ در گبند ز بي معزي صدا بسيار مي آيد.

(اي صائب! زاهد جي عمامي ۾ مٿان چڱائي سمجهي نڳجي وڃين! گنبذ مان بي مغزيءَ جي ڪري آواز وڏو ايندو آهي)

*(18 اپريل 1994ع)*

# سنڌ ۾ ثقافت جو مسئلو

ان کان اڳ جو مان سنڌ ۾ ثقافت جي مسئلي تي سلسلي وار ايڊيٽوريل لکان، مان پهرين ان تي ٿو لکان ته ثقافت ڇا آهي؟

ثقافت علم الانسان جي محاوري ۾، ماحوليات جو اُهو حصو آهي جنهن کي انسان شڪل صورت ڏني آهي. ثقافت ڪنهن خاص گروهه يا قوم جو طريقِ زندگي آهي. لفظ ثقافت علم الانسان، نفسيات، طبِ نفسي (Psychiatry) عمرانيات، فلسفي، اقتصاديات، حياتيات ۽ ٻي هر اُنهيءَ موضوع ۾ متعمل آهي جنهن جو تعلق انسان ۽ هن جي ڪار ڪرت سان آهي. ثقافت جا ڪيئي تصور آهن. مغربي ثقافت، مشرقي ثقافت، اسلامي ثقافت، سنڌي ثقافت، مهاجر ثقافت وغيره. ڪڏهن وري قديم قومن جي ثقافت هڪ پيچيدي ۽ مُرڪب ڳالهه آهي، جنهن ۾ علم، اعتقاد، آرٽ، اخلاق، قانون، رسم و رواج ۽ ٻيون اهڙيون صلاحيتون شامل آهن، جي انسان هڪ معاشري ۾ رهي حاصل ڪيون آهن. ڪنهن وري ثقافت کي روايتي شعور جي اُها منظم صورت ڪوٺيو آهي جا آرٽ ۽ علم و هنر ۾ اظهار پائي ٿي پر ان ڳالهه ۾ اُهو سارو پيار ۽ نور نه آهي جو هن وقت تائين ڇاتو ۽ ڇيو ويو آهي ۽ جو انسان جي روحاني ارتقا جي تاريخ آهي.

ان ۾ شڪ نه آهي ته ثقافت جو بنياد ٻولي آهي، جيتوڻيڪ اها ڳالهه بحث طلب آهي ته ڪجهه نه ڪجهه ثقافت اُنهن حيوانن ۾ به آهي جي ارتقا جون ڪافي منزلون طئي ڪري چُڪا آهن. (باندر ۾ پنيهه قسم جون رڙيون ٻُڌيون ويون آهن، بن مانس (گوريلا) جو دماغ انسان جي اڌ دماغ جيترو آهي. (بهرحال اها ڳالهه حيرت انگيز آهي ته قديم زبانن ۾ ڪافي فرق، تفاوت ۽ پيچيدگيون آهن.)

جڏهن جپاني هڪ ٻئي سان ملندا آهن ته جُهڪندا آهن، هندو هڪ ٻئي کي هٿ ٻڌي نمستي ڪندا آهن، انگريز ۽ آمريڪي هٿ ملائيندا آهن. ساري دنيا جا مسلمان 'السلام عليڪم' چئي ملندا آهن، عرب ڳٽي تي چمي ڏئي ملندا آهن، سنڌي پاڪر پائي ملندا آهن وغيره. اهي سڀ ڳالهيون سندن ثقافت جو حصو آهن.

اسان مغربي ثقافت کي مشرقي ثقافت يا مشرق بعيد جي ثقافت (Far Eastern Culture) کان مختلف چوندا آهيون. ثقافت ۾ نه رڳو مڪان جو پر

زمان جو عنصر بہ شامل ٿي وڃي ٿو. جيسين، ارڙهين صديءَ ۾ اُڻويهين صديءَ جي يورپ جي ثقافت، دؤرِ جاهليت جي عرب ثقافت، هڙپہ ۽ موهن جي دڙي جي ثقافت وغيره.

ساڳي وقت ڪيئي ڇوٽيون ثقافتون (Sub Cultures) آهن. ڇوٽي ثقافت جو ثقافت سان ائين رشتو ٿئي ٿو جيئن ديسي ڀاشا (Dialect) جو ٻوليءَ سان ٿئي ٿو. مثال طور جيئن ٿري، لاڙيءَ، وچولي جي ڀاشا ۽ اُترادِيءَ جو سنڌيءَ ٻوليءَ سان جو ٻيءَ ڇوٽي ثقافت سان واسطو ٿئي ٿو تہ هن کي نامحرمي، بيگانگي يا تڪليف محسوس نہ ٿي ٿئي. برصغير ۾ تہ گوناگون ثقافتون ڪَٺيون آهن. مان گوا ۾هوس تہ ڪونڪني ٻولي مون لاءِ ائين اجنبي هئي جيئن يوناني، ڪونڪني لباس، کاڌو پيتو، لوڪ گيت ۽ لوڪ ناچ بہ مون لاءِ بنھہ اجنبي هئا، گوا جي بازار ۾ ۾ جي ڀاڄيون وڪامي رهيون هيون، اُنهن مان اڌ کان وڌيڪ تہ مون ڪڏهن ڏٺيون بہ نہ هُيون. اُتر پرديش جي ٻولي مون کي ڪافي سمجهہ ۾ آئي هئي. ڇو تہ اُها اُردو جي ويجهو هُئي ۽ اُتان جو کاڌو پيتو، ريتون رسمون مون کي ايترو اجنبي نہ ٿي لڳيون، جيتوڻيڪ گنگا ۽ جمنا جي واديءَ جا ماڻهو ائين نہ ٿي لڳا جيئن سپت سنڌوءَ جا ماڻهو لڳندا آهن. واديءَ ڪاغان تائين ماڻهو مون کي اوپرا لڳندا آهن.

ايئن آهي تہ تاريخ جي دائري ۾، جڏهن تهذيب سان ثقافت جو رشتو ڏسجي ٿو تہ ڪافي مونجهارو پيدا ٿئي ٿو. جيتوڻيڪ تهذيب ۽ ثقافت لفظ ڪنهن وقت هم معنيٰ سمجهيا ويندا آهن ۽ ادل بدل ڪري ڪم آندا آهن. پر اها ڳالهہ صحيح آهي تہ ثقافت تهذيب جي ترقي يافتہ شڪل آهي. اُن ۾ اجتماعي شعور (Collective Consciousness) بہ شامل آهي.

مشهور تاريخ نويس آرنولڊ ٽوئن بي (Arnold Toynbee) پنهنجي ڪتاب "تاريخ جي مطالعي (Study of History) ۾ ان نظرئي کي مسترد ڪيو آهي (مثال طور آريہ خون جي باري ۾ خرافات). هن ان نظرئي کي بہ مسترد ڪيو آهي تہ ثقافت هڪ مخصوص ۽ آسان جغرافيائي ماحول جو نتيجو آهي (جيئن نيل ۽ فرات جي ثقافت جي باري ۾ افسانا) آخر ۾ هو ان نتيجي تي پهتو آهي تہ گذريل ڇهہ هزار سالن ۾جي اڪويهہ مهذب معاشرا اُڀريا آهن اُنهن مان فقط ڇهہ قديم تهذيبون (پراچين سيپتائون) اُڀريون آهن. اُنهن جي داستان گوئيءَ ۾ انساني عقل و دانش سمايل آهي. هن ان ڏس ۾ واديءَ نيل جي تمدن ۽ مايا تهذيب (ميڪسيڪو جي) جو مثال ڏنو آهي. بالآخر اُنهن تهذيبن انسان کي هڪ زندگيءَ جو علحدو طريقو ڏنو آهي. باقي نسل جا نظريا، فقط گروهي نفرت جو باعث ٿين ٿا جيئن بربريت واري معاشري ۾ ٿين ٿا.اهي خطرناڪ بہ آهن ڇو تہ

اهي طرح طرح جي ثقافت کي حد کان وڌيڪ اهميت ڏين ٿا. اها ٻي ڳالهه آهي ته قديم تهذيبون دلچسپيءَ جو باعث ٿين ٿيون ۽ ڊي ايچ لارينس کان وٺي پڪاسو تائين سندن تخليق لاءِ مواد مهيا ڪيو اٿائون.

اسان تاريخ جو دوراهي تي بيٺا آهيون. ڪراچيءَ ۽ سنڌ جي ڪجهه حصي ۾ گنگا – جمنا ڪلچر پلتجي پئي آهي ۽ اسان اڳيان سنڌ واديءَ سنڌ جي ڪلچر کي پنهنجي توڙ تي پهچائي رهيا آهيون. ڇا گنگا جمني ڪلچر پنهنجي ڌرتيءَ کان ڇڄي پنهنجو علحده وجود رکي سگهندي يا سنڌي ڪلچر جي زيرِ اثر هڪ نئين ڪلچر جو بنياد رکندي جا پوري برِصغير کي دنگ ڪري ڇڏيندي ۽ سنڌي ڪلچر به برصغير جي ڪلچر جو اثر قبولي موهن جي دڙي جي ڪلچر ۾ ساڳي حيرت انگيز ترقي ڪندي؟

(22اپريل 1994ع)

# سنڌي ادب، هندستان ۽ پاڪستان ۾

سنڌيءَ ٻوليءَ کي ڀارت جي آئين ۾ تہ تسليم ڪيو ويو آهي پر اُتي سنڌي صوبو نہ ٺاهيو ويو آهي. هونئن سنڌي ايترا خوشحال آهن جو ڀارت ۾ رڳو پارسي ۽ جين هنن کان وڌيڪ خوشحال آهن. ڀارتي سنڌين سان تعصب ايترو آهي جو هنن سنڌو نگر ٺاهيو هو پر مهاراشٽرا سرڪار هنن کي اُن تي سنڌو نگر جو نالو رکڻ نہ ڏنو ڇو تہ اُن جي ڀرسان اُلهاس ندي وهندي آهي، جا مهاراشٽرا جي ڪلچر جي نشاني آهي. بُمبئي ۾ تہ سنڌي پنهنجي ڌنڌي ڌاڙي ۾ ايترا مصروف هيا جو مون کي ڪنهن دوست چيو، "اياز! تنهنجي اچڻ تي اسان گذريل ٽن سالن ۾ پهريون ڀيرو گڏيا آهيون." هڪ سنڌيءَ کي ٻي سنڌيءَ جي خوشحاليءَ سان ايترو ساڙ آهي جو بمبئيءَ ۾ ٻن فائو اسٽار هوٽلن جي مالڪ مون کي دعوت تي هڪ چرچو ٻڌايو. "هڪ سنڌيءَ ڌڻيءَ جي دَر دعا گهري تہ مون کي هڪ لک رپيو ملي. ڌڻيءَ من جي دعا قبول ڪري، هن کي هڪ لک رپيو ڏنو پر هُن جي پاڙيسريءَ سنڌيءَ کي ٻہ لک رپيا ڏنائين. وري هن ڌڻي وٽ دعا گهري تہ هن کي هڪ گهر ڏنو وڃي، ڌڻيءَ هن جي دعا قبول ڪئي ۽ هن کي هڪ گهر ڏنائين پر هُن جي پاڙيسريءَ سنڌيءَ کي ٻہ گهر ڏنائين. ان تي خار کائي هن ڌڻيءَ کي منٿ ڪئي تہ منهنجي هڪ اک ڪڍ! ڌڻيءَ اها دعا بہ هن جي مڃي ۽ هن جي هڪ اک ڪڍيائين پر هن جي پاڙيسري سنڌيءَ جون ٻئي اکيون ڪڍيائين. سنڌي ڏاڍو خوش ٿيو تہ ڌڻيءَ هُن جي اها وينتي اَگهائي." اهو چئي سيٺ مون کان سوال پڇيو "ڳوٺ! سنڌي قوم ۾ هڪ ٻئي سان ايترو ساڙ ڇو آهي؟ مان هڪ ٽائيپسٽ هوس، پنهنجي هوشياريءَ سان ڪروڙ ناهيا اٿم. تنهنجي اڄوڪيءَ دعوت تي ٽي ٻہ سو ماڻهو گهرايا اٿم. اٽڪل ٻہ لک رپيا خرچ ٿيو هوندو. مون دان پُن ۾ بہ ڪيئي پئسا ڏنا آهن. مثال طور سنڌين کي ست لک رپين جو پنجواٽي سينٽر ڏنو اٿم. پر مون سان پنهنجا ئي سنڌي ايترو ساڙ ٿا ڪن. ائين ڇو آهي؟"

مون کيس جواب ڏنو، "سيٺ، اسانجي تاريخ ئي شايد ساڙ سان شروع ٿئي ٿي. ڇڇ راءِ سهاسي کي نہ رڳو دغا سان مارائي هن کان راڄڌاني کسي پر هن جي راڻيءَ سان بہ شادي ڪيائين. ان ڳالهہ کان وڌيڪ ٻيو مان ڇا ٿو چئي سگهان."

هندستان ۾ سنڌي اديب جذباتي طور اهو سوال پڇندا آهن، "سنڌ جي مٽي آندي

آئي؟“ رڳو هو سنڌ جي ساروڻيءَ (Nostalgia) مان نہ نڪري سگهيا آهن نہ تہ هو پارٽ جا ائين ٽي ويا آهن جيئن هانگ ڪانگ، سينگاپور، جپان ۽ ٻين جا ٿي ويا آهن. جتي صدين کان هنن پنهنجيون پاڙون پختيون ڪيون آهن. ڪن کي اُتي ڏنڊو ڏاڙي آهي ۽ ڪن کي ڏنڊو ڏاڙو آهي.

تازو هندستان جو اديب لڇمڻ ڪومل انگلينڊ ڏانهن ويندو پاڪستان ۾ ٽرانزٽ ويزا تي ترسيو ۽ برسات جي آفيس ۾ آيو هو. برسات جي سب ايڊيٽر جان خاصخيليءَ هن کان انٽرويو ورتو جو اڃا برسات ۾ شايع نہ ٿيو آهي. انٽرويو ۾ هُن چيو تہ هتان جا سنڌي اديب اهڙا هندي لفظ پنهنجيءَ ٻوليءَ ۾ ڪم آڻن ٿا، جن جو هو پورو مفهوم نٿا سمجهن. مونکي ڳالهہ دل سان لڳي. مان هندستان جي ڪنهن ڏند ڪٿا، ڪويتا يا سيتا جي ٻي پهلوءَ جي فضا پيدا ڪرڻ لاءِ ڪيئي هندي لفظ سنڌيءَ ۾ ڪم آندا آهن، جن جي معنيٰ پرنٽ جي اردو، هندي، انگلش ڊڪشنريءَ ۾ ڏني آهي، ۽ ممڪن آهي تہ اُهي ٺيڪ طور ڪم نہ آندا ويا هجن. هتان جي سنڌين کي پارسي ۽ عربيءَ تي عبور آهي ۽ اُهي لفظ پنهنجي صحيح مفهوم سان سنڌيءَ ۾ ڪم آڻي ٿا سگهن. اڄ مون کي منهنجي دوست ارجن موٽواڻيءَ پونا مان فون ڪري مون کي ان تي مبارڪ ڏني تہ مون کي پاڪستان ۾ وڏي ۾ وڏو سولين ايوارڊ مليو آهي ۽ گڏوگڏ چيو تہ، ”مون اوهان ڏانهن ٽي سنڌي ڪتاب موڪليا آهن. ڪراچيءَ جي فلاڻي ٽيلي فون نمبر تي فون ڪيو ۽ ڪلاڪ ۾ ڪوئي مون کي ٽي ڪتاب ڏئي ويو. اُنهن ۾ ٻہ پرم اپيچنداڻيءَ جا ’ست سار‘ ڀاڱو پهريون ۽ ٽيون ۽ هڪ مهاراشٽرا راجيہ سنڌي ساهتيہ اڪاديمي، بمبئي جو ڇپايل (ساهتڪار 1993ع) هيو جنهن جا سمپادڪ منهنجا دوست ڪيرت ٻاٻاڻي، گنو سامتاڻي ۽ شيام جئہ سنگهاڻي ها. مان انهيءَ تحفي لاءِ ارجڻ موٽواڻيءَ جو ٿورائتو آهيان. ڪتاب جو مهاڳ ”موجود سنڌي ادبي منظر“ جي سري سان لکيل آهن، جنهن ۾ هي بہ آهي تہ، ” اديبن جي ننڍي برادري، مرڪزي توڙي راجيہ سرڪارن جي پُٺ پڙائي خواهہ اُن بنا بہ رچنا تمڪ ڪاريہ ۾ لڳاتار جٽيل آهي. مرڪزي ساهتيہ اڪادمي، سينٽرل هندي ڊئريڪٽوريٽ، ڀارتيہ ڀاشہ پرشيد ۽ راجيہ ساهتيہ اڪادمين (مهاراشٽرا، گُجرات، مڌيہ پرديش، راجستان ) جهڙن ناميارن ادارن کان سواءِ سنڌي ٻوليءَ ۽ ساهت جي وڪاس جي ڏس ۾ اڻٿڪ ڪم ڪندڙ ساهتڪ، سنستائون، بنا ساهي پتڙ جي بچيل ڏاڍن ۽ ڏورن کي سوگهو جهلڻ ۾ مگن آهن.“ مهاڳ جي هيٺيان لکيل آهي تہ هن ساليانو انڪ جي رنگ روپ ۾ شايع ٿيڻ جو شرف ناميارو اديب شري هري موٽواڻيءَ کي آهي. هري بہ منهنجو دوست آهي. ڪتاب ۾ شامل ڪوي، هري دلير، پريو وفا، ايشور آنچل، ڪرشن راهي، ارجن حاسد، هري ڪانت، هريش واسواڻي، ارجن سڪايل،

واسديو نرمل، ريتا شهاڻي، گورڌن شرما گهايل، نند جويري، ڪمل پياسي، اسير ڪلياڻي، سچل جئسنگهاڻي، ٿهل چنچلاڻي آهن. ڪهاڻي نويس ڪرشن ڪتواڻي، پويتي هيرانندڻي، هري همٿاڻي، هري موٽواڻي، وشنو ڀاٽيا، گوپال ٺڪر، اندرا شبنم، ارجن پرسرام ٿهلراماڻي آهن. ساليانيءَ انڪ ۾ شامل ناٽڪ نويس مدن جماڻي آهي ۽ يادگيريون پشپا ايچ آڏواڻيءَ جون ۽ مضمون نويسي پريم پرڪاش، منوهر نهلاڻي، موتي لعل جوتواڻي، ايس ڪي پنشي ۽ ايشوري جوتواڻي جي آهي.

ڪتاب ۾ شريڪ ڪوي ۽ ليکڪ گهڻو ڪري منهنجا دوست آهن. حيرت آهي ته ان ڪتاب ۾ سنڌ مان هڪ به شاعر يا اديب شريڪ نه ڪيو ويو آهي ۽ ڪتاب ائين ٿو لڳي، جيئن انگريزيءَ ۾ آسٽريليا، آمريڪا، ڪئناڊا، ڀارت، پاڪستان، سائوٿ آفريڪا وغيره جو انگريزي ادب ڇپيو آهي. دراصل هندستان ۾ سنڌي ٻولي اسان کان ڪافي مختلف ٿي وئي آهي، ڇو ته اُن ۾ ڏاڍا ڏڏ هندي، سنسڪرت ۽ اُتان جي صوبائي ٻولين جا لفظ اچي ويا آهن ۽ سنڌ جي سنڌيءَ ۾ اردو، پارسي ۽ عربي لفظ اچي ويا آهن. ورهاڱي کان پوءِ پهريان ڪجهه سال هندستان جا سنڌي اديب سنڌ جون يادگيريون پنهنجن لکڻين ۾ آڻيندا ها. هاڻي ته اُهي به ورلي ٿيون اچن ۽ سو به تڏهن جڏهن ڪوئي اديب سنڌ گهمي ٿو وڃي، پهرين هندستان جي سنڌي اديب جي اها حالت هئي، جنهن جو اظهار جان ڪُوپر هيئين لفظن ۾ ڪيو آهي:

"Culture is the bed rock, the final wall against which one leans one's back in a god forsaken chaos."

(ترجمو: ثقافت اها پهاڙي آهي، آخري ديوار آهي، جنهن تي ڏٺيءَ ڏڪاٽل انڌا ڌنڌ ۾ ڪوئي ٽيڪ ڏئي ٿو سگهي.)

پر هاڻي اُهو وقت عنقريب اچي رهيو آهي، جنهن جو اظهار شيڪسپيئر جي ڊراما "هينري ڇهين" ۾ هڪ ڪردار

رڙ ڪري ڪيو هو:

"Away with him! Away with him! He speaks Latin."

(ترجمو: هن کي پري ڪرا هن کي پري ڪرا هي لاطيني ڳالهائي رهيو آهي.)

دراصل اُردو، پنجابي ۽ سنڌي پاڪستان ۾ به ڳالهايون ۽ لکيون وڃن ٿيون ۽ هندستان ۾ به لکيون وڃن ٿيون. سنڌيءَ ٻوليءَ جون ڌرتيءَ ۽ پورهيت عوام ۾ جڙون آهن ۽ اُتان اُن جي نَو بتئو ترقي ٿي رهي آهي. اهو صحيح آهي ته جي ڪشمير جو مسئلو حل ٿي ويو ۽ محترمه بينظير ڀٽو کي وچ ايشيا ۽ ايران جي شاهي دروازن ڏانهن توجهه نه ڏيڻي پئي، ته هندستان ۽ پاڪستان جي وچ ۾ نه رڳو

تجارتي پر ثقافتي تعلقات بحال ٿي سگهن ٿا. پر ٻوليون پوءِ بہ ساڳيون نہ ٿيٽيون آهن ۽ اُنهن جو رنگ روپ، وَن واس علحده ۽ اجنبي رهندو. تصوف ۽ ويدانت ۾ ڪائنات ۽ ازلي حقيقت تي ٻلي تہ نڪتہ نگاهہ ساڳي هجي. پر شاهہ ۽ سچل جي ٻولي پڙهڻ وارو سنڌ جو نئون نسل ساميءَ جي ٻولي نہ سمجهندو ۽ شڪارپور ۾ هاٿي در جي هوٽل تي ويهي ڪوبہ نہ ٻڌائي سگهندو تہ ساميءَ جو گهر اُتان ڪان ڏهہ قدم دور هوا

آنءُ هن موضوع تي ڪيئي ايڊيٽوريل لکڻ وارو آهيان، ڇو تہ سنڌ جي نئين نسل جو دماغ، مارڪسٽ سوچ گنجرائي وڌو آهي ۽ اُن ڪي ڪوئي طرف نہ آهي. سنڌي نوجوان ڪي پنهنجا پير نيٺ پنهنجيءَ ڌرتيءَ تي کوڙڻا آهن. ڪيستائين هو هوا ۾ معلق رهندو ۽ جذبات جي تند تيز ڌارا هُن ڪي لوڙهيندي وتندي. هن لاءِ ڪنڌيءَ جو احساس نهايت ضروري آهي، جو هڪ مبهم بيچينيءَ جي وَر چڙهي ويو آهي.

*(20 اپريل 1994ع)*

# گلوڪار محمد يوسف جو علاج

گلوڪار محمد يوسف جڏهن منهنجون هينيون غزل ڳائيندو هو تڏهن منهنجا وار اُڀا ٿي ويندا ها:

دُور ٿيندا وڃن روز جوڳيئڙا،
تون اجان تو جيئين هاءِ ڙي جيئڙا!

اُن وقت مون کي معلوم نہ هو تہ ڪنهن وقت مصرعي جي پهرين سٽ مون کي هن جي باري ۾ ورجائڻي پوندي. منهنجي دل ايئن چاهيندي هئي تہ هو منهنجو بيو ڪلام بہ ڳائي ۽ اُن کي اُها موسيقي ڏئي سگهي جا ازل ۾ اُن لاءِ رِٿي وئي آهي.

ڇا مون لاءِ ان ڳالهہ تي اصرار ضروري آهي تہ عزتِ نفس جو موت زندگيءَ جي موت کان بدتر آهي؟ ڇا يوسف حڪومت اڳيان دست طلب دراز ڪري؟ موسيقار جو هٿ تہ يد بيضا وانگر ٿيندو آهي. اُهو تيرگيءَ کي ڏڪي پري ڪندو آهي، تهي دستيءَ ۾ ڪنهن اڳيان دراز ڪرڻ لاءِ نہ هوندو آهي. موت لاءِ نفرت انسان ذات جي بقا لاءِ ضروري آهي. مون جڏهن محمد يوسف کي پريزيڊنٽ هائوس ۾ حسن ڪارڪردگيءَ لاءِ اعزاز وٺندي ڏٺو تہ ڏاڍو ڏهرو لڳو ۽ ايوارڊ وٺي ڪنڌ جهڪائي پنهنجيءَ جاءِ تي موٽي ويو. هن جي منهن مان بي انتها مايوسي ٿي بکي ۽ ڄڻ هو زندگيءَ جي راهہ تي پنٽي موٽي رهيو هو ۽ موت هن جا پيرا ٿي ڪنيا. مون محسوس ڪيو تہ هو ٿڪجي پيو هو ۽ ڄڻ انسان ذات کي چئي رهيو هو تہ "هتي مون کي جاءِ ڏيو مان اوهان جي صحبت مان بيزار ٿي پيو آهيان. هتي اوهان ازل کان بيقدرا آهيو اوهان رڳو منهنجي آواز جا شيدائي آهيو اوهان جو مون سان ڪهڙو ناتو آهي؟ اوهان مون کي جڏهن اونهيءَ کڏ تائين پهچائي ايندا تہ بہ ڳوڙها بہ مشڪل سان ڳاڙيندا. ۽ وري پنهنجي وٹ پڪڙ ڊوڙ ڊُڪ. پٽ کوهہ ۾ کوهجي ويندا. منهنجو آواز اُنهيءَ ازلي خاموشي جو حصو ٿي ويندو جنهن جو تانسين ۽ بيجو باورا ٿي چُڪا آهن."

اي ايم فارسٽر جي مشهور ناول 'هندستان جي ياترا' (A passage to India) ۾ هڪ ڪردار ۾ اُهو ٿڪ ڏيکاريو آهي، جنهن ۾ اهو احساس آهي تہ مون پنهنجو ڪم پورو ڪيو آهي، هاڻي منهنجي جان ڇڏيو تہ مان هميشہ لاءِ فرار ٿيان پر ڇا يوسف پنهنجو ڪم پورو ڪري چُڪو آهي؟ ڇا هن جي ڳائي ۾

ڪيئي گيت اڃا اظهار جا منتظر نہ آهن؟ ڇا هن جي عمر آهي تہ ڪائنات جي انهيءَ ڀَوَ ذرَ کي هاڻي ئي لڪائي جو انت ۾ انسان جو مقدر آهي؟ ڇا اڄ ڪلهہ جي مهذب ۽ جمهوري دنيا ۾ ايتري اجتماعيت نہ آهي، جو اُنهيءَ فرد جي امداد ڪري، جنهن جي انفراديت جو اعتراف هوءَ خود ڪري چڪي آهي. اطالوي شاعر ليپارڊيءَ چيو هو تہ ڪنهن وقت انسان جي بيماري ايتري وڌي وڃي ٿي، جو هو اُن جي باري ۾ بيحس ٿي وڃي ٿو هُن جا زندگيءَ سان رشتا ناتا ٽٽي وڃن ٿا ۽ موت ڏانهن مسرت سان ڏسي ٿو ڇا اسان کي هن جي صحت جي باري ۾ ساڳي بي حسي سونهين ٿي؟ اسان هڪ فلاحي مملڪت جا دعويدار آهيون، ڇا هڪ فنڪار جي علاج لاءِ خرچ ڪرڻ کان ڪيٻايون ٿا؟ ڇا اسان اهڙي فنڪار کي لاعلاج ڇڏي ڏيون جنهن جي زندگي ان لاءِ وقف هئي تہ اسان جي روح کي راحت پهچائي؟ منهنجي وزيراعليٰ سنڌ ۽ وزيراعظم کي استدعا آهي تہ يوسف کي بي يارو مددگار نہ ڇڏيو وڃي ۽ هن کي سرڪاري خرچ تي پرڏيهہ ڏانهن علاج لاءِ موڪليو وڃي. ايئن نہ ٿئي تہ اسان کي افسوس جا هٿ ملڻا پون ۽ ليوڪريشس وانگر چوڻو پوي:

Short is poor man's pleasure here.
Soon it is gone with no possibility of recall.

(ترجمو: هتي هڪ غريب ماڻهوءَ جي زندگي مختصر ٿئي ٿي: اُها جلد ئي ختم ٿي وڃي ٿي ۽ اُن جي واپسي جو ڪوئي امڪان نہ آهي).

(21 اپريل 1994ع)

# سنڌ جي باري ۾ ڪجهه سوال

ڪالهوڪي ايڊيٽوريل جي سلسلي بندي ڪندي مان سنڌ جي نئين نسل کان هيٺيان سوال ڪريان ٿو:

1. ڇا اوهان ان تي چڱيءَ طرح غور فڪر ڪيو آهي ته اوهان کي ڇا گهرجي، اوهان جو نصب العين ڪهڙو آهي؟ ان کي جديد حالات ۾ حاصل ڪرڻ جو ڪوئي امڪان آهي ۽ جي آهي ته اهو ڪهڙي ذريعي حاصل ڪري سگهندا؟
2. ڇا اوهان سياسي يا انقلابي جدوجهد جمهوري ذريعي ڪرڻ چاهيو ٿا يا ڪلاسيڪي پرولتاري انقلاب جي ذريعي چاهيو ٿا؟ ڇا اوهان ڄاڻو ٿا ته روس ۽ دنيا ۾ اڪثر پرولتاري انقلاب ناڪام ويا ۽ اشتراڪي حڪومتون ڏانوان ڏول ٿي ويون؟
3. ڇا اوهان ان تي متفق آهيو ته پاڪستان به هندستان وانگر گهڻ قومي جمهوريت آهي ۽ صوبن جي وچ ۾ اُن جا مسئلا فقط افهام ۽ تفهيم سان حل ٿي سگهن ٿا؟
4. ڇا اوهان محسوس ڪيو ٿا ته ون يونٽ واري دؤر جي سياست هن دؤر ۾ معنيٰ نه ٿي رکي؟
5. ڇا اوهان ڄاڻو ٿا ته اوهان جي مدِمقابل ڪير آهي جو اوهان جو صوبائي تشخص ملياميٽ ڪرڻ چاهي ٿو؟
6. ڇا اوهان کي اوهان جا اڳواڻ ڪوئي دڳ ڏيکارين ٿا يا فقط جذباتي نعرا ڏئي ڪڏ ڏانهن ڏڪن ٿا؟
7. ڇا پاڪستان جي موجوده قيادت وڏيڪ باهمت باشعور ۽ باضمير نه آهي؟ ڇا اسان جي پاڙيسي مُلڪ ۾ اهڙي قيادت آهي.
8. ڇا اوهان تازي دريافت ٿيل سنڌ جي معدني دولت تي ڪجهه سوچيو آهي؟ ڇا پاڪستان ۾ رهي اسان اُن جو وڌ ۾ وڌ فائدو نه ٿا وٺي سگهون ۽ اُن لاءِ ٻين ڏانهن واجهائڻ غير ضروري نه آهي؟
9. مان مڃان ٿو ته ثقافت فقط مذهب نه آهي. اُها جاگرافي، تاريخ، رسم و رواج ۽ ٻيون ڪيئي ڳالهيون آهي. پر ڇا اوهان ان کان انڪاري آهيو ته مذهبي اقدار به

انساني ثقافت جو حصو آهن؟ ڇا اسانجا مذهبي اقدار انفراديت نہ ٿا رکن.

10. مان مڃان ٿو تہ پاڙيسري ملڪن ۾ دوستي، ثقافتي ۽ تجارتي ميل جول، هٿيارن ۽ فوج ۾ تخفيف وغيره ضروري آهن پر ڇا اوهان ڪشمير جي مسئلي تي اکيون ٻوٽي سگهو ٿا؟ اسان امير مينائيءَ وانگر سڄي جهان جو درد تہ دل ۾ نہ ٿا سانڍيون پر ڇا اڌ ڪشمير اسان وٽ نہ آهي ۽ انڪر ساري ڪشميري عوام جو مسئلو نہ رڳو انساني مسئلو آهي پر اسان جو مسئلو بہ آهي؟

سنڌ جي نوجوانن کي ڪيئي شڪايتون ٿي سگهن ٿيون پر اهي شڪايتون مٿين سوالن جي جوابن تي اثرانداز نہ ٿيون ٿي سگهن.

مان سنڌ جي نئين نسل کي صدقِ دل سان چوان ٿو تہ مٿيان سوال هنئين سان هنڊائي، اُنهن جا جواب پنهنجي لاءِ سوچين. ان تي هنن جي مستقبل ۽ اُن جي طرف جو دارومدار آهي.

*(21 اپريل 1994ع)*

# محترمہ بي نظير جو جرمنيءَ جو ڪامياب دورو

محترمہ بينظير جي جرمنيءَ جي دوري جي باري ۾ مفصل خبرون تہ اڳيئي اخبارن ۾ اچي چڪيون آهن ۽ برسات جي مئنيجنگ ايڊيٽر يوسف شاهين جي هوائي جهاز ۾ محترمہ سان گفتگو بہ شايع ٿي چڪي آهي. محترمہ پريس کي پنهنجي بيان ۾ چيو آهي تہ جرمنيءَ سان ڪجهہ اقتصادي معاهدا ٿيا ۽ جرمني جي چانسيلر هيلمٽ ڪول بہ ان جو واعدو ڪيو آهي تہ ڪشمير جي مسئلي کي حل ڪرائڻ ۾ هرممڪن مدد ڏيندو، ساري گفت و شنيد ۾ ثقافتي رابطي جو ڪوئي ذڪر نہ آهي. دراصل اهڙو رابطو بہ نهايت ضروري آهي. اوهان کي معلوم هوندو تہ مفڪر پاڪستان علامہ اقبال پنهنجي ڪتاب 'مشرق جي فلسفي' تي پي ايچ ڊي جرمنيءَ مان ڪئي هئي. هُو شاعر گوئٽي کان ۽ نٽشي جي فلسفي کان متاثر هو. اقباليات تي جن بہ لکيو آهي تن جو جوڙ آهي تہ نٽشي جو سُپرمئن (Superman) جو نظريو ۽ علامہ اقبال جو 'انسان ڪامل' جو نظريو پاهران تہ هڪ جهڙا لڳن ٿا پر دراصل ساڳيا نہ آهن ۽ علامہ اقبال انسان ڪامل جو تصور روميءَ تان ورتو هو جنهن چيو هو تہ:

دي شيخ با چراغ همي گشت گرد شهر
کر دام و دود_ملولم و انسانم آرزوست.

(ترجمو: ڪلهہ شيخ چراغ کڻي شهر جي چوڌاري ڦري رهيو هو. ۽ چئي رهيو هو تہ ڊور ڍڳي مان بيزار ٿي پيو آهيان ۽ انسان (جي تخليق) منهنجي آرزو آهي.)

گوئٽي جي باري ۾ تہ هن بانگ درا ۾ لکيو هو تہ:

گلشن ويمر ميں تيرا همنوا خوابيده ہے.

ترجمو: ويمر جي گلشن ۾ تنهنجو همنوا سُتل آهي.

(نوٽ: ويمر ۾ گوئٽي جي مزار آهي)

نہ فقط گوئٽي ۽ نٽشي جرمنيءَ جا عظيم شاعر آهن پر شلر، هائني وغيره اولهہ جرمني جا ۽ بريخت اوڀر جرمني جو وڏي ۾ وڏو جديد ڊرامانويس آهي.

ڪراچيءَ ۾ گوئٽي انسٽي ٽيوٽ ۾ جرمن تاريخ، سياست، فلسفي، شعر ۽ ادب تي ڪافي ڪتاب آهن. گوئٽي انسٽيٽيوٽ ۾ جرمن ڊراما ۽ آرٽ جون نمائشون ٿينديون رهيون آهن ۽ ڪجهه جرمن ڪتابن جا ترجما اردو ۽ سنڌي ۾ به ڇپيل آهن. اسان جي محترمه ڪي گذارش آهي ته جيڪڏهن جرمنيءَ ۽ پاڪستان ۾ اهڙا ثقافتي ناتا وڌايا وڃن، ته ٻنهي ملڪن لاءِ چڱو ٿيندو.

*(24 اپريل 1994ع)*

# ڊاڪٽر سليم الزمان صديقي جي وفات

ڊاڪٽر سليم الزمان صديقي 94 ورهين جي عمر ۾ گذاري ويو علامہ اقبال جي سٽ:

**جاودان، هردم دوان، پيهم روان هي زندگي**

هن جي زندگيءَ تي ٺهڪي ٿي آئي. هو سائنسدان هو ۽ ڪيمسٽريءَ جو ماهر هو. مون کي ياد آهي تہ ڊاڪٽر ممتاز قاضي، جو خود ڪيمسٽريءَ جو ماهر آهي، تنهن مون سان ڊاڪٽر سليم الزمان جي ڪافي ساراهہ ڪئي هئي، جڏهن هو يونيورسٽي گرانٽس ڪميشن جو چيئرمئن هو. منهنجي سائنس ۾ تہ ايتري دلچسپي نہ هئي پر اهو ڄاڻي حيرت آئي هئي تہ هو نہ رڳو شاعري ڪندو هو پر آرٽ تي بہ ڪافي دسترس رکندو هو ۽ فيضي رحمان ۽ چغتائيءَ جو مداح هو. اهو آرٽ ۽ سائنس جو خوشگوار تعلق هڪ پيري مون کي هن جي صحبت ۾ چکي ويو. مون کي اهو ڏسي حيرت آئي تہ هن جي گوناگون شخصيت ۾ ڪيتري نہ نفاست ۽ گفتگوءَ ۾ ڪيتري نہ شائستگي هئي! سبط حسين وانگر هن جي فطرت ۾ نرم مزاجي، انڪسار ۽ محبت هئي ۽ عمر هن تي اثر نہ ڪري سگهي هئي. هونءَ تہ اسٽيفن اسپينڊر ڪنهن نظم ۾ چيو هو:

Born of the sun, they travelled,
a short while towards sun,
And left the vivid air signed
With their honour

(هو سورج مان آيا ها ۽ ٿورو وقت سفر ڪري، سورج ڏانهن هليا ويا. صاف هوا ۾ پنهنجي وقار جا دستخط ڇڏي ويا)

فرق اهو هو تہ ڊاڪٽر سليم الزمان ٿورو نہ پر نهايت لنبو سفر ڪيو هو. جيتوڻيڪ پيري هن جي تن کي هپائي سگهي هئي ۽ هن جو من پڇاڙيءَ تائين سگهارو هو. ڊاڪٽر سليم الزمان برصغير جي معزز خاندان مان هو. هن پاڪستان ڪانپوءِ ڪراچيءَ ۾ مستقل طور رهائش اختيار ڪئي هئي. هو هڪ آفاقي انسان هو. شاگرد ۽ دانشور طبقو هن جي ڪردار ۽ گفتار کان ڪافي متاثر ها. انسان جي عظمت قوم، نسل ۽ مذهب جي ٿورائتي نہ آهي. باقي علم هن جي

حيرت ۾ سراسر اضافو ڪيو هو.

اها ڳالهہ تعجب جهڙي آهي تہ هن جرمنيءَ مان پي. ايچ ڊي فقط ڏيڍ سال ۾ ڪئي هئي. هن ۾ دانشورانہ افضليت لاءِ اڪٽ چاهنا هئي ۽ سائنس ۽ ادب، ٻنهي تي ڪيس مهارت حاصل هئي. پاڪستان ۾ هن وانگر باڪمال سائنسدان ٻيو ڪوئي نہ ٿيو آهي. اهڙن شخصن لاءِ علامہ اقبال چيو آهي.

سالها در ڪعبہ و بتخانہ مي نالد حيات،
تاز بزم عشق يڪ دانائي راز آيد برون.

(ڪيئي سال ڪعبي ۽ بت خاني ۾ حياتي دانهون ڪندي آهي تڏهن عشق جي بزم ۾ راز جو هڪ داناءُ پيدا ٿيندو آهي.)

مون سان مختصر ملاقات ۾ منهنجي شاعريءَ لاءِ رغبت ڏسي، هن مون سان ايرانيءَ ۽ فرينچ شاعريءَ تي ڳالهايو هو. جنهنجو هن ڪافي مطالعو ڪيو هو. مون کي هو نهايت صاف گو سچار ۽ علم ۾ مستغرق انسان ٿي نظر آيو. هن کي بيدل دهلويءَ جو هيئين شعر ڏاڍو پسند هو جو هن جي مسلسل جستجو جو آئينہ دار بہ هو.

همہ عمر با تو قدح ڪشيم و نہ رفت رنج خمارِ يا،
چہ قيامتي ڪہ نہ مي رسي زڪنارِ مابہ ڪنارِ ما.

(ترجمو: سڄي عمر توسان پيالو پيتوسين پر اسان جي خمار جو رنج نہ ويو تون ڪهڙي قيامت آهين جو اسان جي پاسي ۾ رهي بہ اسانجي پاسي ۾ نہ ٿو رهين؟)

ڊاڪٽر سليم الزمان پنهنجي ساري توجہ ڪراچي يونيورسٽيءَ جي Centre of Excellence (افضليت جي مرڪز) تي ڏني جنهن جو هو باني هو. هو اسي ورهين جي عمر تائين تيرنهن چوڏنهن ڪلاڪ روز ڪم ڪندو هو. ڪم ئي هن جي آرام ۽ روح جي اطمينان جو باعث هو. ڊاڪٽر صاحب هڪ ڪرشماساز شخصيت جو مالڪ هو ۽ هن جا ڪيئي شيدائي ها.

هن تي سنڌ ۾ اخبارن تمام ٿورو لکيو آهي، جنهن ڳالهہ تي افسوس ٿئي ٿو جيتوڻيڪ اُردو اخبارون بہ سنڌ جي مسئلن ۽ شخصيتن تي نہ ٿيون لکن. ڊاڪٽر سليم الزمان جهڙا انسان، انسان ذات جو ورثو آهن ۽ پنهنجي قوم جو ڪنڌُ مٿي رکن ٿا، اُنهن تي فخر ڪيو وڃي.

ڪڏهن ڪڏهن قوم جي تاريخ هڪ ئي انسان جي اقليت جي مرهون منت ٿئي ٿي.

*(24اپريل1994ع)*

# سنڌ ۾ عورتن جي آزاديءَ جون تحريڪون

سنڌ ۾ عورتن جون ٻه زبردست تحريڪون ٿيون آهن. ٻئي "عورتازاد" جون تحريڪون (Feminist Movements) ٿيون آهن. پهرين 1930ع ۾ دادا ليکراج برهم ڪمارين جي نالي سان تحريڪ شروع ڪئي. دادا ليکراج حيدرآباد جي پرسان ڪنهن ڳوٺ ۾ ڄائو هو. هن جو پيءُ اسڪول جو هيڊ ماستر هوندو هو ليکراج پيءُ وانگر تعليم کي پيشو نه بڻايو. هو ڪٽڪ جو واپاري هوندو هو ڪجهه وقت کان پوءِ هڪ نهايت ڪامياب هيرن جو واپاري ثابت ٿيو. دولت مند ماڻهن ۽ راجائن مهاراجائن کي هيرا وڪڻندو هو. هن هندستان جي وائيس راءِ کي به هيرا وڪيا ها ۽ اُدي پور جي مهاراڻي سان به سندس ليڻ ديڻ هئي. هو وشنوءَ جو پوڄاري هو ۽ ڀڳوت گيتا چاهه سان پڙهندو هو. هن پنهنجي ڪٽنب ۾ وڏو ويڳوڙ وجهي ڇڏيو جڏهن هن پنهنجي ڌيءَ جي شادي هڪ غريب اسڪول ماستر سان ڪرائي. هن کي عورتن ۾ انهن جي روحاني قوتن لاءِ ڏاڍي عزت هوندي هئي. 1936ع ۾ جڏهن هو ڏنڌو ڌاڙي ڇڏي چڪو هو تڏهن هن پاڻ کي ست گرو ۽ ڀڳوان چوائڻ شروع ڪيو. معلوم نه آهي ته اها هن جي خود فريبي هئي يا ڪائي روحاني محسوسات جو هن پاڻ کي شوَ پرجا پتي ۽ برهم بابنا چوائڻ شروع ڪيو. آخر هن پنهجي هيرن جو واپار بند ڪري ڇڏيو ۽ اوم منڊلي ناهي، جنهن ۾ عورتن ۾ ست سنگ ڪرڻ لڳو ۽ پنهنجي پوئلڳن کي چيائين ته شاديءَ ۽ جنسي تعلقات کان پرهيز ڪن. 1938ع ۾ هن برهم ڪماري ٽرسٽ ناهيو. هن جي مشهور چيلي راڌڪا هوندي هئي. جڏهن مان اسڪول ۾ پڙهندو هوس تڏهن خبرون اينديون هيون ته ڪيئي ڪنواريون ۽ پرڻيل عورتون، پنهنجا گهر ٻار ڇڏي وڃي اوم منڊليءَ ۾ رهيون هيون ۽ اخبارن ۾ دادا ليکراج تي طرح طرح جا الزام اچڻ لڳا ها. هن جي خلاف حيدرآباد ۾ تحريڪ هلي ڇو ته عاملن جا ڪٽنب تباهه ٿي رهيا ها ۽ عورتون پيءُ، ماءُ، مڙس، ٻار ڇڏي، اوم منڊليءَ ۾ شريڪ ٿي ٿيون. اها دراصل عورتازاد جي تحريڪ هئي جيتوڻيڪ ان جو روپ ڌرمي هو. برصغير جي ورهاڱي وقت ليکراج ڪراچيءَ ۾ هو ۽ ٽن سالن کان پوءِ

هندستان لڏي ويو. جڏهن ڪجهه سال اڳ مون جئپور ۾ ادبي ڪانفرنس جي صدارت تي ڪئي تہ ڪجهه دوستن ٻڌايو تہ دادا ليکراج ڪافي وقت اڳي گذاري ويو هو ۽ هن پنهنجي ساري ملڪيت برهاما ڪماري ٽرسٽ جي نالي ڪئي هئي، جنهن جو مرڪز جئپور کان ڪجهه ميل پري ابو پهاڙ تي هو ۽ هن جون چيليون راڌڪا، گوپي ۽ ٻيون ساري دنيا ۾ هنجي تحريڪ هلائي رهيون هيون. 1971ع ۾ ان جو مرڪز لنڊن ۾ کوليو ويو هو ۽ اتي دادي جينتي سان منهنجي مختصر ملاقات ٿي هئي، جا اهو مرڪز هلائي رهي آهي. اها هڪ ڌرمي تحريڪ هئي، پر ان جو نتيجو مرد جي غلاميءَ مان هندو عورت جي آزادي هئي.

رسول بخش پليجي جي عوامي تحريڪ سان تہ ماڻهو اختلاف رکي ٿو سگهي پر هن جو وڏو ڪارنامو 'سنڌياڻي تحريڪ' آهي جا سنڌي مفڪر محمد ابراهيم جوئي جي "عورتازاد" جي تصور تي ٻڌي وئي آهي. ان تحريڪ جو روح ڪنهن وقت سنڌ جي 'مارئي' اختر بلوچ هئي جا هاڻي رسول بخش جي ڀاءُ غلام قادر پليجي جي گهر واري آهي.

ڪجهه مهينا اڳ سنڌياڻي تحريڪ جون ڪجهه ڇوڪريون ۽ تحريڪ جي سيڪريٽري جنرل ممتاز نظاماڻي مون وٽ آئي هئي ۽ چيو هئائين تہ مان تحريڪ جي ساليانې ميڙ جي صدارت ڪيان پر مان بيماري سبب وڃي نہ سگهيو هوس. ان کان ڪجهه سال اڳ مون سکر ۾ رشيد ڀٽيءَ جي گهر پرسان سنڌياڻي تحريڪ جي ساليانې ميڙ تي صدارت ڪئي هئي ۽ ان کان پوءِ حيدرآباد ۾ اُن جي ساليانې ميڙ تي صدارت ڪئي هُئي. ٻئي ميڙ بي مثال هيا، ۽ سڄيءَ سنڌ مان مرد ۽ عورتون اُن ۾ شامل ٿيا ها ۽ ايتري حد تائين جو هارياڻيون ڪڇن تي ٻار کڻي آيون هيون. ان کان علاوه سنڌياڻي تحريڪ جون ٻيون بہ سنڌ ۾ ڪيئي ڪاميابيون آهن. هڪ ڀيري جڏهن مان ڪراچيءَ ۾ بيمار هوس تڏهن تحريڪ جو هڪ ڪارڪن مون کان سانگهڙ ۾ پنهنجي ميڙ لاءِ صدارتي تقرير تحرير ۾ وٺي ويو هو.

سنڌياڻيءَ تحريڪ جو اوم منڊليءَ سان ڪوئي واسطو نہ آهي. اُها هڪ سياسي ۽ عورتازاد جي تحريڪ آهي. جن سنڌي عورتن ۾ ڪافي چرپر پيدا ڪئي آهي ۽ اُها صحيح معنيٰ ۾ عوامي تحريڪ آهي. حسين بخش ناريجي، اسماعيل راهوءَ وغيره جي ڇڄي وڃڻ کان پوءِ رسول بخش پليجي جي عوامي تحريڪ کي ڪافي ڌڪ لڳو آهي. هن وقت پليجي ۽ منهنجا ڪجهه اختلاف آهن ۽ اسان هڪ ٻئي کان ڪجهه ناراض بہ آهيون پر جي ديانتداري سان سنڌ جي حالات جو جائزو وٺجي تہ اهو چوڻ کان سوا رهي نہ سگهبو تہ سنڌياڻي تحريڪ سنڌ جي بي مثال تحريڪ آهي، جنهن کي پليجي جي ذهن وارو ماڻهو

ئي وجود ۾ آڻي سگهي ٿو. هن وقت جو ايترو فعال نہ رهيو آهي، شايد بددل ٿي پيو آهي. شايد ٿڪجي پيو آهي. منهنجي هُن سان ڪافي وقت کان ملاقات نہ ٿي آهي. پر اهو چوڻ کان مان رهي نہ ٿو سگهان تہ هُو انهيءَ اهم تحريڪ جو باني آهي جنهن ۾ سنڌ جي نجات آهي. مٿين ميڙن تي منهنجون ڪيل سڀ تقريرون ڇپيون آهن. جن ۾ مون ساڳي ڳالهہ ورجائي آهي تہ عورت ماءُ آهي ۽ جي هو سجاڳ آهي تہ ٻار کي سجاڳي ورثي ۾ ملي ٿي. سنڌياڻي تحريڪ اجهامڻ نہ گهرجي، اُن جي مشعل بلند رکي وڃي، ڇو تہ اُها تحريڪ نہ رڳو سنڌ جي عورت پر پوري پاڪستان جي عورت جي نجات ثابت ٿي سگهي ٿي. جڏهن مان ننڍو هوس، تڏهن عورتازاد (Feminist movement) تي فرانس جي مشهور اديبا جيڪا جارج سئنڊ (George Sand) جي فرضي نالي سان لکندي هئي ۽ نورا رسيل وغيره جا عورتازاد جي باري ۾ مضمون پڙهندو هوس جن يورپ ۾ وڏي مهي ولوڙ وجهي ڇڏي هئي ۽ عورتازاد جي تحريڪ کي هٿي ڏني هئائون پر اُن تحريڪ ۾ جنسي آزاديءَ جو عنصر غالب هو.

دراصل ارڙهين صديءَ جي يورپ ۾ عورتن جي اڪثريت ايتري مظلوم هوندي هئي جيتري اسان وٽ هاڻي آهي. اُها فرينچ، آمريڪي ۽ روسي انقلاب کان متاثر ٿي هُئي ۽ تاريخ جي الڳ الڳ دؤر ۾ نئين رنگ روپ سان اُڀري هئي. ميري وول اسٽون ڪرافٽ (Mary Woll Stone Craft) 1772ع ۾ عورتن جي حقن جي حمايت ۾ پهريون ڪتاب A vindication of the rights of women (عورتن جي حقن جي حمايت) لکيو. ان ڪتاب کي آمريڪا جي آزاديءَ واري پڌرنامي اُتساهيو ۽ اُن کان پوءِ اُن تي ملڪ گير صنعت سازيءَ جو اثر پيو. جنهن اتان جو سارو مانڊاڻ ڊانوانڊول ڪري وڌو ۽ اُن جي ڪري خاندان پيداوار جي بنيادي اڪائي (Family as the basic unit of production) نہ رهيو ۽ پورهيت زالون ۽ پورهيت مرد ايترا اوپرا نہ لڳا. زالون گهرن ۾ شيون ناهڻ لڳيون. جيستائين ٽيڪنالاجي اُنهن کي پورهئي لاءِ ٻاهر ڇڪي آئي. ڪپڙي جون ملون وجود ۾ آيون ۽ اسڪولن ٻارن جي تعليم جو بار پاڻ تي کنيو. پورهئي جو مُلهہ روڪڙ ۾ ڏنو ويو ۽ ڏوڪڙ گهر کان ٻاهر پورهيو ڪري حاصل ڪيا ويا ۽ جيئن وقت گذريو مرد جي پورهئي تي هڪ هٿي ٺُپي ويئي. اقتصادي ضرورت نئين پرولتاريت جي پورهئي کي مارڪيٽ ۾ آندو ۽ هن اُتي پنهنجيءَ پالنا لاءِ پگهار تي ڪم ڪيو. پر گڏوگڏ وچولو طبقو اُڀري رهيو هو. ان بيگم- پرستش (Cult of the lady) ايتري ڦهلائي، جو هن وقت پاڪستان جي مٿئين وچولي طبقي وانگر، عورت لاءِ واندڪائي، اجايو خرچ پکو، چَنڊ ڦوڪ ۽ ناٽ، مُڙس لاءِ ٽيڳر ۽ ٺرڙاپ جي علامت ٿي پيو ۽ ان ڳالهہ وچولي طبقي جي عورت کي

نوڪريءَ کان روڪي رکيو ۽ اُنهن سان مردن جا ناتا ساڳيا جاگيرداري دؤر وارا رهيا. عورتازاد هوڻ ءَ صنعتي دؤر ۾ وچولي طبقي جي تحريڪ نہ ٿي رهي آهي، جنهن ۾ پورهيت زالون پنهنجي لڙائي لڙنديون آهن. خاص ڪري محنت ڪش تحريڪن ۾، اڪثر زالون وچولي طبقي جي زالن جي فارغ الباليءَ تي حسد ڪنديون رهنديون آهن ۽ اهو ڏسي نہ سگهنديون آهن تہ عورت جو مرد تي مدار، عورت تي ڪيڏو رَت پوڻو اثر وجهي، هن کي هيٺو ڪري ڇڏي ٿو! ڪيئن بہ هجي، پر مغرب ۾ عورتازاد جي تحريڪ پنهنجيءَ چوٽيءَ تي تڏهن پهتي، جڏهن وچولي طبقي ۽ هيٺين طبقي جي عورتن ووٽ جي حق لاءِ وقتي ڳٽ جوڙ ڪئي. عورتن جي حق لاءِ پهريون راءِ اڏڪار يا ووٽ جي حق جو بل (National Suffrage Bill) برطانيہ جي پارليامينٽ ۾ مشهور فلسفي جان اسٽوئرٽ مل 1867 ۾ پيش ڪيو. اُهو اُن وقت پاس نہ ڪيو ويو ۽ ٻن سالن کان پوءِ پاس ٿيو. اهو پهريون بل هو جنهن عورتن کي ووٽ جو حق ڏنو. (1808ع کان اڳ ۾ امير طبقي جون عورتون ۽ نيو جرسيءَ (New Jersey) ۾ ائرسٽوڪرسيءَ جو ڪجهہ زالون، ڪن خاص حالتن ۾، وچولي دؤر ۽ يورپ جي ڪجهہ ملڪن ۾ ووٽ ڏئي سگهنديون هيون) ڪيئي سال پوءِ ووٽ جي حق کي پوري اهميت ڏني وئي. اُڻويهين صديءَ ۾ عورتازاد (Feminist) تحريڪ جو گهڻو زور تعليم جي موقعن، نوڪرين ڏنڌن تي قبضي ۽ قانونن جي اُنهن فقرن جي منسوخيءَ تي هيو، جي پرٽيل زالن جي حقن کان انڪار ڪري رهيا هئا. جيتوڻيڪ زالن فرينچ انقلاب ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو هو. فرانس جي زالن جا حق گهڻو زير بحث نہ آيا ها، توڙي 1879ع ۾ پهرين سياسي جماعت، جنهن زالن جا حق طلب ڪيا، اُها فرينچ سوشلسٽ ڪانگريس هئي. فرينچ عورتون 1920ع کان پوءِ ڪاليجن ۾ داخلا وٺي 1920ع کان پوءِ ڪاليجن ۾ داخلا وٺي سگهيون ۽ هن کي ووٽ جو حق 1944ع ۾ ڏنو ويو ان دير جو ڪارڻ ڪئٿولڪ چرچ جي مخالفت هئي.

جرمن عورتازاد جو ناتو سوشلزم جي تحريڪ سان هيو. روزا لڪسمبرگ (جنهن جي سوانح حيات مون ڪجهہ وقت اڳي پڙهي هئي!) ڪليرا زيتڪن ۽ آگسٽ بيبل عورتن جي حقن جي باري ۾ لکيو پر هنن جو ان ڳالهہ ۾ اعتبار هو تہ پرولتاري انقلاب کان سواءِ، عورتن کي برابريءَ جو حق ملي نہ سگهندو ان ڪري عورتازاد جون تحرڪيون فقط بورجواني وندر ۽ وروُنهن هيون. پوءِ بہ 1919ع ۾ ويمر ريپبلڪ ۾ آزاد خيال ماٺهو عورتن لاءِ ووٽ جو حق وٺي سگهيا. جرمنيءَ توڙي اسڪئڊنيويا ۾ اهڙو ووٽ گهٽي گوڙ بکيڙي کان سواءِ ملي ويو. 1906ع ۾ فنلئنڊ پهريون ملڪ هو جنهن سيني عورتن کي ووٽ جو حق ڏنو. ناروي ۾ 1913ع ۾ ڏنو ويو. سڀ کان وڏيڪ اهم سئيڊن جون سماج سُڌارڪ عورتون،

ايلن ڪيلي ۽ ٻيون هُيون، جن حڪومت تي زور آندو تہ مائرن، پرڻيل خواهہ اڻ پرڻيل، جي ٻارن جي پالنا لاءِ معاوضو ڏنو وڃي. انهيءَ ڳالهہ ڪي ڪجهہ چم-روڪ جي مهم هٿي ڏني ۽ ڪجهہ عوام ۾ ماءُ جي احترام ۽ فلاحي مملڪت جي شعور هٿي ڏني. برطانيا جون عورتون عورتازاد جون تيستائين مُنهندار نہ ٿيون، جيستائين هنن پنهنجي حڪمت عملي نہ بدلائي. پورا چار ڏهاڪا هُو پارليامينٽ جي ٻاهران ميڙاڪا ڪنديون وتيون ۽ جان استوترٽ مِل جو ڪتاب 'عورتن جي غلامي' ورهائينديون وتيون. پوءِ هنن جارحانہ روش اختيار ڪئي ۽ پارليامينٽ تي حملو ڪيو. وزيرن تي ٺونڪون ڪيون ۽ اُنهن جا ويچارا ڪڍيا. سرڪاري شاهي دروازن ۾ پنهنجا هٿ هٿڪڙين سان ٻڌي ڇڏيا. ۽ تيستائين اُهي نعرا هڻنديون رهيون تہ 'عورتن کي ووٽ جو حق ڏيو'. جيستائين هنن کي ڳهلي نہ هٽايو ويو. هنن سرڪاري عمارتن کي باهيون ڏنيون ۽ جڏهن پوليس هنن کي گرفتار ڪري، هنن تي تشدد ڪيو تڏهن هنن قيد خانن ۾ بک هڙتالون ڪيون. سرڪار هنن کي زوريءَ کاڌو کارايو جنهن مان هنن کي نقصان ٿيو جنهن ڪري عوام جي هنن سان همدردي وڌي. پهرين جنگ عظيم سبب هنن تحريڪ ملتوي ڪئي ۽ هنن مان لڙاڪو عورتون جنگ ۾ شامل ٿيون ۽ جنگ جي خاتمي کان پوءِ، مجتا طور ٿيهن ورهين کان وڌيڪ عمر واريءَ عورت کي ووٽ جو حق ڏنو ويو. اُن جي پيٺ ۾ آمريڪا ۾ عورتازاد جي تحريڪ آبرو واري هئي. 'ناوسا' (The national American Women suffrage Association) آمريڪا جي هڪ رياست کان پوءِ ٻيءَ رياست تي توجهہ ڏني ۽ اهڙي طرح 1912ع تائين ٻہ ملين عورتن کي ووٽ جا حق مليا. پوءِ هنن ڪانگريسسين جي ڪاميٽي ناهي، جيئن هنن جي باري ۾ فيڊرل ترميم آندي وڃي، جنهن ڏينهن وُڊرءَ ولس پنهنجي افتتاح لاءِ آيو ڪانگريس اٺ هزار عورتن جو ميڙ ڪٺو ڪيو. جڏهن هُن گهٽيون خالي ڏٺيون تڏهن پڇيائين تہ "ماڻهو ڪٿي آهن؟" کيس جواب مليو "هُو عورتن جو ميڙ ڏسي رهيا آهن." ايندڙ اٺ سال پريزيڊنٽ ولس ۽ سفراگست Suffragist عورتن جي حقن لاءِ سرگرم ڪارڪُن) ٽڪراءُ ۾ آيا. جيتوڻيڪ زالن کي تعليم، روزگار ۽ الڳ تشخص مليو هو ليڪن هنن کي ووٽ جو حق ڪونہ ڏنو ويو هو. اُن حق کان سواءِ، عورتن کي ٻاهرين دنيا ڏانهن ڏيان ڏيڻ جو گهٽ موقعو هو ۽ هُو گهر ٻار ۾ ئي رُڌل هيون پر جا ڳالهہ ذريعو هئي، سا مقصد بڻجي وئي ۽ زالون گهر ٻار ۾ رُڌل رهجي ويون. بهر صورت اُن ڳالهہ تي مذهبي نظرئي پرستن سان مباحثو ٿيندو رهيو تہ زالون ووٽ جو حق وٺي، گهر ٻار اڳي کان چڱو هلائينديون يا نہ؟ سفراگست چوندا رهيا تہ زالن کي موقعا مهيا ڪيا وڃن تہ هو دنيا ۾ مردن سان چٽاپيٽي ڪري سگهن. جيتوڻيڪ هو اهو بہ

چوندا رهيا تہ عورت جي حقيقي جاءِ سندس گھر آهي.

1960ع ۾ عورتازاد جي تحريڪ يونائيٽيڊ اسٽيٽس ۾ وري اُيرڻ لڳي ۽ ٿوري وقت ۾ يورپي مغرب ۾ اُن کان ٻاهر بہ ڦهلجي وئي ۽ نيشنل آرگنائيزيشن آف وومين (NOW) ٺاهي وئي جنهن فيڊرل قانون جي اُن حصي جي مخالفت ڪئي، جنهن موجب عورتن سان امتياز وارو ورتاءُ ڪيو ٿي ويو. NOW سان ٻين بہ ڪيئي قومي تنظيمن ساٿ ڏنو ۽ ٻيا بہ ڪيئي عورتن جا ٽولا اُڀريا، جن ڪي پيشي جي بنياد تي منظم ڪيو ويو ۽ جن بہ تحريڪ جو ساٿ ڏنو. اُنهن جون ڪيئي گُهرون هيون جي ڪنهن حد تائين پوريون ڪيون ويون. 1972ع کان 1974ع تائين آمريڪي ڪانگريس اهڙا قانون پاس ڪيا، جن ۾ عورتن جا ڪيترائي حق محفوظ ڪيا ويا. 1972ع ۾ ڪانگريس Equal Rights Amendment (هڪ جهڙن حقن جي ترميم) جي منظوري ڏني، جا رٽ اڌ صديءَ کان اُن وٽ پئي هُئي ۽ اُن ۾ بلڪل واضح هو تہ حڪومت جنس جي بنياد تي، حقن جي هڪجهڙائي سان ڪنهن بہ صورت ۾ هٿ چراند نہ ڪري سگهندي. 1972ع ۾ يو. ايس جي سپريم ڪورٽ اسقاط حمل جي اجازت ڏئي ڇڏي، ڪيئي عورتون اهم عهدن لاءِ چونڊيون ويون. يورپ جا نوجوان يو. ايس کان ڏاڍو متاثر ٿيا. ڊينمارڪ، ناروي، سُئيڊن، انگلينڊ، نيدرلئنڊس، ۾ ڪيئي عورتن جون تحريڪون وجود ۾ آيون آهن جن ۾ گهريتڙيون وريتڙيون بہ آهن تہ ننڍيون نيٽيون بہ آهن. مون ڪميونسٽ دنيا جي عورتن تي نہ لکيو آهي ڇو تہ اُتي حڪومتون ۽ اُنهن جو قانون تهہ و بالا ٿي چڪو آهي، هندستان ۽ پاڪستان ۾ عورت سان جا ڪُريز ٿي رهي آهي، اُها اسان سڀ ڄاڻون ٿا. اُن کي پنجاب جي بورجوا عورتن جي تحريڪ ختم ڪري نہ سگهندي، رڳو سنڌياڻيءَ جهڙي تحريڪ ئي ختم ڪري سگهي ٿي. جنهن پنهنجي رَئي مان جهنڊو بڻايو آهي.

(25اپريل 1994ع)

# سنڌ جون ٽي بي مثال اديبائون

عورت جي بيداري قوم جي بيداري آهي. عورت جي آزادي قوم جي آزادي آهي. عورت جي شعور تي زنجير، نيئن زندگيءَ جي شعور تي زنجير آهن، جنهن جي تخليق جو هوءَ باعث آهي. جيئن انگلينڊ ۾ ايملي برانٽ، ورجينا وولف ۽ ايڊٿ ستويل قومي شعور تي اثر انداز ٿيون، تيئن سنڌ ۾ به بي مثال اديبائون پيدا ٿيون آهن: ماهتاب محبوب، نورالهديٰ شاهه ۽ زرينا بلوچ. ماهتاب محبوب هڪ نهايت نرم مزاج ۽ مهمان نواز ۽ خانه داريءَ ۾ مصروف اديبا آهي، جنهن کي مطالعي لاءِ ته وقت گهٽ آهي، پر جنهن جو معاشري جو مشاهدو ايترو تيز آهي جيئن هڪ ماهر جراح جا وڍ ڪپ جا اوزار هوندا آهن. سندس ڪهاڻيون، خاڪا ۽ سفرناما ان جا گواهه آهن ته هن جو مشاهدو جيترو وسيع آهي، اوترو گهرو آهي. اُن ۾ سندس حقيقت پسندي به لاجواب آهي. اُن ۾ نعري بازي ته ڪانه آهي پر پنهنجي ديس جي ڏک درد جو احساس هُن جي سِٽ سِٽ مان ٽپڪي رهيو آهي. هن کي حساس دل آهي پر هن جي طبيعت ۾ جو طنز ۽ مزاح جو عنصر آهي، اُهو سندس تحرير کي زعفران زار بڻائي ٿو ڇڏي ۽ هن جي تخليقن جي مطالعي کان پوءِ ائين ٿو نظر اچي ته ادبي لطافت جو احساس هن جي تلخ حقيقت نگاريءَ تي غالب آهي.

نورالهديٰ شاهه، جنهن جي تخليق "مارئي" ٽي وي دنيا کي ڌوڏي وڌو آهي، نه رڳو هڪ بي مثال اديبا به آهي پر هڪ شاعره به آهي جنهن ڪجهه لازوال تند و تيز نثري نظم لکيا آهن. هن جا ٽي وي ناٽڪ "جهنگل" ۽ "مارئي" ڏسي، ستيه جيت ري جي ياد اچي وڃي ٿي. هُن جا ۽ عبدالقادر جوڻيجي جا وڊيو ڪيسٽ هندستان ۾ هزارن جي تعداد ۾ ٿي وڪاڻا ۽ اُتي سنڌي هندوان ڳالهه جا معترف ها ته سنڌ جا ڪي ٽي وي ليکڪ ۽ ليکڪائون هندستان جي ٽي وي ليکڪن ۽ ليکڪائن کان گهڻو اڳتي آهن. هن جون ڪهاڻيون به حقيقت پسنديءَ جو خوبصورت اظهار آهن. هوءَ پنهنجي ڪهاڻي ٽي وي ڊراما ۽ نظم ۾ اُهو ناسور نهايت ڪاميابيءَ سان چٽي ٿي جو سنڌ جي رڳ رڳ مان رِڪي رهيو آهي.

زرينه بلوچ ٿورو لکيو آهي پر ڏاڍو چڱو لکيو آهي. هن جو تازو شايع ٿيل ڪتاب "تنهنجون ڳالهيون، تنهنجي ڳولا" ان ڳالهه جو گواهه آهي ته هن کي

لاجواب ادبي شعور ۽ ان جي اظهار جي صلاحيت آهي، جا ورلي ڪنهن گلوڪاره ۾ هوندي آهي. هن کي سنڌ ۾ ”راڳ جي راڻي“ ۽ ”جيجي“ چئي خطاب ڪيو ويندو آهي، جنهن جي هوءَ مستحق آهي. اها منهنجي خوش نصيبي آهي ته هن منهنجا ڪيئي گيت، غزل ۽ وايون ڳاتيون آهن، جن جو آڊيو ڪيئسٽ به پريل آهي. اهڙي طرح ماهتاب محبوب به مون تي هڪ نهايت دلچسپ خاڪو لکي ڪرم فرمائي ڪئي آهي.

دنيا ۾ آرٽ جا ڪيئي فارم آهن، جن مان حقيقت پسندي به هڪ آهي، جنهن وسيلي فن ۽ ادب ۾ دنيا جي سچي، خارجي ۽ غير جانبدار عڪاسي ڪئي وڃي ٿي ۽ اُن ۾ همعصر زندگيءَ جو تُز مشاهدو ملي ٿو. اشتراڪي انقلاب ۾ زلزلي کان پوءِ به سنڌي ادب ۾ حقيقت پسنديءَ تي ترقي پسنديءَ جو خمار آهي پر سنڌي لفظ ”ترقي پسندي“ ان معنيٰ ۾ استعمال نه ٿا ڪن، جنهن ۾ اشتراڪي روس ۾ ڪيو ويندو هو ۽ ان ڪري سنڌي ادب ۾ ”ترقي پسند حقيقت نگاريءَ“ کي به پنهنجي جاءِ آهي.

سنڌ کان ٻاهر پوپٽي هيرا ننداڻي، سندري اُتم چنداڻي، ڪلا پرڪاش، ريٽا شهاڻي، ڪملا گوڪلاڻي اهم اديبائون آهن، جن سان به منهنجي ذاتي واقفيت آهي.

مغرب ۾ حقيقت نگاري جا ايملي زولا سان شروع ٿي ۽ ويهينءَ صدي ۾ اُن جي مقبوليت گهٽجي وئي، وري آمريڪا ۾ آرٽ ۽ ادب ۾ اُڀري آئي آهي.

حقيقت اصل ۾ ڇا هي، ان تي ڪنهن حقيقت نگار اديب، هيگل وانگر فلسفي جي نڪته نگاهه کان غور نه ڪيو آهي، ۽ نه وري ڪنهن بودليئر وانگر سوچيو آهي ته ”شاعري سڀ کان سچي ۽ پائيدار حقيقت آهي.“

سنڌ ۾ حقيقت نگاريءَ سان مراد سماجي حقيقت نگاري آهي ۽ اُن ۾ مٿين ٽن اَمٽ ڇاپ ڇڏي آهي.

*(27 اپريل 1994ع)*

# ائنا مُلڪا احمد

پريزيڊنٽ فاروق لغاريءَ ۽ وزيراعظم محترمه بي نظير ڀٽو ائناملڪا احمد جي رحلت تي ڏک جو اظهار ڪندي، آرٽ جي دنيا ۾ هن جي اهم مقام جو اعتراف ڪيو آهي. ائنا مُلڪا جنهن پنجاب يونيورسٽيءَ ۾ ڊپارٽمينٽ آف فائين آرٽس جو بنياد رکيو هو. گذريل خميس 77 ورهين جي عمر ۾ گُذاري وئي. هوءَ هڪ يهودي خاندان ۾ 1917ع ۾ ڄائي هئي ۽ ارڙهن ورهين جي عمر ۾ اسلام قبوليو هيائين. 1939 ع ۾ هن لنڊن جي رايل ڪاليج آف آرٽس ۾ احمد سان شادي ڪئي.

ساڳئي سال هوءَ هندستان آئي ۽ ڪجهه وقت کان پنجاب يونيورسٽيءَ ۾ مٿي ذڪر ڪيل حيثيت ۾ ڪم ڪيائين. ائنا مُلڪا هن جي ڏاڏيءَ جو نالو هو، جو هن فني تخليق وقت پنهنجو نالو ڪري استعمال ڪيو. پنجاب يونيورسٽيءَ جي آڊيٽوريم ۾ هن جا، قائداعظم ۽ علامه اقبال جا وڏا پورٽريٽ لڳل آهن. هن پاڪستان جي تحريڪ ۽ هند-پاڪ جنگين جي باري ۾ به مصوري ڪئي آهي. 1963ع ۾ هن کي تمغئه امتياز، 1969ع ۾ صدر جو حُسنِ ڪارڪردگيءَ لاءِ اعزاز 1982ع قائداعظم اعزاز ۽ 1983ع ۾ خديجته الڪبريٰ جو تمغو مليو.

ائنامُلڪا سنڌ يونيورسٽيءَ جي اُنهن پروفيسراڻين جي اُستاد به هئي، جن فائين آرٽس جي ڊگري پنجاب ۾ ورتي هئي. اُنهن جي اصرار تي مون هن کي فون ڪيو ته پنجاب يونيورسٽيءَ ۾ رٽائرمينٽ کان پوءِ سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ ڊپارٽمينٽ آف فائين آرٽس سنڀاري، پر هن معذرت پيش ڪئي.

منهنجي هن سان فقط هڪ ڀيرو لاهور ۾ ملاقات ٿي هئي ۽ هن سان آرٽ تي ڪافي وقت گفتگو ٿي هئي. هوءَ آرٽ ۾ پاڻ ته اظهاريت پسند (Expressionist) هئي، پر هن کي پوري آرٽ جي تاريخ تي گرفت هئي. حسبِ عادت مون پنهنجي سوانح حيات لاءِ هن جي گفتگوءَ تي نوٽ وَرتا هئا، جي اڄا مون وٽ آهن ۽ جن مان ڪجهه هيٺ ڏيان ٿو:

مشهور هسپانوي مصور گويا (Goya) جي باري ۾ هن هڪ چوٽي ٻڌائي: "ساري دنيا لغو ۽ بي معنيٰ آهي، ان جا چهرا، اُن جا رنگ روپ، اُن جا آواز - سڀ هڪ خوابِ پريشان وانگر آهن، سڀ هڪٻئي کي ڏِگن ٿا ۽ ڪوئي ڪنهن کي نه

ٿو ڇاڻي."

فرينچ مصور پال گوگن جي باري ۾ هن چيو تہ "هُو ماڻهو تہ نہ هو جن هو ڪنهن بربريت پسند وانگر هن ڪي سماج جي رسم و رواج ڪان نفرت هئي, هُو هڪ خالق وانگر پنهنجي مخلوق ٺاهي ڇڏيندو هو ۽ وري اُن کي ٺاهيندو هو." هن گوگن جي پاليزين (Polenesian) عورتن جي باري ۾ تصويرن جي ڏاڍي ساراهہ ڪئي هئي ۽ چيو هو تہ هو هڪ ڪلاسيڪي قديم انسان (A classical primitive) هو. جڏهن مون هن سان وان گوگ جي باري ۾ ڳالهايو ۽ چيو هو تہ گوگن جو همعصر هو ۽ هن سان گڏ ٿهتي هيٽ تي پونوچ سمنڊ ۾ رهندو هو پر گوگن ڪان ڪيترو نہ مختلف هو تڏهن هن چيو تہ "وان گوگ خدا جي اسرار کي ڇهڻ چاهيو هو ۽ انڪري ديوانگي هُن جو مقدر هئي. ڏسين نہ ٿو تہ هن جي سورج مُکيءَ جي ڪيت ۾ ڪيئن هڪ برقي رَو ڊوڙي رهي آهي. اهڙي تصوير هڪ ديوانو ئي ڪڍي سگهي ٿو. جنهن جي نظر ۾ هو فرزانو ديوانو هجي. تلوس لاترڪ جو نہ رڳو آرٽ مون ڏٺو هو پر هن جي زندگي تي ناول "مولان روش" بہ پڙهيو هو جو مون کي بيحد پسند آيو هو ۽ جنهن ۾ جڻ منهنجيءَ جوانيءَ جي تصوير چٽي وئي هئي. لوترڪ لاءِ هن چيو هو تہ "هن جي ذهانت نهايت تيز هئي ۽ هو پنهنجي هر هم عصر جي روح ۾ پيهي ٿي سگهيو. هو هر صاحب ڪشف آدميءَ وانگر پيڙهہ رکي سگهندو هو. بودليئر وانگر بنياد رکندڙ هو."

پوءِ ڪافي وقت اسان سيزان مٽسيءَ رينار (Renoir) براڪيو (Braque) وغيره جي تصويرن تي ڳالهائيندا رهياسين. ائنامُلڪا جو خيال هو تہ پاڪستان ۾ نظريہ پاڪستان ۽ مسلم ثقافت جي مصوري ڪئي وڃي. ڇو تہ اُها اسان جي نفسيات سان ٺهڪي اچي ٿي.

هر آرٽسٽ جي زندگي بہ ٻئي انسان جي زندگيءَ وانگر ناپائيدار آهي. جي ڪا پائيداري آهي تہ اُها آرٽ کي آهي ۽ اُهو ئي وقت جي يلغار جو مقابلو ڪري سگهي ٿو ۽ ڪنهن وقت فتح اُن جو مقدر ٿئي ٿي.

*(27اپريل 1994ع)*

# سنڌي ثقافت ۽ بقا ۽ اسان جي تشخص جي بقا

اها حقيقت آهي تہ سنڌ پاڪستان جو حصو آهي ۽ اُن سان اُن جو سياسي اقتصادي ۽ ثقافتي مفاد پاڪستان سان واڳيل آهي. پر اهو نہ وسارڻ گهرجي تہ چار قومون جن گڏجي پاڪستان ٺاهيو آهي، اُنهن مان هر هڪ علحده ثقافت جي وارث آهي. جنهن جي تحفظ ۽ ترقيءَ ۾ ئي پاڪستان جي فلاح ۽ بقا جو راز مضمر آهي. ٻہ ڏينهن اڳ ٽي وي تي جناب فخرالزمان ٽن پنجابي دانش وارن سان ثقافت جي مسئلي تي گفتگو تي ڪئي ۽ ٽئي ان ڳالهہ تي متفق هيا تہ هر صوبي جي منفرد ثقافت آهي. جنهن جي ترقي ۽ ترويج لازمي آهي ۽ اسان هڪ گلدستي وانگر گڏ رهي سگهون ٿا. انهن ٽن دانشورن مان هڪ چيو تہ اها ترقي ۽ ترويج فقط جمهوريت ۾ ئي سگهي ٿي، ڇو تہ آمريت ۾ سالميت ۽ استحڪام جي نالي ۾ بلڊوزر گهمائي، اسان جي علحده قومي ثقافتن کي ملياميٽ ڪيو وڃي ٿو. ان ڏس ۾ پنجابي ۽ سرائڪي ثقافت سنڌي ثقافت کان ٻہ سٺي آهي ۽ ان جي ترقي تہ ڇا، وجود جي نشاندهي بہ مشڪل ٿي پئي آهي. هوندن پنجابيءَ ۽ سرائڪيءَ ٻوليءَ نہ فقط وارث شاهہ، بلي شاهہ، فريد شڪر گنج، ميان محمد بخش، سلطان باهو فريد ملتانيءَ جهڙا عديم المثال شاعر پيدا ڪيا آهن. جن کي پوري برصغير ۾ هڪ منفرد آواز ۽ پيغام آهي. پر پنجاب جي صوبي جي رهڻي ڪهڻي ۽ ثقافت جو بيو پهلو بہ منفرد آهي. پوري بر صغير جي تاريخ هڙپا ۽ موهن جي دڙي جي تاريخ سان شروع ٿئي ٿي ۽ جيتوڻيڪ اُها اسلام کان اڳ جي دوُر واري تاريخ آهي، پر اسان جي تاريخ اُن جو تسلسل آهي. جنهن تي اسان مستقبل جي تاريخ کي اَڏي سگهون ٿا. آخر مصر ۾ ابوالهول جو مخروط ۽ بيا اُهي ڪيئي اهرامِ مصر بچايا ويا جن ۾ فرعونن جا موميائيل (Mummified) بُت سانڍي رکيا ويا ها ۽ جڏهن اَسوان ڊئم نهڻ وقت ابوسميل مندر کي خطرو محسوس ٿيو، تڏهن مصر جي سرڪار يونيسڪو کان ڪروڙين ڊالر وٺي، وڏا ڄڻ جيڏا ڪرين (Cranc) استعمال ڪري سارو مندر جو مندر اُتان پاڙان پٽائي، بي هنڌ کُپايو ۽ اهو مندر موهن جي دڙي جيترو آهي. اسان کو شاهہ ايران وانگر سائرس عظيم

جي ورسي ملهائي، هن جي قبر تي نذرانهءِ عقيدت نه پيش نه ٿا ڪيون پر اسان ڪي پاڪستان ۾ رهي ۽ اُن سان پنهنجي تقدير واڳڻ سان اهو حق ڪنهن جي نه ٿو ويچي ته پنهنجي ثقافت جي انفراديت برقرار رکون. ڇو ته اُن سان محبت ۽ وابستگي پاڪستان جي ڌرتيءَ سان محبت ۽ وابستگي آهي.

ائين آهي ته پنجابي، سنڌي، بلوچي ۽ پختون بين الاقوامي اهميت رکون ٿا. پنجاب ۾ ته بين الاقوامي پنجابي ڪانفرنس گهرائي وئي هُئي. گهرائڻ به گهربي هئي ڇو ته ٻوليءَ جو رشتو ناتو ۽ پيار وطنيت کان وسيع آهي.اهڙيءَ طرح افغانستان ۾ به اهڙا ئي پختون ملن ٿا. جهڙا اسان کي پاڪستان ۾ آٽڪ جي هُن پار فرنٽيئر ۾ ملن ٿا. پشاور کان ڪجهه ميل دور مان جڏهن باڙا ۾ اسلحي جا دڪان ڏسي رهيو هوس يا خيبر پاس ۾ طورخم کان ٿورو اڳيرو ۽ پنهنجي دوست پشتو شاعر مرحوم حمزي شنواريءَ جي ڳوٺ کان ڪجهه ٿورو دور، جڏهن ٥ان چپلي ڪباب کائي رهيو هوس ته ائين ٿي محسوس ٿيو ته ٻيءَ ڪنهن دنيا ۾ اچي نڪتو آهيان. اهڙيءَ طرح جنهن وقت اسان وٽ ڏهه لک بلوچي ها تنهن وقت ايران ۾ پنجاب لک هيا ۽ مون روس جي سفر ۾ دوشنبي ۾ ڪافي بلوچي ڏٺا ها ۽ اُتان جا باشندا زيارت ۽ مستونگ جي باشندن وانگر ٿي لڳا. جيتوڻيڪ اُهي افغانستان جي سرحد کان هڪ سو ويهه ميل دور هيا.

زبان جو ماڻهوءَ جي وطنيت سان ڪوئي واسطو نه آهي. نه رڳو انگريزي برطانيا ۾ ڳالهائي ويچي ٿي پر آسٽريليا، يو. ايس، ڪئناڊا، سائوٿ آفريڪا، هندستان ، پاڪستان وغيره ۾ ڳالهائي ويچي ٿي ۽ انگريزي انهن مُلڪن جي وطنيت تي اثرانداز نه ٿي ٿئي. اُردو برصغير لاءِ رابطي جي ٻولي ٿي قلعئہ معلي ۾ پيدا ٿي هئي. اُها آئين ۾ اسانجي قومي زبان ۽ هونءَ اسانجي رابطي جي زبان آهي. پر اُردوءَ کي به بين الاقوامي اهميت ۽ وسعت حاصل آهي. پر اُردوءَ جا دُبئيءَ ۽ شارجا کان وٺي انگلنڊ ۽ آمريڪا تائين مشاعرا ٿين ٿا تڏهن پاڪستان جا اُردو اُنهن ۾ شريڪ ٿين ٿا. اسان کي ان ڳالهه تي ڪوئي اعتراض نه آهي. رڳو اسان سنڌي، پنجابي ۽ پاڪستان جي ڌرتيءَ جون ٻيون قومون به ساڳيو حق چاهيون ٿا. ان ۾ شڪ نه آهي ته محمد بن قاسم کان وٺي محمود غزنويءَ ۽ محمود غزنويءَ کان وٺي احمد شاهه ابداليءَ تائين تاريخ اسلام جي ناتي سان اسانجي تاريخ آهي. پر مذهب کان ٻاهر به تاريخ ۽ جاگرافيءَ آهي، جنهن جي ابديت ۽ اهميت کان انڪار ڪري نه ٿو سگهجي. اهڙو انڪار پاڪستان جي بقا ۽ استحڪام لاءِ هاڃيڪار آهي. اسانجي وحدت اسان جي دل مان اُپرڻ گهرجي ۽ اسان تي مٿان مسلط نه ڪئي وڃي. اسان سنڌين سنڌ اسيمبليءَ ۾ پاڪستان لاءِ سڀ کان اڳ ٺهراءُ بحال ڪيو هو ۽ اسانجي حب الوطنيءَ تي شڪ نه ڪيو ويچي

جي اسان جا ساريءَ دنيا ۾ زبان جا رشتا ۽ ناتا هجن.

مون کي ياد آهي تہ مان مئنچيسٽر ۾ هوٽل ۾ اڪيلو هوس تہ بيمار ٿي پيو هوس. پوءِ مون هڪ سنڌي هندو دوست کي لنڊن ۾ فون ڪري پنهنجي بخار جي باري ۾ ٻڌايو هو. هن چيو هو تہ تون فڪر نہ ڪر مان اُتي ڪنهن سنڌي ڊاڪٽر کي فون ٿو ڪيان.“ هو ڪلاڪ اندر تو وٽ پهچي ويندو.“ اڌ ڪلاڪ ۾ هڪ سنڌي هندو ڊاڪٽر مون وٽ پهچي ويو ۽ منهنجو ٽيمپريچر ڏسي ڪجهہ گوريون ڏئي چيائين تہ ”اوهان سڀان تائين ٺيڪ ٿي ويندا. بهر صورت مان صبح شام اوهان ڏانهن ايندو رهندس.“ جڏهن مون هُن کي ڦي آڇي تڏهن هن چيو. ”اياز صاحب! اوهان کان ڦي ڪيئن وٺندس!“ اهو فقط ٻوليءَ جو ناتو هو جنهن هُن کي منهنجي قريب آندو هو. ائين بمبئيءَ ۾ مون کي گانڌي ڌام ۽ ٻين شهرن جون دعوتون مليون هيون جن جو مان فائدو نہ وٺي سگهيو هوس. ڇو تہ سيءَ لهي پيو هو رڳو جئپور وڃي سگهيو هوس. فيض کي بہ ائين اُردوءَ وارا دنيا جي شهر شهر ۾ ڳولي لهندا ها.

ڀيرو مل مهر چند جي ’قديم سنڌ‘ کان وٺي، پوپٽيءَ هيراننداڻي، جي ڪتاب ’سنڌي ڪالهہ ۽ اڄ‘ تائين، سنڌ جي تاريخ، تهذيب ۽ تمدن جي انفراديت ڏيکاري وئي آهي. پوپٽيءَ جو ڪتاب ڏاڍيءَ محنت سان لکيل آهي. هن قديم سنڌ جي تمدن ڏيکاريندي لکيو آهي.

سنڌ ئي پهريون پرڳڻو هو جتي ڪپهہ جي پوک شروع ٿي. سنڌ مان سوٽي ڪپڙو بئبيلان ويندو هو. بئبيلان واسي ان ڪپڙي کي سڏيندا ئي هئا ”سئنڌو“ (يعني سنڌ جو)

يونان جو اتهاس ڪار هيرو دوٽس (Herodotas) چوي ٿو تہ:

“Cotton was used in India as a textile fiber around 3000 B. C. It covered the basic need of the people of Indus Valley.

”ٽي هزار سال قبل مسيح سنڌ ۾ ڪپهہ کي ڪپڙي جو ڌاڳو ڪري ڪم آندو ويندو هيو ۽ اُها ساري واديءَ سنڌ جون ضرورتون پوريون ڪندي هئي.“ ڪتاب ۾ قديم سنڌ جا واپار، انهن جا پيدا ڪيل محاورا ۽ اصطلاح، سنڌ جون هُنديون، ڏنڌو، هنر، شاهوڪار شاهي، ميوا، اناج جون جنسون، چمڙي جو سامان، تازي ۽ لوٽياڻي پاٽيءَ جون مڇيون، اُنهن مان نڪتل تيل، ريشمي ڪپڙو وغيره، جي باري ۾ تفصيل سان لکيو آهي. سنڌ جي مخصوص لولين، اوراڻن، راندين، شاديءَ جي رسمن، لوڪ گيتن، پهاڪن، ڏڻن ملهائڻ جي نمونن، سنڌي چونڪي، سنڌين جي ونهوارَ ڪ روپ، عادتن، سنڌي طب، سنڌي ۾ مذهبي تعصب جي غير موجودگي، تعليم، ٻولي ۽ ڪاڏي جي الڳ سَرن هيٺ ذڪر ڪيو ويو آهي. ڪتاب

۾ ڪراچيءَ جو مفصل ذڪر بہ آهي ۽ آخر ۾ اهو ڏنو ويو آهي تہ سنڌ جي هندو اڳواڻن ڪئن سنڌيءَ جاتيءَ سان ڌوهہ ڪيو آهي.

ان ڳالهہ کي اسان دل سان تسليم ڪيو آهي تہ اسان پاڪستان جو حصو آهيون ۽ اُن سان خير خواهي پاڻ سان خير خواهي آهي پر اهو اسانجو پيدائشي حق آهي تہ اسان "سنڌي" ٿي جيئون يعني پنهنجو "پاڻ ٿي جيئون" اسان تاريخ ۾ منفرد حيثيت رکون ٿا. نہ رڳو ياشم جي برصغير جي تاريخ موهن جي دڙي سان شروع نہ ٿي ٿئي پر ول ڊيورانٽ جي ٻارنهن جلدن ۾ "تهذيب جي ڪهاڻي" (Story of Civilization) سان شروع ٿئي ٿي. دراصل برصغير تي ڪهڙو ڪتاب آهي جو اسان سان شروع نہ ٿو ٿئي؟ موهن جي دڙي تي باب ڪڍي وجو تہ چڻ مجسمي جي منڍي ٽٽي پوندي. اسان سنڌي آهيون, سنڌ تي فخر ڪيون ٿا. اِها ڳالهہ پاڪستاني هجڻ جي آڏو ڪيئن اَچي ٿي؟ فقط نظرياتي شاونزم ان تي انگشت نمائي ڪري ٿي جا ڳالهہ قرآن شريف جي سراسر خلاف آهي, جنهن ۾ الڳ قومن جو ذڪر نمايان طور ڪيو ويو آهي. سنڌي زبان جي عظيم محقق ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ 1966ع ۾ هڪ انگريزيءَ ۾ ڪتاب (Musical Instruments of Lower Indus Valley) "لاڙ جا ساز" لکيو هو. اُن ۾ بوڙيندي, نفل, دلي ۽ گهاگهر, يڪتاري, ڏنڊي ۽ چپڙي, چنگ, ڪنجهين يا ٽلين, ناد, دهل, شرناءِ, مُگر مان, نغاري, پيِر, ڍولڪ ۽ دف, سُرندي, دنبوري, بئنسريءَ, مُرليءَ, بينن ۽ لطيف جي تنبوري تي تفصيل سان لکي ثابت ڪيو هو تہ سنڌي موسيقيءَ کي پنهنجي انفراديت آهي. اهڙي طرح هن هڪ ڪتاب ڪنهن اسپين ۾ رهندڙ سنڌي موسيقار عبدالعزيز جي باري ۾ لکيو هو جنهن هسپانوي جپسين جي موسيقيءَ ۽ سُرڪوهياريءَ ۽ راڳي ۾ مماثلت ڏيکاري هئي.

دراصل هندستان ۾ هڪ هزار سال جي مسلم حڪمرانيءَ ۾ مسلمانن جي اڪثريتي قومن جون تهذيبون ۽ تمدنون نہ رڳو برقرار رهيون پر وڌيون ويجهيون. جتي جتي مسلمان اقليت ۾ هيا, اُتي اُهي هندو اڪثريت کان الڳ ٿلڳ رهيا. اُنهن مان ايران, عرب, تاشقند, سمرقند, بُخارا وغيره جي اسلامي ملڪن مان آيا ها ۽ حڪمران طبقي سان منسلڪ هيا ۽ محڪومن تي کين احساس برتري هيو. مون سنڌي ادبي سنگ حي سيڪريٽري جنرل ادل سومري جي شعري مجموعي 'سمنڊ جاڳي ٿو' جي مهاڳ ۾ هيٺيان لفظ لکيا آهن, جي اڄ جي ايڊيٽوريل کي اڳتي وڌائن ٿا:

"اهو ڏسي مون کي عجب آيو هو تہ هي ڌرتيءَ جو حصو جتي رنگارنگ پکي پنهنجون بوليون بولن ٿا, جن ۾ ڪي پکي ڏيهي آهن ۽ ڪي سائيبيريا تائين دور تان اچن ٿا, اُنهن جو شاعريءَ ۾ ڪو ذڪر ڪونهي. اُردو غزل ۾ رڳو چهن سٺن

پکين جا نالا ورتا ويا آهن. مثال طور: بلبل، قمري، زاغ و زغن، ڪلاغ، شاهين، ڪرگس، ڪويل، پپيهو ۽ شايد هڪ ٻه نالا ٻيا به هجن. اُنهن مان بلبل ته ايران ۾ ٿيندي آهي ۽ ڪويل ۽ پپيهي کان سوا باقي نالا ايراني آهن...... ورهاڱي کان اڳ مُلڪ جي جاگرافيءَ ڏانهن ڪنهن شاعر ڪونه ڏٺو آهي ۽ شام اَوڌ ۽ صبح بنارس روايتي طور ڪم آندا آتائون. دليءَ جي شهر آشوب کان پوءِ مير تقي مير (۽ ڪجهه ٻين شاعرن) اُن تي لکيو هو....... گنگا، جمنا، برهم پترا ۽ سنڌوءَ وغيره جي ديس ۾ دجله ۽ فرات جون ڳالهيون ٿينديون هيون........... بنگال ۾ مون رُڳو چمپا جا سترنهن قسم ڏٺا ها. پر برصغير ۾ فقط نرگس ۽ گلِ لاله سان تشبيهون ڏنيون وينديون هيون جي گل فقط ايران ۾ ٿيندا ها. جتي سنڌ ۽ راجستان جهڙا صحرا ها، اُتي عرب جي صحراءِ نجد جو ذڪر ڪيو ويندو هو. ديومالائن جي ديس ۾ ليليٰ مجنون، شيرين فرهاد، وامق عذرا، رستم سهراب وغيره جا اجنبي قصا دهرايا ويندا ها. رڳو هڪ شعر پنجاب جي لوڪ ڪهاڻيءَ جي باري ۾ لکيو ويو جو ائين بار بار دهرايو ويندو هو جڻ پنجاب تي ڪوئي احسان ڪيو ويندو هو:

سنایا رات کو قصہ جو ہیر رانجھے کا،
تو اہلِ درد کو پنجابیوں نے لُوٹ لیا.

اهو سڀ انهيءَ جي باوجود ته پنجاب جي شهرن پنجابي ڇڏي، اُردو اپنائي هئي...............

ساري تهذيب جي عڪاسي ڏاري هئي ۽ ايران، سمر قند بخارا، افغانستان تائين تهذيب سمائي وئي هئي. محبوبائن جا ڏند مسيءَ سان ڪارا ۽ پان سان ڳاڙها هوندا ها جڻ هنن عاشقن جو خون پيتو هو............

اُردو شاعريءَ ۾ ميراجي، فيض، راشد وغيره ڪافي انقلاب آندو. آرزو لکنويءَ، عظمت الله سيد مُطلبي فريد آبادي، ميراجي، فراق گورکپوريءَ ٻوليءَ ۾ ڏيهي لفظ ڪم آندا پر اُنهن ۾ ايترو جينيس ڪونه هو جو زبان جو مزاج بدلائي سگهن. مقامي ڪلچر لاءِ متين رَوش اُردو ڳالهائيندڙن کي ورثي ۾ ملي آهي. تي، وي تي سنڌي ۽ پنجابي ادبين جا لکيل اُردوءَ ڊرامن ۾ ڊراما، اُردو جي مزاج ۾ تبديليءَ جو ڪوشش آهن پر اسان کي پاڪستاني ڪلچر ناهڻ لاءِ وقت درڪار آهي. ڪلچر صدين جو معاملو ٿيندي آهي. فقط نظريا ڪلچر نه ٿيندا آهن.

جڏهن پاڪستان جي مشترڪ ڪلچر ٺهي ۽ انشاءَ الله ضرور ٺهندي، تڏهن به اسانجون صوبائي ثقافتون اڳي وانگر جاندار رهنديون. ٻاهر دنيا ۾ سنڌي وڏن ويجهن، اسان کي ان تي حسد نه آهي. پر اهو نه وسارڻ گهرجي ته اسان جو اُنهن

سان رت جو رشتو نہ آهي. جيئن پاڪستان جي اُردو ڳالهائيندڙن جو هندستان جي اُردو ڳالهائيندڙن سان آهي. اِها ڳالهہ اُردو ڳالهائيندڙن تي ڇڏيل آهي تہ هو پنهنجي زبان جي حدن ۽ طرف جو تعين ڪن پر پاڪستان ۾ اچي، هنن تي اهو بہ لازمي ۽ مناسب آهي تہ هنن جا پاڪستان جي صوبائي ٻولين سان ناتا گهرا ۽ وسيع ٿين ۽ انهن جي ثقافت هتان جي ڏيهي ثقافت سان ملي جُلي وڃي، جيئن هڪ قومي ثقافت جي تخليق ٿي سگهي. اسان پنهنجي سنڌي پٽي ڪي سياسي گهٽ ۽ ثقافتي اهميت زياده ٿا ڏيون ۽ پنهنجي شناخت برقرار رکڻ ٿا چاهيون. ان مان پاڪستان جي سالميت ۽ استحڪام کي ڪوبہ نقصان نہ آهي. دراصل ائين ڪرڻ سان جيڪي بہ سنڌين ۾ غلط فهميون آهي مٽجي وينديون. سنڌ جو ساٿ جهموريت سان آهي. حڪمران ڪهڙي صوبي جو بہ هجي، اها محض اتفاق جي ڳالهہ آهي تہ "شهيد ڀٽي" جي ڪرشمہ ساز يادگيريءَ جي ڪري ۽ پنهنجي بي مثال گفتار ۽ ڪردار سبب، محترمہ بينظير اڪثريت سان چونڊجي آئي آهي.

مان ورجايان ٿو تہ اهو نہ وسارڻ گهرجي تہ اسانجي تشخص جي بقا پاڪستان جي استحڪام جي ضامن آهي.

(28اپريل 1994ع)

# پرڏيهن ۾ سنڌي

مان جڏهن اڳين پيري ڀارت ويس ته ائين محسوس ٿيو ته ڀارت سرڪار سنڌين کان ڪافي بي تعلق آهي ۽ سنڌي پنهجي مڙسي ڪري پنهنجو تشخص بچائيندا اچن ٿا پر ان ۾ مرڪزي يا صوبائي سرڪار جو سهڪار گهٽ آهي. هنن کي پنهنجو صوبو نه آهي ۽ هنن جي خوشحالي ڏسي، مقامي ماڻهو هنن سان نفرت ڪن ٿا. ايتري قدر جو ڪيچي جن جي ٻولي جڻ اسان جي ڀاشا آهي، ساڻن نفرت ڪن ٿا ۽ سنڌين ڪافي مادي ترقي ڪئي آهي ۽ شايد رڳو پارسي ۽ چيني هنن کان واپار ۾ اڳرا آهن. هتي هندستاني سنڌين جي باري ۾ ڪجهه معلومات ڏيان ٿو:

سنڌي سنڌ مان ائين ويا ڄڻ هو آزاديءَ جي ڄَل ڦندر ۾ ويچي رهيا ها. پنهنجي ارضِ موعود (Promised Land) ڏانهن ٿي ويا پر جڏهن ڀارت پهتا ته هنن جو ڪوئي پرسان حال ڪونه هو. انهن ۾ اڪثر سڀ ڪجهه هتي ڇڏي صدي جي ميڙي چونڊي گنوائي، ڪراچيءَ مان پاڻيءَ جي جهاز تي نڪتا ها. مان جڏهن شاعر نارائڻ شيام کي پاڻيءَ جي جهاز تي چڙهڻ ويو هوس ته اکين مان ٻه ڳوڙها ڳڙيا، سمنڊ جي کاري پاڻيءَ ۾ ملي ويا ها. اٽڪل ڀارنهن لک سنڌي هڪ اجنبي ديس جي ڌرتيءَ تي اجهي جي ڳولا ۾ ها. هندستان پهچي هو ڪڇ، گجرات، راجستان، بمبئي، پوني، بنگلور، آسام، مدراس وغيره ۾ ڦهلجي ويا ها. هر صوبائي حڪومت هنن کي ڇت، کاڌو، تعليم، مارڪيٽ، اسپتالون وغيره مهيا ڪري ڏنيون هيون. بهرصورت بمبئيءَ ۾ 49-1948ع ۾ ڪلياڻ ڪئمپ ۾ هنن جي حالت ابتر هئي ۽ اُن جا تفصيل جڏهن مون کي سندري اُتم چنداڻيءَ ٻڌايا ها ته منهنجا وار اُڀا ٿي ويا ها. ٻئرڪن ۾ چادرون پٽاري سمهندا ها، اُتي کاڌو پچائيندا ها، رات تائين پنهنجا ٿانو ٿپا صفا ڪندا ها. ۽ ساري پٽ کوهه کان پوءِ هو نندرا ديويءَ جي گود ۾ ائين سمهندا ها جو هنن کي ڪا سمڪ نه رهندي هئي جيستائين ٻاک ڦٽندي هئي. منهنجو دوست نند جويريءَ جو هاڻي ڪروڙ پتي آهي ۽ هيرن جو واپار ڪندو آهي، مون کي ٻڌايو ته هو جڏهن ڀارت آيو تڏهن ڪافي ننڍو هو ۽ ڪيئي سال رستن تي سمهندو هو.

سنڌين جا ڪي سياسي سماجي ۽ ڌرمي اڳواڻ هنن جا سارَ ڳُهرو ۽ واهر هيا جن ۾ ڊاڪٽر چوئٿرام گدواڻي، پروفيسر گهنشيام شوداساڻي، ڪماري جيٺي

سپاهي ملاڻي، پروفيسر رام پنجواڻي بہ هيا. پر سرڪار جي سنڌين ڏانهن بي توجهي ايتري هئي جو ويزاعظم نهروءَ رگهو ٻارنهين سوين ريئين جو چيڪ سنڌي شرنارٿين جي نئشنل رليف فنڊ ۾ ڏنو هو.

سنڌين ڏينهن رات محنت جا نقشاني ڪري پنهنجي لاءِ روزگار جا ذريعا پيدا ڪيا ۽ غير سنڌي هڪ بہ سنڌيءَ کي پنندو نہ ڏسي، حيرت ۾ اچي ويا. پنهنجي ڪٽنب جي پالنا ڪرڻ لاءِ سنڌي ڦيرو سر ڌڙجي بازي لڳائيندا رهيا. در جي بدرجي هو پنهنجي ڏنڌي کي وڌائيندا ويا. ايجنٽ ٿي ڪم ڪندا رهيا. مارڪيٽ ۽ بازاريون چنبڙي ڇاڻي، ان ڳالهہ جا ماهر ٿي ويا تہ ڪنهن کي ڇا گهربو هو ڪهڙي شيءَ ڪٿان ملي سگهي ۽ ڪٿي وڪامي ٿي سگهي. لکن سنڌي شرنارٿين کي بمبئي جي شرنارٿي ڪئمپن ۾ رکيو ويو. جن ۾ ضروري سهوليتون بہ ڪونہ هيون. ڀڳوانداس آڏواڻيءَ مالڪيءَ جي بنياد تي فلئٽون نهرايون. ان طرح بلوپائي ديسائي روڊ تي شيام نواس ۽ نانڪ نواس جهڙا وڏا ماڙا نهيا. مسٽر گوپال سپيءَ ڪوابا روڊ تي هڪ آڏ تعمير ٿيل بلاڪ خريد ڪري مڪمل ڪيو ۽ ڪجهہ سنڌين کي فلئٽون وڪيون. 1947ع ۾ سنڌ چئمبرس پهرين بلڊنگ هئي جنهن ۾ فلئٽون مالڪيءَ جي بنياد تي نهرايون ويون. هندو سيوا سمتيءَ جي جنرل سيڪريٽري نانڪ موٽواڻي ۽ جهنگياڻيءَ ٻامي ميونسپل ڪارپوريشن کان زمين ورتي. ۽ ڪيئي مار عمارتون اڏرايون. پوءِ جيئي سپاهي ملاڻي ۽ منگهرام ٽڏاڻي ۽ ٻين ماهر، چيمبور ۽ متونگ ۾ ماڙا نهرايا ۽ سنڌي اُتي وسي ويا. سنڌي هندو اڳيئي ديا ڌرم جا ڪيئي ڪم ڪندا ها. بمبئي ۾ پنج ڇهہ جديد قسم جون اسپتالون نهرايائون. هڪ خيراتي اسپتال ”جسلوڪ“ تہ ستر ڪروڙ رُپيا خرچي نهرائي هيائون جا مون پاڻ ڏٺي هئي ۽ سنڌي هندن جو ايترو رحم ۽ انسان دوستي ڏسي، حيرت آئي. هنن ڪجهہ ائمبولنسون ۽ موبائيل ميڊيڪل (Mobile Medical vans) بہ خريد ڪيون آهن. دوا درمل ۾ هو قوم مذهب، ذات يا نسل جو امتياز نہ ٿا ڪن. هنن جو هڪ ٻيا آشرم بہ آهي.

فقط بمبئيءَ ۾ ئي 23 ڪاليج سنڌين جا آهن. گجرات، مهاشٽرام، راجستان، مڌيہ پرديس، اُتر پرديش ۾ اٽڪل 57 سنڌي پرائمري اسڪول 11 مڊل اسڪول، مهاراسترا ۾ 37 هاءِ اسڪول، مڌيہ پرڏيش 22 هاءِ اسڪول، اُتر پرديش ۾ 3 هاءِ اسڪول راجستان ۾ 3 هاءِ اسڪول، اولهہ بنگال ۾ پنج هاءِ اسڪول ۽ گجرات ۾ 20 هاءِ اسڪول آهن. اهي سڀ اسڪول سنڌين نهرايا آهن.

انهن کان سوا سنڌين اٽڪل 400 ڌرم شالائون برصغير ۾ نهرايون آهن جن مان ڪجهہ تامل ناڊو ۾ بہ آهن، جتي بي سهاري ماڻهو رهندا آهن ست سنڌي روزانيون اخبارون، 34 هفتيوار اخبارن (جي سنڌي ۽ انگريزيءَ ۾ آهن) 9

پنڌرنهن روزه اخبارون، 29 ماهوار رسالا، 3 ٽه ماهي رسالا، 13 سالناما شايع ٿين ٿا.سنڌين جا ڪئي ڪارخانا بہ آهن جن ۾ ايئرڪنڊيشنر، بسڪوٽ، ڪنفيڪشنري، رنگ، بجلي جا اوزار، ريفريجريٽر، لباس، هوٽل، زيور، رنڌڻي جو سامان، چمڙي جا پٽون، نٽ بولٽ، تيل صاف تيل (Refined) پلاسٽڪ، ربڙ، رڪ، چٽيون، ڇيلهہ جا پٽا، موم بتيون، ايڪس ري مشينون، پاڻيءَ جا جهاز ۽ لانچون، زپ جا بند (Fip Fastners) اهي سڀ ڪارخانا بہ سنڌين جا آهن.

سنڌين کي صدارتي اعزاز "پدم پوسڻ" ۽ "پدم شري بہ ملي چڪا آهن. هڪ بيو ايوارڊ آهي جنهن کي وير چڪرا چيو ويندو آهي. اُن کي حاصل ڪندڙ سنڌي فلائنگ آفيسر، ڪئپٽن، برگيڊيئر، ميجر، ليفٽيننٽ ڪرنل ۽ ميجر جنرل ۽ ڊي آءِ جي آهن. ان کان سوا ساهتہ اڪادمي ايوارڊ ڏنو ڏنونتري، سنڌي رتنا ۽ بيا ايوارڊ سنڌين کي مليا آهن جن ۾ منهنجا شخصي دوست بہ آهن. نالا طوالت ڪري نہ ٿو ڏيان.

سنڌين کي بر آمدات لاءِ بہ ايوارڊ ڏنا ويا آهن. اديبن جون سميلن ۽ سيمنار بہ بار بار ٿيا آهن. سنڌين جي لوڪ گيتن، لوڪ ناچن ۽ ناٽڪ منڊلين کي همٿايو ويجي ٿو مان جڏهن بمبئي ۾ هوس تہ ست ڏينهن سنڌي ناٽڪ ڪيا هيائون جن ۾ ڪيترين سنڌي بورجوا ڇوڪرين، جي ڪئمبرج ۽ آڪسفورڊ جي لهجي ۾ انگريزي ڳالهائي رهيون هيون، سامعين ۾ هيون. هندوستان ۾ ڪيئي سنڌي ناٽڪ منڊليون آهن جتي ڊراما اسٽيج ڪيا وڃن ٿا. سنڌيءَ ۾ ٻارنهن سنڌي فلمون بہ ٺهيون آهن. ڪيترا سنڌي مصور آهن ۽ فئشن شو ۾ بہ سنڌياڻين جون حصو آهي. سنڌين جا هيل تائين ڪيترا ميلا بہ ٿيا آهن. بمبئيءَ ۾ سنڌين نئون ساڌ ٻيلو ناهيو آهي ۽ زندگيءَ جي ڪيترن شعبن ۾ نمائندا ڪردار ادا ڪن ٿا.

ايئن ڪيئي سنڌي هندو سينگاپور، هانگ ڪانگ، تائيوان، جپان، مليشيا، انڊونيشيا، ايران، دبئي، شارجا، آمريڪا ۽ انگليند وغيره تائين مستقل طور وسي ويا آهن. سينگاپور ۾ تہ سنڌو هال ناهيو اٿائون. 3 ڏينهن اڳ جڏهن منهنجو دوست لڇمڻ ڀاٽيہ آمريڪا مان موٽيو تہ ايئرپورٽ تان فون تي ٻڌايائين تہ سنڌي هندن جون چار سنستائون آهن. جي ناٽڪ ۽ لوڪ ناچ ڪرائي رهيون آهن.

سنڌي جتي ويا آهن، اُتي پنهنجي علم و فضل جو سڪو ويهاريو اٿائون. اسان سنڌ جا سنڌي پاڪستان کي پنهنجو ديس سمجهون ٿا. پر هتان جيڪو جنهن جاءِ تي ويو آهي. تنهن انهيءَ ڌرتيءَ کي اپنايو آهي. هن ۾ زندهہ رهڻ جي ڀرپور خواهش رهي آهي ۽ نامساعد حالات سان مقابلي جي همت آهي.

(29 اپريل 1994ع)

# سيد سبطِ حسن

تاريخ 28 اپريل سنڌ جي مشهور دانشور محمد ابراهيم جويي صدارت هيٺ، ذهني صحت واري هفتي جي آخر ۾، ذهني صحت لاءِ سوسائٽيءَ يوم سبط الحسن ملهايو. ڪالهه جويو صاحب گهر آيو ۽ اُن جو تفصيلي احوال ڏنائين. دراصل جويي صاحب جي سبطِ حسن سان واقفيت مون ڪرائي هئي، جڏهن هو 'پاڪستاني ادب' رسالو ڪيندو هو. ٻنهي ۾ سوشلزم جو نظريو ۽ نظام قدر مشترڪ هُيا ۽ ٻئي جلد ئي گهايل مائل ٿي ويا ها. جوئي صاحب جو خيال هو ته روس ۾ بيورو ڪريسي انقلاب جي ناڪاميءَ جو باعث هئي، جو وَري ڪڏهن نه ڪڏهن اُڀري ايندو. هن اُهو نه ٻڌايو ته سياسي ۽ اقتصادي نظام ۾ مڪمل انقلاب جي باوجود بيورو ڪريسي ڪيئن اقتدار تي قابض ٿي وئي ۽ نه هن اهو ٻڌايو ته هن ڳالهه ڏانهن ڌيان ڇو نه ڏنو جڏهن ٽيهه سال اڳي مان دانهون ڪندو هوس ته ٽيڪنوڪريسي ۽ آمريت انقلاب کي نهوڙي نيو آهي ۽ هن روسي شاعر ايوتوشينڪو جي ڊائريءَ مان هيٺين گفتگو ٻڌائي هئي:

"ڪامريڊ! انقلاب مري چُڪو آهي." نه ڪامريڊ انقلاب مئو نه آهي، بيمار آهي ۽ مان پنهنجي شاعري اُن لاءِ ائمبولنس ڪري ڪم آڻي رهيو آهيان." بهر صورت يومِ سبطِ حسن جي موقعي تي جا جويي صاحب جي تقرير روزانيءَ "ڊان" ۾ رپورٽ ٿي آهي، اُن ۾ هُن ڪافي ڪارائتي ڳالهه ڪئي آهي ته فرقه پرستي، پنهنجي هر رنگ روپ ۾، معاشري لاءِ مضر آهي ۽ پاڪستان کي اُن جي زهر آلود فضا کان بچايو وڃي. سمپوزيم جو موضوع "اديب ۽ نفسيات" هو جنهن تي ڳالهائيندي جويي صحافين، اديبن ۽ قانون دانن کي زوردار گُذارش ڪئي ته هو فرقه پرستيءَ جي سياست کي قومي سياست ۾ ڦيرائين.

مان ڀانيان ٿو ته جويي صاحب جي مٿين ڳالهه سيد سبطِ حسن جي پيغام سان ٺهڪي اچي ٿي.پاڪستان ۽ هندستان جا ڪميونسٽ اسٽالن ۽ هن جي بيورو ڪريسيءَ ۽ ٽيڪنوڪريسيءَ جي ڏوهه گناهه ۾ شريڪ نه ها ۽ جڏهن سبطِ حسن جي پياري دوست، حيدرآباد دکن جي شاعر ۽ انقلابيءَ مخدوم محيءَ الدين هيٺين سٽ لکي هئي:

ہے مرا قافلہ سالار جہاں استالین

تڏهن برِصغير جا ڪميونسٽ اسٽالن کي انسان ذات جو نجات دهنده

سمجهندا هئا. اِها ئي ڳالهه آهي ته مون وانگر جوڳو صاحب ايم. اين. راءِ کان متاثر هو ۽ ايم. اين. راءِ بار بار اِها ڳالهه دهرائي هُئي ته چين ۽ روس ۾ انقلاب ختم ٿي چُڪو آهي. Counter_revolution اچي چُڪو آهي.

سيد سبطِ حسن مون ڏانهن ڪافي خط لکيا هئا ۽ جن مان مون ڪجهه مڪتبهٔ دانيال واريءَ حوريءَ نورانيءَ کي ڏنا هئا. پر اڄ اهي ڳوليا نه ٿا لڀن. اُنهن ۾ هن غالب جو هيٺيون شعر لکيو هو جو هن جي فطرت جي عڪاسي ڪري ٿو:

غم نہیں ہوتا ہے آزادوں کو بیش از یک نفس،
برق سے کرتے ہیں روشن شمع ماتم خانہ ہم۔

(ترجمو: آزاد انسانن کي هڪ گهڙيءَ کان وڌيڪ غم نه ٿيندو آهي.
ماتم خاني جي شمع کي اسان وڄ سان روشن ڪندا آهيون)

سبطِ حسن کي هندستان ڪميونسٽ پارٽيءَ پاڪستان ۾ پارٽيءَ جا بنياد مضبوط ڪرڻ لاءِ موڪليو هو. هُن کان اول منهنجي ملاقات پاڪستان پارٽيءَ جي سيڪريٽري جنرل سجاد ظهير سان 1948ع ۾ ٿي هئي. پنڊي سازش ڪيس ۾ ميجر جنرل اڪبر. فيض احمد فيض. سجاد ظهير ۽ ٻيا سزا ڪائي ويا. سبط حسن جون حيدرآباد دکن جون يادگيريون هن جي ڪتاب 'شهر نگاران' ۾ پڙهيون ته انهن سڀني جو ذڪر ملندو جو ته اُهي هن جا دوست ها. فيض جي ڪتاب ۾ فيض جي نظم "یہ انسان، یہ گلیوں کے آوارہ کتے" تي سبط حسن جي طنز مطالعي جي قابل آهي. هو عوام. جمهوريت. تعقل پسنديءَ. سائنس ۽ ترقيءَ جي دشمي برداشت ڪري نه سگهندو هو ۽ جدلياتي ماديت. اقتصادي معيشت. طبقاتي جدوجهد. پيداواري ذريعن تي پرولتاري پارٽيءَ جي غلبي ۽ پرولتاري آمريت جو دل سان قائل هو. جيتوڻيڪ پاڪستان جي مخصوص حالات ۾ پنهنجي غور فڪر جي اظهار ۾ هن ضبط ۽ تحمل پيدا ڪيو هو. هو ان ڳالهه جو قائل هو ته 'جي چَرچ ۽ تنگ نظر عالم پنهنجي ڳالهه تي اڙيا رهيا ته برف مان شعلا نڪرڻ لڳندا.' بهرصورت هن جي پاڪستان کان پوءِ زندگي ڪراچيءَ ۾ گذري وئي ۽ غالب لئبرريءَ وارو مرزا ظفرالحسن. فيض ۽ ٻيا حيدرآباد دکن. دلي ۽ لکنؤ وارا دوست ئي هن جي قريبي حلقہ احباب مان هُيا ۽ جنهن ڪم لاءِ هن کي ڪميونسٽ پارٽيءَ موڪليو سو سرانجام ڏئي نه سگهيو ۽ نه سنڌ جي عوام يا دانشور طبقي سان رابطو رکي سگهيو. هڪ ڀيري مان. سعيده گذدر ۽ فهميده رياض هن وٽ ويٺا هياسين ته مون کي محسوس ٿيو ته هو ماضيءَ ۾ رهي رهيو هو ۽ حال جي حقيقت چڱيءَ طرح ڄاڻي نه ٿي سگهيو. بهرصورت هن لاهور مان 'ليل و نهار' ۽ ڪراچيءَ مان 'پاڪستاني ادب' ڪڍي ڪجهه اردوءَ جا دانشور ساڳي پليٽ فارم تي آندا. پوئين عمر ۾ هن سنڌ جي تصوف ۾ دلچسپي ورتي ۽ پنهنجي

ڪتاب 'نويد فڪر' ۾ هن شاهه عنايت کي سنڌ جو پهريون سوشلسٽ صوفي چئي، هڪ لنبو مضمون لکيو.

گلشن اقبال ۾ هو منهنجي بنگلي کان ٿوري پنڌ تي رهندو هو. طبيعتاً هو نهايت امن پسند، فرقه پرستيءَ ۽ ملائيت جو دشمن ۽ ياروييس انسان هو. جنهن جي گفتگو ۾ نرمي ۽ پنهنجي پيدائشي ديس جي روايتي شائيستگي هُئي ۽ جنهن جي قيل و قال ۾ ڪافي ضبط هو. مان هن جي بزرگيءَ جو احترام ڪندو هوس ۽ جڏهن پنهنجي ماضيءَ جا داستان ٻڌائيندو هو ته هُن جي قطع ڪلامي نه ڪندو هوندو هوس. دراصل اهو سارو لڏو سيد سبط حسن، فيض احمد فيض، سجاد ظهير (جنهن هندستان ۾ 'پگهلي نيلم' جي نالي سان نثري نظم لکيا) اسرارالحق مجاز، مخدوم محي الدين، جذبي، فڪر تونسوي، ڪرشن چندر، عصمت، منٽو بيدي، جوش وغيره وغيره سڀ رومانوي اديب هوندا ها ۽ ماياڪو وسڪي جي انهيءَ انقلابي وانگر نه ها جو 'توڪي پٽي ۾ ڇُرو هٽي' گيت ڳائيندو وڃي.

تاريخ ثابت ڪيو آهي ته هر آرٽسٽ جيڪو حقيقي زندگيءَ جي عڪاسي ڪري ٿو اُهو باطنيءَ زندگيءَ جي عڪاسي ڪري نه ٿو سگهي.

انساني روح ۾ ڪيئي ڇُرون آهن، جن ۾ بگهڙ ۽ چيتا لڪا ويٺا آهن. ڪميونسٽ پارٽيءَ اڏ دنيا کي خواب ڏيکاريا، بي انت خواب پريشان ۾ تبديل ٿي ويا، ڇو ته اُنهن جو بنياد انسان لاءِ پيار نه پر انسان لاءِ ڌڪار هئي، طبقاتي ڪشمڪش هئي، فرانس ۽ روس جهڙا خوني انقلاب ها، جن ۾ انهيءَ هي قدر تي طعنه زني ڪئي وئي هئي جن ۾ محبت هئي، اتفاق هو مفاهمت هئي ۽ انسان جي انسان سان همدردي ۽ پنهنجائپ هئي.

بهرصورت سبطِ حسن اشتراڪيت جي زوال کان اڳ گذاري ويو. هن جي رواداريءَ، فرقي پرستيءَ ۽ دقيانوسي خيالن لاءِ نفرت ۽ پاڪستان ۾ آمريت جي مخالفت ۽ جمهوريت جي حمايت پنهنجي دؤر تي نهايت خوشگوار اثر ڇڏي ويا ۽ اجا تائين هن جي ياد هڪ تروتازه گلاب وانگر اچي ٿي، هن کي ياد ڪري فيض جو هيٺيون شعر تو ياد اچي.

*تری غم کو جان کی تلاش تھی تری جان نثار چلے گے*
*تری رہ میں کرتے تھے سر طلب، سر رہگذار چلے گے۔*

(ترجمو: تنهنجي غم کي جان جي تلاش هئي، تنهنجا جان نثار هليا ويا.
جيڪي راهه ۾ سِر طلب ڪندا هيا، سي پنهنجي واٽ وٺي ويندا رهيا)

*(30اپريل 1994ع)*

ٿيون. اُهي واريءَ ۾ گُم ٿي وڃن ٿيون. اُن ساري پکيڙ ۾ ڪيئي سَن (لوڙ جون ڪاٽيون آهن) اُتي هر سال برسات اوپر طرف 500 ملي ميٽر ۽ اولهہ طرف سو ملي ميٽر کان گهٽ آهي. اها موسمي آهي (جولاءِ کان سيپٽمبر تائين) پر ڪڏهن ايترو گهٽ پوي ٿي يا نہ ٿي پوي جو بنهہ خشڪ سالي نظر اچي ٿي.

تاريخ، ادب، طبقات الارض جو علم ان جو گواهہ آهي تہ وچولي دؤر ۾ گهاگهرا - هاڪڙو ندي ٿر مان وهندي هئي. جيستائين ستلج ندي ان ۾ چوڙ ڪندي هئي. ستلج هاڻي بياس نديءَ سان ملي وڃي ٿي.

رٽائرڊ انجنيئر طبقات الارض ۽ زرعي نباتات جي ماهر محمد حسين پنهور، جو ڪاليج واري زماني کان منهنجو دوست آهي، ڪيئي سال اڳ انگريزيءَ ۾ هڪ ڪتاب گرائونڊ واٽر تي لکيو هو جنهن ۾ سنڌ ۾ زير زمين پاڻيءَ جي وات ڏيکاري وئي هئي. هاڻي ماهر چون ٿا تہ ٿر ۾ زير زمين پاڻي ايترو آهي جو ڪيئي صديون هلندو.

منهنجي شاعريءَ ۾ جيترو ٿر جو ذڪر آهي اوترو سنڌ جي ڪنهن ٻئي حصي جو نہ آهي. اُن جا وڻ، ٻُوٽا، وليون، گاهہ، پکي، جيت، پٽون، ڪوهہ، مُندون، هوائون ۽ برساتيون وغيره جيتريون مون چِٽيون آهن اوتريون سموري سنڌي شاعريءَ ۾ نہ چِٽيون ويون آهن، ڪيئن چئجي، هڪ شاعر جي وجدان جي رسائي ڪيتري آهي ۽ مستقبل ۾ ڪيستائين ڏسي سگهندو آهي!

*(3 مئي 1994ع)*

# جنوني درندا

يورپ جي اونداهي دؤر ۾ سَئوَنوريلا (Savanorala) نالي هڪ جنوني پادري هوندو هو جو ديني عدالتون (Inquisitions) ڪونرائيندو هو ۽ ماڻهو جيئري ساڙائيندو هو. هو مشهور تصوير 'مونا ليزا' جي مصور ليونارڊو ڊاونسيءَ جو همعصر هو. انت عوام هن مان ايترو بيزار ٿي پيو جو هن کي آڳ تي ٽوڻن ۾ جلايائون. پاڪستان ۾ به اهڙا واقعا ٿي رهيا آهن ۽ معلوم نه آهي ته اُن بي معني تشدد جو ڇا ردعمل ٿيندو!

اها خبر نهايت حيرانيءَ جو باعث هئي ته ڪجهه ڏينهن اڳ گجرانوالا ضلعي ۾ خيالي شاهپور پوليس پوسٽ مان هڪ شهري ڊاڪٽر سجاد فاروق کي ٿاڻي تان ڇڪي سنگسار ڪيو ويو. ساري حقيقت لوڻ لوڻ ڪانداري تي چڙهي ۽ اُن تعصب ۽ ديوانگيءَ کي واڪو ڪري ٿي جا اسانجي شعور ۾ چپ ماري ويئي آهي. گجرانوالا جي اسد ڪالونيءَ ۾ اردگرد وارن جاين تان لائوڊ اسپيڪرن ذريعي اعلان ڪيو ويو ۽ چيو ويو ته ڊاڪٽر فاروق هڪ عيسائي ڊاڪٽر آهي ۽ هن قرآن مجيد جي بي حرمتي ڪئي آهي ۽ هن کي سنگسار ڪيو وڃي. ڊاڪٽر فاروق جي خلاف پوليس پوسٽ تي ڪيس رجسٽر ڪيو ويو. پوليس هن کي هٿڪڙيون هڻي، گرفتار ڪري ٿاڻي تي وٺي وئي، پر پوليس جي هٿ ڪڙين سوڌو هن کي ڇڪي ٻاهر ڪڍيو ويو ۽ نه رڳو سنگسار ڪيو ويو پر ٿي پيرا هن جي لاش کي به جلايو ويو.

ڊاڪٽر فاروق اسلاميات ۽ عربيءَ ۾ ايم. اي ڪئي هئي ۽ طبيه ڪاليج مان حڪمت جي ڊگري ورتي هئي.

هن 15 ورهين جي عمر ۾ قرآن مجيد حفظ ڪيو هو. هن جي لرزه خيز قتل کان پوءِ هُن کي گجرانوالا کان ٻاهر چُپ چاپ پوريو ويو ته متان هن جي لاش جي وڌيڪ بي حرمتي نه ڪئي وڃي.

هن سورنهن سال هڪ خوشحال شادي شده زندگي گذاري هُئي، ڇهن ٻارن جو پيءُ هو ۽ حڪمت ڪري گذر اوقات ڪندو هو.

جڏهن هجوم هٿي ويو. جنهن مان اڪثر ماڻهو هن کي سنگسار ڪرڻ ۾

شريڪ ها، تڏهن پتو پيو تہ فاروق بي قصور هو. هن جو هڪ پاڙيسري، جو فاروق جي زال کي تاڙيندو هو ۽ جنهن کي ايئن ڪرڻ تي فاروق کيس تنبيهہ ڪئي هئي، اُن مسجد ۾ مُلن کي برغلايو تہ فاروق قرآن مجيد جي بي حرمتي ڪئي هئي. اُنهن ساڳين مسجدن ۾ هُن جي قتل کان پوءِ هن جي لاءِ قرآن خواني ڪئي وئي. پوليس هن جو ڪو بچاءُ نہ ڪيو هو ۽ خاموش تماشائي رهي هئي. ان مذهبي جنون جي ڪيفيت اُن سياسي جنون کان مختلف نہ آهي جو ٽيون ڏينهن کان ڪراچيءَ ۾ ڏسي رهيا آهيون، هڪ بيگناهہ بس ڊرائيور کي ماري، هن جي لاش کي هُن جي بس ۾ اُڇلي، جلايو ويو. ٻيون ڪيئي بسون ۽ انسان ماريا ويا. جن جو مالي نقصان ٿيو اُهي ٽي وي تي ڏيکاريا ويا ۽ اُنهن جا ڏکوئيندڙ داستان ٻڌايا ويا.

درندگي مذهبي يا سياسي، ٻنهي جي نفسيات ساڳي آهي، ٻنهي لاءِ سازشي ساڳيءَ نوعيت جا آهن ۽ ديوانگي ڪيئن ۽ ڇو اُڪسائي وڃي ٿي، اُن جا سبب بہ لڳ ڀڳ ساڳيا آهن. ڇا جناب عبدالله شاهہ جي سرڪار ڪوئي سخت قدم کڻندي؟ آخر ڪراچيءَ، حيدرآباد ۽ سنڌ جي ٻين شهرن ۾ بدامني ڪيستائين رهندي؟ ڪيستائين ماڻهو شڪ سان ننڊ نہ ڪري سگهندا؟

(3 مئي 1994ع)

# افغانستان جي موجوده صورتحال

افغانستان، جنهن جي اُتر طرف وچ ايشيا جا ڀٽ، ڏکڻ ۽ اولهه طرف پاڪستان ۽ ايران جا سرسبز علائقا آهن، صدين کان وٺي هندوڪش، پامير ۽ هماليا جي پهاڙي لڪن مان بار بار ڪاهون ڪندو رهيو آهي ۽ تاريخ اُن جي خونريز داستان سان ڀري پئي آهي. سنڌ ۾ جهوني چوڻي آهي:

**"جڏهن ڪڏهن سنڌڙي توکي قنڌارئون جوکو"**

رڳو دور جديد ۾ افغانستان تي يو.ايس.ايس آر جي غلبي ۽ اُن جي دهريت جي فلسفي خلاف نفرت ۽ پنهنجي سرحدن ۽ نظرياتي تحفظ لاءِ اسان افغانستان جي مدد ڪئي هئي نہ تہ ڪجهہ وقت اڳ جنهن طرح پاڪستان جا ٻار اغوا ڪري، اسان کان تاوان جي طلب ڪئي وئي هئي، اُن مان ئي ظاهر هو تہ افغانستان سان اسان جو مستقبل ايترو آسان نہ ٿيندو.

بهرصورت هن وقت جيڪا افغانستان ۾ سياسي انارڪي آهي، ان کي ڄاڻڻ لاءِ ماضيءَ قريب جي تاريخ کي دهرائڻ ضروري ٿيندو.

1929ع ۾ افغانستان جي مهذب حاڪم ۽ اصلاح جي وڏي ۾ وڏي حاميءَ امير امان الله خان جي جلاوطنيءَ کان پوءِ، هڪ واهيات مُهر ڄُو بچہ سقہ ڪابل تي لشڪر ڪشي ڪئي هئي ۽ قبضو ڪري پاڻ تي حبيب الله خان نالو رکايو هئائين پر حڪمران گهراڻي مان جنرل نادر خان هُن جو جلد ئي تختو اونڌو ڪري هن کي مارائي ڇڏيو هو ۽ پاڻ نادر شاهہ جي لقب سان 1929ع ۾ تخت تي ويٺو هو. نادر شاهہ امير امان الله جهڙا سڌارا نہ آندا، جيتوڻيڪ انگريز سرڪار هُن کي، سرحدن تي امن امان آڻڻ سبب، نہ رڳو هن جي حڪومت کي تسليم ڪيو هو پر پئسا ۽ هٿيار بہ ڏنا ها. جيتوڻيڪ هن جي خلاف پنجاب، بنگال ۽ سوويت يونين مان بغاوت لاءِ هشي ڏني وئي پر اهڙيءَ بغاوت کي ترت دٻايو ويو. نوان رستا کوليا ويا، واپار وڌيو ويجهيوءِ رجائيت جي فضا ڦهلجي وئي، جيستائين نومبر 1933ع ۾ نادر شاهہ کي قتل ڪيو ويو.

نادر شاهہ جو جاءِ نشين هُن جو پُٽ محمد ظاهر شاهہ ٿيو ۽ جنهن پنهنجي رهبريءَ لاءِ پنهنجن چاچن تي دارومدر رکيو. هن جو هڪ چاچو محمد هاشم،

1947ع تائين افغانستان جو وزيراعظم هو. هيو چاچو ساڳي عهدي تي 1953ع تائين رهيو. ان کان پوءِ محمد دائود، جو نادر شاهه جو ڀاٽيجو هو تنهن وزارت عظميٰ تي قبضو ڪيو. هُن افغانستان ۾ دؤر جديد آڻڻ لاءِ پنهنجون ڪوششون تيز ڪيون. دائود اڳينءَ سوويت يونين کان ڪافي مقدار ۾ هٿيار ۽ اقتصادي مدد ورتي. هن پنهنجي ڪابينا ۾ ڪجهه نوجوان افغانين کي ڀرتي ڪيو. جن جي ملڪ کان ٻاهر تعليم ۽ تربيت ٿي هئي، پر اقتدار تي قابض شاهي خاندان رهيو. سڏارا به ايتري تيزيءَ سان نه ڪري سگهيو ڇو ته رجعت پسند قبائلي جرگا ۽ ملا هن جي آڏو ٿي آيا. هن جي دؤر ۾ پاڪستان سان ناتا به بنهه پاڪستان جي پٺاڻ قبيلن کي حق خودارادیت ڏنو ويجي. ان گهُر ولي خان جي پختونستان جي نظرئي جي حمايت ٿي ڪئي.

مارچ 1963ع ۾ ظاهر شاهه دائود کي وزيراعظم جي عهدي تان هٽائي ڇڏيو ۽ نه رڳو روس جي توسيع پسنديءَ تي روڪ رکي پر پاڪستان سان ناتا به بهتر ڪيا. 1964ع ۾ افغانستان کي هڪ آئين ڏنو ويو جنهن کي چونڊيل هيٺين اسيمبلي (Lower house) ڏني وئي ۽ اڌوري چونڊيل مٿين اسيمبلي (Upper house) ڏني وئي. 1965ع جي اونهاري ۾ افغانستان ۾ پهريون ڀيرو چونڊون ٿيون. جيتوڻيڪ سرڪار سياسي پارٽين کي ان پَوَ ڪري قانوني ميچتا نه ڏني ته متان ثقافتي ۽ ڪابي ڌر واريون پارٽيون اُڀري اچن. افغانستان جي فوجن جو هٿيارن ۽ تربيت لاءِ سارو مدار اڳيئي سوويت يونين تي رهيو. 1970ع ۾ بارش نه پوڻ سبب ڏڪار جون حالتون پيدا ٿيون جنهن حڪومت جي مقبوليت کي ڌڪ ڏنو.

1973ع ۾ محمد دائود هڪ ڪامياب ڪوڊي تا (اقتدار تي زوريءَ قبضو- Couped etat) ڪيو. هن بادشاهت جو خاتمو آندو، افغانستان جمهوريت جو اعلان ڪيو ۽ پاڻ اُن جو صدر ٿي ويٺو ۽ ظاهر شاهه ملڪ مان ڀڄي ويو ۽ اجا تائين اٽليءَ ۾ آهي. دائود اقتصاديءَ ترقيءَ لاءِ ڏاهه ڏاهيا پر هن جي ڪابيءَ ڌر ۽ ساڄيءَ ڌر ٻنهي مخالفت ڪئي، ملڪ ۾ ڪابي ڌر ٻن ڌڙن ۾ ورهايل هئي هڪ سوويت يونين سان مواقف ڌڙو هو جنهن کي 'پرچم' چيو ٿي ويو ۽ ٻيو وڌيڪ شدت پسند ڌڙو هيو جنهن کي 'خلق' جي نالي سان ڄاتو ٿي ويو.

1978ع ۾ جڏهن دائود ٻنهي ڌڙن تي ڪڙڪاٽ ڪيو، کابي ڌر وارن فوجي آفيسرن ۽ ايئرفورس گڏجي دائود جو تختو اونڌو ڪري ڇڏيو ۽ هُو پنهنجي پوري خاندان ۽ مُک آفيسرن سوڌو ماريو ويو. پوءِ افغانستان کي هڪ جمهوري مملڪت بنائي، تره ڪيءَ کي وزيراعظم چونڊيو ويو. هُو پيپلز ڊيموڪريٽڪ پارٽي آف افغانستان (پي. ڊي. پي. اي) جي 'خلق' واري ڌڙي سان واسطو رکندو هو. پرچم وارو ڌڙو پي. ڊي. پي جو ٻيو ڌڙو هيو. هن سان گڏ 'خلق' واري ڌڙي جو

ليفٽيننٽ حفيظ الله امين بہ اختيار ۾ آيو ۽ ٻئي ’پرچم‘ ڌڙي کي متاثر جي ڪوشش ڪرڻ لڳا. تره کي ڪيئي زرعي سڌارا. جهالت جي خلاف زبردست مهم ۽ عورتن جي آزاديءَ لاءِ جدوجهد ڪئي. اُن ڳالهہ اسلامي روايت پسندن ۽ قبائلين کي هُن جي برخلاف ڪري ڇڏيو.

1979ع ۾ ساڃيءَ ڌر وارا باغي افغانستان جي ٻهراڙيءَ تي ڇانيل ها سيپٽمبر 1979ع ۾ تره کي کي هٽائي، قتل ڪيو ويو هن جي جاءِ تي امين کي آندو ويو جنهن باغين کي ڪچلڻ جون بيحد ڪوششون ڪيون ۽ اهڙي سوويت دٻاءَ هيٺ هوندي بہ نرم ڌر واريءَ سياست کان انڪار ڪيو. ان وچ ۾ سرڪار جي حالت بد کان بدتر ٿيندي وئي. 25 ڊسمبر 1989ع ۾ سوويت افواج افغانستان ۾ مداخلت ڪئي ۽ ڪابل ۽ ٻين مرڪزن تي يڪدم قبضو ڪري، امين کي مارائي ڇڏيائون ۽ پرچم ڌڙي جي ببرڪ ڪارمل کي صدر ڪيائون. ببرڪ ساڃيءَ ڌر کي ٿاهي نہ سگهيو ۽ سوويت جي موجودگيءَ قوم پرستن ۽ رجعت پسندن جي بغاوت کي وڌايو. اٽڪل 30 لک جنگي پناهہ گزين پاڪستان آيا ۽ 15 لک ايران پهچي ويا. افغانستان مجاهدن (گوريلن) کي سعودي عرب، چين، ايران ۽ مصر کان بي تحاشا هٿيار ۽ اقتصادي امداد ملي.

1986ع ۾ هڪ لک ارڙهن هزار سوويت فوجون افغانستان ۾ هيون ۽ پنجاهہ هزار افغان سرڪار جون فوجون هُيون، جن وٽ هٿيار، ٽئنڪ، بمبار هوائي جهاز هيا پر مجاهدن کي مقامي ماڻهن جي حمايت حاصل هئي. 1986ع ۾ يو.ايس گوريلن کي اسٽنگر ميزائيل ڏنا ۽ ڏيڍ سال جي عرصي ۾ هنن 27 سوويت يونين جا هٿياربند هوائي جهاز ڪيرايا. مئي 86ع نجيب احمد زئي، جو بہ پرچم ڌڙي جو هو ۽ افغان خفيہ پوليس جو سربراهہ هو اُن اختيار جون واڳون ورتيون ۽ ڪارمل کي ڪرسي ڇڏڻي پئي. جڏهن گورباچوف سوويت يونين ۾ اختيار ۾ آيو تڏهن هن ڏٺو تہ جنگ جي قيمت ڏاڍي ڳري هئي، ڪيئي روسي فوجي مئا ها. جنهن ڪري سوويت يونين ۾ بيچيني هئي ۽ مسلمان ملڪ سڀئي افغان جنگ جي ڪري ناراض ها.

اپريل 1988ع ۾ افغانستان، پاڪستان، سوويت يونين ۽ يو.ايس معاهدو ڪيو تہ افغانستان ۾ بيروني مداخلت ختم ڪئي وڃي پر مئي 1988ع ۾ فيبروري 1981ع جي وچ ۾ ٻئي سُپر پاور افغانستان ۾ هٿيار موڪليندا رهيا.

اپريل 1988ع ۾ نجيب قومي اسيمبليءَ جون اليڪشنون ڪرايون ۽ اسيمبلي ۾ ڪجهہ جايون گوريلن لاءِ ڇڏي ڏنيون ۽ اُنهن کي سرڪار ۾ شامل ٿيڻ جي آڇ ڪئي پر مجاهدن اهڙي ڪرڻ کان انڪار ڪيو ۽ فيبروري 1989ع ۾ پاڪستان ۾ جلاوطنيءَ ۾ حڪومت ٺاهيائون. ٻي مهيني جلال آباد جو گهيراءُ

ڪيائون جڪو ڪابل ۽ پاڪستان جي وچ ۾ مُک شهر هو. بالاخر نتيجو اهو نڪتو نہ تہ رڳو نجيب جي حڪومت پر سوويت يونين بہ تالان والان ٿي وئي.

بقول غالب:

*بہت بے آبرو ہو کر ترے کوچے سے ہم نکلے*

هن وقت صدر برهان الدين رباني، وزيراعظم گلبدين حڪمت يار ۾ اُزبيڪ اڳواڻ عبدالرشيد دوستم ڳنڍجي پيا آهن ۽ ڪنهن بہ ڌر جي ڪاميابي اڪئين نہ ٿي ڏسجي. پوري افغان قوم انهن جي اقتدار جي جهيڙي جي نهايت ڳري قيمت ڪاٽي رهي آهي. نہ رڳو ملڪيت جي بي انتها تباهي ٿي رهي آهي پر هاڻي افغانستان ۾ بين الاقوامي دلچسپي بہ گهٽجي رهي آهي. ڪيتري وقت کان ظاهر شاهہ کي واپس آڻڻ جي ڳالهہ ٿي رهي آهي پر ان تي خاص توجهہ نہ ڏني وئي آهي. پاهران ڪافي هٿيار ۽ اقتصادي امداد ملي هئي ۽ ڇاڪاڻ جو هو پاڪستان جي زير احسان ها تہ موجوده صورتحال ۾ پاڪستان جا وقت ۾ پانهن بيلي ٿي سگهيا ٿي پر ان ڳالهہ ۾ حقيقت شناسي ۽ دورانديشي گهٽ ٿي نظر اچي. بهتر ائين ٿيندو تہ ظاهر شاهہ جي واپسيءَ تي سنجيدگيءَ سان غور ڪيو وڃي. توڙي هُو پيرسن ٿي چڪو آهي ۽ افغانستان ڏڙا ٿي ويا آهن جي ڪنهن سمجهوتي تي نہ ٿا اچن. ظاهر شاهہ لويا جرڳي کي سڏ ڏنو آهي جنهن ۾ افغان عوام جا سڀئي ڏڙا شريڪ ٿيندا. هن جو مقصد هڪ قومي حڪومت ناهڻ آهي. هن جي مخالفت تہ ٿيندي پر افغانستان ان لاءِ اهڙي قومي حڪومت نهايت ضروري آهي. جي جرڳي ۾ اتفاق راءِ ٿيو تہ ظاهر شاهہ موٽي ايندو ۽ وڙهندو. ڌرين جي وچ ۾ ناهہ ممڪن ٿي سگهندو. هن کي اجا تائين قومي اهميت آهي ۽ افغان عوام هن کي عزت سان ڏسن ٿا.

*(5 مئي 1994ع)*

# نيلسن منڊيلا ۽ ڏکڻ آفريڪا جي آزادي

جڏهن مون نوبل پرائيز کٽندڙ اديب نادين گورڊيمر (Nadine Gordimer) ، جي. ايم. ڪوٽزي (J.M Coetzee) ۽ ٻين آفريڪا جي اديبن جا ڪتاب پڙهيا ته منهنجي ڏکڻ آفريڪا ۾ ايتري دلچسپي وڌي وئي، جو نه رڳو مون اُن جي صنعتي شهرن ڪيپ ٽائون، ڊربن ۽ جوهانسبرگ جي باري ۾ پڙهيو پر اُتان جي جهنگلي جيوت، هاٿين، دريائي گينڊن، وحشي سانهن، چيتن، شينهن، ٻلائن، چوسگن هرڻن وغيره جي شڪار جي باري ۾ به ڪيئي ڪتاب نظر مان ڪڍيا. اڳيئي مون آفريڪا جي باري ۾ هيمنگ وي جا ننڍا ناول Wild Hills of Africa (آفريڪا جون جهنگلي ٽڪريون) ۽ 'Snows of Kil manjaro' (ڪلمنجلرو پهاڙ جي برف) پڙهيا ها ۽ مون ڪي ڪيترو وقت اهو سوداءُ رهيو آهي ته پوئين ڪتاب وانگر پنهنجا قومي ۽ بين الاقوامي سطح تي معاشقا ناول جي صورت ۾ لکان. ڏکڻ آفريڪا جي سائي ڇهڇ دنيا مون ۾ اُن جي سياسي جدوجهد ۾ به دلچسپي پيدا ڪئي، جنهنجون ڪجهه جهلڪيون، ڪتاب 'ڏيئا ڏيئا لاٽ' اسان تي لکيل منهنجي لنبي مهاڳ ۾ آهن.

مان جڏهن ڏکڻ آفريڪا جي باري ۾ ڪتاب پڙهندو هوس ته فروغي بسطاميءَ جو هيٺيون پارسي شعر ياد ايندو هو:

> اين سبزه و اين صحرا بوئي ز جنون دارد
> ديوانگي و مستي امروز شکون دارد

(ترجمو: هن ساوڪ ۽ هن صحرا ۾ جنون جي بوءِ آهي، اُن جي ديوانگي ۽ مستي ڪنهن وقت 'اُڄ' کي توڙي ڇڏيندي.)

گذريل 4 مئي تي خبر آئي ته ڏکڻ آفريڪا جي آزاديءَ جي باري ۾ نيلسن منڊيلا جو بيان آيو آهي ته اسان آخر آزاد ٿي ويا آهيون. هن ڏکڻ آفريڪا جي قومي اليڪشن ۾ ڪاميابي حاصل ڪئي آهي. هن ڪي ۽ هُن جي سفيد فام مخالف ڊي-ڪلارڪ کي مون بي بي سيءَ تي ڏٺو جنهن پنهنجي شڪست تسليم ڪئي. ان ڏينهن کان پوءِ هُو ڏکڻ آفريڪا جو سياهه فام صدر ٿيندو ۽ اسانجي وزيراعظم محترمه بينظير ڀٽو به ان تقريب ۾ شرڪت لاءِ ايندڙ آچر تي وڃي رهي آهي.

ڪهڙو نه حيرت انگيز مظاهرو هو. جڏهن ڏکڻ آفريڪا نسلي امتياز (Apartheid) جا سڀ آثار مٽائي ڇڏيا ها ۽ انساني برابريءَ ڏانهن قدم وڌايا ها؟ مون ڪيترو وقت اڳي هڪ نظم لکيو هو جنهن جو پويون بند هيو:

جنهن وقت به ڪنهن جو طوق ٽٽو
مون ائين سمجهيو
ڄڻ منهنجي گردن هلڪي ٿي

ديوار برلن جي ڪرڻ وانگر يا سوويت اشتراڪيت جي ڳچيءَ مان ڳٽ لهڻ وانگر، اهو هڪ ڪرشمو هو اسپين ۾ هڪ پهاڪو آهي.

"Take what your want", said God:
"Take it and pay for it."

(ترجمو: ڪڻ جيڪي ڪٽڻو اٿئي، خدا چيو
ڪَڻ ۽ ان جي قيمت ادا ڪر).

گذريل هفتي ڏکڻ آفريقا کي هڪ وچ جي وراڪي وانگر نئين ابتدا ڏني. دنيا بدلجي وئي هئي. ڏکڻ آفريڪا جهنم مان نڪري چُڪي هئي، عالم برزخ مان جنت ڏانهن وڃي رهي هئي. ڄڻ پلصراط تان گذري رهي هئي! ڄڻ اُن کي پَو هو ته پير لهولهان نه ٿي پون! جيستائين اُها ايڪويهينءَ صدي ۾ گهڙي، تيستائين اهڙا ڪيئي امڪان ها. هر ڪنهن جي دل تي ملڪ ٽڪر ٽڪرا ٿيڻ جا پروڙ ٿي پيا. اقتصادي تباهيءَ ۽ قبائلي جنگ جا پَوٿي ٿيا ته متان رواندا جون ٽُتسي (Tutsi) ۽ هُتي (Huti) قومون هڪ ٻئي کي ڳيا ڳيا نه ڪري وجهن. خشڪ سالي، ڏُڪر، تهس نهس ڪندڙ پليگون قبائلي جنگيون، ڪيئي آسماني بلائون جن جا هنن جي دل تي دها پئجي رهيا ها. اسان به پاڪستاني ورهاڱي کان پوءِ مسين مسين جمهوريت جي چانئٺ تي پهتا آهيون ته وري پيچ ڏاهه. توڙ ڦوڙ خون خرابيءَ ۾ وچڙي ويا آهيون. آزاديءَ جي راهه تي ڪافي پنڌ تائين ٻاہري ڪنڊ ٿئي ٿي.

سائوٿ آفريڪا جي سياهه فام قوم ان آزاديءَ جي ڪيتري نه قيمت ادا ڪئي آهي! 1964ع ۾ ڪيپ ٽائون ۾ نيلسن منڊيلا کي تخريب ڪاريءَ جي ڏوهه ۾ قيد ڪيو ويو. پوءِ هن کي جنم ٽيپ ڏني وئي ۽ هو چُوني جي پٿر - کاڻ ۾ پٿر ڪُٽيندو رهيو. ڪڏهن ڪڏهن هن جي زال وني (Winnie) کي هن سان ملاقات جي اجازت ڏني ويندي هُئي. هنن کي گفتگوءِ لاءِ ڪافي وقت نه ڏنو ويندو هو. هو هڪ ٻئي کي ڇُهي نه سگهندا ها. هڪ ڀيري نيلسن هن کي لکيو: "مون کي ته ائين ٿو لڳي ته مون کان زندگي رسي وئي آهي." پر نيلسن منڊيلا همٿ نه هاري ۽ آڻ نه مڃي. هن قانون، تاريخ، اقتصاديات جو مطالعو ڪيو ۽ افريڪان (Afrikaans) ٻوليءَ جو مطالعو ڪيو. جيئن پنهنجي دشمن کي چڱي طرح

سمجهي سگهي.

(مان به ساڳي ڳالهه ڪيتري وقت کان چوندو رهيو آهيان ته پنهنجي دشمن جي ٻوليءَ ۽ ثقافت جو گهرو مطالعو ڪيو ته جيئن اوهان کي هن جي نفسيات چڱي طرح سمجهه ۾ اچي سگهي. اجائي نفرت جي خول مان نڪرو ۽ اکيون کولي پنهنجي اردگرد ڏسو!)

جيل مان هي سفيد فام قوم جي ماڻهن سان ان تي ڪافي گفتگو ڪئي ته هُو گڏ گُذاري سگهن ٿا يا نه؟ گذريل هفتي، پنجهتر ورهين جي عمر ۾ نيلسن منڊيلا جي ساري ڪوشش ڪاميابيءَ سان دوچار ٿي ۽ هو قومي اليڪشن ۾ کٽي ويو. هن جو ستاويهه سالن جو قيد انت بار آور ثابت ٿيو. هڪ مُک پادريءَ جڏهن پولنگ اسٽيشن ڇڏي تڏهن چيائين ته: "مُنهنجو قد به انچ وڏي ويو آهي."

نيلسن منڊيلا کان ڪنهن پڇيو ته "ڇا تون ساڳو ماڻهو آهين جو جيل ۾ وڌو ويو هئين؟" ته هن جواب ڏنو ته "مان پڇي، راس تي نڪتو آهيان." اهو جواب انساني تجربي جي منتها آهي. تجربو نه گهٽي نفرت لاءِ ۽ نه گهٽيءَ خوشفهمي لاءِ گنجائش ڇڏي ٿو ۽ انسان اطمينان سان صحيح سوچ تي پهچي ٿو ۽ اهم فيصلا ڪري سگهي ٿو. هو موجوده دئور جي سياستدانن وانگر سامعين کي اهو نه ٿو چوي جو هُو ٻڌڻ چاهين ٿا ۽ ترڀءَ تي بهشت نه ٿو ڏيکاري. سياهه فام عوام کي هو چوي ٿو ته فقط جمهوريت ۽ اڪثريت جي حڪمراني راتو رات حالتن کي بدلائي نه سگهنديون. سفيد فام عوام کي هو چوي ٿو ته هو پاڻ کي ماضيءَ لاءِ ذميدار سمجهن ۽ آئنده اڪثريت جي حڪومت کي تسليم ڪن.

جيڪڏهن ماضيءَ ۾ منڊيلا تي ڪائي تنقيد ٿي آهي ته اُها فقط هيءَ آهي ته هو هر ڪنهن ۾ چڱائي جي ڳولا ڪندو آهي. جي اها غلطي آهي ته اُها هو تسليم ڪري ٿو. چو ته اها سندس مضبوط ارادي مان ۽ پنهنن مخالفن ڏانهن نيڪ ارادا، اُنهن جي طبيعتن ۾ ڦيرو آڻن ٿا. هو انساني دل جي بنيادي نيڪيءَ جو قائل آهي. جيتوڻيڪ هن ڪافي عمر تنگ دل ۽ سنگ دل ماڻهن جي هٿان سوٽا سٺا آهن ۽ ڏک ڏٺا آهن.

مون جڏهن بي بي سيءَ تي هن کي ڊي-ڪلارڪ سان گرم جوشيءَ سان هٿ ملائيندي ڏٺو ته منهنجي دل هُن لاءِ عزت سان ڀرجي وئي. ها، ڪنهن وقت مون کي آسڪروائيلڊ جي هيءَ چوٽي ڏاڍي وڻي هُئي: "هميشه پنهنجي دشمنن کي بخشي ڇڏيندا ڪيو. اُن کي انهيءَ کان وڌيڪ ٻي ڪائي ڳالهه نه چيڙائيندي آهي." مان ته ائين ڪندو آهيان معلوم نه آهي ته منڊيلا به دشمنن کي ساڳي سبب لاءِ بخشيندو آهي يا نه؟

"تاريخ فلسفو آهي جو مثال ڏئي سيکاري ٿو." نه ڄاڻان اهو ڪنهن چيو

آهي. ڪيئن چئجي تہ پاڪستان ۾ الطاف ڀائي انهيءَ فلسفي کي سمجهي سگهندو يا نہ؟

بهرصورت دشمن لاءِ بہ نيڪ نيتي چڱي آهي. مان منڊيلا جي سياسي پاليسيءَ سان مُتفق آهيان. هن کي هڪ دُور رَس نگاهہ آهي جنهن هن کي عرصہ دراز جي جدوجهد کان پوءِ فتح ڏني آهي ۽ ان ۾ نيڪ نيتي جو جذبو هن کي ڪم آيو آهي. وڏي جدوجهد کان پوءِ سياهہ فام اڪثريت حڪومت ٺاهي آهي ۽ جهوپڙين مان سرڪار جي ايوانن ۾ پهتا آهن.

نيلسن منڊيلا کان هڪ انٽرويو ۾ پڇيو ويو تہ هو پاڻ کي سوشلسٽ سمجهي ٿو يا سرمائيدار؟ هن جواب ڏنو: ”مان ٻئي نہ آهيان. آزاديءَ جي پڌرنامي ۾ هڪ فقرو آهي تہ ڌرتيءَ هيٺان دولت اُتان جي عوام جي ملڪيت آهي. اهو ئي اصول آهي جو ڪئناڊا ۽ آسٽريليا ۾ ڪارفرما آهي. اهو صحيح آهي تہ اسان قوماٽڻ جي ڪجهہ طريقن جي سفارش ڪئي هئي ۽ اسان چيو تہ اسان بئنڪون قومائينداسين. اسان هڪ هَٽيون قومائينداسين. اها ڳالهہ محض نظرياتي هئي پر چاڪاڻ جو ان تي ڪڙي تنقيد ڪئي وئي، اسان پنهنجي نظرئي ۾ تبديلي آندي“

ٻئي سوال ۾ هُن کان پڇيو ويو تہ: ”ڇا توهان ڪابينا ۾ ڪميونسٽ شريڪ ڪندين؟“ جنهن تي هن جواب ڏنو تہ ”ڪوئي ڪميونسٽ هجي تہ ڀلي هُجي. هُن کي اسانجي پارٽيءَ جي منشور سان اتفاق ڪرڻو پوندو ۽ اُن سان وفادار رهڻو پوندو.“ جيستائين ذڪر آفريڪا ۽ آمريڪا جي ڪردار جو سوال هو تيستائين هن جارج بش ۽ بل ڪلنٽن ٻنهي جي ساراهہ ڪئي. جن جمهوريت آڻڻ ۾ ڪيس هر قسم جي مدد ڪئي هئي. هن چيو: ”آمريڪا جمهوريت جو گهر آهي ۽ اسان کي توقع آهي تہ هو اسان وٽ بہ جمهوري اصولن جي حمايت ڪندا. ڇو تہ اهڙا اصول آمريڪا ۾ ڪافي مستحڪم آهن.“

اسان بہ آمريڪا مان ساڳي توقع رکون ٿا تہ اسان کي بہ پاڪستان ۾ جمهوريت جا اصول برقرار رکڻ ۾ ۽ فاشي قوتن کي شڪست فاش ڏيڻ ۾ مدد ڪندي!

*(6 مئي 1994ع)*

# فرانس ۽ اُن جي ڪلچر زوال ڏانهن

آندري مارو جي ڇهه سو صفحا تاريخ فرانس پڙهي ماٺهو دنگ رهجي ٿو وڃي. فرانس جنهن برگسان جهڙا فلسفي پيدا ڪيا، جنهن جي زمان ۽ مڪان جي فلسفي علامه اقبال کي بيحد متاثر ڪيو هيو. جنهن گرجيف جهڙا صوفي پيدا ڪيا جي مغرب ۾ سرمد، منصور ۽ ڪشف المحجوب جي مصنف جي پائي جا ها. بود ليئر، رامبو ورلين کان پال اليوار ۽ لوئي آراگون جهڙا شاعر پيدا ڪيا. تلوس لوترڪ، گوگن، وان گوگ کان وٺي مٽنسيءَ ۽ پڪاسو تائين عظيم مصور پيدا ڪيا ۽ گالزورديءَ ۽ ايملي زولا کان وٺي هن صديءَ جي عظيم ناول نويسن آلبرٽ ڪاموءَ ۽ زان پول سارتري تائين عظيم ناول نويس ۽ مفڪر پيدا ڪيا. اُها فرانس هاڻي زوال طرف وڃي رهي آهي. ان ۾ هڪ به اهڙو ماڻهو نه رهيو آهي جنهن کي ڏسي چئجي ته يورپ فرانس جي ثقافتي ڪالوني آهي.

مان اڪثر اديبن وانگر فقط نالا پڙهي، مٿيان نالا نه ٿو ڏيان. مون انهن سڀني جا ڪتاب پڙهيا آهن، انهن جي فلسفي، فڪر ۽ فن تي غور ڪيو آهي مان لُووَر (Louvres) جي آرٽ گئلريءَ ۾ ته ڪونه ويو آهيان پر ڪتابن ۾ اُن جا اڪثر فني شهپارا ڏٺا اٿم ۽ هنئين سان هنڍايا اٿم. مون کي ائين لڳندو آهي ته پئرس جي 'مولان رُوش' ڪئفي ۾ مون کي فرينچ مصور تلوس لوترڪ سان فرينچ براندي ائبسنٽ (Absinthe) پيتي آهي، دريائي سين جي ڪناري تي تصورت پسند مصورن سان گڏ تصويرون ڪڍيون آهن ۽ جنرل ڊي گال جي مزاحمتي تحريڪ ۾ حصو ورتو آهي.

منهنجو گهر سکر ۽ ڪراچيءَ ۾، دماغ پئرس ۾ رهيو آهي. ڇا اُها پئرس به روم وانگر تباه ٿي رهي آهي ۽ رڳو تاريخ جو حصو ٿي ويندي؟ آثار ته ائين ٿا نظر اچن. فرينچ عوام ڪنهن وقت غصي ۾ چوي ٿو ته: "جي اسان جو مادرِ وطن سان رشتو نه رهيو ته اسانجي ثقافت مري ويندي" ان ڪري هو پنهنجي شڪار مڇيءَ کي ڪُنڍيءَ ۾ ڦاسائڻ، فطرت ۽ روايت سان محبت رکندڙ کي اينڊڙ اليڪشن ۾ ووٽ جو حقدار سمجهندا. فرانس وارا ان تي فخر ڪن ٿا ته ائنگلو سئڪسن قدرن ۽ ڪلچر واريءَ دنيا سان فرانس ٺهڪي نه ٿي اچي. اُتان جا عوام اها ڳالهه ڏسي مشتعل ٿين ٿا ته ڪمبوڊيا جهڙي مُلڪ ۾ انگريزي ٻولي فرينچ ٻوليءَ جي

جاءِ والاريندي وڃي ٿي.

فرينچ قوم پاڻ ته انگريزي سکڻ لاءِ وڏي ڪوشش ڪئي آهي پر هن ڪي اها ڳالهه دل ۾ چُڀي ٿي ته ڏينهون ڏينهن پوءِ ٻاهرينءَ دنيا ۾ فرينچ زبان لاءِ دلچسپي گهٽجي رهي آهي. ساري دنيا اينگلو - سيڪسن ڪلچر جي آغوش ۾ اچي چُڪي آهي ۽ فرينچ ڪتابن، فلمن ۽ موسيقيءَ کي ٻاهر ڏڪيو وڃي ٿو. فرانس ته مغرب جي ڪلچر ٻيءَ ڪلچر کي پيرِ کوڙڻ نه ٿي ڏي ائين ٿو لڳي ته اُهي ڏينهن پورا ٿي ويا جڏهن دنيا پئرس ۾ فن جا ديوتا ۽ ديويون ڏسڻ لاءِ ڊوڙيندي ويندي هئي.

هوڻءَ ته فرينچ ڪلچر جو ساريءَ دنيا تي غلبو هيو پر هاڻي نه رهيو آهي توڙي فرينچ سينيٽ پنهنجي زبان جي تحفظ لاءِ قانون پاس ڪيو آهي ۽ فرينچ لفظن جي موجودگيءَ ۾ ڌارين لفظن جي استعمال تي نه رڳو ڏنڊ وڌا آهن. پر سزائون به ڏنيون آهن. ان تنزل لاءِ ذميدار آمريڪا جي تيز ڦهلاءَ واري ڪلچر کي سمجهيو وڃي ٿو. ڪوڪين (Cocaine) ۽ ڪجهه ريڊيو تي گفتگوءَ کي مُک آمريڪي ڪاليجن کي چار لک ڊالر انعام آڇيو آهي، جي فرينچ ٻولي سيکاريندا. پر ڇا زبان قانون سازيءَ جي ذريعي يا رشوت سان همٿائي سگهجي ٿي؟ (اسان پاڪستانين کي خاص طرح اُن ڳالهه تي سوچڻ گهرجي)

دراصل دنيا جي موجوده اقتصادي حالتن ۾ انگريزيءَ جي ڄاڻ اشد ضروري ٿي پئي آهي. فرينچ واپارين کي برآمدات لاءِ به ان جي ڏاڍي گُهرج پوي ٿي (هندستان ۽ پاڪستان ۾ به اسان اقتصادي ضرورتن جي تقاضا وقت هنديءَ ۽ اُردوءَ مان ڪم وٺي نه ٿا سگهون). فرينچ قوم کي ان مجبوريءَ کان نفرت ٿي ڇو نه ڄجي، اُنهن کي دنيا سان قدم ملائي هلڻو آهي. عجب جي ڳالهه آهي ته يو. ايس کان اُتساهيل پئرس ۾ يورو-ڊسني (Euro Disney) پارڪ ناهيو ويو آهي. فرانس جي بئنڪن ان لاءِ هڪ بلين ڊالرن کان وڌيڪ قرض ڏنو آهي. ڪنهن به فرينچ واپاري جي ڏيان تي انگريزيءَ جي تسلط جي ڳالهه آندي ويندي ته هو جواب ڏيندو ته ، "انگريزي کي ڇڏيو اسان کي ڏيوالو ته نه ڪڍڻو آهي!" دراصل فرانس ساڳي فرانس نه رهي آهي. اُن کي اقتصادي مُشڪلات کي مُنهن ڏيڻو آهي، ان جي سياسي اهميت گهٽجي رهي آهي ۽ اُن مستقبل جي مقابلي جو اهل نه آهي جو اٽل آهي ۽ ضرور اچڻو آهي، پاڪستان جي دکن- دلي- لکنئو ڪلچر جي وارثن کي مٿينءَ ڳالهه مان سبق سکڻ گهرجي. بقول علامه اقبال:

> کیوں زیاں کار بنوں سود فراموش رہوں،
> فکرِ فردا نہ کروں محوِ غمِ دوش رہوں.

(ترجمو: ڇو زيان ڪرين ۽ فائدي کي وساري ڇڏيان؟ ۽ سڀاڻي جو فڪر نه

ڪيان ۽ ڪلهه رات جي ڏک ۾ ڳرندو رهان؟)

فرانس جو وزيراعظم يوداربر بالا دور (Eduduard Balladur) هر عوامي هلچل اڳيان لڏي وڃي ٿو. نوجوانن ۾ بي روزگاري ايتري وڌي وئي آهي جو هنن ۾ بيچيني 1924ع واري شاگرد بغاوت جي ياد ڏياري ٿي. نوجوانن نئين وزيراعظم کي هيو ٽرئنڪيولائزر (آرام لاءِ گوري- Tranquilizer) سمجهن ٿا. جو ٺلها وعدا ڪري رهيو آهي. هنن کي آنجهاني زورج پامپيدو ( Georges Pompidou) ياد اچي رهيو آهي، جو 1970ع ۾ صدر هو جنهن جي دؤر ۾ فرانس ۾ بي روزگاري ۽ بيچيني ڪانه هئي.

فرانس ۾ اجا ڪجهه غرور ۽ احساس برتري آهي. نه رڳو اُن فلم ۾ تي ويءَ جي واحد صنعت ۾ پنهنجو عالمي معاهدو برقرار رکيو آهي، پر فرانس جا حاڪم بوسنيا ۾ به وڏي طمطراق سان امن جا علم بردار ٿي ويا. خاص ڪري جڏهن 1992ع ۾ صدر فرانسوا متران سراجيوو ۾ حيرت انگريز ۽ بي معنيٰ طور وارد ٿيو. دراصل ڊي گال کان پوءِ فرانس جي سفارت ڪاري بي وقعت ۽ بي اثر ٿي وئي آهي.

هونئن فرانس جي ڏوڪ ڏوڪان واري ڊپلوميسي هن وقت به آمريڪا لاءِ ايتري چيڙائيندڙ آهي، جيتري ان وقت هئي. جڏهن ڊي گال ويتنام تي ۽ ڪئناڊا ۾ ڪئي بڪ جي مسئلي تي اظهارِ راءِ ڪيو آهي. ڪلنٽن لاءِ به اها ڊپلوميسي مايوس ڪندڙ آهي ۽ هو محسوس ڪري رهيو آهي ته فرينچ قوم ۽ اينگلو سئڪسن قومن ۾ ذهني رابطو گهٽجي ويو آهي.

فرانس جي ڪنهن مدبر چيو آهي ته "اسان فرانس جا ماڻهو جنهن ڳالهه ۾ به دستِ اندازي ڪيون ٿا، پنهنجي مرضيءَ تي ڪيون ٿا پر اها ڳالهه آمريڪا کي چيڙائڻ لاءِ نه ٿا ڪيون. جيڪي اسان تي ٽوئنڪزني ڪن ٿا، اسان کي سمجهن ٿا."

ايئن آهي ته فرانس جا ماڻهو انهيءَ غم ۽ اندوهه ۾ گهريل آهن ته ماضيءَ جي عظمت ۽ شان شوڪت وري موٽي ڪونه ايندي. فرانس جي هن وقت معاشي پنتي موٽ آهي ۽ اڳتي هلي سماجي برابري ميسارجي ويندي. اقتصادي بدحالي فرانس جو مقدر ٿي ويو آهي، نه رڳو صحت جي رٿابندي ۾ ويهه بلين ڊالرن جي کوٽ آهي، ڪيئي ملين ماڻهو بي روزگار آهن. جن کي رياست امداد ڏئي رهي آهي، آجر جو عام اجير تي ساليانو خرچ ارڙهن هزار به سئو ڊالر آهي. جو جرمنيءَ کان 23 فيصد وڌيڪ ۽ برٽن کان 37 فيصد وڌيڪ آهي پر ان مان اڪثر حصو رياست کي ٽيڪس ۾ وڃي ٿو ۽ فرانس ۾ اجير کي جرمنيءَ ۽ برٽن کان گهٽ ٿو ملي. 12 فيصد ماڻهو ڪيتري وقت کان بنهه بي روزگار آهن. فرانس کي ڪيئي اقتصادي مسئلا آهن. جي حل ٿي نه ٿا ٿين. هو بي روزگار نوجوانن کي چئي رهيا آهن: "ڏاڍو پڙهو پنهنجيون ڊگريون حاصل ڪيو ته فرينچ سرڪار اوهان کي

نوڪري بہ ڏيندي ۽ پگهار سان هڪ هفتو موڪل بہ ڏيندي.“

پر فرانس جو مستقبل ڏنڊلڪي ۾ ويڙهيل آهي ۽ نوجوان نسل اُن کي ڀَو سان ڏسي رهيو آهي. هُن کي ايئن ٿو لڳي تہ معاشري جا دروازا هن تي بند ٿيندا وڃن ٿا. نوجوان ۽ خاصڪري شاگرد اڻرستو ڪريسيءَ ۾ غريب عوام وانگر هڪ نئون ڪلاس لڳي رهيا آهن ۽ مستقبل ۾ ڪنهن مستحڪم سرڪار جا امڪان گهٽ ٿا نظر اچن.

اٺويهين صديءَ جي فرينچ دانش ور ۽ مُدبر ٽئلي ران (Talley Rand) جڏهن لوئي فلپ جي سرڪار ۾ شموليت تي قسم کنيو هو تڏهن چيو هئائين، ”ٺيڪ، ٺيڪ سائين! هي تيرهون ڀيرو آهي....“ فرانس جي سياستدانن جي ذهنيت بہ پاڪستان جي سياست دانن وانگر ٿيندي ٿي وڃي.

فرانس ۾ جيئن دولت ۽ اقتدار جو نشو لهي رهيو آهي، ايئن حڪومت جي متي جو سُور وڌندو ٿو وڃي!

*(8 مئي 1994ع)*

# دهشتگردي، ماضي، حال ۽ مستقبل جي آئيني ۾

گوئٽي هڪ ڀيري چيو هو تہ: ”جرم سان تاريخ ڀري پئي آهي، معصوميت خاموش آهي.“ گهٽ ۾ گهٽ ماضيءَ قريب جي تاريخ تہ ان ڳالھ جي آئينہ دار آهي. مجرم سرڪار آهي، پوليس آهي، مستغيث آهي يا ملزم آهي، ان جو پتو تہ عدالتي ڪارروائيءَ جي خاتمي تي پوي ٿو. ملزم کي هاءِ ڪورٽ ۽ سپريم ڪورٽ ۾ اپيل ۽ رويزن جو حق آهي. آخر محترمہ بينظير ڀٽو پاڻ تي رجسٽر ٿيل ڪيسن مان رهائيءَ جي فتويٰ ورتي، آصف علي زرداريءَ کي عدالت بري ڪيو، مير مرتضيٰ ڀٽو اڄا سيني ڪيسن ۾ ضامن تي آزاد نہ ٿيو آهي ۽ زير حراست آهي. سنڌ سرڪار الطاف حسين جي مجرمانہ سرگرمين جا لرزه خيز تفصيل جاري ڪيا آهن. انهن ۾ جوڻيجي جي دؤر ۾ 12، نواز شريف جي دؤر ۾ 28 ۽ مارشل لا جي دؤر ۾ هڪ ڪيس داخل ٿيو هو. انهن ۾ قومي جهنڊي کي ساڙڻ جو ڪيس بہ شامل آهي. ڪنهن بہ ملزم تي عدالتي ڪارروائيءَ جي توڙ تائين فتويٰ ڏئي نہ ٿي سگهجي تہ هو ڏوهي آهي يا نہ آهي. انهيءَ ڳالھ جي فتويٰ کان اڳ اشاعت تہ هُن جرم جو ارتڪاب ڪيو آهي، توهين عدالت جو ڏوهہ آهي. جرم مان بري ٿيڻ جو طريقو هڪ آهي تہ عدالتي ڪارروائيءَ کي منهن ڏنو وڃي. اُن کان روپوش رهڻ بہ ملزم جي خلاف ٻي ثابتيءَ کي هٿي ڏئي ٿو ۽ عدالت اهو چئي سگهي ٿي تہ جي هو ڏوهي نہ هجي ها تہ فرار ڇو ٿئي ها.

لنڊن ۾ رهي ماضيءَ جي اُنهن سرڪارن تي الطاف حسين الزام تراشي ڪري نہ ٿو سگهي تہ اُنهن هن جي خلاف ڌاڪي، قتل، اغوا ۽ قومي پرچم جي توهين متعلق ڪُوڙا ڪيس گهڙيا ها. پاڪستان جي عدالت ۾ پيش ٿي هو اهڙو بيان ڏئي سگهي ٿو. جيئن مير مرتضيٰ شاهہ بندر واري ڪيس ۽ ٻين ڪيسن ۾ ڏنو آهي، پر الطاف حسين پنهنجي لاءِ عدالت چونڊي نہ ٿو سگهي. جنهن بہ عدالت جي دائره اختيار هيٺ هُن تي ڪارروائي ٿيڻي آهي، اُن ۾ پيش ٿيڻ کان انڪار ڪري نہ ٿو سگهي. جي جج جي هن سان ڪائي ذاتي عداوت آهي يا ڪارروائيءَ جي هلندي ملزم کي خوف ٿئي تہ اُها عدالت جا هن تي ڪارروائي

هلائي رهي آهي، هن سان بي ريائيءَ سان نہ هلندي ۽ هُن کي انصاف مهيا نہ ڪندي، تہ ملزم کي حق آهي تہ هو پنهنجي ڪيس کي ٽرانسفر ڪرائڻ لاءِ هاءِ ڪورٽ ۾ درخواست ڏئي ۽ جي هاءِ ڪورٽ کي هُن جي عدالت خلاف الزام تراشيءَ ۾ وزن نظر ايندو تہ ڪيس ٻي عدالت ۾ ٽرانسفر ڪري ڇڏيندي.

هڪ جمهوريت ۾ انصاف جو طريقہ ڪار اهو آهي. اسان جي قانون ۾ ائين بہ آهي تہ هو ملزم کي تيستائين بي گناهہ سمجهيو ويندو جيستائين جُرم هُن تي ثابت نہ ٿيو آهي. اسان حڪومت ۾ الطاف حسين جي باري ۾ ڊر نہ ٿينداسين پر ايترو ضرور چونداسين تہ هو تعلق رکندڙ پاڪستاني عدالت ۾ بنا ڪنهن شرط شروط جي حاضر ٿي، پنهنجيءَ بي گناهيءَ جو ثبوت ڏئي ۽ اهو ثابت ڪري تہ هُن جو دامن صاف آهي ۽ قتل جادا غ فقط افواهہ آهن. هو اهو ثابت ڪري ڏيکاري تہ اذيت گهرن ۾ ديوارن تي گولين جا نشان ڪُوڙا آهن ۽ جيڪي چون ٿا تہ اسان کي الطاف حسين اغوا ڪرايو هو اهي اها دروغ گوئيءَ جا اهل آهن باقي اها ڳالهہ تہ سراسر بلئڪ ميلنگ آهي تہ جيڪڏهن ڪيس واپس نہ ورتا ويا تہ ڪراچيءَ کي دهشتگردي ذريعي آگ ۾ خون جو غسل ڏياريو ويندو ۽ هتي بہ آفريڪا جي 'مائو مائو تحريڪ' (Mao Mao Movement) ۽ آمريڪا جي 'ڪوڪلئڪس ڪلئن' (Kuklux Clan) وانگر تحريڪ هلندي.

ڪنهن کي انصاف مهيا ڪرڻ جي معنيٰ اها تہ نہ آهي تہ هن کي اڳواٽ خاطري ڏني وڃي تہ توکي رها ڪيو ويندو يا جيئن تون عدالت جي ڪٽهڙي ۾ ايندين تيئن تولاءِ ضمانت جا آرڊر اڳيئي ٽائيپ ٿيل هوندا ۽ فورن تنهنجون هٿ ڪڙيون کوليون وينديون. هر قانون ۾ مفروضو آهي تہ عدالت ايماندار آهي، جيستائين اُن جي بدنيتي ثابت نہ ڪئي وڃي ۽ اهو مفروضو پاڪستان جي هر جج جي باري ۾ آهي، پوءِ اهو سنڌي، مهاجر، پنجابي، بلوچ، پختون يا ٻيو ڪوئي هجي. هاءِ ڪورٽ ۾ عدل جي تارازي پتين تي لڳل هوندي آهي. جنهن جا ٻئي پُڙ هڪ جيترا هوندا آهن. اسان ڏاڍو خوش ٿينداسين جي الطاف حسين عدالت اڳيان پيش ٿي پنهنجي بي گناهي ثابت ڪري، ڪنهن سنڪيءَ جي اها چوٽي غلط آهي تہ:

Justice is what we get when the decision is in our favour.

(ترجمو: اسان کي انصاف تڏهن ملي ٿو جڏهن فيصلو اسان جي حق ۾ ٿئي ٿو)

مان جڏهن وڪالت ڪندو هوس تہ پهرين ڳالهہ جا مون پڙهي هئي، اُها هئي تہ:

"It is beter that ten persons escapes than one innocent is

convicted"
(ترجمو: اهو اُن کان بهتر ٿيندو تہ ڏهہ ڏوهي ڇٽا رها ٿي وڃن جو هڪ بيگناهہ کي سزا ڏني وڃي.)
هر ڇاڻو ڇاڻي تہ انصاف ۾ دير بي انصافيءَ جي برابر آهي. هو بين الاقوامي مفرور لاءِ انٽرپول کان ڪم وٺي سگهجي ٿو. مان پانيان ٿو تہ Extradition Laws وجود ۾ آهن. جي جنرل نوريگا ميڪسيڪو مان عدالتي ڪارروائيءَ لاءِ آمريڪا منتقل ٿي سگهي ٿو تہ الطاف حسين پاڪستان ڇو نہ منتقل ٿي سگهي ٿو؟ هن کي سئميوئل بٽلر وانگر ڇوڙڻ جو حق نہ آهي.
Justice is being allowed to do what ever I like. Injustice is what ever prevents my doing so.
(ترجمو: انصاف اُهو آهي جنهن کي مون اجازت ڏني آهي تہ جيڪي بہ ڪرڻ چاهيان ڪيان. بي انصافي اها آهي جا ايئن ڪرڻ کان مون تي جهَل وجهي ٿي)
مان اڄ بہ الطاف حسين کي تيستائين ڪنهن بہ جرم جي ارتڪاب جو ملزم نہ سمجهندس جيستائين عدالت هُن تي اهڙي فتويٰ نہ ڏئي.
لنڊن ۾ ويٺي مهاجرن کي ٽيليفون ڪرڻ تہ:

بہ جرمِ عشق توام مي ڪُشند و غوغائيست
تو نيز بَر لبِ بام آڪہ خوش تماشائيت

(ترجمو: تنهنجي عشق جي جرم ۾ آهيان مونکي ڪُهن ٿا ۽ غوغاءَ آهي. تون بہ ڪنهڙي ۾ آءُ ڇو تہ تماشو لڳو پيو آهي.)
هن کي کهڙو نہ کلڻ هاب بڻائي ٿو!
محترمہ بينظير دهشتگرديءَ اڳيان آڻ مڃڻ کان انڪار ڪيو آهي. سنڌ ۾ فوج جو مُدو وڌايو ويو آهي ۽ بہ ٿي ڏينهن اڳي جا تخريب ڪاريءَ جي ڏُم ڦتل هُئي، اُن کي بہ پُنجو اچي ويو آهي. يوٽوپيا (Utopia) ۾ رهڻ ۽ جدا ڌرتي جا خواب ڏسڻ قابل گرفت جرم نہ آهي، پر دهشتگرديءَ لاءِ ڪائي معافي نہ آهي. دهشتگرديءَ سان ڪوئي مسئلو حل نہ ٿو ٿئي. جي پنهنجن سياسي مخالفن جو قتل ڪوئي مسئلو حل ڪري سگهي ها تہ هن کان گهڻو اڳي معاشرا چين ۽ آرام سان رهن ها. دهشت گرديءَ جي تاريخ انارڪسٽ تحريڪ سان شروع ٿئي ٿي. بم جي فلسفي تي سوچي ماڻهو انهيءَ نتيجي تي پهچي ٿو تہ دهشتگرد ڪو بم سان نظام الدين اولياءَ يا خواجہ گيسو دراز نہ آهي. هو بہ ٻي خونيءَ جهڙو خوني آهي. هو ساڄي ڌر جو هجي يا کاٻي ڌر جو قوم پرست هجي يا نسل پرست يا بنهہ بين الاقواميت پسند هُجي، هُن جي ذهني ساخت ساڳي آهي ۽ هو هڪ جرم سان

شروع ڪري ٿو ۽ جرائم جو عادي ٿي وڃي ٿو. هن جي نفسيات هڪ ڏوهاريءَ جي نفسيات آهي. هو رحم جي جذبي ۽ ٻي هر قدم کان عاري آهي.

چيو ويو آهي ته نهروءَ دهشت گرديءَ کي 1920ع ۾ اهميت نه ڏني هئي ۽ لکيو هو ته: "اُها انقلابي دؤر جي شروعات هئي ۽ هندستان دهشتگرديءَ مان نڪري چُڪو هو جا جلد ئي ختم ٿي ويڃي هئي. پر نهروءَ جي اڳڪٿي غلط نڪتي هئي" ڏهه سال پوءِ هن بنگال ۾ دهشتگرديءَ جي مذمت ڪئي هئي. ائين دهشتگرديءَ جا محرڪ جذبا ته معصوم ٿين ٿا، پر پوءِ اُن جون پاڙون پختيون ٿي وڃن ٿيون ۽ اُها خبط ۽ جنون بلدجي وڃي ٿي.

پروڏان ۽ بڪونن پارا انقلابي به دهشت گرديءَ جي فلسفي سان هڙ حاصل ڪري نه سگهيا ها. تاريخ ۾ اسان نازي ۽ فاشي دهشت گردن جي باري ۾ پڙهيو آهي ۽ اُنهن جو انجام ڏٺو آهي.

اسان اهو به نه ٿا چئون ته ايم ڪيو ايم ساري جي ساري دهشتگرد تنظيم آهي، مهاجر اسانجا ڀائر آهن ۽ اسان اُنهن سان گڏ رهڻ چاهيون ٿا ۽ "آدها تمهارا، آدها همارا" جي بدران "سارا تمهارا سارا همارا" جو نعرو ڏيڻ چاهيون ٿا. سارا مسئلا افهام ۽ تفهيم سان حل ڪرڻ گهرجن. اسان آل پارٽيز ڪانفرنس جي اپيل جي تائيد ٿا ڪريون ته سنڌ ۾ پيپلز پارٽيءَ ۽ ايم ڪيو ايم جي وچ ۾ ڳالهيون ٿيڻ گهرجن.

بقول حافظ:

فنا- پذير بُوَ دهر بدکه ے بني
بجز بنائے محبت که خالی از خلل است

(اهو هر بنياد فنا ٿيڻو آهي جو تون ڏسين ٿو.
سوا محبت جي بنياد جي، جو خلل کان خالي آهي)

(9 مئي 1994ع)

# چا ڪميونزم وري موٽي رهي آهي؟

جهوني سوويت بلاڪ مان لٿوانيا ۽ پولينڊ پهريان مُلڪ ها جن اڳين ڪميونسٽن کي اقتدار ۾ آندو. هنگري شايد ٽيون مُلڪ ٿئي. 8 مئي تي ووٽرن نئين اليڪشن ۾ ووٽ ڪيو ۽ ڏسڻ ۾ ائين ٿو اچي ته عوام مخالف ڌر واري هنگريءَ جي سوشلسٽ پارٽيءَ کي ووٽ ڏيندا ۽ ممڪن آهي ته اُها اليڪشن ۾ کٽي وڃي.

هونءَ ته اڳئين هنگريءَ جي ڪميونسٽ گورنمينٽ ووٽرن کي اقتدار کان ڏڪي ٻاهر ڪيو هو ۽ هنگريءَ لاءِ ڪميونسٽن لاءِ بيحد نفرت هئي. اُتي به رڳو علم و ادب ۽ فن فڪر تي ئي ڪميونسٽ دنيا وانگر سخت پابنديون وڌيون ويون هيون پر اقتصادي طرح به ڪميونزم ڪامياب نه ٿي هئي. تڏهن اُن جي باري ۾ مون هڪ ڪتاب ”ذهن جي بغاوت“ (The revolt of the mind) آمريڪا مان گهرايو هيو جنهن جو ذڪر مون پنهنجي ڪتاب ”ساهيوال جيل جي ڊائريءَ“ ۾ ڪيو آهي جڏهن مان شهيد ڀُٽي سان گڏ ساهيوال جيل ۾ نظربند هوس.

ان ڪتاب ۾ آرٽسٽ ۽ ڪميسار جي وچ ۾ سارو تصادم ڏيکاريو ويو آهي ۽ ڪميونسٽ پارٽيءَ جي جبر ۽ تشدد جو ذڪر ڪيو ويو آهي، جنهن اها ڳالهه هنگريءَ جي عوام تي مسلط ڪئي هئي ته اديب ڇا لکن، مصور ڪهڙي مصوري ڪن ۽ موسيقار ڪهڙي موسيقي تخليق ڪن. اهو ساڳيو ئي ظلم هو جو اُن وقت مون تي پاڪستان ۾ ٿي رهيو هو ۽ بيورو ڪرئٽ چئي رهيا هئا ته مان ڇا لکان ۽ ڇا نه لکان. ڪجهه وقت ته هنگريءَ ۾ دانشور طبقي اها غلامي قبولي هئي، ۽ اڪيون ٻوٽي ڪميونسٽ بيوروڪريسيءَ جي هدايتن تي عمل ڪيو هو پر پوءِ هنن بغاوت ڪئي هئي ۽ ديانتداري، جوش خروش ۽ ڊرامائي تفصيل سان ان ذهني غلاميءَ جي خلاف لکيو هيائون. اديب اُن وقت هنگريءَ جي ڪلچر منسٽر تائبور ڊيري (Tibor Dery) سان مليا ها ۽ هن سان رد قد ڪيو هئائون پر آخر ڪلچر منسٽر غصي ۾ اچي چيو هو ته: ”اديب پنهنجي انهيءَ حق جو دفاع ڪرڻ چاهن ٿا ته اسان جيڪي چاهيون، سو لکون.“ اديبن ان بغاوت پيدا ڪرڻ ۾ وڏو ڪردار ادا ڪيو هو جا هنگريءَ ۾ 1956ع واري انقلاب ۾ ٿي هئي.

1990ع ۾ پورهيتن هنگريءَ جي اڳينءَ ڪميونسٽ گورنمينٽ کي لاهڻ ۾ دير نہ ڪئي، پر هو هنگريءَ جي ڪنزرويٽو ڊيموڪريٽڪ فورم (ايچ. ڊي ايف) مان بددل ٿي پيا آهن ۽ هو اُن جي ملڪي اقتصاديات تي ڪاوڙيل آهن، جنهن ۾ قيمتون وڌي ويون آهن، جنهن ۾ 13 سيڪڙو بيروزگاري آهي ۽ امير ۽ غريب جي وچ ۾ وڏي خلا پيدا ٿي رهي آهي. سوشلسٽ پارٽيءَ جي حمايتن ايچ. ڊي ايف خلاف الزام هنيا آهن تہ اُها نالائق، بدديانت ۽ راشي آهن. ووٽ ڏيڪارين ٿا تہ پهرين ووٽنگ ۾ ڪميونسٽن پنهنجن مخالفن کان ٻيڻا ووٽ ڪنيا آهن. اليڪشن ۾ پندرنهن پارٽيون حصو وٺي رهيون آهن.

هنگري واپس ڪونہ وري رهي آهي. پرولتاري انقلاب جا امڪان ختم ٿي ويا آهن. هنگريءَ جا ووٽر ڪميونسٽن کي موٽائي آڻڻ چاهن ٿا. جن کي نڪيتا ڪُرشچوف ڪنهن وقت راڪشس ڪميونسٽ (Goulash Communists) ڪوٺيو هو. هنن جي واپسيءَ جو سبب شايد اهو آهي تہ اُنهن يورپ ۾ گهٽ ۾ گهٽ پابنديون عائد ڪيون هيون.

1980ع ۾ جڏهن سوويت اڏاوت ٿڙڪي رهي هئي، ٻُڊاپيسٽ ۾ سرڪاري اڳواڻن سياسي ۽ اقتصادي سڌاري لاءِ ٻين کان وڌيڪ آمادگي ڏيکاري. انهيءَ نيتائتي روش جي ڪري ڪميونسٽ اڳواڻ عوام کي منهن ڏيکارڻ جهڙا ٿيا آهن. جيتوڻيڪ هر پروهت وانگر ڪميونسٽ ڊِگا ٿيندا آهن ۽ اُنهن جو دماغي توازن اقتدار بگاڙي ڇڏيندو آهي، پر هنن لاءِ بہ جمهوري نظام ۾ گهٽيءَ ٻي راھ رويءَ جي گنجائش گهٽ آهي.

هاڻي بہ ڪيئن چئجي تہ اهو ڪميونسٽ اڳواڻ ڄاڻن ٿا تہ عوام جي هنن سان محبت نہ آهن. رڳو اقتدار ۾ گورنمينٽ جي مخالفت هنن کي ڪميونزم ڏانهن ڇڪي آئي آهي. اسان کي اهو نہ وسارڻ گهرجي تہ سوشلزم هڪ ڳالھ آهي ۽ معاشي انصاف (Social Justice) ٻي ڳالھ آهي. معاشي انصاف لاءِ اڃا ٽين دنيا ۾ جهيڙو هلي رهيو آهي، چو تہ امير ۽ غريب، ڏنوان ۽ نرڌن ۾ وٿي ڏينهون ڏينهن پوءِ وڌي رهي آهي. ڪالھ محترمہ بينظير نهايت شدت سان ورجايو آهي تہ: "اسان پاڪستاني عوام کي معاشي انصاف (Social Justice) ڏينداسين." جمهوريت نڙيءَ تي لت تہ نہ ٿي ڏئي پر نہ رڳو ٽين دنيا پر يورپ جي ڪجھ مُلڪن ۾ بہ پيٽ تي لت تہ اجان اچي رهي آهي. ان ڪري عوام ڪميونزم جي منشور کي ٿڏي ساھہ سان سارن تہ ڪا وڏي ڳالھ نہ آهي. هوئنن بہ هڪ جمهوري معاشري ۾ هڪ ڪميونسٽ پارٽيءَ کي اوترا ئي سياسي حق آهن جيترا ٻي ڪنهن پارٽيءَ کي، مئڪارٿيزم رُوسي ڪميونزم وانگر ختم ٿي چُڪي آهي.

دراصل هنگريءَ ۾ بہ سوشلسٽ جڏهن عوام اڳيان اچن ٿا تہ هو اُن کي

*برسات ۾ ڇپيل ايڊيٽوريل*

سمجهائڻ جي بيحد ڪوشش ڪن ٿا ته هاڻي هنن مغرب جا جمهوري اُصول بنايا آهن. هو ان ڳالهه کي شدت سان رد ڪن ٿا ته اليڪشن ۾ سندن سوپ هڪ پارٽي آمريت تي اُپرندي ۽ سندن اقتصاديات مرڪزي ضابطي هيٺ رهندي. هو عوام سان واعدا ڪن ٿا ته طرز حڪومت ۽ اُن جي طور طريقي ۾ تبديليون ايندڀون ۽ اڳيون نظام ختم ٿي چڪو آهي. بهر صورت ايچ. ڊي ايف وارا اجا چئي رهيا آهن ته ڪميونسٽ حڪومت رجعت پرست آهي. اڳيون ڪنزرويٽو وزيراعظم جوزف انٽال، جو هڪ سال اڳ مري ويو، تنهن سرمايه ڪاريءَ ۾ هنگريءَ کي ست بلين ڊالرن جي باهرين سيڙپ وٺي ڏني هئي، جيتري سيڙپ هن جي ڪنهن به پاڙيسري ملڪ ۾ نه ٿي هئي، پر ان ڳالهه جو هنگريءَ جي ووٽر تي ايترو اثر نه ٿيو آهي. ايچ ڊي ايف ريڊيو ۽ ٽيليويزن تي وڏي پروپئگنڊا ڪري رهي آهي، جيتوڻيڪ اُها سوشلسٽ پارٽيءَ جي مقابلي جي قابل نه رهي آهي.

سوشلسٽ پارٽيءَ جو موجوده ليڊر گيولا هارن (Gyola Horn) جيتوڻيڪ اڳينءَ ڪميونسٽ گورنمينٽ ۾ وزير هو، هاڻي چئي رهيو آهي: "اسان جي ماضيءَ ۾ ڪا دلچسپي نه آهي." 1989ع ۾ آسٽريا ۽ هنگريءَ ۾ خاردار تارن جو بنو هوندو هو. اُهو هنگريءَ مان هن وقت اميدوار هارن ۽ آسٽريا جي وزيراعظم ساڳيءَ مقراض (ڪتر) سان گڏجي ڪپيو هو ۽ جڙ آهني پردي (Iron Curtain) کي ڪيرائڻ ۾ مدد ڪئي هئي. هن اڳي ڪميونسٽ حڪومت ۾ کهڙا ڪيس ڪيا هئا، اهو هو نه ٿو چئي. ايئن ٿو لڳي ته هنگريءَ جا اڪثر رهواسي هڪ جمهوري نظام ۾ سوشلسٽن ڏانهن لاڙو رکن ٿا. ڪن کي اجا ان ڳالهه تي ڪاوڙ اچي ٿي ته ڪي ڪميونسٽ پنهنجين غلطين جو اعتراف نه ٿا ڪن ۽ نه وري پنهنجي سياسي شعور ۽ نظرئي ۾ ڪائي تبديلي آندي اٿائون. نوجوان سوشلٽ ان ڳالهه کي چڱو نه ٿا سمجهن ته هنن جي پارٽي ايترو جلدي اختيار ۾ موٽي اچي. هو چاهن ٿا ته پراڻي نسل جي ذهني سوچ ۾ تبديلي وقت وٺندي ۽ جيستائين نئون نسل ان جي قابل ٿئي ته اختيار جون واڳون سنڀاري، تيستائين سوشلسٽ حڪومت جو اختيار ۾ اچڻ مناسب نه آهي، پر اقتدار جو هَوس بُري بلا آهي ۽ ڪُرسيءَ جي چُوس مان نجات ناممڪن آهي.

*(10 مئي 1994ع)*

# سي مَري نہ ٿيا مات

ويهين صديءَ ۾ آلبرٽ ڪاموءِ ۽ ژان پول سارتر فرانس جا عظيم ترين دانشور هئا، جن جو خال فرانس تہ ٺهيو پر پوري دنيا پري نہ سگهي آهي. هنن ۾ پهرين تہ نظرياتي اتفاق هوندو هو ۽ ٻنهي جي ڪميونزم سان وابستگي هئي پر پوءِ ڪاموءَ ڪميونزم کان علحدگي اختيار ڪئي. سنڌي دانشور ڪاموءَ جي نالي کان غير واقف نہ آهن. هن جا ڪجهہ ناول سنڌيءَ ۾ ترجمو ٿي ڇپجي چُڪا آهن. مون تہ هن جو هر ڪتاب پڙهيو آهي ۽ هن کان ڪافي متاثر ٿيو آهيان.

چوٿيهہ سال اڳ ڪامُو ڪار جي حادثي ۾ فوت ٿي ويو. هن موت کان اڳ هڪ اڌورو ناول لکيو هو 'پهريون ماڻهو' (The first man). جو ڪجهہ وقت اڳ فرانس ۾ ڇپيو آهي ۽ اُن جون هڪ لک ڪاپيون هفتي ۾ وڪامي چڪيون آهن. نقاد اُن جي اوتري اُتساهہ سان ساراهہ ڪري رهيا آهن. جيتري شدت سان هن نوبل انعام يافتہ اديب جي گلا هُن جي جيئري ڪندا ها. هڪ نقاد خاطري سان چيو آهي تہ: "اهو 144 صفحن جو نامڪمل ناول جلد ئي هڪ ڪلاسڪ ليکيو ويندو."

هي نقاد بہ سانڊي جي قوم مان ٿين ٿا ۽ ڪل بدلائيندي ويرم نہ ٿا ڪن. نثر ۽ نظم جا خالق ڪنهن تحسين يا گلا لاءِ تخليق نہ ڪندا آهن. تخليقي معاملو تہ هڪ اندروني ضرورت (Inner Compulsion) آهي جا شاعر، اديب ۽ آرٽسٽ کي ڏينهن رات محنت ڪرائي ٿي، هُن کي نہ ستائش جي تمنا ٿئي ٿي نہ صلي جي پرواهہ. نادان اُن وقت هٽ هٽڻ ٿا جڏهن هو دنيا ۾ نہ ٿو رهي.

ڪاموءَ جي مٿين ناول جو مسودو ڪار جي پرسان پيو هو جڏهن 1960ع ۾ هن کي حادثو درپيش آيو هو ۽ هن جو موت ٿيو هو. مون غالباً اها خبر ڪراچيءَ ۾ پڙهي هئي ۽ اڌ رات تائين بيچ لگزري هوٽل ۾ وينو هوس جيستائين دروازا بند ڪيا هئائون. اهڙن انسانن جو موت مون کي ايترو صدمو ڏيندو آهي جيترو ڪنهن کي سڳي ڀاءُ جو موت ڏي.

ڪاموءَ جي بيوهہ اول تہ ان ناول جي اشاعت جي اجازت نہ ٿي ڏني ڇو تہ هن کي اهو خطرو هو تہ اُن ۾ ڪاموءَ ڪافي درستي يا ڦير گهير نہ ڪئي هئي ۽ اها

ڳالهہ هُن جي ناموس کي ڌڪ ڏئي ٿي سگهي. اُن وقت فرينچ دانشور ڪاموءَ تي ڌڙا ڌڙ تنقيد ڪندا ها. پر هاڻي دنيا بدلجي وئي آهي. هاڻيءَ ڪاموءَ جي ناول 'اجنبي' (The Stranger) جون ٽي ہ لک ڪاپيون هر سال وڪامي رهيون آهن. ڪاموءَ جي ڌيءَ ڪئٿرين، جا هاڻي 48 ورهين جي ٿي چُڪي آهي، جڏهن اهو ڪتاب پڙهيو تہ هوءَ انهيءَ راءِ جي هئي تہ اُهو هڪ عظيم دستاويز آهي ڇو تہ اُن ۾ ڪاموءَ جي آتم ڪهاڻي آهي. ان ڪري هن ناول جي اشاعت جي اجازت ڏئي ڇڏي.

ڪتاب پڙهي هڪ فرينچ سوانح نگار چيو: "ڪاموءَ پهريون ڀيرو پنهنجي جذبات کي ڇيڪ ڇڏيو آهي ۽ اها هن جي باري ۾ ڳالهائي رهي آهي."

*(10 مئي 1994ع)*

# يمن ۾ خانہ جنگي

يمن ايشيا ۽ عرب جي ڏکڻ اولهہ طرف آهي. هتان جي قديم حڪومت جو صدر مقام قرن ۽ معين هو ۽ قبيلا سج جي پوڄا ڪندا ها. هتي پوءِ هڪ ٻئي پٺيان مسلمان آيا. حضرت سليمان جي زال ملڪہ سبا هتان جي حڪمران هئي، جنهن جو ذڪر قرآن ۽ انجيل ۾ آيو آهي. پوءِ هي ملڪ ٻن حصن ۾ ورهائجي ويو. هڪ ڏکڻ يمن جنهن تي گهڻو وقت پوءِ سرڪاري نالو 'يمن عوامي جمهوريہ' رکيو ويو ۽ جنهن جو دعن بندر عربي سمنڊ ۾ واپار جو مرڪز هو ۽ ٻيو هيو اُتر يمن جنهن تي ڪيترو وقت پوءِ سرڪاري نالو 'يمن عرب جمهوريہ' رکيو ويو. اُتي ڪرستان ۽ مسلمان تهذيب اُپري ۽ ان تي عباسي خليفن، ڪرمتين ايوبين ۽ مملوڪن جو قبضو رهيو پر مقامي حڪمرانن تيرنهن صديءَ ۾ اُتر ۽ ڏکڻ يمن ۾ زبردست حڪومتن قائم ڪيون. 1537ع ۾ عثماني ترڪن عدن فتح ڪيو ۽ هڪ صديءَ کان وڌيڪ اُن تي قابض رهيا. اندروني حصي تي يمن جي زيدي امامن جو قبضو هو پر ارڙهينءَ صديءَ ۾ مقامي حڪمران قبضو ڪري ويا. 1839ع ۾ انگريزن عدن تي قبضو ڪيو تہ جيئن اُهو مصر جي محمد عليءَ جي هٿ نہ چڙهي وڃي. 1937ع تائين عَدن تي حڪمراني هندستان جا انگريز حڪمران هلائي رهيا ها ۽ عدن کي ڏار ڪالوني بڻايو ويو هو. 1869ع ۾ سئيز واهہ کوٽيو ويو ۽ عدن جي اهيمت ۽ سودگي وڌي وئي. 1886ع کان 1954ع تائين انگريزن عرب امارتن سان تحفظ لاءِ عهدناما ڪيا. اهي عهدناما عدن ۽ اوپر ۽ اُتر ۾ ويهہ عرب امارتن، عثماني ترڪن ۽ يمن جي زيدي امامن سان ڪيا. انگريزن کي اُميد هئي تہ ان طرح هو عدن جي ڪالونيءَ کي پنهنجي لاءِ بچائي سگهندا جا هنن جي حڪمت عمليءَ لاءِ اهميت واري هئي. اُن کي عدن پروٽيڪٽوريٽ (Aden Protect Torate) چيو ويو پر اُن انگريزن يا عربن کي اُهو تحفظ مهيا نہ ڪيو جنهنجي اُن مان ڪين توقع هئي. پهرين جنگ عظيم ۾ عثماني تُرڪن اُن تي قبضو ڪيو 1918ع کان پوءِ يمن جي امامن اُن ڏانهن توسيع پسندي واري پاليسي رکي. عدن ۽ يمن جي وچ ۾ سرحد چڱيءَ طرح طئہ ٿيل نہ هئي ۽ اُن تي بار بار جنگيون ٿينديون رهيون.

1952ع جي مصري انقلاب کان پوءِ، ڪاهي ڏر واري عرب قوم پرستي جو عدن ۽ ويجهن ننڍين رياستن تي اثر پيو. 1956ع ۾ جڏهن انگريزن مصر تي حملو ڪيو تڏهن عربن ۾ انگريزن لاءِ سخت نفرت ڦهلجي وئي. انگريز تبديليءَ لاءِ تيار ٿي ويا. بشرطيڪ عدن جي اقتصاديات ۽ فوج تي اُن جو قبضو بحال رکيو وڃي. 11 فيبروري 1959ع تي ڏکڻ يمن جي عرب امارتن جي فيڊريشن وجود ۾ آئي ۽ انگريزن ۽ ڇهن رياستن وارين تحفظ هيٺ ايراضين (Protected areas) جي وچ ۾ معاهدي تي دستخط ٿيو ۽ 1962ع ۾ ان جو نئون نالو 'ڏکڻ عرب فيڊريشن' رکيو ويو. 1964ع ۾ ٻيون سورنهن رياستون به ان ۾ شامل ٿيون ۽ برٽش سرڪار ان کي 1968ع ۾ خودمختيار فيڊريشن بنائڻ جو اعلان ڪيو پر ان جي باوجود عدن ۾ پنهنجو فوجي اڏو برقرار رکيو. يمن جي ڪيترن ئي دانشورن، ڪاهي ڏر وارن ۽ لبرل قوم پرستن کي خدشو ٿيو ته فيڊريشن تي قدامت پسند ۽ روايت پرست حاڪمن جو تسلط رهندو. اُتر يمن ۾ اڳيئي 1962ع ۾ هڪ عرب قومي جمهوريه جو بنياد رکيو ويو هو. مصري فوج جي ڪافي امداد سان يمني جمهوريت پسند لاٿل امام خلاف جنگ ۾ رُڌل هيا. سعودي عرب جي ڪجهه قوم پرستن جمهوري يمن سان اتحاد آزاديءَ کان بهتر سمجهو ۽ فيڊريشن ناهڻ جو سوچيو. ڪاهي ڏر وارن ٻن قومي تنظيمن انگريزن خلاف جنگ جوٽي.

The front for liberation of occupied South Yemen (Flossy) کي مصر جي حمايت حاصل هئي ۽ اُتر يمن ۾ اُن جو مرڪز هيو. National Liberation Front (N.L.F) کي عدن جي ۽ ڪجهه اختلاف رکندڙ رياستن جي حمايت حاصل هئي. جنهن وقت فيڊريشن ڊهڻ لڳي تنهن وقت فلاسي (Flossy) ۽ اين ايل ايف (N.L.F) ۾ ڇتي جنگ ڇڙي پئي. 1967ع ۾ مصر کي اسرائيل شڪست ڏني ۽ مصري فوج يمن مان پٺ تي هٽي وئي ۽ فلاسي (Flossy) ڪافي ڪمزور ٿي وئي، برٽش سرڪار، حڪومت اين ايل ايف (N.L.F) کي ٽرانسفر ڪئي، جنهن کي 30 نومبر تي ڏکڻ يمن جي آزاد جمهوريه ڪوٺيو ويو. ڇاڪاڻ جو ڏکڻ يمن اقتصادي طرح تباهه ٿي چُڪو هو. سوويٽ يونين اُن ۾ پنهنجو فوجي ۽ سياسي اثر پيدا ڪيو ۽ ان ڪري سعودي عرب ۽ عمان سان ڪشيدگي پيدا ٿي وئي. ان وقت به انقلابي مارڪسٽن ۾ ڏڙي بازي هئي ۽ افغانستان وانگر اڳواڻن ۾ تبديليون آنديون ويون. 1970ع ۾ ملڪ جو نالو عوامي جمهوريه يمن People's Democratic Republic of Yemen رکيو ويو. اُتر يمن سان هڪ مختصر جنگ کان پوءِ، ٻنهي ملڪن هڪ متحده جمهوريه تي اتفاق ڪيو پر معاهدي تي عمل نه ڪيو ويو. 1975ع ۾ اين. ايل. ايف بعث پارٽيءَ ۽ ڪميونسٽ تنظيمن ۾ شامل ٿي وئي ۽ United

Political Organization_ National Front (UPONF) ناهيو. 1978ع ۾ چين نواز روبي عليءَ کي هٽائي، قتل ڪيو ويو ۽ يمني سوشلسٽ پارٽي وجود ۾ آئي. جنهن جو صدر اسماعيل ٽيو جو روس نواز هو. 1979ع ۾ وري اُتر يمن سان جنگ ٿي، جنهن کان پوءِ وري اتحاد لاءِ معاهدو ٿيو جنهن تي عمل نہ ٿيو.

1980ع ۾ صدر اسماعيل کي هٽايو ويو ۽ ماسڪو موڪيلو ويو. هن جي بدران اعتدال پسند علي ناصر محمد الحسينيءَ کي صدر ڪيو ويو. علي ناصر هيو تہ روس نواز پر هن سعودي عرب عمان ۽ اُتر يمن سان تعلقات وڌايا. پوءِ بہ اندريون تضاد، حسد ۽ سياسي ڪشمڪش ڏکڻ يمن ۾ برقرار رهي.

اها حالت هر اُنهيءَ ملڪ ۾ رهي هئي، جنهن ۾ سوويٽ يونين جو اثر رهيو هو. سوويٽ يونين سان پاڪر هڪ ڪوڙهئي سان پاڪر هيو. 1985ع ۾ اسماعيل سوويٽ يونين مان موٽي آيو ۽ پارٽي ليڊر شپ ۾ کُپي ويو. 13 جنوري 1986ع تي حسينيءَ سوشلسٽ پارٽيءَ جي پالٽ بيورو جي ميٽنگ ڪوٺائي. ميٽنگ ڪرڻ بدران، هن بندوقچين کي موڪيو تہ پالٽ بيورو جي هر ميمبر کي ماري ڇڏن. ڪجھ ميمبر بچي ويا جيتوڻيڪ اسماعيل ماريو ويو. ان ڪري اسماعيل ۽ حسينيءَ جا حمايتن ۾ خانہ جنگي شروع ٿي وئي ۽ تيرنهن هزار ماڻهو ماريا ويا. (اهي تاريخ جي توب جي کَڙ ڪُتر، Cannon Fodder هيا). نيٺ حسينيءَ کي شڪست آئي ۽ حيدر ابوبڪر العطش ڏکڻ يمن جو صدر ٿيو. 1980ع ۾ ڏکڻ يمن ۾ تيل جا کوھ وڏيڪ کوٽيا ويا ۽ اُن جا وري اُتر يمن سان تعلقات چڱا ٿيا. 1990ع ۾ ڏکڻ يمن اُتر يمن سان شامل ٿي ويو ۽ جمهوريہ يمن وجود ۾ آئي پر گذريل هفتي ان جي حالت بوسنيا ۽ سربيا واري هئي. ٻنهي حصن جي جنگي هوائي جهازن هڪ ٻئي جي هوائي اڏن تي سخت بمباري ڪئي. شهرن جون گهٽيون ننڍن هٿيارن جي ٺڪاٺوڪيءَ سان گونجي اُٿيون. 'سنا' ۾ صدارتي محل ۽ يمني صدر مقام آگ اُلا ٿي ويو. اُتر ۾ هن وقت صدر علي عبدالله صالح آهي. هُن هنگامي حالتن جو اعلان ڪيو ۽ 'سنا' ريڊيو ڏکڻ جي نائب صدر عبدالسلام تي الزام هنيو تہ هو برادرڪشيءَ جي جهنم ڏانهن ڌڪي رهيو هو. ڏکڻ جي فوجن 'سنا' تي اسڪڊ (Scud) ميزائيل سان حملو ڪيو، اُتر وارين فوجن عدن ڏانهن پيش قدمي ڪئي اها خانہ جنگي ڪا نئين ڳالھہ ڪانہ هئي.

عرب دنيا ۾ قبائلي جنگيون ۽ تشدد ڪافي وقت کان رهيو آهي. جيتوڻيڪ گذريل سال جمهوري اليڪشن ٿي هئي ۽ نوان تيل جا کوھ کنيا ويا آهن ۽ عرب دنيا جي غربت ملڪن جو مستقبل چمڪي اُٿيو آهي. پر گذريل اونهاري تائين صالح ۽ عبدالسلام جي وچ ۾ ڪشمڪش خطرناڪ حد تائين وڌي ويئي آهي. عبدالسلام 'سنا' ڏانهن پيش قدمي ڪئي. توڙي ڪيئي عرب اڳواڻن جهڙوڪ

اُردن جي شاھہ حسين. ٺاھہ لاءِ ڪوششون ورتيون ھيون پر قتل ۽ خونريزي جي ھڪ لنبي سلسلي سبب ڏريون جي جنگ ۾ تپي پيون. صالح جي ھوائي جھازن عدن ۾ اُن جي ھوائي اڏي تي بمباري ڪئي. سرحدن تي جنگ تيز ٿي وئي. مواصلات درھم برھم ٿي وئي، ھوائي اڏا بين الاقوامي پروازن لاءِ بند ڪيا ويا. مغربي سفارت ڪارن ڪان ملڪ خالي ڪريو ويو جن ۾ سوان آمريڪي تيل مزدور بہ ھيا. رات ٽي وي تي خبر آئي آھي تہ اُتر يمن اڳتي وڌيو آھي ۽ ڏکڻ جي حملي کي شڪست ڏني اٿائين ۽ ھفتو پراڻي جنگ ھاڻي عدن کان ھڪ سو ڪلو ميٽرن جي مفاصلي تي ٿي رھي آھي. 'سنا' جا ڪمانڊر اھا دعوا ڪري رھيا آھن تہ سندن فوجون ڏکڻ يمن جي گاديءَ جي ٻاھران پھچي چڪيون آھن ۽ سندن فتح يقيني آھي. اُتر يمن ڪنزرويٽو آھي تہ ڏکڻ يمن مارڪسٽ آھي. ٻنھي ۾ 13 ملين ماڻھو ھا جڏھن 1990ع ۾ اتحاد ڪيو ھئائون. ڏسڻ ۾ ائين ٿو اچي تہ مارڪسٽ ڪنھن جمھوري نظام ۾ کُپي نہ سگھندا ۽ ھن ھڪ بلاڪي دنيا ۾ شڪست سندن مقدر ٿي چُڪي آھي. برائي انت پاڻ کي ناس ڪندي آھي، يو. ايس. ايس. آر کان پوءِ باقي مارڪسٽ بہ ساڳي انت جي اوڏو آھن. ايرج مرزا جو شعر آھي:

طرب افسرده کُند دل چو ز حد در گذرد
آبِ حيوان بکشد نيز چواز سَر گزرد.

(ترجمو: خوشي دل کي مرجھائي ڇڏي ٿي جڏھن حد کان وڌي وڃي ٿي،
آبِ حيات بہ جڏھن سِر جي مٿان وَڃي ٿو تہ ٻوڙي ٿو ماري.)

*(12 مئي 1994ع)*

# سارڪ سمٽ ضروري آهي

مان حيدرآباد ۾ هوس جڏهن پاڪستان ٽي ويءَ تي سارڪ سمٽ ۾ محترمہ بينظير ۽ راجيو گانڌيءَ جون تقريرون آيون. راجيو محترمہ بينظير ڀٽو کان ايترو متاثر ٿيو هو جو هن نهايت مختصر تقرير ڪندي چيو هو تہ مان بي نظير جي تقرير ۾ ڪهڙو اضافو ڪري ٿو سگهان ۽ اُها پوري تقرير اپنايان ٿو. اُن وقت مون کي ايئن لڳو هو تہ برصغير جو پيچيدو مسئلو حل جي قريب آهي. مون اُن وقت ئي محترمہ بينظير کي هيٺين تار ڪئي هئي جا پوءِ ”سهڻي“ رسالي جي شيخ اياز نمبر ۾ ڇپي هئي:

”اوهانجي نهايت ذهين ۽ مُتوازن تقرير مون تي گهرو اثر ڪيو آهي. اوهان جو موجوده حالات جو دانائي ۽ ذڪاوت وارو تجزيو جنوبي ايشيا جون اکيون کولي ڇڏيندو. اوهان کي پنهنجي عظيم والد شهيد ڀُٽي مان بي انتها ذهانت ورثي ۾ ملي آهي، جو ٽين دنيا ۾ معافي انصاف جو وڏو حامي هو. مان اوهان جي طويل زندگيءَ لاءِ دعا گهران ٿو ۽ توقع رکان ٿو تہ برصغير کي پنهنجي تاريڪيءَ مان ڪڍي سگهندا ۽ ان خطي جا مسئلا پُرامن طريقي سان حل ڪندو ۽ اتان جي باشندن کي پائيءَ جي ساڃاهہ ڏيندؤ جن مان اجا تائين تاريخ جا پراڻا گهاوَ ڇڪي رهيا آهن.“

اُن وقت بہ راجيو گانڌيءَ جو رويو ڪشمير ڏانهن منفي هيو جيئن اجا تائين ڀارت سرڪار جو آهي. ڪالهہ پي ٽي ويءَ تي آيو تہ پريٽوريا واري جشن ۾ محترمہ بينظير ان اُميد جو اظهار ڪيو آهي تہ ڪشمير بہ ڪنهن وقت ڏکڻ آفريڪا وانگر آزاد ٿيندو. ڪشمير جي مسئلي جي پُرامن حل کان پوءِ اسان جا ڀارت سان خوشگوار تعلقات پيدا ٿي سگهن ٿا.

جولاءِ 1981ع ۾ ڀارت جي آدمشماري 685.2 ملين هئي جا هر ڏهن سالن ۾ 25 سيڪڙو وڌي رهي آهي. ڀارت ۾ اٺ مختلف مذهب آهن. هندو ڌرم، اسلام، عيسائيت، سک ڌرم، ٻڌ ڌرم، جين ڌرن، ردشنيت (Zoroastrianism) ۽ يهودي مذهب. ان ۾ هندن کان پوءِ گهٽي ۾ گهٽا ماڻهو مسلمان آهن. 83 سيڪڙو هندو آهن ۽ 11 سيڪڙو مسلم آهن، جي 80 ملين کان ڪجهہ وڌيڪ ٿيندا. ان ڪري

انڊونيشيا ۽ بنگلاديش کان پوءِ ڀارت ۾ گهڻي ۾ گهڻا مسلمان آهن. ڪرستان 16 ملين، سک 13 ملين ۽ پوري آدم شماري جو 3 في صد حصو آهن ۽ باقي ٻين ڌرمن جا ماڻهو آهن.

ڪشمير جي مسئلي جي حل سان نہ رڳو پاڪ - ڀارت تنازعو ختم ٿي ويندو پر ڀارتي مسلمانن کي بہ تحفظ ملي ويندو جي فقط اُترپرديش ۾ هڪ ٻن ضلعن ۾ ڪيرالا جي هڪ ٻن ضلعن ۾ اڪثريت ۾ آهن. نہ تہ باقي مسلمان هندو اڪثريت جي گهيراءَ ۾ آهن ۽ کين عدم تحفظ جو احساس آهي.

ڏسڻ ۾ ايئن ٿو اچي تہ سارڪ جي قيام کان پوءِ ڀارت اُن ۾ مؤثر ڪارڪردگيءَ جي وِتي گهٽائي ڇڏي آهي يا ان کي فقط پنهنجي هڪ طرفي مقصد لاءِ ڪم آڻي رهي آهي. نتيجو اهو ٿيو آهي تہ سارڪ سمٽ پوري خطي جي تنظيم جي حيثيت ۾ پنهنجي افاديت وڃائي ويٺي آهي. هر عظيم خودمختياري اداري وانگر اُها بہ هڪ بامعنيٰ تنظيم ٿي ۽ پنهنجن ميمبر مُلڪن جي اجتماعي فلاح ۽ بهبود لاءِ ڪم ڪري سگهي ٿي، پر جي ايئن نہ ڪندي تہ اها بي جان ۽ غير مؤثر ٿي ويندي. هن وقت سارڪ اهڙي موڙ تي آهي جو اُن جي ڪي سول مقصود ڏانهن مشڪل وٺي ويچي. سارڪ ۾ شامل ملڪن جي پڪيڙ ۽ آدمشماريءَ ۾ نمايان فرق آهي جو ان جي مؤثر ڪارڪردگيءَ جي آڏو اچي ٿو. ان ۾ شامل ننڍين اڪاين، نيپال، ڀوٽان، سري لنڪا، بنگلاديش، مالديپ، پاڪستان ۽ سڪم، ڀارت جا پاڙيسري ملڪ تہ آهن پر هڪ ٻئي جا پاڙيسي مُلڪ نہ آهن. ائين ٿو لڳي تہ ڀارت کي گمان آهي تہ اُهي مُلڪ گڏجي نئين دهليءَ سان محاذ آرائي ڪرڻ چاهن ٿا. سارڪ ۾ شامل ننڍا ملڪ پاڪستان ڏانهن رهنمائي لاءِ ڏسن ٿا. اها ڳالهہ ڀارت جي شڪ ۾ اضافو ڪري ٿي ۽ اُها سارڪ جي باري ۾ ڪافي محتاط ٿي پئي آهي. سارڪ جي آئين ۾ هر ميمبر کي ويٽو جو حق آهي. سارڪ جي پليٽ فارم تان ڪيترا باهمي مسئلا زير بحث آڻي نہ ٿا سگهجن ۽ نہ وري اهڙي ڳالهہ سارڪ جي گڏجاڻيءَ ۾ اُٿاري سگهجي ٿي جنهن سان جهيڙي جي وڌڻ جو امڪان هجي.

دراصل حقيقت اها آهي تہ سارڪ جا ننڍا مميبر دهليءَ کان خوف کائين ٿا ۽ ان جي اقتصادي ۽ فوجي برتريءَ کي شڪ جي نظرن سان ڏسن ٿا. ان جي فوج مالديپ ۾ امن برقرار رکڻ لاءِ پهچي وئي. اُن سري لنڪا ۾ تامل باغين کي سڌو ڪرڻ لاءِ پنهنجي فوج موڪلي ۽ تيستائين فوج اُتي رکي جيستائين سري لنڪا جي حڪومت اعتراض ورتو ۽ ڀارت کي چيو تہ پنهنجي فوج موٽائي ڇڏي. هماليا سان لڳ ننڍڙا پهاڙي علائقا ڀارت جي رحم ڪرم تي آهن ۽ اُنهن جي واپار ۽ اقتصادي زندگيءَ جو دارومدار ڀارت تي آهي. سڀ کان وڌيڪ ڳالهہ جا اظهر من

الشمس آهي اُها ڀارت جي فوج جي ڪافي تعداد ۾ ڪشمير ۾ موجودگي آهي. جا آزادي جي جدوجهد کي نهوڙي رهي آهي ۽ اسان جي ٽي وي ۽ بي بي سيءَ تان اُن جا لرزه خيز داستان نشر ٿي رهيا آهن. ڪشمير ۽ بين الاقوامي مبصرن کي بہ اُهو سڀ ڪجهہ نہ ڏيکاريو ويو جو اُتي ٿي رهيو آهي ۽ نہ انهن کي اهڙن ڪشميرين سان ملڻ نہ ڏنو ويو جي ساڻن ٿيل سارو جبر ۽ تشدد موثر ہوليءَ ۾ دنيا جي سامهون پيش ڪري سگهن ها. سارڪ سمٽ ۾ اهڙن معاملن تي بحث تہ پري رهيو. اُهي معاملا اُٿاري نہ ٿا سگهجن. جيتوڻيڪ سارڪ هڪ بي ضرر بين الاقوامي ادارو آهي، پوءِ بہ اُهو ڀارت تي اخلاقي دباءَ وجهي سگهي ٿو ۽ وقت بہ وقت پنهنجن ننڍين ميمبر ملڪن ۾ اتحاد جي ڪوشش ڪري سگهي ٿو. اها ڳالهہ ڀارت جي انهيءَ جواب ۾ خلل انداز ٿئي ٿي تہ اها پوري خطي ۾ سڀني کان وڏيڪ زوردار طاقت آهي.

ڪجهہ وقت تہ سارڪ جي ميمبر مُلڪن ائين سمجهيو تہ پاڪستان جي سارڪ ۾ دلچسپي گهٽجي وئي آهي ۽ اُن جو لاڙو (E.C.O_ Economic Cooperation Organization) ۽ وچ اوڀر جي جمهوريتن ڏانهن آهي. پر نيپال ۾ ٿيندڙ سارڪ جي ميٽنگ ۾ محترمہ بينظير جي شرڪت وري سارڪ ۾ نئين جان ڦوڪي ڇڏي ها. ليڪن ڀارت سارڪ جي سمٽ ميٽنگ هڪ سال لاءِ ملتوي ڪئي آهي. ڀارت اهو فيصلو هڪ طرفو ڪيو آهي. ان سان نہ رڳو سارڪ جي چارٽر جي خلاف ورزي ٿي آهي پر انهن بين الاقوامي توقعات جي بہ نفي ٿي آهي جي سارڪ جي آئنده جي باري ۾ هيون. جولاءِ ڏاري وزارتي سطح تي سارڪ جي ميٽنگ ڪوٺائي وئي آهي جنهن ۾ وزارتي سطح تي انهيءَ التوا تي غور ڪيو ويندو.

ممڪن آهي تہ سارڪ مان ڪوئي ڪڻ تيل نہ نڪري، پر پوءِ بہ ساري خطي ۾ ڪجهہ نہ ڪجهہ سياسي رابطو چڱو آهي. ڪوشش اها ڪئي وڃي تہ سارڪ کي فعال بنايو وڃي ۽ اُن جي ذريعي سارا مسئلا حل ڪيا وڃن. اڄ ڪلهہ جيڪي گفت و شنيد سان حاصل ٿئي ٿو اُهو تيروتفنگ سان حاصل نہ ٿو ٿئي. غالب ۽ مير ۽ اقبال ۽ ٽئگور جي ڌرتين ۾ ايترو گهڻو فاصلو بہ چڱو نہ آهي. اسان جا هڪ هزار سال کان بہ مٿي عرصي لاءِ پراڻا تعلقات آهن ۽ اُنهن ۾ وڏيڪ وڌ وجهڻ چڱي نہ آهي. ايئن نہ ٿئي جو وري پنتي موتي نہ سگهون ۽ اهڙي مهاڀارت واري جنگ ڇڙي پئي جو اُن جي تاريخ لکڻ لاءِ ڪوئي ويد وياس ئي نہ رهي، نہ اسان حضرت خواجہ نظام الدين اولياءَ ۽ معين الدين چشتيءَ جا درگاه بمن سان اُڏائڻ ٿا چاهيون ۽ نہ ڀارتي ئي چاهيندا تہ ساڌ ٻيلو ۽ نانڪانا صاحب کي مليا ميٽ ڪيو وڃي. اسان برهمڻ سان رام رام ڪرڻ لاءِ تيار آهيون جي هو ڪشمير جو

مسئلو حق ۽ انصاف سان حل ڪري ۽ انساني آزادي آهني بوٽن هيٺان نہ چيپاتي.

دنيا بدلجي وئي آهي. هر معاملو افهام ۽ تفهيم سان حل ڪيو وڃي ٿو. ڏکڻ آفريڪا کي سفيد فام اقليت کان آزادي ملي وئي، رابن- عرفات هٿ ملايا ۽ پاڪر پاتا، آءِ. آر. اي پنهنجا بم دفن ڪري ڇڏيا ۽ جنگين جي باوجود ٺهي ويا آهن. اسان جي مُلڪن کي بہ ڪشمير جو مسئلو ائين حل ڪرڻ گهرجي. آزاديءَ جي راهہ ۾ ڪافي انساني خون وهايو ويو آهي، هينئر رائيفل جي گهوڙي مان آڱر ڪڍي وڃي ۽ انسانن جي ڇاتين کي ڇيهون نہ ڪيووڃي. ڀارت گانڌيءَ جو ملڪ آهي جنهن پاڻ تي خوني حملہ آور کي بخشي ڇڏيو هو ۽ جو انساني حياتي وڻڻ ۾ وڏي ۾ وڏو پاپ سمجهندو هو. ڀارت مهاوير ۽ ٻڌ جو ملڪ آهي جي جيو هتيا کان وَنءُ ويندا ها. ڇا ڀارتين کي روئيندڙ ٻارڙين ۽ سينو پِٽيندڙ زائفن ۽ شهيد ٿيل مڙسالن تي ڪهڪاءُ نہ ٿو اچي؟ اُن جو وويڪ ڪٿي آهي؟ افسوس آهي تہ هي ووڪي آنند جو ديس وويڪ کان سواءِ ٿي ويو آهي! اسان اُن دؤر ۾ رهي رهيا آهيون جنهن ۾ هڪ ئي خطي ۾ رهندڙ ملڪ هڪ ٻئي سان اشتراڪ ڪري رهيا پيا آهن، جنهن ۾ اقتصادي اتحاد ڪيا وڃن ٿا ۽ان ڏس ۾ ڪيئي بين الاقوامي تنظيمون ٺاهيون ويون آهن. ملڪن کي دوستيءَ جي راهہ مان روڙا هٽائڻ گهرج ۽ هڪ ٻئي سان سهڪار ڪري هلڻ گهرجي.

سارڪ بہ هڪ اهڙي تنظيم آهي جنهن ۾ سڀني ميمبر ملڪن جي ترقيءَ جون ڪافي صلاحيتون آهن. اُن ۾ اقتصادي ترقيءَ جي وڏي گنجائش آهي بشرطيڪ ڪوئي مُلڪ هروڀرو ڏاڍ مڙسي نہ ڏيکاري ۽ هر ڳالهہ نيت پٽ سان طئي ڪئي وڃي. اسان جي ڀارت سرڪار کي گذارش آهي تہ ڪشمير تي پنهنجي پاليسيءَ تي نظرثاني ڪري ۽ سارڪ واري خطي جي بي حد اقتصادي صلاحيت جي ترقيءَ ۾ هٿ ونڊائي، اُن مان اُنهن سڀني ملڪن جو فائدو آهي جي سارڪ ۾ شامل آهن. مون کي يقين آهي تہ دنيا نيٺ بدلجندي ۽ هر مظلوم قوم کي حق ۽ انصاف پلئہ پوندو. نہ ڄاڻان هيءَ ڪنهن جو شعر برمهل سُجهي آيو آهي:

هي الجمل اعتماد مکي پرثباتِ دهر،
کاين کارخانہ ايست کہ تغيير مَي کُند.

(ترجمو: هن دنيا جي ٽڪاءُ تي ايڏو بہ ويساهہ نہ ڪر!
هي اُهو ڪارخانو آهي جو بدلجندو رهندو آهي).

*(14 مئي 1994ع)*

# مان ڪنهن کي دانهن ڏيان اي ڏرتي!

روانڊا وچ-اوڀر آفريڪا ۾ هڪ ننڍي پر ڏاڍي وَسيل جمهوريت آهي. 1962ع ۾ آزاديءَ کان اڳ اُها رئانڊا- اُرونڊي (Rwanda – Urundi) جو حصو هئي، جا يو. اين. جي تحويل ۾ هئي ۽ بيلجيم اُن جو انتظام سنڀاليندو هو. روانڊا اولهه طرف زائر (Zaire)، اُترِ طرف يوگنڊا، اوڀر طرف تنزانيا (Tanzania) ۽ ڏکڻ طرف بُرونڊي (Burundi) جهڙي سرحد تي آهي ۽ اُن جي آدم شماري 1985ع ۾ 6036000 هئي ۽ اُن جي ايراضي 26338 اسڪاير ڪلوميٽر آهي. اُها 1 جولاءِ 1962ع تي آزاد ٿي. 24 نومبر 1962ع تي ان جو آئين جوڙيو ويو جنهن موجب اُها بالغ راءِ دهيءَ جي بنياد تي هڪ صدارتي جمهوريت تسليم ڪئي وئي. صدر سربراهِ مملڪت بہ هو تہ حڪومت جو سربراهہ بہ هو. هُن پنهنجي وزيرن جي ڪابينا ناهي ۽ هر ڪنهن جي نگراني هيٺ پنهنجو کاتو هو. جمهوريہ جو پهريون صدر گريگري ڪائي بندا (Gregoire Kayibanda) هيو. هن پرم هتو (Parem Hutu) نالي 'هتو' قوم جي آزاديءَ جي پارٽي (Party of the emancipation of Hutu people) ناهي. هن کي 1965ع ۾ نئين اليڪشن کان بہ مهينا اڳ، ميجر جنرل هيبيالي مانا هن جي حڪومت جو تختو اونڌو ڪيو ۽ قومي اسيمبليءَ، 'پرم هتو' ۽ هر سياسي سرگرميءَ کي معطل ڪري ڇڏيو. هيبيالي مانا خود سربراهہ مملڪت ٿيو ۽ شهري اڪثريت سان پنهنجي ڪابينا ناهيائين. 1975ع ۾ سرڪار هڪ نئين پارٽي ناهي، جنهن جو نالو نئشنل رووليوشنري موومينٽ فار ڊويلپمينٽ (M.R.N.D- ترقيءَ لاءِ قومي انقلابي تحريڪ) رکيو ويو.

روانڊا جو سڀ سياسي مسئلو هُتو - تُتسي تصادم هو. 1960ع ۾ بروندي، تنزانيا ۽ يوگنڊا مان تُتسو پناهگير روانڊا تي بار بار ڪاهي آيا ۽ اُن تي قبضي ڪرڻ جي ڪوشش ڪيائون انهن ڪاهن جي ڪري، روانڊا ۾ مُلازم پيشي تُتسين لاءِ خطرو پيدا ٿيو. روانڊا ۾ تُتسي فوج، پوليس ۽ وزارت داخلا ۾ ملازم ڪونہ آهن. 1973ع ۾ ثقافت تصادم ٿيا. تُتسي قوم جا ماڻهو نوڪرين مان خارج ڪيا ويا، کي ماريا ويا ۽ کي ملڪ ڇڏي ڀڄي ويا. 1970ع جي وچ

ڏاري هٽو قوم ۾ـ علائقائي تصادم پيدا ٿيا. ڏکڻ ۽ اوڀر وارن علائقن جا سياست دان، جي شهري حڪومت تي قابض هيا، سي اُتر جي ملٽري حڪومت سان ناراض هيا.

پرڏيهي ناتن جي لحاظ کان روانڊا مغرب ڏانهن مائل هئي. ان بيلجم مان تعليمي، ملٽري ۽ ٽيڪنيڪي ماهر پنهجيءَ ملازمت ۾ رکيا ها. روانڊا يو. اين جو ميمبر ملڪ آهي، آفريڪا جي اتحاد لاءِ تنظيم ۽ ائفرو مئلاگاسي (Afro_ Malagasy) ۽ ماريشس جي متحده تنظيم بـ شامل آهي.

گذريل مهيني رُوانڊا ۾ بي انتها تشدد ڦاٽ ڪاڏو آهي. هراسيل مرد، زالون ۽ ٻار تنزانيا ڏانهن لڏي ويا. ادائي لکن جوانساني انبوهہ گهاٽن ٻيرن سان ڇانيل پهاڙين ۾ پکڙجي ويو. فساد قبائلي هيا، جي ڏسي ڪنهن پادريءَ چيو هو تہ ”جهنم ۾ شياطين نـ رهيا آهن اُهي سڀ روانڊا ۾ اچي ڪٺا ٿيا آهن“ هيل بارشون ڏاڍيون پيون هيون ۽ سرسبز سرزمين تي نديون نالا ڏنيءَ ڪَنيءَ تي وهيا. ڪُجهہ ڏينهن کان پوءِ اُنهن مان لاش ڳاڙهن گُڏن گڏين وانگر ٽُبڙڪا ڏئي نڪري آيا. خوش نصيب اُهي ها جي ڀڄي ويا ها. روانڊا جي قوم پرست محاذ جي ٽُتسي قيادت لُڙاتيل پاٽيءَ جي ريلن ۾ ڳيا ڳيا بدن ڏسي، ڪنهن آبشار وانگر اڳتي وڌي رهي آهي. مقتول اڪثر ٽُتسي آهن جن جون گردنيون سرڪاري فوجن ۽ هُتو قوم مان شهري مليشيا اُڏايون آهن، جا اقليت ۾ آهي ۽ جا هڪ مشڪوڪ هوائي حادثي ۾ 6 اپريل تي روانڊا جي هُتو صدر جي موت جو پلئُہ وٺي رهي هئي. پر عام هجرت (Mass Exodus) هُتو قوم جي ٿي رهي آهي، جا اڳتي وڌندڙ ٽُتسي فوج جي انتقام کان ڊنل آهي.

بيناڪو (Benako) ڪئمپ ۾ هزارين ڇنل ڦاٽل ڪپڙن وارا هُتو پناهہ گزين وٺن هيٺان ڪٺا آهن. پلاسٽڪ جي چادرن تي سمهن ٿا ۽ بارش اُنهن تي موسلادار وسي رهي آهي. جڻ انجيل واري زماني جي لڏپلاڻ ياد اچي رهي آهي. قتل ۽ غارت جي گرم بازاري آهي. برونديءَ ۾ پناهگيرن جون تصويرون ڏسي هانءُ لڏي وڃي ٿو. ڪير ٿوچوي تـ انسان ۾ قابيل مري ويو آهي؟ قابيل اڳي کان بـ وڌيڪ قاتلانـ جذبا رکي ٿو ۽ هابيل اڳي کان وڌيڪ هيسيل آهي. آدم جي اولاد لاءِ ناممڪن ٿي پيو آهي تـ پنهنجي بهشت ڏانهن موٽي سگهي. بين الاقوامي تنظيمون پناهگيرن کي بُکيو تـ نـ ٿيون ڇڏن پر هن لاءِ صفائي نـ آهي، اَجهو نـ آهي، پيئڻ جهڙو پاڻي نـ آهي، پيٽ ۽ ساهہ جي نلين جو وبائون ۽ مليريا عام ٿي وئي آهي.

بي بي سيءَ تي هڪ دور ديس جو دک ڏسي دل دهلجي وڃي ٿي. اهي بـ تـ اسان جهڙا انسان آهن، انهن کي بـ هيءَ زندگي فقط هڪ ڀيرو ملي آهي.اُنهن جهڙي حالت اسان سان بـ ٿي سگهي ٿي؟ انسان جي روح ۾ ڄُرڙن آهن جن ۾

واڳهہ ۽ بگهڙ چپ ماري ويٺا آهن ۽ اوچتو رومڙ ڪري اُپري اچن ٿا. خدشو آهي تہ تنزانيا جي سرحد تي تتسي ۽ هتو قوم جا ماڻهو هڪ ٻئي کي ڳيا ڳيا ڪري وجهن ۽ هڪ ٻئي جي ائين رت پيئن جيئن امير حمزي جي زت منتقم مزاج حمزه پيتي هئي. هيل تائين تُتسي قوم جا پنج لک ماڻهو ماريا ويا آهن. پناهہ گير مٽن تي هڙون ۽ پيتون ڪٽي ويندا تا نظر اچن ۽ انگريزيءَ ۾ سياسي رسالا اُنهن جي لرزه خيز تصويرن سان ڀريا پيا آهن. روانڊا ۾ الزام تراشين جي پٺي پيانڪ سازشون ٿي رهيون آهن. هتو حڪومت جا اعتدال پسند ميمبر ڳولي ڳولي ماريا ويا آهن. هتو وزيراعظم ۽ ٻيا وزير خانہ جنگيءَ جي پهرين ڏينهن ماريا ويا ها. پهرين قتل وَغارت جو سبب ثقافت تضاد ڪونہ هو. سبب محض سياسي هو. وڏي عذاب ۾ تہ اعتدال پسند آهن. هن ڪي تُت شدت پسند بہ قتل ڪن ٿا تہ هتو شدت پسند بہ قتل ڪن ٿا. اڳواڻ عوام کي پنهنجي سياسي مقصد لاءِ چُرچ ڏٺي هڪ ٻئي جي خلاف اُپاري رهيا آهن. جن روانڊا کان ٻاهر پناهہ ورتي آهي، اُنهن تي بہ بمباري ڪئي وڃي ٿي. هٿيار بند هُتو جن کي دانشورن ۽ پيشہ ور ماڻهن جو فهرستون آهن، اوچتو ڪئمپ تي حملو ڪري، ڪيئي تُتسي ماري ڇڏن ٿا. جيئن ثقافتي صفائي ٿي وڃي. پروهت جن تُتسي قوم جي ماڻهن کي پناهہ ڏني، اُهي بہ ماريا ويا. ڪنهن اعتدال پسند چيو: ”پهرين اها سياست هئي، هاڻي قتل عام آهي.“

فلاح عام لاءِ ڪم ڪندڙن، ڪوس کي روڪڻ جي ڪوشش ڪئي پر انساني جنون هٿن مان نڪري ويو. ڪيدين کي چيو ويو تہ ڳند ڪڙڇ ۾ ڦهليل لاش ڪٺا ڪن، هو ٽرئڪٽر لاشن سان ڀري ويا ۽ مشترڪ قبرن ۾ سٽيندا ويا. ڪنهن ڪنهن وقت تہ هزارين لاش هڪ قبر ۾ پوريائون. جڻ نازي جرمنيءَ جي ياد تازي ٿي وئي. پاڻيءَ ۽ بجليءَ کان سوا، ڪاڏي لاءِ ٻاهر هٽ پير هڻڻ کي جان جو جوکو سمجهي، شهري گهرن ۾ سوگها ويٺا رهيا ۽ ڪيڪڙا تيون ٻڌندا رهيا جڏهن فوجي گهر گهر جي تلاشي وٺي، خونريزي ڪندا رهيا. ريڊڪراس جا ورڪر ايتري بي رحمي ڏسي حيران ٿي ويا. ماڻهو ايترا ڇتا ٿي پيا جو چوويهن ڪلاڪن ۾ اڍائي لک ماڻهو ماريا ويا. ڪي تُتسي قبيلي جا ها، گهڻا هُتو قبيلي جا ها.

دراصل بيلجم جڏهن 1962ع ۾ روانڊا کي آزادي ڏني هُئي، تڏهن اهڙي غارت گريءَ جا امڪان پيدا ٿي چُڪا ها. هونءَ بہ جتان سامراج ويو آهي، اُتي نفرت جا ٻج ڇٽي ويو آهي جي ٿوري عرصي ۾ وڏي وڻ ٿيا آهن ۽ ماڻهن هڪ ٻئي جو چڪين ماس ڪاڏو آهي، روانڊا جي سماج ۾ بہ هڪ گهر ڀاتيءَ سان اختلاف جي ڪري، گهر جو گهر تباهہ ڪيو ٿو وڃي.

اها حقيقت آهي تہ پاڻ کان وڌيڪ تعليم يافتہ تُتسي ماڻهن کي دبائڻ لاءِ، هتو گورنمينٽ ثقافتي تضاد وڌايا ۽ نسلي فساد ڪرايا ۽ اُتر ۾ ذڪر جي هتو

قبيلن ۾ اقتدار لاءِ جدوجهد تان ڌيان هٽائڻ لاءِ اهو ڪامياب حربو هو. ڪنهن قانون ۽ سياست جي بيلجم پروفيسر چيو:

"Ethnicity does not necessarily have to give rise to violence, but one can easily manipulate ethnicity to throw people against one another."

(ترجمو: اهو لازمي نه آهي ته ثقافتي تضاد جي ڪري تشدد ٿئي پر ثقافتي تضاد توڙي مروڙي ماڻهن کي هڪ ٻئي سان ويڙهائي سگهجي ٿو.)

جڏهن هُن جا مفاد ان ۾ها ته صدر هبياري مانا گهڻ- ثقافتي قوم جو دلداده هو. 1980ع جي آخر تائين هُن جي اقتصادي حالت دم توڙي رهي هئي، ڏُڪار ڦهلجي رهيو هو ۽ هن جو اقتدار تي قبضو ٿاڪئون ٿي لڳو جنرل ضياءَ وانگر هن ڪجهه ظاهري سڌارا آڻڻ چاهيا. هن پريس کي ڪجهه آزاديون ڏنيون ۽ ڪن قابل ڌرين کي گورنمينٽ ۾ به شريڪ ڪيو. 1990ع ۾ تُتسي محب الوطن محاذ جي جلاوطن تُتسين يوگنڊا مان حملو ڪيو ۽ خانه جنگي ڇڙي وئي، جيڪا گذريل آگسٽ ڪجهه ڍري ٿي وئي ۽ معاهدو ٿيو ته اقتدار ۾ ٻنهي ڌرين جي شرڪت ڪئي ويندي. تُتسيءَ قوم کي هڪ قومي اتحاد واري گورنمينٽ ملندي ۽ تُتسي ۽ هتو قومن جي وچ ۾ فوج امن برقرار رکندي. هتو قوم ۾ شدت پسندن کي اهو سمجهوتو ڏکيو لڳو ۽ سازشون ٿيڻ لڳيون. ٻاهران ائين لڳو ته اوچتو ڇڻ ثقافتي نفرت جو جوالا ڦاٽي پيو جيتوڻيڪ اُن لاءِ باقاعدي رٿابندي ڪئي وئي. ان ڳالهه جي پڪ ته نه آهي پر صدر جي قتل ۾ هن جي محافظن جو هٿ سمجهيو ٿو وڃي. روانڊا ۾ جيڪي ڪجهه ٿيو دنيا جي ڪنهن به حصي ۾ ٿي سگهندو آهي ۽ ڪيترن ئي سالن لاءِ اهڙيءَ ڳالهه جو خطرو آهي. اهي جنگيون ڪي ملڪي مدبر نه ٿا ڇيڙين. نه انهن ۾ فوجون ٿيون وڙهن ۽ نه اُنهن کي معاهدا ختم ڪن ٿا. ڇڻ تاريخ جو اونداهو دؤر موٽي آيو آهي جتي ثقافت، تاريخ، مذهب، سياست، اقتصاديات ملي جلي هڪ جوالا ٺاهن ٿا. جيڪو جڏهن ڦاٽي ٿو ته ڪنهن تي رحم نه ٿو ڪري ۽ نه قومون عاد، ثمود ۽ لوط جي قومن وانگر فنا ٿي وڃن ٿيون.

روانڊا ۾ نه ائٽم بم آهن، نه ميزائل آهن ۽ نه وڏيءَ ٽيڪنالاجيءَ واري ويڙهه آهي. رڳو نفرتون آهن ۽ انسان هڪ ٻئي کي ڪُتن وانگر ڪائن ٿا. هيءَ جنگ نه آهي، جرم جو ارتڪاب آهي، فقط خونين جا خوفائتا خواب حقيقت ٿيندا نظر اچن ٿا. عراق کان اڳينءَ سوويت يونين تائين، اقتدر جي مشينري، ٿاڪئين آهي ۽ سرحدن تي نادان يا نااهل سفارتڪار پنهنجا حق ڇمائي رهيا آهن. ۽ پراڻن حقن ۽ قومن نفرتن کان بنهه اڻ ڄاڻ آهن. ڪُرد عراق ۽ ترڪيءَ خلاف آزاديءَ جي جنگ وڙهي رهيا آهن تامل سنهالين خلاف سري لنڪا ۾ نبرد آزما آهن،

آرميني آذر بائيجان سان ڳنڍيا پيا آهن ۽ نگورنو ڪارا باخ تي هڪ ٻئي جا آنڊا ڪڍي رهيا آهن. باسنيا ۽ سربيا ۾ ثقافتي رڳڙو هزارين جانيون وٺي چڪو آهي. گذريل هفتي يمن آتش ۽ آهن جي حوالي ٿي ويو آهي. ڪشمير ۾ مارا ماري جاري آهي. اهو سڀ ڏسي ڪنهن وقت سوال دل ۾ اچي ٿو:

”يا خدا تنهنجي قيامت ڪيتري دور آهي؟ ڌرتي ماڻهو جي رهائش جي قابل نہ رهي آهي.“

*(15 مئي 1994ع)*

# چين ۽ چيني ڪميونزم جو مستقبل

1943ع ۾ مان ايڊگرسنو (Edgar snow) جو ڪتاب 'چين تي سرخ ستارو' (Red star over China) ۽ 1962ع ۾ 'نديءَ جو ٻيو پاسو'، 'سرخ چين اڄ ڪلهه' (The other side of River) پڙهي مان ايڊگرسنو جون چين جي باري ۾ توقعات ڏسي حيران رهجي ويو هوس. پوئين ڪتاب جي پهرين صفحي تي پاسڪل (Pascal) جي هيٺين ءَ چوٽي ڪجهه سوچڻ تي مجبور ڪيو هو:

A strange justice that's bounded by a river! Can any thing be more ridiculous than that a man should have the right to kill me because he lives on the other side?

(ترجمو: حيرت جهڙو انصاف آهي. جنهن تي ڪنهن درياهه جي سرحد آهي! ڇا ان کان وڌيڪ ڪائي کلڻ هاب ڳالهه آهي ته ڪنهن ماڻهوءَ کي فقط انهيءَ ڪري قتل جو حق آهي. ڇاڪاڻ جو هو درياهه جي ٻي پاسي رهندو آهي!)

ڪنفيوشس تائوءَ ۽ ٻڌ جو مُلڪ. جنهن جي آدمشماري ڌرتي جو پوري آدمشماري جو پنجون حصو آهي ۽ جنهن لاءِ عوامي جمهوريه جو اعلان چيني ڪميونسٽ پارٽيءَ پهرين آڪٽوبر 1949ع تي ڪيو هو. ڪيترو نه بدلجي ويو آهي ۽ مائوءَ جي سُرخ ڪتاب جي ڪيترو نه برعڪس آهي. اُن ۾ تبديلي ڏسي پاڪستان جا چين نواز ڪميونسٽ، جي روس کي ترميم پسند (Revisionist) چئي مسترد ڪندا ها، پاڻ ڪيترو نه تڙڪي پيا آهن! اُهي هن وقت سوچي به نه ٿا سگهن ته ڪئن مائوءَ جي ثقافتي انقلاب ايترو رڻ ٻاري ڏنو جڻ هلاڪو ۽ چنگيز نئون جنم وٺي آيا. نه اهو سوچي به نه ٿا سگهن ته چيني رهنما زوا ين لاءِ ۽ لن پيائو ائين صفحهءِ هستيءَ تان مٽايا ويا جيئن ڇيو ويو آهي! نه اها ڳالهه اُنهن جي وسهڻ ۾ ٿي اچي ته جڏهن 9 سيپٽمبر 1974ع تي مائو مري ويو. تڏهن پالٽ بيورو جا چار اهم رُڪن، مائوءَ جي زال چيانگ چنگ سوڌا، 'چئن جو ٽولو' چئي خوار خراب ڪيا ويا، ٻڌا ويا ۽ انت ڦاهي تي چاڙهيا ويا ۽ تڏهن کان ڊينگ زيائوپنگ (Dengxiaoping) اقتدار تي پهريائين ظاهر ظهور ۽ هاڻي پس پرده قبضو ڪري ويٺو آهي ۽ چين ۾ جمهوريت جو وڏو دشمن آهي. پنهنجي ۽ پنهنجي ٽولي

جي اقتدار کي برقرار رکڻ لاءِ تاءِ نان مين اسڪوائر ۾ هُن ڪوس ڪرايو هو تہ جيئن چيني جوانن کي گورباچوف واري روس جي هوا نہ لڳي.

هوءَ تہ ڊينگ جي اقتدار ۾ اچڻ کان پوءِ چين جدت پسنديءَ ذانهن تيز قدم وڌايا آهن ۽ دنيا جي اکين اڳيان ايترو پوشيده بہ نہ رهيو آهي. 1982ع ۾ نئون آئين لاهيو ويو جنهن ۾ 1977ع واري آئين ۾ شامل ڪيل مائوءَ جي تعريف ۾ فقرا ڪٽيا ويا ۽ 1989ع کان وٺي زرعي اصلاحات وجود ۾ آيا. چيني ڪسان انفردي طرح زمين جا ڪاشتڪار ۽ پيداوار جا ذريعا سمجها ويا ۽ شهرن ۾ ٿوري پئماني تي واپار کي همٿايوويو ۽ صنعتي مهمن ۾ مرڪزيت ختم ڪئي وئي (Decentralize ڪيون ويون)

پر حالت اها آهي تہ چين ۾ رشوت ستاني ۽ بدعنواني ويا وانگر ڦهلجي وئي آهي ۽ تمام ٿورا ماڻهو آهن جي ان جي گهاٽي ۾ پيسجن نہ ٿا.ٻهراڙيءَ ۾ مقامي عملدار اناج مان اُپت ۽ ٻي آمدني، رياستي منصوبن ڏانهن لاڙن ٿا جي جوا وانگر هار جيت کان بي نياز آهن. شهري ماڻهو تيلي فون جي بلن کان وٺي اسپتال ۾ علاج لاءِ خرچ پاڻ ڀرن ٿا. ايئن آهي تہ هاڻي چيني عوام اهي پيسا ڀري سگهن ٿا ۽ انڪري عملدار هٿ هٺي اُنهن جا کيسا ڦولهن ٿا ۽ اُنهن جي ڳُنڍ ڪُڙڇ ۾ ڳولن ٿا. هڪ مغربي سفارتڪار اُنهن جي باري ۾ چيو "جتي گوشت هوندو اُتي مکيون ضرور مڙنديون."

ڪجهہ هفتا اڳ چيني سپريم ڪورٽ جي چيف جج فتويٰ ڏني تہ اڳئين وائيس منسٽر هڪ ناڪام مخروطي منصوبي(Pyramid Scheme) ۾ غبن ڪيو هو. 1949ع کان ڪيترن ئي عهديدارن کي غبن لاءِ سزائون ڏنيون ويون آهن.ڪڏهن تہ اُهي ويهہ سال قيد بامشقت آهن، ڪڏهن موت جون سزائون آهن.بيجنگ ۾ مٿين سزا جو ٻُڌي، هڪ مشرقي سفارتڪار چيو "مان تہ سنڪي (Cynical)تي پيو آهيان،هڪ وائيس منسٽر لاءِ اها سزا ڪافي نہ آهي."

اهڙي Skepticicism لاءِ سبب بہ آهي. رشوت ستانيءَ خلاف ماضيءَ ۾ اهڙيون ڪيئي ڪارروايون ڪيون ويون آهن ۽ توڙي اُنهن کي ڪافي مشتهر ڪيو ويو آهي، نتيجو ڪوئي خاص نہ نڪتو آهي. بالا علمدارن(Geronteracy)جي اولاد نوڪرين ۾ دولت جا انبار ڻاهيا ويا آهن. عدليہ کي وڏيڪ آزادي ۽ هڪ خودمختيار پريس گهرجي. چين ۾ اجا تائين اهڙا ادارا ڪونہ آهن. مغربي چاڻو چون ٿا تہ جيستائين اهڙا ادارا وجود ۾ اچن، تيستائين هر ڪم لاءِ رشوت ڏيڻي پوندي ۽ حڪومت گرئفتو ڪرسي (رشوت خور ادارا Grafocracy) تي پوندي، بيجنگ خود ان ڳالهہ جو اعتراف ڪيو

آهي تہ فقط آن-هُواءِ (Anhui) صوبي ۾ تي لک ماڻهو آهن. جن مان پنجون حصو سرڪاري علمدار آهن. جي هو ڪافي زياده سود تي پئسا ڏين ٿا. خانگي گهر اَڏن ٿا. هو ڪافي مهانگو ۽ عمدو فرنيچر وجهن ٿا. جوا کيڏن ٿا ۽ پيشہ ور عورتن وٽ وڃن ٿا. رپورٽ ۾ انهن جو غبن جو اندازو 141 ملين ڊالر ڏيکاريو ويو آهي.

باربار منع ڪرڻ جي باوجود. آفيس لاءِ نهايت اعليٰ سامان ورتو وڃي ٿو. ميٽنگن ڪرڻ جي بهاني سان سفر ڪيا وڃن ٿا ۽ ڪاڏي پيتي تي بي تحاشا خرچ ڪيو وڃي ٿو. ان لحاظ کان پاڪستان، هندستان ۽ چين ۾ ڪوئي فرق نہ آهي. جيڪو شخص جيترو رهڙي سگهي ٿو اکيون ٻوٽي ٿو رهڙي. اسان وانگر چين ۾ رشوت ايتري وڏي چُڪي آهي جو ماڻهو ٽرينن ۾ رشوت ڏئي جايون رِزَرو ڪرائن ٿا. اسپتالن ۾ مريض شڪايت ڪن ٿا تہ وڏيءَ ڪان سوا وڏڪپ ۽ دوا درمل نہ ٿو ٿئي. ڪئمپسن تي ڪاليجن جا منتظم شاگردن کان مقرر فين کان وڌيڪ فيون وٺن ٿا ۽ جي اُهي ٻاهر پڙهڻ لاءِ درخواستون ڏين ٿا تہ جيستائين سندن پيءُ نہ ٿا ڀرن تيستائين هو سندن پاسپورٽ روڪي ٿا ڇڏن. ڪوڙيءَ ڪي ئي گهمرو آهي. ويجهيءَ چڪ ۾ تہ رشوت خوري ڏاڍي وڏي وئي آهي. ڇوتہ سرڪار اقتصاديات کي پاڻ پرو ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ۽ مارڪيٽ ۾ چٽا پيٽي ڪرائي اٿائين. (Market Oriented footing) ڏني اٿائين.

چيني ٻاهر واپار ڪندڙ افسر شاهي جي لوڀ لالچ ۽ پَٽ سَٽ کان ڪڪ ٿي پيا آهن. هڪ مغربي ڪمپنيءَ ويجهڙائيءَ ۾ هر ٽيلي فون لاءِ هڪ هزار ڊالر رشوت ڏني مس تہ وري ان کان ترت اُڪلاءَ لاءِ بہ هزار ڊالر في فون وڌيڪ ورتا ويا. تازو هڪ مغربي تاجر اخبار نويسن کي دانهن ڏني تہ هڪ ڪسٽم انسپيڪٽر سندس فرم جي بر آمدات ۾ رُڪاوٽ وجهڻ جي ڌمڪي ڏني. جيستائين فرم هن جي پاءَ کي پاڻ وٽ ڊرائيور جي ملازمت نہ ڏني.

قانوني ادارا بہ صحيح طرح ڪم نٿا ڪن. هڪ هانگ ڪانگ جي تاجر. چوءِ چي منگ کي گرفتار ڪيو ويو ۽ هن تي سون جي اسمگلنگ جا الزام هنيا ويا. هو ٽي مهينا قيد ۾ هو. تحفظاتي ادارن هن کي موت جي سزا جا دڙڪا ڏنا ۽ 5 لک ڊالر رشوت گهري. هاڻ چوءِ ڪيس لڙي رهيو آهي تہ هن کي اُهي هزارين ڊالر موٽائي ڏنا وڃن جي پوليس هن کان تلاشي ۾ هٿ ڪيا ها پر واپس نہ ڪيا ها ۽ ڪيس ڏنڊي ۾ نقصان لاءِ عيوضو ڏياريو وڃي.

عدالتي فيصلن ۾ بہ انڌ ڌند آهي. چين جي ساموندي ڪناري تي ڦُرلٽ ۽ ڌاڙن جا واقعا عام آهن. ڪسٽم ۽ ماهي گيرن سان ملي شيون سمگل ڪيون وڃن ٿيون. ٽريڊ مارڪ جي چوري (Piracy) بہ ٿئي ٿي. جيتوڻيڪ هاڻي اُها

سخت ڪاروائيءَ ڪري گهٽي آهي. نہ رڳو زهريلين ڪيڙي مار دوائون ۽ بيئر جون اهڙيون بوتلون ناهيون وڃن ٿيون جي پاڻ ئي تڙاخ ڪري ڦاٽي پون ٿيون پر اهڙن شين جي ميڊيا تان مشتهري بہ ٿئي ٿي. چين ۾ رشوت ستانيءَ ۽ بدعنواني روز بروز پليگ وانگر وڌي رهي آهي.

سترهين صديءَ جو هڪ پهاڪو آهي:

A dog will not howl if you beat him with a bone.

(ترجمو: هڪ ڪُتو دانهن نہ ڪندو جي هُن کي هڏي سان ڪُٽبو.)

چين ۾ بہ اها حالت آهي. چين ۾ خدا جو خوف شروع کان ڪونہ آهي. چين جا ٽئي پيغمبر ڪنفيوشس، تائو ۽ ٻڌ خدا جو وجود تسليم نہ ڪندا ها ۽ اُنهن جي مذهب ۾ خدا جو ڪوئي ذڪر نہ آهي. خدا ۾ اعتبار کان سواءِ ضمير ۾ اعتبار ڏکيو آهي. ڪنهن چيو هو تہ:

Conscience: the inner voice which warns us that some one may be looking.

(ترجمو: ضمير: اهو اندريون آواز جو اسان کي اطلاع ڏئي ٿو تہ ڪوئي اسان کي ڏسي رهيو آهي)

چيني ڪميونزم دانشور طبقي کان بہ آزادي کسي آهي. 14 مئي 1994ع جي خبر آهي تہ واشنگٽن جي دٻاءَ هيٺ چين هڪ سياسي قيدي ڇڏيو جنهن کي تاءِ نان مين اسڪائر (Tainan men square) ۾ احتجاج سبب 1989ع ۾ گرفتار ڪيو ويو هو. ان قيديءَ جو نالو چين زنگ (Chen Zing) هو ۽ هن کي ويهہ سال ٽيپ ڏني وئي هئي ڇو تہ هُن جمهوريت لاءِ تحريڪ جي حمايت ٿي ڪئي ۽ تحريڪ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو هئائين. اها رهائي اُن فيصلي کان ڪجهہ هفتا اڳ ڪئي وئي جڏهن صدر ڪلنٽن جي انتظاميہ اهو طئہ ڪندي بيجنگ ۾ انساني حق بحال ٿيا آهن يا نہ ۽ اُن کي يو. ايس سان واپار جو رعايتون ڏنيون وڃن يا نہ. بل ڪلنٽن چيني اڳواڻن کي 3 جون تائين مدو ڏنو آهي تہ هو انساني حقن جي باري ۾ پنهنجي رويي ۾ تبديلي آڻن نہ تہ اُنهن کي "سيني کان زياده مراعات يافتہ قوم" جي حيثيت نہ ڏني ويندي ۽ ڪيئي بلين ڊالر امداد روڪي ويندي.

چين هونءَ واپار جو انساني حقن سان لاڳاپو رکڻ نٿو چاهي پر ويجهيءَ ڇڪ ۾ اُن واشنگٽن کي راضي ڪرڻ لاءِ اِن ڏس ۾ ڪجهہ قدم کنيا آهن.

حيرت آهي تہ چين جي انقلاب کي چاليهن سالن کان مٿي عرصو ٿيو آهي پر سياسي حالتون روز بروز اُبتڙ ٿي رهيو آهي.

لينن ڪنهن وقت هام هنئي هئي:

While the state exists, there's no freedom: when there's freedom, there will be no state.

(ترجمو: جيستائين رياست جو وجود آهي تيستائين آزادي نه هوندي، جڏهن آزادي ايندي تڏهن رياست نه هوندي)

75 سال روسي ڪميونزم هلي، رياست ڏينهون پوءِ ستم ڪيش ٿيندي وئي، جيستائين يو. ايس. ايس. آر ختم ٿي وئي. چين ۾ نه رڳو آزادي نه آئي پر ڪميونزم نالي ماتر وڃي رهي آهي ۽ رياست ڏينهون پوءِ ارڙ نانگ وانگر ڦڪاري رهي آهي. جيڪڏهن چين يو. ايس کان بيک نه مڱي ته اها ٿورڙي آزادي به نظر نه اچي. فيض احمد 'فيض' هڪ ساده لوح شاعر هو ۽ جڏهن مائوءَ جي زماني چين جي دوري تي ويو هو تڏهن چيني عوام جي باري ۾:

"بازو ہیں مرے ساٹھ کروڑ"

لکيو هئائين. شاعريءَ کي سياست سان ملوث ڪري، شاعر پنهنجي تخليق کي گُهٽو ڏئي ٿا مارن. هاڻي ته چين ۾ ڪميونزم جي رک وڃي رهي آهي. فارسي شاعر مشفق ڪاشانيءَ ڪهڙو نه چڱو چيو آهي.

ز آتشِ اين كاروان خاكستري برجا نه ماند،
مي زنم برآب نقش انتظارِ خويش را.

(ترجمو: هن قافلي جي باهه ۾ رک به نه رهي آهي، مان پنهنجي انتظار کي پاڻيءَ تي چٽ ٺو پيانيان).

(17 مئي 1994ع)

# پاڪ هند _ تعلقات

فارسي شاعر حزين جو شعر هو:

از بنارس نه روم معبدِ عام اَست اين جا،
ہر برہمن پسرے لچھمن و رام است اين جا۔

(ترجمو:بنارس مان جيڪر نه وڃان، ڇو ته هتي عبادت گاهه آهي.
۽ هر برهمڻ لڇمڻ ۽ رام جو پٽ آهي)

انهيءَ بنارس(هاٽي وراڻسي)تي غالب فارسيءَ ۾ خوبصورت مثنوي لکي آهي، جنهن جو سنڌيءَ ۾ ترجمو سندري اُتم چنداڻيءَ ڪيو آهي. انهي بنارس ۾ جڏهن هندي رسم الخط لازمي ڪيو ويو تڏهن سرسيد احتجاج ڪندي چيو: ”هاڻي ايترو پري وڃي پونداسين جو وري نه ملنداسين“.

ان ڪان پوءِ سرسيد ڪاليج ناهي جا نيٺ عليگڙهه يونيورسٽي ٿي، جتي پاڪستان جي تحريڪ جا نظرياتي بنياد رکيا ويا، جنهن کي مسدس حاليءَ ۽ مفڪرِ اسلام علامه اقبال جي بال جبريل ۽ ضربِ ڪليم ۾ اُردو ڪلام ۽ فارسي شاعريءَ نظرياتي ۽ جذباتي پس منظر ڏنو. جڏهن علامه اقبال شڪوه ۽ جواب شڪوه مشاعرن ۾ پڙهندو هوتڏهن هندستاني مسلمان راز راز روئيندو ها. آنت هندي مسلمان بنارس ۽ پارت ۾ بي هر هنڌ پنهنجا تاريخي يادگار ۽ آبا ۽ اجداد آخرين آرام گاهه ڇڏي پاڪستان آيا. اوپر پنجاب جا مسلمان ته اولهه پنجاب ۾ چڱيءَ طرح کپي ويا، ڇو ته زبان ۽ ثقافت جي لحاظ کان منجهن خاص فرق ڪونه آهي بيا مسلمان، جن مان اڪثريت اُردو ڳالهائيندڙ جي هئي، اجا تائين سنڌ سان وابستگي پيدا نه ڪري سگهيا آهن. جاگرافيءَ، تاريخ ۽ ثقافت ۾ مڪمل تبديلي لاءِ صديون لڳنديون آهن.

جيستائين سنڌي مسلمانن جو سوال آهي اُنهن جا آبا ۽ اجداد ته هتي پوريل آهن ۽ انهن جو ثقافتي پس منظر سنڌ جو آهي ۽ پارت ۾ جيڪي سنڌي آهن اُنهن سان اسانجا رڳو لساني رابطا آهن جي به وقت جي گرد و غبار ۾ ڍڪجي ويا آهن.

ايئن آهي ته آمريڪا چاهي ٿي ته پاڪ-پارت رشتا ناتا بهتر ٿين، نفرت ۽

شڪ گهٽجي. جي مسئلا تقسيم پيدا ڪيا آهن،اُهي ۽ انهن مان پيدا ٿيل مونجهارا حل ٿين. هاڻي جڏهن دنيا هڪ بلاڪي (Unipolar) آهي، تڏهن آمريڪا انهيءَ ڏس ۾ ڪافي مدد ڪري سگهي ٿي.

اسان جي وچ ۾ ڪشمير جو مسئلو اسان لاءِ نهايت اهم آهي ڇو ته اُتي ڪافي رتو ڇاڻ ٿي رهي آهي ۽ حريت پسندن کي ڀارتي فوج ائين تهس نهس ڪري رهي آهي جيئن اوپر پنجاب ۾ سک بنياد پرستن کي ڪيو ويو.خوشنت سنگهه جي تازي ڪتاب ”رتو رت پنجاب“ (The Bleeding Punjab) مان واضح آهي ته هن جهڙو هندو تعصب جو مخالف اديب به اهو لکڻ تي مجبور ٿي ويو آهي ته: ”خالصتان ايڪٽينڊار ۾ ته نهي سگهي ٿو. ذڪڻ قطب (South Pole) تي ته نهي سگهي ٿو پر هندستان ۾ نهي نه ٿو سگهي.“

اسانجي حڪومت نيڪ ڪيو جو ان ڳالهه کي نه همٿايو. ڪشمير جو مسئلو جدا نوعيت جو آهي. زنده آهي ۽ ڏينهون ڏينهن پوءِ شديد ٿيندو ٿو وڃي. جي آمريڪا چاهي ته ان ڏس ۾ مدد ڏئي ٿي سگهي. هونئن به هن وقت تائين آمريڪا جو لاڙو پاڪستان ڏانهن رهيو آهي. 14 مهينا اڳ ٿامس پڪرنگ (Thomas pickering) نئي دهليءَ مان ماسڪو موڪليو ويو ۽ اڄ تائين ڀارت ۾ آمريڪا جو سفير مقرر ڪيو نه ويو آهي. فرئنڪ وزنر، مصر ۾ آمريڪا جي اڳين نمائندي ۽ هاڻوڪي ڊفينس پاليسي جي انڊر سيڪريٽري، کي گذريل هفتي انهيءَ عهدي لاءِ چونڊيو ويو آهي. پر ان تي ڀارت ۾ ڪاوڙ آهي ڇو ته سانده چوڏنهن مهينا اهو تقرر نه ڪيو ويو آهي ۽ ائين محسوس ڪيو وڃي ٿو ته اها عدم توجهي ڀارت جي گهٽ اهميت جي علامت آهي. گذريل سال يو. ايس 1948ع ۾ ڀارت سان ڪشمير جي الحاق کي سوال جي نشانيءَ وانگر ڏٺو ۽ صدر ڪلنٽن ڪشمير ۾ انساني حقن جي انحراف تي ۽ سک اقليت سان بُري هلت تي اعتراض ورتو. جنهن تي ڀارت واسي وڏيڪ ڪاوڙيا. گهڻي ڪاوڙ ته ڪين ان ڳالهه تي آئي ته يو. ايس پاڪستان کي انتيهه ايف 16 بمبار طياره ڏيڻا ڪيا ها. هندستاني هفتيوار ’سنڊي‘ ڪلنٽن کي ’يانڪي‘ (Yankee) راڪشس جي صورت ۾ ڏيکاريو. آمريڪا مان ڊپٽي سيڪريٽري استروب ٽالبوٽ کي اپريل ۾ ڀارتين کي سرڇاڻ لاءِ موڪليو ويو ۽ راءِ کي واشنگٽن جي دعوت ڏني وئي ته هو ڪلنٽن سان ملي وڃي ۽ يو ايس ڪانگريس کي خطاب ڪري. ائين آهي ته پذير سرمايدار مُلڪ آهي. شايد يو. ايس ان ڳالهه کان موٽ ڪائي رهي آهي ته يو. ايس ان ڳالهه کان آگاهه آهي ته هن وقت ڀارت هڪ غير سوشلسٽ ۽ ترقي پذير سرمايدار مُلڪ آهي. شايد يو. ايس ان ڳالهه کان موٽ ڪائي رهي آهي ته ايف 16 پاڪستان کي ڏنا وڃن، ڇو ته اُهي نيوڪليئر هٿيار استعمال ڪرڻ لاءِ ڪم آڻي سگهجن ٿا.

پاڪستان هڪ طرفو پنهنجي نيوڪليئر پروگرام کي ٻُجي ڏيڻ لاءِ تيار نہ آهي. وزير داخلہ جنرل نصيرالله بابر هن مهيني جي 17 تاريخ تي اهڙو بيان رک رکاءَ کان سواءِ ڏنو آهي. نيوڪليئر پروگرام کي هڪ طرفو مسترد ڪرڻ کان ٺپ جواب ڏنو آهي. صدر فاروق لغاري جو ڪالهہ ٻن هفتن لاءِ يو. ايس ويو. اُن واشنگٽن ۾ پاڪستان جي وچ ۾ تعلقات جي بهتريءَ لاءِ گهٽي خوش فهميءَ کان ڪم نہ ورتو.جيتوڻيڪ وزير خارجہ سردار آصف پاڪستان جي نيو ڪليئر پروگرام تي مشروط نظرداريءَ کي قبول ڪرڻ جو امڪان ڏيکاريو. هن (Non Proliferation) جي باري ۾ چيو تہ: "يو. ايس اسان کي نيوڪليئر پروگرام ويڙهي رکڻ (Roll back) ڪرڻ لاءِ نہ چيو آهي پر ان کي بنجي ڏيڻ لاءِ چيو آهي ۽ خطي جي تحفظ کي مدِنظر رکيو آهي. يو. ايس کي دخل اندازيءَ کان سواءِ ٽيڪنيڪل ذريعا آهن. جن موجب اها مطمئن ٿي سگهي ٿي، پاڪستان وٽ نيوڪليئر هٿيار نہ آهن." وزير خارجہ توقع ڏيکاري آهي تہ اسانجا خيال ايف 16 جي حصول ۽ پنهنجي نيوڪليئر پروگرام کي بنجي ڏيڻ تي واضح آهن. ٻنهي ڳالهين جو هڪ ٻئي سان واسطو آهي.

ڀارت کي 1962ع ۾ چين جا هٿ لڳي چُڪا آهي ۽ اُهو پنهنجو نيوڪليئر پروگرام ويڙهي رکڻ لاءِ تيار نہ آهي. نہ وري پاڪستان ائين اڪيلو ڪرڻ لاءِ تيار آهي. جيستائين ڀارت بہ ان تي رضامندي ڏيکاري. آمريڪا جي اخباري ذريعن جو چوڻ آهي تہ: "نيوڪليئر خطري کي ويڙهي رکڻ چڱو آهي پر اهو رڳو ٻہ طرفو عمل نہ آهي پر گهڻ طرفو عمل آهي."

هوڻ هندستان اُهو ڪجهہ ڪري رهيو آهي. واپار ۾ ڪشاده دلي ۽ آزاد مزاجي ڏيکاري اٿائين، اقتصاديات تان رُڪاوٽون هٽائي ڇڏيون اٿائين ۽ پرڏيهي سيڙپ همٿائي اٿائين. جا 1992ع ۾ 150 ملين ڊالر هئي ۽ 1993ع ۾ ٽي بلين ڊالر آهي. آمريڪا ڏانهن روانگيءَ کان اڳ صدر فاروق لغاريءَ سان وزيراعظم بينظير ۽ سي. او. سي جنرل وحيد جي گڏجاڻي تي هئي ها اهميت واري هئي. ٽيڪنيڪي طور صدر جي روانگي خانگي مقصد لاءِ آهي. اها اهم ان ڪري آهي جو اُها ڀارتي وزيراعظم نرسماراءِ جي آمريڪا ۾ هڪ هفتي اسٽيٽ مسٽر ٽالبوٽ جي هند ـ پاڪ جي دوري کان پوءِ آهي. جو هتي نيوڪليئر هٿيارن جي ڦهلاءَ خلاف (Non Proliferation) شروعاتي گفت و شند ڪري ويو. اهو پاڪ - ڀارت لاءِ نهايت حساس معاملو آهي ۽ يو. ايس جي خارجي حڪمت عمليءَ ۾ اُن کي خاص اهميت آهي. يو. ايس اسان تي حد کان زياده بار وڌو آهي، ايف 16 رد ڪيا اٿائين، جن جي قيمت پاڪستان اڳيئي ادا ڪري چڪو آهي. پنهنجي دوري دوران صدر فاروق لغاري ضرور ان ڳالهہ تي زور ڏيندو تہ ايف 16

پاڪستان کي معاهدي مطابق ڏنا وڃن. باقي ڪشمير تي هو آمريڪا کي حق خود اراديت تي مشڪل آماده ڪري سگهندو پر هو يو. ايس کي ايترو تہ چئي سگهندو تہ ڀارت جا ڪشمير جي باري ۾ پنهنجي شفاف روش جو اظهار ڪري رهي آهي. ان کي پوري ڇڪاس ڪري ڏنو وڃي تہ واديءَ ۾ ڪيترو جبر ۽ تشدد تي رهيو آهي. اها ڳالهہ نيوڪليئر مسئلي جي حل کي بہ آسان بڻائي سگهي ٿي. گهٽ ۾ گهٽ صدر صاحب يو. ايس کي ان ڳالهہ تي تہ مطمئن ڪري سگهندو تہ اسان ڪشمير جي مسئلي تي ڀارت خلاف نيوڪليئر هٿيار استعمال ڪرڻ نہ ٿا چاهيون.

جيستائين وهم ۽ گدان جو ڏنڊُ نہ هتندو ڏاڍ ۽ ڏهڪاءُ جي صورتحال نہ ڦرندي، تيستائين امن جو امڪان گهٽ آهي، ڪنهن چيو آهي تہ:

”جي توکي امن برقرار رکڻو آهي تہ ان لاءِ تياري ڪر.“

Since wars begin in the minds of men, it is in the minds of men that defense of peace must be constructed.

(ترجمو: جئين تہ جنگيون انسانن جي ذهنن ۾ شروع ٿين ٿيون. امن جي تحفظ لاءِ تعمير بہ انساني ذهنن ۾ ڪئي وڃي.)

پريزيڊنٽ روز ويلٽ چيو هو تہ: ”ڪنهن جنگ جي خاتمي کان بهتر آهي تہ جنگ جي شروعات کي ئي ختم ڪيو وڃي.“

مون جيئن مٿي چيو آهي تہ جيئن اسان جو ملڪ وجود ۾ آيو تيئن نفرت جي فضا ۾ ويڙهجي ويو. حيدرآباد، جهونا ڳڙهہ ڪشمير، ڪيئي مسئلا اُڀري آيا. اُنهن مان شملا معاهدي کان پوءِ ڪشمير وري ڀڙڪي اُٿيو آهي ۽ اُتي لُنءَ لُنءَ لرزائيندڙ قتل و غارت تي رهي آهي. هندو عوام اڃا پاڪستان جو وجود جو قائل نہ ٿيو آهي. شروع کان وٺي پنڊت نهرو، گانڌيءَ، سردار پٽيل وغيره ان جي خلاف بيان ڏنا ها. جيتوڻيڪ گانڌيءَ ۽ نهروءَ ۾ مسلمانن لاءِ نفرت ڪانہ هئي. پر رام راڄ جو تصور لڳ ڀڳ هندو راڄ جو تصور هو. ”وديا مندر اسڪيم“ جو محاورو ئي مسلمانن لاءِ نہ رڳو اجنبي هو پر ڇرڪائيندڙ بہ هو.

هونئن تہ ايس. يو پاڪستان کي پنهنجي سياسي مقصد لاءِ استعمال ڪندي رهي آهي، پر هاڻي دنيا بدلجي وئي آهي يو. ايس. ايس. آر جي خاتمي کان پوءِ سياسي منظرنامو بدلجي ويو آهي. سرد جنگ ختم ٿي وئي آهي. اشتراڪيت ۽ سرمائيداري جي ويڙهہ بہ نہ رهي آهي. دنيا ۾ هٿيارن لاءِ گهٽي ڊڪ ڊوڙ روڪجي وئي آهي. هاڻي يو. اين. او کي وڌيڪ فعال بڻائي سگهجي ٿو ۽ اُها بين القوامي محبت جو گهوارو ٿي سگهجي ٿي. بين القوامي سطح تي جي بہ مفاهمتون ٿي رهيون آهن، امن لاءِ ٿي رهيون آهن. ان پس منظر ۾ پاڪ - ڀارت دشمني بہ ختم ٿي سگهي ٿي. جي نيڪ نيتي آهي تہ ڪشمير سوڏوکهڙو

مسئلو آهي جو حل ٿي نہ ٿو سگهي!

ٻنهي ملڪن جو عوام ڏکيو بکيو آهي. ٻنهي ملڪن کي وبائن ۽ قدرتي آفتن سان منهن ڏيڻو ٿو پوي. فقط نعريبازي ۽ نفرت مان ڪم نہ هلڻو آهي. غريبيءَ، صحت، ماحوليات، انساني حقن وغيره جي مسئلن کي اوليت آهي جا بدنصيباً نہ ٿي ڏني وڃي. هن وقت تائين ٻنهي ملڪن ۾ هر گورنمينٽ بغض و عناد جي فضا وڌائي آهي. هاڻي وقت آيو آهي تہ ڪشمير ۽ سياچن تي تنازعو ختم ڪيو وڃي ۽ حق ۽ انصاف سان فيصلو ڪيو وڃي. رڳو هٿيار ڪٺا ڪرڻ مان، ٻنهي مُلڪن کي ڪجهہ بہ ورندو. زور زبردستيءَ سان ڪجهہ بہ حاصل نہ ٿيڻو آهي. ڪافي وقت برِصغير ۾ نفرت جي باهہ ڀڙڪائي وئي آهي. هاڻي ميٺ محبت جي فضا قائم ڪرڻ گهرجي. اُميد تہ اها آهي تہ نرسماراءِ، صدر فاروق ۽ صدر ڪلنٽن انهيءَ فضا کي قائم ڪرڻ ۾ ڀرپور تعاون ڪندا.

ڪنهن وقت انگلنڊ جي پرائيم منسٽر ڊزرائيلايءَ چيو هو:

Lord Salisbury and myself have brought you back peace but a peace I hope with honor.

(ترجمو: لارڊ سئلزبريءَ ۽ مون اوهان لاءِ امن آندو آهي. پر مان ڀانيان ٿو تہ انهيءَ سان عزت بہ گڏ آهي)

*(20 مئي 1994ع)*

# ادبيات اڪادميءَ جو نئون چيئرمين ۽ پنجابي ٻولي

'جو تجل نے آکھیا' ڪان پوءِ منهنجا ڪيترائي نظم پنجابيءَ ۾ ترجمو ٿي، اولهہ ۽ اوير پنجاب جي رسالن ۾ شايع ٿي چڪا آهن. 1976ع ۾ منهنجو پنجابي مترجم ۽ اردوءَ ۽ پنجابي زبانن جو مشهور اديب احمد سليم مون وٽ پنجابي رسالي 'پنج دریا' جو فخر زمان نمبر ۽ فخر زمان جا پنهنجا تصنيف ٿيل ڪتاب 'ست گواچی لوک'، 'ڪنسو ويلے دے'، 'چڑیا دا چنبا'، 'ونگار'، ۽ 'ون وا بوٹا' کڻي آيو. جي هن کي فخر زمان مون لاءِ ڏنا ها. پنج دريا رسالي ۾ فخر زمان جا سندس ڪتاب 'زيڊ-اي ڀٽو دي پوليٽيڪل ٿنڪر' جي تقريب ۾ بيگم نصرت ڀٽو سان گڏ ۽ محترمہ فاطمہ جناح سان گڏ ۽ ٻيا ڪيئي فوٽو گراف هيا. صفحي 177 تي فخر زمان جي آزاد نظم جو پهريون بند هو.

پھاٹک بند اے
گڈی ھورے کدوں آوے گی
پر کیہڑی گڈی آ رہی ہے؟

پاڪستان جي تاريخ سوال جو جواب ڏنو. نہ رڳو گاڏي اچي وئي پر ڦاٽڪ کُلي ويو. جناب فخر الزمان کي غلام ربانيءَ آگري جي جاءِ تي چيئرمين مقرر ڪيو ويو جو هاڻي پبلڪ سروس ڪميشن اسلام آباد جو ميمبر آهي. جناب فخرالزمان کي گڏوگڏ اسٽيٽ منسٽر جو عهدو بہ ڏنو ويو آهي. اهو اعزاز سرڪار لاءِ آهي تہ فخرالزمان جهڙو پنجابي اديب اُن سان گڏ آهي يا جناب فخر زمان لاءِ آهي تہ ان کي اهو عهدو ڏنو ويو آهي، اُن جو فيصلو تہ وقت ڪندو. بهر صورت ان ڳالهہ جو جواب ڏکيو آهي تہ اڪبر نورتن کڻي انهن تي احسان ڪيو هو يا نورتن ئي اڪبر جي شخصيت کي کڻي بيٺا ها ۽ هن جي دؤر کي ايتري اهميت ڏني هئائون. دؤر جديد جي حوالي سان فرانس جي صدر ڊي گال ۽ هن جي ڪلچر منسٽر آندري مالرو جو ۽ چليءَ جي صدر آلندي ۽ هن جي هسپانيا ڏانهن سفير شاعر آلندي جو مثال ڏئي سگهجي ٿو. چيڪو سلواڪيا جي اديب هئولاڪ ايول کي تہ چيڪو سلواڪيا جو صدر چونڊيو ويو آهي. دنيا بدلجي وئي آهي. اڳي

شاعر حاڪمِ وقت جي قصيده گوئي ڪندا ها. هاڻي حڪومت شعر و ادب جي قصيده گوئي ڪري رهي آهي ۽ اُن ڪي ڪي پنهنجي جائز مقام سان نوازي رهي آهي. اسان ڪي بيحد خوشي ٿي تہ اهو عهدو پهرين هڪ سنڌيءَ ۽ ان ڪان پوءِ هڪ پنجابي اديب ڪي سپرد ڪيو ويو آهي. جنهن جي پنجابي زبان ۾ تسليم شده حيثيت آهي.

ايمرسن جو قول آهي:

Talent alone can't make a writer
There must be a man behind the book.

(ترجمو: رڳو ڏات ڪنهن ڪي اديب بڻائي نہ ٿي سگهي، ڪتاب پٺيان انسان ضروري آهي)

جڏهن مٺيان ڪتاب مون ڏانهن فخر الزمان موڪليا ها. ان ڪان پوءِ دنيا ۾ ڪافي انقلاب آيا آهن ۽ اها سياسي ۽ نظرياتي طرح دگرگون ٿي وئي آهي. مون اهي انٽرويو دلچسپي سان پڙهيا آهن جي ٿي وي تان جناب فخر الزمان اديبن ڪان ورتا آهن. اُن مان ادبي وابستگيءَ جي حد جو تعين ڪري ٿوسگهان. جڏهن دنيا ۾مارڪسزم هڪ زنده فلسفو هو. اديب جي طبقاتي جدوجهد سان وابستگي هئي. روس ۽ چين ۾ انهيءِ وابستگيءَ هزارين اديب مارايا. هاڻي اُنهن جي ساري قرباني بي معنيٰ ٿي لڳي. جيولس فيوچڪ ڇا لاءِ مئو ان جو ڪوئي جواب آهي؟ جنهن انقلاب لاءِ هو مئو. اهو تالان والان ٿي ويو. اساڪ بيبل، مينڊالسٽام وغيره ڪي انقلاب ڪان پوءِ اسٽالن مارايو.دراصل اهي اديب پرولتاري آمريت لاءِ وڙهيا ها.جڏهن ڪيرنسڪيءَ جي گورنمينٽ ڊاني وئي ۽ ڊيوما تي قبضو ڪيو ويو تڏهن پرولتاري آمريت روس تي مسلط ڪئي وئي. در حقيقت بالشيوڪ پارٽيءَ جي حڪومت هئي. جنهن تي اُن جي پالٽ بيورو جو قبضو هو ۽ پالٽ بيورو تي هڪ آمر جو قبضو هو. هينئر اشتراڪي بلاڪ جي اڪثر حصي ڪي انهيءَ آمريت مان نجات ملي چُڪي آهي ۽ اُتي جمهوريت قائم ٿي چُڪي آهي. چڱو جو اسان جي جدو جهد جمهوريت لاءِ هئي. فخرالزمان بہ جڏهن ٿي- وي تي انٽرويو ٿي ورتا تہ ڳالهہ گنجري پئي وئي.

ادب جي وابستگيءِ جو نظريو جنهن ڪي 1929ع اسٽالن ادب ۾ ترقي پسند حقيقت نگاري (Progressive Realism) چيو هو . اُهو شولوخوف ۽ گورڪيءَ جي ادب لاءِ نظريو هو. جن ڪي تشدد سان. آگ ۽ خون جا دريا ٽپي، پرو لتاري انقلاب آڻڻو هو. تاريخ اهڙي انقلاب ڪي بي معني ثابت ڪري چُڪي آهي . اسان جي وابستگيءَ اُنهيءَ جمهوريت سان آهي جا هاڻي اسان ڪي ملي چُڪي آهي ۽ جنهن ڪي مستحڪم ڪرڻو آهيءِ فلاح مملڪت جي ڏگ تي لائڻو آهي.

ان لاءِ ترقي پسند حقيقت نگاري نہ پر حقيقت نگاري ضرور آهي. ٽين دنيا ۾ ڇا وهي واپري رهيو آهي، اُن ۾ ڪيترو سياسي ظلم و تشدد ٿي رهيو آهي ۽ ڪيترو اقتصادي استحصال آهي، اُن جي صحيح عڪاسي ڪرڻي آهي ۽ عوام کي هڪ فلاحي مملڪت جي تصور سان آشنا ڪرڻو آهي. باقي اها فلاحي مملڪت ڪيئن وجود ۾ آندي وڃي، اهو سياسي مدبرن تي ڇڏڻو آهي. ويهين صدي انقلاب جي صدي هئي، اڪويهين صدي آزاديءَ ۽ جمهوريت جي صدي آهي. ان ۾ نہ فقط حقيقت نگاري پر فن جا ٻيا نظريا بہ بنهہ آزاد هوندا ۽ اُنهن تي ڪا پابندي نہ لڳندي.

ڪروشچوف جي دؤر ۾ جڏهن برف رجڻ لڳي هئي تڏهن مصوريءَ جي ڪافي نمائش ڪئي وئي هئي. ڪُروشچوف جيڪو آرٽ کان صفا بي بهره هو ۽ فقط ترقي پسند حقيقت نگاريءَ جو چاڻو هو جنهن ۾ فقط هٿوڙا ۽ ڏاٽا هوندا ها، تنهن مصور کي ڏاڍو ڇينڀيو. ان تي مصور غصي ۾ هن کي چيو: ”توکي آرٽ جي کهڙي خبر! تون ڪنهن کي ٿو ڊيڄارين؟ تون ڄاڻين ٿو تہ مان هن وقت ريوالور سان خودڪشي ڪري ٿو سگهان. مان آزاديءَ جي قيمت ڏيڻ ڄاڻان ٿو.“

هاڻي اُهي فني شهپارا جي ڪنهن وقت روس جي گُدامن ۾ ڦٽا ڪيا ويا هئا، لکن ڊالرن ۾ وڪامن ٿا.

مان فخر الزامان جي ڌيان تي هڪ ڳالهہ آڻڻ ٿو چاهيان .پنجاب اڪثريتي صوبو آهي ۽ ان کي اڪثريتي صوبي واريون اقتصادي مراعات تہ حاصل آهن پر نهايت افسوس جي ڳالهہ آهي تہ اُن جي زبان ۽ ثقافت کي پنجاب جي دانشور طبقي نہ فقط نظر انداز ڪيو آهي پر اُن جي باري ۾ احساس ڪمتريءَ ۾ مبتلا آهي.

دراصل مون پنجٽيهہ سال اڳ اها ڳالهہ پنهنجي ڪتاب ”ڪاڪ ڪڪوريا ڪاپڙيءَ“ ۾ چئي هئي، ۽ اُن جي پنجابي ۾ ترجمي پنجاب جي دانشور کي پنهنجي زبان سان لاتعلقيءَ تي شرمسار ڪيو هو. جڏهن زبان جي مسئلي تي ڪراچيءَ ۾ فساد ٿيا ها تڏهن مون کي ۽ قاضي فيض محمد کي پيٽي صاحب اسلام آباد گُهرايو هو. هڪ ميٽنگ ۾ جتي فقط اُن وقت وزير قانون عبدالحفيظ پيرزادو ، ليبر منسٽر معراج محمد خان ، فرنٽيئر جو چيف منسٽر شير پائو ۽ چيف منسٽر معراج خالد موجود ها، اُتي مون ڏيڍ ڪلاڪ تقرير ڪري مسئلي جي بنياد جي نشاندهي ڪئي هئي. مون اُهو بہ چيو هو تہ: ”اُردو اسانجي رابطي جي زبان بہ آهي ۽ آئين ۾ قومي زبان بہ آهي پر ان ۾ ڪهڙو حرج ٿيندو جي پنجابيءَ کي قومي زبان بنايو وڃي جا اڪثريتي صوبي جي زبان آهي. جنهن جو اهو حق آهي تہ اُن کي قومي زبان جو درجو ڏنو وڃي. تقسيم وقت تہ اسان نظرياتي

طرح بہ قومون هياسون پر هاٺي بي قوم رهي ڪٿي آهي؟ هاٺي پاڪستان هڪ قوم آهي ۽ ان جي اڪثريتي صوبي جي زبان جا اسان جي ڌرتيءَ جي زبان آهي، اُن کي آئين ۾ ترميم ڪري اهڙو درجو ڏنو وڃي. مان خود اُردوءَ جو شاعر بہ آهيان ۽ مون لاءِ ان زبان لاءِ ڪوئي تعصب نہ آهي پر انصاف جي ڳالهہ اها آهي تہ پنجابي پاڪستان جي اڪثريت جي زبان آهي ۽ اُن کي قومي زبان جو درجو ملڻ گهرجي. جيئن يو. ايس. ايس. آر ۾ روسيءَ کي آهي توڙي اِستالن جارجيا جو هو ۽ يارت ۾ هنديءَ کي آهي جا اُتي اڪثريتي صوبي جي زبان آهي.“ اُن تي پيرزادي صاحب معراج خالد کي چيو تہ: ”ايئن ڇو نہ ڪجي؟ اُردو فقط رابطي جي زبان رهي. مسئلو حل ٿي ويندو.“ پر معراج خالد چيو تہ: ”في الحال پنجاب اها ڳالهہ تسليم نہ ڪندو ڇو تہ پنجابيءِ جي ڪائي ترقي نہ ٿي آهي ۽ اُن ۾ ايترا ڪتاب نہ آهن جو اُها تعليم جو ذريعو ٿي سگهي.“ مون بہ محسوس ڪيو تہ في الحال اها ڳالهہ صحيح آهي.

فخرالزمان صاحب پاڻ ٿي ويءَ تي اهڙا انٽرويو وٺندو رهندو آهي جن ۾ صوبائي زبانن ۽ ثقافتن جي اهميت تي زور ڏنو ويندو آهي. وقت آيو آهي تہ ادبيات اڪادميءَ جا ڪروڙين روپيا حق ۽ انصاف سان قومي ۽ صوبائي زبانن جي وچ ۾ ورهايا وڃن ۽ ڏيئونس ۽ ڏانڊليءَ کان ڪم وٺي، فقط هڪ زبان جي ترقيءَ ۽ ترويج تي خرچ نہ ڪيا وڃن. في الحال تہ پنجابيءَ جو حق هر زبان کان وڌيڪ آهي ڇو تہ اُن جي ڪا ترقي نہ ٿي آهي، توڙي اها اڪثريتي صوبي جي زبان آهي. اهڙي طرح سنڌيءَ، بلوچيءَ ۽ پشتو کي پنهنجو حصو ڏنو وڃي. اُردو تہ اسان جي قومي زبان آهي. ان تي بہ حق ۽ انصاف سان خرچ ڪيو وڃي.

مان فخرالزمان صاحب جي ڌيان تي هڪ ڳالهہ آڻڻ چاهيان ٿو. هن وقت ادب جي وابستگي فقط جمهوريت سان آهي ۽ اُن کي آمريت خلاف فضا پيدا ڪرڻي آهي. ٽين دنيا جا مسئلا سياسي ۽ اقتصادي مسئلا يلي حقيقت نگاريءَ جي ذريعي واڪا ڪيا وڃن، هر نفرت ۽ عناد جي مخالفت ڪئي وڃي ۽ پاڪستان کي صحيح معنيٰ ۾ هڪ قوم جي صورت ڏني وڃي. اها ڳالهہ پاڪستاني قوميتن ۽ اُن جي عليحده ثقافتن ۽ زبانن کان انڪار ڪرڻ سان حاصل نہ ٿي سگهندي، جيئن آمريت جي دؤر ۾ پاڪستان جي سالميت ۽ استحڪام جي نالي ۾ ڪيو ويندو هو. پاڪستان هڪ گلدان وانگر آهي جنهن ۾ جدا جدا رنگ بو وارا گُل آهن. مان اها ڳالهہ بہ هن جي ڌيان تي آڻڻ چاهيان ٿو تہ حقيقت پسندي کان اول اهو ڄاڻڻ ضروري آهي تہ حقيقت ڇا آهي. يلي حقيقت جي شعور تي ڪنهن اديب سان اتفاق نہ ٿئي هن کي اظهار جي پوري آزادي ڏني وڃي. ممڪن آهي تہ هن جو حقيقت جو شعور اسان جي حقيقت جي

شعور ڪان هڪ سو سال اڳي هجي. ڪوئي بہ اديب ’هاٽي‘ ۽ ’هِتي‘ جو پابند نہ آهي جيئن فخرالزمان صاحب پاڻ آمريت جي دؤر ۾ پابند نہ هو.

اسان نہ رڳو فخرالزمان صاحب کي سندس عهدي تي مبارڪ باد پيش ٿا ڪيون پر اهو چئون ٿا تہ پاڪستان جي پوري تاريخ ۾ محترمہ بي نظير ڀٽو ۽ هن جي والد شهيد ڀٽو تخليقار اديبن جا ٻي هر سياست دان کان وڌيڪ قدر شناس ٿيا آهن. شايد اهو ان ڪري بہ آهي تہ هو پاڻ بہ ڪافي انگريزي ڪتابن جا مصنف آهن ۽ علم و ادب سان محبت جو اظهار شهيد ڀٽي جي فطرت ۾ شامل هو ۽ محترمہ بينظير کي ورثي ۾ مليو آهي.

*(21 مئي 1994ع)*

# سولزي نتسن جي وطن واپسي

ٽالسٽاءِ کان پوءِ روس جو عظيم ترين ناول نگار، تاريخ نويس، مفڪر ۽ باغي اديب سولزي نتسن ويهه سال ڪئناڊا ۽ آمريڪا ۾ جلاوطنيءَ ۾ رهي، 28 مئي تي وطن موٽي رهيو آهي. سولزي نتسن جو هن وقت يو. ايس جي اُتر اوڀر ۾ هڪ ننڍي شهر ڪئو نَدش ورمانٽ (Cavendish Vermont) ۾ قامت پذير آهي، روس جي ڏورانهين اوڀر ڏانهن ولادي ووسٽوڪ (Vladivostok) ۾ پنهنجي زال نتاليا سان گڏ الاسڪا مان هوائي جهاز تي ويندو. نتاليا هڪ بيان ۾ چيو آهي ته سولزي نتس مادرِ وطن جي جديد حالات سان براهِ راست آگاهي حاصل ڪرڻ ٿو چاهي. هن وڌيڪ چيو ته "اسان ورمانٽ جا نهايت ٿورائتا آهيون اسان روس جي موجوده سياسي ۽ اقتصادي علالت جي باري ۾ ڪافي پريشان آهيون ۽ اُميد ڪيون ٿا ته اهو جلد ئي صحت ياب ٿيندو."

سولزي نتسن هن وقت روسي زبان جو بهترين اديب آهي، اُن کي روسي آمريت خلاف مزاحمت سبب 1974ع ۾ جلاوطن ڪيو ويو هو. توڙي هن کي 1970ع ۾ نوبل پرائيز مليي هئي. جلاوطنيءَ کان ڪجهه وقت پوءِ مون هن جو ڪتاب 'زورچ ۾ لينن' (Lenin in Zurich) پڙهيو هو، جو 1975ع ۾ ڇپيو هو. ان ۾ لينن جي زندگيءَ جا 1913ع کان 1917ع تائين جا اهم سال ڏيکاريا ويا آهن. ڪتاب ۾ هن لينن جي شخصيت جي نفسياتي جراحي به ڪئي آهي، جو روسي انقلاب جو معمار هو. ان ۾ لينن جي ڪراڪوف ۾ نه رڳو مايوس ڪُن گرفتاري ڏيکاريل آهي، پر لينن جو اُن کان پوءِ زورچ ڏانهن فرار پهرين جنگ عظيم جي شروعات ۽ آخر ۾ هن جي روس ڏانهن واپسي ڏيکاريل آهي. مون هن جو پهريون ناول 'ايوان ڊينيز وچ جي زندگيءَ مان هڪ ڏينهن' 1963ع ۾ آمريڪا مان گهرائي پڙهيو هو. اهو ناول روس جي ادبي رسالي نووي مير ۾ ڇپيو هو ۽ ساري دنيا ۾ باهه وانگر ڦهلجي ويو هو. مغرب جون سڀ اهم اخبارون انهيءَ راءِ جون هيون ته اِن ناول جهڙو ناول اڃا تائين سوويت روس ۾ نه ڇپيو آهي ۽ اُن جي اشاعت هڪ نهايت اهم سياسي ۽ ادبي واقعو آهي. 'نومي مير' رسالو جنهن ۾ اُهو ناول ڪرشچوف جي اجازت سان ڇپيو هو هٿئون هٿ کپي ويو. ڪتاب جي

اشاعت سولزي نتسن کي رياضان (Ryazon) جي هڪ هاءِ اسڪول ۾ رياضيءَ جي اُستاد جي گمناميءَ مان ڪيڏي بين الاقوامي شهرت ڏني هئي. هُن ۾ دوستو وسڪيءَ جي خوشبوءِ، بي انتها قوت، تصديق ۽ معتبري هئي پر ستم ظريفي تہ ڏسو تہ ان ڪتاب جي اشاعت ڪرشچوف جي سياسي سازش جو نتيجو هئي، جنهن استالن جي آمريت جا وکا پڌرا ڪرڻ تي چاهيا. جن کي اُن در جي روسي حالات جي خبر آهي، اُن کي معلوم هوندو تہ اهڙا ڪتاب ٽاٽيل رسيءَ تي گهمڻ جي برابر هيا ۽ ڪنهن وقت بہ اُنهن مان هڏ گڏ پچڻ جو خطرو هو. ڪافڪا جي ناول 'مقدمو' (The Trail) وانگر سولزي نتسن غلاميءَ ۾ انسان جي حالت پيش ڪئي هئي جنهن مان فرار جي ڪا راهہ نہ هئي ۽ جنهن لاءِ ڪائي معقول سمجهاڻي بہ نہ هئي. ان ناول کان پوءِ مون هن جا ناول 'پهريون دائرو' (the first Circle) ۽ 'ڪئنسر وارڊ' (Cancer Ward) پڙهيا. اُنهن جا پلاٽ دوستو وسڪي جي پلاٽن وانگر سحر انگيز ها ۽ مون تيستائين ننڊ نہ ڪئي هئي جيستائين اهي پڙهي پورا نہ ڪيا هُيم.

1945ع ۾ استالن سولزي نتسن کي گرفتار ڪرايو هو ۽ هن کي اٺن سالن لاءِ سزا ملي هئي. هنَ پهريان چار سال ماسڪو کان ٻاهر اداري ۾ گذاريا ها، جنهن جو ذڪر هُن پنهنجي ناول 'فرسٽ سرڪل' ۾ ڪيو آهي. ان ۾ فقط سائنسدان ۽ ٽيڪنالاجي جا ماهر نظر بند ڪيا ويا ها. جيستائين اُهي مخصوص منصوبن جو پورهيو ڪندا ها، اُهي اُتي رهندا ها. سولزي نتسن کي بہ اُتي نظربند ڪيو ويو هو ڇاڪاڻ جو هُو علم رياضي ۽ طبيعات جو ماهر هو. حڪومت جي نافرمانيءَ سبب هن کي باقي چار سال هڪ ڪنستريشن ڪئمپ (خاردار لوڙهي) ۾ ڪاٽڻا پيا، جنهن جون حالتون هن مٿي ذڪر ڪيل ناول 'ايوان جي هڪ ڏينهن.........' ۾ ڏيکاريون آهن. جڏهن 1953ع ۾ هو رها ڪيو ويو تہ هن کي قازقستان ۾ رهائش جو حڪم ڏنو ويو. اُتي هن کي ڪنهن قسم جي ڪئنسر ٿي پئي ۽ هن کي اجازت ڏني وئي تہ هو تاشقند جي ڪنهن اسپتال ۾ علاج ڪرائي جنهن جو پس منظر ڪئنسر وارڊ ۾ ڏنو ويو آهي. 'فرسٽ سرڪل'، ۽ 'ڪئنسر وارڊ'، 'ايوان جي هڪ ڏينهن........' کان وڏا ناول آهن ۽ اُنهن ۾ استالن جا پويان سال ۽ هن جي موت کان پوءِ پهريان سال چٽيا ويا آهن.

1971ع ۾ سولزي نتسن پنهنجي نئين ناول آگسٽ 1914ع جي پئرس ۾ اشاعت جي اجازت ڏني. ان ناول ۾ انقلاب جو جڙون ڳولي لڌيون ويون ۽ انقلاب جي باري ۾ تاريخ جي سرڪاري سمجهاڻيءَ کي مسترد ڪيو ويو. 1973ع جي آخر ۾ سولزي نتسن پئرس ۾ گولگ آرڪي پيلاگو (گولگ- ٻيٽن جو ميڙ

(Gulag Archipelago) اشاعت لاءِ ڏنو ۽ اُن ۾ سوويت قيدخاني ۾ نظربنديءَ کان ڪتاب جي تحرير تائين سزا جي طريقي جو وسيع ۽ گهرو مطالعو ڏنو ويو. هن جي جذباتي تحرير ۾ منظرڪشيءَ جا حيرت انگيز فقرا آهن. سوويت يونين کي عالمي راءِ عامہ جو پڻ ڊؤ هو ۽ ان ڪري سولزي نتسن تي ڪائي ڪارروائي نہ ڪيائون ۽ هن کي 1974ع ۾ اولهہ جرمنيءَ ۾ جلاوطن ڪيائون. سولزري نتسن ۽ هن جي دوست آنجهاني سائنسدان سخاروف روس ۾ اقتدار جا ٽوٽيون ٽنيا لوڏي وڌا.......... سوئٽرز لئنڊ ۾ سولزي نتسن مٿيون ڪتاب 'زوچ ۾ لينن' لکيو ۽ اُن کان پوءِ ڪئناڊا ۾ جلاوطني اختيار ڪئي. اُتي هن هڪ بيان ڏنو هو تہ زار وارو زمانو لينن ۽ اسٽالن جي زماني کان بهتر هو. طارق عليءَ جي اسٽالن تي لکيل ڪتاب ۾ اتڪل چاليهہ صفحا سولزي نتسن تي لکيل آهن ۽ اُنهن کان متاثر ٿي، مون 'ڪراچيءَ جا ڏينهن ۽ راتيون' ۾ سولزي نتسن جي باري ۾ لکيو هو پر مان پانيان ٿو تہ سولزي نتسن صحيح هو ۽ هن جي رجعت پسندي جا مغرب کي بہ راس نہ ٿي آئي، صحيح آهي. هي ٽيڪنالاجيءَ جي دنيا انسان کي تباهيءَ ڏانهن ڌڪي رهي آهي ۽ گهٽيءَ جدت پسنديءَ هُن کان روح جو اطمينان کسي ورتو آهي. مشهور روسي شاعر اليگزينڊر بلاڪ 1914ع ۾ هڪ نظم ۾ چيو هو.

منهنجا ٻچا، بهار لاءِ توکي ترسڻو پوندو\
توکي معلوم ٿي ويندو تہ اُهو دروغ گوئي کان ڪم وٺي رهيو آهي\
تون آفتاب کي التجا ڪندين تہ اُهو طلوع ٿئي.\
پر اُهو طلوع نہ ٿيندو.\
تون جڏهن رڙيون ڪندين، تڏهن تنهنجون رڙيون ٻڌي وينديون جيئن شيهو ٻڏي ويندو آهي.\
بهتر آهي تہ اُنهيءَ زندگيءَ تي مطمئن رهہ جا توکي اڄ ميسر آهي،\
اي ٻارڙؤ! ڪاش اوهان کي معلوم هجي ها\
کوهہ جي پاڻيءَ کان زياده خاموش، ۽ گاهہ کان وڌيڪ نهٺي،\
اُها سردي ۽ مايوسي آهي جا اچڻي آهي.

(مئڪس ورڊ جي ڪتاب 'روس ۾ اديب' جي صفحي 267 تان ورتل)

اها اليگزينڊر بلاڪ جي اڳڪٿي، سولزي نتس اکين سان ڏٺي، جا پوءِ سوويت يونين جي تباهيءَ جو ڪارڻ ٿي ۽ سڄي دنيا کان اُتساهہ ۽ مستقبل ۾ يقين کسي ورتائين. ڪي انسان مستقبل جي ڏنڌ ۾ ايئن ڏسي سگهندا آهن جيئن مڇيءَ جون اکيون پاڻيءَ ۾ ڏسي سگهنديون آهن.

هاڻي روس جي نئين نسل تان انقلابي بي نظرياتي جو نشو لهي چُڪو آهي. هو اليگزينڊر بلاڪ جي مٿين شعر جي ۽ سولزي نتسن جي سياسي تجزئي جي

سچائي ڪافي حد تائين ڄاڻن ٿا.

1973ع ۾ ڊيوڊ برگ/ جارج فيفر. سولزي نتسن جي سوانح حيات لکي هئي. ان موضوع تي شايد اهو پهريون ڪتاب آهي. اُن ۾ هن لکيو آهي تہ: ”ويجهيءَ ڇڪ ۾ هن پنهنجي ساري توانائي تخليق اديب ڏانهن موڙي ڇڏي آهي ۽ هن جي گهري توجہ کي هڪ ليسر شعاع (Laser Beam) سان تشبيهہ ڏئي سگهجي ٿي ۽ نہ گوليءَ (Bullet) سان. هو ٻارنهن، چوڏنهن ڪلاڪ روز ٿو لکي. جو ٻين اديبن جي سخت محنتي دؤر کان بہ ٻيڻو آهي........... هن جا جهونا دوست، جي خود بہ اديب آهن. هن جي ايتري ڇتي، عجيب و غريب ۽ بي مثال پورهئي لاءِ سگهہ ڏسي وائڙا ٿي وڃن ٿا.“

سولزي نتسن ٻهراڙيءَ ۾ پورهيو ڪندو آهي، جتي مڪمل تنهائي هوندي آهي. اهو ڇئي نہ ٿو سگهجي تہ ساوَڪ سوداءُ جو وڌائيندي آهي، پر اها حقيقت آهي تہ فطرت ماڻهو کي پنهنجي وڌيڪ قريب آڻيندي آهي. جيڪڏهن هن جي پس منظر ۾ هلڪي موسيقي وڄندي آهي تہ هن جي ڪم ۾ زخنو نہ وجهندي آهي. باقي ٻيا آواز هن کي بيزار ڪندا آهن. جڏهن ڪنهن پاريسريءَ جو ريڊيو زور سان وڄندو آهي، ريل جي ڇِڪ ڇِڪ جو آواز ايندو آهي، ٽي وي تي پاپ ميوزڪ جو گوڙ پکيڙو هوندو آهي ۽ اعلان، پڌرناما ۽ اشتهارناما زور شور سان ايندا آهن تڏهن هن جي تخليقي چينيءَ جي ٽانوَ وانگر پڄي پورا ٿي ويندي آهي. هو پنهنجي شيڊول تي نهايت پابندي سان هلندو آهي. جنگ، قيد ۽ بيماريءَ ۾ هن جو جيڪو وقت ويو آهي، اُن جو هو ازالو ڪرڻ ٿو چاهي ۽ هن کي زندگيءَ جي هر گهڙي عزيز آهي. گپ شپ، ڪچهري، ياري دوستي، هو سڀ کان لنوائيندو آهي. ڪئنسر مان شفايابيءَ کان اڳ جڏهن موت کي چيو ”هتي نہ بيهہ، انڌو آهين ڇا؟ تنهنجو پاڇو منهنجي ۽ سج جي وچ ۾ اچي ٿو مان لکي نہ ٿو سگهان!“ هن جي سوانح نويس لکيو آهي تہ طنز سان هن هڪ دوست کي چيو ”اڄ مون پنهنجي خاندان کي پورو ڏيڍ ڪلاڪ ڏنو آهي! نيڪ ڪيو آهي نہ؟“ ٻي ڀيري واڌ کي ڏسي ساڳيءَ طنز سان چيائين، غضب ٿي ويو، مون کي پنج منٽ اڳ مانيءَ تي ويهڻ گهربو هو!“ ايتري توانائيءَ سان گڏ هن ۾ تنظيم جي بي انتها صلاحيت آهي. هو هڪ پل بہ ضايع نہ ڪندو آهي. سارو وقت پورهيو ڪندو آهي، غور و خوض ڪندو آهي. ورلي ڪنهن انسان ڀاڻ تي ايترو بار وڌو هوندو، جيترو هن وڌو آهي ۽ هو اڳتي وڌندو ٿو رهي، وڌندو ٿو رهي، وڌندو ٿو رهي. هاڻي بہ آمريڪا ۾ رهي هن روس جي تاريخ تي ڪيئي جلد لکيا آهن. جي اڃا ڇپيا نہ آهن. هن جي ادب ۾ بي انتها دلچسپي آهي پر هن هڪ ڀيري چيو تہ، ”منهنجي زندگي ايتري ڳُتيل آهي، جو مطالعي لاءِ مون ۾ گنجائش نہ آهي.“ سولزي نتسن

تائين ڪنهنجي رسائي مشڪل آهي. هو غالب جي شعر وانگر آهي.

ہے آدمی بجائے خود اک محشر خیال،
ہم انجمن سمجھتے ہیں، خلوت ہی کیوں نہ ہو.

(ترجمو: آدمي پنهنجي جاءِ تي هڪ خيال جو محشر آهي. اسان ان کي انجمن سمجهون ٿا پوءِ اهو خلوت ئي ڇو نہ هجي.)

مروت جي ظاهري اظهار سان. جو هن جي پوسرکي پوريءَ طرح ڇپائي نہ سگهندو آهي. هو اَڻ ڪونيل ملاقاتيءَ جي منهن ۾ دروازو بند ڪري ڇڏيندو آهي پوءِ اهو وڏو ماڻهو هجي يا ننڍو ماڻهو هجي. جيتوڻيڪ هو چيڙاڪ نہ آهي ۽ هن جي طبيعت ۾ ڪافي ميناج ۽ ڪوملتا آهي. هُو اجايو وقت نہ وڃائيندو آهي ۽ جيستائين هن کي ڪنهن جي طبيعت نہ وڻندي آهي، هن سان رسمي ملاقات کان ڪتائيندو آهي. روس ۾ هن وقت اُهي قيد و بند جا ساٿي، جن کي اسان سنڌ ۾ هندي وال چوندا آهيون، اڪثر هن وٽ ويندا ها ۽ هو هنن سان نہ رڳو ڪچهريون ڪندو هو پر اُهو پل پل ياد ڪندو هو جڏهن باهرين دنيا هن کي فقط جيل جي دريءَ مان نظر ايندي هئي. جتان قيدي ملاقاتيءَ سان گفتگو ڪندا ها. اهو سڀ هن جي عمر، علاج معالجي جي تاريخ ۽ هن جي مشن جي پس منظر ۾ ڏسڻ گهرجي. 1950ع ۾ هن کي آنڊي جي ڪئنسر ٿي پئي هئي ۽ هن کي علاج جي مؤثر پائندگيءَ جي خوش فهمي ڪانہ هئي. پوءِ بہ هن کي ڪا نداءِ غيبي ايندي رهي آهي تہ تو جو ڪجهہ ڏنو آهي، اُهو دنيا سان ورهاءِ! هونءَ بہ ڪوئي هر سچو تخليقار اهو سڏ لنوائي نہ ٿو سگهي. هن کي اها آسا رهي ٿي تہ هو دنيا ۾ تبديليون ڪي هتي ڏئي سگهندو ۽ هن جي انوکيءَ ذات سبب هن سان ڪيئي ماڻهو هن جا خيال ۽ جذبا ونڊي سگهندا. هن کي هميشہ اهو خوف رهندو آهي تہ هي زندگي مختصر آهي، متان پن تان ماڪ ڦڙي وانگر اُڏامي نہ وڃي هن ۾ سدائين اها ڪيفيت رهي آهي.

یہاں سانس بھی آہستہ لے نازک ہے بہت کام،
آفاق کے اس کارگہ شیشہ گری کا۔

(ترجمو: هتي ساهہ بہ آهستي کڻ، ڇو تہ ڪم ڏاڍو نازڪ آهي آفاق جي هن شيشہ گريءَ جي ڪارخاني جو.)

سولزي نتسن 1918ع ۾ ڄائو هو ۽ هن وقت لڳ ڀڳ ڇاهتر ورهين جو هوندو. هُن جو اهو اُلڪو فطري آهي تہ متان هو پنهنجو ڪم پورو نہ ڪري سگهي. مغربي اديبن وانگر روسي اديب فقط تفريح لاءِ نہ لکندا آهن پر هو معاشيات جا ماهر، سياسي اشتهار نويس ۽ دوُر جو آواز هوندا آهن. اها ئي ڳالهہ

*برسات ۾ ڇپيل ايڊيٽوريل*

آهي تہ هاڻ روس ساڳيو نہ رهيو آهي، چور، ٺڳ، اُچڪا، هيروئني، منشيات فروش، رشوت خور ۽ چور بازاريءَ جا ماهر ماسڪو ۽ لينن گراڊ کان وٺي روس جي هر شهر تائين ڦهلجي ويا آهن. سولزي نِٽسن روس پهچي تہ هو پنهنجي مستقبل جي رخ طئہ ڪري سگهجي.

سولزي نِٽسن هن صديءَ جي باري ۾ تہ شروع کان مايوس رهيو آهي. ڪنهن هنڌ چيو اٿائين "اسانجي دؤر ۾ ٽيڪنالاجي جو زندگيءَ تي تسلط ٿي ويو آهي، انسان جي مادي فلاح ۽ بهبود ئي هن جي زندگيءَ جي منتها آهي ۽ مذهب جو اثر ساري دنيا ۾ ڏاڍو گهٽجي ويو آهي ۽ ان ڪري ئي اديب تي وڏيڪ ذميداري آهي. هن کي هڪ کان زياده جاءِ تي ڪارآمد ٿيڻو آهي."

سولزي نِٽسن جي زندگيءَ تي ويچاري، مون کي عرفيءَ جو هيٺيون شعر ياد ايندو آهي.

**حيران شدگان تو بخور شيد قيامت،**
**آسودگيءَ سايۂ ديوار فروشَند.**

(ترجمو: جن کي تو حيران ڪيو آهي اُهي قيامت جي سج کي ديوار جي سائي جي آسودگي وڪڻندا آهن.).

*(25 مئي 1994ع)*

# جيڪولين ڪينيڊي

جان گالزورديءَ هڪ هنڌ چيو هو "هن کي هميشہ اهو خيال ستائيندو هو تہ جتي حسن هوندو، اُتي هر ڳالهہ نيڪ نہ هوندي. ان ڪري ئي اڪثر آدمي حسن کي بدڪردار سمجهن ٿا."

اها ڳالهہ ڪليوپيٽرا جي باري ۾ بہ سچي هئي. هيلن آف ٽراءِ جي باري ۾ بہ سچي هئي. ٻنهي جي جنگ و جدل ۾ ڪيڏي نہ دلچسپي هئي! ايران جي بابي تحريڪ ۾ سرگرم شاعره قرات العين طاهره جا ايتري خوبصورت هئي جو جڏهن جلاد هن کي گهُٽو ڏنو تہ هن جا ٽي هٿ ڪنبيا. تنهن بہ مذهب ۾ ايترو تہ ٽلو وڌو هو جو شيوخ شهر ۽ عالمِ دين پريشان ٿي ويا ها. هن لاءِ چيو ويو آهي تہ جڏهن هوءَ پاڻي پيئندي هئي تہ اُهو هن جي نڙيءَ مان بکندو هو.

جيڪولين ڪينيڊي، جيڪا گذريل خميس تي گذاري وئي، اها پنهنجي دؤر جي نهايت حسين عورت هئي، جنهنجي باري ۾ سوچي مون کي ورڊ س ورٿ جو هيٺيون شعر ياد ايندو آهي.

A prim rose by a river brim,
A yellow prim rose was to him,
And it was nothing more.

(ترجمو: هڪ بسنتي گلاب نديءَ جي ڪنڌيءَ تي، هن لاءِ هوءَ هڪ پيلو بسنتي گلاب هئي ۽ ٻيو ڪجهہ بہ نہ هئي.)

جيڪولين ڪينيڊي پنهنجي مڙس آنجهاني صدر ڪينيڊيءَ کان زياده مهذب هئي. اها تهذيب اخلاق ان ڳالهہ مان ظاهر هئي جو هوءَ بار بار چوندي هئي تہ هن جي زندگيءَ هُن لاءِ آهي ۽ هن جي ٻارن لاءِ آهي. ناموس دماغي توازن بگاڙي وجهندو آهي ۽ هن جي چوڌاري هڪ نفسياتي فضا پيدا ڪندو آهي. ماڻهو هن جي ظاهري خط و خال جي باري ۾ مسلسل گفتگو ڪندا آهن پر جيڪولين پنهنجي حسن جي شهرت جي باوجود، هڪ سمجهدار ۽ هوشيائتي عورت هئي. هن ۾ باوقار خاموشي هوندي هئي. هن جا وڏا گول عينڪ جا شيشا ۽ مٿي تي اسڪارف تہ هن جي نازڪ طبيعت جا ڏيک ڏيندا ها. پر هن جي اندر کي چڙ

هڪ زره پئي هوندي هئي جا هُن کي هر ڏُک ڏولائي کان محفوظ رکندي هئي. هن کي ان لاءِ عجيب غريب ذات هوندي هئي ته ڪيئن اوچتو آلوپ ٿي ويجي. هوءَ ڄاڻندي هئي ته عوام جي ڏيان تان ڪيئن چُپ چاپ هٽي ويجي ۽ نفاست سان معدوم ٿي وڃجي. اها ڳالهه به ائين هئي جيئن هن وقت هوءَ راهه عدم تي وڃي رهي آهي، ڪيڏانهن؟ ڪيئن ڇئجي!

ڪنهن چيو آهي "آخر موت ڇا آهي؟ اُهو هڪ موسم لاءِ سفر آهي، هڪ ڏکهي ننڊ آهي جي اوهان موت کان ڊڄو ٿا ته اوهان کي ننڊ کان به ڊڄڻ گهرجي."

پوءِ به هڪ خوبصورت گلاب جو گل ٽاريءَ تان پٽجي وڃي ٿو ۽ پُسي ٽاري هوا ۾ لُڏندي نظر اچي ٿي، ته واءُ ۾ ٽِڏا ساهه ٻُڌڻ ۾ اچن ٿا. پر وليم پين صحيح چيو آهي ته:

"زندگيءَ جي مُنتها اها ساڃاهه آهي ته زندگيءَ جي ڪائي انتها نه آهي ۽ اُها رڳو روان دوان وقت کان ابد ڏانهن مڙي وڃي ٿي."

جيڪي ڪئور انقلابي اسڪرين تي ميري انٽونيٽ کي گلوٽين هيٺان ڏسي خوش ٿيندا آهن، اُنهن جيڪولين جي موت کي بورجوا عورت جو موت سمجهي لنوائي ڇڏيو هوندو پر هو اهو نه ٿا ڄاڻن ته هُن جهڙي تاريخ جي خاموش تماشائي ڪائي عورت ورلي ٿي آهي.

هوءَ آمريڪا جي فرسٽ ليڊي هئي، جنهن کي 1961ع ۾ روسي ڪميونسٽ پارٽيءَ جي صدر نڪيتا ڪرشچوف جهڙو پوڳائي مڙس ويانا ۾ ڏسي دنگ رهجي ويو هو. جڏهن فرانس جو صدر چارلس ڊيگال يو. ايس آيو هو ۽ نڪ کي موڙا ٿي ڏنائين، تڏهن جيڪولين کي ڏسي فريفته ٿي پيو هو ۽ چيو هيائين. "ڪهڙي نه لاثاني فرينچ ٿي ڳالهائي؟ ڇا هن جو نسل (Gall) قوم مان آهي." (گال فرانس جي تاريخ ۾ پهرين قوم هئي). ڪجهه وقت کان پوءِ جڏهن هوءَ فرانس وئي ته لکن جا هجوم هن کي ڏسڻ لاءِ آتا نظر آيا. اُن وقت هُن ڊيگال کي چيو، "منهنجا وڏا فرينچ هيا." ڊيگال جنهن کي پنهنجي باري ۾ احساس برتري هو اُن جواب ڏنو "مئڊم منهنجا وڏا به فرينچ هئا."

مون کي ڪنهن دوست ٻڌايو ته جڏهن هوءَ ايوب خان جي زماني ۾ پاڪستان ۾ آئي هئي تڏهن ايوب خان هن کي چانديءَ جي تارن سان پريل ٽري ڪيس تحفي طور ڏنو هو. هن راتو رات اُن ڪيس مان فراڪ سبايو هو ۽ ٻئي ڏينهن ڊنر تي آئي هئي ته ماٺهو ته ٺهيو، بجليءَ جا قمقما به هُن کي ڏسي حيرت ۾ اکيون ڇنيڻ لڳا ها.

هن جي طور طريقي ۾ گهمنڊ نه هو. هن کي زندگيءَ جو عجيب ڍنگ هو. هوءَ

بناءَ سينگار زيب و آرائش جي بہ ايتري قائل نہ هئي پر پوءِ بہ هن مان حسن جو اهو تصور بکندو هو جو ماڻهو ڏسي موهجي ويندا ها. هن فرسٽ ليڊيءَ جي لباس ۾ حيرت انگيز انقلاب آڻي ڇڏيو هو. هن کي جماليات جو عجيب حس هو. هوءَ پنهنجي ميزبانيءَ وقت پبلو ڪاسل (Pablo Casals) جهڙا موسيقار گهرائيندي هئي ۽ آمريڪا جي بئلتي ٿيئٽر (Ballet Theater) کي همٿائي. جڏهن جان ڪينيڊيءَ جي سياست کي چمڪائي وجهندي هئي. هن صدارتي محل مان اُتاريل تصويرون سڀ لاهي ڇڏيون ۽ مستند اصلي تصويرون ٽنگرايون. هن جي صدارتي رهائش جي زيبائش ۽ آرائش کي ٽي ويءَ تي اسي ملين ماڻهن ڏٺو.

چيو ويو آهي تہ جڏهن هن جي پُٽ جان 1979ع ۾ ڪينيڊي لئبرري انگريز شاعر اسٽيفن اسپينڊر جي هينيءَ شعر سان منسوب ڪئي:

I think continually of those who were truly great.

(ترجمو: مان سدائين اُنهن جي لاءِ سوچيندو آهيان جي واقعي عظيم هُيا)

تہ هُن چيو "مان اهڙي شاعر سان ملڻ ٿي چاهيان. مان چاهيان ٿي تہ منهنجي ڌي ڪئرولين بہ هُن سان ملي."

آلا! اهڙي عورت جي تقدير تہ ڏسو. انگريزيءَ ۾ سورهين صديءَ جو هڪ پهاڪو آهي.

He that is born to be hanged shall never be drowned.

(ترجمو: جيڪو ڄايو ئي ان لاءِ آهي تہ هن کي ڦاسي اچي، اُهو ڪڏهن بہ پاڻيءَ ۾ نہ ٻڏندو.)

آلا، نصرت ڀٽو ئي جيڪولين ڪينيڊيءَ جو ڏک چڱي طرح سمجهي سگهي ٿي جنهن شهيد ڀٽي جو لاش ڳڙهي خدا بخش ۾ ڏٺو هو. اها بي ڳالهہ آهي تہ نصرت جي رد‌عمل ۾ مزاحمت هئي، جيڪولين جو رد‌عمل فرار هو. 22 نومبر 1963ع تي ڊلاس ۾ ڪينيڊي قتل ڪيو ويو جڏهن هو جيڪولينءَ سان ڪار ۾ ويٺو هو. جيڪولين جي اکين مان ڳوڙها ائين اُڏامي ويا جيئن آرهڙ جي اُس ۾ ماڪ اُڏامي ويندي آهي. هُن جون اکيون ڪنهن دور دراز خلا تي کپي ويو هيون، جتي هڪ پل اڳ ۾ جيئرو جان ڪينيڊي، آمريڪا جو خوبصورت صدر، تيز پرانگهون پائي گم ٿي ويو هو. جڏهن ڪوئي سوال هن کي گهوماتي ڏئي رهيو هو "ڇا هو وري نہ ورڻو آهي؟" هن ڪان پاڻ وسري ويو هو. هن جا لٽا خون ۾ لت پت هئا. هر ڪو خون خرابي کان پڇي رهيو هو پر هوءَ اُتي ڄمي وئي هئي. ڊلاس جي پاڪر لئنڊ ميموريل اسپتال ۾ هُن چيو: "ڊاڪٽر تون ڇا ٿو سمجهين، ڇا مان ڪفن ڏسي گهبرائجي وينديس؟ مان پنهنجي مڙس کي مرندو ڏٺو آهي. هن کي منهنجين ٻانهن ۾ گولي لڳي هئي. هن جو رت منهنجي تن بدن تي آهي. مون

ڪيفيت مان ايپي ڪيورس جي دنيا ۾ ٽپو ڏنو. بابيءَ جي قتل کان ڪجهه وقت پوءِ هُن اوناسس (Onassis) سان شادي ڪئي، جو يوناني شپنگ ٽائڪون (پاٽيءَ جي جهازن جو وڏو تاجر_ Shipping Tycoon) هو ۽ هُن کان اُٺٽيهه سال عمر ۾ وڏو هو. هوءَ آمريڪا جي شاهي خاندان کي ايئن ڇڏي ڪيئن وئي؟ اخبارن ۽ رسالن ۾ هن جون ڪيئي تصويرون يونوج سمنڊ ۾ سير سفر ڪندي شايع ٿيون. ڪڏهن هوءَ ڪنهن يوناني ٻيٽ تي سج ۾ واريءَ تي ليٽي پئي هوندي هئي ته ڪڏهن نائيٽ ڪلبن ۾ هوءَ مُرڪندي نظر ايندي هئي. اها ٻي شادي ڪامياب نه وئي. ڪنهن وقت هو آرام ۽ اطمينان سان هوندي هئي، ڪنهن وقت نه. اوناسس جي ڌيءَ ڪرسٽينا هن کي ويهه ملين ڊالر حصي ۾ ڏئي جان ڇڏائي. پوءِ جيڪولين نيويارڪ موٽي آئي ۽ اُتي رسالن ۽ ڪتابن تي ڪم ڪيائين. هن جا ٻار وڏا ٿي چُڪا ها. 1986ع ۾ ڪئرولين هڪ وڪيل ۽ مصنف هئي، هڪ آرٽسٽ سان شادي ڪئي هئائين ۽ ڪيس چار ٻار هئا.

جان به نيويارڪ ۾ ڊسٽرڪٽ اٽارني آهي. ٻارن سان قربت، سٺي صحت، هڪ ملازمت جنهن سان هن جي محبت هئي ۽ دلنواز دوست، اهي سڀ هن جي زندگيءَ کي خوشگوار رکي رهيا ها. اوناسس ڪڏهن ڪڏهن ڪينيڊي فئملي کي سير و تفريح لاءِ وٺي ويندو هو.

ڇا ڪڏهن هُن ڪينيڊي وانگر محسوس ڪيو هو؟ هن ڏهن سالن کان هڪ هيرن جي واپار ڪندڙ عورت سان شادي ڪئي هئي جا ڪافي مالدار هئي ۽ جنهن کي ڪيئي ملين ڊالر ها. جيڪولين ڪينيڊيءَ جي پڇاڙي اوچتو آئي. هوءَ ته پاڻ کي ٺيڪ ٺاڪ سمجهندي هئي پر هن کي اوچتو پتو پيو ته هن کي ڪئنسر آهي. جنهن کي انگريزيءَ ۾ (Non_ Hodgkin's lymphoma) چيو ويندو آهي. پهريون ڀيرو هن جي ذاتي زندگيءَ جي ڳالهه سرِ عام پڌري ٿي. اربع ڏينهن هن کي لاعلاج ظاهر ڪيو ويو ۽ خميس تي هوءَ مري وئي ۽ هن کي ارلنگٽن جي قومي قبرستان ۾ پنهنجي مڙس ۽ پٽ پرسان دفنايو ويو.

جيڪو لين ڪينيڊيءَ جي زندگيءَ تي سوچي مون کي غالب جو بي مثال شعر ياد آيو.

سب کہاں کچھ لالہ و گل میں نمایاں ہو گئیں
خاک میں کیا صورتیں ہو نگی کہ پنہاں ہو گئیں

(ترجو: سڀ ڪٿي لاله ۽ گل ۾ ظاهر ٿيون آهن. خاڪ ۾ ڪيتريون صورتون ڇُپي ويون آهن.)

*(26 مئي 1994ع)*

# مذهب ۽ چيني ڪميونزم

انسان ذات اشتراڪي معاشري ۾ رهي، پرولتاري مطلق العنانيت (Proletarian authoritarianism) ۽ سيڪيولر انسان دوستيءَ (Secular humanism) مان ويساهه وڃائي ويٺي آهي. نه رڳو اُتان جي دانش ور طبقي پر عوام الناس کي به خدا ۾ يقين جي ضرورت محسوس ٿي آهي. خدا رسائيءَ کان بعيد آهي پر پوءِ به رڳِ گردن کان ويجهو آهي. هو انسان ۾ به آهي ۽ هن جي هر طرف به آهي. خدا ڏانهن صرف هڪ شاهراهه نه آهي. هو ته ريگزار ۾ نخلستان وانگر آهي ۽ اُن ڏانهن ويهه واٽون وڃن ٿيون. اسان اها واٽ اسلام جي ذريعي چونڊي آهي، جا صراط المستقيم آهي. پر جي ٻي ڪنهن ذريعي انسان کي خدا ۾ يقين اچي ٿو ته اُهو ذريعو به دهريت کان بهتر آهي.

اشتراڪي چين ۾ ٻُڌ جا مجسما هوندا ها، جي ٻوڏي لڪائي رکندا ها، هوُ سمرٽيون سوريندا ها ۽ پنهنجون نيم انوسار پرارٿنائون ڪندا ها. جيڪڏهن ڪميونسٽ اهي پرستش جون جايون ڳولهي لهندا ها، ته انهن کي سر ٻمهر ڪري ڇڏيندا ها. هاڻي ماڻهو جان جوکو ڪٽي به ٻُڌمت جي پرستش ڪن ٿا. ٽيهه سال اڳي جا زندگي ڪميونسٽن درهم برهم ڪئي هئي، اُها واپس اچي رهي آهي. بيجنگ جي دور دراز سرزمين کان هماليا جي پهاڙي چوٽين تائين هاڻي مذهب جا نانوَ نشان ملن ٿا. ثقافتي انقلاب وقت جي سياچن ۾ ٻوڏي مندر تباهه ڪيا ويا ها، ٻيهر تعمير ٿي رهيا آهن ۽ اُنهن ۾ ويساهي ماڻهو اگربتيون ٻاري رهيا آهن. ڪيئي واهڻي تائو ڌرم جي سنياسين لاءِ پاچين جون ٺوڪريون آڻن ٿا ۽ اُنهن گڦائن جي ٻاهران ڇڏي وڃن ٿا، جن جي اندر هو تپسيا ڪن ٿا.

لکين مسلمان مسجدن ۾ سربسجود ٿين ٿا ۽ پنهنجا مذهبي ڏينهن ملهائن ٿا.

چين جا ليڊر مونجهاري ۾ پئجي ويل آهن ته هو ان ڳالهه تي ڪهڙو ردعمل ڏيکارين! اجا تائين هو اها دعويٰ ڪري رهيا آهن ته هو روحاني سوشلسٽ تهذيب جي اڏاوت ڪري رهيا آهن ۽ اُتان جي سرڪاري اخبار 'پيپلز ڊيلي' اجا تائين مذهبي وهم ۽ وسوسي جي خلاف رنڀي رهي آهي، پر اها ڳالهه ظاهر آهي ته

مارڪست طور طريقي جي آڇتائي ان مان واڪي تي پئي آهي جڏهن ڪان ان ۾ آزاد مارڪيٽ لاءِ سڌارا شروع ڪيا اٿائون. ان جو نتيجو اهو ٿيو آهي ته چيني عوام کي اندرين ڏي لاءِ ڇتي لوڙ محسوس ٿي آهي ۽ پنهنجي جذباتي آسودگيءَ لاءِ گهٽيون گهمندا ٿا وتن. جن ۾ نجومي ۽ جوتشي قطارون ڪري ويٺا آهن. نوان شادي شده جوڙا رمال ڳولي ٿا لهن ۽ اُنهن سان پنهنجي گهرو اطمينان لاءِ صلاح مشورا ٿا ڪن. مندر جي دڪين تي آگر وديا جا ڇاٽو تکو ۽ ڦڙت ڏنڊو ڪري رهيا آهن. ساڳي وقت بيجنگ روايتي مذهب کي پيهر همٿائي رهي آهي جيئن اُهي وهم پرستيءَ تي روڪ وجهي سگهن. چين جي مذهب دشمني ان ڪري به گهٽجي وئي آهي جو اولهه چين ۾ هنگاما ٿيا آهن جتي ڏهه اقليتون مشرف به اسلام ٿيون آهن. اڳين سال اُتي هڪ مسجد تي تڪرار سبب پنجاهه ماڻهو مري ويا. چيني حڪومت اُن تي هڪ ٽاڪئون امن مسلط ڪيو ۽ پنج هزار بندوقون هٿ ڪيون.

چائنيز اڪيڊمي آف سوشل سائنسز انهيءَ نتيجي تي پهتي آهي ته اسلام تي زياده جبر و تشدد نه ڪيو وڃي. گذريل سال بيجنگ اختياري وارن تي هزار مسلمان سرڪاري خرچ تي حج موڪليا پر آفيسر اجا ان اسلامي رجحان تي مونجهاري ۾ آهن. جو خاص ڪري زن جيانگ (Xinjiang) صوبي ۾ خودمختياري طلب ڪري رهيو آهي، جتي 15 ملين مسلمان اوير ترڪستان جهموريه جي گهر ڪري رهيا آهن. زن جيانگ جي ڏکڻ ۾ ٻڌ ڌرم جا ماڻهو ائين پرارٿنائون ڪري رهيا آهن جيئن ڪين وٽن ٿيون. جيستائين اُهي آزاديءَ جي گهر نه ٿا ڪن، اُنهن تي روڪ ٽوڪ نه ٿي ڪئي وڃي. خاص ڪري تبت جون لاماسرايون ته حڪومت جي بنهه پرواهه نه ٿيون ڪن. جتي ويهه پروهت ضروري آهن اُتي پنجاهه رکيا ويا آهن. هڪڙيءَ لاما سراءِ ۾ ته هڪ هزار پروهت آهن. چاڪاڻ جو تبت جي پارت سان سرحد کي استريٽيجيءَ واري اهميت آهي، بيجنگ ڪائي ڪارروائي نه ٿي ڪري (جڏهن مائوءَ جي زماني ۾ چين تبت والاريو هو ته هُلايو ويو هو ته لاما سراين ۾ ٻڌ جا مجسما رکيل آهن ۽ اُتي چيني سپاهين جون گوليون پهچي نه سگهنديون. مائوءَ حڪم ڏنو هو ته ٻڌجا پتل جا بُت پگهاريو. اُنهن مان گوليون پلٽيون وجن ۽ پوءِ چيو هئائين، "هاڻي ته گوليون لاما سراين ۾ پهچنديون.")

گذريل هفتي تبت جي جلاوطن رهنما دلائيلاما واشنگٽن ۾ آزاديءَ جي گهر ڪئي، جيتوڻيڪ هن چيو ته ثقافتي ڏي وٺ جي بدلي چين تبت ۾ خارجه پاليسي ۽ دفاع پاڻ سان رکي سگهي ٿو. بيجنگ اهڙي آڇ کي ٺڪرائي ڇڏيو. بيجنگ لاسا (Lhasa) ۾ چيني انبوهه مستقل طور تي منتقل ڪري رهي آهي ۽ تبت جي گادي لاسا جون پراڻيون جايو ڊاهي رهي آهي. بئي هنڌ چين ۾ عبادت گاهه

سئلانين جي تفريح لاءِ مخصوص ڪيا ويا آهن. بيجنگ ۾ هڪ تائوءَ جو مندر ويهہ هزار سئلانين کي هر سال ڪشش ڪري ٿو. اهي ساڳيون جايون آهن جن جي 1960ع ۾ سرخ محافظ بي حرمتي ڪندا ها. ذڪڻ ۾ تيوان ۽ هانگ ڪانگ جا رهاڪو بي فلڪائي سان ٻوڏي مندر ۾ وڃن ٿا. پر تائو (Tao) مَت کان حڪومت خاص خوف ڪري ٿي ڇو تہ اُها مت نہ رڳو سرڪار دشمن آهي پر اُها فرد جي خود شناسيءَ تي اصرار ڪري ٿي ۽ سوين صديون جهونو سرگ آچي ٿي. مارڪسزم جي تنزل اڪثر دانشور طبقي کي تائو ۽ ٻڌ جي ڪلاسيڪي پُستڪن ڏانهن موٽايو آهي. آخر ٻُڌمت جو مرڪزي نڪتو تہ دُک آهي ۽ چيني دانشورن ڪافي دُک ڏٺو آهي، هو انهيءَ نتيجي تي پهتا آهن تہ ٻڌ مت چيني زندگيءَ جو لازمي حصو آهي.

انقلاب چين اهي سنگ دل انسان پيدا ڪيا جن وڏن شهرن ۾ ڪُل ڪبوتر ۽ جهرڪيون ماري ڇڏيو ڇو تہ اُهي ديوارن جو رنگ خراب ڪري رهيون هيون. هاڻي ماڻهو بد دل ٿي ٻهراڙي ۾ ڌيان گيان ڏانهن موٽن ٿا ۽ آپ سُوارٿ کان پاسو ڪن ٿا. ٻُڌ ۽ تائو مت وارا زندگيءَ جا ڪيئي سال پهاڙي چُرن ۾ لوڪ تياگي ٿي ڪاٽن ٿا. انهن مان ڪيئي سنياسي وري دنيا ڏانهن نہ موٽندا. پوءِ پلي يبيجنگ انهن جي آجيان لاءِ ٻاهون ڏگهيون ڪري!

ڪميونسٽ نظرئي مطابق تيستائين ڪنهن بہ مذهبي اداري کي آزادي نہ هوندي جيستائين اُن جا تعلقات ملڪ کان ٻاهر هوندا. اها ڳالهہ اوائن جيليڪل (Evangelicals) فرقي لاءِ تہ ڪافي آتڪ پيدا نہ ٿي ڪري باقي ائنگليڪن (Anglicans) فرقي جي ساري دنيا ۾ رفاقت (Communion) آهي ۽ رومن ڪئٿولڪ فرقي جي تہ ان کان وڌيڪ آهي، جن جي ڪلمر ڪلا وفاداري وئٽيڪن (Vatican) سان آهي. چين ۾ ان طرح بہ عيسائي مذهب آهن. هڪ سرڪاري آهي ۽ جنهن کي محب الوطن ڪئٿولڪ جماعت ڪوٺن ٿا ۽ جي وئٽيڪن ۽ بيجنگ ۾ انهيءَ نااتفاقيءَ تي اعتراض نہ ٿا وٺن جا 1958ع ۾ پيدا ٿي هئي. اُها جماعت ٽئن ملين پوئلڳن جي دعوي ڪري ٿي. ٻي زير زمين رومن ڪئٿولڪ چرچ آهي، جا 6 ملين پوئلڳن جي دعوي ڪري ٿي. سرڪاري پراٽيسٽنٽ فرقن ۾ 11 ملين پيروڪار آهن پر اٽڪل 30 ملين ماڻهن کان 60 ملين ماڻهن تائين پراٽيسٽنٽ فرقي جا ماڻهو غير سرڪاري گهرو ديولين ۾ عبادت ڪن ٿا. ثقافتي انقلاب واري دؤر ۾ يا اُن کان اڳ يا پوءِ هر جبر ۽ تشدد جي باوجود، ڪميونزم عيسائيت يا ٻيءَ ڪنهن مذهب جي جڙ اُکوڙي نہ سگهي آهي. هاڻي تہ ڏڙاڏڙ ڪسان ڪنهن ڪنهن چرچ ۾ شامل ٿي رهيا آهن. چين جا ڪميونسٽ حاڪم عيسائيت کي هڪ ٻاهريون مذهب سمجهندا آهن. اُنهن جون خفيہ ايجنسيون

اجا تائين ديولين تي بندش وجهن ٿيون. ٻاهران آيل تبليغ تي روڪ رکن ٿيون. مشنرين کي قيد ڪن ٿيون ۽ ڪنهن وقت تہ ماري بہ ڇڏن ٿيون. ڪميونزم انسان جي دل ۾ روحاني خال ڇڏيو آهي ۽ ماڻهو اُن مان بيزار ٿي پيا آهن ۽ انڪري مذهبيت ڏانهن اُنهن جو رجحان وڌي رهيو آهي.

ڪارل مارڪس ڪافي وقت اڳي چيو هو تہ ”مذهب ڏکويل ماڻهوءَ جو ٿڌو ساهہ آهي............... اهو عوام جو آفيم آهي.“ ڪميونزم پنجهتر سال اڌ دنيا تي قابض رهي. پر ڪميونسٽ اها مارڪس جي چوٽي ثابت ڪري نہ سگهيا. جارج برنارڊشا ڪهڙو نہ چڱو چيو آهي:

What I mean by a religious person is one who conceives himself or herself to be the instrument of some purpose in the universe which is a high purpose, and is the motive of evolution, that is of a continual ascension organization and power of life and extension of life.

(ترجمو: مذهبي ماڻهوءَ سان منهنجو مقصد اهو آهي تہ هو پاڻ کي مقصد ڪائنات جو ذريعو سمجهي، جو هڪ عظيم مقصد آهي ۽ جو ارتقا جي پٺيان قوتِ ارادي آهي، جا زندگيءَ کي تنظيم ۽ قوت ۾ اعليٰ رتبو ڏئي ٿي ۽ زندگيءَ جي درازي بہ آهي.)

ان ۾ ڪوبہ شڪ نہ آهي تہ مذهب ڏکايل ماڻهوءَ لاءِ آٿت آهي، بيمار لاءِ سهارو آهي ۽ ڪنهن وقت هڪ ڪميني ماڻهوءَ تي روڪ آهي. هي دهريا پاڻ کي سمجهن ڇا ٿا؟ جدلياتيماديت، جدلياتي ماديت ڪري مٿو کائي ويا آهن! هنن رڳو اهو منتر ٻڌو آهي، نہ تہ نہ ماديت جي فلسفي جي باري ۾ ڪجهہ ڄاڻن ٿا ۽ نہ جدليات جي باري ۾. اهي پاڻ کي سائنسي سوچ جو اهل سمجهن ٿا، پر اهڙيءَ سوچ کان بنهہ ڪورا آهن. هي ڪهڙا آئن اسٽائن جا شاگرد آهن جي سائنسي سوچ جي ڳالهہ ڪن ٿا؟ انهن سنڌ جو سڀ کان وڌو نقصان ڪيو آهي.

چيني ڪميونسٽ بہ اڪثر اوقات اهڙائي نااهل آهن ۽ انساني نفسايت جو شعور کين بلڪل ڪونہ آهي. انهن جي باري ۾ پڙهي حافظ جو شعر ياد ايندو آهي.

فلک بمردم سفلی دهد زمام مراد،
تو اہل دانش و فضلی ہمیں گناہت بس!

(ترجمو: آسمان نيچ ماڻهن کي مراد جي واڳ وَس ۾ ڏئي ڇڏي ٿو.
توکي تہ دانش ۽ فضل آهي. سنڌءِ اهو گناهہ ڪافي آهي.)

(27 مئي 1994ع)

# تبت ۽ اُن جو مستقبل

تبت مٿاهين پٽ (High Plateau) تي آهي. جنهن جي سراسري بُلندي (Average altitude) سورنهن هزار فُٽ آهي. اُتر ۾ اُن جي ڪن لُن شان، اولهه ۾ قراقرم جو سلسلو ڏکڻ اولهه ڏي لداخ جو سلسلو ساريءَ ڏاکڻيءَ سرحد تي هماليا پهاڙ ۽ اوڀر طرف يئنگٽزي(Yangtze) ندي آهي.

تبت لاما ازم جو مرڪز آهي جا مهايان ٻُڌمت جو هڪ روپ آهي. لفظ لاما ازم 'لاما' مان نڪتو آهي جي تبت جا پروهت آهن. دلائي لاما جو خطاب 1570ع ۾ وڏي ۾ وڏي لاما کي منگول سربراهه التن خان ڏنو هو جو اڃا هلندو اچي.

23 مئي 1951ع تي چين تبت معاهدو (Sino Tibetan agreement) وجود ۾ آيو جنهن موجب تبت جي خارجہ پاليسي ۽ دفاع چين کي ڏنو ويو باقي داخلي معاملن ۾ تبت خودمختيار رهيو. 1952ع ۾ لاسا (Lhasa) ۾ تبت خودمختيار خطي لاءِ ابتدائي ڪميٽي (Preparatory Committee) مقرر ڪئي وئي ۽ 1959ع ۾ پنچن لاما دلائي لاما جا اختيار سنڀاليا. ڪميٽي کي هڪ چيني ريزيڊنٽ جنرل هلائيندو هو. 1965ع ۾ خودمختيار خطي جي هڪ عوامي ڪانگريس ٺي جنهن ۾ 301 عيوضي آيا جن مان 226 تبت جا ها ۽ اُنهن ۾ چيئرمين، ڇهه وائيس چيئرمين ۽ يارنهن ڪائونسل جا ميمبر چيني ها.

پيپلز ڪائونسل تبت جو اعليٰ ترين اختياري وارو ادارو آهي. يارت ۾ 35 سالن جي جلاوطنيءَ جي باوجود دلائي لاما جي پوسٽر هڪ ڏهه يئان (Yuan: تبت جو سڪو) جي نوٽ کان وڌيڪ قيمتي سمجهيا وڃن ٿا. اڃا تائين تبت جي عوام ۾ دلائي لاما هر دلعزيز آهي ۽ هن کي عوام لاءِ سياسي ڪشش آهي، جا ڳالهه چيني اختياريءَ وارن کي پسرائي رهي آهي.

بيجنگ ڪافي عرصي کان دلائي لاما خلاف سفارتي جنگ ڪندي رهي آهي، جنهن کي 1989ع ۾ امن لاءِ نوبل انعام ڏنو ويو هو. جڏهن ڪلنٽن وائيٽ هائوس ۾ چين جي نمائندي سان گذريل اپريل ۾ مليو هو تڏهن هن تي چين پنهنجن اندروني معاملن ۾ دخل اندازيءَ جا الزام هنيا ها. چين جو چوڻ آهي تہ تبت پندرنهينءَ صديءَ کان وٺي اُن جي سرزمين جو حصو آهي. جڏهن دلائي لاما

وائيٽ هائوس ۾ ملاقاتات ڪئي تڏهن چين جي دفتر خارجہ ڏڪو ڏنو تہ اُن کي پنهنجي پاليسيءَ تي نظرثاني ڪرڻي پوندي ۽ چيو تہ "تاريخ ۾ اهڙيون ساريون ڪوششون جن جي ذريعي تبت کي چين کان ڌار ڪرڻ لاءِ سوچيو ويو آهي، ناڪامياب ٿيون آهن. جيڪو بہ انهيءَ جهوني رستي تي وک کڻندو، اُن جي پڇاڙي چڱي نہ ٿيندي"

آمريڪا هاڻي چين کي سيني کان زياده مراعات يافتہ قوم تسليم ڪيو آهي. ان کان ڪجهہ وقت اڳ آمريڪا اقرار ڪيو هو تہ تبت چين جو حصو آهي. ائين آهي تہ پوري دنيا دلائي لاما کي عزت ڏئي ٿي پر ڪوبہ ملڪ هن جي جلاوطن حڪومت کي تسليم ڪرڻ لاءِ تيار نہ آهي، جا اُتر ڀارت جي هڪ پهاڙي شهر تي ڌرم شالا ۾ آهي. ڌرم شالا جي چوڌاري هزارين تبت واسي رهن ٿا جن جو مقامي پهاڙي قوم گدَي (Gaddi) سان ٺاهہ نہ آهي. ويجهي چڪ ۾ ٻنهي قومن ۾ ٻيچيني وڌي رهي آهي. انهن جي جهيڙي کي مقامي هندو سياستدان وڌائي رهيا آهن ۽ دلائي لاما پنهنجو صدر مقام بنگلور ڏانهن ڦيرائڻ جو سوچي رهيو آهي.

پنهنجي نانوَ ناموس کان سواءِ دلائي لاما جو ٻيو ڪوئي هٿيار نہ آهي. دلائي لاما بيجنگ جي اڳواڻن سان گفتگو ڪرڻ چاهي ٿو. هو چاهيندو تہ چيني تبت کي سوراج وانگر خودمختياري ڏين جيئن مون اڳي لکيو آهي تہ: "هو چاهي ٿو تہ تبت جي اندروني معاملن تي تبت جو اختيار رهي باقي امورِ خارجہ ۽ دفاع چين جي هٿ ۾ هجي." تازو هن آمريڪي پريس کي انٽرويو ڏنو آهي، اُن جي ذڪر ڪرڻ کان اڳ مان اهو ضرور ورجائڻ ٿو چاهيان جو ڪنهن وقت نئپولين بونا پارٽ چيو هو.

"All empires die of indigestion"

(ترجمو: سڀ سلطنتون بدهضميءَ کان مري وينديون آهن).

چيني سامراج بہ ائين پنهنجي توڙ تي پهچي چڪو آهي ۽ ٽُٽڻو آهي جيئن روسي سامراج ٽُٽي ويو. مان ڀانيان ٿو تہ هاڻي تبت جا نوجوان وڌيڪ صبر ڪري نہ سگهندا ۽ اهنسا جي متي کي ترڪ ڪري، هٿيار کڻي مڪمل آزاديءَ لاءِ وڙهندا. هاڻي زور اڳيان زاريءَ جو زمانو گذري چڪو آهي، زور اڳيان شهزوريءَ جو وقت آهي.

دلائي لاما چين جي فوجي طاقت ڏسي، تبت جي فوجي جدوجهد کي مسترد ٿو ڪري ۽ تيستائين ترسڻ ٿو چاهي جيستائين تبت ۾ جمهوريت جو دؤر دورو شروع ٿئي. مان اڳي بہ مائوءَ کان نفرت ڪندو هوس ۽ هاڻي بہ ڪندو آهيان.

وليم شيڪسپيئر پنهنجي ڊرامي 'جيولس سيزر' ۾ هڪ هنڌ چيو آهي.

Why, man, he doth bestride the narrow world,

Like a Colossus; and we petty men,
Walk under his huge legs, and peep about.
To find our selves dishonorable graves.

(ترجمو: ڇو ھيءُ انسان, ھن سوڙھيءَ دنيا مان ديوَ وانگر ہرانگھون پائي ٿو ۽ اسان ٿُچ ماڻھو ھن جي ڏگھين ٽنگن جي وچ مان نھاري ڏسون ٿا ۽ پنھنجون بي مانيون قبرون ڳوليون ٿا.)

انھيءَ ديو جيڏي انسان مائوءَ جي موت کان پوءِ چين جي ڪھڙي حالت ٿي آھي, سا دنيا ڄاڻي ٿي.

ھاڻي اچون ٿا دلائي لاما جي انٽرويو تي. ھن کان جڏھن پڇيو ويو تہ "چين تہ ان کان ٻاھر انڪار ٿو ڪري تہ ھو تبت جي ثقافت کي ناس ڪري رھيو آھي", تڏھن ھن جواب ڏنو: "تبت جا رھواسي پنھنجي ديس ۾ اقليت ٿي رھيا آھن. ھن وقت ساڍا ست ملين چيني آھن ۽ ڇهہ ملين تبت جا رھواسي آھن. اسانجي تاريخي ڌرتي اڌ تہ چين ۾ سمائجي چڪي آھي. جڏھن انساني حق زياده لتاڙيا ۽ ماحولياتي نقصان ٿيندو, تڏھن ڪجھہ ثقافتي قتل عام تہ ٿيندو."

جڏھن ھن کان پڇيو ويو تہ: "تون تبت جو مستقبل ڪيئن ٿو ڏسين؟" تڏھن ھُن چيو: "وقت ھتان نڪري رھيو آھي, جي ٻيا ڏھہ سال گذرندا تہ تبت ھوندو ئي ڪونہ تہ بچائبو ڇا؟ مون چيني حڪومت سان مشورو شروع ڪيو آھي پر اُھو ناڪامياب ٿيو آھي."اِھو آھي دلائي لاما جو ردعمل جو عدم تشدد جو پرستار آھي.

ايئن آھي تہ بيجنگ ڪافي سالن جي ڏاڍ ڌمر کي ڪجھہ ٿڌو ڪيو آھي, پر تبت جا اڪثر رھواسي اھو محسوس ڪن ٿا تہ آخر سندن قديم ثقافت ختم ٿي ويندي. ڏيئي ۾ تيل ئي نہ رھندو تہ ٻرندو ڇا ٿي؟

ھاڻي ڪجھہ تحفظاتي قانون ڊرا ڪيا ويا آھن ۽ ڪجھہ لاما سرايون, جن کي مائوءَ جي ثقافتي انقلاب پيري مسمار ڪيو ويو ھو ٻيھر ٺھرايون ويون آھن, پر تبت واسي ان ڳالھہ کي شڪ سان ڏسن ٿا ۽ ايئن سمجھن ٿا تہ حڪومت اھا ڳالھہ انھن اسي ھزار سٽلائين کي ڪشش ڪرڻ لاءِ ڪري رھي آھي. جي چينگ دو ۽ کٽمنڊوءَ مان ھر سال نون ھفتن کان ايندا رھندا آھن. ڪن جو چوڻ آھي تہ في الحال 1992ع کان تشدد جا واقعا نہ ٿا ٿين ۽ ماڻھو آزاديءَ کان سواءِ ٻئي ھر ڳالھہ تي بحث ڪري ٿا سگھن."

ٻيا چون ٿا تہ "انساني حقن جي ڪميشن رپورٽ ڪئي آھي تہ 1993ع ۾ 500 ماڻھو قيد ڪيا ويا آھن, جن مان اڪثر سنياسي ۽ سنياسڻيون آھن."

لاسا ۾ ٿوري شھر نيڪالي ڏنل جماعت ۾ بہ ڏڙا تي ويا آھن. ھڪڙا اُھي جي چون ٿا تہ چين تبت کي جديد دنيا سان روشناس ڪرائي رھيو آھي ۽ ٻيا اُھي

جي چون تا تہ چين سندن قديم تهذيب ۽ تمدن جي ستياناس ڪري رهيو آهي.

تبت واسي اُهو وساري نہ سگهيا آهن تہ مائوءَ واري ثقافتي انقلاب وقت سندن ملڪ کي تباهہ ڪيو ويو هو ۽ هُو پنهنجي ديس ۾ اقليت ٿي ويا آهن. اها ڳالهہ تہ ڪوئي بہ برداشت نہ ٿو ڪري سگهي تہ ٻاهران آيل سندس اڪثريتي قوم کي اقليت بنائي ڇڏن. دنيا جي تاريخ ۾ ان طرح ڪيئي قومون اقليت ۾ تبديل ٿي نيٺ مليا ميٽ ٿي ويون آهن. تبت ۾ بہ بظاهر تہ تبتي ۽ چيني آفيسر گڏجي حڪومت هلائي رهيا آهن پر سچ پچ اقتدار مقامي ڪميونسٽ پارٽيءَ جي سربراهہ چين ڪُئني يان (Chen Kuiyan) وٽ آهي، جو چيني آهي. هن وقت آمريڪا جو لاڙو چين طرف آهي. آمريڪا اُن تي ڪيترو بہ ڏک رکي پر هڪ ڳالهہ تاءِ نان مين واري واقعي کان پوءِ واضح آهي تہ چين نہ رڳو جمهوريت دشمن آهي پر بدترين آمريت جو حامي آهي، جا معاشي فلاح ۽ بهبود جو لبادو پائي تڏي رهي آهي.

چيو وڃي ٿو تہ تبت جنهن 1952ع ۾ هڪ بہ صنعت نہ هوندي هئي، اُن ۾ هن وقت ٽي سو صنعتون آهن ۽ اُن جي صنعتي پيداوار 1959ع ۾ 5 ملين ڊالر هئي ۽ 1993ع ۾ 35 ملين ڊالر هئي. ٿي ٿو سگهي، پر انهيءَ ساري واپار تي چينين جو قبضو آهي ۽ تبتي پنهنجي روايتي زراعت ڪري رهيا آهن. دولت مندي لاسا ۾ چڱيءَ طرح ڏيکارجي رهي آهي، جتي ٽويوٽا لئنڊ ڪروزر ۽ مني بسيون ويڪرن رستن تي هلن ٿيون، جي زياده تر چينين جون آهن.

جڏهن دلائي لاما کان پڇيو ويو تہ "ڇا اهنسا ختم ٿي چڪي آهي؟"

تڏهن هن جواب ڏنو تہ: "نہ، مان اهنسا جا اُصول ڪڏهن بہ نہ ڇڏيندس." ۽ جڏهن هن کان پڇيو ويو تہ "ڪجهہ نوجوان تبتي تشدد چاهن ٿا، تڏهن هُن جواب ڏنو "هائو ان ۾ ڪجهہ بي رحمي آهي، هو جڏهن بہ ڳلين ۾ وڙهن ٿا تہ چاتو ڪين ٿا ۽ تشدد جا ذريعا استعمال ڪن ٿا." هن وڌيڪ چيو تہ "ماضي ماضي آهي، جيڪڏهن هو (چيني) اسان سان برابريءَ سان هلن ۽ ديانتداريءَ سان ڳالهہ ٻولهہ ڪن تہ مسئلو حل ٿي سگهي ٿو. تبتي روح ڪافي سگهارو آهي ۽ بدلجندڙ بين الاقوامي حالتن ۾ مان پُر- اُميد آهيان."

اسان ڀانيون ٿا تہ دلائي لاما پنهنجي مجبوري ڏسي، پنهنجي موقف جو پورو اظهار ڪري نہ ٿو سگهي. چيني ڪميونزم مان چڱائيءَ جي توقع عبث آهي ۽ اها روسي ڪميونزم وانگر پنهنجي تباهي پاڻ آڻيندي. اها ٻي ڳالهہ آهي تہ تيستائين تبتي تهذيب و تمدن ئي نہ رهي!

*(2 جون 1994ع)*

# جديد ترڪي جا اهم مسئلا

محترمه بينظير جي دوست، ترڪيءَ جي وزيراعظم مادام تانسوچلر (Tansu Ciller) ۽ هن جي صراط المستقيم (True path) پارٽيءَ جي اقتدار تي غير مستحڪم گرفت آهي. هن کي ترڪيءَ جي مغربي اتحادين سان ان جي نااتفاقي آهي ته ڪڏهن ۽ ڪيئن عراق تي بندش ختم ڪئي وڃي. اُن سان گڏ وري ڪرد علحدگي پسندن سان ڏهاڪو سالن کان هلندڙ جنگ آهي جنهن ۾ تيرنهن هزار پنج سَو کان وڌيڪ ماڻهو ماريا ويا آهن ۽ هن وقت جنگ نهايت خونخوار روپ وٺي چڪي آهي.

ترڪيءَ جا رهنما پاهران اڏول لڳي رهيا آهن پر سندن اندر ڪاڏل ٿو لڳي. سرڪاري ڏر ته چوي ٿي ته ڏکڻ اوڀر ۾ ڪوئي ڪُرد مسئلو نه آهي. اها ته ايستائين چئي ٿي ته ڪرد آهن ئي ڪونه. رڳو استنبول ۽ ٻين وڏن شهرن ۾ پندرنهن ملين ترڪ آهن جي ڪُرد نسل جا (Turkish Citizens of Kurdish Origin) آهن. جن مان اڪثر نه رڳو ترڪن سان گڏ رهن ٿا پر انهن ۾ سمائجي چُڪا آهن. ڏکڻ اوڀر ۾ فقط پيشور تشدد پسند شور و شر ڪري رهيا آهن. ائين آهي ته انهن ۾ اقتصادي محروميءَ جو احساس آهي. تازو چلر اختيار نويسن کي چيو ته: "بنيادي ڳالهه ته عراق تي پابندي آهي. ماڻهو فوج جي ڪري ڏک نه ڀوڳي رهيا آهن." جيتوڻيڪ مغربي ۽ آمريڪي ذريعا چون ٿا ته انگ گهٽو وڌايو ويو آهي پر چلر اصرار ڪري ٿي ته. "سرحد بند ٿيڻ جي ڪري ترڪي کي واپار ۽ تيل جي روانگي ۾ ويهه بلين ڊالر خسارو ٿيو آهي." هن وڌيڪ چيو ته "ترڪي يو. اين جي وڌل پابندين جي خلاف ورزي نه ڪندي" پر انقره ۾ آمريڪي بي توجهيءَ تي غصو آهي.

ترڪيءَ جي وزير خارجه حڪمت سيطن چيو ته. "آمريڪا اسان کي سزا ڇو ڏئي رهي آهي؟ اسان ته سڀ ڪجهه ٺيڪ ڪيو آهي." بحيره روم ۾ عدنا کان هڪ سئو ميل پري عراق جي سرحد تائين شاهراهه خالي ٿي نظر اچي، سواءِ ناڪن جي جتي ترڪ ڪمانڊو بيٺا آهن يا رات جو ڪرد گوريلا جنگ ۾ مصروف آهن.

1980ع ۾ اِي 90 (E_90) نالي ٻن گهٽين ۾ ايترو واپار هلندو هو جو گاڏيون بمپر سان (Bumper to Bumper) بيٺيون هونديون هيون. پنج هزار

ترڪون عراق جي سرحد طرف موسل ۽ بغداد ۽ اُن جي مشرق طرف وينديون نظر ايندڙيون هيون. جڏهن ايراني خليج واريءَ جنگ کان پوءِ عراق تي بندش وڌي وئي آهي ۽ اڄ وڃ بيهجي وئي آهي. هاڻي ان ڏگهي رستي تي فقط فوجي گاڏيون، جيپون، جن ۾ هٿياربند فوجي جوان نظر اچن ٿا ۽ جنگي ٽئنڪ ويندا نظر اچن ٿا. گئس اسٽيشنون بہ گولين سان اڏايون ويون آهن. چوڌاري ويراني ئي ويراني آهي. فقط ڀاري فوجي هٿيار جي پنهنجي پوزيشن (Emplacement) ۾ اُڀا آهن، اُهي نظر اچن ٿا. خلق بنهہ ڀڄي وئي آهي. سرڪاري دٻاءَ هيٺ اٺ سو کان وڌيڪ ڳوٺ خالي ڪرايا ويا آهن ۽ پناهگير ديار بڪر ۾ ڪنا ٿيا آهن، جنهن جي آدم شماري 1990ع ۾ چار لک پنجاهہ هزار هئي ۽ هاڻي ڏهہ لک ٿي وئي آهي. درياءِ دجلہ جي ڪناري 'سزار' جو قديم شهر خالي ٿي ويو آهي ۽ اُن جي سٺر هزار ماڻهن مان بہ حصا لڏي ويا آهن.

ماڻهو سرڪاري ۽ مارڪسٽ ڪُردش ورڪرس پارٽي (P.K.K) جي وچ ۾ پيسجي ويا آهن ۽ هراسيل ۽ ڪاوڙيل آهن. ديارِ بڪر ۾ تُرڪ فوجون اُتر وارن پهاڙي علائقن ۾ وسنديون ساڙي، رک ڪري رهيون آهن. عام ماڻهن جي همدردي باغين سان آهي ۽ تُرڪ رياست مان بيزار ٿي پيا آهن ۽ اُن لاءِ ڪجهہ ڪرڻ لاءِ تيار نہ آهي.

هي ترڪيءَ لاءِ ڏکيو وقت آهي. ترڪيءَ جي سڪي جي قيمت ڪري پئي آهي ۽ ڊالر جي مقابلي ۾ ان جي اڌ بها وڃي رهي آهي. مهانگائي هيٺي ٿي وئي آهي ۽ هر سال 1.7 فيصد وڌي رهي آهي. هڪ اسلامي مجاهد پارٽي استصواب راءِ ۾ پوريءَ قوم مان اُڻويهہ فيصد ووٽ کنيا جو ويجهڙائي ۾ ميونسپل اليڪشنن ۾ ٽيو ۽ هنن ٻن اهم شهرن تي قبضو ڪيو.

ان ڪري تانسو چلر جي سرڪار ذرا لوڏن ۾ آهي. گذريل سال تُرڪ جي حڪومت اقتصاديات جي باري ۾ ڪافي وڃي گجي رهي هئي، جيتوڻيڪ ان تي جي بہ بوجهہ هيا، سنجيده دليءَ سان لهي ٿي سگهيا. پر ترڪيءَ جي جنگ ۾ سرڪاري معيشت ۽ پيداوار تي ڪافي برو اثر پيو آهي. سرڪار ڪافي خساري ۾ آهي ۽ افراطِ زر ٿي رهي آهي جيئن برسرِ اقتدار پارٽين مان عوام جو ويساهہ گهٽجي رهيو آهي، تيئن اسلام پسند دفاع پارٽي وڌي رهي آهي. اُن پارٽيءَ کي توقع آهي تہ 1994ع وارين اليڪشنن ۾ انهن کي ڪٽيا ووٽ ملندا ۽ هو پنهنجي حڪومت ناهي سگهندا. ايئن ٿو نظر اچي تہ اها پارٽي بہ واعدا گهٽا ٿي ڪري، پر اليڪشن ۾ هتان جي اسلام پسندن وارو حال ٿيندس.

استنبول جا تاجر ۽ انقره جا سياستدان ورلي جنگ جو يا پنهنجي اقتصادي حالت جي ابتريءَ جو ذڪر ڪن ٿا. 1991ع تائين مڪيہ موضوع کي بحث هيٺ ڪرڻ نہ ڏنو ويو يعني ڪردن جي تشخص جي باري ۾ اشاعت روڪي

وٺي. جنگ ملٽريءَ جاري رکي رهي آهي. جنهن 1960ع، 1971ع ۽ 1980ع ۾ اقتدار تي زوريءَ قبضو ڪيو هو ۽ پس پرده سياسي قوت ته اها ئي آهي. عوام کي ته پوري خبر به نه آهي ته ڪائي جنگ هلي رهي آهي. جيتوڻيڪ ڏيڍ لک ٽرڪ فوجي، پندرهن هزار پوليس آفيسر ۽ پنجويهه سئو اسپيشل پوليس جا آفيسر انهيءَ جنگ ۾ ملوث آهن. سرڪار هر تشدد پسند جيءَ مقابلي لاءِ هڪ ملين ڊالر خرچ ڪري رهي آهي ۽ شام، اُتر عراق ۽ ايران مان ٽيهه هزار گوريلا ڪارروايون ڪري رهيا آهن. ڏسڻ ۾ ايئن ٿو اچي ته سنڌ سرڪار کان انهن جو خرچ گهٽ آهي.

ترڪيءَ ۾ هڪ جديد، جمهوري ۽ سيڪيولر حڪومت آهي پر اُن جو تصور خاص ڪري يورپ ۾، ڪافي بگڙيل چُڪو آهي. چيو وڃي ٿو ته تشدد ۽ اغوا جا واقعا ٿين ٿا، ماڻهو عدالتي سزا کان سوا ماريا وڃن ٿا. ڳوٺ تباهه ڪيا وڃن ٿا. جيتوڻيڪ سرڪار ته ان ڳالهه تي اصرار ڪري ٿي ته گوريلن کي عوام جي حمايت حاصل نه آهي.

انساني حقن جي ايسوسيئيشن ديارِ بڪر ۾ ماڻهن جون قطارون ڏٺيون، جن کي پنهنجا ڳوٺ ڇڏايا وڃن ٿا. جتي چتي جنگ هلي رهي آهي. گذريل هفتي واشنگٽن ۾ نمائندن جو ايوان (House of Representatives) پنهنجيءَ خارجہ امداد جي بل ۾ هڪ ترميم آندي، جنهن ۾ آمريڪا جي 364 ملين ڊالرن جي فوجي امداد مان ٽيستائين چوٿون حصو گهٽايو ويو جيستائين ترڪي انساني حقن ۽ سائپرس جي باري ۾ پنهنجي روش نه سڌاري. تازو ترڪيءَ جي مشهور ڪالم نويس حسن ڪمال لکيو آهي ته، "جيڪي ماڻهو سرڪار ۽ پي. ڪي. جي وچ ۾ ڦاٿا هئا، اُهي وري سرڪار ڏانهن وري رهيا آهن. مسئلو ٽيستائين حل نه ٿيندو جيستائين ڪُردن جو تشخص برقرار نه رکيو ويندو ۽ ڪين ترڪيءَ ۾ ڪُرد ٿي رهڻ نه ڏنو ويندو" جيستائين اهو ٿي، ٽيستائين وڌ ۾ وڌ اها اميد رکي سگهجي ٿي ته تشدد ۾ ڪمي اچي جا پي. ڪي. کي مشڪل آڻڻ چاهي. جيڪا ٽڳي ئي انهيءَ تضاد تي ٿي، ڪميونسٽ پارٽي ٽڳندي ئي تصادم جي فضا ۾ آهي، جنهن وقت تصادم جي گنجائش نه ٿي رهي، تنهن وقت اها رت پوڻي تي وڃي ٿي.

صائب ڪهڙو نه چڱو چيو آهي:

**رنگ حنائي پايت از خونِ عاشقان است،**
**از خونَ توان گذشتن پائي تو درميان است.**

(ترجمو: تنهنجي پيرن تي مينديءَ جو رنگ عاشقن جي خون سان آهي. خون مان نه لنگهي ٿو سگهجي پر تنهنجو پيرُ وچ ۾ آهي.)

*(3 جون 1994ع)*

# ڇهين جون 1944ع (ڊي ـ ڊي ـ D_Day)

ٻي جنگ عظيم جي خاتمي نہ رڳو اسانجي آزاديءَ لاءِ راهہ هموار ڪئي پر اُهو سياسي امپريلزم جي خاتمي جي ابتدا بہ هيو. سياسي امپريلزم صفحئہ هستي تان عنقريب ختم ٿي چڪي آهي ۽ اُن جي جاءِ تي مقامي ۽ بيروني بورجوازيءَ جي اقتصادي تعاون ورتي آهي. ٻئي نئين صنعت ۾ پائيوار آهن. دنيا ۾ اشتراڪي نظام جتي تباهہ نہ ٿيو آهي اُتي تباهي جي قريب آهي ۽ انسان جو نصب العين سرمايدارنہ نظام ۾ فلاحي مملڪت جو تصور آهي. تين دنيا اجا معاشي انصاف لاءِ جدوجهد ڪري رهي آهي. انهيءَ منزل تائين رسائيءَ ۾ ڊيءِ ڊي (D. day) اهو عظيم الشان ڏينهن هو جنهن دنيا جي تقدير ڦيرائي وڌي، جي ان ڏينهن اتحادي ڪامياب نہ ٿين ها تہ دنيا تي فاشزم ڇانيل رهي ها جا ايترو ئي جبر و تشدد تي ٻڌل نظامِ حيات هئي جيترو ڪميونزم هئي.

نارمنڊيءَ جو ساحل بدترين ساحل هو. اُن ڏينهن اتحادي ڪمانڊر ڊوائيٽ آئزن هوور جي حملہ آور فوج ۾ هڪ لک پنجونجاهہ هزار فوجي، پنجن هزارن کان مٿي پاڻيءَ جا جهاز ۽ ٻارنهن هزار هوائي جهاز هئا. حملي جي طئہ ٿيل ڏينهن يعني 5 جون 1944ع تي طوفان لڳو ۽ ان ڪري حملو 6 جون تي ملتوي ڪيو ويو. 6 تاريخ تي فوجي جوان ساحل پرسان ڪشتين مان لهي سمنڊ جي پوري لڙاٽيل پاڻيءَ ۾ جهڪي ويا. فرانس اڳي وانگر دلڪش نہ رهي هئي، اُن جي فرو مايگي ظاهر هئي. مشين گنون ڪشتين تي گولين جو وسڪارو ڪري رهيون هيون. جتي فوجي لٿا اُتي پاڻي ڪافي سرد هو ۽ ساحل بہ هڪ سوَ وال پري هو. ٻنهي پاسي ٽڪا ٽوڪي زور وٺي وئي. هٽلر فيلڊ مارشل ارون روميل (Irwin Rommel) کي اتحادين کي ساحل تي ئي روڪڻ لاءِ ساري تدبير سونپي هئي.

هن پنهنجي زيردستن کي هدايت ڏني هئي تہ ڪناري تي ڪاهيون کوٽن، اُتي زيرِ زمين بارود جو سُرنگون (Land Mines) رکن ۽ ٻيون رُڪاوٽون کڙيون ڪن جن جو نالو ئي 'روميل جا اوزار' (Rommel's Apparatus) رکيو ويو هو پوءِ بہ جرمن فوج کي نارمنڊيءَ تي حملي وقت حيرت آئي ڇو تہ هٽلر کي ڪئلي (Calais) تي حملي جو خوف هو جتي انگريزي ڪاري سوڙهي آهي ۽ اهڙي حملي

جي دفاع لاءِ هن پورو انتظام ڪيو هو. جڏهن هن کي حملي جو اطلاع پهتو ته هن امدادي فوج نه موڪلي ۽ نه وري ڪائي ڪمڪ رساني ڪئي پر رات پر سُتو رهيو. روميل سوچيو هو ته D. Day تي حملي اوچي وير (High tide) وقت پرهه جو ٿيندو پر اُن وقت هو زال جي جنم ڏن سبب جرمنيءَ ۾ هو.

صبح وقت آمريڪين لاءِ ڪائي به ڳالهه رڪاوٽ بنديءَ موجب نه ٿي. ڪنڌيءَ تي ڪافي ڌُنڌ هو. پيرا ٽروپر (Paratroopers) اُن ۾ وڃائجي ويا. اتحادي جي بحري ۽ هوائي بمباري جرمن دفاع کي ڪمزور ڪرڻ ۾ ناڪام وئي. ساحل تي لهي آمريڪي فوجين پنهنجون ڪشتيون پاڻيءَ ۾ پٽ تي ڏڪي ڇڏيون ۽ ڌُنڌ سبب غلط هنڌ تي لٿا. جيئن پاڻيءَ جي گجيءَ ۾ اڳتي وڌيا تيئن ئي پهرين حملي آور ٽيم (Team) کي جرمن فوجين گولين سان پُڄي وڌو ۽ اڌو اڌ آمريڪي فوجي ماريا ويا.

پر شروعات ڊي- ڊي (D. Day) جي اڃا به اڳ ٿي. جڏهن مرفيءَ نالي هڪ پيرا ٽروپر فرانس ۾ هڪ اسڪول جي ماستريائيءَ جي باغيچي ۾ لٿو. هڪ ڪلاڪ اندر جرمن آرميءَ ۾ متضاد افواهه ٿهلجي ويا. اُن وقت جرمن ٽائيم موجب صبح جا 3 وڳا هئا. اهڙو اطلاع جرمن هيڊ ڪوارٽر ۾ پهتو ته ڪافي پيرا ٽروپ ۽ گلائيڊر (Glider) نارمنڊيءَ ۾ لٿا هئا.

اهو اطلاع جڏهن فرانس ۾ ڪمانڊر رن اسٽيڊ (Rund Steadt) جي هيڊ ڪوارٽر ۾ پهتو تڏهن هن سپريم هيڊ ڪوارٽر ۾ ڪمانڊر جوڊل (Jodl) کي ڪمڪ لاءِ گذارش ڪئي پر جوڊل سمجهو ته انگريز ڪين ٺڳي رهيا آهن ۽ نارمنڊيءَ تي حملو نه ٿيو آهي. ان ڪري هن هٽلر کي ننڊ مان نه اٿاريو. جڏهن رون اسٽيڊ کي ان ڳالهه جي خبر پئي تڏهن هن جي غصي ۾ گجي وهي وئي، هن جو منهن ڳاڙهو ٿي ويو ۽ ڪاوڙ جي ڪري هن جي ٻولي سمجهه کان ٻاهر ٿي لڳي.

صبح جو 9 بجي فيورر (هٽلر) کي جاڳايو ويو جنهن هنگريءَ، سلواڪيا ۽ رومانيا جا ڊڪٽيٽر گهرايا. پهريون ته هٽلر منجهي ويو پر پوءِ ڏڪ پچائي، هر ڪنهن جي پُٺي ٺپيندو ويو ڇو ته سمجهائين ته اُهو وقت آخر اچي ويو آهي جڏهن مغرب سان سندس پوئين بنجاڪشي ٿيندي. جيڪي هُن سارو وقت چاهيو هو، اُهو ٿي رهيو هو. هو دشمن سان دوبدو هيو ڇئين بجين شام جو هٽلر پنهنجي محبوبا ايوا بران سان دير سان ڇئين بجي منجهند جي ماني کاڌي. مانيءَ ۾ هميشه وانگر سبزيون هيون. هٽلر چوندو هو ته هاٿي سڀ کان ڏاڍو جانور آهي پر هو سبزيون کائيندو آهي.

انهيءَ وچ ۾ صبح جو آمريڪي، برطانوي ۽ ڪئنيڊا جون فوجون ساحل لڳ پهچي چڪيون هيون. ڇڻ ڪائي سوريئلي (Surrealistic) تصوير هئي.

آسمان بہ ناسي ٿي ويو هو. پاڻي بہ ناسي ٿي ويو هو. گوليون ڏڙا ڏڙ هلي رهيون هيون. 2 هزار آمريڪن فوجي ماريا ويا هئا جي پاڻ هڪ گولي بہ فاير ڪري نہ سگهيا هئا. ان ڪناري جو نالو اوماها بيچ (Omaha Beach) هو. يو. ايس فيلڊ ڪمانڊر ليفيٽيننٽ جنرل اُمر برئڊلي (Omar Bradley) پوءِ چيو هو "اوماها ڪنڌي هڪ خوابِ پريشان هئي." (Omaha Beach was a night mare) ڪجهہ فوجين ائين سمجهيو هو تہ ڪناري تي اُتراءُ نہ ٿلو (ناڪامياب) ٿيو هو. ڪجهہ جرمن بہ ائين سمجهي رهيا هئا. پر ان جي ڪاميابيءَ جو ڪارڻ اهو هو جو ڪجهہ آمريڪي فوجين اوائلي قدم کنيو هو. اُنهن نيون رٿائون رٿيون ۽ واريءَ جي پٽن تي وڙهندا اڳتي وڌي ويا. آخرڪار هنن نازي دفاع ۾ گهارو ڪري وڌو ۽ حملو ڪامياب ٿيو.

هٽلر تہ سمجهيو تہ دشمن ڪٿلي جهڙو ڪوئي اُتراڌي بندر هٿ ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا پر اتحادين 1942ع ۾ ڊائيپي (Dieppe) مان تلخ سبق سکيو هو. جڏهن ڪئناڊا جي هڪ پوري ڊويزن هڪ مورچہ بند بندر تي حملي ۾ رڙڪجي وئي هئي. ان ڪري ڪنهن بندر تي حملي جي بدران هنن نارمنديءَ جي ساحل تي حملو ڪيو ۽ پوءِ تڏي تي بندر جون سهوليتون ناهي ورتائون ۽ نازي افواج کي هڪ فيصلہ ڪُن حملي لاءِ گنجائش نہ ڇڏيائون. انگريز جنرل برنارڊ منٽگومري چيو.

"We must gain space rapidly and peg out claims well in land."

(ترجمو: اسان تيزيءَ سان ساري جاءِ والاري وٺون ۽ زمين ۾ پنهنجا ڪلا کوڙي ڇڏيون)

هن جا پئراٽروپر بہ ڪافي تيزيءَ سان اڳتي وڌيا پر پيِن هندن تي حملہ آور آهستي وڌيا. اوماها ڪناري جي اوڀر طرف برٽش ۽ ڪئناڊا جا فوجي جلد ئي ڊبڻ ۾ ڦاسي پيا ۽ اُنهن مان ڪي تہ خطرناڪ جنگ جي گهيراءُ ۾ اچي ويا. هنن کي ڪيئن (Caen) تائين پهچڻ ۾ ڇهہ هفتا لڳي ويا. جنهن تائين رسائي پهرين ئي ڏينهن هنن جي منزلِ مقصود هئي. تيستائين آمريڪي فوجون اولهہ ڏانهن پيش قدمي ڪري چڪيون هيون ۽ سيئي پئرس ڏانهن جڻ شرط رکي اڳتي وڌي رهيا هئا.

هٽلر کي اجا تائين پڪ هئي تہ نارمنديءَ ۾ فوجي اُتراءُ هڪ چال هئي ۽ ان ڪري ارادي سان جوابي ڪارروائي نہ ڪئي هئي. جڏهن هن کي معلوم ٿيو تہ اتحادين فرانس تي هوائي جهازن جو غلبو حاصل ڪري ورتو آهي. تڏهن هٽلر گوئرنگ کي طنز سان چيو "لڳي ائين ٿو تہ تنهنجي لفت واف (Luft waffe)

هوائي جهازن مغرب سان انشوئرنس پاليسي کولي آهي.“ هٽلر مايوسيءَ ۾ چتو تي پيو ۽ ان ڪري هُن 12 جون تي لنڊن ويءِ وَن (V_I) راڪيٽ هنيا. هن جا هيسيل جهازران جڻ ڪنهن ڪانياٽيءَ ۾ اچي ويا هئا ۽ هو فقط ڏهہ بم ڦٽي ڪري سگهيا هئا. چار تہ ڏڪاوَ سان چيهون چيون تي ويا. ٻن جو پتو نہ پيو تہ ڪاڏي ويا ۽ باقي رڳو هڪ ريلوي اسٽيشن تباهہ ڪري سگهيا. جڏهن جُهڳوئي جهڻ تي پيو تڏهن گوئرنگ پنهنجيءَ ذميداري کان انڪار ڪيو ۽ ٻي ڪنهن جنرل تي بار اُڇلايائين پر ٻہ ڏينهن پوءِ لنڊن تي 244 راڪيٽ ڪريا ۽ آسماني آفت وانگر باهہ وچڙي وئي، تڏهن رائيش مارشل (Reichs Mararschall) اها ڪاميابي پاڻ سان منسوب ڪئي. پر ان سڄي ڪارروائيءَ جو نارمنڊيءَ جي حالت تي ڪوبہ اثر نہ ٿيو. ڏهن ڏينهن ۾ اتحادين اُتي هڪ ملين ماڻهو ۽ تباهہ ڪاريءَ جي سامان جا پنج لک ٽن لاٿا. هٽلر چتو ٿي پيو ۽ D. Day کان پوءِ ڦهريون پيرو جڏهن رون اسٽيڊ (Rund Steadt) ۽ روميل (Rommel) سان مليو تہ هو زرد ۽ خواب آلود ٿي لڳو.

هٽلر ضد ڪيو تہ جرمني آخري فوجيءَ تائين هار نہ مڃيندي. ڪجهہ جرمن فوجي بهادريءَ سان وڙهيا، ڪجهہ بد دل ٿي پيا ۽ ٿورا پيش پيا.

جرمنيءَ جي دفاع جو مرڪز نارمنڊيءَ کان ٻہ سوَ ميل پري هو. اتحادين جرمن مزاحمت کي پنهنجن تمام گهٽي تعداد ۽ رٿابنديءَ سان هچ ڪري وڌو.

جي D. Day واري ڪارروائي ناڪاماب وڃي ها تہ نہ رڳو يورپ جو پر پوري دنيا جو نقشو ٻيو هجي ها. ٻي حملي لاءِ گهٽ ۾ گهٽ هڪ سال جو وقفو پئجي وڃي ها. ممڪن آهي تہ 1945ع ۾ آمريڪا ائٽم بم ئي جرمنيءَ تي هٽي ها ۽ هيروشيما ۽ ناگاساڪيءَ جي بدران برلن ۽ فرئنڪ فُرٽ تباهہ ٿي وڃي ها. چرچل ڏک سان چيو هو تہ ناڪاميءَ جي صورت ۾ انگريزي ڪاري اتحادي رت سان ڏنيءَ ڪنيءَ وهي ها. ۽ گلن جهڙن آمريڪي جوانن جي لاشن سان ٽمنار ٿي وڃي ها. آئزن هوور کي ٻہ شامت جي پروڙ ٿي پيا ۽ هن ڪاميابيءَ جا امڪان 50_50 ٿي سمجهيا. هٽلر جو دير سان فيصلو هن لاءِ بيحد هاڃيڪار ثابت ٿيو. هن پئنزر هوائي جهاز (Panzers) ڏاڍو دير سان موڪليا.

1941ع ۾ گوئرنگ آمريڪا لاءِ چوندو هو ”اُها موٽر ڪاريون ۽ ريفريجريٽر تہ ٺاهي ٿي سگهي، هوائي جهاز نہ ٿي ٺاهي سگهي. 1943ع ۾ هن کي اُن جي بلڪل برعڪس نظر آيو. ٿي ٿو سگهي تہ وير ماخت (جرمن گورنمينٽ (Wehrmascht 1944ع ۾ ٽڪجي پئي هجي ۽ هٿيارن جي راند ۾ هارائي وئي هجي پر جرمني اجا هڪ سال وڌيڪ چٽي جنگ ڪندي رهي.

جنگ جي خاتمي کان پوءِ سوويت خلاف نيٽو (Nato) فوج جا اتحادي

ڪمانڊر سڀ D. Day جا پراڻا سپاهي (Veterans) هئا. ديوارِ برلن جي ڊهڻ تائين، نيٽو پنهنجي تابڪار هٿيارن جو ان ڪري دڙڪو ڏيندي رهي ڇو ته ڪنهن به ٻي D. Day جهڙي جنگ ٻيهر وڙهڻ نه ٿي چاهي.

D. Day جا 2 جون 1994ع تي پنجاهه سال ختم ٿيا. هزارين D. Day جا پراڻا سپاهي نارمنڊي اچي رهيا آهن ۽ اُن ڏينهن جي 50 ساله ورسي ملهائي رهيا آهن جو يورپ جي آزاديءَ ڏانهن وڏي وک هيو. اُنهن مان ڪي ته ڪيترائي پيرا اڳ ۾ به اُتي ويا آهن. اڄ ڪلهه نارمنڊي هڪ خوبصورت نقش وانگر لڳي رهي آهي. اهي ڳوٺ جتي آمريڪي، انگريز ۽ ڪئناڊا جا فوجي لٿا هئا، اڳي ڪان اڳرا ۽ وڌيڪ صاف سٿرا ٿا لڳن. پئرس رهواسين سمنڊ جي ڪناري تي رهائش گاهه ٺاهيا آهن ۽ اُنهن کي دلڪش بڻايو اٿائون. اڳي گپ چڪ وارين پنين تي رستا ٺهي ويا آهن ۽ اُهي نئين مشينريءَ سان ڀڪن ٿيون. شهرن جا بدصورت چوَنڪ پڪا ٺاهيا ويا آهن ۽ اُنهن کي دلنواز پس منظر ڏنو ويو آهي. نارمنڊي هاڻي خوشحال ڌرتي آهي. سرسبز پرامن ۽ ترقي پذير.

هٽلر ۽ نازي جرمنيءَ جو انجام تاريخ جو وڏو سبق آهن. برائي پاڻ کي پاڻ ناس ڪندي آهي! ائڊولف هٽلر ۽ ڪٿي آهن اُنهيءَ جا حواري؟ ائين صحيح آهي ته تاريخ جي هانوَ ۾ اُهي لوهي ڪُڙين وارا فوجي بوٽ اڃا گونجن ٿا. انسان ذات وري فاشزم، نازي ازم يا اُن جي ٻي ڪائي صورت کي برداشت ڪري نه سگهندي. آمريت دنيا ۾ هميشه لاءِ دفنائجي چڪي آهي ۽ جيڪڏهن ڪٿي بچي وئي آهي ته اُتي به اُن جي قبر کوٽجي رهي آهي.

انسان سڀ برابر آهن. سائنس ۽ فن جي دنيا ۾ جينيس فقط ديو جيڏا ئي ٿي سگهندا آهن. باقي ٻيا ماڻهن جيترا ماٺهو آهن. هسپانوي مصور سئلويڊار ڊالي هڪ ڀيري ڪئنواس تي ڪجهه ڪڍي رهيو هو ته ڪنهن پڇيس ته "ڇا ٿو ڪڍين؟" ان تي هن جواب ڏنو "هٽلر جي بريچيز (Breeches) جي ڀِٽ ٿو ڪڍان. مون کي ته اُن ۾ ڪا خاص ڳالهه نظر نه ٿي اچي!."

*(6 جون 1994ع)*

# عراق جي اقتصادي ۽ فوجي صورت حال

جڏهن عراق جي صدام حسين جي ياد ٿي اچي تہ حافظ جو هيءُ شعر ياد ٿو اچي:

سخن درست بگويم نہ مي توانم ديد
کہ مي خورند حريفان و من نظاره کنم

(ترجمو: مان ٺيڪ ٿو چوان تہ مون کان اهو نہ ٿو ڏٺو وڃي تہ منهنجا حريف وينا شراب پيئن ۽ مان اُنهن جو نظارو ويٺو ڏسان.)

عراق وري سرگرم عمل ٿي ويو آهي ۽ هن تيل فروخت ڪري ايتري دولت ڪٺي ڪئي آهي جو وري جوهري توانائي جي حصول جو خواهان آهي. فرانس جا عراق سان ڪافي وقت کان تجارتي تعلقات رهيا آهن. ان ڪري فرانس ڪي اُن سان تجارت تي پابنديءَ تي وڏيڪ هورا کورا آهي. هن وقت تائين عراق سان جنگ ۽ اُن سان تجارتي تعلقات تي بندش ڪري عراق وٽان 8.7 بلين ڊالرن جي قرض جي ادائگي نہ ٿي آهي. اهڙي ادائگيءَ لاءِ پنهنجي ٽئڪس ڏيندڙ عوام کي فرانس جي يقين دهاني ڪرايل آهي ۽ پئرس ان قرض جي واپسي چاهي ٿي. ان کان سوا وڏيون ڪمپنيون عراق سان نهايت سودمند تجارت بحال ڪرڻ چاهن ٿيون، جا هو ماضيءَ ۾ ڪنديون رهيون آهن. جنگ کان پوءِ رڳو فرانس جون اهڙيون بہ ڪمپنيون آهن، جن سڀني کان وڏيڪ عراق سان وري تعلقات پيدا ڪيا آهن ۽ عراقي اختياري وارن انهن کي عراق ۾ مجنون جزيري ۽ نهر عمر واري تيل جي سرزمين تي تيل جي تلاش لاءِ هڪ هٽي ڏني آهي ۽ اُهي هر روز هڪ بيلن ڊالرن جو تيل پيدا ڪري سگهنديون. انهيءَ تجارتي تعلقات جي تجديد جي بدلي ۾ عراقي چاهن ٿا تہ فرينچ گورنمينٽ آمريڪا سان عراق تان بندشون هٽائڻ لاءِ گفت و شنيد ڪري، جا هو ڪري بہ رهيون آهن ۽ هن وقت تائين بغداد جا چاليهہ چڪر ڏئي چڪيون آهن. چيو وڃي ٿو تہ ڪجهہ ابتدائي معاهدا بہ ٿي چُڪا آهن. بغداد تيل جي تلاش لاءِ ۽ تيل صاف ڪرڻ جا ڪارخانا ٻيهر ٺاهڻ لاءِ روس جي آمادگي بہ حاصل ڪرڻ چاهي ٿو. فيبروريءَ کان وٺي اطالوي فيات ڪارين (Fiat Autos) وارا ۽ ٻيون دواساز ڪمپنيون عراق ۾ پير کوڙڻ چاهن ٿيون. برٽش، جرمن ۽ جپاني فرمون عراقي بازار جي اردگرد ڦري رهيون آهن.

آمريڪي، جيتوڻيڪ ٻاهران سوچ ويچار ۾ ڏنل پيڪوڙ جو ڏيک رکيون ٿا اچن، پر سفارت ڪارن ۽ واپاري حلقن جو چوڻ آهي تہ ڪيترين ئي آمريڪي ڪمپنين جا نمائندا بغداد، عُمان ۽ اُردن جي هوٽلن ۾ عراقين سان تجارت جي باري ۾ ڳالهيون ڪري رهيا آهن. آمريڪي ذريعا في الحال ان ڳالهہ کان انڪاري آهن پر انهن جي انڪار ۾ اقرار جي ڪيفيت شامل آهي. عراقي انهن ڪمپنين کي جڙ اطلاع ڏئي رهيا آهن تہ ترين اسٽيشن ڇڏي رهي آهي ۽ هو جي ڪنهن گاڏي ۾ ٽپو ڏئي چڙهي نہ پيا تہ پليٽ فارم تي ٽڪيندا رهجي ويندا. عراق جون اقتصادي، فوجي ۽ سفارتي صلاحيتون ڏسي، يو. ايس غلطي ورجائڻ تي هرکي وئي آهي جا اُن اڳي ڪئي هئي.

3 مارچ 1991ع تي صفوان جي هڪ خيمي ۾ يو. ايس جنرل نارمن شوارزڪوپ (Norman Schwarzkopf) عراقي جنرل ليفٽيننٽ جنرل سلطان هاشم احمد الجباري کي جڏهن ٻڌايو هو تہ گلف بنديءَ لاءِ پنهنجا شرط هن تي مسلط ڪيا هيائين، تڏهن عراقي جنرل هيڊو تي ويو هو ۽ مجبوراً شرط مڃيا هئائين. پر صدام حسين ڪافي ضدي، سرڪش ۽ هٺيلو آهي ۽ ايترو آسانيءَ سان شڪست مڃڻ وارو نہ آهي. هن کي اُن وقت بہ اهو احساس هو تہ مغربي حڪومتون سندس تيل جي دولت تي ماکيءَ جي مکين وانگر اچي مڙنديون. سرمايدارن تهذيب لاءِ دولت ئي منتها آهي، دولت ئي دين آهي، دولت ئي خدا آهي. اخلاقي اُصول فقط نقاب پوشي لاءِ آهن جنهن ۾ اُن جو قبيح چهرو ڇُپيو پيو آهي. اشتراڪي نظام جبر و تشدد تي ٻڌل هو، سرمايداري نظام حرص و هوس تي ٻڌل آهي. جديد دنيا پنهنجا اخلاقي اقدار وڃائي چڪي آهي. (سولزي نٽسن روس ۽ آمريڪا جي تجزئيءَ ۾ بنهہ صحيح آهي.)

مغرب تہ ائين سمجهيو هو تہ اُن صدام حسين جي جنگي قوت صفا تباهہ ڪري ڇڏي آهي پر صدام مغربي تسلط کي ائين ٺُڪي رهيو آهي جيئن ڪوئو ڪاٺ جو شهتير ٺُڪيندو آهي ۽ يو. اين جي بندش کان لاپرواهہ تي پنهنجي ملٽري ۽ صنعتي طاقت وڌائي رهيو آهي، جيئن مٿي چيو ويو آهي. جيتوڻيڪ سڪيورٽي ڪائونسل جي ٺهرائن عراق تي پابندي وڌي آهي تو هو عالمي تباهيءَ وارا هٿيار هٿ نہ ڪري، پر اهڙا هٿيار عراق وٽ اڃا آهن ۽ اهڙا وڏيڪ هٿيار بہ خريد ڪري رهيو آهي. هن وٽ اهڙي خفيہ ٽيڪنالاجي آهي جو اُنهن هٿيارن جو سراغ ڪوئي لهي نہ سگهيو آهي. هو اڃا چين ۽ روس کان T_72 ٽئنڪ خريد ڪري رهيو آهي ۽ بُلگيريا کان انٽي ٽئنڪ (Anti tank) ۽ ايئر ڊفينس (Air defence) ميزائيل وٺي رهيو آهي ۽ هاڻي مغربي ڪمپنين کي وَلو ڏنو اٿائين، جي ڇيڙن تي ٻلين وانگر اچي مڙيون آهي ۽ هن کي هوائي ۽ فوج لاءِ اهم

اليڪٽرانڪس (Critical electronics) مهيا ڪري رهيون آهن. هن نوان تجربي گاهه (Laboratories) ٺهرايا آهن جتي بئلسٽڪ ميزائلن (Ballistic missiles) تي تجربا هلي رهيا آهن. توڙي عراق ۾ چار لک فوجي وڃي بچيا آهن پر پوءِ بہ اُهو خطي ۾ سڀ کان وڏي فوجي طاقت آهي. عراق تي بندش ۾ سيڪيورٽي ڪائونسل هڪ قانوني وٿي چڙي آهي، جنهن موجب ٻاهريون ڪمپنيون عراق سان معاهدا ڪري سگهن ٿيون. جي اُن وقت مؤثر ٿيندا جنهن وقت يو. اين اُن تان بندشون هٽائيندي. ان ڪري ئي فرينچ، اطالوي، روسي ۽ تُرڪ هن سان معاهدا ڪري رهيا آهن. آمريڪا بہ اُنهيءَ قطار ۾ اڳ ۾ جاءِ والارڻ تي چاهي جنهن ۾ ٻيا ملڪ بيهجي ويا آهن.

توقع آهي تہ عراق کي يو. اين اجازت ڏيندي تہ ترڪي وچان تيل جي ڪجهہ پائيپ لائين (Pipe line) وجهي، جيتوڻيڪ ترڪ تيل کي پاڻ صاف ڪرڻ (refine) چاهن ٿا. عراق لاءِ انهيءَ تيل جي محدود وڪري جو سوچي بہ يو. اين سراپجي تي وڃي پر واشنگٽن بہ ان معاملي تي مجبوراً سيڪيورٽي ڪائونسل ۾ عراق جي حمايت ڪندي چو تہ اُها ترڪيءَ کي ڪاوڙائڻ نہ ٿي چاهي.

في الحال تہ عراق ان کان انڪار ٿو ڪري تہ هن وٽ جراثيم سان جنگ جي تياري ڪئي وئي آهي. جيتوڻيڪ اهو سوچي مغرب جي لونءَ لونءَ ڪنبي رهي آهي تہ متان عراق سيني کي جهنم رسيد ڪري ڇڏي! سيني کي پوءِ آهي تہ جي بندشون هٽايون ويون ۽ عراق پنهنجا واعدا نہ پاڙيا، تہ وري بندشون مؤثر نہ ٿينديون. في الحال تہ صدام حسين ڇاتي ٺوڪي، مغربي استعمار جو مقابلو ڪري رهيو آهي. گهٽ ۾ گهٽ ٻاهران تہ ائين لڳي رهيو آهي. علامہ اقبال چيو آهي:

نوا را تيز ترمي زن چون ذوق نغمہ ڪم يا بي
حُدي را تيز تر مي خوان چون محمل را گران
بيني

(ترجمو: جڏهن گيت ۾ چس نہ هجي تہ آواز کي اچا اوچو ڪر!
اُٺ کي زور سان هشڪار، جڏهن توکي پاڪڙو ڳرو لڳي!)

*(7 جون 1994ع)*

# پرٿوي ميزائيل ۽ مشرق ۾ نيوڪلائي هٿيارن لاءِ ڊوڙ

ڇا اها بہ تعجب جي ڳالھہ آهي، جي اسان کي پرٿوي ميزائيل جي تجربي تي آنڊ مانڊ ٿئي ۽ ان آنڊ مانڊ جو اظهار نہ رڳو وزيراعظم پر ساري قوم ڪري! ڀارت نہ رڳو پرٿوي، پر اگني ترشول ۽ ناگ ميزائيل تيار ڪيا آهن. ڀارت ٿوري وقفي لاءِ پنهنجي ميزائيل پروگرام کي ڍر ڏئي ڇڏي هئي. اوچتو گڏريل چنچر تي پرٿوي ميزائيل جو تجربو ڪيائين. پرٿوي ميزائيل اڍائي سوَ ڪلو ميٽر تائين مار ڪري سگهي ٿي ۽ اُن ۾ پنج سو ڪلو گرام جو بارود آهي. اسان جا سيئي وڏا شهر ان ميزائيل جي زد ۾ آهن. ان ميزائيل کي هڪ هنڌان ٻئي هنڌ استعمال لاءِ سؤلائيءَ سان ڪٽي وڃي سگهجي ٿو ۽ اسان جو اهو خدشو بي بنياد نہ آهي تہ ڪنهن بہ وقت اُن سان پاڪستان تي حملو ٿي سگهي ٿو. ان مان هڪ ميزائيل تہ راجستان ۾ نصب ڪيو ويو آهي، جتان سنڌ جو ڪوبہ شهر ان جو نشانو ٿي سگهي ٿو.

نتيجي طور پاڪستان کي بہ پنهنجي دفاع ۾ اهڙا مهلڪ هٿيار ناهڻا پونداجيئن ڀارت کي پنهنجي تباهيءَ جو خوف ٿئي، جو هونءَ رفاہ عام لاءِ ڪيو وڃي ها. جيئن ڪڏهن هوا اهڙي گهلندي آهي جو ڪُتا سڀ بانوراٽي پوندا آهن، ائين مشرقي ايشيا ۾ ملڪ آپي مان نڪري ويا آهن. اُهي مهلڪ هٿيار ناهي، پنهنجي پذيرائي ڪري رهيا آهن ۽ اُن ۾ ڪيترو حماقت جو عنصر آهن. اُن کان غافل آهن. مغربي ملڪ آمريڪا ۾ ٿري مائيل آئلينڊ (Three Mile Island) ۽ اڳئين يو. ايس. ايس. آر ۾ چرنوبل (Chernobyl) جي واقعي کان پوءِ جوهريءَ توانائيءَ جي پيدائش کي نهايت سنجيدگيءَ سان ڏسي رهيا آهن پر مغربي ايشيا 'چري، ويران وير وڏ' وارو معاملو آهي. ڀارت جوهري ڦهلاءَ خلاف معاهدي (Nuclear Nonproliferation Treaty) ۾ شريڪ ٿيڻ کان انڪار ڪيو آهي. جيتوڻيڪ برصغير ۾ جوهري ڦلاءَ (Nuclear Build up) ڪوريا جي اُپٻيٽ (Korean Peninsula) کان بہ وڌيڪ ٿي رهيو آهي. هونءَ آءِ. آءِ. اِيءِ. اَي واري جاچ جوچ جي ٽولي (I.A.E.A Inspection Team) جي اچ وڃ سبب نيوڪليئر پروگرام خفيہ طريقي ڪيو ٿي ويو، پر پرٿوي ميزائيل جي تجربي کان

پوءِ ته اها ڳالهه ساريءَ دنيا جي ڌيان تي آئي آهي.

حيرت آهي ته جپان کان هيروشيما وسري وئي آهي ۽ نيوڪليئر هٿيار ختم ڪرڻ لاءِ فقط کوکلا نعرا هڻي رهيو آهي. هن هفتي آمريڪي رسالي نيوز ويڪ ۾ هڪ مضمون آيو آهي، ”ڇا جپان نيوڪليئر بم ٺاهي رهيو آهي؟“ ۽ امڪان ته اهو آهي ته اُهو ٺاهي رهيو آهي.

ٽوڪيو ۾ پلوٽونيم (Plutonium) پرپل بم دنيا ۾ ڦهلجي ويندا. ٽيهن سالن کان مٿي عرصو ٿيو جون مون ناگا ساڪي ۽ هيروشيما تي بيت ۽ نظم لکيا ها، جي ’ڪُلهي پاتم ڪينرو‘ ۽ ’وڃون وسڻ آئيون‘ ۾ شايع ٿيا هئا ۽ اُن وقت مون کي انسان جي ارڏائي جا پروڙ ٿي پيا ۽ اُن تي اُن ترڻ هُئي، جا هڪ بيت ۾ هيئن اظهاري وئي هئي.

**جهرمر منجهه جهان ڪينءَ پسائي ڪوڪلي**
**ڪڏهن اَواهو نه هو اڄ جهڙو انسان**
**نه جاڻان نادان ڪڏهن سمهندو سک سان!**

هيروشيما ۾ جيئن مُند ڦري آهي، جپان پنهنجيءَ نيوڪليئر ٽيڪنالاجي ڏسي باغ و بهار ٿي رهيو آهي. بظاهر ائين چيو وڃي ٿو ته اها ٽيڪنالاجي فقط پُرامن مقصد لاءِ ڪم آندي ويندي، اوپر ايشيا ۾ 115 نيوڪليئر ري ائڪٽر (Reactors) استعمال ۾ آهن ۽ ڏهاڪو سالن ۾ پيا به ريئڪٽر 160 بلين ڊالر خرچ ڪري ٺاهيا ويندا. سرمائيدار ملڪ اندر ۾ ته خوش آهن ته هڪ بين الاقوامي صنعت، جا ڪجهه سال اڳ ٺپ ٿي وئي هئي، وري زور شور سان موٽي آئي آهي. ايشيا ۾ توانائيءَ لاءِ جنون وڌي ويو آهي ۽ اُن جي اقتصادي حالت ڦلي ڦولي رهي آهي. اُن جا پاور گرڊ (Power Girds) تيزيءَ سان وڌي رهيا آهن. چين، جپان، ڏکڻ ڪوريا، تائيوان سال 2010ع ۾ بجليءَ جا 784 ملين ميگا واٽ في ڪلاڪ (Hours) پيدا ڪري سگهندا. حالانڪ هن وقت اهي 320 ملين ميگا واٽ ڪلاڪ پيدا ڪري رهيا آهن. (افسوس سان چوڻو ٿو پوي ته سنڌيءَ ۾ ڪابه ڪم جي ٽيڪنالاجيڪل ڊڪشنري نه آهي ۽ ان ڪري ڪيترائي ٽيڪنالاجي جا انگريزي لفظ سنڌيءَ ۾ استعمال ڪرڻا ٿا پون.)

ايشيا جا ملڪ هاڻي ريئڪٽر پلوٽينم تي هلائي رهيا آهن ۽ اڳي وانگر پاڻيءَ سان ٺاري اُنهن کي توانائي جي پيدائش لاءِ استعمال نه ٿا ڪن. پر ان لاءِ هو وڏيڪ پلوٽينم پيدا ڪري رهيا آهن، جنهن کي پيهر چڪر ڪارائي (Recycle)، توانائي پيدا ڪري سگهجي ٿي، پر اُهو عام تباهي جي هٿيارن لاءِ پيهر ترتيب ڏئي (Reprocess) استعمال ڪري سگهجي ٿو. ايشيا جو اهو نيوڪليئر

توانائي سان نئون عشق نهايت خطرناڪ نتيجن جو حامل ٿي سگهي ٿو. هٿيارن ناهڻ لاءِ ترتيب ڏيڻ واري ٽيڪنالاجي (Reprocessing Technology) نهايت مخفي رکي وئي آهي. نيوڪليئر ترت وڌڻ جي عمل جي باري ۾ معاهدي (Nuclear Non proliferation Treaty) جو مقصد ئي اُهو آهي ته نيوڪليئر هٿيار محدود رکيا وڃن. اهو معاهدو رڳو 1968ع ۾ اهڙن هٿيارن وارن ملڪن يعني يو. ايس ۽ جرمنيءَ ۾ ٿيو هو پر روس، فرانس، برٽن ۽ چين کي اجا اهڙن هٿيارن ناهڻ جي اجازت آهي. جيتوڻيڪ اُنهن جي جاچ پڙتال ۽ چڪاس لاءِ وٺي آهي ۽ هو اهو معلوم ڪري سگهن ٿا ته ڪنهن به ملڪ ۾ موجود پلوٽينم ڪيڏانهن ويو آهي پر اِهو معاهدو به بڪواس ۽ دنيا جا پنج مُلڪ اِهي هٿيار ڇو رکن، ان لاءِ ڪوئي جواز نه آهي. انهن هٿيارن کي فقط رکڻ به خطري کان خالي نه آهي ۽ جي ڪنهن به مُلڪ يا ان جي پروگرام تي ڪنهن قابض ماڻهوءَ کي گيڙ اچي ته هو ساري دنيا تباهه ڪري سگهي ٿو. جديد انسان پنهنجي باشعور جهالت ۾ ايترو وچڙي ويو آهي، جو نيوڪليئر جنگ جو امڪان ڪڏهن به ٿي سگهي ٿو. بهرصورت انهيءَ معاهدي جي آڙ ۾ اُتر ڪوريا ۽ پارت تي بندش عائد ڪري سگهن ٿا. هونءَ ته جپان به باقي دنيا سان شامل ٿي اُتر ڪوريا جي نيوڪليئر پروگرام جي نندا ڪئي آهي پر پارت جي پرٿوي ميزائيل تي عالمي ردِعمل ايترو شديد نه ٿيو آهي.

پاڪستان جو ردِ عمل ته واضع آهي. هن کي پنهنجي تحفظ لاءِ تيار رهڻ کان سوا چارو نه رهيو آهي، جنهن جي لاءِ ڏينهون ڏينهن خطرو وڌي رهيو آهي.

برنارڊ شا چيو آهي:

"Do you know what a pessimist is?
A man who thinks everybody as nasty as himself and hates them for it."

(ترجمو: اوهان کي معلوم آهي ته قنوطيت پسند ڪير آهي. اهو انسان جيڪو هر انسان کي پاڻ جهڙو غلط سمجهي رهيو آهي ۽ اُن ڪري هن سان نفرت ڪري رهيو آهي.)

نيوڪليئر هٿيارن جي باري ۾ سڀ مُلڪ قنوطيت پسند ٿي پيا آهن. هن وقت تائين پارت اهو دليل ڏيندو رهيو آهي ته هو نيوڪليئر هٿيار پاڪستان جي پوَ کان نه، چين جي پوَ کان ناهي رهيو آهي ڇو ته ڪيس اڳيئي اُن جا هٿ لڳي چُڪا آهن. جي ائين آهي ته پهريون پرٿوي ميزائيل راجستان ۾ ڇو نسب ڪيو ويو آهي جا فقط اڍائي سو ميلن تائين مار ڪري سگهي ٿي ۽ بيجنگ نه پر بدين کي تباهه ڪري سگهي ٿو جتي اسان جي تيل جون تنصيبات آهن؟ ڇا پارت کي

اهو گمان آهي تہ اسان وٽ بہ اهڙا هٿيار آهن؟ جي آهي تہ مون کي آمريڪي دانشور ٿارو (Thoreau) جي چوٽي ياد ٿي اچي تہ:

"We are paid for our suspicions by finding what we suspected."

(اسان کي پنهنجن گمانن جي قيمت ائين چُڪائڻي ٿي پوي جو اسان کي معلوم ٿئي ٿو جنهن ڳالھ جو اسان کي گمان هو اُها وجود ۾ اچي چُڪي آهي.)

يو. ايس ڪوشش ڪئي آهي تہ ڀارت کي پنهنجي نيوڪليئر پروگرام کي ٻنجو ڏيڻ تي آماده ڪري جيئن برصغير ۾ سياسي آنڌ مانڌ ۽ اُن تڻ گهٽجي ۽ ڪشمير ۽ نيوڪلائي معاملي تي گفت و شنيد ٿي سگهي. وزيراعظم نرسمها راءِ جي يو. ايس وڃڻ کان اول پرٿويءَ تي تجربي کي ملتوي ڪيو ويو هو. پر جڏهن کان هو موٽيو آهي، تڏهن کان هن کي خاطري آهي تہ آمريڪا ۽ اُن جي سرمائيدار طبقي جو ڀارت سان اقتصادي مفاد ايترو وابستہ ٿي چُڪو آهي، جو اُهو ڀارت جي نيوڪلائي پروگرام سان دست اندازي نہ ڪندو. ڀارت هونءَ تہ اهنسا جي پرچارڪ آهي ۽ ٻُڌ ۽ مهاوير جو ديس سمجهيو وڃي ٿو پر ڏسڻ ۾ ائين تو اچي تہ ٻي ڳُر ڪيتر ڏانهن وڃي رهيو آهي، جنهن ۾ هن ڀيري دهليءَ کان لاهو تائين سڀ ڪجھ تباھ ٿي سگهي ٿو. ڪرشن جي هيو تہ دوارڪا جو پر هن جو مرڪز مٿرا ۽ برندابن ۾ هو جا اُتر پرديش ۾ آهي ۽ هن ئي پنهنجي ڀاءُ بلرام کي چُرچ ڏئي سنڌ تي ڪاھ ڪرائي هئي ۽ سنڌ جي راجا جئدرٿ کي ماريو هو. ڇا تاريخ پاڻ کي دهرائي رهي آهي!

ڀارت اڄ ڪلھ ڪشمير ۾ طاقت جي ذريعي مسئلو حل ڪرڻ چاهي ٿي ۽ ڪشميري عوام تي هر ظلم و ستم ۽ جبر و تشدد روا رکيو اٿائين. ڇا مسئلا ائين حل ٿيندا آهن؟ جي پاڪستان بہ پنهنجي تحفظ لاءِ نيوڪلائي هٿيارن جا تجربا ڪيا تہ ٻئي ملڪ تباھ ٿي ويندا.

دهليءَ ۾ خواجہ نظام الدين اوليا ۽ اجمير ۾ خواجہ معين چشتيءَ جو درگاھ آهي ۽ سکر ۾ ساڌ بيلو ۽ لاهور ۾ ننڪانا صاحب آهي. ڇا اُهي تباھ ڪري اسان پنهنجي اذيت پسنديءَ کي تسڪين ڏينداسين؟ ڇا برصغير جو عوام الناس هڪ هزار سال لاءِ گڏ نہ رهيو آهي؟ ڇا ڀارتي هندو تقسيم جو پلٽہ ڪرڻ چاهن ٿا؟ ڇا انهيءَ طريقي هو نہ رڳو اسان جي پر پنهنجي تباهيءَ لاءِ راھ هموار نہ ٿا ڪن؟ ڇا ٿوري اُڀرائي تاج محل ۽ شالا مار ٻئي ڍاهي ڍير نہ ٿي ڪري سگهي؟ ڇا جوهري توانائي وارا هٿيار ڏسي سگهن ٿا تہ ڪير هندو آهي ۽ ڪير مسلمان آهي؟

ان ڳالھ کي نہ وسارڻ گهرجي تہ پاڪستاني هندو اسان جهڙا پاڪستان جا شهري آهن. اُنهن جي اقليت جو تحفظ هڪ مسلم حڪومت جو فرض آهي. انهن

جو پارت جي جارحيت سان ڪوئي واسطو نہ آهي.

پر مشرق ۾ هر طرف نيوڪلائي اسلحي جو ڍير ڪنو (Stock pile) ٿي رهيو آهي.

جپاني عوام تہ ان جي خلاف آهي تہ جپان نيوڪليئر هٿيار پيدا ڪري ڇو تہ ناگا ساڪي ۽ هيروشيما اڃا تائين اُنهن کان وسري نہ آهي. پر جپان جو ايترو پلوٽينم ڪيڏانهن ويجي؟ هن وقت اهو هڪ ميٽرڪ ٽن (Metric ton) کان مٿي آهي ۽ جي اهو انداز صحيح آهي ۽ نہ گهٽايو ويو آهي تہ باقي هڪ بم ٺاهڻ لاءِ اٺ ڪلو گرام گهرجن. صدين جي تاريخ جو مطالعو اُنهي نتيجي تي پهچائي ٿو تہ انسان مان چڱائي جي اُميد ٿوري آهي. ساري تاريخ جارحيت ۽ جنگ جو داستان آهي. هن وقت بہ چين، ٿاءِ لئنڊ، ويٽ نام، مليشيا، انڊونيشيا، ڏکڻ ڪوريا، جپان، تائي وان ۽ فلپينس وٽ نيوڪليئر ريئڪٽر (Nuclear Reactor) ۽ ايندڻ جي ترڪيب جا پلانٽ (Fuel Processing Plants) آهن.

آءِ. اي. اِي. اي (I.A.E.A) نيوڪليئر هٿيارن جي تياريءَ تي روڪ نہ ٿي رکي سگهي ڇو تہ انهن لاءِ خام مواد غير نيوڪلائي رياستن ۾ موجود آهي. هاڻي تہ پرٿوي ميزائيل تي تجربي کان پوءِ پارت جا ارادا بہ ظاهر ٿي پيا آهن.

ايشيا لاءِ آسان طريقو اهو آهي تہ اهو پلوٽينم جو تجارتي استعمال بند ڇڏي ڏي. يو ايس ۽ جرمنيءَ ايئن ڪيو آهي ڇو تہ اها ڳالهہ نہ رڳو بين الاقوامي سلامتيءَ لاءِ هاڃيڪار آهي پر برٽن، فرانس، روس، چين، جپان ۽ هندستان ان معاملي تي رضامنديءَ کان انڪار ڪيو آهي.

ايئن آهي تہ ايندڻ يا ٻارڻ (Fuel Reactors) ۾ يورينيم جو استعمال سستو پوي ٿو پر يورينيم جي دنيا جي مارڪيٽ ۾ ججهائي ٿوري عرصي لاءِ آهي روس ۽ آمريڪا جي نيوڪليئر وار هيڊ (Nuclear war heads) جي ڊاهڻ سبب آهي. انسان ذات کي بچائڻو آهي تہ نہ رڳو پلوٽينم جي استعمال تي بندش وجهڻي پوندي نيوڪليئر توانائي جا سڀ ذريعا ختم ڪرڻا پوندا.

انسان ذات بنيادي طور ظالم ۽ جاهل آهي ۽ جي اُن مان ڪي انسان اشرف المخلوقات جو درجو رکن ٿا تہ ان ڳالهہ جو ثبوت ڪين ڏيڻو آهي. آدم جي اولاد ٿيڻ لاءِ تہ وڏي جهاد نفس جي ضرورت آهي، اڪثر انسان ڊارون چواڻيءَ باندر جي اولاد آهن، پر ڪي ڪي گڏهہ جي اولاد آهن جي اهي هٿيار ڪم آڻي، انسان ذات کي ئي صفحئہ هستي تان مٽائي سگهن ٿا.

ايئن آهي تہ ايشيا جي ملڪن کي پُرامن مقصدن لاءِ توانائي جو اونو آهي. ان صورت ۾ گهٽ ۾ گهٽ ان ڳالهہ جو تہ تدارڪ ڪرڻو آهي تہ پلوٽينم کي نيوڪلائي هٿيارن ٺاهڻ جي شرط ۾ شامل ٿي ويا آهن. اسان جي سنڌي سگهڙ

اسحاق جو هڪ ڏوهيڙو آهي:

**بي عقل کي بانور جي آهي پاڪر سيني سيئن**
**عقل جو اسحاق چئي تنهن کي تير لڳندو ڪيئن**

پاڪر زره کي چوندا آهن ۽ بانور خود اعتمادي کي چوندا آهن. اهي ٺيٺ سنڌي لفظ اسان جي لوڪ ـ ڏاهپ وانگر اَمر آهن.

يوناني فلسفي ڊيماستينس (Demos thenes) چيو هو:

"A man is his easiest dupe, for what he wishes to be true, he generally believes to be ture."

(ترجمو: آدمي پنهنجو پاڻ کي آسانيءَ سان بيوقوف بڻائي ٿو سگهي، ڇاڪاڻ جو هو ڳالهه چاهي ٿو ته سچي هجي، هو گهڻو ڪري سمجهي ٿو ته سچي آهي.)

اهو نهايت ضروري آهي ته اسان کي خوش فهميءَ جي دنيا مان نڪري اچڻ گهرجي. نيوڪليائي هٿيار انسان ذات لاءِ فقط تباهيءَ جو ڪارڻ ٿي سگهن ٿا.

*(12 جون 1994ع)*

# ديوارِ برلن جو معمار هونيڪر ۽ هن جو موت

علامہ اقبال ٺيڪ چيو هو تہ ثبات فقط تغير کي زماني ۾ آهي.ديوار برلن جا ڪنهن وقت ديوار چين وانگر پائنده ٿي لڳي، ڍهي چڪي آهي ۽ نہ رڳو اُن تي هر نقش ۽ هر تحرير متجي چُڪي آهي، پر اُن جو معمار هونيڪر جرمن ڊيموڪريٽڪ ريپبلڪ (G.D.R) جي فوجي ۽ رياستي تحفظ جو اهم ترين ڪردار، چليءَ ۾ جلاوطنيءَ ۾ گذاري ويو. هو پويون جرمن ڪميونسٽ هو جنهن جي موت تي ڪنهن ٽڏو ساهہ نہ پريو ۽ نہ ڪنهن هن جي سار سنڀار لڌي. مضحڪ خيز تہ هن جو ڪفن هيو جنهن تي ڏاتي ۽ هٿوڙي وارو پرچم لڳل هو. جو يو. ايس. آر جي نشاني هئي جا هونيڪر کان اول تاريخ جي مبلي ۾ پورجي چُڪي هئي.

هونيڪر جو هڪ ڪوئلي جي کاڻ ۾ ڪم ڪندڙ مزدور جو پٽ هو. تنهن کي اشتراڪيت جي نظرياتي تعليم پنهنجي پيءُ ڏني هئي. جڏهن هو اجا اسڪول نہ ويو هو. روم جي باغي غلام اسپارٽيڪس جي نالي تي جرمن ڪميونسٽ پارٽيءَ جو نالو اسپارٽيڪا رکيو ويو هو ۽ اسپارٽيڪس جي نالي سان جرمنيءَ ۾ ڪيئي ادارا ها. جن مان نوجوان سوشلسٽ اسپار ٽيڪس يونين بہ هڪ ادارو هو. جنهن ۾ هونيڪر شموليت اختيار ڪئي هئي. 1929ع ۾ ڪميونسٽ پارٽيءَ جي ميمبر ٿيڻ کان اڳ. هو پارٽيءَ جا اشتهار ورهائيندو هو. ڇهہ سال پوءِ. جڏهن هن جي عمر ٽيويهہ ورهيہ هئي، هن هٽلر جي گيسٽاپو گرفتار ڪيو هو ۽ پارٽيءَ ۾ غير قانوني ڪارروايۡن سبب هن کي ڏهہ قيد جي سزا ڏني وئي هئي. ٻي جنگ عظيم کان پوءِ هونيڪر ايسٽ جرمن ڪيمونسٽ پارٽيءَ جي ڀهرين ليڊر والٽر البرائيٽ (Walter Ulbricht) سان پاڻ کي واڳي چڏيو ۽ نهايت تيزيءَ سان ملڪ جي ملٽري ۽ سيڪيورٽيءَ جي ذميواري سنڀاري ورتائين. والٽر اُلبرائيٽ جرمنيءَ مان پڇي پاڻ بچايو هو. جڏهن اُتي هٽلر 1933ع اقتدار ۾ آيو هو. اسپين جي خانہ جنگي وقت هو اُتي سياسي ڪميسار هُيو.1938 ع ۾ هن ماسڪو ۾ ٻين ڪي. ڊي. پي (K.D.P Communist

Party of Germany) جي ليڊرن سان گڏجي پناھ ورتي. ھو اسٽالن جو پوئلڳ ھو ۽ نہ رڳو اسٽالن جي صفائيءَ (purges) جي حمايت ڪئي ھيائين پر ھٽلر سان اڳرائي نہ ڪرڻ واري معاھدي (Non aggression Pact) جي حمايت ڪئي ھيائين. جنگ جي خاتمي ڪانپوءِ اُلبرائيٽ جرمنيءَ موٽي آيو ۽ جرمنيءَ جي سوشلسٽ اتحاد پارٽي (S.E.D) جو اپريل 1946ع ۾ وائس چيئرمين چونڊيو ويو. جولاءِ 1950ع کان جولاءِ 1953ع تائين ھو پارٽيءَ جو جنرل سيڪريٽري ھو. جڏھن آڪٽوبر 1945ع کان جولاءِ ۾ جرمن ڊيموڪرئيٽر ريپبلڪ (G.D.R) ناھي وئي، ھو اُن جو وائيس چيئرمين چونڊيو ويو ۽ 1960ع ۾ چيئر مين چونڊيو ويو. اُلبرائيٽ ئي سوويٽس کي صلاح ڏني تہ چيڪو سلوا ڪيا جي دانش ور ملوين جلاس جا لبرل سڌارا ڪچيءَ ۾ نھوڙيا وڃن.

اھڙيءَ ماڻھوءَ جو ھونيڪر سچو ھٽ ھو. جنھن کيس ديوارِ برلن ناھڻ جو ڪم سپرد ڪيو. ھُن ديوارِ برلن سان G.D.R(جرمن جمھوريہ) ۾ پنھنجي ھم وطنن لاءِ قيد خانو ٺاھيو جيتوڻيڪ بظاھر اُھا ڪميونزم جي بھشت وانگر ڏيکاري ڏئي رھي ھئي ۽ ھن ئي اھو آرڊر ڏنو تہ جيڪو بہ ديوارِبرلن ٽپي، اُن کي تڏي تي شوٽ ڪيو وڃي. ھينئر تہ ديوارِ برلن ڊاٺي وئي آھي. ديوارِ برلن تي ’نقش بہ ديوار‘ جي عنوان سان ھڪ ڪتاب ٽيري ٽل مئن (Terry Till man) نالي مصنف لکيو آھي، جو 1990ع ۾ ڇپايو ويو آھي مھاڳ ۾ چيو ويو آھي تہ آرٽ اُتي آھي، جتي اوھان اُن کي ڳولي لھو. مصور جي اک ۽ شاعر جو ڪَن معنيٰ کي ڳولي لھن ٿا. ھن ڪتاب جي معنيٰ جا ڪيئي تھہ آھن. اسان اُن کي خالق جي اکين سان ڏسون ۽ ڪنن سان ٻڌون ٿا، ۽ ڏسون ٿا. اُنھن سوَن انسانن کي جن ۾ نقش بہ ديوار جا مصور ۽ شاعر (Graffiti artists) شامل آھن. (Graffiti) اُنھيءَ تحرير يا تصوير کي چئبو آھي جا ڪنھن ديوار يا گذر گاھہ يا ٻئي ڪنھن مٿاڇري تي ڪڍبي آھي يا لکي ويندي آھي)، اطالوي زبان ۾اُن کي Graffito چوندا آھن).

اُن ڪتاب ۾ فوٽو گراف آھن. لفظن جون تصويرون آھن ۽ لفظ آھن جي تصويرون ڪڍن ٿا. اھو ڪتاب نھايت متاثر ڪندڙ آھي ڇو تہ اھو آزاديءَ جي باري آھي. ڇو تہ اھو زندگيءَ جي تڪميل لاءِ تمنا ۾ مرڪزي حيثيت رکي ٿو. اھو ڪتاب آزاديءَ جو نظير آھي، خاص ڪري ان ۾ تخليق لاءِ ڪلاڪارن جاتو ٿي تہ سندن تصويرون ٿورو وقت ھلنديون ۽ اُنھن کي ڪائي اَمرتا نہ آھي. نہ تخليقون ھُيون جن کي سانيي يا ساراھي سگھجي ھا يا اُھي وڪامي سگھن ھا يا حسد جو باعث ٿي سگھن ھا. اھي دعائون ھيون، صدائون ھيون، سبحان الله جو اظھار ھيون، ڪنھن انساني حاصلات جو يادگار نہ ھيون، پر انساني روح جا

سگهائتا ۽ِل ضرور هيون. عقل کان بعيد تہ اها ڳالهہ تي سگهي، تہ اهي ٻيهر ساڳيءَ طرح محسوس نہ ٿيون ٿي سگهن، جيئن اُنهن جي ضرورت آهي. ان ڪري اُنهن کي هن ڪتاب ۾ قيد ڪيو ويو آهي. ’نقش بہ ديوار‘ ناممڪن کي ممڪن ڪري ڏيکاري آهي ۽ پڙهندڙ کي جهڻ از غئبي احساس ڏنو آهي تہ هو برلن ۾ آهي ۽ اهو تاريخي واقعو هڪ تاڪئي وانگر کُلي رهيو آهي. تل مئن اهو جادوگر آهي جنهن اُن تجربي کي تخليق ڪيو آهي ۽ هو گهڻ-ڪُنڊي شخصيت آهي. هن اُنهيءَ ڪتاب ۾ اُن پيغام جي اشاعت جي اشد ضرورت محسوس ڪئي آهي: جيڪي ٿاهيو ويو آهي، اهو ڍاهي بہ سگهجي ٿو اسانجي آڻ ڪارائتين آڏاوتن جي ڍاهہ ڊوهہ بہ سرجڻهار ٿي سگهي ٿي ۽ گوڙ شور بہ پڪو چٽو ۽ کُتو ٿي سگهي ٿو. جڏهن اسان جي راهہ ۾ رڪاوٽون اچن ٿيون تہ ڪائي مهر مدگار ثابت ٿئي ٿي.

اهو ڪتاب 1990ع ۾ ڇپيو آهي، جڏهن ديوار برلن ڊهي چُڪي هئي. ڪڏهن ڪوئي ديوار ۾ خنجر سان ڇهڪ ڏئي، ڏار ۾ گلاب جو گل يا ميڻ بتي وجهي ويو آهي، ڪڏهن دل جون تصويرون ڪڍي ويو آهي. پهرين صفحي تي ديوار تي هٿ سان لکيل تحرير جو فوٽوگراف آهي. اُها تحرير غالباً انجيل مان آهي:

- ”۽ عوام رڙ ڪئي ۽ ديوار ڊهي پئي ۽ ماڻهو شهر ۾ گهڙي آيا.“

(جوشاء 720)

ديوار تي ٻي تحرير آهي،

- ”ديوارون پائيدار نہ ٿينديون آهن.“

اهڙيءَ طرح جدا جدا هنڌن تي ديوارن تي تحريرون آهن. جيئن:

- ”هڪ پهاڙ ڪيترا سال رهي سگهندو آهي، ان کان اڳي جو سمندر اِن کي پائي وجي؟

ڪيترا سال انسان آزاديءَ کان سواءِ رهي سگهندا آهن؟

ڪيترا ڀيرا ماڻهو پنهنجو مُنهن ڦيرائي ڇڏيندو ۽ ايئن ڏيکاري ڏيندو تہ هن ڪُجهہ ڏٺو ئي نہ آهي؟

ان جو جواب، منهنجا دوست هوا ۾ هُري رهيو آهي، جواب هوا ۾ هُري رهيو آهي.“

ڊئلان ٿامس (1963ع)

- ڊئلان ٿامس اسرارالحق مجاز وانگر بلانوش انگريز شاعر هو جو ڪجهہ سال اڳي گذاري ويو. هن سڀ عظيم سوال، عظيم آواز ۾ اُٿاريا آهن ۽ عظيم ترين آواز عوام جو آواز آهي- جو نثر ۾ يا مصوريءَ ۾ يا شاعريءَ ۾ يا موسيقيءَ ۾ اظهارجي ٿو جو گهرن ۾ ۽ ايوانن ۾، ڳلين ڪُوچن ۾ ۽ ٻين ٻارن ۾، عدالتن ۽

قهوه خانن ۾ بلند ڪيو ويجي ٿو.

- "ان آواز کي ڳالهائڻ گهرجي ۽ اُن کي انسان ذات جي خاموشي احسان سان ٻڌندي"

رابرٽ ڪينيڊي (1963ع)

- "سڀ آزاد انسان، جتي بہ هو رهندا هجن، برلن جا شهري آهن. ان ڪري مان فخر سان چوان ٿو تہ "برلن جا رهواسيو! شال زندهہ رهو!"

(جان فٽز جيرالڊ ڪينيڊي – 1963ع)

- آزادي روح جو معاملو آهي.

رابرٽ هوور (Robert Hoover)

جي هر ڪوئي پنهنجي گهر جي ٻاهران ٻهاري ڏيندو تہ ساري گهٽي صاف ستري ٿي پوندي. (گوئٽي)

- آدميءَ کي هر انساني تصادم لاءِ اهڙو طريقو ايجاد ڪرڻ گهرجي. جو انتقام، جارحيت ۽ بدلي کي رد ڪري ڇڏي. اهڙي طريقي جو بنياد محبت آهي.

(مارٽن ليودر ڪنگ)

- "پنهنجي پاڙيسريءَ کي ايئن پيار ڪيو جيئن پاڻ کي ڪندا هيو."

(راڻي ايلزبيٿ II اوپر واري بلاڪ جي دوري تي، ڊسمبر 25_1989ع)

پردي پٺيان ايراضين کي (Areas behind the curtain) جن کي جيفرسن آزاديءَ جو مرض ڪوٺيو آهي، اُهو مرض اجا وچڙندڙ بيماري آهي.

(جان فٽر جيرالڊ ڪينيڊي)

- انهيءَ مستقبل ڏانهن ڏسي جڏهن محبت جي قوت، قوت جي محبت جي جاءِ وٺندي، تڏهن ئي اسان جي امن جون نعمتون سمجهي سگهندي.

(وليم ايوارٽ گلئڊ سٽون)

- ڪنهن وقت هو جنگ ڪندا ۽ ڪوئي نہ ايندو.

(ڪارل سٽنڊ برگ)

- جتي گهڻي روشني هوندي آهي، اُتي پاڇو زورائتو لڳندو آهي.

(گوئٽي)

- هڪ مستقل صلح دڙڪن سان ٿي نہ ٿو سگهي پر اهو هڪ ٻئي تي اعتبار رکي، ايمانداريءَ سان ڪوشش ڪرڻ سان ٿي سگهي ٿو. ڪيتري بہ قومي اسلحہ بندي ڇو نہ ڪري، هٿيار ڪنهن بہ قوم جي فوجي سلامتيءَ لاءِ ضمانت نہ آهن، نہ اُهي امن جي پابندگيءَ جي ضمانت آهن.

(آلبرٽ آئن اسٽائن)

- او! جڏهن سيني جي چڱائي هر ڪنهن لاءِ دستور ٿيندي.

*شيخ اياز ۽ صحافت*

۽ آفاقي امن
روشنيءَ جي تير وانگر
ويندو ڏرتيءَ تي.                    (ٽيني سن)

سڀ نوان سچ ۽ سڀ پراڻا سچ، جي درست ۽ تازه دم ڪيا ويا آهن، اُهي انهيءَ ونگ جي هينان پُڏايا وڃن، جا اُنهيءَ دنيا جا ڏکهي چڪي آهي، ۽ جا نئين سر ناهي وئي آهي، اُنهن ٻنهي جي مٿان ٻڌي وئي آهي.

ڪتاب ۾ ٻيون بہ تحريرون آهن، جن جو مان پورو ترجمو ڪرڻ چاهيان ٿو.

اها ديوار اُنهيءَ هونيڪر ناهي هئي، جو گذريل هفتي چليءَ ۾ مري ويو. ممڪن آهي تہ پنهنجي سرخ پرچم ۾ جهنم رسيد ٿيو.

جيتوڻيڪ هو ماسڪو سان وفادار هو پر هن جي پاليسي بون (Bonn) ڏانهن خود مختيار هئي. هن کي ماسڪو مان ان جي خلاف اطلاع ملندا رهيا. پر 1987ع ۾ هو بون ويو ۽ چانسيلر هيلمٽ ڪول هن جو آڌر ڀاءُ ڪيو. پر تيستائين تعميراتي ڪم جي ترقيءَ ۽ عام واهپي جي شين جي درآمدات هن جي اقتصاديات کي تباهہ ڪري ڇڏيو هو. هونيڪر ڪافي ضدي ڪميونسٽ هو. جيئن سنڌ ۾ ڪجهہ ضدي ڪميونسٽ آهن، جن جي هونيڪر جو رتيءَ ڀر تجربو، مشاهدو ۽ مطالعو نہ آهي. هن آخري دم تائين چيو، ”مون کي گهڙيءَ لاءِ بہ پنهنجي نصب العين جي صحيح هجڻ ۾ شڪ نہ پيو آهي.“

جي هونيڪر اُن وقت مري ها، جنهن وقت برلن وال اجا تائين بيٺي هئي تہ ماڻهو هن لاءِ زار زار روئن ها، پر مشرقي جرمني هن جي موت کان اڳ ختم ٿي وئي ۽ چليءَ ۾ جلاوطنيءَ ۾ هن کي جيري جي ڪئنسر ختم ڪري ڇڏيو ۽ هن جا پرسانِ حال ۽ جنازي بردار ٿورا هئا.

*(13 جون 1994ع)*

# سياست ۾ مذهبي جنونيت جو دخل

جيئن علاما اقبال کي مصور پاڪستان ته چيو وڃي ٿو پر سندس اهو خط به تاريخ جي رڪارڊ تي موجود آهي جيڪو هن ڪلڪتي جي هڪ اخبار جي ايڊيٽر کي لکيو هو ۽ جنهن ۾ انهيءَ خبر جي سختيءَ سان ترديد ڪئي هئائين ته ڪو هن آل انڊيا مسلم ليگ جي اجلاس ۾ پاڪستان جو تصور پيش ڪيو هو. تيئن سندن انهيءَ سِٽ کي به جاهل مُلن ۽ مذهبي جنونين انسانن جو خون وهائڻ لاءِ ڏاڍي بيدرديءَ سان استعمال پئي ڪيو آهي جنهن ۾ هن چيو هو ته:

"جدا هو دين سياست سے تو رہ جاتی ہے چنگيزی."

هاڻ علامه آءِ آءِ قاضي ته آهي ڪونه، جنهن اقبال جي "خودي" واري تصور تي تبصرو ڪندي چيو هو ته، "هُو (اقبال) لفظ 'خودي' جي معنيٰ کان ئي ناواقف هو." البته، اسان جي ناقص راءِ ۾ ان مان هن جي مراد هيءَ هئي ته دين جيئن ته زندگيءَ جو هڪ مڪمل ضابطو آهي، تنهن ڪري سياست به ان جي تابع هئڻ گهرجي. دين مان مراد جيڪڏهن دين اسلام آهي ته ان جي مڃيندڙن وٽ ان سان اختلاف ڪرڻ جي ڪا گنجائش به نٿي رهي. جيڪڏهن اسلام، الله جي وحدانيت ۾ ايمان رکڻ ۾ ان جي بندن سان پيار ڪرڻ جو نالو آهي ته ان دين جي پيروڪارن جي سياست سموري انسانذات لاءِ رحمت ئي هئڻ گهرجي. پر جيڪڏهن اڄ اسين پنهنجي ملڪ جي سياست تي دين جي حوالي سان نظر وجهون ته قصو ئي اُبتو لڳندو. اقبال جي انهيءَ سِٽ جي روشنيءَ ۾ اُها صورتحال اهڙي آهي جڻ دين سياست کان صفا ڌار ٿي ويو هجي ۽ نتيجي طور رڳو چنگيزيت رهجي وئي آهي. جيڪڏهن ائين ناهي ته سياست ۾ تشدد واري موجوده لاڙي کي ڪهڙو نالو ڏجي جيڪو ان ۾ مذهب جي دخل جو نتيجو آهي.

پر اهو هڪ جدا ۽ ڊگهو بحث آهي، في الحال اسان جي پيش نظر سياست ۾ مذهبي جنونيت واري عنصر جي سرگرمي سبب پيدا ٿيل صورتحال آهي، جنهن هڪ طرف سهپ ۽ رواداري واري مذهب جي بنيادي درس جي نفي ڪري خود مذهب کي متنازعه بڻائي ڇڏيو آهي، ته ٻئي پاسي اسلام سڄي دنيا ۾ هڪ اهڙي مذهب طور بدنام ٿي رهيو آهي، جنهن جا مڃيندڙ جڻ اهي خونخوار درندا آهن جيڪي نه رڳو فروعي مسئلن تي هڪٻئي جا ڳلا ڪپين ٿا پر جن سان گڏجي

ٻين مذهبن جي پيروڪارن جو زنده رهڻ ئي محال آهي. خاص طور هنن جي پناهه ۾ رهندڙ اقليتن جو وجدو سخت خطري ۾ آهي. خاص طور هنن جي پناهه ۾ رهندڙ اقليتن جو وجود سخت خطري ۾ آهي. ان جي هڪ جهلڪ اُنهن بيانن مان به ملي ٿي جيڪي روزانو وڏي تعداد ۾ اخبارن جي زينت بڻجن ٿا ۽ هڪڙي عام مولوي کان وٺي ملڪ جي صدر تائين سڀ بيان ڏيندڙن ۾ شامل آهن.

قانون معاشري معاشري کي بعض ضابطن جو پابند بنائڻ لاءِ جوڙيا ويندا آهن. جيڪڏهن معاشرو ڇڙواڳ هجي ۽ ضابطن جي پابندي قبول نه ڪري ته اهڙا قانون خود لاقانونيت جو باعث بڻجي وڃن ٿا. جنرل ضياءَ جي ڏنل حدود آرڊيننس واري قانون جو حشر اسان جي سامهون آهي. وڏا ماڻهو اڄ به شراب پيئن ۽ زناڪاري ڪن ٿا، پر غريب ۽ بي پهچ ماڻهو اهي ڏوهه نه ڪرڻ جي باوجود حدود آرڊيننس جي زد ۾ آهن. نتيجي طور اهي ماڻهو به دين کان متنفر ٿيندا پيا وڃن جيڪي ان جي بالادستيءَ جا سڀ کان وڏا حامي هئا. ساڳيو حال توهين رسالت (صلعم) واري قانون جو آهي. سياسي ۽ نظرياتي مخالفت جي بنياد تي اهڙن ماڻهن تي به رسول الله (صلعم) جي شان ۾ گستاخي ڪرڻ جي تهمت لڳائي وئي، جن جي زندگيءَ جو مقصد ئي انسانيت جي خدمت آهي. انهيءَ کي به ڇڏيو هنن انهيءَ قانون تي عملدرآمد جو نيڪو به ڪٽي ورتو ۽ جنهن کي ڏوهاري سمجهيائون، تنهن کي پوليس جي تحويل ۾ ۽ عدالتن جي احاطي اندر گولي هڻي مارڻ کان به ڪونه مُڙيا. هڪٻئي پٺيان پاڪستان جا ڪيئي عيسائي شهري هنن وحشين جي جنونيت جي ور چڙهي حياتيءَ تان هٿ ڌوئي ويٺا. ظاهر آهي، ڪابه حڪومت انهيءَ ڇڙواڳيءَ جي اجازت نٿي ڏئي سگهي، سو موجوده حڪومت به مذهبي تشدد جي وڌندڙ واقعن کانپوءِ ان جو سختيءَ سان نوٽيس ورتو ۽ قانون جي وفاقي وزير اقبال حيدر پنهنجي لنڊن واري تازي دوري ۾ اهڙو بيان ڏنو ته حڪومت مذهبي جنونين هٿان قانون جي غلط استعمال کي روڪڻ لاءِ ان ۾ ترميم ڪرڻ جو جائزو وٺي رهي آهي.

بس پوءِ ڇا هو. مذهب جي نام نهاد ٺيڪيدارن جي غيرت جاڳي پئي ۽ هر طرف 'اسلام خطري ۾ آهي' جو ڇوٻول ٿي ويو. ڪيترين ئي مذهبي جماعتن ۽ انهن جي ليڊرن بيان ڏيڻ شروع ڪيا ۽ ڌسندي ئي ڌسندي احتجاج جو سلسلو شروع ٿي ويو. حڪومت کان قانون واري وزير جي برطرفيءَ جا مطالبا ٿيڻ لڳا ۽ ڪجهه اهڙو تاثر ڏنو ويو، ڄڻ موجوده حڪومت توهين رسالت (صلعم) واري قانون جي ئي مخالف هجي ۽ ان کي رد ڪرڻ چاهيندي هجي. سپاهه صحابه نالي تنظيم جنهن گذريل حڪومت جي دؤر ۾ به ناموسِ صحابه بل پاس ڪرائڻ گهريو ٿي ۽ جنهن جي اجازت نه ملڻ تي پنجاب ۾ موجوده حڪومت جو ساٿ ڏنو

هئائين. هاڻ وري ان لاءِ سرگرم ٿي وئي آهي ۽ شيعن کي قتل ڪرڻ جو لائسنس حاصل ڪرڻ جي خواهشمند اها تنظيم به توهين رسالت (صلعم) واري قانون ۾ ترميم خلاف ميدان تي لهي ائي آهي. نوازشريف صاحب جو بيان آيو آهي ته حڪومت سندس مذهبي غيرت کي للڪاريو آهي، سو هو ان کي ڪونه ڇڏيندو.

سوال هيءُ آهي ته هيءُ سڀ ڪجهه ڇا ۽ ڇو ٿي رهيو آهي؟ ڇا اسان جو مذهب جنهن سهپ ۽ رواداريءَ جي تعليم ڏئي ٿو ان جي تقاضا اها ئي آهي ته سپاهه صحابه وارا جتي به ڪنهن شيعه کي ڏسن، اُتي ماري ڇڏين ۽ جيڪڏهن ڪو سائي پٽڪي وارو شيعن جي ور چڙهي ته مُئو پيو هجي. عيسائي اقليت وارن جي ڪهڙي ڳالهه ڪجي، جيڪي ويچارا آهن ئي اسان جي رحم و ڪرم تي. جيسين چاهيون ڪانئن پهارا ڏياريون ۽ گند صاف ڪرائيندا رهون ۽ جڏهن چاهيون جنونيت جي تسڪين لاءِ سندن رت سان هولي کيڏون. ڇا ناموس رسول (صلعم) ۽ ناموسِ صحابه ان جو ئي نالو آهي؟ جيڪڏهن قانون جي ڳالهه آهي ته توهين رسالت (صلعم) جو قانون اڳ ئي موجود آهي. جيڪڏهن ڪو ان جي پيچڪڙي ڪري ٿو ته قانون کي ڇو ڪم نٿو ڪرڻ ڏنو وڃي ته پل اهو پنهنجي مجرم کي سزا ڏئي؟ مذهبي جنونين کي ڪنهن اهو حق ڏنو آهي ته هو هٿيارن جي زور تي پاڻ رستن تي فيصلا ڪندا وتن؟ پوءِ قانون لاڳو ڪندڙ ۽ انصاف فراهم ڪندڙ ادارن جي باقي ڪهڙي ضرورت رهي ٿي؟ حڪومت جي رڙ پيئي پوي ته اها توهين رسالت (صلعم) واري قانون ۾ ترميم ڪرڻ جو ڪو ارادو نٿي رکي پر رت پياڪ مذهبي جنوني ان جي ڪا ڳالهه ٻڌڻ لاءِ تيار نه آهن. هو ان کي ديني سياست جو نالو ڏين ٿا. ڪانئن ڪير پڇي ته چنگيزيت کي ڇا سڏ ٿيندا آهن؟

*(10 جولاءِ 1994ع)*

# ڄام ساقيءَ جي پيپلز پارٽيءَ ۾ شموليت

ڄام ساقيءَ جو اهو اعلان تہ هن پيپلز پارٽيءَ ۾ شموليت اختيار ڪئي آهي، توقع موجب، منطقي ۽ بروقت هو.

ڄام ساقي پاڪستان ڪميونسٽ پارٽيءَ جو سيڪريٽري جنرل هو، پر هن 1985ع کان پوءِ يو. ايس. ايس. آر ۾ شڪست ۽ ريخت ڏسي ۽ يورپ ۾ ان جا وکا پڌرا ٿيندا ڏسي، پارٽيءَ جي سيڪريٽري جنرل شپ جي عهدي تان استعيفا ڏني. ڄام ساقي پارٽيءَ لاءِ عتاب ۽ عذاب سٺا هئا ۽ سزائون ڪاٽيون هيون. پر جڏهن هن ڏٺو تہ بين الاقوامي ڪميونزم واريءَ جي ڀِير وانگر اڃي پٽ تي پئي هئي، تڏهن هن جا، هر صحيح دماغ ڪميونسٽ وانگر حوصلا ٻتال ٿي ويا.

هن چاهيو تہ سنڌ جو نئين سر جائزو وٺي ۽ ان ۾ پنهنجي جاءِ جو تعين ڪري. اهو تہ ظاهر آهي، تہ هو ڪميونزم جي مادي فلسفي ۽ پرولتاري آمريت جي سياسي نصب العين کان مطمئن نہ هو.

پرولتاري آمريت جا روس جي ڪيرنسڪيءَ جي جمهوري حڪومت ۽ ڊيوما تي بالشيوڪ پارٽيءَ جي قبضي کان پوءِ وجود ۾ آئي هئي، دراصل نالي ۾ پرولتاريت جي حڪومت هئي، حقيقت ۾ اها ڪميونسٽ پارٽيءَ جي حڪومت هئي ۽ پارٽيءَ تي پالٽ بيورو جو تسلط هو ۽ پالٽ بيورو تي هڪ ڊڪٽيٽر لينن يا اسٽالن جو قبضو هو.

آمريت جمهوريت جو نعم البدل ٿي نہ ٿي سگهي ۽ اها انسان ۾ سڀ انساني اقدار ختم ڪري ڇڏي ٿي ۽ هر قيمت تي اقتدار کي ڇُهتي رهي ٿي. فلاح عام فقط ان لاءِ نعرو آهي ۽ ان کي پنهنجي فلاح ۽ اقتدار جي آڙ ۾ پنهنجي قبضي ۾ ان جي استحڪام کان سواءِ ٻي ڳالهہ تي توجهہ نہ ٿي وڃي. اشتراڪيت جا بنياد تہ بظاهر عوام ۾ ها پر دراصل ان جو عوام جي دک درد سان دور جو واسطو بہ نہ هو.

سولزي نٽشن جا ناول، تقريرون ۽ خط پڙهبا ۽ روسي سائنسدان سخاروف جي آخر تائين جدوجهد تي نظر اُڇلائبي، تہ واضح ٿي ويندو تہ ڪميونسٽ نظام زار نڪولس جي حڪومت کان بہ برو هو. جا برائيءَ جي جڙ انسان ذات ۾ پئرس ڪميون وڏي ۽ فرينچ انقلاب کان پوءِ فرينچ عوام پنهنجي ائرسٽو ڪرسي جا

ڪنڌ گلوٽين هيٺان ڏئي، اگاريءَ لڳل ڏند تيڙيا، اها روسي انقلاب کان پوءِ انسان جي ضمير کي هڪ زهريلي ول وانگر وڪوڙي وئي. انسان پنهنجي حرص، هوس، عهدي ان جي ترقي وغيره سبب، نظرياتي تضاد کي آڙ بڻائي، هڪ ٻئي جي گردن ڪپڻ لڳا ۽ يورپي روس کان سواءِ يو. ايس. ايس. آر ۾ جيڪي رياستون هيون يا يورپ ۾ جيڪي ملڪ ٻي جنگ عظيم کان پوءِ ڪميونزم جي دائري ۾ آيا هئا، اندر ۾ کوکا ٿي ويا هئا.

جڏهن بين الاقوامي ڪميونزم جا ٽوٽيون ٽنيا ڌهي ڍير ٿي پيا، تڏهن دنيا ۾ ٻه بلين ڪميونسٽ هئا. ٻه سو ڪميونسٽ پارٽيون هيون ۽ ويهه ڪميونسٽ حڪومتون هيون. پر هڪ اڌوهي کاڌل سياسي نظام، جنهن جي اقتصاديات ۾ ڏنل انگ اکر بنهه ڪوڙا هئا. ان ٺهڪو ڏيندي دير نه ڪئي.

جناب جام ساقيءَ ڪجهه وقت سياست کان پاسي رهي ان تي سوچيو ته ٽين دنيا، جنهن جا مسئلا اجا اتي ئي هئا. ۽ سياسي، معاشي ۽ اقتصادي انصاف لاءِ اُن جي ڳُهر جائز هئي. ان کي هڪ مهذب ۽ منصفاڻو معاشرو ڪيئن مهيا ڪيو وڃي؟

هن سنڌ جي هر اهل تصوف جي درگاهه جا ڏوڙا ڪيا. ڇو ته تصوف يا Mysticism ڪنهن نه ڪنهن صورت ۾ ڪميونزم جو بهترين نعم البدل آهي. ان جو اهو اُصول آهي ته انسان پرتوالاهي آهي ( Man is born in the image of the divine) ۽ تنهن ڪري پيدائشي طور هڪ ٻئي جي برابر آهي، ۽ ڪو انسان برابر کان وڌيڪ برابر نه آهي (No one is more equal than equal). جو جمهوريت جو صحيح بنياد آهي. ۽ جمهوريت ۾ سياسي، اقتصادي ۽ معاشي استحصال لاءِ ڪا گنجائش نه ٿو ڇڏي.

ان ڪري جمهوريت، ڪيتري به خراب ڇو نه هجي، اشتراڪيت کان بهتر آهي. جمهوريت مان خرابيءَ کي ختم ڪرڻ لاءِ وڌيڪ جمهوريت ۽ معاشي انصاف (Social Justice) لاءِ ضرورت آهي.

ان ڪري جام ساقيءَ لاءِ اهو ضروري هو ته هو هڪ-بلاڪي (Unipolar) دنيا ۾ ڪنهن جمهوري پارٽيءَ ۾ شريڪ ٿي فلاحي مملڪت لاءِ ڪوشش ڪري. هو پيپلز پارٽيءَ ۾ اڳ ئي شموليت اختيار ڪري ها، پر بيماريءَ سبب هن کي لنڊن وڃڻو پيو ۽ صحتيابيءَ ۾ هن کي ڪافي وقت لڳي ويو.

حيرت آهي ته هن جڏهن کان پيپلز پارٽيءَ ۾ شموليت اختيار ڪئي آهي، اخباري حلقن ۽ مٿئين طبقي ان ڳالهه جي باريءَ ۾ خوشيءَ جو اظهار نه ڪيو آهي. محترمه بينظير کي هونءَ ته عوام جي حمايت حاصل آهي، پر هن جي سياست کي اڃا به مضبوط ڪري سگهجي ٿو جيڪڏهن وچولو درجو ان ۾ ڏاڍا ڏڙ

شموليت اختيار ڪري، ڇا پيپلز پارٽيءَ جا ڪرتا ڌرتا اهو وساري ويٺا آهن تہ جام ساقي آل پاڪستان ڪميونسٽ پارٽيءَ جو سيڪريٽري جنرل هو ۽ هن جي پيپلز پارٽيءَ ۾ شموليت خود پيپلز پارٽيءَ لاءِ هڪ اهم واقعو آهي.

اميد تہ اختيار ڌڻي جام ساقيءَ کي جائز مقام ڏيندا ۽ جي هو رضامند ٿئي تہ اها ڳالھہ سنڌ گورنمينٽ جي فائدي ۾ ويندي. جي هن کي ڪنهن سرڪاري عهدي تي فائز ڪيو ويندو.

*(16 جولاءِ 1994ع)*

# ڪِم اِل سِنگ جو موت

"اسان چرب زبانيءَ سان چئي وڃون ٿا ته، "ڌرتي اسان جي پيرن هيٺيان آهي، ۽ باطني حقيقت کان نفرت ڪريون ٿا. ڇو ته اسان کي اهو لفظ پنهنجي بياض ۾ شامل نه ڪرڻو آهي. ان جي باري ۾ ته سوچي به نه ٿو سگهجي." اها ڳالهه جا آمريڪي شاعر وليم ڪارلوس وليمس چئي آهي. جيتري اسٽالن کان وٺي هن جي پوئين اشتراڪي پيروڪار اُتر ڪوريا جي آمر ڪم ال سنگ سان ٺهڪي اچي ٿي، اوتري شايد بئي ڪنهن سان ٺهڪي اچي. گذريل هفتي ريڊيو پيونگ يانگ سُڏڪا ڀري ٻڌايو ته ڪِم اِل سنگ دل جي دؤري ۾ مري ويو هو. موت، جيڪا باطني حقيقت آهي ۽ ظاهري حقيقت سان پور وچوٽي آهي، اُن هن جي ظاهري حقيقت کي آخرين شڪست ڏني ۽ هڪ مطلق العنان حڪمران کي ڪفن ۾ تابو ڪري، ڌرتيءَ جي حوالي ڪيو. هاڻي هو ڌرتي جي پيرن هيٺيان هو ڌرتي هن جي پيرن هيٺيان هئي.

هن 1950ع کان 1953ع تائين ڪوريا جي جنگ بي جگريءَ بي رحميءَ ۽ ترنياڪيءَ سان وڙهي، جنهن ۾ ٻه ملين فوجي ۽ ٻه ملين شهري مُئا جن ۾ آمريڪي به هيا ڪوريائي به هيا. ڪم ال سنگ پنهنجي هر پيش رو اسٽالن ۽ مائوءَ کان وڌيڪ زنده ۽ اقتدار ۾ رهيو. جڏهن 1945ع ۾ سوويت يونين جپان خلاف جنگ ۾ شامل ٿي، جپان جي اُتر ـ اوڀر وارا علائقا والاريا. ڪم ال سنگ ۽ هُن جي چاهت آفيسرن اتر ڪوريا ۾ هاءِ ڪمانڊ جي لاءِ ڪور(Core) ٺاهي. ڪِم کي سوويت يونين ۾ تربيت مليل هئي ۽ هن کي ڪوريا لاءِ ليڊر چونڊيو ويو. ڪوريا جي جنگ جي لاءِ ذميواري سوويت يونين ۽ آمريڪا ٻنهي جي هئي. سوويت يونين اشتراڪيت جو ڦهلاءُ ٿي چاهيو ۽ آمريڪا سنگ مئن ري(Syngman Rhee) جي حڪومت کي اشتراڪي انقلاب جي خلاف هٿي ٿي ڏني.

اسٽالن ڪم ال سنگ جي هٿ ۾ ڪٺ پتلي هيو يا ڪم ال سنگ اسٽالن جي هٿ ۾ ڪٺ پتلي هيو. ان جو فيصلو ته اڃا تاريخ کي ڪرڻو آهي. بهر صورت هو اسٽالن ۾ مائوءَ کان آمريڪا چين ۾ چانگ ڪائي شيڪ جي قومي تحريڪ تان هٿ کڻي چُڪي هئي. ته اُها ڪوريا ۾ دست اندازي نه ڪندي.

جڏهن 1950ع ۾ اُتر ۽ ڏکڻ ڪوريا ۾ جنگ ڇڙي پئي. تڏهن ٻنهي ملڪن سنڌس مدد ڪئي. يو ايس بہ جنگ ۾ ٽپي پئي ۽ في الحال تہ ڪم کي پيونگ يانگ مان بيجنگ ڏانهن ڀڄائي ڪڍيائين. بالاخر جنگ ختم ٿي اُتر ۽ ڏکڻ ۾ ٽي ملين ماڻهو ماريا ويا.

ڪم ال سنگ تيمور لنگ وانگر پنهنجا ويري مارايا ۽ پنهنجي لاءِ دنيا ۾ سخت ترين تحفظاتي نظام وجود ۾ آندو. ائمينسٽي انٽرنئشنل جي تازي رپورٽ موجب هن لکين اختلاف رکندڙ (Dissidents) خاردار لوڙهن ۾ بند ڪيا يا مارايا.

ان دؤر ۾ چيني ۽ روسي هن جي حڪومت کي اقتصادي مدد ڏيندا رهيا. ڪم ال سنگ جو اقتدار ۾ رهڻ اشتراڪيت لاءِ نظرياتي توقير جي آخرين نشاني هئي. چين ۾ روس تي مدار جي دوران، ڪم پنهنجي خودڪفايت (Self_ Sufficiency) جو اعلان ڪيو. ان دؤر ۾ اُتر ڪوريا ڏکڻ ڪوريا کان وڌيڪ اقتصادي ترقي ڪئي. اُن سبب ڪري نہ تہ نظام منصفاڻو هو پر مزدور طبقي کان ڇڪي ڇڪي مشقت ورتي وئي. ڪم اِل سنگ مائو ۽ اسٽالن وانگر پنهنجي شخصيت پرستيءَ جو بنياد رکيو. دراصل اها شخصيت پرستي بُت پرستي جي حد تي پهتي. هر جاءِ تي هن جا ديوهيڪل بُت رکيا ويا ۽ هن جي پنهنجي قوم تي ايتري گرفت ٿي وئي جو هن پنهنجي پُٽ ڪم جئانگ اِل (Kim Jong Il) کي پنهنجو جاءِ نشين مقرر ڪيو ۽ پنهنجي ٻئي خاندان کي بہ نوازيو. هن جي موت کان پوءِ هن کي واقعي جاءِ نشين بڻايو ويو آهي. هڪ اشتراڪي معاشري ۾ اُها ڪهڙي نہ کلڻ هاب ڳالهہ هئي. اڳتي اشتراڪي بہ پيءُ کان پوءِ پُٽ جي دستاربندي ڪندا. اسان ڀانيون ٿا تہ اها اشتراڪيت جي ڪفن ۾ پوين ڪوڪو هئي.

وڏا واڳون ڍنڍن ۾ ترندا رهندا آهن ۽ گهنگهور گهٽائڻ ۽ تکن طوفانن کان نہ ڊڄندا آهن. هن نيوڪليائي هٿيار ناهڻ جا دڙڪا ڏئي آمريڪا جي نڪ ۾ دم ڪيو هو. هن بين الاقوامي ائٽامڪ ڪميشن کي ان ڳالهہ جي تصديق ڪرڻ جو موقعو بہ ڏنو تہ اُها ڏسي تہ پيونگ يانگ ۾ نيوڪليائي هٿيار ناهيا ويا آهن يا اتي ايترو پلاٽينيم (Platinum) ڪٺو ڪيو ويو آهي، جو اُهي ناهي سگهجن. ردعمل طور بل ڪلنٽن سيڪيورٽي ڪائونسل کان اُتر ڪوريا تي اقتصادي پابنديون لڳرايون، پر وري ڪجهہ سوچي، اُتر ڪوريا سان نيوڪليائي مسئلي تي گفتگو جاري رکي، اوچتو موت ڪم اِل سنگ کي گهيري ۾ آندو ۽ هو 82 سالن جي عمر ۾ مري ويو ۽ گُفت و شنيد ڪندڙ ڌرين کي حيرانيءَ ۽ پريشانيءَ ۾ ڇڏي ويو.

اُردو جي شاعر ذوق چيو هو:

موت نے کر دیا ناچار و گر نہ انسان
ہے وہ خود بین خدا کا بھی نہ قائل ہوتا۔

جي ذوق، استالن، مائو ۽ ڪم ال سنگ جو موت ڏسي ها تہ متيون شعر ديوان مان ڪاٽي ڇڏي ها.

ڪم اِل سنگ چائيتاليهہ سالَ اقتدار ۾ رهيو ۽ هن دنيا جي نهايت مخفي ۽ علحدي سماج تي جبر ۽ تشدد، مفڪر، ريا ۽ فريب سان حڪمراني ڪئي، جنرل فرانڪو جنرل ضيا، ۽ صدر پنوچي هن جي پيٽ ۾ ٽُچ هيا، هو هڪ مڪمل آمر هو جنهن جو مثال محترم يوسف شاهين جي ڪتاب "فاتحين جي دنيا" ۾ بہ ورلي ملي.

جڏهن دنيا ۾ ذري گهٽ سرد جنگ ختم تي چُڪي هئي ۽ ڪم اِل سنگ جو پراڻو يار چين جو ڊينگ زيائوپنگ (Deng Ziaoping) سرمائيداريءَ ڏانهن لاڙو رکيو آهي، پر ڪم اِل سنگ، پنهنجي اقتصاديات جي شڪست و ريخت جي باوجود، پنهنجي هوڏ تي قائم رهيو ۽ پنهنجي نظريات کي ائين چنبڙيو رهيو جيئن لوهہ چقمق کي چنبڙي پوندو آهي.

لوهہ کي ڪيترو بہ زنگ لڳي وڃي پر چقمق جي ڇڪ اَڻ ٽر آهي. پوءِ بہ گذريل مهيني جمي ڪارٽر بيونگ يانگ ۾ هن سان صلح صفائيءَ جون ڳالهيون ڪيون، پر موت ڪنهن وقت گفتگو کي اڌ ۾ ڪٽي ڇڏيندو آهي ۽ دخل در معقولات ۾ هو پنهنجو مثال پاڻ آهي.

*(18 جولاءِ 1994ع)*

# روس ۾ فاشزم (1)

ڇا تاريخ اڳين سوويت يونين جي رياستن کي جاگرافيائي، سياسي نڪتہ نگاهن کان روسي تسلط ڏانهن ڌڪي رهي آهي؟ ڇا ثقافتي روسي اقليتون جي روس جي چوڌاري ڦهليل آهن، ماسڪو جي حڪومت لاءِ توسيع پسنديءَ جو جواز پيدا ڪري رهيون آهن؟ اهو سوال عوامي امن لاءِ ڪيتري خطري جو باعث آهن؟ ڇا شدت پسند روسي قوم پرست وولفو وچ زرونو وسڪي ( Volfovich Zhironovsky) جنهن جي لبرل ڊيموڪرٽڪ پارٽيءَ ( Liberal Democratic Party) 12 ڊسمبر 1992ع تي اليڪشن ۾ اٽڪل چوٿون حصو روسي ووٽ کنيا، اهو آسٽريا جي مايوس مصور ۽ اڳين آرمي ڪارپورل ( Army Corporal) هٽلر وانگر اُڀري رهيو آهي ۽ هن جو ڪتاب 'جنوب طرف آخرين يلغار'، (The final thrust south) ايتريءَ ئي ديوانگيءَ جو حامل ٿي سگهي ٿو جيترو هٽلر جو مين ڪئمپف (Mein Kampf) هو. ڇا روسي مفڪر سولزي نٽسن جنهن ريل رستي روس جو شهر شهر ڏٺو آهي ۽ 'سفر جو هڪ استعارو' ٿي پيو آهي ۽ جنهن کي روس ۾ اخلاقي اختياري (Moral Authority) يا مورتي (Icon) سمجهيو وڃي ٿو ۽ جو چوي ٿو تہ روسي انهيءَ سزا جا مستحق آهن، جنهن جا نازي نيورمبرگ جي مقدمي ۾ مستحق هئا، پنهنجي قوم پرستيءَ کي زرينووسڪيءَ جي توسيع پسنديءَ جي حمايت لاءِ استعمال ڪندو ۽ ڇا مستقبل ۾ روس هڪ ننگيءَ فاشزم ڏانهن وڌي رهيو آهي، اهي ۽ اُنهن سان لاڳيتا سوال دنيا جي هر سياسي دانشور جي ذهن کي جهنجهوڙي رهيا آهن ۽ انهن جي جواب لاءِ پن ڳالهين جي جاچ نهايت ضروري آهي. هڪ اڳين سوويت يونين جون رياستون ڇا ٿيون چاهن ۽ اُنهن ۾ روسي اقليتون ڪيتريون آهن ۽ اُتان جي سياست ۾ ڪيترو مهي وَلوڙ وجهي سگهنديون ۽ ٻيو تہ زرونو وِسڪي ڇا ٿو چاهي ۽ هن جا خيال روسي عوام کي ڪيترو لپيٽ ۾ آڻي سگهندا؟

اهو تہ ظاهر آهي تہ روسي سامراج پاره پاره ٿي چڪو آهي ۽ مارڪس ۽ لينن جا ڪتاب ڊنيوب نديءَ جي حوالي ٿي چڪا آهن، پر انسان جو روح اُهو زندان آهي، جنهن جا نظرياتي زنجير ڪافي وقت جٽاءُ ڪندا آهن ۽ جهونا

قيدي پنهنجون نظرياتي هٿ ڪڙيون ڪافي عرصي لاءِ ساهه ۾ سانڍي رکندا آهن ۽ جڏهن به اُنهن کي موقعو ملندو آهي ته اُنهن کي پائيندي ويرم نه ڪندا آهن. نظرياتي قيد دنيا جو بدترين قيد آهي. افسوس جي ڳالهه اها آهي ته سنڌ جا آگرين تي ڳڻڻ جيترا ڪميونسٽ اڃا پنهنجي پراڻي نظريي تي ڳنڍ ٻڌي ويٺا آهن. سنڌ ۾ به اڳيان اشتراڪي اڃا ويساهه نه ٿا ڪن ته ٽرين پٽي تان لهي تباهه ٿي چڪي آهي. اُن جا گاڏا ۽ انجڻ ڊهي ڍير ٿي چڪا آهن ۽ ڊرائيور مري چُڪو آهي. اجان هو اڳيان همسفر تلاش ڪري، وساٽل باهه تي هٿ سيڪي رهيا آهن.

ڇاڪاڻ جو سرمائيداري انسان ذات جا مسئلا پوريءَ طرح حل نه ڪري سگهي آهي ۽ اسڪئنڊي نيويا جي ملڪن ناروي ۽ سئيڊن وانگر هر هنڌ فلاحي مملڪت پيدا نه ڪري سگهي آهي، اڳيان ڪميونسٽ اهو سوچن ٿا ته ڪميونزم موٽي ايندي ۽ جمهوريت ناڪامياب ٿيندي. پوءِ به هو جمهوريت کان بنهه انڪاري نه ٿا ٿين. ۽ ڪميونسٽ پارٽيءَ ذريعي هڪ جمهوري نظام ۾ معاشي انصاف جي تلاش ڪن ٿا. ان ڳالهه تي ڪنهن کي اعتراض نه آهي. هڪ ڪميونسٽ پارٽيءَ کي به جمهوري نظام ۾ پنهنجي وجود برقرار رکڻ جو ايترو حق آهي، جيترو ٻي ڪنهن پارٽيءَ کي آهي. فقط هو اُهو نه ٿا سمجهن ته ڪميونزم جو مادي ۽ سياسي فلسفو جمهوريت جي منافي آهي ۽ جمهوريت ۾ رهي ڪميونسٽ پارٽيءَ کي اُن فلسفي تان هٿ ڌوئڻا پوندا. معاشي انصاف لاءِ ته ٻيون پارٽيون به چئي رهيون آهن.

ساري ڳالهه رهنمائن جي ڪردار تي منحصر آهي. جي اُهي معاشي انصاف آڻڻ چاهن ٿا ته اچي سگهندو پر جي فقط نعري بازيءَ تائين محدود رهندا ته ڪجهه به نه ٿيندو. مهاتما گانڌي هڪ ڀيري مشهور ڪميونسٽ ليڊر ڪامريڊ اشرف کي چيو هو، "توکي گهڻي زمين آهي؟" "پنج سَئو ايڪڙ"، اشرف جواب ڏنو هو. ان تي مهاتما گانڌيءَ هن کي چيو هو "پهرين اها ته ڪسانن کي ورهائي ڏي، پوءِ ساري قومي دولت ورهاءِ، توکان چڱو ڪميونسٽ ته مان آهيان. مون وٽ رڳو هڪ ٻڪري، هڪ کير لاءِ برتن، هڪ ڌوتي، هڪ پراڻي واچ ۽ لٺ آهي، ٻيو ڪجهه به نه آهي."

بهرصورت زنگ آلود لوهه کي چقمق وري چڪي رهيو آهي. اليگزينڊر ڪواسنيسڪي (Alexander Kwasnicsky)، اڳيون ڪميونسٽ ۽ هاڻي پولنڊ جي ڪابي ڊر جي اتحاد جو رهنما اڳين سيپٽمبر واريءَ اليڪشن ۾ ڪٽي آيو. هن ماڻهن کي يقين ڏياريو ته پولنڊ جي ڪابي ڊر واري گورنمينٽ جمهوري ۽ اقتصادي سڌاري جي پوري خواهش رکي ٿي ۽ ماضيءَ جو باب بند ٿي چُڪو آهي، پر پوءِ به هو نهايت هوشياريءَ سان عوام کي ان تي مطمئن ڪري رهيو آهي ته

اهڙي سُڌاري جي قيمت ادا ڪرڻي پوندي ۽ ان ڪري ماضيءَ کي بنهه مسترد نہ ٿو ڪري سگهجي.

اڳيان ڪميونسٽ نہ رڳو پولنڊ ۾ اقتدار ۾ آيا آهن، پر هنگريءَ ۽ لٿوانيا ۾ بہ اقتدار ۾ آيا آهن. جيتوڻيڪ هو پاڻ کي سوشل ڊيموڪريٽڪ چوائن ٿا. هنن اهو وعدو ڪيو آهي تہ هو مارڪيٽ اقتصاديات (Market Economy) ڏانهن موٽيا آهن ۽ هو مخالف ڌر کي بهتر طور اُهي سڌارا آڻي سگهن ٿا. ساڳئي وقت هو پراڻين يادگيرين جو استحصال ڪري رهيا آهن. جڏهن خيالي استحڪام هو، يعني بيروزگاري نہ هئي ۽ امير ۽ غريب جي وچ ۾ نمايان فرق ڪونہ هو.

*(20 جولاءِ 1994ع)*

# روس ۾ فاشزم (2)

اڳين پيري پاڪستان جي اسٽيٽ منسٽر ۽ ادبيات اڪادمي پاڪستان جي چيئرمين جناب فخر زمان چيو ته: "جيئن موجوده دؤر ۾ تصوف جي اهميت آهي، اسان کي تاشقند، سمرقند، بخارا وغيره سان به ثقافتي ناتا رکڻا پوندا."

روس ثقافتي ۽ مذهبي طور، ماديت جي فلسفي کان ايترو هٽي چُڪو آهي جو مستقبل ۾ هو تاشقند، سمرقند، بخارا وغيره تي سياسي ۽ اقتصادي يلغار جي باوجود، اُن جا مذهبي ۽ ثقافتي قدر ڊانوان ڊول نه ڪندو. جنهن ڏانهن هو ٿوري عرصي ۾ موٽي چُڪا آهن. ابي سينا جو مدرسو لينن جي مقبري کان وڌيڪ پائيدار آهي.

سياسي حقيقتون پنهنجي جاءِ تي آهن. تاجڪستان جي نالي طور خودمختيار حڪومت کي روسي فوج هلائي رهي آهي. ٻه سال اڳ اُتي جا خانا جنگي ٿي، اُن ۾ روسي فوج دخل اندازي ڪئي. قزاقستان ۾ ماسڪو زبردستيءَ تيل لاءِ معاهدا ڪيا آهن، جو هونئن اُن جي خودمختياريءَ لاءِ سازگار ثابت ٿئي ها. بيلاروس (Belarus) جي اقتصادي ستياناسيءَ اُن کي مجبور ڪيو آهي ته روس ڏانهن موٽ کائي. آذربائيجان روسي فوج کي پنهنجين سرحدن جي حفاظت ڪرڻ لاءِ چيو آهي. ڏسڻ ۾ ايئن ٿو اچي ته بالٽڪ رياستن ۽ يوڪرين کان سواءِ، اڳين سوويت يونين جي سرحدن جي روسي فوج نگهداشت ڪندي. ٿي سال ٻه نه ٿيا ته توقع هئي ته سوويت يونين جون اسلامي رياستون هڪ ٻئي جي ويجهو اينديون، پر روسي سامراج وري اُنهن کي پاڻ ڏانهن ڇڪي رهيو آهي.

زار جي زماني کان وٺي روس جو سياسي هوس ساڳيو رهيو آهي ته بالٽڪ سمنڊ کان وچ ايشيا تائين ٺهلجي وڃان. مغرب ان باري ۾ گوئٽي جي فائوسٽ وانگر چوندو آهي ۽ ماسڪو سان چڱا تعلقات برقرار رکيا آهن. پوءِ پل ته اُها ارد گرد پيلينڊي وٺي، روس نيٽو (NATO) جي بين الاقوامي اداري ۾ پنهنجو رول ادا ڪرڻ چاهي ٿو. دراصل هو خطي ۾ پنهنجو تجارتي تسلط رکڻ چاهي ٿو مثلاً ڪئسپين (Caspian) سمنڊ جي تيل واري زرخيز علائقي کي هڪ روسي ڍنڍ بنائڻ ٿو چاهي.

آمريڪي رسالن جو رايو آهي تہ روسي توسيع پسندي ان ڪري لازمي ٿي وئي آهي جو اڳين روسي سامراج جا 25 لک روسي هاڻي روس جي سرحدن کان ٻاهر رهجي ويا آهن. روس مان هجرت اُن جي تاريخ جو اڻٽوٽ انگ ٿي رهي آهي. اڳين سوويت رياستن ۾ لکين روسي مستقل طور رهي پيا آهن. هينئر جو روسي قوم پرستي ويا وانگر ڦهلجي وئي آهي تہ اهي روسي مهاجر روس جي مرڪزيت جي علامت ٿي پيا آهن. اسان اڳتي زرنو نوسڪيءَ جي سلافو فائيل (Slavophile) تحريڪ جو ذڪر ڪنداسين تہ اُها زهريلي دونهين وانگر ڪيترو ڦهلجي چڪي آهي ۽ سولزي نٽسن جي سلافو فائيل ذهنيت سان ڪيتريءَ حد تائين متفق ٿي سگهي ٿي.

جتي بہ غير روسي اڪثريتون آهن، اُتي اقليتن سان روسي جڏهن تڪراءُ ٿئي ٿو تڏهن اقليتن جي حقن جي حفاظت جي آڙ وٺي، ماسڪو دخل اندازي ڪري ٿي. مهينو اڳي يوڪرين جي ڪريميا واري حصي ۾ جنگ ڇڙي پئي. روس اُپبيٽ (Peninsula) تي ڪيف (Kief) جي اختياريءَ کي للڪاريو ڇو تہ ڪريميا صدين کان وٺي روسي سامراج جو حصو ٿي رهي آهي.

ضد ۾ اچي، يوڪرين کان مالدورا، قازقستان ۽ لٿيويا تائين ملڪ روسين کي نوڪرين مان ڪڍي رهيا آهن. هاڻي اُتي روسي هجڻ کين اک ۾ ڪُڪي ٿو. لٿيويا جي ڪُل ٽي ملين آدمشماريءَ ۾ هڪ ملين روسي آهن، جن کي ڏڪيو وڃي ٿو اُنهن ۾ سٽن لکن کان وڌيڪ کي شهريت نہ ٿي ملي سگهي ۽ هڪ لک کان وڌيڪ کي روزگار، گهر ۽ قانوني حق نہ ٿا ملي سگهن.

لٿيويا جي حالت قابلِ فهم آهي. اُن جي ثقافت کي پهرين جرمن قوم پيرن هيٺان لتاڙيو هو ۽ پوءِ روسي قوم. 1990ع ۾ لٿيويا ۾ رهندڙ روسين جي ٽئين حصي لٿيويا جي خودمختياريءَ خلاف ووٽ ڏنو هو ۽ جي اُهي لٿيويا جا شهري تسليم ڪيا ويا، تہ اُهي وري ڪيس روس جي آغوش ۾ ڇڪي ويندا.

وچ ايشيا خاص ڪري قازقستان ۾ ٽڪراءُ آهي. جي روسين کي هميشہ احساس برتري رهيو آهي. قازقستان ۾ گورنمينٽ هڪ قزاق رياست ٿاهي رهي آهي، جنهن ۾ سٽيهہ فيصد روسي باشندا آهن. قزاق دڪاندار روسين کي وارو نہ ٿا ڏين، توڙي اُهي قطار ۾ بيهن ٿا ۽ پهرين پنهنجن قزاق گراهڪن ڏانهن ڌيان ڏين ٿا.

اڳين سوويت يونين مان ٽن ملين کان وڌيڪ روسي روس ڏانهن اڳيئي لڏي چُڪا آهن. جتي هو رهندا هئا، اُتان جي حڪومتن هنن تي توجهہ نہ ٿي ڏني.

نَون قومن کي اهو خطرو بہ آهي تہ اُتي رهندڙ روسي هتان لڏپلاڻ نہ ڪن ۽ شهريت جو حق حاصل ڪري اُتي رهن پون. هن وقت تائين رڳو لٿيويا ۾ ويهہ هزار روسين شهريت جو حق حاصل ڪيو آهي. سڀ کان وڌيڪ اشتعال انگيز

*برسات ۾ ڇپيل ايڊيٽوريل*

صورتحال ڪريميا ۾ آهي. 1954ع ۾ نڪيتا ڪُروشچوف اهو اُپبيٽ يوڪرين کي ڏنو هو. هن جي انهيءَ سخاوت ڪري ڪريميا ۾ روس جي آدمشماري سترِ فيصد آهي ۽ اڄڪلهه هڪ وديشي ملڪ ۾ آهن. يوڪرين جي اقتصاديات ڏانوان ڏول ٿي وئي آهي. يوڪرين جي سياحت مان آمدني ڏاڍي گهٽجي وئي آهي ۽ روسي پنهنجين اڳين فائدن لاءِ بڙ بڙ ڪري رهيا آهن. گذريل مهيني ڪريميا جي پارليامينٽ پراڻي آئين لاءِ ووٽ ڏنو جنهن موجب ڪريميا يوڪرين کان لڳ ڀڳ خودمختياري حاصل ڪئي. ماسڪو يوڪرين کي تحمل کان ڪم وٺڻ لاءِ چيو ڇو ته روس ۽ يوڪرين جي بحر اَسود (Black Sea) ۾ ڪافي آرماڙ آهي، جو ڪريميا ۽ روس ٻنهي فيصلو ڪيو آهي ته بحران تي وڌيڪ غور ڪيو وڃي، پر امڪان آهي ته ڪريميا تي جنگ نه ڀڙڪي اُٿي ۽ روس ان ۾ ڇڪجي وڃي. ماسڪو ڪريميا مان پنهنجو جهازي دستو هٽائڻ نه ٿي چاهي.

اڳين سوويت يونين جي رياستن ۾ روسي فوج جي موجودگي به ڪچاءَ جو ڪارڻ آهي. ايستونيا ۾ رٽائر ٿيل فوجي آفيسر مستقل طور رهيل آهن. ايستونيا پينشن بردار روسي فوجين جون گهُرجون پوريون ڪرڻ لاءِ تيار نه آهي، جنهن تي ڇڪتاڻ آهي. دراصل روسي انهن فوجين کي پنهنجو ففٿ ڪالم ( Fifth Column) ڪري رکڻ چاهن ٿا. روسي اعدال پسندن کي ان ڳالهه تي ڳڻتي آهي ته حالتون روس ۾ مهم پسنديءَ ۽ فاشزم لاءِ راهه هموار ڪنديون رهن ٿيون. زرنو وسڪيءَ جهڙيون قوم پرست قوتون عوام تي ڇانئجي وينديون. روسي ناول نويس ۽ مفڪر سولزي نتسن، جو آمريڪا ۾ ويهن سالن جي جلاوطنيءَ کان پوءِ تازو موٽيو آهي، انهيءَ به روس سان يوڪرين، بيلاروس ۽ اُتر قازقستان جي الحاق لاءِ سڏ ڏنو آهي. زرنو وسڪي ۽ سولزي نتسن جيتوڻيڪ به مختلف شخصيتون آهن، پر ٻنهي ۾ ڪميونسٽ دشمني هڪجهڙي آهي.

ڪن جو چوڻ آهي ته جي ڪريميائي تصادم ٿي پيو ته ٻيون رياستون حقن لاءِ يا ٻنهه خودمختياريءَ لاءِ گهُر ڪنديون. تيل جو مسئلو به آهي. ايئن ٿيو ته قازقستان، ترڪمينستان ۽ آذربائيجان جون رياستون جي ڪئمسپين ساحل لڳ آهن ۽ جي هن وقت تائين ڪنهن ڪاڻ ۾ نه هيون، اوچتو سٺيي گرهه وانگر ٿي وينديون. ان ڪري ماسڪو جي هيچ وڌي وئي آهي ۽ اها انهن کي پاڻ ڏانهن موٽائڻ ۽ وچ ايشيا تي پنهنجو قبضو ڪرڻ ٿي چاهي. ان صورتحال کي مدِنظر رکي روس ۾ فاشزم ۽ توسيع پسنديءَ جي اُڀار جو تجزيو ڪرڻ سولو آهي.

*(21 جولاءِ 1994ع)*

# روس ۾ فاشزم (3)

هٽلر جو ڪتاب مين ڪئمپف (Mein Kampf) پهرينءَ پڙهڻيءَ ۾ بہ ديوانگيءَ جو دستاويز ٿي لڳو جيستائين تاريخ اُن تي ڪاميابيءَ جي مهر هنئي، هٽلر جرمنيءَ جو چانسلر ٿي آيو ۽ نازي ازم ۽ فاشزم دنيا کي جنگ جي جهنم ۾ 1939ع کان 1945ع تائين ڌڪي ڇڏيو. زرو نووسڪي جي ڪتاب 'جنوب ڏانهن عظيم يلغار' (The great thrust south) مين ڪئمپف کان بہ وڏي ديوانگي جو مظهر آهي. پر اُن ۾ روسي عوام لاءِ بظاهر صداقت جو برملا اظهار ۽ ڪشش آهي ۽ اُن ۾ ايتري رواني ۽ قوت آهي جيتري هٽلر جي ڪتاب ۾ نہ هئي ۽ ان ڪري هن روس جي گذريل اليڪشن ۾ 25 في صد ووٽ کنيا ۽ صحافي دنيا ۾ ٿرٿلو وجهي ڇڏيائين.

ديوانا جڏهن خواب ڏسندا آهن، تڏهن اُهي خوابِ پريشان هوندا آهن ۽ کين ساري رات لڇائيندا آهن، اُنهن کي آرام جي ننڊ کان خوف ايندو آهي. هو شايد ان کي موت سمجهند اآهن، جڏهن هو جاڳندا آهن تڏهن اُنهن جي اکين ۾ فقط ڇپيون هونديون آهن." هتي زرونو وسڪيءَ جي مٿين ڪتاب مان اُنهيءَ خواب پريشان جا ٽُڪرا ڏنا وڃن ٿا. جي انگريزيءَ ۾ شايع ٿي چڪا آهن.

1. جارجيا اسان جي راهہ ۾ رُڪاوٽ آهي. اسان کي پنهنجون سرحدون بدلائڻ گهرجن ۽ پئسفڪ ۽ هندي سمنڊ ڏانهن دڳ ڳولڻ گهرجي ۽ جنوب طرف ديوار چين ناهڻ گهرجي پر اهڙي ديوار ايران، ترڪيءَ ۽ افغانستان جي آڏو ايندي. اها ڳالهہ اسان کي غريب بڻائي ڇڏيندي، ان ڪري اسان کي اهو نہ ڪرڻ گهرجي ۽ مهم کي 'جنوب طرف آخري يلغار' جو نالو ڏنو وڃي. اسان جي فوج اها مهم پوري ڪندي، اها اسان جي قوم جي زندگي جو ذريعو ٿيندي. نيون فوجون فقط جنگي مهم جي دوران ئي پيدا ٿينديون آهن. اوهان فوج کي ڪميسارين (Commissariats) ۽ بئرڪن ۾ ناهي نہ ٿا سگهو. مسئلو جنوب مان پيدا ٿئي ٿو. روس جون ساريون مصيبتون اُتان اچن ٿيون. سو جيستائين اسان اها ڳنڍ نہ ٿا کوليون تيستائين اسان جي بحران ۾ توسيع ٿيندي رهندي، روس جي جنوب طرف آخرين يلغار هندي سمنڊ ۽ پونوچ سمنڊ تائين پهچندي ۽ اسان جي قوم

جي نجات آهي.

اسان ڪوئي مقامي رنگ نہ چڙهينداسين، اقتصادي سببن ڪري، ساري عوام کي ملائي ڇڏينداسين ۽ روسي ٻولي جتي ڪٿي ٻڌي ويندي، روسي روبل جتي ڪٿي هلندو ۽ روسي فوج کي سربراهي ڪرڻي پوندي ۽ پاڻ کي تاريخ ۾ هر فوج کان وڌيڪ جنگ لاءِ تيار رکڻو پوندو، اهو فقط ڪابل کان استنبول تائين خطي لاءِ حل نہ هوندو پر ساري دنيا لاءِ حل هوندو. جنهن کي آفاقي نظام لاءِ مضمرات (Planteraty implications) هوندا، دوا هميشہ مٺي نہ هوندي آهي. اها ڪابل، تهران ۽ انقره کي شايد نہ وڻي.

اسان کي دهلي، بغداد ۽ تهران تائين ريل جون پٽڙيون ناهڻ جا امڪان ڏسڻا پوندا، نوان هوائي رستا تلاش ڪرڻا پوندا. شاهراهِ ريشم (Silk Road) کي چين ۽ پارت کان يورپ تائين استعمال ڪيو ويجي. ان طرح روس آسودو ٿيندو. اسان جا ڪارخانا هلندا، چو تہ ماڻهو ڏکڻ کان اتر ڏانهن ڪم جي تلاش ۾ هجرت ڪندا، ڪيئي مري ويندا چو تہ ڏکڻ ۾ دوائون ڪونہ آهن ۽ اعليٰ ثقافت ڪونہ آهي. ان طرح جي بقائي اصلح (Survival of the fittest) يڪسانيت (Assimilation) ۽ پنهنجي ڪرڻ جو (Adaptation) جو عمل شروع ٿي ويندو.

هن وقت تائين آمريڪا جو ڏرتيءَ تي غلبو رهيو آهي. اسان جڏهن ملنداسين تہ هڪ ٻئي سان وچڙنداسين. اسان کي معاهدو ڪرڻ گهرجي ۽ ڌرتيءَ کي پنهنجي اقتصادي ڦهلاءُ جي لحاظ کان ورهائڻ گهرجي. جپاني ۽ چيني ڏکڻ اوڀر ايشيا، فلپينس، ملائيشيا، انڊونيشيا ۽ آسٽريليا تي غلبو ڪن. روس افغانستان، ايران ۽ تُرڪي تي، اولهہ يورپ آفريقا جي ڪنڌ تي قبضو ڪري، آخر ۾ ڪئناڊا ۽ يو. ايس. اي لاطيني آمريڪا تي قبضو ڪن. سيني جون حصا پتيون هڪ جيتريون ٿينديون. تيستائين اسان افغانستان، ايران ۽ ترڪيءَ سان اقتصادي ناتا رکنداسين. جيستائين اهي روس ۾ ضم ٿي وڃن. لٿيتوبا روس جو حصو ٿيندي، لٿوانيا روس ۾ هڪ نئين رياست ٿيندي. يوڪرين ۾ اسيمبلي ۽ هڪ نئين رياست ناهي سگهجي ٿي پر اهو تڏهن ٿي تو سگهي جڏهن روس ڏکڻ ڏانهن ڊگ ناهي ۽ هندي سمنڊ وٽ پاڻ کي روڪي.

فنلئنڊ، لٿوانيا ۽ ايسٽونيا جو بہ ان ۾ مفاد آهي تہ روس نيون سرحدون ناهي. نہ رڳو جپانين، چينين ۽ هندن جو پر عربن ۽ يورپ واسين جو بہ ان ۾ مفاد آهي. اڄ ڪالهہ روس کي ڏکڻ کان خطرو آهي. افغانستان تاجڪستان تي حملا شروع ڪيا آهن. تهران پاڻ اسلامزم جي تحريڪ هلائي وڏي ايراضي والاري رهيو آهي. انقره ترڪيءَ جي رياست ناهي رهي آهي. پان- ترڪزم (Pan –

Turkism) روس لاءِ وڏو خطرو آهي. جو تہ اُن ۾ ترڪيءَ ۽ فارسي ٻوليون ڳالهائيندڙ ماڻهو رهن ٿا. دنيا ختم نہ ٿيندي جي تُرڪ قوم ڪي تباهہ ڪيو ويندو. اسان کي ياد رکڻ گهرجي تہ ترڪ ايشيا مائنر (Asia Minor) ۾ ڪيئن آيا ها. استنبول تي قبضو ڪيئن ڪيو هيائون ۽ اُن کي نہ رڳو ڦريو هئائون پر ايشيا مائنر ۾ اڪيچار ماڻهو مارايا ۽ غلام بڻايا هيائون. اسان کي اهو بہ ياد رکڻ گهرجي تہ هنن 1915ع ۾ ڪيئن آرمينيا ۾ ڏيڍ ملين ماڻهن جو ڪوس ڪرايو هو. هڪ ملين ڪرد ترڪ حڪمرانيءَ هيٺ رهن ٿا ۽ پنهنجي رياست ناهي نہ ٺا سگهن. اسان انهن کي اهو حق ڏئي سگهون ٿا؟

هائو رڳو اسان روسي ڏئي سگهون ٿا. اسان کي اهو محسوس ڪرڻ گهرجي تہ دنيا کي تهذيب ڪنهن ڏني، ڪنهن خلا کي تسخير ڪيو ۽ ڪنهن ٻين قومن کي مفتوح بڻايو. اُنهن کي ڦُريو غلام بڻايو ۽ جاين کي باهہ ڏني ۽ ڪرستانن جون ديوليون مسجدن ۾ بدلايون؟ ترڪيءَ جي اهڙي تهذيب ڪانہ آهي جيڪا بازنطيني تهذيب ۽ سلاف قوم کي تلف تاراج ڪرڻ جو عيوضو ڏئي سگهي. تُرڪن لاءِ نيورمبرگ ڪانہ هئي جڏهن اُنهن آرمينيا ۾ قتل عام ڪيو. جرمنيءَ کي سزا ڏني وئي، ترڪي کي سزا نہ ڏني وئي. جرمن قوم اهو چاهي ٿي. هو سوچي نہ ٿا سگهن تہ چار ملين تُرڪن سان ڇا ڪن! تازو هنن وٽ جپسي، رومانيا جا رهاڪو زيڪ ۽ روسي آيا آهن. اُهي انهن پرديسين سان ڇا ڪن؟ روس مان بہ جرمن قوم جا ماڻهو جرمنيءَ ڏانهن موٽي رهيا آهن. اسان جرمنيءَ ۾ بحران آڻي رهيا آهيون. اُتي فاشسٽ وري اُڀري رهيا آهن ۽ اسان روسي ان لاءِ ذميدار آهيون. جي اسان جنوب ڏانهن يلغار ڪريون تہ اسان روسي جرمن ماڻهن جي جرمنيءَ ڏانهن واپسي ختم ڪري ڇڏينداسين ۽ اتان ترڪن کي وطن واپس موڪلينداسين. جرمني پولينڊ فتح ڪري وري اوڀر پرشيا (Prussia) بحال ڪري سگهندي، ممڪن آهي تہ اها موريويا جو حصو زيڪ قوم کان وٺي سگهي. لڪين ماڻهو روس جا عثماني تشدد مان آجڪائيءَ لاءِ احساس مند آهن. روس جا ان طرف جنوب طرف وڏي ٽٽو سگهي جو ماسڪو کان دهليءَ تائين ٽرينون هلي سگهن، ماسڪو کان ڪابل تائين، ماسڪو کان هندي سمنڊ تائين، ماسڪو کان تهران، بغداد، انقره تائين هڪ ڏينهن اهي ٽرينون ڏينهن رات هلنديون ۽ مال ۽ ماڻهو حفاظت سان پهچائي سگهنديون. اها ڳالهہ فرانس جي فائدي ۾ بہ آهي. اسان اُنهن تي آمريڪي صيهوني اثر ختم ڪنداسين. سال 2000ع تائين فرانس جي گادي ڪوئي عرب شهر هوندو. الجزائر جا ماڻهو پئرس تي قبضو ڪندا ۽ فرانس هڪ عربي شهر هوندو.

يورپ کي ماحوليات لاءِ اسان جي ضرورت آهي.

اسان جي فوج اسان وٽ رهندي، رڳو هندي سمنڊ ۽ پونوچ سمنڊ تائين وڌندي. هيٺ تہ عراق آهي جنهن سان دوستي آهي. اهو ممڪن آهي تہ ڪجھ افغانستان، ايران ۽ ترڪي جا رهاڪو ناراض ٿيندا جي اسان اُنهن جي ملڪن جو گهيراءُ ڪنداسين. اسلامي خطري کي نهوڙي نيڻ گهرجي. ٻيا مذهب جهاد ڪرڻ جا اهل نہ آهن. ترڪي زبان ڳالهائيندڙن کي ورهايو وڃي. ٻيون قومون اُنهن وانگر توسيع پسند نہ آهن، نہ عظيم تر آئرلئنڊ، نہ نائجيريا نہ پاناما جي ڳُهر ٿي رهي آهي.

جي اسان هندي سمنڊ ۽ پونوچ سمنڊ تائين پهتاسين تہ ويهہ ملين ڪُرد، لکين بلوچ، پختون ۽ اُتي رهندڙ ٻيا ماڻهو آزاد ٿيندا.

روس پنهنجي تاريخي مشن (Mission) ڪاميابيءَ سان پوري ڪندو.

دنيا ۾ ٻيون زبانون بہ ڳالهايون وينديون پر قسطنطنيہ کان ڪابل تائين روسي ڳالهائي ويندي، هر ڪوئي روسي ڳالهائيندو ترڪ، ايراني، سلاف يوناني، ڪُرد ۽ عرب سڀ روسي ڳالهائيندا. اها ئي روس جي تقدير آهي. اهوئي لوح محفوظ ۾ آهي.

اسان جا ملٽري خلا لاءِ پليٽ فارم، اسان جا خلائي جهاز 'بُران' (Buran) ۽ اسان جا راڪيٽ انرجيا (Energia) اسان کي خلا ۾ ڊال جو ڪم ڏيندا. اهو هڪ نئون روس هوندو جنهن ۾ عيسائي مذهب جو تسلط هوندو هڪ ترانو ۽ بين الاقوامي رابطي لاءِ هڪ قومي زبان هوندي. پوءِ آمريڪا کي ان حد تائين دڙڪا ڏنا ويا آهن تہ "ڪنهن وقت ڪئلي فورنيا تي ميڪسيڪو جو قبضو هوندو. ميامي ۾ سياهہ فام حڪومت هوندي ۽ روسي الاسڪا وٺي ويندا ۽ يونائيٽيڊ اسٽيٽس آف آمريڪا ڍهي ويندي ۽ هڪ ڪامن ويلٿ وجود ۾ ايندي ۽ واشنگٽن بدران سان فرانسسڪو شڪاگو فلاڊيلفيا يا ٽيڪساس مان حڪومت ڪئي ويندي"

ان کان پوءِ مائوءَ جي ذلت ڪئي وئي آهي ۽ ٻي گهٽي اينگهہ ڪئي وئي آهي. آخر ۾ هن چيو آهي تہ "مان روسي سپاهہ کي پنهنجي آخرين مهم جوئي ۾ ڏسان ٿو. مان ڏسان تہ هوائي جهاز روس جي جنوب ۾ ڪنا ٿي رهيا آهن. مان هندي سمنڊ ۾ پنهنجون زير آبيون (Submarines) اُڀرنديون ٿو ڏسان ۽ روسي فوج مارچ ڪري رهي آهي. ٽئنڪ وڌي رهيا آهن. ڪافي وقت کان اُتر کان جنگ نہ آئي آهي. مغرب ۾ اهو سمجهي سگهندا ۽ مشرق کي پٺتو پئجي ويندو."

ڇا ژرو نووسڪي ديوانو آهي؟ پر اهو نہ وساريو وڃي تہ اڳئين اليڪشن ۾ روس هن کي پنجويهہ فيصد ووٽ ڏنا ها، هن جو ڪتاب مين ڪئمپف وانگر پڙهيو وڃي ٿو ۽ هن جو اثر وڌي رهيو آهي ۽ حالتون هن لاءِ سازگار آهن.

*(22 جولاءِ 1994ع)*

# چين: وڏيڪ مراعات يافته قوم

چين جي مشهور ڏاهي لن يوتانگ، آمريڪا ۾ سڪونت اختيار ڪئي هئي ۽ انگريزيءَ ۾ ڪيئي ڪتاب لکيا هئا، جن ۾ هڪ ڪتاب 'ادراڪ جي اهميت' (The importance of understanding) به هو. هو پهريون ڪنفيوشس جو پوئلڳ هو پر پوءِ اسي ورهين کان مٿي عمر ۾ اهو چئي پريسبٽيرين چرچ ۾ شامل ٿيو هو ته "خدا ۾ ويساهه کان سواءِ مان پاڻ کي ڪائنات ۾ يتيم سمجهي رهيو آهيان."

انهيءَ مٿي ذڪر ڪيل ڪتاب ۾ 'بزرگن جي ذهانت' واري باب ۾ هُن هيٺيان به قول ڏنا آهن:

ڪنفيوشس چيو، "جيڪڏهن ڪنهن انسان کي غلطيءَ جو احساس ٿئي ۽ اُن غلطيءَ کي درست نه ڪري، ته هُو ٻي غلطي ٿو ڪري." ٻيو قول جو هڪ ڳالهه وانگر هو هيٺينءَ ريت آهي:

"چُئانگ تِسي هڪ پيري چهل قدمي ڪري، گهر موٽي آيو ۽ هن جي پيروڪارن هن جي منهن تي ڏک جا آثار ڏٺا. ان تي انهن کانئس پڇيو ته "ڇا ٿيو آهي؟" جنهن تي هن کين هيٺين ڳالهه ٻڌائي: "مان ٻهراڙيءَ ۾ گهمي رهيو هئس ته هڪ عورت ڏٺم، جا زمين تي ويٺي هئي. هن کي هڪ وڃڻو هٿ ۾ هُو، جو هوءَ هڪ تازيءَ قبر تي گهمائي رهي هئي. مون حيرت مان کانئس پڇيو ته هوءَ ڇا ڪري رهي آهي، جنهن تي اُن عورت جواب ڏنو "مون پنهنجي مڙس سان واعدو ڪيو هو ته جيستائين هن جي قبر نه سُڪندي، مان ٻي شادي نه ڪنديس، پر پوءِ مينهن پيو ۽ هاڻي هيءَ واهيات آب هوا ڏس!"

مون کي اهي ٻئي قول ياد آيا، جڏهن اسان جي پياري دوست ملڪ چين انساني حقن واري ڪميشن (Human Rights Commission) ۾ ايران وانگر اسان جي توقع موجب مدد نه ڪئي.

دراصل 'دوستي' انفرادي قدر آهي ۽ مملڪت سان اُن جو واسطو نه آهي. مون کي ته چين سان اڳ به خوش فهميون نه هيون ۽ جڏهن چيني حڪومت تاءِ نان مين اسڪاير ۾ فائرنگ ڪرائي هئي ته مون اُن جي خلاف بيت لکيو هو جو

رسول بخش پليجي جي رسالي تحريڪ ۾ پهرئين صفحي تي شايع ٿيو هو. مون اڳ به ڪنهن ڪتاب ۾ لکيو هو ته روس جي سولزي نتسن وانگر، چين ۾ چيني دانشور فنگ لزيءَ تي ظلم ڪيو ويو هو پر هن پنهنجي بغاوت جو علم بلند رکيو هو. هيءَ صدي دانشور ۽ اديب جي مطلق العنانيت خلاف بغاوت جي صدي آهي.

اڇو ته ڏسون ته اڄڪلهه مائوزي تنگ ۽ چو اين لائي جي ملڪ ۾ ڇا ٿي رهيو آهي ۽ اهو چانگ ڪائي شيڪ جي دؤر کان ڪيئن (Dissidents) گرفتار ڪيا. تازو جڏهن آمريڪن سفير وارن ڪرسٽافر بيجنگ ۾ لٿو، تڏهن چيني اڳواڻن جو انساني حقن تي ٽڪر هلي رهيو هو. چين ۾ نظرياتي مخالف وري توجه جو مرڪز آهن. هٽ ڪڙيون هنيل، شڪاري ڪُتن جي رومڙ ۾ آيل، 1989ع ۾ جمهوري پسنديءَ سبب تاءِ نان مين واري ڪوس کان ڀهراڙيءَ ۾ ڇڙوڇڙ ٿي ڇُپيل ۽ ان ظلم ۽ تشدد کان بچي ويل دانشور سگهارا ۽ پنهنجن پيرن تي بيٺل آهن پر ايئن آهي ته تاءِ نان مين واري قتل غارت کان پوءِ دلشڪستا ٿي پيا آهن ۽ سياست ڇڏي، دولت جي تلاش ۾ آهن. پر حڪومت جي نظرئي جا مخالف جهونا آزمودگار اڳواڻ آهن. جي چاليهن جي عمر کان ٽپي چُڪا آهن. ۽ اُنهن مان اڪثر جو مغرب سان ڪوبه تعلق نه آهي. پر چيني مزدورن جا رهنما آهن ۽ انهن جون خودمختيار ٽريڊ يونينون ناهڻ چاهن ٿا. ڪجهه چيني آفيسر جيڪي ڪرسٽافر سان گڏ چين جي دوري تي هئا، هُن کي اهو ذهن نشين ڪرائي رهيا هئا ته مزدورن تي هنن ڪڙڪات ان ڪري ٿي ڪيا جو هو آمريڪا جا مخالف هئا. (هيءَ ڳالهه اسان جا چين نواز سنڌي خاص طور ڌيان ۾ رکن.) اها لُنڊي خوشامد هُو ان ڪري ڪري رهيا هئا جو ٻن مهينن ۾ آمريڪا کي فيصلو ڪرڻو هو ته چين سڀ کان وڌيڪ مراعات يافته قوم (Most favoured nation) تسليم ڪئي وڃي يا نه. اها ڳالهه پيهر تسليم ڪرڻ لاءِ پريزيڊنٽ ڪلنٽن جي انتظاميا چين لاءِ توهين آميز شرط ڪيو آهي ته "بيجنگ اهو ڏيکاري ته ان پنهنجو قبلو درست ڪيو آهي ۽ انساني ـ حق تسليم ڪيا آهن."

پر چيني رهنمائن کي پنهنجيءَ ڪرسيءَ بچائڻ جي اوني نهوڙي نيو آهي ۽ اهڙي مخالف (Dissident) تحريڪ کي برداشت ڪري نه ٿا سگهن. جي پولينڊ جي اتحادي تحريڪ (Solidarity Movement) وانگر تحريڪ هلائي رهيا آهن. ڪرسٽافر جنهن ڏينهن شهانگائيءَ پهتو پوليس به اهم مخالف گرفتار ڪيا. ٽي انساني حقن جي تحريڪ جا رهنما روپوش ٿي ويا ۽ به آمريڪن صحافي قيد ڪيا ويا. ان کان پوءِ ڪرسٽافر ۽ چين جي وزيراعظم لي پنگ سودو چوٽيءَ جي اڳواڻن جي وچ ۾ جيڪي ڳالهيون ٿيون، اُنهن تي برف ڳڱاٽيل هئي. مخالفن جي وٺ ـ پڪڙ مذاڪرات تي نهايت بُرو اثر ڇڏيو.

چين ۾ بہ روس وانگر اڳواڻ اقتدار تي قبضي لاءِ هڪبئي جو چڪين ماس کائي رهيا آهن ۽ ممڪن آهي تہ اُها چرپُر ۽ چڪتاڻ هڪڙي ٽولي جي اُتساهيل هجي. هن وقت چين جي اقتصادي حالت بحران جي صورت وٺي رهي آهي ۽ ان کي پيرن تي بيهارڻ جي رٿن کي الٽ پلٽ ڪرڻ جون ڪوششون ٿي رهيون آهن. ڪيئي صوبا ۽ پراڻي اشتراڪي افسرشاهي، پروگرام جي هر حصي سان بغاوت ڪري رهي آهي. اڪثر مخالف جن کي نظربنديءَ هيٺ رکيو ويو آهي، اُهي مزدور تحريڪ ۾ فعال (Labour Activist)آهن. حڪومت اُهي وڏيون مهمون ڪاٽي رهي آهي، جي چيني سرمايا داريءَ لاءِ جوکم واريون آهن. چين کي پوءِ آهي تہ جي آمريڪا سندس مدد نہ ڪئي تہ کين 25 بلين ڊالرن جو نقصان پوندو. چيني ٽيڪنوڪريٽ ڪيئي ملين محنت ڪَشن کي بيروزگار بڻائڻ جي ڪوشش ۾ رڌل آهن، ۽ سو بہ ان وقت جڏهن روزگار جي تلاش ۾ ڪروڙين ڪسان بندرگاهن وارن شهرن جي گهٽين ۾ ڪتا ٿي رهيا آهن. انهن حالتن ۾ غير ڪميونسٽ ليبر اڳواڻ حڪومت جي خلاف عوام کي اُڀاري رهيا آهن. جا ڳالهہ تاءِ نان مين ۾ ماريل باغي شاگردن جي وس کان ٻاهر هئي. مائوءَ جو بهشت، شداد جي بهشت کان بہ برو نڪتو آهي، اُن جا در دروازا ڏري، پورا پورا ٿي ڪري رهيا آهن، ۽ اندران دوزخ جو دونهون اُبري رهيو آهي. چين جي نون رهنمائن جي حڪمت عملي 1991ع ۾ صورت وٺڻ لڳي، جڏهن سورنهن فعال ڪارڪنن هڪ خفيہ انجمن ٺاهي ۽ اُن جو 'جمهوري آزاديءَ جي پارٽي' نالو رکيائون. انهن کي هڪ سال اندر وٺ پڪڙ ڪئي وئي ۽ انهن تي انقلاب دشمن ڪارروايُن جو الزام ڏريو ويو ۽ اڃان تائين انهن تي مقدمو توڙ تائين نہ پهتو آهي. جيتوڻيڪ اها پڪ آهي تہ انهن کي سزا ڏني ويندي، مخالف ڌر درخواستن تي صحيحون وٺي رهي آهي، جن ۾ اسٽرائيڪ جو حق طلبيو ويو آهي ۽ خودمختيار ٽريڊ يونينين ٺاهڻ جي اجازت گهري وئي آهي. چيو وڃي ٿو تہ 28 خفيہ سياسي مرڪز اهڙيون صحيحون وٺي رهيا آهن. مزدور رهنمائن ۽ دانشورن تي طرح طرح جو ظلم ٿيو آهي، جو عالمي پريس وائکو ڪيو آهي، پر هاڻي مخالف ڪافي سخت جان ٿي ويا آهن ۽ آمريڪي سفير ڪرسٽافر جيڪو پريزيڊنٽ ڪلنٽن جي چين جي باري ۾ پاليسي ناهيندڙ آهي، اُن تائين پنهنجو آواز پهچائي رهيا آهن، پيغام ۽ ايلچي موڪلي رهيا آهن، جڏهن ڪرسٽافر آمريڪا جي وائيٽ هائوس ۾ موٽيو تڏهن چيو ويو تہ اڃان تائين چيني خاص امداد ويچار هيٺ آهي ۽ تيستائين نہ ڏني ويندي، جيستائين چين واضح نہ ڪري تہ اهو انساني حقن جو احترام ڪري ٿو. بيجنگ آمريڪا ڏانهن صليب احمر جي ٽولي کي پنهنجي وڪالت لاءِ موڪليو آهي تہ پلي هو چين ۾ اچي قيدين جون حالتون ڏسن. اهو بہ ڏسن تہ

جيڪي جيلن ۾ شيون قيدين ناهيون آهن. نه رڳو انهن جي ٻاهر روانگيءَ تي ڪٽر وڌي وئي آهي پر ڪجهه سياسي قيدي به آزاد ڪيا آهن. هاڻي چيني منتر آمريڪا کي نڳي نه ٿا سگهن ۽ هو بار بار چين مندوب موڪلي، اهو سمجهي ويا آهن ته چين ۾ انساني حق ناياب آهن. چين ۾ جمهوريت پسند دانشور اهو کُلم کُلا چئي رهيا آهن ته هاڻي حڪومت اسان کي رڌ ٻڪريءَ وانگر واڙي نه سگهندي. ممڪن آهي ته مٿينءَ ڪهاوت وانگر مينهن پوي ۽ آمريڪا چين جي اقتصادي امداد بحال ڪري.

اسان جا سنڌي نوجوان اجان مائوزي تنگ ۽ هوچي منهه تي اڏوهي کاڌل ڪتاب پڙهي رهيا آهن ۽ هنن کي "ڊول اندر پول" جو احساس نه آهي. هونئن ته نڙيءَ تي لت پيٽ تي لت کان به خراب آهي، ڇوته اُها گهڙيءَ ۾ پوساتي ماري ٿي، پر هاڻي ته اهو ظاهر آهي ته اشتراڪي ملڪ پيٽ تي لت به ڏئي رهيا آهن ۽ اقتصادي ناڪامي انهن جو مقدر آهي. اسان کي اهو سمجهڻ گهرجي ته جمهوريت کان سواءِ اسان کي ڪوئي چارو نه آهي. جمهوريت ۾ سياسي ۽ معاشي انصاف ضروري آهي پر اهو جمهوري طور طريقي سان ونڻو آهي. ٻيو طريقو دنيا آزمائي چُڪي آهي ۽ اُهو بريءَ طرح ناڪام ٿيو آهي.

(نوٽ: هيءَ ايڊيٽوريل بيماريءَ کان هڪ ڏينهن اڳ جو لکيل آهي، هن ايڊيٽوريل کان پوءِ آمريڪا چين کي خاص مراعات لاءِ تسليم ڪري چڪو آهي.)

*(4 سيپٽمبر 1994ع)*

Shaikh Ayaz
111 (C)

A-27, Prince Complex
Near Clifton Bridge,
Clifton Karachi
Ph: 517161

پيارا تاج منظر،

تنهنجو خط ۽ ڪتاب پهتو. مان
هن ڪتاب تو مون سان منسوب ڪيو آهي جو تو ايتري
خلوص سان مون کي مدد ڪئي آهي.

اميد ته 'اسين جهڙي جهڳل آزاديءَ' ۾ عرفان مهديءَ
جي خط ڪئي وارو مضمون به پڙهي سان آهي ڏيو.
مان ٻه مهينا ۾ شايع ٿيل اردو شاعري وارو
مضمون به ان سان گڏ شايع ڪرائڻ ٿو.

مون جي اها ته آئين شعر جي ڪتاب جو فوٽو اسٽيٽ
ڪاپي به ڪٺي ايندين. هن ٻيهر ڇپجڻ لاءِ آهي
جي آئين ڪتاب ۾ ڪيئي ڇپجڻو آهي. اميد ته تون
جلدي ايندين.

تنهنجو پنهنجو
شيخ اياز

Shaikh Ayaz
H.I (C)

A-77, Prince Complex
Near Clifton Bridge,
Clifton Karachi.
Ph: 517164

پيارا ڀاءُ قاضي منظر،

برسات نالي پيسي تي تنهنجا ٻه ڪتاب مليا ڇپيا.

مان تنهنجو ٿورائتو آهيان ته تو لاهوتي سڪندر پڻ ڇاپيا ۽ ٻه ڪتاب تنهنجي نالي منسوب ڪيا اٿئي.

انهن مضمونن ۾ "اردو شاعري" تي برسات ۾ شايع ٿيل منهنجو لکيل مضمون ڪونه آهي. اهو جيڪو مون وٽ ڪجهه ڪاپي آهي. جي تو وٽ هجي ته ايندڙ ڇاپي ۾ شامل ڪري ڇڏ.

منهنجو استاد کيئلداس فاني هندستان ۾ گذاري ويو. هو نهايت نفيس ۽ پيارو انسان هو. افسوس جو ادبي بورڊ اڃا تائين منهنجو ڪتاب نه ڇپيو آهي.

تنهنجي طبيعت هاڻي ڪيئن آهي؟ جي ڪراچي اچين ته ڪو موقعو ڏسي ته ضرور اچجانءِ. ڪيئي شايع ٿيل اڻڇپيل شيون گڏ ٿيون آهن. موسيقيءَ تي تو ڪو ڪتاب لکيو؟ ڇا تان ڏسان ٿو جو ڪيترن ئي ڪتابن تي آهي. هوند ڪتاب جو نالو 'تون ڇپر تون ڇانوَ' لکيو آهي..

ادي حميده ۽ ٻين سڀني کي ... پنهنجو ...

[illegible]

تنهنجو
شيخ اياز

P.S. [illegible]